# ڪرامازوف ڀائر

## (ڀاڱو ٻيو)

مصنف : فيودور دوستووسڪي

مترجم : احسان بدوي



سنڌي ادبي بورڊ

# ڪرامازوف ڀائر

(ڀاڱو ٻيو)

مصنف:

**فيودور دوستووسڪي**

سنڌيڪار:

**احسان بدوي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2006ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون | مئي 2006ع | تعداد هڪ هزار

قيمت: ٻه سؤ پنجهتر رپيا
[ Price Rs. 275-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# فهرست


❖ چپائيندڙ پاران ........................ (الف)

❖ ليکڪ جو تعارف ........................ (هہ)

❖ سنڌيڪار بابت ........................ (و)


## حصو پهريون

### مـتيا


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | ڪزوما سامسونوف | 3 |
| باب ٻيو: | ليا گاوي | 16 |
| باب ٽيون: | سون جون ڪاٺيون | 24 |
| باب چوٿون: | اونداهيءَ ۾ | 38 |
| باب پنجون: | هڪ اٽل ارادو | 44 |
| باب ڇهون: | مان پڻ اچان ٿو | 63 |
| باب ستون: | پهريون ۽ فرض شناس عاشق | 73 |
| باب اٺون: | خمار | 94 |


## حصو ٻيو

### ابتدائي جاچ


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | پرهوتين جي خدمت جي ابتدا | 113 |
| باب ٻيو: | خطري جي گهنٽي | 121 |
| باب ٽيون: | هڪ روح جا تاثر: پهريون دردِ دل | 128 |
| باب چوٿون: | ٻي سخت آزمائش | 139 |
| باب پنجون: | ٽئين سخت آزمائش | 149 |
| باب ڇهون: | جاچ ڪندڙ، مـتيا کي جهلي ٿو | 163 |
| باب ستون: | مـتيا جو راز، نفرت سان ظاهر ٿئي ٿو | 173 |
| باب اٺون: | شاهدن جون شاهديون | 187 |
| باب نائون: | متيا کي پري وني وڃن ٿا | 198 |

## حصو ٽيون

### ڇوڪرا


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | ڪوليا ڪراسوتڪين | 205 |
| باب ٻيو: | ٻارَ | 211 |
| باب ٽيون: | اسڪول جو ڇوڪرو | 218 |
| باب چوٿون: | وڃايل ڪُتو | 229 |
| باب پنجون: | اليوشا جي بستر جي قريب | 238 |
| باب ڇهون: | بي وقت خيال جي نشوونما | 257 |
| باب ستون: | اليوشا | 266 |


## حصو چوٿون

### ايون


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | گروشينڪا جي آڏو | 273 |
| باب ٻيو: | زخمي پير | 284 |
| باب ٽيون: | ننڍڙو شيطان | 296 |
| باب چوٿون: | ترانو ۽ راز | 305 |
| باب پنجون: | تون نہ، تون نہ! | 322 |
| باب ڇهون: | سميرڊياڪوف سان پهرين ملاقات | 329 |
| باب ستون: | سميرڊياڪوف سان ٻي ملاقات | 340 |
| باب اٺون: | سميرڊياڪوف سان ٽئين ۽ آخري ملاقات | 351 |
| باب نائون: | شيطان: ايون جو رات وارو خواب | 369 |
| باب ڏهون: | هيءُ ئي هو، جنهن ائين چيو | 391 |


## حصو پنجون

### قانوني غلطي


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | بدقسمت ڏينهن | 399 |
| باب ٻيو: | خطرناڪ شاهد | 406 |
| باب ٽيون: | طبي ڄاڻو ۽ اخروٽن جو پائونڊ | 416 |

باب چوٿون: مِـتيا تي قسمت مُشڪي 422

باب پنجون: هڪ اوچتي آفت 433

باب ڇهون: سرڪاري وڪيل جي تقرير. ڪردارن جا خاڪا 444

باب ستون: تاريخي جائزو 454

باب اٺون: قصو سميرڊياڪوف جو 459

باب نائون: چوٻيري ڊوڙندڙ ٽروئيڪا. ڪاري وڪيل جي تقرير جي پڄاڻي 469

باب ڏهون: بچاءَ ۾ تقرير. هِڪُ ٻئي پاسا ونندڙ دليل 481

باب يارهون: ڪا رقم ڪانه هئي، ڦر ڪانه تي 485

باب ٻارهون: ۽ خون پڻ ڪونه ٿيو هو 492

باب تيرهون: سوچ ويچار جو ڪاريندڙ 501

باب چوڏهون: ڪڙمي پختا رهن ٿا 510


## پڄاڻي


باب پهريون: مِـتيا کي ڇڏائڻ جون رٿون 519

باب ٻيو: گهڙي پل لاءِ ڪوڙ سچ ٿي پوي ٿو 525

باب ٽيون: اليوشا جو جنازو: ٽڏي تي تقرير 533


❖

# ڇپائيندڙ پاران

ادب جي دُنيا ۾ ناول نويسي انتهائي مقبول پر محنت طلب صنف آهي. ڇاڪاڻ جو ناول لکندي هڪ ليکڪ نہ رڳو فني ۽ ٽيڪنيڪي نزاڪتن کي نظر ۾ رکي ٿو، پر گهري ادراڪ، مشاهدي، مطالعي ۽ انساني نفسيات بابت گهڻ رُخي ڄاڻ رکڻ سان گڏ هڪ منفرد تصوراتي دُنيا جي اُڏت بہ ڪري ٿو. ان ننڍي دُنيا ۾ ڪي ڪردار ڇُرندي پُرندي، ساهہ کڻندي، احساساتي پائيچارو ڪندي، مرندي نظر اچن ٿا- ۽ مري بيهر زندهہ ٿيندي بلڪ ڪن مرحلن تي اُهي اَمَر بہ ٿي وڃن ٿا! رڳو ڪردار ئي چو، انهن تحريرن جي پاڪرن ۾ آيل جايون، جڳهون، جهلڪون، ادائون، صورتحالون (Situations) ۽ ناتا بہ ياد جي ڦرهيءَ تي اُڪرجي وڃن ٿا.

ادب ۾ ناول نگاريءَ جو اهو مقام هوندي بہ ضروري ناهي تہ دُنيا ۾ لکيل/ لکجندڙ سڀ ناول انهيءَ پَدَ تي پُورا لهن. انساني لکت جي تاريخ ۾ بيشمار ناولن جي عُمر چند هفتن، مهينن ۽ سالن تي بہ محيط رهي آهي. بلڪ ادب جي دُنيا ۾ هزارن جي تعداد ۾ اهڙا ناول بہ لکيا ويا، جن کي ڇپجڻ تہ نصيب ضرور ٿيو، پر اُهي پڙهندڙن جو ڪو خاص ڌيان نہ ڇڪائي سگهيا ۽ آخرڪار ڪباڙ خانن، ڊرائنگ رومن ۽ رديءَ جي ٽوڪرين جو بَکُ بڻجي ويا. تنهن ڪري اها حقيقت سمجهڻ گهرجي، تہ اُهي ناول جن انساني دل ۽ ذهن تي صدين ۽ ڏهاڪن تائين حُڪمراني ڪئي، سي چند درجنن کان مٿي هرگز بہ نہ آهن. ڇاڪاڻ جو مٿي ڪيل گذارش مطابق ناول لکڻ لاءِ نہ رڳو انساني حواسن، تجربن جو تَتُ پيش ڪرڻو ٿو پوي، پر اهڙي ڪنهن لافاني تحرير لاءِ قدرت جي ڪرم نوازيءَ جو هُجڻ بہ بيحد ضروري آهي. يعني انساني جستجو ۽ فطرت جي مهربانيءَ سان عطا ٿيل ذات جو لاڳاپو، جڏهن پورڻتا جي حد تائين هڪ ٻئي سان سنجوڳ ڪري ٿو، تڏهن ڪو غير معمولي ناول جنم وٺي ٿو.

انهيءَ حوالي سان ناول جي صنف ۾ دُنيا جي عظيم ترين ناول نگارن ۾ جن ڪلاڪارن کي امتيازي حيثيت حاصل آهي، تن مان روس جو فيودور دوستو وسڪي پهرين قطار ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. موضوعن جي نُدرت، فڪر جي گهرائي ۽ انساني سڀاءَ جو گهرو ادراڪ رکندڙ هيءُ ناميارو ليکڪ فقط ناول نويسيءَ ۾ ئي نہ، پر نثر جي دُنيا جو بہ اهو چمڪندڙ ستارو آهي، جنهن جي قلم جي جولان سان هن سرشتيءَ

جو شايد ئي ڪو بيو قلمڪار بَـرُميچي سگهي. انتهائي سادن پلاٽن ڪي بيشمار ڪردارن سان ٺمٺار ڪندي، جنهن تُز طريقي سان دوستو وسڪي زندگيءَ جي جيڪا سچي ۽ ايذائيندڙ منظر ڪشي ڪئي آهي، سا عام پڙهندڙ کي "خاص شَخص" ۽ خاص شخص کي هڪ شاندار ليکڪ بنائڻ لاءِ ڪافي آهي. دوستو وسڪي پنهنجين تحريرن جي ابتدا ۾ هڪ عام قصه گو وانگر انتهائي آسان ۽ روايتي ڪهاڻيون بيان ڪرڻ لڳي ٿو، پر وقت گـذرندي هـو پڙهندڙ کي فني سحر ۾ جڪڙي ۽ انساني نفسيات جي پيچيدگين تان پردو کڻندي، ڪيس پنهنجين تحريرن جو ديوانو بڻائي ڇڏي ٿو. اهوئي سبب آهي جو گـذريل سوا صديءَ دوران ناول نگاريءَ جي دُنيا ۾ جيترا سندس مداح پيدا ٿيا، ايترا شايد ئي ڪنهن ٻئي ليکڪ کي ميسر ٿيا هُجن!

دوستو وسڪيءَ جو هيءُ ناول 'ڪرامازوف پائر' سندس لکيل ڪئين ناولن جي سلسلي جي اُها منفرد ڪڙي آهي، جنهن ۾ هُن روحانيت، مابعد الطبعيات، اخلاقيات، نفسيات، جبريت، وجوديت ۽ انساني سياءَ جي نفيس ترين معاملن کي بحث هيٺ آندو آهي. ادب جي نقادن جو خيال آهي، تہ دوستو وسڪي فڪري لحاظ کان پنهنجي هن تحرير ۾ انتهائي معتبر مقام تي بيٺل نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن ناول ۾ بيان ڪيل بظاهر عام ڪردارن جي هٿان هُن زندگيءَ جي پيچيده ترين مسئلن ۽ انساني سماج کي درپيش صورتحالن کي تفصيل ۽ ترتيب سان پيش ڪيو آهي— ۽ ڪئين اهم نتيجا اخذ ڪندي هڪ حقيقي ۽ لافاني زندگيءَ جي حاصلات جا گُر ڏَسيا آهن. هڪ ننڍڙي روسي ڪُٽنب سان لاڳاپيل فردن جي روزاني زندگيءَ کي بحث ۾ آڻيندي، هُن دراصل انساني دل ۽ دماغ جي وچ ۾ ٿيندڙ تضادن کي چِٽو ڪري، اُنهن تضادن جا حل ڏَسيا آهن- ۽ ائين ڪندي هڪ 'ڪامل راهہ' جو تصور عطا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

"ڪرامازوف پائر" اڻويهين صديءَ جي روس ۾ فئشني مادي پرستي، ڪٽر يسوعي اعتقاد پرستي ۽ لذت پسنديءَ جي وچ ۾ ٿيندڙ ٽڪراءَ جو مجموعو آهي، جن ٽڪرائن جي نمائندگي ڪرامازوف خاندان جا فرد ترتيبوار ايون، اليوشا ۽ دمتريءَ جا ڪردار ڪندي نظر اچن ٿا. روس جي تاريخ جو هيءُ اهڙو دور آهي، جنهن ۾ عيسائي مذهبي ڌريون، روسي شهنشاهيت ۽ لبرل قوتون هڪٻئي خلاف جاکوڙيندي ۽ پاڻ کي مضبوط ڪندي نظر اچن ٿيون. ڪرامازوف پائرن جي وچ ۾ ٿيندڙ خيالن جي رساڪشي دراصل ان دور جي روسي سماج ۾ ٿيندڙ فڪري ۽ اختياراتي تضادن جو اولڙو آهي. ناول اندر انهيءَ ويڙهہ ۾ ڪاميابي بهرحال ڪرامازوف پائرن جي پيءُ جهوني فيودور کي حاصل ٿئي ٿي، جيڪو پنهنجي اندر تمام تر بشري بُـرايون رکندي بہ هڪ صوفي منش آهي. هُـو انساني ڪمزورين جو مجموعو هوندي بہ

نظرين، فرقن ۽ روايتي فڪر جو داعي نہ پر ڌرتي ۽ اُن جي روايتن جو امين ۽ اعليٰ انساني قدرن ۾ يقين رکندڙ هڪ گنهگار شخص آهي. دوستو وسڪي پاڻ پراڻ پسند مسيحي هوندي بہ سڄي عمر ڪئين بُرين عادتن ۾ ڦاٿل رهيو، پر هُن ڪڏهن بہ انسانيت لاءِ دل ۾ موجود احترام ۽ پيار کي پنهنجي اندر مان هڪالڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. اهڙي طرح چئي سگهجي ٿو تہ: "ڪرامازوف پائر" هن عظيم ليکڪ جي آخري تحرير ٿي نہ پر سڄي عُمر جي علم، مشاهدي ۽ تفڪر جو تَتُ آهي، جنهن کي هُن انتهائي شاندار طريقي سان عام پڙهندڙ تائين پُڄائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

"ڪرامازوف پائر" جو پهريون ڇاپو سن1880ع ۾ روسي ٻوليءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ اُن ڪتاب ٿوري ئي عرصي ۾ عالمي سطح تي شُهرت حاصل ڪري ورتي. ويهين صدي شروع ٿيندي ئي هيءُ ناول دُنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ لڳو ۽ اُن يورپ سميت دُنيا جي مڙني لکندڙن، پڙهندڙن ۽ سوچيندڙن جي دل ۾ جاءِ ناهي ورتي. "ڪرامازوف پائر" جو انگريزي ترجمو سن 1915ع ۾ "Constance Carnett" جي هٿان ٿيو، نتيجي ۾ هيءُ ناول ننڍي کنڊ جي علمي ۽ ادبي حلقن تائين پهچي ويو. ۽ اهڙيءَ طرح وقت گذرندي ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. ڪتاب جو سنڌي ترجمو نامياري ليکڪ مرحوم احسان بدويءَ هٿان سن1965ع ۾ ٿيڻ شروع ٿيو ۽ سن 1978ع ۾ مڪمل ٿي سنڌي ادبي بورڊ تائين پهتو. پر افسوس جي ڳالهہ آهي، تہ ايترو عرصو اڳ بورڊ کي سونپيل هن ڪتاب جي سنڌي مسودي کي موجوده روپ ۾ توهان جي هٿن تائين پهچڻ ۾ ٽيهن سالن جو وڏو عرصو لڳي ويو.

ظاهر آهي تہ ايترو وقت گذرندي، ڪنهن بہ تحرير جي ٻولي، لهجي، بلڪہ مُحاورن ۾ ڪافي فرق پئجي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ حقيقت پسنديءَ جي تقاضا اها هئي تہ موجوده دور جي نسل تائين پهچائڻ کان اڳ ان شاهڪار جو نئين سر ترجمو ٿئي ها، پر محنت، معيار ۽ صبر کان پري ڀڄندڙ اڄوڪي سنڌي سماج ۾ اهو مُمڪن نظر نہ آيو، تہ ڪو علم جو صاحب گوڏو ڀڃي هزار صفحن تي ڦهليل هن تحرير کي ٻيهر ترجمو ڪرڻ جو ڪشٽ پنهنجي سر تي کڻي سگهندو. تنهن ڪري عافيت انهيءَ ڳالهہ ۾ سمجهي وئي، تہ بورڊ جي لائبريريءَ ۾ پيل مسودي کي ادب جي ڪنهن ڪُل وقتي عاشق وٽان سنواري سُڌاري شايع ڪيو وڃي. انهيءَ ڏس ۾ ڪشالو ڪرڻ جو ڪُٽو سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ جناب نصير مرزا جي نالي تي نڪتو، جنهن صاحب ڪيترا مهينا ڪتاب جي مسودي تي نظر ثانيءَ جو پورهيو ڪندي، اُن کي ڇپائيءَ جي لائق بنائڻ ۾ اداري جي سهائتا ڪئي ۽ ڪتاب کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ هٿ ونڊايو. مرزاصاحب ان کان علاوه ڪتاب توڙي مصنف بابت تفصيلي ۽ معلومات نوٽس لکي، ڪتاب کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ڀرپور جستجو ڪئي. ادارو

سندس ۽ بورڊ جي بين مڙني ورڪرن جا ٿورا مڃيندي ”ڪرامازوف ڀائر“ کي سنڌ واسين تائين پهچائيندي انتهائي مُسرت محسوس ڪري ٿو. اُميد اٿئون، ته هيءُ ناول سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن توڙي لکندڙن لاءِ املهه سوکڙي ثابت ٿيندو.

## ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي بابت

ناول ’ڪرامازوف ڀائر‘ جو ’ڀاڱو ٻيو‘ مهربان پڙهندڙ حضرات جي هٿن ۾ آهي. هن ناول جو ’ڀاڱو پهريون‘ جولاءِ 2005ع ۾ بورڊ جي پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. ’ڪرامازوف ڀائر‘ ناول جو تفصيلي تعارف اسان ڀاڱي پهرئين ۾ بيان ڪري چڪا آهيون، پر هتي نهايت اختصار مان ڪم وٺندي صرف ايترو عرض رکنداسين، ته هيءُ ناول اصل ۾ روسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جيڪو جڳ مشهور روسي ناول نگار فيودور دوستووسڪي جي سحرانگيز قلم جو تخليقي ثمر آهي. تقريباً چاليهه سال اڳ هن ناول جو ’ڀاڱو پهريون‘ سنڌي ٻوليءَ جي ناميارې اديب پروفيسر احسان بدويءَ ترجمو ڪيو هئو جڏهن، ته پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي فيصلي مطابق هن ڀاڱي جي پنجين باب کان پڇاڙي تائين ترجمو ٿيل حصو، ناميارې ليکڪ جناب سليم خواجه ڪيو آهي، ڇو ته پروفيسر احسان بدويءَ جو مذڪوره ترجمي جو آخري حصو گهڻي ڳولا جي باوجود نه ملي سگهيو. بورڊ جناب سليم نور حسين خواجه جو ٿورائتو آهي، جنهن صاحب محدود وقت اندر باقي رهيل حصي جو ترجمو ڪري ڏنو.

’ڪرامازوف ڀائر‘ ناول جو ’ڀاڱو ٻيو‘ اوهان لائق پڙهندڙن جي هٿن ۾ ڏسي سچ پچ اسان کي خوشي محسوس ٿئي ٿي. هن شاهڪار ناول جي ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ سميت ٻين اشاعتي مرحلن ۾ الاهي محنت ۽ وقت صرف ٿيو آهي. هن ڀاڱي ۾ ڪردارن جا نالا نهايت منجهائيندڙ ۽ ڏکيا هئا. تنهنڪري ضروري هو، ته انهن نالن لاءِ ڪنهن هڪ صورت تي اڪتفا ڪيو وڃي. اسان وڌ ۾ وڌ ڪوشش اها ڪئي آهي، ته ڪردارن جا نالا، جيڪي ڀاڱي پهرين ۾ ڏنا ويا آهن، سي جيئن جو تيئن ڀاڱي ٻئي ۾ به ڏنا وڃن. ان هوندي به ٿي سگهي ٿو، ته هن ڀاڱي ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي رهجي وئي هجي، ان لاءِ لائق پڙهندڙن حضرت کان معذرت ڪجي ٿي.

اسان کي اميد آهي، ته ناول جو هيءُ ڀاڱو، پهرين ڀاڱي وانگر باذوق ادبي حلقي ۾ ضرور مقبوليت ماڻيندو.

ڄامشورو، سنڌ
جمعة المبارڪ ٨- ربيع الاول ١٤٢٧ھ
بمطابق 7- اپريل 2006ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# ليکک جو تعارف

فيودور ميخائل دوستووسڪي سن 1821ع ڌاري ماسڪو ۾ پيدا ٿيو هو. سندس والد شهر جي هڪڙي خيراتي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هو.

دوستووسڪيءَ، ابتدائي تعليم ماسڪو جي ڪنهن خانگي اسڪول ۾ حاصل ڪرڻ بعد، سينٽ پيٽرسبرگ جي فوجي انجنيئرنگ اسڪول منجهان گريجوئيشن ڪئي ۽ ان ئي سال فوج جي انجنيئرنگ واري شعبي ۾ ڊزائينر مقرر ٿيو. اِن ملازمت سان سندس دل نہ لڳي، تہ سن 1844ع ڌاري استعيفيٰ ڏيئي ڇڏيائين ۽ لکڻ پڙهڻ کي پنهنجو پيشو بنايائين. سن 1864ع ڌاري سندس پهريون ناول 'ويچارا ماڻهو' شايع ٿيو. ۽ 1860ع ڌاري هُن جو ٻيو جڳ مشهور ناول پڌرو ٿيو: 'ذلتن جا ماريل ماڻهو'. سن 1861ع ڌاري هن پنهنجي ڀاءُ جي سهڪار سان 'زمانو' رسالو جاري ڪيو، جنهن کي سن 1863ع ڌاري رياست بندش هيٺ آڻي ڇڏيو. سن 1866ع ۾ سندس شاهڪار ناول 'جُرم ۽ سزا' شايع ٿيو. سن 1871ع ۾ 'پوت پريت' ۽ سن 1869ع ۾ سندس ٻيو جڳ مشهور ناول 'ايڊيٽ' شايع ٿيو. سن 80-1879ع ڌاري دوستووسڪيءَ پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ضخيم ترين ناول: 'ڪرامازوف ڀائر' تحرير ڪيو، جنهن جي شايع ٿيڻ سان ئي وڏي شهرت ماڻي ورتي.

دنيا جا سڀ وڏا نقاد، اڄ اِن ڳالهہ تي سهمت آهن، تہ ناول نويسيءَ جو فنَ، فيودور دوستووسڪيءَ تي ختم آهي. روسي ادب ۾، دوستووسڪيءَ کي روسي ليکڪن جو 'سرتاج' ليکک ڪري مڃيندا آهن.

سن 1881ع ڌاري، عظيم روسي شاعر پشڪن جي ورسيءَ جي موقعي تي، هُن جيڪا شاندار تقرير ڪئي هئي، اُن دوستووسڪيءَ جي ادبي ساک کي ڄڻ سونا ڪنيَ هڻي ڇڏيا هئا.

افسوس! اِن ئي سال، موت، هن عظيم ليکک جو رستو روڪي، سندس اڳيان اچي بيهي رهيو. ڪجهہ عرصو شديد عليل رهڻ کان پوءِ، نيٺ دوستووسڪيءَ هِن جهان مان لڏيو.

دنيا جي هن عظيم ناول نگار جو مڙهہ، نهايت وقار ۽ پوري اعزاز سان ايئن کنيو ويو، جو چوڻ وارن چيو، تہ اهڙي احترام ۽ اعزاز تي تہ جيڪر بادشاهہ بہ رشڪ ڪن! نقادن جو چوڻ آهي، تہ دنيا جي ادب کي، سجاڳيءَ لاءِ ورهايو وڃي، تہ ان جا صرف بہ دور ٿي سگهندا. هڪڙو دوستووسڪيءَ کان پهرين وارو ۽ ٻيو هن کان پوءِ واري ادب جو دور!

**(نصير مرزا)**

# سنڌيڪار پروفيسر احسان بدويءَ بابت



سنڌ جي نوجوان اديب ۽ شاعر، پروفيسر احسان بدويءَ هڪ ناگهاني حادثي جو شڪار ٿيندي، ڪراچيءَ ۾، 22- نومبر 1965ع تي وفات ڪئي.

مرحوم احسان، سنڌ جي مشهور اديب ۽ اهل قلم پروفيسر لطف الله بدويءَ جو فرزند هو. سندس علمي ۽ ادبي خدمت جو سلسلو، پنهنجي والد ماجد جي سرپرستيءَ ۽ تربيت ۾ شروع ٿيو. افسوس جو هي نوشگفتہ گل، جواني ديوانيءَ ۾ ئي ڪومائجي ويو.

احسان، مارچ 1926ع ۾، شڪارپور ۾ ڄائو. ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪيائين. سن 1944ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ سن 1945ع ۾ سي- ايس گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو.

سن 1946ع ۾، جڏهن اڃا انٽر آرٽس ۾ هو، تڏهن سنڌ يونيورسٽي وجود ۾ آئي. جيئن تہ مٿئين ڪاليج جو بمبئي يونيورسٽيءَ سان الحاق هو، ان ڪري سنڌ گورنمينٽ، پنهنجي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ وارن شاگردن تي زور آندو، تہ اُهي ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪن. ان ڪري احسان ڪراچيءَ ويو، ۽ اُتي ايس- ايم- ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، جتي وڏي محنت سان بي- اي- آنرس پرشين ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

تعليم جي دور ۾، شمس العلماء علامہ دائود پوٽو ۽ آغا محمد يعقوب سندس مدد ڪندا رهيا. بي- اي پاس ڪرڻ کان پوءِ، برسر روزگار ٿيو ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو، ۽ اڳتي هلي سينئر ڪلارڪ بنيو. پر علم ۽ ادب سان چاهہ هئڻ ڪري روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ جلدي دل برداشتہ ٿي پيو.

هن درمياني عرصي ۾ اردوءَ ۾ ايم- اي پاس ڪئي. ان سلسلي ۾ هيءُ پهريون سنڌي شاگرد هو، جنهن اردوءَ ۾ ايم- اي پاس ڪئي. ان کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ايم- اي پڻ ڪيائين.

آخرڪار، پنهنجي شفيق استاد، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب (اڳوڻي پرنسيپال، ايس- ايم ڪاليج ڪراچي جي مشوري سان روينيو ڊپارٽمينٽ کي خيرباد چئي، ايس- ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان داخل ٿيو. اتي هڪ صالح ۽ با اخلاق استاد جي حيثيت سان پندرنهن سال خدمت ڪيائين.

علمي ۽ ادبي خدمت جي سلسلي ۾، مهراڻ رسالي، ۽ نئين زندگيءَ ۾ خاص طرح

سان سندس مضمون شايع ٿي چڪا آهن. نثر سان گڏ شعر جو پاڪيزه ورثو بہ ڪيس پنهنجي والد وٽان عطا ٿيل هو. سندس ڪلام جو وڏو حصو رسالن ۾ شايع ٿيل آهي.

سنڌي ادب جي خدمت ڪندي، هو هميشه "سنڌي ادبي سنگت" سان وابستہ رهيو ۽ باقاعدي ادبي مجلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو آيو.

تاليف ۽ تصنيف جي سلسلي ۾ سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن:

1- تنقيد ۽ تنقيد نگاري. 2- ڊان ويسٽ 3- انقلاب جو فلسفو 3-منتخب ڪلام سانگي.

سندس انداز بيان، سليس، سادو، عمدو ۽ اثرائتو آهي. سندس ٻولي سلاست آميز ۽ لذيذ آهي.

## وياسي وينجهار"- از: غلام محمد گرامي

## حصو پهريون

# مِتيا

باب پھريون

# ڪزوما سامسونوف

دمتري، جنهن لاءِ گروشينڪا، نئين حياتيءَ ڏانهن ويندي ويندي، پيغام ڏنو هو، ته هو سندس محبت جي هڪ گھڙيءَ کي هميشه لاءِ ياد رکي، تنهن نه تي ڄاتو ته هن سان ڇا وهيو ۽ واپريو؟ ان وقت ڪيس تپ جهڙو جوش هو. ڇاڪاڻ ته گذريل ٻن ڏينهن کان هو پنهنجي پريشانيءَ ۾ ايڏو ته مبتلا هو، جو ڪيس آسانيءَ سان مغز جو بخار تي پئي سگھيو. هن اهڙو اظهار پوءِ ڪيو هو. اليوشا هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪيس هٿ ڪري نه سگھيو هو. ايون پڻ شرابخاني ۾ ساڳئي ڏينهن ساڻس ملي نه سگھيو هو. سندس رهڻ واري جاءِ جي مالڪن، سندس حڪم موجب، سندس ڄُرِڻَ کي مخفي رکيو هو.

هُن هي ٻه ڏينهن، ايئن ڪٿي ڇٽجي ته هيڏي هوڏي ڊڪندي گذاريا هئا. جيئن هن پوءِ چيو هو، "اهي ڏينهن هن پنهنجي قسمت ۽ پاڻ کي بچائڻ ۾ گذاريا هئا." ڪن ڪلاڪن لاءِ پاڻ کي شهر ۾ ڪنهن ضروري ڪم لاءِ هيڏي هوڏي ڌڪا کاڌا هئا. هن جي لاءِ گروشينڪا جي هڪ گھڙيءَ جي جدائي به نهايت خطرناڪ شيءِ هئي. اهو سڀ ڪجهه پوءِ تفصيل سان ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڏنو ويو هو. پر في الحال اسان انهن ٻن خطرناڪ ڏينهن جي مکيه واقعن کي، جنهن کي پوائنتو انقلاب ڇٽجي، بيان ڪريون ٿا، جو اوچتو ان جي مٿان نازل ٿيو هو.

اهو سچ آهي، ته گروشينڪا، هڪ گھڙيءَ لاءِ ساڻس صداقت پري ۽ خصوصيت واري محبت ڪئي هئي، پر ان هوندي به هوءَ ڪيس وڏي بي رحميءَ سان عذاب ڏيندي هئي. سڀ کان بڇڙي ڳالهه هيءَ هئي، ته هو ٻڌائي به نه سگھندو هو، ته آخر هن جو مقصد ڇا آهي؟ هن کي ڪنهن ڳالهه بابت مجبور ڪرڻ لاءِ، زور ۽ شفقت ٻئي بي مقصد هئا. هوءَ ڪنهن به شيءِ کي مڃڻ واري نه هئي. هوءَ فقط غصي ۾ اچي ڪانئس هميشه لاءِ منهن ڦيرائي ويندي. ان کي هن چڱيءَ ريت ڄاتو ٿي، هوءَ ڪنهن اندروني ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي ۽ غير معمولي طرح پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري نه ٿي سگھي. انهيءَ ڪري هو ڪنهن به شيءِ جي لاءِ غير مطمئن هئي ۽ ڪوبه فيصلو ڪري نه ٿي سگھي. انهيءَ ڪري ڪنهن به چڱي سبب کان سواءِ هو ٻڏل دل سان ويچاريندو هو، ته ڪنهن به گھڙيءَ ۾ هو ڪيس ۽ سندس اشتياق کي نفرت سان ڌڪڻ شروع ڪري ڏي. شايد اهو سندس خيال صحيح هجي، پر ڪهڙي ڳالهه گروشينڪا کي ڌڪ ٿي ڏنو، اها سمجهي نه ٿي سگھيو. هن ايئن ٿي سمجھيو ته هيءُ سڄو عذاب ڏيندڙ سوال، سندس ۽ فيودورپاولوچ جي وچ ۾ آهي.

هتي اسان هڪ حقيقت کي ٻڌائڻ گهرون ٿا. هن کي يقين هو، تہ فيودورپاولوچ، ڪيس اڄ ڪندو يا اڄ ڪٿي اٿائين، تہ گروشينڪا ساڻس قانوني طرح شادي ڪري، هن کي هيءَ بہ يقين هو، تہ پوڙهو عياش ٽي هزار روبل ۾ پنهنجو مقصد حاصل ڪري وٺندو. مِتيا، هيءُ نتيجو پنهنجي ادراڪ ۽ گروشينڪا جي ڪردار مان ڇاتو ٿي. ان ڪري هو ڪڏهن ڪڏهن خيال ڪندو هو، تہ گروشينڪا جي سڄي پريشاني انهيءَ سبب ڪان هئي، تہ سندس فائدي لاءِ ڪهڙو طرف وٺي ۽ ڪنهن کي انتخاب ڪري؟

هيءَ عجيب ڳالهہ هئي، جو ان زماني ۾ ڪيس ڪڏهن بہ اهو خيال نہ آيو هو، تہ هو ان آفيسر جي موٽي اچڻ جو خيال ڪري، جنهن جو گروشينڪا جي حياتيءَ ۾ موتمار اثر موجود هو ۽ جنهن جي آمد کي هن وڏي جذبي ۽ خوف سان ياد ٿي ڪيو. هيءُ بہ سچ آهي تہ گروشينڪا پوءِ ان جي ڪري خاموش ٿي رهي. پر ڪيس ان خط جي پوري پوري خبر هئي. جو هن وٽ مهينو کن اڳ ۾ سندس اغوا ڪرڻ واري ڪان پهتو هو ۽ خود ان جي چپن مان ٻڌي چڪو هو. ڪيس هيءَ بہ خبر هئي، تہ ان خط ۾ ڇا آهي؟ هڪ وقت غصي ۾ گروشينڪا ڪيس اهو خط بہ ڏيکاريو هو. مگر هن کي هيءُ ڏسي حيرت پئي ٿي، تہ هن کي انجام جي باري ڪابہ پرواهہ نہ هئي. ايئن ڇئي نہ ٿو سگهجي تہ ايئن چو پئي ٿيو. جيئن تہ هو پيءُ جي سخت خوف کان، هن عورت بابت ڪشمڪش ۾ مبتلا هو، ان ڪري هن وڌيڪ خوف ڏي ڌيان ئي نہ ڏنو. جو ڪنهن بہ وقت ڪيس پيش اچي ٿي سگهيو. هن ان رقيب جي لاءِ ڪڏهن بہ هيءُ خيال نہ ٿي ڪيو. تہ پنجن سالن جي غير حاضريءَ کان پوءِ، هو ڪو موٽي ايندو ۽ ايترو جلدي. ان کان سواءِ ان آفيسر جي پهرئين خط ۾، جو مِتيا کي ڏيکاريو ويو هو، سندس نئين رقيب جي آمد کي جي معنيٰ ڏيکاريو ويو هو. خط غير مستقل، اجائي تعريف سان پريل ۽ جذباتي ٿي ڏنو. هتي هيءُ ٻڌائڻ ضروري آهي، تہ گروشينڪا خط جون پويون سٽون ان کان لڪايون هيون. جنهن ۾ ان جي موٽي اچڻ کي صاف لکيو ويو هو. ان کان سواءِ هن گروشينڪا جي منهن ان وقت، ان جي سائيبريا کان موٽي اچڻ تي سخت نفرت سان ٿي ڏٺو. گروشينڪا بعد ۾ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هو، تہ سندس ۽ ان جي وچ ۾ ڇا ٿي گذريو هو؟ ان ڪري آهستي آهستي، هن آفيسر جي موجودگيءَ کي بلڪل وساري ڇڏيو هو. هن خيال ٿي ڪيو تہ بعد ۾ حالتون ڪهڙو بہ رخ وٺن، مگر ڪيس فيودرپاولووچ سان ڪنهن بہ حالت ۾ فيصلو ڪرڻ گهرجي ۽ هن حالت کي سڀ کان اڳ ۾ ختم ڪرڻ گهرجي. هو ٻڌندڙ دل سان هرگهڙي، انهيءَ اميد ۾ ٿي رهيو، تہ گروشينڪا ڇاڻ پنهنجو فيصلو ڏنو. ڪيس هيءُ احساس هو تہ هوءَ اوچتو پنهنجو فيصلو ڏئي ويهندي. سندس خيال هو تہ هو اوچتو چوندي تہ، "مون کي

وني هل، مان هميشه تنهنجي آهيان.“ ۽ سڄي ڳالهه ختم ٿي ويندي. هو پوءِ ان کي وني پري نڪري ويندو. جيتري قدر ڪانئس ٿي سگهندو. دنيا جي نهايت پرانهين حصي ڏانهن. تنهن کان پوءِ، هو ان سان شادي ڪندو ۽ گهريلو زندگي گذاريندو. ايتري قدر تہ هو دنيا کي وساري ڇڏيندو، جو ڪنهن کي بہ سندس خبر ڪانہ پئجي سگهندي. هتي يا ڪنهن ٻي جاءِ تي. ان کان پوءِ، هڪدم نئين حياتي شروع ٿي ويندي.

هن جدا، سدا، بل ۽ گٺوان حياتيءَ (اها ضرور گٺوان هوندي) جا هو پريشانيءَ سان پريل خواب ڏسندو ٿي رهيو. هو جڙ اصلاح ۾ نوائيءَ لاءِ مرندو ٿي رهيو. غليظ چڪڙ، جنهن ۾ هو پنهنجي مرضيءَ سان وڃي ڦاٿو هو. سندس بغاوت جو ڪارڻ بڻجي پيو هو ۽ اڪثر ماڻهن وانگر سندس راءِ مقام جي تبديليءَ ۾ وڃي ڦاٿي هئي. ڪٿي ٻين ماڻهن لاءِ ايئن نہ هجي، ڪٿي ان لاءِ اهي اسباب تہ بہ هجن. هن فقط هيءُ چاهيو ٿي، تہ ان نحس مقام کان هليو وڃي، جنهن ڪري کيس نئين حياتي ملي ويندي ۽ وري نئين رستي ۾ داخل ٿي ويندو. اهائي حقيقت هئي، جنهن تي سندس عقيدو هو ۽ ان جي لاءِ، پئي پريشان ٿيو.

پر هنن سڀني ڳالهين جو مدار پهرئين ڏر تي هو ۽ هن سوال جو خوشگوار حل ان جي هٿ ۾ هو. هن حالت جو ٻيو طرف بہ هو، جنهن جي پڄاڻي نهايت خطرناڪ هئي. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو، تہ هو اوچتو وٽس اچي ۽ کيس چوي تہ، ”مان هاڻي فيودورپاولووچ سان شرط طئي ڪري آئي آهيان. مان ان سان شادي ڪرڻ گهران ٿي ۽ تون مون کي نہ ٿو گهرجين.“ ۽ پوءِ........... پوءِ.......... مگر مِتيا نہ ٿي ڄاتو، تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ آخري گهڙيءَ تائين بہ. هن ان کي نہ ٿي ڄاتو. هن ۾ بہ سندس ڀلائي هئي، ڇو تہ سندس ڪوبہ واضح ارادو ڪونہ هو. هن کو بہ گناهہ نہ رٿيو هو. هو فقط تڪليف ۾ ڏسندو ٿي رهيو ۽ جاچيندو بہ ٿي رهيو. ان وقت هو پنهنجي قسمت جي پهرئين خوشگوار ماحول لاءِ پاڻ کي تيار ڪندو ٿي رهيو. شايد سندس دل ۾ ڪي ٻيا بہ خيال هجن!

جيڪڏهن هو کيس چوي ها تہ. ”مان تنهنجي آهيان ۽ مون کي وني هل.“ تڏهن بہ هو کيس ڪاڏي وني وڃي ها؟ کيس ان جي لاءِ ڪو وسيلو ئي نہ هو. پيسا ڪٿي هئا؟ ڇاڪاڻ تہ هيءُ اهو وقت هو، جڏهن آمدنيءَ جا سڀئي رستا، فيودورپاولووچ جي هٿ ۾ هئا ۽ جو ڪجهہ بہ کيس هو، ڪيترا سال ٿيا، جو هو خرچ ڪري چڪو هو ۽ هاڻي آمدني بند ٿي چڪي هئي. بيشڪ گروشينڪا وٽ پيسو موجود هو، پر مِتيا کي اوچتو خيال ٿيو هو، تہ هو سندس دست نگر نہ رهندو. هن چاهيو ٿي، تہ هو کيس پاڻ سان وني وڃي ۽ پاڻ تي پاڙي. پاڻ خرچ ڪري ۽ هن جي پيسي تي نہ گذاري. هن

ڪانئس پيسي وٺڻ جو ڪوبہ خيال نہ تي ڪيو. اٽلو هن ڳالهہ کي نفرت سان تي ڏٺو. مان هن قصي کي نہ ڏڪو ڪندس نہ وري ان جو تجزيو ڪندس، پر فقط سندس هن ذڪر کي ڪافي تو سمجهان. ان وقت سندس اها حالت هئي. شايد هيءُ سڀ ڳالهيون اڻ سڌيءَ طرح ۽ بنا ڪنهن سوچ ۽ ويچار جي، ضمير جي انهن ڏنگن جي باعث وٽس پيدا ٿيون هيون. ڇاڪاڻ تہ هن ڪيٽرينا ايونونا جي پيسن کي بي ايمانيءَ سان هضم ڪيو هو. هن هيءُ خيال تي ڪيو، تہ "مان هڪ جي نگاهن ۾ پاڻ کي خفيف ۽ بي آبرو ثابت ڪيو آهي ۽ هاڻي وري ٻيءَ جي نگاهن ۾ اِيئن بڻجي ويندس." جيئن هن پوءِ اظهار ڪيو هو. تہ "جڏهن گروشينڪا کي هيءَ خبر پوندي، تہ هوءَ مون جهڙي بدمعاش جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندي."

تڏهن هو ڪٿان پنهنجي وسيلن کي پيدا ڪري. تڏهن هو ڪٿان پنهنجي قسمت جي ناهڻ لاءِ پيسو پيدا ڪري؟ ان ڪان سواءِ تہ سيڪجهہ وڃائي ويهندو ۽ ڪجهہ بہ تي نہ سگهندو. هن چيو تي، تہ "ڇاڪاڻ تہ مون وٽ پيسو ڪونہ آهي ۽ منهنجي لاءِ اها شرمندگي آهي."

شايد هن ڇاتو تي، تہ اهو پيسو ڪٿان هٿ ڪري؟

شايد هن ڇاتو تي، تہ اهو پيسو ڪٿي آهي؟ مان هن مسئلي جي ننڍين گهٽين ۾ داخل ٿيڻ نہ تو گهران، ڇاڪاڻ تہ هيءَ سڄي حقيقت اڳتي هلي، خودبخود ظاهر تي پوندي. ان هوندي بہ هيءُ ٻڌائڻ ضروري تو سمجهان، تہ هن سڄي حقيقت جي بنيادي صورت ڪهڙي هئي؟ هن کي خبر هئي، تہ پيسا ڪٿان حاصل ڪري سگهبا ۽ هن جي لاءِ لازمي هو، تہ پهريائين ڪيٽرينا ايونونا کي ٽي هزار روبل موٽائي ڏئي. جيڪڏهن نہ تہ، هن چيو تي، تہ "مان ڳنڍيچوڙ ۽ بدمعاش آهيان ۽ مان نہ تو چاهيان، تہ بدمعاش جي حيثيت ۾ مان پنهنجي نئين حياتي شروع ڪريان." متيا جو هيءُ فيصلو هو. ان ڪري هن پختو ارادو ڪيو، تہ زمين ۽ آسمان کي لوڏي بہ ڪيٽرينا ايونونا کي، هو سڀ ڪان اڳ ۾ ٽي هزار روبل موٽائي ڏيندو. هن فيصلي جي آخري گهڙي، اِيئن ڪٺي ڇئجي، تہ پوين ٽورن ڪلاڪن تي اچي پهتي هئي. يعني اليوشا سان آخري ملاقات ڪان پوءِ. جا سائس رستي تي بہ ڏينهن اڳ تي هئي ۽ ساڳي شام جو جڏهن گروشينڪا، ڪيٽرينا جي بي عزتي ڪئي هئي. متيا، اليوشا ڪان حقيقت ٻڌي، ڪيس چيو هو تہ "هو واقعي بدمعاش آهي ۽ جيڪڏهن ڪيٽرينا ڪانئس ڪا راحت گهري تي، تہ هوءَ ڪيس ڏيڻ لاءِ تيار آهي." ان رات جو ياءُ ڪان جدا ٿيڻ بعد، هو هن جنون ۾ مبتلا تي ويو هو، تہ "چڱو اِيئن آهي تہ ڪنيا کي قرض نہ ڏيڻ جي حالت ۾ ڪنهن جو خوف ڪري پيسو حاصل ڪيو وڃي. مون کي ماڻهو اڳ ۾ ئي

خوني ۽ ذاڙيل سمجهن ٿا. انهيءَ کان چڱو آهي، تہ مان سائبيريا ڏي وڃان. ايئن نہ ٿئي تہ ڪٿيا منهنجي لاءِ ڇوي تہ مان ڪيس نڳي رقم چورائي آهي ۽ ان رقم سان مان گروشينڪا سان گڏجي نئين حياتي گذارڻ گهران ٿو. مان اهو ڪڏهن بہ برداشت ڪري نہ سگهندس." اهڙي ريت مِتيا، ڏند ڪرٽيندي، اهو فيصلو ڪيو. ٿي سگهي ٿو تہ هن ڪيترن وقتن تي، ايئن بہ محسوس ڪيو هجي، تہ سندس دماغ ڪوبہ ڪم ڪري نہ ٿو سگهي. پر ان هوندي بہ هو، هن ڪشمڪش سان وڙهندو رهيو .......

هيءَ عجب جهڙي ڳالهہ هئي، تہ جيڪڏهن سڀ ڪنهن سمجهيو ٿي، تہ وٽس نااميديءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ ڪو اهڙو اتفاق ٿئي نہ رهيو هو، جنهن سان هو ايتري رقم هٿ ڪري سگهي، پر ان هوندي بہ پڇاڙيءَ تائين، هن اميد تي قائم هو تہ اهي ٽي هزار روبل، ڪهڙيءَ ريت بہ پنهنجو پاڻ وٽس ايندا. جڻ تہ اها رقم آسمان کان اچي هيٺ ڪرندي. هيءُ اهوئي طريقو آهي، جنهن سان دمتري جهڙا ماڻهو، پيدا لاءِ ڪجهہ بہ نہ سوچيندا آهن ۽ جو ڪجهہ ورثي ۾ ملندو اٿن، اهو فضول خرچيءَ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن ۽ نہ وري ڪين ڪا ڪوشش ڪرڻ ايندي آهي، تہ پيسو ڪهڙيءَ ريت حاصل ڪجي؟ بہ ڏينهن اڳ، اليوشا کان جدا ٿيندي، واڇوڙي وانگر هڪ ڇرئي وارو خيال، سندس دماغ تي فوراً ڇانئجي ويو هو. جنهن سندس خيالن کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت هن ڀِريون پيرو، مڪمل طرح ان وحشياڻي مهم لاءِ رضامندي ڏيکاري. شايد اهڙي ماڻهو لاءِ، اهڙي اسباب هيٺ، نهايت غير معياري ۽ ناممڪن رٿون، ڀِريون پيرو خيال ۾ آيون ۽ هن انهن کي بلڪل عمل جوڳو سمجهيو.

هن اوچتو فيصلو ڪيو، تہ هو گروشينڪا جي سنياليندڙ، سامسونوف واپاري وٽ وڃي ۽ ڪيس ڪا رٿ ڏئي، ڪانئس فوراً، گهربل رقم حاصل ڪري. واپاري لحاظ کان سندس رٿ، انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي، تہ عمل جهڙي هئي، پر ساڳي وقت ڪيس يقين بہ نہ ٿي آيو، تہ الائجي سامسونوف سندس خيال تي واپاري نقطۂ نگاهہ سان نظر وجهي بہ يا نہ؟ جيتوڻيڪ مِتيا واپاريءَ کي ڏٺو هو، پر ساڻس سندس ڪابہ واقفيت نہ هئي ۽ نہ وري ان سان هڪ لفظ بہ ڳالهايو هئائين. پر ڪن اڻ ڄاتل سببن جي ڪري، هو گهڻي وقت کان، هن فيصلي تي بيٺو هو تہ پوڙهو مردود، جو موت جي دروازي تي پهچي چڪو هو، هاڻي گروشينڪا جي عزت واري حيثيت حاصل ڪرڻ تي ڪڏهن بہ اعتراض نہ ڪندو ۽ اهڙي ماڻهو سان سندس شادي کي پسند ڪندو، جنهن تي هوءَ پنهنجو آڌار ڪري سگهي ٿي. نہ فقط ڪيس اهو يقين هو، پر سندس هيءُ بہ خيال هو، تہ سندس اها ئي خواهش بہ آهي. جيڪڏهن قسمت جو سانگ بڻيو، تہ هو

سندس مدد ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندو. ڪن افواهن کان، يا خود گروشينڪا جي وقتي لفاظيءَ کان، هو هن نتيجي تي پهتو هو، ته هو گروشينڪا جي لاءِ فيودورپاولووچ کان ڪيس وڏيڪ اهميت ڏئي ٿو.

تي سگهي ٿو ته منهنجي ناول جا گهڻا پڙهندڙ، اهو خيال ڪن ته اهو سڄو محاسبو گستاخي پريو آهي ۽ دمتريءَ کي اها خوشي پئي ٿي، ته هو پنهنجيءَ ڪنوار کي ان جي سنڀاليندڙ کان حاصل ڪري سگهندو. مان اهو ڏيکاريندس ته مِتيا ايئن ٿي سمجهيو، ته گروشينڪا جو سڄو ماضي مدفون ٿي چڪو آهي. هن ماضيءَ کي لامحدود ڏک سان ٿي ڏٺو ۽ پنهنجي محبت تي اعتبار ڪندي، هن سوچيو ٿي ته جيڪڏهن هڪ ڀيرو گروشينڪا سندس محبت جو اعتراف ڪيو ۽ شاديءَ لاءِ تيار ٿي وئي، ته ان جو هيءُ مطلب ٿيندو، ته هو نئين گروشينڪا بڻجي ويندي ۽ پاڻ نئون دمتري. جن وٽ ڪا به بدي نه هوندي. هو هڪٻئي کي معاف ڪري ڇڏيندا ۽ وري تازا توانا ٿي، گڏجي زندگي گذاريندا. ڪزوما سامسونوف لاءِ دمتريءَ خيال ٿي ڪيو، ته هڪ انسان جي حيثيت ۾، گروشينڪا جي ماضيءَ واري دور تي سندس بيحد اثر هو، جيتوڻيڪ هن ساڻس ڪڏهن به محبت نه ڪئي هئي. هو هاڻي ماضيءَ جي هڪ وساريل شيءِ هو ۽ مڪمل طرح ختم ٿي چڪو هو. ايئن ڪٿي چئجي، ته هو وجود ۾ ئي نه هو. ان کان سواءِ مِتيا ڪيس مرد ئي نه سمجهندو هو. ڇاڪاڻ ته شهر جي سڀني ماڻهن کي خبر هئي، ته سندس حياتي اڇي پوري ٿي آهي ۽ گروشينڪا سان سندس تعلقات پيءُ ۽ پُٽ وارا آهن، جنهن کي گهڻو زمانو گذري چڪو آهي.

ڪيئن به هجي، مِتيا جي حالت ۾ سندس سادگي ٿي نظر آئي. سندس بدڪارين جي باوجود، هو نهايت ساده دل انسان هو. سندس سادگيءَ جو هيءُ مثال ڏسڻ جهڙو هو، جو مِتيا يقيني طرح سمجهيو ٿي ته پوڙهو ڪزوما، جنهن جي حياتيءَ جي شام گذرڻ واري هئي، نهايت سچائيءَ سان، پنهنجي ۽ گروشينڪا جي گذريل تعلقات تي پنهنجي پڇتاءُ جو اظهار ڪندو. ان کان سواءِ هن سوچيو ٿي ته هاڻي هن جي لاءِ، به ڪو اهڙو صادق دوست ۽ رکوال، هن بي ضرر پوڙهي بنا ٻيو ڪونه آهي.

رستي جي موڙ تي، اليوشا سان گفتگو ڪرڻ کان پوءِ، هن مشڪل سان رات جو آرام ڪيو. ٻئي ڏينهن ڏهين وڳي، هو سامسونوف جي دروازي تي وڃي پهتو ۽ خادم کي چيائين، ته ڪيس سندس آمد جو اطلاع ڏئي. هو نهايت وڏو ۽ اداس اداس پراڻو گهر ٿي ڏٺو. هوءَ به ماڙ جاءِ هئي، جنهن ۾ رهڻ جي جاءِ کان سواءِ، نوڪرن جي رهڻ جون جايون به هيون. هيٺينءَ جاءِ ۾ سامسونوف جا به پٽ ڪٽنب سان ٿي رهيا ۽ ساڻن گڏ پوڙهي پيڻ ۽ ڪنواري ڌيءُ به ٿي رهي. گهر جي ٻئي حصي ۾ سندس به

منشي ٿي رهيا. جن مان هڪ کي وڏو ڪٽنب هو. اها سچي ڳالهه، ماڻهن سان پريل ٿي ڏني. پوڙهي پنهنجي لاءِ متي ماڙيءَ کي والاريو هو ۽ هن اتي پنهنجي ڏيءَ کي به رهڻ نه ڏنو هو. جيتوڻيڪ هوءَ سندس خدمت ۽ چاڪري به ڪندي هئي. ٽوٽي جو هوءَ دم جي مريضا به هئي. سندس اچڻ جو وقت مقرر هو ۽ ايئن به هو، ته هو ڪڏهن به ڪيس سڏ ڪري ۽ هوءَ هيٺان کان متي وڃي.

متينءَ جاءِ ۾ ڪيترين ئي ڪوٺيون هيون، جي فقط ڏيکاءَ لاءِ هيون. واپارين جي پراڻي نموني سان سينگاريل هيون. هنن ۾ ديوارين سان گڏ، ڪيترين پراڻيون، ساڳ جون ڪرسيون پيل هيون. ڪيئي شيشي جون ڏِک سان ٻتيون هيون، ۽ ميرانجهڙا آئينا پتين تي لڳل هئا. هي سيئي ڪمرا گهٽو ڪري خالي هئا ۽ استعمال هيٺ ئي نه آيل هئا. پوڙهي جي لاءِ فقط هڪ ڪوٺي مخصوص هئي. ٽورو پريرو سندس سمهڻ جو ننڍڙو ڪمرو هو، جتي سندس هڪ پوڙهي خدمتگار موجود هئي، جنهن کي متي تي هڪ رومال ويڙهيل هو. ان کان سواءِ هڪ ڇوڪرو به هو، جو بند دروازي جي گهٽيءَ ۾ ٿي رهيو. ٽنگن جي سوڄ جي ڪري پوڙهو، مشڪل سان گهمي ٿي سگهيو. ورلي ڪيس چمڙي واري ڪرسيءَ ۾ وجهي اٿاريو ويندو هو، ان وقت سندس پوڙهي ملازمه ڪيس سهارو ڏئي، هڪ يا ٻه دفعا، ڪمري ۾ هيٺ متي آڻيندي، نيندي هئي. هن پوڙهيءَ عورت سان به سندس هلت سخت هئي ۽ ان کي گهٽ وڌ به ڳالهائيندو هو.

جڏهن ڪيس "ڪپتان" جي اچڻ جي خبر ڏني وئي، ته هن هڪدم سندس ڏسڻ کان انڪار ڪيو. سامسونوف ان ڇوڪري کان هڪدم سوال پڇڻ شروع ڪري ڏنا ته، "هو ڪيئن ٿي ڏنو؟ شراب پيتل ته نه هوس؟" جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو ته هو نهايت سنجيده آهي، پر ان هوندي به هن ساڻس ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن ساڻس ملڻ لاءِ ٻيو پيرو به زور آندو ويو، ته هن وري به ملڻ کان انڪار ڪيو. هيءُ ڏسي متيا، جنهن اڳ ۾ ئي پينسل ۽ پنو، پاڻ سان آندو هو، پني تي ڪيس هي لفظ لکي موڪليائين، ته "خاص ڪم لاءِ آيو آهيان." جنهن جو تعلق اگرافينا اليگزينڊرووينا سان آهي." اهو پرزو متي پوڙهي ڏي ڏياري موڪليائين.

سامسونوف ڪجهه وقت جي خيال ڪرڻ کان پوءِ، ڇوڪري کي چيو ته ڪيس ملاقات جي ڪمري ۾ وٺي اچي ۽ پوڙهي عورت کي حڪم ڏنائين، ته سندس ننڍي پٽ کي هڪدم ٻڌائي ته متي اچي. سندس ننڍو پٽ جو قريباً ڇهه فوٽ قدآور هو ۽ غير معمولي طاقتور هو، ۽ سندس ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ مغربي لباس پهريل هوس، (جيتوڻيڪ سندس پيءُ کي ڏاڙهي هئي ۽ ڊگهو جبو پهريل هو.) پيءُ جي سڏ تي

هڪدم متي هليو آيو. حقيقت ۾ سچو گهر ان پوڙهي ڪان تي ڏڪيو. پوڙهي هن ديو ڪي متي، انهيءَ لاءِ نہ گهرايو هو، تہ هو ڪپتان ڪان ڏڪيو تي. (انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ هو جهڳڙالو طبعيت جو هو. پر انهيءَ لاءِ تہ ڪن ضروري حالتن ۾ ) متس شاهد رهي. چوڪري ۽ پٽ جي مدد سان هو آخرڪار رڙهي اچي ملاقات واري ڪمري ۾ پهتو. هيءُ ٻڌائڻ بہ ضروري آهي، تہ ڪيس چڱو انتظار پيدا تي چڪو هو. ملاقات جو ڪمرو جنهن ۾ مِتيا وينو هو، وسيع تہ هو، پر ايڏو تہ اداس تي نظر آيو، جو ان جي تڪليف جو احساس قلب تي سنئون سڌو تي پيو. هن ڪي ٻني درين جي قطار هئي. هڪ گئلري، سنگمرمر جون ديوارون، وڏا ۽ عمدا فانوس، جن جي متان شيشا چڙهيل هئا ۽ انهن جي متان ڍڪ رکيل هئا.

مِتيا، هڪ ننڍڙي ڪرسيءَ تي دروازي جي پرسان وينو هو ۽ نهايت بي صبريءَ سان پنهنجي قسمت جي فيصلي جي انتظار ۾ هو. جڏهن پوڙهو ٻي پاسي جي دروازي ڪان ظاهر تيو، مِتيا، ستر فوٽن جي مفاصلي هوندي بہ ٽپو ڏئي اٿيو ۽ ڊگها فوجي قدم ڪڻندو، سندس ملڻ لاءِ وڌيو. مِتيا چڱي لباس ۾ هو. ڊگهو فراڪ ڪوٽ هوس، جنهن ڪي ٻٽڻ لڳل هئا ۽ اهي سيئي بند هئا. متي تي گول ٽوپي پاتل هئس ۽ هٿن ۾ ڪارا دستانا چڙهيل هئس. سندس لباس بلڪل اهڙي نموني هو، جيئن تورا ڏينهن اڳ ۾، خانداني ميڙ ۾ مربي وٽ هئس، پوڙهو وڏي رعب سان، نن جي لاءِ ترسي بينو. مِتيا محسوس ڪيو، تہ هو ڪيس غور سان ڏسي رهيو آهي. سامسونوف جي وڏي ۽ سڄيل منهن جو، متس بيحد اثر پيو. سندس هينيون چپ، جو هميشہ تلهو ڏسڻ ۾ ايندو هو، هاڻي لڙڪي پيو هو. هن وڏي رعب سان، خاموشيءَ ۾ پنهنجي مهمان جو آذرياءُ ڪيو ۽ اشاري سان تنگ ڪرسيءَ جي بجاءِ صوفي تي ويهڻ لاءِ چيو. پنهنجي پٽ جي ٻانهن جي متان جُهڪندي، هن سامهون پيل صوفي تي ويهڻ لاءِ نمڻ شروع ڪيو. هو سور ڪان ايترو تہ ڪنجهي رهيو هو، جو مِتيا سندس تڪليف ڪي چڱيءَ ريت محسوس ڪري رهيو هو. مِتيا جڏهن سندس تڪليف ڪي محسوس ڪيو، تہ ڪيس احساس تيو تہ هن هڪ لاچارشخص ڪي تڪليف ڏني آهي، جنهن جي مقابلي ۾ هو نهايت حقير شخص آهي. انهيءَ خيال ايندي ئي، ڪيس بيحد ندامت ۽ پشيماني تي.

ان پوڙهي ماڻهو، جاٽي ٻجهي، سختيءَ سان، جنهن ۾ ڪجهہ مروت بہ هئي، ڪيس چيو تہ "اها ڪهڙي ڳالهہ آهي. جنهن لاءِ اوهان مون ڪي تڪليف ڏني آهي؟ آخر هو پنهنجي جاءِ تي وينو.

مِتيا ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هن ٽپو ڏنو، پر آخر پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو.

هن هڪدم زور واري آواز، ذهني تڪڙ، هٿن جي اشارن ۽ پوري دماغي انتشار سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. هو غلطيءَ کان سواءِ، اهڙي قسم جو ماڻهو هو، جو بربادي جي ڪناري تي پهچي، ڪنهن ڪنڌ ۾ اڇلايو ويو هو. هو پاڻ کي بڏڻ کان بچائڻ لاءِ، سهارو وٺي رهيو هو. پوڙهي سامسونوف جون سڀيئي ڳالهيون سمجهي ورتيون هيون، جيتوڻيڪ سندس چهرو، بت وانگر سرد ۽ غير متحرڪ هو.

”عزت مآب سائين ڪزوماڪزمچ، انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته اوهان هڪ ڀيري کان وڌيڪ دفعا، منهنجي ۽ منهنجي پيءُ فيودورپاولووچ ڪرامازوف جي وچ ۾ جهڳڙي کي ٻڌو آهي، جنهن مون کي، منهنجي ماءُ جي ورثي کان محروم ڪري ڇڏيو آهي...... اوهان کي خبر آهي، ته سڄو شهر، ان لاءِ غلط افواهه پکيڙي رهيو آهي.... جو ڪين ڪڏهن به ڪرڻ نه کپندو هو........ ان کان سواءِ، گروشينڪا کان اوهان کي ڪي بيون به خبرون مليون هجن. مون کي معاف ڪجو، جيڪڏهن اگرافينا اليگزيندرووينا کان......... مون کي ان جي لاءِ بيحد عزت آهي...“ اهڙي ريت مِتيا، پنهنجي گفتگوءَ کي شروع ڪيو ۽ پهرئين ئي جملي ۾ هبڪڻ لڳو. اسان هتي سندس تقرير کي لفظ به لفظ نه ڏينداسين، پر ان جو خلاصو پيش ڪنداسين. هن چيو ته، ”ٽي مهينا اڳ، هن بلڪل مضبوط ارادي سان علائقي جي وڏي شهر جي مشهور وڪيل پاول پاولوچ ڪارنيا پلودوف سان مشورو ڪيو هو. اوهان شايد ان جي نالي کي ٻڌو به هجي؟ هو وڏو قابل ماڻهو آهي ۽ هڪ وڏي سياستدان جي دل تو رکي......... هو اوهان کي به ڄاڻي پيو......... ۽ اوهان جي بابت نهايت عزت جو اظهار ڪري رهيو هو.......“ مِتيا وري خاموش ٿي ويو. هو اِهي خال هڪدم پرڻ لڳو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪشمڪش ڪندو رهيو.

هن ڪارنيپلودوف، تورن منٽن جي سوالن ۽ ڪاغذن جي ڏسڻ کان پوءِ، (مِتيا هنن ڪاغذن ۽ مضمون کان جلدي جلدي گذرندو ويو) پنهنجي راءِ ڏني ته پڪ سان شرماشينا جي ڳوٺ بابت سندس ڪاروائي اثر واري ٿيندي. هن چيو ته اها ملڪيت مون کي پنهنجي ماءُ کان ملي آهي ۽ ان تي منهنجي پيءُ قبضو ڪري ورتو آهي. جيئن ته ان جي لاءِ هرهڪ در بند نه آهي ۽ انصاف جو دروازو کليل آهي، ان ڪري ممڪن آهي، ته ڪو ڳتو نڪري پوي. هاڻي ڇهه يا ست هزار روبل فيودورپاولوچ کان وٺڻ گهران تو. هوڏانهن شرماشينا جي قسمت، پنجويهن هزارن کان اناويهه هزار روبل ٿيندي....... ڇا ٻڌايان اعتبار ڪيو، ٽيهن هزارن کان گهٽ نه آهي، ڪزوماڪزمچ! مگر هن سنگدل کان مون کي سترهن هزار روبل به نه ٿا ملن. مان اهو سڄو معاملو ايئن ڇڏي ڏنو هو، جو مون کي قاعدي قانون جي ڪابه خبر نه

هئي. پر جڏهن مان انهيءَ تي پهتو آهيان. تڏهن مان پنهنجي حق کي صاف ڏسي، واٽڙو تي ويو آهيان. (هتي متيا وري منجهڻ لڳو. پر بي پرواهي سان اڳتي وڌيو) ان ڪري عزت مآب ۽ وڏي مرتبي وارا ڪزوماڪزمچ! اوهان انهيءَ سپني حقن کي بدفطرت بلا جي خلاف فقط ٽي هزار روبل ۾ وڻڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا؟ توهان کي انهيءَ ۾ ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو. مان پنهنجي عزت جو قسم ايمانداريءَ سان کڻي چوان ٿو، تہ انهن ٽن هزارن جي بدران توکي ست، اٺ هزار روبل ملي ويندا. انهيءَ کان سواءِ مان چاهيان ٿو، تہ اهو سڄو معاملو اڄ ئي طئي ٿي وڃي.

مان سڄو معاملو دستاويز جي داخلا رکڻ واري وٽ طئي ڪندس، يا جيئن هوندو..... سچ پچ مان سيڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان....... مان سيئي دستاويز اوهان کي ڏئي ڇڏيندس....... توهان جهڙي ريت چيو، مان اهڙيءَ ريت صحيح ڪندس.... ۽ اسان هڪدم قبوليت ڏينداسون..... جيڪڏهن ايئن ٿي سگهي ٿو، تہ صبح تائين اسان کي ڪم لاهڻ گهرجي....... توهان مون کي ٽي هزار روبل ڏيو، ڇاڪاڻ تہ شهر ۾ اهڙو ڪوبہ سرمائيدار ڪونہ آهي، جنهن سان اوهان جي ڀيٽ ڪري سگهجي..... ان ڪري توهان مون کي بچائي وٺو........ هن ۾ جيڪي آهي ۽ مان هن کي عزت ڀريو عمل چوندس..... ڇاڪاڻ تہ مون وٽ هڪ شخصيت جي لاءِ، عزت ڀريا جذبا آهن، جنهن کي اوهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ۽ پيءُ وانگر سنڀاليو ٿا. مان اوهان وٽ جيڪر نہ اچان ها، جيڪڏهن مون کي خبر پوي ها، تہ اوهان ڪيس پيءُ وانگر نہ ٿا سنڀاليو. سچ پچ هن معاملي ۾ ٽن ماڻهن جي ڪشمڪش آهي ۽ هيءَ عجيب قسمت جي ڳالهہ آهي. نهايت خطرناڪ چيز ڪزوماڪزمچ! هيءُ هڪ الميو آهي الميو! جيئن تہ توهان گهڻو اڳي هن معاملي کي ترڪ ڪيو آهي، اُن ڪري هيءَ سڄي جنگ هاڻي ٻن جي وچ ۾ آهي. مان هيءُ سڀ ڪجهہ شايد ناموزون طريقي سان بيان ڪيو هجي. پر اوهان کي خبر هجي، تہ مان ڪوڙو ماڻهو نہ آهيان. توهان ڏسو ٿا تہ هڪ طرف مان آهيان ۽ ٻئي طرف هوءَ آفت! هاڻي اوهان تي ڇڏيل آهي تہ اوهان جيڪو بہ پاسو انتخاب ڪريو. مان يا هوءَ بلا! اهو سڀ اوهان تي ڇڏيل آهي. ٽن ماڻهن جي قسمت جو فيصلو ۽ ٻن جي خوشي....... مون کي معاف ڪريو، جو مان بي ترتيبيءَ ۾ اهو ٻڌائي رهيو آهيان. پر ان کي اوهان چڱيءَ ريت سمجهو ٿا........ مان اوهان جي دورانديش اکين مان سمجهان ٿو، تہ اوهان سڀ ڪجهہ ڄاڻو ٿا. جيڪڏهن اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ پوءِ، منهنجو خاتمو آهي..... ان ڪري اوهان غور ڪريو!"

متيا پنهنجي مبهم تقرير کي "ان ڪري اوهان غور ڪريو." وٽ پهچائي. ٽپو ڏيئي پنهنجي جاءِ کان اُٿيو ۽ پنهنجي انهيءَ سوال جي جواب ٻڌڻ جو انتظار ڪرڻ

لڳو. پوين لفظن وٽ پهچندي، هو اوچتو نااميديءَ کان خبردار ٿي ويو. ته هن جيڪو ڪجهه چيو چوايو، بيڪار ويو آهي ۽ ان کان سواءِ هن جو به ڳالهايو آهي، اها سندس بي سمجهي هئي.

”ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي، رستي ۾ ته هيءُ خيال صحيح هو. پر هاڻي ڪجهه به نه، پر رڳي بي سمجهي!“ اوچتو هيءُ خيال سندس نااميد دل تي اُڀري آيو. هو سڄو وقت ڳالهائيندو ٿي رهيو ۽ پوڙهو سمورو وقت، بنا ڪنهن چرپر جي ڪيس ٻڌندو رهيو ۽ پنهنجي برف جهڙين سرد اکين سان نهاريندو رهيو. ڪجهه وقت هو، شڪ ۽ شبهي ۾ رهيو، جو ڪزوماڪزمچ ڳالهائڻ شروع ڪيو، جو قطعي ۽ نااميديءَ سان ڀريل ۽ سرد آواز ۾ هو:

”مون کي معاف ڪريو، اسان اهڙا معاملا نه ڪندا آهيون.“

مِتيا محسوس ڪيو، ته سندس ٽنگون لُڏي رهيون آهن.

”مان هاڻي ڇا ڪريان، ڪزوماڪزمچ؟“ هن ڦڪي ڪِلَ ڪلندي چيو. ”مان سمجهان ٿو ته منهنجو ڪم لهي ويو. اوهان ڇا ٿا خيال ڪريو؟“

”مون کي معاف ڪر.“

مِتيا بيٺو ئي رهيو ۽ بنا ڪنهن چرپر جي ڪيس ڏسندو رهيو. هن اوچتو پوڙهي جي منهن ۾ چرپر ٿيندي ڏٺي. هن ڇوڙ شروع ڪيو.

”سائين هن قسم جو ڌنڌو اسان وٽ ڪونه آهي. اوهان جي لاءِ ڪورٽ به آهي ۽ وڪيل به. واقعي هي مڪمل مصيبت آهي. پر جيڪڏهن توهان پسند ڪريو ته هت هڪ اهڙو به ماڻهو آهي، جنهن سان توهان ڳنڍجي سگهو ٿا.“

”خدايا!، اهو ڪير آهي؟ توهان منهنجو نجات ڏيندڙ آهيو، ڪزوماڪزمچ!“ مِتيا چڻ ته هٻڪڻ لڳو.

”هو هتي نه رهندو آهي ۽ هاڻي به هتي نه آهي. هو هڪ ڳوناٺو آهي. هو ديال جي ڪاٺين جو ڌنڌو ڪندو آهي. سندس نالو لياگاوي آهي. هو گذريل سال کان پنهنجي ڌنڌي جي لاءِ، شرماشينا جي متعلق فيودورپاولووچ سان ڳالهيون ڪندو رهي ٿو، پر هو سودي جي قيمتن تي هڪٻئي سان نه ٿا ٺهن. شايد تو به ٻڌو هجي؟ هاڻي هو وري موٽي آيو آهي ۽ هاڻي ايلينسڪي جي راهب وٽ مقيم آهي. اها جاءِ ولويا جي اسٽيشن کان ٻارهن ميلن تي آهي. هن مون ڏي به سودي جي مشوري لاءِ لکيو هو. فيودورپاولووچ جي خواهش آهي، ته پاڻ وڃي ان کي ڏسي. هاڻي جيڪڏهن توهان اڳ ۾ وڃي پهچندو ۽ لياگاوي سان به اهائي حقيقت بيان ڪندو، ڇا مون سان ڪئي اٿئي، شايد........“

"نهايت عمدو خيال!" مِتيا وچ ۾ دخل ڏيندي چيو. "هيءُ اهوئي ماٺهو آهي، جنهن سان سندس معاملو ملي رهيو آهي. هن ڪانئس سودي جي لاءِ تمام گهڻو گهريو آهي. هاڻي ڪيس سيئي سَندَون پيش ڪيون ويندون، جي ملڪيت لاءِ ضروري سمجهيون وڃن ٿيون. ها، ها، ها!"

مِتيا اوچتو پنهنجي رواجي سخت کِلَ شروع ڪئي، جنهن ڪان سامسونوف ڏڇي ويو.

"مان ڪهڙيءَ ريت تنهنجو شڪريو بجا آڻيان ڪزوماڪزمچ؟" مِتيا رڙ ڪري چيو.

"ان جو ذڪر نہ ڪر". سامسونوف پنهنجي مٿي کي آڏر ڏيندي چيو.

"پر توکي خبر نہ آهي، تو مون کي بچائي ورتو آهي. شايد ايندڙ واقعن مون کي تو وٽ پهچايو آهي...... هاڻي راهب ڏي وڃڻو اٿم."

"شڪرئي جي ڪابہ ضرورت نہ آهي."

"مون کي جلدي ڪرڻ گهرجي ۽ اتي اڏامي پهچڻ گهرجي. مون کي ندامت ٿي ٿئي، تہ مان اوهان کي وڏيڪ تڪليف ڏني آهي. مان ڪڏهن بہ ان ڳالهہ کي وساري نہ سگهندس. بقول هڪ روسي، ڪزوماڪزمچ...... هڪ حقيقي روسي آهي."

"يقيناً"

مِتيا سندس هٿن کي وٺي زور ڏيڻ ٿي چاهيو. پر هن پوڙهي جي اکين ۾ نفرت جي چيچ ڏني. هن پنهنجي هٿن کي روڪي ورتو، پر ساڳي وقت هن پاڻ کي مٿس بي اعتباري رکڻ لاءِ گناهگار سمجهيو.

هن خيالُ ڪيو، تہ "مٿان هو ٿڪايل هجي."

"ان جي صدقي، ان جي صدقي ڪزوماڪزمچ! تون چڱيءَ ريت سمجهين ٿو، تہ هيءُ سڀ ڪجهہ ان جي لاءِ آهي." سندس آواز ڪمري ۾ گونجي رهيو هو. هو جهڪيو، ڇوڏاري ڦريو ۽ ساڳين قدمن سان، پوئتي ڏسڻ کان سواءِ، دروازي ڏي وڌيو. هو خوشيءَ کان لرزي رهيو هو.

"منهنجي سڀ ڪا شيءِ تباهيءَ جي حد تي پهچي چڪي هئي. منهنجي محافظ فرشتي مون کي بچائي ورتو آهي." سندس دل تي هيءُ خيال تري آيو. جيڪڏهن اهڙو ڏنڌي وارو، جنهن جي لاءِ سامسونوف (جو وڏي عزت ۽ مرتبي وارو آهي) مشورو ڏنو آهي، تہ پوءِ ڪاميابي يقيني آهي، ڪيس يڪدم اڏامي پهچڻ گهرجي. مان رات جو پوئتي موٽي ايندس. شايد رات ڪان بہ اڳ ۾ موٽي اچان ۽ سڄو ڪم پورو ٿي ويندو. جيئن ئي مِتيا پنهنجي گهر ڏي وڏا قدم کڻندو ٿي ويو، سندس دل ۾ خيال آيو، تہ ٿي سگهي ٿو، تہ هو پوڙهو مون تي کِلي رهيو هو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هو

ان بابت ڪجهه به خيال نه ڪري سگهيو. پر ڇا صلاح هن ڏني هئي، سا هڪ عملي ڏنڌي واري ماڻهوءَ جي هئي. ڇاڪاڻ ته هو ڏنڌي جو ڇاڙتندڙ هو ۽ هن لياگاوي (عجيب نالو آهي) سان معاملي طيءَ ڪرڻ لاءِ مشورو ڏنو هو يا پنهنجي جان ڇڏائي هئي. پوڙهو مٿس کلي رهيو هو.

افسوس جو هن معاملي ۾ پوئين ڳالهه صحيح هئي. گهٽو پوءِ جڏهن هيءُ ڊرامو پوري ٽيڻ تي آيو هو. سامسونوف پاڻ کلندي اعتراف ڪيو هو ته، ”هن ڪپتان کي بيوقوف بڻايو هو. هو سرد مهر، پُرنفرت ۽ بدجنس ماڻهو هو ۽ هميشه ٻين کي زهر پريل ڏنگن هڻڻ لاءِ تيار هوندو هو. ڪپتان جو اهو پرجوش چهرو هو يا سندس بيوقوفيءَ سان پريل يا وري گروشينڪا جي بابت رقابت هئي، مان ان کي ٻڌائي نه ٿو سگهان. پر ان وقت جڏهن مِتيا سندس سامهون بيٺو هو ۽ سندس ٽنگون ڏڪي رهيون هيون ۽ پنهنجي حماقت سان ڇئي رهيو هو، ته هو برباد ٿي رهيو آهي. تڏهن ان پوڙهي کيس پوري حقارت سان ٿي نهاريو ۽ فيصلو ڪيو هو، ته هو سندس مذاق اڏائي ۽ کل جو ذريعو بڻائي. جڏهن مِتيا هليو ويو، تڏهن ڪزوماڪزمچ غصي کان ڳاڙهو ٿي ويو هو. پنهنجي پٽ ڏانهن ڦريو ۽ کيس حڪم ڏنائين ته هو ڏسي ته هيءُ پينو سندس دروازي تي وري نه اچي ۽ کيس ڪڏهن به گهر جي ڪمري ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏني وڃي.

جيتوڻيڪ هن ڪابه ڌمڪي نه ڏني هئي، پر ان هوندي به سندس پٽ، جنهن کي سندس ڪاوڙ جي خبر هئي، خوف کان پئي ٿي ڏڪيو. پوڙهو هن کان پوءِ ساندهه ڪلاڪ کن، ڪاوڙ کان پئي ٿي ڦڪيو. شام جو سندس حالت خراب ٿي وئي، ۽ ڊاڪٽر ڏي ماڻهو موڪليو ويو.

باب ٻيو

# لياگاوي

سو هاڻي، ڪيس پوري تيزيءَ سان وڃڻ گھرجي، پر ڪيس گھوڙن لاءِ ڪو بہ پيسو موجود نہ هو. ڪيس فقط چاليھ ”ڪو پڪس“ ننڍا روسي سڪا هئا. مِتيا، جي سندس هيڏي ساري آسودگيءَ جي حياتي جي بچت هئي، پر ڪيس گھر ۾ چانديءَ جي هڪ واچ موجود هئي، جا ڪيتري وقت کان بيڪار پئي هئي. اها کڻي هڪ يهودي واچ ميڪر ڏي ويو، جنهن جو دڪان مارڪيٽ ۾ هو. يهودي ڪيس اُن جا ڇھ روبل ڏنا.

مِتيا، بي پرواهيءَ ۽ نااُميديءَ ۾ چيو، تہ ”مون کي تہ انهن جي بہ اُميد نہ هئي. (هوُ اڃا پريشانيءَ ۾ هو.) هنُ ڇهن روبلن کي کنيو ۽ گھر ڏانهن ڊوڙيو. گھر ۾ هنُ گھر جي ياتين کان ٽي روبل قرض ورتو. هوُ ڪيس بيحد پيائيندا هئا ۽ هنن ڪيس اها رقم ڏئي ڇڏي. جيتوڻيڪ انهيءَ رقم کان سواءِ، وٽن ٻيو ڪجھ بہ نہ هو. مِتيا پنهنجي جوش ۾ کين ٻڌايو، تہ سندس قسمت جو فيصلو اڄ ٿي ويندو. هوُ پنهنجي نااُميديءَ سان، سامسونوف جي سڄي رات، سندس فيصلي ۽ پنهنجي مستقبل جي اُميدن کي بيان ڪندو ويو. هنن ماڻهن کي پنهنجي گڏ رهڻ واري جا ڪيئي راز معلوم هئا ۽ هوُ ڪيس سکر ماڻهو سمجھندا هئا، جنهن وٽ ڪڏهن بہ غرور نہ هو. سچ اهو آهي، تہ هوُ ڪيس پاڻ مان هڪ سمجھندا هئا. مِتيا نَو روبل هٿ ۾ ڪري، گھوڙي گاڏي لاءِ ماڻهو موڪليو، تہ هو ڪيس ولويا اسٽيشن تائين وٺي وڃي. هيءَ حقيقت ياد رکڻ جي لائق آهي، تہ هن واقعي واري ڏينهن، منجهند جو مِتيا وٽ هڪ پيسو بہ ڪونہ هو. هن پنهنجي واچ وڪڻي، ڪجھ پيسو گڏ ڪيو ۽ پنهنجي گھر جي مالڪ کان ٽي روبل قرض ورتو هئائين. هيءُ سڀ شاهدن جي اڳيان ٿي گذريو هو. مان هيءَ حقيقت خاص طرح انهيءَ لاءِ ڏنيءَ آهي، تہ اڳتي هلي اوهان کي خبر پوندي تہ مان ايئن ڇو ڪيو هو.

جيتوڻيڪ هوُ پنهنجي مستقبل کان اڳواٽ ئي خوش هو، تہ هوُ پنهنجي تڪليفن کي آخر سلجھائي وٺندو، پر جيئن هو ولويا اسٽيشن کي ويجھو ٿيندو ويو، هوُ هن خيال کان ايندي ڏڪي ويو، تہ سندس غير حاضريءَ ۾ گروشينڪا الائجي ڇا ڪندي؟ ايئن بہ ٿي سگھي ٿو، تہ هوءَ اڄ فيودورپاولوچ ڏي وڃڻ جو ارادو ڪري. اهوئي سبب هو، جو هنُ وڃڻ وقت، ڪانئس موڪلايو ئي نہ هو. هن گھر جي مالڪياڻيءَ کي حڪم ڏنو هو، تہ هوءَ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي تہ هوُ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ جيڪڏهن ڪو ڪانئس پڇي بہ، تہ پنهنجي لاعلميءَ جو اظهار ڪري.

"مون کي رات جو ضرور گهر موٽڻ گهرجي." هن گاڏيءَ ۾ لوڏا کائيندي دهرايو. "مان اِيئن پڪ سان چئي سگهان ٿو، ته لياگاوي کي هيڏي، دستاويز جي لاءِ وٺي ايندس." متيا دل جي ڌڪ ڌڪ سان، هن حقيقت جو پرو وٺي رهيو هو. پر افسوس! سندس خواب سچو اجايو هو.

هن پنهنجي سفر ٽي ديرسان شروع ڪيو هو. هن جو مختصر رستو اختيار ڪيو هو. سوولويا اسٽيشن تائين ٻارهن ميلن بجاءِ ارڙنهن ميل هو. بيو النسڪي ۾ راهب ڪيس گهر ۾ نہ مليو. هن کي پرواري ڳوٺڙي ۾ وڃڻو پيو. مِتيا تڪيل گهوڙن جي رستي پنهنجو سفر جاري رکيو، جنهن ڪري اوندهہ ٿي وئي.

راهب شرميلو ۽ مروت وارو نوجوان ٿي ڏنو. جنهن ڪيس هڪدم ٻڌايو تہ لياگاوي برابر پهريائين ساڻس گڏ رهندو هو، پر هاڻي هوُ سهائي پوسولڪ جي ڳوٺ ۾ فاريسٽر جي جهوپڙيءَ ۾ ٿو رهي. چاڪاڻ تہ هو اچ ڪلهہ ڪاٺين جي خريداريءَ ۾ مشغول آهي. مِتيا جي عرض ڪرڻ تي، هو ڪيس ساڻ وٺي ويندو ۽ انهيءَ ۾ هن سان گفتگو ڪرڻ ۾ ڪيس آساني ٿيندي، راهب ساڻس متفق ٿيو. ٿوري ڇڪتاڻ ڪان پوءِ، هو ڪيس سهائي پوسولڪ ڏانهن وٺي ويو. هاڻي هو منجهي پيا، تہ ڇا ڪجي؟ بدقسمتيءَ سان راهب ڪيس صلاح ڏني، تہ اهو پنڌ جو هڪ ميل ڪان متي نہ آهي، پيادو پورو ڪرڻ گهرجي. مِتيا ساڻس متفق ٿيو ۽ وڏا وڏا قدم پريندو اهڙيءَ ريت پنڌ پيو، جو ويچارو راهب سندس پويان ڊوڙندو رهيو. جيتوڻيڪ هوُ عمر جو وڏو هو پر هيو نهايت خبردار.

مِتيا هڪدم ساڻس پنهنجي رٿن بابت ڳالهائڻ شروع ڪيو. پريشانيءَ ۽ جوش مان لياگاوي جي متعلق ڳالهيون معلوم ڪرڻ گهريون. هوُ سچو رستو ڳالهيون ڪندو رهيو. هوُ مِتيا جي سوالن کي هيئن ختم ڪندو رهيو، تہ مون کي ڪا بہ خبر نہ آهي، مان چئي نہ ٿو سگهان يا مان ڪيئن چئي سگهان، وغيره. جڏهن مِتيا پنهنجي پيءُ جي جهڳڙي جي حقيقت کي ڇوريو ۽ ورثي جي ذڪر کي ڇيڙيو تہ راهب پريشان ٿي ويو، چاڪاڻ تہ هوُ فيودورپاولووچ جي امداد تي ڀروسو رکندڙ هو. ڪيئن بہ هجي هن ڪانئس پڇيو، تہ هوُ اُن ڳوناٽي واپاريءَ کي جنهن جو نالو گورسٽڪين آهي، لياگاوي (جانور) ڇو ٿو سڏي. مِتيا تي هن ٿورو ڪندي، ڪيس سمجهايو تہ جيتوڻيڪ هوُ سچ پچ لياگاوي جي نالي سان مشهور آهي، پر اِيئن چوڻ سان هو غصي ۾ اچي ويندو، اُن ڪري ڪيس گورسٽڪين سڏي. پر جيڪڏهن ڪيس سڏيو ويو، تہ هو ڪجهہ بہ نہ ڪندو ۽ شايد ڪجهہ ڌيان ڏئي بہ نہ ٻڌي.

مِتيا ٿوري وقت لاءِ عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ هن اِيئن چيو آهي، جو ڪيس سامسونوف ٻڌايو هو. هيءُ جواب ٻڌندي، راهب سڄي گفتگو کي بند ڪري

چڏيو. جيتوڻيڪ هوُ سامسونوف بابت پنهنجي شڪ کي لفظن ۾ چڱيءَ ريت بڌائي تي سگهيو. جنهن کيس اُن اٽيڙهئي ڏي موڪليو هو. جنهن کي لياگاوي تي سڏيائين. جنهن مان صاف معلوم پئي ٿيو. تہ هوُ کيس مونجهاري ۾ وجهي رهيو آهي. پر مـتيا وٽ ايترو وقت نہ هو. جو هنن خطرناڪ ڳالهين تي سوچي. هوُ وڏا وڏا قدم کڻندو، اڳتي وڌندو رهيو. جڏهن هوُ منزل مقصود تي پهتو. تڏهن راهب کيس چيو تہ هيءُ هڪ ميل يا ڏيڍ ميل جو مفاصلو نہ هو. پر گهٽ ۾ گهٽ ٽي ميل هئا. هيءُ ٻڌي کيس غصو تہ آيو. پر هنُ پاڻ تي ضابطو ڪري ورتو.

هو اندر جهوپڙيءَ ۾ ويا. بيلي جو محافظ. جهوپڙيءَ جي اڌ ۾ ٽي رهيو ۽ گورسٽڪين بہ اڌ تي ٽي رهيو. جو رستي جي ٻي پاسي، بهتر حصو هو. هوُ اُنُ ڪونيءَ ۾ ويا ۽ ميڻ بتي کي ٻاريائون. ڪمرو حد کان وڌيڪ گرم هو. ميز جي مٿان سماور هو. جو اُجهامي چڪو هو. هڪ ڪپٽ هو. جنهن ۾ ڪي پيـاليون رکيون هيون. شراب جي هڪ خالي بوتل هئي ۽ ودڪا (جون جو شراب) جي هڪ اڌ وڏي بوتل بہ هئي. ميز تي ڪڻڪ جي مانيءَ جا ڪجهہ پورا بہ پيل هئا. مهمان هڪ بينچ تي، سنئون سڌو سمهيو پيو هو. ڪوٽ سندس متي کان وهاڻي وانگر رکيو هو ۽ سندس کونگهرن جو آواز زور سان ٿي آيو. مـتيا مونجهاري ۾ ٻيهي رهيو.

”مون کي جاڳائڻ گهرجي، ڇو تہ منهنجو ڪم نهايت ضروري آهي ۽ تڪڙ بہ آهي، جيئن مان اڄ ئي موٽي وڃان.“ هن اهو نهايت جوش مان چيو. راهب ۽ بيلي جو محافظ ٻئي خاموش بيٺا رهيا ۽ هنن پنهنجي ڪابہ راءِ نہ ڏني. مـتيا وڌي ويو ۽ اُن کي پاڻ جاڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن وڏي ڪوشش ورتي، پر ننڊ وارو جاڳي نہ سگهيو.

مـتيا آخر فيصلو ڏنو، تہ ”هوُ نشي ۾ آهي. خدايا! مان هاڻي ڇا ڪريان؟“ هوُ حد کان وڌيڪ بي صبر ٿي چڪو هو. هوُ کيس ٻانهن کان تہ ڪڏهن ٽنگن کان وٺي ڇڪڻ لڳو ۽ سندس متي کي ڇڪي بينچ تي ويهارڻ لڳو. پر وڏي تڪليف کان پوءِ، هوُ هن کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر نشي ۾ چور ماڻهو هن تي سخت بدشد ڳالهائڻ لڳو.

”نہ. تو کي ڪجهہ وقت ترسڻ گهرجي!“ راهب آخر کيس چيو. ”ڇاڪاڻ تہ هوُ پنهنجي هوش ۾ ئي نہ آهي.“

”هو سڄو ڏينهن پيئندو رهيو هو.“ بيلي جي محافظ کيس سمجهايو.

”خدايا!“ مـتيا رڙ ڪري چيو، تہ ”ڪاش اوهان کي هيءَ خبر هجي ها. تہ منهنجو ڪم ڪيڏو نہ ضروري آهي ۽ مان ڪيڏو نہ نااُميد ٿي ويو آهيان؟“

”نہ. توکي صبح تائين ترسڻ کپي.“ راهب وري دهرايو.

”صبح تائين. خدايا! اهو تہ ناممڪن آهي.“

هوُ نااُميديءَ ۾ نند ۾ ٻيل ماڻهوءَ تي وري ذري گهٽ حملي ڪرڻ تي هو، پر هڪدم هن پاڻ سنڀالي ورتو. ڇاڪاڻ ته ڪيس احساس ٿيو، ته هي سندس سڀئي ڪوششون رائگان وينديون. راهب ڪجهه به نه ڪڇيو ۽ ٻيلي جو نندڙو محافظ اُداس ٿي ڏٺو. ”سچي حياتيءَ ۾ انسان سان اهي الميا ڪيئن نه ڪيڏندا رهن ٿا.“ مِتيا مڪمل طور تي نااميديءَ ۾ چيو. سندس چهري مان ٻگهر وهي رهيو هو. راهب وقت جي مناسبت سان مدلل طرح ڪيس سمجهايو، ته هوُ جيڪڏهن ڪيس جاڳائڻ ۾ ڪامياب به ٿيو، ته هوُ اجا به نشي ۾ هوندو ۽ ڪنهن به ڳفتگوءَ جي قابل نه هوندو. ”تنهنجو ڪم نهايت اهم آهي.“ هن چيو: ”اُن ڪري چڱو آهي، ته صبح تائين ترسي پوءِ.“ مِتيا نااميديءَ جو اظهار ڪندي قبول ڪيو.

”مربي، مان هتي ترسي ٿو پوان ۽ موقعي واري گهڙيءَ جو انتظار ڪندس. جيئن هوُ جاڳندو، مان ساڻس پنهنجي ڳالهه شروع ڪري ڏيندس. مان توکي ان جي قيمت ادا ڪندس.“ هنُ ٻيلي جي محافظ ڏي منهن ڪري چيو ته ”رات جي گذاري لاءِ به دمتري ڪرامازوف کي ياد ڪجو. مان فقط هن ڳالهه ۾ منجهيل آهيان، ته اوهان ڪٿي سمهندا ۽ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي - مربي؟“

”نه مان گهر موٽي ٿو وڃان. مان هن جو گهوڙو ڪاهي ٿو وڃان ۽ گهر پهچي ويندس.“ هن ٻيلي جي محافظ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”چڱو هاڻي خداحافظ. منهنجي خواهش آهي، ته توکي ڪاميابي حاصل ٿئي.“

معاملو اهڙيءَ ريت ختم ٿي ويو. راهب، جهنگ جي محافظ جي گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿي ويو. هيءُ خوش هو ته سندس جان ڇٽي. جيتوڻيڪ هوُ پنهنجي متي کي بي آراميءَ مان لوڏيندو رهيو ۽ حيران هو، ته ٻئي ڏينهن تي، هن عجيب حقيقت کي هوُ پنهنجي مربي فيودورپاولوچ سان بيان ڪري يا نه؟ متان هو ڪنهن منحوس گهڙيءَ ۾ اها ڳالهه ٻڌي ۽ ساڻس پنهنجي مهربانين کي ختم ڪري ڇڏي.

ٻيلي جو صاحب پنهنجي جسم کي ڪنهندو، بنا ڪنهن گفتگوءَ جي، پنهنجي ڪنيءَ ۾ هليو ويو. مِتيا بينچ تي، انتظار ۾ ويهي رهيو. سندس دل تي غم گهاٽي ڪوهيڙي وانگر ڇانئجي ويو هو. جنهن کي مڪمل غم ڇئي سگهجي ٿو. هوُ گهڻو ئي غور ڪرڻ لڳو، پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيو. ميڻ بتي جَهڪي ٿي، ٻري ۽ تـڏن جو آواز ٿي آيو. اهڙي سخت گرم ڪنيءَ ۾، سندس بند هجڻ، سندس برداشت کان مٿي هو. اوچتو سندس اکين جي سامهون، باغ ۽ باغ وارو رستو ۽ سندس پيءُ جي گهر وارو دروازو، تصوير وانگر اچي ويو. هنُ تصور ۾ ڏٺو، ته اُهو کلي پيو آهي ۽ گروشينڪا اُن ۾ اندر گهڙي وئي آهي. هوُ بينچ تان ٽپو ڏئي اُٿيو.

هن ڏندن کي ڪرٽيندي چيو، تہ هيءُ هڪ الميو آهي. هوُ غير ارادي طور، ننڊ ۾ پيل ماڻهوءَ ڏانهن ويو ۽ سندس منهن ۾ نهاريائين. هوُ ڪمزور، وچينءَ عمر وارو ڳوناٺو ٿي ڏٺو. سندس منهن ڪافي ڊگهو هو، ڪهرا وار ۽ ڊگهي، سنهي ۽ سرخ ڏاڙهي هئس. ڪيس سوٽي قميص هئي ۽ ڪاري رنگ جي صدري، جنهن جي کيسي مان واچ جي چانديءَ واري زنجيري صاف ٿي ڏٺي. مِتيا کيس پوريءَ نفرت سان ڏٺو. الائي ڪهڙي سبب جي ڪري، خاص طرح سندس گهنڊيدار وارن کي ڏسي، بيحد غصو آيو.

هيترين قربانين ۽ مکيہ ڳالهين جي هوندي بہ، هيءَ ڳالهہ نهايت ناقابل برداشت هئي، تہ مِتيا بلڪل ٿڪايل منزل جي آخري موڙ تي اهڙيءَ ريت بيٺو هو، جو سندس قسمت جو سڄو دارومدار اتي هو. ننڊ ۾ پيل ماڻهوءَ جي جيئن خرخر تي آئي، هن سمجهيو ٿي، تہ جڻ ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ هوُ جڻ تہ ڪنهن ٻي سياري مان اُڇلايو ويو آهي.

"اوهہ، هي قسمت جي ستم ظريفي آهي"! مِتيا واڪو ڪري چيو. جڻ تہ هن پنهنجو دماغي توازن وڃائي ڇڏيو هو. هنُ وري اُن نشئي ڳوناٺي کي اٿارڻ گهريو کيس ڇڪيائين ۽ ڌڪا ڏنائين. کيس ماريائين بہ. پر پنجن منٽن جي اجائي محنت کان پوءِ بہ، هوُ نا اُميديءَ ۾ پوئتي موٽي آيو ۽ بينچ تي ويهي رهيو.

مِتيا رڙ ڪري چيو، تہ "بيوقوفي! بيوقوفي! ڪيڏي نہ هيءَ بي عزتيءَ جي ڳالهہ آهي." هو اِيئن چوندو ويو. نهايت سخت، هن متي ۾ سور محسوس ڪيو. "ڇا هوُ هن ڳالهہ کي ڇڏي ۽ هليو وڃي؟" هوُ حيرت جي دنيا ۾ هو. نہ، هاڻي سڀاڻي تائين ترسڻ گهرجي. جنهن ڪم لاءِ آيو آهيان، اُن کي نيائڻ گهرجي. تڏهن باقي ڇا جي لاءِ هيڏي آيس؟ اُن کان سواءِ هاڻي موٽي وڃڻ بہ چڱو نہ آهي. خبر نہ آهي تہ هاڻي، ڪيئن ڇوٽڪارو ملندو؟

پر سندس متي جو سور وڌندو رهيو. هوُ بنا چرپر جي ويٺو رهيو. بيهوشيءَ ۾ اونگهڻ لڳو ۽ جيئن ويٺو هو، تيئن کيس ننڊ وٺي وئي. هوُ ٻن ڪلاڪن يا اُن کان ٿورو متي ننڊ ۾ پيو رهيو. سندس متي جي ناقابل برداشت سور کيس جاڳايو ۽ اهو ايڏو تہ مٿس غالب پئجي ويو هو، جو ذري گهٽ ڪانئس دانهون نڪرڻ تي هيون. سندس متي جي چوٽيءَ ۾ ڌڪ لڳي رهيا هئا. جاڳڻ کان پوءِ بہ کيس، گهڻو وقت هوش ۾ اچڻ لاءِ لڳو تہ هوُ سمجهي سگهي، تہ کيس ڇا ٿيو آهي؟

آخر هن محسوس ڪيو تہ سڄي ڪوٺي، ڪوئلي جي آتشدان جي بدبوءِ کان مڇي وئي آهي ۽ هوُ اُن حبس کان مري ويندو. نشئي ويندو. نشئي ڳوناٺو اجا ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيو هو. ميڻ بتي ڳري وئي هئي ۽ وسامڻ لاءِ جهٽڪا ڏئي رهي هئي. مِتيا، دانهون ڪندو ۽ ڌڪا کائيندو، ٻيلي جي محافظ جي ڪمري ۾ گهڙي ويو. هوُ

مِـتيا جي ذانهن ۾ دبڪن کان جاڳي پيو. هنُ سندس حقيقت کي قبول ڪيو. پر اُن ۾ بہ عجيب بي طرفداري هئي. جيتوڻيڪ هوُ، انُ نظاري کي ڏسڻ لاءِ بہ ويو.

" پر هيءُ تہ مري ويو آهي! ۽..... هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" مِـتيا بنهہ جنوني حالت ۾ چيو.

هنن دروازا ۽ دريون کولي ڇڏيون. چمنيءَ کي بہ کوليو. مِـتيا گهر جي گهٽـيءَ مان پاڻيءَ جو ڏول کڻي آيو. پهريائين هن پنهنجي مٿي کي آلو ڪيو. تنهن کان پوءِ اڱڙين کي اُتان هٽ ڪري، انهن کي پاڻي ۾ تر ڪري، لياگاوي جي مٿي تي رکيائين. ٻيلي جي محافظ اجا بہ هن سڄي حالت کي معمولي تي سمجهيو. پر جڏهن دريءَ کـي کوليائين تہ چئي ڏنائين تہ:

"هاڻي سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي."

هوُ وري ننڊ ڪرڻ لاءِ هليو ويو ۽ مِـتيا جي لاءِ ٻرندڙ فانوس ڇڏي ويو. مِـتيا اڌ ڪلاڪ لاءِ اُن نشئي ڳوناٽي کي ڏسندو رهيو. هوُ پنهنجي مٿي کي تَـرڪندو رهيـو ۽ فيصلو ڪيائين، تہ هوُ سڄي رات جاڳي گذاريندو. پر هوُ ايڏو تہ ٿڪجي پيو هو. جو جڏهن ساهہ کڻڻ لاءِ ٿورو وقت وينو، تہ سندس اکيو ن بند ٿـي ويون. بيهوشيءَ ۾ هن پاڻ کي سڌو ڪيو ۽ مئي ماٺهوءَ وانگر ٻٽجي ويو.

ڪافي دير تي وٺـي هئي، جڏهن هوُ جاڳيو. گهٽ وڌ نائين بجي جو وقت هو. جهوپڙي جي ٻن درين مان سج چمڪي رهيو هو. گهنڊيدار وارن وارو ڳوناٽو بينچ تي اُتي وينو هو ۽ کيس ڪوٽ پهريل هو. سندس اڳيان ٻيو سماور ۽ ٻي شراب جي بوتل هئي. ڪالهوڪي بوتل ختم ٿي چڪي هئي ۽ هيءَ بہ باقي اڌ وڃي رهي هئي. مِـتيا ٽپو ڏيئي اُٿيو ۽ يڪدم سمجهي ويو، تہ بدبخت ڳوناٽو وري نشي ۾ آهي. جنهن جو نہ ڪو عـلاج آهي، نہ اُن ۾ ڪا اُميد رکي سگهجي ٿي. هوُ اکيون کولي هڪ گهڙيءَ لاءِ کيس ڏسندو رهيو. دهقاني کيس خاموشي ۽ حرڪتي نموني سان ڏسي رهيو هو. اجا بـہ بـي عزتـي ۽ نفرت سان نهاري رهيو هو. مِـتيا مٿس عجب ڪاڏو ۽ اُن ڏانهن ڊوڙي پيو.

"مون کي معاف ڪريو...... اُميد تہ اوهان ٻيلي جي محافظ کان هن جهوپـڙيءَ ۾ ٻڌو هوندو. مان ليفٽيننٽ دمتري ڪرامازوف آهيـان. پوڙهي ڪرامازوف جو پٽ، جنهن کان تون ٻيلي جو ڪوچو خريد ڪري رهيو آهين."

"هي ڪوڙ آهي!" ڳوناٽي نهايت تحمل ۽ سياٽپ سان جواب ڏنو.

"ڪوڙ؟ تون فيودورپاولوچ کي نہ ٿو سڃاڻين؟"

مان ڪنهن بہ تنهنجي فيودورپاولووچ کي نہ ٿو سڃاڻان. "ڳوناٽي ڪجھ کهرو ٿي چيو.

"تون ٻيلي جي ڪوچي لاءِ ساڻس سودو ڪري رهيو آهين. ذرا سڃاڳ ٿي ۽ هوش ۾ اچ. اليڪسي جو راهب ڀاويل مون کي هتي وٺي آيو هو، تو سامسونوف ڏي بـہ لکيو هو ۽

هن مون کي تو ڏانهن موڪليو آهي." مِتيا دم ڪڍڻ بنا ڳالهائيندو رهيو.

"تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين" لياگاوي وري غصي ۾ اچي ويو. مِتيا جون ٽنگون ٿڏيون ٿينديون ويون.

"ڪجهه رحم ڪريو! اهو مذاق نه آهي. تون نشي ۾ آهين. پر توکي ڳالهه سمجهي ڳالهائڻ گهرجي...... ٻي حالت ۾ شايد مان ڪجهه به نه ٿو سمجهان!"

"تون شايد مصور آهين؟"

"ڪجهه رحم ڪر. مان ڪرامازوف. دمتري ڪرامازوف آهيان. مان توهان وٽ سودي لاءِ آيو آهيان. ٻيلي جي بابت نفعي واري سودي لاءِ."

ڳوناٽي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي پٺي تي ڪنهيو.

"نه. تو انهيءَ معاملي ۾ نيڪو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي بدمعاشي ٿو ڪرين. تون نيچ آهين!"

"مان توکي يقين ٿو ڏياريان. نه تون غلطيءَ تي آهين." مِتيا نااُميدي ۾ هٿن کي مهٽيندي چيو. دهقاني اڃا تائين ڏاڙهيءَ کي پٺي تي پٽيو ۽ هڻ اوچتو شيطاني اکيون متي ڪئي ڪيس چيائين ته:

"نه مون کي ٻڌاءِ ۽ ڏيکار ته ڪهڙي قانون ۾ بدمعاشي جائز آهي؟ تون ٻڌين به ٿو؟ تون گهٽيا آهين! سمجهين ٿو؟"

مِتيا مايوس ٿي قدم پوئتي هٽايو. اوچتو هن سمجهيو. ته ڪا شيءِ سندس متي ۾ لڳي آهي. هڻ اها حقيقت پوءِ ٻڌائي هئي. ان گهڙيءَ ۾ سندس دل ۾ اوچتو ڪا روشني پيدا ٿي. روشني منهنجي اندر ۾ اُجاگر ٿي ۽ اُن نور مون ڪان سڀ شيون پري ڪري ڇڏيون. هُو گهڙي ڪن حيرت ۽ عجب ۾ ٻيٺو رهيو ۽ ڪيئن نه هُو سياڻو سڄو ٿي. اهڙي بيوقوفيءَ کي اختيار ڪري عجيب قسمت آزمائيءَ لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو اتائين ۽ چوويهه ڪلاڪ هن لياگاوي جي چوڌاري ڦرندو رهيو آهي ۽ سندس متي کي ٿڌو ڪندو رهيو آهي.

"هيءُ نشي ۾ آهي ۽ اَلوٽ آهي. هاڻي هيءُ هفتي تائين اِيئن ئي ٻيئندو رهندو. وڌيڪ هتي ترسڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟ سامسونوف آخر مون کي هتي ڪهڙي مقصد لاءِ موڪليو هو؟ جيڪڏهن هن کي خبر پوي ته هوءَ ڇا چوندي؟ خدايا! مان هيءُ ڇا ڪيو؟"

ڳوناٽو ڪيس گهري نظر سان ڏسندو ۽ ڏند ڪرٽيندو رهيو. مِتيا شايد اڳتي هلي، جوش مان ڪيس ماري ڇڏي ها. پر هُو ساڳي وقت پاڻ کي ٻار وانگر ڪمزور سمجهڻ لڳو. هُو خاموشيءَ سان بينچ ڏي وڌي ويو. پنهنجو اوورڪوٽ کنيائين ۽ اُن کي پاتائين. بنا ڪنهن لفظ ڪڇڻ جي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويو. ٻيءَ ڪوني ۾ ڪيس ٻيلي جو محافظ نظر نه آيو ۽ نه وري ڪو ٻيو موجود هو. هن پنجاهه ڪوپڪس

جو خردو پنهنجي ڪيسي مان ڪڍي ميز تي رکيو. جو سندس رات جي رهڻ جي عيوض ۾ هو. جنهن ۾ ميڻ بتي ۽ سندس تڪليف جو ورتل معاوضو به هو. جهوپڙيءَ کان ٻاهر ايندي، هن پنهنجي چوڌاري وسيع ٻيلي کي ڏٺو. هو منجهيل هو. ڪيس ڪاٻه خبر نه ٿي پئي، ته هو جهوپڙيءَ جي کهڙي پاسي کان اڳتي وڌي، ڪٻي يا سڄي. رات جو راهب سان گڏجي، تڪڙ ۾ ايندي ڪيس رستو ياد ئي نه رهيو هو. ڪيس ڪنهن لاءِ به انتقامي خيال نه هيو. سامسونوف لاءِ به نه. هو ٻيلي جي هڪ سنهڙي پيچري تي هلڻ لڳو. بنا ڪنهن مقصد جي ۽ بنا ڪنهن ڏس جي هو اڳتي وڌندو رهيو. هو جسم ۽ روح ۾ ايڏو ته ڪمزور ٿي ويو هو. جو ڪيس هڪ ٻار به ڪيرائي ٿي سگهيو. هو ٻيلي کان ڪيئن به ڪري ٻاهر نڪري آيو. ان کان پوءِ اُهي زمينون آيون. جي لاباري کان پوءِ، بلڪل اُگهاڙيون ٿي ڏٺيون. هيءُ سلسلو اکين جي حد تائين وسيع هو. هو ڊگها ڊگها قدم هڻندو به ٿي ويو ۽ چوندو به ٿي ويو ته:

"ڪيڏي نه نااُميدي! ڪيڏي نه موت جهڙي خاموشي!"

پر هيءُ هڪ پوڙهي واپاريءَ جي ملاقات سان بچي ويو. جو هڪ ڀاڙي جي گاڏيءَ ۾ اُتان گذري رهيو هو. جڏهن هن ڪيس گاڏيءَ ۾ ڪنيو. ته مِتيا کي معلوم ٿيو. ته هو به ولوويا اسٽيشن ڏي وڃي رهيو آهي. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ هيءُ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويا. ولوويا ۾ پهچندي مِتيا هڪدم گهوڙي گاڏيءَ کي ڀاڙي تي ورتو ۽ جلدي شهر پهچڻ جو ارادو ڪيو. پر اوچتو هن محسوس ڪيو ته ڪيس سخت بک لڳي آهي. جيستائين گهوڙن کي جوٽيو ويو. ايستائين هن جي لاءِ بيضن کي تريو ويو. هن پيٽ پري کاڌو. هڪ ڀُوري ماني ۽ اُن سان گڏ ساس به هيس. اُن جي مٿان ٽي گلاس وُڊڪا (بير جو قسم) جا به پيتائين. کاڌي کائڻ کان پوءِ، هن پاڻ کي هلڪو ۽ خوش محسوس ڪيو. اُن کان پوءِ شهر ڏانهن وڃڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ ڪوچبان تي زور آندائين. ته ڪيس شهر ۾ جلدي پهچائي. گاڏي ۾ ويهڻ کان پوءِ، اُن وري اُن منحوس رقم جي هٿ ڪرڻ لاءِ، نئين رٿ تيار ڪئي، جيئن اُها ڪيس شام کان اڳ ۾ ملي وڃي. هو خيال ڪرڻ لڳو. ته "هن حقيقت تي وري وري غور ڪرڻ گهرجي ته انساني زندگي فقط ٽي هزار روبل لاءِ برباد ٿي رهي آهي. مون کي ڪيئن به ڪري، اهو معاملو اڄ ختم ڪرڻ گهرجي." جيڪڏهن ڪيس گروشينڪا جو خيال نه ستائي ها، جو ڪانئس ڪنهن به قيمت تي ڌار ٿي نه ٿي سگهيو. جيڪر هو وري شگفته بڻجي وڃي ها.... پر ان جو خيال اچڻ ته سندس دل جي اندر خنجر هڻي رهيو هو. آخر گاڏي شهر ۾ پهچي وئي ۽ مِتيا هڪدم گروشينڪا ڏي روانو ٿيو.

باب ٽيون

# سون جون ڪاٽيون

هيءُ اُها ملاقات هئي، جنهنجو ذڪر، گروشينڪا، ريڪٽن سان ڊنل حالت ۾ ڪيو هو. هوُ اُن پيغام جي لاءِ منتظر هئي ۽ خوش هئي، تہ مِتيا ڪيس هڪ ڏينهن اڳ ۾ ۽ اُن ڏينهن نہ مليو هو. هوُ دعا گهرڻ رهي هئي، تہ خدا ڪري هو ايستائين نہ اچي، جيستائين هوءَ اُتان هلي وڃي. پر هوُ آيو ۽ متس اُتلي پيو هو. وڌيڪ حقيقت جي اسان کي اڳ ۾ ئي خبر آهي. گروشينڪا ڪانئس جان ڇڏائڻ لاءِ، هڪدم اُن جي اڳيان رٽ رکي، تہ ڪيس (گروشينڪا کي) هڪدم سامسونوف وٽ وڃي، حساب ڪتاب کي صاف ڪرڻ گهرجي. مِتيا ساڻس متفق ٿيو ۽ گڏجي هليو. گروشينڪا، دروازي تي پهچي ڪيس خداحافظ چيو ۽ ساڻس وعدو ڪيو تہ هوُ ٻارهين بجي اچي، ڪيس اتان وٺي وڃي. مِتيا هن وعدي تي نهايت خوش ٿيو. هن سمجهيو تہ هوُ جيڪڏهن سامسونوف وٽ آهي، تہ ڪڏهن بہ فيودورپاولووچ وٽ نہ ويندي. پر هنُ يڪدم هيءُ بہ چئي ڏنو، تہ جيڪڏهن هنُ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي تہ ..... پر هن خيال ڪيو تہ هن ڪوڙ نہ ڳالهايو هو.

هوُ اُن ساڙيلي قسم جي ماڻهن مان هو، جي پنهنجي محبوب عورت جي غير حاضريءَ ۾ خطرناڪ خيالن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. ۽ اُن جي لاءِ طرحين طرحين گمان آڻيندا آهن، تہ هوءَ ڪيئن، نہ ڪين فريب ڏئي رهي آهي، پر جڏهن هُو لُڏندي لمندي، دل شڪستہ ٿي سندس وفاداريءَ کان متاثر ٿيندا آهن، تہ وري اُن ڏي ڊوڙي پوندا آهن. هنُ جي چهري ۾ پهرين ئي نگاهہ سان، سندس مسرت پري، کلندڙ ۽ نياز منداڻي چهري کي ڏسي، هوُ هڪدم خيالن کي ڦيرائيندا آهن، سيني شڪ ۽ شبهن کي پري رکي، پاڻ کي ملامت ڪندا آهن، تہ هنن اهڙي قسم جي ساڙ جو ڇو مظاهرو ڪيو هو.

گروشينڪا کي دروازي وٽ ڇڏي، هوُ گهر ڏي ٽڪڙو ٽڪڙو موٽيو. ڪيس هن ڏينهن تي گهڻو ڪجهہ ڪرڻو هو. ڪيئن بہ هوُ، سندس دل تان بار لهي چڪو هو.

”هاڻي مون کي تڪڙ ڪرڻ کپي ۽ سميرڊياڪوف کان معلوم ڪرڻ گهرجي، تہ گذريل رات ڇا وهيو واپريو؟ هوءَ ڪنهن طريقي سان فيودورپاولووچ وٽ وئي يا نہ؟ اُف!“ هيءُ خيال هئا جي سندس دل تي تري رهيا هئا.

'ايتري وقت ۾ جو، هوُ گهر پهچي وڃي، رقيباڻن خيالن سندس بي قرار دل کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو.

”رقابت! آ ٿيلو[1] ڪي ڪو بہ حسد نہ هو، پر ڪيس تہ اعتماد هو.“ پشڪن جو اهو قول آهي. هيءَ راءِ ڪافي آهي جا ڏيکاري ٿي، تہ اسان جو عظيم شاعر ڪيڏو نہ بالغ نظر هو. آٿيلو جو قلب ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو ۽ سندس نقطۂ نگاهہ ٿي بادل ڇانئجي ويا هئا. ڇاڪاڻ تہ سندس مقصد برباد ٿي چڪو هو. پر آٿيلو ڪڏهن بہ نہ لڪيو هو، نہ جاسوسي ڪئي هئائين، نہ وري جهاتيون پاتيون هئائين. اُن جي برعڪس ڪيس گمراهہ ڪيو ويو. اڳتي ڌڪيو ويو. انهيءَ ڪان اڳي جو هوُ فريب کي سمجهي سگهي، ڪيس بيحد جوش ڏياريو ويو. سچو پچو حاسد اِيئن نہ ٿيندو آهي. اهو نهايت مشڪل آهي، تہ اهڙي ماڻهوءَ جي اخلاقي ڪوتاهي ۽ شرمندگيءَ جي تصوير ڪڍي وڃي، جو حاسد انسان جي حيثيت ۾ ضمير جي ڪمزوريءَ جي باعث پَستيءَ ڏي لهي اچي. اِيئن بہ نہ آهي تہ محبت جو هر حاسد بيهودو ۽ بدنام دل جو مالڪ آهي، پر اُها متانهين شخصيت، جنهنجي محبت پاڪ ۽ خود قربانين سان پريل آهي، مجبور ٿي ميزن جي هيٺان بہ لڪي ٿو ۽ بد ترين ماڻهن کي رشوت ڏئي ٿو. هوُ جاسوسي جي ذليل حرڪت ۾ ڪَن ڏيئي، بيهي ٻڌڻ جي عادت سان هري وڃي ٿو.

آٿيلو ! هن ڪڏهن بہ نہ ٿي چاهيو، تہ پنهنجي اندر ۾ بي اعتباريءَ کي جاءِ ڏي. نہ وري هن اهو چاهيو ٿي، تہ انهن ڳالهين کي هوُ معاف ڪري ڇڏي. پر ڪيس اِيئن مجبوراً ڪرڻو پيو. جيتوڻيڪ سندس روح معصوم هو ۽ نندي بار وانگر خرابين کان پاڪ. هيءُ ڳالهيون سچي پچي حاسد ماڻهوءَ سان لاڳو نہ هونديون آهن. اهو نهايت ڏکيو آهي، جو ويهي خيال ڪجي تہ ڪي حاسد ماڻهوءَ ڪهڙا بُرا خيال دل ۾ رکن ٿا، ڪهڙن خيالن کي ڇڏي ڏين ٿا ۽ ڪهڙن خيالن کي معاف ڪن ٿا. حاسد ماڻهو معاف ڪرڻ ۾ بہ اُبهرا هوندا آهن ۽ اها سيني عورتن کي خبر هوندي آهي. حاسد غير معمولي تڪڙ سان معاف ڪندو آهي (جيتوڻيڪ گهٽي جنجال ۽ وحشت انگيزيءَ کان پوءِ). هوُ اُن خيانت کي بہ بخشي ڇڏيندو آهي، جا ذري گهٽ ثابت بہ هوندي آهي. هُو پيار ۽ محبت جي عمل کان، جو ڪيس بي ڌر کان حاصل ٿئي ٿو، ڪيئن بہ هجي، هوُ متاثر ٿئي ٿو، تہ هيءُ سڀ آخري طور ٿي گذريو آهي ۽ سندس رقيب غائب ٿي دنيا جي ٻئي ڇيڙي تي پهچي ويو آهي ۽ وري نظر نہ ايندو، يا هوُ پنهنجي محبوبا کي اهڙي جاءِ تي وٺي وڃي ٿو، جتي هو خطرناڪ رقيب، اُن جي ويجهو اچي ئي نہ سگهندو. پر اهو ناهہ ۽ پرچاءُ فقط ڪلاڪ لاءِ هوندو آهي. چو تہ سندس رقيب ٻئي ڏينهن تي چو نہ غائب ٿي وڃي، پر هوُ وري ڪو نئون رقيب پيدا

---

[1] شيڪسپيئر جي ڊرامي جو ڪردار

ڪندو آهي ۽ وري اُن تي حسد ڪرڻ شروع ڪندو آهي. واقعي هيءَ عجب جهڙي ڳالهه آهي، تہ اهڙي محبت جي لاءِ ڇا چئجي، جنهن جي نگراني ڪئي وڃي. اُن محبت جي ڪهڙي قيمت آهي، جنهن جي سختيءَ سان نگهباني ڪئي وڃي. پر حاسد هن ڪي ڪڏهن بہ نہ سمجهندو. پر اُن هوندي بہ هنن ۾ شاندار دل واريون شخصيتون بہ ٿين ٿيون. هيءَ بہ ڏسڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ هيءُ شاندار دلين جا مالڪ، اسان ڪي ڪنهن الماريءَ جي پويان، لڪيل جاسوسي ۽ ڪن ڏيڻ ۾ مشغول نظر ايندا. ڪين اُن وقت ضمير تي ڪو بہ ڏنگ لڳندي نظر نہ ايندو. ڪيئن بہ هجي هوُ پنهنجي شاندار دلين جي هوندي، هن شرمندگي جي اونهائيءَ کي سمجهندي بہ، اُن ۾ غرق نظر ايندا. هي سپ محبت جو ڪرشمو آهي.

گروشينڪا کي ڏسندي مِتيا جي رقابت جو خيال منجي ويو ۽ ٿوري وقت لاءِ، هوُ اعتماد وارو ۽ سنجيده بڻجي ويو. پاڻ کي هن بچڙن خيالن لاءِ ملامت ڪرڻ لڳو. پر هن حقيقت فقط هيءُ ثابت ڪيو تہ عورت جي محبت ۾ سندس ڪو متانهون عنصر شامل آهي، جو سندس سمجهہ کان گهڻو مٿي هو. اُن ۾ نہ نفساني خواهشون هيون نہ بدن جي گولائي، جن جي بابت هن اليوشا سان ذڪر ڪيو هو. پر جيئن ئي گروشينڪا وڃائنس هلي وئي، مِتيا سندس بي وفائي ۽ بد ترين فريب جي اُتندڙ شڪ ۽ شبهن تي سوچيندو رهيو، مگر هاڻي هن پنهنجي ضمير تي ڪوبہ ڏنگ لڳندي محسوس نہ ڪيو.

اهڙيءَ ريت حسد وري سندس اندر ۾ باهہ ٻارڻ شروع ڪئي، ڪيس ڪنهن بہ حالت ۾ تيزيءَ کان ڪم وٺڻو هو. پهرين ڳالهہ جا ڪيس ڪرڻي هئي، سا هئي تہ ڪيس ٿوري ئي رقم ڪنهن بہ طرح عارضي طرح حاصل ڪرڻي هئي. وٽس جي نَوَ روبل هئا، سي سندس سفر ۾ خرچ ٿي چڪا هئا ۽ اسان ڄاڻون ٿا، تہ پيسي کان سواءِ، ڪو بہ ماڻهو هڪ قدم بہ ڪٿي نہ ٿو سگهي. پر هنُ گاڏيءَ ۾ اهو خيال ڪيو تہ هوُ پيسو ڪٿان حاصل ڪري سگهندو. وٽس هڪ عمدو پستول هو، مياڻ جي اندر موجود هو. هنُ اُن کي اجا تائين گروي نہ رکيو هو، ڇو تہ سڀني ملڪيت کان وڌيڪ هوُ اُن کي پيارو گهرندو هو.

”ميٽروپولس“ جي شرابخاني ۾ ڪڏهن ڪڏهن سندس هڪ نوجوان آفيسر سان گڏجاڻي ٿيندي هئي. هنُ سمجهي ورتو هو تہ اُن نوجوان ڪنواري آفيسر کي هٿيارن سان ڏاڍو شوق هو. هو هميشہ پستول، ريوالور ۽ خنجر خريد ڪندو رهندو هو، جي سندس ڪمري جي ديوارين تي لڙڪندا تي رهيا ۽ سندس واقفيت جي شاهدي ڏيندا تي رهيا. هُن انهن شين تي فخر ٿي ورتو ۽ ريوالور جي مشين جو خاص طرح ماهر

هو. مـتيا وڏيڪ غور ڪرڻ کان سواءِ، هڪدم وٽس لنگهي ويو ۽ ڏهہ روبل ۾ وٽس ريوالور گروي رکڻ لاءِ خواهش ظاهر ڪيائين. آفيسر هيءَ بڏي نهايت خوش ٿيو ۽ کيس وڪڻڻ جي لاءِ آڇ ڪيائين. مگر مـتيا قبول نہ ڪيو. نوجوان آفيسر کيس ڏهہ روبل ڏنا ۽ کيس چيائين تہ اُن لاءِ ڪوبہ وياج نہ ورتو ويندو. هوُ دوستاڻي نموني هڪ ٻئي کان جدا ٿيا.

مـتيا نهايت تڪڙ ڪرڻ ٿي چاهي، هوُ تڪڙو تڪڙو پنئين رستي کان فيودورپاولوچ ڏانهن روانو ٿيو. هن ان وٽن ۽ ولين جي ڪنڌ ڏانهن، هن مقصد سان وڃڻ ٿي گهريو، تہ هوُ سميردياڪوف کي جيتري قدر جلد ٿي سگهي اُن کي هٿ ڪري. اهڙي موقعي تي هن حقيقت جو بنياد رکيو ويو. تہ ٿي يا چار ڪلاڪ اڳ ۾ مـتيا وٽ پائي بہ نہ هئي، پر ڪنهن اهڙي واقعي جي باعث، جنهن جو ذڪر مان پوءِ ڪندس، اُهو شخص جو پنهنجي قيمتي شيءِ کي ڏهہ روبل ۾ گروي پيو رکي، هاڻي هزارن جو مالڪ هو....... مان پيش بندي، ڪان ڪم وٺي رهيو آهيان. ماريا ڪنديٽريوونيا (اُها عورت جا فيودورپاولوچ جي ويجهو ٿي رهي) کان کيس سميردياڪوف جي علالت جي پريشان ڪندڙ خبر ملي. هن کان کيس معلوم ٿيو، تہ هو ڪهڙيءَ ريت ماڙيءَ جي حجري مان ڪري پيو هو ۽ ڪيئن بيهوش رهيو ۽ وٽس ڪهڙي ريت ڊاڪٽر آيو. فيودورپاولوچ کي ڪيڏو نہ ان جو انتظار هو. هن وڏي دلچسپيءَ سان هن ذڪر کي ٻڌو تہ سندس ڀاءُ ساڳي صبح جو ماسڪو روانو ٿي ويو آهي.

دمتريءَ خيال ڪيو، تہ "انهيءَ جي معنيٰ اها آهي تہ هوُ مون کان اڳ ۾ ولوويا جي اسٽيشن تي پهتو هوندو." پر کيس سميرديڪوف جي حالت بابت وڏي پريشاني هئي. "هاڻي ڇا ٿيندو؟ منهنجي لاءِ هاڻي ڪير نگهباني ڪندو؟ ۽ مون کي ڪير خبرون ٻڌائيندو" هوُ خيال ڪرڻ لڳو. هوُ هيچ مان اُن عورت کان سوال ڪرڻ لڳو، تہ هنُ اڳئين شام تي ڪو نئون واقعو بہ ڏٺو هو. هن عورت چڱيءَ ريت سندس سوالن جو مقصد پئي سمجهيو، تہ هوُ ڪهڙي ريت کانئس اصل مطلب ڪڍائڻ ٿو گهري. هنُ کيس مڪمل طرح يقين ڏياريو، تہ اُن شام جو ڪو بہ گهر ۾ ڪو نہ آيو هو. ايون فيودورپاولووچ سڄي رات گهر ۾ هو ۽ سڀ ڪجهہ معمول وانگر هيو، جيئن هوندو آهي. مـتيا خيالن ۾ پئجي ويو. هن خيال ڪيو تہ اڄ کيس پوري ريت جاچ رکڻ گهرجي، پر ڪٿي؟ سامسونوف جي دروازي تي؟ هنُ فيصلو ڪيو تہ هو هـتي ۽ هـتي ٻنهي جاين تي پنهنجي نگهباني قائم رکندو. ساڳي وقت کيس هيءَ بہ مشڪل هئي، تہ پنهنجي نين رٿن کي، جي هن سفر ۾ سوچيون هيون، عملي جامو پهرائي. کيس پنهنجي ڪاميابي جو يقين هو، سو پنهنجي عمل ۾ دير نہ وجهي. مـتيا فيصلو ڪيو،

تہ هوُ ان جي لاءِ هڪ ڪلاڪ جي قرباني ڪندو. "هڪ ڪلاڪ جي اندر مان سڀ ڪجهہ ڪري وننداس ۽ سڀ ڪجهہ ٿي ويندو. اُن ڪان پوءِ سامسونوف ڏي هليو ويندس. اُتان پڇا ڪندس تہ گروشينڪا اُتي آهي ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ ۾ موٽي ايندس ۽ وري سامسونوف جي گهر يارهين بجي وڃي، ڪيس پنهنجي گهر پهچائي ايندس." هيءُ پروگرام هو، جو هن پنهنجي دل ۾ رٿيو هو.

هوُ گهر ڏي تيزيءَ سان ويو. وهنجي، وارن کي ڦڻي ڏنائين، ڪپڙن کي صاف ڪيائين ۽ انهن کي پهري بيگم هاڪلوف ڏانهن ويو. افسوس! هن پنهنجن اميدن کي مٽس رکيو. هن فيصلو ڪيو هو تہ هوُ ڪانئس ٽي هزار روبل قرض طور وٺندو. هُن اوچتو هي بہ محسوس ڪيو تہ هوءَ ڪيس قرض ڏيڻ ۾ ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪندي. شايد هن تي عجب جو اظهار ڪيو وڃي تہ جڏهن ڪيس اهڙي بہ پڪ هئي، تہ ڇو نہ پهريائين اُن ڏي تي ويو. هوءَ اُن جهڙي هئي، جنهن سان ڳالهائڻ ۾ ڪيس آساني بہ هئي، بہ نسبت سامسونوف جي، جنهن سان سندس ڪابہ واقفيت ڪانہ هئي ۽ نہ وري سندس ڪوفي مان بہ هو. ڪيس اها بہ خبر ڪانہ هئي، تہ ساڻس ڪهڙي ريت گفتگو ڪري؟

پر هيءَ حقيقت هئي، تہ هو بيگم هاڪلوف کي بہ چڱي ريت نہ سڃاڻندو هو ۽ گذريل مهيني ۾ تہ هو ساڻس مليو بہ نہ هو. اُن ڪان سواءِ هن ڄاتو تي تہ هوءَ ڪڏهن بہ ڪيس برداشت نہ ڪري سگهندي. هوءَ ڪيس بري نظر سان ڏسي رهي هئي، ڇو تہ هو پهريائين ڪيٽرينا ايونونا سان مڱيل هو ۽ هوءَ ڪن سببن جي ڪري هن ڳالهہ ڏي مائل هئي، تہ ڪيٽرينا ڪيس ڦٽو ڪري ڇڏي ۽ ايون جهڙي خوبصورت، مردانہ خصلتن جي مالڪ ۽ وضعدار سان شادي ڪري. مِتيا جي لڇڻن کي هوُ نفرت سان ڏسي رهي هئي. مِتيا مٽس کلندو هو ۽ ڪيس هڪ ڏينهن چئي ڏنو هئائين، تہ "هوءَ ايتري ئي حسين آهي، جيتري غير تهذيب يافتہ آهي." پر اُن صبح جو گاڏيءَ ۾ هڪ عجيب خيال پيدا ٿيو هو، تہ "جيڪڏهن هوءَ ايتري منتظر آهي تہ مان ڪيٽرينا سان شادي نہ ڪريان (ڄاڻان تہ ڪيس خبر هئي تہ ان ڳالهہ جو ڪيس جنون آهي) پوءِ ڪيس ٽن هزارن ڪان ڇو انڪار ڪرڻ گهرجي، هوُ مون کي ٽي هزار روبل ڏيئي، انهيءَ جي قابل بڻائيندي، تہ مان ڪيٽرينا کي ڇڏي ڏيان ۽ ڪانئس هميشہ لاءِ دور ٿي وڃان. هيءُ غلاظت پريون حسين بيگمون، جڏهن ڪنهن چيز تي دل رکنديون آهن، تہ اُن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ خرچ جي پرواهہ نہ ڪنديون آهن. اُن ڪان سواءِ هوءَ ڪافي شاهوڪار آهي." مِتيا هيءُ بہ دليل ڏنو.

سندس رٿ اِيئن ڪٽي ڇٽجي، تہ اڳين جهڙن وانگر هئي. اهائي رٿ، جنهن موجب هن پنهنجي حقن جي آچ شرماشينا جي لاءِ پيش ڪئي هئي. پر هن ۾ ڪوبہ

تجارتي مقصد ڪونہ هو، جيئن سامسونوف جي حالت ۾ هو. هنُ اها ڪوشش نہ ٿي ڪئي، تہ هو اُن بيگم کي لالچ ڏئي، تہ ڪيس ستن انن هزارن جو فائدو ٿيندو. فقط قرض جي ضمانت. جيئن هوُ هن خيال تي غور ڪندو رهيو، هو خوشيءَ سان ڀربو ويو. جيئن هميشہ هوُ اهڙين حالتن تي اظهار ڪندو رهندو هو، جي ناگهاني طور منجهس پيدا ٿينديون رهنديون هيون. هوُ هرهڪ خيال وٽ وڏي جوش واري خوشيءَ مان پاڻ کي سپرد ڪندو ٿي رهيو. پر جڏهن هو بيگم هائلڪوف جي گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو تہ هن محسوس ڪيو، تہ سندس پنيءَ جي ڪنڌي ۾ خوف جي ڏڪڻي پيدا ٿي آهي. اُن وقت هُن ڏٺو، تہ حسابي انداز سان هيءَ سندس آخري ڪوشش آهي. جيڪڏهن سندس هيءَ اميد بہ پوري نہ ٿي، تہ پوءِ دنيا ۾ هن جي لاءِ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ رهي هئي، انهيءَ ڪان سواءِ تہ هو خون ۽ ڌاڙي سان ٽي هزار روبل گڏ ڪري سگهي. اُن وقت ساڍا ست ٿيا هئا. جو هن گهنڊٽي وڄائي.

ڀهريائين تہ بخت ڇڻ مٿس مشڪي رهيو هو. جيئن ئي ڪيس گهرايو ويو، سندس مرحبا غير معمولي طرح ٿي. "ڇڻ تہ هوءَ سندس انتظار ۾ هئي. مـِتيا اهو خيال ڪندي، ملاقات جي ڪمري ۾ گهڙيو. ڪيس ڏسندي گهر جي مالڪياڻي ڊوڙي پئي ۽ هن ظاهر ڪيو تہ هوءَ ان جي انتظار ۾ هئي."

"مان توکي ياد ٿي ڪيو، مان توکي ياد ٿي ڪيو." جيتوڻيڪ مون کي اِيئن وسهڻ لاءِ ڪوبہ سبب تہ نہ هو، تون پاڻ بہ ان کي سمجهي سگهين ٿو. پر ان هوندي بہ مون کي تنهنجي اچڻ جي اميد هئي. دمتري فيودوروِوچ تون شايد منهنجي هن حقيقت کي ڪرامت سمجهين، پر مان صبح کان وٺي، تنهنجي آمد جي پڪي ٿي اميد رکي."

"واقعي هيءَ عجب جهڙي حقيقت آهي، بيگم" مـِتيا ڪيس عاجزاڻي طرح چيو. "پر مان تو وٽ ضروري ڪم سان آيو آهيان.......... پر هيءُ نهايت ضروري ڪم آهي بيگم....... اهو منهنجو شخصي آهي......... ۽ مان تيزيءَ سان آيو آهيان....."

مان ڄاڻان ٿي، دمتري فيودوربياولوِوچ تہ تون نهايت ضروري ڪم سان آيو آهين. هيءَ ڪا الهامي شيءِ يا معجزو نہ آهي، (مربي زوسيما لاءِ ڪجهہ ٻڌو اٿيئي؟) جو مون کي اوهان جي اچڻ جي خبر پئي، بلڪ هيءُ هڪ رياضي جو دليل آهي. ڪيٽرينا ايونونا سان جو ڪجهہ گذريو. ان ڪان پوءِ تون پاڻ کي هيڏي اچڻ ڪان روڪي ئي نہ ٿي سگهين. انهيءَ ۾ ئي رياضي جي صداقت آهي.

"بيگم روزمره جي زندگيءَ جي اهائي حقيقت آهي، بس. مگر مونِ کي اجازت ڏي، تہ مان ان جي تشريح ڪريان."

هائو دمتري فيودورپاولووچ! اها ئي عين حقيقت آهي. مان بہ هاڻي اصل حقيقت جي پيروي جي طلبگار آهيان. معجزن ڏي ويندي، مان پڻ عبرت جو سبق حاصل ڪيو آهي. تو کي خبر آهي تہ مربي زوسيما گذاري ويو.

دمتري تورو متاثر ٿيندي ڪانئس پڇيو، تہ "تہ بيگم، ڇا هو گذاري ويو؟ هيءَ پهريائين اوهان کان تو ٻڌان." متپ عجب ۾ پئجي ويو ۽ اليوشا جو عڪس سندس دل ۾ اُڀرڻ لڳو.

"ڪالهہ رات ۾ اوهان خيال ڪيو تہ......"

مگر دمتري سندس جملي کي ڪاٽي، چوڻ لڳو تہ "بيگم، مان هن کان سواءِ ٻيو خيال ئي نہ ڪيو هو، تہ مان خود نااُميديءَ جي حالت ۾ آهيان ۽ جيڪڏهن تون مون کي مدد نہ ڪندين، تہ منهنجو سڀ ڪجهہ غم ۾ بدلجي ويندو. مان انهن کان اڳ ۾ تباهہ ٿي ويندس. مان توکان پنهنجي هن گفتگو جي لاءِ معافي ٿو گهران. پر اوهان کي خبر هجي تہ مون کي بحار آهي."

"مون کي خبر آهي، تہ توکي بحار اهي. مان سيني حالتن جي نشيب ۽ فراز کان آگاهہ آهيان. تون مون کي جو ڪجهہ چوڻ کهرين ٿو، اُن کان بہ باخبر آهيان. مان گهڻي وقت کان وني تنهنجي عاقبت تي ويچاريندي رهي آهيان. مان تنهنجي حالتن تي نگاهہ بہ وجهندي رهان ٿي ۽ مطالع بہ ڪندي رهان ٿي. فيودورووچ توکي هي خبر هئڻ کپي، تہ مان روح جي تجربيڪار طبيب آهيان."

"بيگم، جيڪڏهن تون تجربي ڪار طبيب آهين، تہ مان بہ تجربي ڪار مريض آهيان." متيا پنهنجي گفتگو ۾ ڪوشش تي ڪئي تہ هو حليمت کي اختيار ڪري. "مون کي احساس ٿو ٿئي، تہ جيڪڏهن تون اهڙيءَ ريت منهنجي قسمت جي نگراني ٿي ڪرين تہ تون ضرور منهنجي بربادي ۾ مون سان مدد ڪندينءَ، اُن ڪري مون کي اجازت ڏي تہ گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي اڳيان مان پنهنجي رٿ جي سمجهاڻي ڏيان، جنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ تو وٽ پنڌ ڪري آيو آهيان....... ۽ مون کي تو ۾ ڪهڙي اميد آهي...... بيگم توکي سمجهائڻ لاءِ آيو آهيان."

اُن جي تشريح نہ ڪر، اها ثانوي ضرورت آهي. جيستائين مدد جو سوال آهي، تون ڪو پهريون نہ آهين، جنهن جي مان مدد ڪريان ٿي. مان سمجهان ٿي، تو ضرور منهنجي سوٽ بيگم بيلميسوف بابت ٻڌو هوندو. سندس مرد تباهہ ٿي ويو هو، هو تڪليف ۾ اچي ويو هو، جيئن تون. مان ڪيس صلاح ڏني، تہ هو گهوڙن جي پرورش ڪري. هاڻي هو خوشحال آهي. دمتري فيودورپاولووچ توکي گهوڙن جي پرورش جو خيال چڱو لڳي ٿو.

مِـتيا پنهنجي ذهني بيصبريءَ ڪـان پريشان ٿـي، پنهنجي جاءِ ڪان اُٿـي بيـنـو ۽ واڪو ڪري چيائين، تـہ ”همت هارڻ نـہ گهرجي بيگم. همت هـارڻ نـہ گهرجي. مـان توکي عرض ڪريان ٿو تہ تون فقط منهنجي حقيقت کي ڌيان ڏيئي ٻڌ. مـون کـي آزاد گفتگو لاءِ فقط ٻہ منٽ ڏي، تـہ جيئن مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائي سگهان. سچي ٿـي رت، جنهن کي ڪٽي مان تو وٽ آيو آهيـان. اُن ڪـان سـواءِ مـون کـي تـمـام ٿـورو وقت آهي. مون کي نهايت جلدي آهي.“ مِـتيا جنوني ڪيفيت ۾ واڪـا ڪندو رهيـو. هـن محسوس ٿي ڪيو، تـہ هوءَ وري ڳالهائڻ شروع ڪري ڏيـندي، جنهـن کي هـن ٿـوري ۾ ئي قطع ڪرڻ گهريو ٿـي. ”مـان نـااُميـديءَ ۾ تـو وٽ آيـو آهيـان. اها منهنجي آخري نااُميدي آهي. مان توکي عرض ٿو ڪريان، تـہ مون کي ٽي هزار روبل قرض ڏي. جنهن جي لاءِ مـان نهـايت سلامتي واري ضمـانت ڏيـڻ گهـران ٿـو بيگم. جنهـن جي لاءِ مـان اعتبار جهڙو يقين ڏيارڻ گهران ٿو. مون کي فقط تشريح ڪرڻ ڏي......“

”تون مون کي هي سڀ ڪجهہ پـوءِ ٻڌائجـانءِ“ بيگـم هـائلڪوف جهٽڪـي سـان ايئن چوندي، پنهنجي واري تي سندس خاموشي تي چاهي. ”تون جو ڪجهہ مـون کـي ٻڌائيندينءَ، مان اُن کي اڳ ۾ ئي ڄاڻان ٿي. مان توکي اهو اڳ ۾ بہ ٻڌايـو آهـي. تـو ڪنهن رقم جي گهر ڪئي آهي، ٽي هزار روبل جي لاءِ، پر مان توکي وڌيڪ ڏينديس. اندازي کان وڌيڪ. مان توکي بچائي وٺنديس، دمتري فيودورپـاولووچ، پـر تـون مـون کي ڌيان سان ٻڌ.“

مِـتيا وري پنهنجي جاءِ تان اُٿڻ لڳو.

”بيگم، سچ پچ تـون ايڏي مهربـان ٿينديـن؟“ عجيـب جذبي سـان هـن رڙ ڪـري چيو. ”خدايا! تـو مـون کي هـڪ خطرنـاڪ موت کـان بچـائي روتـو آهي. هـڪ گوليءَ کان..... جنهن لاءِ منهنجي دائمي شڪرگذاريءَ کي قبول ڪر......“

”مان توکي وڌيڪ ڏينديس، بيحد گهڻو، ٽن هزارن کان مٿي.“ بيگم هائلڪوف روشن مشڪ سان مِـتيا جي پريشاني کي ڏسندي زور سان چيو.

”بي حد، پر مون کي وڌيڪ ضرورت نـہ آهي. مون کي انهن بـد بخت ٽـن هزارن جي ضرورت آهي. پنهنجي طرفان مان انهن پيسن جي ضمانت شڪرگذاريءَ سان ڏيـان ٿو. مان پنهنجي طرفان هڪ رٿ ڏيان ٿو، جا........“

”ڪافي آهي دمتري فيودورپاولووچ، جنهن چيو تنهن ڪيـو.“ بيگـم هـائلڪوف سندس جملي کي قطع ڪندي چيـو، جنهـن ۾ شرميلي سخاوت جي خوشي ٿـي ڏنـي. ”مان واعدو ڪيو آهي، تـہ توکي بچائي وٺنديس ۽ مان توکي بچائينديس، جهڙي ريـت بيلميسوف کي بچايو هيـم. دمتري فيودورپـاولووچ، سـون جي کـاڻين لاءِ تـون ڇا ٿـو خيال ڪرين؟“

”سون جون کاٺيون بيگم، مان انهن جي بابت ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي.“

”پر مان انهن کي تنهنجي لاءِ سوچيو آهي. مان ورائي ورائي سوچيو آهي. مان گذريل مهيني کان تنهنجي نگراني ڪندي رهي آهيان. تون جيئن گهمندو لنگهيو آهين، مان توکي سوين ڀيرا ڏسندي رهي آهيان ۽ پاڻ کي خطاب ڪندي رهي آهيان، تہ هن ماڻهو ۾ اُهي صلاحيتون آهن، جو سون جي کاڻين ۾ هجي. مان تنهنجي هلڻ جي انداز جو مطالعو ڪيو آهي ۽ هن نتيجي تي پهتي آهيان. تہ هيءُ ئي ماڻهو آهي، جو سون کي ڳولهي لهندو.“

”منهنجي هلڻ جي انداز مان بيگم؟“ مِتيا مشڪندي چيو.

”هائو تنهنجي هلڻ جي انداز مان. تون هن کان انڪار نہ ڪندين تہ هلڻ جي انداز مان انسان جي ڪردار کي معلوم ڪري سگهجي ٿو. سائنس هن خيال جي تائيد ٿي ڪري. مان هاڻي سائنس ۽ حقيقت پسنديءَ جي معتقد آهيان. هيءَ سڀ تبديلي مربي زوسيما جي باعث آهي، جنهن مون کي منجهائي ڇڏيو آهي. مان اُن ڏينهن کان حقيقت پسند بڻجي وئي آهيان. ۽ مان آئندهہ عملي مفاد جي شين لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي اصلاح ٿي چڪي آهي. ڪافي آهي، جيئن ترگنيف چيو آهي.“

”پر بيگم، تو وڏي مهربانيءَ سان مون کي ٽي هزار روبل قرض ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي.....“

”دمتري فيودورپاولووچ، اهي تنهنجا آهن. بيگم وري بہ سندس گفتگو کي قطع ڪندي چيو. پيسا ڄڻ تنهنجي کيسي ۾ پيا آهن. ٽي هزار نہ. پر ٽيهہ لک! سي بہ تمام ٿوري وقت ۾. مان توکي هن ڪم جو خاڪو پيش ڪنديس. تون سون جي کاڻين کي دريافت ڪر ۽ لکين روبل گڏ ڪري موٽي اچ ۽ وڏو ماڻهو بڻجي وڃ. اسان کي جاڳاءِ ۽ عمدن ڪمن جي طرف وٺي وڃ. ڇا اسان هي سڀ ڪجهہ يهودين کي ئي ڏيئي ڇڏيون؟ تون علمي ادارن جو بنياد رک ۽ سيني خير جي ڪمن ۾ ڀرو وٺ. تون غريبن کي مدد ڪري سگهندين ۽ هو توکي دعائون ڏيندا. هيءَ ريلوي جو زمانو آهي فيودورپاولووچ. تون مالي محڪمي جو لازمي طرح رڪن بڻجي ويندين، جو هاڻي بري حالت ۾ آهي. تون مشهور ٿي ويندين. روبل جي قيمت جي گهٽجڻ سبب اڪثر مان راتين جو جاڳندي آهيان. ماڻهن کي منهنجي هن پاسي جي خبر ئي نہ آهي......“

”بيگم، بيگم“ دمتريءَ سخت اضطراب جي حالت ۾ وچ ۾ دخل ڏيئي چيو، تہ ”مان سچ پچ اوهان جي مشوري تي هلندس. اوهان جي نيڪ صلاح تي بيگم..... مان

سون جي ڪاٽين ڏانهن روانو ٿي ويندس......... مان هن ڳالهه جي لاءِ وري اوهان سان اچي ملندس..... ڪيئي پيرا سچ پچ...... پر هاڻي اُهي ٽي هزار روبل جي اوهان وڏي مهربانيءَ سان مون کي ڏيڻا ڪيا آهن......... اُهي مون کي تڪليف کان آزاد ڪندا. پر جيڪڏهن اُهي اڄ ڏئين ته...... تون ڏسين ٿي ته مون وٽ منٽ به وڌو آهي ۽ مان اڄ هڪ منٽ به وڃائڻ نه ٿو گهران....." "بس بس دمتري فيودورپاولووچ بس!."

بيگم هائلڪوف، پنهنجي جملي تي زور ڏيندي ٽپي پئي. "سوال اهو آهي ته تون سون جي ڪاٽين ڏي ويندين يا نه؟ تنهنجو ارادو آهي به يا نه؟ جواب ڏي هائو يا نه؟"

"بيگم مان ڪجهه وقت کان پوءِ ويندس..... مان اوڏانهين ويندس، جيڏانهن تون چاهين ٿي.... پر هاڻي..."

"ترس"، بيگم هائلڪوف رڙ ڪري چيو ۽ ٽپو ڏيئي، پنهنجي دلڪش الماريءَ ڏانهن وئي، جنهن ۾ ڪيترائي خانا هئا. هوءَ هڪ خاني جي پويان ٻيو خانو کوليندي وئي. جن ۾ نااُميديءَ جي حالت ۾ ڪجهه ڳولهيندي رهي.

"ٽي هزار روبل" مِتيا خيال ڪيو. سندس دل ڇڻ ته ٻيهڻ لڳي هئي..."هيءُ سڀ ڪجهه هن ئي گهڙيءَ ۾ ....... سواءِ ڪنهن ڪاغذ ۽ قبوليت جي! واقعي هيءَ وڏي وضعداري آهي. هيءَ ته عجيب نيڪ عورت آهي، پر جيڪڏهن منجهس گهٽي ڳالهائڻ جي عادت نه هجي."

"هيڏي" بيگم هائلڪوف کيس رڙ ڪري چيو. هوءَ خوشيءَ مان وري مِتيا ڏي ڊوڙي آئي. "اجهو هيءَ شيءِ هئي، جنهن کي مون ڳولهيو ٿي!"

هيءُ هڪڙو چانديءَ جو ننڍڙو مجسمو هو، جو هڪ ڌاڳي ۾ پوتل هو. اهو اهڙي قسم جو هو، جو ڪڏهن صليب سان گڏ پهريو ويندو آهي.

"هي ڪيف جي شهر مان آيو آهي، دمتري فيودورپاولووچ". هوءَ بزرگن وانگر ڳالهائيندي وئي. مقدس شهيد واراويرا جي نشانين مان آهي. مان اُن کي تنهنجي ڳچي ۾ وجهان ٿي، جنهن کان تنهنجي نئين حياتيءَ جو آغاز ٿئي ٿو."

هن سچ پچ اُهو ڌاڳو سندس ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ اُن کي ناهڻ لڳي. مِتيا انتهائي بي صبريءَ ۾، هيٺ جهڪيو ۽ کيس مدد ڪرڻ لڳو. آخر هن اُن کي نيڪٽاءِ جي هينان آندو ۽ قميص جي ڪالر کان هيٺ سيني ڏي وڌائي ڇڏيائين.

"هاڻي تون پلي وڃ" بيگم هائلڪوف اِئين چوندي بيحد خوشيءَ مان وري پنهنجي جاءِ تي ويهندي چيو.

"بيگم، مان توهان کان بيحد متاثر ٿيو آهيان. مان نه ٿو ڄاڻان ته ڪهڙي ريت توهان جو شڪريو ادا ڪريان..... سچ پچ.... تنهنجي ايڏي مهرباني لاءِ، پر.......

جيڪر توهان کي خبر هجي ها، تہ منهنجو وقت ڪيڏو نہ قيمتي آهي..... رقم جنهن جي لاءِ مان اوهان جي مهربانين جو مقروض ٿي رهندس.... بيگم جيئن تہ تون مون تي بيحد مهربان آهين ۽ منهنجي احساس ڪان بہ وڌيڪ (مِتيا بي اختياريءَ مان ڳالهائيندو ويو.) مان اُن ڪري تو وٽ ظاهر ڪرڻ گهران ٿو..... جيتوڻيڪ تون اُن کي گهڻي وقت کان ڄاڻين ٿي...... تہ مان هتي ڪنهن سان محبت ڪريان ٿو..... مان ڪيٽيا سان بي وفائي ڪئي آهي........ مون کي ڪيس ڪيٽرينا ايونونا ڇوڻ گهرجي. افسوس منهنجي روش ساڱس انسانيت سوز ۽ بي عزتيءَ واري رهي آهي. مان هتي ڪنهن ٻي عورت جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪو آهيان..... اُها عورت، جنهن کي بيگم اوهان نفرت جي نگاهن سان تا ڏسو. ڇاڪاڻ تہ اوهان کي سڀني ڳالهين جي خبر آهي. پر مان اُن کي پنهنجي طرف کان ڇڏي نہ ٿو سگهان. اُن ڪري ٽي هزار هاڻي......"

بيگم هائلڪوف نهايت فريبي نموني ۾ چوڻ لڳي، تہ "دمتري فيودورپاولووچ سڀني ڳالهين کي ڇڏي ڏي. خاص طرح عورت کي. تنهنجي نگاهہ جو مرڪز سون جون کاڻيون هئڻ گهرجن. اهڙي حالت ۾ اتي ڪنهن بہ عورت جو مقام ٿي نہ ٿو سگهي. پوءِ جڏهن تون مشهور ۽ شاهوڪار ٿي موٽندين، پنهنجي دل موافق ڪنهن مٿانهين سماج واري ڇوڪريءَ کي انتخاب ڪجانءِ. اُها هڪ جديد قسم جي ڇوڪري هوندي. تعليم يافتہ ۽ خيالن ۾ ترقي پذير. ايندڙ دور ۾ جديد عورتن جو سوال حل ٿي ويندو ۽ جديد عورت پيدا ٿي ويندي."

"بيگم، منهنجو خيال اهو نہ آهي، ڪڏهن بہ نہ ....." مِتيا پنهنجي هٿن کي نااُميديءَ ۾ مهٽيندو رهيو.

هائو دمتري فيودورپاولووچ، اهو ئي خيال آهي، جنهن جي توکي گهرج آهي. انهيءَ ئي شيءِ لاءِ تڙپندو رهين ٿو، جيتوڻيڪ توکي ان جي لاءِ ڪوبہ احساس ڪونہ آهي. مان موجوده عورت جي تحريڪ جي هروڀرو خلاف بہ نہ آهيان، دمتري فيودورپاولووچ. عورت جي اصلاح ۽ قريبي مستقبل ۾ سندس سياسي آزادي منهنجو مقصد آهي. مون کي بہ پنهنجي ڌيءَ آهي، پر ماڻهو منهنجي طرف کان بي خبر آهن. مان هڪ خط اُن مضمون بابت مصنف شسندرين کي لکيو آهي. هن مون کي عورت جي صلاحيت بابت گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي. سو گذريل سال، مان ڪيس ٻن سٽن ۾، هڪ گمنام خط لکي موڪليو، تہ مان توکي جديد عورت جي طرفان پيار ڪريان ٿي. ثابت قدم رهجو. مان اُن تي صحيح ڪئي، هڪ ماءُ . مان خيال ڪيو تہ اُن تي مان پنهنجي صحيح 'همعصر ماءُ' وجهان، مگر اُن جي ترديد ڪري، سادي صحيح 'هڪ ماءُ' ڪافي

سمجهيم. دمتري فيودورپاولووچ هن ۾ هڪ اخلاقي دلڪشي آهي. لفظ همعصر ڪان ممڪن هو تہ سندس ذهن ۾ ڪا تلخي پيدا ٿئي. خدايا! توکي ڇا آهي؟"

مِتيا آخر پنهنجي جاءِ ڪان ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ اُن جي سامهون پنهنجي هٿن کي مهٽيندي چيائين تہ "بيگم جيڪڏهن تون دير وجهنديءَ تہ مون کي تنهنجي بلند همٿيءَ تي روئڻ اچي ويندو."

"ها، روءَ. دمتري فيودورپاولووچ روءَ. اهو شاندار جذبو آهي....... اهو ئي رستو تنهنجي اڳيان کليل آهي! ڳوڙها ئي تنهنجي دل کي آرام ڏيئي سگهن ٿا ۽ اُنهن جي هارڻ کان پوءِ، ئي توکي خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي. تون سائبيريا کان مون وٽ هن نقطۂ نگاهہ کان موٽي ايندين ۽ پنهنجي خوشيءَ ۾ مون کي شريڪ ڪندين."

"مون کي اجازت ڏي." مِتيا زور سان چيو تہ "مان آخري طرح اوهان کي عرض ڪري چڪو آهيان، مون کي اُها رقم جنهن جو اوهان وعدو ڪيو آهي، اڄ ملندي؟ جيڪڏهن نہ تہ مان اُن کي ڪڏهن وٺڻ اچان؟"

"ڪهڙي رقم دمتري فيودورپاولووچ؟"

"ٽي هزار روبل جنهن جو اوهان واعدو ڪيو آهي؟..... اُنهن جي لاءِ اوهان جي وڏي مهرباني."

"ٽي هزار روبل؟ نہ نہ مون وٽ ٽي هزار ڪٿان آيا؟" بيگم هائلڪوف نهايت سنجيده تعجب سان ڪيس جواب ڏنو. مِتيا حيرت زدهہ رهجي ويو.

"ڇو، "تو هاڻي تہ چيو هو........... تو اهڙي ريت چيو هو، ڄڻ تہ اها رقم منهنجي مٺ ۾ آهي....."

نہ، نہ. تو غلط سمجهيو آهي، دمتري فيودورپاولووچ. توکي هن معاملي ۾ غلطي ٿي آهي. مان سون جي کاڻين جي ڳالهہ ڪري رهي هيس. هي سچ آهي تہ مون توسان، انهيءَ رقم کان بہ وڌيڪ جو وعدو ڪيو آهي. يقيناً ٽن هزار روبلن کان مٿي. مون کي هاڻي بہ چڱي طرح ياد آهي. پر منهنجو حوالو سون جي کاڻين لاءِ هو."

"پر رقم؟ ٽي هزار روبل؟" مِتيا اڻ وٽندڙ لهجي ۾ چيو.

"اڙي جيڪڏهن تنهنجو مطلب ڪنهن رقم کان هو، تہ مون وٽ تہ هڪ پيسو بہ ڪونہ آهي. مان تہ پنهنجي ڪوچبان سان پيسي جي لاءِ بہ وڙهندي رهان ٿي. مان تازو ميوسوف کان 500 روبل قرض ورتو آهي. نہ نہ، مون وٽ ڪو بہ پيسو ڪونہ آهي، پر دمتري فيودورپاولووچ، توکي خبر آهي. مون وٽ جيڪڏهن ڪجهہ هجي بہ ها، تہ توکي ڪڏهن بہ نہ ڏيان. پهريائين تہ مان ڪنهن کي قرض نہ ڏيندي آهيان. قرض ڏيڻ جي معنيٰ دوستي وڃائڻ ۽ مان خاص طرح تہ جيڪر توکي اصل قرض نہ ڏيان.

چاڪاڻ تہ مان توکي پسند ڪريان ٿي ۽ توکي بچائڻ گهران ٿي. توکي سون جي ڪاٺين جي گهرج آهي. سون جون ڪاٺيون، سون جون ڪاٺيون.“

مِتيا گجندي چيو، ”شيطان ڪتان جي!“ پنهنجي پوري زور سان هن مٺ ڪي ميز تي هنيو.

اڙي، اڙي، بيگم هائلڪوف دهشت زده ٿي چيو ۽ ملاقات جي ڪمري جي ٻي پڇاڙيءَ تي وڃي پهتي.

مِتيا، زمين تي تُڪ ڦٽي ڪئي. ڏگها ڏگها قدم کڻندي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويو ۽ اونداهي گهٽيءَ ۾ وڃي پهتو. هو اهڙي نموني سان گهمي رهيو هو، ڄڻ تہ پنهنجي سيني کي ڌڪ هڻي رهيو آهي. هو انهيءَ جاءِ تي پهچي ويو، جتي ٻہ ڏينهن اڳ ۾ هن پاڻ کي، اليوشا جي سامهون ڌڪ هنيا هئا. سندس سيني تي هنن ڌڪن ڪان ڪهڙو مطلب هو؟ اهو وقت جي لحاظ کان هڪ راز هو. جنهن جي دنيا ۾ ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي. جنهن جي اليوشا کي بہ خبر نہ هئي. پر هيءُ راز اُن جي لاءِ پريشانيءَ کان بہ گهڻو مٿي هو. اُن جو مطلب هو، بربادي ۽ خودڪشي. هن محڪم ارادو ڪيو هو، تہ جيڪڏهن هو ٽي هزار روبل حاصل ڪري نہ سگهيو ۽ ڪيٽرينا ايونونا کي قرض ڏيئي، اُن بار کي سيني تان هلڪو ڪري نہ سگهيو، تہ انهيءَ داغ کي جو سيني تي لڳل آهي، اُن کي صاف ڪندو. اُن بيشرميءَ کي، جا سندس ضمير تي سوار آهي دور ڪندو. هيءُ سڀ تفصيل سان پڙهندڙ جي اڳيان بعد ۾ پيش ڪندس. پر هاڻي جڏهن سندس آخري اُميد بہ موڪلائي وئي، ايڏو سارو ڏسڻ جو ڏيل، بيگم هائلڪوف جي گهر کان ٿورا قدم اڳتي هلي، ٻار وانگر روئڻ لڳو. هو هلندو رهيو. جيتوڻيڪ ڪيس ڪا بہ خبر نہ ٿي پئي، تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي؟ هو پنهنجي اکين جا ڳوڙها، هٿ جي مُٺ سان اُگهي رهيو هو. اهڙي ريت هو چونڪ وٺ پهتو. اوچتو هن محسوس ڪيو، تہ هو ڪنهن شيءِ سان ٽڪرجي ڪريو آهي. هن متاثر ڪرڻ واري دانهن ٻڌي. اُها هڪ پوڙهي عورت جي هئي، جنهن کي هن ڪيرائي وڌو هو.

”خدايا! تو تہ مون کي ذري گهٽ ماري ڇڏيو هو. تون ڇگيءَ ريت ڇو نہ ٿو ڏسين؟ پر تون وڃي ڪيڏانهن رهيو آهين وحشي؟“

”اڙي تون آهين؟“ مِتيا رڙ ڪري چيو. هن اونداهي ۾ پوڙهي عورت کي سڃاڻي ورتو هو. هيءَ سامسونوف جي پوڙهي نوڪرياڻي هئي. جنهن کي مِتيا خاص طرح اُن ڏينهن تي ڏٺو هو.

”پر تون ڪير آهين؟ نيڪ بخت؟“ پوڙهيءَ بلڪل جداگانہ لهجي ۾ چيو ”مان توکي اونداهي ۾ سڃاڻي نہ ٿي سگهان!“

”تون ڪزوماڪزمچ وٽ رهندي آهين. تون اُتي نوڪري ۾ آهين نہ ؟“

”ايئن برابر آهي سائين. مان پروهورچ تي ويس. پر مان توکي هاڻي نہ ٿي سڃاڻان.“

”منهنجي نيڪ عورت، مون کي بڌاءِ تہ اگرافينا اليگزينڊرووينا، هاڻي اُتي هئي؟“ مِتيا ڪيس شڪ گڏيل خيال سان چيو. ”مان ٿورو وقت ٿيو، ڪيس اوڏانهن ويندي ڏٺو هو.“

”هوءَ اُتي هئي سائين. ٿورو وقت ترسي ۽ وري هلي وئي.“

”ڇا؟ هلي وئي؟“ مِتيا رڙ ڪري چيو. ” پر هوءَ ڪهڙي وقت وئي؟“

”اڙي، اڙي، “ ڪراڙي عورت هبڪندي چيو، پر مِتيا وڃي چڪو هو.

هوُ گروشينڪا جي گهر ڏي پوري زور سان ڊوڙيو. هوُ اُن وقت اُتي پهتو، جڏهن هوءَ ماڪروءَ جي رستي تي هئي. هوُ سندس وڃڻ کان پندرنهن منٽ ڪن پوءِ پهتو.

فينا پنهنجي ڏاڏيءَ سان اُتي موجود هئي. پوڙهي بورچياڻي ميٽرونا رڌڻي ۾ هئي. ڪپتان اندر گهڙي آيو. ڪيس ڏسندي ئي فينا کان رڙ نڪري وئي.

مِتيا رڙ ڪري چيو تہ ”تون تہ رڙيون ٿي ڪرين، پر هوءَ ڪٿي آهي؟“

انهيءَ کان اڳي جو هوءَ خوفزده ڪجهہ ڳالهائي، هوُ ڍير وانگر سندس پيرن ۾ ڪري پيو ۽ ڪيس چوڻ لڳو تہ ”فينا، مسيح جي صدقي بڌاءِ تہ هوءَ ڪٿي آهي؟“

”منهنجا پيارا دمتري فيودورپاولووچ، مون کي ڪابہ خبر نہ آهي. مون کي پلي ماري ڇڏ، پر مون کي ڪابہ خبر نہ آهي.“ فينا قسم کڻڻ لڳي ۽ اعتراض ڪرڻ لڳي تہ ”گهڻو وقت ٿيو، تون تہ اُن سان گڏجي ويو هئين.....“

”هوءَ موٽي آئي آهي.“

”سچ پچ، هوءَ هيڏي نہ آئي آهي. مان خدا جو قسم کڻي چوان ٿي، تہ هوءَ هيڏي نہ آئي آهي.“

”تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين،“ مِتيا ڪيس چيو، ”مان تنهنجي خوف مان ڄاڻان ٿو تہ هوءَ ڪٿي آهي؟“

هو تيزيءَ سان هليو ويو. خوفزده فينا خوش ٿي، تہ سندس جان جلدي ڇٽي وئي. پر هن ضرور سمجهيو تہ هوُ تڪڙ ۾ هو، ان ڪري ايئن ٿيو، نہ تہ ايترو جلدي سندس جان ڪين ڇٽي ها. پر جيئن هوُ ٻوڙيندو تي ويو، ڪيس فينا ۽ پوڙهي ميٽريونا جي غير معمولي حرڪتن تي عجب ٿي لڳو، ميز تي ٽامي جي ڪونڊي رکي هئي، جنهن ۾ ٽامي جو ننڍڙو ڏنڊو بہ هو، جو ڇهن انچن کان مٿي نہ هو. مِتيا اڳ ۾ ئي، هڪ هٿ سان دروازو کوليو ۽ ٻئي هٿ سان اُن ڏنڊي کي کڻي کيسي ۾ وڌائين.

”خدايا! هيءُ ڪنهن کي خون ڪندو“ فينا هٿن کي مهٽيندي رڙ ڪندي چيو.

باب چوٿون

# اونداهيءَ ۾

هوُ ڪيڏانهن ڊوڙي رهيو هو؟ فيودورووچ پاولووچ ڪان سواءِ، هوءَ ٻي هنڌ ڪٿي هوندي؟ هيءَ هاڻي صاف هو تہ هوءَ سامسونوف ڪان، اُن ڏي ئي وئي آهي. هيءُ سڄو منصوبو هو ۽ ظاهر ظهور فريب! هيءُ خيال سندس دماغ ۾ چڪر لڳائيندا رهيا. هوُ ماريا ڪوندٽريونيا ڏي ڪونہ ويو " اُن ڏي وڃڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي...... ذري جيتري بہ ضرورت ڪانہ آهي..... هوُ ڪوبہ خطري جو آواز نہ ڪندو...... هيءُ تہ سنئون سڌو ڪيس ٻڌائيندا... ماريا ۽ سميرڊياڪوف، ٻئي هن منصوبي ۾ شامل نظر اچن ٿا. سيني کي هنُ خريد ڪري ورتو آهي."

هن پنهنجي عمل جو نئون طريقو سوچيو. هوُ فيودورپاولووچ جي گهر جي چوڏاري، ايڏو ڊگهو رستو ڊوڙندو رهيو. گهٽيءَ ڪان ٽپي، دمترووسڪي رستي ڪان ڊوڙندو، ننڍي پل تي پهتو. اُتان سڌو اُن پٺ واري ويران ڪوني وٽ اچي نڪتو. اُها خالي هئي ۽ اُن ۾ ڪو بہ نہ رهندو هو. اُن جي هڪ پاسي ڪان پاڙيسريءَ جي رڌڻي جي باغ جو لوڙهو هو. اُن جي پرسان نهايت مضبوط ۽ بلند، فيودورپاولووچ جي باغ جو لوڙهو هو. هوُ ان جي چوڌاري ڊوڙندو رهيو. آخر هن هڪ جاءِ کي چونڊيو. هيءَ اُها ساڳي جاءِ هئي، جنهن کي هنُ گذريل روايت موجب بخوبي ڄاتو ٿي، تہ هڪ پيري لزاوٽيا، اُن تي چڙهي وئي هئي. هن خيال ڪيو تہ "جيڪڏهن هڪ عورت اُن تي چڙهي سگهي ٿي، تہ پڪ سان مان بہ اُن تي چڙهي ويندس." خدا ڄاڻي، اهو خيال سندس دل ۾ الائي ڪيئن آيو. هن ٽپو ڏنو ۽ لوڙهي جي مٿان وڃي وينو. باغ ۾ پرسان غسل خانو هو. پر هوُ لوڙهي ڪان گهر جي دري بہ ڏسي سگهيو ٿي، جنهن مان روشني اچي رهي هئي.

"هان، پوڙهي جي سمهڻ واري ڪمري ۾ روشني آهي. هوءَ يقيناً اتي آهي!" هوُ ٽپو ڏئي، لوڙهي ڪان هيٺ باغ ۾ آيو. جيتوڻيڪ ڪيس خبر هئي، تہ گريگري بيمار آهي ۽ سميرڊياڪوف بہ ۽ ڪيس ڏسڻ وارو ٻيو هيوئي ڪونہ. پر اُن هوندي بہ هن پاڻ کي لڪائي ڇڏيو. هوُ خاموش ويٺو رهيو ۽ ڌيان ڏئي ٻڌڻ لڳو. پر هتي بلڪل خاموشي هئي ۽ چوڌاري چپ چپات. ايتري قدر جو هوا جو بہ ڪو ڪڙڪو ڪونہ هو. بلڪل خاموشي هئي. ڪو دليل وارو خيال سندس دل ۾ جاڳيو. مان سمجهان ٿو تہ لوڙهي جي مٿان، مون کي ٽپو ڏيندي، ڪنهن نہ ڏٺو آهي. هڪ منٽ جي ترسڻ ڪان پوءِ، هوُ آهستي باغ ۾ گاهہ مٿان گهمڻ لڳو. وڻن ۽ ٻوٽن ڪان پاسو ڪندو ويو. هر قدم تي چورن وانگر چرندو تي ويو. فقط پنهنجي قدمن جي آواز کي ٿي ٻڌائين. فقط

پنجن منٽن ۾ هوُ روشنيءَ واري دريءَ وٽ وڃي پهتو. ڪيس ياد آيو. تہ دريءَ جي هيٺان ڪيئي ڪنڊن وارا ٻوٽا ۽ اوپڙ موجود آهن. ڪٻي هٿ تي باغ ڏانهن ڪلنڊڙ دروازو بند هو. هنُ دروازي جي لنگهہ ڪي ڪنهن مقصد سان پوري ريت جاچي ڏٺو. آخر اُهو اُن ٻوٽن تائين پهتو ۽ اُنهن ۾ لڪي ويو. هنُ پنهنجي ساهہ کي روڪيو. هنُ خيال ڪيو. تہ ڪيس اُتي ترسڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن سنڌس قدمن جي آواز کي ٻڌو بہ آهي تہ کين سنڌس بابت پڪ ٿي ويندي ۽ هوُ ڏسي وٺندا. "مون کي نہ کنگهڻ گهرجي نہ زور سان ساهہ کڻڻ گهرجي."

هوُ بہ منٽ ترسيو. سنڌس دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. اهڙي حالت ۾ بہ هوُ مشڪل سان ساهہ کڻي رهيو هو. هن خيال ڪيو تہ دل جي هيءَ ڌڪ ڌڪ ڪڏهن بہ بس نہ ٿيندي ۽ مان گهڻو وقت ترسي نہ ٿو سگهان. هوُ هڪ ٻوٽي جي پويان، پاڇي ۾ بيٺو هو. دريءَ جي روشني، ٻوٽي جي اڳئين حصي تي پئجي رهي هئي.

"ڪهڙيون نہ اڇيون ۽ ڳاڙهيون ٻيريون سهڻيون آهن!" ٻنا ڪنهن ارادي جي هوُ چوڻ لڳو. هوريان هوريان ٻنا ڪنهن لڙُ ۽ گوڙ جي، هوُ قدم بہ قدم وڃي دريءَ وٽ پهتو ۽ ڪڙين تي بيهي رهيو. هاڻي فيودورپاولووچ جي سمهڻ وارو ڪمرو سڄوئي سنڌس سامهون هو. هيءَ ڪا وڏي ڪوٺي نہ هئي. ڳاڙهي پردي سان هوءَ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. اهو ڪپڙو چيني هيو. جيئن فيودورپاولووچ اُن کي سڏيو ٿي. چيني مِتيا جي اندر ۾ بجلي وانگر چمڪو ڏنو. هن خيال ڪيو تہ اُن پردي جي پويان گروشينڪا موجود آهي. هوُ فيودورپاولووچ کي جاچڻ لڳو. جنهن کي نئون پٽاپٽي ريشم جو، شب خوابي جو چوغو پيل هو. جنهن کي مِتيا اڳ ۾ ڪونہ ڏٺو هو. سنڌس چيلهہ جي چوڌاري ريشمي ڏوري ٿي ڏني. هڪ صاف سٿري، لوُن جي قميص، سونن بٽڻن سان، چوغي جي ڪالر جي اندران صاف ٿي نظر آئي. فيودورپاولووچ جي مٿي تي هڪ سرخ پٽي هئي، جنهن کي اليوشا ڏٺو هو.

"هن چڱيءَ ريت پاڻ کي سينگاريو آهي." مِتيا سو چيو.

سنڌس پيءُ دريءَ جي ڀرسان بيٺو هو ۽ پنهنجي خيالن ۾ گم هو. اوچتو هنُ پنهنجي مٿي کي لوڏيو. ويرم لاءِ ڌيان ڏئي ٻڌڻ لڳو. جڏهن ڪو بہ آواز نہ ٻڌائين تڏهن ميز ڏي ويو. بي پرواهيءَ سان اڳتي وڌيو ۽ دريءَ مان اڌورو گلاس براندِيءَ جو کڻي پي ويو. اُن کان پوءِ ٿڌو ساهہ کنيائين. گهڙي کن بيهي رهيو ۽ پٽ ۾ لڳل آئيني ڏانهن ويو. سڄو هٿ مٿي کنيائين. مٿي جي پٽي کي ٿورو مٿي ڪري زخمن ۽ نشانن کي غور سان ڏسڻ لڳو. جي اڃا پنهنجي جاءِ تي موجود هئا.

"هيءُ اڪيلو آهي." مِتيا خيال ڪيو تہ" هيءُ يقيناً اڪيلو آهي."

فيودورپاولووچ، آئيني کان اڳتي وڌيو، اوچتو دريءَ ڏي هليو آيو ۽ ٻاهر نهاريائين. مِتيا هڪدم پاڇي ڏانهن سرڪي ويو.

”تي سگهي ٿو تہ هوءَ پردي جي پوئتان هجي ۽ هاڻي ننڊ پئي هجي.“ هن دل ۾ سٽ محسوس ڪئي. فيودورپاولووچ، دريءَ کان سرڪي ويو. ”هو اُن جي لاءِ دريءَ کان نهاري رهيو آهي ۽ هوءَ وٽس ڪانہ آهي. هو نہ تہ ڇو، اونداهي ۾ گهوري نهاري. هوءَ اتي نہ آهي ۽ هيءُ بي صبريءَ کان وحشي بڻجي ويو آهي.“.... مِتيا وري پوئتي هٽي ويو ۽ وري دريءَ مان نهارڻ لڳو. پوڙهو ميز جي پرسان وينو هو. هو بلڪل نااُميد ٿي ڏنو. آخر هن پنهنجي نونٹ ميز تي رکي ۽ پنهنجي سڄي ڳل کي هٿ تي ٽيڪ ڏنائين. مِتيا ڪيس وڏي شوق مان ڏسڻ لڳو.

”هيءُ اڪيلو آهي، هيءُ اڪيلو آهي.“ هو ورائي ورائي چوڻ لڳو. ”هوءَ جيڪڏهن هتي هجي ها، تہ سندس چهرو ٻيءَ طرح هجي ها.“

عجب جهڙي ڳالهہ هئي جو، گروشينڪا جي غير موجودگيءَ سبب، منجهس غصي جي رڳ ڦڙڪي اُٿي. انهيءَ حالت کان متاثر ٿي چيو، تہ اُن جي نہ هئڻ سبب، منهنجي دل ۾ غصو نہ آهي، جيڪڏهن آهي بہ تہ انهيءَ لاءِ، چاڪاڻ تہ مون کي خبر نہ آهي تہ هوءَ ڪٿي آهي؟ مِتيا پوءِ ياد ٿي ڪيو، تہ اُن وقت سندس دل خاص طرح صاف هئي ۽ هن هر شيءِ کي تفصيل سان ٿي ڏنو. ڪا بہ ڳالهہ هن کان نہ ٿي ڳُتي. اُن هوندي بہ سندس اضطراب ۽ شڪ، دل ۾ سخت کان سخت ٿيندو ٿي ويو. هنُ اوچتو پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو ۽ پنهنجو هٿ ڪڍي دريءَ جي طاق کي آهستي کڙڪايائين. هنُ اُهي ساڳيون نشانيون ڪم آنديون، جي پوڙهي ۽ سميرڊياڪوف جي وچ ۾ مقرر ٿيل هيون. بہ ڀيرا آهستي ۽ ٽي ڀيرا جلدي. انهيءَ اشاري جو مطلب هو تہ گروشينڪا موجود آهي!

پوڙهي کان ڇرڪ نڪري ويو، هن پنهنجي مٿي کي لوڏو ڏنو. تڪڙ ۾ ٽپو ڏيئي اُٿيو ۽ دريءَ ڏي ڊوڙيو. مِتيا، وري پاڇي ۾ سرڪي ويو. فيودورپاولووچ دريءَ کي کوليو ۽ اُن مان پنهنجو سڄو مٿو ٻاهر ڪڍيائين ۽ چوڻ لڳو:

”گروشينڪا تون آهين؟ تون آهين؟“ سندس آواز جيتوڻيڪ ڀڪي وانگر هو، پر پئي ٿي ڏڪيو. ”تون ڪٿي آهين؟ منهنجا فرشتا؟ تون ڪٿي آهين؟“ هو جوش ۾ خوفزدهہ هو ۽ ساهہ کڻي نہ ٿي سگهيو.

مِتيا کي يقين ٿي ويو تہ هو اڪيلو آهي.

”ڪٿي آهين؟“ پوڙهي زور سان چيو. هن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو ۽ پوءِ ڪلهن تائين نڪري ويو. ڪٻي ۽ سڄي نهاري چوڻ لڳو تہ ”هيڏي اچ. مون وٽ تنهنجي لاءِ سوکڙي آهي، اچ تہ ڏيکاريانءِ.“

”هان! سندس مطلب تن هزارن کان آهي.“ مِتيا سوچيو.

”پر تون ڪٿي آهين، دروازي وٽ. مان اُن کي کوليان ٿو.“

پوڙهو ذري گهٽ دروازي جي مٿان چڙهي ويو. هوُ سڄي طرف جتي باغ جو دروازو هو، نهارڻ لڳو. وڏي ڪوشش سان اونداهي ۾ هيڏي هوڏي گهورڻ لڳو ۽ هوُ سيڪنڊ کان پوءِ، گروشينڪا جي آواز ٻڌڻ کان سواءِ ئي دروازي کولڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

مِتيا، هيڏي هوڏي ٿيڻ کان سواءِ، ڪيس ڏٺو. پوڙهي جي چهري جي تصوير، جنهن کي هن نفرت سان ڏٺو، حضرت آدم عليہ السلام جي صورت وانگر لڙڪيل ٿي ڏٺي. سندس نوڪدار نڪ، سندس چپ جي شهواني شوق ۾ مرڪي رهيا هئا. فانوس جي روشنيءَ ۾، جا ڪمري جي ڪبي طرف کان ٿي آئي. صاف ڏٺا. مِتيا جي دل ۾ اوچتو خطرناڪ نفرت جو جذبو پيدا ٿيو. سندس رقيب موجود هو. هيءُ اُهو ماڻهو هو، جنهن سندس زندگيءَ کي عذاب ۾ وجهي ڇڏيو هو. هيءَ اهڙي تہ جوش پري ۽ انتقام ۽ غصي واري باهہ هئي، جنهن بابت هن چار ڏينهن اڳ ۾ وڻن جي جُهنڊ ۾، اليوشا جي هن سوال تي تہ ”تون پنهنجي پيءُ کي مارينديں؟“ هنُ چيو هو تہ ”مون کي خبر نہ آهي، تہ مون کان ڇا ٿي گذرندو! شايد مان هن کي نہ ماريان يا ماري ڇڏيان. مون کي خوف ٿو ٿئي، تہ هوُ منهنجي لاءِ ڪنهن وقت گهٽي نفرت جهڙو نہ بڻجي وڃي. مان سندس ٻٽي ڪاڏي، سندس نڪ ۽ سندس اکين ۽ سندس بيشرميءَ جي نگاهن کي نفرت سان ٿو ڏسان. مون ۾ شخصي طرح ڪراهت پيدا ٿي وڃي ٿي. مون کي اُن جي لاءِ ڏڪار آهي ۽ شايد مان اُن کي برداشت ڪري نہ سگهان......“ هيءَ شخصي نفرت هاڻي سَهڻ کان نڪرندي ٿي وئي، هوش ۾ هوندي بہ هن اوچتو تامي جو ڏنڊو پنهنجي کيسي مان ڪڍي ورتو.

”خدا مون کي اُن وقت ڏسي رهيو هو.“ مِتيا پوءِ پاڻ ٻڌايو ٿي. اُن وقت گريگري پنهنجي بيماري جي بستري تي جاڳي پيو. ساجهري شام جو، هوُ علاج هيٺ آيل هو. جنهن جو ذڪر سميرڊياڪوف ايون سان ڪيو هو. هن پنهنجي سڄي بدن کي ڪنهن پراسرار عرق سان مالش ڪئي هئي ۽ اُن جي بچيل حصي کي پيتو هئائين. اُن وقت مارفا دعا ٿي گهري. سندس ننڊ کان پوءِ هن بہ اُن عرق کي پيتو ۽ اُن جي اَثر کان مُردي وانگر، مڙس جي پاسي ۾ پئجي رهي.

پر گريگري رات جو ننڊ مان اوچتو جاڳي پيو. ٿوري وقت جي خيال کان پوءِ، جيتوڻيڪ هن پٺ ۾ تيز سور کي محسوس ڪيو بہ. اُٿي وينو. هنُ پوءِ جاڳي واڻي، اُٿي تڪڙ ۾ ڪپڙا پاتا. شايد سندس ضمير ۾ بي چيني پيدا ٿئي هئي، ڇاڪاڻ تہ سڄو گهر غير محفوظ هو ۽ هوُ ننڊ ۾ هو. سو بہ اهڙي تڪليف واري زماني ۾. سميرڊياڪوف،

پنهنجي بيهوشيءَ جي حملي سبب، ٻي ڪمري ۾ ڪنهن ٻه ٽُر پُر ڪان سواءِ ٻي خبر پيو هو. مارفااگناتيانا به ٻي حرڪت پئي هئي. گريگري ڪيس نهاريندي چيو ته: ”اهڙي قسم جي شيءِ عورت جي لاءِ تمام خراب آهي.“ ايئن پٽڪندو، هو ڏاڪن ڏي هليو ويو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته سندس مقصد فقط اهو هو، ته فقط ڏاڪڻ ڪان نگاهه ڪري، ڇاڪاڻ ته هو پنڌ ڪرڻ جي لائق نه هو. سندس پنيءَ ۽ سڄيءَ ٽنگ ۾ سور برداشت ڪان ٻاهر هوس. پر اوچتو کيس ياد آيو، ته هن، شام جو باغ جي دروازي کي قلف نه ڏنو هو. هو نهايت وقت تي ڪم ڪندڙ ۽ سوچڻ وارو ماڻهو هو، ڪيتري وقت ڪان نه تبديل ٿيندڙ عادتن جو عادي هو، جيڪي هو سالن ڪان اختيار ڪري چڪو هو. سور سان ڏڏندو ۽ لڏندو، هو ڏاڪڻ ڪان لهي باغ ڏي ويو. هن دروازي کي ڪليل ڏٺو. خود بخود سندس قدم باغ ڏي هلڻ لڳا. ٿي سگهيو ٿي، ته ڪنهن شيءِ جو کيس احساس ٿيو هجي يا ٿي سگهي ٿو، ته هن ڪو آواز ٻڌو هجي. ڪٻي طرف ڏي ڏسندي، هن پنهنجي آقا جي دري کليل ڏٺي. اُن وقت اُن مان ڪنهن به نه ٿي نهاريو. ”هيءَ ڇو کُلي پئي آهي؟ هاڻي اونهارو ته نه آهي.“ گريگري خيال ڪيو. اوچتو اُن ويرم ۾، هن باغ ۾ غير معمولي نظاري کي پنهنجي سامهون ڏٺو. چاليهه قدم پري، هن هڪ ماڻهوءَ کي اونداهي ۾ ڊوڙندي ڏٺو. هڪ ڀاڄي جو قسم هو، جو نهايت تيزيءَ سان ٿي ويو. هن قريبي رستي کي ورتو ڇاڪاڻ ته هو باغ جو پورو پورو واقف هو ۽ هن ڀڄندڙ ماڻهو کي ونڻ تي گهريو. ڀڄندڙ ماڻهو غسلخاني ڏانهن ويو ۽ اُن جي پويان ڦري، هن لوڙهي ڏانهن وڃڻ تي گهريو. گريگري ان جي پويان پيو ۽ کيس نظر ڪان غائب ٿيڻ نه ڏنائين. ڪانئس ٻيو سڀ ڪجهه وسري وڃي ٿو. اُن وقت ماڻهو لوڙهي تي چڙهڻ لڳو. گريگري رڙ ڪري، کيس روڪڻ گهريو ۽ اُن جي ٽنگ کي ٻن هٿن سان ورتائين.

هاڻي، اُن جو جسم کيس نڄي نه سگهيو. هن، هن بلا کي سڃاتو. هي اُهوئي ”پدرڪش“ هو.

”پدرڪش“ پوڙهي بلند آواز سان چيو. جيئن ڀاڙو پنو اُن کي ٻڌي سگهي. پر وٽس وڌيڪ وقت ڪونه هو، جو هو وڌيڪ دانهون ڪري سگهي. مِتيا جي هٿ ۾ ٽامي جو ننڍو ڏنڊو هو، جنهن کي رمز سان هن گاهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. گريگري ڪري پيو. ٽامي جو ڏنڊو گريگري ڪان ٻن قدمن تي وڃي ڪريو. اهو گاهه ۾ نه ڪِريو پر رستي تي وڃي پيو. ٿورن سيڪنڊن لاءِ هن منهن پر پيل ماڻهو کي جاچي ڏٺو. پوڙهي جو سڄو متو رت سان ڀريل هو. مِتيا پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو ۽ اُن جي متي کي لائي ڏنائين ۽ کيس احساس ٿيو. هن پوءِ ياد تي ڪيو، ته هن اُن وقت ڏٺو هو ته پوڙهي جو مغز ڦاٽي پيو آهي يا کيس معمولي زخم آيا آهن. پر رت خوفناڪ

طرح سان وهندو رهيو ۽ ٿوري وقت ۾ مِتيا جون آڱريون گرم رت سان ڀرجي ويون. هن کي پوءِ ياد آيو ٿي، ته هن پنهنجي کيسي مان هڪ صاف ۽ سفيد رومال ڪڍي ورتو هو، جنهن کي هن بيگم هائلڪوف جي ملاقات لاءِ پاڻ سان کنيو هو. هن اُن کي پوڙهي جي مٿي تي رکيو ۽ بيهوشي ۾ سندس مٿي ۽ نرڙ کي اُن سان صاف ڪندو ٿي رهيو. اُن وقت سندس سڄو رومال رت سان آلو ٿي ويو.

خدايا! مان هي ڇا جي لاءِ ڪري رهيو آهيان؟ اوچتو پاڻ کي سميٽيندي هن چيو. جيڪڏهن مان سندس مغز جي هڏي کي ڀڃي ڇڏيو آهي، ته اُهو هاڻي ڪٿان ايندو؟ ۽ هن مان ڪهڙو فائدو؟ هوُ نااُميدي ۾ ڇوندو ويو. ”جيڪڏهن مان کيس قتل ڪيو آهي، ته اُن لاءِ ڪهڙو ڏک ڪريان. پوڙها تہ ِن اتي ئي پيو رهه.“ پويون جملو هن زور سان چيو. اُن کان پوءِ هوُ لوڙهي ڏي ڦريو ۽ اُن تان ٽپي گهٽيءَ ۾ آيو ۽ ڀڄڻ لڳو. رت ڀريل رومال سندس هٿ ۾ هو، ڊڪندي هن، اُن کي ڪوٽ جي پٺ واري کيسي ۾ وڌو. هوُ تيز ڊوڙڻ لڳو. رستي ۾ کيس تمام ٿورا ماڻهو مليا. اُنهن کي پوءِ ياد آيو، ته اونداهي ۾ ڪين هڪ ماڻهو ڊوڙندي نظر آيو هو. هوُ وري موروزوف جي بيوهہ جي گهر ڏانهن مڙيو.

اُن شام جو جيئن ئي هن فينا کي ڇڏيو هو، هوءَ مکيہ چوڪيدار نذر ايوانووچ ڏي ڀڄندي وئي ۽ هنُ کيس عرض ڪيو، تہ حضرت عيسيٰ جي صدقي، هو وري ڪپتان کي اڄ يا سڀاڻ وٽس اچڻ جي اجازت نہ ڏي. هن ساڻس انجام ڪيو. پر بدقسمتيءَ سان سندس مالڪياڻي کيس بالاخاني ڏي سڏي ورتو. هن پنهنجي ڀائٽي کي، جو ويهہ ورهين جو ڇوڪرو هو ۽ تازو ٻهراڙيءَ کان آيو هو، دروازي تي بيهاري هليو ويو. ڪائنس وسري ويو، تہ هو کيس سڄي ڳالهہ سمجهائي وڃي. ايتري ۾ مِتيا ڊوڙندو آيو ۽ دروازي کي کڙڪايائين. ڇوڪري کيس سڃاتو. ڇاڪاڻ تہ مِتيا کيس ڪيئي پيرا رشوت ڏئي چڪو هو. هن دروازو کوليو ۽ کيس اندر اچڻ ڏنائين ۽ وٽس تڪڙ مان پڇتو. تہ کيس مشڪندي ٻڌائي تہ اگرافينا اليگزينڊروونا، هن وقت گهر ۾ موجود ڪانہ آهي.

”تڏهن ڪٿي آهي، پروهوور؟“ مِتيا ٿورو ترسندي ڪائنس پڇيو.

”هوءَ اڄ شام جو ٻہ ڪلاڪ ڪن اڳ ۾ ٽموفي سان گڏ ماڪرو هلي وئي آهي.“

”ڇو؟“ مِتيا ڪائنس پڇيو.

”اها مون کي خبر نہ آهي. شايد ڪنهن آفيسر کي ڏسڻ وئي آهي. کيس ڪنهن دعوت ڏني آهي، ڇو تہ گهوڙا کيس وٺي وڃڻ لاءِ موڪليا ويا هئا.“

مِتيا کيس ڇڏي، ڇرين وانگر فينا ڏي ڊوڙيو.

باب پنجون

# هڪ اٽل ارادو

هوءَ پنهنجي ڏاڏي سان گڏ رڌڻي ۾ ويٺي هئي. هوءَ سمهڻ جي تيارين ۾ هيون، ڇو ته ڪين نذر ايوانووچ جو آسرو هو ۽ انهيءَ ڪري هنن دروازي کي قلف به نه هنيو هو. مٽيا ڊوڙي اندر پهتو. فينا تي حملي آور ٿيو ۽ کيس سيني ڪان جهليائين.

”مون کي جلدي ٻڌاءِ، ته هوءَ ڪٿي آهي؟ هاڻي ڪنهن وٽ آهي؟ ماڪرو ۾ آهي؟“ مٽيا وڏي جوش مان رڙ ڪري پڇيو.

ٻئي زالون ڏڪي ويون.

”اڙي مان توکي ٻڌايان ٿي، منهنجا پيارا دمتري فيودوررووچ. مان توکي سڀ ڪجهه ٻڌايان ٿي. ڪا به ڳالهه توکان نه لڪائيندس.“ فينا موت جي خوف کان ٻاتي ٿي وئي. ”هوءَ ماڪرو پنهنجي آفيسر ڏي وئي آهي.“

”ڪهڙو آفيسر؟“ مٽيا رڙ ڪري ڇيو.

”اُهو آفيسر، جنهن کي هوءَ اڳ ۾ ئي سڃاڻندي هئي. اُهو جنهن کيس پنج سال ٿڏي ڇڏيو هو.“ جيئن هوءَ ڏاڍو تڪڙو ڳالهائي رهي هئي، سندس زبان وڏيڪ وڃڻ لڳي.

مٽيا پنهنجي هٿن کي ڍرو ڪري ڇڏيو، جنهن سان هن سندس سيني کي پڪڙيو هو. هو سندس سامهون ايئن بيٺو هيو، ڄڻ ته سڪرات کان هيدو ٿي ويو آهي. سندس زبان مان ڪو به اکر اُڪلي نه سگهيو. پر سندس اکين مان معلوم پئي ٿيو، ته کيس اُن سڄي حقيقت جو احساس آهي. هوُ الف کان ي تائين سمجهي ويو هو ۽ سڄي حالت جو کيس اندازو ٿي ويو هو. غريب فينا اُن وقت اهڙي حالت ۾ هئي، جو هو سمجهي نه ٿي سگهيو، ته هُن سمجهيو به آهي يا نه. هوءَ اهڙي ريت ئي صندوق تي ويٺي هئي، جيئن اُن جي اچڻ وقت ڪونيءَ ۾ ويٺي هئي. هوءَ سڄي ڏڪي رهي هئي ۽ هن پنهنجا ٻئي هٿ ٻاهر ڪڍي ڇڏيا هئا، ڄڻ ته هوءَ پنهنجي بچاءَ لاءِ تيار آهي. ايئن ڏسڻ ۾ پئي آيو، ڄڻ ته سندس مَٽيَون منجهي ويون آهن. سندس ڪليل ۽ خوف گڏيل اکيون، هن تي کُپيل هيون، جن ۾ ڪا به چر پر ڪانه هئي. هن جڏهن سندس ٻئي هٿ رت ۾ پريل ڏٺا، ته حالت وڌيڪ خطرناڪ ٿيڄي ويس. ٿي سگهي ٿو ته رستي ۾ ڊوڙندي هن پنهنجي پگهر کي چندڻ لاءِ، رت هاڻا هٿ، منهن تي لڳايا هئا، جنهن ڪري سندس نراڙ ۽ ڳلن تي رت جا داغ هئا. فينا هن حالت کان ذري گهٽ پاڳل ٿيڄي وئي. پوڙهي بورچياڻي پنهنجي جاءِ کان ٽپو ڏئي اُٿي هئي ۽ کيس چرين وانگر نهاري رهي هئي. هوءَ خوف کان ڄڻ ته بيهوش هئي.

مِــتيا ٿوري ويرم ويٺو رهيو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ فينا جي پرسان ڪرسيءَ ۾ ڪري پيو. هو خيال ڪرڻ لاءِ نه ويٺو هو. پر مٿس خوف ڇانيل هو. ڇڻ ته پنهنجي هوش ۾ نه آهي. اُن هوندي به سڀ ڪا شيءِ روز روشن وانگر صاف هئي. آفيسر! هن جي ڪيس خبر هئي ۽ پوري ريت خبر هئي. هن خود گروشينڪا ڪان ان جي باري ۾ ٻڌو هو. ڪيس اها به خبر هئي، ته هڪ مهينو اڳ ۾، وٽانئس هڪ خط آيو. هيءُ سڄو مهينو مخفي طرح اها ڪارروائي هلندي ٿي رهي. تان جو اُهو نئون ماڻهو پهچي ويو هو، پر مِـتيا اُن بابت ڪو به خيال نه ڪيو هو. پر ڇو، هن، اُن جي لاءِ ڪوبه خيال نه ڪيو هو. اِيئن ڪيئن پئي ٿي سگهيو؟ ايئن ڪيئن پئي ٿي سگهيو. ته هن ڪيس وساري ڇڏيو ۽ ڇو وساري ڇڏيو هو؟ هن ٻُڌي به اهڙي آفيسر جي خبر نه رکي هئي! اهي سوال هئا، جي سندس اڳيان بلائن وانگر ٿي آيا ۽ هو خوف ڪان سرد ٿي ويو هو.

پر اوچتو، مهرباني ۽ نرميءَ سان، جيئن ٻاجهارو ۽ پيار پريو ٻار هوندو آهي، هن فينا سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪانئس هيءَ حقيقت صاف وسري چڪي هئي، ته جهٽ اڳ ۾ هن ڪيس ڪيترو نه تڪليف ۽ مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هوُ هاڻي پوري هوش سان فينا ڪان سوال ڪرڻ لڳو. ڇڻ ته هو حيرت جي حالت ۾ هو. هوڏانهن هوءَ ڇوڪري سندس رت لڳل هٿن کي وحشياڻي طرح ڏسي رهي هئي. هوءَ پڻ عجب ۽ حيرت جهڙي جلديءَ سان سندس هر سوال جو جواب ڏئي رهي هئي ۽ هوءَ سڄي سچ کي سندس سامهون پيش ڪري رهي هئي. آهستي آهستي، هن ڪنهن خوشيءَ ڪان، ڪيس هر تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيو. هيءُ سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ نه هو، ته هوءَ ڪيس عذاب ڏئي، پر ڪيس اشتياق هو، ته هوءَ سندس خدمت جي لائق بڻجي. هن سڄي ڏينهن جي ڪاروائي ڪيس تفصيل سان ٻڌائي. ريڪٽن ۽ اليوشا جي ملاقات وقت، ڪيئن هوءَ (فينا) نگهباني جي لاءِ ويٺي هئي. ڪهڙي ريت سندس مالڪياڻي رواني ٿي وئي ۽ ڪهڙي ريت هن اليوشا کي دري مان سڏ ڪري مِـتيا جي لاءِ هيءَ پيغام ڏنو، ته ڪيس چئجانءِ ته "هو، هڪ گهڙيءَ جي محبت کي، جا هن ساڻس ڪئي هئي، سڄي عمر ياد رکي."

هن پيغام کي ٻڌندي، مِـتيا اوچتو مشڪي ويٺو. سندس زرد ڳلن تي سرخي پکڙجي وئي. فينا اُن وقت، خوف ڪان ٻاهر ٿي چڪي هئي ۽ سرگوشي طرح ڪيس چيائين ته:

"دمتري فيودوربالوووچ، پنهنجي هٿن ڏي نهار، اهي رت سان ڀريل آهن!"

"هائو"، مِـتيا ڪيس خودبخود چئي ڏنو. هن بي پرواهيءَ سان هٿن کي ڏنو ۽ ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ فينا جي سوال کي وساري ڇڏيائين.

هوُ وري خاموش ٿي ويو. ويهہ منٽ گذريا هئا، جو هو اُتي آيو هو. سندس پهريون خوف ختم ٿي چڪو هو. پر ساڳي وقت اُن جي جاءِ تي سندس نئون پختو ارادو جاءِ وٺي رهيو هو. هوُ اوچتو نيم خوابيءَ جي حالت ۾ اتي بيٺو ۽ مشڪڻ لڳو.

فينا کيس چيو تہ ”سائين توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ هن وري بہ سندس هٿن ڏي اشارو ڪيو. هوءَ ساڻس رحم ڀري آواز ۾ ڳالهائي رهي هئي، ڄڻ تہ هوءَ هاڻي سندس ڏک ۾ قريب تر ٿي چڪي هئي. مِتيا وري پنهنجي هٿن کي ڏٺو.

”هيءَ رت آهي فينا“ هن ايئن چوندي، هڪ عجيب نگاهہ سان کيس ڏٺو. هيءَ انساني رت آهي ۽ منهنجا خدا! هيءَ ڇو هاري وئي. پر.... فينا...... پر هتي ڪو لوڙهو آهي ڇا؟ (هن کيس ايئن ڏٺو، ڄڻ تہ کيس ڳُجهارت ڏئي رهيو هو.) ”نهايت بلند لوڙهو ۽ اُن ڏي ڏسڻ بہ خطرناڪ، پر سڀاڻي پرهہ ڦٽيءَ جو، جڏهن سج اُڀرندو، مِتيا اُن لوڙهي کي ٽپي ويندو... تون اهو نہ سمجهي سگهندينءَ فينا تہ اُهوڪهڙو لوڙهو! ۽ پرواهہ بہ نہ ڪئي. تون سڀاڻي ٻڌينءَ ۽ سمجهي ويندينءَ .... هاڻي خدا حافظ. مان اُن جي رستي ۾ روڪ نہ ٿيندس. مان پاسيرو ٿي ويندس. مون کي پاسيرو بہ ٿيڻ ايندو آهي. تون خوش گذار منهنجي خوشي........ تو مون سان هڪ گهڙيءَ لاءِ محبت ڪئي آهي. ياد رک مِتيا نيڪا ڪرامازوف تو سان سچي زندگي محبت ڪندو رهندو..... هوءَ مون کي هميشہ مِتيا نيڪا سڏيندي هئي، توکي ياد اچي ٿو؟“

اهي لفظ چوندي، هوُ اوچتو رڌڻي کان ٻاهر نڪري ويو. فينا سندس هن اوچتي موڪلائڻ کان گهڻي خوفزدهہ ٿي وئي. اُن کان بہ زيادهہ جڏهن هو اُتي آيو هو ۽ ساڻس وچڙيو هو.

ڏهہ منٽ پوءِ دمتري پيوترائيچ پرهوتن، اُن نوجوان آفيسر وٽ پهچي ويو، جنهن وٽ هن پنهنجو پستول گروي رکيو هو. اُن وقت ساڍا اٺ ٿيا هئا ۽ پيوترائيچ پنهنجي شام جي چاءِ جي دور کي پورو ڪري چڪو هو. هُو ’ميٽرو پولس‘ ڏي بليئرڊ جي راند کيڏڻ لاءِ وڃي رهيو هو ۽ ڪوٽ پائي رهيو هو. مِتيا کيس ٻاهر ايندو ڏٺو.

سندس منهن کي رت سان ڀريل ڏسي، اُن نوجوان کان عجب مان دانهن نڪري وئي.

”خدايا! خير تہ آهي؟“

مان پنهنجي پستول لاءِ آيو آهيان. مِتيا کيس چيو. ”مان تو وٽ پيسا آندا آهن. تنهنجو شڪريو. مان نهايت تڪڙو آهيان. پيوترائيچ ذرا جلدي ڪر.“

پيوترائيچ وڌ کان وڌ وسمي ۾ پوندو ويو. هن اوچتو مِتيا جي هٿن ۾ نوٽن جو بنڊل ڏٺو. کيس عجب لاءِ وڏيڪ سبب هيءُ بہ هو، تہ کيس گهمندي بہ نوٽ هٿن ۾ هئا ۽ اُهي وٺس اهڙي ريت هئا، جيئن انهن کي ڪو بہ ايئن ڪٽي نہ گهمندو آهي. اُهي

سندس سڄي هٿ ۾ هئا ۽ اُهي، هن اهڙي ريت جهليا هئا، ڄڻ ته هوُ انهن کي ڏيکارڻ پيو گهري. پر هوٽن جي نينگر ملازم پوءِ ٻڌايو تي، تـه هـو اُن گهڙيءَ ۾ ساڳي ريت پيسن کي هٿ ۾ جهليو آيو تي. شايد اهڙي ريت هن سڄي رستي ۾ بـه اِيئن ڪيو هجي. اُهي سڀ انڊلٺ جي رنگ جهڙا هئا ۽ سئو سئو روبل جا نوٽ هئا. جن آڱرين ۾ اُنهن کي جهليو هئائين، سي سڀ رت سان ڀريل هيون.

جڏهن پيوتراليچ کان پوءِ پيسن جي بابت سوال ڪيو ويو هو، تڏهن هن ٻڌايو ته، هيءَ نهايت مشڪل آهي تـه هڪ نگاهه ۾ اِيئن چئي سگهجي تـه اُهي بـه هزار هئا يا ٽي، پر نوٽن جو بنڊل ٿلهو هو. "دمتري فيودورياولووچ" جيئن پوءِ هن جي پڇا کان ظاهر ٿيو "پنهنجي پاڻ ۾ بـه نـه هو. ڪيس نشو نـه هو، پـر هوُ اُن کان بـه مٿي، پنهنجو ذهن وڃائي چڪو هو، پر ساڳي وقت، جيئن ڏسڻ ۾ ٿي آيو، منجهيل هو. ڄڻ تـه هو فڪر ۾ هو ۽ ڪنهن کي ڳولهي رهيـو هو، پر ڪنهن بـه فيصلي تي نـه ٿي آيو. هوُ نهايت تڪڙ ۾ هو. هن جواب جهلي جهلي ٿي ڏنو ۽ نهايت عجيب. ڪنهن ڪنهن وقت، غمگين هئڻ جي بجا اُتلو خوش ٿي ڏنو."

"پر توکي ڇا ٿيو آهي؟" ڪهڙي ويڌن تي اٿيئي؟" پيوتراليچ ڪانئس رڙ ڪري پڇيو ۽ اُن وحشي مهمان جي منهن ۾ گهوري ڏٺائين. "ڪهڙو سبب آهي، جو تون، هيئن رت سان ڀرجي ويو آهين؟ ڇا تون ڪٿان ڪري پيو آهين؟ تون ذرا پاڻ ڏي تـه نهار!"

هو ڪيس نونٽ کان جهلي آئيني ڏي وٺي ويو.

مـِتيا پنهنجي منهن کي رت سان ڀريل ڏسي، غصي ۽ جوش ۾ ڀرجي ويو.

"ڪڏ ۾ وڃهينس! هيءُ آخري ڪک هو." دمتريءَ غصي مان چيو. هي تڪڙ مان سڄي هٿ مان کبي هٿ ۾ نوٽ بدلائيندو رهيو. هن پنهنجي کيسي مان رومال کي ڪڍي ورتو، پر سڄو رومال رت سان ڀريل هو. (هيءُ اُهو رومال هو، جنهن سان هن گريگري جي منهن کي صاف ڪيو هو.) اُن ۾ مشڪل سان ڪا صاف جاءِ خالي هئي. هو اڃا سُڪو بـه نـه هو. وڪوڙجي ڪينهون وانگر ٻڌجي ويو هو ۽ کُلي نـه ٿي سگهيو. مـِتيا غصي مان اُن کي زمين تي اڇلائي ڇڏيو.

"ڪڏ ۾ پوي"، هن چيو، "تو وٽ ڪو اڳڙيءَ جو ٽڪرو ڪونـه آهي، جنهن سان مان پنهنجي منهن کي صاف ڪري سگهان."

"سو تون فقط رت سان ڀريل آهين ۽ ڪو بـه زخم نـه آيو اٿيئي، چڱو آهي تـه اُن کي ڌوءُ." پيوتراليچ کيس چيو "هوءَ ڌوئڻ جي جاءِ آهي، مان تنهنجي مٿان پاڻي وجهان ٿو."

"هان، اها ڌوئڻ جي جاءِ آهي. نيڪ آهي. پر هيءُ مان ڪٿي رکان؟"

سخت مونجهاري ۾ هن، سؤ روبل جي نوٽن جي ٿهي ڏي اشارو ڪيو. ۽ پيوترائيچ ڏي تفتيش جي نگاهه وڌائين، بلڪل اهڙي ريت ڄڻ ته ڪيس اُن جو فيصلو ڪرڻو هو، ته هو پيسن کي ڇا ڪري؟

”پنهنجي کيسي ۾ رک يا هن ميز تي. اهي ويندا ڪونه.“

”هان منهنجي کيسي ۾، منهنجي کيسي ۾، ٺيڪ آهي...... پر مان ڇوان ٿو ته هيءَ سڀ بيوقوفي آهي.“ هن رڙ ڪري چيو. ڄڻ ته هو ڪنهن خواب مان جاڳي پيو هو. ”هيڏي نهار پهريائين اسان کي پستول جي معاملي کي صاف ڪرڻو آهي. مون کي اُهو موٽائي ڏي ۽ پنهنجا پيسا موٽائي وٺ.“

نوٽن مان مٿيون نوٽ ڪڍي، هن پيوترائيچ کي ڏنو.

”پر مون وٽ مٽيل ڪونه آهي. ڇا تو وٽ ننڍا نوٽ ڪونه آهن؟“

”نه.“ مِتيا کيس چيو. هن وري نوٽن جي بنڊل کي ڏٺو. لفظن ۾ جواب ڏيڻ بدران هو مٿين نوٽن کي اُٿلائيندو رهيو.

”نه هيءَ سڀيئي هڪجهڙا نوٽ آهن.“ هن وري به معلوم ڪرڻ واري نگاهه پيوترائيچ تي وڌي.

”تون ڪيئن شاهوڪار بڻجي وئين؟“ پوئين ڪانئس پڇيو. ترس مان پنهنجو ڇوڪرو پلاٽينڪوف ڏي موڪليان ٿو. هو پنهنجو دڪان دير سان بند ڪندو آهي. اُهو نوٽ بدلائي ڏيندو. مشا! هيڏي، هن گهنٽيءَ ڏي منهن ڪري سڏ ڪيو.

”پلاٽينڪوف جي دڪان ڏانهن، ٺيڪ آهي.“ مِتيا پڇيو ڄڻ ته هيءَ ڳالهه کيس پسند آئي هئي. هو نوڪر ڏي مڙيو ۽ کيس چيائين ته مشا، هيڏي نهار پلاٽينڪوف ڏي ڊوڙي وڃ ۽ کيس چئج ته دمتري فيودورياولووچ تو کي سلام ڏنا، هو تو ڏي ايندو به...... پر ڏيان ڏيئي ٻڌ، کيس چئج ته شئمپين جون ٽي ڊزن بوتلون تيار رک. اُنهن کي منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ چڱي طرح ويڙهي رک، ڇو ته مون کي اهي ماڪرو کڻي وڃڻيون آهن. (هن پيوترائيچ ڏي منهن ڪري چيو، ته چار ڊزن هئڻ گهرجن.) هو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، تون وڌيڪ تڪليف نه ڪج مشا. هو وري ڇوڪري ڏي مڙيو ۽ کيس چوڻ لڳو. ته ترس ۽ ٻڌ کيس چئجانءِ ته پنير به هجي ۽ ڪجهه پيٽرسبرگ جي مٺائي به. ڪجهه مڇي، ڪجهه ڪٺاڻ، ڪجهه مربو. مطلب ته دڪان ۾، جو ڪجهه موجود هجي، اُهو هڪ سئو روبل يا هڪ سو ويهه روبل جو تيار ڪري رکي. هنن پيسن ۾ شئمپين به شامل سمجهه...... پر... ٻيهه، گلابي ۽ ٻه ٽي هنداڻا به هجن، ڪجهه صوف به، چاڪليٽ ۽ ٽافي. انهن کان سواءِ. حقيقت ۾ اهي سڀيئي شيون شئمپين سميت ٽي سو روبل جون هئڻ گهرجن. هنن سڀني ڳالهين کي ياد رکجانءِ

مشا، جيڪڏهن تو مشا آهين. هن جو نالو مشا آهي نه؟" هن پيوٽراليچ ڏي منهن ڪري چيو.

"هڪڙو منٽ ترس" ، پيوٽراليچ کيس روڪيندي چيو ۽ بي آراميءَ سان ڏنو. "چڱو ٿيندو، ته تون پاڻ اُن ڏي وڃ. هوُ توکي چڱي ريت سمجهي سگهندو."

"هيءَ اهو ڪم ڪري سگهندو مان سمجهان ٿو. اڙي مشا، منهنجي دل تي چاهي، ته مان توکي چميان..... جيڪڏهن تو غلطي نه ڪئي ته ڏهه روبل تنهنجا آهن. ڊوڙ ۽ جلدي ڪر..... شئمپين مکيه شيءِ آهي. براندي ۽ ڳاڙهو ۽ اڇو شراب به. مان هيءُ سڀ ڪٺي ويندس..... هن کي جيئن خبر پوي، ته مون وٽ کهڙيون کهڙيون شيون آهن."

"پر ٻڌ." پيوٽراليچ بي صبريءَ مان وچ ۾ ٽپي پيو. "مان چاهيان ٿو ته هيءُ فقط ڊوڙي وڃي پيسا بدلائي اچي ۽ هُن کي چوي، ته دڪان کي ايستائين بند نه ڪري، جيستائين تون اُتي پهچين..... کيس نوٽ ڏي. مشا جلدي ڊوڙ."

پيوٽراليچ چاهيو ته مشا، اُتان جلدي پنهنجي ڪم لاءِ هليو وڃي. چاڪاڻ ته چوڪري جو اُتي بيهڻ، عجب ڪان وات ڦاٽي ويو هو ۽ اکيون ڪليون ٿي رهجي ويون هيون. کيس مِتيا جو حڪم ٿورو ياد بيٺو هو. هوُ عجب ۽ خوف کان نهاري رهيو هو، ڇو ته سندس منهن رت جي داغن سان ڀريل هو ۽ آڱريون جن ۾ نوٽ هئا، رت سان ڀريل هيون ۽ ڀئي ٿي ڏکيون.

"جڳو هاڻي اچ ۽ ڌوءُ" پيوٽراليچ کيس سختيءَ سان چيو. "پيسا ميز تي رک يا کيسي ۾،...... اِيئن نيڪ آهي، هيڏي اچ ۽ ڪوٽ کي لاهه."

اِيئن چئي هن کيس ڪوٽ لاهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ وري کيس چيائين ته "هيڏي ڏس، تنهنجو سڄو ڪوٽ به ته رت سان ڀريل آهي؟"

"هيءُ...... سڄي ڪوٽ تي ڪٿي آهي، هيءَ ته رڳو ٻانهن تي داغ آهي.... هيءَ فقط انهيءَ جاءِ تي آهي، جتي مون رومال کي رکيو هو. شايد هوُ سڄو آلو هو. مان شايد فنيا وٽ اُن جي مٿان وينو هوس ۽ اُن مان ٿي هن کي رت لڳو آهي." مِتيا ٻارن وانگر بيخبري ۾ سمجهائڻ لڳو. اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي. پيوٽراليچ، کيس ڌيان ڏئي ٻڌي رهيو هو.

"نيڪ آهي، تنهنجو معاملو ڪنهن سان ضرور ٿيو آهي. تون ڪنهن سان وڙهي آيو آهين؟" هن ڪائنس پڇيو.

هنن گڏجي ڌوئڻ شروع ڪيو. پيوٽراليچ کي هٿ ۾ وڏي صراحي هئي ۽ پاڻي پَلٽي رهيو هو. مِتيا، نااُميدي جهڙي تڪڙ ۾ هٿن کي صابڻ هڻي رهيو هو (اهي

ڏکي رهيا هئا، جيئن پوءِ پيوٽر اُن کي ياد ڪري ٽي چيو.) پر اُن نوجوان آفيسر مٿس زور ٽي آندو، تہ هو چڱيءَ طرح وڏيڪ صابڻ هٽي، اُن کي صاف ڪري ۽ مهٽي. ڏسڻ ۾ ايئن ٽي آيو، تہ هوُ مِتيا تي وڏيڪ ڪان وڏيڪ پنهنجو اثر وجهي رهيو هو ۽ وقت گذرندو رهيو. هن سموري وقت ۾ هو مضبوط اخلاق وارو نوجوان ٽي ڏٺو.

"ڏس تون پنهنجي نهن کي صاف نہ ڪري سگهيو آهين. هاڻي منهن کي مهٽ. ها نرڙ کي. ڪنن کي بہ ...... ڇا انهيءَ ئي قميص ۾ ويندين؟ هاڻي ڪا ڏي ويندين؟ ذرا ڏس تنهنجي سڄي ٻانهن جا ڪَنَ رت سان ڀريل آهن."

"هائو اهي سڀ رت سان ڀريل آهن." مِتيا پنهنجي قميص جي ڪَنَن کي نهاريندي چيو.

"ٺيڪ آهي، پنهنجي قميص کي بدلاءِ."

"مون کي ايترو وقت ڪونہ آهي. توکي خبر آهي تہ مان......" مِتيا سليقي سان چوندو ويو ۽ ٽوال سان منهن ۽ هٿن کي اگهندو بہ ويو. هن ڪوٽ پاتو ۽ چوڻ لڳو تہ "مان هن کي ڪراين تائين ويڙهي ڇڏيندس ۽ پوءِ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو.... ڪيئن؟"

"هاڻي مون کي ٻڌاءِ، تہ تو ڪهڙي راند ڪيڏي آهي؟ ڪنهن سان وڙهي آيو آهين؟

ڇا اڳي وانگر شراب خاني ۾ ڪجهہ ٿيو آهي؟ تو وري اُن ڪپتان کي ماريو آهي ڇا؟" پيوٽراليچ ڪانئس وري وري پڇڻ لڳو. "هاڻي وري ڪنهن کي ڏک هنيا اٿئي يا ماري ڇڏيو اٿئي؟"

"بيوقوف" مِتيا ڪيس چيو

"ڇا جي بيوقوفي؟"

"گهبراءِ نہ" مِتيا ڪيس چيو. هوُ اوچتو کلڻ لڳو. "مان هڪ پوڙهي عورت سان هاڻي مارڪيٽ ۾ ٽڪريو هوس."

"ٽڪريو هئين؟ هڪ پوڙهي عورت سان؟"

"هڪ پوڙهو ماڻهو!" مِتيا واڪو ڪري چيو. هوُ پيوٽراليچ جي منهن ۾ سڌو نهارڻ لڳو ۽ مٿس کلندو ۽ واڪا ڪندو رهيو. ڄڻ تہ هوُ ٻوڙو هو.

اهو تہ منجهيل آهي. هڪ پوڙهي عورت يا پوڙهو مرد؟........ ڇا تو ڪنهن کي قتل ڪيو آهي؟

"اسان هڪبئي سان صلح ڪيو آهي..... پهريائين مقابلو هو ۽ پوءِ صلح ڪيوسين ۽ ٻن دوستن وانگر جدا ٿياسون...... هو هڪ بيوقوف آهي..... هن مون کي بخشيو آهي .... مون کي يقين آهي، تہ هن وقت تائين هُن مون کي بخشي ڇڏيو

هوندو..... پر جيڪڏهن اُتي پيو ته هو مون کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو.“ مــتيا جلدي پنهنجي اکين کي ٻوٽيو. ”ڪڏ ۾ وجهينس، پيوترالييچ مان توکي چوان ٿو. ته ڪڏ ۾ وجهينس. تون هن جي لاءِ هاڻي ڪو به فڪر نه ڪر. هن وقت مان اها ڳالهه ڪرڻ پسند نٿو ڪريان.“ مـتيا فيصلائتي آواز ۾ چيو.

”تون سڀ سان ڪهڙي ڳالهه جي ڪري جهڳڙا ڪندو ٿو وتين؟ جيئن تو هـن ڪپتان سان ڪنهن بيوقوفيءَ جهڙي ڳالهه تي جهيڙو ڪيو..... تون هميشه وڙهندو رهيو آهين ۽ هاڻي وڙهڻ کان پوءِ عيش ۽ نشاط جي محفل کي قائم ڪرڻ گهرين ٿو. اهي ئي ته تنهنجا ڪارناما آهن. ٽي درجن شيمپين! اهي توکي ڇا لاءِ گهرجن؟“

”شاباس! مون کي هاڻي پستول ڏي. مون کي ايترو وقت ڪو نه آهي. مان چاهيان ٿو، ته توسان گفتگو ڪندو رهان. پر ايترو وقت نه اٿم. منهنجا پيارا نوجوان! ڳالهائڻ جي ضرورت به نه آهي، ڇو ته گهڻي دير ٿي وئي آهي. منهنجا پيسا ڪاڏي ويا؟ مون اُنهن کي ڪٿي رکيو؟“ وڏي واڪي سان اِيئن چوندي هوُ پنهنجا کيسا اُٿلائڻ پٿلائڻ لڳو.

”تو اُنهن کي ميز تي رکيو آهي... تون پاڻ....... اجهو هيءُ آهن. توکان شايد ڳالهه ئي وسري وئي آهي. پيسو ته تو وٽ غلاظت پري پاڻيءَ وانگر آهي. مون کي ته اِيئن ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اجهو هيءُ آهي پستول. هيءَ هڪ پراڻي شيءِ آهي. هيءَ عجيب ڳالهه آهي، ته ستين بجي تو هن کي ڏهه روبل ۾ گروي رکڻ لاءِ منٿ تي ڪئي ۽ هاڻي تون هزارن جو مالڪ آهين. به يا ٽي هزار روبل!

”ٽي، تنهنجو اندازو ٺيڪ آهي.“ مِــتيا ڪلندي، سوٽ جي کيسي ۾ نوٽن کي ڳوليندو ويو.

”تون هنن کي وڃائيندين به ايئن. ڇا توکي ڪا سون جي کاڻ هٿ آئي آهي؟“

”ڪاٽيون، سون جون ڪاٽيون؟“ مـتيا واڪو ڪري چيو ۽ کل جو گجگوڙ پيدا ڪري ڇڏيائين. تون انهن ڪاٽين ڏي وڃڻ گهرين ٿو پروهيٽن؟ هتي هڪڙي بيگم آهي، جا توکي ٽي هزار هڪدم ڏئي ڇڏيندي. جيڪڏهن تون اُن وٽ فقط وڃين. منهنجي لاءِ به هنُ ئي هي سڀ ڪجهه ڪيو آهي. هوءَ سون جي ڪاٽين جي بيحد شوقين آهي. بيگم هائلڪوف کي سڃاڻين ٿو.“

”مان ڪيس نه سڃاڻان، پر مان ڪيس ٻڌو به آهي ۽ ڏٺو به آهي. سچ پچ هن توکي ٽي هزار ڏنا آهن؟ سچ پچ؟ پيوترالييچ ڪيس عياري سان اکين جون ميچون ڏيندو رهيو.“

”جيئن ئي سڀاڻي سج اُڀري ۽ صبح جو ديوتا مٿي اُڏامي، خدا جو نالو وٺي، هن ڏي هليو وڃ. ڪيس چوءِ ته هوءَ توکي ٽي هزار ڏئي ٿي يا نه. ڪوشش ڪري ڏس.“

مون کي خبر نہ آهي، تہ تنهنجا ساٽس ڪهڙا ڪهڙا تعلقات آهن؟ جيئن تہ تون هن حقيقت تي زور ڏئي رهيو آهين. مان سمجهان ٿو، تہ هن توکي اهي پيسا ڏنا آهن. اهي پيسا تنهنجي هٿ ۾ آهن. پر تون سائبيريا ڏي وڃڻ بدران، اهي پيسا هٿ خرچ ڪري رهيو آهين..... هاڻي ڪاڏي وڃڻ جو ارادو آهي؟

"ماڪرو ڏانهن"

"ماڪرو ڏانهن، پر هاڻي تہ رات آهي؟"

"ڪڏهن تہ سڀ ڪجهہ هو، پر هاڻي ڪجهہ بہ نہ آهي.

"هاڻي، ڪيئن ڪجهہ نہ آهي؟ تون تہ هزارن جون ڳالهيون ڪري رهيو آهين."

"مان هزارن جون ڳالهيون نہ ٿو ڪريان. ڪڏ ۾ وجهہ هزارن کي! مان عورت جي ڪردار جي ڳالهہ ٿو ڪريان."

"عورت جي دل پُر فريب آهي."

"ننگ باز ۽ خرابين سان پريل."

"مان هن حقيقت ۾ يولاٽيس (يوناني بهادر) سان متفق آهيان. هن سچ چيو آهي."

"مان توکي سمجهي نہ ٿو سگهان!"

"مان شراب پيتو آهي؟"

"تو شراب نہ پيتو آهي، پر اُن کان بہ بدتر حالت ۾ آهين."

"پيوٽراليچ، مان روحاني طرح پيتل آهيان. ها! روحاني طرح پيتل. پر اهو ڪافي آهي."

"ڇا ٿو ڪرين؟ پستول کي ٿو پرين؟"

"هائو مان پستول کي پريان ٿو."

پستول جي مياڻ کي کوليندي، مِـتيا سچ پچ بارود جي ڦونڙي کي کوليو ۽ پستول کي اُن سان پريائين. اُنهيءَ کان اڳي جو، هوُ گولي، اُن ۾ وجهي، اُن کي ميڻ بتي جي روشنيءَ ۾ ڇتائي ڏسندو رهيو.

"تون گوليءَ کي ڇتائي ڇو ٿو ڏسين؟" پيوٽراليچ ڪيس بي آرامي ۽ مونجهاري سان نهاريندي چيو.

"اڙي ڇو؟ هن ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ فرض ڪجي تہ جيڪڏهن هيءَ گولي تون پنهنجي مغز ۾ هڻڻ چاهين، تہ تون اُن کي ڇتائي ڏسندين يا نہ؟"

"هن کي ڏسڻ جي ڪهڙي ضرورت؟"

"هيءَ منهنجي دماغ ۾ ويندي. ان ڪري هن کي ڏسڻ دلچسپي جو باعث آهي، تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ پر اها بيوقوفي آهي. گهڙيءَ کن جي بيوقوفي. هاڻي جڏهن

تہ سڀ ڪم پورو ٿي ويو آهي، " هن گولي کي وجهندي چيو. "پيوترالييچ منهنجا عزيز دوست! هيءَ سچي بيوقوفي آهي، سچي بيوقوفي. فقط توکي خبر پوي، تہ اُها ڪهڙي بيوقوفي آهي؟ مون کي ڪوئي ڪاغذ جو ٽڪرو ڏي."

"اجهو هيءَ ڪاغذ آهي."

"نہ، هڪ صاف ۽ نئون لکڻ جو ڪاغذ کپي. هيءُ بہ نيڪ آهي." ميز تان هڪ قلم کڻي مِتيا جلديءَ مان بہ سٽون لکيون. ڪاغذ کي چئن حصن ۾ آٽي ويڙهيائين ۽ اُن کي پنهنجي صدري جي کيسي ۾ وڌائين. هن پستول کي وري مياڻ ۾ وڌو. اُن کي بند ڪري هٿ ۾ ورتائين. اُن کان پوءِ هن پيوترالييچ کي آهستي ۽ خيال سان مشڪندي ڏٺو.

"هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي."

اسان کي ڪاڏي هلڻو پوندو؟ نہ، هڪ منٽ ترس..... "ڇا تون انهيءَ گولي کي پنهنجي مغز ۾ هڻڻ جو ارادو تہ رکين؟" پيوترالييچ ڪانئس بي آراميءَ مان پڇيو.

"مان هن گولي کي بيوقوف تي بڻائڻ گهريو. مان جيئرو رهڻ گهران ٿو ۽ حياتي پياري اٿم. توکي هن جي خاطري هئڻ گهرجي. مان سونهري وارن واري صبح جي ديوتا کي پيار ٿو ڪريان ۽ سندس گرم روشني پسند اٿم.... عزيز پيوترالييچ توکي خبر آهي تہ پاسو ڪيئن ڪري وڃبو آهي؟"

"پاسو ڪري وڃڻ کان، تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي؟"

"هڪ پيار پري انسان ۽ هڪ اهڙي انسان لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ، جنهن کي مان نفرت سان ڏسان ٿو. ايئن ڪرڻ سان هڪ نفرت وارو بہ عزيز بڻجي ويندو. پاسو ڪرڻ کان اهوئي مطلب آهي! ۽ کين ايئن چوڻ تہ خدا اوهان تي رحم ڪري، پنهنجو رستو وٺو. لنگهي وڃو ۽ مان......"

"۽ تون؟"

"اهو ڪافي آهي. اسان کي هلڻ کپي."

"مان انجام ٿو ڪريان، تہ مان ڪنهن کي چوندس تہ هو توکي اوڏانهن وڃڻ کان روڪي." پيوترالييچ کيس ڏٺو. "تون هاڻي ماڪرو، ڇو ٿو وڃين؟"

"اُتي هڪ عورت آهي هڪ عورت." منهنجي لاءِ اهو ڪافي آهي، وڌيڪ نہ پڇ."

ڏيان ڏيئي ٻڌُ، جيتوڻيڪ تون هڪ وحشي آهين، مگر تو سان هميشہ پيار ڪندو رهيو آهيان........ مون کي اُن ڪري انتظار آهي.

"مهرباني منهنجا پراڻا دوست. مان وحشي آهيان، جيئن تون چوين ٿو. وحشي، وحشي، اهوئي سبب آهي، جو مان پاڻ کي وحشي چوندو رهيو آهيان! ڇو مشا تہ آهي، مون کان تہ هيءُ وسري ويو هو."

مشا نهايت تيزي سان آيو هو. ڪيس هٿ ۾ ننڍا ننڍا نوٽ هئا ۽ هن ڪين ٻڌايو ته پلاٽينڪوف ۾ اجا ڇڳو ڇهڇتو متو پيو هو. اُتي بوتلون به هيون، مڃي به هئي ۽ چاءِ به. هرڪا آساني سان ملي سگهندي. مِتيا ڏهه روبل هٿ ۾ ورتا ۽ پيوتراليچ کي ڏنائين ۽ ٻيا ڏهه نوٽ ڦيرائيندي مشا کي ڏنائين.

اهڙي شيءِ جي جرئت نه ڪر! پيوتر واڪو ڪري چيو. منهنجي گهر ۾ ته اِيئن نه ڪر. اها بري ۽ خرابي پيدا ڪندڙ عادت آهي. پنهنجي پيسن کي پري ڪر. پاڻ وٽ رک ۽ اُنهن کي ضايع نه ڪر. اهي توکي سڀاڻي ڪم ايندا. مون کي يقين آهي، ته تون وري مون وٽ ۽ ڏهه روبل قرض وٺندين. تون اهي پيسا پنهنجي پاسي واري کيسي ۾ ڇو ٿو رکين؟ افسوس تون وڃائي ويهندين!"

"مان توکي عزيز دوست چوان ٿو، ته مون سان گڏجي ماڪرو هل."

"مان ڪهڙي ڳالهه جي لاءِ هلان؟"

"مان چوان ٿو، ته هڪ بوتل کي فوري کوليو وڃي ۽ زندگي جي شادمانين لاءِ اُن کي پيئجي. مان شراب پيئڻ گهران ٿو، پر خاص طرح توسان گڏ. مان توسان ڪڏهن به گڏجي شراب نه پيتو آهي. اِيئن نه؟"

"ڇڱو ته پوءِ ميٽرو پولس ڏانهن هلون. مان اوڏانهن ويس ٿي."

"مون کي اوڏانهن هلڻ لاءِ ايترو وقت ڪونه آهي. اسان کي پلاٽينڪوف ڏي هلي شراب پيئڻ گهرجي. مان توکي هڪ ڳجهارت ڏيان؟"

"ڏيئي ڇڏ."

مِتيا پنهنجي صدري جي کيسي مان ڪاغذ جو ٽڪرو ڪڍيو. اُن کي کوليائين ۽ کيس ڏيکاريائين. وڏن اکرن ۾ وضاحت سان اُن کي لکيو ويو هو.

"مان پاڻ کي پنهنجي سڄي حياتي ۾ سزا ڏيندو رهندس ۽ سڄي حياتي."

"مان يقيناً وڃي ڪنهن کي ٻڌائيندس. هڪدم ويندس." پيوتراليچ ڪاغذ کي پڙهڻ کان پوءِ هڪدم چئي ڏنو.

"توکي ايترو وقت ئي ڪونه آهي عزيز يار. اچ ته شراب پيئون. ٽڪو ٿي."

پلاٽينڪوف جو دڪان، گهٽيءَ جي آخري چيڙي وٽ هيو ۽ پيوتراليچ جي دروازي کان ٻي نمبر تي. اهو اسان جي شهر ۾ بقالي جو دڪان هو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته بري شيءِ هو. جنهن جا مالڪ ڪي شاهوڪار واپاري هئا. هنن اُن ۾ اُهو سڀ ڪجهه آڻي رکيو. پيٽرسبرگ جي دُڪان ۾ ملي ٿي سگهيو. سڀ ڪنهن قسم جو سامان، شراب جنهن کي ايليزيوف ڀائرن. شيشن ۾ بند ڪيو هو. هن ڪان سواءِ ميوو، سگريٽ، چانهه، ڪافي، کنڊ ۽ اهڙي ريت ٻيون شيون به موجود ٿي

رهيون. دُڪان ۾ ٽي نائب ڪم ڪندڙ هئا ۽ ٻه گراهڪن کي سودو ڏيندڙ ڇوڪرا. جيتوڻيڪ اسان جي ملڪ جو هيءُ حصو غريب ٿي ويو آهي ۽ زميندار لڏي ويا آهن ۽ واپاريءَ جي حالت بدترين ٿي وئي آهي، ان هوندي به بقالين جا دُڪان ڪافي ترقي تي آهن. هر سال سندن آسودگي ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. سندس سامان کي خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترائي گراهڪ موجود آهن.

مِتيا اُتي ٻي صبريءَ سان انتظار ڪندو رهيو. کين پوري پوري يادگيري آهي ته ڪيئن نه ٽي يا چار هفتا اڳ ۾ هن شراب ۽ ٻي سامان جي خريداري ڪئي هئي، جنهن جي قيمت سوين روبل هئي ۽ هن سپ روڪ پيسا ڏنا هئا. (جو ته هوُ ڪڏهن به ڪيس ڪا شيءِ اوڌر تي نه ڏين ها.) هنن کي ياد ٿي آيو. ته هاڻي وانگر کيس سوين روبل جي نوٽن جي ٿهي هٿ ۾ هئي ۽ هن اُنهن کي بي ترتيبي سان پڪيڙي ڇڏيو هو. کيس سودي ونڻ ۾ به وڏي بي پرواهي هئي. هن سوچيو به نه ٿي، ته کيس ايترو شراب ۽ ٻيو سامان ڪهڙي ڪم ايندو. هيءَ ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي هئي، ته هن گروشينڪا سان ماڪرو ڏي ويندي، هڪڙي رات ۽ ڏينهن ۾ ٽي هزار روبل خرچ ڪري ڇڏيا هئا ۽ جڏهن عيش ۽ نشاط جي محفل کان موٽي آيو هو، ته وٽس ڪجهي ڪوڙي به ڪانه هئي. هن خانه بدوشن جي سڄي جماعت کي پاڻ سان ڪنيو هو. (اُهي اُن وقت اسان جي پاڙي ۾ اچي رهيا هيا) اُنهن سندس نشي جي حالت ۾، انهن ٻن ڏينهن ۾ ڪانئس ڪافي پيسو حاصل ڪيو هو ۽ قيمتي شراب کي وڏي بيهودگي سان اُڏايو هو. ماڻهن کلندي مِتيا جي بابت ٻڌايو ٿي، ته هن ڪيئن نه شئمپين کي سنگدل ڪڙمين جي هٿن ۾ ٿي ڏنو ۽ ڪيئن نه ڳوناڻين عورتن ۽ ڇوڪرين کي، منائي ۽ پيٽرسبرگ جي شين تي ٻي ترتيبي سان دعوت تي ڏني. هوُ مِتيا جي منهن تي به ٿي کليا. جيتوڻيڪ سندس سامهون کلڻ نهايت خطرناڪ شيءِ هئي. سندس پوئتان ته ماڻهو کل ۾ ٻٽ ٿي ويندا هئا. خاص ڪري شرابخاني ۾. سندس پنهنجو به اهوئي اعتراف هو، ته هن هيڏي اسراف جي هوندي به، نتيجو فقط اهو نڪتو هو ته هوُ گروشينڪا جي قدمن کي چمي ڏي.

ٿوري وقت ۾ مـِتيا ۽ پيوتراليچ دُڪان تي پهچي ويا. اُتي هڪ گاڏي ٽن گهوڙن سان موجود هئي. گهوڙن جي سيني وٽ گهنڊڻيون ٻڌل هيون. انڊري ڪوچبان لنگهه وٽ متيا جي انتظار ۾ هو. دُڪان ۾ ذري گهٽ سپ سامان هڪ پيٽيءَ ۾ بند ڪيو ويو هو ۽ هوُ مِتيا جي انتظار ۾ هئا. ته هوُ اچي ته بيتيءَ کي ڪوڪا هڻي بند ڪيو وڃي ۽ گاڏيءَ ۾ رکيو وڃي. پيوتراليچ هيءُ سپ ڏسي بيحد حيران ٿي ويو.

”هيڏي تڪڙ ۾ هيءَ گاڏي ڪٿان آئي؟“ هنُ مِتيا کان پڇيو.

”مان جيئن تو ڏي تي آيس، واٽ تي ائنڊري مليو هو. مون کيس چيو هو، تہ هو پنهنجي گاڏي، سڌو دڪان وٽ آڻي بيهاري. مون کي ڪو بہ وقت وڃائڻو نہ هو. پوئين پيري مان ٽموفي جي گاڏي ۾ ويو هوس. هو هاڻي مون کان اڳ ۾ جادوگرياڻيءَ سان ويو آهي. ائنڊري چا اسان کي گهڻي دير تي ويندي.“

”هو اسان کان، هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ مس پهچندا. مان ٽموفي کي تيار ٿيندي ڏٺو هو. مون کي خبر آهي، تہ هوُ ڪيئن تي ويو. سندس قدم اسان جهڙا تيز نہ هوندا.“ دمتري فيودورپاولووچ اهو تي نہ تو سگهي. هو اسان کان هڪ ڪلاڪ مس الڳ ۾ پهچندا.“ ائنڊري ڊگهي قد ۽ ڪمزور بدن ۽ ڳاڙهن وارن سان وچولي قد وارو هو. کيس ڊگهو ڪوٽ پهريل هو. هن کيس وري بہ گرم جوشيءَ سان چيو تہ:

جيڪڏهن مان هڪ ڪلاڪ اُتي ڪانئن پوءِ پهچان، تہ مون کي وڊڪا (شراب جو قسم) جي لاءِ 50 ربيا انعام طور ڏنا وڃن.

دمتري فيودورپاولووچ، مان وقت سان مقابلي جو اعلان تو ڪريان. هوُ اسان کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ پهچندا. هاڻي ڪلاڪ بہ نہ.

دمتري فيودورپاولووچ تڪڙ ۾ عجيب حڪم ڏئي رهيو هو. هن تاريءَ کان هن تاريءَ تي پئي اڏريو. جنهن جملي کي شروع تي ڪيائين، اُن کي اڌوري تي ڇڏيائين. پيوٽراليچ ضروري سمجهيو، تہ اُن جي گفتگو ۾ دخل ڏي ۽ سندس مدد ڪري.

”چار سوَ روبل جون شيون هئڻ گهرجن، انهن کان گهٽ نہ.“ مِتيا حڪم ڏنو. چار ڊزن شئمپين. هڪ شيشي بہ گهٽ هئڻ نہ گهرجي.“

”ايترو چا جي لاءِ؟ ڪنهن جي لاءِ، ڪنهن جي لاءِ؟“ پيوٽر رڙ ڪري چيو. ”هيءَ چا جي پيٽي آهي. ۽ اُن ۾ چا آهي؟ پڪ سان هن ۾ چئن سون جو مال نہ آهي.“

دڪان جي عهديدارن نرمائي سان سمجهائڻ شروع ڪيو، تہ هڪڙي پيٽيءَ ۾ اڌ ڊزن شئمپين جون بوتلون آهن ۽ بيو سامان، جيئن تہ مٺائي، ٽافيون وغيره. سامان جو مکيہ حصو، جنهن لاءِ حڪم ڏنو ويو آهي، اُهو ٿاهي پوءِ موڪليو ويندو ۽ موقعي آهر سڀ کان اڳ ۾ ڪنهن گاڏي ۾ خاص طور تي روانو ڪيو ويندو. اُن گاڏيءَ ۾ بہ ٽي گهوڙا هوندا ۽ تيز رفتار. هي سامان دمتري جي پهچڻ کان پوءِ هڪ ڪلاڪ اندر اُتي پهچي ويندو.

”مان هڪ ڪلاڪ اندر، اُن سامان ۾ وڌيڪ ٽافيون ۽ مٺائي وڌي وڃي، چاڪاڻ تہ اُتي جون ڇوڪريون انهن شين کي وڌيڪ پسند ڪنديون آهن.“ مِتيا هن جملي تي گرم جوشيءَ سان زور ڏنو.

”مٺائي وغيره تہ نيڪ آهي، پر تون چار ڏزن شئمپين ڇا ڪندين؟ هڪ ڏزن ئي ڪافي آهي.“ پيوتر غصي مان چيو. پر هوُ سودي گهرڻ ۽ بل ونڻ ۾ مشغول هو ۽ ڪنهن بہ ريت راضپي ڏيکارڻ ڪان انڪاري هو. پر هن ريڙهہ پيڙهہ ۾ هو... ! روبل بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. آخر ۾ هي قبول ڪيو ويو، تہ سيئي شيون ٿي سوُ روبل جون هٽڻ ڪپن.

”نهيو، هاڻي تون شيطان ڏي وڃي رهيو آهين؟“ پيوترالِيچ بي خيال ايندي ڪيس چيو. ”منهنجو ڪهڙو واسطو. انهيءَ سڄي رقم کي اُجلائي ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي حاصل ڪرڻ ۾ تنهنجو ڪوبہ خرچ نہ ٿيو آهي.“

”هن رستي ڪان، علم الاقتصاد جا ماهر، هن رستي ڪان. غصي نہ ٿي.“ مِتيا دُڪان جي پٺ ڪان ڪيس ڪمري ۾ وجڻ لاءِ چيو. ”هوُ اسان کي هتي بوتل پهچائي ويندا ۽ اُتي ئي اسين ان جو مزو چکنداسون. پيوترالِيچ مون سان گڏجي اچ. ڇاڪاڻ تہ تون وڻندڙ ماڻهو آهين ۽ مون کي اهڙي قسم جا ماڻهو ڪپن.“

متيا، ميز جي سامهون هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، جنهن جي مٿان رات جي ماني جو غليظ رومال پيل هو. پيوترالِيچ سندس سامهون ويهي رهيو. شئمپين جلدي اچي ويو ۽ ڪين مڇي جي ٽڪرن جي آچ ڪئي وئي. ”نهايت عمدا مڇيءَ جا ٽڪرا ۽ آخري.“

”ڪڏ ۾ وجهو مڇيءَ جي ٽڪرن کي. مان اُهي نہ کائيندو آهيان. اسان کي وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ گهرجي.“ پيوترالِيچ، غصي مان چيو.

”مڇيءَ جي کائڻ جيترو وقت هاڻي ڪونہ آهي.“ مِتيا چيو. ”مون کي بک بہ ڪانہ آهي.“ هن عجيب احساس سان وري چيو تہ“ مان هن بي انتظاميءَ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو آهي.“

”اهو وري ڀئي ڪنهن کي ڪيئن پسند ايندو. شئمپين جا ٿي ڏزن ڪڙمين لاءِ. مان سچ ٿو چوان تہ اهڙي شيءِ آهي، جا ڪنهن کي غصي ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي.“

”منهنجو اهو مطلب نہ آهي. مان ڪنهن مٿانهين انتظام جي ڳالهہ ٿو ڪريان. خود مون ۾ بہ ڪو انتظام نہ آهي. هان مٿانهون انتظام...... پر سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي. هن تي ڏک ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. هاڻي هي بعد از وقت آهي. ڪڏ ۾ وجهينس، منهنجي سڄي حياتي بدانتظاميءَ ۾ گذري آهي. هاڻي اُن کي ڪو انتظام ۾ آڻي. اها ڳالهہ هاڻي بعد از وقت آهي ۽ مذاق آهي.“

”هيءُ مذاق نہ آهي، پر بيهودهہ گفتگو آهي.“

”آسمان ۾ خدا جو شان آهي“

”هي شعر هڪ پيري منهنجي دل مان نڪتو هو. هيءُ شعر نه آهي، پر منهنجا لڙڪ آهن...... انهن کي مان ٺي وهايو هو........ اُن وقت نه، جڏهن مان ڪپتان جي ڏاڙهيءَ کي ڇڪيو.“

”تو هن جي ڳالهه ڪي، اوچتو ۽ هاٺي ڇو آٿي وڌو؟“

”مان ڇو هن بيوقوفيءَ واريءَ ڳالهه ۾ پيو آهيان؟ سيئي ڳالهيون پڇاڻيءَ تي پهچي وڃن ٿيون ۽ يڪسانيت اچي ٿي وڃي. هن ۾ طوالت به آهي ۽ اختصار به.“

”توکي خبر آهي، مان تنهنجي پستول جي بابت خيال ڪندو رهان ٿو.“

”هي پڻ بيوقوفي آهي. تون شراب کي پيءُ ۽ عجب نه ڪاءُ. مان زندگيءَ کي پيارو ٿو گهران ۽ مان هميشه هن کي پيار ڪندو رهيو آهيان. ۽ بي شرميءَ سان. هيءُ ڪافي آهي، اچ ته زندگي جي زندگيءَ جو شراب پيئون. عجيب بار! مان توکي بڌائڻ ٿو گهران، ته زندگيءَ جي لباس کي سلامتيءَ سان بلند رکندس. مان ڇو پاڻ کان راضي رهان. مان هڪ بدڪردار انسان آهيان، پر پاڻ کان راضي آهيان. دنيا کي برڪت ٿو سمجهان. هن وقت به خدا ۽ اُن جي مخلوق کي برڪت وارو ٿو سمجهان، پر هڪ موذي بلا کي نابود ڪرڻ گهرجي. جيئن اُن وٽ بين کي زهر ڏيڻ لاءِ طاقت نه رهي. اچ، منهنجا پيارا دوست، ته زندگيءَ جي سلامتي لاءِ پيئون. حياتيءَ کان وڌيڪ بي قيمتي شيءِ ڪهڙي آهي؟ بي ڪابه ڪانه آهي. زندگي جي سلامتي، جا راڻين جي راڻي آهي.“

”هان، تڏهن اچ ته زندگي جي سلامتي ۽ تنهنجي راڻين جي راڻيءَ لاءِ پيئون.“

هنن هڪ گلاس پيتو. جيتوڻيڪ مِتيا جوش ۾ فضول خرچ ٿي نظر آيو، پر دردمند به ٿي ڏٺو. نظر ۾ ٿي آيو، ته متس ڪو ڳرو ۽ وڏي انتظار وارو بار ڪري پيو آهي.“

”مشا........... اجهو هيءُ تنهنجو مشا آيو آهي! مشا هيڏي اچ. هن گلاس کي سياڻي جي صبح جي سونهري وارن واري ديوتا جي سلامتي لاءِ پيءُ.......“

”هن کي هيءَ ڇا جي لاءِ ٿو ڏئين؟“ پيوتراليچ ڪيس غصي مان چيو.

”هائو، هائو، هائو، مون کي اجازت ڏي مان هن کي ڏيندس.“

”هان.“

مشا گلاس خالي ڪري، نميو ۽ سلام ڪري پٺي ويو.

”هي بعد ۾ ياد ڪندو.“ مِتيا پنهنجي راءِ ڏني. ”عورت، مان عورت سان محبت ڪريان ٿو! عورت ڇا آهي؟ خلقت جي راڻي! منهنجي دل غمگين آهي. پيوتراليچ، توکي هئملیٹ ياد آهي. مون کي سخت غم آهي، نيڪ هوريشيو! افسوس غريب يورڪ! شايد مان اهو آهيان. هائو مان هاڻي يورڪ آهيان ۽ پوءِ فقط هڏن جو پڃرو.“

پيوٽراليچ، خاموشي سان ڏيان ڏيئي ٻڌو. مـِتيا پڻ ٿوري وقت لاءِ خاموش ٿي ويو.

"هيءُ ڪهڙو ڪتو آهي، جو هتي تو ڏاريو آهي؟" هن دڪاندار ڪان پڇيو. هن ڪنڌ ۾ وينل لٽيلنڊ جي هڪ سهڻي ۽ ڪارين اکين واري ڪتي ڏانهن اشارو ڪيو.

"هي وار وارا اليگزيوينيا، مالڪياڻي جو آهي." ڪلارڪ ڪيس جواب ڏنو. هوءَ هن ڪي هتي وني آئي هئي، پر ڪانئس وسري ويو آهي. هيءُ ڪيس موٽائي ڏنو ويندو.

"مان هن جهڙو هڪ فوج ۾ ڏٺو هو." مـِتيا ننڍاڪڙي حالت ۾ پڻ پڻ ڪندو رهيو. "ان جون پويون ٽنگون ڀڄل هيون پيوٽراليچ مان توکان غير ارادي طور تي پڇڻ گهران ٿو، تہ تو ڪڏهن پنهنجي حياتي ۾ چوري ڪئي آهي؟"

"عجيب سوال؟"

"منهنجو اهو مطلب نہ آهي، تہ تو ڪنهن جي کيسي تي ڌاڙو هنيو آهي. منهنجو خيال سرڪاري پيسي جو غبن بہ نہ آهي، ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪانہ ڪا چوري ڪري ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ توبہ ايئن ضرور ڪيو هوندو........"

"تون تہ شيطاني ڳالهيون ڪري رهيو آهين."

"مان توسان بين ماڻهن جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. ڪنهن ڪيسي مان يا ٻٽونءَ مان؟"

"مان لاولي ڪاپيڪس (روسي ننڍڙو سـِڪو) ماءُ جا چورايا هئا. ان وقت مان نون ورهين جو هوس. مان اهي ميز تان کنيا هئا ۽ انهن کي هٿ ۾ لڪائي رکيو هيم."

"نيڪ آهي، پوءِ ڇا ٿيو؟"

"اڙي ڪجهہ بہ نہ، مان ٽي ڏينهن اهي لڪائي رکيا. ان کان پوءِ مون کي شرم آيو. ماءُ جي اڳيان قبوليت ڏئي، انهن کي موٽائي ڏنم."

"ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟"

"فطرتاً مون کي ڇهبڪ هنيا ويا. پر تون مون کان اها ڳالهہ ڇو ٿو پڇين؟ ڇا توبہ ڪا چوري ڪئي آهي ڇا؟"

"هائو"، مـِتيا اکين کي بيوقوفيءَ سان چنبيندي چيو.

پيوٽراليچ ڪانئس عجب مان پڇيو تہ "تو ڇا چورايو آهي؟"

"مان ماءُ جا ويهہ "ڪاپيڪس"، جڏهن نون ورهين جو هوس، تہ چورايا هيم ۽ وري ٽن ڏينهن کان پوءِ کيس موٽائي ڏنا هيم."

ايئن چئي مـِتيا هڪدم اٿي بيٺو.

اٽندري، دڪان جي دروازي مان کيس چيو تہ "دمتري فيودوروپاولووچ تون اجا بہ نہ ايندين ڇا؟"

”تون تيار آهين تہ اسان اڇون؟“ مـتيا تيار تيو. آخري فقط چار لفظ..... ائنبري. تياريءَ جي لاءِ هڪ وڏڪا (هلڪو شراب) جو گلاس....... هن کي ڪجهہ برانڊي بہ ڏيو. هي پيتي؟ (جنهن ۾ پستول بہ هو). هن کي منهنجي ويهڻ واري جاءِ جي هيٺان رکو. خدا حافظ. پيوترايچ، منهنجي لاءِ ڪو خراب خيال قائم نہ ڪج.

”پر تون تہ سڀاڻي موٽي ايندين؟“

”بيشڪ“

”بل جا پيسا اوهان هاڻي ئي ڏيو تا؟“ ڪلارڪ اڳتي ٽپو ڏيندي ۽ رڙ ڪندي چيو.

”هائو بل. بيشڪ“

هن نوٽن جي بنڊل کي وري کيسي مان ٻاهر ڪڍيو ۽ ان مان ٽي سؤ نوٽ ڪڍي، دڪان جي تختي تي ڦٽا ڪيائين ۽ تڪڙ ۾ ڊوڙندو دڪان کان ٻاهر نڪري ويو. سڀ ڪو سندس پويان ٻاهر نڪتو ۽ کيس خوش قسمتي لاءِ دعائون ڏيڻ لڳو. ائنبري جنهن تازو برانڊيءَ کي ڳڙڪايو هو، ڪنگهندو، گاڏيءَ جي پيٺي تي وڃي وينو. مـتيا اڃا پنهنجي جاءِ تي مس وينو هو جو اوچتو هن پنهنجي اڳيان فينا کي بيٺل ڏٺو. کيس ڏسي عجب لڳو. هوءَ دانهون ڪندي ڊوڙندي آئي. هوءَ سندس سامهون هٿن کي مهٽيندي ۽ روئيندي رهي. پوءِ يڪدم سندس پيرن تي ڪري پئي.

”دمتري فيودورپاولووچ، پيارا نيڪ دمتري فيودورپاولووچ، منهنجي مالڪياڻيءَ کي تڪليف نہ ڏي. مان توکي ان جي لاءِ سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي. هن کي خون نہ ڪجانءِ. هن تي رحم ڪج. هوُ گروشينڪا جو اڳ ۾ ئي دوست هو. هن جي خواهش آهي، تہ ساڻس شادي ڪري. انهيءَ ڳالهہ لاءِ هوُ سائبيريا کان آيو آهي....... دمتري فيودورپاولووچ اُن کي قتل نہ ڪج.“

”هان، هان. ڳالهہ تڏهن ايئن آهي؟ تون انهيءَ لاءِ وڃي رهيو آهين. تہ اُتي وڃي مصيبت پيدا ڪرين. پيوترايچ کيس چيو. ”هاڻي ڳالهہ روشن سج وانگر صاف ٿي چڪي آهي. دمتري فيودورپاولووچ، پستول مون کي ڏي. جيڪڏهن تون مرد آهين تہ مون کي واپس ڏيندين“. هن زور سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”پستول. ٿورو وقت ترس پاءِ. مان هن کي رستي تي ڪنهن کڏ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندس.“ مـتيا کيس چيو. ”فينا اُٿي منهنجي سامهون گوڏن ڀر نہ ٿي. مـتيا ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيندو. هي بيوقوف وري ڪنهن کي ايذاءُ نہ پهچائيندو. پر مان چوان ٿو فينا تہ......“ هن پنهنجي جاءِ تي ويهندي چيو ”مان توکي هاڻي تڪليف ڏني هئي، اُن لاءِ مون کي معاف ڪر. هن بدمعاش کي بخش... پر جيڪڏهن تون اُن کي نہ ٿي بخشي سگهين تہ نهيو. اها ساڳي ڳالهہ ٿيندي. ائنبري هاڻي، گاڏيءَ کي اُڏار.“

ائنبري گهوڙن کي ڇهبڪ هنيو ۽ گهنڊڻيون وڄڻ لڳيون.

"پيوتراليچ خدا حافظ. منهنجا آخري ٻوڙها تنهنجي لاءِ آهن......."

"هن پيتو نہ آهي، پر ايئن ٿو ڳالهائي، ڄڻ تہ نشي ۾ آهي. پيوتراليچ ڪيس ويندي ڏسي چيو. هن بد دليءَ سان چاهيو، تہ ترسي اُن سامان کي ڏسي، جو بعد ۾ وڃڻ وارو هو. يقيناً هوُ مـتيا سان ٺڳي ۽ فريب ڪندا. پر اوچتو هوُ پنهنجو پاڻ مونجهاري ۾ پئجي ويو ۽ انهيءَ سڄي ڳالهہ تي لعنت وجهندو، هوُ ميخاني ڏانهن بليئرڊ راند ڪيڏڻ لاءِ ويو.

هيءُ بيوقوف آهي، جيتوڻيڪ چڱو ماڻهو آهي. هنُ پنڌ ڪندي خيال ڪيو. "مان اُن آفيسر يعني: گروشينڪا جي پهرئين شعلي بابت ٻڌو آهي. جيڪڏهن هن اُن پستول ڪان ڪم ورتو تہ..... ڪڏ ۾ وجهينس. مان اُن جو رکوال تہ نہ آهيان! پلي جيڪي وٽين سو ڪن. اُن ڪان سواءِ، هن جو ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪرندو. هيءُ ٻئي جهڳڙالو آهن ۽ بس. هيءُ پيئندا ۽ وڙهندا. وڙهي وري دوست بڻجي ويندا. هيءُ اُهي ماڻهو ئي نہ آهن، جي سچ پچ ڪجهہ ڪري سگهن. پر هن جو هن ڪان مطلب ڇا هو، تہ مان پنهنجي قدمن کي هٽايان ٿو ۽ پاڻ کي سزا ڏيان ٿو.، ڪجهہ بہ نتيجو نہ نڪرندو." هن ڪيئي ڀيرا، اهي جملا دهرايا آهن ۽ شرابخاني ۾ هزارين ڀيرا! پر هاڻي تہ هيءُ پيتل نہ هو. پر روحاني طرح پيتل هو. اهڙا بدمعاش اهڙن جملن جي چوڻ جا عادي هوندا آهن. ڇا مان سندس رکوال آهيان؟ هوُ ڪنهن سان ضرور وڙهي آيو هو. سندس منهن رت سان ڀريل هو. پر ڪنهن سان؟ مان ميترو پولس ۾ جاچي وٺندس. سندس رومال سڄو رت ۾ ڀريل هو...... اُهو اجا تائين منهنجي ڪمري جي فرش تي پيو آهي.... ڪڏ ۾ وجهينس.

هوُ شرابخاني ۾ پهچي ويو. پر سندس مزاج بگڙيل هو. هن هڪدم راند شروع ڪري ڏني. راند ڪيس راحت ڏني. هن ٻي بہ راند ڪيڏي. هن اوچتو پنهنجي ڀائيوارن مان هڪ کي چيو، تہ دمتري ڪرامازوف کي وري پيسا ملي ويا آهن. قريباً ٽي هزار روبل. هو ماڪرو وري ويو آهي، تہ گروشينڪا سان وري اُهي اڏائي... هن حقيقت ڏيان ڏيندڙن ۾ هڪجهڙي دلچسپي پيدا ڪئي. سيپئي ان بابت ڳالهائڻ لڳا. وٽن ڪل جي بجاءِ هڪ عجيب ڪشش هئي. سيني راند ڪرڻ ڇڏي ڏني.

"ٽي هزار! پر هن اهي ٽي هزار روبل ڪٿان آندا؟"

سوال ٿيندا رهيا. بيگم هائلڪوف جي ڪهاڻيءَ کي شڪ سان ٻڌو ويو.

"اِيئن تہ نہ آهي، تہ هن پنهنجي پوڙهي پيءُ کي قريو آهي؟ اهو سوال آهي؟"

"ٽي هزار روبل! دال ۾ ڪجهہ ڪارو نظر اچي ٿو."

”هن وڏي آواز سان هتي لاف هڻئين هئي. تہ هو پنهنجي پيءُ کي ماريندو. اسان سيني کيس اِيئن چوندي ٻڌو هو. ان کانسواءِ هن ٽن هزارن لاءِ بہ چيو تي.“

پيوترالليچ هي سڀ ڌيان ڏيئي ٽي ٻڌو. اوچتو هو پنهنجي جوابن ۾ مختصر ۽ خشڪ ٿيڻجي ويو. مِتيا جي هٿن تي ۽ منهن تي رت جي لڳل داغن بابت هن ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو. جيتوڻيڪ سندس دل چاهيو ٿي تہ ان جو ذڪر ڪري.

هنن ٽئين راند شروع ڪئي ۽ آهستي آهستي مِتيا جي بابت گفتگو ختم ٿي وئي. ٽئين راند جي ختم ٿيندي ئي، پيوتر جي دل ۾ وڌيڪ راند کيڏڻ جي خواهش نہ رهي هئي. هن بليئرڊ جي راند کي ڇڏيو ۽ رات جي ماني کائڻ کان سواءِ جنهن جو کيس ارادو هو، هو تفريح گاهہ کان ٻاهر نڪري ويو. هو جڏهن مارڪيٽ ۾ آيو، تہ هو سخت مونجهاري ۾ ٻيهي رهيو ۽ پاڻ کي عجب مان ڏسڻ لڳو. هن محسوس ڪيو تہ کيس هن ڳالهہ جي طلب هئي، تہ هو فيودورپاولووچ وٽ وڃي معلوم ڪري، تہ اتي ڪو حادثو تہ نہ ٿيو آهي؟ ”هيءُ سڀ ڪجهہ بيوقوفي جو باعث ٿيندو، جنهن جو پورو يقين اٿم مان سڄي گهر کي اٿاريندس ۽ وڏو جنجل پيدا ٿي ويندو.“ هن پاڻ سان ڳالهايو. ”ڪڏ ۾ وجهين، اهو منهنجو ڪم آهي ڇا. تہ مان سندن رکوالي ڪريان؟“

هو سخت بي ترتيبيءَ ۾ سڌو پنهنجي گهر ڏانهن هليو. اوچتو کيس فينا ياد اچي وئي. ”سيني کي ڪڏ ۾ وجهہ. مون کي ان وقت ڪانئس سوال پڇڻ کپندا هئا.“ هن سخت پريشانيءَ ۾ خيال ڪيو، تہ ”اهڙي ريت مان سڀ ڪجهہ معلوم ڪري سگهان ٿو.“ سندس دل ۾ خواهش پيدا ٿي، تہ هو ان سان ڳالهائي ۽ ڪانئس حقيقت معلوم ڪري. هيءُ خيال مٿس ايڏو تہ غالب پئجي ويو، جو گهر ڏانهن ويندي اڌ پنڌ کان مڙيو ۽ سڌو ان جاءِ ڏانهن هليو، جتي گروشينڪا ٿي رهي. دروازي وٽ وڃي ان کي کڙڪايائين. رات جي خاموشيءَ ۾ دروازي جي کڙڪي سندس سرمستي کي وڃائي ڇڏيو ۽ بي مزي ٿيڻجي ويو. ڪوبہ جواب نہ آيو، ڇو تہ گهر ۾ سيئي ننڊ ۾ هئا. کيس سخت درد جو احساس ٿيو ۽ چوڻ لڳو، تہ ”هيءُ سڀ بيهودگي آهي.“ اتان هلي وڃڻ جي بجاءِ، هو هاڻي پوري طاقت سان دروازي کي ورائي ورائي کڙڪائڻ لڳو، جنهن کان سڄي گهٽي شور سان ڀرجي وئي.

”ڪوبہ نہ ٿو اچي؟ نيڪ آهي مان در کي کڙڪائي سيني کي اٿاريندس.“ هو هر کڙڪي تي اِيئن پڪندو رهيو ۽ جوش ۾ ايندو رهيو ۽ ساڳي وقت، هن دروازي تي کڙڪن جو انداز بيٺو ڪري ڇڏيو.

باب ڇهون

# ماں پڻ آچان ٿو

دمتري فيودوريــاولووچ رستي تي تيزيءَ سان وجي رهيو هو. ماڪرويــ ويهن ميلن کان ٿورو مٿي هو. مگر ائنڊري جا ٽي گهوڙا ايترو تہ تيزيءَ سان ڊوڙي رهيا هئا، جو ايئن ڏسڻ ۾ ٿي آيو، تہ اِهو مفاصلو ڪلاڪ سوا ۾ پورو ٿي ويندو. هن تيز رفتار مِـتيا کي تسلي ڏني. هوا تازي ۽ ٺڌيري هئي. آسمان ۾ ستارا چمڪي رهيا هئا. هيءُ اُهو وقت هو، ۽ اُها رات هئي، جڏهن اليوشا زمين تي ڪـِري، سجدي ۾ وڏي شوق سان قسم ٿي کنيو، تہ هُو زمين کي هميشہ محبوب رکندو. دمتريءَ جو روح اونداهو هو ۽ سندس آشفتگي جو ڪو اندازو ئي نہ هو. باوجود هن اضطراب، وحشت جي سندس قلب پريشان نہ هو ۽ سندس وجود جي تاجي پيٽي ڪيس سندس راڻي گروشينڪا ڏي پئي ٿي ڇڪيو ۽ سندس ڪوشش هئي، تہ هــُو اُن تائين جلدي پهچي وڃي ۽ اُن سان آخري ملاقات ڪري، پاڻ کي اُن جي شوق جي نشي ۾ غرق ڪري ڇڏي. هڪ شيءِ مان پختگيءَ سان ٻڌايان ٿو. سندس دل لحظي لاءِ بہ نہ ٿي لُـڏي. هن حقيقت تي اعتبار ڪرڻ گهرجي، تہ هن عاشق هڪ گهڙي بہ پنهنجي نئين رقيب لاءِ حسد کي دل ۾ جاءِ نہ ڏني هئي، جو اوچتو ٽپو ڏئي، زمين ڪان نڪري ويو هو. جيڪڏهن ٻيو ڪو اِهڙيءَ ريت ظاهر ٿئي ها، تہ هُو اُن جو هڪدم حاسد بڻجي وڃي ها ۽ هُو وري پنهنجي خوفناڪ هٿن کي رت سان ڀَـري ڇڏي ها، پر هــُو رات جو جيئن تيزيءَ سان ويو ٿي، هــَن نہ بغض نہ دشمنيءَ کي ٿي محسوس ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اِهو ماڻهو پهريون عاشق هو .... هيءُ بہ حقيقت آهي، تہ هن اُن کي اَڃا تائين ڏٺو بہ نہ هو.

”هتي ڪنهن جهڳڙي جو سوال ئي نہ آهي. اِهو هن جو (گروشينڪا جو) ۽ هــَن جو حق هو. هيءُ هـُن جي پهرئين محبت هئي، جنهن کي وساري نہ سگهي هئي. هو ساڻس پنج سال ساندهہ محبت ڪندي رَهي ۽ هاڻي مان ڪيئن اُن جي آڏو اَچان؟ مون کي اُن لاءِ ڪهڙو حق آهي؟ هن آفيسر جي باعث سڀ ڪا ڳالهہ ختم ٿي چـُڪي آهي. جيڪڏهن هــُو ظاهر نہ بہ ٿئي ها، تہ اُن جي معاملي ۾ هرڪا ڳالهہ ختم سمجهڻ ۾ اَچي ها ....“

هي لفظ سراسري طور سندس جذبات کي ظاهر ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن هــُو دليل جو صاحب هجي ها، تہ اُنهن کي سمجهي ها، پر اُن وقت ڪنهن بہ دليل وٽس ڪم نہ ٿي ڪيو. سندس موجوده عمل جي رت، دليل کان سواءِ جاڳي پئي هئي.

فينا جي آخري لفظن سندس جذبات ۾ عجيب هلچل مچائي ڇڏي هئي. اُن مان جيڪي نتيجا نڪتا تي، اُهي سندس اندر ۾ چمڪات ڏئي رهيا هئا. اُن هوندي به ڪنهن محڪم اِرادي جي بجاءِ سندس روح ۾ مونجهارو تي ڏنو. هڪ درد ڏيندڙ مونجهارو سندس محڪم ارادو به ڪيس جمعيت ڏئي نه تي سگهيو. اهي پس پرده اهڙيون حقيقتون هيون، جيڪي ڪيس عذاب ڏئي رَهيون هيون. انهن گهڙين ۾ ڪيس هرڪا شيءِ عجيب تي نظر آئي. اِيئن ڪٿي ڇئجي، ته هن پنهنجي قلم سان ڪاغذ تي خود موت جي فتويٰ تي لکي. "مون کي پاڻ کي سزا ڏيڻ گهرجي." اِهو ڪاغذ هردم تيار سندس کيسي ۾ هو. پستول به پريل هو. هن اڳ ۾ ئي فيصلو ڪيو هو، ته هُو ايندڙ سونن وارن واري ديوتا يعني صبح جو ڪهڙيءَ ريت انتظار ڪري.

اُن هوندي به هُو ماضيءَ کي وساري نه تي سگهيو، جو سندس پوئتان هو، جنهن کيس عذاب تي ڏنو. کيس اُن جو وڏو احساس هو ۽ اُن جي خيال کان سندس دل ٻُڏي تي وئي ۽ نااُميدي تي جهلڪي. هن حالت ۾ وٽس هڪ گهڙي اِهڙي به آئي، جنهن ۾ هن چاهيو تي، ته ائنڊري کي روڪي ۽ گاڏيءَ مان ٽپو ڏئي هيٺ لهي، پنهنجي پستول کي ڇڪي ۽ پرهه ڦٽيءَ کان اڳ ۾ هر شيءِ جو خاتمو ڪري ڇڏي. پر اُها گهڙي هڪ چڻنگ وانگر چمڪي ۽ ختم تي وئي. گهوڙا تيزيءَ سان ڊوڙندا تي ويا ۽ زمين جي مفاصلي کي گهٽائيندا تي ويا. جيئن هُو پنهنجي منزل مقصود کي ويجهو ٿيندو ويو. هُن خيال، تنها ۽ سندس روح کي وٺي قابو ڪيو ۽ اُن خطرناڪ خيالن جي عڪس کي وٺي ٻاهر ڪيو، جي کيس ڊيڄاري رهيا هئا. ڪيتري قدر نه کيس انتظار هو، ته هُو کيس ڏسي، ڇو ته هڪ گهڙيءَ جي لاءِ ئي پوءِ اِهو پريان ئي هجي.

"هوءَ هاڻي اُن سان آهي،" هُن خيال ڪيو. "هاڻي مان ڏسندس، ته هوءَ هن کان ڪيتري قدر راضي آهي، جا هُن جي پهرئين محبت آهي. هاڻي مان اِهو ڏسندس." باوجود هن حقيقت جي ته اُن عورت جي محبت سندس دل سان ڪيڏندي تي رَهي، مگر ڪڏهن به هن پنهنجي دل ۾ ايڏي جلائيندڙ محبت جو احساس ئي نه ڪيو هو، جو هاڻي کيس هو. هيءَ اِهڙي باهه هئي، جنهن کيس ششدر ڪيو هو ۽ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هُو پرستش ۽ نابوديءَ جي حد تي پهچي چُڪو هو ۽ سندس دل بي اختياريءَ ۾ مبتلا هئي. اوچتو هن پريشانيءَ ۽ بي خبريءَ جي حالت ۾ چيو ته، "هائو، هن راهه ۾ مون کي عشق نابود ڪري ڇڏيندو."

گهوڙا قريباً هڪ ڪلاڪ ڊوڙندا رَهيا. مِتيا خاموش هو. ائنڊري باوجود ڳوناڻي جي جيتوڻيڪ گهڻ ڳالهائو هو، هن به هڪ لفظ نه ڳالهايو. هن کي گفتگوءَ کان خوف پئي ٿيو. هن فقط چالاڪيءَ سان پنهنجي ڪمزور گهوڙن کي ڇهبڪ تي ڇهبڪ تي هنيا. اوچتو مِتيا پنهنجي خطرناڪ انتظار سان ڪانئس پڇيو ته:

”ائنبري ڇا ٿيندو؟ جي هُو ننڊ ۾ هجن؟“

هن خيال جڻ تہ ڪيس ڇماٽ هڻي ڪڍي. هيءُ خيال ڪيس اڳ ۾ آيو ئي نہ هو.

ائنبري ڪيس جواب ڏنو تہ. ”دمتري فيودورياولووچ اِهو چڱو ٿيندو. تہ هُو هن وقت ننڊ ۾ هجن.“

مِتيا هن جواب تي درد ڪان بي تاب ٿي ويو. هائو سچ پچ ..... هُو اوڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهيو هو ..... عجيب جذبن سان ..... ۽ اِهڙي وقت ۾ هُو ننڊ ۾ هوندا .... شايد هوءَ بہ ننڊ ۾ هجي ...... سندس دل ۾ ڪاوڙ پريل جذبا پيدا ٿيڻ لڳا.

هن خودبخود رڙ ڪري چيو، تہ ”گهوڙن کي تيز ڪر ائنبري، ڇهبڪ هڻين.“

”ٿي سگهي ٿو، تہ هُو اَڃا ستا هجن.“ ويرمر رکي ائنبري چيو. ”تيموفي چيو ٿي، تہ اُتي گهڻئي اَچي گڏ ٿيا آهن.“

”اسٽيشن وٽ؟“

”نہ، گاڏين جي اسٽينڊ وٽ نہ. پر پلاسٽونوف جي مسافرخاني ۾.“

دمتري، جو هن اَڻ ٿيڻي حقيقت کان وائڙو ٿي ويو هو، پڇڻ لڳو تہ. ”اُنهن جو عدد گهڻو آهي؟ ڪهڙي ريت؟ ڪهڙا ماڻهو اُتي موجود آهن؟“

”تيموفي چيو ٿي، تہ سيئي مرد آهن. بہ تہ اُنهن مان اَسان جي شهر جا آهن. مگر مان اُنهن کي نہ ٿو سڃاڻان. پر تيموفي چيو ٿي، تہ اُهي اسان جي شهر جا آهن. بہ اجنبي آهن. شايد ڪو ٻيو بہ ماڻهو هجي. مان ڪانئس خاص طرح ڪونہ پڇيو هو. هُن ٻڌايو ٿي، تہ هُو تاش جي راند ڪيڏي رهيا هئا.“

”تاش؟“

”اُن ڪري ٿي سگهي ٿو، تہ هُو تاش ڪيڏڻ جي ڪري، شايد اَڃا سُتل نہ هجن. اَڃا دير بہ نہ آهي، يارنهن وڃڻ ۾ هوندا.“

”تڪڙو ٿيءُ ائنبري، تڪڙو ٿيءُ.“ مِتيا بيتابيءَ مان وري ڪيس چيو.

”مان ڪجهہ اوهان کان پڇان سائين؟“ ائنبري ڪيس چيو، پر مون کي اوهان جي ڪاوڙ کان خوف ٿو ٿئي.

”توکي ڇا ڇوڻو آهي؟“

”اُهو ڪهڙو سبب هو، جو ٿوري دير اڳ ۾ فينا تنهنجي قدمن ۾ ڪِري پئي هئي ۽ توکي عرض ڪري رَهي هئي، تہ تون سندس مالڪياڻي کي تڪليف پهچائڻ کان باز اَچ يا ڪنهن ٻئي کي بہ .....؟ اُن ڪري سائين ..... مان ئي آهيان، جو توکي اُن طرف وٺي وڃي رَهيو آهيان ..... معاف ڪر سائين، هيءُ هاڻي منهنجو ضمير آهي .... شايد اِهڙيءَ ريت هيءَ منهنجي گفتگو بيوقوفي هجي.“

مِـتيا اوچتو سندس ٻانهن کي پوئتان جهلي، غصي مان چيو، ته ”تون ڪوچبـان آهين نه؟“

”هائو سائين .....“

”اُن ڪري توکي ڄاڻڻ کپي، ته ڪنهن کي بـه پنهنجي درجي کان مٿي نـه وڃـڻ کپي. تون ئي ٻڌاءِ ته هڪ ڪوچبان کي ڪهڙو جواب ڏيڻ گهرجي؟ ڇا تون هڪ ڪريل ماڻهو تي پنهنجي گاڏي هلائيندين؟ هڪ ڪوچبان کي اِهو نه ٿو نهي، تـه هُـو مـاڻهن جي مٿان گاڏي هلائيندو رَهي. ڪنهن کي بہ انسانن جي زندگيءَ کي خراب نـه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن تو ڪنهن جي حياتيءَ کي خراب ڪيو آهي، ته اُن لاءِ پاڻ کي سزا ڏي ..... جيڪڏهن تو ڪنهن جي حياتيءَ کي برباد ڪيو آهي، ته اُن لاءِ بـه پـاڻ کي سزا ڏي ۽ هليو وڃ.“ هي الفاظ مِـتيا کان جنون جي حالت ۾ نڪرنـدا رهيـا. ائنـدري سندس گفتگوءَ کان حيرت ۾ هو، پر هُـن پنهنجي گفتگوءَ کي جاري رکيو.

”اِهو صحيح آهي، دمتري فيودورپاولووچ. توهان بلڪل صحيح آهيو. ڪنهن بہ ماڻهو کي نہ کپي، ته هُو ٻي کي لتاڙي يا عـذاب ڏئـي. پـوءِ هُــو انسـان آهي يا ٻي مخلوق. ڇاڪاڻ ته هر مخلوق خدا جي پيدائش آهي. مثـال طـور، هـڪ گهـوڙو ونـو، ماڻهن وٽ توڙي ڪوچبانن وٽ، اُن کي ڊوڙائڻو آهي، اِنهيءَ کان ته ڪنهن کي روڪي نہ ٿو سگهجي. هو ته هن کي تيز ڊوڙائيندا رهندا.“

”جهنم ۾ وڃهينس،“ مِـتيا وچ ۾ ٽپي پيو ۽ پنهنجي دستوري مخصوص ڪـلَ سان کلڻ لڳو. ”ائنبري سادا روح!“ هن وري ڪيس سندس ڪلهن کان جهليو، ”مون کي ٻڌاءِ تـه دمتري فيودورپاولووچ ڪرامازوف دوزخ ۾ ويندو يا نہ؟ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”منهنجا عزيز، مون کي اِن جي لاءِ ڪابہ خبر نـہ آهي. اِهو تـہ توتـي مـدار رکـي ٿـو ..... سائين توهان کي اِها خبر آهي، ته جڏهن خدا جي پيـاري کي صليب تـي ڪليـون هڻي چاڙهيو ويو ۽ هُـو مري ويو، ته هُـو پهريائين جهنم ۾ پهتـو ۽ سيني گنهگـارن کي اُت ويندي نجات ڏنائين. جي عذاب ۾ ورتل هئا. شيطان گُـرڪندو رهيـو. ڇاڪـاڻ تـہ ڪيس هن ڳالهہ تي افسوس ٿيو، ته هاڻي جهنم ۾ ڪوبہ گنهگار نہ هوندو. اُن وقت ڪيس خدا کان آواز آيو، تـہ غـم نـہ ڪـر. ڇاڪـاڻ تـہ تنهنجي لاءِ زميـن تـي وڏا طـاقتور موجـود آهن. بادشاهہ، وڏا منصف ۽ شاهوڪار. اهي هن کي هر دور ۾ پريندا رهندا، جيسـتائين منهنجو پيارو وري دنيا ۾ موٽي وجي. هي آهن سندس صداقت پريا لفظَ.“

”هڪ ڳوناٺو داستان! نهايت سنگين! ائندري ڪبي پاسي ڏي گهوڙي کي تيز ڪر.“

”اِهڙي ريـت سـائين تـون ڏسـي سگهـين ٿـو، تـہ دوزخ ڪنهـن جي لاءِ نـاهيو ويـو آهي.“ ائنـدري گهوڙي کي چهبڪ هڻندي، ڪبي پاسي ڏي موڙيو. پـر تـون هـڪ نـنڍڙي

ٻار وانگر آهين ..... اسان هميشه توکي اِيئن ڏسندا رهيا آهيون .... توکي هميشه تکڙي طبعيت وارو سمجهندا رهيا آهيون. مگر خدا تعاليٰ توکي چڱيءَ دل جي صدقي بخشيندو.

”پر تون، تون ائنڊري مون کي بخشين ٿو؟“

”مان ڪهڙي ڳالهه جي لاءِ توکي بخشيان. تو تہ مون کي ڪابہ تڪليف نہ ڏني آهي؟“

”نہ، سڀ ڪنهن جي لاءِ، هن رستي جي مٿان اَڪيلو، تون مون کي ٻين جي لاءِ بہ بخشي سگهين ٿو؟ ڳالهاءِ سادي ڳوناٺي دل!“

”اڙي سائين، مان توکي سواريءَ ۾ آندو آهي، اِنهيءَ لاءِ بہ مون کي خوف ٿو ٿئي. تون تہ عجيب ڳالهيون ڪري رهيو آهين.“

پر مِتيا ڪيس ٻڌوئي نہ. هُو جنوني حالت ۾ دعائون گهري رهيو هو ۽ پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

”خدايا، منهنجي بيقاعدگين جي باوجود منهنجي دستگيري ڪر ۽ مون کي خوار نہ ڪر. مون کي پنهنجي فيصلي کان گذرڻ ڏي ...... مون کي خوار نہ ڪر. ڇو تہ مان پاڻ کي گهڻو خوار ڪري چڪو آهيان. مون کي وڏيڪ خوار نہ ڪر، مان تہ توسان محبت ڪريان ٿو. مان مصيبت ماريل آهيان، پر مان توسان محبت ڪريان ٿو. جيڪڏهن تون مون کي جهنم ۾ موڪليندين تڏهن بہ توسان اُتي محبت ڪندس ۽ اُتان دانهون ڪري چوندس، تہ مان توسان محبت ڪريان ٿو ۽ فقط توسان، هميشه لاءِ محبت ڪريان ٿو ..... مون کي آخر تائين محبت ڪرڻ ڏي ..... هتي ۽ هاڻي فقط پنجن ڪلاڪن جي لاءِ آتت ڏي ..... ايستائين جو ڏينهن جي پهرئين روشني پيدا ٿئي ..... ڇاڪاڻ تہ مان پنهنجي روح جي راڻيءَ سان محبت ڪريان ٿو ...... مان اُن جي محبت کان پاڻ کي روڪي نہ ٿو سگهان ..... تنهنجي منهنجي دل تي پوريءَ ريت نگاهہ آهي ...... مان ڊوڙندو ويندس ۽ اُن جي قدمن ۾ ڪِري چوندس، تہ تو چڱو ڪيو جو هلي آئين ۽ مون کي ڇڏي ڏنو اٿئي. هاڻي خدا حافظ! پنهنجي شڪار کي معاف ڪر ..... منهنجي لاءِ ڪڏهن بہ پنهنجي دل ۾ تنگي نہ آڻ.“

”ماڪرو!“ ائنڊري رڙ ڪري چيو. هن پنهنجي چهبڪ سان اُن ڏانهن اشارو ڪيو.

اُداس اُداس رات جي اونداهيءَ مان، جاين جو ڪارو پاڇو نظر تي آيو. جنهن جي اڳيان وسيع ميدان هو. ماڪرو جي ڳوٺ جي آدمشماري ٻہ هزار کن هئي. سڄي آبادي ننڊ ۾ هئي، مگر هڪ ٻن جاين تي روشني پئي ٽَمڪي.

”ائنڊري گهوڙن کي تکو ڪر، مان پهچي ويس.“ مِتيا بيتابيءَ سان چيو.

”هُو اَجا سمهيا پيا آهن.“ ائنڊري وري پلاستينيوف جي سرائي ڏانهن ڇهبڪ سان اشارو ڪندي چيو، جا ڳوٺ جي بلڪل منهن وٽ هئي. گهنٽيءَ جي طرف واريون ڇهه ئي دريون روشن ٿي ڏٺيون.

”هُو اَجا نـ ستا آهن،“ متيا خوشيءَ مان ڏهرايو. ”جلدي ڪر ائنڊري، گهوڙن کي هڪل ڏي ۽ تيز ڪر. گهنٽيءَ کي وڄائڻ شروع ڪر! پلي تـ سيني کي خبر پوي تـ مان آيو آهيان. مان پڻ اَچان ٿو، مان پڻ اَچان ٿو.“

ائنڊري تڪل گهوڙن کي ڊوڙائڻ شروع ڪيو ۽ سندن واڳن کي ڇڪڻ شروع ڪيائين ۽ تڪل گهوڙا، وڏين گامن سان ڊوڙڻ لڳا.

مِتيا جيئن ئي گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي هيٺ لٿو، سراءِ جي مالڪ، جو پنهنجي بستري ڏانهن ٿي ويو، ڏاڪڻ تان ليٿو پائي ڏنو ۽ عجب مان نهارڻ لڳو، تـ ڪير آيو آهي؟

”تريفان بورسووچ تون آهين؟“

سراءِ جو مالڪ جهڪي ويو ۽ چتائي ڏسڻ لڳو. هُو ڏاڪڻ تان ڊوڙندو وڏي هيج مان مهمان کي ملڻ لاءِ وڌيو.

”دمتري فيودورباولووچ! مان اوهان کي بيهر ڏسي رهيو آهيان؟“

تريفان بورسووچ، جسم جو چڱو ٿلهو هو ۽ صحتمند ڳوناٺو ٿي ڏٺو. سندس قد وچولو هو ۽ منهن ٿلهو. سندس خط و خال مان هُو تنگ مزاج ۽ وحشي ٿي ڏٺو. خاص ڪري ماڪرو جي رهندڙن لاءِ سختگير هو. پر اُن هوندي بـ جڏهن ڪيس پنهنجي نفعي جو احساس پيدا ٿيندو هو، تـ نهايت مؤدب ۽ مهربان بڻجي ويندو هو. ڪيس بدن تي روسي لباس هو. وٽس پيسو جام هو، پر هميشه اِنهيءَ خيال ۾ ٿي رهيو، تـ اُن کي وڌ کان وڌ وڌائي.

ماڪرو جا اڌ ڳوناٺا، جي سندس مقروض هئا، سندس گرفت ۾ هئا. هُو پسگردائيءَ جي زميندارن کان سندن زمينون خريد ڪندو ٿي رهيو ۽ اِنهن کي، اُنهن ماڻهن جي هٿن ۾ آباد ڪرڻ لاءِ ٿي ڏنائين، جيڪي سندس مقروض هئا ۽ ڪيس اُميد هئي، تـ سندس ڪڏهن بـ مخالف نـ ٿيندا. سندس زال مري چڪي هئي ۽ اُن مان ڪيس چار ڌيئرون هيون، جي هاڻي بالغ هيون. اُنهن مان هڪ رنڙ هئي، جا پنهنجي ٻن ٻارن سان سراءِ ۾ ٿي رهي. جي سندس ڏوهٽا هئا. هيءُ وٽس خادمن وانگر ڪم ڪندا ٿي رهيا. سندس باقي ڌيئر ڪن چڱن آفيسرن سان پرڻيل هيون، جي سراءِ جي هڪ ڪمري جي پٽ تي لڳل خانداني فوٽو ۾ صاف ٿي ڏٺا. سندن آفيسري لباس ۾ آسانيءَ سان سندن سڃاڻپ ٿي پئي سگهي. سندس ٻن ڌيئرن کي فيشن واري نيري ۽ سائي رنگ جي لباس پهرڻ جو شوق هو. سندن لباس پٺيءَ کان تنگ هو، مگر سندن

دامن نهايت دراز هئا. پر هيءُ لباس هـُـو اُن وقت پهرينديـون هيـون. جڏهن ديـول جي موڪل هوندي هئي يا هـُـو ڪاڏي گهمڻ لاءِ وينديون هيون. پر صبح تيندي ئـي، هـُـو پرهه ڦٽيءَ جو اُٿنديون هيون ۽ دستور موجب ڪمرن کي ٻـُهاري صـاف ڪنديـون هيـون ۽ مهمانن جي ڪمرن جي ناهه نوهه ۾ لڳي وينديون هيون.

هزارين روبل جي هوندي به جي هن بچايا هئا. تريفان بورسووچ، شرابي مهمـانن جي کيسن کي نشي ۾ خوب ڦـرڻ جو عادي هو. هن کي ياد هو، ته مهينو کن اڳي هن چوويهن ڪلاڪن ۾ دمتريءَ کان ٻه نه پر ٽي سَوَ روبل هٿ آندا هئا. اُن وقت جڏهن هـُو گروشينڪا کي پابنديءَ کان ٻاهر ڪَـڍي آيو هو. هي هاڻي کيس ڏاڍي شـوق مـان مليو. هـُن اُن وقت ئي پنهنجي شڪار تي سوچڻ شروع ڪيو. جڏهن دمتري ڏاڪڻ تي چڙهڻ شروع ڪيو.

”دمتري فيودورپاولووچ، مان توکي ٻيهر ڏسي خوش ٿيو آهيان.“

”ترس، تريفان بورسووچ، پهرئين ۽ ضروري ڳالهه. هوءَ ڪٿي آهي؟“

”آگرافينا اليگزيندرووينا؟“ سراءِ جي مـالڪ هڪدم سمجهي ورتـو. هن مِـتيا جي منهن ۾ تيز نگاهن سان ڏٺو. هوءَ پڻ هتي آهي .....

”ڪنهن سان؟ ڪنهن سان؟“

”ڪي اوپرا ماڻهو آهن. هڪ ڪو آفيسر ۽ سکر ماڻهو ٿو ڏسجي. مـان سندس گفتگوءَ مان سمجهيو آهي، ته هـُو پوليند جو آهي. هن هتان اُن جي لاءِ گهوڙا موڪليـا هئا. ٻيو ڪو سندس دوست آهي. يا تـه سندس دوست آهي يا سفر جو رفيق. ڪيـن پوشاڪ ملڪي ماڻهن جهڙي آهي.“

”ٺيڪ آهي. هنن جي دعوت آهي. ڪو پيسو به اٿن؟“

”هڪ سادي سودي دعـوت، جنهـن جي لاءِ ڪابه لاف هڻـي نـه ٿـي سـگهجي، فيودورپاولووچ.“

”ها، اُن لاءِ ڪابه لاف هڻي نه ٿي سگهجي. پر ٻيا ڪير آهن؟“

”ٻه ٻيا شهر جا ماڻهو آهن. اُهي شرني کان آيا آهن ۽ هتي رهيا پيا آهن. هـڪ ته نوجوان آهي ۽ مسٽر ميرسوف جو عزيز آهي. مون کان سندس نالو وسـري ويـو آهي ... مـان سمجهـان ٿـو، تـه ٻئـي کي تـون سڃاڻندو هونديـن؟ سندس نـالو ميڪزيمـوف آهي. جيئن هن ٻڌايو، هـُو ڪنهن زيارت تي ويـو هـو، شـايد ڪنهـن شهر جي مڙهـيءَ کي ڏسڻ لاءِ. هـُو ميرسوف جي مائٽ سان گڏ سفر ڪري رهيو آهي.“

”بس اِهي ئي آهن؟“

”هائو.“

”ترس. ڏيان ڏيئي ٻڌ، تريفان بورسووچ. مون کي مکيہ ڳالهہ ٻڌاءِ. تو هن کي ڪيئن ڏٺو؟ هوءَ ڪهڙي حالت ۾ آهي؟“

”هن کي ٿورو وقت آئي ٿيو آهي ۽ هوءَ هنن سان گڏ ويٺي آهي.“

”هوءَ خوش آهي ۽ کِلي بہ ٿي!؟“

”نہ. مان سمجهان ٿو. تہ هوءَ گهڻو نہ ٿي کلي. هُوءَ ڪنهن مونجهاري ۾ قاتل آهي. هوءَ اُن نوجوان جي وارن کي ڦڻي ڏئي رَهي آهي.“

”پولينڊ واري آفيسر کي ......؟“

اُهو تہ نوجوان نہ آهي، شايد هُـو آفيسر بہ نہ آهي. اُن کي نہ سائين. مان اُن نوجوان مهربان جي ڳالهہ ٿو ڪريان، ميرسوف جي عزيز جي. مون ڪان سندس نالو وسري ٿو وڃي .....“

”ڪالگانوف؟“

”ها ڪالگانوف.“

”نيڪ آهي. اُن کي مان پاڻهي ڏسندس. ڇا هُو تاش (پتي راند) کيڏي رهيا آهن؟“

”اُهي کيڏي تہ رهيا هئا، پر هاڻي راند بند ڪئي اٿن. هو هاڻي چاءِ پي رهيا آهن. اُن آفيسر شراب لاءِ چيو آهي.“

ترس تريفان بورسووچ. منهنجا عزيز دوست! مان اِنهن سيني ڳالهين کي پاڻ ڏسندس. هاڻي هڪ وڏيڪ سوال جو جواب ڏي. ڇا خانہ بدوش هتي آهن؟

”خانہ بدوش هاڻي ڪٿي آهن دمتري فيودوروپاولووچ. هتي جي حاڪمن اُنهن کي هڪالي ڇڏيو آهي. پر يهودي اَجا موجود آهن، جي دف ۽ سارنگين کي ڳوٺ ۾ وڄائين ٿا . هُو اَچي ويندا. جيڪڏهن اُنهن کي ماڻهو موڪليو ويو.“

”يقيناً. اِنهن ڏي ماڻهو موڪل.“ مِتيا جواب ڏنو. اڳين پيري وانگر ڇوڪريون بہ ملي ويندديون. خاص طور ماريا، استينيدا ۽ آرينا پڻ. هن ڪورس جي لاءِ بہ سَـوَ روبل ڏيا .

ايتري رقم ٿي، تہ مان سڄي ڳوٺ کي، جيتوڻيڪ هاڻي هُو ننڊ ۾ آهن، گڏ ڪري سگهان ٿو. هتان جا ڳوناڻا ڇوڪرا يا ڇوڪريون. دمتري فيودوروپاولووچ ايتري قيمت بہ رکن ٿا؟ ايتري موڙي ۾ اهڙن جي تميز ۽ ڪوڏي مهانگن ماڻهن لاءِ! ڪنهن دهقاني کي سگار پيئارڻ مان ڪهڙو فائدو؟ هي ڏنگيندڙ جيت آهن ۽ ڇوڪريون سيئي جونئن پريون. مون وٽ پنهنجون ڌيئرون آهن، اُهي مفت ۾ وَهن ٿيون، هاڻي تہ ايڏي وڏي رقم آهي. هُـو هاڻي سمهڻ لاءِ ويون آهن. مان هاڻي اُنهن کي اُٿاري، راڳ ڪرڻ لاءِ تيار ڪندس. تو تہ ٻئي ڏينهن ڳوناڻين کي بہ شئمپين پيئڻ لاءِ ڏنو هو. ها، ها، ها!

تريفان بوروسووچ وڏي مڪاريءَ سان دلسوزيءَ جو اظهار تي ڪيو. هن اڳئين دفعي اڌ درجن شئمپين جون بوتلون ڪسڪائي ورتيون هيون ۽ ميز جي هيٺان سؤ روبل ترڪائي ورتا هئائين، جي سندس ڇنبي ۾ ئي رهجي ويا.

”تريفان بوروسووچ مان گذريل ڀيري، جڏهن مان هت هوس هڪ هزار روبل خرچ ڪيا هئا. توکي ياد آهي؟“

”بيشڪ تو ايترو خرچ ڪيو هو. تون سچ ٿو چوين. تو وٽ اَجا بہ ٽي هزار روبل هئا.“

”خير، مان وري بہ ساڳي ريت آيو آهيان. توکي خبر هجي.“

هن هڪدم نوٽن جي ٿهي کي ڪڍي ورتو ۽ اُنهن کي سراءِ جي مالڪ جي نڪ وٽ جهلي بيٺو.

”هاڻي ڌيان لائي ٻُڌ. ڪلاڪ ڪن جي اندر شراب پهچي ويندو ۽ اُن ڪانسواءِ مٺائي ۽ ٻيون نمڪين شيون. اُهي سيئي هڪدم هتي ڪٽي پهچاءِ. اڻيڌري وٽ جا پيتي آهي، اُها ڪٽي اَچ. اُن کي کول ۽ شئمپين کي پنهنجي قبضي ۾ ڪر. مون کي ڇوڪريون کپن، ڇوڪريون....... خاص طرح ماريا.“

هو گاڏيءَ ڏي مڙيو ۽ پستول جو مياڻ کڻي ورتائين.

”ڇگو ائنڊري، هاڻي توسان معاملو صفا ڪريان. پندرنهن روبل ڀاڙي لاءِ ۽ پنجاهہ روبل وڌڪا (شراب) جي لاءِ ...... هيءَ تنهنجي تيزي ۽ محبت لاءِ انعام آهي .... ڪرامازوف کي ياد رکجانءِ!“

”مون کي خوف ٿو ٿئي سائين. مون کي پندرنهن روبل ڀاڙي لاءِ ڪافي آهن ۽ پندرنهن وڌيڪ ڪٽي ڏيو. مان ايترا پيسا ڪونہ وٺندس.“ ائنڊري صفائيءَ سان چيو. تريفان بورسووچ هن تي شاهد آهي. منهنجي بيوقوفيءَ جي لفظن کي معاف ڪجانءِ.

”توکي ڪهڙو خوف ٿو ٿئي؟“ مِتيا ڪيس خيال ۾ توريندي، پڇيو.

”ڇگو وڃي ڪڏ ۾ پَوَ. پاڻ ڇاڻُ. هن ڏي پنج روبل ڦٽي ڪري ڇڏيائين. هاڻي تريفان بورسووچ، مون کي اطمينان سان وٺي هل. پر ٻيهہ، مون کي هنن تي هڪ نظر وجهڻ ڏي. پر اهڙيءَ ريت جيئن مون کي هُو نہ ڏسن. هُو ڪٽي آهن؟ نيري ڪمري ۾؟“

تريفان بورسووچ ڪيس مسلسل ڏنو ۽ ساڳي وقت ڪيس اُن جي اجازت بہ ڏنائين. ڪيس گهٽي مان وٺي هليو ۽ پاڻ پهريائين هڪ وڏي ڪمري ۾ گهڙي ويو، جا اُن ڪمري سان گڏ هئي، جنهن ۾ ملاقاتي گڏ موجود هئا. هن روشني پري ڪري ڇڏي ۽ نحفي طرح مِتيا کي اندر وٺي ويو. اونداهي ۾ هڪ ڪمري جي ڪُنڊ ۾ اُن کي بيهاري ڇڏيائين. جتي هُو آزاديءَ سان اُن سڄي جماعت کي ڏسي ٿي سگهيو. پر مِتيا گهڻو وقت نہ ترسيو. سچ پچ تہ هو ٻين کي ڏسي نہ سگهيو. هِن فقط هُن

(گروشينڪا ) کي ڏنو. اُن وقت سندس دل خطرناڪ نموني ۾ ٽپا ڏيئي رَهي هئي ۽ بيو سڀ ڪجهه سندس اکين اڳيان اونداهو ٿيندو ويو.

هُوءَ ميز جي پاسي ۾ هڪ هيٺانهين ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. سندس پاسي ۾ هڪ صوفي تي حسين نوجوان ڪلگنوف ويٺو هو. هُن اُن جي هٿ کي وٺي ڪليو تي. هُو ڪجهه منجهيل تي ڏنو. هُن گروشينڪا ڏي نه تي نهاريو. پر مڪئزيموف کي بلند آواز ۾ ڪجهه چئي رهيو هو، جو ميز جي ٻي پاسي، گروشينڪا ڏي منهن ڪيو ويٺو هو. مڪئزيموف ڪنهن ڳالهه تي زور سان کِلي رهيو هو. صوفي تي هُـو ويٺو هو ۽ صوفي جي پرسان ڪرسيءَ تي ڪو اجنبي تي ڏنو. صوفي تي ويٺل ماٺهو پنتي لڏي رهيو هو ۽ پنهنجي پائيپ کي تيار ڪري رهيو. متيا اُن کي ڏسي خيال ڪيو، ته هُو چگو مضبوط، وڏي منهن وارو ڪوتاهه قد آهي. هُو ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙيل تي ڏنو. سندس دوست، هُو اجنبي، متيا کي ڊگهي قد وارو لڳو ۽ اُن بابت وڌيڪ ڪجهه به جاچي نه سگهيو. هُن پنهنجي ساهه کي روڪيو. هُو هڪ گهڙيءَ لاءِ به هيءُ نظارو سهي نه سگهيو. هن پستول جي مياڻ کي سيني وٽ هٿ لائي ڏنو. دل جي ڌڪ ڌڪ سان گهمندو رهيو. هُو چڻ ته ٿڏو تي ويو هو. گهمندي گهمندي، هُو نيري ڪمري ۾ اُن جماعت کي منهن ڏيڻ لاءِ اندر گهڙي ويو.

"آڙي!" گروشينڪا ڪيس ڀهريائين ڏسي، وڏي آواز سان رڙ ڪئي.

باب ستون

# ڀهريون ۽ فرض شناس عاشق

ڏگها قدم کڻندو مِتيا سِڌو ميز وٽ پهتو.

"مهربان!" هن وڏي آواز ۾ چيو، ڄڻ تہ رڙيون ڪري رهيو هو، ۽ اُن هوندي بہ هر هڪ لفظ تي جهڪيو ٿي. "مان ..... مان نيڪ آهيان! مون کان خوف نہ کائو. ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانہ آهي." هُو اوچتو گروشينڪا ڏي مُڙيو، جا ڪرسيءَ تي ڪلگنوف جي طرف جهڪي پئي هئي ۽ پنهنجي ٻنهي هٿن کي قابو جهليو هئائين. "مان پڻ اَچي ويو آهيان ۽ صبح تائين هتي هوندس." هن چيو. "مهربانو، مان هتي صبح تائين ترسي سگهان ٿو؟ هن ڪونيءَ ۾ فقط صبح تائين."

اِيئن چوندي، هُو وري اُن ڪوتاهہ قد ۽ ٿلهي ماڻهوءَ ڏي ڦريو. جو صوفي تي وِيٺو هو ۽ ڪيس هٿ ۾ پائيپ هو. هن پنهنجي پائيپ کي ڇڪڻ کان سوريو. هُن ڪافي شان شوڪت جو مظاهرو ڪندي، سختيءَ سان چيو:

"هون، هتي اَسين ٻُجهيءَ طرح گڏ ٿيا آهيون. هن کان سواءِ ٻيون بہ ڪونيون آهن."

"اڙي تون، تہ دمتري فيودورپاولووچ آهين. تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" ڪلگنوف ڪيس ٽڪڙ ۾ چيو. "اسان سان پلي گڏجي ويهہ. تون خوش تہ آهين؟"

"توکي ڏسي پيارا مون کي بيحد خوشي ٿي آهي ...... منهنجا لاجواب دوست. مان تنهنجي لاءِ هميشه بهتر سوچيندو رَهيو آهيان." مِتيا خوشي ۽ شوق مان ڪيس جواب ڏنو ۽ پنهنجي هٿ کي هڪدم ميز ڏي ڌِڪو ڪيائين.

"اڙي ڪيڏو نہ زور سان پيڇائي هٿ کي جهليو اٿئي! تو منهنجون آڱريون ئي ڀِڃي وڌيون." ڪلگنوف کلندي ڪيس چيو.

"هي هميشه اِيئن زور ڏيڻ جو عادي آهي." گروشينڪا خوشيءَ مان چوڻ لڳي. سندس مشڪڻ مان بزدلي پئي ظاهر ٿي. اوچتو اِيئن ايندي بہ هن مِتيا جي منهن مان سمجهي ورتو هو، تہ هُو ڪنهن بہ هُل بکيڙي لاءِ نہ آيو آهي. هوءَ ڪيس وڏي پريشانيءَ مان جاچي ۽ نهاري رَهي هئي ۽ اَجا بہ ڪيس سڪون نہ هو. هوءَ مِتيا جي حالت کان متاثر ٿي ڏني. هن آخر ۾ هيءَ اُميد نہ ٿي رکي، تہ هُو سچ پچ ايڏو ٽڪڙو ايندو ۽ اِهڙيءَ حالت ۾ ڳالهائيندو.

"شام بخير"، ميڪزيموف، ڪيس دوستاڻي نموني ۾ ڪيڪاريو. مِتيا اُن ڏي ڊوڙي پيو.

”شام بخير.“ تون پڻ هتي آهين. توکي هتي ڏسي بيحد خوشي ٿي اٿم. مهرباني، مهرباني، مان .... (هن پولينڊ جي سگر ماڇوءَ ڏانهن نهاري چيو، جنهن وري پائيپ منهن سان لڳايو هو ۽ هُو جڻ تہ سيني ۾ معزز ٿي لڳو.) ”مان هيڏي آيس .... مان چاهيو ٿي، تہ پنهنجو آخري ڏينهن ۽ پنهنجي آخري گهڙي هن ڪمري ۾ گذاريان، جتي مون پڻ پنهنجي راڻيءَ جو جشن ملهايو هو. مون کي معاف ڪر صاحب،“ هُن جوش مان رڙ ڪري چيو، مان هيڏي هليو آيس، جنهن جو مون کي ڏک آهي. تون مون کان خوف نہ کاءُ، هيءَ منهنجي آخري رات آهي! اَچو تہ هن آشتيءَ تي شراب کي پيئون. هُو شراب کي هڪدم کڻي ايندا. مان پاڻ سان اُن کي کڻي آيو آهيان. (کيس ڪو خيال آيو ۽ هُن نوٽن جي بنڊل کي ڪَڍي ورتو.) مون کي اجازت ڏي صاحب؟ مون کي موسيقي ۽ راڳ کپي. جيئن اڳ ڪيو هئم. پر هيءُ غير ضروري ڪينئون هتان رڙهي ويندو ۽ وري ڪونہ هوندو. مون کي پنهنجي خوشي ۽ آخري رات جو جشن ملهائڻ ڏيو.

هُو وڏي خفي ۾ هو. هن گهڻي کان گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ تي گهريو. پر هيءُ عجيب جملا هئا، جي سندس زبان کان اَدا ٿيا هئا. پول هن کي چتائي ٿي ڏٺو. خاص ڪري نوٽن جي بنڊل کي، جي سندس هٿ ۾ هئا. هُو گروشينڪا ڏي بہ نهاري رهيو هو ۽ بيحد مونجهاري ۾ هو.

”جيڪڏهن مون کي ساهي خاتون اجازت ڏي .....“ هن وري ڳالهائڻ تي گهريو.

”تنهنجو ’ساهي‘ کان ڪهڙو مطلب آهي، تون شايد ’شاهي‘ چوڻ گهرين ٿو؟ مان توتي کلڻ کانسواءِ رَهي نہ ٿي سگهان. تنهنجو ڳالهائڻ عجيب آهي. ويهي رَهہ مِـتيا، تون ڪهڙي حقيقت لاءِ ڳالهائڻ گهرين ٿو؟ مهرباني ڪري اَسان کي ڊيڄار نہ. اُميد تہ تون اَسان کي نہ ڊيڄاريندين. ايئن نہ؟ جيڪڏهن تون ايئن ڪندين، تہ مان توکي ڏسي بيحد خوش ٿينديس .....“

”مان ۽ توکي ڊيڄاريندس!“ هُو هٿن کي مهٽڻ لڳو. ”مون وٽان گذري وڃ، پنهنجو رستو وٺ. مان توکي تڪليف نہ ڏيندس ......“

اوچتو هُن سيني کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آهي، تہ پاڻ کي بہ، هُن پاڻ کي ڪرسي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ ڳوڙها وهائڻ لڳو. سامهون واري پٽ کان منهن ڦيرائي، هن پنهنجي ٻانهن سان ڪرسيءَ کي مضبوط جهليو. جڻ تہ اُن کي آغوش ۾ وٺي رهيو هو.

”ڇڏ، ڇڏ، عجيب ماڻهو ٿو ڏسڻ ۾ اَچين.“ گروشينڪا دوستاڻي نموني کيس چيو. ”اِجهو هيءُ هاڻي منهنجي ملاقات لاءِ آيو آهي. هن ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو

آهي ۽ مون کي خبر نہ ٿي پوي، تہ هن جو مقصد ڪهڙو آهي؟ هُن اڳي بہ ايئن ڪيو هو ۽ هاڻي بہ ايئن ئي ڪري رهيو آهي. هي بيشرميءَ جهڙي ڳالهہ آهي! تون ڇو تو دانهون ڪرين؟ ڇڻ تہ ڪا اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن تي توکي دانهون ڪرڻيون آهن."
هُن هرهڪ لفظ کي ڳجهارت جي نموني ۾، جنهن ۾ ڪجهہ ڪاوڙ بہ هئي، سمجهائڻ شروع ڪيو.

"...... مان دانهون ڪونہ تو ڪريان .......... خير شام بخير". هُو پنهنجي ڪرسيءَ ۾ ڦريو. هُو اوچتو ڪليو. سندس ڪِلَ دستوري نہ هئي، پر هڪ طويل، لرزہ خيز.

"وري پنهنجي حال ۾ اَچي وئين ..... اَڄ پاڻ کي خوش ڪر." گروشينڪا مٽس زور آڻيندي چيو. "مان تنهنجي اَچڻ تي بيحد خوش ٿي آهيان. مِتيا تون ٻڌين بہ تو، مان ڏاڍي خوش آهيان. مان چاهيان ٿي، تہ هيءُ اَسان سان گڏ هجي. هن زور آڻيندي، سڄي جماعت کي چيو. جيتوڻيڪ سندس مخاطب خاص طرح صوفي تي وينل ماڻهو هو. منهنجي اِها مرضي آهي، اِها مرضي آهي. جيڪڏهن هيءُ هليو ويندو، تہ مان بہ هلي ويندس." هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون.

"منهنجي راڻي قانوني لهجي ۾ حڪم ٿي ڏي." پول هي اعلان ڪندي، ڏاڍي دليريءَ سان، گروشينڪا جي هٿ کي چميو. "مان توکي عرض ٿو ڪريان صاحب، تہ اَسان جي جماعت ۾ شامل ٿي وڃ." هن مِتيا کي بيحد مروت سان چيو.

مِتيا پنهنجي محڪم ارادي سان ٽپو ڏئي اُٿڻ وارو هو، تہ هُن پنهنجي ٽوڪ واري تقرير کي وري جاري رکيو، پر لفظن ڪيس سهارو نہ ڏنو.

"اِچ تہ شراب پيئون صاحب!" هن تقرير ڪرڻ جي بجاءِ سادي جملي ڪان ڪم ورتو. سڀ کو کلڻ لڳو.

"خدايا! مان سمجهيو ٿي، تہ هيءُ وري ڳالهائڻ شروع ڪري ڏيندو!" گروشينڪا پريشانيءَ جي حالت ۾ پڇيو. "مِتيا ٻڌين ٿو." هُو ڳالهائيندي وئي. "ٽپا نہ ڏي، تو چڱو ڪيو جو شئمپين آندو اَٿئي. مون کي پاڻ اُن جي گهرج آهي. مون کي معمولي شراب پسند نہ آهي. سڀ کان وڌيڪ يلي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ تون پاڻ آيو آهين. اسين هتي ڏاڍا مونجهيا هئاسون ..... تون وري عيش جي محفل لاءِ آيو آهين. پر پنهنجي رقم کي پنهنجي کيسي ۾ وجهہ. توکي هيءَ رقم ڪٿان هٿ آئي؟"

مِتيا هن سموري وقت ۾ مروڙيل نوٽن کي هٿ ۾ رکيو وينو هو، جن تي سيني جون اکيون ٽِڪيون. خاص طرح اُن پول جون. هُن مونجهاري ۾ تيزيءَ سان نوٽن کي کيسي ۾ وڌو ۽ ڳاڙهو ٿي ويو. عين اُن وقت سراءِ جو مالڪ شئمپين جي هڪ کُليل بوتل کي کڻي اندر آيو. مگر هُو ايترو تہ منجهيل هو، جو کيس ڪا بہ خبر نہ ٿي پئي، تہ اُن کي ڇا ڪري؟ ڪلگنوف اُن کان بوتل ورتي ۽ شئمپين کي اوتڻ لڳو.

”بي بہ، بي بہ بوتل“ سراءِ جي مالڪ کي رڙ ڪري چيو. هن ڪان هيءَ ڳالهہ ٿي وسري وئي هئي، تہ هن اُن پول کي باهمي صلح جي ڪري شراب جي گلاس جي دعوت ڏني هئي. هُو ڪنهن بي جي لاءِ ترسڻ ڪان سواءِ، پريل گلاس پي ويو. اوچتو سندس چهرو تبديل ٿي ويو. جن سادن ۽ مفهوم خيالن سان هُـو اندر آيو هو، اُهي وڃائنس غائب ٿي ويا ۽ باراڻي جهلڪ سندس منهن مان ظاهر ٿيڻ لڳي. هُو اوچتو مهربان ۽ صابر بڻجي ويو هو. هُو هر ڪنهن کي شرمائڻ وانگي، ۽ خوشيءَ مان نهارڻ لڳو ۽ بد دماغيءَ سان هلڪيءَ کِلَ سان کلڻ لڳو. هُـو اُن روحاني خوشيءَ سان معمور هو، جا غلط ڪم جي نتيجي سزا جي صورت ۾ حاصل ٿيندي آهي ۽ وساري ويندي آهي. ايئن معلوم پيئي ٿيو، تہ هن سڀ ڪنهن شيءِ کي وساري ڇڏيو آهي ۽ سڀ ڪنهن کي، چوڌاري خوشيءَ مان هر ڪنهن کي ڏسڻ لڳو. هُو گروشينڪا کي ساندهہ ڏسندو ۽ کلندو رهيو ۽ پنهنجي ڪرسي کڻي اُن جي ويجهو وڃي وينو. آهستي آهستي هن بن پول جي بابت سوچڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ هن اُنهن بابت اَڃا ڪابہ راءِ قائم نہ ڪئي هئي.

صوفي تي وينل پول، پنهنجي عزت پريءَ وضع ۽ پول جي سليقي سان مٿس وڏو اَثر ڪيو. خاص ڪري سندس پائيپ ڪيس بيحد پسند آيو. ”هن جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ هيءَ تہ پڻ سني ڳالهہ آهي، جو هُـو پائيپ کي ڇڪي.“ هُـو غور ڪندو رَهيو. پول جي وڃئين عمر وارو چهرو دونهين سان پريل هو. جنهن ۾ بينو نڪ ۽ خضاب لڳل بيحيا ۽ بدتميز مڇون موجود هيون. پر اُنهن مِـتيا تي ڪو بہ اَثر نہ آندو. هن تي خاص طرح سائيبريا ۾ وارن جي نهيل ٽوپي تہ ڪو اثر نہ ڪيو، پر پنهنجي وارن کي جنهن بيوقوفي سان ڦٽي ڏني هئائين، اُن جو مٿس ضرور اَثر ٿيو. ”مان سمجهان ٿو، تہ هيءُ بہ نيڪ آهي، جڏهن تہ هُو وارن جي ٽوپي ٿو پائي.“ هُـو سندس حالت مان مزو وٺي رهيو هو. بيو اُن ڪان ننڍي عمر وارو پول جو بي دلي ۽ مونجهاري ۾ مجلس ۾ وينو هو، خاموش ۽ نفرت سان گفتگوءَ کي ٻڌي رهيو هو. مِـتيا کي وڏيڪ متاثر ڪيو. سندس طويل قد جو صوفي تي وينل ماڻهو ڪان بلڪل مختلف هو. مِـتيا چتائي ڏسندو رَهيو. ”جيڪڏهن هي اُتي بينو، تہ ڇهہ فوٽ ٿي اَنچ ٿي ويندو.“ هي خيال مِـتيا جي دل جي اندر ڦرندو رهيو. هُـو اندر ئي اندر پاڻ کي چوڻ لڳو. تہ هيءُ ڊگهي قد وارو بيءَ جو دوست ۽ رفيق آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هيءُ، اُن جو محافظ هجي. ڏسڻ ۾ بہ ايئن ٿي آيو. تہ هُو ننڍي قد پائيپ وارو ڪيس حڪم ڏئي رهيو هو. هي سڀ ڪجهہ مِـتيا جي دل ۾ صحيح ۽ پورو ٿي نظر آيو، جنهن تي ڪنهن بہ بئي سوال جي ضرورت نہ هئي. هُـو جنهن ريت صابر بڻجي ويو هو، اُن سندس رقابت جو سڄو احساس ختم ڪري ڇڏيو هو.

گروشينڪا جي طرز ۽ سندس ڪن ڳجهارت جهڙن لفظن ڪي، هُو مڪمل ريت سمجهي نہ سگهيو. هُو پنهنجي دهڪندڙ دل سان فقط هيءُ ئي سمجهي سگهيو هو، تہ هوءَ متس مهربان آهي ۽ ڪيس معاف ڪري پنهنجي پرسان جاءِ ڏني اٿس. هُو پنهنجي پَر ۾ بيحد خوش ٿي ڏنو ۽ شئمپين جي گلاس ڪي انتظار سان پيئندي ٿي ڏٺائين. سڄي گروهہ جي خاموشي متس اَثر وجهڻ شروع ڪيو هو ۽ هُو چوڌاري هر ڪنهن ڪي اُميد ڀرين اکين سان نهاري رهيو هو.

"نيڪ مردو! اسان هتي اِيئن ڇو وينا آهيون؟ ڇو نہ ٿا اوهان ڪنهن ڪم ڪار ڪي لڳو؟" مِتيا جي روشن اکين مان ڄڻ اهي سوال بار بار ٿي نڪتا.

"هيءُ تہ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪندو ٿو رَهي ۽ اَسان سڀ هن تي کلندا ٿا رهون." ڪلگنوف ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڄڻ تہ پنهنجي خيالن ڪي الهامي ٿي سمجهائين. سندس خطاب ميڪزيموف ڏانهن هو.

مِتيا عجب مان ڀرپايئين ڪلگنوف ڏي ڏنو ۽ پوءِ ميڪزيموف ڪي ڏٺائين.

"هيءُ بيوقوفي جون ڳالهيون ٿو ڪري." هُو پنهنجي دستوري کِلَ کليو، ڄڻ تہ ڪنهن اوچتي خوشيءَ ڪان خوش ٿي ڏنو.

"هائو! جيڪڏهن اعتبار ڪريو، تہ هيءُ هن ڳالهہ تي غور ڪري رَهيو آهي، تہ سن 1820ع ڪان وٺي سوار فوج جو هر آفيسر پولينڊ جي عورتن ڪي پنهنجي گهر ۾ آٽي ٿو. هيءَ خطرناڪ ڳالهہ نہ آهي؟"

دمتري جو خوشيءَ جي موج ۾ هو، چوڻ لڳو تہ، "پولينڊ جي زال."

ڪلگنوف پوريءَ ريت مِتيا ۽ گروشينڪا جي مناسبت ڪي سمجهيو ٿي. هن پول ڏانهن بہ نهاريو، پر اُن ۾ ڪيس ڪابہ دلچسپي نظر نہ آئي. سندس جيڪڏهن ڪابہ دلچسپي هئي، تہ اُها ميڪزيموف ۾ هئي. اتفاقاً هي ميڪزيموف سان اُتي گڏجي آيو هو ۽ هُو هن سراءِ ۾ ڀريون پيرو پول سان مليو هو. گروشينڪا ڪي هُو اڳ ۾ ئي ڄاڻندو هو. هڪ دفعو اڳ ۾ بہ هُو ڪنهن سان گڏجي ساٽس مِليو هو، پر هُن ڏانهس ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو هو. پر هتي هوءَ ڪيس بيحد پيار مان ڏسي رهي هئي. مِتيا جي پهچڻ ڪان اڳ ۾ هوءَ منجهس گهڻي دلچسپي وٺي رَهي هئي. مگر هاڻي وري اُن تي، هِن جو ڪوبہ اَثر نہ ٿي پيو. هيءُ ويهن ورهين جو نوجوان هو، ڪيس سهڻو لباس پهريل هو. سندس چهرو نهايت دلنشين ۽ ملائم ٿي ڏنو ۽ وار گهاٽا ۽ وڻندڙ هئس. سندس چهري ۾ دلڪش ۽ اُداس نيريون اکيون ٿي ڏنيون، جن مان ذهانت ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهري خيالات جي جهلڪ ٿي نظر آئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هن نوجوان اِيئن ٿي ڳالهايو ۽ ڏنو، ڄڻ تہ هُو ٻار آهي. اُن ڪان ڪيس ڪابہ شرمندگي نہ

پئي ٿي. هُو پنهنجي حالت کان پوريءَ ريت واقف هو. سراسري طرح هُـو مخصوص طبعيت جو مالڪ ۽ هوسَباز هو، پر نهايت پُر لطف ٿي لڳو. ڪڏهن ڪڏهن منجهس شرارت بہ نظر ٿي آئي. هُن ڏنو بہ ٿي ۽ ڳالهين کي ڌيان بہ ڏئي ٿي ٻُڌو، مگر معلوم پئي ٿيو، تہ هُـو پنهنجي ڪن خيالن ۾ غرق آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هُـو بي خيالو ۽ سست پئي ڏٺو. ڪن موقعن تي وري جوشيلو ٿي ويو. سو بہ ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي.

ڪلگنوف وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ "مان جڏهن ڏينهن کان ونئي، هن کي پاڻ سان گهمائيندو رهيو آهيان." سندس لفظ آرام طلبيءَ سان نڪري رهيا هئا. بلڪل طبعي نموني. جيتوڻيڪ اُنهن ۾ ٿورو پيار پريو لهجو بہ هو. "توکي ياد هوندو تہ جنهن ڏينهن اوهان جي پاءُ هن کي گاڏي مان اُڇلايو هو، اُن موقعي تي مون کي هن ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ مان کيس ٻهراڙيءَ ۾ وٺي ويس. پر هيءُ ايترو تہ بيهودو ڳالهائي ٿو، جو مون کي شَرم ٿو اَچي، تہ مان هن سان گڏ ڇو آهيان؟ مان کيس پوئتي موٽائي ٿو وڃان."

"هن مهربان ڪڏهن پول زالون ڏٺيون ئي نہ آهن. هيءُ جو ڪجهہ چوي ٿو، تہ اُهو ناممڪن آهي." پول پنهنجي پائيپ سان گڏ ميڪزيموف کي ڏٺو.

هُو روسي زبان چڱيءَ ريت ڳالهائي رهيو هو. ڪيئن بہ هجي، هُـو ڪجهہ ڏيکاءُ بہ ڪري رهيو هو. هُـو جيڪڏهن روسي لفظ ڳالهائي بہ پيو، تہ اُنهن کي پولينڊ جي لهجي ۾ موڙيندو ٿي رهيو.

"پر مان تہ پاڻ هڪ پول عورت سان شادي ڪئي هئي." ميڪزيموف کيس ٽوڪيندي چيو.

"پر تو سوار فوج ۾ نوڪري بہ ڪئي آهي؟ تو سوار فوج جي گفتگو ٿي ڪئي. تون سوار فوج ۾ آفيسر هئين ڇا؟" اِيئن چوندي ڪلگنوف کيس روڪيو.

"سچ پچ هيءُ سوار فوج جو آفيسر بہ هو ڇا؟ ها، ها" مِـتيا واڪو ڪري چيو. هُو ڌيان ڏيئي، نهايت شوق مان هرهڪ کي ڏسڻ لڳو. ڄڻ تہ کيس انتظار هو تہ ٻڌندڙ اُن جو ڪهڙو جواب ٿا ڏين.

"نہ" ميڪزيموف اُن ڏانهن ڦريو. "منهنجو مطلب آهي، تہ جڏهن هيءُ پول عورت اسان جي سوارن سان نچنديون آهن ...... يعني اُنهن مان جڏهن هڪ اسان جي سوار سان نچندي آهي، تڏهن هوءَ پنهنجي گوڏن کي ٻليءَ وانگر ٽپا ڏياريندي آهي .... هوءَ سفيد ننڍڙي عورت ..... سندس ماءُ ۽ پيءُ کيس اِيئن ڪندي ڏسندا آهن ۽ اُن جي اِجازت ڏيندا آهن ...... ٻي ڏينهن اُهو سوار موٽي ايندو آهي ۽ اُن جي خاطرداري

ڪندو آهي ...... قصو اِهوئي آهي. ها ها." ميڪزيموف پنهنجي طعني زنيءَ کي پورو ڪيو.

اوچتو، اُن پول جيڪو يت جي پرسان ويٺو هو چيو، تہ "هيءُ بدبخت آهي." هن پنهنجي هڪ ٽنگ ٻي ٽنگ جي مٿان ورائي. مـــتيا سندس ڳوري ۽ سٽيي بوٽ کي ڏٺو. جنهن جو تَرو ٿُلهو ۽ غليظ هو. ٻنهي پولَ جي پوشاڪ کي سٽيو ڏٺو.

گروشينڪا سخت ڪاوڙ ۾ آئي ۽ چيائينس تہ "نهايت بدبخت ٻار! هنن جي توهين ٿو ڪري."

اُن پول جنهن جي وات ۾ پائيپ هو، گروشينڪا کي چيو تہ:

"خاتون هن پولينڊ ۾ فقط بـازاري عورتـون ڏٺـيون آهـن. هـن پولينڊ جي شريف عورتن ۽ ڪنوارين کي ڏٺوئي نہ آهي."

اُن جي دوست نفرت ڀَري آواز ۾ چيو، تہ "اها حقيقت آهي."

گروشينڪا کين ملامت ڪندي چيو، تہ "هيءَ گفتگو ڪاچڱي نہ آهي. ٻيـن تـي طعني زني ڪرڻ مان ڇا حاصل؟ اِهي ڳالهيون تہ ڪـِل جهڙيون آهن."

"مـان هـن کي ڳالهـائڻ کـانَ نـہ ٿـو روڪـيـانَ محترمـہ" وارن واري ٽوپـي ڀهريـل همراهہ چيو. هن گروشينڪا ڏي ڏِگهي نظر سـان ڏٺـو ۽ وڏي شـان سـان، ڪرسيءَ جي پٺ ڏي موٽي، پائيپ کي وري پيئڻ لڳو.

"نہ، نہ، هن مهربان پول سچ چيو آهي." ڪلگنوف وري جوش ۾ اَچي ويـو. ڇـڻ تہ هيءُ سوال بيحد ضروري ٿيَ ڏٺو. "هيءُ پولينڊ ويو ئي نہ آهي، اُن ڪري هُـو ڪيئـن ٿو اُتان جون ڳالهيون ڪري؟ مان سمجهان ٿو، هن پولينڊ ۾ شادي ئي نہ ڪئـي آهي. ڪيئن اِيئن آهي نہ؟"

"نہ مان سمولينسڪ جي حصي ۾ شـادي ڪئـي آهي. اُن کـان اڳ ۾ هـڪ فوجي سوار اُن کي روس ۾ آندو هو. منهنجي مسـتقبل واري زال سـان سندس مـاءُ، ماسـي ۽ ٻيون رشتيدار عورتون بہ ساڻ هيون ۽ هڪ ڇڱيءَ عمر وارو پٽ بہ ساڻس هيس. هُــن اُن کي سِڌو پولينڊ کان آندو هو ۽ پوءِ منهنجي حوالي ڪيو هئائين. هُـو اَسان جي فوجي دستي ۾ ليفٽيننٽ هو. نهايت ذهين نوجوان هو. ڀهريائين سندس خيال هو، تہ اُن سان پاڻ شادي ڪري، پر هن اُن سان شادي نہ ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ مَنڊي ٿي پئي هئي."

"ها تو هڪ منڊي عورت سان شادي ڪئي؟" ڪلگنوف ڪيس وراڻيو.

"هائو، اُنهن ٻنهي مون کي ٺڳيو هو ۽ سڄي ڳالهہ کي ڳجهو رکيو هو. مـان خيال ٿي ڪيو، تہ شايد ڪيس ٽپن ڏيڻ جي عـادت آهي ۽ هوءَ هميشـہ ٽپن ڏيـڻ ۾ مشغول هوندي آهي. مان ڄاتو ٿي، تہ اهو سڀ ڪجهہ خوشـيءَ مـان ڪندي ٿـي رَهـي. مان هن کي مزيدار مذاق ٿي سمجهيو."

ڪلگنوف پنهنجي آواز کي ڪجهه تيز ڪيو ۽ باراٽي نموني ۾ ڪيس چيائين ته، ”چئبو ته هن پنهنجي راضپي سان، توسان شادي ڪئي هئي.“

”هائو، مگر هتي ته ڳالهه ئي ٻي نڪري پئي. پوءِ جڏهن اسان شادي ڪئي، ته پهرئين ئي رات جو هُن قبول ڪيو ۽ نهايت پُراثر آواز ۾ چيو، ته مان جڏهن بار هيس ته مٿيءَ جي گاري جي مٿان ٽپو ڏنو هيم ۽ اُن ڪري منهنجي ٽنگ زخمي ٿي پئي هئي. ها، ها.“

ڪلگنوف هيءُ ٻڌي باراٽي ڪل ۾ ٻُڏي ويو. ايتري قدر جو صوفي تي ڪري پيو. گروشينڪا پڻ کلڻ لڳي ۽ مِتيا ته خوشيءَ ۾ اونڌو ٿي پيو.

”اوهان کي خبر آهي، هيءُ هاڻي سچ ٿو ڳالهائي.“ ڪلگنوف راءِ ڏيندي چيو ۽ مِتيا ڏي نهارڻ لڳو. ”اوهان کي خبر آهي، ته هن ٻه شاديون ڪيون آهن. هيءَ سندس پهرئين زال جي ڳالهه آهي، پر اوهان کي سندس ٻي زال جي خبر نه آهي، هوءَ ته اَصل وٺائنس ڀڄي وئي. هوءَ هن وقت جيئري آهي.“

”ڇا اِيئن ٿي سگهي ٿو؟“ هُن ميڪزيموف ڏي منهن ڦريندي چيو. سندس منهن مان حيرت ۽ عجب جا اُهڃاڻ ٿي نظر آيا.

”هائو، هوءَ ڀڄي وئي، مون کي اهو ناخوشگوار تجربو به حاصل ٿيو.“ ميڪزيموف ندامت ڏيکاريندي اقرار ڪيو. هوءَ هڪ مانشيور (فرينچ مسٽر) سان ڀڄي وئي. سڀ کان خراب ڳالهه هيءَ ٿي، ته هُن منهنجي ٿوري ملڪيت به پنهنجي نالي تي تبديل ڪري ڇڏي. هُن اُن بابت اِيئن چوندي فيصلو ڪيو، ته تون تعليم يافته ماڻهو آهين ۽ پنهنجو گذران حاصل ڪري سگهندين. هڪ عزت مآب پادريءَ هڪ ڀيري مون کي چيو، ته ”تنهنجي زالن مان هڪ منڊي هئي، پر ٻي ٽنگن ۾ تيز نڪتي ها، ها.“

”ٻُڌو ٻُڌو.“ ڪلگنوف ٽڪندي چيو، ته ”هيءُ ڪوڙ ڳالهائي رَهيو آهي. هي اَڪثر اِيئن ڪندو آهي - پر هيءُ جو ڪجهه به ڪندو آهي، اَسان کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪندو آهي. هن ۾ ڪا به خرابي نه آهي. ڪا آهي ڇا؟ توهان کي خبر آهي، هيءُ ڪنهن وقت مون کي ڏاڍو پسند ايندو آهي. ڪي ماڻهو پنهنجي فائدي جي خاطر حقير ٿيڄي ويندا آهن. جيتوڻيڪ هي نهايت حقير آهي، پر اها هن جي فطرت آهي. هيءُ پنهنجي سادگيءَ جي باعث اِيئن آهي. اوهان کي عجب لڳندو، ته هيءُ چوي ٿو ته (ڪالهه هُو ان حقيقت بابت بحث ڪندو ٿي آيو) گوگول پنهنجو ڪتاب ’مئل روح‘ اُن جي لاءِ ئي لکيو هو. توهان کي ياد هوندو، ته اُن ڪتاب ۾ هڪ زميندار ميڪزيموف جو نالو اَچي ٿو. جنهن کي نازدريوف ماريو هو. اُن ڪري مٿس مقدمو

هليو هو، تہ هن نشي جي حالت ۾ زميندار ميڪزيموف کي لنيون هٽي زخمي ڪيو هو. هيءُ ڇوي ٿو، تہ اُهو ميڪزيموف مان آهيان. ڇا اوهان کي هن ڳالھ تي اعتبار نہ ايندو؟ ڇوي ٿو تہ هن کي ٿي مارَ ملي هئي! پر اِهو تي بہ سگهي ٿو، ڇيڪوف سن 1820ع ڌاري سفر ڪيو هو. اِهو سندس پويون سفر هو. تاريخون تہ پاڻ ۾ ملن ٿي نہ ٿيون. هن کي پوءِ مار ڪيئن ملي؟ هيءُ تہ تي ٿي نہ ٿو سگهي.“

اِهو خيال ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو، تہ ڪلگنوف اِنهيءَ حقيقت بابت سخت جوش ۾ هو، پر سندس جوش سچائيءَ وارو هو. مِتيا سندس رهنمائيءَ کي بنا ڪنهن اعتراض جي قبول ڪيو.

”پر جيڪڏهن هنن ڪيس ماريو بہ آهي، تہ هيءُ تي سگهي ٿو.“ مِتيا ڪلندي چيو.

”اِيئن نہ آهي، تہ هنن مون کي سچ پچ ڪو ماريو هو، پر منهنجو مطلب آهي، تہ ....“ ميڪزيموف ڳالهايو.

”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ توکي هنن ماريو يا نہ؟“

پائيپ واري پول، پنهنجي ڊگهي قد واري دوست کان پڇيو، تہ ”هاٿي گهٽا لڳا هوندا؟“ هُو بيمزي تي نظر آيو. بئي فقط جواب ۾ پنهنجي ڪلهن کي ڏوڏيو. ڪنهن وٽ بہ واچ ڪونہ هئي.

”بيا ماڻهو بہ ڳالهائين ٿا، تون بہ ڳالهاءِ. بيا ماڻهو توسان نہ ڳالهائين، ڇاڪاڻ تہ تون بي مزي ٿو ڏسجين.“ گروشينڪا سندس غلطيءَ کي محسوس ڪندي، ڪيس جهڻڪيو. مِتيا جي دل تي پهريون ڀيرو ڪا حقيقت چمڪي اُٿي. هن ڀيري پول ڪجھ محسوس ڪندي، ڪيس ڪاوڙ مان چيو:

”راڻي، مان تہ ڪابہ مخالفت نہ ٿو ڪريان. مان تہ ڪجھ نہ ٿو چوان.“

”تہ پوءِ شڪ آهي، اچ ۽ اسان کي پنهنجي ڪهاڻي ٻُڌاءِ.“ گروشينڪا ميڪزيموف کي چيو. ”اوهان سڀئي خاموش ڇو آهيو؟“

”ٻڌائڻ جهڙي تہ ڪابہ ڳالھ ڪانہ آهي. هيءَ سڀ بيوقوفي هئي.“ ميڪزيموف ڪيس هڪدم چئي ڏنو. جنهن مان سندس نمايان تسلي ٿي ڏٺي، جنهن ۾ ڪجھ احتياط بہ هو. اُن کان سواءِ گوگول جي تصنيف ۾ مثال ترتيب بہ نظر ايندي. ڇاڪاڻ تہ سندس نالن ۾ ڪو مطلب رکيل آهي. نازدريوف جو اصلي نالو نوسوف ۽ ڪُوَشَينيڪوف جو نالو ڪو بيو هو. هن کي شڪورنيف ٿي سڏياٿون. فيناردِي جو اصلي نالو بہ فيناردِي هو. پر هو اطالوي هئڻ بجاءِ روسي هو. بيگم فيناردِي حَسين ڇوڪري هئي. مضبوط ٽنگن واري، جنهن کي ننڍي دامن واري قميص پهريل هوندي هئي، جنهن تي سُرمي ۽ ستارن جو ڪم ٿيل هوندو هو. هُوءَ هميشہ رقص ۾

مشغول هوندي هئي، چار ڪلاڪ نہ پر چار منٽ اِنهيءَ عرصي ۾ بہ هوءَ ماڻهن جون دليون کسي وٺندي هئي ......"

"پر توکي ڇو مارَ ملي؟" ڪلگنوف ڪانئس پڇيو.

"پيرون جي لاءِ" ميڪزيموف جواب ڏنو.

"پيرون ڪير آهي؟" دمتري ڪانئس سوال ڪيو.

"مشهور فرينچ مصنف پيرونءِ. اسان هڪ وڏي جماعت جي حيثيت ۾ هڪ هوٽل ۾ شراب پي رهيا هئاسين. هيءُ هڪ ميلي جو موقعو هو. هنن مون کي بہ دعوت ڏني هئي. شروع ۾ مان ئي هَجوَ جا شعر ٻڌائڻ شروع ڪيا. 'ٻوالو اِهو تون آهين؟ کهڙو نہ مسخري جهڙو لباس پهريو اَٿئي؟' ٻوالي ڪيس جواب ڏنو تہ "هُو حمام ۾ ٿو وڃي. هاها." هُو هن طعني کان ڪاوڙجي ويا. مان بي پرواهيءَ سان وڏيڪ هجو وارا شعر، جن کي علم وارا ڄاڻن ٿا ۽ مشهور آهن، پڙهڻ شروع ڪيم:

"هائو اسان سيفو ۽ فائون آهيون،

پَر هڪ ڏک مون کي جهوري رهيو آهي،

تہ تون سمنڊ جي راهہ نہ ٿي ڄاڻين."

هيءُ ٻڌي هُو وڌيڪ بگڙيا ۽ مون کي بُريءَ طرح بَدشَد ڳالهائڻ لڳا. جيئن تہ منهنجي بدقسمتي هئي، مان ڳالهہ کي ناهي نہ سگهيس. مان پيرون جي بابت شائستہ ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪري ڏنيون، تہ هُو کهڙيءَ ريت فرينچ اڪيڊميءَ ۾ مقبول نہ پيو ۽ هُن ڪيئن انتقامي طور تي پنهنجي قبر لاءِ، هي ڪتبو لکيو:

"هيءَ پيرون جي قبر آهي، جنهن لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويو،

هيءُ اڪيڊمي جو رُڪن بہ ٿي نہ سگهيو."

"هنن مون کي جهلي مارڻ شروع ڪيو."

"پر ڇا جي لاءِ؟"

"منهنجي تعليم لاءِ. ماڻهو ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ ڪنهن کي ماري سگهن ٿا." ميڪزيموف پنهنجي حقيقت کي مختصر ڪندي چيو.

"بس، بس، ڪافي آهي! هيءَ سڄي بيوقوفي آهي. مان هن کي ٻُڌڻ نہ ٿي گهران. مان سمجهيو ٿي، تہ ڪا چڱي ٻُڌڻ جهڙي ڳالهہ هوندي." گروشينڪا کيس وچ ۾ ڪاٽيندي چيو.

مِتيا ڪان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو. هن هڪدم کلڻ ڇڏي ڏنو. ڊگهي قد وارو پول اُٿي بيٺو. سندس منهن مان شوخي ٽي ڏني، ڇڻ تہ تنگ ٿي پيو هو. هُو ڪونيءَ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ٿي آيو ۽ ويو. سندس هَٿَ پٺيءَ پويان وريل هئا.

”اڙي! هيءُ ماٺ ڪري ويهي نہ تو سگهي.“ گروشينڪا ڪيس نفرت مان نهاريندي چيو. مِتيا انتظار ۾ پئجي ويو. هن هيءُ بہ ڏٺو، تہ صوفي تي وينل پول ڪيس غصي جي نگاهن سان ڏسي رَهيو آهي.

”راڻي،“ مِتيا ڪيس چيو، تہ ”اَچو تہ پيئون.“

هُن جهٽڪي ۾ تي گلاس ڪٽي ورتا ۽ اُنهن کي شئمپين سان ڀريائين.

”هي پولينڊ لاءِ دوستو. مان تنهنجي پولينڊ لاءِ هي پيئان ٿو.“ مِتيا وڏي آواز سان چيو.

صوفي تي وينل پول چيو، تہ ”مون کي هن لاءِ خوشي آهي دوستو!“ هن وڏي شان ۽ غرور سان هي لفظ چيا، جيتوڻيڪ هُو مهربان بہ ٿي ڏٺو.

”هيءُ ٻئي دوست لاءِ آهي، سندس نالو ڇا آهي؟ شوق سان پيءُ. پنهنجي گلاس کي کڻ.“ مِتيا ڪيس چيو.

”پان وِريو بليڪسي.“ صوفي تي وينل پول چيو.

پان وريو بليسڪي گهمندي ميز ڏي وڌي آيو.

”ها پولينڊ جي لاءِ دوستو!“ مِتيا پنهنجي گلاس کي کڻندي چيو.

هنن ٽنهي پيتو. مِتيا وري بوتل کنئي ۽ وري ٽنهي گلاسن ۾ شراب اوتيائين.

”هاڻي رشيا جي لاءِ دوستو! اَسان سڀني کي پاڻ ۾ پيائر ٻڌجي وڃڻ کپي.“

”اَسان جي لاءِ بہ ڪجهہ اوت.“ گروشينڪا ڪيس چيو. ”مان پاڻ رشيا جي لاءِ پيئڻ گهران ٿي.“

”ها، ها!“ ڪلگنوف چيو.

”۽ مان بہ رشيا جي لاءِ ....... قديم مادر وطن!“ ميڪزيموف طعني طور چيو.

”سيئي“ مِتيا واڪو ڪري چيو. ”ترِيفان بورسووچ! ڪجهہ وڌيڪ بوتلون کپن.“

ٽي ٻيون بوتلون، جي مِتيا آنديون هيون، اُهي ميز تي رکيون ويون ۽ هُن گلاسن کي ڀريو.

”رشيا، شاباس،“ هُن ٻيهر رڙ ڪري چيو. سڀني هن دعوت ۾ شريڪ ٿي پيتو، مگر پولَ اُن ۾ شريڪ نہ ٿيا. گروشينڪا، هڪ ئي ڍُڪ ۾ گلاس پي وئي. مگر پولن مان ڪنهن بہ گلاس کي هٿ نہ لاتو.

”هيءُ ڇا آهي دوستو؟ ڇا اوهين نہ پيئندا؟ مِتيا ڪانئن پڇيو.“

پان وريوبليڪسي گلاس وٺي زوردار آواز ۾ چيو، تہ ”رشيا جي لاءِ جا سن 1772ع کان اڳ ۾ هئي.“

”نيڪ آهہ“، ٻئي پول واڪو ڪري چيو ۽ هنن ٻنهي گلاسن کي هڪدم پي، خالي ڪري ڇڏيو.

”اوهان بيوقوف آهيو.“ مِـتيا اوچتو چئي ڏنو.

”راڻي.“ ٻنهي پولن رڙ ڪري چيو. هُـو مِـتيا تـي ايئـن جلهـ ڪرڻ لاءِ تيـار تـي ويا، جيئـن ٻـ ڪڪڙ هوندا آهن. پان وريوبليڪسي وڏيڪ جوش ۾ تي ڏنو ۽ رڙ ڪري چيائين تـ:

”ڇا ڪنهن کي ٻـ پنهنجي ملڪ سان محبت ڪرڻ کان روڪي سگهجي ٿو!؟“

”خاموش، پاڻ ۾ نـ وڙهو. مون کي ڪوبـ جهڳڙو نـ کپي.“ گروشينڪا گجندي چيو ۽ هُـن پنهنجي پير کي زمين تي زور سان هنيو. سندس منهن ڳاڙهو ٿـي ويـو ۽ اکيون چمڪڻ لڳس. اُن گلاس کي جيڪو پيتو هئائين، اُن جو اَثر هاڻي منجهس صاف ٿي ڏنو. مِـتيا سخت پريشان ٿي ويو.

”دوستو مون کي معاف ڪريو! هيءَ منهنجـي غلطـي هئـي. وريوبليڪسـي، دوست وريوبليڪسي، مون کي معاف ڪر.“

”پنهنجي زبان کي ڪنهن بـ طرح سان بند ڪري تـون ويهي رَهـ بيوقـوف!“ گروشينڪا غصي مان ڪِين ڇينيو.

هرڪو ويهي رَهيو. خاموشي ٿي وئي. هرڪو هڪٻئي کي ڏسڻ لڳو.

”مهربانو! مان ئي اِنهن سيني ڳالهين جو ذميدار آهيان.“ مِـتيا وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن ڪوشش ڪئي، تـ مِتيا جي لفظن کي دهرائي. ”اَچو اَسين هت ڇا جي لاءِ ويٺا آهيون؟ پلا ڇا ويهي ڪريون ...... ڪجهـ تـ وري پاڻ کي وندرايون؟“

”ها، ڪجهـ هجي پر وندرائيندڙ“ ڪلگنوف چيو، جنهن مان سندس سستي صاف ٿي ڏني.

”اَچو تـ وري فارو (پتن تي جوا) کيڏون. جيئـن هـاڻي ڪئـي سـون پئـي.“ ميڪزيموف دبيل ڪـلَ سان چيو.

”فارو، نهايت عمدي ڳالهـ.“ مِـتيا جواب ڏنو ”جيڪڏهن هي دوست .....“

صوفي تي ويٺل چيو، تـ ”دوستو! دير ٿي وئي آهي.“ معلوم پئـي ٿيـو، تـ هيءُ سندس دل وٽان نـ آهي.

پان وريوبليڪسي سندس تائيد ڪندي چيو، تـ ”اهو سچ آهي.“

”دير ٿي وئي آهي، اِنهيءَ کان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ گروشينڪا ڪاٺس پڇيو.“

”راڻي دير کان منهنجو مطلب آهي، تـ گهڻو وقت گذري ويو آهي.“ صوفي تي ويٺل پول کيس سمجهايو.

”هنن جي لاءِ هميشـه دير آهي. هنن مان ڪجهـ بـ نـ ورندو.“ گروشينڪا ڪافي ڪاوڙ مان رڙ ڪري چيـو. هي پاڻ بي مزي آهن، اُن ڪري ٻين کي بـ بي مزي ٿا

ٻڌائين. مِتيا تنهنجي اَچڻ کان اڳ ۾ بہ هاٺي وانگر ماٺ ۾ هئا ۽ مون تي ناسون پئي هنيائون."

صوفي تي وينل پول چيو، تہ "راٺي تنهنجي بي اعتباريءَ کي ڏسي، مون کي ڏک ٿو ٿئي." وري دمتري ڏي منهن ڪري چيائين تہ:

"مان حاضر آهيان."

"چڱو اَچو تہ کيڏون" مِتيا قبول ڪندي، پنهنجي کيسي مان نوٽن جي ٿَهي ڪڍي ورتي ۽ اُنهن مان بہ سَوَ روبل جا نوٽ ميز تي رکيائين. مان تو وٽ گهٽي رقم هارائڻ گهران ٿو. ها هيءَ پتا وٺ ۽ ورهاءِ.

"اَسان کي تاش، سراءِ واري کان وٺڻ گهرجي" اُن ڪوتاهہ قد تحمل ۽ صفائيءَ سان چيو.

"اِهو نيڪ طريقو آهي." پان وريوبليڪسي، ساڳين لفظن کي دهرايو.

"سَراءِ جي مالڪ کان، نيڪ آهي. مان سمجهيو، اَسان کي تاش اُن کان وٺڻ گهرجي. مِتيا سراءِ جي مالڪ کي رڙ ڪري چيو، "پتا!"

سراءِ جو مالڪ تاش جو نئون بنڊل ڪليل کڻي آيو ۽ مِتيا کي اطلاع ڏنائين تہ ڇوڪريون تيار ٿي رهيون آهن ۽ يهودي جانجهر ۽ باجن سان جاڻ پهتا، پر سامان سان پريل گاڏي اَجا نہ پهتي هئي. مِتيا ميز جي پاسي کان ٽپو ڏئي اُٿيو ۽ حڪم ڏيڻ لاءِ ٻي ڪوٺي ۾ هليو ويو. فقط ٽي ڇوڪريون موجود هيون ۽ ماريا موجود نہ هئي. هن کي پاڻ خبر نہ ٿي پئي، تہ هُو کين ڪهڙي ريت حڪم ڏئي ۽ هيڏي ڇو هليو آيو آهي؟ هُن فقط ايترو چيو. تہ پيٽيءَ مان سوکڙيون ڪڍي ڇوڪرين کي ڏيو. مِٺائي، ٽافيون ۽ ٻيون شيون. "اَئنڊري کي ودڪا (شراب جو قسم) ڏيو." هو تڪڙ ۾ چوندو ويو. "مان اَئنڊريءَ سان بي مروتي ڏيکاري آهي."

اوچتو ميڪزيموف، جو سندس پويان لڳو آيو هو، سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيائينس، تہ "مون کي پنج روبل ڏئي. مان بہ جوا ۾ داءُ لڳائيندس. ها، ها."

"تون بہ موڙي سيڙائين ٿو. ڏاڍو عمدو. ها هيءَ وٺ ڏهہ روبل."

هن وري بہ پنهنجي کيسي مان سيئي نوٽ ڪڍيا ۽ ڏهن جو نوٽ جدا ڪندي کيس ڏيندي چيائين، تہ "جڏهن تون هارائين، تہ وري اَچج ۽ وري اَچج."

"نيڪ آهي!" ميڪزيموف خوشيءَ مان چيو ۽ وري پنتي موٽي ويو. مِتيا پڻ جلدي موٽيو ۽ سندن انتظار جي لاءِ کانئن معافي ورتائين. پول اڳ ۾ ئي ويهجي ويا هئا ۽ هنن پتن جي بنڊل کي کوليو هو. هُو هاٺي صلح پسند ۽ مهربان ٿي ڏنا. صوفي تي وينل پول پنهنجي پائيپ کي نئين طرح سان ڀَري دکايو ۽ مطمئن ٿي ڏنو.

”پنهنجي جاين تي ويهجي وڃو، مهربانو!“ پان وريوبليڪسي رڙ ڪري چيو.

”نه، مان وڃڻ ڪيڏڻ نه تو گهران“، ڪلگنوف پنهنجي راءِ ڏني. ”مان هاڻي پنجاهه روبل هنن وٽ هارائي چُڪو آهيان.“

”هن دوست جي قسمت چڱي نه هئي، هاڻي ڪندو، سندس قسمت چمڪي پوندي.“ صوفي تي ويٺل پولَ، اُن ڏانهن منهن ڪري چيو.

”داءُ ڪيترو آهي؟ اهو ٻڌايو؟“ مِتيا کين چيو.

”اهو پنهنجي راءِ تي ڇڏيل آهي. سَوَ به تي سگهن ٿا. ٻه سَوَ به تي سگهن ٿا، جيتري تون شرط رکين!“

”ڏهه لک!“ مِتيا ڪليو.

”منهنجي دوست ڪپتان، شايد پان پوڊويسوتسڪي جي نالي شايد ٻڌو آهي؟“

”ڪهڙو پوڊويسوتسڪي؟“

”وارسا ۾ هڪ جوا جو اڏو هو، ۽ هرڪو اُتي اچي داءُ لڳائيندو هو. پوڊويسوتسڪي اُتي آيو. اُتي هُن هڪ هزار سونا سڪا رکيل ڏٺا. هن اُتي هنن لاءِ داءُ لڳايو. اُتان جي مالڪ کيس چيو، ته پان پوڊويسوتسڪي تون داءُ جي رقم ڏئين ٿو يا تنهنجي مٿان اعتبار ڪيو وڃي؟ هن کين جواب ڏنو، ته منهنجي واعدي تي اعتبار ڪيو وڃي. نيڪ آهي، مالڪ چيو. هن ڊاري کي اُڇلايو. پوڊويسوتسڪي کي ڏسي چيائين، ته تو کٽيو. هن پنهنجي خاني کي کوليو ۽ کيس هڪ لک ڏئي ڇڏيائين ۽ چيائين، ته تو کٽيو آهي. هوڏي اُن اڏي جي بئنڪ ۾ فقط هڪ لک روبل هئا. پوڊويسوتسڪي ڏي هن منهن ڪري چيو ته، ”تو پنهنجي واعدي تي قائم رهڻ گهريو، هاڻي اَسان کي به پنهنجي واعدي تي قائم رهڻ گهرجي.“ پوڊويسوتسڪي کي هڪ لک روبل ملي ويا.“

”اهو صحيح نه آهي.“ ڪلگنوف کيس چيو.

”عزيز ڪلگنوف، سڪر ماڻهن جي مجلس ۾ اهڙيون ڳالهيون نه ڪبيون آهن.“

”جڻ ته پوليند جو ويٺل جواري، هڪ لک روبل ڏئي ڇڏيندو.“ مِتيا چيو ته سهي پر يڪدم پاڻ کي سنڀالي ورتائين. ”معاف ڪر دوست! مون کان وري غلطي تي وئي آهي. هي هڪ لک ڏئي سگهي ٿو. پوليند کي عزت ڏيڻ لاءِ، هيءُ هڪ لک به ڏئي سگهي ٿو. ڪيئن نه مان پوليند جي زبان ۾ ڳالهائي رَهيو آهيان. ها، ها. مان ڏهه روبل جو داءُ لڳايان ٿو.“

”مان هڪ روبل راڻيءَ تي رکان ٿو، جا دلين جي راڻي آهي. ننڍڙي ۽ سهڻي گُڏي. ها، ها.“ ميڪزيموف ڪلندي راڻيءَ کي ٻاهر ڪڍيو. جڻ ته هُو سيني کان اُن

کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هُو سنئون سڌو اڳتي وڌيو. هُو ٽڪڙو ميز کان نڪري آيو ۽ چيائين ته ”مِتيا ڪٿيو ۽ روبل پڻ ڪٿيو.“

”پاسي!“ اُن وقت مِتيا چيو.

”مان بي روبل جو داءُ لڳايان ٿو!“ ميڪزيموف هڪ روبل جي کٽڻ جي خوشيءَ ۾، نهايت خوشيءَ مان چيو.

اُن وقت دمتريءَ رڙ ڪري چيو، ته ”مون هارايو پر اُن کي هاٽي بيٽو ٿو ڪريان.“ پر اهي به هن هارايا.

اوچتو ڪلگنوف زور سان چيو ته ”بيهو.“

”بيٽو، بيٽو!“ مِتيا رقم کي بيٽو ڪندو ٿي ويو. هر گهڙي هُو داءَ کي اڳي کان بيڻ ۾ وڌائيندو رهيو. مگر پول تاش جي پتن کي کوليندي کٽندا ئي ٿي رهيا ۽ هڪ روبل جو داءُ کُٽندو ٿي ويو.

مِتيا جوش ۾ اچي واڪو ڪري چيو ته ”بيڻ، اَچا به بيڻ.“

”دوست تون به سَوَ روبل هارائي چُڪو آهين. ڇا اَچا به وڌيڪ سَوَ روبل جو داءُ رکندين؟“ صوفي تي وينل پول کانئس معلوم ڪرڻ گهريو.

”ڇا مون به سَوَ روبل هارايا آهن، هاٽي وري بيا به سَوَ. سڀ بيڻ تي هوندا!؟“ هُن کيسي مان پيسن کي ٻاهر ڪڍيو. مِتيا راٽيءَ تي به سؤ روبل رکڻ وارو هو، جو ڪلگنوف پنهنجي هٿن سان نوٽن کي ڍڪيو.

”هي ڪافي آهن،“ هُن پنهنجي آواز سان خبردار ڪيو.

”آخر ڇا آهي؟“ مِتيا کيس عجب مان ڏسي چيو.

”بس ڪافي آهي. مان نه ٿو چاهيان ته وڌيڪ راند ڪيڏين. نه بس آهي.“

”پر ڇو؟“

”ڇاڪاڻ ته مان نه ٿو چاهيان. ڪڏ ۾ وڃهينس، پَري ٿي وڃ. مان نه ٿو چاهيان ته تون ڪيڏين.“

مِتيا کيس عجب مان نهارڻ لڳو.

”مِتيا هاٽي راند کي بَس ڪر. جيئن هيءُ چوي ٿو، ايئن هوندو. تو گهڻو ئي هارايو آهي.“ گروشينڪا کيس نرالي آواز سان چيو. ٻئي پول پنهنجي جاءِ تان بيحد ناراض ٿي اُٿيا.

بندري ماٿهوءَ کيس چيو ته، ”راٽي! تون شايد مذاق ڪَري رهي آهين؟“ هُو ڪلگنوف کي نفرت جي نگاهن سان ڏسڻ لڳو.

”توکي اِها همٿ ڪيئن پيدا ٿي؟“ وريوبليڪسي کيس ڪاوڙ مان چيو.

”ايئن رڙيون ڪري نہ ڳالهاءِ،“ گروشينڪا واڪوڪري چيو. ”ويڙهو ڪڪڙ خيال ڪر.“

مِتيا واري تي بنهي کي ڏسندو رهيو. هُن اوچتو گروشينڪا جي منهن ۾ ڪا بي شيءِ ڏٺي ۽ سندس دل ۾ ڪا نئين شيءِ چمڪڻ لڳي - بلڪل هڪ نئون خيال.

”راڻي اگريپينيا،“ ڪوتاهہ قد پول ڳالهائڻ شروع ڪيو. هُو ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو هو. مِتيا اوچتو وڌي ويو ۽ سندس ڪلهي تي ڏڪ هڻي ڪديائين.

”منهنجا مهربان! مان توسان بہ لفظ ڳالهائڻ گهران ٿو.“

”توکي ڇا کپي؟“

”ٻي ڪونيءَ ڏانهن هَل، مان توسان بہ لفظ ڳالهائڻ گهران ٿو ۽ نهايت وڻندڙ ڳالهہ آهي. تون بُڌي خوش ٿيندين.“

ننڍي قد واري پول، ڪيس عجب مان نهارڻ لڳو. هُن اِها ڳالهہ هڪدم قبول ڪئي، پر ڪيس شرط وڌائين تہ سندس دوست وريوبليڪسي بہ ساڻس گڏ هوندو.

”هي تنهنجو ساٿي ۽ رکوال، پلي اَچي. مون کي هن جي بہ ضرورت آهي. هيءُ ضرور هجي،“ مِتيا چيو. ”چڱو هاڻي هلون ٿا دوست!“

”ڪا ڏي ٿا وڃو؟“ گروشينڪا ڪائنن انتظاريءَ مان پڇيو.

”اسان جلدي موٽي ٿا اَچون،“ مِتيا کيس جواب ڏنو.

سندس اکين ۾ اعتماد چمڪڻ لڳو. سندس چهرو، ڪونيءَ ۾ گهڙڻ کان ڪلاڪ کن اڳ ۾، جو مايوس ٿي ڏنو، هاڻي اُن کان بلڪل نيارو ٿي ڏٺو.

هُو پُول پاڻ سان گڏ ونې وڏي ڪمري ۾ داخل ٿيو، جتي ڇوڪرين جي راڳ جي محفل کي تيار ٿي ڪيو ويو ۽ هُو سڀ ميز جي ڇوڏاري وڃي گڏ ٿيون هيون. اُن ڪمري ۾ ساڄي طرف خواب گاهہ جو ڪمرو بہ هو، جنهن ۾ پيٽيون ۽ بقچہ رکيل هئا. اُن ۾ بہ وڏا بسترا موجود هئا، جن تي وهاڻن جا انبار رکيل هئا. اُن ڪوني جي ڪنڊ ۾ هڪ ميز پيل هئي، جنهن تي ڏيئو رکيل هو. ننڍي قد وارو ۽ مِتيا هڪ ٻي ڏي منهن ڪري ميز جي پرسان ويهي رهيا ۽ ڳوري جسم وارو وريوبليڪسي، سندن پاسي ۾ ويهي رهيو. ٻئي پول سخت مزاج بڻجي ويا هئا، پر معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ ٿي ڏٺا.

ننڍي قد واري پول کيس چيو، تہ ”دوست توکي ڇا کپي؟

”ها هيڏي نهار دوست! مان توکي گهڻو وقت نہ ترسائيندس.“ تنهنجي لاءِ رقم موجود آهي. هن پنهنجي نوٽن کي ڪڍيو. توکي ٽي هزار روبل کپن؟ اِهي وٺ ۽ هليو وڃ.“

پول جون اکيون ڪُلي ويون ۽ هُو مـِتيا کي عجب مان نهارڻ لڳو.

”ٽي هزار دوست؟“ هن وريوبليوسڪي ڏي اکين سان اِشارو ڪيو.

ٽي، دوست ٽي، ڏيان ڏيئي ڀُڏ. تون سمجهدار ٿو ڏسجين. ٽي هزار روبل وٺ ۽ گم ٿي ۽ توسان گڏ وريوبليڪسي بہ هوندو - تون ٻُـڌين ٿو؟ پر هڪدم. هاڻي ۽ هميشه لاءِ. تون چڱيءَ ريت سمجهين ٿو دوست، هميشـه لاءِ. هو دروازو آهي ۽ اُن مان نڪري وڃ. تنهنجو هـُتي آهي ئي ڇا؟ هڪ ڪوٽ، اُن وارو ڪوٽ؟ مان اُهو ڪڍي اَچي توکي ڏيندس. گهوڙا بيٺا آهن ۽ تنهن ڪانپوءِ، خدا حافظ دوست!“

مـِتيا، جواب جي منظوريءَ لاءِ ترسيو. هن وٽ ڪوبہ شڪ ۽ شبهو ڪونہ هو. وٽس پولَ جي خيال جي پختگيءَ جو عجب اظهار هو.

”پيسا دوست؟“

”پيسا؟ پنج سَوُ روبل مان توکي هاڻي ڏيان ٿو، جي توکي سفر لاءِ ڪم ايندا. هيءَ منهنجي پهرين قسط آهي ۽ باقي بہ هزار ۽ پنج سَوُ روبل، سڀاڻي شهر ۾. مان پنهنجي عزت جو قسم کڻي چوان ٿو، تہ اُهي سڀاڻي مون کي ملندا، ڪنهن بہ قيمت تي ملندا.“ مـِتيا کيس واکو ڪري چيو.

پولَ هڪـِيئي ۾ اکيون بدلائڻ لڳا. ننڍي قد واري جو چهرو وڌيڪ نفرت انگيز ٿيڻ لڳو.

”ست سَوُ، سَت سَوُ روبل، پنج سَوُ نہ. اُهي هاڻي هن گهڙيءَ اَدا ڪريان ٿو.“ مـِتيا کيس چيو. هن ڪجهہ غلطي محسوس ڪئي. دوست ڇا آهي؟ توکي مون تي اعـتبار نہ ٿو اَچي ڇا؟ مان توکي سنوان سڌا ٽي هزار روبل ڏئي نہ ٿو سگهان. جيڪڏهن مان سيئي ڏيئي ڇڏيان، تہ تون شايد موٽي اَچين ..... اُن کان سواءِ ٽي هزار روبل هت مون وٽ موجود بہ آهن. اُهي شهر ۾ منهنجي گهر ۾ آهن.“ مـِتيا نااُميديءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ سندس دل ٻڏڻ لڳي. هڪ هڪ لفظ تي جنهن کي هـُو ڳالهائي رهيو هو، جُهرڻ لڳو. ”منهنجي زبان تي اعتبار ڪريو، اِها رقم، گهر ۾ مون وٽ لڪيل آهي.“

اُن ئي گهڙيءَ ۾ هڪ غير معمولي، شخصي عزت جو خيال اُن ڪوتاهہ قد جي چهري ۾ جهلڪ ڏيڻ لڳو.

”ٻيو ڇا؟“ هن کيس طنزيہ انداز ۾ چيو. ”توکي شرم اَچڻ کپي!“ هـُن زمين تي ٿُڪ اُڇلائي، وريوبليوسڪي بہ اُن وانگر زمين تي ٿُڪ اُڇلائي.

”دوست توکي اِيئن ڪرڻ گهرجي!“ مـِتيا سڀ کا ڳالهہ هٿن مان ويندي ڏسي کيس چيو. اوهان کي شايد گروشينڪا جي لاءِ وڌيڪ وصول ڪرڻو آهي. توهان ڇڳا نامرد ٿا ڏسجو.

"اها وڏي بي عزتي آهي!" ننڍي قد وارو پول غصي کان ڳاڙهو ٿي ويو. هُو ڪمري کان نڪري ويو. نهايت آهستگيءَ سان. جڻ ته هُو بيو ڪجهه ٻُڌڻ لاءِ تيار نه هو. وريوبليڪسي به اُن جي پوئتان هليو ويو ۽ آخر ۾ مِتيا مُنجهيل ۽ پريشان نڪتو. ڪيس گروشينڪا کان خوف پئي ٿيو. چاڪاڻ ته پول هڪدم لُڙ مچائيندو. سچ پچ هُن اِيئن ڪيو. پول ڪمري ۾ گهڙيو ۽ نهايت ڊرامائي انداز ۾ گروشينڪا جي سامهون پاڻ کي اُجلايائين.

"راڻي اگريپنيا! منهنجي سخت بي عزتي ٿي آهي." هن ٻڌائڻ شروع ڪيو. پر گروشينڪا اوچتو پنهنجو صبر وڃائي ويٺي. جڻ ته ڪيس ڪنهن نازڪ جاءِ تي زخم پهچايو ويو هو.

"روسي زبان ۾ ڳالهاءِ!" هُن رڙ ڪري چيو "وري پولينڊ جي زبان جو هڪ لفظ به هيئن نه گهرجي. تون ته روسي ڳالهائيندو هئين. اِهو ڪيئن تو تي سگهي، ته تو پنجن سالن ۾ اُن کي وساري ڇڏيو هوندو." هوءَ بي صبريءَ کان سُرخ ٿي وئي هئي.

"راڻي! گريپنيا......"

"منهنجو نالو اگرافينا آهي. تون روسي زبان ۾ ڳالهاءِ. بي حالت ۾ مان تنهنجو ڪجهه به نه ٻڌنديس."

پول پنهنجي شان کي مجروح ٿيندي ڏٺو. پر جلدي روسي ٻوليءَ ۾ پنهنجي شان کي قائم رکندي چيائين ته:

"مان هتي آيو هوس. ته ماضي کي وساري ڇڏيان. اُنهن سڀني ڳالهين کي فراموش ڪري ڇڏيان. جي اڄ ۾ تي گذريون هيون."

"عفو؟ تون هتي مون کي معاف ڪرڻ آيو آهين؟" گروشينڪا ڪيس ٿوري ۾ قطع ڪرڻ گهريو. هوءَ پنهنجي جاءِ تان ٽپو ڏئي اُٿي.

"اِيئن برابر آهي راڻي. مان بزدل نه آهيان مان بلند حوصلي وارو آهيان. پر مون کي سخت صدمو پهتو آهي. جڏهن مان تنهنجي عاشقن کي ڏٺو آهي! منهنجي دوست مِتيا، مون کي بي ڪمري ۾ ٽي هزار روبل آڇيا هئا. ته مان توکي ڇڏي وڃان. مان هن دوست جي منهن ۾ ٿوڪاري ڇڏيو."

"ڇا؟ هُن منهنجي لاءِ توکي پيسن جي آڇ ڪئي هئي؟" گروشينڪا واڪو ڪري چيو. "اِهو سچ آهي مِتيا؟ توکي اِها ڪيئن همت ٿي؟ ڇا مان وڪري جي لاءِ آهيان؟"

"راڻي، راڻي،" مِتيا هبڪندي چيو "هيءَ پاڪ ۽ روشن آهي. مان هن جو ڪڏهن به عاشق نه رهيو آهيان! هيءَ ڪوڙ آهي......"

”توکي ڪيئن جرئت ٿي آهي، جو تون منهنجو بچاءُ ٿو ڪرين. جيڪڏهن مان پاڪ رَهي بہ آهيان، تہ اِها منهنجي عصمت هئي، ڪُوزماجي خوف ڪان اِيئن نہ ٿيو آهي. هيءُ سڀ پنهنجي نفس جي عزت هئي. مان اهو چاهيان پئي، تہ همٿ سان جڏهن هن جي صورت ڏسان، تہ اُن کي ٺوڪاريان.“

دمتري ڳالهائڻ لڳو، تہ ”هن پيسن کي تہ قبول ڪيو هو، پر ٽي هزار روبل هڪدم ٿي گهريائين. مگر مون وٽ ستن سَون کان وڌيڪ نہ هئا.“

”معاملو صاف آهي.“ گروشينڪا چوڻ لڳي، تہ ”هن کي خبر پئي آهي، تہ مون وٽ رقم آهي، اُن ڪري هيءُ مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آيو آهي.“

پول جواب ڏنو تہ ”راڻي گروشينڪا مان هڪ اصيل ۽ اخلاق وارو آهيان، مان ذليل ۽ ڪمظرف نہ آهيان. مان آيو هوس، تہ توسان شادي ڪريان. پر هتي مان ڪنهن ٻي عورت کي ڏسي رهيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ اُها اڳيئن عورت نہ آهي، جنهن کي مان پوريءَ ريت سڃاڻو ٿي. هيءَ تہ حوس واري ۽ گستاخ عورت آهي.“

گروشينڪا، جنهن کان مڪمل طرح هوش ڇڏائي ويو هو، ڪيس چيو تہ:

”جنهن خيال سان تون آيو آهين، اُن سان موٽي وڃ. مان هنن کي حڪم ڏيان تہ هُو توکي لوڏي ٻاهر ڪڍن. ڪيتري قدر نہ مان بيوقوف هيس، جو هن جي لاءِ پاڻ کي تڪليفون ڏيندي رهيس. اِيئن نہ آهي، تہ مان هن جي ڪري پاڻ کي ايذاءَ ڏيندي رهيس، پر هيءُ پاڻ سان دشمني ۽ وير هو، جو هن کي دوست ٿي رکيم. گذريو. اِهو پهريون ماڻهو نہ آهي، شايد ڪو ٻيو هو. هيءُ ماڻهو جو منهنجي سامهون بيٺو آهي، اُن پهرئين جو شايد پيءُ آهي ...... هيءَ وارن واري ٽوپي ڪٿان آندي اٿئي؟ هُو هڪ باز هو ۽ هيءُ اُن جو طعمو. هُو منهنجي لاءِ ڪلندو ۽ ڳائيندو هو. مان هن جي لاءِ پنج ورهيہ روئيندي پٽيندي رهيس. نهايت بيوقوف ۽ بي شرم هيس.“

هُوءَ پنهنجي هينانهين ڪرسيءَ ۾ پُٺ سان وڃي لڳي ۽ پنهنجو مُنهن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيائين. اُن وقت ماڪرو جي ڇوڪرين جو نغمو شروع ٿي ويو، جي ڪٻي پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڳائي رهيون هيون. رقص جو هڪ ڏماڇوڪڙيءَ وارو راڳ.

سراءِ جو مالڪ، جو ڪجھ وقت کان ڪمري ۾ جهاتيون پائي رهيو هو، واڪا ٻُڌي سمجهيائين، تہ سندس مهمان پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. هڪدم ڪمري ۾ گهڙي آيو.

”ڇا جي لاءِ اوهان واڪا ٿا ڪريو؟ توهان پنهنجي سيني کي ڇنڻ ٿا گهرو؟“ هن وريوبليوسڪي ڏي بي مروتيءَ سان نهاريندي عجب مان چيو.

”جانور“، ٻڙٻڙ ڪندي وريوبليوسڪي چيو.

”جانور؟ اِهي ڪهڙي قسم جا پتا هئا، جن سان اوهان هاڻي کيڏي رهيا هئا؟

مان توهان کي پتن جو بنڊل ڏنو، اوهان ان کي لڪائي رکيو. اوهان نشان ڏنل پتن سان کيڏندا رهيا! مان توهان کي ڪوڙن پتن جي کيڏڻ سان سائيبريا موڪلي سگهان ٿو. توهان کي خبر آهي، تہ هيءُ ايترو ئي ڏوهہ آهي، جيترو ڪوڙا نوٽ هلائڻ ....."

هُو پوءِ صوفي ڏي هليو ويو. هن صوفي جي پٺ ۽ گاديلي جي وچان هڪ بند تيل تاش جو بنڊل ڪڍي ورتو.

"هيءُ منهنجو بند تيل پتن جو بنڊل آهي."

هن اُن کي هٿ ۾ وني سيني کي ڏيکاريو. "جتي مان بيٺو هوس، اُتان ڏٺم تہ هنن ڪيئن نہ بنڊل کي سُرڪائي ورتو ۽ اُن جي جاءِ تي ٻي کي رکيائون - اوهان ننگ آهيو، شريف ڪٿي آهيو؟"

"مان بہ پيرا ڏنو هو، تہ هن دوست پنهنجي پتن کي پٺي تي ڦيرايو." ڪلگنوف شاهدي ڏني.

"ڪيتري نہ بي شرمي، ڪيڏي نہ بي شرمي؟"، گروشينڪا هٿن کي مهٽيندي چيو. شرمندگيءَ کان ڳاڙهي ٿي وئي. خدايا! هيءُ هتي انهيءَ لاءِ آيا هئا.

"مان پاڻ ايئن خيال تي ڪيو." مِتيا چيو. پر انهيءَ کان اڳي جو هو پنهنجي جملي کي پورو ڪري، وريوبليسڪي منجهيل ۽ ڪاوڙ پريل منهن سان، پنهنجو نوٽنشو گروشينڪا ڏي وڌايو ۽ واڪو ڪري چيائين تہ:

"تون ذليل ۽ بدمعاش عورت!"

مِتيا هڪدم اُن ڏي جهٽيو. ٻنهي هٿن ۾ ڪيس جهليائين، هوا ۾ مٿي ڪٽي ويس ۽ اک ڇنڀ ۾ ڪونيءَ ۾ ڪٽي ويس، جا سڄي پاسي ڏي هئي، جنهن مان هُو تازو موٽي آيا هئا.

"مان هن کي زمين تي اُڇلائي ڇڏيو آهي." هُن سيني کي ٻڌايو. هو نهايت جوش ۾ ٿي ڏنو. "هُو بدمعاشي ڏيکاري رهيو هو. پر هُو موٽي نہ ايندو. هاڻي ان مان ڪوبہ خوف نہ آهي." هن بند تيل دروازي جي هڪ تاڪ کي تورو کوليو ۽ ٻي تاڪ کي تورو ڀَتي، هُن ڪوتاهہ قد پول کي سَڏ ڪيو.

"نهايت بلند ڪردار وارا، ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، تہ تون بہ هتان هليو وڃ!؟"

"منهنجا عزيز دمتري فيودورياولووچ" ڪيس سراءِ جي مالڪ چيو، تہ "هنن کان اُها رقم موٽائي وٺ، جا تو هنن وٽ هارائي آهي. هنن اُها توکان چورائي آهي."

"مون کي پنهنجا پنجاهہ روبل نہ کپن!" ڪلگنوف هڪدم پنهنجي طرفان اظهار ڪيو.

"مون کي بہ پنهنجا ٻَہ سَوَ روبل نہ کپن!" مِتيا رڙ ڪري چيو. مان ڪجهہ بہ نہ وٺندس. اِهي پيسا هنن کي پنهنجي تسليءَ لاءِ رکڻ کپن."

”شاباس مِتيا، تون وڏو بهادر آهين مِتيا.“ گروشينڪا زور سان چيو. سندس گفتگو مان غصي جو اظهار ٿي ڏٺو.

ڪوتاهه قد دوست، ڪاوڙ ڪان ڳاڙهو ٿي ويو هو. پر اَجا تائين بہ پنهنجي شان کي اڳڙيون وجهي رَهيو هو. هُو دروازي ڏي وڌي رهيو هو، پر هُو اُتي ٿوري وقفي لاءِ ترسيو ۽ گروشينڪا ڏي نهاري، اُن کي چيائين تہ:

”راڻي! جيڪڏهن تون مون سان اَچڻ گهرين ٿي تہ اَچ. جيڪڏهن نہ تہ خدا حافظ!“

بي عزتي ۽ بي همتيءَ سان هُو سڀ، دروازي کان ٻاهر نڪري ويو. هيءُ اخلاق وارو انسان هو. هن کي پنهنجي لاءِ ايڏي تہ عمدي راءِ هئي، جو هيتري حالت گذرڻ کان پوءِ بہ، ڪيس اَجا اُميد هئي، تہ هوءَ ساڻس شادي ڪندي. مِتيا سندس وڃڻ کان پوءِ دروازي کي بند ڪري ڇڏيو.

قلف ڏئي ڇڏينس، ڪلگنوف ڪيس چيو. پر ڪنجي جي ڦرڻ جو ٻي طرف کان آواز آيو. هنن پاڻ ئي دروازي کي بند ڪري ڇڏيو.

گروشينڪا، ظالماڻي آواز ۾ چيو، تہ ”ڏاڍو چڱو ٿيو، هُو پنهنجي سزا کي پهتا.“

باب اٺون

# خمار

پوءِ ڇا ٿي گذريو، اها سڄي بدمستي هئي. هڪ دعوت جنهن ۾ سيني کي شريڪ ٿيڻ جي اجازت هئي. گروشينڪا سڀ کان اڳ ۾ شراب جي پيئڻ جي خواهش ڏيکاري.

”مان پيئڻ گهران ٿي، مان چاهيان ٿي ته شراب ۾ غرق ٿي وڃان. بلڪل اهڙي ريت، جيئن اڳ ۾ ٿيا هئاسون. توکي ياد هوندو متيا، اڳئين ڀيري، هتي ڪيئن نه دوست بڻايا هئاسين.“

متيا پاڻ به ڇڳي خمار ۾ هو. ڪيس احساس هو، ته سندس خوشي اڄهو ٿي شروع ٿئي. پر گروشينڪا ڪيس مسلسل پاڻ کان پري، موڪليندي ٿي رهي.

”وڃ ۽ پاڻ کي خوش رک. هنن کي چئو ته نچن. پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ پلي ته لوهي چلهه ۽ جهوپڙيءَ ۾ نچن. جيئن اڳئين ڀيري ٿيو هو.“ هوءَ ڳالهائيندي رهي. هوءَ نهايت جوش ۾ هئي. هوڏانهن متيا سندس حڪم جي تعميل لاءِ حاضر هو. راڳ جي محفل ٻئي ڪمري ۾ ٿي رهي هئي. جنهن ڪمري ۾ هي وينا هئا، اهو ڪمرو نهايت ننڍو هو ۽ سوٽي پردن سان ٻن حصن ۾ ورهايل هو. اُن جي پوئتان هڪ ڳرو بسترو موجود هو، جنهن ۾ هڪ پٽرٽي، پکين جي کنبن سان ڀريل هئي ۽ اُن جي مٿان وهاڻن جو پهاڙ رکيل هو. اُتي اهڙيون چار ڪونيون هيون، جتي ملاقاتين جي لاءِ چار بسترا موجود هئا. گروشينڪا، جا دروازي جي پرسان وڃي ويني هئي. متيا هڪ آرام ڪرسي تي، سندس ويجهو وينو هو، هوءَ اڳي وانگر اُن جاءِ تي ويني هئي. جتان رقص ۽ راڳ کي چڱيءَ ريت ڏسي ٿي سگهي. هيءُ ٻئي اُتي نهايت خوش ٿي ڏنا. سيئي ڇوڪريون جي آيون هيون، اُتي ٿي ڏنيون. يهودي باجن وارن جو ٽولو، جنهن ۾ سارنگيون ۽ سرود به هئا، اچي ويا هئا. آخر جنهن گاڏيءَ جو انتظار ٿي ڪيو ويو، اُها ڪاڏي ۽ شراب سان اچي پهتي.

متيا ڪافي مشغول ٿي ڏنو. سيني قسمن جا ماڻهو، ڪمري ۾ هن محفل کي ڏسڻ لاءِ ايندا ٿي ويا. هاري ۽ سندن زالون به هيون، جي ننڊ مان جاڳي پيا هئا ۽ هن عجيب محفل کي ڏسڻ لاءِ آيا ٿي ۽ ڪين اُهائي وندر حاصل ٿيندي، جا مهينو اڳ ڪين حاصل ٿي هئي. متيا سندن چهرن کي سڃاتو ٿي. جن کي ڄاتائين ٿي، اُنهن کي ياڪر پائي ڪيڪاريائين ٿي. هن شراب جي بوتلن جا بوچ کولي، سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي، جي اُتي آيا ٿي، شراب اوتي ٿي ڏنو. فقط ڇوڪريون ئي شئمپين جون شوقين ٿي ڏنيون. ماڻهن معمولي شراب ۽ برانديءَ کي پسند ٿي ڪيو. هنن کان به وڌيڪ

گرم پنچ کي تي چاهيو. جنهن ۾ گرم کير سان گڏ شراب ملايو تي ويو. مِتيا سيني ڇوڪرين جي لاءِ چاڪليٽ مهيا ڪيا هئا ۽ حڪم ڏنو هئائين، تہ تي سماور تيار هجن، جن تي سڄي رات چاءِ ۽ پنچ ڪڙهندو رَهي ۽ ماڻهو پاڻ استعمال ڪندا رهن.

شروع ۾ ئي هيءَ عياشي جي بساط درهم برهم ٿيڻ لڳي. پر دمتري نشي ۾ هو، جيئن ئي بدانتظامي ۽ آشفتگي وڌندي تي وئي، تيئن شور ۽ پريشاني تي پيدا ٿي. مِتيا کي وڏيڪ تڪليف تي آئي. جنهن ڳوناٽي ڪانئس اُن وقت رقم جي طلب تي ڪئي، هن ڪيسي ۾ هٿ وجهي نوٽن کي ٻاهر تي ڪڍيو ۽ ڪبي ۽ سڄي ڪيسن مان جهجها پيسا ڪڍي تي ڏنائين. اِهوئي سبب هو، جو سراءِ جو مالڪ ترِيفان بورسووچ، سندس سنيال لهڻ لاءِ متس ڪَڙي نظر تي رکي. ڏسڻ ۾ اِيئن تي آيو، تہ هُن اُن رات ننڊ ڪرڻ جو ارادو ئي ڇڏي ڏنو هو. هن شراب بہ ٿورو پيتو هو. فقط پنچ جو هڪ گلاس، هُو مِتيا جي دلچسپين تي پوري نظر ڪري رهيو هو. پر پنهنجي طريقي سان. عين اُن وقت هو معاملي جي وچ ۾ اَچي ويو ۽ مِتيا تي زور آندائين، تہ هُو سگار ۽ شراب ضايع نہ ڪري. سڀ ڪان وڌيڪ کيس اِنهيءَ ڪان روڪيائين تہ هُو رقم ڳوناٽن کي نہ ڏئي، جيئن اڳي ڪيو هئائين. اهو ڏسي هن کي بيحد نفرت پئي تي، تہ ڳوناٽيون ڇوڪريون بي انتها شراب ۽ مٺائي لُٽائي رهيون هيون. کيس چوڻ لڳيون، تہ "هيءُ تہ رت چُوس چورون آهن، دمتري فيودورپاولووچ، مان تہ هنن مان هر ڪنهن کي لَتون هڻندو آهيان ۽ هيءُ اُن کي پنهنجي عزت سمجهندا آهن - هنن جي قيمت تہ اِهائي آهي."

مِتيا کي وري انڊري ياد اَچي ويو. حڪم ڏنائين، تہ ٻاهر کيس پنچ موڪليو وڃي.

ڪلگنوف، شراب پيئڻ نہ تي گهريو، پهريائين، تہ ڇوڪرين جو راڳ ٻُڌڻ بہ نہ تي چاهيائين، پر جڏهن شئمپين جا بہ گلاس چاڙهيائين، تہ هُو غير معمولي طرح زنده دل بڻجي ويو ۽ ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو. موسيقي ۽ راڳن کي پسند ڪندو، ڪلندو تي وتيو. سڀ ڪنهن شيءِ جي تعريف ڪندو تي ڦريو. ميڪزيموف ڏاڍي شوق مان تي پيتو ۽ گروشينڪا سندس پاسي کي نہ تي ڇڏيو. هو پاڻ بہ پي رهي هئي، ڪلگنوف ڏي اشارو ڪندي، هن مِتيا کي چيو تہ:

"ڪهڙو نہ وڻندڙ ۽ پيارو بار آهي؟"

مِتيا، ڪلگنوف ۽ ميڪزيموف کي چمي ڏيڻ لاءِ، ڊوڙيو. ڪيڏيون نہ سندس عظيم اُميدون هيون. گروشينڪا اَڃا ڪجهہ نہ تي ڪڇيو. ڏسڻ ۾ اِيئن تي آيو، تہ هُن ڄاڻي واڻي پاڻ کي ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو هو. پر هوءَ وقت بوقت کيس پيار ۽ شوق جي نگاهن سان نهاري رَهي هئي. آخر هن اوچتو سندس هٿ کي ورتو ۽ پيار

مان کيس پاڻ ڏي ڇڪي ورتائين. هوءَ اُن وقت هڪ هيئنانهين ڪرسيءَ تي دروازي جي پرسان ويني هئي.

”تون هتي ڪيئن آئين؟ ڪهڙي نموني سان هت پهتين؟ ...... مان تہ ڊڄي وئي هيس. تون اِنهيءَ لاءِ آيو هئين، تہ مون کي هن جي حوالي ڪري ڇڏين. اِئين نہ؟ سچ پچ تو اِيئن ئي چاهيو.“

”مان تنهنجي خوشيءَ کي وڃائڻ نہ ٿي گهريو!“ مِتيا خوشيءَ مان عاجزي سان چيو. پر ڪيس سندس جواب جي ڪابہ ضرورت نہ هئي.

”ڇڱو، وڃ ۽ پاڻ کي وڃي وندراءِ ...!“ هُــن وري ڪيس پاڻ کان، هڪ ڀيرو وڌيڪ پَري ڪري ڇڏيو. ”غم نہ ڪر، مان توکي وري پاڻ وٽ سڏينديس.“

هُو هليو ويو ۽ هوءَ راڳ ۽ ناچ کي ڏسندي ۽ ٻڌندي رَهي. جيتوڻيڪ سندس اکيون جيڏانهن بہ ويو ٿي ڪيس، نهاريندي ئي رَهيون.

”اَچ ۽ منهنجي پرسان ٿي ويهہ. مون کي ٻڌاءِ تہ توکي منهنجي ڪيئن خبر پئي، تہ مان ڪالهہ هيڏي هلي آئي آهيان؟ توکي ٻهريائين ڪنهن ٻڌايو؟“

مِتيا ڪيس سڄي حقيقت ٻڌائڻ شروع ڪئي. ان وقت هو غير مسلسل، نامنظم ۽ درهم برهم حالت ۾ هو. هن عجيب طرح ٿي ڳالهايو. ڪڏهن سندس نراڙ ۾ گهنج ٿي پيا، تہ ڪڏهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ پئي ٿي ويو.

”تنهنجي پيشانيءَ ۾ گهنج ڇو ٿا پون؟“ هن ڪانئس پڇيو.

”ڪجهہ بہ نہ ...... مان هڪ ماڻهوءَ کي بيمار ڇڏي آيو آهيان. مان پنهنجي زندگيءَ جا ڏهہ سال ڪيس ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، جي هو خوش ٿئي. جيڪر مون کي خبر پوي، تہ هو خوش آهي!“

”خير پرواهہ نہ آهي، جيڪڏهن هُو بيمار آهي. تڏهن تو پاڻ کي ڪالهہ گولي هڻڻ ٿي چاهي! ڪهڙو نہ احمق ڇوڪرو آهين! ڇاجي لاءِ؟ مان اهڙن نااُميد ماڻهن کي پيار ڪندي آهيان.“ هن هبڪندي ۽ زبان تي ضابطو رکندي چيو. ”تڏهن تون منهنجي لاءِ حدون بہ ٽپي ويندين. ڇا سچ پچ تون سڀاڻي پاڻ کي گولي هڻندين؟ بيوقوف! نہ، ٿورو ترس. سڀاڻي، مون کي توسان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي .... مان اڄ نہ چونديس پر سڀاڻي. وڃ وڃي پاڻ کي وندراءِ.“

هن ڀيري، هُــن جڏهن ڪيس سڏيو، تہ اِها پريشانيءَ جهڙي ڳجهارت هئي.

”تون ڇو غمگين ٿو ڏسجين؟ مان ڏسان ٿي، تہ تون غمگين آهين ..... هائو مان ڏسان ٿي.“ هن سندس اکين ۾ سنئون سڌو نهاريو. ”جيتوڻيڪ تون ڳوناڻين ڇوڪرين کي چمندو، واڪا ڪندو رهين ٿو. پر مان ڪا شيءِ تو ۾ ڏسان ٿي! تون

خوش ٿيءُ. مان بہ خوش آهيان ۽ تون بہ خوش ٿي ..... مان هتي ڪنهن سان محبت ضرور ڪريان ٿي. اَندازو لڳاءِ تہ اهو ڪير آهي؟ ڏس هيءُ منهنجو ٻار ننڍ پيو آهي. هن عزيز کي ننشو آهي."

سندس اشارو ڪلگنوف ڏانهن هو. هُو سچ پچ نشي ۾ هو. هُو ٿوري وقت لاءِ صوفي تي وينئي ئي ننڍ پئجي ويو هو. پر هو فقط نشي ڪان ننداڪڙو نہ هو. هُو اوچتو اُداس بڻجي ويو هو. اِيئن ڪٽي ڇئجي. تہ ڪڪ ٿي پيو هو. هُو ڇوڪرين جي راڳ ڪان تڪليف ۾ هو. مٿس فقط شراب جو اَثر نہ هو. پر جيئن جيئن شراب پيئندو ٿي ويو. وڌيڪ نااُميد ۽ پريشان ٿيندو ٿي ويو. رقص. جو ٿي رهيو هو. اُهو بہ ڪو چڱو نہ هو. ٻہ ڇوڪريون رڇن جي لباس ۾ اندر گهڙي آيون. هڪ چڱي حسين ڇوڪري. جنهن جو نالو اسٽيپايندا هو. اُن کي هٿ ۾ لڪڻ هو ۽ هوءَ رڇ واري جو پارٽ اَدا ڪري رهي هئي ۽ اُنهن کي نچائي رَهي هئي.

"ماريا! چڱيءَ طرح. نہ تہ هيءُ لڪڻ توکي لڳندو."

آخر هيءُ رڇ زمين تي بُريءَ طرح ليٽڙيون پائڻ لڳو ۽ ماڻهن جي گڏ ٿيل ميڙ مان. ڪلَ جا ڪوڪرا اَچڻ لڳا.

گروشينڪا خوشيءَ ۾ رڙيون ڪرڻ لڳي. تہ "ڇڏيو. ڇڏيو! جڏهن هيءُ وندر جو ڏينهن ماڻهن کي ميسر ٿيو آهي. تہ هنن کي خوش ٿيڻ ڏيو؟"

مگر ڪلگنوف هن تماشي کان بيزار ٿي ڏنو ۽ چوڻ لڳو. تہ "ڳوناٽين جي هيءَ مسخري بازي ڪيتري نہ اَڻ وڻندڙ آهي." پري سُرندي هن پنهنجي راءِ ڏني. تہ "اها ئي راند آهي. جا هي. اونهاري جي سڄي رات ۾. جڏهن روشنائي ميسر آهي. ڪيڏندا رهن ٿا."

خاص ڪري ڪيس هڪ نئون نغمو. جو رقص جي لئي ۾ هو. پسند نہ آيو. اُن ۾ ذڪر ڪيو ويو هو. تہ هڪ شريف ماڻهو آيو ۽ ڇوڪرين سان قسمت آزمائي ڪرڻ لڳو. سندس مراد هئي. تہ هُو ڏسي تہ اهي ساڻس محبت ڪن ٿيون يا نہ؟

"هُو آقا آيو. اِنهيءَ لاءِ تہ ڇوڪرين کي آزمائي.

تہ هُو ساڻس محبت ڪن ٿيون يا نہ؟"

پر ڇوڪريون اُن آقا سان محبت نہ ٿيون ڪن.

"هيءُ مون کي تڪليفن ۽ ايذائن سان ماريندو.

۽ اهڙي محبت منهنجي لاءِ سودمند نہ ٿيندي."

هاڻي هڪ اوباش اَچي ٿو ۽ اُهو بہ قسمت آزمائي ڪري ٿو.

"هڪ اوباش آيو. ڇوڪرين کي آزمائڻ لاءِ

تہ اهي هن کي پيار ڪن ٿيون يا نہ؟"

پر هُو اوباش سان بہ محبت نہ ٿيون ڪن.

”مون کي ڊپ ٿو ٿئي، هيءُ ڪو چور نہ هجي!
۽ منهنجي ڳوڙهن وهائڻ جو سبب نہ بڻجي.“

بيا بہ گهٽائي ماڻهو قسمت آزمائي لاءِ آيا. اُنهن ۾ هڪ فوجي سپاهي بہ هو:

”فوجي سپاهي ڇوڪرين وٽ قسمت آزمائي ڪرڻ آيو،
تہ اُهي هـن سان محبت ڪنديون يا نہ؟“

پر فوجي سپاهيءَ کي نفرت سان رد ڪيو ويو. اِهو شعر بـن سٽن ۾ هـو. جنهـن ۾ بلڪل صفائي ۽ صراحت سان اُن کي انڪار ڪيو ويو، جنهنڪري حاضرين ۾ عجيب لهر پيدا ٿي وئي. راڳ هڪ واپاريءَ جي ذڪر سان وچي پورو ٿيو.

”واپاري ڇوڪرين کي آزمائڻ لاءِ آيو،
تہ اُهي ساڻس محبت ڪن ٿيون يا نہ؟“

اِهو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، تہ هُو بازي کٽي ويو آهي.

”واپاري منهنجي لاءِ سون گڏ ڪندو،
۽ مان خوشيءَ سان سندس راڻي ٿينديس.“

ڪلگنوف جي ڪاوڙ هن شعر کي ٻُڌي انتها تي پهچي وئي. هن رڙ ڪري چيو تہ ”هيءُ راڳ جڻ تہ سياڻي جو ٿو نظر اچي. ڪير آهي جو هيءُ ڳالهيون هنن لاءِ ٿو لکي؟ هنن جي لاءِ ڪو ريلوي وارو ۽ ڪو يهودي بہ قسمت آزمائي لاءِ هئڻ کپندو هو. هنن کي تہ اِهي سيئي آڻڻ کپندا هئا.“

جيئن تہ هي سندس شخصي ڏڪار هئي، هن اُتي ئي ظاهر ڪيو، تہ هُو تنگ اچي ويو آهي، هو جيئن ئي صوفي تي وينو هو، تيئن ئي ڪيس جلد ننڊ اچي وئي. سندس سهڻو چهرو ڪومايل ٿي ڏنو. جيئن ئي هُو گاديلي تي ليٽيو. مِتيا کي پاڻ ڏي سوريندي، گروشينڪا کيس چيو تہ:

”ڏس تہ هيءُ ڪهڙو نہ سهڻو ٿو لڳي. مان سندس وارن کي هاڻي ڦڻي ٿي ڏني. سندس وار جڻ تہ سڻي وانگر آهن ۽ نهايت گهاٽا.“

هوءَ اُن جي مٿان نـوڙي ۽ سندس پيشانيءَ کي چميائين. ڪلگنوف اُن وقت پنهنجون اکيون کوليون ۽ اُن ڏي نهاري اُٿي بيـنو ۽ نهايت انتظار مان پڇيائين، تہ ميڪزيموف ڪٿي آهي؟ گروشينڪا کلي کيس چيو، تہ ”هڪ منٽ مون وٽ ترس.“ پوءِ مِتيا ڏي نهاري چيائين، تہ ”ڊوڙ ۽ ميڪزيموف کي لَهي اچ!“

ميڪزيموف! ڏسڻ ۾ ايئن ٿي آيو، تہ هُو گهڙي بہ ڇوڪرين کان پـري نہ پئي ٿيو. هـو سندن گلاسن کي ڀرڻ لاءِ وقت بوقت ڊوڙندو ٿي رهيو. هُـن چاڪليٽ جا بہ

گلاس پيتا هئا. اهي ايڏا ته مِنا هئا، جنهن ڪري سندس نڙي ونجي وئي هئي. سندس منهن ڳاڙهو، نڪ گلابي تي لڳو ۽ اکيون پُر آب هيس. هُو ڇوڪرين کي چئي رهيو ته هو، ساڻن ڳوناٽي رقص ڪرڻ جو خواهشمند آهي.

”مون کي سيئي عامي رقص سيکاريا هئائون، جڏهن مان ننڍو هوس.“

”مِتيا تون هن ساڻ وڃ! مان هتان ڏسنديس، ته هو ڪيئن ٿو ناچ ڪري!“ گروشينڪا چيو.

”نه، نه مان ڏسڻ اُچان ٿو“ ڪلگنوف نهايت سادگي سان، گروشينڪا جي آرزو کي ته هُو ساڻس گڏ ويهي، رد ڪندي چيو. هُو سيئي ڏسڻ لاءِ هليا ويا. ميڪزيموف رقص ڪرڻ لڳو. مگر هو مِتيا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به پسنديدگي حاصل ڪري نه سگهيو. وٽس ٽپن ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. هُو پنهنجي پيرن سان ڇڻ ته هوا ۾ ٽڏا هڻي رهيو هو. هرهڪ ٽپي تي هُو پنهنجي پير جي تَري کي ڇڻ ڇماٽون هڻي رهيو هو. ڪلگنوف کي هرگز هي ناچ نه ٿي وڻيو، پر مِتيا رقاص کي چمي رهيو هو.

”مهرباني. تون شايد ٿڪجي پيو آهين؟ توکي ڪجهه کپي!؟ مٺائي يا سگريٽ؟“

”ها سگريٽ!“

”توکي شراب نه کپي؟“

”مان هاڻي شراب پيتو آهي ...... توهان وٽ چاڪليٽ نه آهن ڇا؟“

”هائو، ميز تي، اُنهن جو ڍير آهي، تون پسند ڪري اُنهن مان کڻي وٺ!“

”مون کي هنن مان هڪ مناڻ وارو کپي، جو پوڙهن کي پسند ايندو آهي. ها، ها، ها!“

”نه، اِهو خاص قسم جو اسان وٽ ڪونه آهي.“

”مان چوان ٿو، “هن پيرسن ٻڌجي، مِتيا جي ڪن ۾ آهستي چيو ته، ”هيءَ ڇوڪري، ماريا. ها، ها. ڪهڙو نه چڱو ٿئي، جو تون ساڻس دوستي رکڻ ۾ منهنجي مدد ڪرين؟“

”ها. تڏهن اِهائي ڳالهه آهي، جنهن جي پوئتان تون آهين؟ نه عزيز ايئن ٿي نه سگهندو.“

”مان ته ڪنهن کي نقصان نه پهچايو آهي،“ ناراضپي سان ميڪزيموف جواب ڏنو.

”چڱو، چڱو. هيءُ ته هتي نچڻ ۽ ڳائڻ لاءِ آيون آهن، جنهن جي توکي خبر آهي. پر ڪڏ ۾ وجهينس، ٿورو وقت ترس ...... ڪاڻ، پيءُ ۽ خوش ٿيءُ. توکي پيسا نه کپن؟“

”اِهي پوءِ.“ ميڪزيموف مشڪيو.

"چڱو، چڱو."

مِتيا جو مٿو ڄڻ تہ جلي رهيو هو. هُو ڪاٺ جي وڏاوڙي ڏي هليو ويو. جو سڄيءَ جاءِ جي اندر نهيل هو. جنهن مان هيٺ اڱڻ ۾ چڱيءَ ريت نظر تي پئي. تازي هوا منجهس خيالن کي وري آندو. هُو اونداهي گوشي ۾ ويهي رَهيو ۽ اوچتو ٻنهي هٿن ۾ پنهنجي مٿي کي جهليائين. سندس ڇڙوڇڙ خيال وري يڪجا ٿي ويا. سندس احساس هڪ مرڪز تي جمع ٿي ويا. اوچتو ڄڻ اُن نقطي ڪان ڪنوڻ چمڪي. هيءَ ڪنوڻ نهايت وحشت ڏيندڙ هئي. دمتري پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو تہ:

"جيڪڏهن مان چاهيان ٿو، تہ خودڪَشي ڪريان، تہ هي سُنو موقعو آهي. وڃان ۽ پستول کڻي اَچان! هن اونداهيءَ ۽ ڪنهن ڪنڊ ۾پنهنجي ڪم کي پورو ڪريان.هڪ گهڙيءَ ڪان پوءِ مان مردو هوندس." هُو منٽ ڪن فيصلي ڪان سواءِ اُتي بيٺو رهيو. ٿورا ڪلاڪ اڳ جڏهن هُو هتي ڏڪا ڪائي رهيو هو، تڏهن هُو پريشاني ۾ گرفتار هو. هُن چوري ڪئي هئي، ۽ رت هاريو هئائين .... هن جي لاءِ، اُن وقت خودڪَشي ڪرڻ آسان هئي ۽ سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ها. هِن اُن ڪي (گروشينڪا) وڃايو هو ۽ هٿن مان ڏئي ڇڏيو هو. هوءَ بہ ڪانئس هلي وئي هئي. اُن وقت هن جي لاءِ موت آسان هو. گهٽ ۾ گهٽ هن جي لاءِ هيءُ ضروري ۽ لازمي هو، تہ هُو ڪنهن جي لاءِ هن زمين تي ترسي؟

پر هاڻي؟ ڇا ساڳي حالت هئي؟ هاڻي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ وهمي صورت ۾ هڪ خوف پنهنجي پڇاڙيءَ تي اَچي ويو هو. پهريون حقدار محبت ڪرڻ وارو، هُو بدقسمت انسان غائب ٿي چُڪو هو ۽ سندس ڪوبہ نشان ڪونہ هو. اِها خطرناڪ وهمي، هڪ عجيب مذاق ۾ بدلجي وئي هئي. هُو آرام واري ڪمري ۾ پهچي بند ٿي ويو هو. هُو وري موٽڻ وارو نہ هو. هوءَ شرمنده هئي ۽ سندس اکين مان صاف ٿي ڏٺو، تہ هُوءَ ڪنهن کي پيار ٿي ڪَري. هاڻي هن جي لاءِ موقعو هو، تہ پنهنجي حياتيءَ کي خوشيءَ سان پَري. ...... پر هن جيئرو رَهڻ نہ ٿي گهريو. افسوس اَبدي لعنت! "خدايا اُن ماڻهو جي حياتيءَ کي موٽاءِ، جنهن کي مون لوڙهي جي پرسان ڪيرايو هو. هي خطرناڪ پيالو مون کان گذري وڃي. خدايا! تون، مون جهڙي گنهگار لاءِ مسخ ٿيل ڪرامتون رکين ٿو. پر ڇا، ڇا، جيڪڏهن هُو پوڙهو جيئرو آهي. اڙي، پوءِ تہ مون کي بين شرمندگين لاءِ سوچڻو پوندو. اُنهن کي صاف ڪَري ويندس. مان چورايل رقم کي واپس ڪندس. مان اِها موٽائيندس. ڪيئن بہ ڪري هٿ ڪندس. ڪوبہ اُن ندامت جو نشان نہ رهندو. پر سواءِ منهنجي دل ۾ جو هميشہ رهندو! پر نہ، نہ، نهايت مشڪل. هي سڀ بزدليءَ جا خواب آهن!

پر سندس اونداهيءَ ۾ اَجا بہ اُميد جو ڪرڻو تي ڏنو. هُو ٽپو ڏيئي اُٿيو ۽ موٽي ڪمري ڏانهن ڊوڙيو - اُن ڏانهن، جا سندس هميشہ جي راڻي هئي. جا سندس محبت جي هڪ گهڙي، سندس تڪليف ۽ مصيبتن جي هوندي، سندس باقي حياتيءَ جي قيمت نہ هئي. هن وحشي خيال سندس دل کي چنبن ۾ قابو ڪري رکيو هو. "ها هن ڏانهن، فقط هن ڏانهن. اُن کي ڏسڻ گهرجي ۽ اُن کي ٻڌڻ گهرجي. ٻئي ڪنهن بہ ڳالهہ جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي ۽ سڀ کي وساري ڇڏڻ گهرجي. فقط هن رات جي لاءِ ۽ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ." جيئن ئي هُو اُن وڏاوڙي ڪان ٻوئتي موٽيو ۽ گهٽي ڪان گذريو تہ جاءِ جو مالڪ سندس منهن ۾ پئجي ويو. هُن خيال ڪيو، تہ هُو مايوس ۽ غمگين آهي، ۽ عجب ڪاڏائين، تہ هُو ڪيس ئي ڳولهڻ آيو آهي.

"چو تريفان بورسووچ تون منهنجي انتظار ۾ آهين؟"

"نہ سائين!" جاءِ مالڪ بي تعلق تي نظر آيو. "مان اوهان جي لاءِ ڇو انتظار ۾ هجان؟ توهان ڪٿي هئا؟"

"تون اُداس نظر اَچي رهيو آهين، ڇو؟ تون ڪاوڙ ۾ تہ نہ آهين؟ ٿوري گهڙي ترس، پوءِ تون ننڊ ۾ هوندين. وقت ڇا ٿيو آهي؟"

"ٽي يا سوا ٽي ضرور ٿيا هوندا."

"اَسان جلدي ويندسون، جلدي!"

"اُن جو ذڪر نہ ڪريو. اِن ۾ ڪابہ حرڪت نہ آهي، جيستائين اوهان جي مرضي پوي ايستائين پلي وينا رهو."

هن کي اَلائي ڇا ٿيو آهي؟ مِتيا عجب ۾ پئجي ويو. هُو اُن ڪونيءَ ڏي ڊوڙي پيو، جتي ڇوڪرين جو رقص ٿي رهيو هو. پر هوءَ اُتي ڪانہ هئي، نہ وري نيري ڪمري ۾ هئي. اُتي پيو ڪوبہ ڪونہ هو، پر صوفي تي ڪلگنوف ننڊ ۾ هو. مِتيا، پردي جي پويان جهاتي پائي ڏني - هوءَ اُتي هئي. هوءَ هڪ ٽرنڪ تي ڪنڊ ۾ ويٺي هئي. هوءَ اڳتي مٿڙيل هئي. سندس مٿو ۽ ٻانهون پرسان وڇايل بستري تي هئا. هوءَ حد کان وڌ روئي رهي هئي ۽ پنهنجي سڏڪن کي سختيءَ سان روڪي رهي هئي، تہ جيئن ڪو اُن کي نہ ٻڌي. مِتيا کي ڏسندي، هُن پنهنجي پاسي اُن ڏانهن قيرائي. جڏهن هُو اُن ڏانهن ڊوڙيو، تہ هُن سندس هٿ کي مضبوطيءَ سان جهليو.

"مِتيا، مِتيا، تون ڄاڻين ٿو، تہ مان هن کي ڪيڏو نہ پيار ٿي ڪيو. پنج سال مان ڪيس ڪيڏو نہ پيار ڪندي رهيس. ڇا، مان ڪيس پيار ڪندي هيس يا پنهنجو پاڻ کي! نہ هن کي، هن کي! اِهو ڪوڙ ٿيندو تہ مان پنهنجو پاڻ کي پيار ڪندي هيس. مِتيا مان اُن وقت فقط سترنهن ورهين جي هيس. هُو ايترو تہ مون تي مهربان

۽ خوش هو. جو هو مون لاءِ ڳائيندو هو ۽ موج ۾ اَچي ويندو هو. سو بہ مون جهڙي بيوقوف ڇوڪريءَ جي لاءِ ...... ۽ هاڻي خدايا! هيءُ ساڳيو ماڻهو نہ آهي. سندس چهرو بہ ايئن نہ آهي. هُو بلڪل بدلجي ويو آهي. مان جيڪر هن سان واقفيت پيدا نہ ڪريان ها. مان تموفاءِ سان گڏجي بگيءَ ۾ هتي آيس. سڄي واٽ مان اهو فڪر ڪندي آيس، تہ اُن سان ڪيئن ملنديس؟ اُن کي ڇا چونديس ۽ ڪهڙي ريت اسان هڪ ٻي کي نهارينداسون؟ منهنجي روح کي وڏي ضرب لڳي. جڏهن مون ڏٺو تہ اوچتو ئي اوچتو. ڄڻ تہ هن مون تي غليظ پاڻيءَ جو ڪينگر اُڇلائي ڇڏيو آهي. هُو مون سان اسڪول ماستر وانگر ڳالهائڻ لڳو. هڪ بردبار ۽ عالم جيئان. هُو مون سان اهڙي تہ ڳنڀيرتا سان مليو، جو مان حيران ٿي ويس. مان هڪ لفظ بہ ڳالهائي نہ سگهيس. پهريائين مان ايئن خيال ڪيو، تہ ڪيس ڊگهي پول جي موجودگي ۾ شرم اَچي رهيو آهي. مان ڪيس عجب مان نهاريندي رهيس، تہ مان هينئر هن سان ڇو نہ ڳالهايو آهي. هيءُ سندس زال جو ڪارنامو آهي، جنهن ڪيس برباد ڪري ڇڏيو آهي. تون ڄاڻين ٿو، تہ هن مون کي انهيءَ لاءِ ڦٽو ڪري ڇڏيو، تہ هُن سان شادي ڪري. هُن ڪيس اهڙي ريت بدلائي ڇڏيو هوندو. مِتيا، هيءَ ڪيڏي نہ بي شرميءَ جي ڳالهہ آهي! او مِتيا، مون کي ندامت آهي ۽ مون کي سڄي حياتي ندامت رهندي! اِهي پنج سال. پاراتو هئا. پاراتو هئا، پاراتو!!"

هُو وري ڳوڙها وهائڻ لڳي. مگر مِتيا جي هٿن کي چنبڙي پئي ۽ اُنهن کي ڇڏڻ نہ ٿي گهريائين.

"پيارا مِتيا ترس ۽ هليو نہ وڃ. مان توکي ڪجهہ چوڻ گهران ٿي." هن پٽڪيو ۽ پنهنجو چهرو، اُن ڏي وڌايائين. "ڏيان ڏي ۽ مون کي ٻُڌاءِ تہ اُهو ڪير آهي، جنهن سان مان محبت ڪريان ٿي؟ مان هتي هڪ ماڻهوءَ سان محبت ڪريان ٿي. اُهو ڪير آهي، تون مون کي اِهو ٻڌاءِ؟"

روئڻ جي ڪري سندس سُڄيل منهن تي مرڪ اَچي وئي ۽ نيم تاريڪيءَ ۾ سندس اکيون روشن نظر اَچڻ لڳيون.

"هڪ باز اُڏريو ۽ منهنجي دل ٻُڏي وئي. اُهو بيوقوف هو، جنهن سان تو محبت ٿي ڪئي!" اهائي ڳالهہ هئي، جا سرگوشيءَ جي طرح منهنجي دل مون سان ٿي ڪئي. تون آئين ۽ سڀڪجهہ روشن ٿي ويو. هُو ڇا کان ٿي ڊنو؟ مون کي عجب ٿي لڳو. ڇاڪاڻ تہ تون ڊنل ٿي لڳين. تون ڳالهائي بہ نہ ٿي سگهين. توکي هنن کان ڪوبہ خوف نہ هو. ڇا تون ڪنهن کان ڊڄي بہ سگهين ٿو؟ مان خيال ڪيو، تہ اها مان آهيان، جنهن کان تون ڊڄي رهيو آهين. تڏهن فينا توکي هيءُ بہ ٻڌايو هو، تہ مان ڪهڙيءَ ريت ڊريءَ

مان رڙ ڪري اليوشا کي چيو هو، ته مان منڪيا سان فقط هڪ ڪلاڪ محبت ڪئي آهي. جنهن کي مان هاڻي ڇڏي، ڪنهن ٻئي سان محبت ڪرڻ لاءِ وڃي رهي آهيان. "مِتيا، مِتيا. مان اهڙي بيوقوف ڪيئن ٿينديس جو توکان پوءِ ڪنهن ٻئي سان محبت ڪريان؟ مِتيا تون مون کي بخشيندين؟ تون مون کي معاف ڪندين يا نه؟ تون مون سان محبت به ڪرين ٿو؟" هوءَ ٽپو ڏئي اُٿي ۽ سندس ڪلهن کي ٻنهي هٿن سان جهليائين. مِتيا عجيب بي خوديءَ ۾ خاموش ٿي ويو هو. هُو فقط سندس نگاهن کي نهاري رهيو هو. هو سندس چهري کي ۽ مرڪڻ کي ڏسي رهيو هو. اوچتو هن ڪيس مضبوطيءَ سان پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو ۽ نهايت بي خوديءَ مان ڪيس چمڻ لڳو.

"تون مون کي اُنهن سيني عذابن لاءِ معافي ڏيندين، جي توکي ڏنا اٿم؟ اِها منهنجي اندر جي جنب تي هئي. جو مان توکي عذاب ڏيندي رهيس. اِهو سڀ حسد هو. جو مان پوڙهي ماڻهوءَ کي وچ ۾ آڻي وڌو هو. توکي ياد هوندو، ته هڪ ڏينهن تو مون وٽ شراب پيتو هو ۽ گلاس ڀڃي وڌو هو؟ مون کي اِهو ياد هو. مان اڄ گلاس ڀڳو آهي ۽ پنهنجي بي قدر دل کي شراب پياريو اٿم. مِتيا، منهنجا باز، مون کي چو نه ٿو چمين؟ تون مون کي هڪ دفعو چمي، پاڻ کي علحده ڪري ويو آهين. تون فقط ٻڌين ٿو ۽ ڏيان ٿو ڏئين. چا لاءِ هيءُ ڏيان ڏئي ٻڌڻ آهي؟ مون کي چُمر ۽ زور سان چُمر. اِهو بهتر آهي. جيڪڏهن توکي محبت ڪرڻ اَچي ٿي، ته چڱيءَ طرح ڪر. مان هاڻي، تنهنجي غلام ٿي رهنديس ۽ سڄي حياتيءَ لاءِ غلام ٿي رهنديس. غلام ٿي رهڻ نهايت شيرين آهي. مون کي چمر. پلي مون سان بڇڙو برتاءُ به ڪر. مون سان اِيئن ڪر، جيئن توکي پسند اَچي .... مان اُن جي برداشت ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان. ترس پوءِ شايد مان اِيئن نه ڪري سگهان." هُن اوچتو مِتيا کي ڌِڪو ڏنو. "وڃ مِتيا، مان اَچان ٿي ۽ مون کي ڪجهه شراب ڪپي. مان پيئڻ گهران ٿي ۽ رقص ڪرڻ گهران ٿي." هُن، اُن کان پاڻ کي ڇڏايو ۽ پَردي جي پوئتان نڪري وئي. مِتيا پيتل ماڻهو وانگر اُن جي پويان ويو.

"هائو! اڄ، پوءِ جو ڪجهه به ٿئي. هڪ منٽ جي لاءِ مان سڄي دنيا کان بي نياز ٿي وڃڻ گهران ٿو." هن خيال ڪيو. گروشينڪا اِيئن ئي ڪيو، جيئن چيو هئائين. هن هڪئي ڳيت ۾ سڄو گلاس خالي ڪري ڇڏيو ۽ هڪدم خمار ۾ اَچي وئي. هو اڳي وانگر ساڳي ڪرسيءَ تي ويهي رَهي ۽ سندس چهري تي موهيندڙ مُشڪ ٿي ڏٺي. سندس ڳلَ چمڪيا ٿي، سندس چپ جليا ٿي ۽ سندس اکيون آليون هيون ۽ اُنهن ۾ هڪ جذباتي دعوت هئي. ڪلگنوف جهڙي ماڻهوءَ جي اندر ۾ به، چرپر پيدا ٿي وئي ۽ هُو اُن ڏي وڌي ويو.

”ڇا توکي هن ڳالهہ جو احساس ٿيو هو، تہ تون جڏهن ننڊ ۾ هئين، تہ مان توکي ڇميو هو؟“ هن ٿلهو ڳالهائيندي چيو. ”مان هاڻي پيتل آهيان، اُن ڪري ايئن ٿي رهيو آهي ...... ڇا تون پيتل نہ آهين؟ ڇا مِتيا نہ پي رهيو آهي؟ ڇو مِتيا تون نہ ٿو پيئين؟ مان پيئان ٿي، تون ڇو نہ ٿو پيئين؟“

”مان پيتو آهي..... مان توسان گڏ پيتو آهي ۽ هاڻي شراب کي بہ پيئان ٿو.“

هُو بيو گلاس بہ پي ويو. اُن جي پيئڻ سان هن پاڻ کي ڪنهن بي دنيا ۾ ڏٺو. انهيءَ گلاس کيس بلڪل هوش کان ڪَڍي ڇڏيو. هُو اوچتو نشي ۾ مست ٿي ويو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ هُو بلڪل هوش ۾ هو. هن کي هيءَ ڳالهہ پوري ريت ياد هئي. هاڻي کيس هرڪاشيءِ ڦرندي ٿي نظر آئي. ايئن پئي معلوم ٿيو، تہ هُو بلڪل خمار ۾ آهي. هو سڀ ڪنهن سان کلندو ۽ ڳالهائيندو ٿي رَهيو. کيس ڪابہ خبر نہ ٿي پئي تہ هُو ڇا ڪري رهيو آهي؟ فقط هڪ سنسني خيز ڇاڻ هئي، جا هن مسلسل پنهنجي اندر محسوس ٿي ڪئي. اُها سندس دل ۾ هڪ شعلي وانگر هئي. هُو اُن جي پرسان وينو. اُن ڏي نهارڻ لڳو ۽ ڏيان ڏيئي ٻڌڻ لڳو. هوءَ هاڻي گهڻ ڳالهائو بڻجي پئي ۽ سڀ ڪنهن کي پاڻ ڏي سڏڻ لڳي. ڪورس ڳائڻ وارين ڇوڪرين ڏي پٺ ڏئي ويهي رَهي. جڏهن بہ ڪا ڇوڪري آئي ٿي، تہ اُن کي ڇميائين ٿي يا اُن جي مٿان صليب جو نشان ٿي ڪڍيائين. ڪنهن ڪنهن وقت روئي بہ ٿي ڏنائين. هُو ڪوتاهہ قد ميڪزيموف کان بيحد وندريل ٿي ڏٺي. هوءَ منٽ منٽ ۾ ڊوڙي سندس هٿن کي ڇميون ڏيندي رَهي. هُو هاڻي هڪ پراڻي راڳ تي رقص ڪري رهيو هو، جنهن کي هن پاڻ ٿي ڳايو. هُو نئين شوق ۽ ذوق سان خاص رقص ڪري رهيو هو.

نندو مرون ڇوي ٿو: اُف، اُف، اُف

نندو ڳابو ڇوي ٿو: مو، مو، مو

نندڙيءَ بدڪ ڇوي ٿي: غا، غا، غا

نندڙو هنج ڇوي ٿو: ڪُوڪَ، ڪُوڪَ، ڪُوڪَ.

ڪڪڙ، پنهنجي ڪُڏيءَ ۾ ڇرندي وجي ٿي،

ٽرو - رو، رو، رو، رو هوءَ ايئن ڇوي ٿي،

ٽرو - رو، رو، رو، رو - هوءَ ائين ڇوي ٿي.

”مِتيا هن کي ڪجهہ انعام ڏي. هيءَ غريب آهي. غريب ۽ ڏڪاريل ....

مِتيا توکي خبر آهي، مان راهب خاني ۾ ويندس. مان هڪ ڏينهن ويندس. اليوشا مون کي اڄ اهڙي ڳالهہ ٻڌائي هئي. جو مان سڄي حياتي ياد ڪندس .... هائو ..... پر اڄ اَءُ تہ رقص ڪريون. سڀاڻي راهب خاني ڏي. انهيءَ ۾ ڀوءِ ڪهڙو حرج

آهي، نيڪ انسانو. خدا تعاليٰ اسان کي معاف ڪندو. مان معافيءَ لاءِ التجا ڪَري رهي آهيان. نيڪ انسانو! مون کي معاف ڪريو. مان هڪ ذليل عورت آهيان. مان وحشي جانور آهيان. پر مان التجا ڪندي رهنديس. جڏهن تہ مان هڪ ننڍڙو بصر تي ڏيان. جيئن تہ مان بدڪار هيس. هاڻي مغفرت گهران ٿي. مِتيا هنن کي نچڻ ڏي ۽ کين نہ روڪ. دنيا جي اندر جيڪو بہ آهي، چڱو آهي. ٿوري جو بدتر ڪان بدترين آهي. دنيا هڪ وڻندڙ جاءِ آهي. جيتوڻيڪ اَسان بڇڙا آهيون. پر دنيا چڱي جاءِ آهي. اَسين چڱا بہ آهيون ۽ بڇڙا بہ آهيون ..... هيڏي اچ توکي ڪجهہ چوڻو آهي. اوهان مان هيڏي سيڪوئي اَچي، مان توهان کي ڪجهہ چونديس. مان ايتري چو چڱي آهيان؟ توهان کي خبر آهي، مان چڱي آهيان .... اَجو مان ايتري چو چڱي آهيان؟"

گروشينڪا اهڙي ريت نشي ۾ آفر ڪندي رَهي. گهٽي ڪان گهٽي نشي ۾ وڌندي وئي. آخر هُن اعلان ڪيو، تہ هوءَ نچندي. هوءَ لـُڏندي لمندي ڪرسيءَ تان اُٿي ۽ چوڻ لڳي تہ "مِتيا مون کي وڌيڪ شراب نہ ڏي. جيڪڏهن مان توکي چوان بہ، تہ بہ مون کي نہ ڏي. شراب سڪون نہ ٿو ڏئي. جڏهن تہ هر شيءِ ڦـري رهي آهي. باهہ جو چلهو، مطلب تہ هر شيءِ. مان رقص ڪرڻ گهران ٿي. پلي هرڪو ڏسي تہ مان ڪيئن ٿي نچان .... پلي هُو ڏسن تہ مان ڪهڙو نہ عمدو ناچ ٿي ڪريان .....؟"

سندس سچ پچ اِهو ارادو هو. هن پنهنجي کيسي مان هڪ اڇو سوٽي رومال ڪڍيو. پنهنجي سڄي هٿ ۾ اُن جي ڪنڊ کي جهليائين، تہ جيئن اُن کي ناچ مهل هوا ۾ لوڏيندي رَهي. مِتيا هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳو. ڇوڪريون خاموش ٿي ويون. هُو تيار ٿي ويون، تہ ناچ جي شروع ٿيڻ جي اشاري سان ڳائڻ لڳن. ميڪزيموف جڏهن ٻڌو تہ گروشينڪا نچڻ ٿي گهري، تہ هُو خوشيءَ ڪان مست ٿي ويو. راڳ ڳائيندو، ٽپا ڏيندو، اُن جي اڳيان هليو ويو:

"نازڪ ٽنگن سان ۽ صدا ڏيندڙ پاسن سان،

سندس پيچ ڏنگو پر مضبوط آهي."

پر گروشينڪا پنهنجي رومال کي لوڏيو ۽ هن کي هڪالي ڇڏيائين.

"مِتيا. هُو ڇو نہ ٿا اَچن؟ پلي تہ هرڪو اَچي ڏسي. هنن کي بہ سڏ ڪر. هُو تہ اندر بند آهن ..... تو، هنن کي ڇو بند ڪري ڇڏيو آهي؟ کين ٻڌاءِ تہ مان نچان ٿي. پلي تہ هُو بہ اَچي ڏسن ....."

مِتيا تڙڪندڙ قدمن سان، اُن در ڏي ويو، جنهن کي قلف ڏنل هو. در کي هٿ هڻي ۽ چيائين تہ. "اڙي! او پودووتسڪي اَچو. گروشينڪا نچي ٿي ۽ اوهان کي سڏيو اَٿس."

"بدمعاش!"هڪ پول ڪيس جواب ۾ چيو.

تون پاڻ بدمعاش آهين ۽ تون پاڻ لوفر آهين."

ڪلگنوف جو شراب ڪان مست هو، ڪين شَدمَد سان چوڻ لڳو تہ:

"پولينڊ جي توهين نہ ڪريو."

"جيڪڏهن مان هنن کي ذليل چيو آهي، تہ تون ڇوڪرا چپ ڪر. هن جو مقصد نہ آهي، تہ مان سڄي پولينڊ کي ايئن تو سمجهان. چپ ڪر. منهنجا حسين بار اَچي مٿائي ڪاءِ."

"ها ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن! ايئن تو معلوم ٿئي، تہ هي انسان ئي نہ آهن. هي ڇو نہ تا دوست پيدا ڪن!؟" ايئن چئي گروشينڪا رقص لاءِ هلي. ڪورس شروع ٿي ويو.

'وهواهہ منهنجي گهر جو وڏاوڙو، منهنجو نئون وڏاوڙو.'

گروشينڪا پنهنجي مَٿي کي هلايو ۽ پنهنجي چپن کي اَڌ کوليو. مشڪي ۽ رومال کي لوڏيائين. اوچتو سندس پير ترڪيا. تعجب ۽ ناخوشيءَ ۾ ڪَمري جي وچ ۾ بيهي چوڻ لڳي تہ:

"مان ڪمزور آهيان، معافي ٿي گهران، ناتوان آهيان، مون کي بخشيو. مان رقص ڪري نہ ٿي سگهان."

هن ڪورس وارين کي سلام ڪيو. ڪبي ۽ سڄي بينل ماڻهن جي تعظيم ڪيائين ۽ نهايت نماڻائيءَ سان چيائين. تہ معافي ٿي گهران.

ماڻهن مان ڪن چيو تہ "وڏيڪ پي وئي آهي، حد کان وڏيڪ."

ميڪزيموف ڇوڪرين کي چيو، تہ "هيءَ مست آهي. ها، ها."

گروشينڪا جيئن تہ اُتي ويجهي هئي، زمين تي ڪري پئي. متيا کي چوڻ لڳي تہ "مون کي کڻ ۽ منهنجي مدد ڪر." متيا وٽس تيز قدميءَ سان پهتو ۽ کيس ٻانهن ۾ کنيائين ۽ هن قيمتي بار کي ڪٺي پَردن جي پوئتان هليو ويو.

"نيڪ آهي، هاڻي مون کي وڃڻ کپي!" ڪلگنوف خيال ڪيو. هُو نيري ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو ۽ دروازي جي ٻنهي طاقن کي بيڪڙي ڇڏيائين. پر وڏي ڪمري ۾ جلسي جو جوش ۽ خروش وڌندو رَهيو. متيا. گروشينڪا کي بستري تي آڻي سمهاريو ۽ سندس چپن کي چمڻ لڳو.

"مون کي هٿ نہ لاءِ" هُن تجسس جي طور تي چيو. "مون کي هٿ نہ لاءِ. جيستائين مان تنهنجي ٿيان .... مان توکي چيو آهي، تہ مان تنهنجي آهيان، پر مون کي تيستائين هٿ نہ لاءِ ..... هُو هتي آهن ۽ گڏ آهن. توکي ايئن نہ ڪرڻ گهرجي. هُو اِتي آهي. هو فاحش اِتي آهي.

”مان تنهنجي حڪم ڪي مڃان ٿو! مان ان لاءِ ڪوبہ خيال نہ ڪندس. مان تہ تنهنجي پوڄا ٿو ڪريان!“ مِتيا ڪيس جواب ڏنو. هائو هُو فاحش هتي آهي. اِها نفرت جهڙي ڳالهہ ٿيندي.“

”مان ڄاڻان ٿي، تہ تون سفاڪ آهين“. گروشينڪا ڪيس نمايان طرح چيو. پر ”تون شريف بہ آهين. پر آئنده سڀ ڪجهہ عزت سان ٿيڻ گهرجي. اَسان ڪي نيڪ ٿيڻ ڪپي نہ وحشي جانور. مون ڪي وني هل جيڏانهن بہ وٺيئي وني هل. تون هيءُ ٻڌين بہ ٿو؟ مان نہ ٿي چاهيان، تہ هتي هجان. مون ڪي پَري وني هل.“

”ها، ايئن ٿيڻ بہ گهرجي. مِتيا ڪيس پاڪر ۾ زور ڏيندي چيو. مان توکي هتان ڪٿي اُڏري ويندس. افسوس جيڪڏهن هو رت جو معاملو نہ هجي ها، تہ مان پنهنجي سڄي حياتي، تنهنجي هڪ سال لاءِ قربان ڪريان ها.“

”ڪهڙو رت؟“، گروشينڪا هبڪندي ڪانئس پڇيو.

”ڪجهہ بہ نہ.“ مِتيا ڏندن ڪي پيڪوڙيندي چيو. ”گروشينڪا تون ايماندار ٿي چاهين، پر مان تہ چور آهيان. مان ڪتيا جي رقم چورائي آهي. افسوس، افسوس.“

ڪتيا، اُن نوجوان شريف عورت جي چوري ڪئي اَٿئي؟ نہ توکي چوري نہ ڪرڻ ڪپندي هئي. اُن ڪي موٽائي ڏي ۽ مون کان وٺ ..... اَجائي بدنامي ڇو ڪٺجي؟ هاڻي منهنجي هرڪاشيءِ تنهنجي آهي. پيسي جو ڪهڙو سوال آهي؟ اسان ڪي ڪنهن ريت رقم ڪپائڻي آهي ..... اسان جهڙن ماڻهن لاءِ ضروري آهي، تہ پيسي ڪي وڃائين. پر اسان ڪي وڃڻ ڪپي ۽ ڪنهن زمين تي ڪم ڪرڻ ڪپي. مان چاهيان ٿي، تہ پنهنجي هٿن سان زمين ڪي کوٽيان. ٻڌين ٿو، اسان ڪي ڪم ڪرڻ ڪپي. اليوشا بہ اِئين ٿي چيو. مان تنهنجي مالڪياڻي ڪونہ ٿينديس. مان توسان وفادار ٿي رهنديس ۽ غلام ٿي رهنديس. تنهنجي لاءِ ڪم ڪنديس. اَسان اُن نوجوان عورت ڏي گڏجي هلنداسون ۽ اُن جي اڳيان نياز سان جهڪنداسون. هُو اَسان ڪي بخشيندي ۽ پوءِ اسان هليا هلنداسون. جيڪڏهن هن نہ بخشيو تہ بہ هلڻو ئي پوندو. هن ڏي سندس رقم ڪٺي وڃ ۽ مون ڪي پيار ڪر ..... هن سان محبت نہ ڪر .....ساڻس وري محبت نہ ڪجانءِ. جيڪڏهن تون ساڻس محبت ڪندين، تہ مان ڪيس تباهہ ڪري ڇڏينديس.... مان سندس ٻئي اکيون سُوئيءَ سان ڪڍي ڇڏينديس.“

”مان توسان محبت ڪريان ٿو ۽ توسان محبت ڪندس .... مان توکي سائبيريا ۾ بہ محبت ڪندس.“

”سائبيريا ڇو؟ پرواهہ نہ آهي، جيڪڏهن تون سائبيريا ٿو پسند ڪرين. مون ڪي پرواهہ نہ آهي، اَسان اُتي بہ ڪم ڪنداسون ..... سائبيريا ۾ تہ برف آهي ... مون

کي برف ۾ سواري پسند ايندي آهي ..... اُتي گهنڊڙيون ضرور هئڻ گهرجن ... تون ٻڌين ٿو گهنڊڙيون وڄي رهيون آهن. اِهي الائجي ڪٿان وڄي رهيون آهن؟ شايد ڪي ماڻهو اچي رهيا آهن. اسان کي هيءَ مجلس هاڻي ختم ڪرڻ گهرجي.“

هن پنهنجي ٿڪايل اکين کي ٻوٽيو ۽ ٿوري وقت لاءِ ڪيس ننڊ اچي وئي. يقيناً گهنڊڙين جو، پري کان آواز ٿي آيو. هاڻي اُهي بند ٿي ويون هيون. مِتيا جو ڪنڌ اُن جي سيني تي جهڪي ويو. ڪيس اها خبر نه پئي ته گهنڊڙيون وڄڻ بند ٿي ويون آهن، نه وري ڪيس خبر پئي، ته راڳ بند ٿي ويو آهي. ڳائڻ وڄائڻ ۾ شراب جي گوڙ شور ۾ هاڻي خاموشي اچي وئي هئي. سڄي گهر ۾ مات هئي. گروشينڪا اُن وقت پنهنجون اکيون کوليون.

”ڇا آهي؟ مون کي ننڊ اچي وئي هئي؟ هائو ..... هُو گهنڊڙي ..... مان ننڊ ۾ هيس ۽ خواب ٿي ڏٺم. ته مان گهنڊڙين سان گڏ برف تي سواري ڪري رهي آهيان. مون کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. مان ڪنهن محبت واري سان گڏ ويس. توسان ٿي، ۽ پري پري ٿي وياسون. مان توکي ڀاڪر وجهلي چميو ٿي. تنهنجي قريب تر ٿي ويس. مان ٿڌي ٿي ويس ۽ برف چمڪي ٿي. توکي خبر آهي، ته برف رات جو ڪيئن چمڪندي آهي. سو به چانڊوڪي رات ۾. مان ايئن ٿي سمجهيو، ته مان گويا هن ڌرتي تي نه آهيان. مان جاڳي پيس ۽ ڏٺم ته منهنجو مِٺڙو، مون سان گڏ آهي. اِهو ڪهڙو نه شيرين خواب هو!؟“

”ها نه. تنهنجي قريب!“ مِتيا ٻُڙڪڻ لڳو. هُو سندس لباس، سندس سيني ۽ سندس هٿن کي چمڻ لڳو. اوچتو هُو، هن حقيقت کي ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويو، ته هوءَ سندس منهن ۾ ڏسڻ بجاءِ، سڌو نهاري رَهي هئي. سندس مٿي کان به مٿي ڏسي رَهي هئي ۽ سندس نگاهون ڪنهن پُر اسرار نقطي تي چميل هيون. اوچتو هن عجب سان گڏيل ۽ خوف ڀَري دانهن ڪئي.

”مِتيا. هُو ڪير آهي، جو اسان کي نهاري رهيو آهي؟“ هُن سرگوشيءَ جي آواز ۾ چيو.

مِتيا قريو ۽ ڏٺائين ته سچ پچ ڪو پَردي کي کولي، کين ڏسي رَهيو آهي. پر هيءُ به ڪو اَڪيلو نظر نه ٿي آيو.

هُو ٽپو ڏئي اُٿيو ۽ تيزي سان پنڌ ڪندو، اُن لنگهه وَٽ وَڃي پهتو.

”هيڏي اَچ. اَسان ڏي آءُ!“ هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جو جيتوڻيڪ هوريان هو، پر اُن ۾ زور ۽ حڪم هو.

مِتيا. پَردي جي ٻي پاسي کان گذريو ۽ بلڪل خاموش رهجي ويو. ڪمرو ماڻهن سان ڀريل هو، پر اُنهن سان نه، جي اُتي اڳي موجود هئا. سندس ٻنيءَ ۾

هڪدم ڏڪڻي پيدا ٿي وئي ۽ هُو لرزي ويو. هُن سيني ماڻهن کي سڃاتو. اُنهن مان هڪ ڊگهو ۽ مضبوط پوڙهو ماڻهو هو، جنهن کي اوور ڪوٽ ۽ ٻڪ واري ٽوپي پاتل هئي، هي پوليس جو ڪپتان، مهائيڪل مئڪرووچ هو. اُن سان گڏ هڪ مريض، جو صاف ۽ وٽندڙ ٿي ڏنو ۽ جو هميشه پالش ٿيل بوٽ پائڻ جو شوقين هو، گڏ هو. هي ڊپٽي پراسڪيوٽير (نندي مقدمي جي صفائي پيش ڪندڙ) هو. ڪيس هڪ جهازي گهڙي، سوَن روبلن جي هئي، جا هن ڪيس ڪنهن وقت ڏيکاري هئي. ٻيو هڪ نوجوان عينڪ سان هو ..... مِتيا کان سندس خانداني نالو وسريل هو، جيتوڻيڪ هُو ڪيس ڄاڻندو هو. هو جاچ ڪندڙ وڪيل هو. هُو تازو قانون جي اسڪول کان شهر ۾ آيو هو. اُن کان سواءِ پوليس انسپيڪٽر ماورڪي ماويڪريووچ بہ هو، جو نهايت گهڻي ڄاڻ وارو هو ۽ دمتري سان واقفيت هيس. هنن کان سواءِ، ڪي ماڻهو جن کي تامي جي اڪرن جا نشان لڳل هئا، اُتي موجود هئا. دمتري اُنهن کي ڏسڻ لڳو ۽ اِهي اِتي ڇو آيا آهن. بہ دهقاني ماڻهو، ڪنڊ ۾ موجود هئا. اُنهن جي پويان در جي پرسان ڪلگنوف ۽ ترِيفان بوريسووچ موجود هئا.

دمتري، جنهن جي زبان ۾ هاڻي ڏڪڻي اَچي وئي هئي، ڪائنڻ پڇيو، تہ "صاحبو! ڪهڙي خبر آهي؟" پر اوچتو، هُو پنهنجي خيال ۾، ڄڻ تہ ڪيس ڪا بہ خبر نہ ٿي پئي تہ هُو ڇا ڪري رَهيو آهي. هن نهايت بلند آواز ۾ چيو تہ:

"مان سمجهيو."

عينڪ وارو نوجوان اوچتو اڳتي وڌي آيو ۽ مِتيا وٽ پهچي، وڏي شان جي اَنداز ۾ چيائين، تہ "اسان هتي آيا آهيون .... مختصر تہ مان توهان کي عرض تو ڪريان، تہ اوهان هيڏي اَچو، صوفي ڏي اَچو ..... مون کي اوهان کان بيان وٺڻو آهي."

مِتيا جوش مان جواب ڏنو تہ، "هُو پوڙهو انسان. هُو پوڙهو ماڻهو ۽ سندس خون! ..... مان سمجهيو."

هُو پوءِ هڪ ڪرسيءَ تي ڄڻ تہ ڪِري پيو. ڄڻ تہ ڪيس ڪنهن ذاتي سان وَڍي ڇڏيو هو.

"تون سمجهين ٿو ۽ تو سمجهيو آهي. اڙي راڪاس! تنهنجي خلاف تنهنجي پيءُ جو خون پُڪاري رَهيو آهي!" پوڙهي ڪپتان اوچتو رڙ ڪندي، اُن ڏانهن قدم وڌايو.

هُو سَمجهي ويو هو. سندس چهرو ڪاراٽجي ويو هو ۽ هُو متي کان پيرن تائين ٿي ڏڪيو.

"هيءَ اَڻ ٿيڻي آهي،" نوجوان ڳالهائيندي چيو. "مائيڪل ميڪرووچ، مائيڪل ميڪرووچ، اِيئن ڪيئن ٿيندو ..... مان عرض ٿو ڪريان، تہ مون کي بہ ڳالهائڻ

ڏيو. مون کي توهان مان اهڙي هلت جي اُميد نہ هئي.“

”هيءَ هڪ جنوني واردات آهي، جنوني،“ پوليس ڪپتان رڙ ڪري چيو. ”هن ڏي نهار رات جي هن بيوقت وڳڙي ۾، شراب کان بيهوش آهي. سو بہ هڪ بي عزت عورت جي صحبت ۾، سندس پيءُ جي خون جي رت سان هٿن کي لڳي پئي آهي .... هيءُ جنون ئي آهي ......“

”مان توکي خصوصيت سان عرض ڪندس، تہ پنهنجي جذبات کي قبضي ۾ رک.“ پراسيڪيوٽر، جلدي مان پوڙهي ڪپتان کي سرگوشي طرح چيو: ”نہ تہ مون کي مجبوراً ايڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو .....“

ننڍڙي وڪيل، سندس جملي کي بہ پورو ڪرڻ نہ ڏنو. ڪئپٽن مِتيا ڏي مُڙيو ۽ کيس وڏي، مضبوط ۽ شاندار آواز ۾ چيائين تہ:

”اڳوٽا - ليفٽيننٽ ڪرامازوف! هيءُ منهنجو فرض آهي، تہ مان توکي اطلاع ڏيان، تہ تنهنجي مٿان تهمت آهي، تہ تو پنهنجي پيءُ فيودورپاولووچ ڪرامازوف کي رات جي وقت خون ڪيو آهي .....“

هن ڪجهہ وڌيڪ بہ چيو ۽ پراسيڪيوٽر بہ چيو. جيتوڻيڪ مِتيا کين ٻُڌو بہ ٿي، پر سمجهي نہ سگهيو. هُو فقط وحشي اکين سان نهاريندو رَهيو.

حصو پيو

# اِبتدائي جاچ

## باب پهريون

# پرهوتين جي خدمت جي ابتدا

پيوترااليچ پرهوتين، جنهن کي اَسان بيواهه موروزوف جي گهر جي بند ٿيل دروازي کي ڪڙڪائيندي ڇڏيو هيوسين، پنهنجو ڪڙڪو بند ڪري ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ تہ اُن جو آواز ٻُڌو ويو هو. فينا جا اَجا تائين خوف ڪان گهبرايل هئي، اُها بيزاريءَ سان بستري تي وڃڻ لاءِ تيار هئي، جو اوچتو دروازي تي جوش وارو ڪُڙڪو ٻُڌي خوف ڪان ڇرين وانگر ٻڃي وئي. هن سمجهيو تہ دمتري فيودورپاولووچ وري موٽي آيو آهي. جيتوٽيڪ هُن خود ڪيس ويندي ڏٺو هو. ڪيس پَڪ هئي، تہ اِهڙو وحشياڻي طرح دروازي ڪڙڪائڻ وارو، اِهوئي تي سگهي ٿو. هوءَ گهر جي چوڪيدار ڏي ڀڳي، جو اڳ ۾ئي جاڳيو ۽ دروازي ڏي هليو ويو هو. هن ڪيس زور ڀريو تہ هُو ڪنهن ضروري معاملي بابت فينا سان ڳالهائيندو. چوڪيدار آخر فيصلو ڪيو، تہ هُو دروازو ڪوليندو. پيوتر ڪيس اجازت ڏني، تہ فينا جي رڌڻي ۾ وڃي. پر فينا کي دمتري ڪان اِجازت وٺڻ گهرجي، تہ سندن گفتگو وقت چوڪيدار بہ حاضر رَهي. ڇاڪاڻ تہ ڪانئس، ان ڪان خوف پئي ٿيو. هُن فينا ڪان گهڻائي سوال پڇيا ۽ يڪدم موتمار حقيقت تائين وڃي پهتو. اُها هيءَ حقيقت هئي، تہ جڏهن پهريون ڀيرو دمتري، گروشينڪا کي ٻاهر ڳولڻ لاءِ ويو ٿي، تہ اُتان هاون دستو کڻي ويو هو. پر جڏهن هيءُ موٽي آيو، تہ اِهو دستو وٽس موجود نہ هو ۽ سندس هٿ رُت ۾ رڱيل هئا.

رت ڇڻ تہ سندس هٿن مان وهي رَهيو هئو. فينا هيءَ حقيقت بيان ڪري رَهي هئي، پر جيئن فينا جو سچو خيال ٿي وائڙو هو. هُن اِيئن سمجهيو ٿي، تہ دمتريءَ جي هٿن مان رت وهي زمين تي ٿي ڪِريو. پر اِئين نہ هو. هيءَ سندس خوف گڏيل فڪر جو جُڙتو وهم هو. پيوترااليچ، خود اُن جي هٿن کي ڏٺو هو، جن تي رت جا داغ موجود هئا ۽ هن ڪيس هٿن ڌوئڻ ۾ مدد بہ ڪئي هئي. وٽس هاڻي هي سوال نہ هو، تہ خيال ڪري تہ سندس رت هاڻا هٿ ڪڏهن سُڪا، پر ڪيس فڪر هو، تہ اُن دستي سان دمتري فيودورپاولووچ ڪيڏانهن ويو هو؟ ڇا سچ پچ هُو فيودورپاولووچ ڏي ويو. هُو اُن بابت بہ کهڙي ريت خاطري ڪري ٿي سگهيو. پيوترااليچ پنهنجي نقطهٔ خيال ڏانهن موٽڻ ٿي گهريو. جيتوٽيڪ هُو ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ سگهيو هو، پر ضرور هن پيروي تي هو تہ دمتري فيودورپاولووچ پيو ڪاڏي نہ ويو آهي، پر پنهنجي پيءُ جي گهر ڏانهن. اُتي ضرور ڪجهہ حادثو ٿيو آهي.

جڏهن هُو وري ٻيو ڀيرو موٽي آيو، تہ فينا ڪهاڻي ٻڌائيندي چيو، تہ مان ڪيس سموري ڳالهہ ڪري ٻُڌائي ۽ تنهن کان پوءِ مان کانئس سوال ڪرڻ لڳس، تہ تنهنجي هٿن تي، هيءَ رت ڪٿان آيو؟ هن جواب ڏنو تہ هيءُ انساني خون آهي ۽ هن هاڻي کنهن ماڻهوءَ کي ماريو آهي. هن مون وٽ سڄي قبوليت ڏني ۽ هڪ پاڳل ماڻهوءَ وانگر، مون وٽ ڊوڙندو آيو. مان ويهي رَهيس ۽ خيال ڪرڻ لڳس تہ خبر نہ آهي، تہ هاڻي اَلائجي ڪيڏانهن ويندو؟ مان سوچيندي، سمجهيو، تہ هيءُ هاڻي ماڪرو ويندو ۽ منهنجي مالڪياڻيءَ جو بہ خون ڪندو. مان اُتان ڊوڙيس تہ ڪيس عرض ڪريان، تہ منهنجي مالڪياڻي کي نہ ماري. مان سندس رهڻ واري جاءِ ڏي تي ويس، پر راهہ ۾ پلاٽينڪوف جي دڪان تي ڏٺم، تہ هُو اُن ۾ گهڙي وڃي رهيو آهي ۽ اُن وقت سندس هٿن تي ڪوبہ رت جو نشان موجود نہ هو. (فينا ڪيس ڏٺو هو ۽ ڪيس پوري ريت ياد هو.) فينا جي پوڙهي ڏاڏي بہ هن شاهديءَ کي جيتري قدر سندس يادگيري هئي، تصديق ڪئي. ٻين ڪن سوالن جي پڇڻ کان پوءِ، پيوترااليچ گهر ڇڏي ويو. هُو، هن وقت، گهر ۾ گهڙڻ واري پهرئين حالت کان بہ وڌيڪ پريشان ۽ بي آرام تي ڏٺو.

سڀ کان وڌيڪ سنئين سڌي ۽ آسان شيءِ، هن لاءِ اها هئي، تہ سڌو فيودورپاولووچ ڏي وڃي ۽ معلوم ڪري تہ اُتي ڪو واقعو تہ نہ ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ٿيو آهي، تہ اُهو ڇا آهي؟ جڏهن ڪيس واقعي جي اهميت پوري ريت معلوم ٿي، تہ هُن پختو اِرادو ڪيو، تہ هُو پوليس ڪپتان ڏي هليو وڃي. پر رات جي اونداهي هئي ۽ فيودورپاولووچ جا دروازا نهايت مضبوط هئا. اُن ڪري ڪيس دروازو کڙڪائڻو ئي پوندو. سندس واقفيت فيودورپاولووچ سان معمولي هئي. اِنهيءَ ۾ ڇا آهي، هُو دروازو کڙڪائيندو ۽ هُو کوليندا. پر جيڪڏهن اُتي ڪجهہ نہ ٿيو هوندو، تہ فيودورپاولووچ پنهنجي ٺوڪ بازيءَ جي نموني، سڄي شهر ۾ پکيڙي ڇڏيندو تہ هڪڙو اجنبي پروهيتن نالي، اَڌ رات جو وٽس هلي آيو هو، تہ ڪيس ڪنهن قتل تہ نہ ڪيو آهي! هيءَ ناحق بدنامي ٿيندي ۽ پيوترااليچ وري جهان ۾ بدناميءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ کان نہ ٿي ڊنو.

پر هن کي جو احساس جو جذبو هو. اُهو ايڏو تہ مضبوط هو، جو جيتوڻيڪ هُو پنهنجو پير ڪاوڙ مان زمين تي هڻي رهيو هو ۽ پاڻ سان قسم کڻي رهيو هو، تہ هن حقيقت کي معلوم ڪرڻ گهرجي. هُو وري تيار ٿي هليو. فيودورپاولووچ ڏي نہ. پر بيگم هائلڪوف ڏي. هن خيال ڪيو، تہ جيڪڏهن اُن دمتريءَ کي ٽي هزار روبل ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي، تہ هُو سڌو پوليس ڪپتان ڏي هليو ويندو، پر جيڪڏهن هن اها ڳالهہ قبول ڪئي، تہ ڪيس اِها رقم ڏني اَٿس، تہ پوءِ هُو پنهنجي گهر موٽي ايندو. پلي تہ صبح تائين هيءُ معاملو پيو رَهي.

پر هيءَ نهايت مشڪل ڳالهه هئي، تہ هُو گهٽي بدنامي پنهنجي سر تي کڻي تہ يارهين بجي رات جو هڪ فيشنبل بيگم وٽ وڃي، سو بہ پوري ريت اَجنبي! ڪيس ننڊ مان اُٿاري ۽ عجب ۾ وجهندڙ سوال پڇي. انهيءَ ڪان چڱو آهي، تہ فيودورباولووچ وٽ وَڃي، پر هي سڄو معاملو ڪجهہ اهڙي قسم جو هو ۽ خاص ڪري هن جهڙن واقعن ۾ بلغمي مزاج وارو باقاعده ڪوبہ فيصلو ڏئي نہ سگهندو آهي. پيوٽرايليچ، اُن گهڙيءَ ۾ بلغمي مزاج وارو تہ نہ ٻڌجي ويو هو، پر ڪيس ياد تي آيو، تہ ڪيئن نہ خائف ڪندڙ، پريشاني، هوريان هوريان، ڪيس پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو هو ۽ جو آهستي آهستي عذاب ڏيندڙ ٿيندو تي ويو ۽ ڪيس سندس مرضيءَ جي خلاف پٽڪائي رهيو هو. پر هُو سڄي واٽ پاڻ ڪي، بيگم وٽ وڃڻ لاءِ، بددعائون ڏيندو تي ويو. ”پر مان هن جي تهہ تائين ويندس.“ هن اهو جملو ڏهہ ڀيرا ورائي ورائي تي چيو. هُو پنهنجا ڏند ڪرٽي، پنهنجي دل جي راءِ ڪي ظاهر ڪري رَهيو هو.

اُن وقت پورا يارنهن ٿيا هئا، جو هُو بيگم هائلڪوف جي گهر وٽ پهتو. ڪيس گهر جي اڱڻ ۾ داخل ٿيڻ جي جلد ئي اجازت ملي وئي. پر هُو جاچ جي خيال ڪان سوچي رَهيو هو، تہ هوءَ جاڳي بہ تي يا نہ؟ چوڪيدار اُن بابت ڪوبہ جواب ڏئي نہ تي سگهيو، پر هُن ڪيس فقط اهو ٻڌايو تہ هوءَ دستور موجب پنهنجي بستري ۾ آهي.

”تون مٿي ڏاڪڻ تي وڃي پڇا ڪر. هوءَ جيڪڏهن توسان ملڻ گهرندي تہ ملندي. پر جيڪڏهن هُن نہ ملڻ چاهيو تہ بس.“

پيوٽرايليچ مٿي تہ چڙهي ويو، پر هتي ڪيس ڪابہ سولائي نظر نہ آئي. پيادو سندس نالو ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ هو، پر هن هڪ ڇوڪريءَ ڪي سڏي ورتو. پيوٽر نهايت نرميءَ سان پر زور ڏيندي عرض ڪيو، تہ هوءَ، بيگم ڪي ٻڌائي تہ شهر جو هڪ سرڪاري آفيسر جنهن جو نالو پروهيتن آهي، ڪنهن ضروري ڪم جي لاءِ وٽس ملڻ لاءِ آيو آهي. جيڪڏهن اهو خاص نہ هجي ها، تہ هيءُ ڪڏهن بہ نہ اَچي ها. ”مهرباني ڪري اهي ئي لفظ ڪيس چئج.“

هوءَ هلي وئي، ۽ هيءُ لنگهہ وٽ اُن جو انتظار ڪرڻ لڳو. بيگم هائلڪوف اڳ ۾ ئي پنهنجي سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ هئي ۽ ڪيس اَجا ننڊ نہ آئي هئي. هوءَ مِتيا جي ملاقات ڪان پوءِ، وياڪل هئي. هوءَ طبعيت جي حالت مان سمجهي وئي هئي، تہ سندس رات مٿي جي سور ڪان ڏاڍي ڏکي گذرندي. هاٺي تہ هن سور سان گڏ، ڪيس جوش بہ هو. هوءَ هن اطلاع تي عجب ۾ پئجي وئي. هن غصي مان ساڻس ملڻ ڪان انڪار ڪيو. چاڪاڻ تہ رات جي وڳڙي ۾، شهر جو سرڪاري ڪامورو، ساڻس ملاقات ڪرڻ اَچي، سو بہ قطعي اجنبي، هن جي دل ۾، زناني پريشاني ۽ عجب ڪي

پيدا ڪيو. پر هن پيري پيوٽر ايلووچ، خچر وانگر نٽر بڻجي ويو. هن وري بہ ملازمہ کي عرض ڪيو، تہ اڳين لفظن سان گڏ ہيو بہ نياپو ڪٺي وڃي تہ:

"هُو نهايت ضروري ڪم سان آيو آهي. جيڪڏهن هوءَ هاڻي ڪيس نہ ملندي تہ پوءِ ڪيس بيحد ڏک ٿيندو."

بعد ۾ هن بيان تي ڪيو، تہ "اُن رات، هُن پوريءَ ريت جوکم پنهنجي سر تي ڪيو هو."

ملازمہ، ڪيس عجب مان ڏسندي رَهي ۽ پوءِ هوءَ وري پيغام کڻي وئي. بيگم هائلڪوف تي اَثر پيو. هُن تورو خيال ڪيو ۽ ملازمہ چوڪريءَ کان سندس شڪل ۽ صورت پڇيائين. جڏهن خبر پيس تہ هو چڱي پوشاڪ پهريل آهي ۽ نوجوان ۽ اخلاق وارو آهي، تڏهن ڪجهہ سوچڻ لڳي. آسان کي هتي هيءُ ياد رکڻ گهرجي، تہ پيوٽر چڱو سهڻو ۽ نوجوان هو. آخر بيگم هائلڪوف سندس ملاقات لاءِ دل ٻڌي. هُوءَ ڊگهي قبا ۽ سليپر ۾ هئي، پر هن پنهنجي ڪلهن تي هڪ ڪاري شال وجهي ڇڏي. 'آفيسر' کي چيو ويو، تہ ملاقاتين جي ڪمري ۾ ترسي. هيءُ اُها ساڳي ڪوٺي هئي، جنهن ۾ مِتيا ساڻس گڏيو هو. بيگم ملاقاتي سان ملڻ لاءِ آئي. سندس چهرو سخت ۽ معلومات چاڻڻ وارو تي ڏنو. ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪرڻ بدران، هوءَ ڪانئس هڪدم پنيان سوال پڇندي وئي.

"توکي ڇا کپي؟"

"مان اوهان جي آرام ۾ خلل وڌو آهي بيگم. مون کي دمتري فيودورپاولووچ جي ڪا حقيقت معلوم ڪرڻي آهي، جنهن سان اوهان جي ۽ منهنجي هڪجهڙي واقفيت آهي." پرهوتين ڳالهائڻ شروع ڪيو.

پر هُن مشڪل سان، سندس نالو ورتو هو، جو بيگم جي چهري ۾ سخت غصي جون نشانيون ظاهر ٿيون. هن ذري گهٽ رڙ ڪئي ۽ جوش مان مداخلت ڪئي.

"مان ڪيستائين هن خوفناڪ ماڻهو لاءِ پاڻ کي پريشان رکنديس." هن جنون مان چيو. توکي اهڙي همت ڪيئن ٿي آهي! تون هڪ اجنبيءَ جي حيثيت ۾ هڪ عزت واري عورت جي آرام ۾ خلل وجهڻ آيو آهين. سو بہ سندس گهر ۾ ۽ هن اَويلي وقت ۾ ........ تون هڪ عورت تي زور آٽي رهيو آهين، تہ تون اُن ماڻهو لاءِ ڳالهائين، جو هن ساڳي ملاقاتي ڪمري ۾، ٽي ڪلاڪ اڳ اِنهيءَ لاءِ آيو هو، تہ منهنجو خون ڪري، پر زمين کي قدمن جا ڏک هڻندو هليو ويو. اهڙي ريت کهڙو سکر ماڻهو، ڪنهن چڱي گهر مان ٻاهر وڃي سگهي ٿو. مان توکي ٻڌايان ٿي سائين، تہ مان تنهنجي خلاف فرياد داخل ڪنديس. مهرباني ڪري هڪدم هليو وڃ ..... مان ماءُ آهيان، مان، مان ......."

”خون! هُو تڏهن توکي بہ خون ٻيو ڪري؟“

”ڇا هن ڪنهن ٻئي کي خون ڪيو آهي؟“ بيگم هائلڪوف ڪانئس پريشانيءَ مان پڇيو.

”جيڪڏهن تون ٿوري وقت لاءِ بيگم ڌيان ڏئي ٻڌين، تہ مان توکي ٻن لفظن ۾ سمجهائي ويندس.“ پرهوتين ڪيس جواب ۾ چيو. اڄ پنجين وڳي شام جو دمتري فيودورپاولووچ، مون کان ڏهہ روبل قرض ورتو هو. هيءَ حقيقت آهي تہ وٽس ڪوبہ پيسو ڪونہ هو. پر نائين بجي هُو مون کي ڏسڻ آيو، اُن وقت سندس هٿ ۾ سَوَ سَوَ روبل جي نوٽن جا ٿها هئا. مان سمجهان ٿو، تہ بہ يا ٽي هزار روبل هئا. سندس هَٿ ۽ چهرو رت سان ڀريل هو ۽ هُو پاڳلن وانگر نظر اَچي رهيو هو. جڏهن مان ڪانئس پڇيو تہ اِهي پيسا ڪٿان آندا اَٿئي؟ تڏهن مون کي ٻڌايائين، تہ اهي اوهان کان ئي مليا اَٿس. هن ٻڌايو تہ اوهان کيس ٽي هزار روبل اِنهيءَ لاءِ ڏنا آهن، تہ هُو سون جي کاڻين ڏانهن وڃي ......“

بيگم هائلڪوف جو چهرو ڳنڀير ٿيڻ جي بدران هن ۾ منجهس درد پيدا ڪندڙ جوش پيدا ٿيو.

”خدايا! هن ضرور پنهنجي پوڙهي پيءُ کي ماريو آهي.“ هن هٿن ذي مهٽيندي چيو. مان کيس ڪوبہ پيسو نہ ڏنو آهي. ڪڏهن بہ نہ! ڊوڙ، ڊوڙ، ...... ٻي ڳالهہ نہ ٻُڌاءِ! پوڙهي کي بچاءِ ...... ڊوڙ سندس پيءُ ڏي ڊوڙ ......!“

”مون کي معاف ڪر بيگم، تڏهن تہ، ڪيس ڪجهہ بہ نہ ڏنو هو؟ توکي هيءَ حقيقت چڱي ريت ياد آهي، تہ تو کيس ڪجهہ بہ نہ ڏنو هو؟“

”نہ مان ڪجهہ بہ کيس نہ ڏنو هو. مان کيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. جنهن کي هن پسند نہ ٿي ڪيو. هُو ڏاڍي جوش مان، زمين تي پير هٽندو نڪتو هو. هُو مون تي حملو ڪري آيو هو، پر مان ڪانئس ترڪي ويس. مان هاڻي توکي سڀ ٻڌايان ٿي ۽ ڪجهہ بہ توکان نہ لڪائيندس ...... هن مون ڏي ٿُڪ اُڇلائي. ڇا توکي هن ڳالهہ تي حيرت نہ ٿي لڳي. پر اَسان بيٺا ڇو آهيون؟ .... مون کي معاف ڪر ...... ويهہ ..... چڱو آهي تہ تون ڊوڙ ۽ اُن مسڪين پوڙهي کي خوفناڪ موت کان بچاءِ!“

”پر جيڪڏهن، هُن اُن کي اڳ ۾ ماري ڇڏيو هجي تہ.“

”خدايا، هائو! پر هاڻي اَسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ تون خيال ڪر تہ هاڻي ڇا ڪرڻ کپي؟“

اُن وقت هن پيوترايليچ کي ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ بہ ويهي رَهي. مختصر پر صاف طرح پيوترايليچ کيس سڄي معاملي جي تاريخ ٻڌائي. خاص اُهو حصو وضاحت سان

ٻڌايائين. جنهن کي هن ڏنو هو. هن ڪيس فينا سان سندس ملاقات جو ٻڌايو ۽ ڪيس همام دستي لاءِ بہ ٻُڌايائين. هن سڄي تفصيل، بيگم تي خوف طاري ڪري ڇڏيو. هوءَ منهن کي هٿ ڏئي رڙيون ڪرڻ لڳي.

”تون اعتبار ڪندين؟ مان اڳ ۾ ئي هيءُ سمجهي ورتو هو! مون وٽ اهڙي خاص طاقت موجود آهي، جو مان جيڪو بہ خيال ڪندي آهيان، اُن کي عملي صورت ملي ويندي آهي. مان اَڪثر هن خوفناڪ ماڻهوءَ کي ڏسندي رهندي هيس ۽ خيال ڪندي هيس، تہ هن ماڻهو جي ڀڄاڻي منهنجي موت سان ٿيندي ۽ هاڻي وري هيءُ ٿي پيو ..... يعني هن مون کي تہ خون نہ ڪيو. پر پنهنجي پيءُ کي بہ ماري وڌو. اهو ڪيئن ٿيو؟ اها فقط خدا جي مهرباني هئي، جنهن مون کي پنهنجي حفاظت ۾ رکيو هو. وڌيڪ هيءَ بہ ڳالهہ هئي، تہ هُو مون کي قتل ڪري نہ سگهي ها، ڇو تہ مان ڪيس هڪ مقدس تعويذ ۽ شهيد ۽ ولي وار وارا جي ڇڏيل نشانين مان سندس ڳچيءَ ۾ پاتو هو ..... تون خيال ڪري ڏس، تہ مان اُن وقت ڪيتري نہ موت جي قريب هيس. مان سندس پرسان بہ وئي هيس. هن پنهنجي ڳچي ڊگهي ڪري، مون کي ڏنو بہ .... توکي خبر آهي پيوترالِيچ (مان سمجهان ٿي تہ هُن پنهنجو نالو پيوترالِيچ ٻُڌايو هو) منهنجو ڪرامتن ۾ يقين نہ هوندو آهي، پر هاڻي هن تعويذ منهنجي لڏندڙ اعتقاد کي ويتر لوڏي وڌو آهي ۽ مان هاڻي سڀ ڪنهن شيءِ کي مڃيندِيس، جنهن لاءِ تون چوين. تو ڪجهہ مربي زوسيما لاءِ ٻڌو آهي؟ ...... پر مون کي خبر نہ ٿي پوي، تہ مان ڇا ڳالهائيندي وڃان ٿي ....؟ هيءَ عجب جهڙي ڳالهہ آهي، تہ اُن تعويذ جي باعث، هن مون ڏي فقط ٽُڪ اُڇلائي ..... هي سچ آهي تہ هُن مون ڏي فقط ٽُڪ اُڇلائي ۽ مون کي خون نہ ڪيو. هُو ٿابڙندو هليو ويو! پر اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

پيوترالِيچ اُتي بيٺو ۽ هن ظاهر ڪيو، تہ هُو سڌو پوليس ڪپتان ڏي وڃي رَهيو آهي ۽ کيس سڀ ڪجهہ ٻُڌائي ڇڏيندو. پوءِ سندس مرضي آهي، تہ جيئن بہ ڪاروائي ڪري.

”اَڙي! هو نهايت سُٺو ماڻهو آهي. مهائيل ماڪرووچ. مان ڪيس سڃاڻندي آهيان. بيشڪ هيءُ ئي ماڻهو آهي، جنهن ڏي توکي وڃڻ کپي. ڪيتري قدر نہ تون عملي ماڻهو آهين. تو ڪهڙي عمدي ريت هرهڪ ڳالهہ کي سوچيو آهي. مان تنهنجي جاءِ تي هجان ها، تہ ايڏاهين خيال ئي نہ وَڃي ها.“

”خاص طرح جڏهن تہ پوليس ڪپتان نهايت عمدو ماڻهو آهي.“ پيوترالووچ خيال ڪرڻ لڳو، جو اَڃا اُتي بيٺو هو ۽ خاص طرح اِنهيءَ انتظار ۾ هو، تہ تڪڙو نڪري

وجي ۽ جيتري قدر ڪانئس ٿي سگهي، اُن من موجب عورت وٽان هليو وڃي ۽ ڪيس خدا حافظ بہ نہ چوي.

”توکي يقين رکڻ گهرجي.“ هوءَ ڳالهائيندي وئي، تہ ”جڏهن تون اُن سان ملي موٽي اَچين، تڏهن مون کي اَچي ٻڌائج تہ تو اُتي ڇا ڏٺو ....؟ توکي اُتي ڇا معلوم ٿيو .....؟ هُو ڪيئن مقدمو قائم ڪندا ....؟ مٿس ڪهڙو ڏوهہ مَڙهيو ويو آهي ......؟ مون کي ٻُڌاءِ، اَسان وٽ ڪا ايڏي وڏي سَزا تہ ڪانہ آهي. آهي ڇا؟ پر يقيني طرح مون وٽ اچجانءِ. پوءِ ڪٿي رات جا ٽي وڳا هجن، چار يا ساڍا چار ..... مون کي جاڳائج، جيڪڏهن مان نہ جاڳان، تہ مون کي لوڏي بہ اُٿارج ..... پر خدايا! مون کي ننڊ ڪٿان ايندي؟ ترس. ايئن چڱو نہ ٿيندو، تہ مان توسان گڏجي هلان!؟“

”نہ، نہ. پر جيڪڏهن تون فقط ٽي سٽون لکي ڏئين، تہ تو دمتري فيودورپاولووچ کي ڪابہ رقم نہ ڏني آهي ..... اِها تحرير ڪم واري ٿيندي ........... جيڪڏهن اُن جي ضرورت پئي تہ........“

”تون يقين رک!“ بيگم هائلڪوف، ٽپو ڏيندي، خوشيءَ مان پنهنجي خبر ڏينڊڙ کي چيو تہ، ”تون سمجهين سگهين ٿو، تہ مان وڏي سادگيءَ سان توڪان متاثر ٿي آهيان. مون کي تنهنجي ڪوشش کي ڏسي خوشي ٿي آهي. اِهڙن معاملن ۾ تون چڱي سمجهہ رکين ٿو. تون هتي ڪٿي ملازمت ۾ آهين؟ مون کي خوشي ٿي ٿئي، تہ تون هتي ملازمت ۾ آهين.“

اِهڙي ريت ڳالهائيندي، هُن پيپر جي اَڌ تي هيٺيون سٽون لکيون:

”مان سڄي حياتيءَ ۾ هن بدقسمت انسان کي ڪوبہ قرض نہ ڏنو آهي. منهنجو مطلب دمتري فيودورپاولووچ ڪرامازوف آهي. (هُو سڀ ڪنهن صورت ۾ بدقسمت آهي.) نہ وري اڄ مون کيس ٽي هزار روبل ڏنا آهن. مان کيس ڪڏهن بہ نہ ڏنا آهن. هر مقدس شيءِ جو قسم کڻي چوان ٿي. ڪي - هائلڪوف“

”اِجهو هيءَ آهي تحرير.“ هُوءَ جلديءَ مان پيوترالِيچ ڏي ڦري ۽ کيس چوڻ لڳي تہ: ”وڃ هن کي بچاءِ، اِهو تنهنجو نهايت نيڪ ڪم ٿيندو.“

اُن ڪان پوءِ، هن سندس مٿان ٽي ڀيرا صليب جو نشان ڪڍيو. هوءَ کيس گهٽيءَ تائين ڇڏڻ لاءِ آئي.

مان ڪيڏي نہ تنهنجي ٿورائتي آهيان، جو تون ڀهريائين مون وٽ آيو آهين. اِهو ڪيئن ٿيو. مان تہ توسان اڳ ۾ ملي بہ نہ آهيان. ڪيڏي نہ مان خوشي محسوس ڪنديس، جو تون آئنده بہ منهنجي گهر ۾ ايندين. اِها ڪيڏي نہ راحت ڀَري ڳالهہ آهي، جو هتي تون رَهين ٿو. ڪيڏي نہ عملي قوت .......! اُهي تنهنجي سچ پچ

ساراهه ڪندا. هُو توکي يقيناً سمجهندا. جيڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهه هجي، تہ مان اُن کي پورو ڪنديس. تون يقين رک تہ مان نوجوانن کي پيار ڪندي آهيان. هي نوجوان نسل اسان جي ڏکاري ملڪ جو سهارو آهن ..... اسان جي واحد اُميد ..... چڱو وڃ، وڃ ......"

پر پيوتر اڳ ۾ هلي پيو، نہ تہ شايد هوءَ اَجا بہ کيس نہ ڇڏي ها. پر بيگم هائلڪوف مٿس چڱو اَثر ڇڏيو هو ۽ سندس انتظار ۾ گهٽتائي آڻي ڇڏي هئي. سو بہ اهڙي اَڻ وڻندڙ معاملي ۾. هر ڪنهن جو مذاق جدا جدا ٿئي ٿو، جنهن کي اسان سڀ سمجهون ٿا. "هي ڪا ايڏي وڏي عمر جي بہ نہ آهي."هن خيال ڪيو ۽ اُن تي کيس خوشي بہ ٿي. مان جيڪر کيس سندس ڌيءَ کان وڌيڪ پسند ڪريان."

هوڏانهن بيگم هائلڪوف بہ هن نوجوان کان خوش هئي. "ايترو احساس! هڪ نوجوان ۾ ايتري خوبي! سو بہ اَسان جي وقت ۾. اهڙا لڇڻ ۽ اهڙي صورت! ماڻهو تہ ايئن ٿا چون، تہ هن دور ۾، نوجوان ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن. پر هيءُ تہ مثال آهي، جو ڏيئي سگهجي ٿو. وغيره وغيره". سو هوءَ سادگيءَ سان اُن خطرناڪ معاملي کي وساري رَهي هئي. اهو فقط انهيءَ ڪري هو، جو بستري ۾ داخل ٿي رَهي هئي. اوچتو وري کيس يادگيري آئي، "مان ڪيتري نہ موت کي قريب هيس." هن زور سان چيو. "اڙي هي، خوفناڪ هو، خوفناڪ!"

پر هُوءَ جلدئي، شيرين ۽ وڻندڙ ننڊ ۾ غافل ٿي وئي.

جيئن تہ اُن ڪارائتي نوجوان ۽ هن بيواهہ جي وچ ۾ هن ملاقات کي ايترو تفصيل ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ هئي، پر جيئن تہ هن عملي ۽ شائستہ نوجوان جي حياتيءَ جي نشوونما جو بنياد هي ملاقات نہ بڻجڻ واري هئي، اُن ڪري مان هن کي تفصيل سان ڏنو آهي. اَسان جي شهر ۾ اڄ بہ هيءَ ڪهاڻي عجب سان ٻڌائي ويندي آهي. جڏهن مان ڪرامازوف پائرن جي طويل تاريخ پوري ڪئي، تہ مان شايد هن بابت بہ لکان.

باب ڇهون

# خطري جي گهنٽي

اسان جو پوليس ڪپتان مائيڪل ماڪرووچ ماڪروف، پينشن تي آيل ليفٽيننٽ ڪرنل، نهايت عمدو ماڻهو ۽ رنڊو هو. هُو ٽي سال اڳ اسان وٽ آيو هو. هن عوام ۾ عزت حاصل ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ هُو خاص طور تي اها ڳالهہ چاهيندو هو تہ سماج ڪي ڪيئن ميل ميلاپ سان هلائجي. وٽس ملاقاتي هميشہ موجود ٿي رهيا ۽ هُو اُنهن ڪانسواءِ رَهي بہ نہ ٿي سگهيو. ڪو نہ ڪو سندس ڪاڏي ۾ شريڪ هوندو هو. هُو ميز تي ڪڏهن بہ مهمان ڪانسواءِ نہ ويٺو. سيني موقعن تي عام ڪاڏي جون دعوتون ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اِهي دعوتون عجب ۾ وجهندڙ هونديون هيون. جيتوڻيڪ ظاهر جي خيال کان اهڙو تہ نہ ٿي ڏٺو. پر وٽس گهٽو ڪجهہ هو. سڀ جا ٽڪرا نهايت عمدا وٽس موجود هوندا هئا، شراب بہ گهٽي اَنداز ۾ ڪيس ميسر هو، جيتوڻيڪ قسم جي لحاظ کان گهٽ هو.

پهريون ڪمرو، جنهن ۾ مهمان اَچي داخل ٿيندا هئا . اُها ساز ۽ سامان سان سينگاريل 'بليئرڊ ڪوني' هئي. سڄي ڪمري ۾ انگريزي شرط جي گهوڙن جون تصويرون ڪاري فريم ۾ پتين تي ٽنگيل هيون، جي اِهڙي ڪمري جي سينگار لاءِ ضروري سمجهيون وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ آسان کي اڳ ۾ ئي خبر آهي، تہ اڪيلي رهندڙ ماڻهوءَ جي 'بليئرڊ ڪوني' اِيئن ئي ٿيندي آهي. هرهڪ شام تي وٽس تاش راند بہ ٿيندي ٿي رَهي. جيتوڻيڪ اُها هڪڙي ئي ميز هئي. ڪڏهن ڪڏهن آزاداڻن وقفن ۾، اسان جي شهر جي سڄي سوسائٽي، نوجوان عورتن ۽ سندن نوڪراڻين سان رقص لاءِ، آئي ٿي ۽ سڄي جاءِ پرجي ٿي وئي. جيتوڻيڪ مائيڪل ماڪرووچ رنڊو هو، پر هُو اَڪيلو نہ رهندو هو. سندس بيواهہ ڌيءَ پنهنجين ٻن جوان ڇوڪرين سان گڏ رهندي هئي، جن پنهنجي تعليم تازو پوري ڪئي هئي. اُهي وڻندڙ صورت جون هيون ۽ سندن سيرت بہ پسند جهڙي هئي. جيتوڻيڪ سيني کي خبر هئي، تہ وٽن ڪوبہ ڏاج ڏانوڻ ڪونہ آهي، اَن هوندي بہ سڀيئي نوجوان ڇڪجي سندن ناني جي گهر ايندا هئا .

اِنهيءَ ۾ ڪوشڪ نہ آهي، تہ مائيڪل ماڪرووچ، پنهنجي ڪم ۾ بيحد ڪامياب هو. جيتوڻيڪ هُو پنهنجي فرض اَدائي ۾ ٻين کان ڪو چڱو نہ هو. مان اِيئن وضاحت سان چوندس، تہ سندس تعليم ڪا چڱي نہ هئي. سندس انتظامي حدن جي طاقت جي سمجهہ تي آسرو ٿي نہ پئي سگهيو. هُو ڪيترن ئي سڌارن کي، جي هن حڪومت جي دور ۾ عمل ۾ آيا ٿي، اُنهن تي هُو عمل ڪري نہ سگهيو هو. يا تہ

هُو اُنهن کي سمجهي نہ سگهيو هو، يا اُنهن کي ہہ تي سمجهياڻين. هيءَ سندس حالت انهيءَ لاءِ بہ نہ هئي، تہ کيس پوري سمجهہ نہ هئي، پر هُو آزاد طبع هو ۽ نون سڌارن کي مطالعي ڪرڻ لاءِ کيس وقت نہ هو. پاڻ بہ ايئن چوندو هو، تہ "مون وٽ هڪ فوجيءَ جي دل آهي، نہ ڪنهن منتظم آفيسر جي." مثلاً: هن زرعي سڌارن جي آزاديءَ لاءِ، ۽ سندس بنيادي اُصولن جي لاءِ ڪابہ واضح راءِ نہ تي رکي، پر هن جو ڪجهہ بہ حاصل ڪيو هو، سو اَنَ سڌيءَ طرح، سال بہ سال عملي ڄاڻ جي وسيلي. جيتوڻيڪ هُو پاڻ بہ زميندار هو. پيوترائيچ اُن شام جو خيال ڪيو، تہ هُو سائس سندس ڪنهن دوست جي معرفت ملاقات ڪري. پر کيس خبر نہ تي پئي، تہ ڪنهنجي معرفت. هيءُ عجيب اتفاق هو، جو اُن وقت سرڪاري وڪيل ۽ وارونسڪي، اَسان جي ضلعي جو نوجوان ڊاڪٽر، جو تازو اَسان وٽ پيٽرسبرگ کان جو 'طبيب اڪيڊمي' مان پنهنجي سند وٺي آيو هو. هُو بئي، پوليس ڪپتان وٽ 'تاش' کيڏي رهيا هئا. آئپولٽ ڪيريلووچ سرڪاري وڪيل (جيتوڻيڪ هُو ننڍو سرڪاري وڪيل هو. پر کيس هميشہ سرڪاري وڪيل سڏيندا هئا)، خاص قسم جو ماڻهو هو. سندس عمر پنجٽيهہ سال هئي، پر سلهہ جي بيماريءَ کيس ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. هُن هڪ ٿلهي متاري عورت سان شادي ڪئي هئي ۽ اُن مان کيس ڪو بہ اولاد نہ هو. هُو بيڪار ۽ جوشيلو هو، جيتوڻيڪ کيس چڱو ذهن هو ۽ مهربان دل. منجهس جا وڏي ۾ وڏي غلطي هئي. سا هيءَ تہ کيس پنهنجي لاءِ مٿانهين راءِ هئي، جا سندس قابليت سان نہ ٿي نهڪي. هن راءِ منجهس بي آرامي پيدا ڪري ڇڏي هئي. سڀ کان وڏيڪ کيس علم نفسيات جي طرف فنڪاراڻي رغبت هئي. مثال لاءِ هن خاص طور تي انساني دل جي راز معلوم ڪرڻ جو مطالعو ڪيو هو ۽ ڏوهين ۽ ڏوهہ جي بابت سندس چڱو مطالعو هو. کيس هميشہ هن دنيا کان شڪايت رهندي هئي، تہ هن پنهنجي زندگي ملازمت ۾ گذاري آهي. پر مٿانهين طبقي کان کيس ڪابہ شاباس نہ ملي آهي، اُنلو سندس دشمن آهن. مايوس گهڙين ۾ هُو، بہ دڙڪو ڏئي وٺندو هو. تہ هُو پنهنجي ملازمت ڇڏي ڏيندو ۽ فوجداري مقدمن ۾ وڪيل ٿي ڪم ڪندو. اُميد جي خلاف ڪرامازوف مقدمي، منجهس گهڻي پريشاني پيدا ڪئي. "هي اُهو مقدمو آهي، جنهن تي سڄي رشيا ۾ ڳالهايو ويندو. جنهن جي مان ئي ابتدا ڪري رهيو آهيان."

نڪولائي پارفينووچ نيليودوف نوجوان جاچ ڪندڙ وڪيل، جو پيٽرسبرگ کان فقط بہ مهينا اڳ ۾ آيو هو. بئي ڪمري ۾ نوجوان عورتن سان وينو هو، ماڻهن پوءِ ڳالهہ تي ڪئي، تہ هيءَ هڪ عجيب اتفاق هو، جو هيءَ سيئي شريف انسان، ڏوهہ واري شام جو ڪاروباري حاڪم جي گهر اَچي گڏ تيا هئا. معلوم پئي ٿيو، تہ اِهو

سڀ ڄاڻي واڻي ڪيو ويو هو. پر هن ۾ سڀ سادگي هئي ۽ جو ڪجهه به ٿيو هو، سو سڀ قدرتي هو.

آبيوليٽ ڪيريلووچ جي زال ڏندن جي سور ۾ ڳنڍريل ٻن ڏينهن کان بيمار هئي، هُو مجبور هو، ته هُو سور وارين دانهن کان ٿوري وقت لاءِ پَري هليو وڃي. ڊاڪٽر پنهنجي طبعيت کان مجبور هو، هُو پنهنجي شام تاش راند ڪرڻ کانسواءِ گذاري نه ٿي سگهيو. نڪولا نليوڊوف، ٿورا ڏينهن اڳ ۾ ارادو ڪيو، ته مائيڪل ماڪرووچ جي گهر وڃي ۽ سندس وڏيءَ ڌيءَ اولگامائلوونا کي چيڙائي ۽ ڪيس ڇوي، ته هُو سندس مخفي رازن کان واقف آهي. مثلاً: هُو ڄاڻي ٿو، ته اڄ سندس ڄمڻ جو ڏينهن آهي ۽ پنهنجي ڄمڻ جي ڏينهن کي اِن لاءِ لڪايو اٿائين، ته پنهنجي گهر، پنهنجي دوستن کي رقص جي دعوت نه ڏي ۽ خواهه مخواهه چيڙائي، ته هُو سندس حقيقي عمر کي سڄي شهر ۾ مشهور ڪندو. مائيڪل ماڪرووچ جي ڌيئن هن کي 'شيطان' جو لقب ڏنو هو ۽ هُو هن لقب تي بيحد خوش هو. هيءَ ڳالهه ٻُڌائڻ ضروري آهي، ته نڪولا هڪ تربيت ورتل نوجوان هو ۽ هڪ شريف خاندان مان هو. سندس خيال نهايت پاڪ هئا. هُو خوش گذارڻ ۽ تفريح وارن سان هميشه گڏ گذارڻ جو متلاشي هو. هُو پاڪ هو ۽ دوستيءَ ۽ عفت کان پير هرگز ٻاهر نه ٿي ڪڍيائين. عضوا نئڍڙا ۽ جسم ڪمزور هيس. اُن ڪري وڏيون منڊيون سندس ننڍين آڱرين تي پئي ٿي چمڪيون. هُو پنهنجي ڪم ۾ ڏکيو ۽ سختگير هو. ڪيس هي خاص خدائي ڏات هئي، ته هُو خونن ۽ ڳوناڻن جي ڏوهن ۾، سوال جواب جي سلسلي ۾، حقيقت کي سمجهي وٺندو هو. هُن فقط پنهنجي عزت حاصل ڪري ورتي هئي، پر يقيناً هُو سندن حيرت کي وڌائڻ ۾ به ڪامياب هو.

پيوٽراليچ، جڏهن پوليس ڪپتان وٽ ويو، ته هو بلڪل خاموش هو. هن ڏٺو ته هُو سيئي ڄڻ اِنهيءَ معاملي کان واقف آهن ۽ تاش راند کي ختم ڪري ڇڏيو اٿائون. سڀ بينا هئا ۽ ڳالهيون ڪري رَهيا هئا. نڪولاءِ پارفينووچ به نوجوان عورتن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ بحث ۾ سرگرمي ڏيکارڻ لاءِ وڃي پهتو. پيوٽراليچ کي هي عجب ۾ وجهندڙ ڳالهه معلوم ٿي، ته سچ پچ پوڙهي فيودورپاولووچ، اُن شام جو سندس خون ڪيو ويو آهي ۽ ڦُريو ويو آهي. اِها خبر ڪين، هاڻي هاڻي ملي هئي.

مارفا اگناتووينيا، گريگري جي زال، اُن وقت به جڏهن هُو لوڙهي جي پرسان بيهوش پيو هو، پنهنجي بستري ۾ گهري ننڊ ۾ هئي ۽ اُن دوا جي بدولت، جنهن کي اُن ورتو هو، شايد صبح تائين به نه جاڳي ها. هُو سميرڊياڪوف جي خطرناڪ ۽ جنون ڀري رڙ کان جاڳي، جو ٻي ڪمري ۾ بيهوش پيو هو. اِها رڙ هميشه سندس

دوري کي ظاهر ڪندي هئي، مارفيا اُن ڪان ڏڄي ۽ پريشان ٿي ويندي هئي. هُو ڪڏهن بہ اُن جي عادي نہ ٿي سگهي هئي. هُوءَ ٽپو ڏيئي ۽ ننڊاکڙي حالت ۾ سميرڊياڪوف جي ڪمري ۾ هلي وئي. پر اُتي اوندهہ هئي ۽ هوءَ فقط بيمار جي تڪڙي ساهہ کڻڻ ۽ سندس ڪشمڪش کي ٻڌي رهي هئي. هن ڪان رڙ نڪري وئي. هُو مڙس کي سڏڻ لاءِ وئي ٿي، تہ اوچتو کيس ياد آيو، تہ جڏهن هوءَ اُٿي هئي، تہ سندس مڙس بستري تي نہ هو. هوءَ وري ڪٽ ڏي موٽي وئي. هٿوراڙيون ڏئي ڏسڻ لڳي. پر بسترو بلڪل خالي هو. تڏهن هن خيال ڪيو تہ هُو ضرور ٻاهر ويو آهي - پر ڪاڏي؟ هوءَ ڏاڪڻ ڏي وڌي ۽ خوف مان کيس سڏڻ لڳي. پر کيس ڪوبہ جواب نہ آيو. پر ٿورو پريرو کيس ڪنهن جي ڪُنجهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. آواز اوندهہ ۾ باغ ڪان اچي رهيو هو. هن ڌيان ڏيئي ٻڌو. ڪنجهڻ جو آواز وري آيو ۽ کيس هاڻي پڪ ٿي، تہ آواز باغ مان اچي رهيو آهي.

"خدايا! هيءُ آواز تہ چڻ لزاويٽيا سميرڊشڪوينيا جو نالو ۽ فرياد آهي. هوءَ ڏڄندي ڏاڪڻ ڪان هيٺ لٿي ۽ ڏٺائين، تہ باغ جو دروازو کُليل آهي. "منهنجو پيارو ضرور اتي آهي. ويچارو!" هن خيال ڪيو. هُو دروازي تائين هلي وئي ۽ اوچتو ٻڌائين تہ گريگري کيس مارفا، مارفيا ڪري سڏي رهيو آهي. سندس آواز ڪمزور ۽ خوفائتو آهي.

"خدايا! اسان کي مصيبتن ڪان بچاءِ!". مارفيا پٽڪندي، اُن آواز ڏي ڊوڙي. اهڙي ريت هن گريگريءَ کي ڳولي ورتو هو. هن کيس لوڙهي وٽ نہ ڏٺو هو، جتي هو ڪريو هو، پر ويهہ قدم پريرو هو. پوءِ ظاهر ٿيو هو، تہ هُو چُرندو ۽ رڙهندو اُتي پهتو هو. کيس هوش ۾ اچڻ لاءِ گهڻو وقت لڳو هوندو. مٿس بيهوشي وري وري طاري ٿيندي ٿي رهي. هن هڪدم ڏٺو، تہ هُو سڄو رَت سان ڀَريو پيو آهي. هُن پنهنجي آواز کي پري تائين پهچائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ ڪجهہ چوڻ ٿي گهريائين.

"هن خون ڪيو آهي ..... سندس پيءُ خون ٿي ويو آهي .... بيوقوف رڙيون چو ٿي ڪرين ..... ڊوڙ ..... ڪنهن کي وٺي اَچ."

پر مارفيا رڙيون ڪندي رَهي. جڏهن ڏٺائين، تہ سندس آقا جي ڪمري جي دري کليل آهي ۽ جڏهن ڏٺائين تہ اندر روشني آهي. تڏهن هُوءَ اوڏانهين ڊوڙندي وئي ۽ فيودورپاولوچ کي سَڏ ڪرڻ لڳي. جڏهن کيس ڪوبہ آواز نہ آيو، تہ هُن دريءَ مان ليئو پائي ڏٺو. هن کي هڪ ڀوائتو منظر نظر آيو. سندس آقا سنئون سڌو، ٻنا ڪنهن چُرپُر جي زمين تي ليٽيو پيو آهي. سندس هلڪي رنگ جي قبا ۽ اڇي قميص، رت ۾ ٻُڏل آهن. ميڻ بتي وڏي روشنيءَ سان ميز تي چمڪي رَهي هئي ۽ اُن جي چمڪ فيودورپاولووچ جي لٿل مُنهن تي صاف پئجي رَهي هئي. خوفزده مارفيا، دريءَ ڪان

ٿيندي، باغ کان ڊوڙندي ٻاهر نڪتي، وڏي دروازي جي ڪـَڙي کي لاٿائين ۽ نهايت تيزيءَ سان پنهنجي پاڙي واريءَ ماريا ڪانديئيوينيا وٽ وئي، جتي ماءُ ۽ ڌيءَ ٻئي آرام ۾ هيون. پر هُـو ٻئي مارفيا جي وڏيءَ دانهن ۽ دروازي جي ڏڪڻ تي سجاڳ ٿيون. مارفيا دانهون ڪندي ۽ روئندي، ڪين مکيہ ڳالهہ ٻڌائي ۽ ڪين مدد لاءِ التجا ڪئي. هيءُ هڪ اتفاق هو. جو فوما پنهنجي آوارا گرديءَ کان موٽي آئي هئي ۽ هن ماءُ ۽ ڌيءَ سان ان رات اَچي رَهي هئي. هُـو سيئي گڏجي اُٿيون ۽ واردات جي جاءِ ڏي هليون.

رستي ۾ مارفيا ڪانديئيوينيا، کي ياد آيو، تہ اٽڪل انين وڳي، هُـن باغ مان، هڪ خوفناڪ دانهن ايندي ٻُڌي هئي. اِها گريگري جي هئي. هُـن مـِتيا جي ٽنگ کي جهليندي، ’پدرڪشن‘ جو آواز وڏي رڙ سان ڪيو هو.

هُـن ٻين کي ٻڌايو، تہ ڪنهن ماٺهوءَ رڙ ڪئي هئي ۽ اُن کان پوءِ خاموشي ڇانئجي وئي. اُن جـاءِ ڏانهـن ڊوڙنـدي، جتـي گريـگري پيـو هو، جڏهن پهتيـون، تڏهن ٻنهي عورتن، فوما جي مدد سان ڪيس کڻي پنهنجي ڪمري ۾ پهچايو. هنن هڪ ميڻ بتي روشن ڪئي ۽ ڏٺائون تہ سميرڊياڪوف جي حالت تمام نازڪ هئي. سندس اکيون ٻگڙيل هيون، ڇڻ تہ ڪوبہ مان تارا نڪري رهيا هئا ۽ سندس زبان ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ گجي سندس وات کان ٻاهر نڪري رَهي هئي. هنن هڪدم پاڻيءَ سان گريگري جي نرڙ کي آلو ڪيو. پاڻي هڪدم متس اَثر ڪيو. هن هڪدم پڇيو تہ:

”ڇا آقا قتل ٿي ويو آهي؟“

اُن کان پوءِ فوما ۽ ٻئي عورتون، گهر ڏي ڊوڙيون، پر هن دفعي هنن ڏٺو، تہ نہ فقط دَري پر باغ وارو دروازو بہ کليل آهي. جيتوڻيڪ فيودورپاولووچ، گذريل هفتي کان، پاڻ اُن کي قلف ڏيندو هو ۽ ڪنهن کي بہ اُتان لنگهڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. خود گريگري کي بہ. کهڙي بہ حالت ۾ اُتان گذرڻ جي موڪل نہ هئي. دروازي کي کُليل ڏسي، ڪين فيودورپاولوچ ڏي ويندي خوف ٿيو، تہ متان پوءِ ڪا ٻي ڳالهہ نہ ٿجي پوي. جڏهن هُـو موٽي آيون، تہ هن ڪين چيو تہ اوهان سِڌو پوليس ڪپتانَ ڏي هليون وڃو. هُـو پيوٽراليچ کان ڪي ٿورا منٽ اڳ ۾ پهتيون هيون. مارفيا ڪيس سڄي حقيقت کان واقف ڪيو. اُن ڪري پيوٽر جي کهاڻي، قياس آرائيءَ ڪانسواءِ ڪا نظرئي واري شيءِ تہ نہ هئي، پر شاهد جي سنئين سڌي قبوليت هئي. هيءَ مجرم جي براهِ راست سجاڻپ هئي. (پر هن پنهنجي دل جي گهراين ۾ دمتريءَ کي هميشہ ڏوهي نہ ٿي سمجهيو.

اُن ڪري صلاح ڪئي وئي، تہ هن ڪم ۾ وڏي سرگرمي ورتي وڃي. ڊپٽي پوليس انسپيڪٽر کي حڪم ڏنو ويو، تہ چئن مشيرن کي ساڻ وٺي، فيودورپاولووچ

جي گهر ۾ وجي، جاچ جي ابتدا ڪن. اهو رواجي دستور هو ۽ مان اُن ۾ وڃڻ نه ٿو گهران. ضلعي جو ڊاڪٽر جيڪو چوٿيءَ وارن ڇاٽن مان هو. هن ڳالهه تي زور ڏنو. ته پوليس ڪپتان سان گڏ. پراسيڪيوٽر ۽ جاچ ڪندڙ وڪيل به هجن.

مان هتي مختصر طرح واضح ڪرڻ گهران ٿو. ته فيودورپاولوچ بلڪل مرده حالت ۾ لڌو ويو. سندس مغز جا هڏ ڀڳل هئا. پر اهي ڪنهن سان ڀڳا ويا هئا؟ گهڻو ڪري اُنهيءَ ساڳئي هٿيار سان، جنهن سان پوءِ گريگري تي حملو ڪيو ويو هو. جلد ئي، اُهو هٿيار ملي ويو. گريگري، جنهن کي جيتري قدر ٿي سگهيو ٿي، هڪدم لهي امداد پهچائي وئي ۽ هُو هفتي اندر منجهيل آواز ۾ ٻڌايو. ته ڪيئن ڪيس هيٺ ڪيرايو ويو هو. هنن فانوس ڪٽي لوڙهي جي وَٽ کي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ ڪين تامي جو ننڍڙو دستو ملي ويو. هُن باغ ۾ ظاهر ظهور رستي جي وچ تي پيل هو. جنهن ڪمري ۾ فيودورپاولوچ پيل هو، ڪابه گڙٻڙ نه هئي. پر بستري جي پرسان، پردي پويان، هنن فرش تان هڪ وڏو ٿلهو لفافو ڪنيو، جنهن تي لکيل هو:

"ٽن هزار روبلن جو تحفو. منهنجي ملائڪ غريب گروشينڪا لاءِ، جيڪڏهن هوءَ مون وٽ اَچڻ جو ارادو ڪري؟" اُن جي هيٺان هيءُ به لکيو ويو هو. "منهنجي ننڍڙي چوزي لاءِ."

اُن جي مٿان، ڳاڙهي رنگ جي لاکَ جون ٽي مهرون هيون. پر اُنهن کي ڀڳو ويو هو ۽ لفافي ۾ ڪجهه به نه هو. رقم منجهانئس ڪڍي وئي هئي. هنن زمين تان گلابي رنگ جي ڏوري جو هڪ ٽڪرو به هٿ ڪيو. جنهن سان لفافي کي ٻَڌو ويو هو.

پيوٽراليچ جي بيان جي هڪ ٽڪري، وڏو اَثر پيدا ڪيو. پراسيڪيوٽر ۽ تحقيقات ڪندڙ آفيسر نهايت متاثر ٿيا. اها هيءَ حقيقت هئي، ته دمتري فيودورپاولووچ، صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيندو. جاڪاڻ ته هُن اِهو فيصلو ڪيو هو ۽ پيوٽر کي ٻڌايو به هئائين. هن هيءُ به ٻڌايو، ته هن پستول کي سندس سامهون گولين سان ڀريو هو، هڪ تحرير لکي پنهنجي کيسي ۾ رکيائين، وغيره وغيره. جڏهن پيوٽراليچ (جنهن کي اَڃا به دمتري جي ڏوهه ثابت ٿيڻ ۾ ڪيس شڪ هو) ڪيس ڌمڪايو، ته هُو ڪنهن کي ضرور ٻڌائيندو، ته توکي خودڪشي کان روڪي، تڏهن مٽيا. ڪيس ڏند ڪرٽيندي چيو هو. ته "اهو نهايت دير سان هوندو". اُن ڪري ڪين ماڪرو وڃڻ لاءِ جلدي ڪرڻ کپي، ته جيئن هُو پاڻ کي گولي هڻڻ کان اڳ ۾ هٽ اَچي.

"اهو صاف آهي، اهو صاف آهي." پراسيڪيوٽر وڏي جوش مان چيو "اِهي ڀاڳل ماڻهو اهڙوئي رستو اختيار ڪندا آهن. ته مان سڀاڻي پاڻ کي ماري ڇڏيندس، اُن ڪري لازمي آهي. ته ڪو دم خوش گذاريان!"

هن ڪهاڻيءَ، ته هُن ڪهڙي ريت، شراب ۽ سيڏي کي خريد ڪيو هو، پراسيڪيوٽر کي ايترو ته جوش ڏياريو، جو اڳي ڪڏهن به ڪيس نه آيو هو.

”توکي، اُهو ماڻهو ياد آهي، جنهن هڪ واپاري اولسيووف کي قتل ڪيو هو. هن پندرهن سَوَ روبل چوري ڪيا هئا. هڪدم وارن کي وڪڙ ڏيارڻ ۽ نهرائڻ لاءِ ويو هو. اُن ڪانپوءِ رقم کي لڪائڻ جي بجاءِ ساڳي ريت، هُو ڇوڪرين ڏي هليو ويو هو.“

جاچ ڪري سيني کي دير ٿي وئي. فيودور جي گهر ۾ ڪجهه ڳولا ڪرڻي هئي ۽ ڪجهه ٻين قانوني ڳالهين کي بہ ڏسڻو هو. جيئن تہ هن ۾ وقت لڳڻو هو، اُن ڪري هنن پنهنجي سنبت ڪان بہ ڪلاڪ اڳ، ماڪرو ڏانهن ڳوناٽي پوليس جو هڪ آفيسر ملوريڪي ماوريڪيوچ شهرسوف کي موڪلي ڏنو، جو هڪ ڏينهن اڳ شهر ۾ پگهار وٺڻ لاءِ آيو هو. ڪيس هدايت ڪئي وئي هئي، تہ هرويرو اُتي وڃي، ڪنهن خوف کي نہ جاڳائي، پر فقط ’مجرم‘ تي ڪَڙي نظر رکي، جيستائين، حاڪم پهچي وڃن. سندس گرفتاريءَ لاءِ، پوليس جي سپاهين ۽ شاهدن جو بندوبست رکي. ماوريڪي کي جيئن چيو ويو هو. هن اِيئن ئي ڪيو. هن پاڻ کي پوري ريت مخفي رکيو. فقط تريفان بوريسووچ کي، جنهن سان سندس واقفيت گهڻي وقت کان هئي، پنهنجي اَچڻ جي مقصد کي ٻڌايو. هيءُ اُهو وقت هو، جڏهن مِتيا سان سراءِ جو مالڪ بالاخاني تي مليو هو ۽ هن سندس تبديل ٿيل حالت کي اونداهيءَ ۾ بہ سمجهي ورتو هو. جو تہ تريفان جي چهري ۽ آواز ۾ گهڻي تبديلي ٿي ڏني. اُن ڪري نہ مِتيا نہ ڪنهن ٻي کي خبر پئي، تہ هن جي نگراني ڪئي وڃي ٿي. پستول جي پيتي تريفان ڪڍي ورتي هئي ۽ مناسب جاءِ تي لڪائي ڪري ڇڏي هئائين. ڇئين ٻجي کان پوءِ، اِيئن ڪڍي ڇڏي، تہ سج اُڀرڻ کان ٿورو وقت اڳ ۾، سڀئي آفيسر، پوليس ڪپتان، پراسيڪيوٽر ۽ جاچ ڪندڙ وڪيل، ٻن گاڏين ۾ چڙهي روانا ٿيا. جن کي ٽي گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. ڊاڪٽر اُتي رهجي پيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس صبح سان فيودورپاولوچ جو پوسٽ مارٽم (چيرڦاڙ) ڪرڻو هو. پر هُو خاص طرح، ملازم سميرڊياڪوف جي بيماريءَ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي رهيو هو. هن وڏي تعجب ۽ شوق مان پنهنجي ساٿين کي چيو ٿي، تہ ”هي سخت ۽ ڊگها دورا، جي عجيب معلوم ٿين ٿا، اهي سائنس جي لحاظ کان، ڪافي دلچسپيءَ وارا آهن.“ جيئن هنن ڪانئس موڪلايو، ڪلندي ڪيس مبارڪ ڏني، تہ اهڙي قسم جو مريض ڪيس هٿ آيو آهي. ڪين پوري ريت ياد هو، تہ ڊاڪٽر چيو ٿي، تہ سميرڊياڪوف رات مشڪل سان جيئرو رَهي سگهندو.

هن طوفاني ۽ ڊگهي وضاحت ڪانپوءِ، اَسان ڳالهہ جي اُن وقت ڏانهن موٽون ٿا، جتي اُن کي ڇڏيو هيوسون.

باب ٽيون

# هڪ روح جا تاثر: پهريون دردِ دل

دمتري، پهريائين تہ سخت ششدر تي ويو ۽ حيرانيءَ مان پئي چوڌاري نهاريائين، تہ ڏسي تہ هُو ڪيس وڏيڪ چا ٿا چون؟ اوچتو ٻيهي رهيو ۽ ٻئي هٿ آسان ڏي کڻي چيائين تہ: ۰

"مان بيگناهہ آهيان. مان هن رت هارڻ جو ڏوهاري نہ آهيان. مان پنهنجي پيءُ کي خون نہ ڪيو آهي ..... مان ڪيس ملڻ گهريو ٿي، پر مان اُن کي مارڻ جو گنهگار نہ آهيان. ها، مان نہ آهيان."

اَجا هن مشڪل سان پنهنجي لفظن کي پورو ڪيو هو، تہ گروشينڪا پرَدي جي پويان ڊوڙندي آئي ۽ پاڻ کي پوليس ڪپتان جي پيرن تي اُڇلائي ڇڏيائين.

هُن دل پــچائيندڙ آواز ۾، ڳوڙها وَهائيندي، هٿ ٻــڌي، ڪين چيو تہ، "اها منهنجي غلطي آهي، منهنجي! منهنجي بڇڙائي. هن هيءُ سيڪجهہ منهنجي ئي ذريعي ڪيو آهي. مان ڪيس عذاب ڏنئي. اِنهيءَ پاسي ڏي تڙي ڇڏيو هو. مان اُن غريب پوڙهي کي بہ عذاب ڏنا، جو هاڻي مري ويو آهي. اها منهنجي بڇڙائي هئي، جو مان ڪيس اِن حالت تي پهچايو! اِها منهنجي غلطي آهي، پهريائين منهنجي ۽ نهايت بدترين غلطي!"

"هائو، اِها تنهنجي غلطي هئي. تون مُک ڏوهاري آهين. تون خطرناڪ، بدپيشہ آهين ۽ تنهنجي مٿان ئي اِهو الزام آهي." پوليس ڪپتان وڏي آواز ۾، ڪيس هٿ سان دبائيندي چيو.

پر اُن کي روڪيو ويو ۽ خاموش ڪيو ويو. پراسيڪيوٽر، سندس هٿ کي ورتو ۽ چيائين، تہ هيءَ مهل نہ آهي. اوهان تہ تحقيقات کي خراب ٿا ڪريو ...... توهان تہ مقدمي ۾ خلل ٿا پيدا ڪريو.

نڪولاءِ پارفينوويچ، خوف ۽ جوش مان رڙ ڪري چيو، تہ "دستور موجب ڪم ڪي اُڪلايو، جيئن هميشہ ڪيو ويندو آهي. ٻي حالت ۾ معاملو مشڪل تي پوندو."

گروشينڪا نهايت بي چينيءَ ۾ ڪيس دانهن ڪري چيو، تہ "اَسان ٻنهي کي گڏجي سزا ڏيو. جيڪڏهن، هن کي ڦاهيءَ تي وڃڻو هوندو، تہ مان بہ هن سان گڏجي وينديس." هوءَ اَجا بہ گوڏن ڀر هئي.

"گروشينڪا منهنجي زندگي، منهنجو خون ۽ مون لاءِ مقدس شيءِ!" مــتيا بہ اُن جي پرسان، نڪولاءِ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ گروشينڪا کي پنهنجي آغوش ۾

مضبوطيءَ سان جهلي ورتائين. زورسان چوڻ لڳو تہ ”هيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڏوهاري نہ آهي. ڪنهن بہ رتوڇاڻ جي يا ڪنهن بہ شيءِ جي.“

ڪيس پوءِ ياد ئي آيو، تہ ڪيس ڪيترن ئي ماڻهن، زور سان گروشينڪا کان جدا ڪيو هو ۽ اُن کي اُتان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. هو جڏهن هوش ۾ آيو، تہ پاڻ کي ڏٺائين، تہ هُو ميز جي سامهون وينو آهي. پنهنجي پرسان ۽ پويان ڪيترن ماڻهن کي بيٺل ڏٺائين ۽ جن کي هٿن ۾ فولادي زنجيرون هيون. ميز جي ٻي پاسي نڪولاءِ پارفينوويچ، جاچ ڪندڙ وڪيل وينو هو. هُو مٿس زور آڻي رهيو هو، تہ هو ميز تي رکيل گلاس مان پاڻي کي پيئي.

”هي توکي تازگي ڏيندو ۽ آرام. ڪوبہ خوف نہ ڪر.“ هُن بيحد مروت سان ڪيس چيو. متيا (جيئن هُن پوءِ ٻُڌايو ٿي) اوچتو سندس هٿ ۾ پيل مُنڊين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. جن مان هڪ ۾ ياقوت جي ٽڪ هئي ۽ ٻيءِ ۾ هڪ زرد قيمتي پٿر. بنهي ۾ عجيب چمڪ هئي. گهڻي وقت کانپوءِ، ڪيس عجب مان ياد آيو ٿي، تہ انهن ٻن منڊين، ڪهڙيءَ ريت، انهي خطرناڪ جاچ جي وقت ۾، سندس ڌيان کي پاڻ ڏي ڇڪي ورتو هو. انهن جو مٿس ايڏو تہ اُثر هو، جو هُو اُنهن مان پنهنجون اکيون نہ ڪڍي سگهيو ۽ سمورو وقت اُنهن ۾ اٽڪيو رَهيو. ڳالهہ سندس منهن تي نہ ٿي پيئي. متيا جي کاٻي پاسي ئي، اُن ساڳي جاءِ تي، جتي اڳ مڪزيموف وينو هو، هاڻي پراسيڪيوٽر وينو هو. سندس ساڄي طرف، جتي گروشينڪا وينِي هئي، هاڻي هڪ گلابي ڳلن وارو نينگر وينو هو، جنهن کي پراڻو شڪاري لباس پيل هو ۽ سندس اڳيان مس ۽ قلم رکيو هو. هيءَ جاچ ڪندڙ وڪيل جو منشي هو، جنهن کي هُن پاڻ سان آندو هو. پوليس ڪپتان هاڻي ڪمري جي پوئين دريءَ وٽ بيٺو هو ۽ سندس پرسان ڪلنگوف وينو هو.

جاچ ڪندڙ وڪيل، ڪيس نرمائيءَ سان چيو تہ ”ڪجهہ پاڻي پيءُ.“ هيءُ ڪيس ڏهون ڀيرو هو، جو هن کي پاڻيءَ پيئڻ جي دعوت ڏئي رهيو هو.

”مان پاڻي پيتو آهي عزيز، ..... ها، مان پيتو آهي ...... پر ..... اڄ جناب مون کي سزا ڏي ۽ مهٽي ڇڏ .... منهنجي قسمت جو فيصلو ڪر!“ متيا واڪو ڪري چيو، تہ سندس اکيون خوفناڪ طرح سان ڪليل هيون ۽ هُو جاچ ڪندڙ وڪيل کي چِتائي ڏسي رهيو هو.

”ها تہ ڏهن تون پڪ سان ظاهر ٿو ڪرين، تہ تون پنهنجي پيءُ جو قاتل نہ آهين؟“ جاچ ڪندڙ وڪيل، زور ڏيندي، نرمائيءَ سان ڪانئس پڇيو.

”مان ڏوهي نہ آهيان، پر مان هڪ ٻئي پوڙهي ماڻهوءَ جي خون جو ذميوار آهيان، پنهنجي پيءُ جو نہ آهيان. جنهن لاءِ مان ڳوڙها ٿو ڳاڙيان! مان اُن کي ماريو

آهي. مان اُن کي ماريو آهي ۽ اُن کي زمين تي  ڪيرايو آهي، پر مان ٻئي خون جي بابت ڪجهه بہ ٻڌائي نہ ٿو سگهان. اهو هڪ خوفناڪ قتل آهي، جنهن جو مان گنهگار نہ آهيان، پر ڪنهن منهنجي پيءُ کي ماريو؟ جيڪڏهن مان، نہ تہ ٻيو ڪير هن کي ماري سگهي ٿو؟ هيءَ عجيب، غير معمولي ۽ اڻ ٿيڻي حقيقت آهي."

"هائو، هن کي ڪير ماريندو؟" جاچ ڪندڙ وڪيل، پنهنجي جواب کي شروع ڪيو، پر پراسيڪيوٽر اپولٽ ڪيريلووچ، ڪيس نهاريندي مِتيا کي چيو تہ:

"توکي پوڙهي ملازم گريگري ويسيلوويچ بابت انتظار ڪرڻ نہ کپي. هُو جيئرو آهي ۽ هوش ۾ آهي. باوجود ڪيس سخت ڌڪ لڳو هو، جيئن هن پنهنجي زباني ڏني  آهي ۽ تون بہ ايئن ٿو، چوين، هُو موت کان بچي ويو آهي ۽ جيئرو رهندو. ڊاڪٽر جي اِها راءِ آهي."

"جيئرو! هُو جيئرو آهي." مِتيا هٿن کي مهٽيندي زور سان چيو. سندس چهرو چمڪڻ لڳو. خدايا! مان سندءِ هن اعجاز لاءِ شڪرانو اَدا ڪريان ٿو، جو تو مون جهڙي بدسيرت ۽ گنهگار کي نوازيو آهي. هيءُ منهنجي دعا جو اَثر آهي،  مان سڄي رات دعائون گهرندو رهيو هوس. هن پوءِ پنهنجي مٿان صليب جون ٽي پيرا نشانيون ڪڍيون. هُو سچ پچ خوشيءَ کان ساهہ نہ ٽي ڪٽي سگهيو.

"ها، تہ اِنهيءَ  گريگري کان، اَسان کي تنهنجي بابت ضروري ثابتيون مليون آهن، تہ تون ......" پراسيڪيوٽر اَجايہ سلسلي  سان ڳالهائي ها، پر مِتيا اوچتو، ڪرسيءَ تان ٽپو ڏيئي اُٿيو.

"خدا جي واسطي هڪ منٽ شريف انسان! فقط هڪ منٽ،  مان هن تائين وڃڻ گهران ٿو."

"هن وقت مون کي معاف ڪر، ايئن ٿي نہ سگهندو." نڪولاءِ پارفينووچ، چڻ تہ رڙ ڪرڻ چاهي. هُو پڻ ٽپو ڏيئي اُٿي بيٺو. مِتيا  کي اُن ماڻهوءَ جهلي ورتو، جنهن کي هٿڪڙيون لڳل هيون، پر هو، پنهنجو پاڻ ويهي رهيو ......

"شريف انسان! ڪيڏي نہ افسوسناڪ ڳالهہ آهي. مان تہ هن کي فقط هڪ منٽ ڏسڻ ٿي گهريو، مان ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو، تہ اُهو سڀ رَتُ ڌوپي ويو ۽ گم ٿي ويو، جو سڄيءَ رات منهنجي دل تي بار هو. مان هاڻي خوني نہ آهيان!  شريف انسان، هوءَ منهنجي مڱيندي آهي." هن سيني ڏي  چوڌاري نهاريندي متانت ۾ عزت سان چيو.

"مان تنهنجو بيحد شڪرگذار  آهيان شريف انسان! تو، هڪ منٽ ۾ مون کي نئين زندگي ڏئي ڇڏي آهي ..... اِهو پوڙهو انسان، مون کي پاڪر ۾ ڪٽي گهمائيندو هو. مان جڏهن ٽن ورهين جو ننڍڙو ٻار هوس، تڏهن هُو ٽب ۾ مون کي وهنجاريندو هو. هيءُ مون کي پنهنجي پيءُ وانگر هو."

”اُنڪري تون ......“ جاچ ڪندڙ وڪيل ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”شريف انسان! مون کي هڪ منٽ وڌيڪ مهلت ڏي.“ مِتيا ڪيس وچ ۾ روڪيندي چيو. هن پنهنجي ٻئي هٿن سان منهن کي ڍڪي ڇڏيو. ”شريف انسان! مون کي هڪ گهڙي خيال ڪرڻ ڏئي ۽ چڱيءَ ريت ساهه کڻڻ ڏئي. هيءُ سڀ ڪجهه جو تي رهيو آهي، نهايت پريشان ڪندڙ آهي. شريف انسان! ماٺهو دهل ته ڪين آهي!“

”ٿورو پاڻي وڌيڪ پيءُ.“ نڪولاءِ پارفينوويچ، ڪيس آهستي چيو. مِتيا، پنهنجي چهري تان هٿ کڻي ورتا ۽ ٿورو مُرڪيو. سندس اکين مان اطمينان ظاهر ٿيڻ لڳو. هُو چڻ، ته هڪ گهڙيءَ ۾ بلڪل بدلجي چُڪو هو. سندس سڄو انتظار ختم ٿي ويو هو. هيءُ هاڻي بيهر، انهن ماڻهن جهڙو ٿي هو، هنن سان سندس واقفيت به هئي. هُو هڪ ڏينهن اڳ ۾، جڏهن ڪجهه به نه ٿيو هو، ساڻن هڪ مقامي مجلس ۾ گڏ هو. هيءَ حقيقت ٻڌائيندي، اَسان کي ياد رکڻ کپي، ته پوليس ڪپتان جي ڀيريائين اَچڻ تي، هن دل کولي سندس مرحبا ڪئي هئي، پر پوءِ آخري مهيني جي وچ ۾ خاص طرح مِتيا کي ڪڏهن به نه سڏيو هئائين، پر جڏهن هُو ٻئي اتفاقاً گهٽيءَ ۾ ملي ٿي ويا، ته مِتيا ڪيس منهن ۾ گهنج وجهندي ٿي ڏٺو ۽ هن فقط ظاهرداريءَ جي لياقت جي مدنظر سلام ٿي ڪيو. سندس پراسيڪيوٽر سان واقفيت ايتري گهَري نه هئي. جيتوڻيڪ هيءُ سندس زال، سان جا هڪ مزيدار ۽ ڪمزور فطرت جي مالڪه هئي، مروت جي باعث ملاقاتون ڪندو هو، پر ڪيس اِها خبر نه پوندي هئي، ته اِيئن ڇو ڪَري رهيو آهي. هوءَ ساڻس هميشه وڏيءَ حُب مان ملندي هئي. معلوم ٿو ٿئي، ته هوءَ ڪنهن سبب جي ڪري، آخر تائين، هن ۾ دلچسپي وٺندي رَهي. وٽس جاچ ڪندڙ وڪيل جي ملڻ لاءِ ڪو وقت ڪونه هو، جيتوڻيڪ هُو، ساڻس ٻه دفعا اڳ ۾ ملي چُڪو هو، ۽ پاڻ ۾ عورتن جي باري ۾ گفتگو به ڪئي هئائون.

مِتيا مُرڪندي ڪيس چيو، ته ”تون نهايت شائسته وڪيل آهين، نڪولاءِ پارفينوويچ! مان هاڻي تنهنجي مدد ڪندس. شريف انسان! مان هاڻي پاڻ کي بلڪل نئون انسان ٿو سمجهان. مان توکي جيڪو سادگيءَ ۽ سڌيءَ طرح سان خطاب ڪري رهيو آهيان، اُن تي ناراض به نه ٿجانءِ. مان شراب به پيتو آهي ۽ اِها ڳالهه مان توسان بلڪل صاف طرح ڪري رهيو آهيان. نڪولاءِ پارفينووچ، مان سمجهان ٿو، ته پنهنجي عزيز ميوسوف وٽ، مان اوهان سان مليو آهيان. شريف انسان! شريف انسان! تون اِيئن نه ڄاڻ ته مان ڪو توسان برابريءَ جو ڍونگ ڏيکاري رَهيو آهيان. مان چڱيءَ ريت سمجهان ٿو، ته ڪهڙي سلسلي ۾ مان تو وٽ ويٺو آهيان. بيشڪ منهنجي لاءِ

خطرناڪ شڪ موجود آهي .... جو مون کي تڪليف ڏيئي رهيو آهي .... جڏهن گريگري اهڙي ثابتي ڏيئي ڇڪو آهي .... نهايت خطرناڪ گناهہ. مان سمجهان ٿو، اُهو نهايت ڀوائتو آهي، ڀوائتو. پر شريف انسانو! مان چاهيان ٿو، تہ هن سڄي معاملي کي اسان گهڙيءَ ۾ پورو ڪري ڇڏيون. شريف انسانو! ڏيان ڏيئي ٻڌو، مان ڄاڻان ٿو، تہ مان معصوم آهيان. اُن ڪري اسان کي هن معاملي کي هڪ گهڙيءَ ۾ پورو ڪرڻ گهرجي. ڇا اسان ايئن نہ ٿا ڪري سگهون؟"

مِتيا، گهڻو تڪڙو، ٻي ڇينيءَ پريو ۽ منجهيل ڳالهائيندو ويو. ايئن معلوم پئي ٿيو، تہ هُو ڄڻ ٻڌندڙن کي پنهنجو بهترين دوست، تصور ڪري رهيو هو.

"سو هاڻي، اسان لکنداسون، تہ تون اُن تهمت کان قطعي انڪاري آهين، جا تو تي مڙهي وئي آهي." نڪولائي پارفينووچ، ڪانئس اٿر ونندي چيو. هُو تنهنجي سيڪريٽريءَ ڏي جهڪيو ۽ کيس آهستگيءَ سان لکڻ لاءِ، چوڻ لڳو:

انهيءَ کان اڳي، جو هُو سيڪريٽري کي ڪجهہ لکائي، مِتيا اُن کي چيو، تہ "لک ۽ ڇا لکندين؟ چڱو لک، مان قبول ٿو ڪريان ۽ عزيز دوست مان پوري قبوليت ٿو ڏيان، فقط هيءَ تہ ...... ترس، ترس، پر هيءُ لک تہ مان پنهنجي بيهودگيءَ جي ڪري، مان هڪ پوڙهي جي مٿان مصيبت آڻڻ جو ڏوهاري آهيان. اُجا بہ وڌيڪ منهنجي دل جي گهرائين ۾ ٻي ڳالهہ بہ آهي، جنهن جو بہ مان گنهگار آهيان، پر هن حقيقت جي لکڻ جي ضرورت نہ آهي، (هو، هڪدم سيڪريٽريءَ ڏانهن ڦريو.) اها منهنجي ذاتي زندگي آهي، شريف انسان! انهيءَ سان تنهنجو ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي. ايئن ڪٿي چوان، تہ منهنجي دل جي گهرائين سان تنهنجو ڪهڙو واسطو ..... پر مان پنهنجي پيءُ جي خون جو ڏوهي نہ آهيان. اهو وحشياڻو خيال آهي. يقيناً اهو وحشياڻو خيال آهي ..... مان اُن کي ثابت ڪندس ۽ تون اُن کان ضرور متاثر ٿيندين ..... شريف انسان! تون ڪلندين. تون پنهنجو پاڻ، پنهنجي مَشڪ تي ڪلندين ......"

"دمتري فيودورپاولووچ تحمل ڪر". جاچ ڪندڙ آفيسر کيس چيو. هُن چاهيو ٿي تہ مِتيا جي جوش کي جيتري قدر ٿي سگهي گهٽ ڪري. "انهيءَ کان اڳي جو اَسان پنهنجي جاچ کي وڌايون. مان چاهيان ٿو. تہ تون منهنجي سوال جي جواب ۾ اهو قول ڪندين. تہ تون پنهنجي پيءُ کي ناپسند ڪندو هئين ۽ ساڻس لاڳيتو جهڳڙن ۾ هئين. هن کان اَڌ ڪلاڪ اڳ ۾ تو هتي ئي چيو هو. تہ تون کيس قتل ڪرڻ گهريو ٿي، پر تو کيس نہ ماريو آهي."

ڇا مون ايئن چيو هو؟ شريف انسان! تہ پوءِ ايئن ئي آهي! مان پريشانيءَ ۽ ناخوشيءَ مان کيس مارڻ ٿي گهريو ..... ڪيترائي ڀيرا سان ايئن ڪرڻ ٿي گهريو ... ناخوشيءَ جي باعث، ناخوشيءَ جي باعث!

”تو ايئن ڪرڻ گهريو ٿي. تون هن قبوليت جو اقرار ڪندي، ڪولي ٻڌائيندين، تہ اُهي ڪهڙيون ناگوار حالتون هيون، جن توکي پنهنجي مائٽن جي خلاف ايتري نفرت جي حد تي پهچايو هو؟“

”شريف انسان! هن تفصيل بيان ڪرڻ مان فائدو.“ مِتيا پنهنجي ڪلهن کي پريشانيءَ کان سوڙهو ڪيو ۽ زمين ڏي نهارڻ لڳو. ”مان ڪڏهن بہ پنهنجي جذبات کي لڪائڻ نہ گهريو آهي. هيءَ ڳالهہ شهر ۾ هرڪو ڄاڻي ٿو. مان زوسيما جي حجري ۾ ٿورو وقت اڳ، هن حقيقت جو اعلان ڪري چُڪو هوس ...... ۽ ساڳي ڏينهن شام جو. مان پنهنجي پيءُ کي ماريو هو. مان ڪيس ذري گهٽ قتل ڪيو هو. مان قسم کڻي چوان ٿو. تہ مان ٻيهر بہ وٽس آيو هوس، تہ شاهدن جي سامهون، ڪيس قتل ڪريان ...... ها هزار شاهدن جي سامهون! مان گذريل مهيني کان وٺي، وڏي واڪي، اِهو آواز ڪيندو رهيو آهيان. هرڪو توکي اِها حقيقت ٻڌائيندو ........ حقيقت تنهنجي منهن ۾ حيرت کي آڻي وڌو آهي. اِها حالت پنهنجو پاڻ ڳالهائي ٿي، مگر شريف انسان، جذبات ڪا ٻي شيءِ آهي. شريف انسان! (مِتيا جي منهن ۾ گهنج پئجي ويا.) مان سمجهان ٿو، تہ منهنجي جذبات جي باري ۾ توکي سوال پڇڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي. مان ڄاڻان ٿو. تہ تون پنهنجي عهدي جو ذميدار آهين. پر هيءُ منهنجو پنهنجو، ذاتي ۽ قريبي معاملو آهي. پر ...... جيئن تہ مان اڳ بہ پنهنجي جذبات کي راز ٻڌائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، ...... مثال لاءِ هوٽل ۾. مان هيءَ ڳالهہ سيني سان ڪندو رهيو آهيان. اِهڙيءَ ريت. هاڻي بہ اُن کي راز ٻڌائڻ نہ ٿو گهران. شريف انسان! مان ڄاڻان ٿو. تہ هن معاملي ۾ پنهنجي خلاف نهايت خطرناڪ حقيقتون موجود آهن. مان سيني کي چئي ڇڏيو هو. تہ اُن کي ماريندس. هاڻي بلڪل اوچتو. هُو قتل ڪيو ويو آهي. اُن ڪري مان ئي سندس قاتل هوندس! ها، ها! شريف انسان! مان توکي هن ڳالهہ جي مڃڻ جي اجازت ڏيندس. مان هن بدناميءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهيان. جيڪڏهن مان نہ آهيان. تہ پَلا ٻيو ڪير اُن کي ماريندو؟ اِهوئي نتيجو ٿو نڪري، هائو نہ! واقعي جي مان نہ آهيان، تہ ٻيو ڪير هوندو؟ شريف انسان! مان اِهو ڄاڻڻ ٿو گهران ۽ اُن تي زور ٿو ڏيان.“ اِهي لفظ هُن زور ڏيئي چيا. ”ڪيس ڪٿي قتل ڪيو ويو آهي؟ ڪهڙيءَ ريت ڪيس ماريو ويو آهي؟ ڇا سان ڪيس ماريو ويو آهي؟ مون کي اهي سيئي حقيقتون ٻُڌايو.“ هُن جلديءَ مان پنهنجي وڪيلن ڏي نهاريندي، ڪين چيو.

”اسان ڪيس سندس مطالعي واري ڪمري ۾ ڏٺو. هُو زمين تي پٺيءَ پَر پيو هو. ۽ سندس مٿو ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هو.“ پراسيڪيوٽر ڪيس چيو.

نڪولائي پارفينووچ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ: ”اَسان کي پنهنجو سلسلو قائم رکڻ گهرجي.“

”اِهو نهايت خطرناڪ واقعو آهي،“ مِتيا ڏکي ويو. هن پنهنجي نونٺ ميز تي ٽِڪائي ۽ پنهنجي منهن کي سڄي هٿ ۾ جهليو.

نڪولائي ڪانئس پڇيو تہ: ”اُها ڪهڙي ڳالهہ هئي، جنهن توکي مجبور ڪيو، تہ تون ساڻس ايڏي نفرت رکين؟ تو عام ۾ بہ اُن جو اظهار ڪيو آهي. مون کي هاڻي يقين آهي، تہ هن جو بنياد ساڙ ئي هو.“

”هائو ساڙ. پر فقط ساڙ نہ.“

”پيسي جي بابت جهڳڙو؟“

”هائو پيسي جي بہ ڳالهہ هئي.“

”ٽي هزار روبل تي جهڳڙو هو، جنهن کي تو پنهنجي ورثي جو حق ٿي سمجهيو؟“

”ٽي هزار، اُنن کان گهٽو متي“ ڪاوڙ مان مِتيا جواب ڏنو. ”ڇهن هزارن کان بہ متي، شايد ڏهن هزارن کان بہ متي. جن جي لاءِ مان ماڻهن کي رڙيون ڪري ٻُڌائيندو هوس، پر پوءِ مون ٽن هزارن کي ڪافي سمجهيو. مون کي اِنهن ٽن هزارن جي بيحد گهرج هئي ...... مون کي سندس ٽن هزارن جي ٿَهي جي خبر هئي، جي هُو پنهنجي وهاڻي جي هيٺان، گروشينڪا کي ڏيڻ لاءِ هميشہ تيار رکندو هو. مان خيال ڪيو، تہ اِهي پيسا مان آسانيءَ سان چورائي سگهندس. هائو شريف انسانو! مان اِنهن پيسن کي پنهنجي ملڪيت ٿي سمجهيو ......“

پراسيڪيوٽر، جاچ ڪندڙ آفيسر ڏانهن وضاحت لاءِ ڏٺو، ۽ هن بيوقوفيءَ تي چاهيو تہ ڪيس اک جو اشارو ڪري.

وڪيل مستعدي ڏيکاريندي چيو تہ: ”اسان هن حقيقت ڏي پوءِ ايندا سون، پهريان تون اِجازت ڏي، تہ اسان هن حقيقت کي لکون، تہ تو اِنهن پيسن کي پنهنجي ملڪيت ٿي سمجهيو.“

”بيشڪ! اوهان اُن کي لکو. مان سمجهان ٿو، تہ اها بہ حقيقت آهي، جا منهنجي خلاف ٿيندي، پر مان حقيقتن کان خوف نہ ٿو کاوان ۽ مان پاڻ ئي پنهنجي خلاف اُنهن کي ٻڌايان ٿو. شريف انسانو! اوهان مون کي جيئن ڏسو ٿا، اُن کان ٻي طرح جو انسان ڪري سمجهو.“ هن اوچتو اُداسائيءَ ۽ پريشانيءَ مان چيو. ”اوهان کي هڪ عزت واري ماڻهوءَ سان معاملو پيو آهي. نهايت مٿانهين عزت وارو ماڻهو! سڀ کان متي - اُن کي نگاهہ کان ٻاهر نہ رکو. اُهو ماڻهو جنهن گهڻيون بيهوديون حرڪتون ڪيون آهن، پر جو پنهنجي دل جي گهرائين ۾، هميشہ ۽ اَجا بہ عزت وارو

آهي. مان هن حقيقت کي چڱيءَ طرح بيان ڪري نہ ٿو سگهان. اهائي ڳالهہ آهي، جنهن مون کي سڄي حياتي عذاب ۾ مبتلا ڪري رکيو آهي. مان هميشہ عزت جي لاءِ پئي آرزو ڪئي آهي. ڇو تہ مان عزت جي سمجهہ ۽ فڪر جو شهيد هوس. مان اُن کي هڪ فانوس سان ڳولهيندو ٿي رهيس، تشخيص جي فانوس سان، پر اُن هوندي بہ مان پنهنجي سڄي حياتي خراب ڪمن ۾، ٻين سيني وانگر وڃائيندو رهيس، شريف انسانو! ... مان هن راهہ ۾ اَڪيلو آهيان. اَڪيلو، اَڪيلو! ..... شريف انسانو! منهنجو مٿو سور ٿو ڪري." سندس رڳون واقعي ڦُندي ويون هيون. "شريف انسانو! مان سندس نگاهن کي برداشت ڪري نہ ٿي سگهيس. اُن ۾ اَٽپورو احساس، مستحده پن، سيني پاڪيزه شين جي خلاف، گستاخي ڀريل نفرت ۽ ايمان جي قلت، موجود هئي. مان اُن جي اِنهن شين کان نفرت ٿي ڪئي، پر هاڻي جيئن تہ هُو گذري چُڪو، مان ڪو بيو خيال ٿو ڪريان."

"تنهنجو، اِنهيءَ مان مطلب ڇا آهي؟"

"مون کي ڪنهن ٻي احساس جو قطعي خيال نہ آهي، پر مان سوچيان ٿو، تہ مون کي ساڻس ايتري نفرت نہ رکڻ کپندي هئي."

"تون پاڻ کي پشيمان ٿو سمجهين؟"

نہ - پشيمان نہ. مهرباني ڪري اهو نہ لکجو. مان پاڻ چڱو نہ آهيان. اُن ڪري مون کي ڪوبہ حق نہ ٿو پهچي، تہ مان اُن کي خراب سمجهان. اِهائي منهنجي مدعا آهي! اهو توهان ڀلي لکو. جيڪڏهن اوهان کي پسند اَچي!

اِيئن چوندي، مِتيا ماتم زده ٿِي ويو. جيئن جاچ مسلسل ٿيندي رَهي، هُو وڌ کان وڌ اُداس ٿِي ويو.

اُن گهڙيءَ اُميد جي خلاف، هڪ ٻيو منظر پيدا ٿي پيو. جيتوڻيڪ گروشينڪا کي اُتان ڪڍيو ويو هو، پر ڪيس پَري نہ نيو ويو هو. هوءَ نيري ڪمري جي بلڪل ڀَر واري ڪمري ۾ موجود هئي، جنهن ۾ آڏي پڇا هلي رَهي هئي. هيءُ ننڍو ڪمرو هو، جنهن ۾ هڪ دَري هئي، جنهن جي ڀريان وڏو ڪمرو هو، جنهن ۾ رقص ۽ دعوت جو بندوبست ڪيو ويو هو. هوءَ اُن ڪمري ۾ ويٺي هئي، پر وٽس فقط ميڪزيموف موجود هو. جنهن کي سخت رنج پهتو هو ۽ ڊنل هو. هو پنهنجي سلامتي لاءِ، ڇو تہ گروشينڪا کي چهٽي پيو هو. دروازي تي هڪ ڳوناٺو ڪنهن ڏاتوءَ جو ٽڪرو ڪنيو بيٺو هو. هوءَ روئي رَهي هئي، اوچتو سندس ڏک بيحد وڌي ويو. هُو ٽپو ڏئي اُٿي. هُن پنهنجي ٻانهن کي ڪشادو ڪيو. غم جي گهٽائي کان پارَ ڪڍندي، اُن جي ڪمري ۾ ڊوڙندي وئي. ايترو تہ هوءَ اوچتي ۽ اُميد جي خلاف پنهنجي مِتيا ڏي وئي،

جو ڪو بہ ڪيس روڪي نہ سگھيو. مِتيا سندس روئڻ کي بُڌي ڏڪي ويو ۽ ٽپو ڏئي اُٿيو. ڪيس ڪابہ خبر نہ پئي، تہ هُو ڇا ڪري رهيو هو؟ پر ڪين پاڻ ۾ گڏجڻ جي اجازت نہ ڏني وئي. مِتيا کي بانهن کان جهليو ويو. هُو پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڪشمڪش ۾ پئجي ويو. هاٽي ڪيس تَن چئن ماڻهن سوگھو جهليو. گروشينڪا کي پڻ جهلي ورتائون. مِتيا ڏٺو، تہ هُن هڪ بانهن ڏانهس وڌائي. هُن کي جيئن گهليندا ٿي ويا، هُن رڙيون ڪري ڪين روڪيو. جڏهن هيءُ منظر پورو ٿيو، تہ هُو وري پنهنجي هوش ۾ اچي ويو. اڳي وانگر هُو پنهنجي جاءِ تي وڃي ويهي رهيو. سندس سامهون جاچ ڪندڙ بہ وڪيل هئا، جن کي هُن روئندي چيو تہ:

”توهان کي هُن مان ڇا کپي؟ توهان ڪيس ڇو عذاب ڏئي رهيا آهيو؟ هُن تہ ڪجھ بہ نہ ڪيو آهي.“

وڪيل ڪوشش ڪرڻ لڳا، تہ ڪيس ٿڌو ڪن. اٽڪل ڏهہ منٽ اِنهيءَ حالت ۾ گذري ويا. آخر مائيڪل مائڪرووچ، جو سمورو وقت غير حاضر هو، اندر تڪڙو تڪڙو گهڙي آيو ۽ وڏي آواز ۽ جوش مان جاچ ڪندڙ عملدار کي چيائين تہ:

”هن کي عليحده ڪيو ويو آهي ۽ هوءَ هاٽي هيٺ آهي. شريف انسانو، مون کي اجازت ڏيو، تہ مان هن بدبخت انسان کي بہ لفظ چوان. مان هن سان اوهان جي موجودگيءَ ۾ ڳالهائڻ گهران ٿو.“

”بيشڪ مائيڪل مائڪرووچ،“ جاچ ڪندڙ وڪيل جواب ڏنو. ”موجوده حالت ۾ هن جي خلاف ڪجھ بہ چوڻو نہ آهي.“

”منهنجا عزيز دمتري فيودورياولووچ ڏيان ڏئي ٻڌ.“ پوليس ڪپتان ڳالهائڻ شروع ڪيو. وٽس اُن بدقسمت قيديءَ لاءِ پيءُ جهڙي گرم جوشي ٿي ڏٺي. ”مان پاڻ تنهنجي اگرافينا اليگزيندرووينا کي هيٺ وٺي ويو آهيان ۽ جاءِ جي مالڪ جي نياڻين کي چيو اٿم، تہ اهي سندس چڱيءَ ريت خبرگيري ڪن ۽ سمورو وقت پوڙهو ميڪزيموف ساڻس گڏ رهيو آهي. تون ٻڌين ٿو، مان ڪيس ٿڌو ڪيو آهي. مان ڪيس وضاحت سان ٻڌايو آهي، تہ توکي پنهنجيءَ حالت کي پاڻ صاف ڪرڻو آهي، اُن ڪري اُن ۾ اٽڪاءُ نہ ٻڌجي، ۽ نہ توکي غمگين بڻائي. جيڪڏهن تو غلط بيان ڏنو، تہ پنهنجو سر وڃائي ويهندين. حقيقتاً مان جو ڪجھ هُن سان ڳالهايو آهي، اُن کي هُن چڱيءَ ريت سمجهيو آهي. هوءَ سمجهہ واري ڇوڪري آهي ۽ نيڪدل. هن منهنجي پوڙهن هٿن کي چميو ۽ تنهنجي مدد لاءِ عرض ڪيو آهي. هُن مون کي توڏانهن موڪليو آهي، تہ اُن جي لاءِ تون ڪوبہ انتظار نہ ڪر. مان هاٽي وٽس ويندس ۽ ڪيس ٻڌائيندس، تہ تون بلڪل مطمئن آهين ۽ اُن جي لاءِ توکي ڪو بہ انتظار ڪرڻ

آهي. تون هن کي چڱيءَ ريت سمجهين ٿو. منهنجي روش هن سان ڪا چڱي نہ هئي، پر هُو عيسائي روح آهي، شريف انسان! هائو هوءَ هڪ شريف روح آهي ۽ مٿس ڪوبہ الزام اَچي نہ ٿو سگهي. ها! دمتري فيودوربپاولووچ جيئن مان هن کي چيو آهي، تون سانت ۾ ويهندين يا نہ؟"

نيڪ طبعيت ڪپتان، رواج جي خلاف ڪيس گهڻو ڪجهہ چيو. اهو انهيءَ ڪري هو. جو گروشينڪا جي مصيبت ۽ پاڻ جهڙي انسان جي تڪليف سندس نيڪ فطرت دل تي وڏو اَثر ڪيو هو، ۽ سندس اکيون ڳوڙهن سان پريل هيون. مِتيا ٽپو ڏيئي اُٿيو ۽ اُن ڏي ڊوڙي پيو.

"شريف انسان! مون کي معاف ڪر." هُن رڙ ڪري چيو. "مائيڪل ماڪرووچ تو وٽ هڪ ملائڪ جي دل آهي. مان اُن جي لاءِ تنهنجو شڪرانو اَدا ڪريان ٿو. مان مطمئن ۽ خوش رهندس. توهان پنهنجي مهربان روح جي گهرائي مان ڪيس چئو، تہ مان نهايت خوش آهيان. هڪ منٽ جي اندر مان ڪلهہ شروع ڪري ڏيندس، جو تہ مون کي هاڻي خبر آهي، تہ تو جهڙو ملائڪ اُن جو سنڀاليندڙ آهي. مان هاڻي سڄئون سڄو ڪاروائي کي منهن ڏيندس ۽ جيئن ئي آزاد ٿيندس، تہ اُن ڏي هليو ويندس. مان ساڻس گڏ هوندس. ڪيس منهنجي لاءِ ترسڻ کپي." هن پوءِ ٻن وڪيلن ڏي منهن ڪري چيو، تہ "هاڻي مان پنهنجي سڄي روح کي کولي، اوهان ڏي متوجهہ ٿيندس. مان سيئي ڳالهيون بيان ڪندس ۽ وڏيءَ خوشي سان اُنهن کي پورو ڪندس. اَسين آخر ۾ اِنهن ڳالهين تي کلنداسون. ڪيئن، اِيئن نہ؟ پر شريف انسانو! هوءَ عورت منهنجي دل جي راڻي آهي. اِهو بہ مان اوهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان. هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ اوهان کي ٻڌايان ٿو، تہ مان عزت وارن ماڻهن سان پاڻ کي گڏ ٿو ڏسان. هوءَ منهنجي لاءِ روشني آهي ۽ مقدس آهي. جيڪر اوهان اُن کي ڄاڻو! اوهان سندس دانهن کي ٻُڌو، هُوءَ چئي رَهي هئي، تہ مان توسان گڏ موت لاءِ بہ تيار آهيان؟ مون وٽ ڇا آهي، هڪ پيسي ڪان سواءِ فقير آهيان. اُن لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ايڏي محبت ڇو؟ مون جهڙو جنوني، بڇڙو ۽ وحشي ۽ بدصورت اِهڙي محبت جي لاءِ ڪيئن لائق ٿي سگهي ٿو. ايتري قدر جو هُو مون سان ملڪ بدر ٿيڻ لاءِ بہ تيار آهي؟ ڪيئن نہ هوءَ منهنجي لاءِ اوهان جي قدمن ۾ ڪري پئي هئي؟ اِجهو هاڻي! ...... اُن هوندي بہ هُو مجبور آهي ۽ هُن ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي! مان ڪيئن نہ اُن کي سنوارڻ ۾ مدد ڪريان ۽ ڪيئن نہ روئي اُن ڏي ڊوڙان. اوهان اِهو سيڪجهہ هاڻي ڏٺو آهي. شريف انسانو، مون کي معاف ڪريو! پر هاڻي، هاڻي مان بلڪل مطمئن آهيان.

هـو ڪرسيءَ جي پٺ ڏي وري ليٽي پيو ۽ ٻنهي هٿن سان منهن کي ڍَڪي، ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو، پر اِهي خوشيءَ جا لُڙڪ هئا. هُـن انهيءَ وقت ۾ پاڻ کي سنيالي ورتو هو. پوڙهو پوليس ڪپتان، نهايت خوش ٿـي ڏنو ۽ اُن سان گڏ وڪيل بـہ. هنن محسوس ڪيو، تہ امتحان هاڻي نئين صورت اختيار ڪري رهيو آهي. جڏهن پوليس ڪپتان ٻاهر نڪري ويو، تہ مِـتيا بلڪل خوش هو.

”شريف انسانو، مان هاڻي اوهان جي حڪم جي تعميل لاءِ تيار آهيان ۽ سچوئي اوهان جي هٿن ۾ آهيان. جيڪڏهن هي ٻي لطف تفصيل اوهان سيني جي اڳيان نہ هجي ها، تہ شريف انسانو، مان اوهان جي حڪم جي تعميل لاءِ حاضر آهيان. پـر مان هيءُ ظاهر ڪرڻ گهران ٿو، تہ اسان کي پاڻ ۾ هڪٻئي تي ويساهہ رکڻ گهرجي. اوهان کي مون ۾، ۽ مون کي اوهان ۾. جيڪڏهن اِيئن نہ ٿيو، تہ اِها ٻي نتيجي شيءِ ٿـي پوندي ۽ اُها پڇاڻيءَ تائين پهچي نہ سگهندي. مان اوهان جي فائدي جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. شريف انسانو، اوهان پنهنجو ڪم ڪريو ۽ منهنجي روح کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اوهان دڙڪن سان مون کي نـہ هيسايو، پر فقط حقيقت جي مون کان پڇا ڪريو، تہ حالتون ڇا آهن؟ مـان هڪدم اوهان کي مطمئن ڪندس. وڌيڪ تفصيل کي ڪڏ ۾ وجهو!“

مِـتيا اِيئن ڳالهائيندو رَهيو ۽ سوال جواب وري شروع ٿيا.

باب چوٿون

# ٻي سخت آزمائش

”تون نہ ٿو ڄاڻين دمتري فيودورياولووچ، تنهنجي جواب ڏيڻ جي جلد. ڪيڏي نہ آسان ڪي همت ٿي ڏياري.“ نڪولائي پارفينووچ، وڏي هيج ۽ مڪمل تسليءَ سان ڪيس چيو. جا سندس متانهين ۽ گهڻ نظر وارين پورين اکين ۾ چمڪي رهي هئي. جن تان ٿورو اڳ هن پنهنجي عينڪ لاهي ورتي هئي. ”تو هاڻي هڪٻئي ۾ اعتبار رکڻ جي، جا راءِ ڏني آهي، اُن کان سواءِ، اِهڙي ضروري معاملي ۾ هي بلڪل ڏکيو ٿيندو، جو اُن جي تہہ تائين پهچي سگهجي. اهڙيءَ حالت ۾ ٻي ڌر پنهنجي بچاءَ کي چڱيءَ ريت پيش ڪري سگهندي ۽ اُن جي خواهش ۽ اُميد پوري ٿي سگهندي. اسان پنهنجي طرفان جو ڪجهہ آسان جي طاقت ۾ آهي، تون ڏسين ٿو، تہ ڪهڙي ريت مقدمي جي پيروي ڪري رهيا آهيون. ائپولٽ ڪريووچ ڇا، تون بہ مون سان موافقت رکين ٿو؟“ هن مڙي اُن کي چيو.

”بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي.“ جاچ ڪندڙ وڪيل جواب ڏنو. سندس آواز سرد مهريءَ وارو هو ۽ نڪولائي پارفينووچ کان بلڪل ٻيءَ طرح جو هو.

”مان اوهان کي ٻڌائي آيو آهيان، تہ نڪولائي پارفينووچ جيتوڻيڪ اسان وٽ پوءِ آيو هو، پر ڪيس شروع کان ئي ائپولٽ ڪريووچ لاءِ وڏي عزت هئي ۽ سندس يارِ غار هو. هُو اڪيلو فرد هو، جنهن کي، هن ۽ سندس غير معمولي لياقتن ۽ نفسيات جي جوهر جو پورو پورو يقين هو. هُو سنو مقرر هو ۽ انصاف جي تڪليفن کان پوريءَ ريت واقف هو. هن سندس ساراهہ پيٽرسبرگ ۾ ٻڌي هئي. ٻي طرف نوجوان نڪولائي پارفينووچ اُهو ماڻهو هو، جنهن کي آسان جي مختصر جاچ ڪندڙ عملدار، دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ ٿي چاهيو.“ ماڪرو ڏي ايندي رستي تي موجود مقدمي جي بابت، هنن ٻنهي جي وچ ۾ سمجهوتو ٿي چُڪو هو. هاڻي جڏهن تہ هيءَ ميز جي سامهون وينا هئا، تيز لياقتن واري ننڍي آفيسر، پنهنجي وڏي آفيسر جي سامهون هر ڳالهہ ۾ دخل ڏيئي، اُن ڏانهن اِشارو ٿي ڪيو. پوءِ اُهي ٿورا لفظ هئا، يا نگاهہ يا اک ٻوٽ.

”شريف انسانو! مون کي اِجازت ڏيو، تہ مان اوهان کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايان ۽ اوهان اُن مان ڪي پوائتا سوال نہ پڇو. مان اوهان کي لحظي ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس.“ مِتيا ڪين جوش مان چيو.

”نهايت چڱو، مهرباني، پر اِنهيءَ کان اڳي، جو اسان تنهنجي سلسلي کي غور سان ٻُڌون، تون اسان کي اِجازت ڏيندين، تہ اسان توکان ڪا حقيقت پڇون، جنهن ۾

اَسان جي گهڻي دلچسپي آهي. منهنجو مطلب آهي، اُنهن ڏهن روبل کان، جي اوهان ڪالهه پنجين بجي، پنهنجي دوست پيوترالِيچ پروهيٽن کان، پستول گروي رکندي ورتا هئا؟"

"ها ورتا هئا. شريف انسانو! هائو مان ڏهه روبل ورتا هئا. اوهان کي وڌيڪ ڇا کپي؟ ڳالهه ته فقط ايتري آهي، مان شهر ويس ۽ پستول گروي رکيم."

"تون شهر موٽي وئين؟ تون شهر کان ٻاهر به ويو هئين ڇا؟"

"هائو، مان پنج ورسٽ (ميل) ٻهراڙي ۾ سفر تي ويو هوس. ڇا توهان اِهو نه ٿا ڄاڻو؟"

جاچ ڪندڙ عملدار ۽ نڪولائي پارفينووچ، پاڻ ۾ نگاهن کي ملايو.

"نيڪ آهي. هاڻي تون ڪيئن پنهنجي ڪهاڻي شروع کان بيان ڪندين، جو ڪالهه کان يعني صبح کان ۽ اڳتي، سڄو ئي تفصيل سلسليوار اُن ۾ اَچي وڃي؟ مثال طور، اَسان کي اِجازت ڏي، ته اَسان توکان جاچ ڪريون، ته تون ڪالهه شهر کان ڇو غير حاضر هئين؟ اُهو سيڪجهه ٻڌاءِ، ته تون ڪهڙي وقت شهر مان نڪتين ۽ ڪهڙي وقت موٽي آئين - هيءُ سڀيئي حقيقتون ٻڌاءِ؟"

"اوهان شروع ۾. مون کان اِهڙيءَ ريت پڇو ها." مِتيا زور سان کلندي کِين چيو. "پر جيڪڏهن اوهان کي پسند هجي، ته اسان حقيقتون ڪالهه کان شروع نه ڪنداسون. پر هڪ ڏينهن اُن کان به اڳ کان شروع ڪنداسون. تڏهن ئي اوهان سمجهي سگهندا. ته ڪيئن، ڇو، ۽ ڪٿي ڪٿي مان ويس؟ شريف انسانو! مان ڪالهه کان هڪ ڏينهن اڳ، شهر جي هڪ واپاري وٽ ويو هوس. جنهن جو نالو سامسونوف آهي. مان اُن کان سلامتيءَ واري ضمانت تي ٽي هزار روبل اڌارا وٺڻ ويو هوس. شريف انسانو، اِهو ضروري معاملو هو ۽ اتفاقي ضرورت لاءِ هو."

"مون کي دخل ڏيڻ جي اِجازت ڏي" جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس نرمائيءَ سان چيو.

"تون اُن ڪهڙيءَ سخت ضرورت ۾ هئين، جو توکي ٽي هزار روبل گهربل هئا."

"شريف انسانو. اوهان هن تفصيل ۾ نه پئو. ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو مون کي انهيءَ رقم جي ضرورت هئي؟ هي سڀ بيڪار داستان آهي. هيءُ حقيقت تَن وڏن جلدن ۾ اَچي سگهي ٿي. ۽ پوءِ ئي اوهان اُن جي تتمي (آخري باب) کي ٻڌي سگهندا."

مِتيا هيءُ سڀ ڪجهه نيڪ نيتيءَ سان چيو. پر هڪ ٻي صبر رواداريءَ سان، اُن ماڻهو وانگر جو سڄيءَ حقيقت کي انتظار سان ٻڌائڻ لاءِ تيار هجي، ۽ سڄو ئي نيڪ نيتيءَ سان معمور هجي.

”شريف انسانو!“ هن جلديءَ مان پنهنجي تصحيح ڪئي. ”اوهان منهنجي بيقراريءَ ڪان اَثر نہ ورتو. مان اوهان کي وري بہ اِهو عرض ٿو ڪريان. مون کي اوهان جي لاءِ وڏي عزت آهي ۽ معاملي جي صحيح مقام کي مان ڄاڻان ٿو. ايئن نہ سمجهو، تہ مان پيتل آهيان. مان هاڻي بلڪل هوشيار آهيان. شراب پيتل جي حيثيت ۾ بہ، اوهان جي لاءِ رڪاوٽ نہ ٿيندس. اُن ڇوٽيءَ وانگر، مون تي جو گذري رهيو آهي، اُن کي مان ڄاڻان ٿو. يعني ’اُهو جو سنجيده آهي، وڏو بيوقوف آهي، پر جڏهن هو، پيتل آهي، تہ وڏو داناءُ آهي.‘ ها، ها، پر شريف انسانو، هيءَ ڪا صحيح شيءِ نہ آهي، تہ مان اوهان سان مذاق ڪريان. منهنجو مطلب آهي، تہ جيستائين اَسان هڪٻئي کي سمجهي سگهون. اُن ڪان سواءِ مون کي پنهنجي بہ عزت آهي، جنهن کي برقرار رکڻ گهران ٿو. مان هن گهڙيءَ جي تفاوتن کي بہ چڱيءَ ريت سمجهي سگهان ٿو. مان آخر تہ ڏوهيءَ جي حيثيت ۾ آهيان. اُن ڪري اوهان سان هڪجهڙي حيثيت ڪان گهٽو پري آهيان. اِهو اوهان جو عمل آهي، تہ منهنجي نگراني ڪريو. مان اوهان ۾ اُميد ٿو رکان، تہ منهنجي مٿي تي ٿڦڙون هڻو. ڇاڪاڻ تہ مون گريگريءَ سان گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي، ڇو تہ ڪوبہ پوڙهي ماڻهوءَ جي مٿي کي ڀڃڻ ڪان پوءِ، آزاد ٿيڻ جي اُميد نہ رکندو. مان سمجهان ٿو، تہ اوهان مون کي ڇهہ مهينا يا سال شايد اصلاحي گهر (جيل) ۾ بند رکو. مون کي خبر نہ آهي، تہ اُن جي ڪهڙي سزا آهي؟ پر اِنهيءَ هوندي بہ مون کي پنهنجي رتبي ۾ ڪوبہ نقصان نہ پوندو. ايئن نہ؟ ان ڪري شريف انسانو، مان، اوهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ تفاوت کي چڱيءَ ريت سمجهان ٿو ...... پر اوهان کي هيءُ ڏسڻ گهرجي، تہ اِهڙن سوالن سان، تہ اوهان وڏن عقلمندن کي بہ منجهائي سگهو ٿا. مثلاً: تون ڏاڪي تي ڪيئن چڙهين؟ تون ڪٿان چڙهين؟ تون ڪڏهن چڙهين؟ ڪهڙي شيءِ تي چڙهين؟ مان منجهي پوندس، جيڪڏهن اوهان اِهڙيءَ ريت پڇا ڪئي ۽ يقيناً اوهان سڀ ڪجهہ منهنجي خلاف ٿي ڏيندا. اُن مان نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ يعني ڪجهہ بہ نہ! توڙي جو هاڻي مان بيوقوفيءَ سان ڳالهائي رهيو آهيان، اُن کي پورو ڪرڻ ڏيو. اوهان شريف انسانو، وڏيءَ عزت ۽ حيثيت وارا آهيو، مون کي معاف ڪري ڇڏيندا. شريف انسانو، مان هيئن ڇئي پنهنجي گفتگو کي ختم ڪندس تہ غير طبعي سوالن جي طريقي کي ڇڏي ڏيو. منهنجو مطلب آهي، تہ ابتدا ڪنهن اَجاين ۽ مصيبت پيدا ڪندڙ سوالن سان نہ ڪريو. جيئن تہ مان ننڊ مان ڪيئن جاڳيس؟ مون کي ناشتي ۾ ڇا هو؟ مان ڪيئن ٿُڪ اڇلائي ۽ اها ڪٿي مون ڦٽي ڪئي؟ اِهڙيءَ ريت اوهان هڪ ڏوهيءَ جي لاءِ ڏکيائي پيدا ڪري، سندس

توجهه، ڪين جهڙن مسئلن ڏانهن موڙي ڇڏيندا. اُن بعد اوچتو اوهان اُن ڪان منجهائيندڙ سوال شروع ڪري ڏيندا، ته تو ڪنهن کي قتل ڪيو؟ تو ڪنهن کي ڦريو؟ ها، ها، اِهوئي اوهان جو باقاعده طريقو آهي؟ اِنهيءَ ۾ ته اوهان جي سڄي مڪاري سمائجي ٿي وڃي. اوهان ڳوناٽن جي نگرانيءَ کي ته پري ڪري سگهو ٿا، جيتوڻيڪ مون کي نه. مان اِهي سڀيئي حيلا ڄاڻان ٿو. مان پاڻ ملازمت ۾ رهيو آهيان. ها، ها، ها! شريف انسانو! اوهان ناراض ته نه آهيو؟ منهنجي گستاخيءَ کي معاف ڪريو." هو نيڪ نيتيءَ سان ڪين ڏسندو رهيو، جو نهايت حيرت ۾ وجهندڙ منظر هو. "اوهان کي خبر آهي، ته هيءُ رڳو مِتيا ڪرامازوف، آهي، اُنڪري سندس غلطين کان درگذر ڪيو. هڪ سمجهه واري ماڻهوءَ جي لاءِ، جيتوڻيڪ هيءُ معاف ڪرڻ جي لائق نه آهي، پر اوهان مِتيا جي حالت ۾ ڪيس معاف ڪريو. ها، ها!"

نڪولائي پارفينوچ، ڪيس ڏيان ڏيئي ٻڌو ۽ ڪليو. جيتوڻيڪ جاچ ڪندڙ عملدار نه ڪِليو. هُن پنهنجون اکيون وڏي غور سان مِتيا ۾ کپائي ڇڏيون، ڇڻ ته انتظار ۾ هو، ته هو سندس ڪنهن به جملي کي نه وساري ۽ سندس چهري جي ٿوري به هيٺ مٿانهين کان غافل نه رَهي.

"اِهوئي سبب آهي، جو اَسان جي هلت شروع کان وٺي توسان خوشگوار رَهي آهي." نڪولائي پارفينوويچ ڪيس چيو. هُو اَڃا به ڪلي رَهيو هو. "اسان اِها ڪوشش نه ڪئي آهي، ته توکان پڇون ته صبح سان تون ڪيئن جاڳين ۽ تو ناشتو ڇا جو ڪيو؟ سچ پچ اَسان اُهي سوال پڇيا آهن، جي وڏيءَ ضرورت وارا آهن."

"مان سمجهان ٿو ۽ مان ڏنو آهي، جنهن جي ساراهه ڪريان ٿو. مان اَڃا به اوهان جي وڏيڪ تعريف ڪندس، جو اوهان جي هلت مهربانيءَ واري آهي ۽ بي لوث مهربانيءَ واري، جا اوهان جي شاندار دلين جي لائق آهي. اَسان هتي ٽي شريف انسان آهيون ۽ اسان جي وچ ۾ سڀ ڪجهه پڙهيل ۽ تهذيب يافته انسانن وانگر هئڻ کپي، ۽ هڪٻئي ۾ اعتبار جي بنياد تي ٿيڻ کپي. ڇاڪاڻ ته اَسان شاندار پيدائش ۽ عزت رکون ٿا. ڪنهن به حالت ۾، مون کي اِجازت ڏيو، ته مان پنهنجي حياتيءَ جي هر گهڙيءَ ۾ اوهان کي پنهنجو بهترين دوست تصور ڪريان. هن گهڙيءَ ۾ به، جڏهن منهنجي عزت داغدار ٿيڻجي وئي آهي. شريف انسانو! اِهو اوهان جي لاءِ گناهه جو باعث نه ٿيندو، اِيئن نه؟"

"دمتري فيودوربالولووچ، تو اُن جي خلاف، حقيقتون نهايت صاف بيانيءَ سان ٻڌايون آهن." نڪولائي پارفينوچ، يقين ڀَري آواز ۾ سندس ساراهه ڪندي چيو.

”شريف انسانو. اِهي پوائنٽا سوال ڪافي آهن، جن ۾ فقط فريب آهي.“ مِتيا پُر شوق لهجي ۾ چيو. هن صورت ۾ اَسان ڪنهن نتيجي تي جلدي نہ پهچي سگهنداسون. ڇا مان صحيح نہ آهيان؟“

”مان تنهنجي سمجهہ پري صلاح جي پٺ وٺندس.“ جاچ ڪندڙ عملدار مِتيا کي خطاب ڪندي وچ ۾ ڳالهايو، پر ”مان ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي سوالن کي بند نہ ڪندس. هاڻي هيءُ ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي، تہ توکي اُن رقم جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ منهنجو مطلب خاص طرح ٽن هزارن سان آهي.“

”مون کي ڇو ٽن هزارن جي ضرورت هئي ....... هڪ ڳالهہ لاءِ، ۽ بيو تہ ....... نيڪ آهي، مون کي قرض اَدا ڪرڻو هو.“

”اِهو قرض ڪنهن جو هو؟“

”شريف انسانو، مان هن جو جواب ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار نہ آهيان. مان اِهو جواب ڇو نہ ٿو ڏيان؟ اِهو اِنهيءَ لاءِ نہ آهي، تہ مون کي اُن جي بيان ڪرڻ جي جرئت نہ آهي، يا اِنهيءَ مان، مون کي ڪو نقصان پهچندو، پر اُن جي ڪابہ اهميت نہ آهي ۽ هيءُ معاملو منهنجي زندگيءَ سان واسطو ٿو رکي. مان اِهو نہ ٻُڌائيندس. هيءُ هڪ اُصول جو معاملو آهي. اِها منهنجي ذاتي زندگي آهي ۽ مان ڪڏهن بہ نہ چاهيندس، تہ ڪو منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل ڏئي. هن مقدمي ۾ اوهان جو هي سوال بي فائدي آهي. هي منهنجو ذاتي معاملو آهي. مون کي قرض اَدا ڪرڻو هو. مون کي عزت سان قرض ڏيڻو هو، پر اِهو ڪنهن کي ڏيڻو هو؟ اِهو نہ ٻڌائيندس.“

”اسان کي اِجازت ڏي، تہ اِهو نقطو درج ڪريون.“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس چيو.

”بيشڪ اوهان هيءُ نقطو لکو، تہ مان ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ آهيان. اِهو منهنجي بي عزتيءَ جو باعث آهي ۽ مان اِيئن ٿي خيال ڪريان ٿو. توهان هيءُ پلي لکو ۽ پنهنجو وقت ضايع نہ ڪريو.“

”مون کي اِجازت ڏي سائين، تہ مان توکي خبردار ڪريان ۽ توکي هڪ ڀيرو وڌيڪ يادگيري ڏياريان، متان تون اُن کان خبردار نہ هجين.“ جاچ ڪندڙ عملدار هڪ خاص انداز ۽ سخت لَهجي ۾ ڪيس چيو، تہ ”توکي هرڪو حق حاصل آهي، تہ تون اُن سوال جو، جو هاڻي توکي ڪيو ويو آهي، جواب نہ ڏئين ۽ اَسان کي ڪوبہ حق نہ ٿو پهچي، تہ توکي اُن جواب لاءِ مجبور ڪريون، جنهن کي تون ڪنهن سبب جي ڪري ٻڌائڻ نہ ٿو گهرين. اِهو مڪمل طرح تنهنجي فيصلي تي منحصر آهي ۽ اِهو تنهنجو ذاتي معاملو آهي، پر هيءُ اَسان جو فرض آهي، تہ اِهڙن مقدمن جي حالت ۾ اَسان

توکي ٻڌايون، تہ اِيئن ڪندي، ڪهڙي درجي جو زخم پاڻ کي پهچائي رهيو آهين؟ مان هاڻي توکي عرض ڪندس، تہ پنهنجي سلسلي کي جاري رک."

شريف انسانو! مان ڪاوڙ ۾ نہ آهيان ..... مان ......." مِتيا ترديد ڪرڻ واري لهجي ۾ چيو. "ها شريف انسانو، مان اِنهيءَ ڪري سافسوف ڏي ويو هيس."

هتي اُن ڪهاڻيءَ کي وري دهرائڻ جي ضرورت نہ آهي، جا اڳ ۾ ئي پڙهندڙن کي ٻڌائي وئي آهي. مِتيا بي صبريءَ سان منتظر هو، تہ جيئن هو ڪابہ حقيقت ترڪ نہ ڪري ۽ سڀ تفصيل سان ٻڌائي. اُن وقت هُو تڪڙ ۾ بہ هو، تہ سڄي ڪهاڻي جلدي پوري ڪري. جيئن جيئن هو پنهنجو بيان ڏيندو تي ويو، هُو لکندا تي ويا. اُن ڪري هُو ڪيس متي چڪيندا تي ويا. جيتوڻيڪ مِتيا کي هيءَ ڳالهہ ناپسند هئي، مگر هو بجاآوري ڪندو تي رهيو. هُو ڪاوڙ ۾ بہ آيو تي، پر سندس روش وڻندڙ هئي. هُن اُن جو مظاهرو بہ ڪيو ۽ کين وقت بوقت چوندو رَهيو، تہ "هيءُ ملائڪ لاءِ بہ ڪافي آهي، تہ بي صبر ٿجي وڃي." يا کين چيائين تي، تہ "شريف انسانو! هيءُ اوهان جي لاءِ چڱو نہ آهي، جو اوهان مون کي جوش ۾ تا آڻيو."

جيتوڻيڪ هُو بيزاريءَ جهڙي گفتگو ڪري رهيو هو، پر پنهنجي روش کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ کي پوريءَ ريت سنڀالي رهيو هو. هُو کين ٻڌائندو رهيو، تہ ڪيئن سافسوف بہ ڏينهن ڪيس بيوقوف بڻائي رکيو هو. (هُو هاڻي مڪمل طرح سمجهي ويو هو، تہ کيس بيوقوف بڻايو ويو هو.) واچ جي وڪري مان ڇهہ روبل جي کيس پنهنجي مسافريءَ لاءِ حاصل ٿيا هئا. اُها ڳالهہ وڪيلن جي لاءِ هڪ نئين ڳالهہ ٿي پئي. هُو هڪدم منجهس دلچسپي وٺڻ لڳا. توڙي جو هن حقيقت کان مِتيا جي سخت توهين هئي، پر هنن هن کي لکڻ گهريو، تہ هيءَ ثانوي يقيني حالت هئي، جنهن اِهڙا اسباب پيدا ڪيا هئا، جو اُن وقت مشڪل سان هن جي کيسي ۾ ڪا ڪچي ڪوڏي بہ رهي هوندي. مِتيا هوريان هوريان مضبوط ٿيندو ويو. تنهن کان پوءِ، هن لياگاوي جي ملاقات جو ذڪر ڪيو، ۽ ٻڌايائين تہ هُن ڪيئن نہ، اُها رات تنگ ۽ تاريڪ جهوپڙيءَ ۾ گذاري هئي، ۽ ڪهڙي ريت هُو وري شهر ڏي موٽي آيو هو! هاڻي هُن ڪنهن خاص حالت جي بغير ٻڌائڻ شروع ڪيو، تہ گروشينڪا جي رقابت جي باعث کيس ڪهڙي ڪهڙي عذاب کان گذرڻو پيو هو؟

کيس خاموشي ۽ ڌيان سان ٻـُڌو تي ويو. هنن ڪانئس هيءَ حقيقت خاص طور تي پڇي، تہ هُو ڪهڙن سببن جي ڪري ماريا ڪاندريٽووينيا جي گهر ۾ تاڙ جي لاءِ وڃي لڪيو هو، جو گهر، فيودورپاولوچ جي باغ جي پويان هو ۽ اُتي هن گروشينڪا

جي لاءِ ڪهڙي نظرداري ڪئي ۽ سميرڊياڪوف کان ڪيس ڪهڙو اطلاع مليو؟ هنن، هن حقيقت تي خاص ڌيان ڏنو ۽ اُن کي لڪي ڇڏيائون. هن پنهنجي رقابت کي گرم جوشيءَ سان ٻڌايو ۽ نهايت ڊيگهه سان. جيتوڻيڪ هُو اِيئن ڪندي پنهنجي اندروني جذبات جي باعث شرمسار بہ پئي ٿيو. اِيئن ڪٿي چئجي، تہ هُو پنهنجي 'عام بدناميءَ' هوندي بہ سچ ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي ظاهر ظهور شرمساريءَ تي قابض ٿي چڪو هو. پر تيز ۽ تُز سختيءَ، جنهن کان، جاچ ڪندڙ عملدار ۽ وڪيل ڪم وٺي رَهيا هئا. اُن مٿس اثر وڌڻ شروع ڪيو. جيئن جيئن هُو پنهنجي آڪاٽي ٻڌائيندو رهيو، مٿس هن روش خاطرخواه اَثر ڪيو.

"هيءُ ڇوڪرو نڪولائي پارفينووچ، جنهن سان مان ٿورا ڏينهن اڳ عورتن جي بابت بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪندو هوس ۽ هيءُ بيمار جاچ ڪندڙ آفيسر، هن جي لائق آهن ئي نہ، جو هنن سان هي ڳالهيون ڪيون وڃن." هن ماتم زده حالت ۾ هيءُ خيال ڪيو. هيءَ وڏي بدنامي آهي. "صبر ڪري ۽ نماڻو ٿي، پنهنجي دل جي جميعت کي نہ وڃاءِ." هن پنهنجي خيالن کي مٿئين سٽ جي روشنيءَ ۾ جلد ئي ختم ڪري ڇڏيو. هن وري پنهنجي کهاڻيءَ کي اڳتي وڌايو. جڏهن هُو بيگم هائلڪوف سان پنهنجي ملاقات جي ڳالهہ ڪرڻ لڳو، تڏهن سندس روح وري جمعيت ۾ اَچي ويو ۽ هن هيءَ ظريفاڻي کهاڻي ٻڌائڻ گهري، جنهن جو هن مقدمي سان ڪوبہ واسطو نہ هو. پر جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس روڪيو ۽ چيائينس، تہ هُن کي ڇڏي، ڪن ضروري ۽ مکيہ حقيقتن ڏي اَچي. آخر جڏهن هُو پنهنجي نااُميديءَ جي حقيقت کي دهرائڻ لڳو ۽ ٻڌايائين، تہ جڏهن هن بيگم هائلڪوف کي ڇڏيو، تڏهن هن سوچيو، تہ هو ڪنهن کي قتل ڪري، ٽي هزار روبل حاصل ڪري سگهي ٿو. مِتيا کين هن حقيقت لکڻ کان نہ روڪيو. آخر هُو کهاڻيءَ جي اُن نقطي تي اَچي ويو، جڏهن گروشينڪا ڪيس جَلُ ڏئي سافسوف جي گهر کان نڪري آئي، جتي هن ڪيس ٻڌايو هو، تہ هوءَ اَڌ رات تائين اُتي رهندي.

"شريف انسانو، مان اُن وقت فينا کي قتل نہ ڪيو، اُن جو سبب فقط هيءُ هيو، جو مون کي وقت نہ هو." هُو يڪايڪ هن نقطي تي پهچي، سڄي ڳالهہ کي ٽوڙي ويهي رهيو. هيءَ حقيقت بہ نهايت خبرداريءَ سان لکي وئي. مِتيا اُن لاءِ اُداس اُداس ٿرسيو ۽ وري ٻڌايائين، تہ هُو ڪيئن پنهنجي پيءُ جي گهر ڏانهن ڊوڙيو. اُن وقت جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس اوچتو روڪيو ۽ پنهنجو وڏو پورٽ فوليو کوليائين، جنهن سندس پرسان صوفي تي پيو هو. هُن اُن مان ٿامي جو دستو ڪڍيو.

"تون هن شيءِ کي سڃاڻين ٿو؟" مِتيا کي ڏيکاري کانئس پڇيائين.

”اڙي، “ هُو اَداسيءَ مان ڪليو. ”بيشڪ مان هن کي سڃاڻان ٿو. مون کي هن تي نگاهه وجهڻ ڏيو ..... ڪڏهن وجهوس، هن جو خيال نه ڪريو.“

”توکان هيءُ ٻڌائڻ وسري ويو هو.“ جاچ ڪندڙ وڪيل ڪيس چيو.

”هنن سيني کي ڪڏهن وجهو. مون کي اها حقيقت لڪائڻ نه کپندي هئي. توهان خيال ڪري سگهو ٿا، ته مان هن ڪانسواءِ ڪجهه ڪَري به ٿي سگهيس؟ هيءُ ڳالهه منهنجي يادگيريءَ کان لَهي وئي هئي.“

”مهرباني ڪري اَسان کي ٻڌاءِ، ته تون هن سان ڪيئن هٿياربند ٿئين؟“

”يقين سان مان نيڪ ٿيڻ ٻڌجي اوهان کي ٻڌائيندس، شريف انسانو.“

اُن کان پوءِ مِتيا ڪين ٻڌايو، ته هُو ڪيئن اهو دستو ڪٿي اُتان ڊوڙيو.

”پر اِهڙي هٿيار کي ساڻ ڪٿي، تنهنجو اِرادو ڪهڙو هو؟“

”ڪهڙو ارادو؟ ڪوبه مطلب ڪونه هو. مان هن کي هٿ ۾ ڪٿي، ايئن ئي ڊوڙيو هوس.“

”جڏهن تنهنجو ڪوبه مطلب نه هو، ته هن کي ڇا جي لاءِ کنيو هئي؟“

مِتيا، جو ڪاوڙ جهڙي، شعلي وانگر ٻڌجي ويو. هُن ڇاٽي واٽي ”ڇوڪري“ ڏي نهاريو. نفرت ۽ اُداسيءَ مان مشڪيو. هُو گهٽي کان گهٽو شرمسار ٿيڻ لڳو. ته هن، اِنهن ماڻهن کي پنهنجيءَ رقابت جي ڪهاڻي، ايتري صداقت ۽ وضاحت سان ڇو ٻُڌائي هئي؟ هن اوچتو زور سان چيو ته: ”دستي جي گمراهي کي ڇڏيو.“

”پر اَڃا به .......“

”هن ڪُتن کي پري رکڻ لاءِ ..... اُن وقت اونداهي هئي .... خوف پئي ٿيو، ته هُو هليا نه اَچن.“

پر اڳي به ڪن موقعن تي، تو اِهڙو هٿيار کنيو هو. ڇاڪاڻ ته تون اونداهيءَ کان خوف کائيندڙ آهين؟

”اف! شريف انسانو. هنن سيني ڳالهين کي ڪڏهن وجهو. هاڻي اوهان سان ڪابه گفتگو نه ٿيندي. مِتيا برداشت کان باهر هليو ويو ۽ رڙ ڪري چيائين. هُو ڪاوڙ کان باهر ٿي ويو، ۽ سندس رنگ گلابي ٿيڻجي ويو. تڪڙ ۽ جوش مان سيڪريٽري کي چيائين ته:

”هڪدم لک ...... ته مان دستو اِنهيءَ لاءِ کنيو هو، ته پنهنجي پيءُ کي وڃي قتل ڪريان ...... فيودورپاولووچ کي ...... هن سان سندس مٿي ۾ ڏڪ هڻان ... نيڪ آهي. هاڻي ته اوهان راضي ٿيا؟ توهان جون دليون هن فڪر کان آزاد ٿيون؟“ هُو مخالف وڪيلن ڏي نهارڻ لڳو.

”اَسان چڱيءَ ريت سمجهون ٿا، تہ هاڻي تو، جو بيان ڏنو آهي، اُهو غم ۽ ڪاوڙ ڪان ڏنو آهي. توڪان جو سوال ڪيو ويو آهي، اُهو تڪليف ڏيندڙ آهي. جيتوڻيڪ هي سوال حقيقت ۾ ضروري آهن.“ جاچ ڪندڙ عملدار، ڪيس خشڪ آواز ۾ جواب ڏنو.

”ٺيڪ آهي، شريف انسانو، مان دستو ڪنيو..... اِهڙي وقت ۾، ڪو اهڙيون شيون ڇو ڪٺندو آهي؟ مون ڪي خبر نہ آهي، تہ مون ايئن ڇو ڪيو؟ مان اُن ڪي ڪنيو ۽ ڊوڙيس - اِهائي ڳالهہ آهي. شريف انسانو، منهنجي لاءِ تحمل اختيارڪريو،نہ تہ ٻـي حالت ۾ مان اوهان کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندس!“

هُو ويهي رهيو ۽ ٺونٺ ميز تي رکيائين ۽ پنهنجو مٿو، هٿن ۾ جهليائين. هُـو سندن پاسي ۾ ويهي رهيو ۽ پٽ ڏانهن نهارڻ لڳو. هُو ڄڻ تہ اُلٽيءَ جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويو. حقيقت ۾ ڪيس هڪ خطرناڪ موڙ اَچي ويو هو، ۽ هن چاهيو ٿي، تہ ڪين اُٿي ٻڌائي، تہ هُو هڪ لفظ بہ هاڻي ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ آهي. جيتوڻيڪ ڪيس ڇو نہ ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.

”شريف انسانو!“ هن وڏيءَ مشڪل سان پاڻ تي ضابطو ڪندي چيو. ”اوهان ڏسو ٿا، تہ مان اوهان کي ڏيان ڏئي ٻڌان ٿو ۽ مان هڪ خواب ڪان پريشان آهيان ..... هيءُ اُهو خواب آهي، جو مان اَڪثر ڏسندو آهيان - اهو گهڻو ڪري ساڳيو ئي هوندو آهي ......مون کي نظر ايندو آهي، تہ ڪو مون کي پريشان ڪري ڊيڄاري رهيو آهي .... مان اُن ڪان بيحد خوفزده هوندو آهيان ..... اِنهيءَ لاءِ تہ هُو مون کي ڳڳهہ اوندهہ ۾، رات جو ڊيڄاري رهيو آهي .... هُو منهنجي پويان هوندو آهي، ۽ مان اُن ڪان ڪٿي پاڻ کي لڪائيندو آهيان . ڪڏهن دروازي جي پويان، ڪڏهن الماريءَ جي پويان. ڏاڍي بي عزتيءَ جي حالت ۾ پاڻ کي لڪائيندو آهيان. سڀ ڪان خراب ڳالهہ هيءَ هوندي آهي، تہ ڪيس اِها خبر هوندي آهي، تہ مان ڪٿي لڪل آهيان، پَر هو اِهڙو نمونو اختيار ڪندو آهي، جو ڄڻ تہ ڪيس ڪابہ خبر نہ آهي. اُن عذاب ۾ پنهنجي خوف مان مزي وٺڻ لاءِ .....هاڻي ڏسان ٿو، تہ اوهان ڇا ڪري رهيا آهيو، هيءُ سڀ اُن خواب وانگر پيو نظر اَچي.“

”ڇا، اِهڙي ئي قسم جي خواب کي تون ڏسندو آهين؟“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪانئس پڇيو.

”هن جي لکڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، پر هيءَ ٻڌڻ جهڙي ڳالهہ آهي، تہ تون اِهڙا عجيب خواب ڏسندو آهين؟“

”هائو اِيئن برابر آهي، پر توهان کي اُن جي لکڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي،“ مِتيا جي چهري تي مشڪڻ ظاهر ٿيو. ”شريف انسانو، هاڻي، تہ خواب جو سوال ئي

پيدا نہ تو ٿئي، هيءَ تہ صداقت پري حقيقت آهي. هيءَ حقيقي زندگي آهي! مان هڪ هرڻ آهيان ۽ اوهان شڪاري. نيڪ آهي، مون کي پنهنجو شڪار ٻڌائي ڇڏيو.“

”تون غلط آهين، جو اهڙي پيٽ ڪري رهيو آهين. نڪولائي پارفينووچ پنهنجي پيچا کي آهستگيءَ ۽ غير معمولي نرمائيءَ سان شروع ڪري ڏني.“

”نہ، مان غلط نہ آهيان، ۽ ڪڏهن بہ غلط نہ هوندس.“ مِتيا وري جوش ۾ اچي ويو. جيتوڻيڪ سندس ڪاوڙ، سندس دل کي ظاهر ظهور ڇوٽڪارو ڏنو هو. هُو هرهڪ لفظ تي مذاق ڪندو ٿي ويو. ”توهان هڪ ڏوهيءَ يا مقدمي ۾ قاتل ماڻهوءَ کي، پنهنجي سوالن سان عذاب ڏيو ٿا. پر هڪ خوددار انسان ۽ عزت پرئي دل جي لاهہ چاڙهہ سان، (مان همٿ سان چوان ٿو) نہ - توهان کي ويساهہ رکڻ گهرجي، تہ توهان کي سچ پچ ڪوبہ حق نہ آهي .... پر-

”دل خاموش ٿي، بردبار ۽ نيازڪش ٿيءُ، تون پنهنجي تسلي کي قابو رک.“

خير، مان اڳتي وڌان؟“ هن اُداسائيءَ سان چيو.

نڪولائي پارفينووچ کيس جواب ڏنو تہ: ”جيڪڏهن تون مهرباني ڪرڻ چاهين.“

باب پنجون

# ٽئين سخت آزمائش

مِتيا خيال ڪندو، دل جي درد مان ڳالهائيندو ويو. هيءُ ظاهر ٿي ڏنو، تہ هُو گهڻي کان گهڻي ڪوشش ڪري رهيو آهي، تہ جيئن سندس ڪهاڻيءَ جي تفصيل مان ڪانئس ڪابہ ڳالهہ وسري يا رهجي نہ وڃي. هن ڪين ٻڌايو، تہ هُو ڪهڙيءَ ريت پيءُ جي باغ واري لوڙهي کان ٽپيو هو. ڪهڙي ريت هو دريءَ وٽ پهتو هو. اُن ڪانپوءِ ڪين اُهو سڀ ڪجهہ ٻڌايان، جو اُن دريءَ وٽ ٿي گذريو هو. وضاحت سان، آهستگيءَ سان ۽ تحقيق سان، هن پنهنجي جذبات ڪي ٻڌايو. جي ڪيس اُن وقت تڪليف ڏئي رهيا هئا. باغ ۾ اُنهن گهڙين ڪيس ڪيترو نہ پريشان رکيو هو. جڏهن هن خطرناڪ طريقي سان ڄاڻڻ ٿي گهريو، تہ گروشينڪا سندس پيءُ وٽ آهي يا نہ؟ پر هيءَ عجيب ڳالهہ هئي، جو هاڻي ٻئي وڪيل ڪيس خوفزده حالت ۾ خاموش ٻُڌي رهيا هئا ۽ سرد مهريءَ مان ڪيس نهاري رهيا هئا ۽ هنن ڪانئس ڪي ٿورا سوال پڇيا. مِتيا سندن چهرن مان ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهيو.

"هُو شايد ڪاوڙ ۾ پنهنجي بي عزتيءَ جي خيال ۾ آهن،" مِتيا سوچيو. "يلي هو انهيءَ حالت ۾ هجن."

جڏهن هُن ٻڌائڻ شروع ڪيو، تہ آخر هُن فيصلو ڪيو، تہ گروشينڪا جي اَچڻ واري 'نشاني' ڪي استعمال ڪري، تہ سندس پيءُ کي خبر پوي، تہ گروشينڪا اَچي وئي آهي، ۽ هُو دريءَ کي کولي. تڏهن وڪيلن سندس لفظ 'نشاني' ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. ڄڻ، تہ هُو پوريءَ ريت اُن لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ناڪام ٿي ويا هئا. هُو اهڙيءَ ريت اُن لفظ جي سمجهڻ کان قاصر ٿي ڏنا، جو مِتيا اُن کي پَرکي ورتو. آخر هُو اُن گهڙيءَ جي ذڪر تي آيو، جڏهن سندس پيءُ دريءَ مان ليئا پائي رهيو هو. سندس نفرت جوش کائي اُٿي هئي ۽ هن دستي کي ڇڪيو. مگر اوچتو ئي اوچتو ڪنهن خيال کان هُو رڪجي ويو. هُو پٽ کي ويهي ڏسندو رهيو ۽ هُو هن کان خبردار هو، تہ سندس پيءُ جون اکيون متانئس ڪتل هيون.

"صحيح". جاچ ڪندڙ عملدار چيو. "تو هٿيار کي ڇڪي ورتو هو...... پوءِ ڇا ٿيو؟"

"پوءِ مان ڪيس قتل ڪيو ..... اُن کي مٿي تي ڌڪ هنيم ۽ سندس مغز ڦاڻي پيو ..... ها، اوهان جي اِهائي ڪهاڻي هوندي. اِهائي!"

سندس اکين ۾ اوچتو چمڪ پيدا ٿي وئي ۽ سندس آواز ۾ آيل ڪاوڙ، اوچتو جاڳي پئي، جنهن ۾ روح جي غير معمولي بغاوت شامل هئي.

”اسان جي ڪهاڻي،“ نڪولائي پارفينووچ وري دهرايو. ”نيڪ آهي ۽ تنهنجي؟“

مِتيا پنهنجون اکيون جهڪائي ڇڏيون ۽ ڪيترو وقت خاموش ٿي ويو.

”شريف انسانو! منهنجي ڪهاڻي؟ نيڪ آهي، اُها هن ريت آهي.“ هن نرمائيءَ سان وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”شايد هي ڪنهن جا ڳوڙها هئا يا منهنجي ماءُ جون دعائون يا ڪنهن نيڪ فرشتي مون کي اُن وقت چميو هو. مان نـه ٿو ڄاڻان. پر اُن وقت شيطان تي فتح حاصل ٿي چُڪي هئي. مان دريءَ کان ڊوڙيس ۽ لوڙهي ڏي ڀڄس. منهنجي پيءُ تي خوف طاري ٿيل هو. هن پهريون ڀيرو مون کي ڏٺو هو. رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ دريءَ کان ٽپو ڏئي، پوئتي هَٽي ويو. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي، تـه مان باغ جي آرپار ٿي لوڙهي ڏانهن ڊوڙيس ..... اُن گريگري مون کي جهليو. مان اُن وقت لوڙهي تي ويهي چڪو هوس.“

هن وقت، هن پنهنجون اکيون مٿي کنيون ۽ ٻڌڻ وارن ڏي ڏسڻ لڳو. هو هيڏانهن ٻُڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. مِتيا جي روح تي ڪاوڙ جي دوري، نفرت جي حالت پيدا ڪئي.

”شريف انسانو. هن گهڙيءَ ۾ اوهان مون تي چو کلي رهيا آهيو.“ هُو اوچتو بگڙي ويو.

”تون ڪيئن ٿو ايئن خيال ڪرين؟“ نڪولائي پارفينووچ کيس چيو.

توهان منهنجي ڪنهن بـه لفظ کي معتبر نـه ٿا سمجهو، تڏهن ايئن ٿئي ٿو. مان بنا شڪ سمجهان ٿو، تـه مان هاڻي نهايت خطرناڪ نقطي تي اچي ويو آهيان. پوڙهي جو مٿو ڀڳل آهي ۽ هُو اُتي پيو آهي ۽ مان ڊرامائي انداز ۾ ٻڌائي رهيو آهيان، تـه مان هن کي ڪيئن قتل ڪرڻ تي گهريو ۽ مان ڪيئن دستي کي ڇڪي ورتو هو - مان ڪيئن اوچتو دريءَ کان پٺي ويس. هڪ رومانُ آهي ۽ هڪ شعر آهي! جڻ تـه ڪو، ڪنهن جي لفظ تي اعتبار بـه ڪري سگهي ٿو. ها، ها! شريف انسانو اوهان طعني باز آهيو.“

هُو اُن وقت ڪرسيءَ تي ايئن ڦرڻ لڳو، جو منجهانئس چرچر جا آواز اچڻ لڳا.

جاچ ڪندڙ عملدار کيس اوچتو چيو، تـه ”تون ڏسين ٿو،“ هن جڻ تـه مِتيا جي جوش کي خيال ۾ ئي نـه ورتو هو، ”پر تو هيءُ ڏٺو هو، تـه باغ جو دروازو کليل هو؟“

”نـه اُهو کليل نـه هو.“

”اهو کليل نـه هو؟“

اُهو بند هو. پر اُن کي کولي ڪير ها؟ ڪڏ ۾ وجهو دروازي کي. ٿورو ترسو.

هُو پاڻ اوچتو گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو. جڻ تـه ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو.

”ڇا اوهان دروازي کي کليل ڏٺو هو؟“

”هائو اُهو ڪليل هو“.

”پوءِ دروازو ڪير کوليندو؟ جيڪڏهن اوهان اُن کي نہ کوليو آهي، تہ“ مِـتيا سخت حيرت مان واڪو ڪري چيو.

”در سچ پچ کليل هو ۽ تنهنجي پيءُ جو قاتل، اُن مان ئي اندر ويو هوندو. گناهہ جي تڪميل ڪرڻ کانپوءِ، انهيءَ ئي دروازي مان نڪري ويو هوندو.“ جاچ ڪندڙ عملدار چاٽي واٽي هن حقيقت کي ظاهر ڪيو. ڄڻ تہ سندس هرهڪ لفظ مِـتيا جي قلب ۾ تير ۽ نشتر هڻي رهيو هو. ”هيءُ تہ صاف ظاهر آهي، تہ خون ڪمري ۾ ٿيو آهي ۽ نہ دريءَ جي رستي. جيئن تلاشي ورتي وئي آهي، اُن مان يقين ٿي ويو آهي، اُن کانسواءِ جسم جي جاءِ ۽ بين ڳالهين مان اِيئن ئي معلوم ٿيو آهي. اِنهيءَ ڪارڻ ۾ ڪنهن بہ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ آهي.

مِـتيا، بلڪل حيرت زده بڻجي ويو.

آخر هن واڪو ڪري چيو تہ ”اها اَڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي! مان .... مان اندر نہ ويو آهيان. مان اوهان کي پَـڪ ۽ خاطري ڏيان ٿو، تہ دروازو سمورو وقت بند هو، جيستائين مان باغ ۾ هيس. مان فقط دريءَ وٽ بيٺو هوس ۽ دريءَ مان ئي کيس ڏٺو هوم. بس .... بس اِهائي ڳالهہ آهي. مون کي هرهڪ شيءِ پوئين منٽ تائين بہ ياد آهي، پر جيڪڏهن مون کي ياد نہ بہ هجي، تہ ڳالهہ اِهائي آهي. مان ئي ڄاڻان ٿو. چاڪاڻ تہ بيو ڪوبہ اِهي نشانيون ڄاڻي نہ ٿو سگهي، پر مان، سميرديا ڪوف ۽ مقتول، اُن نشانيءَ کانسواءِ، دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ هُو دروازو نہ کولي ها.“

”نشانيون، ڪهڙيون نشانيون؟“ جاچ ڪندڙ عملدار جنوني حالت ۾ عجب مان هيڇ سان چيو. هن وٽ اُن وقت پنهنجي مرتبي ۽ خودداريءَ جو ڪوبہ نشان نہ رهيو هو. منجهس شوق ۽ نرمي اَچي وئي هئي. کيس هڪ مڪيہ حقيقت جي بوءِ اَچڻ لڳي، جنهن بابت کيس اڳ ڪابہ خبر نہ هئي. کيس خوف پئي ٿيو، تہ متان مِـتيا شايد راز نہ کولي!

”سو توکي اُنهن جي خبر نہ آهي؟“ مِـتيا توهين آميز مذاق سان کيس اک هڻي مشڪيو. ”جا ٿئي جيڪڏهن مان توکي اِهو نہ ٻڌايان؟ توهان کي ٻئي هنڌان ڪٿان بہ هيءَ معلومات ملي نہ سگهندي، ڇاڪاڻ تہ سميرديا ڪوف، منهنجي پيءُ ۽ مون کان سواءِ، انهن نشانين جي ٻئي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. خدا کي اُن جي خبر آهي، پر هُو اوهان کي نہ ٻُڌائيندو. پر اِها دلچسپي جهڙي حقيقت آهي. ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي، تہ اوهان اُن تي ڪهڙي تعميل ڪندا. ها، ها، شريف انسانو، اوهان تسلي رکو، اوهان کي سچي حقيقت ٻڌائيندس. اوهان جي دلين ۾ ڪو بيو بيوقوفيءَ جو خيال آهي. توهان کي خبر نہ آهي، تہ هن ماڻهوءَ سان ڪيئن هلڻ گهرجي! اوهان کي تہ هڪ

قيديءَ کان خود اُن جي خلاف ثابتي ونڻي آهي، جنهن ۾ سندس ئي نقصان آهي. ها مان عزت وارو انسان آهيان ۽ اوهان نہ."

جاچ ڪندڙ عملدار بنا ڪنهن پڻ پڻ جي اهو سڀ ڪجهہ ڳڙڪائي ويو. هُو بي صبريءَ مان، نئين حقيقت ڪي ٻڌڻ لاءِ ڏڪي رهيو هو. هوريان هوريان وضاحت سان مِتيا نشانين بابت ڪين سڀ ڪجهہ ٻڌايو، جي فيودورپاولوچ، سميردياڪوف لاءِ ايجاد ڪيون هيون. هن ڪين پوريءَ طرح ٻڌايو، تہ دريءَ تي ڪيترن ڏڪن هٿڻ سان ڪهڙو ٿي مطلب نڪتو؟ هن ميز تي ڏڪ هڻي ڏيکاريا. جڏهن نڪولائي پارفينووچ ڪانئس پڇيو، تہ فرض ڪجي، تہ هن جڏهن هيءَ نشاني ڏني، تہ گروشينڪا آئي آهي تڏهن واقعي سندس پيءُ ايئن سمجهيو هو، تہ گروشينڪا آئي آهي.

"هاڻي جيئن وڻي، تيئن اوهان پنهنجي مناري ڪي ٻڌايو." مِتيا ڪين چيو ۽ وري عزت واري نموني ڪانئن پري ٿي ويو.

ها، تڏهن اِهي نشانيون تنهنجي پيءُ، اُن جي نوڪر ۽ توکان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي؟ ٻيو ڪوبہ نہ؟ نڪولائي پارفينووچ، هڪ ڀيرو وڌيڪ ڪانئس پڪَ ڪرڻ گهري.

"هائو سميردياڪوف ۽ خدا. خدا لاءِ بہ لکي ڇڏيو. اِهو بہ شايد اوهان ڪي ڪم اَچي وڃي. اُن ڪانسواءِ خدا جي اوهان ڪي ضرورت بہ آهي."

واقعي هنن اڳ ۾ لکڻ شروع ڪري ڏنو هو، پر جڏهن هُو لکي رهيا هئا، تڏهن جاچ ڪندڙ عملدار اوچتو ڪجهہ چوڻ لڳو، ڇڻ تہ هُو ڪنهن نئين خيال ڪي قائم ڪري رهيو هو.

"پر جيڪڏهن سميردياڪوف بہ اِهي نشانيون ڄاڻي ٿو ۽ تون پيءُ جي قتل کان قطعي انڪاري آهين، تہ اِيئن ٿي نہ ٿو سگهي، تہ هن قبول ڪيل نشانين ڪي کڙڪايو هجي ۽ تنهنجي پيءُ ڪي لالچايو هجي، تہ دروازو کولي ۽ اُن کان پوءِ ..... ڏوهہ ڪيائين."

مِتيا اُن تي مڪمل ريت طعني پري نگاهہ وڌي، جنهن مان پوري نفرت ظاهر پئي ٿي. سندس خاموش نگاهون ايتريون، تہ ڊگهيون ٿي ويون هيون، جو جاچ ڪندڙ عملدار اکيون ڇنڀڻ لڳو.

مِتيا تشريح ڪندي جواب ڏنو، تہ "اوهان گدڙ ڪي وري ڦاسايو آهي. توهان مرونءَ ڪي پڇ کان ورتو آهي. ها، ها، جاچ ڪندڙ عملدار، مان تہ ايئن ئي ٿو ڏسان. توهان ايئن خيال ڪيو آهي، تہ مان اُن تي ٽپو ڏيندس ۽ توهان جي اشاري تي اُن ڪي ڦاسائيندس ۽ پنهنجي پوري زور سان واڪا ڪري چوندس، تہ سميردياڪوف قاتل آهي. توهان قبوليت ڏيو، تہ اوهان جي دل ۾ اِهي خيال آهن يا نہ؟ قبوليت ڏيو، تہ مان اڳتي وڌان!"

پر جاچ ڪندڙ عملدار ڪا بہ قبوليت نہ ڏني. هن پنهنجي زبان کي روڪي ورتو ۽ ترسيو.

”توهان غلط آهيو. مان اِيئن ڪڏهن بہ واڪا نہ ڪندس، تہ سميرڊياڪوف قاتل آهي.“ مِتيا چيو.

”تون اُن ۾ فقط شڪ بہ نہ ٿو آڻين؟“

”ڇو، اوهان منجهس شڪ آڻيو ٿا؟“

”هُن ۾ پڻ شڪ آڻي ٿو سگهجي.“

مِتيا پنهنجي نگاهن کي زمين ۾ کپائي ڇڏيو.

”مذاق کي ٻاهر رکو.“ اُداسائيءَ مان چيو. ”ٻُڌو، شروع کان ئي، بلڪل اُن گهڙيءَ کان، جڏهن مان اوهان کان ڊوڙي پردي جي پويان ويو هوس، مون کي سميرڊياڪوف جو خيال، دل ۾ موجود هو. مان هتي ويهي، اِيئن واڪا ڪندو ٿي رهيس مان معصوم آهيان. ۽ سمورو وقت خيال ڪندو رهيس، تہ سميرڊياڪوف! مان سميرڊياڪوف کي ڪو دماغ مان ڪڍي نہ سگهيس. مان پڻ هاڻي سميرڊياڪوف لاءِ پئي خيال ڪيو ۽ هڪدم! پر ٿورن سيڪنڊن لاءِ. پر پوءِ مان خيال ڪيو، تہ شريف انسانو نہ، هيءُ سميرڊياڪوف جو ڪم نہ آهي.

”اهڙيءَ حالت ۾ تون ٻئي ڪنهن ۾ شڪ رکي سگهين ٿو؟“ نڪولائي پارفينووچ خبرداريءَ سان ڪانئس پڇيو.

”مون کي ڪا بہ خبر نہ آهي، تہ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ آلائجي هن ۾ خدا جو هٿ آهي يا شيطان جو ......؟ پر سميرڊياڪوف ٿي نہ ٿو سگهي.“ مِتيا فيصلا ڪُن انداز ۾ چيو.

”پر اُها ڪهڙي شيءِ آهي، جو توکي يقين ۽ وضاحت ڏياري ٿي، تہ هيءُ ڏوهي نہ آهي؟“

”پنهنجي فيصلي ۽ پنهنجي اَثر ڪان. ڇاڪاڻ تہ سميرڊياڪوف سخت بزدل نموني جو ڪردار آهي. هيءُ فقط بزدل نہ آهي، پر سڄيءَ دنيا جي بزدليءَ جو نچوڙ آهي، ڪيس هڪ ڇُوزي جي دل آهي. جڏهن هن مون سان ڳالهايو آهي، هُو مون کان ڪنبندو رهندو آهي. ڪيس خوف هوندو آهي، تہ مان ڪيس قتل نہ ڪري وجهان. جيتوڻيڪ مان ڪڏهن بہ مٿس هٿ نہ ڪنيو آهي. هُو منهنجي پيرن تي ڪرندو آهي ۽ ٻٽ ٻٽ ڪندو آهي. هُو منهنجي هنن بوٽن کي چمي ڏيندو آهي، جنهن جو مطلب آهي، تہ مان ڪيس نہ ڊيڄاريان. توهان ٻڌو ٿا نہ؟ انهيءَ لاءِ تہ مان ڪيس نہ ڊيڄاريان. ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! مان تہ ڪيس پيسا بہ آڇيا هئا. هُو رِين رِين ڪرڻ وارو ڇوزو

آهي - بيمار، مرگهيءَ وارو ۽ ڪمزور دل جو ماڻهو آهي. ايتري قدر جو اُنَ سالن جو بار بہ ڪيس مار ڏئي سگهي ٿو. وتس ڪو لڄڻ ئي ڪونهي. جو اُن کي ٻڌايو وڃي. شريف انسانو، سميرڊياڪوف تي نہ ٿو سگهجي. ڪيس نہ پيسي جي پرواهہ آهي ۽ نہ وري منهنجي سوڪڙين کي ڪڏهن قبول ڪيو اٿس. اُن ڪانسواءِ پوڙهي ماڻهوءَ جي قتل ڪرڻ مان سندس ڪهڙو مطلب ٿي پورو ٿيو؟ هُو تہ سندس پٽن وانگر هو .... هن جو جسماني پُٽ. توهان کي اُن جي خبر آهي؟"

"اسان اهو داستان ٻڌو آهي، پر تون پنهنجي پيءُ جو پڻ پُٽ بہ آهين، جا توکي خبر آهي، پر اُن هوندي بہ تون سڀ کي چوندو ٿو وتين تہ تون پنهنجي پيءُ کي قتل ڪندين؟"

"اهو هڪ دڙڪو پڻ، هڪ بيهودگي ۽ ڪميڻائپ، پر مون کي ڪوبہ خوف نہ آهي. شريف انسانو، چا هيءَ بنيادي حقيقت نہ آهي، جا اوهان مون کي منهنجي منهن تي چئو ٿا، چاڪاڻ تہ اها حقيقت مان ئي اوهان کي ٻُڌائي آهي. مان فقط ڪيس قتل ڪرڻ نہ ٿي گهريو، پر شايد ايئن ڪريان بہ ها. انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا! مان اوجهڙ ۾ وڃي، اوهان کي سڀ ڪجهہ پاڻ ٻڌايو آهي، تہ مان ڪيس ويجهو، ويجهو قتل ڪرڻ تي پهتو هوس، پر مان ڪيس قتل نہ ڪيو آهي. منهنجي محافظ فرشتي مون کي بچائي ورتو - اهائي ڳالهہ آهي، جنهن کي اوهان پنهنجي جاچ ۾ نہ آندو آهي. اِهوئي سبب آهي، جو اوهان وٽ اها بنيادي حقيقت بڻجي وئي آهي، پر مان تہ هن کي قتل نہ ڪيو آهي. مان هن کي قتل نہ ڪيو آهي، توهان ٻڌو بہ اٿا، مان هن کي قتل نہ ڪيو آهي."

هو بيحد پريشان ٿي ويو هو. هُو سڄي سوال جواب ۾ ڪڏهن بہ ايترو غمزده نہ ٿيو هو.

"شريف انسانو!" پر هُن اوهان کي ڇا چيو - "سميرڊياڪوف ڪان منهنجو مطلب آهي....؟" توري ويرم رکي، هن وري چيو تہ، "ڇا مان اِهو سوال پڇي سگهان ٿو؟"

"تون ڪوبہ سوال پڇي سگهين ٿو." جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس غير معمولي سختيءَ سان چيو. "ڪوبہ سوال جنهن جو مقدمي سان رابطو هجي. اسان ٻڌل آهيون، تہ اُن جو جواب ڏيون. اسان سميرڊياڪوف جي ملازم کي، جنهن جي لاءِ تون پڇي رهيو آهين، بستري ۾ بيهوش پيل ڏٺو. جنهن جي مٿان مرگهيءَ جو سخت دورو هو. ٿي سگهي ٿو، تہ اِهو دورو مٿس ڏهہ ڀيرا پيو هجي. ڊاڪٽر جو اسان سان گڏ هو، اُن ڪيس ڏسي ٻڌايو، تہ ٿي سگهي ٿو، تہ هُو رات مشڪل سان جيئرو رهي سگهي."

"صحيح، جيڪڏهن ايئن آهي، تہ شيطان ئي ڪيس قتل ڪيو هوندو." مِتيا ڪان اوچتو هيءُ جملو نڪري ويو. ڇڻ تہ هُو اُن وقت تائين گهريءَ سوچ ۾ هو، ۽ پاڻ ڪان پڇي رهيو هو تہ: "اِهو سميرڊياڪوف ٿي سگهي ٿو يا نہ؟"

"اسان هن ڏي پوءِ ايندا سين،" نڪولائي پارفينووچ، پختگيءَ سان چيو. هاڻي تون جيڪر پنهنجي بيان کي جاري نہ رکين؟"

متيا کين آرام ونڻ لاءِ چيو. سندس عرض کي نهايت مروت سان قبول ڪيو ويو. آرام ونڻ کان پوءِ، هن وري پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي، پر هُو ڏاڍو غمناڪ هو. هُو تڪل ۽ اخلاقي طرح زبون هو. حالتن کي خراب ڪرڻ لاءِ جاچ ڪندڙ عملدار کيس غصو ڏياري رهيو هو. جڻ تہ هيءُ سڀ ڪجهہ ڄاڻي واڻي اهڙين ڳالهين ۽ نقطن جي دخل اندازي ڏيڻ سان ڪيو تي ويو. مشڪل سان متيا هي بيان ڪري رهيو هو، تہ ڪهڙي ريت هو لوڙهي تي وينو. ڪيئن، گريگريءَ کي متي وارو دستو هنيو هئائين ۽ هُن کيس ڪيئن ڪبي ٽنگ کان جهليو ۽ ڪيئن هُو ٽپو ڏيئي، هيٺ کيس ڏسڻ لاءِ لٿو. تہ اُن وقت جاچ ڪندڙ عملدار کيس روڪيو ۽ چيائينس تہ هُو ڏيڪاري، تہ ڪيئن هُو پوريءَ ريت ديوار تي وينو هو. متيا کي عجب لڳو.

"ها، مان اهڙيءَ ريت پٽ تي وينو هوس. هڪ ٽنگ پٽ جي هڪ پاسي هئي، ۽ ٻي، ٻي پاسي."

"۽ دستو؟"

"دستو منهنجي هٿ ۾ هو."

"تنهنجي کيسي ۾، تہ نہ هو؟ توکي چڱيءَ ريت ياد آهي؟ ڇا اِهو سخت ڌڪ هو، جو تو اُن کي هنيو هو؟"

"اهو سخت ڌڪ هوندو، پر اوهان سوال ڇو ٿا پڇو؟"

تون اَسان کي ڪرسيءَ تي ويهي ڏيکاريندين، جيئن تون اُن وقت ديوار تي وينو هُئين؟ اَسان کي اِهو بہ ڏيکار، تہ تو ٻانهن کي ڪيئن تحرڪ ۾ آندو هو، ۽ ڪهڙي طرف ڏئي؟"

"اوهان مون سان مذاق ڪري رهيا آهيو، هائو نہ؟" متيا گرم ٿي ڳالهائيندڙ ڏانهن ڏٺو، پر هُن اُن ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو.

متيا هڪدم ڦريو، ڪرسيءَ تي لانگ ورائي وينو ۽ پنهنجي ٻانهن کي هوا ۾ هلايائين.

"اهڙيءَ ريت مان کيس ڌڪ هنيو هو، ۽ اِهڙيءَ ريت مان کيس هيٺ ڪيرايو هو! توکي وڌيڪ ٻيو ڇا کپي؟"

"شڪريہ، مان هاڻي توکي اجا تڪليف ڏئي رهيو آهيان، تہ مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندين، تہ تون هيٺ ڇو لهي وئين، ايئن ڪرڻ سان تنهنجي ڪهڙي مراد هئي؟"

"ڪڏ ۾ وجهينس ..... مان هيٺ ٽپو ڏئي اِنهيءَ لاءِ آيو هوس، تہ مان اُن ماڻهوءَ کي ڏسان، جنهن کي مون ڌڪ هنيو آهي ..... مون کي خبر نہ آهي، تہ مون ايئن ڇو ڪيو!؟"

"تون جيتوڻيڪ جوش ۾ هـُئين ۽ اُتان ڀڄندو بہ تي وئين؟"

"هائو. جيتوڻيڪ مان جوش ۾ هئس ۽ اُتان ڀڄڻ تي گهريم."

"تو ڪيس مدد تي ڪرڻ گهري؟"

"مدد! ..... هائو. شايد مان ڪيس مدد ڪرڻ تي گهري ..... پر مون کي ياد نہ تو اچي."

"توکي ياد نہ تو اچي؟ تڏهن تون پوريءَ ريت نہ تو ڄاڻين، تہ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟"

"اِيئن نہ آهي، مونکي سڀ ڪجهہ ياد آهي - سيڪو ئي تفصيل. مان ٽپو ڏيئي هيٺ لهي آيس، تہ اُن کي ڏٺم. مان پنهنجي رومال سان اُن جي منهن کي اُگهيو."

"اسان تنهنجي رومال کي ڏٺو آهي. توکي اُميد هئي، تہ اُن کي تون هوش ۾ آڻي سگهندين؟"

"مان اِهڙيءَ اُميد تي رکي، مون کي اُن جي خبر نہ آهي. مون کي فقط اِها پـَـڪ ڪرڻي هئي، تہ هـُو جيئرو آهي يا نہ؟"

"ها، تہ توکي اِها پـَـڪ ڪرڻي هئي. نيڪ آهي پوءِ ڇا ٿيو!؟"

"مان ڊاڪٽر نہ آهيان، مان ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهيس. مان اُتان هيءُ خيال ڪري ڀڳس، تہ مان اُن کي ماري ڇڏيو آهي، پر هـُو هاڻي ڄڙهي پيو آهي."

"نهايت خوب!" جاچ ڪندڙ عملدار تشريح ڪندي چيو. مهربان! مون کي اِهائي حقيقت کپندي هئي. مهرباني ڪري اڳتي وڌو."

افسوس مـِتيا جي مغز ۾ اها ڳالهہ نہ آئي، تہ کين ٻڌائي، جا کيس ياد بہ هئي تہ هـُو رحم ۽ افسوس جي باعث هيٺ ٽپو ڏئي آيو هو. جڏهن اُن گوشت جي ڍڳ مٿان بيٺو هو، تڏهن سندس زبان کان ڪي لفظ نڪتا هئا. اُهي ڏک ڀريا لفظ هئا. تہ "تون تہ ڏک ۾ اَچي وئين پوڙها ماڻهو - مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ تو ڪري سگهان؟ تون اِتي پيو رهہ."

جاچ ڪندڙ عملدار فقط هڪ نتيجي تي پهتو، تہ ماڻهو اِنهيءَ لاءِ ٽپو ڏيئي هيٺ آيو هو، تہ اِهڙيءَ گهڙيءَ ۾، ۽ اِهڙي جوش ۾، هـُن هيءُ ڏسڻ تي گهريو، تہ قتل جو فقط اهو شاهد، جيئرو آهي يا مري ويو آهي! اُن وقت هـُو وڏيءَ طاقت وارو، تـڏو، فيصلي وارو ۽ وڏي نگاهہ وارو هوندو، جيئن اهڙن موقعن تي اَڪثر ٿيندو آهي ...."

جاچ ڪندڙ عملدار کي تسلي تي وئي. "مان هن منجهيل انسان کي، پيچيدگين سان، اِنهيءَ کان گهڻو وڌيڪ چورايو اٿم، جو کيس چوڻو هو."

تڪليف ڏيندڙ نوع ۾، مـِـتيا اڳتي وڌيو، پر هـن ڀيـري جلـد ئـي نڪولائـي پارفينووچ کيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.

تون ڪيئن فيودوسويا مارڪووينا ملازم ڏي ڊوڙندو ويئين؟ تنهنجا هٿ رَت سان ڀريل هئا ۽ جيئن ڏسڻ ۾ ٿي آيو تنهنجو منهن بہ-؟"

"ها، مان اُن وقت رت کي ڏٺو ئي ڪونہ هو." مِتيا جواب ڏنو.

"ايئن ٿي سگهي ٿو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي." جاچ ڪندڙ عملدار ۽ نڪولائي پارفينووچ، نگاهن ۾ ڪجهہ هڪٻئي کي چيو.

"مان اُن کي نہ ڏٺو هو. تون بلڪل صحيح آهين، جاچ ڪندڙ عملدار." مِتيا اوچتو قبوليت ڏني.

هاڻي مِتيا، جي اُها حقيقت ٿي آئي، جو هن اوچتي پختي خيال سان، سڀ ڪجهہ پَري رکي، پنهنجي خوشيءَ لاءِ راهہ ٿي گهڙي. پر هُن اِهو مناسب نہ سمجهيو، تہ هُو اڳ وانگر سندن اڳيان دل کولي رکي ۽ کين پنهنجي روح جي راڻيءَ لاءِ ٻڌائي. ڪيس هيءُ ناپسند هو، تہ اهڙين سردمهر طبعيتن جي اڳيان، اُن جي بابت ڳالهائي، جي مَکن وانگر ڪيس ويڙهي ويا هئا. اُنڪري هُو سندس سوالن جا جواب مختصر طرح ڏيندو رَهيو.

"خير مان فيصلو ڪيو هو، تہ پنهنجو خاتمو آڻيان. منهنجي جيئڻ جو هاڻي سامان ئي ڪهڙو هو؟ اهوئي سوال هو، جو مون کي منهن ۾ ٿي آيو. هُن جو پهريون حقدار محبت وارو پهچي چُڪو هو، جنهن ماڻهو ساڻس غلط روش اختيار ڪئي هئي! جو پنجن سالن کانپوءِ ڪانئس محبت وصول ڪرڻ آيو هو ۽ غلط شاديءَ جي لاءِ ...... اُنڪري منهنجي لاءِ سڀ ختم ٿي چڪو هو ...... منهنجي پويان غمناڪي هئي ۽ اها رت ...... گريگريءَ جي ...... باقي جيئڻ ڇا جو هو؟ اُنڪري مان ويس تہ پستولَ کي ڪيان، جيئن منهنجو فيصلو هو، اُن ۾ گولي وجهان ۽ سياڻي پنهنجي مٿي ۾ هڻان."

"۽ اُن کان اڳ ۾ هڪ وڏي دعوت هئي؟"

"هائو، هڪ رات اڳ ۾ هڪ وڏي دعوت هئي، شريف انسانو، هنن سيني کي ڪڏ ۾ وجهو. جلدي ڪريو ۽ هن کي پورو ڪريو.... منهنجو مقصد هو، تہ مان هتي پاڻ کي گولي نہ هڻان، پر ڳوٺ جي ٻاهران. مان اِهو فيصلو ڪيو هو، تہ پنجين وڳي صبح جو پاڻ کي پورو ڪريان. مان هڪ بيان لکي، پنهنجي کيسي ۾ رکيو هو. مان اهو پروهيتن وٽ ليکو هو. جڏهن مان پستول کي گولين سان ڀريو هو. اِجهو هيءُ آَهي، اُهو خط. هن کي پڙهو. جيتوڻيڪ اهو اوهان جي لاءِ نہ آهي!" هُن اِهو جملو نفرت مان چيو. هُن اِهو خط پنهنجي صدريءَ جي کيسي مان ڪڍيو ۽ ميز تي اُڇلايائين. وڪيلن اُن کي وڏيءَ حيرت سان پڙهيو ۽ رواجي طور اُن کي مقدمي جي ٻين ڪاغذن سان گڏ رکيائون.

"توکي پروهيتن وٽ رکو هٽن ڏوئڻ جو بہ خيال نہ آيو؟ توکي اِهو بہ خوف نہ ٿيو تہ متان اُن مان ڪو شڪ جاڳي پوي؟"

"ڇا جو شڪ ۽ شبهو؟ شڪ پيدا ٿئي پيو يا نہ؟ مان هتي ساڳئي خيال سان، نہ آيو هوس ۽ پنجين بجي مان پاڻ کي گولي هڻي پورو ڪري ڇڏيان ها. جڏهن اوهان وقت تي ئي نہ پهچو ها، تہ ڇا ڪريو ها! جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي ها، جو ڪجهہ منهنجي پيءُ سان ٿي گذريو آهي، تہ اوهان کي ڪابہ خبر نہ پوي ها، ۽ نہ وري هيڏي اَچو بہ ها. ها، هي شيطان جو ڪم آهي. اِهو شيطان هو، جنهن منهنجي پيءُ کي قتل ڪيو، ۽ اِهو شيطان ئي هو، جنهن جي معرفت اوهان هن حقيقت کي جلدئي معلوم ڪري ورتو. توهان هتي ڪيئن ايترو جلدي پهتا." اها ڪرامت آهي، يا خواب!"

"مسٽر پروهيتن اَسان کي ٻڌايو هو، تہ تون جڏهن وٽس ويو هئين، تہ تنهنجي هٿن ۾ ........رت جي داغن سان ڀريل..... تو وٽ پيسا هئا ..... تمام گهڻي رقم ...... سَوَ روبل جي نوٽن جي ٿهي هئي، جنهن کي سندس ملازم ڇوڪري بہ ڏٺو هو."

"شريف انسانو، اِهو سچ آهي، مون کي ياد آهي، ايئن برابر هو."

"هاڻي، اُن مان نهايت ٿوري ڳالهہ پيدا ٿئي ٿي." نڪولائي پارفينووچ ڪانئس پڇڻ شروع ڪيو، تہ "تون ٻڌائي سگهندين، تہ تو اها رقم اوچتو ڪٿان هٿ ڪئي؟ جڏهن حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ۽ وقت جي اَندازي مان ڏسڻ ۾ اَچي ٿو، تہ تون گهر ويو ئي نہ هئين." نڪولائيءَ جي آواز ۾ مروت ٿي ڏٺي.

جاچ ڪندڙ عملدار جي پرون ۽ سوال تي تشنج پيدا ٿي ويو. سوال بلڪل وضاحت سان پڇيو ويو هو، پر هن نڪولائي پارفينووچ جي سوال ڪان پوءِ ڪجهہ نہ ڳالهايو.

"نہ، مان گهر نہ ويو هوس." مِتيا بلڪل صاف ۽ قبول ڪندي جواب ڏنو، پر هُو زمين ڏي نهاري رهيو هو.

"مون کي اِجازت ڏي تہ مان پنهنجي سوال کي وري دهرايان." نڪولائي پارفينووچ پنهنجي سوال ڏي وڌيو، ڄڻ تہ هُو اُن مضمون ڏي آهستگيءَ سان چرندو ٿي ويو. "تو ڪٿان ۽ فوري طور تي ايڏي رقم حاصل ڪري ورتي، جڏهن تنهنجي ئي قبوليت موجب، ساڳي ڏينهن پنجين بجي ....."

"مون کي ڏهہ روبل جي ضرورت هئي، جنهن جي لاءِ مان پروهيتن وٽ پنهنجو پستول گروي رکيو هو. اُن کان پوءِ بيگم هاٺلڪوف ڏي ويو هوس، تہ ڪانئس ٽي هزار روبل قرض وٺان، پر هن مون کي نہ ڏنا ۽ اِهڙيءَ ريت بين وٽ بہ ويس." مِتيا جلديءَ مان وچ ۾ دخل ڏيندي چيو. "هائو شريف انسانو، مان ڏاڍي گهرج ۾ هوس. اوچتو

هزارين روبل ملي پيا. توهان ڄاڻو ٿا، شريف انسانو! توهان ٻنهي کي هاڻي اهو خوف درپيش آهي، ته هاڻي هيءُ اسان کي نه ٻڌائيندو. ته اها رقم ڪيس ڪٿان هٿ آئي؟ ڪيئن ايئن آهي نه؟ توهان جو خيال برابر درست آهي. اوهان کي اها خبر ڪڏهن به نه پوندي." مِتيا هرهڪ لفظ کي ڳٽي ۽ ڳوتي، غير معمولي فيصلي ڪندڙ انداز ۾ چيو. وڪيل ويرم لاءِ خاموش ٿي ويا.

"مسٽرڪرامازوف توکي ڄاڻڻ کپي، ته اسان کي انهيءَ ڄاڻ جي شدت سان ضرورت آهي." نڪولائي پارفينووچ، آهستي ۽ صاف طرح ڪيس چيو.

"مان اهو ڄاڻان ٿو. پر اوهان کي نه ٻڌائيندس."

جاچ ڪندڙ عملدار به دخل ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ڪيس وري به ياد ڏياريائين، ته "قيديءَ کي پوري آزادي آهي، ته هُو ڪنهن سوال جو جواب ڏئي يا نه ڏئي؟ پر جيڪڏهن اُن ۾ سندس فائدو هجي، پر پنهنجي خاموشي سان، پاڻ کي هُو جو نقصان پهچائي ٿو، خاص ڪري اهڙي مقدمي ۾، نهايت وڏو آهي ......"

"شريف انسانو! اڳتي وڌو اڳتي. ڪافي آهي. مان هن فضول گفتگوءَ کي اڳ ۾ به ٻُڌي چڪو آهيان." مِتيا وري به وچ ۾ دخل اندازي ڪئي. مان پاڻ ڏسان ٿ و. ته اهو سوال ڪيترو نه اهم آهي ۽ اها حقيقت نهايت ضروري آهي، پر اُن هوندي به مان ٻُڌائيندس."

"اسان جو ڇا؟ اهو تنهنجو پنهنجو عمل آهي. تون پاڻ کي پاڻ نقصان پهچائي رهيو آهين." نڪولائي پارفينووچ ڪيس پريشانيءَ مان چيو.

"مذاق کي ڇڏيو، شريف انسانو." مِتيا پنهنجي اکين کي مٿي ڪٽي، پختگيءَ سان ٻنهي ڏي نهاريو. مون کي شروع کان ئي خفيف شبهو هو، ته اسان ڪنهن حقيقت تي احمق بڻجي ويندا سون. پر پهريائين جڏهن مان پنهنجي زباني ڏيڻ شروع ڪئي هئي، ته خاموشي ۽ اونداهي هئي، ۽ سڀ ڪا ڳالهه پئي ٻُڌي ۽ تري، مان ايترو ته سادو هوس، جو مان پنهنجي ابتدا ئي هن فڪر سان ڪئي هئي، ته ٻنهي طرفن جي وچ ۾ پورو پورو اعتبار رهندو. پر هاڻي مان پاڻ کي ئي ڏسان ٿو، ته اها رازداري رهي ئي نه آهي ۽ اُن جي لاءِ ڪو سوال ئي نه ٿو اُٿي. منهنجي حالت ۾ اسان لاءِ ضروري هو. ته هن نحس ۽ منجهائيندڙ منزل تي اچي وڃون. هاڻي اسان اُتي پهچي ويا آهيون! اها ناشُدني به آهي ۽ اتي پڄاڻي به ٿئي ٿي! پر مان هن لاءِ اوهان کي ڪو به ڏوهه نه ڏيندس. توهان فقط منهنجي لفظ تي اعتبار نه ٿا ڪري سگهو. مان بيشڪ هن کي سمجهان ٿو."

هُو وري اداس اُداس خاموشيءَ ڏانهن هليو ويو.

"ڇا تون، هن مڪيه حقيقت جي لاءِ، پنهنجي خاموشيءَ جي پختي فيصلي کي بدلائي نه ٿو سگهين؟ اسان کي ڪا ٿوري حقيقت ئي هن معاملي بابت ڏي، ڇا ايتري

مضبوط آهي ۽ توکي لالچائي ٿي، تہ تون اُن جو انڪار ڪرين. سو بہ اِهڙي نازڪ موقعي تي، جڏهن تون پوريءَ ريت خطري ۾ گهيريل آهين؟"

مِتيا ماتم زده نموني ۾ مشڪيو. ڄڻ تہ هو خواب ۾ هو.

"شريف انسانو. مان انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ نيڪ طبعيت وارو آهيان. جيئن اوهان سمجهو ٿا. مان اوهان کي اُن جو سبب بہ ٻڌائيندس، تہ هاڻي ايئن ڇو ٿيو ۽ ڪجهہ اشارو بہ. جيتوڻيڪ اوهان اُن جي لائق نہ آهيو. شريف انسانو! مان هن جي لاءِ وڌيڪ نہ ڳالهائيندس. ڇاڪاڻ تہ اِهو منهنجي عزت جي لاءِ داغ ٿيندو. هن سوال جو جواب، تہ مان اِها رقم ڪٿان آندي، خون ۽ پنهنجي پيءُ کي قرڻ ڪان بہ وڌيڪ ڏک ڏيندڙ ٿيندي! جيڪڏهن مان اُن کي خون ڪيو هجي ها يا ڦريو هجي ها. اهوئي سبب آهي، جو مان اوهان کي نہ ٿو ٻڌائڻ گهران. هي سڀ اُن ڏک جي سببَ ڪان آهي. شريف انسانو. ڇا اوهان اِهو بہ لکڻ چاهيو ٿا؟"

"هائو. آسان اهو بہ لکنداسون." نڪولائي پارفينووچ هٻڪندي چيو.

"توهان منهنجي هن ندامت کي نہ لکو. مان اوهان کي هيءُ سيڪجهہ نيڪدليءَ جي ڪري ٻڌايو آهي. مان جيڪر اوهان کي نہ ٻڌايان ها. مان ايئن چوان تہ، هيءُ سڀ ڪجهہ اوهان جي لاءِ تحفي طور هو ۽ اوهان اُن تي هڪدم زور ڏئي رهيا آهيو - چڱو لکو. جيڪي اوهان کي وڻي سو لکو." هن نفرت جي جهَلڪ سان پنهنجي گفتگو کي پورو ڪيو. "مون کي اوهان کان ڪوبہ خوف نہ آهي ۽ منهنجو سَر اَڃا بہ اوهان جي اڳيان بلند آهي."

"پر تون پنهنجي ندامت جي حقيقت ڪي ٻڌائي نہ ٿو سگهين؟" نڪولائي پارفينووچ خطري کي پنهنجي سَر تي کڻي چيو.

جاچ ڪندڙ عملدار سخت بگڙجي ويو.

"نہ، نہ. توهان پاڻ کي تڪليف ۾ نہ وجهو. مان سزا پنهنجي هٿن سان پوڳي رهيو آهيان. مان پنهنجي هٿن سان گهڻو ئي پوکي چُڪو آهيان. جيئن اوهان ڏسو ٿا. توهان اِنهيءَ جي لائق ئي نہ آهيو. ڪوبہ نہ آهي ..... ختم. شريف انسانو. مان اڳتي ڪجهہ بہ نہ چوندس."

هيءُ سڀ ڪجهہ نهايت وضاحت سان چيو ويو. نڪولائي پارفينووچ، اُن تي وڌيڪ زور نہ ڏنو. پر هن ائيپولٽ ڪريليوويچ جي اکين مان ڏٺو. تہ هن اُميد لاهي نہ ڇڏي آهي.

"ڇا تون ايترو بہ نہ ٻڌائي سگهندين؟ تون جڏهن پروهيتن وٽ ويو هئين، تہ تنهنجي هٿ ۾ ڪيتري رقم هئي - صحيح صحيح ڪيترا روبل هئا؟"

"مان اِهو اوهان کي ٻڌائي سگهندس."

"تو مسٽر پروهيٽن کي جيئن ٻڌايو هو، تہ بيگم هائلڪوف ڪان توکي ٽي هزار روبل مليا هئا."

"شايد مون ايئن چيو هجي. شريف انسانو، بس، بس. مان اِهو نہ ٻڌائيندس تہ مون وٽ ڪيترا روبل هئا."

"تون فقط هاڻي اِهو ٻُڌاءِ تہ تون هتي ڪيئن آئين ۽ هتي پهچڻ ڪان پوءِ، تو ڇا ڇا ڪيو؟"

"او، اوهان، هتان جي بابت ماڻهن ڪان پڇي سگهو ٿا، پر جيڪڏهن اوهان جي مرضي آهي، تہ مان اِهو بہ توهان کي ٻڌائيندس."

هُو سڀڪي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو، پر اَسان هتي اُن کي نہ دهرائينداسون. هن نهايت خشڪ ۽ اَڻ وڻندڙ نموني سان ٻڌايو. محبت جي جذبات جي بابت هُــن ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو، پر ڪين ٻڌايائين، تہ حالتن جي نون پرَماڻن موجب، هن پاڻ کي گولي هڻڻ جي خيال کي ترڪ ڪري ڇڏيو. هن تفصيل ۽ حقيقي اِرادي ۾ وڃڻ جي بجاءِ رڳي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن پيري وڪيلن بہ ڪيس گهڻي پريشاني نہ ڏني. ايئن بہ هو، تہ هن مقام تي سندن لاءِ ڪو ضروري دلچسپي جهڙو نقطو بہ ڪونہ رهيو هو.

"اسان هن جي پوري جاچ پڙتال ڪنداسون. اَسان هن حقيقت ڏي وري موٽي اينداسون، جڏهن شاهدن جي پڇا ڪنداسون. جا پڻ تنهنجي حاضري ۾ ٿيندي." نڪولائي پارفينوويچ آخر ۾ چيو. "هاڻي مون کي اِجازت ڏي تہ مان توکي عرض ڪريان، تہ تنهنجي قبضي ۾، جو ڪجهہ بہ آهي، اُهو ميز تي ٻاهر ڪڍي رک. خاص ڪري پيسا."

"شريف انسانو، منهنجي رقم؟ يقينًا. مان سمجهان ٿو، تہ اِها ضروري شيءِ آهي. مون کي سچ پچ عجب ٿو لڳي، تہ اوهان اڳ ۾ اُن جي بابت جاچ ٿي نہ ڪئي آهي؟ اِهو بہ سچ آهي، تہ مان ڪاڏي ڀڄو نہ ٿي ويس. مان اِتيئي ويٺو آهيان، جتي اوهان ڏسو ٿا. اِجها هيءَ آهي، منهنجي رقم! ڳڻو. مان خيال ڪريان ٿو، تہ اِهائي آهي."

هن کيسي مان سڀ رقم ٻاهر ڪڍي. ايتري قدر جو ننڍن سڪن کي بہ ٻاهر ڪڍيو، جي فقط ويهہ هئا - هن پنهنجي صدريءَ جي کيسن کي بہ اُتلايو. هنن رقم کي ڳڻڻ شروع ڪيو. اُها ڪُل اَٺ سَو ڇٽيهہ روبل ۽ چاليهہ ڪاپڪس ٿي.

جاچ ڪندڙ عملدار ڪانئس پڇيو تہ "ڇا سڀڪي رقم اِهائي هئي؟"

"هائو."

"تو هاڻي پنهنجي بيان ۾ چيو هو، تہ تو پلاٽينڪوف وٽ ٽي سَوَ روبل خرچ ڪيا هئا. تو پروهيٽن کي ڏهہ ڏنا ۽ ڪوچبان کي ويهہ ۽ هتي تو ٻہ سَوَ ڪپايا. پوءِ ..."

نڪولائي پارفينووچ، هنن سيني جو جوڙ ملايو. متيا ڪيس مدد ڪرڻ لڳو. هنن پائي پائي ڪي ياد ڪيو، ۽ اُن کي بہ حساب ۾ وڌائون. نڪولائيءَ جلد ۾ جوڙ ڪري ملايو.

"هنن اَٺن سَون سوڊو. تو وٽ پهريائين پندرنهن سَوَ روبل هوندا؟"

"تي سگهي ٿو" متيا آهستگيءَ سان چيو.

"اِهو ڪيئن آهي، تہ ٻيا چون ٿا، تہ تو وٽ هن کان وڌيڪ رقم هئي؟"

"ڀلي ڪين اِيئن چوڻ ڏيو."

"پر تو بہ تہ اِيئن يقين سان ٿي چيو؟"

"هائو، مان بہ اِيئن ٿي چيو."

اسان هن حقيقت کي ٻين جي بيان سان ڀيٽينداسون، جن ڪان اَڃا پڇيو ئي نہ ويو آهي. تون پنهنجي رقم جي لاءِ انتظار نہ ڪر. اُن جي پوري پوري خبرداري ڪئي ويندي. آخر ۾ توکي ئي ملندي، پر اِهو ڏسڻو پوندو ۽ ثابت ڪرڻو پوندو، تہ تنهنجو انهيءَ رقم تي بنا ڪنهن جهڳڙي جي پورو پورو حق آهي ......"

نڪولائي پارفينووچ، اوچتو اُٿي بيٺو ۽ متيا کي وثوق سان چيائين تہ: "اِهو سندن فرض آهي، تہ سندس ڪپڙن ۽ ٻين شين جي جهڙتي ڏي ......"

"بيشڪ شريف انسانو! اوهان منهنجي کيسن کي جنهن ريت اُٿلائي پٿلائي ڏسو، جيڪڏهن اوهان جي خواهش آهي؟"

اِيئن چئي هن سچ پچ پنهنجي کيسن کي اُٿلائڻ پٿلائڻ شروع ڪيو.

"اِهو ضروري آهي، تہ تون پنهنجي سيني ڪپڙن کي لاهہ."

"ڇا اُگهاڙو ٿيان .... اُف! اِنهيءَ ڳالهہ کي ڇڏيو. اوهان منهنجي بدن جي اِيئن ڳولها ڪري نہ ٿا سگهو، جيئن آهيان! ڇا اِيئن نہ ٿا ڪري سگهو؟"

"اِهو تمام ضروري آهي، فيودورپاولووچ. توکي پنهنجا ڪپڙا لاهڻا پوندا."

متيا کي رنج ٿيندي قبول ڪرڻو پيو ۽ چيائين تہ: "جيئن اوهان جي مرضي، پر هتي نہ پردي جي پويان. پر ڳولا ڪير ڪندو؟"

"پردي جي پوئتان، نيڪ آهي؟"

نڪولائي پارفينووچ، منظور ڪندي، پنهنجي ڪنڌ کي جهڪايو. سندس ننڍڙي منهن تي، سنجيدگيءَ جون لڪيرون اُڀري آيون.

باب ڇهون

# جاچ ڪندڙ مِـتيا ڪي جهلي ٿو

ڪا شيءِ قطعي اُميد جي خلاف ۽ عجب ۾ وجهندڙ مـِتيا جي متـان گذري. ان ڪان اڳ هڪ منٽ بہ سندس دل ۾ اها ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ گذري هئي، تہ ڪو بہ اهڙي ناروا هلت ساڻس هلندو. سڀ ڪان بيچڙي ڳالهہ هيءَ هئي، تہ هنن جي طرفان اها سڄي ڪارروائي ڪيس بيچڙي ڪرڻ جي لاءِ هئي. ضعيف اعتقاد واري ۽ نفرت سان پريل.هن جي لاءِ ڪوٽ لاهڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي، پر اڳهاڙو تيڻ ڏکيو هو. هنن ڪيس ڪپـڙن لاهڻ لاءِ چيو، نہ پر حڪم ڏنو هو. جنهن ڪي هن چڱيءَ ريت تـي سمجهيو. پنهنجي غروري خودداريءَ ڪان، هن اُن ڪي بنا ڪنهن ٻڙڪ ڪـُڇڻ جي جلد ئي قبـول ڪري ورتو هو. ڪيترائي سر ڦريا ماڻهو وڪيلن سان گڏجي پيا ۽ پردي جي ساڳي پاسي وجي ويهي رهيا. اِنهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن زور جي ضرورت پوي، تہ هـُو ان ڪي پـورو ڪن. مـِتيا ڪي تہ اِهو خيال آيو، پر شايد ڪي ٻيا سبب بہ هجن!

"نيـڪ آهي، ڇا مـان پنهنجي قميـص بہ لاهيان؟" هـُـن تيـزيءَ سـان پڇيـو. پر نڪولائي پارفينوچ ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هو جاچ ڪندڙ عملدار سان گڏ، ڪـوٽ جي معائني ڪرڻ ۾ بيحد مشغول هو. هـُو ڪوٽ سـان گڏ، شلوار، صدري ۽ ٽوپيءَ ڪي بہ ڏسي رهيا هئا. هيءَ حقيقت آهي، تہ هـُو، هـُن تفتيش ۾ بيحد دلـچسپي وٺي رهيا هئا. هنن ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنو. مـِتيا اُن وقت خيال ڪيو تہ "هي ٿوري مروت بہ ڏيکاري نہ ٿا سگهن."

"مان اوهان ڪان ٻيهر پڇان ٿو، تہ ڇا مون ڪي قميص لاهڻ جي ضرورت آهـي؟" هن وڏيءَ ڪاوڙ مان چيو.

"پـاڻ ڪي تڪليف نہ ڏي. اسان توڪي پاڻهي چونداسين، تـہ تـون ڇـا ڪـر؟" نڪولائي پارفينوچ ڪيس چيو ۽ مـِتيا سمجهيو، تہ اُن ۾ قطعي تڪ مان آواز هو.

ساڳي وقت وڪيلن جي وچ ۾ آواز جي آهستگيءَ سان ڪا صلاح ۽ مشورو تي رهيو هو. هـُو ڪوٽ تي ڳالهائي رهيا هئا. خاص ڪري ڪـوٽ جي پٺ واري ڏائي پاسي تي، جتي هڪ وڏو رت جو داغ موجود هو. جو خشڪ ۽ سخت تي ويو هو. رت جا داغ شلوار تـي بـہ هئا، جيڪي پڻ خشـڪ ۽ سخت هئـا. نڪولائـي پـارفينوچ، ڳوناڻن جي حاضريءَ ۾، شهادت لاءِ، ڪـوٽ جي ڪـالر ۽ ڪفن ڪي ۽ شـلوار جـي هرهڪ حصي ڪي آڱريون تي هٽي ڏنو. خاص ڪري ڪنهن شـيءِ جي لاءِ نهاري رهيـو

هو - يعني ڪنهن رقم جي لاءِ. هن پنهنجي شڪ کي مِتيا کان بہ نہ لڪايو، تہ هن شايد پيسن کي اندر سبي ۽ لڪايو هجي.

"هيءُ مون سان، هڪ آفيسر جي حيثيت سان نہ، پر هڪ چور جي حيثيت سان هلت هَلي رهيو آهي." مِتيا پاڻ سان پُڻ پُڻ ڪندو رهيو. هُو پاڻ ۾ بہ هڪبئي سان، عجب ۾ وجهندڙ ڪليل طرح سان، هن حقيقت کي دهرائيندا رهيا. مثال لاءِ سيڪريٽري، جو اُن پردي جي پويان هو، مذاق ڪندي ۽ ڏيان ڏيندي، نڪولائي پارفينووچ جو ڌيان ٽوپي ڏانهن ڇڪايو، جنهن کي بہ هو، آگريون هٽي رهيا هئا.

"توهان کي نقل نويس منشي گرائيدنيڪو ياد هوندو." سيڪريٽري چوڻ لڳو. "گذريل اونهاري ڪيس سڄي دفتر جون پگهارون مليون هيون. هُن نمونو ڪيو، تہ نشي ۾ سندس پيسا گم ٿي ويا آهن. پر اُهي پيسا ڪٿي لڌا ويا؟ اُهي سندس ٽوپيءَ جي چندي ۾ هئا. سَوَ روبل نوٽن کي چمائي ۽ ويڙهي، چَندي ۾ سبيو ويو هو."

ٻنهي وڪيلن کي گرائيدينوڪا جو مقدمو پوريءَ ريت ياد هو. هنن مِتيا جي ٽوپيءَ کي پاسيرو رکيو ۽ فيصلو ڪيائون، تہ ڪپڙن کي پوءِ وري چڱيءَ ريت جاچي ڏٺو ويندو.

"مون کي معاف ڪر!" اوچتو نڪولائي پارفينووچ مِتيا جي قميص جي ڪف کي ويڙهيل ۽ رت سان پريل ڏسي رڙ ڪري چيو تہ، "اِهو ڇا آهي! رت!؟"

"هائو!" مِتيا ڪيس ڏکو ڏيندي چيو.

"اِهو تہ رت آهي ..... پر ڪف کي ڇو ويڙهيو ويو آهي؟"

مِتيا ڪيس ٻڌايو تہ کهڙيءَ ريت گريگري کي ڏسندي، سندس ٻانهن رت سان داغدار ٿِي پئي. جڏهن هن پرهوتين وٽ پنهنجي هٿن کي ڌوتو تہ ڪَفَ ويڙهي ڇڏيا هئائين.

"تون پنهنجي قميص بہ لاهہ! اِها ضروري ۽ گهربل ثابتي آهي."

مِتيا ڪاوڙ ۾ پرجي ٻاڙهو ٿي ويو.

هن واڪو ڪري چيو تہ، "ڇا مان اُگهاڙو ٿيندس؟"

"پريشان نہ ٿيءُ، اسان توکي ٻي قميص ڏيون ٿا. ۽ ها... اِهي جوراب بہ لاهہ!"

"توهان مذاق تہ نہ ٿا ڪريو؟ ڇا اِهو ضروري آهي؟" مِتيا جون اکيون ڪاوڙ کان ٻاڙهيون ٿي ويون.

"اسان وٽ ڪوبہ مذاق نہ آهي." نڪولائي پارفينووچ سختيءَ سان جواب ڏنو.

"نيڪ آ مان ائين ڪريان ٿو." مِتيا ڀڻڪندي چيو. بستري تي ويهي، هن پنهنجي جورابن کي لاهڻ شروع ڪيو. هُو برداشت کان ٻاهر بيراهہ ٿِي ويو هو.

بين سيني کي ڪپڙا هئا. پر هيءُ اُگهاڙو هو. هيءَ حقيقت بہ هئي، تہ جڏهن هُو اُگهاڙو ٿيو، تہ ٻين جي موجودگيءَ ۾ پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪرڻ لڳو. ڪيس هاڻي يقين ٿيڻ لڳو، تہ هُو هاڻي رتبي ۾ سيني کان گهٽ آهي ۽ هنن کي هاڻي پورو پورو حق آهي، تہ هو ڪيس ڇا بہ ڪن.

جڏهن سيئي اُگهاڙا هوندا آهن، تہ ڪو بہ پاڻ کي شرمندو محسوس نہ ڪندو آهي، پر جڏهن هڪڙو عريان هوندو آهي ۽ ٻيا سڀ ڪيس ڏسڻ وارا هوندا آهن، تڏهن اها بي عزتيءَ جهڙي حالت هوندي آهي. هُو ورائي ورائي پاڻ کي چوڻ لڳو تہ، "هيءُ خواب تہ نہ آهي. مان خواب ۾ بہ اهڙي بي عزتي جي حالت ڪي نہ ڏٺو آهي." هن لاءِ جوراب لاهڻ وڏي مصيبت هئي. اهي سخت ميرا ۽ بدبودار هئا ۽ اهائي حالت سندس ڪپڙن جي بہ هئي. هاڻي تہ سڀ اُن کي چڱيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيا. سڀ کان خراب ڳالهہ هيءَ هئي، جو هُو پنهنجي پيرن کي بڇڙو پائيندو هو. هن سڄي حياتي پنهي ڪُڙين کي بدنما ٿي سمجهيو. خاص ڪري هن سڄي پير جي ننهن کي، جن جون نوڪون نڪتل هيون، بيحد بدزيب ٿي سمجهيو. "هاڻي تہ سيڪو اُن کي ڏسندو." هن خيال کيس برداشت کان وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو ۽ شرمندو ٿي ويو. هُو فوري طور تي ڇاٽي واٽي کهُرو بڻجي ويو. هُن پاڻ پنهنجي قميص کي ڇڪي لاٿو.

"اوهان کي جيڪڏهن شرم نہ اچي، تہ ڇا ٻي ڪنهن جاءِ کي بہ ڏسندا؟"

"نہ، هاڻي اَجا تہ اُن جي ضرورت ڪانہ آهي."

"تڏهن ڇا، مان ايئن ئي اُگهاڙو رهندس؟" هن وحشياڻي نموني ۾ چيو.

"هائو، توري وقت لاءِ ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهندو ...... مهرباني ڪري گهڙي ڪن هتي ويهہ. بستري مان چادر ڪڍي پاڻ کي ويڙهہ ۽ مان .... هنن سيني کي ڏسندس."

سيئي شيون شاهدن کي ڏيکاريون ويون. ڪپڙن جي تلاشي جي حقيقت درج ڪئي وئي. آخر نڪولائي پارفينووچ چوڻ لڳو تہ، "جڏهن توڪان هن ڳالهہ جو قطعي انڪار ٿيو آهي، تہ تو اها رقم ڪٿان حاصل ڪئي، تڏهن اَسان هن گهڙي ...." آخر نڪولائي پارفينووچ ٻاهر ويو ۽ ڪپڙا سندس پويان ڪڻي ويا. آئپولٽ ڪيرليووچ بہ ٻاهر هليو ويو. مِتيا اَڪيلو ڳوناٽن سان رهجي ويو، جي خاموش بيٺا هئا ۽ منجهانئس اکيون ئي نہ پيا ڪڍن. مِتيا چادر ۾ پاڻ کي ويڙهي ڇڏيو ۽ هُو سردي محسوس ڪرڻ لڳو. سندس پير ڄمي ويا هئا ۽ هُو چادر سان پنهنجا پير ڪنهن بہ صورت ۾ ڍَڪي نہ ٿي سگهيو. نڪولائي پارفينووچ گهڻي وقت لاءِ ٻاهر هليو ويو، جو برداشت کان وڏي ويو هو. "هُو مون کي ڪتو ٿا سمجهن." مِتيا خيال ڪيو ۽ سندس ڏند ٺڪ کان ڪڙڪڻ لڳا. "بد جنس جاچ ڪندڙ عملدار بہ غائب ٿي ويو. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي، تہ کيس نفرت هئي ۽ هُن مون کي اُگهاڙو ڏسڻ ٿي چاهيو."

مِتيا وري بہ خيال تي ڪيو، تہ سندس ڪپڙن کي جاچ ڪرڻ بعد موٽايو ويندو. پر هن بي عزتيءَ جو ڇا ڪجي، جڏهن نڪولائي پارفينووچ بيا ڪپڙا ڪٿائي موٽي آيو؟

هُن هوائي طرح ڪيس چيو تہ، ”اِجهو هي ڪپڙا تنهنجي لاءِ آهن.“ هـُـو پنهنجي عمل تي نهايت خوش ٿي ڏنو. مسٽر ڪلگنوف مهرباني ڪري، ضرورت جي مدنظر هي مهيا ڪِري ڏنا آهن. جن ۾ صاف قميص بہ آهي. خوش قسمتيءَ سان هي سڀ سندس پيٽيءَ ۾ هئا. تون پنهنجا جوراب ۽ ڪپڙا پاڻ وٽ رکي سگهين ٿو.

مِـتيا عجيب جذبات ۾ اچي ويو.

”مان ٻي ماڻهوءَ جا ڪپڙا نہ پائيندس.“ هـُـن وضاحت سان واڪو ڪري چيو. مونکي پنهنجا ڪپڙا موٽائي ڏيو؟“

”مون کي منهنجا ڪپڙا ڏيو. ڪَڏ ۾ وجهو ڪلگنوف ۽ اُن جي ڪپڙن کي.“

کين ڪيترو وقت هنن کي راضي ڪرڻ ۾ لڳو. پر ڪيئن بہ هنن ڪيس راضي ڪري ورتو. هنن ڪيس هيئن چئي متاثر ڪيو. تہ جيئن تہ اِنهن تي رت جا داغ آهن، اُن ڪري ثابتيءَ جي لاءِ، ٻين شين سان گڏ، هن جو موجـود هئڻ بہ لازمي آهي. کين هاڻي ڪوبہ حق نہ آهي، تہ اُنهن کي هاڻي موٽائي ڏين ..... هنن مقدمي جي ضروري شين کي پنهنجي ڌيان ۾ ڏي آندو. مِتيا آخر هن حقيقت کي سمجهيو. هـُو تاريڪي خاموشيءَ سان چپ ٿي ويو ۽ جلديءَ ۾ ڪپڙا پاتائين. هن اُن وقت محسوس ڪيو، تہ هي ڪپڙا، سندس ڪپڙن کان بهتر هئا. مگر هـُن اُن تبديليءَ کي پسند نہ ٿي ڪيو. پر هي ڪپڙا جيئن تہ سوڙها هئا.

هنن ڪيس وري وڏاءَ ڪرڻ جي لاءِ دٻايو. ڇو تـہ ڪلگنوف، ڪانئس ٿورو ڊگهـو هو ۽ فقط سٽڻ ئي اُن کان ٿوري وڏي هئي. پر ڪوٽ سچ پچ ڪلهن وٽ ڪيس سوڙهو ٿي لڳو. ”سيني کي ڪڏ ۾ وجهو. مان مشڪل سان ٻنڻ پائي ٿو سگهان.“ مـتيا ٻڙ ٻڙ ڪرڻ لڳو. اوهان مهرباني ڪري ڪلگنوف کي چئو، تہ ”مان ڪڏهن بہ ڪانئس ڪپڙا نہ گهريا آهن ۽ هيءَ منهنجو ڪارنامو نہ آهي، جو مون کي مسخري جهڙي پوشاڪ پهرائي وئي آهي.“

”هو پاڻ ئي هن ڳالهہ کي چڱيءَ ريت سمجهي ٿو. ڪيس ڪپڙن لاءِ ڪوبہ ڏک نہ آهي، جي توکي اُڌارا وٺي ڏنا ويا آهن. پر هـُو هن سچي ڪارگذاريءَ ڪان غمناڪ آهي.“ نڪولائي پارفينووچ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو.

هن پنهنجي ڏک کي لڪائيندي چيو تہ: ”نيڪ آهي، هـاڻي ڪهڙو اِرادو آهي ۽ مان ڪاڏي وڃان؟“

ڪيس چيو ويو تہ، هـُو هاڻي ٻي ڪمري ۾ وڃي، مـِتيا ڪاوڙ ۾ ٻـُڙ ٻـُڙ ڪندو اوڏانهن هليو ويو. هن ڪوشش ڪئي، تہ هو ڪنهن کي بہ نہ ڏسي. ٻئي ماڻهوءَ جي

ڪپتن ۾ پاڻ کي ڏسي، بيحد رنجيده هو. پر ڳوناٽن جي نظر ۾ بہ حقير تي ڏنو ۽ تريفان بورسووچ جي نگاھ ۾ بہ، جنهن ڪنهن سبب ڪان دروازي مان منهن ڪڍيو هو ۽ جلد ئي غائب ٿي ويو هو. مِتيا پنهنجي دل ۾ خيال ڪيو. تہ هُو ڪيس هن عجيب پوشاڪ ۾ ئي ڏسڻ لاءِ آيو هو. هُو اڳي وانگر ساڳي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪيس واهيات خواب جهڙا جذبا محسوس ٿيڻ لڳا. ڄڻ تہ هُو پنهنجي حال ۾ نہ هو.

"نيڪ آهي، پر هاڻي ڇا ٿيندو؟" هُن ڪين ڇوڻ شروع ڪيو تہ "مون کي بيد ئي لڳايا ويندا. اوهان جي لاءِ هاڻي، اِهوئي تہ باقي رهيو آهي. هن ڏندن کي ڪَرٽيو. هن فقط جاچ ڪندڙ عملدار سان ٿي ڳالهايو ۽ نڪولائي پارفينووچ ڏي ڪو بہ ڌيان نہ ٿي ڏنو. ڄڻ تہ هن ساڻس ڳالهائڻ نہ ٿي گھريو."

"بدمعاش! هو تہ هن جي جوراب کي ويجهو ٿي نهاري رهيو هو ۽ ٻاهر ڪڍي انهيءَ لاءِ ڏيکاري رهيو هو، تہ ڪيڏا نہ غليظ آهن."

"خير، هاڻي اَسان کي پنهنجي شاهدن ڏي رجوع ٿيڻ گهرجي." نڪولائي پارفينووچ چيو. ڄڻ تہ هُو، مِتيا جو جواب ڏئي رهيو ه و.

"هائو!" جاچ ڪندڙ عملدار چيو، هُو ڪنهن گهَري خيال ۾ ٿي ڏنو.

"دمتري فيودورپاولووچ، اَسان تنهنجي فائدي لاءِ اُهو سڀ ڪجهہ ڪيو آهي، جو ڪري ڪيندو هو." نڪولائي پارفينووچ ڳالهائڻ لڳو، پر جڏهن تہ توڪان، اُن پيسن جي متعلق تہ توکي اُهي ڪٿان هٿ آيا. تنهنجو انڪاري جواب آهي، اُنڪري اَسان هن گهڙي ........"

"تنهنجي منڊيءَ ۾ اِهو ڪهڙو پٿر آهي؟" وري بہ مِتيا دخل ڏيندي وچ ۾ چيو. ڄڻ تہ هُو ڪنهن رويا ڪان جاڳي پيو هو. هُن اُنهن ٽن مُندين مان، جي نڪولائي پارفينووچ جي هٿ ۾ پيون هيون، هڪ ڏي اشارو ڪري چيو.

نڪولائي پارفينووچ ڪيس عجب مان چيو تہ "منڊي؟"

"هائو اِها .... جا تنهنجي وچئين آڱر ۾ آهي، جنهن ۾ ننڍيون ننڍيون رڳون ٿيون ڏسجن. اِهو ڪهڙو پٿر آهي؟" مِتيا ننڍڙي ٻار وانگر اُن تي زور ڏيڻ لڳو.

"هيءُ ميرانجهڙو پڪراج آهي." نڪولائي پارفينووچ ڪيس مشڪندي چيو. "تون هن کي ڏسندين؟ مان لاهي ٿو وٺان."

مِتيا جوش مان واڪو ڪري چيو، "نہ، نہ لاهجانءِ. اوچتو هُو ڄڻ تہ جاڳي پيو ۽ پاڻ تي ڪاوڙجڻ ٿيڻ لڳو. "نہ لاهجانءِ!" ..... اُن جي ڪابہ ضرورت نہ آهي .... ڪڏ ۾ وجهينس. شريف انسانو! اوهان منهنجي دل کي داغ هڻي ڇڏيو. ڇا اوهان اِيئن خيال بہ ڪري سگهو ٿا، تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پيءُ کي ماريو هجي ها، تہ اوهان

ڪان اُن کي ٻڇهو رکان ها. مان سخن سازي ڪريان ها، ڪوڙ ڳالهايان ها ۽ لڪي وجان ها. پر اِهو دمتري ڪرامازوف جو وَڙ نہ آهي. هُو اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪندو. جيڪڏهن مان ڏوهي هجان ها، تہ مان قسم کڻي ٿو چوان، تہ اوهان جي لاءِ ڪڏهن بہ نہ ترسان ها ۽ جيئن مان اوهان کي ٻڌايو آهي، تہ پاڻ کي مارڻ لاءِ صبح تائين ترسيو هوس، اُن حالت ۾ اڳ ۾ ئي پاڻ کي ماري ڇڏيان ها. پرهہ ڦٽيءَ تائين بہ نہ ترسان ها. مون کي هاڻ پنهنجي لاءِ خبر پوي ٿي. مان ويهن ورهين ۾ تہ ڪجهہ بہ سکي نہ سگهيو هوس، پر هن منحوس رات ۾ جو ڪجهہ سکيو اٿم، سوگهڻو ڪجهہ آهي ...... ڇا اهڙيءَ رات ۾ مان اِيئن ٿي پئي سگهيس. جيئن اوهان ڏسو ٿا؟ ۽ هيئن اوهان جي سامهون يا ٻين جي سامهون اِيئن ويهي ٿي سگهيس، جيڪڏهن مان پنهنجي پيءُ جو قاتل هجان ها. جڏهن تہ اتفاقي طور تي گريگري جو قتل مون کي سڄي رات آرام ڏئي نہ سگهيو آهي. خوف کان نہ - اوهان جي سزا جي خوف کان نہ! فقط ڏک ۽ افسوس کان. اوهان اُميد ٿا رکو، تہ اوهان جهڙن طعني هٽندڙن جي اڳيان، مان ڪُلي ڳالهايان، جي پاڻ ڪجهہ نہ آهن، نہ وري وٽن ڪو اعتبار آهي. اَنڌيون ريڍون ۽ طعنيزن! اوهان کي وري اُها بہ اَڻ وڻندڙ ڳالهہ ٻڌايان، تہ مان هيئن ڪيو آهي. اِهو وري ٻيو غم ٿيندو. مان ڪڏهن بہ ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندس، پوءِ ڇو نہ اِيئن ڪرڻ سان، مان اوهان جي تهمت کان بچي وڃان. نہ انهيءَ کان سائبيريا چڱي آهي! اُنهيءَ ماڻهوءَ جنهن منهنجي پيءُ جو دروازو کوليو آهي، اُنهيءَ ئي ڪيس قتل ڪيو آهي ۽ ڦُريو آهي. اُهو ڪير آهي؟ مان پنهنجي دماغ کي ڦيرائي رهيو آهيان ۽ سوچ ۾ آهيان، تہ اُهو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ پر مان اوهان کي صاف ٻڌايان ٿو، تہ اُهو دمتري ڪرامازوف نہ آهي. بس اِهائي حقيقت آهي، جا مان اوهان کي ٻڌائي سگهان ٿو. اِهائي ڪافي آهي. هاڻي مون کي اَڪيلو ڇڏيو ...... مون کي ملڪ بدر ڪريو، پر مون کي وڌيڪ پريشان نہ ڪريو. هاڻي پنهنجي شاهدن کي سڏيو."

مِتيا پنهنجي ڊرامي جي تنها ڪلامي پوري ڪئي، ڄڻ تہ هُو فيصلو ڪري چڪو هو، تہ هُو آئنده بلڪل چپ رهندو. جاچ ڪندڙ عملدار سمورو وقت گهُوري نهاريندو رهيو، پر جڏهن هن ڳالهائڻ بند ڪيو، تڏهن ڄڻ تہ هُن اِيئن سمجهيو، تہ اِها بلڪل معمولي ڳالهہ هئي. وٽس ڪوبہ اَثر يا همدردي ڪانہ هئي.

"ها، جنهن ڪليل دروازي جي باري ۾ هاڻي تو ڳالهايو، اَسان توکي ٻڌايون ٿا، تہ اِها نهايت دلچسپيءَ جهڙي ثابتي آهي. تنهنجي لاءِ بہ ۽ اَسان جي لاءِ بہ. اسان وٽ گريگري اُن حقيقت کي پيش ڪيو آهي. ها اُن ٻوڙهي، جنهن کي تو زخمي ڪيو آهي. جڏهن هُو هوش ۾ آيو، تڏهن وضاحت ۽ صفائيءَ سان ٻُڌايو ۽ اَسان جي سوال جي

جواب ۾، تہ جڏھن ھُو ڏاڪن تي ٻاھر آيو ۽ باغ ۾ لُڙ ڀڄائين. تڏھن ھن پختو ارادو ڪيو، تہ ھُو اُن ننڍڙي دروازي ڪان اوڏانھن ويندو، جو اُن وقت ڪليل ھو. تنھنجي ڊوڙڻ ڪان اڳ ۾ جو اھو واقعو آھي. جيئن تون اڳ ۾ ٻڌائي چُڪو آھين، تہ اونداھي ۾، تو ڪليل دريءَ مان پنھنجي پيءُ کي ڏٺو. گريگري ڪيي طرف نھاريو ۽ ان وقت دريءَ کي ڪليل ڏسي، ھن پنھنجي تمام ويجھو ڏٺو، تہ دروازو ڪليل ھو. جنھن دروازي جي بابت تو ٻڌايو ھو، تہ ھُو ڪليل ھو. تون سمورو وقت باغ ۾ ھئين. مان توڪان ھي نہ لڪائيندس، تہ پختي طرح ۽ رازدارانہ سندس شاھدي آھي، تہ تون پڻ اُن دروازي مان ضرور ڊوڙيو ھوندين. جيستوڻيڪ ھن پنھنجي اکين سان توکي اِيئن ڪندي نہ ڏٺو ھو. ھن توکي ڀھريائين، ڪجھہ فاصلي تي باغ ۾ ڏٺو ۽ تون لوڙھي ڏانھن ڊوڙندو تي وئين."

مِتيا گفتگو تي پنھنجي جاءِ تان ٽپو ڏئي اُٿڻ وارو ھو.

"بيوقوف! ھن ڪاوڙ مان چيو. ھيءَ ھڪ نسورو ڪوڙ آھي. ھن ڪڏھن بہ دروازي کي ڪليل نہ ڏٺو ھوندو، ڇاڪاڻ تہ اُھو بند ھو. ھُو ڪوڙ تو ڳالھائي."

"منھنجو ھيءُ فرض آھي، تہ مان ھن حقيقت کي وري دھرايان، تہ ھُو پنھنجي بيان ۾ نھايت پختو ھو. ھُو ڪٿي بہ نہ لڏيو. ھُو اُن تي پوريءَ ريت قابو آھي. اسان ڪانئس ڪيترا ڀيرا آڏي پڇا ڪري چُڪا آھيون."

نڪولائي پارفينووچ ڪيس پوريءَ طرح يقين ڏياريندي چيو، تہ اَسان ڪانئس ڪيئي ڀيرا آڏي پڇا ڪري چُڪا آھيون.

اِھو ڪوڙ آھي، اِھو ڪوڙ آھي! مون کي تباھہ ڪرڻ جي ھيءَ ڪوشش آھي. اُن پاڳل ماڻھوءَ جي تصور جو فريب آھي. مِتيا اَجا واڪا ڪري چوڻ لڳو، تہ "ھُو پنھنجي رت جي گھٽي وھڻ سبب، بَڪي رھيو آھي ...... ھُن اُن کي چڱيءَ ريت ڏٺو ھوندو، جڏھن، ھُو اُتي آيو ھوندو. ھُو بَڪي رَھيو آھي."

"ھائو، پر ھن پنھنجي زخمن ڪان پوءِ، دروازي کي کُليل نہ ڏٺو ھو، اڳ ۾ ئي ڏٺو ھو. يعني جيئن ھو پنھنجي جاءِ مان باغ ۾ ويو ھو."

"پر اِھو ڪوڙ آھي، غلط آھي! اِيئن ڪڏھن بہ ٿي نہ ٿو سگھي. ھُو مون کي ڦاسائي رھيو آھي، رڳو نفرت ڪان ..... ھُن ڪڏھن بہ اِيئن نہ ڏٺو ھوندو .... مان ڪڏھن بہ اِنھيءَ دروازي ڪان نہ آيو ھوس." مِتيا جواب ڏنو.

جاچ ڪندڙ عملدار، نڪولائي پارفينووچ ڏي مُڙيو ۽ ڪيس اَٿرائتي آواز ۾ چيائين تہ:

"ھاڻي ھن کي سندس سامھون پيش ڪر."

”تون هن شيءِ کي سڃاڻين ٿو؟“

نڪولائي پارفينووچ ميز تي هڪ ڏکهو ۽ ٿلهو سرڪاري لفافو رکيو، جنهن تي ٽي مهرون اڃا لڳل ٽي ڏنيون. لفافو خالي هو. اُهو هڪ طرف کان ڦاٽل تي نظر آيو. مِتيا جون اکيون اُن کي ڏسي ڦاٽي ويون ۽ عجب مان اُن کي گهوري نهارڻ لڳو.

”هيءُ، هيءُ منهنجي پيءُ جو هئڻ گهرجي. اِهو، اُهو لفافو آهي، جنهن ۾ ٽي هزار روبل پيل هئا. جيڪڏهن ان تي ايئن لکيل آهي ته: ”منهنجي نوخيز ڇوڪري لاءِ، ته اُن ۾ ٽي هزار روبل هئا.“ مِتيا واڪو ڪري چوڻ لڳو. ”اوهان ڏسو ٿا، ته اُن تي ٽي هزار روبل لکيل آهن؟“

”بيشڪ اسان ڏسون ٿا، پر هن ۾ رقم ته موجود ڪانه آهي. هي خالي آهي. هيءُ، مقتول جي هنڌ جي پرسان زمين تي پيو هو ۽ پردي جي پويان.“

ٿورن منٽن لاءِ مِتيا پت بڻجي ويو. پوءِ چوڻ لڳو: ”شريف انسانو، هيءُ ڪم سميرڊياڪوف جو آهي. هو ئي آهي، جنهن ڪيس قتل ڪيو آهي ۽ ڦُريو آهي. ٻي ڪنهن به ماڻهوءَ کي خبر نه هئي، ته اِهو لفافو ڪٿي رکيو آهي؟ اِهو سميرڊياڪوف ئي آهي، اِها ڳالهه هاڻي ظاهر آهي.“

”پر تون به ته هن لفافي کي ڄاڻين ٿو ۽ اِهو سندس وهاڻي جي هيٺان هو؟“

”مان هن کي ڪڏهن به نه ٿي ڄاتو ۽ نه وري مان ڪڏهن هن کي ڏٺو هو. هيءُ پهريون پيرو آهي، جو مان هن کي ڏٺو آهي. مان فقط سميرڊياڪوف کان هن جي بابت ٻُڌو هو. هيءُ ئي ماڻهو آهي، جنهن کي خبر هئي، ته پوڙهي اُن کي ڪٿي لڪائي رکيو آهي؟ مون کي ڪا به خبر نه هئي!“ مِتيا جو مڪمل طرح ساهه هيٺ مٿي ڪڇي رهيو هو.

”پر تو ته اَسان کي پاڻ ٻڌايو، ته اِهو لفافو فوتي يعني تنهنجي پيءُ جي وهاڻي هيٺان هو. تو خاص طرح اِها ڳالهه ٻڌائي، ته اِهو سندس وهاڻي هيٺان هو. توکي ٻَڪ سان اُن جي خبر هئي.“ نڪولائي پارفينووچ چيو، ته اَسان اِهو لکي ڇڏيو آهي ۽ اُن کي قبول ڪيو اٿئون.

”بيوقوف! هيءُ ته واهيات آهي! منهنجي ڪڏهن به اِها مراد نه هئي، ته اِهو سندس وهاڻي جي هيٺان هو.“ ڪڏهن به اِهو سندس وهاڻي جي هيٺان ٿي نه ٿو سگهي. هيءُ فقط اتفاقي گمان ٿي سگهي ٿو. ته اِهو خط سندس وهاڻي هيٺان هو. سميرڊياڪوف ڇا ٿو چوي؟ اوهان ڪانئس پڇيو آهي. ته اِهو ڪٿي هو؟ اِهائي ته مکيه ڳالهه آهي ..... مان ته اوجهڙ وجي پنهنجي خلاف ئي ڳالهائي رَهيو آهيان. مان خيال ڪرڻ کان سواءِ ئي ايئن چئي ڏنو، ته اِهو سندس وهاڻي جي هيٺان هو. هاڻي اوهان

ڇاڻو ٿا. ته ڪيئن نه هڪ ماڻهو غلط ڳالهيون. بنا ڪنهن مطلب جي ٻڌائي ٿو. پر اهي سيئي ڳالهيون سميرڊياڪوف ڄاڻي ٿو. فقط سميرڊياڪوف. نه ٻيو ...... هُن هيءُ مون کي ڪڏهن به نه ٻڌايو هو. ته اُهو ڪٿي رکيو آهي؟ پر اهو سڄو ئي سندس ڪم آهي. اِن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. هن ئي ڪيس قتل ڪيو آهي، اِهو روز روشن وانگر ظاهر آهي.“ مِتيا گهڻي ڪان گهڻو جوش ۾ پرجي ويو. ”توهان هن کي ڇگيءَ ريت سمجهو ٿا ۽ اُن کي گرفتار ڪيو ..... هُن ڪيس اُن وقت قتل ڪيو. ايئن جنهن وقت مان ڊوڙندو ڀِت ويس ۽ گريگري بيهوش هو ..... اِهو هاڻي بلڪل صاف ٿو معلوم ٿئي ...... هُن ڪيس نشاني ڏني ۽ منهنجي پيءُ دروازو کوليو .... ڇاڪاڻ ته ٻيو ڪوبه نه. پر هيءُ ئي نشانيون ڄاڻندو هو. نشانيءَ ڪانسواءِ منهنجو پيءُ ڪڏهن به دروازو نه کولي ها ........“

”تون وري به اسباب کي وساري رهيو آهين.“ جاچ ڪندڙ عملدار پنهنجي راءِ ڏيندي چيو. هُو اَڃا به ساڳي روڪ سان ڳالهائي رَهيو هو. جيتوڻيڪ اُن ۾ سندس خوشي به پئي ڏِسي. ”حقيقت ۾ اِشاري ڏيڻ جي ڪابه ضرورت نه هئي، جڏهن ته دروازو اڳ ۾ کليل هو. تون اُن وقت باغ ۾ هئين ......“

”در، در.“ مِتيا زور سان چيو. هُن بنا ڪنهن گفتگو جي جاچ ڪندڙ عملدار کي عجب مان ڏٺو ۽ نااُميديءَ مان ڪرسي جي پٺ ڏي وڃي ڪريو. سيئي خاموش ٿي ويا.

”هائو، دروازو! .... هيءُ هڪ خواب هو ..... خدا منهنجي خلاف ٿو ڏسجي.“ هن پريشانيءَ مان چيو. هن مڪمل طرح، مضبوط ڪرڻ واري عجب جي نگاهه سان اُن کي ڏٺو.

”ٻُڌ“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس چيو. ”۽ تون پنهنجو پاڻ فيصلو ڪر، دمتري فيودورِپاولووچ. هڪ طرف اسان وٽ هيءَ ثابتي آهي، ته تون اُن دروازي کان ڀڳو هئين، جو کليل هو. هيءَ اُها حقيقت آهي، جا توکي ۽ اسان کي وڪوڙي وئي آهي. ٻئي طرف تنهنجي، سمجهه کان ٻاهر ثابت قدمي ۽ اَڃا به ايئن چئجي، ته اُن حقيقت کي ٻڌائڻ کان ضد واري خاموشي، ته اِها رقم توکي ڪٿان ملي هئي، جا اوچتو تنهنجي هٿن ۾ ڏني وئي، جڏهن ته ٽي ڪلاڪ اڳ ۾، تنهنجي ئي زبان موجب، تو پنهنجي پستول کي ڏهن روبلن جي لاءِ گروي رکيو هو! اِنهن سيني حقيقتن کي هاڻي پنهنجي سامهون رکي، پاڻ ئي فيصلو ڪر! اسان ڪهڙي ڳالهه تي اعتبار ڪريون ۽ ڪهڙيءَ جي تائيد ڪريون؟ اسان جي سرد مهري، سختي ۽ بي پرواهي جي شڪايت نه ڪر. جي تنهنجي دل جي مهربانيءَ واري ذَڪ ذَڪ کي سمجهڻ کان قاصر آهن ...... ڪوشش ڪري اسان جي جوابدارين ۾ لنگهي اچ ........“

مِـتيا، بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر ڪاوڙ ۾ اَچي ويو ۽ سندس منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويو.

"نيڪ آهي!" هُـن اوچتو رڙ ڪري چيو. "مان اوهان کي پنهنجو راز ٻڌايان ٿـو. مان هيءُ اوهان کي ٻڌائيندس، تہ اها رقم مون کي ڪٿان هٿ آئي ..... مان پنهنجـي ندامت کي ظاهر ڪريان ٿو. اُن جي لاءِ، هن ڪانپوءِ نہ مان اوهان کي ڪو ڏوهہ ڏينـدس نہ پاڻ کي."

"دمتري فيودوروِپاولووچ، اسان ۾ يقين رک." نڪولائـي پـارفينووچ خوشـي ۽ رحم ڀري گڏيل آواز سان کيس چيو تہ، "اُها سچا خلوص واري قبوليت، جا تنهنجي طرف ڪان هوندي، پوءِ پوري ريت اَثر واري ۽ تنهنجي فائدي ۾ هوندي ۽ شايد اُن ڪـان بہ مٿي وجي ....."

پر جاچ ڪندڙ عملدار، ڪيس ميز جي هيٺان خفيف ڌڪو ڏنو ۽ هُن ڳالهائيندي پاڻ کي سنڀالي ورتو. مِـتيا، ڪين سمجهي نہ سگهيو.

باب ستون

# مِـتيا جو راز، نفرت سان ظاهر ٿئي ٿو

"شريف انسانو!" هن ساڳي جوش مان چوڻ شروع ڪيو: "مان پنهنجي پوري قبوليت ڏيڻ گهران ٿو، تہ اِها سموري رقم منهنجي پنهنجي هئي."

هيءُ ٻڌي وڪيلن جا منهن ئي لهي ويا. ڪين انهيءَ جواب ٻُڌڻ جي اُميد ئي نہ هئي.

"تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" نڪولائي پارفينووچ هٻڪڻ لڳو. "جڏهن تہ ساڳي ڏينهن پنجين بجي، تنهنجي پنهنجي قبوليت موجب ......"

"ڪڏ ۾ وجهو ساڳي ڏينهن، پنجين بجي ڪي ۽ منهنجي قبوليت ڪي. هاڻي اُنهن جو ڪوبہ سوال پيدا نہ ٿو ٿئي. اِها منهنجي پنهنجي رقم آهي. جنهن ڪي مان چورايو هو. منهنجو مطلب آهي، تہ اِها منهنجي نہ هئي، پر مان اُن ڪي چورايو هو. اِهي پندرنهن سَوُ روبل هئا ۽ اِهي هميشہ مون سان ئي رهيا ....."

"پر اهي توکي ڪٿان هٿ آيا؟"

"اِهي مان پنهنجي ڳچيءَ مان ورتا. شريف انسانو، هن ساڳي پنهنجي ڳچيءَ ڪان ...... اِهي منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري هئا ۽ هڪ اڳڙيءَ ۾ سبيل. اِهي منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري ئي رهيا. نهايت گهڻي وقت ڪان، ويجهي، مهيني ڪان منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري ئي رَهيا ..... اِها منهنجي لاءِ ندامت ۽ پشيماني آهي."

"پر! هي تو ڪنهن ڪان تڳائي ورتا هئا؟"

تنهنجو مطلب چوريءَ ڪان آهي؟ هاڻي صاف ڳالهاءِ. مان اِيئن خيال ڪريان ٿو، تہ حقيقت ۾ مون اِهي چورايا هئا، پر اوهان اُن ڪي اَجا بہ وڌيڪ سمجهو. مون اِهي پيسا دغا سان تڳايا هئا، پر مان اِيئن سمجهان ٿو، تہ اِها چوري ڪئي اَٿم، يعني گذريل رات اِهو ڪم ڪيو اَٿم.

"گذريل رات! تو تہ ٻڌايو، تہ گذريل مهيني ڪان تو، اِها رقم حاصل ڪئي آهي؟"

"هائو، پر پنهنجي پيءُ ڪان نہ. اوهان پريشان نہ ٿيو. مان اها رقم پنهنجي پيءُ جي نہ چورائي آهي، پر هڪ عورت ڪان. اوهان جي دخل اندازي ڏيڻ ڪان اڳ ۾، سيڪجهہ ٻڌائڻ گهران ٿو. اِهو ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. مهينو ڪن اڳ ۾، مون ڪي ڪيٽرينا ايونونا پاڻ وٽ گهرايو هو. منهنجيءَ اڳوٽي مڱيندي! ڇا تون اُن ڪي ڄاڻين ٿو؟"

"هائو!"

"مان ڄاڻان ٿو، تہ تون ڪيس ڄاڻين ٿو. هوءَ نهايت شاهاڻي عورت آهي.

شاهاڻين کان شاهاڻي. گهڻي وقت کان هوءَ مون کي نفرت سان ڏسي رهي آهي. ڪنهن بهتر اسباب هيٺ. هوءَ مون کي حقارت سان ڏسي ٿي!"

"ڪيٽرينا ايونونا!" نڪولائي پارفينووچ، حيرت مان چيو. جاچ ڪندڙ عملدار کان به ڇرڪ نڪري ويو.

"اڙي، سندس نالو بيهوديءَ ريت نه وٺو. مان بدمعاش آهيان، جو سندس نالو، هن معاملي ۾ گهلي آيو آهيان. هائو مون ڏٺو آهي، ته هوءَ مون کي ڌڪاري ٿي ...... گهڻي وقت کان .... شروع کان ئي .... اِنهيءَ شام جي وقت کان ئي، جڏهن هوءَ منهنجي گهر ۾ آئي هئي .... پر هيءُ ڪافي آهي. توهان هن جي لائق ئي نه آهيو، جو هن حقيقت کي ٻڌو. هن جي ڪابه ضرورت نه آهي. مان اوهان کي فقط اِهو ٻڌائيندس، ته مهينو اڳ ۾، هُن مون کي ٽي هزار روبل ڏنا هئا، ته مان سندس ڀيڻ ۽ ٻي مائٽ ڏي ماسڪو موڪليان. (جڻ ته هوءَ اوڏانهين پاڻ موڪلي نه ٿي سگهي، مان ...... اُن بدنصيب گهڙيءَ ۾، جا منهنجي حياتيءَ جي سخت اونداهي ساعت هئي، ٻيءَ سان محبت ڪرڻ لڳو هوس. جا هاڻي هيٺ ويٺي آهي، يعني گروشينڪا. مان اُن کي هتي ماڪرو ۾ وٺي آيس ۽ ٻن ڏينهن ۾ اُنهن منحوس پيسن مان، اَڌ هتي وڃايم. يعني ٽن هزارن مان. باقي اَڌ رقم پاڻ وٽ محفوظ رکيم. مون اِهي پندرنهن سَوَ روبل ڳچيءَ جي تعويذ وانگر، پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي رکيا. پر ڪالهه مان اُنهن کي کوليو ۽ خرچ ڪيم. اُنهن مان ڇا بچيو؟ اِهي اَٺ سَوَ روبل، جي هاڻي اوهان جي قبضي ۾ آهن، نڪولائي پارفينووچ. اِهائي باقي رقم آهي، جا ڪالهه مون وٽ هئي."

"مون کي معاف ڪر، اِهو ڪهڙي ريت؟ جو جڏهن مهينو اڳ ۾ تون هتي آيو هئين، ته ٽي هزار روبل خرچ ڪيا هُيئي نه پندرنهن سَوَ. سيڪوئي اِها حقيقت ڄاڻي ٿو."

"ڪير ٿو اُن کي ڄاڻي؟ ڪنهن اُنهن کي ڳڻيو هو؟ ڇا مان ڪنهن کي چيو هو، ته اُن رقم کي ڳڻي؟"

"ڇو، تو سڀ کي، پاڻ ئي ته اِيئن ٻُڌايو هو، ته تو پورا ٽي هزار روبل خرچ ڪيا هئا؟"

اِهو سچ آهي، مان اِيئن چيو هو. مان سڄي شهر کي اِيئن ٻڌايو هو ۽ ٻين کي. هتي ماڪرو ۾ به، هر شخص اِهوئي حساب ٿي لڳايو، ته رقم ٽي هزار روبل هئي. پر مان ٽي هزار روبل خرچ نه ڪيا هئا، پر پندرنهن سَوَ. باقي پندرنهن سَوَ روبل مان سبي، هڪ ڳوٿريءَ ۾ رکيا. هيءَ اُهائي رقم هئي شريف انسانو! ڪالهه اَتان ئي اِهي پيسا مون کي مليا هئا ......"

"هيءَ ته ڪرامت ڄڻبي!" نڪولائي پارفينووچ ڀڻ ڀڻ ڪرڻ لڳو.

”جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس آخر ۾ چيو، تہ مون کي اجازت ڏي، تہ مان توکان پڇان تہ تو اڳي، هي حقيقتون، ڪنهن کي ٻڌايون بہ هيون. منهنجو مطلب آهي پندرنهن سوَ روبل کان، جي تو وٽ مهينو ڪن اڳ ۾ بچيا هئا؟“

”مان ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو هو.

”هيءَ عجيب حقيقت آهي. ڪنهن کي بہ نہ؟“

”هرگز نہ. ڪنهن کي بہ نہ.“

”پر اُن کي مخفي رکڻ جو سبب ڪهڙو هو ۽ راز ٻڌائڻ جي مراد ڪهڙي هئي؟ جيڪڏهن اَجا بہ وضاحت ڪبي، تہ آخر تو پنهنجي راز کي پاڻ ئي ٻڌايو آهي ۽ تنهنجي لفظن ۾ هيءَ نهايت پشيماني واري حقيقت بہ آهي. اِيئن سچ پچ هجي بہ - جيڪڏهن هن کي ڪنهن مناسبت سان ڏسجي، تہ هيءَ واقعو ٽي هزار روبل جي نڳيءَ جو آهي، جي ڪنهن ٻئي جي ملڪيت آهن. پر منهنجي نظر ۾ ٿوري وقت لاءِ، هي عمل ناعاقبت انديشي جو آهي، نہ ڪنهن ندامت يا پشيمانيءَ جو. سو بہ تڏهن، جڏهن ڪو تنهنجي ڪردار کي بحث ۾ وٺي .... اِيئن بہ ڪٽي قبول ڪجي، تہ هيءُ عمل بيحد شرمناڪ آهي. پر هر شرمناڪ شيءِ ذلت واري نہ هوندي آهي .... ڪيترن ماڻهن هن مهيني اندر، ڪيٽرينا ايونونا جا ٽي هزار روبل، توکي لٽائيندو ڏٺو آهي ۽ مان هن داستان کي پاڻ ٻڌو آهي ..... تنهنجي قبوليت کان سواءِ، مثال لاءِ مائيڪل ماڪرووچ بہ اُن کي ٻڌو آهي. اُن ڪري اِهو مشڪل سان راز رهيو آهي. سچ تہ شهر وارن جي لاءِ هڪ گپوڙي واري ڪهاڻي آهي. جيڪڏهن مان غلطي نہ تو ڪريان، تہ هن ۾ ڪي اشارا بہ آهن، تہ تو پاڻ ڪنهن سان هي قبوليت ڏني آهي، جنهن ڪان منهنجو مقصد آهي، تہ اِها رقم ڪيٽرينا ايونونا جي آهي. اِهڙي ريت هيءَ نهايت تعجب جي ڳالهہ آهي، تہ تون هن وقت تائين اُنهن پندرنهن سون کي هڪ غير معمولي راز تو سمجهين! ۽ اُن ڳُجهہ سان تون هڪ مڪمل خوف کي وجهي تو ملائين؟ ........ هي اعتبار ڪرڻ ئي مشڪل آهي، تہ تو وٽ اُن واقعي ايترو ڏک پيدا ڪيو، جو تون اُن راز جي قبوليت ڏئي نٿو سگهين. تو هاڻي بہ واڪا ڪري ٿي چيو، تہ هن راز جي ٻڌائڻ ڪان سائبيريا ڏي وڃڻ بهتر آهي.“

جاچ ڪندڙ عملدار، گفتگوءَ کي پورو ڪيو. هُو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو هو. هُو پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائي نہ سگهيو، جنهن کي ڪاوڙ ئي چئجي. سندس ضمير جي اندر جو ڪجهہ بہ هو، اُن کي بنا ڪنهن رک رکاءَ جي چئي ڏنائين.

”اِهي پندرنهن سؤ روبل ذلت جو باعث نہ آهن، پر اُها رقم آهي، جا مان جدا ڪري رکي هئي.“ مِتيا چيو.

"ڇو؟" جاچ ڪندڙ عملدار جوش مان مشڪي چيو. "تنهن تنهنجي خيال ۾ اُها کهڙي ذلت آهي؟ اُهي پندرنهن سَوَ، جيڪي تو شرمناڪ طريقي سان جدا ڪري رکيا هئا! تون اُن کي ننگيءَ ڪان به مٿي ٿو سمجهين؟ حقيقت ۾ اهي ٽي هزار روبل گهٽا ضروري آهن. انهيءَ ڪان، جو اوهان. اُن سان ڪري گذريا. تو اُن سان اهڙو قدم ٿي ڇو ڪنيو هو؟ اوهان اِهي پندرنهن سوَ روبل ڇو بچايا هئا؟ اوهان کي ڇا منظور هو، اُن جي بابت ڪا سمجهاڻي ڏيو؟"

"شريف انسانو! اِنهيءَ ئي نقطي تي. تہ سچي حقيقت بيٺل آهي!" مِتيا رڙ ڪري چيو. "مان اُن کي پاسيرو رکيو. ڇو تہ مان لائق نہ هوس. مان اِنهن ٽن هزارن مان ڇگيءَ ريت ڪٽي پندرنهن سَوَ روبل ٻاهر ڪديا هئا ۽ اِهو حساب شرمناڪ هو. اهائي نالائقي سڄو مهينو هلندي رَهي."

"هيءَ تہ سمجهه ۾ اَچڻ جهڙي ڳالهه نہ آهي."

مون کي تہ توتي عجب ٿو لڳي. پر مان اجا بہ وضاحت ڪندس. شايد هيءَ سچ پچ سمجهه ۾ نہ اَچڻ جهڙي ڳالهه هجي. مهرباني ڪري هن ڏي ڌيان ڏي، جو ڪجهه مان چوان ٿو، مان ٽي هزار روبل جي ننگي ڪئي. جو منهنجي عزت جو سوال هو. مان عيش جي مجلس ۾ اُن کي خرچ ڪري ڇڏيو. بتن ڪٽي ڇئجي، تہ مان سيئي پئسا خرچ ڪري ڇڏيا. ٻي ڏينهن مان اُن وٽ وڃي ۽ کيس چوان، ڪتيا. مون ڪان غلطي ٿي آهي، مان تنهنجي ٽن هزار روبل کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. ڇا اُهو ڇگو ۽ صحيح طريقو ٿئي ها؟ نہ اِهو صحيح نہ اهي. اِها بي ايماني آهي ۽ بي همتي. مان هڪ جانور آهيان - اُهو جانور جنهن کي پاڻ تي ضابطو نہ هجي. اِهو ايئن آهي نہ؟ پر اُن هوندي بہ مان اَجا چور نہ آهيان. بد ڪردار چور نہ آهيان. تون هن کي قبول ڪندين. مان اُن رقم کي فضول خرجيءَ ۾ وڃايو آهي، پر چور نہ آهيان. هاڻي هڪ سيڪنڊ لاءِ. هن جي ٻي صورت ٻڌو، جا وڌيڪ فائدي واري آهي. مون کي خبرداريءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. متان مان وري منجهي نہ پوان - منهنجو مٿو ڦري رهيو آهي، ها وري ٻيو حل. مان هتي ٽن هزار روبل مان پندرنهن سَوَ روبل خرچ ڪيا، جو اُن جو اَڌ آهي. ٻي ڏينهن جيڪڏهن مان اِهو اَڌ ڪٽي اُن وٽ وڃان ها ۽ چوان ها، تہ ڪتيا مون ڪان پندرنهن سَوَ روبل وٺ، مان هڪ جانور آهيان ۽ بي اعتبار بدمعاش، ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي اَڌ رقم ضايع ڪري ڇڏي آهي ۽ هيءَ بہ ضايع ڪري ڇڏيندس، مون کي هن هوَس ڪان بچائي وٺ! پوءِ اوهان هن ٻي صورت لاءِ ڇا چئو ها؟ مون کي جانور چئو ها يا بدمعاش! جيئن اوهان جي مرضي. پر اوهان ڪڏهن بہ چور نہ چئو ها. يا تہ مون کي ڪجهه بہ بچائي اَچڻ نہ گهربو هو، پر مان اُن کي بچائي رکيو هو.

مان اُن اَڌ کي وٽس ڪٽي وجان ها ۽ هوءَ ڏسي ها ۽ باقي جو اَڌ خرچ ڪيو هيم، اُن کي پهچائي ڏيان ها، جنهن لاءِ مان ڪوشش ڪريان ها، تہ اُن کي موٽائي ڏيان. اِهڙي حالت ۾ بہ، مان بدمعاش تہ بڻجان ٿو، پر چور نہ! توهان بيو ڪجھ بہ چئو پر چور نہ!"

"مان قبول ٿو ڪريان تہ هن ۾ تفاوت ضرور آهي." جاچ ڪندڙ عملدار ٿڌي طرح مشڪندي چيو. "پر هيءَ عجب جهڙي ڳالھ آهي، جو تون هن اختلاف جي بنياد کي بہ ڄاڻين ٿو."

"هائو، مان هن جي بنيادي اختلاف کي ڄاڻان ٿو. سيڪو ماڻھو بدمعاش ٿي سگهي ٿو ۽ شايد هرڪو ماڻھو، بدمعاش هجي بہ. پر هرڪو چور ٿي نہ ٿو سگهي. پر هن سوال جو حل ڪرڻ منهنجو موضوع نہ آهي. نہ وري مان هن جو موزون تفاوت ئي ڄاڻان ٿو .... پر هڪ چور، هڪ بدمعاش کان گهٽو حقير آهي. منهنجي اِهائي راءِ آهي. ڏيان ڏيئي بڌو، مان اِها رقم، مهينو ساندھ، پاڻ سان گڏ گهمائيندو رهيس. مان هميشہ اِهو ارادو ٿي رکيو، تہ موٽائي ڏيندس ۽ مان بدمعاش بہ نہ رهندس. پر مون کان اِها همت نہ ٿي. جيتوڻيڪ اوهان بڌو ٿا، تہ مان ڏهاڙي اِهو ارادو ڪندو ٿي رهيس. روزانو پاڻ تي زور ڏيندو ٿي رهيس، تہ ايئن ڪريان. پر سڄي مهيني ۾ مان اُن لاءِ تيار ٿي نہ سگهيس. ڇا اوهان جي خيال ۾ هيءُ صحيح طريقو هو؟"

"يقيناً! اِهو صحيح طريقو نہ هو. مان اُن کي پوري ريت سمجهان ٿو ۽ ڪوبہ پس و پيش نہ ٿو ڪريان." جاچ ڪندڙ عملدار، پاڻ کي سنڀاليندي چيو. "اَسان کي هنن اَجائي ۽ جزوي اختلافن تي بحث نہ ڪرڻ گهرجي. تنهنجي مهرباني ٿيندي، جيڪڏهن تون مڪيہ نقطي ڏي اَچين. اُهو نقطو آهي، تہ تو اَجا اسان کي بڌايو ئي نہ آهي، جيتوڻيڪ اَسان توکان پڇندا رهيا آهيون، تہ تو جو اَڌ فضول خرچي ۾ وڃايو ۽ اَڌ پاڻ وٽ بچائي رکيو؟ اُهو ڪهڙو مقصد هو، جنهنڪري تو اُن رقم کي لڪائي رکيو هو. تنهنجو اِنهن پندرنهن سون مان ڪهڙو مطلب پئي پورو ٿيو. دمتري فيودورپاولووچ، مان هن سوال تي زور ٿو ڏيان."

"هائو، بيشڪ! "مِتيا، نراڙ کي ڌڪ هڻندي چيو. مونکي معاف ڪريو، مان پاڻ کي پريشان ڪري رَهيو آهيان ۽ مڪيہ نقطي جي تشريح نہ ٿر ڪري سگهان، نہ تہ جيڪر اوهان منٽ ۾ اُن کي سمجهي وڃو ها. ڇاڪاڻ تہ اُن جي مراد ئي 'نفرت' آهي. هي سڀ ڪجھ اُن پوڙهي ماڻهوءَ لاءِ ڪرڻو ٿي پيو، يعني فوتي پيءُ لاءِ. هو هميشہ اگرافينا اليگزينڊرووينا جي لاءِ ٿي صدقي ٿيو ۽ مون کي حسد هو. مان اُن وقت سمجهيو، تہ هُوءَ منهنجي ۽ اُن جي وچ ۾ انتخاب جي لاءِ ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي. اُن ڪري مان روزانو پيو سوچيندو هوس. مثلاً: هُو اوچتو پنهنجو رخ ڦيرائي وجهي ۽

مون کي عذاب ڏيئي ڇڏي ڏي ۽ چوي تہ مان توسان محبت تي ڪريان، نہ هن سان!
مون کي دنيا جي ڪنهن انتهائي ڇيڙي تي وٺي هل ۽ مون وٽ فقط ڇاليهہ ڪوپڪس (نندڙا سڪا) هجن. تہ پوءِ مان ڪيئن اُن کي وٺي وڃي تي سگهيس. مان اُن کي وڃائي ويهان ها. اوهان کي خبر هئڻ گهرجي، تہ مان اُن وقت ڪيس نہ تي سڄاتو. مان ڪيس نہ تي سمجهيو. مان سمجهيو تي، تہ ڪيس پيسو کپي ۽ هوءَ ڪڏهن بہ منهنجي مفلسيءَ کي وساري نہ سگهندي. انهيءَ ڪري مان آخري طرح تن هزارن جو اَڌ ڳڻي، پاڻ وٽ سبي رکيو. شراب جي پيئڻ کان اڳ مون اُن کي سبيو ۽ پوءِ ئي شراب پيئڻ لاءِ ويس. اهائي بنيادي حقيقت آهي، جنهن کي اوهان سمجهيو هوندو.

بئي وڪيل کلڻ لڳا.

”مان هن کي تنهنجي پاران، هڪ سمجهہ ڀَري ۽ اخلاقي شيءِ سمجهان ٿو.“ نڪولائي پارفينوچ فخر مان ڪلندي چيو. ”هيءَ نڳي تہ آهي ئي نہ. ڇاڪاڻ تہ اِهي پيسا ڇا جي لاءِ گڏ ڪري رکيا ويا هئا؟“

”اِنهيءَ لاءِ ئي تہ مان چوري ڪئي هئي. بنيادي حقيقت اها آهي، اوهان اِهو نہ سمجهڻ جي ڪري ڊيڄاري رهيا آهيو. هرهڪ ڏينهن تي مان، اِنهن پندرنهن سَون جي بابت، جيڪي منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري تعويز ۾ سبيل هئا، چوندو تي رهيس تہ مان چور آهيان. مان چور آهيان! اِهو سبب هو، جو، مان سڄي مهيني ۾ وحشي بڻيو رهيو هوس. اِهوئي سبب هو، جو مان ساقي خاني ۾ وڙهيو هوس. اهوئي سبب هو، جو مان پنهنجي پيءُ تي حملو ڪيو هو. اِنهيءَ ڪري ئي مان همت نہ ٻڌي سگهيو هوس. اِنهيءَ سبب جي ڪري، مان پنهنجي ڀاءُ اليوشا کي بہ اِنهن پندرنهن سَون لاءِ نہ ٻڌائي سگهيو هوس. مان محسوس تي ڪيو، تہ مان ذليل آهيان ۽ ڳنديءَ ڇوڙ. پر اوهان کي خبر آهي، تہ جڏهن مان اِن رقم کي کنيو تي، پاڻ کي چوندو تي رهيس ۽ هر گهڙي تہ: ”نہ دمتري فيودورپاولوچ، تون اَڃا بہ چور نہ آهين، ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ مان شايد ٻي ڏينهن تي، وڃي ڪيترينا کي اِها رقم موٽائي ڏيان. ڪالهہ ئي مان ارادو ڪيو، تہ پنهنجي ڳچيءَ مان اُن اڳڙيءَ کي ڦاڙي ڇڏيان. مون کي اِهو خيال رستي تي آيو هو. جڏهن فينا کان پروهيتن ڏي تي ويس. اِنهيءَ گهڙيءَ کان اڳ ۾، مان ڪڏهن بہ اِئين ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار نہ ڪري سگهيو هوس. اُن اڳڙيءَ کي ڦاڙڻ کان پوءِ مان ذليل چور بڻجي ويس. هڪ چور ۽ سڄي حياتيءَ لاءِ بي ايمان انسان! ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ اِيئن ڪندي، مان پنهنجي اُن خواب کي بہ برباد ڪري ڇڏيو، جنهن جو تعلق، ڪٽيا ڏي وڃڻ سان هيو. تہ مان بدمعاش تہ آهيان، پر چور نہ آهيان. توهان هاڻي سمجهيو؟ توهان هاڻي سمجهيو.“

”اُها کهڙي ڳالهہ هئي، جنهنڪري تو ڪالهہ، اِيئن ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو؟“ نڪولائي پارفينووچ، وچ ۾ دخل ڏيندي چيو.

”چو؟ اِهو تہ پڇڻ ئي اَجايو آهي. مان صبح سان پنجين بجي پاڻ کي مارڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. هتي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جو. مان خيال ڪيو، تہ هاڻي هڪ چور ۽ عزت واري ماڻهوءَ جو ڪو تفاوت ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، جڏهن تہ مرڻو اَٿم. شريف انسانو! مون تي اعتبار ڪريو، تہ مون کي جنهن شيءِ اڄ گهڻو عذاب ڏنو، اُهو اُن پوڙهي ملازم جو خون نہ هو، پر مان هن خوف ۾ هوس، تہ مون کي اُن وقت سائبيريا موڪليو ويندو، جڏهن مون کي پنهنجي محبت جو انعام ملي رَهيو آهي ۽ جنت جا دروازا وري مون لاءِ کلي ويا آهن. اِهو خيال مون کي عذاب ڏيندو رَهيو، پر اِهڙي طرح نہ، جيئن هي ملعون رقم ۽ اڳيڙيءَ جو ڦاڙي، اُن کي خرچ ڪرڻ! مان ذليل چور بڻجي چُڪو هوس. شريف انسانو! مان اوهان کي پنهنجي پُرخون دل سان ٻڌايان ٿو، تہ مان اِنهيءَ رات ۾ گهڻو ڪجهہ پرايو آهي، تہ نہ فقط بدمعاش تي رهڻ ڏکيو آهي، پر بدمعاش تي مرڻ بہ ڏکيو آهي ...... نہ شريف انسانو! ايماندار ٿي مرڻ ئي بهتر آهي.“

مِتيا جو رنگ زرد ٿي ويو. سندس نگاهون جوشيليون هئڻ جي بجاءِ خوفزده ۽ ٿڪايل ٿي ڏٺيون.

”دمتري فيودورپاولووچ، هاڻي مان توکي سمجهڻ شروع ڪيو آهي.“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس آهستي ۽ رحم ڀَري آواز ۾ چيو.

”پر هيءَ سڀ ڪجهہ، جيڪڏهن تون منهنجي چوڻ کي معاف ڪرين، تہ اعصابي پريشانيءَ جي باعث هو. منهنجي اِها راءِ آهي ..... تنهنجا مڪمل ريت خرابيءَ سان پريل اعصاب، اِنهن جي ڪري ئي اِيئن ٿيو آهي. چو؟ ٿوري وقت لاءِ خيال ڪر، ڇا تو پاڻ کي سڄو مهينو هن مصيبت کان بچايو نہ هو؟ تون اُنهن پندرنهن سون لاءِ، اُن عورت ڏي، جنهن تنهنجي مٿان اعتبار ڪيو هو، سڄو مهينو آئين ۽ وٺين نہ ٿي؟ پوءِ چو تون هن کي اِها ڳالهہ ٻڌائي نہ ٿي سگهين؟ پنهنجي حيثيت جي لحاظ کان، جيئن تو اُن کي خطرناڪ ٻُڌايو آهي، چو تون اُن رٿ تي عمل نہ ڪري سگهين، جا فطرتًا ڪنهن جي دل تي تَري اَچي ٿي، يعني عزت سان پنهنجي غلطين کي اُن وٽ بيان ڪرڻ. تو اِيئن هن کي چو نہ ٿي چيو، تہ تنهنجي خرچن لاءِ، هوءَ توکي قرض ڏئي. جو هوءَ پنهنجي نيڪ دليءَ سان ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪري ها. جڏهن تہ اُن جي لاءِ، ڪا ضمانت بہ هجي ها. يا اُن سلامتيءَ تي، جا تون سامنسوف واپاريءَ ۽ بيگم هائلڪوف کي ڏئي رهيو هئين. مان سمجهان ٿو، تہ تون اَجا بہ اُن ضمانت کي قيمت وارو ٿو سمجهين!“

مِــتيا اوچتو ٻاڙهو ٿي ويو.

"مون کي يقين آهي، تہ اوهان مون کي ايترو ويل بدمعـاش نـہ سمجهندا هوندا؟ اوهان سنجيدگيءَ سان نہ ٿا ڳالهايو." هُـو نفرت سان چوڻ لڳـو ۽ جاچ ڪـندڙ عملدار جي منهن ۾ گهوري نهارڻ لڳو. چڻ تہ ڪيس پنهنجي ڪنن تي اعتبار ئي نہ ٿي آيو.

"مان توکي يقين تـو ڏياريان، تـہ مـان سنجيدهہ آهيـان ..... تـون اِيئَـن ڇـو ٿـو خيال ڪرين، تہ مان سنجيده نہ آهيان ...... تون اِيئَـن ڇـو ٿـو تصور ڪـريـن، تـہ مـان مستعد نہ آهيان؟" هاڻي جاچ ڪندڙ عملدار جي حيران ٿيڻ جو وارو هو.

"اڙي اهڙي سازش وڏيڪ ننگ ۽ ڪار واري هئي. شريف انسـانو! اوهـان کـي خبر پوي ٿي، تہ اوهان مون کي عذاب ڏئي رهيا آهيو! ڪجهہ بہ ٿي پوي، مـون کـي سڀ ڪجهہ چوڻ ڏيو. مان پنهنجي جنهن بڇڙائيءَ کي قبول ٿـو ڪريان ۽ اوهـان کـي بہ شرمندگيءَ ۾ ٿو آڻڻ گهران. اوهان خود، پنهنجو پـاڻ حيـرت ۾ پئجـي وينـدا، تـہ بشر ۾ احساس ڪيتري قدر نہ بديءَ جي پستيءَ ڏي لهي ٿـو اَچي! شـريف انسـانو! هائو، جا رٿ جاچ ڪندڙ عملدار هاڻي پيش ڪئي آهي، منهنجي بـہ ذهـن ۾ آئـي هئي. هلندڙ مهيني ۾ اهو خيال منهنجي اندر ۾ موجـود هـو، ۽ مـان ارادو بـہ ڪيـو هو، تہ ڪٽيا ڏي وڃان - مـان اِنهـيءَ لاءِ پـورو پـورو لائـق بـہ هـوس. اُن ڏي وڃـڻ ۽ پنهنجي مڪاري ٻڌائڻ، ۽ اُن مڪاريءَ مان پورو پورو فائدو وٺڻ ۽ ڪٽيا کـي رقـم لاءِ عرض ڪرڻ، (يعني پنڻ، سمجهـو ٿـا پنـڻ) ۽ اُن کـان وري ٻـي ڏي وڃـڻ، سندس رقيب ڏي وڃڻ، جنهن سندس بي عزتي ڪئي هئي. نهايت عجيب خيال آهي! شـايد تون چريو ٿي پيو آهين، جاچ ڪندڙ عملدار!"

"مان چريو تہ نہ آهيان، پر جلديءَ مـان ڳالهـائيندو تـو وجـان ..... مـان عورتـن جي ساڙ ۽ حسد کي خيال ۾ ئي نہ آندو آهي. هن ساڙ ۽ حسد جي حالت ۾، جنهن جـو تون يقين ٿو ڏئين ...... هائو، شايد اِنهـيءَ ۾ اِهڙي قسـم جي ڳالهہ هجـي." جاچ ڪندڙ عملدار مشڪندي چيو.

"پر اِهو بيحد نفرت انگيز ٿئي ها." مِــتيا خوفنـاڪ طرح سـان ميـز ڏي مـڪ وڏائي. "اِهو تہ سڀ کان وڏيڪ خراب ڪم ٿئي ها. هائو! اوهان کي خبر آهي، تہ هوءَ اِها رقم مون کي ڏئي بہ ڇڏي ها ۽ وساري بہ ڇڏي ها. پر هوءَ هي سڀ ڪجهہ پنهنجي اِنتقام کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪري ها. مون لاءِ پنهنجي نفرت کي ڏيکارڻ لاءِ ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ هوءَ شيطاني طبعيت واري آهي ۽ وڏي غصي واري عورت آهي. مان اُن کان اِها رقم وٺان بہ ها ۽ وٺان ها، پر پوءِ سڄي حياتي .... خدايا! شـريف انسـانو! مـون کي معاف ڪريو، مان هيءَ جا فرياد تـو ڪريـان، اُن لاءِ معـافي تـو گهـران. مـان هيءَ

واڪا اِنهيءَ لاءِ تو ڪريان، تہ بہ ڏينهن اڳ جڏهن رات جو لياگاوي وٽ ڦاٿو هوس ۽ ڪالهہ بہ اِنهيءَ فڪر ۾ گرفتار هوس. مون کي اُن جي پختي يادگيري آهي. ايستائين اِهو فڪر ساڻ هيم، جيستائين اِهو حادثو عمل ۾ آيو.“

نڪولائي پارفينووچ، سندس گفتگوءَ کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو تہ:

”ڪهڙو حادثو؟“

پر دمتري سندس ڳالهہ کي ٿي نہ ٻُڌو.

”مان اوهان وٽ، پنهنجي خطرناڪ ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي.“ مِتيا مايوسيءَ مان چيو. ”توهان هن جو قدر ڪيو. اَجا بہ وڌيڪ، هن جي عزت ڪريو. جيڪڏهن هي ڳالهيون، اوهان جي دلين ۾ رحم اُپاري نہ ٿيون سگهن، تہ پوءِ، اوهان کي منهنجي لاءِ ڪابہ عزت نہ آهي. شريف انسانو! مان اوهان کي ٻڌايان ٿو، تہ مان هن ندامت کان مري ويندس، تہ مان توهان جهڙن ماڻهن وٽ پنهنجي قبوليت جو ڏني؟ مان پاڻ کي گولي هڻي ڇڏيندس! هائو مان اڳ ۾ ئي ڏسي چڪو آهيان، تہ اوهان کي مون تي ڪو بہ اعتبار ڪونہ آهي. ڇا اوهان اِها بہ ڳالهہ لکڻ گهرو ٿا.“ هن جهڪو ٿيندي چيو.

”هائو! تو هاڻي جو ڪجهہ بہ چيو.“ نڪولائي پارفينووچ ڪيس حيرت مان نهاريندي چيو. ”اِهو تہ تون آخري گهڙيءَ تائين ڪيٽرينا ايونونا ڏي وڃڻ لاءِ سوچيندو رهيو هئين، تہ وٽس وڃي رقم لاءِ عرض ڪريان. مان توکي يقين ٿو ڏياريان، تہ هيءُ ثبوت جو نهايت ضروري حصو آهي، دمتري فيودورپاولووچ..... مان سمجهان ٿو، تہ سڄي مقدمي ۾ هي ضروري آهي. خاص ڪري، تنهنجي لاءِ نهايت ضروري آهي.“

”شريف انسانو! مون تي رحم ڪريو!“ مِتيا پنهنجي هٿن کي هوا ۾ هلايو. ”اِنهيءَ کي ڪنهن بہ حالت ۾ نہ لکو. ڪجهہ شرم بہ ڌاريو. مان تہ پنهنجي دل ڦاڙي اوهان جي اڳيان رکي آهي ۽ اوهان هن موقعي جو فائدو ٿا وٺو. ٻنهي طرفن کان منهنجي زخم ۾ آڱريون ٿا ٽنبيو. او خدايا!“

هن نااُميديءَ مان پنهنجي منهن کي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو.

”دمتري فيودورپاولووچ، پاڻ کي ايترو پريشان نہ ڪر.“ جاچ ڪندڙ عملدار کيس چيو. ”هتي جو ڪجهہ بہ لکيو وڃي ٿو، اُهو سڀ وري توکي ٻڌايو ويندو. جنهن سان تون اتفاق نہ ڪندين، اُن کي تون پنهنجي خواهش سان بدلائي سگهندين. هاڻي مان توکان هڪ ننڍڙو سوال ٿو پڇان ۽ اِهو ٻيو ڀيرو ٿيندو. جنهن رقم کي تو سبيو هو، اُن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. توکي مان ٻڌايان ٿو، تہ اِها اعتبار ۾ اَچڻ جهڙي حقيقت ئي نہ آهي.“

”ڪنهن کي بہ نہ. ڪنهن کي بہ نہ. مان اوهان کي اڳ ۾ ٻڌائي چُڪو آهيان. يا تہ اوهان ڪا ڳالهہ سمجهي ئي نہ ٿا سگهو. مون کي اَڪيلو ڇڏي ڏيو.“

”صحيح آهي. پر هن حقيقت جي لاءِ تشريح جي ضرورت آهي. اُن جي لاءِ گهڻو ئي وقت آهي، پر ساڳي وقت ڏيان ڏي اَسان وٽ ڪي شاهد بہ آهن، جن کي تو هر جاءِ تي پکيڙي ڇڏيو آهي. ٽن هزارن بابت تہ هر هنڌ واڪا ڪري چيو آهي. اُنهن کي تو هتي خرچ ڪيو آهي. ٽي هزار روبل، پندرنهن سَوَ نہ! هاڻي بہ جڏهن توکي پيسا مليا آهن، يعني ڪالهہ، تہ تو ماڻهن کي اِيئن خيال ڪرڻ جو وجهہ ڏنو آهي، تہ تون پاڻ سان ٽي هزار روبل ڪٺي آيو آهين.“

”اوهان وٽ ڊزن نہ پر سوين شاهد موجود آهن. بہ سَوَ. بہ سَوَ ماڻهن اُنهن کي ٻڌو آهي. هزارن اُن کي ٻڌو آهي.“ مِتيا رڙ ڪري چيو.

”ها. سيئي اِها شاهدي ڏين ٿا. هڪ ئي لفظ، جنهن جي معنيٰ ساڳي آهي.“

انهيءَ مان ڪوبہ مطلب نہ ٿو نڪري. ڪنهن کي بہ مان نہ ٻڌايو. پر هرڪو اُن کي دهرائيندو ٿو رَهي.“

”پر ڪهڙي ضرورت پئي هئي، تہ تون اِهڙي خراب ڳالهہ کي ڪرين، جنهن کي تون پاڻ بہ ڇوين ٿو؟“

”شيطان ئي ڄاڻي سگهي ٿو. پنهنجي غلط بهادري ڏيکارڻ لاءِ .... تہ مان ايترو پيسو ضايع ڪري سگهان ٿو ..... اُن رقم کي وسارڻ لاءِ، تہ مان ان کي سڀي ڇڏيو هو ..... هائو، اِنهيءَ لاءِ ..... ڪڏ ۾ وجهوس ...... خبر نہ آهي، تہ اوهان اِهو سوال مون کان ڪيترا ڀيرا پڇندا؟ نيڪ آهي، مان اوهان کي بہ ضرور ڪوڙ ٻڌايو آهي. انهيءَ جي پڇاڻي تي چُڪي آهي. مان هڪ ڀيرو اوهان کي ٻڌايو آهي. مان هاڻي اُن کي صحيح ڪريان، اُن جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ڇو، ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهي؟“

”پر هن جو فيصلو نهايت ڏکيو آهي، دمتري فيودورپاولووچ تہ ماڻهو کي ڪهڙي شيءِ آهي، جا ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ، راضي تي ڪري.“ جاچ ڪندڙ عملدار، ڪنهن اَثر هيٺ اَچي چيو. مون کي ٻڌاءِ، تہ اُها ڳنڍ جا، تنهنجي ڳچيءَ وٽ، جيئن تون چوين ٿو، وڏي هئي؟“

”نہ، ايڏي وڏي نہ هئي.“

”مثال لاءِ ڪيتري وڏي هئي؟“

”جيڪڏهن تون سَو روبل کي، اَڌ تي بيٺائيندين، تہ اِهائي اُن جي ماپ ٿيندي.“

”تون اَسان کي اِيئن موڙي ڏيکار. اُهو ڪپڙو اَجا تو وٽ هوندو؟“

”ڪيڏي نہ بيوقوفي آهي، اها، هاڻي اُهو ڪپڙو مون وٽ ڪٿي آهي!؟“

”هڪ گهڙيءَ لاءِ اجازت ڏيو. تہ مان اوهان کان پڇان، تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي اوهان اُن ڳنڍ کي کوليو. جا اوهان جي ڳچيءَ سان هئي؟ اوهان ٻڌايو آهي، تہ اوهان پنهنجي گهر نہ ويا هئا.“

”جڏهن مان فينا کان پرهيتن ڏي تي ويس. رستي ۾، مان ان کي پنهنجي ڳچيءَ مان ٽوڙيو ۽ رقم ڪڍي ورتم.“

”اونداهيءَ ۾؟“

”مون کي روشني جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ مان هڪ ٻن منٽن ۾ پنهنجي آڱرين سان اُن کي ٽوڙي ڇڏيو.“

”ڪٿنچيءَ ڪانسواءِ گهٽيءَ ۾؟“

”مان خيال ڪريان ٿو، تہ مارڪيٽ ۾. ڪٿنچيءَ جي ڪهڙي گهرج هئي؟ پر اوهان اِهو ڇو ٿا پڇو؟“

”پوءِ تو اُن کي ڪٿي ڦٽو ڪيو؟“

”مان اُن اڳڙيءَ کي اُتي ئي ڦٽو ڪيو.“

”مارڪيٽ ۾، مارڪيٽ ۾. شيطان ئي ڄاڻي سگهي ٿو، تہ ڪٿي؟“

”هي سوال نهايت ضروري آهي، دمتري فيودورپاولووچ. اِها شيءِ تنهنجي فائدي لاءِ ثابتي آهي. ڪيئن تون اِنهيءَ کي نہ ٿو سمجهين؟ اِنهيءَ جي سبب ۾ توکي ڪنهن مدد ڪئي هئي؟“

”ڪنهن بہ مون کي مدد نہ ڪئي، مان پاڻ ئي سبيو هو.“

”تون سبي بہ سگهين ٿو؟“

هڪ سپاهيءَ کي سبڻ اچڻ گهرجي. ڪنهن بہ وڏيڪ ڄاڻ جي هن ۾ ضرورت ڪانہ هئي.

”تو اِهو سامان ڪٿان آندو؟ يعني اُها اڳڙي، جنهن ۾ تو اُن رقم کي سبيو هو؟“

”ڇا اوهان مون تي کلو تہ نہ ٿا؟“

”ڪڏهن بہ نہ. نہ وري اَسان کلڻ جي موڊ ۾ آهيون. دمتري فيودورپاولووچ.“

”مون کي خبر نہ آهي، تہ مون اُها اُڳڙي ڪٿان آندي - مان خيال ڪريان ٿو، تہ هتان، هتان.“

”مان سمجهان ٿو، تہ تو اُن کي وساريو نہ هوندو؟“

”مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان، تہ مون کي ياد نہ رهيو آهي. مان شايد ڪنهن پنهنجي ڪپڙي مان ڦاڙيو هوندو.“

”هيءَ نهايت دلچسپ آهي. آسان سياڻي تنهنجي رهڻ واري جاءِ مان اُن کي ڳولهينداسون. پوءِ اُها قميص آهي يا ٻيو ڪو ڪپڙو. اُهو عام ڪپڙو يا شلوار؟

”نيڪي تي ڄاڻي ته اهو ڪهڙو ڪپڙو هو؟ پر ترسو .....! مان سمجهان ٿو. ته ڪنهن مان به نه ڦاڙيو هيم. اهو ڪئليڪو جي ڪپڙي جو قسم هو. مون کي ياد ٿو اچي ته مان گهر واري عورت جي ٽوپيءَ مان ڦاڙي اُن کي سبيو هو.“

”تنهنجي گهر جي مالڪياڻي جي ٽوپيءَ مان؟“

”هائو! مان اُن مان ئي ڪنيو هو.“

”تو اُن کي ڪيئن حاصل ڪيو؟“

”مون کي ياد ٿو اچي. ته هڪ ڀيري مان اُن ٽوپي کي پنهنجي قلم صاف ڪرڻ لاءِ کنيو هو. ڪانئس پڇڻ کان سواءِ کنيو هيم. چاڪاڻ ته اها بيڪار ۽ بي قيمت شيءِ هئي. مان اُن کي ڦاڙيو. نوٽ کنيم ۽ اُن ۾ سبيم. منهنجو خيال آهي، ته اِنهيءَ ئي اڳڙيءَ ۾ مان پيسن کي سبيو هو. هڪ پراڻو ڪئليڪي جو ٽڪرو هو، جنهن کي هزارين ڀيرا ڌوتو ويو هو.“

”توکي اِنهيءَ حقيقت جو پورو يقين آهي؟“

”مون کي اڃا به پَڪ نه ٿي پوي. مان خيال ڪريان ٿو. ته اِها ٽوپي ئي هئي. ڪڏ ۾ وجهوس، اوهان کي اُن مان ڪهڙو فائدو؟“

هن حالت ۾ تنهنجي مڪان جي مالڪياڻيءَ کي ياد هئڻ گهرجي، ته سندس ڪا شيءِ گم ٿيل آهي.

”نه، هُن کي ياد نه هوندو. هُــن پنهنجي شيءِ وڃائي ته ڪانه هئي. هو هڪ پراڻو ڪپڙو هو، مان ٻڌايان ٿو. ته اُهو پراڻو ڪپڙو هو، جنهن جي قيمت هڪ پائي به نه هئي.“

”پر تو، سُئي ۽ ڌاڳو ڪٿان آندو؟“

”مان هاڻي چپ رهندس ۽ ڪجهه به نه ٻڌائيندس. ڪافي ٿي گذريو آهي!“ مِتيا آخر پنهنجو صبر وڃائي وينو.

”واقعي هن ڳالهه تي تعجب ٿو لڳي، ته مارڪيٽ ۾ تو اُن اڳڙيءَ کي ڪٿي ڦٽو ڪيو هو؟“

”اوهان سياڻي حڪم ڏيو، ته مارڪيٽ کي ٻُهاريو وڃي. پوءِ اوهان شايد اُن کي لَڀي وجهو.“ مــِتيا پيچ تاب کائيندي چيو. ”شريف انسانو! هيءُ ڪافي آهي ڪافي. هن ٽڪيل آواز ۾ پنهنجي اِرادي کي پختگي سان ٻڌايو. مان سمجهان ٿو. ته اوهان جو مون تي اعتبار نه آهي! هڪ گهڙيءَ لاءِ به نه. اها منهنجي غلطي آهي،

اوهان جي نہ. مون کي ايترو مستعد تيڻ نہ گھربو هو. ڇا لاءِ مون اوهان کي پنهنجو راز ٻڌائي بي عزتو ڪيو. اوهان جي لاءِ، هيءُ مذاق آهي، جنهن کي مان اوهان جي اکين مان ڏسي رهيو آهيان. جاچ ڪندڙ عملدار، تو ئي تہ منهنجي هن حقيقت ڏانهن رهنمائي ڪئي آهي. توهان کي، جيڪڏهن ڪو گيت ياد اچيٰ تو، تہ پنهنجي ڪاميابي تي ڳايو. منهنجا عذاب ڏيندڙ وڃي ڪڏ ۾ پئو."

هن پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ۽ ڇهري کي هٿن سان ڍڪيو. وڪيل خاموش ٿي ويا. توري ويرم ڪان پوءِ هن پنهنجي مٿي کي مٿي ڪنيو ۽ خالي خالي نگاهن سان کين نهارڻ لڳو. سندس منهن مان هاڻي مڪمل نااُميدي پئي ظاهر ٿي. هُو مايوس ۽ غمگين ٿي ڏنو، ڇڻ تہ سندس ڇوڏاري، جو ڪجهہ وهيو ۽ واپريو ٿي، اُن جي ڪيس ڪابہ سُڌ بُڌ نہ هئي. اُن وقت هُو بہ سڀ ڪجهہ ختم ڪري ڇُڪا هئا، جنهن جي کين ضرورت هئي. هنن جلدي مان شاهدن جي پڇا شروع ڪري ڏني. اُن وقت صبح جا اَٺَ ٿي رهيا هئا. روشنيءَ کي گهڻو اڳ ۾ وسايو ويو هو. مائيڪل ماڪرووچ ۽ ڪلگنوف سمورو وقت مسلسل ڪمري جي اندر آيا ويا ٿي، جيستائين پڇا هلي رَهي هئي، هاڻي هُو بہ ٻاهر نڪري آيا هئا. وڪيل پڻ ٿڪيل ٿي نظر آيا. اهو هڪ بدقسمت صبح هو. سڄو آسمان ڪڪرن سان پريل هو ۽ مينهن ڇڻ تہ ڳڙا هاري رهيو هو. مِتيا خالي نگاهن سان دريءَ ڪان ٻاهر نهاري رهيو هو.

"مان دريءَ ڪان ٻاهر ڏسان؟" هن اوچتو نڪولائي پارفينووچ کان پڇيو.

"بيشڪ! جيترو وقت تنهنجي مرضي هجي." هُن کيس جواب ڏنو.

مِتيا اُٿيو ۽ دريءَ ڏي هليو ويو. مينهن دريءَ جي سائيرڙن شيشن تي زور سان پئجي رهيو هو. کيس گپ سان پريل رستو، هيٺ دريءَ مان صاف نظر اچي رهيو هو. تورو پَري، مينهن جي ڪوهيڙي مان، غريبن جي جهوپڙين جي ڪاري ۽ ميرانجهڙي قطار نظر اچي رَهي هئي، جا مينهن ۾ گهڻي ڪاري ۽ غريباڻي ٿي نظر آئي. سندس ذهن، فيبس سونهري وارن واري صبح جي ديوتا ڏانهن منتقل ٿي ويو، جڏهن هُو پاڻ کي گولي هڻي پورو ڪرڻ وارو هو. اِهڙي ئي صبح تي اِيئن ڪرڻ مناسب ٿي نظر آيو. هن مشڪندي خيال ڪيو. اوچتو هُن پنهنجي هٿ کي هيٺ ڦٽو ڪيو ۽ هُو پنهنجي عذاب ڏيندڙ ڏي ڦريو.

"شريف انسانو!" هن واڪو ڪري چيو. "مان ڏسان ٿو، تہ ختم ٿي چڪو آهيان! هوءَ؟ مان هُن جي لاءِ ڪجهہ ڇوڻ گهران ٿو. مان اوهان کي عرض ٿو ڪريان. مون کي يقين آهي، تہ هن کي مون سان گڏ برباد نہ ڪيو ويندو؟ هوءَ معصوم آهي. اوهان کي معلوم آهي، تہ هن گذريل رات جو ڪجهہ بہ ڪيو هو. اُهو اِنهيءَ ڪان، تہ هوءَ

پنهنجي خيال ۾ نہ هئي. هيءَ سڀ منهنجي غلطي هئي.“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪيس هڪدم جواب ڏنو، جنهن ۾ قانوني مستعدي ٿي ڏٺي، تہ ”جيتري قدر اسان ڏٺو آهي، انهيءَ خاتون جي خلاف اسان کي ڪابہ بنيادي ڳالھ نظر نہ آئي آهي، جنهن ۾ تنهنجي دلچسپي آهي. مون کي يقين آهي، تہ پوءِ بہ مقدمي ۾ اهائي ساڳي ڳالھ رهندي. اسان هن معاملي ۾ پنهنجي بہ سچي قوت صرف ڪنداسون. جا اسان کي آهي. توکي هن بابت ڪو بہ فڪر نہ ڪرڻ گهرجي، دمتري فيودورپاولووچ. توکي مڪمل آرام هئڻ کپي.“

”شريف انسانو، مان اوهان جا تورا مجان ٿو. مون کي خبر هئي، تہ اوهان ايماندار ۽ سنوان سڌا آهيو. اوهان منهنجي دل جو بار هلڪو ڪري ڇڏيو. نيڪ آهي، هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟ مان تيار آهيان.“

”اسان کي جلدي ڪرڻ گهرجي ۽ بنا ڪنهن دير جي شاهدن کان پڇا ڪرڻ گهرجي. اِهو سڀ ڪجھ تنهنجي حاضريءَ ۾ ٿيندو، اُن ڪري .....“

”پهريائين جيڪر چاءِ نہ پيئون.“ نڪولائي پارفينووچ چيو. ”يقينًا اسان انهيءَ جا مستحق بہ آهيون!“

هنن فيصلو ڪيو، تہ ماڙيءَ کان هيٺ جيڪڏهن چاءِ تيار آهي، تہ اُن کي پيئڻ گهرجي. (مائيڪل ماڪرووچ، هيٺ چاءِ ڪٽڻ لاءِ هليو ويو هو.) ڪين هڪ هڪ گلاس پيتو هو ۽ پوءِ، هل هلان هئي. جيڪڏهن پورو ناشتو ملي وڃي ها، تہ اها سندن وڏيڪ خوش نصيبي هئي. چاءِ سچ پچ هيٺ تيار هئي ۽ جلدي اچي وئي. مِتيا پهريائين، گلاس وٺڻ کان انڪار ڪيو، جو کيس نڪولائي پارفينووچ نهايت مروت سان پيش ڪيو هو. پر پوءِ هن پاڻ ئي اُن جي طلب ڪئي ۽ نهايت شوق سان اُن کي پي ويو. هُو حيرت جهڙو ٿڪايل ٿي نظر آيو. اِهو خيال ٿي ڪيو ويو، تہ سندس غير معمولي قوت جي سبب هڪ رات جو اوجاڳو ۽ اوسيئڙو، جنهن سان گڏ بيحد جوش بہ هو، مٿس ڪو خاص اثر نہ وجهندا. مگر هُو مشڪل سان پنهنجي مٿي کي جهلي ٿي سگهيو. وقت بوقت، سيئي شيون، جن ساڻس تعلق ٿي رکيو، سندس سامهون رقص ڪنديون ٿي نظر آيون. ”تورو وڌيڪ ۽ مان دِپ ۾ مبتلا ٿي ويندس.“ هن پاڻ کي چيو.

باب اٺون

# شاهدن جون شاهديون

شاهدن جون شاهديون شروع ٿيون. پر اسان پنهنجي ڪهاڻيءَ ڪي اِيئن مسلسل بيان نہ ڪنداسون، جيئن اڳي. اَسان اِنهيءَ تي اڪتفا نہ ڪنداسون، تہ ڪيئن نہ نڪولائي پارفينووچ سڀ ڪنهن شاهد تي زور تي آندو، تہ هُو پنهنجي شاهدي سچ ۽ پنهنجي ضمير جي موافق ڏي ۽ اُن کان پوءِ ساڳي شاهديءَ قسم تي وري دهرائي. اهڙيءَ ريت هرهڪ شاهد کي سڏيو ٿي ويو، تہ پنهنجي شاهدي جي اصلي مسودي تي اَچي صحيح ڪري. اَسان هتي فقط اُنهيءَ حقيقت تي، جنهن تي خاص طور زور تي ڏنو ويو، بيان ڪنداسون. يعني ٽي هزار روبل جي سوال تي، جا رقم اُتي خرچ ڪئي وئي هئي. ماڪرو ۾ ۽ مِتيا جي هٿان ۽ مهينو اڳ. اُهي ٽي هزار هئا يا پندرنهن سَوُ؟ اُن کان پوءِ هن وري، ٽي هزار يا پندرنهن سَوُ روبل وري بہ خرچ ڪيا هئا. پر افسوس، جو جنهن بہ شاهدي ڏني، اُها مِتيا جي خلاف هئي. ڪو هڪڙو بہ سندس فائدي ۾ نہ هو. ڪن شاهدن تہ ڪي نيون حقيقتون ٻڌايون، جي سندس تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون، اُهي مِتيا جي ڪهاڻي کان بلڪل الڳ ٿي ڏنيون.

پهريون شاهد، جنهن کان پڇا ڪئي وئي، ترِيفان بورسووچ هو. ڪيس وڪيلن جي سامهون بيهڻ ۾ ڪوبہ شرم نہ ٿي آيو. مگر اُن جي خلاف ، سندس مجرم بابت روش سخت ۽ نفرت واري هئي. جنهن منجهس صداقت ۽ پنهنجي رتبي جو ڏيکاءُ پيدا ڪري ڇڏيو هو. هُن تمام ٿورو ڳالهايو، حد اندر ۽ پنهنجي سوالن لاءِ ترسيو ٿي. جواب ڏنائين ٿي، تہ بہ مختصر ۽ چڱيءَ ريت سوچي ۽ سمجهي. هن پختگي ۽ ڪنهن بہ هبڪ کان سواءِ ٻڌايو، تہ مهينو اڳي جا رقم اُتي خرچ ڪئي وئي هئي. اُها ٽن هزارن کان گهٽ نہ هئي. هتي جا سيئي ڳوناٺا، اُن جي تائيد ڪندا، تہ خود دمتري فيودورِباولووچ پاڻ خرچ ڪيل رقم ٽي هزار روبل تي ٻڌائي. هن خانہ بدوش ڇوڪرين تي ڪافي خرچ ڪيو هو. مان هام هڻي چوان ٿو، تہ اِها رقم هڪ هزار روبل کان گهٽ نہ هوندي.

مِتيا پاسي ۾ ويٺو هو ۽ سندس پُٺ پَردي ڏانهن هئي. هُن مايوسيءَ مان سڀ ڪجهہ ٻڌو ٿي. مٿس غم ۽ ٽَڪ سوار هئا. هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، **هي اعتبار جي** لائق نہ آهي. مان اُنهن تي پنج سَوُ روبل خرچ ڪيا هئا. ”هيءَ سندس مايوس پيري تشريح هئي. مون کي افسوس آهي، تہ مون اُن وقت پيسن کي نہ ڳڻيو هو. مان

پيتل هوس." هُن تريفان ڏي منهن ڪري چيو، تہ "هاڻي توڪي، جو ڪجهہ چوڻو هجي، چئي ڏي. انهيءَ ڪان ڪو تفاوت نہ پوندو."

"دمتري فيودورپاولووچ تو، هزار روبل ڪان مٿي اُنهن تي خرچ ڪيو هو."

تريفان بورسووچ اعتماد سان چيو. "تو اڻ ڳڻيل پيسا اُنهن ڏي اُڇلايا تي ۽ اُنهن پئي تي کنيا. انهن گهوڙن جي بيوقوفن چورن کي ڪافي مليو هو. ڪين هتان هڪاليو ويو آهي. نہ تہ هُو پاڻ شاهدي ڏين ٿا، تہ ڪين ڪيترو پيسو حاصل ٿيو هو. مان پاڻ تنهنجي هٿن ۾ رقم کي ڏٺو هو. ڳڻيو مان نہ هو. نہ وري تو اُن جي اجازت ڏني هئي - اها تہ حقيقت آهي - پر اُن جي ڏسڻ مان، مان چئي ٿو سگهان، تہ اِهي پئسا سچ پچ پندرنهن سَوَ روبل ڪان گهڻا هئا. اَسان بہ رقم ڏني هئي ۽ اُن جو اندازو چڱيءَ ريت لڳائي سگهون ٿا ......"

"ڪالهہ جا رقم هن خرچ ڪئي هئي، اُن لاءِ دمتري فيودورپاولووچ پهچندي ئي ٻڌايو هو، تہ ٽي هزار روبل آهن."

"هاڻي ٻڌاءِ تہ ايئن آهي ڇا؟ تريفان بورسووچ!" مِتيا ڪيس جواب ڏنو. "مان اِهو يقين سان تہ ظاهر نہ ڪيو هو، تہ مان پاڻ سان ٽي هزار روبل آندا آهن؟"

"تو ايئن چيو هو دمتري فيودورپاولووچ! تو اَئندري جي سامهون اِها حقيقت بيان ڪئي هئي. اَئندري اَجا بہ موجود آهي. ڪيس گهرائي وٺ. هال ۾ جڏهن تو 'ڪورس' ٽي ٻُڌو، تہ واڪو ڪري چيو هو، تہ تون پنهنجي ڇهہ هزار روبلن کي هٿ وجائي اُتندين. انهيءَ مان ئي تہ اَسان سمجهيو، تہ هن ڪان اڳ ۾ تو وٽ ڇا هو؟ استيپيان ۽ سمياَن اُن کي ٻڌو هو. پيوترفوموچ ڪلگنوف بہ پرسان اُن وقت بيٺو هو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس بہ ياد هجي ......"

ڇهن هزارن جي شاهدي، وڪيلن جي مٿان وڏو اَثر پيدا ڪيو. هن نئين حساب ڪتاب ڪان هُو بيحد خوشيءَ ۾ پَرجي ويا. هُو حساب ڪرڻ لڳا، تہ ٽي هزار روبل ۽ ٽي هزار، ڇهہ هزار ٿيا. ٽي هزار روبل هاڻي ۽ ٽي هزار روبل اڳ ۾. هاڻي تہ بلڪل صاف ٿي ويو.

جيئن تريفان ڪين مشورو ڏنو هو، هنن سيني ڳوناٽين، استيپيان، سمياَن، ڪوجبان ائنبري ۽ ڪلگنوف ڪان سوال ڪيا. ڳوناٽين ۽ ڪوجبان بنا ڪنهن هبڪ جي هن کي قبول ڪيو. هنن تريفان جي شاهدي کي ٽيڪو ڏنو. هنن، هن حقيقت کي خاص طرح خبرداريءَ سان لکيو. اُن ڪان سواءِ اُها گفتگو بہ جا رستي ۾ ائنبري ۽ مِتيا جي وچ ۾ ٿي هئي. جتي هن چيو هو تہ "دمتري فيودورپاولووچ جي حيثيت ۾ مان بهشت ڏي وڃي رهيو آهيان، يا جهنم ڏي. مان هِن جهان ۾ بخشيو بہ ويندس يا نہ؟"

نفسيات جي ماهر اپولٽ ڪريليوچ، ڳنڀير مُرڪ سان اُن کي ٻُڌو. هن آخر ۾ سفارش ڪئي، تہ دمتري فيودورياولووچ جا هي رايا، جي ڪيس ڪنهن طرف وني ٿي ويا، مقدمي ۾ شامل ڪيا وڃن.

ڪلگنوف کي جڏهن سڏ ٿيو، تہ هُو بيدليءَ سان آيو. سندس پيشانيءَ ۾ گهنج هئا ۽ خوش مزاجيءَ کان ٻاهر هو. هن وڪيلن سان ايئن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ڄڻ تہ سڄي حياتيءَ ۾ ساڻن مليو ئي نہ هو. جيتوڻيڪ سندن واقفيت هئي ۽ ڪيتري وقت کان هُو، هڪٻئي سان ملندا ٿي رهيا. اڪثر ڏهاڙي. هُــن ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ ڪيس ڪاٻہ خبر ڪانہ آهي، نہ وري اُن جي بابت هو ڪجهہ ٻڌائي سگهي ٿو. پر هيءُ ظاهر ٿيو، تہ هن ڇهن هزارن لاءِ ٻڌو هو. هُــن هيءُ بہ قبول ڪيو، تہ هُــو اُن وقت سندس قريب بيٺو هو. پيسن جي ڏسڻ بابت ٻڌايو، تہ ڪيس ڪاٻہ خبر ڪانہ ٻڌي نہ سگهي تہ مِـتيا جي هٿ ۾ ڪيتري رقم هئي؟ هُن هيءُ بہ قبول ڪيو، تہ پـٽن جي راند ۾ پولن ساڻس ٺڳي ڪئي هئي، بار بار دهرائڻ وارن سوالن جي جواب ۾ هن چيو، تہ جڏهن پولن کي ٻاهر هڪاليو ويو، تہ مِـتيا جا تعلقات اگرافينا اليگزيندرووينا سان، يقينًا خوشگوار ٿيا هئا. هُن ڪيس هيئن بہ چيو هو، تہ هوءَ ساڻس محبت ٿي ڪري. هن اگرافينا اليگزيندرووينا جي لاءِ، عزت ۽ احترام سان ڳالهايو. ڄڻ تہ هوءَ سماج جي بهترين عورت آهي. هن هڪ ڀيرو بہ ڪيس گروشينڪا جي نالي سان نہ سڏيو. اُن نوجوان جي واضح ناموافقت هوندي، بہ شاهدي ڏيندو رهندو ڪرينلووچ، ڪانئس طويل پڇا ڪئي. پر اُن کان فقط هيءُ ئي تفصيل ٻڌي سگهيو، تہ مِــتيا اُن رات پنهنجي رومان کي ڪيئن نڀايو هو. مِــتيا هڪ ڀيرو بہ ڪلگنوف جو توجهہ پنهنجي طرف نہ ڦيرايو. آخر اُنهن، هُن نوجوان کي وڃڻ لاءِ اجازت ڏني. هو، پنهنجي نفرت کي ڏيکاريندي، ڪمري کي ڇڏي ويو.

پولن کان پڻ پڇا ڪئي وئي، جيتوڻيڪ هُو پنهنجي ڪمري ۾ آرام لاءِ هليا ويا هئا. هنن سڄي رات آرام نہ ڪيو، پر پوليس جي پهچڻ شرط، هنن يڪدم پنهنجي لباس کي پهريو ۽ تيار ٿي ويا، ڪين محسوس پئي ٿيو، تہ هُــو شاهدي لاءِ يقينًا گهرايا ويندا. هنن وڏي شان سان پنهنجي شاهدي ڏني. جيتوڻيڪ منجهن پريشاني بہ هئي. ننڍي قد وارو پول، هڪ خارج ٿيل آفيسر هو. هن سائبيريا ۾ جانورن جي ڊاڪٽريءَ جا فرائض اَدا ڪيا هئا. سندس نالو ميسالووچ هو. پان وريوبليوسڪي، بنا سَند جي ڏندن جو ڊاڪٽر هو. جيتوڻيڪ نڪولائي پارفينووچ، ڪين ڪونيءَ ۾ گهڙندي ئي، سوالن جي ڀَرمار ڪري ڏني، پر هنن پنهنجا جواب مهائيل ماڪرووچ کي ٿي ڏنا، هُو پاسي سان بيٺو هو، مگر هنن ڪيس وڏي شخصيت ٿي سمجهيو ۽ هرهڪ لفظ

سان ڪيس 'پان ڪرنل' تي سڏيائون. هنن خود مائيڪل ماڪرووچ جي اظهار ڪيل ڪيترين ڳالهين مان فقط، هي نتيجو ڪڍيو، ته ڪين جواب نڪولائي پارفينووچ کي ڏيڻ گهرجن. هيءُ به ظاهر ٿيو، ته هُو روسي زبان چڱيءَ ريت ڳالهائي ٿي سگهيا، سواءِ ڪن ٿورن لفظن جي. حال ۽ ماضي ۾ گروشينڪا جي تعلقات بابت سيالووچ نهايت گرمجوشي ۽ فخر سان حقيقت کي ٻڌايو. هيءُ ٻڌندي ئي مِتيا هڪدم پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ ظاهر ڪيائين، ته هُو ڪڏهن به هيءُ برداشت نه ڪندو، ته هيءُ بدمعاش، سندس حاضريءَ ۾ اهڙيءَ ريت گفتگو ڪن! سيالووچ، هڪدم بدمعاش جي لفظ ڏانهن سيني جو ڌيان ڇڪايو ۽ ڪين عرض ڪيائين، ته پنهنجي ياداشت ۾ اُن کي داخل ڪن. مِتيا اُن وقت ڪاوڙ سان ٻرجي ويو.

”هيءُ بدمعاش آهي، بدمعاش، اوهان هن کي ضرور لکو ۽ هيءُ به لکو، ته ياداشت ۾ لکڻ کان پوءِ به مان ايئن چوندس، ته هيءُ بدمعاش آهي.“ هن واڪو ڪري چيو.

جيتوڻيڪ نڪولائي پارفينووچ، هن کي ياداشت ۾ داخل ڪيو، پر هن تعريف جهڙي روش ۽ انتظام رکيو. مِتيا کي سخت ڇينڀ ڪرڻ کان پوءِ، هن بلڪل مختصر نموني مقدمي جي رومانوي حقيقت بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. هُو هڪدم ضروري حقيقت ڏي مڙيو. پڇا جي هڪ حصي وڪيلن ۾ وڏي دلچسپي پيدا ڪئي، ته هن ساڳي ڪمري ۾ ڪيئن مِتيا، مسيالووچ کان گروشينڪا جي خريد ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي، ڪيس ٽي هزار روبل انهيءَ لاءِ تي ڏنا، ته هُو دستبردار ٿي وڃي. ست سَوُ روبل هڪدم ۽ باقي به هزار ۽ ٽي سَوُ روبل هن سياڻي تي شهر ۾ ڏيڻا ڪيا هئا. مِتيا هن حقيقت تي گرم ٿي ويو ۽ چيائين، ته هي غلط آهي. هن چيو هو، ته ڪيس پَڪَ آهي، ته اها رقم هُو شهر ۾ سياڻي ڏيندو. هُن قسم تي ايئن ڪونه چيو هو، ته ماڪرو ۾ وٽس پيسا ڪونه آهن ۽ شهر ۾ آهن. پر پان وريوبليوسڪي اُن شاهديءَ جي تصديق ڪئي. مِتيا ٿوري ويرم کان پوءِ ڪاوڙ ۾، هن حقيقت کي قبول ڪيو، ته شايد ايئن ئي هجي، جيئن هي پول چون ٿا. هن وڌيڪ هيءُ به ٻڌايو ته هُو اُن وقت جوش ۾ هو. ٿي سگهي ٿو، ته سچ پچ، هن ايئن چيو هجي.

جاچ ڪندڙ عملدار هن شاهديءَ جي هيٺان ليڪو ڏنو. جنهن مان معلوم پئي ٿيو، ته اُن کي وڌيڪ جاچ لاءِ رکيو ويو آهي، (هنن سچ پچ هن کي بنيادي حقيقت بڻايو.) ته اُهي پيسا جي مِتيا کي هٿ آيا آهن، اُنهن جو اَڌ يا ڪو حصو، سچ پچ شهر ۾ لڪايو ويو هجي يا ايئن به ٿي سگهي ٿو، ته اِهي پيسا هتي ماڪرو ۾ ڪٿي لڪل هجن. هيءَ حقيقت ئي اُن سبب کي سمجهائيندي ته ڇو جاچ کي مروڙيو سروڙيو ويو آهي؟ اِنهيءَ ڪري ئي شايد هجي، ته مِتيا کان فقط اَٺَ سَوُ روبل هٿ آيا آهن.

هيءَ سبب ثابتيءَ جو هڪ اهڙو حصو هو، جو جيتوڻيڪ خفيف آهي، پر جيئن ٻڌايو ويو آهي، ڪنهن حد تائين مِتيا جي فائدي ۾ آهي. پر هن شاهديءَ جي حصي کي مايوس ڪيو ويو. جاچ ڪندڙ عملدار جي پڇا ۾، ته اِهي ٻه هزار ٽي سَوَ روبل ڪٿي آهن؟ جيئن ته هُن پاڻ ئي انڪار ڪيو آهي، تـ وٽس پندرنهن سَوَ روبل کان مٿي ڪجهه بہ نہ هو. مِتيا رازداراڻي نموني جواب ڏنو، تہ سندس مطلب تہ هُو هُن ننڍي قد واري، کي شرماشينا جا اُهي سيئي حق ڏيندو، جي هن اڳ ۾ ئي مسونوف ۽ خاتون هائلڪوف کي ڏيڻا ڪيا هئا. جاچ ڪندڙ عملدار، اعتماد سان سندس سخن سازيءَ جي معصوميت تي مرڪڻ لڳو.

”تو اِيئن خيال ڪيو هو، تہ هُو ٻہ هزار ٽي سَوَ روبل نقد جي عيوض، تنهنجي هن سودي کي قبول ڪندو؟“

”هُو يقينًا هن کي قبول ڪري ها.“ مِتيا گرم جوشيءَ سان ظاهر ڪيو. ”ڇو؟ هيڏي نهاريو، هُو اِيئن ڪرڻ سان شايد ٻن ڪَن وڌيڪ، چار اَجا بہ وڌيڪ ڇهہ هزار روبل حاصل ڪري ها. هُو پنهنجا پول ۽ يهودي وڪيل هن معاملي لاءِ ڇڏي ها ۽ شايد ٽن هزارن کان سواءِ اُن پوڙهي کان سچي ملڪيت حاصل ڪري ها.

پان مسيولووچ جي شاهدي کي ياداشت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ پوري تفصيل سان، اُن کان پوءِ پول کي رخصت ڏني وئي. پتن تي جا نڳي ڪئي وئي هئي، اُن کي مشڪل سان هٿ لاتو ويو. نڪولائي پارفينووچ کائن بيحد خوش هو ۽ هن نہ ٿي چاهيو تہ ٿوري رقم جي لاءِ، پاڻ کي رنج ۾ وجهن، جا هڪ بيوقوفي هئي ۽ نشي جو جهڳڙو. اُن رات ڪافي بدنظمي ۽ شراب جو دور هو ..... اِن ڪري، ٻہ سَوَ روبل پول جي کيسي ۾ ئي رهجي ويا.

هنن کان پوءِ ميڪزيموف کي سڏيو ويو. هُو بزدليءَ جو اظهار ڪندو، ننڍڙيون ننڍڙيون وکون کڻندو آيو. هُو پريشان ۽ ڏکويل پئي معلوم ٿيو. هن سموري وقت ۾، هُو گروشينڪا سان گڏ هو. سندس پاسي ۾ هيٺ خاموش ويٺو هو. هُو وقت بوقت چپ ڪندي، مٿس روئي رَهيو هو ۽ اکين جي ڳوڙهن کي چيڪ جي نيري رومال سان اُگهندو ٿي رهيو. جيئن مائيڪل ماڪرووچ پوءِ ٻڌايو ٿي، تہ سندس حالت اُن وقت بيحد خراب هئي، ايتري قدر جو هوءَ کيس تسلي ڏيندي ۽ پرچائيندي ٿي رَهي. پوڙهي هڪدم قبول ڪيو، تہ هُن پنهنجي غربت جي باعث ڏهہ روبل هن کان قرض طور ورتا هئا ۽ هُو کيس موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. نڪولائي پارفينووچ جي سِڌن سوالن موجب، تہ اُن وقت دمتري فيودورپاولووچ جي هٿن ۾ ڪيتري رقم هئي ۽ جيئن تہ هن کيس ڏهہ روبل ڏنا هئا، اِهڙيءَ حالت ۾ هُو کيس ايترو تہ ويجهو هو، جو رقم

كي هُو چگيءَ ريت ڏسي سگهيو هوندو. ميڪزيموف بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي ڏنو تہ، ”ويهہ هزار روبل!“

”تو اڳي ايتري رقم، بي هنڌ بہ ڪٿي ڏني آهي؟“ نڪولائي پارفينووچ ڪانئس پڇيو.

”ويهہ هزار روبل تہ نہ، پر يقين سان مان چوان ٿو، تہ ست هزار روبل مان ڏنا آهن. منهنجي زال منهنجي ملڪيت، ايترن پيسن ۾ گروي رکي هئي. هُن مون کي اها رقم پري کان ڏيکاري هئي ۽ اُن بابت لاف هڻي رَهي هئي. اِهو هڪ تلهو بنڊل هو ۽ سڀئي نوٽ انڊلٽ جي رنگ وارا هئا. دمتري فيودورپاولووچ جا بہ ساڳي رنگ وارا هئا .....“

ڪيس گهڻو وقت نہ ترسايو ويو. آخر گروشينڪا جو وارو آيو. نڪولائي پارفينووچ، هن خوف کي محسوس ڪيو، تہ سندس آمد جو اَثر مِتيا تي ضرور پوندو. اُن ڪري، هن اڳ ۾ ئي ٿورا لفظ تسليءَ لاءِ ڪيس چيا. پر مِتيا خاموشيءَ سان پنهنجي مٿي کي جهڪايو، جنهن مان سندس مطلب هو، تہ هُو ڪوبہ تماشو نہ بڻائيندو. مائيڪل ماڪرووچ پاڻ گروشينڪا کي اندر وٺي آيو. هوءَ سخت ۽ اُداس چهري سان اندر آئي. نڪولائي پارفينووچ جي آڇڻ تي، خاموشيءَ سان ڪرسي تي ويهي رَهي. هوءَ زرد ۽ سرد ٿي نظر آئي ۽ پاڻ کي هڪ شاندار ڪاري شال سان ڍَڪي ڇڏيو هئائين. هو خفيف سرديءَ جي بخار کي محسوس ڪري رَهي هئي. هيءَ اُن طويل بيماريءَ جا جيوڙا هئا، جي اُن رات جي اَثر جي سبب ڪان هئا. سندس ڳنڀير روش، سندس سنئين سِڌي انتظار واري نگاهہ، ۽ مانيٺين عادتن، اُتي جي وينلن تي، سندس ئي فائدي ۾ وڏو اَثر پيدا ڪيو. خود نڪولائي پارفينووچ، سندس هن شان شوڪت ڪان ڪنهن حد اندر موهجي ڇُڪو هو. هن بعد ۾ انهيءَ حقيقت کي قبول ٿي ڪيو، تہ هُن پهريون پيرو ڏٺو هو، تہ عورت ڪيتري قدر حسين ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ هن ڪيترائي دفعا اڳ بہ ڪيس ڏٺو هو، پر هُو هميشہ ڪيس شهر جي هڪ بيوفا عورت سمجهندو ٿي رهيو. ڪيس سماج جون بهترين خوبيون حاصل هيون. جيئن تہ پوءِ هن ڪيترين شريف عورتن ۾ چيو ٿي، تہ هيءَ عورت وڏي شخصيت ۽ لڇڻ واري آهي. ايتري قدر جو زالن جي صف ۾ ۽ هر طرح سان اول رهڻ جي حقدار آهي. اُنهن عورتن ڪيس ناراض ٿي، هڪ بئي جوابدار نوجوان جو مهڻو ڏنو.

جيئن هوءَ ڪمري ۾ اندر آئي، ٿوري وقت لاءِ هن مِتيا ڏي ڏنو. جنهن بي آراميءَ سان ڪيس نهاريو ٿي. سندس چهري کي ڏسندي ئي، منجهس پختگي پيدا ٿي وئي. ابتدائي لازمي جاچ کان پوءِ نڪولائي پارفينووچ، هٻڪندي ڪيس چيو، جنهن ۾ وڏي مروت بہ هئي، تہ هوءَ ڪهڙن شرطن سان، برطرف ٿيل ليفٽيننٽ سان گڏ هئي؟ يعني

دمتري فيودورپاولووچ ڪرامازوف سان؟ هن سوال جي جواب ۾ گروشينڪا، نهايت مستعدي ۽ خاموشيءَ سان چيو تہ:

”هُو منهنجو ڏنل هو. هڪ واقف جي حيثيت سان هڪ مهينو اڳ، هُو مون کي ڏسڻ لاءِ آيو هو.“ پڇيل سوالن ۾ هن نهايت صراحت ۽ مڪمل وضاحت سان جواب تي ڏنا. جيئن تہ ڪن وقتن تي، هُن ڪيس نهايت جاذب ۽ موهيندڙ تي ڏٺو. پر هُن جي ساڻس محبت ڪانہ هئي. پر هوءَ سندس ۽ سندس پوڙهي جي دل کي فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب تي. هوءَ پنهنجي بد جنسي ۽ پستيءَ جي ڪري، هُن ڏٺو تہ مِتيا، پنهنجي پيءُ ۽ منهنجي بين دوستن سان ساڙ تو رکي. پر هن سڄي تماشي کان سندس مقصد هو ’مزو وٺڻ‘. سندس مقصد ڪڏهن بہ اِهو نہ هو، تہ فيودورپاولووچ ڏي وڃي. هوءَ فقط مٿس کلندي تي رَهي. ”گذريل مهيني ۾، هنن ٻنهي مان ڪنهن سان بہ منهنجي محبت ڪرڻ جو اِرادو نہ هو. هن سڄي مهيني ۾ مان ڪنهن ٻي ماڻهوءَ جي انتظار ۾ هيس، جنهن مون کي تباهہ ڪيو هو. پر مان خيال ڪريان تي.“ هن پڇاڙيءَ ۾ چيو، تہ ”پر توهان کي اِنهن ڳالهين جي پڇڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. نہ وري مون لاءِ ضروري آهي، تہ اُنهن جا جواب ڏيان. ڇاڪاڻ تہ هيءُ منهنجو پنهنجو معاملو آهي.“

نڪولائي پارفينووچ، هڪدم هن اِشاري تي هلڻ لڳو. هن هڪدم مقدمي جي رومانوي پس منظر کي ڇڏي ڏنو ۽ لازمي شين ڏي مُڙيو. جيئن تہ هن نهايت ضروري سوال پڇڻ شروع ڪيا، جن جو تعلق ٽن هزار روبلن سان هو. گروشينڪا هڪدم قبول ڪيو تہ ماڪرو جي پهرئين نشاط جي محفل ۾ ٽي هزار روبل خرچ ڪيا ويا هئا. جيتوڻيڪ هُن پاڻ اُن رقم کي نہ ڳڻيو هو، پر هن دمتري فيودورپاولووچ جي زبان کان اِيئن ٻڌو هو.

”ڇا هن اِهو توکي اڪيلائيءَ ۾ ٻڌايو هو يا ڪنهن ٻي جي سامهون بہ. يا ٻين کي ٻڌائيندي، توکيس اِيئن چوندي ٻڌو هو؟“ جاچ ڪندڙ عملدار جلديءَ مان ڪانئس پڇيو.

هن سوال جي جواب ۾ گروشينڪا کيس ٻڌايو، تہ هن ٻين ماڻهن جي سامهون کيس اِيئن چوندي ٻڌو هو ۽ اَڪيلائيءَ ۾ بہ کيس اِيئن ئي چوندي ٻڌو هو.

”ڇا هن اَڪيلائيءَ ۾ توکي هڪ دفعو اِيئن ٻڌايو هو، يا ڪيئي ڀيرا.“ جاچ ڪندڙ عملدار ڪانئس پڇيو ۽ کيس هيءُ حاصل ٿيو، تہ هُن ڪيئي ڀيرا. کيس اِيئن چيو هو.

ائبولٽ ڪريليووچ، هن شاهدي جي ٽڪري کان بلڪل مطمئن تي نظر آيو. وڌيڪ شاهدي وٺڻ مان معلوم ٿيو، تہ گروشينڪا کي پڻ اِها خبر هئي، تہ اِها رقم ڪٿان آئي هئي؟ دمتري فيودورپاولووچ، اِها رقم ڪيٽرينا ايونونا کان ئي حاصل ڪئي هئي.

"تو ڪڏهن بہ ايئن نہ ٻڌو هو تہ رقم، جا صرف ڪئي وئي هئي، سا ٽي هزار روبل نہ هئي، پر اُن کان گهٽ هئي ۽ دمتري فيودورپاولووچ اُن مان اَڌ بچائي پنهنجي مقصد لاءِ رکي هئي؟"

"نہ مان ايئن ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو" گروشينڪا جواب ڏنو.

"هن وڌيڪ ٻڌايو تہ مــتيا، اُن جي برعڪس اڪثر ايئن ٽي ٻڌايو، تہ وٽس ڪجي ڪوڏي بہ ڪانہ آهي." گروشينڪا آخر ۾ چيو.

"چا، هن تنهنجي سامهون، ڪنهن سبب کان يا ڪاوڙ ۾،" نڪولائي پارفينووچ اوچتو ڪانئس پڇيو، تہ "هُو پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ تي حملي ڪرڻ جو اِرادو تو رکي؟"

"اڙي،" هن ٿڏو ساهہ ڪڍندي چيو تہ، "ڪيئي ڀيرا."

"هُو ڪيئي دفعا، ڪاوڙ ۾ ايئن چوندو هو."

"چا توکي يقين هو تہ ايئن ڪندو بہ؟"

"نہ، مان ڪڏهن بہ ايئن نہ ٿي سمجهيو." هن يقين، سان جواب ڏنو. "مون کي سندس شاندار دل لاءِ پورو پورو ويساهہ هو."

"شريف انسانو! مون کي اجازت ڏيو." اوچتو مــتيا رڙ ڪري چيو، تہ "مون کي اجازت ڏيو، تہ اوهان جي حاضري ۾ اگرافينا اليگزيندرووينا کي ڪي لفظ چوان."

"تون ڳالهائي سگهين ٿو!" نڪولائي پارفينووچ قبول ڪندي چيو.

"اگرافينا اليگزيندرووينا!" مــتيا پنهنجي ڪرسي تان اُٿي بيٺو، "خدا ۽ مون ۾ پنهنجو اعتبار رک. مان پنهنجي پيءُ جو قاتل نہ آهيان."

هنن لفظن چوڻ کان پوءِ، وري پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. گروشينڪا اُٿي بيٺي ۽ بي بي مريم جي مجسمي جي سامهون، وڏيءَ حب مان، پنهنجي مٿان صليب جو نشان بڻايو.

"خدايا! مان تنهنجو شڪر اَدا ڪريان ٿي." هــن چيو. سندس آواز جوش سان ڀريل هو ۽ هوءَ اَجا بيٺي هئي. هن نڪولائي پارفينووچ ڏي منهن ڪري چيو تہ:

"هن، هاڻي جو ڪجهہ چيو آهي، اُن تي اوهان اعتبار ڪريو. مان هن کي چاڻان ٿي. هُو جو بہ چوندو آهي، اُهو يا تہ مذاق هوندو آهي يا ننرائپ. مگر هيءُ پنهنجي ضمير جي خلاف ڪڏهن بہ اوهان کي فريب نہ ڏيندو. هُو جو ڪجهہ بہ چوي ٿو، سچ چوي ٿو ۽ اوهان کي اعتبار ڪرڻ گهرجي."

"مهرباني! اگرافينا اليگزيندرووينا، تو مون کي تازي همٿ ڏياري آهي." مــتيا سست ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ چيو.

"اُهي پيسا جي ڪالهہ خرچ ڪيا ويا هئا!؟" هُــن جواب ڏيندي چيـو. تـہ "اُنهـن جي مون کي خبر نہ آهي، تہ ڪيترا هئا. پر مان ڪيترن ماڻهن کي ڪيس چوندي ٻـُڌو هو، تـہ وٽـس ٽي هزار روبـل آهن." هن سوال تـي تـہ هـُن اِهي پيسا ڪتـان آنـدا، گروشينڪا کين ٻڌايو، تہ هن ڪيس چيو تـي تـہ هو اِها رقـم ڪيس موٽائي ڏي ۽ اِها چورائڻ نہ ڪپندي هئي. جاچ ڪندڙ عملدار ڪانئس هن حقيقت جي وضاحت گهري، تـہ اها رقم جا هن ڪيترينا ايونونا جي چورائي هئي، سا ساڳي هئي، جا هن ڪالهہ خرچ ڪئي هئي ۽ اُن مان هئي، جا مهينو اڳ هن اِتي خرچ ڪئي هئي. هن جي جواب ۾ هـُن وضاحت ڪندي چيو، تـہ اِها رقم اِنهيءَ مان ئي هئي، جا هـُن مهينو اڳ اُتي خـرچ ڪئي هئي. هـُن ايئن ئي سمجهيو.

گروشينڪا کي آخر ڇڏيو ويو. نڪولائـي پـارفينووچ کيـس زور ڏينـدي چيـو، تـہ هوءَ هڪدم شهر ڏي موٽي وڃي. جيڪڏهن کيس ڪا مدد کپي يعني گهوڙن وغيـره جي يا ڪنهن بورائي تہ هـُو، کيس ميسر ڪري ڏيندو.

"مـان سچيءَ دل سان اوهـان جي مهربـاني اَدا ڪريـان ٿي." گروشـينڪا کيـس جهڪندي چيو. "مان هن پوڙهي مـاڻهوءَ سان گڏجي شـهر ڏي وينديس ۽ هن کي ئي ساڻ وٺي وينديس. پـر جيڪڏهن اوهـان مـون کي اِجازت ڏيـو، تـہ مـان هيـٺ ترسان، ايستائين جو مون کي خبر پـوي، تـہ دمتـري فيودورپـاولووچ جي لاءِ اوهـان ڪهڙو ٿـا فيصلو ڏيو؟"

هـُو ٻاهر نڪري وئي. مـتيا بلڪل خاموش هو ۽ شگفتہ ٿي نظر آيو. پـر فقـط هڪ گهڙيءَ جي لاءِ. هـُو طبعي ڪمزوري ڪان گهڙي گهڙي نبل پوندو ٿي ويو. سـندس اکيون تـَڪ ۽ اوجاڳي ڪان بند ٿينديون ٿي ويون. شاهدن جون شاهديون آخر پوريـون ٿيون. هـُو آخري طرح تحريري ياداشت کي دهرائڻ لڳا. مـتيا اُٿيو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ کي ڇڏيائين. هـُو پردي جي آخري ڪـُنڊ تائين هليو ويو. هـُو وڏي پيتي جي مٿان، جنهن تي ڪنبل پيو هو، سمهي پيو ۽ کيس ننڊ ڪٺي وئي

کيس هڪ عجيب خواب نظر آيو، جو وقت ۽ جاءِ جي مناسبت ڪان بلڪـل عليحده هو.

هـُو اُن ميدان مان گذري رهيو هـو، جتـي هـُـو گهڻو اڳي ملازمت ۾ هـو. هـڪ ڪوچبان، کيس هڪ گاڏيءَ ۾ سوار ڪري وٺيو ٿي ويو. گـاڏيءَ ۾ گهـوڙن جو جـوڙو هو. هـُو کيس برف ۽ طوفان مان وٺيو ٿي ويو. کيـس سردي پئـي محسـوس ٿـي. اِهـا نومبر جي ابتدا ٿي ڏٺي ۽ بـرف وڏن ڳڙن جي صورت ۾ وسي رَهي هئي. زميـن تـي ڪرندي ڳري ٿي وئي. ڪوچبـان کيس چالاڪيءَ سان وٺيـو ٿي ويـو. کيس نهـايت

عمدي ۽ ڊگهي ڏاڙهي هئي. هُو ايترو پوڙهو نہ هو، پر پنجاهہ ورهين جو ٿي لڳو. ڪيس جسم تي ڪڙمين جهڙي پراڻي ۽ پوري رنگ جي پوستين پيل هئي. اُتان هڪ ڳوٺ ويجهو ٿي ڏنو. هُو اُتان جهوپڙين کي صاف ڏسي رهيو هو، جن مان اَڌ سڙيل هيون. پري کان اُنهن جي ڪاراڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نظر نہ ٿي آئي. جيئن هُو پنهنجي سواري کي اوڏانهن وٺي ويا، ڪين رستي تي ڳوناٺيون عورتون نظر آيون. زالن جو هڪ وڏو گروهہ يعني سڄي قطار. سيئي پوري رنگ جون ٿي ڏنيون، خاص ڪري، اُنهن مان هڪ قد جي ڊگهي، پريل هڏن واري ۽ ڪمزور چهري واري رستي جي ڪناري تي دمتريءَ کي نظر آئي، جا چاليهن ورهين جي ٿي ڏني. ممڪن آهي تہ سندس صحيح عمر ويهہ ورهيہ هجي. سندس منهن اُيو ۽ سنهو هو. سندس ٻانهن ۾ هڪ ٻار روئي رَهيو هو. سندس ڇاتي ايتري تہ سڪل هئي، جو منجهس کير جي ڦُڙي جي اُميد بہ ڪانہ هئي. سندس اگهاڙين ٻانهن ۾ ٻار روئندو ٿي رهيو. اُن جا ننڍڙا هٿ ٿڌ کان نيرا ٿي ويا هئا.

هُوءَ جيئن وٺانئس گذري، مِتيا پڇيو تہ "هيءُ ڇو روئي رهيو آهي؟"

"هيءُ ٻار آهي، " ڪوچبان کيس جواب ڏنو. "ٻار روئي رهيو آهي." ڳوناٺڪي جواب مِتيا تي وڏو اَثر ڪيو. 'ٻار' هڪ عجيب جواب هو. کيس ڳوناٺيءَ جو 'ٻار' چوڻ ڏاڍو پسند آيو. اُن جي اندر رحم جو گهٽو عنصر هو.

"پر هي ڇو روئي رهيو آهي؟" مِتيا بيوقوفيءَ کان اُن تي زور ڏيڻ لڳو.

"ڇو، هيءُ غريب آهن، سندن گهر سڙي ويا آهن ۽ هيءُ مجبور ٿي پنڻ لاءِ نڪتيون آهن."

"هن جون ننڍڙيون ٻانهون اگهاڙيون ڇو آهن، کيس ڪپڙي ۾ ويڙهين ڇو نہ ٿيون؟"

"ٻار کي ٿڌ ٿي ٿئي. سندن ڪپڙا ٿڌ کان ڄمي ويا آهن، پوءِ هيءَ کهڙي ريت کيس گرم ڪن؟"

نہ، نہ، مِتيا اَڃا بہ نہ سمجهيو. هو چوڻ لڳو، تہ مون کي ٻڌاءِ تہ هيءُ غريب مائرون اِتي ڇو بيٺيون آهن؟ هيءُ ماڻهو ڇو غريب آهن؟ هيءُ ٻار ڇو غريب آهن؟ هن ميدان کي ڇو باهہ لڳي آهي؟ هيءُ ڇو نہ ٿيون هڪٻئي کي ڀاڪر پائين، چمين؟ هو ڇو نہ ٿيون خوشيءَ جا راڳ ڳائين. هيءُ ڪارين يادگيرين کان ايترو تاريڪ ڇو آهن؟ ٻار کي ڇو نہ ٿيون کارائين؟"

جيتوڻيڪ هن محسوس ٿي ڪيو، تہ سندس سوال بي معنيٰ ۽ بي سمجهيءَ وارا هئا، پر هُن چاهيو ٿي، تہ اُهي پڇي ۽ هو اِهڙي ريت پڇي رهيو هو. هن ساڳي وقت رحم جي جذبات کي بہ محسوس ڪيو، جي اڳي ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيا هئائين،

نہ وري سندس دل ۾ ايئن ڪڏهن اُبريا هئا. هن چاهيو ٿي، تہ پاڻ بہ روئي ۽ اُنهن جي لاءِ ڪجهہ ڪَري، جيئن اُهو بار وري نہ روئي ۽ اُها اونداهي منهن واري ۽ سڪل ڇاتيءَ واري ماءُ وري نہ روئي. نہ وري، اُن گهڙيءَ کان پوءِ، ڪا وري ٻوڙها ڳاڙي. هُن چاهيو ٿي، تہ هُو جلدي ايئن ڪري. ڪرامازوف خاندان جي غلطين ۾ گهٽتائين هوندي بہ هُن هڪدم ايئن ڪيو.

”مان بہ توڏي اَچان ٿي. مان هاڻي توکي باقي رهيل حياتيءَ ۾ اَڪيلو نہ ڇڏينديس. مان توڏي اَچان ٿي.“ هن پنهنجي قريب، پاسي ۾ گروشينڪا جي نازڪ آواز کي ٻڌو، جا جوش کان ڏڪي رهي هئي، پر سندس دل چمڪي رَهي هئي. هُو روشنيءَ ڏي وڌڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳو. سندس دل ۾ اُمنگ پيدا ٿي، تہ هُو جيئرو رَهي، ۽ نئين روشني ڏي وڌندو رَهي، اُن لاءِ هُو هاڻي ئي تڪڙ ڪري ۽ هڪدم!

”ڇا؟ ۽ ڪٿي؟ هُن اکيون کوليندي چيو. هُو صندوق تي اُٿي ويهي رَهيو. ڇڻ تہ هُو ڪنهن بيهوشيءَ مان اُٿيو هو. هُو خوشيءَ مان مشڪي رهيو هو. نڪولائي پارفينووچ سندس مٿان بيٺو هو ۽ ڪيس چئي رهيو هو، تہ هُو لکيل يادگيرين کي ٻڌي، جا هاڻي وڏي آواز سان ڪيس پڙهي ٻڌائڻي هئي ۽ ڪانئس صحيح وٺڻي هئي. مِتيا سمجهيو، تہ هن ڪلاڪ يا اُن کان مٿي ننڊ ڪئي آهي. هن نڪولائي پارفينووچ کي ٻڌوئي نہ، ڪيس حيرت ٿي تہ جنهن وقت هو، صندوق تي سمهيو هو، تہ سندس مٿي جي هيٺان وهاڻو نہ هو. جڏهن هُو پوئتي جهڪيو هو تہ اُهو موجود ڏٺائين.

”هيءُ وهاڻو ڪنهن منهنجي مٿي جي هيٺان رکيو؟ ۽ اِهو مهربان ڪير آهي؟“ سندس آواز خوشيءَ کان جهومندو رهيو. ڄڻ تہ ڪنهن مٿس وڏو تورو ڪيو هو.

هُو ڪڏهن بہ اُن مهربان انسان کي ڳولي نہ سگهيو. شايد ڪو ڳوناڻو شاهد هجي، يا نڪولائي پارفينووچ جو ننڍڙو منشي، جنهن ترس کائي سوچيو هجي، تہ سندس مٿي جي هيٺان وهاڻو رکي. پر سندس سڄو روح ڄڻ تہ ٻوڙها ڳاڙي رَهيو هو ۽ ڏڪي رهيو هو. هُو ميز ڏي وڌيو ۽ کين چيائين، تہ جيئن هُو چاهين، ۽ هُو صحيح ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

”مان هڪ عجيب خواب ڏٺو آهي، شريف انسانو.“ هُن نهايت عجيب اَنداز ۾ چيو. سندس چهري مان، خوشيءَ جي نئين روشني نظر اَچي رهي هئي.

***

باب نائون

# مِتيا کي پـرِي وني وڃڻ ٿا

جڏهن لکيل يادگيرين تي صحيح ٿي چڪي، نڪولائي پارفينووچ خاموشيءَ سان قيدي ڏي قريو ۽ اُن جي سامهون وڏي آب تاب واري آواز سان ان لکيل کي پڙهيائين، جنهن ۾ لکيو ويو هو، تہ فلاڻي سال جي فلاڻي ڏينهن ۾ فلاڻي جاءِ تي، جاچ ڪندڙ عملدار، فلاڻي ضلع ڪورٽ جي، فلاڻن فلاڻن شاهدن (مِتيا جي معاملي بابت) کان پڇا ڪئي آهي ۽ سيني تهمتن کي لکيو ويو آهي. اُنهن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ جوابدار، جيئن تہ متن جو ڏوهي نهرايو ويو آهي. اُن جي خلاف ڪوبہ بچاءِ ڏئي نہ سگهيو آهي. ٻي طرف فلاڻن فلاڻن شاهدن ۽ فلاڻن فلاڻن سببن، سندس خلاف پنهنجو اظهار ڪيو آهي. اُن ڪري، قانون جي ڪتاب جي فلاڻي، فلاڻي جز موجب حڪم ٿو ڪجي، تہ فلاڻي (مِتيا) کي مقدمي جي صفائي ۽ فيصلي تائين فلاڻي جيل ۾ نظربند رکيو وڃي ٿو. هن پابنديءَ جي حڪم جو نقل، ڊپٽي پراسيڪيوٽر ۽ ٻين ڏي موڪليو وڃي ٿو.

مختصر تہ مِتيا کي ٻڌايو، تہ هُو اُن گهڙيءَ کان قيدي آهي ۽ ڪيس هڪدم شهر ڏي وٺي وڃبو ۽ ڪيس ڪنهن اڻ وڻندڙ جاءِ تي بند ڪيو ويندو. مِتيا خبرداريءَ سان ڏيان ڏئي ٻڌو. هن فقط پنهنجي ڪلهن کي جهڪايو.

”شريف انسانو! مان اوهان کي ڪوبہ الزام نہ ٿو ڏيان. مان تيار آهيان .... مان ڄاڻان ٿو، تہ اوهان هن کان سواءِ، ٻيو ڪري ئي ڇا ٿا سگهو؟“

نڪولائي پارفينووچ نرمائيءَ سان اطلاع ڏنو، تہ ڪيس هڪدم ڳوناڻي پوليس جو آفيسر ماورڪي ماروڪووچ پاڻ سان وٺي ويندو، جو اُتي موجود هو.

مِتيا، اوچتو وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، تہ ”ترسو!“ ۽ هن اُن جذبات سان، جا سندس ضابطي کان ٻاهر هئي، ڪمري ۾ ويٺل ماڻهن کي خطاب ڪري چيو تہ:

”مهربانو! اَسان سڀ ظالم آهيون ۽ اسان سڀ واڳون آهيون. اسان فقط ماڻهن کي روئارڻ ڄاڻون ٿا. مائرن ۽ ٻارن کي پريشان ڪرڻ اَچي ٿو. پر اوهان سيني مان، هاڻي هت فيصلو ٿيڻ گهرجي، تہ مان گهڻيا نانگ آهيان. پنهنجي عمر ۾ مان ڏهاڙي سيني اندر هي قسم کڻندو ٿي رهيس، تہ پنهنجي اصلاح ڪندس. پر وري بہ انهن ساڳين پنهنجي بيهوده ڪارروايُن ۾ مشغول رهيو آهيان. مان هاڻي سمجهان ٿو، تہ مون جهڙي ماڻهوءَ کي اُن جي سزا ملڻ کپي. اُها سزا تقدير جي ضرب هيٺ گهرجي، جو پنهنجي ڦاسيءَ ۾ ڦاسائي ٿو ۽ زور سان قابو ڪري رکي ٿو. جيئن تہ هاڻي

سندس ڪنوڻ منهنجي مثان ڪري رهي آهي، مان هن تهمت جي عذاب کي قبول ڪريان ۽ اَن ڪان سواءِ عوام جي اڳيان شرمساري! مون کي اِهو عذاب سهڻ گهرجي ۽ هن برداشت جي باعث مان پاڪ ٿي ويندس. شريف انسانو! پر آخري دفعي لاءِ ڏيان ڏيئي ٿو. مان پنهنجي پيءُ جي رت هارڻ جو گنهگار نہ آهيان. مان پنهنجي سزا کي انهيءَ لاءِ قبول نہ ٿو ڪريان، تہ مان اُن کي ماريو آهي، پر سچ پچ سان ڪيس ماريان ها. شايد مان ڪيس ماري بہ وجهان ها. مان اَجا بہ هن حقيقت جي لاءِ وڙهندس، جنهن لاءِ مان اوهان کي خبردار ٿو ڪريان. مان پنهنجي لاءِ آخري دم تائين وڙهندس ۽ پوءِ خدا ٿي فيصلو ڪندو. شريف انسانو! الوداع! مون تي اِنهيءَ لاءِ رنج نہ ٿجو، تہ مان پڇا جي دوران اوهان سان واڪا ڪري ٿي ڳالهايو. مان اَجا بہ تہ ساڳيو ئي بيوقوف هوس ...... منٽ ڪان پوءِ مان قيدي هوندس، پر هاڻي هن آخري وقت ۾ آزاد انسان آهيان ۽ دمتري ڪرامازوف اوهان سان هٿ ٿو ملائي. مان اوهان کي خدا حافظ چوان ٿو ۽ هتي جيڪي موجود آهن تن انسانن کي بہ."

سندس آواز ڏڪي رهيو هو، هن پنهنجي هٿن کي وڌايو، پر نڪولائي پارفينوچ جو اتفاق سان سندس ويجهو بيٺو هو، پنهنجي هٿن کي پٺيءَ جي پويان لڪائي ڇڏيو. هي سڀ اوچتو ۽ بيخوديءَ ۾ ٿي گذريو. مِتيا ان وقت ئي ڪيس ڏسي ورتو ۽ ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو ۽ سندس ٻاهر نڪتل هٿ، هيٺ ڪري پيا.

"ابتدائي جاچ اَجا پوري نہ ٿي آهي." نڪولائي پارفينوچ هٻڪندي چيو، هُو ڪجهہ منجهيل ٿي ڏٺو. آسان هن کي شهر ۾ بہ جاري رکنداسون. مان پنهنجي طرفان، بيشڪ تيار آهيان، تہ توکي ڪاميابي حاصل ٿئي ..... جيئن حقيقتون آهن .. توکي بچاءَ ۾ فائدو ٿئي، دمتري فيودورپاولووچ. مان هميشہ تنهنجي عزت جو لحاظ رکيو آهي ۽ مان اِيئن سمجهيو آهي، تہ گنهگار ڪان وڌيڪ تون بدقسمت آهين. اَسان سڀئي جي هتي موجود آهيون، هن خيال جا آهيون، تہ تون بلڪل نيڪ ۽ شريف نوجوان آهين، پر افسوس جو تون پنهنجي نفساني هوَس جي چنبي ۾ حد ڪان گهڻو گرفتار آهين."

جاچ ڪندڙ عملدار، پنهنجي گفتگو کي پوري ڪرڻ ڪان پوءِ سنجيده بڻجي ويو. اوچتو دمتريءَ کي اِيئن نظر آيو، تہ هي اَجائي گفتگو ڪندڙ جوان، ڪيس آغوش ۾ وٺڻ لاءِ تيار آهي ۽ ڪيس گوشي ۾ وٺي، وري "ڇوڪرين" جي بابت گفتگو ڪرڻ لاءِ راضي ڪري رهيو آهي. پر اهڙا ڪيئي بيهوده خيال ۽ غير سنجيده فڪر، ڪڏهن ڪڏهن قيديءَ جي دل ۾ اُجاگر ٿيندا آهن، جڏهن ڪيس موت جي سزا لاءِ وٺي ويندا آهن.

"شريف انسانو! اوهان، نيڪ، انسانيت وارا آهيو. ڇا مان هن کي آخري ڀيرو الوداع چئي سگهان ٿو؟" مِتيا ڪانئن پڇيو.

"بيشڪ، پر ..... اسان جو خيال آهي، تہ اِها ملاقات اَسان جي روبرو اوهان کي ميسر ٿي سگهندي."

"بهتر، اِيئن ئي، پر ملاقات ضرور ٿيڻ گهرجي."

گروشينڪا کي اندر گهرايو ويو، پر هيءَ موڪلائي نهايت مختصر هئي ۽ ٿورن لفظن ۾ هئي. نڪولائي پارفينووچ کي ڪابہ تسلي نہ ٿي. گروشينڪا، مِتيا کي بيحد جُهڪي سلام ڪيو.

"مان توکي ٻڌايو آهي، تہ مان تنهنجي آهيان ۽ مانْ تنهنجي ئي ٿي رهنديس. مان هميشہ لاءِ تنهنجي ئي پٺ وٺنديس. ڪٿي بہ توکي موڪليندا، مان تنهنجي پويان هونديس. الوداع! تون بي ڏوهي آهين، جيتوڻيڪ هيءُ تنهنجون پنهنجون ئي غلطيون آهن."

سندس چپ ڏڪي رهيا هئا ۽ سندس اکين مان لُڙڪ وهي رهيا هئا.

"مون کي معاف ڪر گروشينڪا، منهنجي محبت جي صدقي مون کي معاف ڪر. مان پنهنجي محبت سان توکي برباد ڪيو آهي."

مِتيا اَجا بہ ڪجھ وڌيڪ چوي ها، پر هُو ٽٽي پيو ۽ ٻاهر هليو ويو. هڪدم اُهي ماڻهو کيس ويڙهي ويا، جي سندس سخت نگراني ڪري رهيا هئا. ڏاڪڻ جي هيٺ، جتي، هڪ ڏينهن اڳ ۾ ائنڊري جي ٽن گهوڙن واري سواريءَ ۾ تيزي سان پهتو هو، بہ گاڏيون تيار بيٺيون هيون. ماورڪي ماروڪووچ، هڪ مضبوط ۽ پهلوان قسم جو ماڻهو هو، جنهن جي منهن ۾ ڪيئي گهنج هئا، ڪنهن ڳالھ تان پريشان هو. ڪنهن اوچتو بي قاعدگيءَ کان خفا ٿي ڏنو. هُو ڪاوڙ مان واڪا ڪري رهيو هو. هن مِتيا کي سخت خفگيءَ سان گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ حڪم ڏنو.

"جڏهن مان هن کي شرابخاني ۾ شراب پيئندي ڏنو هو، تہ سندس چهرو بلڪل بي طرح جو هو." مِتيا سوچيو. اِيئن سوچيندي هُو گاڏيءَ ۾ اندر گهڙيو. دروازي وٽ ماڻهن جو انبوھ هو. ماڻهو، ڪُڙمي، ڪوچبان ۽ عورتون تريفان بورسووچ پڻ ڏاڪڻ کان هيٺ لهي آيو. سڀ مِتيا کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا.

هن جدائيءَ جي وقت نيڪ انسانو! مِتيا اوچتو گاڏي مان واڪو ڪري چيو.

"اسان کي بہ معاف ڪر! هن ٽن چئين آوازن کي ٻڌو.

"تنهنجو بہ خدا حافظ! تريفان بورسووچ"

پر تريفان بورسووچ، کيس مُڙي بہ نہ ڏٺو. هو بيحد مشغول ٿي ڏٺو. هُو پڻ ڪنهن ڳالھ کان واڪا ۽ لُڙ ڪندو ٿي رَهيو. ان مان معلوم پئي ٿيو، تہ ٻي گاڏيءَ ۾ اَجا بندوبست مڪمل نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ بہ سپاهي ماورڪي ماروڪووچ سان گڏ

وچڻ وارا هئا. ڪڙمي، جنهن ڪوچبان کي ٻي گاڏي هلائڻي هئي، هو پنهنجي پوستين کي ڇڪي اِهو مضبوطيءَ سان ظاهر ڪري رهيو هو، تہ سندس وڃڻ جو وارو نہ آهي، پر آڪم جو. پر آڪم نظر ئي نہ ٿي آيو. هُو ڪيس ڏسڻ لاءِ ڊوڙيا. ڪوچبان مٿن زور آندو ۽ عرض ڪيو، تہ هُو ٿورو ترسن.

”ڏسين ٿو ماورڪي ماروڪووچ، اَسان جا ڪوچبان ڪهڙي قسم جا آهن. ڪين ڪوبہ شرم ڪونہ آهي.“ تريفان بورسووچ چوڻ لڳو. ”آڪم ڪالهہ توکي پنجويهہ ڪاپيڪس (سڪا) ڏنا هئا. تو اُنهن جو شراب پيتو. هاڻي وري دانهون بہ ڪرين ٿو. ماورڪي ماروڪووچ، مان هنن گهٽ ذات وارن سان تنهنجي نيڪ طبعيت کي ڏسي عجب ۾ ٿو ڪاوان. مان اِيئن ئي چوندس.“

”پر ٻي گاڏي اوهان کي ڇا جي لاءِ کپي؟“ مِتيا سوال ڪيو. اَسان کي تيار ٿيڻ کپي ۽ هن هڪ سان ئي هلڻ کپي، ماورڪي ماروڪووچ. مان انتظام ۾ رخنو نہ وجهندس، نہ وري ڀڄي ويندس. هيءُ پوليس جو حفاظتي دستو ڇا جي لاءِ؟“

”مان جيڪر توکي تڪليف ڏيان، تہ تون اهو سکين، تہ مون سان توکي ڪيئن ڳالهائڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ تو اجا ڳالهائڻ سکيو ئي نہ آهي. مان هاڻي تنهنجو پراڻو واقفڪار نہ آهيان. تون پنهنجي صلاح کي ڪنهن ٻي موقعي جي لاءِ سانڍي رک.“ ماورڪي، هڪ وحشي وانگر ٻڙ ٻڙ ڪندو رهيو. ڇڻ تہ هُو خوش پئي ٿيو، تہ پنهنجي ڪاوڙ کي ڪنهن تي هاري رهيو آهي.

مِتيا خاموش ٿي ويو. پر ڪاوڙ ڪان بي تاب هو. اُن وقت هو سردي محسوس ڪرڻ لڳو. برسات هاڻي بند ٿي وئي هئي، پر آسمان، اَجا ڪڪرن سان ڀريل هو ۽ سخت هوا سندس منهن تي لڳي رَهي هئي.

”مون کي شايد تَپ لڳي آهي.“ مِتيا پنهنجي ڪلهن کي سڪوڙيندي چيو.

آخر ماورڪي ماروڪووچ، گاڏيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ اچي پنهنجي جاءِ تي وينو. هن مِتيا کي اِهڙيءَ ريت ويهندي ڏٺو، ڇڻ تہ ڪيس اُن جي ڪابہ خبر نہ آهي. هُو ڪُنڊ ۾ ڦاسي پيو. هيءُ سچ هو تہ هُو پنهنجي مزي ۾ نہ هو. جو ڪم ڪيس حوالي ڪيو ويو هو، اُن کي هن پسند بہ نہ ٿي ڪيو.

”الوداع، تريفان بورسووچ!“ مِتيا وري واڪو ڪري چيو. هن محسوس ڪيو، تہ هن ڀيري، هُن نيڪ خيال سان ڪيس اهي لفظ نہ چيا آهن، پر ڪاوڙ مان.

هُو مٿي اُگهاڙو، اِيئن غرور سان بيٺو رَهيو. سندس ٻئي هٿ، پٺيءَ جي پويان هئا. هُو ڪاوڙ ۽ جوش مان سنئون سڌو مِتيا طرف نهاري رهيو هو ۽ ڪوبہ جواب نہ ڏنائين.

”الوداع، دمتري الوداع!“ هن اوچتو ڪلگنوف جي آواز کي ٻڌو. هُو نهايت

تيزيءَ سان گاڏي ڏي ڊوڙيو. هُــن پنهنجي هٿ کي وڌايو. سندس مٿي تي ٻــ ٽوپي ڪانہ هئي.

مِـتيا وٽ ايترو وقت هو. جو سندس هٿ کي جهلي ۽ اُن کي زور ڏي.

"منهنجـا عزيـز سـاٿي، خـدا حـافظ! مـان تنهنجـي نيڪـدل کـي وسـاري نـہ سگهندس." هن گرم جوشيءَ سان ڪيس چيو.

پر گاڏي هلڻ لڳي ۽ سندن هٿ جدا ٿي ويا. گهنٽي وڄڻ لڳي ۽ مِـتيا کي پري وٺي ويا.

ڪلگنوف ڊوڙي پوئتي موٽي آيو ۽ ڪُنڊ ۾ ويهي رهيـو. سندس مٿـو جهڪـي ويـو ۽ پنهنجي منهن کي هٿـن ۾ جهليـائين. هُــو وڃي روڄ ۾ پيـو. ڪيتـري وقـت تائين، هُـو اُن حـالت ۾ وينـو رهيـو. هُــو ننڍن ٻـارن وانـگر روئيندو رَهيـو. هُـن بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، مِـتيا کي بيگناهہ ٿي سمجهيو.

"هيءُ ماڻهو ڪهڙي قسم جا آهن؟ هنن کي انسان ڇئي ئي ڪيئن ٿو سـگهجي؟ هنن ۾ ڪهڙي اُميد رکي سگهجي ٿي؟" هُـو پاڻ سان پاڻ نااُميديءَ ۾ چوندو رَهيو. اُن وقت ڄڻ تہ سندس دل ۾ زندگيءَ جي لاءِ ڪوبہ اتساهہ ئي نہ رهيو هو.

"هِـن جي اهائي قيمت آهي؟ هن جو اِهوئـي قـدر آهـي." هُــو ٻـار، رنـج ۾ اِيئـن چوندو رَهيو.

## حصو ٽيون

# چوڪرا

باب پهريون

# ڪوليا ڪراسوتڪين

هيءَ نومبر جي ابتدا هئي. سخت پارو ـ تي ڄميو. ٿرماميٽر يارنهن ڊگرين تي وڃي پهتو هو. حالا نڪ برفباري ڪانہ هئي، پر برفيلي زمين تي رات جي ٿوري خشڪ برفباري ٿي چڪي هئي. اسان جي شهر جي ويران گهٽين ۾ سخت هوا لڳي رهي هئي.خاص ڪري مارڪيٽ جي طرف. هيءُ هڪ اداس صبح هو، پر هاڻي برفباري بند ٿي چڪي هئي.

مارڪيٽ کان گهڻو پري نہ، پلاٽنيڪوف جي دڪان جي پرسان، هڪڙي ننڍڙي جاءِ موجود آهي. نهايت صاف، اندران توڙي ٻاهران نهايت وڻندڙ! اهو گهر، خاتون ڪراسوتڪين جو آهي، جا اڳوڻي صوبائي سيڪريٽريءَ جي بيواهہ آهي. جنهن کي مئي چوڏهن سال گذريا . سندس بيواهہ ٿيڻ ورهين جي، اڃا بہ دلڪش صورت واري، هن صاف ۽ ننڍڙي گهر ۾، خانگي زندگي گذاري رهي هئي. هوءَ عزت واري مجرد حياتي بسر ڪري رهي هئي. هوءَ اڃا بہ آرام ۽ راحت سان گذاريندي ٿي رهي. پنهنجي مڙس جي موت جي وقت هوءَ ارڙنهن سالن جي هئي سندس شادي کي هڪ سال گذريو هو، هن پنهنجي روح ۽ دل کي، اُن ٻار جي پرورش لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. جو سندس قيمتي خزانو هو. سندس نالو ڪوليا هو. جيتوڻيڪ هوءَ ساڻس غير معمولي محبت ڪندي ٿي رهي، پر هنن چوڏهن سالن ۾ هن کي خوشيءَ کان وڌيڪ تڪليفن مان گذرڻو پيو هو. سندس ماءُ هرروز خوف کان ڏڪندي ۽ ڪنبندي ٿي رهي تہ متان بيمار نہ ٿي پوي. ڪيس ٿڌ نہ لڳي. ڪا حرڪت نہ ڪري ويهي. ڪنهن ڪرسي تي چڙهي، ڪري نہ پوي. اهڙا خيال هئا، جي ڪيس ستائيندا ٿي رهيا. جڏهن ڪوليا، اسڪول وڃڻ شروع ڪيو، تڏهن سندس ماءُ، ساڻس گڏ اُهي مضمون پڙهڻ شروع ڪيا، جيئن هوءَ سندس سبقن ۾ ڪيس مدد ڪري سگهي. هن استادن سان بہ جلدي واقفيت پيدا ڪرڻ شروع ڪئي، سندن زالن سان بہ گهرائي پيدا ڪيائين. نہ فقط ايترو، پر ڪوليا جي هم مڪتب ٻارن سان بہ ڇاڻ سڃاڻ رکيائين، جيئن هوُ ڪيس نہ چيڙائين نہ مٿس ٺٺوليون ڪن نہ مارين. هوءَ ايترو تہ وڌي وئي، جو ٻارن، ڇوڪري تي طعني بازي شروع ڪئي، تہ هوُ ماءُ جو لاڏلو آهي. پر هيءُ ٻار پنهنجي راهہ تي روان هو، آهستي آهستي پنهنجي بچاءُ جي فن کي حاصل ڪندو رهيو. هوُ پختي طبعيت وارو ۽ غير معمولي طاقتور هو. هن اڳتي هلي هي ثابت ڪري ڏيکاريو، تہ هوُ چُست ۽ چالاڪ، مضبوط ارادي وارو ۽ بي باڪ ۽ منچلي طبعيت

جو مالڪ آهي. هوُ پنهنجي سبقن ۾ ايترو تہ قابل هو، جو ڪلاس ۾ هيءَ افواهي حقيقت گشت ڪندي تي رهي، تہ هوُ پنهنجي استادن دارداڻيلوف کي حسابن ۽ عالمي تاريخ ۾ شڪست ڏئي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ مٿس سڀ جي نظر ٿي پئي هوُ نخوت پسند نہ هو، پر چگو رفيق هو. هوُ پنهنجي هم مڪتب وارن کان عزت تہ وٺندو هو، جنهن جو هو مستحق بہ هو، پر سيني سان سندس تعلقات دوستاڻا هئا. سڀ کان مٿي کيس خبر هئي تہ پنهنجي ارادي کي ڪهڙي ريت منزل مقصود تي پهچائي. مرڪن موقعن تي، پاڻ کي ڪهڙي حد ۾ رکڻ جو عادي هو. استادن جي تعلقات جي حالت ۾، هو ڪڏهن بہ پنهنجي حد کان اڳتي نہ وڌيو هو ۽ ڪڏهن بہ شيطانيت کي پاڻ وٽ جاءِ نہ ڏني هئائين، جيئن انتظام ۾ ناقابل بخشش ڪو رخنو پيدا نہ ٿئي. پر هوُ هر موقعي تي حرڪت ۽ شرارت ڪرڻ جو ضرور عادي هو، جيتوڻيڪ اسڪول ۾ ننڍي ۾ ننڍو ڇوڪرو پئي شمار ٿيو. خاص ڪري اهڙن موقعن تي، جڏهن خود نمائي ۽ پنهنجي برتري، سندس مقصد هوندو هو، تڏهن هو ننڍن ٻارن وانگر، شرارت کان نہ مڙندو هو. هوُ پنهنجي خودداريءَ جو وڏو شوقين هو. ايتري قدر جو پنهنجي ماءُ کي بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻي وڌو هئائين. اُن سان سندس هلت شوخي واري هئي. پر هوءَ گهڻي وقت کان سندس ضابطي ۾ اچي چڪي هئي. شايد اهڙي حالت ۾ ڪو خيال ڪري تہ اها حالت برداشت کان ٻاهر آهي ۽ سندس ماءُ اهو سهي نہ سگهي، تہ ٻار کي ساڻس ڪا بہ محبت نہ آهي. هوءَ هميشه عجب ڪائيندي رهندي هئي، تہ ڪوليا سندس معاملي ۾ ڪيڏو نہ بي احساس آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هوءَ جنوني حالت ۾ لڙڪ وهائيندي رهندي هئي. هوءَ سندس سرد مهري جي باعث بہ ساڻس گرم جوشيءَ سان ملندي هئي. پر ٻارن کي ناپسند ڪندو هو. جيتري منجهس مهر ۽ محبت جي اُميد ٿي رکي وئي، هوُ سنگدليءَ ۽ سختيءَ ۾ وڌندو ٿي ويو. هن چاڻي واڻي هن سرد مهريءَ جو اظهار نہ ٿي ڪيو، پر بنيادي طرح سندس طبعيت اهڙي هئي. سندس ماءُ کي بہ شڪ ۽ شبهو ٿي رهيو. جيتوڻيڪ هوءَ غلطي تي هئي. هو ماءُ کي بيحد پيار ڪندو هو. کيس فقط روز جهڙا بزدلاڻا خيال پسند نہ هئا، جن کي هوُ اسڪول جي ٻاراڻي زبان ۾ ظاهر ڪندو ٿي رهيو.

وٽن ڪتابن جي هڪ الماڙي هئي، جنهن ۾ سندس پيءُ جا ٿورا ڪتاب موجود هئا. ڪوليا مطالعي جو ڏاڍو شوقين هو. هن انهن مان ڪيترائي پاڻ پڙهي ورتا هئا. سندس ماءُ کي ڪوبہ اعتراض نہ هو، پر هوءَ هيءُ ڏسي عجب ۾ ٿي پئي، تہ ٻار ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيئن نہ الماڙي جي پرسان، بيٺو آهي ۽ راند جي بجاءِ، ڪتابن جي مطالعي ۾ غرق آهي. اهڙي ريت ڪوليا، ڪي اهڙيون بہ ڳالهيون پڙهيون، جي سندس عمر لاءِ ناموزون هيون.

قاعدي موجب، ڇوڪري کي هيءَ خبر هوندي آهي، تہ هو پنهنجي شرارت جي ليک کي ڪتان ڇڪي. پر هن گهڻو اڳي شوخيءَ جا اُهي سڀ طريقا ڪم آڻڻ شروع ڪيا هئا، جن کي ڏسي، سندس ماءُ خوفزده ٿي وئي هئي. هيءَ بہ حقيقت آهي، تہ هوُ جو ڪجهہ بہ ڪري رهيو هو، اُن ۾ ڪا بہ بري ڳالهہ ڪانہ هئي. فقط وحشياڻي عاقبت انديشي هئي.

جولاءِ جي وئڪيشن ۾ هڪ عجيب اتفاق ٿيو. ماءُ پٽ پنهنجي ڏورانهن مائٽن سان ملڻ لاءِ ٻي ضلعي ۾ ويا، جو اُتان ڇاليهہ پنجيتاليهہ ميلن تي هو. کين هڪ هفتي لاءِ اُتي رهڻو هو. سندن ان مائٽياڻيءَ جو مڙس، ڪنهن ريلوي اسٽيشن جو آفيسر هو. (هيءُ اُها ساڳي اسٽيشن آهي، جتان مهينو کن اڳي، ايون فيودوروِچ ڪرامازوف ماسڪو ويو هو.) ڪوليا خبرداريءَ سان ريلوي جي هر ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءُ لاءِ تہ جيئن پنهنجي گهر موٽي وڃي، تہ پنهنجي هم ڪلاسين کي اهي خبرون ٻڌائي عجب ۾ وجهي. اتفاقاً اُتي کي ٻيا ڇوڪرا بہ ٿي رهيا جي جلد ئي سندس دوست بڻجي ويا. انهن مان کي اسٽيشن جي نزديڪ ٿي رهيا، تہ کي ان جي پسگردائي ۾. اهي ڇهہ يا ست هئا، جن جون عمريون ٻارنهن ۽ پندرنهن ورهين جي وچ ۾ هيون. انهن مان بہ تہ اسان جي شهر جا هئا. هيءُ سيئي پاڻ ۾ گڏجي رانديون ڪرڻ لڳا. اسٽيشن تي ڪوليا جي اچڻ کان چار يا پنج ڏينهن پوءِ، هڪ بيوقوفيءَ واري شرط ٻارن پاڻ ۾ رکي. ڪوليا، جو هن ٽولي ۾ سڀ کان ننڍو هو ۽ ان ڪري ٻين جي نگاهن ۾ نہ ٿي سمايو، ڪجهہ خودداري جي باعث ۽ ڪجهہ بيباڪي ۽ خودسريءَ جي باعث، ساڻن ٻن روبل جي شرط ٻڌي، تہ رات جو يارهين بجي، جڏهن گاڏي اتان گذري تہ هو لوهي ريلن جي وچ ۾، پنيرا ٿي سمهن ۽ اهڙيءَ ريت گاڏي تيز رفتاريءَ سان متانئن گذري وڃي. حقيقت ۾ هن، اڳ ۾ هن حقيقت کي ڏسي ڇڏيو هو، تہ ٻن لوهي ريلن جي وچ ۾ ڪو سنئون سڌو ٿي سمهي پوندو، تہ گاڏي ان کي ڇهي ئي نہ سگهندي. هاڻي ڪيس اهو ڏسڻو هو، تہ اهڙو ڪهڙو ڇوڪرو آهي، جو هن خطرناڪ آزمائش کي پنهنجي سر تي ٿو کڻي. سيني هن شرط کي مذاق سمجهيو. پر ڪوليا مضبوطيءَ سان چيو، تہ هو ايئن ڪري سگهندو. پهريائين تہ هو متس کلڻ لڳا ۽ کيس ننڍڙو ڪوڙ ۽ لاف زن سڏڻ لڳا، پر هو هن طعني زنيءَ کان وڌيڪ پختو ٿي ويو. جنهن ڳالهہ کيس وڌيڪ ڪجايو، سا هيءَ هئي، تہ هنن پندرنهن سالن جي ٻارن حقارت کان متس نڪ کي ٿي موڙيو ۽ چيڙايو. هنن غرور کان کيس ننڍڙو ٻار ٿي سمجهيو ۽ پنهنجي صحبت جي لائق نہ ٿي ڄاتو. هيءَ هڪ نہ سهڻ جهڙي بي عزتي هئي.

هاڻي اهو فيصلو ڪيو ويو، ته شام جو اسٽيشن ڪان اڌ ميل پري وڃي ترسجي، جتان گاڏي، اسٽيشن کي ڇڏي ڪافي تيز رفتاريءَ سان گذرندي. بار سيئي گڏ ٿي ويا. هي سخت اونداهي رات هئي. چنڊ جو ڪوبه نالو ۽ نشان نه هو. مقرر وقت تي ڪوليا، لوهي بند جي وچ ۾ سمهي پيو. پنج ڇوڪرا، جن ساڻس شرط رکي هئي، مٿيءَ جي بند جي هيٺان ٻوٽن جي جهنڊ ۾ وڃي ويٺا. سندس دليون خوف کان لرزي رهيون هيون، جن ۾ خوف ۽ رحم جهلڪا ڏئي رهيا هئا. آخر هنن پري کان گاڏي جي گڙگڙاهٽ کي ٻڌو، جنهن هاڻي اسٽيشن کي ڇڏيو هو. اونداهيءَ ۾ به ٻاڙهيون روشنيون چمڪڻ لڳيون. هوءَ بلا جيئن ويجهو ٿي پئي، تيئن سندس شور وڌيڪ ٿيندو ٿي ويو.

"بند کان ٻاهر نڪري وڃ. ڊوڙ. ڊوڙ ۽ ڇوڪرن ٻوٽن جي جهنڊ مان، ڪوليا کي رڙيون ڪري چيو. هوُ خوف کان ٻي دم ٿي چڪا هئا. پر هاڻي هيءُ سڀ دير سان هو. گاڏي تيزيءَ سان آئي ۽ اڏري وئي، ڇوڪرا ڪوليا ڏي ڊوڙيا. هو بنا ڪنهن چرپر جي سمهيو پيو هو. هو کيس ڇڪڻ ۽ ڌوڏڻ لڳا. هوُ اوچتو اُٿي پيو ۽ بنا ڳالهائڻ جي هلڻ لڳو. هن کين ٻڌايو ته هو اهڙي ريت سمهي پيو هو، جو ڄڻ ته کيس هوش ئي نه آهي. در حقيقت هوُ کين ڏيجاري رهيو هو. پر حقيقت هيءَ هئي ته هوُ سچ پچ خوف کان بيهوش ٿي ويو هو. گهڻو پوءِ، هن ماءُ سان اُن جو اقرار به ڪيو هو. اهڙي ريت سندس شهرت، هڪ بيباڪ ڪردار جي حيثيت ۾ هميشه لاءِ قائم ٿي وئي. هوُ اسٽيشن کان گهر اهڙيءَ ريت موٽيو، جو سفيد ڪاغذ کان وڌيڪ سندس رنگ اڇو ٿي ويو هو. ٻي ڏينهن مٿانئس هلڪي بخار جو حملو ٿيو. پر ان هوندي به هو اُن کان بيپرواهه هو ۽ پاڻ کان بيحد خوش هو. هيءُ واقعو هڪدم ته مشهور نه ٿيو، پر جڏهن هوُ پنهنجي شهر ۾ موٽي آيو، ته هي واقعو اسڪول ۾ اچي ويو ۽ ماسترن تائين به وڃي پهتو. ڪوليا جي ماءُ جلدي ۾ ماسترن تائين وڃي پهتي. آخر ۾ داردانيلوف جو عزت ۽ اثر وارو استاد هو، هن معاملي کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. سندس فائدي ۾ ڪم ڪيو ۽ معاملو رفع دفع ٿي ويو.

داردانيلوف ڪرڙوڊ ۽ ڪنوارو هو، جنهن جي بيگم ڪراسوتڪين سان غير معمولي محبت هئي. جنهن کي سال گذري چڪا هئا. ايتري قدر جو هڪ ڀيري، جنهن کي سال کن گذريو هو، هن خوف کان ڌڪندي، پنهنجي جذبات جي فراواني کان، نهايت عزت سان کيس ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئي، پر هن کيس صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. سندس خيال هو، ته سندس استدعا کي قبول ڪرڻ، پنهنجي پٽ سان ڄڻ ته دغا ڪرڻ جي برابر ٿيندو. جيتوڻيڪ داردانيلوف ڪن مخفي ڳالهين مان سمجهي ويو هو، ته غمگين ۽ عصمت مآب بيواهه، ساڻس شادي ڪرڻ ۾ سچ پچ

ناراض نہ آهي. ڪوليا جي هن چريائپ واري شرارت، هن مشڪل کي آسان ڪري ڇڏيو ۽ ڊاردانيلوف جي خدمتن جي باعث، سندس آرزوئن جي پوري ٿيڻ ۾ اميد پيدا ٿي. جيتوڻيڪ هن اميدواريءَ ۾ ڪا پختگي نہ ٿي ڏني. پر ڊاردانيلوف ايترو تہ پاڪائيءَ جو مجسمو هو، جو ڪجھہ وقت لاءِ اهو ڪافي هو. تہ اُن ڪان خوش ٿيجي وڃي. ڪيس ڇوڪري سان بيحد پيار هو. پر اُن هوندي بہ هن محسوس ٿي ڪيو، تہ هوُ ان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي بہ سگھندو يا نہ. ڪلاس ۾ هوُ ساڻس نهايت سخت ۽ تنديپيش ايندو هو. ڪوليا پڻ ڪيس عزت سان، ڪجھہ دور فاصلي تي رکندو هو. هوُ پنهنجي سبق کي چڱيءَ ريت سکندو هو. هوُ پنهنجي ڪلاس ۾ ٻئي نمبر تي هو ۽ ڊاردانيلوف سان مخصوص هو. سڀ ڪلاس کي هي يحنڪيءِ سان يقين هو. تہ ڪوليا عوامي تاريخ جي مضمون ۾ ايترو هوشيار آهي، جو ڊاردانيلوف کي بہ ماري سگھي ٿو. ڪوليا سچ پيچ، هن ڪان اهڙا سوال پڇندو بہ هو. تہ ٽراءِ کي ڪنهن اباد ڪيو هو؟" جنهن جو جواب ڊاردانيلوف ڪيس بي سمجهي جهڙو ڏيندو هو. هوُ قومن جي لڏ پلاڻ جي قصي کي ڇيڙيندو هو ۽ عهد قديم جي ڳالهين ۽ حسن جي تاريخ جي داستانن ۾ وڃي پوندو هو. پر اهو سوال تہ ٽراءِ ڪنهن آباد ڪيو هو؟ پنهنجي جاءِ تي جواب ڪان سواءِ رهجي ويندو هو. ايتري قدر جو ڪوليا جي سوال کي مهمل ۽ بي معنيٰ سمجهيو ويندو هو. هي حالات ڏسي ڇوڪرن کي يقين ٿي ويو هو، تہ ڊاردانيلوف اهو بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ ٽراءِ کي پهريائين ڪنهن آباد ڪيو هو. هوڏانهن ڪوليا کي هي خبر اسماراگنوف جي ڪتاب مان پئي هئي، جو ڪتاب، سندس پيءُ جي ڪتابن مان هو. آخر سڀئي ٻارهن سوال ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا، تہ ٽراءِ کي پهريائين ڪنهن آباد ڪيو هو؟ پر ڪراسوتڪين هن راز کي ظاهر ڪرڻ نہ ٿي گهريو ۽ سندس علم جي شهرت پنهنجي جاءِ تي قائم رهجي وئي.

ريل گاڏي جي واقعي ڪان پوءِ ڪوليا جي طبعيت ۾ ماءُ جي لاءِ عجيب تبديلي پيدا ٿي وئي هئي. جڏهن اينا فيدرووينا بيگم ڪراسوتڪين، پٽ جي بيهودي روش کي ٻڌو، تہ هوءَ خوف ڪان پاڳل ٿيڻ جي قريب وڃي پهتي. مٿس جنون جا خطرناڪ حملا ٿيڻ لڳا. جي ڪيترا ڏينهن لاڳيتا هلندا ٿي رهيا. آخر ڪوليا، ماءُ جي بيماريءَ ڪان سخت هراس ۾ اچي ويو. هن پاڻ سان انجام ڪيو، تہ هوُ وري اهڙيون شرارتون نہ ڪندو. هن ماءُ جي حاضريءَ ۾، حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي تصوير جي سامهون ۽ پيءُ جي يادگيري ۾ تي قسم ڪنيو. بي پرواھ ڪوليا اهڙي ريت هنجون هارڻ لڳو، جڻ تہ ڇهن ورهين جو ننڍڙو ٻار آهي. اُهو سڄو ڏينهن هيءُ ۽ سندس ماءُ، هڪٻئي سان ياڪر ۾ ڇنبڙي روئندا رهيا. ٻي ڏينهن ڪوليا، دستور موجب بي احساس ٿي اُٿيو، پر هو اڳي ڪان وڌيڪ خاموش، وڌيڪ فڪر وارو ڀٽجي پيو.

هيءَ حقيقت آهي، تہ ڇهہ هفتا پوءِ، هوُ اهڙي حادثي ۾ اچي ويو، جنهن جي ڪري سندس نالو اسان ـجي منصف تائين پهچي ويو. هيءُ حادثو بلڪل بي نوع جو هو، جنهن مان سندس بيوقوفيءَ ۽ ڪل جهڙي شرارت، اڳيئن ڪان بہ وڌيڪ تي نظر آئي. هن اُن ۾ ڪو بہ وڏو حصو نہ ورتو هو، پر بين جي تقليد ڪئي هئائين. سندس ماءُ اجا بہ رُني ۽ لرزي ٿي. هو اجا بہ وڌيڪ بي چين ٿي ڏني، جنهنڪري ڊارڊانيلوف جون اميدون وڌيڪ سرسبز ٿينديون تي نظر آيون. هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي، تہ ڪوليا سمجهي ويو هو، تہ ڊارڊانيلوف جي دل ۾ ڪهڙيون اميدون آهن. اُن ڪري هوُ ڪانئس متنفر هو. ايتري قدر جو ماءُ جي حاضريءَ ۾ بہ هوُ هن نفرت جو اظهار ڪندو تي رهيو. هوُ اشارن ۽ رمزن ۾ ظاهر ڪندو تي رهيو، تہ ڊارڊانيلوف جي من ۾ ڇا وهي واپري ٿو؟ پر ريل گاڏي واري واقعي ڪان پوءِ، سندس روش ۽ استاد جي ··ت ۾ گهڻي تبديلي اچي وئي هئي. هن هنن رمزن ۽ اشارن تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ ماءُ جي اڳيان ڊارڊانيلوف جي لاءِ وڏي عزت سان سندس بيحد شڪرگذاري پئي ظاهر ٿي. پر جڏهن ڪنهن بہ ملاقاتي جي سامهون، ڪوليا جي حاضري ۾ ڊارڊانيلوف جو ذڪر تي آيو، تہ هوءَ گلاب جي گل وانگر ڳاڙهي ٻڻجي تي وئي. اُن وقت ڪوليا بي چينيءَ ڪان يا تہ دريءَ ڪان ٻاهر نهاريندو هو يا بوٽن کي ڏسندو هو، يا غصي مان پنهنجي ڪتي پريزيوان کي سڏيندو هيو. پريزيوان قد ۾ نهايت وڏو هو ۽ سندس جسم تي بي انداز پشم هئي ۽ ڏسڻ جو نهايت بد هو. ڪوليا هڪ مهينو اڳ ۾، ان کي پنهنجي گهر ۾ ڪٺي آيو هو ۽ معلوم تي نہ سگهيو هو، تہ هن ڪهڙي سبب ڪان اُن کي گهر ۾ پنهنجي دوستن ڪان لڪائي رکيو هو. هو ان حيوان کي آزاريندو تي رهيو ۽ اُن سان گڏ تربيت بہ ڏيندو تي رهيو. ڪيس طرحين طرحين رانديون سيکاريندو تي رهيو. اُن ڪري هي غريب ڪتو، جڏهن هوُ اسڪول جي سبب گهر ڪان غير حاضر هوندو هو، تہ زور سان ڀوُنڪندو هو. جڏهن هو، گهر موٽي ايندو هو، تہ خوشيءَ ڪان ٽپا ڏيڻ شروع ڪندو هو. هوُ زمين تي اهڙيءَ ريت ليٽي پوندو هو، ڄڻ تہ هو مري ويو آهي ۽ بيون بہ عجيب حرڪتون ڪندو هو. حقيقت ۾ هوُ اهي سيئي بازيون ڪري ڏيکاريندو هو، جي ڪيس سيکاريون ويون هيون. هيءُ هنر هو ڪنهن حڪم يا اشاري تي نہ ڪندو هو، پر پنهنجي حق شناسيءَ جي جوش جي انتها ڪان مجبور تي ڪندو هو.

هتي مون ڪان هيءَ حقيقت ٻڌائڻ وسري وئي هئي، تہ ڪوليا ڪراسوتڪين اهو ڇوڪرو هو، جنهن کي، هڪ ڇوڪري چاقو هنيو هو. هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي ياد هوندو، تہ ڪپتان اسنگيريوف جو پٽ اسلوشيا، پنهنجي پيءُ جي بچاءَ ۾، جنهن بابت هو ڪيس ڇيڙائي رهيا هئا، ڪيس گهرو زخم رسايو هو.

باب پهريون

# پيار

سو اُن ڪوهيڙي واري، برفاني ۽ طوفاني نومبر جي ڏينهن تي، ڪوليا ڪراسو تڪين گهر ۾ ويٺو هو. اُهو آچر جو ڏينهن هو ۽ اسڪول بند هو. ان وقت ٻارنهن لڳا هئا ۽ ڪيس خاص طرح ضروري ڪم سان ٻاهر وڃڻو هو، پر ڪيس گهر جي سنڀال لاءِ روڪيو ويو هو. اتفاقاً گهر جا سڀئي وڏا ڀاتي هڪ اوچتي ۽ اڪيلي معاملي جي سبب ٻاهر هليا ويا. خاتون ڪراسوتڪين گهر جي ٻن ڪمرن کي، جي هڪ گهٽيءَ جي ڪري گهر کان جدا هئا، هڪ ڊاڪٽر جي زال کي، جنهن کي ٻه ٻار هئا، مسواڙ تي ڏنا هئا. اُها خاتون، اينا فيودوروينا جي همعمر هئي ۽ سندس دوست هئي. سندس مڙس ڊاڪٽر، ٻارنهن مهينن کان ٻاهر موڪلائي ويو هو، هو پهريائين اورينبرگ ويو هو ۽ پوءِ تاشقند. ڇهن مهينن کان هن خاتون کي سندس ڪابه خبر نه ملي هئي. جيڪڏهن سندس بيگم ڪراسوتڪين سان دوستي نه هجي ها، جا هن بدقسمت عورت جي لاءِ تسلي جو سبب هئي، ته هوند ڳوڙها ڳاڙيندي مري وڃي ها. هاڻي سندس بدقسمتيءَ ۾ هڪ وڏيڪ اضافو ٿيو هو. سندس ملازمه ڪيٽرينا هڪ ڏينهن اڳ شام جو ظاهر ڪيو هو، ته هوءَ صبح کان اڳ دنيا ۾ ٻار پيدا ڪرڻ واري آهي. سندس مالڪياڻيءَ کي هي ٻڌي بيحد عجب لڳو هو. هيءَ ڄڻ ته سڀ جي لاءِ پُراسرار ڳالهه هئي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن کي به اڳ اهڙيءَ حالت جي خبر نه هئي. عجب ۾ پيل ڊاڪٽر جي زال فيصلو ڪيو، ته ڪيٽرينا کي اتان ڪنهن ٻي جاءِ تي پهچائي. اجا به وقت هو، ته هوءَ ڪيس اُن دائيءَ وٽ وٺي وڃي، جنهن شهر ۾ اهڙن نازڪ موقعن جي لاءِ بندوبست ڪري رکيو هو. جيئن ته ڪيٽرينا سان سندس بيحد محبت هئي، هن، انهيءَ رٿ تي عمل ڪيو ۽ اُن جي خدمت لاءِ اُتي رهي پئي. صبح جو بيگم ڪراسوتڪين، جي اندر ۾ اُن جي لاءِ محبت جو جوش پيدا ٿيو ۽ هن چاهيو، ته اُن جي مدد ڪري ۽ هن حالت ۾ ڪنهن کي عرض ڪري ته هو سندس پُرگهور لهي.

انهيءَ ڪري هي ٻئي عورتون گهر کان غير حاضر هيون. ڪراسوتڪين جي خادمه آڳافيا، بازار وئي هئي ۽ ڪوليا کي ٿوري وقت لاءِ ڇڏيو ويو هو، ته ٻارن جي نگهباني ڪري: يعني ڊاڪٽر جي ڌيءَ پٽ، جي گهر ۾ اڪيلا هئا. ڪوليا کي گهر جي سنڀال ڪندي، ڪو به خوف ڪونه پئي ٿيو. اُن کان سواءِ وٽس پريوان به هو، جنهن کي حڪم ڏنو ويو هو، ته هو سنئون سڌو تي ليٽي پوي، بينچ جي هيٺان ڪنهن به چرپر کان سواءِ پيو رهي. ڪوليا هر وقت، ڪمرن ۾ هيڏي هوڏي آيو ۽ ويو ٿي ۽ وري

هال ۾ آيو ٿي، ڪتو پنهنجي مٽي ڪي لوڏي رهيو هو ۽ پڇ سان زمين تي نڪاءَ ڪري رهيو هو. پر افسوس جو ڪوليا جي سيٽي ڪان ڪيس ڇوٽڪارو نہ ٿي مليو. ڪوليا اُن بدقسمت ڪي شوخيءَ سان نهاري رهيو هو، جو وري فرمانبرداريءَ جي سخت قندي ۾ هو. هڪ ڳالهہ. جا ڪوليا ڪي تڪليف ڏيئي رهي هئي، سا هئي انهن ٻارن جي نظرداري. هوُ ڪيٽرينا جي هن اوچتي ڪارنامي ڪي نفرت سان نهاري رهيو هو، پر هن هنن ٻارن ڪي حد ڪان وڌيڪ محبت ٿي ڪئي. هن ڪين اڳ ۾ ئي هڪ تصويرن وارو ڪتاب ڏئي ڇڏيو هو. ناستيا جا عمر ۾ وڏي هئي ۽ انن ورهين جي هئي. پڙهي سگهي ٿي. ڇوڪرو ڪوستيا، جنهن جي عمر ست ورهيہ هئي، ٻين جي پڙهڻ ڪي نهايت شوق سان ٻڌڻ جو عادي هو. ڪراسوتڪين سندن وندرائڻ لاءِ، اجا بہ وڌيڪ ڳالهيون مهيا ٿي ڪيون. هن ڪين هڪٻئي سان ملائي ٿي بيهاريو ۽ ساٽن فوجي رانديون ڪري رهيو هو يا ڪين لڪ ڇپ جي راند ٿي ڪرايائين. هوُ اڳ ۾ بہ ڪين اهڙي ريت وندرائيندو رهندو هو ۽ ڪيس ٻارن سان راند ڪرڻ ۾ ڪوبہ عار نہ هوندو هو. ايتري قدر جو هڪ ڀيري اسڪول ۾ مشهور ٿيو هو، تہ ڪراسوتڪين، گهر ۾ ننڍن ٻارن سان گهوڙي راند ڪندو هو ۽ شرط جي گهوڙن وانگر پنهنجي مٽي ڪي هڪ طرف رکي ڊوڙندو ٿي رهيو. پر هوُ نفرت سان هن مذاق واري حملي ڪي رد ڪندو هو. چوندو هو، تہ گهوڙي راند پنهنجي هم سن تيرنهن سالن جي ٻارن سان ڪيڏڻ شرم جي ڳالهہ آهي، سو بہ هن عمر ۾. پر هوُ ٻارن جي تفريح لاءِ ايئن ڪندو هو. ڇاڪاڻ تہ هوُ ڪين پيار ڪندو هو. انهيءَ ڪري ڪنهن ڪي بہ حق نہ هو، تہ سندس جذبات جي باعث، ڪو متس حرف گيري ڪري. اهي ٻئي ٻار بہ ڪيس پيار ڪندا هئا.

پر هن موقعي تي سندس طبعيت راند جي طرف مائل نہ هئي، ڪيس پنهنجو ضروري ڪم دربيش هو، جو نهايت پراسرار هو. وقت گذري رهيو هو، آگافيا اجا بازار ڪان نہ موٽي، جنهن جي سنڀال ۾ هوند. هوُ ٻارن ڪي ڇڏي وڃي ها. هوُ ڪيئي ڀيرا گهٽيءَ ڪان گذري، مسواڙيءَ جي ڪوٺي جو دروازو کولي اندر ويندو هو ۽ ڏاڍي شوق مان ٻارن ڪي ڏسندو هو، جي ڪنهن ڪتاب جي متان وينا هوندا هئا. جو هوُ ڪين ڏئي ايندو هو. جڏهن جڏهن هوُ دروازو کولي وٽن ويندو هو، تہ ڪيس ڏسي بيحد خوش ٿيندا هئا ۽ سمجهندا هئا، تہ هوُ اندر اچي، انهن جي خوشي ۽ وندر جو سامان پيدا ڪندو. پر هن ڀيري ڪوليا، ايترو تہ منجهيل هو، جو دروازو کولي، اُنهن ڏي نہ ويو.

آخر يارنهن وڳا ۽ هن پختو ارادو ڪيو، تہ جيڪڏهن آگافيا ڏهن منٽن جي اندر موٽي نہ آئي، تہ هوُ، اُن جي لاءِ وڌيڪ ترسڻ ڪان سواءِ، ٻاهر هليو ويندو. هن خيال ڪيو، تہ هوُ ٻارن ڪان واعدو وٺندو، تہ هوُ سندس غير حاضري ۾ بهادر ۽ باهمت ٿي

رهندا. نہ شرارت ڪندا، نہ وري خوف ڪان دانهون ڪندا. ايئن خيال ڪندي، هن سياري جي وڏي ڪوٽ کي ڪنيو، جنهن جي ڪالر تي ٻليءَ جي کل لڳل هئي. هن اُن کي پاتو ۽ شال کي ڪلهن جي چوڌاري ويڙهيائين. ماءُ جي بار بار هن تاڪيد ڪان، تہ اهڙي سردي ۾ هو پيرن ۾ جورابن کي ضرور پائي، ڪناره ڪشي ڪندي، اُنهن کي ڏسندو هال ڪان گذريو ۽ فقط بوٽ ئي پاتائين. پريزيوان ڪيس ٻاهر وڃڻ لاءِ سنبريل ڏسي، فرش تي زور زور سان پنهنجو پڇ هڻڻ لڳو. سندس سڄو بدن لرزش ۾ اچي ويو هو ۽ يوئنڪڻ لڳو. پر ڪوليا، پنهنجي ڪتي جي جوشيلي بي صبري کي ڏسي، ارادو ڪيو. تہ هن سندس انتظام ۾ جيئن تہ رخنو وڌو آهي، ان ڪري ڪيس ڪجهہ وڌيڪ وقت بينچ جي هينان رهڻ گهرجي. هن گهٽيءَ جو دروازو ڪوليندي، ڪيس فقط سيٽي جو آواز ڏنو. ڪتو ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ وحشي جانورن وانگر سندس سامهون جهڪي، ليٽ پيٽ ٿيڻ لڳو.

ڪوليا دروازي کي ڪولي، ٻارن ڏي جهاتي پائي ڏٺو. هو دستور موجب ميز جي سامهون وينا هئا. هنن ان وقت پڙهيو تہ ڪونہ ٿي، پر ڪنهن بحث ۾ سرگرم ٿي ڏنا. اڪثر هي ٻار انساني زندگيءَ جي حادثن ۽ مسئلن تي بحث ڪندا رهندا هئا. ناستيا جيئن تہ عمر ۾ وڏي هئي، ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي هئي. جيڪڏهن ڪوستيا ساڻس متفق نہ ٿيندو هو، تہ هو هميشہ ڪوليا ڪراسوتڪين کي ٿياڪڙ مقرر ڪندا هئا ۽ سندس فيصلو ٻئي حرف آخر سمجهندا هئا. هن ڀيري ٻارن جو بحث ڪراسوتڪين جي لاءِ بيحد دلچسپ هو. هو گهٽيءَ ۾ ان جي ٻڌڻ لاءِ، خاموش بيهي رهيو. ٻارن ڏٺو، تہ هو ڪين ڌيان ڏيئي ٻڌي رهيو آهي، ان ڪري سندن جهڳڙو اڳي ڪان بہ تيز ٿي ويو.

ناستيا چوڻ لڳي، تہ "مان هن ڳالهہ تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪنديس، تہ پوڙهيون عورتون، رڌڻي واري باغ ۾ ٻارن کي ڪڏهن بہ گرميءَ سبب لهي نہ ايندیون آهن. هاڻي تہ سيارو آهي ۽ گرمي تہ آهي ئي ڪونہ. ان ڪري پوڙهي عورت ڪيٽرينا کي نئون ٻار ڪٿان آڻي ڏيندي؟"

ڪوليا سيٽي ڏيڻ لڳو.

"يا تہ ايئن آهي، تہ اهي ٻار ڪٿان ڪٿي ايندا آهن، پر اهي انهن عورتن جي لاءِ هوندا آهن، جي شادي ٿيل هونديون آهن."

ڪوستيا عجب مان ناستيا کي ڌيان ڏيئي ٻڌڻ لڳو ۽ گهري ويچار ۾ پئجي ويو هو.

آخر هن چيو تہ "ناستيا تون ڪيڏو نہ بيوقوف آهين." هيءُ جملو هن نهايت پختگيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان چيو. "ڪيٽرينا کي ٻار ڪيئن ٿيندو، جڏهن تہ هوءَ پرڻيل ئي نہ آهي؟"

ناستيا غصي ۾ ڀرجي وئي. ”مان سمجهان ٿي تہ ڪيس مڙس آهي، پر هو قيدخاني ۾ آهي. ان ڪري ئي ڪيس هاڻي ٻار ٿيڻ وارو هوندو.“ هن اطمينان سان چيو.

”ڇا! اهو سچ آهي، تہ ڪيترينا جو مڙس جيل ۾ آهي؟“ ڪوستيا نهايت سنجيدگيءَ سان، ڪانئس اهو معلوم ڪرڻ گهريو.

ناستيا پنهنجي ڀهرئين حقيقت کي فراموش ڪندي، تحڪماڻي آواز ۾ چيو. تہ ڪيس مڙس ڪونہ آهي، تون هن ۾ برابر آهين. پر هوءَ چاهي ٿي، تہ شادي ڪري. ان ڪري هوءَ ان تي خيال ڪندي رهي ٿي. اهڙي ريت خيال ڪندي ڪندي، ان کي حاصل ڪيو اٿس، پر اهو سندس مڙس نہ آهي پر ٻار آهي.“

”پر سچ پچ ايئن هوندو.“ ڪوستيا پوريءَ ريت غالب ٿيندي قبول ڪيو.“ پر ”تو، اڳ ۾ تہ ايئن چيو ئي نہ هو. تون ڪيئن ٿي چاهين تہ مان ان کي سمجهان؟“

ڪوليا، اندر قدم رکندي، کين چيو تہ ”ٻارو هيڏي اچو. مان ڏسان ٿو، تہ اوهان خطرناڪ ماڻهو آهيو.“

ڪوستيا مشڪندي ڪانئس پڇيو، تہ ڇا پريزيوان بہ ساڻس آهي؟ ايئن چئي هن پوءِ ڪتي کي آواز ڏنو ۽ آڱرين سان اشارا ڪرڻ لڳو.

”ٻارو مان نهايت مشڪل ۾ آهيان.“ ڪراسوتڪين نهايت گنڀير ٿي کين چيو. ”اوهان کي منهنجي مدد ڪرڻ کپي. آگافيا جي شايد ڪتي تنگ پچي پئي آهي. انهيءَ ڪري هوءَ پوئتي موٽي نہ سگهي آهي. مون کي ان جو يقين آهي. مان ٻاهر ويندس. ڇا اوهان مون کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏيندا؟“

ٻار هڪٻئي کي انتظار مان نهارڻ لڳا. سندن مشڪندڙ چهرن ۾ بي آرامي اچي وئي. پر اجا تائين، هنن ان حقيقت کي نہ سمجهيو هو، جيتري قدر سمجهڻ جي اميد تي رکيائون.

”جڏهن مان وڃان، تہ اوهان ڪابہ شرارت نہ ڪجو. اوهان الماڙي تي چڙهي، پنهنجون ٽنگون نہ ڀڃجو. اڪيلائي ۾ نہ ڊڄجو نہ دانهون ڪجو؟“

ٻارن جي چهرن مان گهري مايوسي ظاهر ٿيڻ لڳي.

”مان اوهان کي هڪ شيءِ انعام طور ڏيکارڻ گهران ٿو. اها ننڍڙي ٽامي جي هڪ توب آهي. ان ۾ جيڪڏهن بارود وڌو وڃي، تہ اها باقاعده ڇٽي پوندي.“

انهيءَ گهڙي ٻارن جون اکيون خوشيءَ کان چمڪي اٿيون. ”اسان کي اها توب ڏيکار.“ ڪوستيا، سڄو ئي خوشيءَ سان ڀرجي ويو.

ڪراسوتڪين پنهنجو هٿ کيسي ۾ وڌو ۽ هڪ ڌاتُ جي ننڍڙي توب ڪڍي، ميز تي رکيائين.

”توهان هن جي لاءِ هرڪا ڳالھ ڀڃي سگھو ٿا. هن جي ڦيٿن کي ڏسو. ”هن رانديڪي کي ميز تي گھمايو. هن مان نڪاءُ بہ نڪري سگھندو. جيڪڏهن هن کي بارود سان ڀريو وڃي، تہ اها ڇٽي بہ پوندي.“

”ڇا! اها ڪنهن کي ماري بہ سگھي ٿي

”بيشڪ! اها ڪنهن کي ماري بہ سگھي ٿي، پر شرط اهو آهي تہ نشان چڱيءَ ريت ورتو وڃي.“

ان ڪان پوءِ ڪراسوتڪين کين سمجھائڻ شروع ڪيو، تہ ڪٿي بارود وڌو وڃي ۽ ڪهڙي جاءِ تي لبلبي کي زور ڏنو وڃي؟ کين ان ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ ڏيکاريائين، تہ جڏهن لبلبي جو ڌڪ لڳندو، تہ ان مان بارود ڌماڪو ڪري نڪري ايندو.

ٻار ڪيس پوري ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. سندن تصور ۾ اها ڳالھ وڏيڪ ڪپي وئي هئي، تہ اها توب ڌڪ بہ هڻي سگھي ٿي.

”ڇا توکي بارود بہ آهي،“ ناستيا ڪانئس معلوم ڪرڻ گھريو.

”هائو.“

”اسان کي بارود بہ ڏيکار.“ ناستيا مشڪندي ڪيس عرض ڪرڻ جي انداز ۾ چيو. ڪراسوتڪين وري ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ ننڍڙي شيشي ڪوليائين، جنهن ۾ ٿورو سچو پچو بارود پيل هو. ٿورو انداز گندرف جو بہ ڪڍيائين. جو ڪاغذ جي پُڙيءَ ۾ هو. ڪجھ بارود ڪٽي ترِيءَ تي رکيائين ۽ چوڻ لڳو تہ:

”ماڻهوءَ کي هميشہ خبردار ٿيڻ گھرجي، تہ هن شيءِ جي ڀرسان باھ نہ هجي. نہ تہ هيءُ ڦاٽي پوندي ۽ اسان سڀني کي ماري وجهندي.“ ڪراسوتڪين کين جذباتي طرح خطري کان آگاهي ڏني.

ٻارن نهايت خوف مان ان بارود کي ڏٺو. هنن ان جي ڏسڻ مان فقط پاڻ کي وندرائڻ گھريو. پر ڪوستيا چاهيو ٿي تہ ان کي ڇٽندو بہ ڏسي.

”ڇٽڻ وقت، هن کي باھ لڳي ويندي؟“ هن معلوم ڪرڻ گھريو.

”نہ، ايئن نہ ٿيندو.“

هن جستجو ڪرڻ واري آواز ۾ ڪيس چيو، تہ ”مون کي اهو ڇوڙي ڏيکار؟“

”مان اوهان کي ڇوڙي ڏيکاريان ٿو. هن کي وٺ پر منهنجي موٽي اچڻ تائين پنهنجي ماءُ کي نہ ڏيکارجو. هوءَ هن کي سچو پچو بارود سمجھي، يا تہ خوف کان مري ويندي، يا اوهان کي خوب سيکت ڏيندي.“

”ماءُ اسان کي ڪڏهن بہ لڪڻ نہ هڻندي.“ ناستيا هڪدم ڪيس جواب ڏنو.

”مان ڄاڻان ٿو. مان هيءُ پنهنجي جملي کي پوري ڪرڻ لاءِ چيو آهي. هن موقعي کان سواءِ اوهان وري ڪڏهن بہ پنهنجي ماءُ سان نڳي نہ ڪجو. منهنجي موٽڻ تائين چپ رهجو. سو ٻارڙو، هاڻي مان ٻاهر وڃان؟ مان جڏهن وڃان تہ نہ اوهان ڊڄجو نہ دانهون ڪجو.“

”اسان دانهون ڪنداسين.“ ڪوستيا مشڪندي چيو. سندس اکيون اڳ ۾ ڳوڙهن سان ڀريل هيون.

”اسان رئنداسون، توکي يقين هئڻ کپي، تہ اسان رئنداسون. ناستيا بزدليءَ جو مظاهرو ڪندي تڪڙ مان چيو.

”اڙي ٻارو! اڙي ٻارو! اوهان جي هيءَ عمر ڪيڏي نہ خطرناڪ آهي. ڪوبہ ڪم ٿي نہ ٿو سگهي. انهيءَ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونہ آهي، تہ اوهان وٽ رهان. وقت گذرندو وڃي ٿو، اُف! خبر نہ آهي تہ ڪيترو وقت ترسڻو پوندو.“

ڪوستيا ڪيس ليلائي چيو، تہ پريزيوان کي حڪم ڏي تہ مردو ٿي وڃي؟

انهيءَ کان سواءِ چارو نہ آهي. اسان کي پريزيوان سان واسطو قائم ڪرڻ گهرجي. مان پريزيوان سان. ڪوليا ڪتي کي حڪم ڏيڻ لڳو، تہ هن پنهنجون بازيون شروع ڪري ڏنيون.

هو کهرن وارن وارو ڪتو هو، سندس قد ۽ جسم پورو پنو هو. سندس وارن جو رنگ، ليلي جي گل جي رنگ جهڙو پورو هو ۽ سڄي اک کان انڌو هو. سندس کٻو ڪن چيريل هو. هو پوئنڪيو بہ ٿي ۽ ٽپا بہ ٿي ڏنائين. هو پنهنجي پوين ٽنگن تي بيٺو بہ ٿي ۽ گهميو بہ ٿي. هو ٽنگون هوا ۾ مٿي ڪري زمين تي ليٽي بہ ٿي پيو. هو ليٽڻ وقت ايڏو تہ خاموش ۽ سخت ٿي ويو، جو چڻ تہ مري ويو آهي. جيئن ئي سندس پويون کيل هلي رهيو هو، دروازو کليو ۽ آگافيا بيگم ڪراسوتڪين جي خادمہ، چاليهن ورهين جي مضبوط ڪرڙوڊ عورت، جنهن جي منهن تي ڪيئي ماتا جا داغ هئا، ظاهر ٿي. هوءَ بازار کان موٽي هئي ۽ سندس کٻي هٿ ۾ سودي سان ڀريل ڇٻي هئي. هوءَ خاموش بيهي رهي ۽ ڪتي کي ڏسندي رهي. جيتوڻيڪ ڪوليا سندس موٽڻ لاءِ بيحد منتظر هو، پر هن پنهنجي تماشي ۾ ڪابہ ڪٽر نہ وڌي. مقرر وقت لاءِ ڪيس مردي جي صورت ۾ رکڻ کان پوءِ، آخر هن سيٽي ڏني. ڪتو ٽپو ڏئي اٿيو ۽ خوشيءَ کان پيچ لوڏيندو رهيو، ڄڻ تہ هن پنهنجي فرض کي پوريءَ ريت سرانجام ڏنو هو.

”اهو خيال ڪر تہ هيءَ ڪتو آهي!“ آگافيا پُر معنيٰ لفظن ۾ ڪيس چيڀيو.

”عورت تو دير ڇو ڪئي آهي؟“ ڪراسوتڪين سختيءَ مان ڪيس چيو.

”هائو ڇوڪرا! تنهنجو هن سان ڪهڙو واسطو آهي، جي مان دير به ڪئي آهي. جيڪڏهن مان دير سان آئي آهيان. ته مون کي ان جي لاءِ ڪو سُهائيندو سبب هوندو.“ آگافيا پٽڪندي ڪيس چيو. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي وئي. سندس آواز ۾ نه ڪاوڙ هئي، نه ناراضپي جو اظهار. هوءَ بلڪل خوش ٿي ڏٺي. درحقيقت هو پنهنجي خوشنود ننڍڙي آقا سان مذاق ڪري رهي هئي.

”ڏيان ڏئي ٻڌ. مهمل ۽ پوڙهي عورت!“ ڪراسوتڪين صوفي تان اٿندي، ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”دنيا جي اندر، تون سيني پاڪ شين جو قسم کڻي چوندينءَ، ته تون منهنجي غير حاضريءَ ۾، هنن ٻارن جي چڱيءَ ريت خبرداري ڪندينءَ؟ مان ٻاهر وڃي رهيو آهيان.“

”پر مان قسم ڇا جي لاءِ کڻان؟“ آگافيا کلڻ لڳي.“ مان قسم کان سواءِ به هنن جي سنڀال ڪنديس.“

”نه، جيستائين تون پنهنجي غير فاني ايمان جو قسم نه کڻندينءَ، تيستائين مان نه وينديس.“

”نيڪ آهي نه وڃ. منهنجو انهيءَ سان ڇا بگڙندو. ٻاهر سخت سردي آهي، توکي گهر ۾ رهڻ گهرجي.“

”ٻارو“ ڪوليا ٻارن ڏي مڙندي چيو. ”هيءَ عورت اوهان جي سنڀال ڪندي، جيستائين مان موٽي اچان يا اوهان جي ماءُ موٽي اچي، ڇاڪاڻ ته ڪيس گهڻو وقت اڳ ۾ موٽڻ کپندو هو. هوءَ اوهان کي مزيداريءَ سان ڏينهن جو ڪاڏو ڏيندي. آگافيا تون به هنن کي ڪجهه ڏي. هائو نه؟“

”مان ڏينديس.“

”خداحافظ ٻارو! مان پنهنجي دل کي سڪون ڏيڻ لاءِ وڃان ٿو.“ هو جيئن آگافيا وٽان گذريو، ته ڪيس هلڪي آواز ۾ چوندو ويو، ته ”ناني! مون کي اميد آهي ته تون هنن جي ننڍڙي عمر کي خيال ۾ رکي، پوڙهين زالن وانگر، ڪيٽرينا جي بابت واهيات ڳالهيون نه ٻڌائيندئين.“ ان کان پوءِ هن ڪتي کي سڏ ڪيو، ته ”اچ پريزيوان!“

هن دفعي آگافيا، سخت غصي ۾ پرجي وئي ۽ ڪيس رڙ ڪري چيائين، ته ”عجيب ڇوڪرا، تون پنهنجو رستو وٺ. اهڙين ڳالهين ڪرڻ لاءِ توکي ڇهبڪ هڻڻ گهرجن. ها تون ڇاهين به اهو ئي ٿو.“

باب ٽيون

# اسڪول جو ڇوڪرو

پر ڪوليا ڪيس بڌوئي ڪونہ. آخر هو ٻاهر هليو ويو. جڏهن هو دروازي ڪان ٻاهر نڪتو، تہ ڇوڪري ڏسڻ لڳو. هن پنهنجي ڪلهن کي پيڪوڙيو ۽ چوڻ لڳو، تہ "برف ڄمي رهي آهي." هو سڌو گهٽيءَ ۾ هليو ويو ۽ سڄي پاسي مارڪيٽ ڏانهن مڙيو. جڏهن هو، ان گهر وٽ پهتو، جو ڇيڙي تي بلڪل مارڪيٽ جي لڳ هو، هو ان جي دروازي تي بيهي رهيو. کيسي مان سيٽي ڪڍيائين ۽ پوري زور سان ان کي وڄايائين. جڻ تہ کنهن کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ٿي ڏنائين. هو منٽ بہ نہ ترسيو، جو هڪ گلابي ڳلن وارو ڇوڪرو، جنهن جي عمر يارنهن ورهين جي لڳ ڀڳ ٿي ڏٺي، ڊوڙندو ساڻس ملڻ لاءِ آيو. کيس گرم، صاف، فيشن وارو ڪوٽ پهريل هو. هيءُ سيموروف هو، جو تياري ڪلاس ۾ هو. (ڪوليا ڪراسوتڪين کان بہ درجا هيٺ) وڏي عهدي واري آفيسر جو پٽ. سندس مائٽن جو کيس سخت تاڪيد هو، تہ هو ڪراسوتڪين سان صحبت نہ رکي. ڇو تہ هي بريءَ طرح شرير ڇوڪرو مشهور هو. ان ڪري سيموروف، خوف کان لڪندو ۽ ڇپندو آيو هو. جيڪڏهن پڙهندڙ کان وسري نہ ويو هجي، تہ هو انهن ڇوڪرن جي ٽولي مان هو، جن بہ مهينا اڳ اليوشا کي پٿر هنيا هئا، اليوشا جي باعث. مان تنهنجي لاءِ سخت انتظار ۾ هوس، ڪراسوتڪين." سيموروف کيس شيرين آواز ۾ چيو. ٻئي ٻار وڏا وڏا قدم کڻندا. مارڪيٽ ڏي هليا.

"مون کي دير ٿي وئي." ڪراسوتڪين، کيس جواب ڏنو. مان ڪن سببن جي ڪري ترسي پيو هوس. توکي مون سان گڏ هئڻ جي ڪري سزا تہ نہ ملندي؟

"اچ، مان توکي ٻڌايان ٿو، تہ مون کي ڪڏهن بہ مار نہ ملندي آهي. اچ تہ توسان پريزيوان بہ آهي؟"

"هائو."

"تون، هن کي بہ وٺي ٿو وڃين؟"

"هائو."

"او! جيڪڏهن فقط زهڪا هجي ها!"

"اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. زهڪا جو وجود ئي ڪونہ آهي. اهو تہ گمناميءَ جي ڏنڌ ۾ غائب ٿي ويو آهي.

"او! اسان ان کي هٿ نہ ٿا ڪري سگهون؟" سيموروف سڌو ٿي بيهي رهيو.

"ٻڌ ته، اليوشا چيو تي، ته زهڪا به ڊگهن وارن وارو، پوري ۽ ناسي رنگ جو پريزيوان وانگر هو. تون ڪيس اِيئن چو نه ٿو چوين ته هيءُ زهڪا آهي. هو توتي اعتبار ڪندو."

"ٻار، ڪوڙ ڪي ڇڏ. پهرئين ڳالهه. پر ان ۾ ڪو چڱو مطلب به هجي، ٻي ڳالهه. پر سڀ ڪان وڌيڪ هيءُ ڳالهه آهي، ته مان اميد ٿو رکان، ته تو ڪيس منهنجي اچڻ جو ڪوبه اطلاع نه ڏنو هوندو."

"خدا پناهه ڏي! توکي شايد خبر نه آهي، ته مان ڪهڙي قسم جو آهيان. پر تون ڪيس پريزيوان سان راضي نه ڪري سگهندين." سميوروف ٿڌو ساهه کڻي چيو. "تون سندس پيءُ ڪپتان کي ڄاڻين ٿو. "چپ تي ٺنڊڻ"! اسان کي ٻڌايو هو، ته هو اڄ ان جي لاءِ هڪ جوان، اصل، نسل وارو، ڪاري رنگ جو ڪتو آڻيندو. هن خيال تي ڪيو ته هو ڪيس آرام ڏيندو. پر مون کي ان ۾ شڪ آهي."

"پر اليوشا آهي ڪيئن؟"

"افسوس! سندس حالت خراب آهي. مان سمجهان ٿو، ته ڪيس سلهه آهي. هو بلڪل هوش ۾ آهي، پر ساهه کڻڻ ۾ تڪليف اٿس. سندس اهو نظام خراب تي پيو آهي. اڳئين ڏينهن تي هن چيو تي ڪيس بوٽ پارائي سڃي ڪمري ۾ گهمايو وڃي. هن گهمڻ لاءِ ڪوشش به ڪئي، پر هو بيهي نه سگهيو. جيئن مان توکي اڳ ۾ ٻڌايو هو. هن پيءُ کي چيو تي، ته اهو بوٽ چڱو نه هو. مان اُن سان چڱيءَ ريت گهمي نٿو سگهان. هن خيال تي ڪيو، ته انهن بوٽن جي سبب ئي هو پوري ريت بيهي نه ٿو سگهي، پر اها سندس ڪمزوري هئي. هو ٻيو هفتو جيئرو رهي نه سگهندو. هرزينسٽيوب سندس علاج ڪري رهيو آهي. هو وري شاهوڪار تي ويا آهن ۽ وٽن دولت جو ڪافي ڍير آهي."

"هيءُ سيئي گهٽيا آهن."

"ڪير گهٽيا آهن؟"

"ڊاڪٽر! هيءُ سيئي ۽ فرداً فرداً. سڄو ئي قافلو! مون کي دوائن تي ڪوبه ويساهه نه آهي. هيءُ بيڪار ادارو آهي. منهنجو مطلب آهي، ته مان انهن جو مطالعو ڪريان. مون کي نظر اِيئن ٿو اچي، ته تون اتي هر روز ويندو آهين؟ معلوم اِيئن ٿو ٿئي، ته سڄو ڪلاس روز وٽس ويندو رهندو آهي."

"سڄو ڪلاس ته نه، پر اسان مان ڏهه ڇوڪرا فقط ڪيس هر روز ڏسڻ لاءِ ويندا آهن. هن ۾ ڪا خاص ڳالهه ته ڪانه آهي."

”ڇا، مان سمجهي نہ ٿو سگهان، تہ هن سچي ڪارنامي ۾ اليڪسي ڪرامازوف ڇو اهم حصو وٺي رهيو آهي. سندس ڀاءُ تي سياٽي يا پرينهن اهڙي ڏوهہ ۾ مقدمو هلندو، جو نهايت نازڪ آهي، پر ان هوندي بہ هو الائجي ڪهڙي خيال ڪان ٻارن ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺي رهيو آهي.“

”هن ۾ نرم مزاجي ۽ رحم دليءَ جو ڪهڙو سوال آهي؟ تون هاٽي ڀاڻ وڃين ٿو ۽ اليوشا جي حالت ڪي خود ٿي ڏسندين ۽ ناهہ ڪندين.“

”ساٽس ناهہ ڪري رهيو آهيان. ڪهڙو نہ بي معنيٰ جملو آهي! پر مان ڪنهن ڪي بہ اجازت نہ ڏيندس، تہ هو منهنجي عمل جي تفريق ڪري.“

”اليوشا توکي ڏسي، ڪيڏو نہ خوش! ٿئي، ڪيس ڪوبہ خيال نہ هو، تہ تون وٽس ويندين. ايئن ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ هن سموري وقت ۾ تون ان ڏي ڪونہ ويو آهين.“ سميوروف اوچتو گرم جوشيءَ سان چيو.

”منهنجا پيارا ٻار! هيءَ منهنجو عمل آهي، نہ تنهنجو. مان ڀاڻ ٿي ان ڏي وڃان ٿو. ڇاڪاڻ تہ مان ٿي اهو انتخاب ڪيو آهي. پر اوهان ڪي تہ اليڪسي ڪرامازوف دعوت ڏئي وٺي ويو آهي. هيءُ وڏر تفاوت آهي، جنهن ڪي تون سمجهي سگهين ٿو. مان تہ ايئن ڪونہ ڪري رهيو آهيان، تنهنجو اهو بيوقوفيءَ جو جملو آهي.“

”اهو ڪرامازوف جو ڪم نہ آهي. اسان جا سنگتي پنهنجو ڀاڻ ان ڏي ويا آهن. بيشڪ هو پهريائين ڪرامازوف سان گڏجي ويا هئا. انهيءَ ۾ تہ ڪا اربع خطا ڪانہ آهي. پهريائين هڪ ويو ۽ پوءِ ٻيو. سندس پيءُ اسان ڪي ڏسي بيحد خوش ٿيو. توکي خبر هئڻ کپي، تہ جيڪڏهن اليوشا مري ويو، تہ هو چريو ٿي پوندو. هو ڏسي ٿو تہ اليوشا مري رهيو آهي. هو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، جو اسان اليوشا سان راس ٿي وياسون. اليوشا تنهنجو بہ احوال پڇيو هو ۽ ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪئي هئائين. سندس پيءُ ڪانئس پوءِ يا خودڪشي ڪندو يا چريو ٿي پوندو. هن اڳ ۾ بہ چرين جهڙو نمونو ڏيکاريو آهي. توکي خبر هئڻ کپي، تہ هو نهابت معقول ماڻهو آهي. اسان ڪان اڳ ۾ غلطي ٿي هئي. هيءَ سڀ ان قاتل جي خطا هئي، جنهن ڪيس ماريو هو.“

”ڪرامازوف، ساڳي وقت منهنجي لاءِ هڪ ڳجهارت آهي. مان جيڪر هن سان پنهنجي واقفيت، گهڻو وقت اڳ ۾ پيدا ڪريان ها، پر ڪن حالتن ۾، مان پوري پوري خودداريءَ ڪي پسند ڪندو آهيان. ان ڪان سواءِ، مون وٽ ان جي لاءِ هڪ نظريو آهي، جنهن تي مان ڪم ڪري جاچ ڪندس.“

ڪوليا، شاندار خاموشيءَ سان چپ ٿي ويو. سميوروف بہ خاموش ٿي ويو. حقيقت ۾ سميوروف ڪراسوتڪين جي پوڄا ڪندو هو، هن خواب بہ نہ ٿي لڌو تہ

سائنس الجهي سگهي. هاٽي هو ڪوليا جي هن قول ۾ بيحد دلچسپي وٺي رهيو هو، تہ "هو ڀاڻ اليوشا کي ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهي. هن محسوس ڪيو تہ ڪوليا جنهن ريت، اڄ ان کي ڏسڻ لاءِ وڃي ٿو، ان ۾ سندس ڪو راز ضرور آهي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ خيال اوچتو سندس دماغ ۾ اچي جاڳير ٿيو هو. هو مارڪيٽ کان اڳتي وڌيا، جنهن ۾ ان وقت ڪيترا گاڏا سامان سان ڀريل ڀهراڙيءَ کان آيل ٿي ڏٺا. انهن مان گهڻن ۾ جيئريون ڪڪڙيون ٿي ڏٺيون. مارڪيٽ ۾ عورتون ڳوٺا، ڪپهہ ۽ ڌاڳا وڪڻي رهيون هيون. مارڪيٽ جي اندر هميشه آچر جو ڏينهن ميلو شمار ٿيندو آهي ۽ سال ۾ اهڙا ميلا گهٽائي لڳندا آهن."

ڀريزيوان وحشياڻي رنگ ۾ ڊوڙندو ٿي ويو. ڪڏهن هڪ طرف ٿي سنگهيائين تہ ڪڏهن ٻئي طرف. جڏهن هو ٻين ڪتن سان گڏيو ٿي، تہ نهايت پيار سان هڪٻئي کي سنگهيائون ٿي، جو وحشي جانورن جو دستور آهي.

"مان هن حقيقت پسنديءَ جي اظهار جي منظر کي نهايت پسند ڪندو آهيان، سميوروف،" ڪوليا اوچتو چيو. "تو ڪڏهن ڏٺو آهي، تہ ڪتا جڏهن هڪٻئي سان گڏبا آهن، تہ هو هڪٻئي کي سونگهندا آهن؟ اهو سندن فطرت جو ڪو قانون آهي."

"هائو! هي عجب ۾ وجهندڙ شيءِ آهي."

- "نہ، اها ڪا عجب ۾ وجهندڙ حقيقت نہ آهي. تون غلط آهين. فطرت ۾ ڪا بہ عجب ۾ وجهندڙ شيءِ ڪانہ آهي. شايد انسان وٽ سندس بيجا تعصب جي باعث هيءَ عجيب شيءِ سمجهي وڃي. جيڪڏهن ڪتن وٽ دليل بازي ۽ تنقيد جو عنصر هجي ۽ ان سان اسان کي پرکن. تہ هنن وٽ اسان جي بابت ڪيتريون ئي عجيب حقيقتون نروار ٿي پون. جيڪڏهن وڌيڪ نہ، تہ وٽن فقط انساني سماجي تعلقات ئي ڪافي آهن. يعني سندن آقا. مان هن حقيقت کي وري دهرايان ٿو. ڇاڪاڻ تہ مان هن حقيقت جو قائل آهيان، تہ اسان ۾ انهن کان وڌيڪ بيوقوفي موجود آهي. اهو ريڪٽن جو خيال آهي- انوکو خيال! مان اشتراڪيت پسند آهيان، سميوروف."

"اشتراڪيت پسند ڇا آهي؟" سيموروف ڪانئس پڇيو.

"هن جو مطلب آهي، مساوات ۽ هڪجهڙائي. سڀني جي ملڪيت ۾ هڪ جهڙو حصو. پلي تہ ڪنهن جو ڪهڙو بہ مذهب ۽ قانون هجي، جنهن کي هو چاهي، ۽ ٻيون بہ ڳالهيون. تون اڃا ننڍو آهين، ۽ انهن ڳالهين کي سمجهي نہ سگهندين. اڄ ڪافي سردي آهي."

"هائو. پارو ٻارنهن ڊگرين تي پهتو آهي. منهنجي پيءُ هاٽي ٿرماميٽر کي ٿي ڏٺو."

"سميوروف، تو ڪڏهن هن حقيقت ڏي ڌيان ڏنو آهي، تہ سياري جي درمياني عرصي ۾، اسان کي ٿڌ جو ايترو احساس نہ هوندو آهي، جڏهن تہ پارو پندرنهن ۽

ارڙنهن ڏگرين تي هوندو آهي، پر هاڻي سياري جي شروع ۾ هن کي وڏيڪ محسوس ڪيو وڃي ٿو. اها اوچتي تبديلي آهي، جو پارو ٻارهن درجن تي وڃي پهتو آهي. جڏهن ته ڪا وڏيڪ برفباري به نه ٿي آهي. ان جو سبب آهي ته ماڻهو هن تي اجا نه هريا آهن. انسان وٽ هر شيءِ جي عادت ٿئي ٿي، پوءِ اها ڇو نه سماجي يا سياسي هجي. عادت ۾ هير هڪ وڏي تحرڪ ۾ آڻيندڙ طاقت آهي. هن ڳوناٽي هاريءَ تي نگاهه وجهه، ڪيڏو نه ڪِل جهڙو ٿو نظر اچي."

ڪوليا هڪ ڊگهي قد واري هاريءَ ڏي اشارو ڪيو. سندس مهاندي مان سندس طبعيت چڱي ٿي ڏني. ڪيس ڊگهي رڍ جي کل جي پوستين پهريل هئي. هو پنهنجي گاڏيءَ جي پرسان بيٺو هو ۽ پنهنجي بدنما چمڙيءَ جي دستانن ۾ ڍڪيل هٿن کي گرمي پهچائڻ لاءِ هڪبئي سان مهٽي رهيو هو. سندس ڊگهي ڏاڙهي يخ زده ٿي ڏني.

"هن هاريءَ جي ڏاڙهي ڄمي وئي آهي." ڪوليا جيئن وٽانئس گذريو، وڏي آواز ۾ رڙ ڪندو چوندو ويو.

"گهڻن ئي ماڻهن جون ڏاڙهيون ڄمي ويون آهن." هاري تحمل ۽ آب تاب سان جواب ڏنو.

"هن کي نه چيڙاءِ." سميوروف خيال ڪندي کيس چيو.

"ٺيڪ آهي. هيءُ ڪونه چڙندو. هيءُ چڱو ماڻهو ٿو ڏسجي. خدا حافظ ماتوئي."

"خداحافظ!"

"ڇا تنهنجو نالو ماتوئي آهي؟"

"هائو. ڇا توکي خبر نه آهي؟"

"نه، مون کي خبر نه آهي، اها منهنجي اٽڪل بازي آهي."

"ايئن نه چئو، تون اسڪول جو ڇوڪرو ڏسڻ ۾ ٿو اچين؟"

"هائو."

"مون کي اميد آهي، ته توکي ڇهبڪ هنيا ويندا هوندا؟ مان ايئن ٿو سمجهان."

"انهيءَ جي ڳالهه ئي ڇو ٿو ڪرين، ڪڏهن، ڪڏهن."

"اهي توکي ايذاءُ ڏيندا آهن؟"

"هائو، ايئن برابر آهي."

"اف، اهائي ته زندگي آهي!" هاري پنهنجي دل جي گهرائين مان هڪ ڊگهو ٿڌو ساهه کنيو.

"خداحافظ ماتوئي!"

"خداحافظ! تون هڪ وڻندڙ ڇوڪرو آهين."

ڇوڪرا اڳتي وڌي ويا.

”هيءُ مزيدار ڳوناٽو هاري هو.“ ڪوليا سميوروف کي چيو. ”مان اهڙن هارين سان گفتگو ڪرڻ پسند ڪندو آهيان ۽ ساڻن انصاف ڪرڻ ۾ مون کي هميشه خوشي ٿيندي آهي.“

”تو! اهو ڪوڙ ڇو ڳالهايو. ته اسڪول ۾ اسان کي مارون ملنديون آهن!؟“ سميوروف ڪانئس پڇيو.

”مان فقط کيس راضي ڪرڻ لاءِ ايئن چيو.“

”انهيءَ کان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”سميوروف توکي خبر آهي، ته مون کي اها ڳالهه ناپسند هوندي آهي، ته مون کان ڪو ساڳيو سوال ٻه دفعا پڇي. مان چاهيندو آهيان، ته ماڻهو پهرئين دفعي سان سمجهي وڃي. ڪي شيون اهڙيون هونديون آهن، جن جي تشريح نه ڪري سگهبي آهي. ڳوناٽن جي خيال موجب اسڪول ۾ ٻار کي ماريو ويندو آهي ۽ کيس ضرور ڇهبڪ هنيا ويندا آهن. اهو اسڪول جو ڇوڪرو ئي ڪهڙو، جنهن کي ڇهبڪ نه هنيا ويا هجن؟ جيڪڏهن مان کيس چوان ها. ته ايئن نه آهي، ته هو نااميد ٿي وڃي ها. پر توکي هيءَ خبر نه آهي، ته ڳوناٽن هارين سان ڪهڙي ريت ڳالهائجي.“

”مهرباني ڪري تون هنن کي نه ڇيڙاءِ، نه ته وري ٻيءَ مصيبت ۾ ڦاسي ويندين، جيئن بدڪ جي معاملي ۾ ٿيو هو.“

”تڏهن توکي خوف ته ٿئي؟“

”ڪوليا کل نه. بيشڪ! مان ڊنل آهيان. منهنجو پيءُ ڏاڍي ڪاوڙ ڪندو. مون کي توسان گڏ گهمڻ کان سختي سان منع ڪئي وئي آهي.“

”پريشان نه ٿيءُ، هن ڀيري ڪجهه به نه ٿيندو.“ اڙي متاشا! هن ٻڙيءَ ۾ هڪ وينل عورت کي سڏ ڪيو.

”مون کي متاشا ڪري ڀلي سڏ ڪر! توکي ٻيو ڇا کپي! منهنجو نالو ماريا آهي.“ ڪرڙوڊ مارڪيٽ جي عورت، سندس منهن ۾ رڙ ڪري چيو.

”هيءَ ماريا آهي، مان اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. خداحافظ.“

”اڙي ننڍڙا بيوقوف! تو جهڙو ڇوڪرو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري.“

”مان تڪڙو آهيان. مان وڌيڪ ترسي نه ٿو سگهان. وڌيڪ مون کي ٻي آچر تي ٻڌائجان.“ ڪوليا پنهنجي هٿ کي لوڏي کيس سلام ڪيو. ڄڻ ته ان عورت مٿس حملو ڪيو هو.

”مون کي بي آچر تي، توکي ڪجھ بہ ٻڌائڻو نہ آهي. تون مون تي چٽرون ڪري رهيو آهين، ننڍڙا باندر! مان توکي بيو ڪجھ بہ نہ چونديس.“ ماريا غصي مان ڪيس چيو. ”تون مار کائڻ تو گهرين. اها شيءِ توکي ڪيپي تي واهيات!“

سندس چوڌاري مارڪيٽ جي بين زالن ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو. اوچتو هڪ ماڻهو سخت غصي ۾، پري واري دڪان جي محراب کان ڊوڙندو باهر آيو. هو نوجوان هو ۽ شهر جو وينل نظر نہ تي آيو. سندس ڪارا، ڊگها ۽ گهنديدار وار هئا. سندس چهرو زرد هو. جنهن تي ماتا جا داغ هئا. ڪيس ڊگهو نيرو ڪوٽ پيو هو ۽ سندس مٿي تي ڪناري دار ٽوپي هئي. ڏسڻ ۾ هو، ڪنهن واپاريءَ جو منشي تي نظر آيو. هو بيوقوفي جهڙي جوش ۾ پريل تي نظر آيو ۽ ڪوليا تي پنهنجو نوئنشو الاريائين.

”مان توکي سڃاڻان تو.“ هن ڪيس غصي مان چيو. ”مان توکي سڃاڻان تو.“

ڪوليا عجب مان ڪيس ياد نہ تي آيو. تہ هن جو ۽ سندس ڪٿي مڪان ميلو ٿيو هو. هن گهڻين ۾ ايترا تہ حادثا ڏٺا هئا، جو هن جي لاءِ بيحد مشڪل هو، جو انهن جي يادگيري رکي سگهي. ڪانئس مسخراڻي آواز ۾ سوال ڪيائين، تہ ”تون مون کي سڃاڻين تو؟“ هن ڪيس وري بہ ساڳي بيوقوفيءَ واري آواز ۾ چيو تہ ”هائو، مان توکي سڃاڻان تو.“

”سڃاڻندو هوندين، نيڪ آهي. پر هن وقت مون کي ترسڻو نہ آهي. خداحافظ.“

”تون وري پنهنجي جنجالي شرارتن تي آيو آهين.“ ان رڙ ڪري چيو. ”مان سمجهان تو، تہ تون وري پنهنجي حرڪتن تي لهي آيو آهين.“

”اهو تہ تنهنجو ڪم نہ آهي پاءُ. جيڪڏهن مان وري جنجالي شرارتن تي لهي آيو آهيان.“ ڪوليا خاموش بينو رهيو ۽ ڪيس توريندو رهيو.

”منهنجو ڪم نہ آهي؟“

”نہ، اهو تنهنجو ڪم نہ آهي.“

”تڏهن ڪنهن جو ڪم آهي، تڏهن ڪنهن جو ڪم آهي؟“

”اهو تريفان نڪيتيچ جو ڪم آهي، نہ تنهنجو.“

”ڪهڙو تريفان نڪيتيچ!؟“ ان نوجوان ڪانئس پڇيو. هو ڪوليا کي عجب مان نهاريندو رهيو، پر هو اجا ڪافي غصي ۾ تي ڏٺو.

”تون ڪڏهن اسينشن جي ديول ۾ ويو آهين؟“ هن اوچتو ڪانئس پڇيو. سندس آواز مان سختي تي ڏٺي.

”ڪهڙي اسينشن جي ديول! ڇا جي لاءِ؟ مان ان کي ڪونہ ڏٺو آهي.“ هو ڪيتري قدر روڪجي ويو هو.

"تون سامانيوف کي سڃاڻين ٿو؟" ڪوليا اڳي کان وڌيڪ سخت ۽ تحڪماڻي آواز ۾ چيو.

"ڪهڙو سامانيوف؟ مان ڪيس نہ سڃاڻان."

"جيڪڏهن ايئن آهي، تہ وڃي ڪڏ ۾ پئو. ڪوليا پنهنجي گفتگوءَ کي مختصر ڪندي چيو. تيزيءَ سان هن سڄي پاسي مڙندي چيو، تہ "ان ماڻهوءَ سان ڪهڙو ڳالهائڻ آهي، جو سامانيوف کي بہ نہ ٿو سڃاڻي؟" هو وڏا وڏا قدم کڻي اڳتي هلڻ لڳو، ڄڻ تہ ڪيس هن سان وڌيڪ گفتگو ڪرڻي نہ هئي."

اهو ماڻهو هاڻي ڄڻ تہ هوش ۾ اچي ويو هو ۽ سخت پريشان ٿي رڙ ڪري چيائين تہ، "صبر ڪر، اڙي ڪهڙي سامانيوف جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟"

اُن کان پوءِ دڪاندار عورتن ڏي منهن ڪيائين ۽ احمقاڻي طرح اُنهن ڏي نهاريندي پڇيائين، تہ "هوُ ڇا چئي رهيو آهي؟"

عورتن ۾ وري ٺهڪڙو مچي ويو. انهن مان هڪ ڪيس چيو، تہ "هيءُ عجيب ٻار آهي."

هڪ عورت کي چيو تہ "سامانيوف شايد اُهو هجي، جو ڪوزمچيف جي نوڪري ۾ هو." نوجوان ڪيس وحشياڻي طرح نهارڻ لڳو.

ٻي عورت وري دهرايو تہ "ڪوزمچيف وٽ جو ماڻهو هو، اُن جو نالو تہ تريفان هو. سندس نالو ڪزما آهي. پر هن ٻار سندس نالو تريفان نڪيتي ورتو. ٿي سگهي ٿو، تہ اهو ساڳيو هجي."

"اُن جو نالو تريفان آهي. نہ سامانيوف پر چيزوف آهي." ٽئين عورت ڳالهائيندي چيو. ڇا ڪيتري وقت کان خاموش هئي ۽ هنن جي گفتگوءَ کي بردباري سان ٻڌندي ٿي رهي. "سندس پورو نالو اليڪسي ايوانچ چيزوف آهي." هن وري دهرايو.

"اهو چيزوف آهي. هن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي." چوٿين عورت يقين سان ان جو يقين ڏياريو.

منجهيل نوجوان، هڪ کي ڏسي، وري ٻئي ڏي ٿي نهاريو.

هن بلڪل نااميديءَ ۾ رڙ ڪري چيو تہ "نيڪ انسانو! آخر هن ڳالهہ ڪرڻ مان، سندس مطلب ڇا هو؟ هن پڇيو تہ تون سامانيوف کي ڄاڻين ٿو. ڪهڙي شيطان کي ضرورت پئي آهي، تہ هوُ سامانيوف کي ڄاڻي؟"

"تون هڪ بيوقوف ماڻهو آهين. مان توکي ٻڌايان ٿي، تہ هو سامانيوف نہ آهي، پر چيزوف اليڪسي ايوانچ چيزوف." انهن مان هڪ عورت نالي تي زور ڏيندي واڪو ڪري چيو.

”کھڙو چيزوف؟ هوُ ڪير آهي؟ جيڪڏهن تون ان کي ڄاڻين ٿي، تہ مون کي اُن جي لاءِ ڪجهہ ٻڌاءِ؟“

”هو هڪ ڏگهي قد وارو ماڻهو آهي، جنهن کي وار نهايت گهاٽا آهن. هن سال هو بازار ۾ ايندو رهندو هو.“

”نيڪ انسانو! آخر اوهان جي چيزوف سان منهنجو ڪهڙو ڪم؟“

”اسان کي ڪهڙي خبر تہ تنهنجو اُن سان ڪهڙو واسطو آهي؟“ هڪ عورت کيس چيو.

”اهو توکي پاڻ ڄاڻڻ گهرجي، تہ تنهنجو اُن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ اهو تو ئي تہ جنجال پيدا ڪيو آهي. هن توسان ٿي ڳالهايو، اسان سان تہ نہ ٿي ڳالهايو بيوقوف! تون سچ پچ هن کي نہ ٿو سڃاڻين؟“

”ڪنهن کي نہ ٿو سڃاڻان؟“

”چيزوف“.

”شال! چيزوف ۽ اوهان کي شيطان پاڻ سان وٺي وڃي. ڪيس سبق سيکاريندس، هوُ مون تي کلي رهيو هو.“

”تون چيزوف کي سبق سيکاريندين؟ ٿي سگهي ٿو هو تو کي سبق سيکاري. تون تہ احمق ٿو نظر اچين!“

”چيزوف نہ، چيزوف نہ! اوهين نفرت جهڙيون شرير عورتون! مان هن ڇوڪري کي سبق سيکاريندس. پڪڙيوس، پڪڙيوس، هيءُ مون تي کلي رهيو هو.“

عورتون کلي رهيون هيون، پر ڪوليا گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو. هو خوشيءَ مان اڳتي ڏوڪيندو ٿي ويو. سميوروف سندس پاسي ۾ پنڌ بہ ڪندو ٿي ويو ۽ چوڌاري اُن مجموعي کي ڏسندو بہ ٿي ويو، جي سندن پويان واڪا ڪندا ٿي رهيا. هوُ پاڻ مزي ۾ هو. جيتوڻيڪ کيس خوف بہ پئي ٿيو، تہ هو ڪوليا جي دوستي ۾ ڪنهن شرارت ۾ ڦاسي نہ پوي.

”سامانيوف ڪان تنهنجو مطلب ڇا هو؟“ هن ڪوليا کان انهيءَ لاءِ پڇيو تہ ڪانئس جواب ڪهڙو ٿو ملي.

”توکي ڪهڙي خبر. مان ئي هن حقيقت کي ٿو ڄاڻان. هاڻي سڄو ڏينهن هنن جي وچ ۾ اها بڪ بڪ پئي هلندي. مان چاهيندو آهيان، تہ سماج جي هر قسم جي بيوقوف انسان کي ڇيڙيندو رهان. مون کي انهيءَ ۾ مزو ايندو آهي. اڄهو هوُ وري بيو بي مغز ڪڙمي ٿو نظر اچي. ٻڌندا آهيون، تہ فيرنيچ کان وڌيڪ ڪو بيو بيوقوف نہ ٿيندو آهي. پر بيوقوف روسي جي چهري ۾ بہ گهڻو ڪجهہ نظر ٿو اچي. تون هن ڪڙمي جي چهري مان نہ ٿو سمجهين تہ هوُ ڪهڙي قسم جو بيوقوف آهي!“

"چڱي ڏينس ڪوليا، اڄ تہ هلون."

"مون کي هاٿي کو بہ روڪي نہ ٿو سگهي، مان هاٿي ارادو ڪري چڪو آهيان. هان صبح بخير ڪڙمي!"

هوُ هڪ مضبوط، گول منهن وارو سادو ڪڙمي ٿي ڏنو. سندس ڏاڙهي گهاٽي ۽ پوري هئي، هو پاسو ونيو پئي ويو. سلام تي هن پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو ۽ ڇوڪري ڏي ڏٺائين. هوُ ايترو سنجيده نہ ٿي ڏنو.

"صبح بخير، جيڪڏهن اوهان مون سان مذاق ته ڪري رهيا اهيو؟" هن ڇائي واٽي اهو جواب ڏنو.

"پر جيڪڏهن مان اِيئن ڪريان تہ!" ڪوليا کلندي چيو.

نيڪ آهي، مذاق، مذاق آهي. پلي ڪل. مون کي دل ۾ نہ ٿيندو. مذاق ۾ ڪو حرج بہ نہ آهي."

"مان توکان معافي ٿو گهران. اهو مذاق هو."

"نيڪ آهي. خدا توکي معاف ڪري."

"تون بہ مون کي معاف ڪندين؟"

مان توکي پوري ريت معاف ڪريان ٿو. پلي وڃ."

"مان چوان ٿو تہ تون سياڻو ڪڙمي آهين!"

"توکان بہ سياڻو." ڪڙميءَ ڪيس اميد جي خلاف ساڳي ڪشش سان جواب ڏنو

"مون کي هن ۾ شڪ آهي،" ڪوليا پاڻ تي ضابطو رکندي چيو.

"شايد اهو سچ هجي."

"اِيئن ئي آهي."

"سچ ٿو چوين ياءُ."

"خدا حافظ ڪڙمي."

"خدا حافظ."

دنيا ۾ هر ڪنهن قسم جا ڪڙمي ٿين ٿا. ڪوليا سميوروف وٽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. مان ڪيئن ڄئي سگهان، تہ هڪ داناءَ کي مون پنهنجو نشانو ٿي بڻايو. مان هميشہ هارين ۾ سندن سمجهہ ۽ فهم کي پرکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان."

پري ديول جي گهڙيال ساڍا يارنهن وڄايا. ڇوڪرا هاٿي تکڙا ٿيا ۽ تيزيءَ سان ڪپتان سنيگريوف جي گهر ڏانهن روانا ٿيا. جو اُتان ڪافي مفاصلي تي هو. هوُ تيزي سان ٿي ويا ۽ خاموش هئا. اُن گهر کان ويهہ قدم پري، ڪوليا ترسيو ۽ سميوروف کي چيائين، تہ تون اندر وڃ ۽ ڪرامازوف کي نياپو ڏي، تہ هو هيڏي اچي.

”ڀهريائين ماڻهوءَ کي هيڏي هوڏي ڏسڻ گهرجي“ هن سميوروف کي چيو.

”مان هن کي ڇو چوان ته ٻاهر اچي؟“ سميوروف اعتراض ڪندي چيو. ”هو ته توکي ڏسي حد کان وڌيڪ خوش ٿيندا. هن ڪوهيڙي ۾ ڪهڙي ضرورت پئي آهي. ته ٻاهر ڪنهن سان دوستيءَ کي ڳنڍيو وڃي.“

”مان ئي ڄاڻان ٿو. ته ڇو ساڻس هن پاري ۾ ملڻ گهران ٿو؟“ ڪوليا آمراڻي اواز ۾ کيس قطع ڪندي چيو. هو هن طريقي کي ننڍن ٻارن جي حالت ۾ ڪم آڻڻ جو شوقين هو. سميوروف سندس خواهش موجب ڊوڙيو.

باب چوٿون

# وچايل ڪتو

ڪوليا وڏي شان سان لوڙهي ڪي ٽيڪ ڏئي اليوشا جي ظاهر ٿيڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺي رهيو. هاڻ ڪيس ساڻس ملڻ جي گهڻي وقت کان خواهش هئي. هن اُن جي بابت ٻارن کان گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌيون هيون. پر اُن هوندي به سندس روش اُن بابت بي اعتباريءَ ۽ نفرت انگيز هئي. جڏهن به سندس سامهون اُن جو نالو ٿي ورتو ويو، ته سندس پيشانيءَ ۾ گهنج ٿي پيا ۽ اُن جي بابت جو به ٻڌائين ٿي، اُن تي تنقيد ٿي ڪيائين. اُن هوندي به سندس خواهش هئي، ته ساڻس واقفيت پيدا ڪري. وٽس جو ڪجهه به اليوشا جي لاءِ چيو ٿي ويو، اُن ڪي سندس توجهه جذب ٿي ڪري ورتو. اُن ڪري هيءَ گهڙي هاڻي نهايت اهميت واري هئي. واقفيت جي شروع ۾ هن چاهيو ٿي، ته هو ڪيس لائق ٿي ڏيکاري ۽ آزاد ٻڻجي وڃي. نه ته بي صورت ۾ هوُ ڪيس تيرهن ورهين جو ڇوڪرو ئي سمجهندو، جيئن ٻيا ڇوڪرا آهن. وٽس ٻيا ڇوڪرا ڪهڙي حيثيت رکن ٿا. هن خيال ڪيو ٿي، ته ”جڏهن ساڻس ملندس، ته ڪانئس پڇندس. افسوس جو مان قد جو بندرو آهيان. سيڪوف مون کان عمر ۾ ننڍو آهي، پر سندس ڳچي مون کان ڊگهي آهي. هن لاءِ افسوس ٿو ٿئيم. منهنجي چهري مان دانائيءَ جو اظهار ٿو ٿئي، جيتوڻيڪ مان خوبصورت نه آهيان. مان ڄاڻان ٿو ته مان بدنما آهيان پر منهنجو چهرو سياڻپ وارو آهي. مون کي ساڻس آزاد ٿي نه ڳالهائڻ گهرجي. نه ته هو سمجهندو ته مان سندس پاڪر ۾ ڪهڙو نه آساني سان اچي ڪريو آهيان. اُف اهو ڪيڏو نه خطرناڪ خيال ٿيندو......“

اهي خيال هئا، جي ڪوليا جي دل ۾ هلچل مچائي رهيا هئا. اُن حالت ۾ به هن خيال ٿي ڪيو، ته پاڻ کي مستقل خيال وارو ٻڌائي. ڪس فقط اهو خيال تڪليف ڏيئي رهيو هو، ته هوُ قد جو بندرو آهي، ڪيس سندس چهري جي بدنما هئڻ جو ڪوبه فڪر نه هو. هڪ سال اڳ ۾ هن پنهنجي گهر ۾ پٽ تي هڪ ڪُنڊ ۾ پنهنجي قد جو نشان پينسل سان ڏنو هو. ان کان پوءِ هن هر ٻئي مهيني نهايت انتظار سان پنهنجي ماپ ٿي ڪئي، ته سندس قد ڪجهه وڌيو به آهي يا نه؟ پر افسوس ته هوُ نهايت سست رفتاريءَ سان ٿي وڌيو، جنهن ڪي ڏسي هو نااميديءَ سان پرجي ٿي ويو. سندس چهرو سچ پچ بدنما هو، پر اُن جي برعڪس ڪشش وارو هو. خوبصورت ڪل، جنهن تي پورا داغ هئا. سندس ننڍڙيون، جاندار ڀوري رنگ واريون اکيون، جن مان بي خوف نگاهون ٿي ڏنيون. اڪثر هوُ اندروني جذبن سان جهلڪنديون ٿي رهيون. سندس

ڳلن جا هڏا، اُپريل تي ڏنا. چپ تمام سرخ پر ٿلها هيس. سندس نڪ ننڍو هو، پر غلطي جهڙو مٿي وريل هو. هو هميشه چوندو هو، ته مون کي رواجي ۽ بينو نڪ آهي. ڪوليا جڏهن آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏسندو هو، ته پڙ پڙ ڪري ڪجهه چوندو هو ۽ اڪثر اُن کي به نفرت مان ڇڏي ويندو هو. "پر مون کي دانائيءَ سان ڀريل چهرو نه آهي؟" هو پاڻ کان پڇندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن هن حقيقت کي به شڪ سان ڏسندو هو. پر ايئن سمجهڻ نه گهرجي، ته سندس دل ۽ سندس چهري ۽ قد جي الجهن ۾ ڦاسي تي ويو. پر اُن جي برعڪس جيتوڻيڪ آئيني جي سامهون سندس پريشان گهڙيون تي گذريون، جن کي هن هڪدم وساري تي ڇڏيو ۽ ڪيتري مدت کان ڪائنس وسريل تي رهيون. هن پاڻ کي اهڙين ڳالهين ۾ مشغول تي رکيو، جي ڪيس حقيقي زندگيءَ ڏانهن وني تي ويون ۽ جن کي هن پنهنجي اُصول جي ضابطي ۾ آڻڻ تي گهريو.

اليوشا هڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪوليا ڏي وڌيو. انهيءَ کان اڳي جو هوُ وٽس پهچي، ڪوليا ڏنو ته هوُ بلڪل خوش تي نظر آيو. "ڇا هوُ مون کي ڏسي ايترو خوش ٿيو آهي؟" هوُ عجب ۾ پئجي ويو ۽ خوش ٿيڻ لڳو. اسان کي هتي هيءُ ياد رکڻ گهرجي، ته اليوشا جي چهري ۾، جڏهن اسان ڪيس آخري دفعي ڏٺو هو، هاڻي بلڪل پوريءَ ريت تبديلي اچي چڪي هئي. هن پنهنجي راهباڻي قبا کي لاهي ڇڏيو هو ۽ ڪيس هاڻي عمدو وضع قطع وارو ڪوٽ پهريل هو. هڪ نرم ۽ گول ٽوپي سندس مٿي تي هئي ۽ وار ننڍا ڪٽيل هئا. هي سڀئي ڪيس ٺهيا تي ۽ هوُ پوريءَ ريت خوبصورت تي لڳو. سندس دلڪشيءَ ۽ دلفريب چهري مان نيڪ مزاجيءَ جو اظهار هميشه پئي تي بکيو، پر سندس خوش مزاجيءَ مان شريفاڻي اطوار ۽ سنجيدگي صاف تي ڏني. ڪوليا کي هيءُ ڏسي عجب تي لڳو، ته هوُ اوورڪوٽ کان سواءِ ئي ٻاهر نڪري ساڻس ملڻ لاءِ آيو هو. هوُ سچ پچ تڪڙ ۾ نڪري آيو هو. هن هڪدم پنهنجو هٿ ڪوليا سان ملڻ لاءِ وڌايو.

"تون آخر اچي وئين. اسان ڪيترو نه تنهنجي انتظار ۾ هئاسون."

"ڪي اسباب هئا، جن کي تون هاڻي سڻئون سڌو ٻڌندين. ڪيئن به هجي مان خوش آهيان، ته توسان واقفيت تي آهي. مان گهڻي وقت کان موقعي جي اميد تي رکي ۽ تنهنجي لاءِ گهڻو ڪجهه ٻڌو اٿم." ڪوليا ساهه کڻڻ سواءِ ڳڪندو رهيو.

"اسان کي ڪنهن نه ڪنهن طرح هڪٻئي سان ملڻ کپندو هو. مان پڻ تنهنجي لاءِ گهڻو ڪجهه ٻڌو آهي، پر تو هيڏي اچڻ ۾ گهڻو وقت ورتو آهي."

"ٻڌاءِ ته حالتون ڪيئن آهن؟"

"اليوشا توکي اڪثر ياد ڪندو رهندو آهي. هوُ سخت بيمار آهي ۽ يقيناً مرڻ تي آهي."

”ڪيڏو نہ هيبتناڪ! تون قبول ڪندين، تہ دوائون رڳو فريب آهن، ڪرامازوف!“ ڪوليا گرم جوشيءَ سان رڙ ڪري چيو.

”هو ڪيڏو نہ توکي وقت بوقت ياد ڪندو رهيو آهي. پنهنجي ننڊ ۾ توڙي بيهوشي جي ڳالهائڻ ۾. هن مان ڏسي سگهجي ٿو، تہ تون هن کي ڪيڏو نہ پيارو هئين....... چاقو هڻڻ واري واقعي کان اڳ ۾ تہ ڪيس وڌيڪ پيارو هئين..... اُن کان سواءِ ڪو ٻيو بہ سبب آهي..... مون کي ٻڌاءِ تہ هيءُ ڪتو تنهنجو آهي؟“

”هائو، پريزيوان.“

”هي زهڪا نہ آهي؟“ اليوشا ڏک مان ڪوليا ڏي نهاريو ۽ سندس اکيون هيٺ تي ويون. شايد هو هميشہ لاءِ گم ٿي ويو.

”مان ڄاڻان ٿو، تہ اوهان سڀني وٽ زهڪا پياري آهي. مان ان جي لاءِ سڀ ڪجهہ ٻڌو آهي.“ ڪوليا رازداراڻي طور تي ڪليو. ”ڪرامازوف ڌيان ڏيئي ٻڌ! مان توکي اُن جي لاءِ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس. مان انهيءَ جي ڪري ئي تہ آيو آهيان، تہ اندر وڃڻ کان اڳ ۾ مان توکي سڄو ئي داستان بيان ڪري ٻڌايان.“ هن گرما گرميءَ مان شروع ڪيو. مان ڪانئس بہ ڪلاس مٿي آهيان. مان ڪين فقط پري کان ئي ڏسي سگهندو آهيان. مان ڏنو تہ ڇوڪرو نهايت ڪمزور آهي ۽ ننڍو. پر هن ڪڏهن بہ هن وٽ هار نہ مڃي. هوُ هميشہ هنن سان پريل هيون. مون کي اهڙا ٻار پسند هوندا آهن. هنن ڪيس وڌيڪ چيڙائڻ شروع ڪيو. سڀ کان وڌيڪ بڇڙي ڳالهہ هيءُ هئي، تہ سندس لباس اُن وقت بيحد ناموزون هو. سندس سوڙهو پاجامو گهٽو لُـنڊو هو ۽ سندس بوٽ بہ سوڙها هئا. هو انهن جي لاءِ ڪيس پريشان ڪندا ٿي رهيا. هو مٿس چٽرون ڪندا رهيا. مان اهو ڏسي نہ سگهيس. مان سندس طرف وٺي بيٺس. ۽ ڪيس چڱي گرمي ڏيکاري. مان ڪين ماريو. پر توکي خبر آهي ڪرامازوف! هنن منهنجو ادب ڪيو ۽ عزت رکڻ لڳا.“ ڪوليا هڪ ئي ساهہ سان لاف هڻڻ لڳو. پر ٻار منهنجا ڪمزور آهن. مون وٽ گهر ۾ بہ هاڻي بہ ٻار آهن. انهن ئي مون کي اڄ ترسائي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت هنن اليوشا کي مارڻ ڇڏي ڏنو ۽ مان ڪيس پنهنجي حفاظت ۾ ورتو. مان ڏٺو، تہ ٻار مغرور هو، مان توکي وري بہ ٻڌايان ٿو تہ ٻار بيحد مغرور هو، پر آخر ۾ هو غلامن وانگر مون تي قربان ٿيڻ لڳو. هوُ منهنجي ننڍن ننڍن حڪمن جي تعميل ڪندو رهيو ۽ ايڏي فرمانبرداري ڪندو رهيو، ڇڻ تہ مان هن جو مالڪ آهيان. ڪوشش ٿي ڪيائين، تہ منهنجو نقل ڪري. ڪلاسن جي وچ واري وقفي ۾، هو هڪدم ڊوڙي مون وٽ ايندو هو ۽ مان گڏجي ساڻس ويو هوس. اهڙي ريت هر آچر تي بہ. ٻيا سڀ هيءُ ڏسي کلندا هئا، جڏهن وڏي عمر وارو ڇوڪرو، اهڙي ننڍڙي ڇوڪري

ـن ڳڏ هجي. پر اهو سچو تعصب هو. هيءَ جيڪڏهن رغبت آهي، ته مون لاءِ ڪامي آهي. مان بار کي سيکاريان ٿو ۽ ان کي ترقي ڪرڻ ڏيان. مان جيڪڏهن اُن کي پسند ڪريان ٿو، ته ان کي ترقي ڇو نه ڏيان؟ ڪرامازوف تو بـ تـ هتي پنهنجي جاءِ جوڙي آهي. مان ڏسان ٿو ته تون ننڍي ٿيءَ وارن تي پنهنجو اثر وجهڻ گهرين ٿو. ڪين ترقي ڏيڻ لاءِ ۽ سندن ڪم اچڻ لاءِ. مان توکي يقين ٿو ڏياريان ته تنهنجي ڪردار جو هيءُ طريقو، جو مان هتان هتان ٻڌو آهي، بين شين کان وڌيڪ مون کي ڪشش ڪندو رهيو آهي. هاڻي وري اسان پنهنجي نُڪتي ڏي اچون ٿا. مان ڏٺو ته بار ۾ نرمائي ۽ شديد احساس پيدا ٿي چڪو هو. هو مغرور ضرور هو. پر هو غلامن وانگر منهنجي خدمت ڪندو ٿي رهيو. پر اوچتو ئي اوچتو سندس اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي وئي ۽ هن مون سان متفق ٿيڻ کان انڪار ڪيو. هوُ بحث ڪندي غصي ۾ اچي ٿي ويو. مان ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن تجويز کي پيش ڪندو هوس ۽ ڏسندو هوس، تـ هو ان تجويز کان تـ انڪار نـ ڪندو هو. پر نهايت سادگيءَ سان مون سان بغاوت ڪندو هو. مان سندس تربيت ۽ پيار جي باعث ڪيس روحاني پريشانيءَ کان بچڻ لاءِ تڏو جواب ڏيندو ٿي رهيس. جيئن جيئن هو وڌيڪ نرم ٿيندو ٿي ويو، مان ساڻس تيئن تيئن بي پرواهيءَ سان پيش ايندو ٿي رهيس. مون هيءُ سڀ ڪجهه ڪنهن مقصد جي تحت ٿي ڪيو. اهائي منهنجي آرزو هئي، ته مان سندس ڪردار کي بڻايان. ڪيس ڪنهن قالب ۾ وجهان. تـ اڳتي هلي مرد ثابت ٿئي...... اُن کان سواءِ مون کي هن لاءِ ڪوبه شڪ نـ آهي، تـ مون کي تـون هڪ ئي لفظ مان سمجهي سگهين ٿـو. اوچتو مان ڏٺو ته هڪيئي پنيان ٽن ڏينهن ۾ هـو مايوس ۽ غمزده بڻجي ويو هو. منهنجي بي پرواهي جي باعث نـ. پر ڪنهن بي ڳالهه جو مٿس اثر هو. جا وڌيڪ ضروري ڳالهه هئي. مان عجب ۾ هوس تـ اها ڪهڙي حقيقت آهي؟ مـان اُن کي راهـ تـي آڻڻ لاءِ سوال ڪندو رهيس ۽ اُن جي وضاحت پڇيم. تان جو هـن ٻڌايو. تـ سندس ڪنهن ريت. تنهنجي مرحوم پيءُ جي نوڪر سميرڊياڪوف سان واقفيت پيدا ٿي. هي سندس موت کان اڳي جي ڳالهه آهي. هُن ڪيس بيوقوفي واري رمز سيکارڻ گهري. جا ظالماڻي ۽ بچڙائي واري هئي. اُها هيءَ هئي، تـ هُو ماني جو هڪ ٽڪرو ڪٽي. اُن ۾ ٽاچني هٽي. پوءِ ان کي ڪنهن بُکئي ڪتي جي اڳيان ڦٽو ڪري. هُو ڏسي، تـ ڪتو اُن کي چَڪ وجهڻ کان سواءِ ڳـهي وجي ۽ پوءِ 'مسيحت جو نتيجو نڪري اُن کي ڏسي. سو اُنهن انهيءَ سچي حرڪت کي تيار ڪيو. ماني جي ٽڪري کي گلولي وانگر بڻايو. هُـن زهڪا جي اڳيان اُن کي ڦٽو ڪيو. اُهو ڊگهن وارن وارو ڪتو. جنهن لاءِ مشهور آهي، تـ سندس مالڪ ڪيس ڪڏهن بہ نـ کارائيندا آهن ۽ هُـو سڄو ڏينهن ڀونڪندو رهندو

آهي. اڃا! تون جيڪر اُن جي پوئنٽن کي پسند ڪرين، ڪرامازوف؟ مان تہ جيڪر بيهي بہ نہ سگهان.' هُو ماني ڏي ڊوڙي پيو ۽ اُن کي ڳڙڪائي ويو. پوءِ تہ هُو ڇيتون ڪرڻ لڳو ۽ ڦيريون پائڻ لڳو. جلد ئي ڊوڙندو نظر کان غائب ٿي ويو. هيءَ آهي اليوشا جي حقيقت جا هُن پاڻ ٻڌائي هئي. هُن منهنجي اڳيان هيءَ قبوليت ڏني هئي ۽ زار زار روئيندو ٿي رهيو. هُو سڄو ڏڪي رهيو هو ۽ اُن حالت ۾ هن مون کي ياڪر پاتو. هُو دهرائيندو رهيو، تہ هُو ڇيتون ڪندو ڊوڙندو رهيو. اهو نظارو ڪيس ڊيڄاريندو رهيو. ڪيس سندس بي دردي جي هلت عذاب ڏيندي ٿي رهي ۽ اُن کي مان ڏسندو رهيس. مان اُن کي غير معمولي ڳالهہ سمجهي. مان پڪتو ارادو ڪيو، تہ هن ڳالهہ ۽ ٻين ڳالهين لاءِ ڪيس پورو سبق ڏيندس. سو مان قبول ٿو ڪريان، تہ مان هميشہ کان وڏيڪ چڙ کي ڏيکاريو ۽ ظاهري طور تي هميشہ کان وڌيڪ نفرت جو اظهار ڪيم. مان ڪيس چيو، تہ تو هڪ ٻڇڙي شيءِ جو ارتڪاب ڪيو آهي ۽ تون هڪ بدمعاش ڇوڪرو آهين! بيشڪ مان توکي هن لاءِ ڪجهہ بہ نہ چوندس، پر ڪجهہ وقت لاءِ منهنجو توسان ڪوبہ واسطو نہ رهندو. مان هن تي خيال ڪندس ۽ توکي سميوروف (هيءُ اهو ڇوڪرو اهي، جو هاڻي مون سان گڏجي آيو آهي ۽ هو، هميشہ منهنجي حڪم جي تعميل لاءِ تيار هوندو آهي.) جي معرفت اطلاع ڏيندس، تہ آئنده منهنجو توسان واسطو نہ رهندو يا هڪ بدمعاش جي حيثيت ۾ مون کي ڇڏڻو پوندو. هوُ سخت پريشان ٿي ويو. مان پاڻ محسوس ڪيو، تہ پنهنجي گفتگوءَ ۾ مان بيحد وڏي ويو هوس پر اُن کان سواءِ ٻيو چارو بہ نہ هو. اُن وقت جيئن مون کي خيال ۾ بهتر نظر آيو، ايئن ڪيم. هڪ بہ ڏينهن اُن کان پوءِ، مان سميوروف کي وٽس موڪليو، بہ ڪيس ٻڌائي تہ مان ساڻس وري نہ ڳالهائيندس. اهائي شيءِ آهي، جنهن کي اسان اسڪول وارا اُفي سڏيندا آهيون ۽ اُن موجب هڪبئي سان ڪنهن بہ طرح جو واسطو نہ رهندو آهي. ڳجهي طرح منهنجو مقصد هو، تہ مان ڪيس راهباڻي زندگي ۾ موڪليان ۽ تورن ڏينهن لاءِ. اُن کان پوءِ، جڏهن ڏسان تہ منجهس پشيماني اچي وئي آهي، تہ وري پنهنجو هٿ ان ڏي وڌايان. اهوئي منهنجو مقصد هو. پر تون خيال ڪرين تہ تہ ڇا ٿي پيو؟ هن سميوروف جي نياپي کي ٻڌو. سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. هن رڙ ڪري چيو، تہ "ڪراسوتڪين کي وڃي ٻڌاءِ، تہ هاڻي مان سيني ڪتن کي اهڙي ريت سُيون ڦتي ڪندس. ها ها، سيني کي. ان ڪري سندس طبعيت جو جوش پيدا ٿي ويو. اسان کي هن کي سبيڪت ڏيڻ گهرجي ۽ مان ساڻس نفرت ۽ ڪيني جي هلت ونڻ لڳيس. جڏهن بہ مان ساڻس ملندو هوس، تہ يا تہ منهن ڦيري هليو ويندو هوس يا ڪيس ڏسي طنزيہ طرح مشڪندو هوس. اُن کان پوءِ سندس پيءُ سان اهو واقعو ٿيو.

جو توکي ياد هوندو. تون محسوس ڪندين ته انهن ڳالهين، جي اڳ ۾ گذري چڪيون هيون، مٿس خطرناڪ اثر وڌو. ڇوڪرن جڏهن ڏٺو. ته مان ڪيس ڇڏي ڏنو آهي، ته هنن وري ڪيس چيڙائڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڪيس رڙيون ڪري، چپ تي ڏينيو، چپ تي ڏينيو! چوڻ لڳا. سندن باقاعده ننڍيون لڙايون شروع ٿي ويون. جن لاءِ مون کي بيحد افسوس آهي. هنن ڪيس هڪ سخت مار به ڏني. هڪ ڏينهن هو جيئن اسڪول کان ٻاهر نڪتا ته هيءُ مٿن حملو ڪري ويو. مان ڪائنس ٿورا وال پري بيٺو هوس ۽ ڪين ڏٺم ٿي. مان قسم کڻي ٿو چوان ته مون کي ياد نه آهي، ته مان ڪو مٿس کليو هوس. پر منهنجو رستو ئي ڪو ٻيو هو. مون کي ان جي لاءِ سخت افسوس پيدا ٿيو. مان ٿوري دير ۾ ڊوڙي، اُن جي طرف وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر اوچتو سندس اکيون مون سان مليون. مون کي خبر نه آهي، ته هن ڇا سمجهيو؟ پر هن چاقو ڪوليو ۽ مون تي حملي ڪرڻ لاءِ ڊوڙي پيو. هن منهنجي ٽنگ ۾ ان کي هنيو. اجهو هن سڄي ٽنگ ۾ مان ڇُريس ئي نه. ڪرامازوف مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ حد کان وڌي ويندو آهيان. فقط پري نگاهه سان اُن کي ڏٺم. ڄڻ ته مان اُن نگاهه ۾ ڪيس چئي رهيو هوس، ته "تنهنجي هيتري خدمت ڪرڻ کان پوءِ، جيڪڏهن تون مون تي ٻيو وار به ڪرڻ گهرين ٿو، ته ڪر، مان تنهنجي اختيار ۾ آهيان. پر هن مون تي ٻيو وار نه ڪيو. هوُ ڇرجي پيو ۽ ڪيس خوف ٿيو. ته هن ڇا ڪري وڌو آهي؟ هن چاقو ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ زاروزار روئڻ لڳو ۽ ڀڄي ويو. مان سانس ڪابه شڪايت نه ڪئي ۽ مان هنن سيني کي خاموش ڪري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ ته استادن تائين اها ڳالهه نه پهچي. مان ماءُ سان به اها ڳالهه نه ڪئي، ڦٽ ڇٽي ويو. زخم ڇا هو، فقط هڪ رهڙو هو. ساڳي ڏينهن تي مان پوءِ ٻڌو ته هوُ ٻٽر اچلائيندو رهيو ۽ تنهنجي اڱر ۾ ڇڪ پاتو هئائين. تون هاڻي ڇگيءَ ريت سمجهي سگهين ٿو، ته هوُ اُن وقت ڪهڙيءَ حالت ۾ هو! خير هن ۾ ٻيو ٿي ئي ڇا پئي سگهيو؟ بيشڪ هي منهنجو احمقاڻو قدم هو. پر جڏهن هوُ بيمار ٿيو، ته اها منهنجي ڪيڏي نه بيوقوفي هئي، جو وٽس اچي معافي نه ورتم ۽ صلح جوئي نه ڪيم. جنهن جي لاءِ مون کي هاڻي افسوس آهي. اسان جي لاءِ ڪو خاص سبب به هو. هاڻي مان توکي سڄي حقيقت ٻڌائي چڪو آهيان. پر حقيقت اها آهي، ته هيءَ سڄي منهنجي بيوقوفي هئي.

"ها ڪيڏي افسوسناڪ حقيقت!" اليوشا جواب ڏنو. جنهن مان سندس جذبات جي پريشاني صاف ٿي ڏني. "اها مون کي خبر نه هئي، ته اوهان جا پاڻ ۾ اڳ ۾ ڪهڙا تعلقات هئا. نه ته مان جيڪر گهڻو اڳي تو وٽ اچان ها. توکي عرض ڪري پاڻ سان وني وڃان ها. تون جيڪڏهن مون تي اعتبار ڪرين، ته مان توکي ٻڌايان ٿو

تہ هوُ جڏهن بخار ۾ هوندو آهي، تہ تنهنجي بابت هزياني طرح ڳالهائيندو آهي. مون کي خبر آهي، تہ تون هن جي لاءِ ڇا هئين! ڇا تون سچ پچ اُن ڪتي جي لهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهين؟ سندس پيءُ ۽ ڇوڪرا اُن ڪتي کي شهر ۾ ڳولهيندا رهيا آهن. جيڪڏهن تون اعتبار ڪرين، تہ جنهن ڏينهن کان هو بيمار ٿيو آهي، تہ مان ٿي پيرا کيس هيئن چوندي ۽ ڳوڙها وهائيندي دهرائيندي ٻڌو آهي، تہ "هيءَ سڀ ڪجهہ انهيءَ لاءِ آهي تہ مان زهڪا کي ماريو آهي." هيءَ بيماري تڏهن تہ آهي. خدا مون کي ان جي سزا ڏيئي رهيو آهي. اهو خيال سندس مغز مان نہ ٿو وڃي. جيڪڏهن ڪتو ملي پوي ۽ هوُ جيئرو ثابت ٿي پوي، تہ پوءِ عجب نہ آهي، تہ انهيءَ خوشيءَ کان ٻار تندرست ٿي پوي. اسان سڀني جون اميدون هاڻي تو تي رکيل آهن."

"مون کي ٻڌاءِ، تہ اوهان کي منهنجي لاءِ اها ڇو اميد آهي تہ مان ئي آهيان، جو اُن کي لهي سگهندس؟" ڪوليا نهايت عجب مان اُن کان پڇيو. "اوهان ٻي ڪنهن جي بجاءِ مون تي ڇو دارومدار رکيو آهي؟"

"اسان کي اطلاع مليو هو، تہ تون ڪتي جي سراغ لڳائڻ پويان آهين ۽ جڏهن تو اُن کي لڌو، تہ پاڻ سان اُن کي بہ وٺي ايندين. سميوروف ڪجهہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ٿي ڪئي. اسان سڀيئي ڪوشش ڪري رهيا هئاسون، تہ اليوشا کي يقين ڏياريون تہ ڪتو جيئرو آهي ۽ اُن کي ڏٺو ويو آهي. ڇوڪرن هن جي لاءِ هڪ سهو آندو هو. هن ٿوري دير ان کي ڏٺو ۽ اداسائيءَ سان مشڪي کين چيائين، تہ هن کي ٻنين ۾ وڃي آزاد ڪري اچو ۽ اسان ائين ئي ڪيو. سندس پيءُ هن گهڙي هڪ عمدو ڪتو ان جي لاءِ آندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن سمجهيو ٿي، تہ ٻار کي آرام ملي ويندو. پر منهنجو خيال آهي، تہ هيءُ اُن کي وڌيڪ بيقرار ڪندو......"

"ڪرامازوف، مون کي ٻڌاءِ، تہ سندس پيءُ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟ مان کيس ڄاڻان ٿو، پر تنهنجي راءِ معلوم ڪرڻ گهران ٿو. هوُ بيوقوف ۽ مسخرو آهي!"

نہ نہ، جهان ۾ گهري احساس وارا ماڻهو بہ رهن ٿا، جي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان پامال ڪيا وڃن ٿا. تقدير جي هٿ انهن کي تباهہ ڪيو آهي. انهن ۾ هن مسخري جو هئڻ، انهن ماڻهن لاءِ طعني ڀري آزردگيءَ جو اظهار آهي، جن جي هٿان کان هوُ پامال ۽ ذليل ٿيندا رهيا آهن ۽ کين صحيح حقيقت منهن تي چئي نہ ٿا سگهن. مون تي اعتبار ڪر ڪراسوتڪين، هيءَ مسخرگي پنهنجي اندر غم جو دلگداز جذبو ٿي رکي. سندس سڄي حياتي هاڻي سميئجي اليوشا تي مرڪوز ٿي وئي آهي. جيڪڏهن اليوشا مري ويو، هوُ يا تہ غم کان چريو ٿي پوندو يا پاڻ کي ماري وجهندو. جڏهن بہ مان هاڻي کيس ڏسندو آهيان، تہ مون کي انهيءَ احساس جي خاطري ٿي ويندي آهي."

”مان توکي سمجهان ٿو ڪرامازوف! مان هيءَ به سمجهان ٿو، ته تون انساني فطرت کي به چڱي ريت سمجهين ٿو.“ ڪوليا جذبات کان مغلوب ٿي چيو.

”مان جيئن نه ڪتي کي توسان ڏنو، ته مان سمجهيو، ته تون زهڪا کي وٺي آيو آهين.“

”ترس ڪرامازوف! اسان هن کي لهي سگهنداسون. هيءَ پريزيوان آهي. مان هن کي اليوشا لاءِ آندو آهي. شايد اُن ڪتي کان هيءَ ڪتو ڪيس پسند اچي. ٿورو وقت ترس ڪرامازوف توکي سڀ ڪجهه هڪ منٽ ۾ معلوم ٿي ويندو.“ ڪوليا اوچتو رڙ ڪري چيو ته ”پر مان ته توکي هت ترسائي ڇڏيو آهي. توکي وڏو ڪوٽ به ڪونه آهي ۽ سردي شديد آهي. ڪيتري قدر نه مان خود پرست آهيان. افسوس ڪرامازوف اسان سڀئي ڪيتري قدر نه خود غرض آهيون.

”تون خيال نه ڪر. سردي واقعي آهي، پر مون کي اڪثر ٿڌ نه لڳندي آهي. پر اُن هوندي به اسان کي اندر هلڻ گهرجي. پر تنهنجو نالو ڇا آهي؟ مون کي خبر آهي، ته توکي ڪوليا سڏيندا آهن. پر اُن کان سواءِ ڇا؟“

”نڪولائي ايوانووچ ڪراسوتڪين يا جيئن سرڪاري دستاويزن ۾ لکيل آهي، ڪراسوتڪين جو پٽ.“ ڪوليا ڪنهن سبب کان کلڻ لڳو، پر جلدي چيائين ته ”مون کي نڪولائي جي نالي کان نفرت ايندي آهي.“

”ڇو ڀلا؟“

”ڇاڪاڻ ته اهو نالو ادنيٰ ۽ معمولي آهي.“

”تون تيرنهن ورهين ۾ هوندين؟ اليوشا ڪانئس پڇيو.

”نه چوڏنهن ورهيه. مان ٻن هفتن کان پوءِ چوڏهن ورهين ۾ پهچي ويندس. مان پنهنجي هڪ ڪمزوريءَ لاءِ اعتراف ٿو ڪريان، ڪرامازوف. اهو تنهنجي لاءِ آهي. جيئن ته اسان جي هيءَ پهرئين ملاقات آهي، تنهنڪري تون منهنجي ڪردار کان هڪدم ڪيئن واقف ٿيندين. مون کي عمر جي سوال تي نفرت ايندي آهي... اُن کان سواءِ مون تي الزام لڳايا ٿا وڃن. مثلاً: ايئن چيو ٿو وڃي، ته گذريل هفتي مان تياري ڪلاس وارن ڇوڪرن سان گڏجي ڪين ذاتي راند ٿي ڪرائي. اها حقيقت آهي، ته مان انهن سان گڏجي ڪيڏندو آهيان. پر اها سراسر هتڪ عزت آهي، ته اهو سڀ ڪجهه مان پنهنجي وندر لاءِ ڪندو آهيان. مون کي اُن لاءِ سبب آهن. ته مان اعتبار ڪريان ته تو اها ڪهاڻي ٻڌي آهي. پر مان پنهنجي وندر لاءِ ڪڏهن به راند نه ڪيڏندو آهيان. هي سڀ ڪجهه ٻارن جي لاءِ ئي هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي لاءِ ڪجهه به سوچي نه سگهندا آهن. پر انهن تائين فقط بيوقوفي ڀريون ڳالهيون ئي پهچنديون آهن. هيءَ مان توکي ٻڌايان ٿو، ته هيءَ شهر گپ شپ جي ڳالهين لاءِ نهايت خطرناڪ آهي.“

”پر هن ۾ ڇا آهي، جيڪڏهن تون پنهنجي ونڊر لاءِ ڪيڏين. هن ۾ آخر ڪهڙو حرج آهي؟“

”صحيح، مان چوان ٿو ته مان پنهنجي ونڊر لاءِ ڪيڏان ٿو. ڇا، اوهان ٻارن سان اجا تائين گهوڙي راند نه ڪندا آهيو؟“

”تون به انهيءَ حقيقت کي اهڙي ريت سمجهه.“ اليوشا ڪيس مشڪندي چيو. وڏيءَ عمر وارا ماڻهو تماشگاهه ۾ وڃن ٿا، جتي بهادرن جا هر قسم جا ڪارناما ڏيکاريا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ڌاڙيل ۽ لڙايون به ڏيکاريون ويندي‌ون آهن. ڇا هيءَ الڳ نموني ۾ ساڳي ڳالهه نه آهي؟ ننڍن ٻارن جون راند جي وقت، جنگي سپاهين ۽ ڌاڙيلن واريون رانديون، پهرئين درجي ۾ شامل آهن. توکي خبر هئڻ کپي، ته هو ننڍپڻ جي هن جي مثالن مان ٿيو ڏيئي مٿي اُسرن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن هي رانديون، تماشگاهه جي تماشن کان وڌيڪ بهترين ٿين ٿيون. فرق فقط هيءُ آهي، ته ماڻهو هتي ائڪٽرن کي ڏسڻ ويندا آهن، پر راندين ۾ ٻار پاڻ ائڪٽر هوندا آهن، پر هيءُ فطرتي آهي.“

تنهنجو خيال اِيئن آهي؟ اهائي تنهنجي راءِ آهي؟ ڪوليا ڪيس چتائي ڏٺو. ”ها هيءُ نهايت مزيدار راءِ آهي. جڏهن مان گهر ويندس، ته ان تي خيال ڪندس. مان قبول ٿو ڪريان ته منهنجو خيال هو ته توکان ڪجهه پرايان. مان توکان هتي سکڻ آيو آهيان، ڪرامازوف.“ ڪوليا پنهنجي گفتگوءَ کي جذبات جي وهڪري سان پريل آواز ۾ ختم ڪيو.“

”مان به توکان سکڻ ٿو گهران.“ اليوشا مشڪندي ۽ سندس هٿ کي زور ڏيندي چيو.

ڪوليا، اليوشا بيحد خوش ٿيو. جنهن شيءِ مٿس وڌيڪ اثر ڪيو، سا هي هئي ته هو ساڻس هَڪجهڙائيءَ واري هلت وني رهيو هو ۽ هو ساڻس اِيئن ڳالهائي رهيو هو، ڄڻ ته هو به وڏيءَ عمر وارو آهي.

مان توکي ڪجهه وضاحت سان ڏيکاريندس، ڪرامازوف، اهو تماشگاهه جهڙو ڪرتب هوندو. هن بي اختيار کلندي چيو. ”انهيءَ ڪري ئي ته مان آيو آهيان.“

”پهريائين اسان کي کپي پاسي کان گهر وارن ڏي هلڻ کپي. سيئي ڇوڪرا پنهنجي ڪوٽن کي اتي لاهي رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪوٺي ننڍي ۽ گرم آهي.“

”ها، مان هڪ منٽ ۾ اچان ٿو. مان اتي پنهنجو ڪوٽ رکي ٿو اچان. پريزيوان هن گهٽي ۾ ترسندو ۽ مري ويندو. پريزيوان سمهي پوءُ ۽ مري وڃ! ڏسينس هيءُ ڪيئن نه مري ويو آهي! مان پهريائين اندر ويندس ۽ تنهن کان پوءِ هن کي سيٽي ڏيندس ۽ اهو جنهن وقت مناسب سمجهيم. تون ڏسندين ته هو ديوانن وانگر ڊوڙندو ايندو. فقط سميوروف کان ان وقت در کولڻ وسري نه وڃي. مان سڄو ناهه نوهه پاڻ ڪندس ۽ تون ڪا شيءِ ڏسندين.“

باب پنجون

# اليوشا جي بستر جي قريب

ڪمري ۾ پينشن تي آيل ڪئپٽن سينيگريوف جي رهندڙ پاتين ڪي پڙهندڙ اڳ ۾ ڄاڻن ٿا. هو ان وقت ملاقاتين جي چڱي تعداد سان سڄو ئي پريل تي ڏنو. ڪيترائي ڇوڪرا اليوشا سان گڏ وينا هئا. جي سڀئي سميوروف وانگر انڪار ڪرڻ لاءِ تيار هئا ۽ هنن کي ڪو اليوشا وٺي آيو هو ۽ اليوشا سان پرچايو هئائين. پر اها حقيقت هئي. هن اهڙيءَ ريت پنهنجي فن جو اظهار ڪيو هو، جو هڪ هڪ کي وٺي، بنا ڪنهن ظاهري ڏيک ويک جي اليوشا وٽ پهچايو هئائين، جنهن ۾ ڪنهن بہ فريب ۽ ڦند جي ڪابہ صورت نہ هئي. هيءَ اليوشا جي لاءِ سندس بيماري ۾ وڏي تسلي هئي، ڪيس ٻارن جي صداقت واري محبت ۽ همدرديءَ جو وڏو اثر پئي پيو، جي سندس دشمن هئا. پر ڪراسوتڪين ئي غائب هو، جنهن جي غير حاضري اليوشا جي دل تي وڏو بار هئي. شايد سندس بدترين يادگيرين مان بدتر ياد، ڪراسوتڪين کي چاقو هڻن وارو واقعو هو، جو سندس هڪ ئي دوست ۽ بچاءَ ڪندڙ هو. سياڻي ۽ ننڍڙي سميوروف جنهنجو پهريائين اليوشا سان ناهہ ٿيو هو. هن حقيقت کي چڱيءَ ريت ٿي سمجهيو. پر جڏهن هن ڪراسوتڪين کي اشاري طور چيو، تہ اليوشا ڪيس چيو آهي تہ هو ساڻس ملاقات ڪري. تڏهن، تڏهن هن ڪيس اُڏ ۾ ڪٽيندي چيو، تہ ”ڪرامازوف کي ٻڌائي تہ مان ڄاڻان ٿو مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟ مون کي ڪنهن جي صلاح نہ کپي. جيڪڏهن هو اليوشا کي ڏسڻ بہ ويو، تہ مان پنهنجي وقت کي پاڻ انتخاب ڪندس. ڇاڪاڻ تہ مون کي پنهنجا سبب ۽ دليل آهن.“

اها هن آچر کان اڳ ٻن هفتن جي ڳالهہ هئي. اهوئي سبب هو، جو اليوشا ڪيس ڏسي نہ سگهيو هو ۽ سندس مقصد بہ پورو نہ ٿيو هو. پر جيئن تہ ترسي پيو هو، ان هوندي بہ هن سميوروف کي بيهر اُن ڏانهن موڪليو. ٻئي پيرا ڪراسوتڪين ڪيس سخت لهجي ۾ بي صبريءَ وارو انڪار ڪيو ۽ اليوشا ڏي پيغام موڪليائين، تہ هن کي وري پريشان نہ ڪري. جيڪڏهن هو پاڻ بہ ايندو تہ هيءَ يعني ڪراسوتڪين، ڪنهن بہ صورت ۾ اليوشا ڏي نہ ويندو. پوئين ڏينهن تائين بہ سميوروف کي هيءَ خبر نہ هئي، تہ ڪوليا ڪو ان صبح جو اليوشا ڏي ويندو. هن گذريل شام تي ڪانئس جدا ٿيندي، ڪيس فقط ايترو چيو، تہ هو ان جي لاءِ صبح جو ترسي، ڇو تہ هو ساڻس گڏجي سينيگريوف ڏي ويندو. پر هن ڪيس تاڪيد ڪيو هو تہ هو ڪنهن کي بہ حقيقت نہ ٻڌائي، ٿي سگهيو ٿي، تہ هو اهو خيال لاهي ڇڏي. سميوروف ان جي تعميل

ڪئي. سميورروف کي عجب ٿي لڳو تہ ڪوليا ضرور وجايل ڪتي کي هٿ ڪندو. ڇاڪاڻ تہ هن جا لفظ هئا، تہ "هو ڳڙهہ ثابت ٿيندو. جيڪڏهن ڪتي کي هٿ نہ ڪري سگهندو. مگر شرط آهي تہ هوُ جيئرو هجي." اهڙي ريت سميورروف موقعي جو منتظر ٿي رهيو تہ هوُ ڪانئس ڪتي جي نشانن بابت پڇي. هن ڊڄندي ڊڄندي ڪانئس پڇيو. هيءُ ٻڌي ڪراسوتڪين سخت غصي ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ، "مان اهڙو ڳڙهہ تہ نہ آهيان، جو ٻين ماڻهن جي ڪتن لاءِ شهر لاءِ نوسيندو وتان. جڏهن تہ مون کي پنهنجو ڪتو موجود آهي! تون اهو خيال ئي ڪيئن ٿو ڪرين، تہ جنهن ڪتي سُئيءَ کي اڳريو آهي، اهو وري جيئرو ڪيئن هوندو؟ هيءُ هڪ بيوقوفيءَ جو خيال آهي ۽ بس!"

پوين پندرنهن ڏينهن ۾ اليوشا، پنهنجي بستري کي نہ ڇڏيو ه و.جو حضرت بيبي مريم جي مجسمي جي هيٺان ڪنڊ ۾ هو. جنهن ڏينهن اليوشا جي آڱر کي هن زخمي ڪيو هو، ان ڏينهن کان وٺي، هو اسڪول ئي نہ ويو هو. هو ساڳي ڏينهن تي بيمار ٿيو هو. جيتوڻيڪ هو پوءِ ٿوري وقت لاءِ ايترو خوش ٿيو هو، تہ اُٿي ڪمري ۾ گهٽيءَ ۾ گهمي سگهي. پر پوءِ هوُ ايترو تہ ڪمزور ٿي ويو هو، جو پيءُ جي سهاري کان سواءِ چري پري نہ ٿي سگهيو. سنديس پيءُ، اُن جي لاءِ، سخت ڳڻتيءَ ۾ هو. هن شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ سودائين وانگر ٿي رهيو، تہ ڇوڪرو مري ويندو. اڪثر، خاص ڪري، جڏهن پنهنجي ٻانهن تي ڪيس ڪمري ۾ گهمائيندي، موٽائي بستري تي آڻيندو هو، تہ گهٽيءَ جي اونداهي ڪنڊ ۾ پٽ تي مٿو رکي، ڏاڍو روئيندو هو ۽ اهڙيءَ ريت آهستي سڏڪا ڀريندو هو، جيئن اليوشا انهن کي ٻڌي نہ سگهي.

جڏهن ڪمري ڏي موٽندو هو، تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ان پياري ٻار جي وندرائڻ ۽ آرام ڏيڻ لاءِ سوچيندو هو. ڪيس آکاڻيون ٻڌائيندو هو، ۽ مذاق واريون ڳالهيون. حياتيءَ ۾ جن پُر مذاق ماڻهن سان مليو هو، انهن جا پهاڪا ۽ چٽڪا ڪيس بيان ڪري ٻڌائيندو هو ۽ جانورن جي آواز ڪرڻ کان بہ نہ مڙندو هو ۽ انهن جو نقل ڪندو هو. پر اليوشا پيءُ جون هيءُ بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون برداشت ڪري نہ سگهندو هو. جيتوڻيڪ ٻار پنهنجي ناپسنديءَ کي ظاهر تہ نہ ڪري سگهندو هو، پر هوُ درد ڀري دل سان ضرور ڏسندو هو، تہ سنديس پيءُ نفرت جي شيءِ بڻجي ٿو وڃي. هيءَ ياد ڪيس مسلسل روحاني تڪليف ڏيندي ٿي رهي، تہ هوُ چپ تي ڏينيو آهي ۽ ان سان ڪيس اهو ڏينهن دل تي تري ايندو هو.

نينا، اليوشا جي مروت واري ۽ منڊي ڀيڻ کي هيءُ بيوقوفي واريون ڳالهيون بہ پسند نہ ايندڙيون هيون. (وار وارا ماضي ۾ ڪجهہ وقت لاءِ پيٽرسبرگ ۾ تعليم لاءِ وئي هئي). اليوشا جي ماءُ جا تيز عقل واري هئي، جڏهن سنديس مڙيل هيءُ ڪل

ڪان، تہ ٻار مرڻ وارو آهي. پنهنجي سڄي خودداري وساري ڇڪو هو ۽ نهايت عاجزيءَ سان سندس امداد ڪي قبول ڪندو ٿي رهيو.

سمورو وقت ڊاڪٽر زينسٽيوب ڪي ڪيٽرينا ايونونا، هر ٽئي ڏينهن باقاعده گهرائيندي ٿي رهي، پر سندس ملاقاتين مان ڪو ٿورو فائدو ٿي پيو. هن جي دوائون بي رحميءَ سان ٿي ڏنيون. انهن مان ڪوبہ نتيجو نہ ٿي نڪتو. پر هن آچر جي صبح جو هڪ ٻي ڊاڪٽر جي اچڻ جي اُميد هئي، جو ماسڪو کان ٿي آيو ۽ ڪيس اُتي وڏي شهرت حاصل هئي. ڪيس ڪيٽرينا ايونونا، وڏي خرچ سان ماسڪو مان گهرايو هو. ڪيس پنهنجي جاءِ تي هن ڪان پوءِ بيان ڪيو ويندو. پر جيئن تہ هوُ موقعي تي اچي ويو هو، هن ڪيس اليوشا جي ڏسڻ لاءِ بہ چيو هو ۽ ڪپتان کي سندس آمد جو اطلاع ڏنو ويو هو. ڪيس ڪابہ خبر نہ هئي، تہ ڪو ڪوليا ڪراسوتڪين وٽس اچي رهيو آهي، جيتوڻيڪ هوُ ڪيتري وقت ڪان ڪيس تانگهي رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس غير حاضري سندس پٽ جي لاءِ رنج جو سبب بڻجي پئي هئي.

اُن وقت جڏهن ڪراسوتڪين دروازو کولي اندر آيو، تہ ڪپتان ۽ سيئي ٻار، اليوشا جي بستري جي چوڌاري وچي گڏ ٿيا هئا ۽ هڪ ننڍي ڪتي کي ٿي ڏٺائون، جو هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڄائو هو. جنهن لاءِ اليوشا جي خوش ڪرڻ لاءِ ڪپتان ٻڌايو ٿي تہ هوُ هڪ هفتو اڳ ۾ ڄائو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار کي اجا بہ اُن وڇايل ڪتي لاءِ رنج هو، جو گهڻو ڪري مري چڪو هو. اليوشا کي ٿي ڏينهن اڳ ۾ ٻڌايو ويو، هو تہ وٽس هڪ گلر آندو ويندو، جو ڪنهن بہ صورت ۾ رواجي گلر نہ هوندو، پر خاص نسل وارو هوندو. (هيءَ نهايت ضروري ڳالهہ ٿي سمجهي وئي.) هيءَ ڪوشش انهيءَ لاءِ هئي، تہ ٻار راضي ٿئي. ٻار بہ پنهنجي نيڪ جذبي هيٺ، اِيئن ٿي ڏيکاريو، تہ هوُ ان گلر جي ڏسڻ ڪان خوش آهي. پر هيءَ حقيقت هئي تہ سندس پيءُ ۽ ڇوڪرن صاف ڏنو ٿي، تہ هن ننڍڙي گلر کي ڏسي سندس دل ۾ ان بد بخت حيوان جي ياد جنهن کي هن عذاب ۾ وڌو هو، نئين سر اڀري آئي هئي. گلر، سندس پرسان ڪمزوري سان گهمي رهيو هو ۽ هوُ ڏک مان مشڪي رهيو هو. پنهنجي سنهڙي ۽ بي رنگ هٿ سان، ان کي ٿڦڪيون ڏيئي رهيو هو. هيءَ صاف ٿي ڏٺو، تہ گـلر بہ هجي ها، تہ هوُ مڪمل طرح خوش نظر اچي ها.

اوچتو هڪ ڇوڪري رڙ ڪري چيو تہ "ڪراسوتڪين." هوُ پهريون ڇوڪرو هو، جنهن ڪيس اندر ايندي ڏٺو هو.

ڪراسوتڪين جي داخلي عجيب شور پيدا ڪري ڇڏيو. ڇوڪرن ۾ چرپر اچي وئي ۽ بستري جي هڪ پاسي بيهي رهيا، جيئن هو اليوشا کي پوريءَ ريت ڏسي. ڪپتان وڏي شوق مان ڪوليا سان ملڻ لاءِ وڌيو.

"مهرباني ڪري هليو اچ...... ۽ تون پلي ڪري آئين!" هن نهايت تيزيءَ مان چيو. "اليوشا، مسٽر ڪراسوٽڪين، تنهنجي ڏسڻ لاءِ آيو آهي."

پر ڪراسوٽڪين جلدي مان ساڻس هٿ ملايو ۽ ساڳي وقت هن عمدي معاشري جي اخلاق کي پوريءَ ريت سندس سامهون پيش ڪيو. هوُ پهريائين ڪپتان جي زال ڏي مڙيو. جا هڪ ڪرسيءَ تي ويني هئي، جا اُن وقت ڪنهن چڱي خيال ۾ نه هئي. هوءَ ٻارن کي اليوشا جي بستري ۽ پنهنجي وچ ۾ ڏسي، ڪجهه هوريان هوريان پٽڪي رهي هئي. هوءَ ان گلر کي ڏسي نه ٿي سگهي. بيحد نياز مان هن ڪيس جهڪي سلام ڪيو. ان ڪان پوءِ هن پنهنجي پيرن کي موڙيو ۽ نينا ڏي متوجهه ٿيو. ڪيس بہ، هڪ عزت واري عورت جي حيثيت ۾ ساڳي ريت جهڪي سلام ڪيو. هن مروت واري هلت اُن بد بخت ڇوڪريءَ تي غير معمولي اثر ڪيو. ايتري قدر جو هن ڪيس وڏي آواز ۾ چيو تہ:

"توهان هن نوجوان کي ڏسي، هڪدم اِيئن چئي سگهو ٿا، تہ هن جي تربيت نهايت عمدي طرح ٿي آهي. پر اسان جا ٻيا ملاقاتي، فقط هڪٻئي جي پويان ايندا رهن ٿا." تنهنجو هڪٻئي جي پويان اچڻ ڪان ڇا مطلب آهي اَمڙ، ڪپتان ڪيس نهايت پيار مان چيو جيتوڻيڪ هو نينا جي باعث انتظار ۾ هو.

"هيءُ صحيح آهي. هو هڪٻئي جي پٺ تي سوار ٿي اچن ٿا. گهٽيءَ مان هڪٻئي جي ڪلهن تي چڙهيو اچن ٿا ۽ اهڙيءَ ريت هڪ شريف ڪٽنب ڏي ٽپا ڏيندا اچن ٿا. هيءُ عجيب قسم جا ملاقاتي آهن."

"پر امڙ، اهي ڪير آهن، جي اِيئن اچن ٿا؟"

"ڇو، هوُ ڇوڪرو، ٻيءَ جي پٺيءَ تي چڙهي آيو ۽ هيءُ وري هن جي پٺيءَ تي."

ڪوليا، اليوشا جي بستري تائين پاڻ کي ڪنيو ۽ هڪ پرپور نگاهہ سان ڪوليا ڏانهن نهاريائين. ڪوليا پنهنجي هن ننڍڙي دوست کي ٻن مهينن کان نہ ڏٺو هو. ڪيس ڏسندي هوُ بيحد فڪر ۾ پئجي ويو. هن اهو تصور بہ نہ ٿي ڪيو تہ هوُ اهڙي بيماري ۽ پيلي رنگ واري چهري کي ڏسندو. جنهن جون اکيون پنهنجي روشني وڃائي چڪيون هيون ۽ هٿ ڳري فقط چمڙي وچي رهيا هئا. هن رنج ۽ عجب مان اُن کي ڏٺو. سندس خشڪ چپن ۽ اُبهري ساهہ کڻڻ متس بيحد اثر ڪيو. هو هڪ قدم وڌيڪ ڪٽي سندس ويجهو ويو. سندس هٿ کي جهلي ۽ ڏک مان ڪيس چيائين تہ:

"پوڙها ماڻهو... تون ڪيئن آهين؟" پر سندس آواز هلي نہ سگهيو. سندس چهري مان ڪوبہ اطمينان ظاهر نہ ٿيو. سندس چهرو اوچتو گهنج هٽي ويو ۽ سندس وات جون ڪندون لرزڻ لڳيون. اليوشا ڏک پري ڪل سان مشڪڻ لڳو ۽ هڪ لفظ بہ

ٻاهر نہ ڪڍي سگهيو. ڪوليا تي ڪنهن جذبي اثر ڪيو ۽ هن پنهنجو هٿ وڌايو ۽ سندس وارن تي ڦيرڻ لڳو.

"پرواهہ نہ ڪر." هن ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ نهايت آهستگيءَ سان پٽڪندي چيو. شايد ڪيس بہ خبر نہ هئي، تہ هن اهي لفظ ڇو چيا؟ هڪ منٽ لاءِ هوُ ٻئي وري خاموش ٿي ويا.

"ها، توکي وري نئون ڪتو مليو آهي؟" ڪوليا ڪيس اوچتو، سخت آواز ۾ چيو.

"هائو!" اليوشا هوريان ڏکهي آواز ۾ چيو ۽ ساهہ کڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"هن ڪي ڪارو نڪ آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هوُ خطرناڪ ثابت ٿيندو ۽ چڱو گهريلو ڪتو. ڪوليا اُن ڪي تحمل ۽ صبر سان جاچڻ لڳو، ڇڻ تہ اُن جي لاءِ ان وقت فقط اهو گلر ۽ سندس ڪارو نڪ بحث جو موضوع هو. پر حقيقت ۾، هوُ پاڻ پنهنجي حالت تي ضابطو ڪري رهيو هو، تہ اِيئن نہ ٿئي تہ هوُ ٻار وانگر روئڻ شروع ڪري ڏئي. جيڪڏهن هوُ روئي وينو، تہ پوءِ پاڻ تي ضابطو نہ ڪري سگهندو. هن وري چوڻ شروع ڪيو، تہ "جڏهن هيءُ وڏو ٿئي، تہ هن ڪي زنجير ۾ ٻڌجو. مان اهڙن ڪتن ڪي چڱيءَ ريت سڃاڻندو آهيان."

"هيءُ تمام ڳورو ڪتو ٿيندو." ٻارن مان هڪ واڪو ڪري چيو.

"بيشڪ هي وڏو ۽ ڳورو ٿيندو. ايڏو وڏو جيڏو ڳابو!" ڪيترائي آواز گڏجي اچڻ لڳا.

"ايڏو وڏو جيئن ڳابو، سچو پچو ڳابو!" ڪپتان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. "مان خاص ڪري، اهڙي جنس جي ڪتي جي لاءِ، وڏي حرفت ڪان ڪم ورتو اٿم. هن جا مائٽ بہ وڏي قد وارا ۽ وحشي آهن. هنن جي قد جي بلندي گهٽي مشهور آهي.... اليوشا جي بستري تي ويهہ يا هتي هن بينچ تي. تون پلي ڪري آئين. اسان گهٽي وقت ڪان تنهنجي ڏسڻ جي اميد تي رکي. تنهنجي هيءَ وڏي مهرباني آهي، جو اليگزي فيودورووچ سان گڏ آيو آهين."

ڪراسوتڪين، بستري جي ڪناري تي، اليوشا جي پيرن ڪان ويهي رهيو. جيتوڻيڪ هوُ تيار هو، تہ پنهنجي طريقي سان آزاد ۽ آسان گفتگوءَ جي ابتدا ڪري، پر هوُ هاڻي مڪمل ريت پنهنجي خيالن ڪي وڃائي وينو. هن ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ:

"تہ ..... مان پريزيوان سان آيو آهيان. اهو ڪتو هاڻي مون وٽ آهي. جنهن ڪي پريزيوان سڏيندو آهيان. هيءُ سلافي نالو آهي. هوُ ٻاهر موجود آهي..... جيڪڏهن مان سيٽي وڄائيندس تہ هوُ اندر هليو ايندو." هن اليوشا ڏي منهن ڪري چيو تہ "مان بہ هڪ ڪتو آندو آهي. پوڙها توکي زهڪا ياد آهي؟" هن هڪدم ۽ اوچتي سوال ڪي ڦهڪائي ڏنو.

اليوشا جو ننڍڙو چهرو ڏڪڻ لڳو. هن ڪوليا ڏانهن غم ڀري انداز مان نهاريو. اليوشا دروازي وٽ بيٺو هو. هوُ شوخ ٿي ويو ۽ اشاري ۾ ڪيس چوڻ لڳو تہ زهڪا جي بابت ڪو بہ گفتگو نہ ڪري. پر هن ڪيس نہ ڏنو يا اِيئن ڏيکاريائين تہ هن ڪيس ڏٺوئي نہ آهي.

"زهڪا...... ڪٿي آهي؟" اليوشا ٿلهي آواز سان چيو. اليوشا ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو، پر پنهنجي نگاهہ هڪ دفعو وڌيڪ محڪم طرح ڪوليا تي وڌي. اليوشا، ڪوليا کي پاڻ ڏي متوجهہ ڏسي، ڪيس وري بہ چتائيءَ سان اشارو ڪيو. پر هن پنهنجون اکيون ڦيرائي ڇڏيون ۽ ڏيکاريائين تہ ڄڻ هن ڪيس ڏٺو ئي نہ آهي.

"هو ضرور ڪاڏي ڀڄي ويو ۽ ڪٿي مري ويو هوندو. اهڙي ڪاڏي ڪان پوءِ هن کي مرڻ ئي گهرجي." ڪوليا بي رحميءَ سان چوندو رهيو، جيتوڻيڪ سندس ساهہ ڪجي نہ ٿي سگهيو. "پر مون وٽ پريزيوان هڪ ڪتو آهي........ هي سلاوي نالو آهي..... مان ان کي تنهنجي ڏسڻ لاءِ آندو آهي."

"مون کي نہ کپي." اليوشا زور سان چيو.

"نہ، نہ، توکي هن کي ڏسڻ گهرجي.... هوُ توکي وندرائيندو. مان انهيءَ مقصد سا تو وٽ آندو آهي..... هوُ ان جهڙوئي گهاٽن وارن وارو ڪتو آهي.......... تون مون کي اجازت ڏي بيگم تہ مان اُن کي اندر سڏيان." هن اوچتو بيگم سينيگريوف کي عجيب جوش جي انداز ۾ چيو.

"مون کي هوُ نہ کپي، مون کي هوُ نہ کپي!" اليوشا رڙ ڪري چيو. سندس آواز ماتمي بڻجي چڪو هو ۽ سندس اکين مان ملامت خيز روشني نظر اچڻ لڳي.

"چڱو اِيئن آهي"، ڪپتان صندوق تان، جا پٽ جي پرسان پئي هئي، جنهن تي هوُ تازو ويٺو هو، چيو تہ..... چڱو اِيئن آهي تہ اها ڳالهہ ٻي وقت تي توکي رکڻ گهرجي." پر ڪوليا سندس گفتگوءَ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. هن جلدي مان سميوروف کي چيو تہ "دروازو کول". جيئن ئي دورازو کليو، تہ هن پنهنجي سيٽي وڄائي. پريزيوان ٽپا ڏيندو اندر گهڙي آيو.

"پريزيوان ٽپو ڏئي پنهنجو تماشو ڏيکار." ڪوليا ڪيس رڙ ڪري چيو. ڪتو اليوشا جي بستري جي پرسان پوين ٽنگن تي بيهي رهيو. جنهن سيني کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. اليوشا ڪان چرڪ نڪري ويو. هوُ ڪتي جي مٿان جهڪيو، شڪ ۽ اداسيءَ مان ان کي نهارڻ لڳو.

هن اوچتو رڙ ڪري چيو تہ، "هيءُ تہ زهڪا آهي." سندس آواز خوشيءَ ۽ تڪليف ڪان وڌيڪ ڳنڀير بڻجي ويو.

"تون تہ ايئن پيو سمجهين تہ الائي ڪهڙو ڪتو هوندو؟" ڪراسوتڪين پنهنجي سڄي طاقت سان رڙ ڪندي چيو. سندس آواز خوشيءَ کان گهنگهرن وانگر وڄي رهيو هو. هن جهڪي ڪتي کي ورتو ۽ اليوشا وٽ ڪٽي آندائين ۽ کيس چوڻ لڳو تہ:

"هيڏي ڏس پوڙها ماڻهو! هيءُ اک ڪان ڪاڻو آهي ۽ سندس ڪبو ڪن چيريل آهي. اهي ئي نشانيون هيون، جي تو، مون کي ٻڌايون هيون. انهيءَ ڏس تي ئي مون هن کي لڌو آهي. هيءَ ڪنهن جي بہ ملڪيت نہ آهي ۽ مون کي سنئون سڌو هٿ آيو آهي." هوُ هيءُ حقيقت بيان ڪندي، ڪپتان ڏي، سندس زال ڏي، اليوشا ڏي ۽ آخر ۾ اليوشا ڏي ڦرندو رهيو. "هيءُ فيدوتوف جي اڱڻ جي پٺ ۾ تي رهيو. جيتوڻيڪ هن اُتي پنهنجو گهر ٺاهيو هو، پر هوُ کيس ڪو نہ کارائيندو هو. هيءُ هڪ رولو ڪتو هو، جو ڪنهن ڳوٺ مان پڇي آيو هو...... مان ان کي لڌو.... پوڙها ماڻهو! تو، جو ڪاڌو هن کي ڏنو هو، ان کي هو اوڳاري نہ سگهيو هو. جيڪڏهن هوُ اوڳاري وڃي ها بہ تہ هو يقيناً مري وڃي ها. هن شايد اُن کي اُلٽي ڪري ڪڍيو هو، تڏهن تہ جيئرو آهي. تو بہ هن کي ايئن ڪندي نہ ڏٺو هو. پر ٺاڇٽي هن جي زبان ۾ چُڀجي پئي، تڏهن تہ هوُ روڙهہ ڪري رهيو هو. هوُ روڙهندو پڇي ويو ۽ تو سمجهيو تہ هوُ اُن کي اڳري ويو آهي. کيس روڙڻ تہ ڪپندو هو، ڇو تہ ڪتي جي وات جي کل ڏاڍي نازڪ ٿيندي آهي...... ماڻهوءَ جي کل کان بہ گهٽي نازڪ!" ڪوليا وڏي آواز سان ڳالهائيندو رهيو. سندس چهرو خوشيءَ کان چمڪي رهيو هو. اليوشا ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. سندس چهري جو رنگ سفيد چادر جهڙو ٿي ويو هو ۽ سندس وات ڪليل رهجي ويو، جنهن سان هوُ ڪوليا ڏي نهاري رهيو هو. سندس وڏيون اکيون، هن جي مٿي ۾ ڪپي ويون هيون ڪراسوتڪين کي هيءُ شڪ ۽ شبهو تہ هيوئي ڪونہ تہ هيءَ خطرناڪ ۽ مصيبت خيز خبر ننڍڙي بيمار جي سلامتي تي ڪهڙو اثر آڻيندي. جيڪڏهن کيس اها خبر هجي ها، تہ هوُ ڪڏهن بہ اهڙي حرڪت نہ ڪري ها. پر اليوشا واحد انسان هو، جو ان ڪمري ۾ هن حقيقت کي چڱي ريت محسوس ڪري رهيو هو. پر ڪپتان سندس حقيقت تي بلڪل اعتبار ڪري چڪو هو ۽ ننڍڙي ٻار وانگر ٽپو ٽپو هو ۽ چوندو رهيو تہ:

"هيءُ زهوڪا آهي، زهوڪا! اليوشا هي زهوڪا آهي، تنهنجو زهوڪا! بيگم هي زهوڪا آهي!" هوُ ڄڻ تہ روئي رهيو هو.

سميوروف افسوس ڪندي چيو تہ "مان هن کي ڪڏهن بہ نہ سڃاتو هو. ڪراسوتڪين توکي آفرين هجي. مان چيو نہ ٿي تہ هوُ هن کي ضرور لهندو ۽ هن اُن کي ڳولي ورتو."

ٻي ڇوڪري خوشيءَ مان دھرايو، ”اڇھو، ھيءَ اُن کي لھي آيو آھي.“
ٽئين ڇوڪري چيو تہ ”شاباش ڪراسوٽڪين.“
ٻين ڇوڪرن گڏ جي چيو تہ ”آفرين! ھن کي آفرين آھي،“ ۽ ھنن تاڙيون وڄائڻ شروع ڪري ڏنيون.

”ترسو، ترسو!“ ڪراسوٽڪين، پنھنجي آواز کي سڀني کان مٿي پھچائيندي چيو تہ، ”مان توھان کي ٻڌائيندس تہ اھو معاملو ڪيئن اِيئن پيش آيو. اھوئي وڏو نڪتو آھي. مان ھن کي لڌو، گھر وٺي ويو ماڻس ۽ ھڪدم لڪائي ڇڏيومانس. مون ھن کي پنھنجي گھر ۾ قلف ڏيئي رکيو ۽ اڄ تائين ڪنھن کي بہ نہ ڏيکاريم. پر گذريل پندرنھن ڏينھن کان فقط سميوروف کي ھن جي خبر ھئي. پر مان کيس يقين ڏياريو ھو تہ ھن جو نالو پريزيوان آھي ۽ ھن ان کي ڪين سڃاتو. ھن سموري وقت ۾ ڪتي کي سڀ ڪنھن قسم جون بازيون سيکاريون. مان جو ڪجھ ھن کي سيکاريو آھي، ھو سڀ ڪري ڏيکاريندو. مان اھيءَ ڳالھيون انھيءَ لاءِ کيس سيکاريون، تہ ھو ھڪ تربيت يافتہ ڪتي وانگر اوھان جي سامھون اچي. پوڙھا ماڻھو! مان ھاڻي اِيئن چئي سگھان ٿو، تہ ڏس تہ تنھنجو ”زھوڪا“ ھاڻي، ڪھڙو عمدو ڪتو بڻجي پيو آھي. توھان وٽ گوشت جو ذرو موجود آھي ۽ ھيءَ اوھان کي اھڙيون بازيون ڏيکاريندو، جو اوھان کلندي کلندي کيرا ٿي ويندا. ڇا اوھان وٽ گوشت جو ذرو ڪو نہ آھي؟“

ڪپتان، ڳھٽي مان جاءِ مالڪياڻيءَ ڏانھن ڊوڙيو، جتي سندن ڪاڌو پچندو ھو. ڪوليا پنھنجي قيمتي وقت کي وڃائڻ مناسب نہ سمجھي، نااميديءَ جھڙي تڪڙ ۾ رڙ ڪري چيو، تہ مري وڃ. ڪتو ھيءُ ٻڌندي ئي ڇوڏاري قريبو ۽ زمين تي پٺيءَ پير اھڙي ريت ليٽي پيو، جو سندس چارئي پير مٿي ھوا ۾ ھئا. ٻار کلڻ لڳا. اليوشا ساڳي تڪليف وارين نگاھن سان ڏسڻ لڳو. سڀ کان وڌيڪ خوش ماءُ ھئي. ھوءَ ڪتي کي ڏسي کلي رھي ھئي، اُن کي آڱرين سان مھٽي رھي ھئي ۽ ”پريزيوان! پريزيوان!“ ڪري ان کي سڏڻ لڳي.

ڪوليا پنھنجي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ مان، فخر سان چوڻ لڳو تہ ”ھاڻي ڪو بہ ھن کي اُٿاري نہ ٿو سگھي. دنيا جي ڪنھن بہ آواز ڏي، ھاڻي ھيءُ ڪن نہ ڏيندو نہ چرندو. پر جيڪڏھن مان کيس چوندس، تہ ھو ھڪ منٽ ۾ ٽپو ڏئي اُٿندو. اُٿ پريزيوان!“ ڪتو ٽپو ڏيئي اُٿيو ۽ خوشيءَ مان آواز ڪڍڻ لڳو. ڪپتان رڌل ڳئونءَ جي گوشت جو ٽڪرو کڻي اندر آيو.

ڪوليا ڪانئس تڪڙ ۾ پڇيو، تہ اھو گرم تہ نہ آھي. ھن ان کي ورتو ۽ سندس گفتگو، ڄڻ تہ ھڪ ڏنڌي واري جو ٿي لڳو. ”ڪتن کي گرم شيءِ نہ وڻندي آھي، نہ. پر

هيءُ نيڪ آهي. ڏسو. ڏسو سيئي ڏسو. تون بہ اليوشا پوڙها ماڻهو ڏس. تون هن ڏي ڇو نہ ٿو نهارين؟ تون هن کي تڏهن نہ ٿو ڏسين، جو ، مان هن کي تو وٽ آندو آهي."

هاڻي نئين بازي اها هئي، تہ ڪتي کي بنا ڪنهن چرپر جي ويهاريو ويو هو. سندس نڪ ٻاهر نڪتل هو ۽ ان جي مٿان، گوشت جي ٻور رکي وئي هئي. بدقسمت ڪتي کي انهيءَ حالت ۾ خاموشيءَ سان ويهڻو هو ۽ سندس نڪ تي گوشت جي ٻور بہ موجوده هئي. ڪيس ايترو وقت، ويهڻو هو. جيستائين سندس مالڪ جي مرضي هجي. شايد اڌ ڪلاڪ تائين بہ. پر هن پريزيوان کي مختصر وقت لاءِ انهيءَ حالت ۾ ويهاريو.

"هن جي قيمت ادا ڪرڻ گهرجي!" ڪوليا چيو. اڪ ڇنڀ ۾ گوشت جو ٽڪرو، نڪ کان ڪري ڪتي جي وات ۾ هليو ويو. ڏسندڙن هن بازيءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ عجب ۾ پئجي ويا.

"ڇا تون سچ پچ پنهنجي اچڻ ۾ دير انهيءَ لاءِ ڪئي هئي، تہ ڪتي جي تربيت ڪرين؟" اليوشا ڪانئس غير ارادي طور تي پڇيو ۽ سندس آواز ۾ ملامت تي ڏني.

"ها، فقط انهيءَ لاءِ" ڪوليا نهايت سادگيءَ سان جواب ڏنو. "مان ڪيس پوري شان سان ڏيکارڻ ٿي گهريو."

"پريزيوان، پريزيوان." اوچتو اليوشا ڪيس سڏ ڪيو. هن پنهنجي سنهڙين آڱرين سان سندس پنيءَ کي ٺڪڻ شروع ڪيو.

"اهو ڇا آهي؟ هن کي بستري تي ٽپو ڏيئي اچڻ گهرجي. اچ پريزيوان!" ڪوليا بستري کي ڏڪ هنيو ۽ پريزيوان تير وانگر اليوشا جي قريب وڃي پهتو. ٻار پنهنجون ٻئي ٻانهون سندس ڳچيءَ ۾ وڌيون ۽ هو سندس ڳلن کي چٽڻ لڳو. اليوشا چُري سندس ويجهو آيو. بستري مان پاڻ کي مٿي ڪنيائين ۽ پنهنجو منهن سندس گهاٽن وارن ۾ لڪائي ڇڏيائين.

"منهنجا پيارا، منهنجا عزيز!" ڪپتان چوندو رهيو. ڪوليا وري هنڌ جي ڪناري تي ويهي رهيو.

"اليوشا مان توکي وري، هن جي ٻي بازي ڏيکاري سگهان ٿو. مان تنهنجي لاءِ هڪ ننڍي توب آندي آهي. توکي ياد هوندو تہ مان توکي ان بابت ٻڌايو هو ۽ تو خواهش ڏيکاري هئي، تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جو تون ان کي ڏسين. ها، مان ان کي توکي ڏيکارڻ لاءِ ڪٺي آيو آهيان.

ڪوليا جلديءَ مان پنهنجي ڳنڍ کي کولي، ان مان توب کي ڪڍيو. جا پتل جي نهيل هئي.

هن تڪڙ تي ڪئي، ڇو تہ هو پاڻ بيحد خوش هو. هو جيڪر ٿورو وقت ترسي ها، جيستائين پريزيوان جو پيدا ڪيل اثر گهٽ ٿي وڃي ها. پر هو هاڻي سيني

ڳالهين کان بي نياز بڻجي ويو هو. "توهان سيئي هاڻي خوش هوندا." هن محسوس ڪندي چيو. "مان اڃا بہ اوهان کي وڌيڪ خوش ڪرڻ لاءِ اها شيءِ آندي آهي." هو مڪمل ريت خوش ٿي ڏنو.

"مان هن شيءِ کي ڪيتري وقت کان پنهنجي لالچ ۾ لڪائي ڇڏيو هو، پر هاڻي پوڙها ماڻهو! هيءَ تنهنجي لاءِ آهي. هيءَ اصل ۾ موروزوف جي ملڪيت هئي، جا هن پنهنجي ڀاءُ کان ورتي هئي ۽ سندس ڪم جي نہ هئي ۽ مان پنهنجي پيءُ جي ڪتبخاني مان هڪ ڪتاب جي عيوض ورتي. ان ڪتاب جو نالو "قوم محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم" آهي. هيءُ ڪتاب سؤ سال اڳي ماسڪو ۾ ڇپيو هو. ان زماني ۾ اهڙن مذهبي ڪتابن تي ڪابہ گرفت نہ هئي. موروزوف کي هيءُ ڪتاب ڏاڍو پسند هو ۽ هو ان کي حاصل ڪري منهنجو شڪرگذار بڻيو هو."

ڪولياتوب پنهنجي هٿن ۾ جهلي هئي، تان جو هرڪو ڏسي ان جي تعريف ڪري. اليوشا پاڻ کي مٿي ڪنيو ۽ سندس سڄي ٻانهن اڃا بہ ڪٽي جي چوڏاري هئي. هن ڏاڍي خوشيءَ مان رانديڪي کي ڏٺو. اڃا بہ وڌيڪ تعجب ان وقت پڪڙيو، جڏهن ڪوليا ٻڌايو، تہ وٽس توب جو بارود بہ آهي ۽ هو ان وقت، ان کي چوڙي بہ سگهي ٿو پر شرط اهو آهي، تہ زالون اُن کي ڏسي دانهون نہ ڪن. گهر جي وڏي ماءُ خواهش ڏيکاري، تہ هوءَ ان رانديڪي کي ويجهو تي ڏسي. سندس عرض کي هڪدم قبول ڪيو ويو. هوءَ ان توب کي ڏسي، جا ڇنڻ تي هئي، بيحد خوش ٿي ۽ پنهنجي جهوليءَ ۾ اُن کي هيڏي هوڏي ڦيرائڻ لڳي. هن هڪدم اجازت ڏني، تہ توب کي چوڙيو وڃي ۽ سندس خيال ايڏانهن ويو ئي نہ تہ هوءَ ڇا چئي رهي آهي؟ جيئن تہ ڪپتان فوجي ماڻهو هو، هن توب ۾ بارود وجهڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ورتو ۽ اُن جو انداز هن پنهنجي خيال موجب رکڻ گهريو. هن ايئن بہ چيو، تہ ان کي ڪنهن بہ وقت تي ڇوڙيو وڃي. آخر توب زمين تي رکي وئي، ڪمري جي خالي طرف ان جو رخ ڪيو ويو. بارود جا ٽي ڇِرا ان جي خالي سوراخ ۾ وڌا ويا. لبلبي کي دٻايو ويو ۽ هڪ وڏو ٺڪاءُ ظاهر ٿيو. ماءُ ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پر هڪدم کلي ويئي. چوڪرا ڳالهائڻ کان سواءِ خوشيءَ مان نهارڻ لڳا. مگر ڪپتان اليوشا ڏي ڏسندي، سڀ کان وڌيڪ خوش ٿيو. ڪوليا توب کي کڻي ورتو ۽ جلدي مان اليوشا کي سوکڙيءَ طور ڏئي ڇڏيائين. ان سان گڏ بارود بہ ڏنائين.

"مان هيءَ تنهنجي لاءِ ورتي هئي ۽ گهڻي وقت کان تنهنجي لاءِ سانڍي رکي هئم." هن وڏي خوشيءَ مان هن حقيقت جو وري بہ اظهار ڪيو.

”ها، اها مون کي ڏي، نہ اها مون کي ڏي.“ ماءُ ننڍڙي ٻار وانگر ان کي عرض ڪرڻ لڳي. سندس چهري مان ڏک جو اظهار بہ پئي ٿيو، تہ اها شيءِ ڪيس ملي نہ سگهندي. ڪوليا ايڏاهين ڌيان نہ ڏنو ۽ ڪپتان پريشانيءَ مان ڪيس ڏسندو رهيو. هو وٺس ڊوڙي ويو ۽ چيائينس تہ ”بيگم، بيگم، بي شڪ هيءَ توب تنهنجي آهي، پر ڇڏ تہ اليوشا ان کي وٺي. چو تہ هيءَ تحفو، هن جو آهي، پر ان هوندي بہ هن جي شيءِ تنهنجي آهي. اليوشا توکي هن جي کيڏڻ کان منع تہ ڪونہ ڪندو. اها اوهان ٻنهي جي ملڪيت ٿي رهندي.“

”نہ، مان ائين نہ ٿي چاهيان، تہ هيءَ ٻنهي جي ملڪيت ٿي رهي. مان چاهيان ٿي تہ اها خالص منهنجي هجي، نہ اليوشا جي.“ ماءُ هن تي وڏيڪ زور ڏنو ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.

”ماءُ، هن کي تون وٺ ۽ پاڻ وٽ رک“، اليوشا زور سان ڪيس چيو. ”ڪراسوتڪين مان هيءُ پنهنجي ماءُ کي ڏئي سگهان ٿو؟“. هو ان ڏي سوال واري چهري سان ڦريو. ڇڻ تہ ڪيس خوف پئي ٿيو، تہ هن تحفي کي ٻي کي ڏيڻ سان سندس توهين تہ نہ ڪري رهيو آهي.

”بيشڪ تون هن کي ڏئي سگهين ٿو.“ ڪراسوتڪين، دل ۽ جان سان ان کي تسليم ڪندي چيو. هن اليوشا جي هٿ مان توب کي وٺي، مروت سان جهڪندي، پاڻ ئي سندس ماءُ کي ڏني. هن جي مٿان ايڏو تہ اثر پيو، جو هوءَ روئڻ لڳي.

”منهنجا پيارا اليوشا، معلوم ٿئي ٿو، تہ تون پنهنجي ماءُ سان پيار ٿو ڪرين.“ ائين چئي، هن وري توب کي پنهنجي هنج ۾ هيڏي هوڏي ڦيرائڻ شروع ڪيو.

”بيگم مون کي هٿ ڏي تہ مان ان کي چمان.“ سندس مڙس کيس چيو. هو جلدي مان وٺس ويو ۽ سندس هٿ کي چمي ڏنائين.

”مان اهڙو حليم طبع ڇوڪرو ڪونہ ڏٺو آهي، جهڙو ڪراسوتڪين.“ شڪرگذار عورت ان ڏانهن اشارو ڪري چيو. اليوشا، مان تنهنجي لاءِ ايترو گهڻو بارود آڻيندس، جيترو تو چاهيو. اسان بارود هاڻي پاڻ ٺاهيندا آهيون. بروويڪوف سمجهي ورتو آهي، تہ اهو ڪيئن ٺاهيو ويندو آهي. چوويهہ حصا شورو، ڏهہ حصا گندرف ۽ ڇهہ حصا، بيد جي وڻ جو ڪوئلو، هنن سيني کي پاڻ ۾ ڪُٽجي ۽ متانئن تورو پاڻي ڇنڪارجي تہ هڪ خميرو ٺهجي ويندو. ان وقت ان کي صاف ڪجي، بس بارود تيار ٿي ويو.

”سميوروف مون سان تنهنجي بارود جي ڳالهہ ڪئي هئي، پر منهنجي پيءُ چيو ٿي، تہ اهو نج بارود نہ آهي.“ اليوشا هڪدم چئي ڏنو.

”اهو سچو بارود نہ آهي“. ڪوليا ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”اهو جلي تہ ٿو. ٿي سگهي ٿو، تہ مون کي ان جي خبر نہ هجي!“

”نہ، منهنجو اهو مطلب نہ آهي.“ ڪپتان پنهنجي ڇهري ڪي گنهگار بڻائيندي چيو. ”مان فقط اِئين ٿي چيو. تہ اهو نج بارود نہ آهي. جو تہ اهو اِئين نہ ناهيو ويندو آهي. پر هن ۾ ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. اِئين بہ ناهيو ويندو هوندو.“

”مون ڪي خبر نہ آهي. اوهان وڏيڪ ڄاڻندا هوندا. اسان بارود ڪي هڪ شيشيءِ ۾ باهہ ڏنيسون. هو ڇڳيءَ ريت سڙي ويو ۽ شيشي جي تري ۾ رک ٿوري وڃي بچي. اهو بہ فقط خميري جي سبب ڪان ٿيو هو. جيڪڏهن ان ڪي وڌيڪ صاف ڪيو وڃي. تہ شايد اها بہ نہ رهي.... بهرحال اوهان مون ڪان وڌيڪ ڄاڻو ٿا........ مون ڪي گهڻ خبر آهي. بلڪن جي پيءُ هن بارود جي ڪري ڪيس گهڻو ماريو هو. تون ٻڌين بہ ٿو؟“ هو اليوشا ڏي ڦريو.

”هائو“ اليوشا ڪيس جواب ڏنو. هو ڪوليا جي گفتگوءَ ڪي وڏي سنجيدگيءَ سان ٻڌي رهيو هو.

اسان اُن جي سڄي بوتل تيار ڪئي هئي ۽ هو هميشہ ان ڪي پنهنجي بستري ۾ رکندو هو. سندس پيءُ ان ڪي ڏٺو. هن ڪيس چيو تہ ٿي سگهي ٿو. تہ هيءَ ڦاٽي پوي ۽ اتي ئي ڪيس سخت تنبيهہ ڪيائين. هو منهنجي خلاف، ماسترن وٽ وڃي شڪايت ڪرڻ وارو هو. هاڻي هن ڪي اجازت نہ آهي، تہ مون سان گڏ گهمي. سميوروف ڪي بہ ساڳي اهڙي ريت اجازت تہ نہ آهي. منهنجو نالو سڀ ڪنهن وٽ بدنام آهي. سڀئي چون ٿا. تہ مان بي خوف ڪردار وارو آهيان. ڪوليا نفرت مان مشڪڻ لڳو. هيءُ سڀ ڪجهہ ان ريلوي واري واقعي ڪان پوءِ ٿيو.

”اڙي! اسان تنهنجي هن بي خوفيءَ واري حادثي ڪي ٻڌو آهي.“ ڪپتان چوڻ لڳو. ”تون ڪهڙي ريت ريل جي بند تي ليٽي پيو هئين؟ ڇا اهو ٿي بہ سگهيو ٿي، ۽ توکي ڪوبہ خوف نہ ٿيو. سو بہ ريل گاڏيءَ جي هيٺان. تون ڊڄين نہ پيو؟“

”خاص طرح نہ“. ڪوليا بي پرواهيءَ سان ڪيس جواب ڏنو. ”پر منهنجي شهرت کي سڀ ڪان وڌيڪ جنهن ڌڪ هنيو. اها، هوءَ بدبخت هئي.“ هن اليوشا ڏي منهن ڪي ڦيرائيندي چيو. جيتوڻيڪ سندس ڳالهائڻ مان بي تعلقي ٿي ڏٺي، پر ان هوندي بہ هو پاڻ تي ضابطو نہ ڪري سگهيو هو. سلسلي جي طور تي، هو ان حقيقت ڪي وساري ڇڪو هو. جا ڪيس چوئي هئي.

”هائو. مان ان بدڪ جي لاءِ ٻڌو آهي“. اليوشا ڪليو ۽ مٿي ڪان وني پيرن تائين جمڪڻ لڳو. هنن مون ڪي ڪجهہ ٻڌايو. پر مان سمجهي نہ سگهيس. ڇا سچ پچ هو توکي ڪورٽ ڏي وني ويا هئا؟

”نهايت ناداني ۽ خطري وارو واقعو. هن ڪٿي جي ٻر ڪي دستور موجب جيئن ٿيندو آهي، جبل بڻائي ڇڏيو.“ ڪوليا بي پرواهيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. مان هڪ ڏينهن

هتي مارڪيٽ ۾ پئي گهميس. بلڪل ان وقت بدڪ دڪندي آئي، جنهن کي ڪي دڪائيندا آيا. مان ترسيس ۽ انهن کي ڏسڻ لڳس. اوچتو انهن جوانن مان هڪ جو پلاتنيڪوف جي دڪان تي پيادي جو ڪم ڪندو آهي، مون کي نهارڻ لڳو ۽ چيائين ته "تون هن ڦاز کي ڇو ڏسي رهيو آهين؟" مان هن ڏي ڏٺو، هو هڪ گول چهري وارو، ويهن ورهين جي عمر وارو بيوقوف نوجوان تي ڏٺو. مان هميشه هارين جو طرفدار رهيو آهيان، توکي ان جي خبر آهي. مون کي هارين سان ڳالهائڻ پسند ايندو آهي....... اسان هارين کي پٺتي ڌڪي ڇڏيو آهي، اهو هڪ مسئلو آهي. مان سمجهان ٿو ته تون کلي رهيو آهين، ڪرامازوف!

"خدا بخشي، مان ڪٿي کلي رهيو آهيان؟" اليوشا ڪيس نهايت مروت سان چيو ۽ حساس ڪوليا کي تسلي تي وئي ۽ چوڻ لڳو ته:

"ڪرامازوف، منهنجو نظريو صاف ۽ سادو آهي. هو تڪڙ مان ڳالهائيندو ويو ۽ خوش تي ڏٺو. مان هميشه ماڻهن ۾ اعتبار رکندو آهيان ۽ مان خوش هوندو آهيان، ته انهن کي سندن لائق عزت ڏيندو رهان، پر مان ڪڏهن به کين خراب ڪرڻ وارو نه آهيان. هيءَ بي لذت گناهه آهي..... پر مان توکي ڦاز لاءِ ٻڌائي رهيو هوس. مان ان بيوقوف ڏي مڙيس ۽ جواب ڏنومانس، ته "مون کي عجب تو لڳي، ته هيءُ ڦاز هن وقت ڇا سوچي رهيو آهي؟" هن مون ڏي بلڪل بيوقوفن وانگر ڏٺو ۽ چوڻ لڳو، ته "ڦاز ڇا سوچي رهيو آهي؟" مان ڪيس چيو ته، "تون هيءَ گاڏي جَوَن سان ڀريل ڏسين ٿو؟ جَوَ گاڏي جي چيرن مان ڪري رهيا آهن ۽ ڦاز ڦيٽن مان پنهنجيءَ ڳچيءَ کي ورائي، انهن کي چڳڻ گهري ٿو. تون اهو ڏسين ٿو؟ "مان هيءُ چڱي ريت ڏسان ٿو. هن چيو."

"نيڪ آهي". مان چيومانس، "جيڪڏهن گاڏي ٿوري اڳتي ڇري، ته ڦاز جي ڳچي ڀڄي پوندي يا نه؟" يقيناً هيءَ ڀڄي پوندي. هن جي سڄي چهري ۾ فڪر ڪان گهنج پئجي ويا ۽ هو خوش ٿيڻ لڳو. مان ڪيس چيو ته "تڏهن اچ ته ڪا ڪوشش ڪريون." هن سوچڻ ۾ اسان کي ڪابه دير نه لڳي. هو گهوڙي جي واڳن وٽ بيٺو هو ۽ ڪيس ڪنهن به نه تي ڏٺو. مان سنئون سڌو ڦاز جي سامهون بيٺو هوس. ڦاز جي مالڪ اسان کي نه تي ڏٺو. هو ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هو. منهنجو هن ۾ ڪو به واسطو نه هو. ڦاز پنهنجي مٽي کي پنهنجي مرضيءَ سان جَوَنَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڦيٽي مان لنگهائي ڇڏيو هو. مان ان ڇوڪريءَ تي اک ڇنڀي، هن واڳن کي ڇڪيو ۽ تڪر جو آواز ٿيو. ڦاز جي گردن ڀڄي پئي. هيءَ نصيب جي ڳالهه هئي، ته سڀني هارين هن نظاري کي ڏٺو ۽ هنن هڪ گوڙ ۽ غل مچائي ڏنو. "تو هيءُ ڄاڻي واڻي ڪيو آهي." "نه منهنجو هن ۾ ڪوبه مطلب نه هو." ڇڱو هنن رڙ ڪري چيو، هن

کي جج وٽ وني هلو. هنن مون کي بہ پاڻ سان ورتو. هنن چيو تہ تون بہ هن سان هئين. تہ بہ هن جي مدد نہ ڪئي آهي ۽ تون سڄي مارڪيٽ ۾ مشهور آهين. سچ پچ ڪن سببن جي ڪري مان سڄي مارڪيٽ ۾ مشهور بہ آهيان. ڪوليا هن حقيقت کي پنهنجي خودداري ڏيکاريندي چوندو ويو. اسان سيئي جج وٽ وياسون، هو قاز کي بہ پاڻ سان کڻي آيا هئا. هن نوجوان پنهنجو هوش وڃائي ڇڏيو هو ۽ رنن وانگر روئي ۽ رڙي رهيو هو. هوڏانهن هاري رڙيون ڪري چئي رهيا هئا، تہ اهڙي ريت تون الائجي ڪيترا قاز ماري ڇڏيندين. هنن وٽ شاهد بہ هئا. جج سڄو معاملو هڪ منٽ ۾ پورو ڪري ڇڏيو ۽ فيصلو ڏنائين، تہ قاز جي بدلي ۾ هڪ روبل ڏنو وڃي ۽ ان سان گڏ تاڪيد ڪيائين، تہ وري اهڙي شرارت نہ ڪئي وڃي. پر هو نوجوان اجا بہ دبري رهيو هو، تہ منهنجو هيءُ ڏوهہ نہ آهي. پر هن جو آهي، جنهن مون کي صلاح ڏني، هن ڪم لاءِ تيار ڪيو هو. هن مون ڏي اشارو بہ ڪيو. مان پوري زور سان انڪار ڪيو، تہ مان هن کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ڪيو هو. مان ڪيس فقط هڪ عام راءِ پيش ڪئي هئي، جو هڪ فرضي گفتگو هئي. جج هي ٻڌي مشڪيو ۽ پنهنجي مشڪڻ تي بہ پريشان ٿي ويو. مان تنهنجي ماسترن کي تنهنجي روش لاءِ آگاهہ ڪندس، انهيءَ لاءِ تہ جيئن تون هن عام تجويزن تي پنهنجو وقت وڃائيندو نہ رهين. توکي پنهنجي ڪتابن پڙهڻ سان شوق رکڻ گهرجي. هن ماسترن کي منهنجي ڪابہ دانهن نہ ڏني ۽ هيءُ سچو مذاق هو. پر هيءُ معاملو پري تائين پکڙجي ويو ۽ ماسترن تائين وڃي پهتو. هنن جا ڪَنَ تہ وري ڊگها ٿيندا آهن. توکي تہ هيءَ خبر آهي! اسان جي قديم ادب جي پڙهائڻ وارو استاد ڪالباسنيڪوف کي هيءَ ڳالهہ ٻڌي وڏو صدمو پهتو. پر داردانيلوف وري بہ منهنجي بچاءَ ۾ اچي مون کي ڪڍائي ويو. پر ڪالباسنيڪوف سڀ سان اهڙو وحشياڻو طريقو استعمال ڪندو آهي. توکي خبر آهي اليوشا، تہ هن هاڻي شادي ڪئي آهي ۽ کيس هڪ هزار روبل جو ڏاج مليو آهي. پر سندس ڪنوار، غير معمولي طور تي اول ڪان آخر تائين پوائتي آهي. ٽئين ڪلاس جي شاگرد، سندس محبوبا شعر لکيو آهي: نهايت مزيدار آهي. مان اهو تو وٽ پوءِ کڻي ايندس. مان داردانيلوف جي خلاف ڪجهہ بہ نہ چوندس. هن ۾ شڪ نہ آهي، تہ هو عالم آهي. مان اهڙن ماڻهن جي عزت ڪندو آهيان. اها انهيءَ لاءِ نہ آهي تہ هن منهنجي بچاءُ ۾ ڪم آيو هو."

"پر تو تہ هن کي ترآءِ جي آباد ڪرڻ وارن جي سوال تي جهڪائي ڇڏيو هو." سميوروف هيءُ سوال ڪانئس اوچتو پڇيو. هو غلطيءَ ڪان ان وقت ڪراسوتڪين تي ناز ڪري رهيو هو. هو قاز جي آڪاڻيءَ کي ٻڌي نهايت خوش ٿيو هو.

”سچ پچ تو ڪيس هن سوال ۾ منجهايو هو؟“ ڪپتان خاص نوع ۾ سندس خوشامد ڪندي چيو. ”هيءُ سوال تہ ترائِ جو ڪنهن بنياد رکيو هو.“ اليوشا مون کي ان وقت هيءُ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي هئي. ”هيءُ سيڪجهہ ڄاڻي ٿو پيءُ. اسان سيني کان گهڻو ڄاڻي ٿو. هيءُ اهڙيءَ ريت فقط نمونو ڪري رهيو آهي. پر هيءُ سڄي مضمون کي چڱي ريت ڄاڻي ٿو........“ ڪوليا بيحد خوشيءَ مان اليوشا ڏي نهاريو.

”اڙي! ترائِ جي بابت هي سڄي بيوقوفي آهي. هڪ واهيات حقيقت. مان هن کي غير ضروري سوال سمجهندو آهيان.“ ڪوليا نيازمندانہ طريقي سان چيو. هن هاڻي پوري ريت پنهنجي شان کي وري حاصل ڪري ورتو هو. جيتوڻيڪ هو اجا تائين ٿورو بي آرام بہ نظر ٿي آيو. هن محسوس ٿي ڪيو، تہ هو قاز جي گفتگو ڪرڻ وقت وڏي جوش ۾ اچي ويو هو ۽ سڄي ڳالهہ کي هن غير محدود طور تي ٻڌائي ڇڏيو هو. هوڏانهن اليوشا نهايت محتاط ٿي ڏنو ۽ سموري وقت ۾ هڪ بہ لفظ نہ ڳالهايو هئائين. هيءُ ڏسي ان عجيب ڇوڪري سوچڻ شروع ڪيو، تہ اليوشا انهيءَ لاءِ چپ هو، جو هن ڪيس نفرت سان ٿي ڏٺو ۽ انهيءَ ئي خيال جو هو اظهار ڪري رهيو هو. جيڪڏهن هن اهڙيءَ ريت سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ڪوليا ضرور........

”هن سوال کي مان واهيات سمجهان ٿو“. هن وري غرور مان چيو.

”مان ڄاڻان ٿو. تہ ترائِ کي ڪنهن آباد ڪيو هو؟“. هڪ ڇوڪري، جنهن اڳ ۾ ڳالهايو ئي نہ هو، اوچتو چئي ڏنو ۽ سيئي عجب ۾ پئجي ويا. هو خاموش هو ۽ شرميلو ٿي ڏٺو. هو يارنهن ورهين جو حسين ڇوڪرو هو، جنهن کي ڪارتاسوف ٿي سڏيائون. هو دروازي جي پرسان ويٺو هو. ڪوليا ڪيس وڏي شان واري عجب مان ڏٺو.

حقيقت هيءَ هئي، تہ ترائِ جي آباد ڪندڙن جو مسئلو، سڄي اسڪول لاءِ هڪ راز بڻجي چڪو هو. جو راز فقط سماراگدوف جي پڙهڻ سان حل ٿي پئي سگهيو. ڪنهن وٽ بہ. ڪوليا کان سواءِ سماراگدوف موجود نہ هو. هڪ ڏينهن جڏهن ڪوليا جي پٺ ڦريل هئي، ڪارتاسوف، تڪڙ مان سماراگدوف کي کوليو، جو ڪوليا جي ڪتابن ۾ هو، هن جلديءَ مان ان ٽڪري کي پڙهي ورتو، جنهن ۾ ترائِ جي باني جو احوال هو. هن کي چڱو وقت گذريو هو. پر ان هوندي بہ ڪيس بي چيني هئي ۽ ظاهر ظهور، هو پاڻ کي پڌرو ڪري نہ ٿي سگهيو. تہ ڪيس بہ اها خبر آهي تہ ترائِ جا باني ڪير هئا؟ ڪيس خوف پئي ٿيو تہ ڪراسوتڪين کي ندامت ۾ وجهڻ کان پوءِ، الائجي ڪهڙو نتيجو نڪري؟ پر هاڻي هو پاڻ کي روڪي نہ سگهيو. هو هفتن کان هن حقيقت جو منتظر هو.

”نيڪ آهي. ڪنهن هن کي آباد ڪيو هو؟“ ڪوليا ڪانئس پڇيو ۽ هو ان ڏانهن متڪبرانہ نفرت سان ڦريو. هن سندس منهن مان سمجهي ورتو هو، تہ سچ پچ ڪيس

اها حقيقت معلوم آهي ۽ هن هڪدم هن معاملي کي هٿ ۾ ڪنيو. ڪجهه ريت ان سان نبري اچي. ان ڪري هن معاملي بابت سريلي آوازن ۾ عام طور اختلافي حالت پيدا ٿي وئي.

”ٽراءِ کي ٽيوسر، داردانيوس، اليوس ۽ ٽراس آباد ڪيو هو.“ ڇوڪري نهه پهه جواب ڏنو. ساڳي وقت هو شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو. هو ايترو ته ڳاڙهو ٿي ويو هو، جو هن ڏي نهارڻ به ڏک جهڙو هو. پر ٻارن ڪيس عجب مان نهارڻ شروع ڪيو ۽ هو هڪ منٽ لاءِ ڪيس نهاريندا رهيا. هاڻي هي سڀئي نگاهون ڦريون ۽ ڪوليا تي ڄمي ويون. هو اڃا تائين ان بيباڪ ڇوڪري کي توري رهيو هو ۽ ڪيس نفرت مان نهاري رهيو هو.

”هنن ان شهر کي ڪهڙي مقصد سان آباد ڪيو هو؟“ هن آخر ان تي غير ضروري تنقيد شروع ڪئي، ته ”مون کي تون ٻڌاءِ، ته ڪهڙي مقصد لاءِ هڪ شهر يا رياست آباد ڪئي ويندي آهي؟ اهي ڇا ڪندا آهن، تنهنجي نظر ۾ هو هڪ هڪ سر ان تي رکندا ويندا آهن؟“

هاڻي ڪَلَ بچي وئي. دل آزار ڇوڪري جو رنگ سرخ مان واڱڻائي ٿيجي ويو. هو چپ ٿي ويو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. ڪوليا هڪ منٽ ڪيس ڇڏي ڏنو.

”جڏهن تون هڪ تاريخي حقيقت تي ڳالهائين، مثلاً: ڪنهن قوميت جي بنياد بابت، ته توکي ڀهريون اهو سمجهڻ گهرجي ته تنهنجو انهيءَ حقيقت مان مقصد ڇا آهي؟“ هن پنهنجي سخت ۽ نفرت ڀري آواز ۾ چيو. ”پر مان پوڙهين زالن جي آکاڻين ۾ پاڻ کي نه ڦاسائيندو آهيان ۽ مان عام طرح دنيا جي تاريخ تي نه سوچيندو آهيان.“ هن بي پرواهيءَ سان عام طرح حاضر مجلس کي خطاب ڪندي چيو.

”تاريخ عالم؟“ ڪپتان ڪائنس پڇيو ۽ هوُ حيرت مان ڪيس نهارڻ لڳو.

”هائو تاريخ عالم. ان جو مطالعو، انسانيت جي ڪامياب بيوقوفين جو داستان آهي ۽ اُن کان وڌيڪ ڪجهه به نه. مون کي جي مضمون پسند ايندا آهن، اُهي آهن حساب ۽ طبعي سائنس.“ ڪوليا جواب ڏنو. هوُ پنهنجو مظاهرو ڪري رهيو هو ۽ هڪ چور نگاهه سان اليوشا کي ڏنائين. ڪيس فقط اُن جي ئي راءِ کان خوف پئي ٿيو. پر اليوشا اڳي وانگر اڃا به خاموش ٿي ڏنو. جيڪڏهن اليوشا هڪ لفظ به چئي ها، ته هوُ خاموش ٿي وڃي ها. پر اليوشا اڃا به خاموش هو. شايد هيءَ خاموشي نفرت ڪان هئي. جنهن آخر ڪوليا کي جوش ۾ آڻي وڌو.

”قديم ٻوليون پڻ.......... هيءُ جنون کان مٿي ڪجهه نه آهن. مان ڏسان ٿو ته مون سان وري به متفق نه آهين ڪرامازوف؟“

”مان توسان متفق نہ آهيان،“ اليوشا منجهيل مشڪ سان چيو.

”قديم زبانن جو مطالعو“. جيڪڏهن تون منهنجي راءِ پڇندين، ته هڪ پوليسي ڪارنامو آهي. اهوئي سبب آهي، جو انهن کي اسان جي اسڪولن ۾ رائج ڪيو ويو آهي. درجي بدرجي ڪوليا جو دم ڪجهڻ لڳو ۽ هن وري چيو ته ”لئٽن ۽ يوناني انهيءَ لاءِ رائج ڪيا ويا، ڇاڪاڻ ته هيءَ بيزار ڪندڙ آهن ۽ ذهنن کي بيوقوف بڻائين ٿيون. هو اڳي ئي خشڪ شيون آهن. ان ڪري وڌيڪ خشڪ بڻائين ٿيون. هو اڳي ئي سمجهه کان ٻاهر آهن. ان ڪري سندن اهم ڪم آهي، ته وڌيڪ بي سمجهه بڻائين. انهيءَ ڪري ئي انهن شين کي رواج ڏنو ويو آهي. منهنجي راءِ اها آهي، جنهن کي ڪڏهن به نه بدلائيندس. ڪوليا پنهنجي تقرير کي ختم ڪيو ۽ سندس ڳل سرخ ٿي ويا.

”هي سچ آهي“. سميوروف پنهنجي قبوليت ڏيندي، اوچتو جواب ڏنو. سندس آواز فيصلو ڪندڙ هو. هن سڄي حقيقت کي ڌيان ڏيئي ٻڌو.

ٻارن جي جماعت مان ڪنهن اوچتو چئي ڏنو، ته ”اُن هوندي به هو لئٽن ۾ پهريون نمبر آهي.“

”هائو پيءُ، هيءُ اِيئن ته چوي ٿو، پر لئٽن ۾ پهريون نمبر آهي.“ اليوشا پنهنجي خيال کي ظاهر ڪيو.

”انهيءَ ۾ ڇا ٿي پيو.“ ڪوليا پنهنجي بچاءَ کي اهڙيءَ ريت قائم رکندي چيو. جيتوڻيڪ سندس ساراهه به نهايت شيرين هئي. مون کي لئٽن لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ ڪرڻي به اٿم، ڇو ته مان پنهنجي ماءُ کي چيو آهي، ته امتحان کي پاس ڪندس، ان ڪري مان خيال ڪريان ٿو، ته اسان کي جو ڪجهه به ڪرڻو هجي، اهو چڱيءَ ريت ڪجي. پر منهنجي روح ۾ هنن قديم ٻولين جي لاءِ مڪمل نفرت آهي ۽ هيءُ سڄو فريب آهي........ تون مون سان متفق نه آهين. ڪرامازوف!“

”ڇو فريب؟“ اليوشا وري مشڪيو.

”صحيح، سڀني قديم مصنفن سڀني ٻولين ۾ ترجمو ڪيو آهي، ان ڪري قديم زبانن جي مطالعي لاءِ لئٽن کي اسڪولن ۾ رائج نه ڪيو ويو آهي، پر پوري ريت ضابطي کي رکڻ لاءِ ۽ ذهن ۾ مونجهاري کي پيدا ڪرڻ لاءِ اِيئن ڪيو ويو آهي. پوءِ هن کي فريب نه چئجي، ته ٻيو ڇا چئجي؟“

”هي سڀئي ڳالهيون توکي ڪنهن سيکاريون آهن؟“ اليوشا وڏي آواز ۾ ڪيس چيو. واقعي هو عجب ۾ پئجي ويو هو.

پهريائين ته مان خود خيال ڪرڻ جي لائق آهيان ۽ مون کي سيکاريو نه ويندو آهي. ان کان سواءِ، مون هتي جي قديم زبانن لاءِ پنهنجو خيال پيش ڪيو آهي، اها اسان جي استاد ڪوليا سنيڪوف جي ترجماني آهي. جا هن ٽئين ڪلاس کي ٻڌائي هئي.“

"ڊاڪٽر اچي ويو". نينا رڙ ڪري چيو. هو سمورو وقت خاموش ويٺي هئي. بيگم هائلڪوف جي گاڏي، دروازي تي پهچي وئي هئي. ڪپتان جو صبح کان وٺي ڊاڪٽر جي انتظار ۾ هو. هڪدم ڪيس ملڻ لاءِ ڊوڙيو. اليوشا جي ماءُ پاڻ کي سميٽيو، پنهنجي شان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. اليوشا، اليوشا ڏي ويو ۽ سندس وهاڻن کي ناهڻ لڳو. نينا پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي، هن جو انتظار ڪرڻ لڳي ۽ بستري کي ناهڻ لڳي. ڇوڪرن تڪڙ مان موڪلايو. ڪن واعدو ڪيو، تہ هو شام جو موٽي ايندا. ڪوليا پريزيوان کي سڏيو ۽ ڪتو بستري تان ٽپو ڏيئي لٿو.

"مان نہ ٿو وڃان، مان نہ ٿو وڃان." ڪوليا، اليوشا کي جلدي مان چيو. "مان گهٽيءَ ۾ ترسان ٿو. جڏهن ڊاڪٽر ويندو، تہ مان پريزيوان سان گڏجي موٽي ايندس."

پر ان وقت ڊاڪٽر اندر داخل ٿي چڪو هو. سندس شخصيت ڏسڻ جهڙي هئي. ننڍيون ڪاريون مڇون ۽ ڪاڏي ڪوڙيل، ڪيس رڇَ جي کَل جو ڪوٽ پهريل هو. جيئن هي چائنٽ ٽپي اندر آيو، هو روڪجي ويو. هو عجب ۾ پئجي ويو، تہ هو غلط جاءِ تي تہ نہ آيو آهي. هيءَ ڇا آهي؟ مان ڪٿي آيو آهيان؟" هن آهستگيءَ سان چيو. نہ هن ڪوٽ کي لاتو نہ ڍگهي سيل مڇي واريءَ ٽوپيءَ کي هٽ لاتو. سندس سامهون ماڻهن جو ميڙ هو ۽ غربت زده ڪمرو. ڏوتل ڪپڙا هڪ ڪنڊ ۾ لڙڪي رهيا هئا. هنن سيني ڳالهين ڪيس مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. ڪپتان وڏيڪ جهڪي ويو ۽ ڪيس جهڪي سلام ڪرڻ لڳو.

"هتي سائين! هتي سائين!" هن پرسوز آواز ۾ چيو. اوهان هتي صحيح جاءِ تي آيا آهيو. اوهان کي اسان ڏي ئي اچڻو هو........"

"سيني-گيروف؟ ڊاڪٽر وڏي آواز ۾ چيو. مسٽر سينيگيروف، ڇا اوهان ئي آهيو؟"

"هائو سائين ،مان اهوئي آهيان."

"اڙي ."

ڊاڪٽر مونجهاري مان وري ڪونيءَ جي چوڌاري ڏٺو. هن پنهنجو ڪوٽ لاتو. سيني ماڻهن جي سامهون سندس گردن جو سينگار ظاهر ٿيو. ڪپتان پشمي ڪوٽ کي جهليو ۽ ڊاڪٽر پنهنجي ٽوپيءَ کي هٿن ۾ جهليو.

"مريض ڪٿي آهي؟" هن انتظار مان پڇيو.

باب ڇهون

# بي وقت خيال جي نشوونما

”تون ڇا ٿو خيال ڪرين تہ ڊاڪٽر هن کي ڇا چوندو؟“ ڪوليا جلديءَ مان ڪانئس پڇيو. ”ڪيڏو نہ نفرت انگيز بيوقوف. شايد هو نہ بہ هجي؟ مان دوا کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪري سگهندو آهيان!“

”اليوشا مري رهيو آهي، مان خيال ٿو ڪريان، تہ هن جو يقين آهي.“ اليوشا ماتمي آواز ۾ چيو.

”هيءُ بدمعاش آهن! دوا رڳو فريب آهي! مون کي خوشي ٿي آهي، تہ توسان واقفيت پيدا ٿي آهي. هونئن تہ ڪرامازوف. مان توکي گهڻي وقت کان سڃاڻندو هوس. مون کي ڏک آهي، تہ اسان ڪيڏي نہ اندوهناڪ اسباب هيٺ هڪٻئي سان گڏيا آهيون.

ڪوليا جي طبعيت چاهيو ٿي، تہ وڌيڪ ڪجھ گرمجوشيءَ سان چوي ۽ ان جو اظهار ڪري، پر هو پريشانيءَ ڪان ڇٽي نہ سگهيو. اليوشا ان کي محسوس ڪيو. مشڪيو ۽ سندس هٿ کي زور ڏنائين.

”مان گهڻي وقت کان ڄاتو ٿي، تہ مان تنهنجي هڪ غير معمولي انسان جي حيثيت ۾ عزت ڪريان.“ ڪوليا وري ڳالهايو ۽ سندس گفتگوءَ مان يقين پوري ريت نہ ٿي ڏنو. ”مان ٻڌو هو، تہ تون صوفي آهين ۽ مڙهيءَ ۾ رهندو آهين. مان ڄاتو ٿي تہ تون صوفي آهين، پر..... پر انهيءَ حقيقت مون کي توکان دور نہ اڇلايو هو. صحيح زندگيءَ جي متعلق سان اصلاح اچي ويندي..... تو جهڙن ڪردارن سان هميشہ ايئن ئي ٿيندو رهندو آهي.“

”تنهنجو مطلب صوفيءَ مان ڇا آهي؟ هو مون کي ڪهڙي شيءِ لاءِ اصلاح ڪندو.“ اليوشا هيءُ ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو هو.

”خدا ۽ ماسوي الله.“

”ڇو تون خدا ۾ ايمان نہ ٿو رکين؟“

”مان خدا جي خلاف نہ آهيان. بيشڪ خدا هڪ غيب جي ڳالهہ آهي، پر..... مان هن ڳالهہ جو قائل آهيان، تہ ان جي گهرج آهي. هن ڪائنات جي انتظام ۽ بين ڳالهين لاءِ سندس ضرورت آهي.... جيڪڏهن خدا نہ هجي ها، تہ ان جي ڳولها ٿئي ها.“ ڪوليا ايئن چوندي ڳاڙهو ٿي ويو. هو اوچتو پريشان ٿي ويو، تہ اليوشا سمجهندو تہ هي پنهنجي علم جو اظهار ڪري، پنهنجي بزرگي ثابت ڪري. جنهن

۾ هن پنهنجي توهين تي سمجهي. هن خيال ايندي ئي سندس چهري تي آشفتگي ظاهر ٿي. چوڻ لڳو ته:

"مون کي هي اعتراف آهي، ته ڪنهن به بحث ۾ مون کي نه اچڻ گهرجي." هن پنهنجو قطعي فيصلو ڏيندي چيو. "هي به ٿي سگهي ٿو ته جو ماڻهو خدا کي نه ٿو مڃي، اهو انسان ذات جو دوست هجي. ڇا تنهنجو اهو خيال نه آهي؟ والٽيئر خدا کي نه مڃيندو هو، پر انسان ذات جو دوست هو." (هن ڳالهائيندي، دل ۾ خدا بابت خيال ڪيو ته مان وري هن بحث ۾ اچي ويو آهيان).

"والٽيئر خدا کي مڃيندو هو، پر صفائي سان نه. منهنجو اهو خيال آهي. جيتري قدر مان ڄاڻان ٿو. ته بي طرف هو انسان ذات سان ايڏو پيار نه رکندو هو." اليوشا خاموشيءَ سان ڪيس جواب ڏنو. جنهن ۾ نرمائي هئي ۽ جواب فطرتي تي ڏنو. معلوم پئي ٿيو ته هو ڄڻ ته پنهنجي هم عمر سان ڳالهائي رهيو آهي يا اڃا به پاڻ کان ڪنهن وڏي عمر واري سان. ڪوليا تي جنهن ڳالهه وڏيڪ اثر ڪيو. سا هئي ته ڪيس ۽ والٽيئر[1] جي راءِ بابت، پنهنجي نفس تي پورو پورو اعتماد هو. هن سچي سوال کي ڇڏي ڏنو هو. ته پلي، ڪوليا ان بابت پاڻ فيصلو ڪري.

"تو والٽيئر کي پڙهيو آهي؟" اليوشا ڳالهه کي ختم ڪيو.

"نه، مان ايئن نه چئي سگهندس، ته ان کي پڙهيو اٿم، پر مان سندس تصنيف "ڪانديد کي پڙهيو اٿم، سو به روسي ترجمي ۾........ جو هڪ واهيات، ڪل جوڳي، پراڻو ترجمو آهي........" (ورائي، ورائي پڙهيو اٿم).

"تون ان کي سمجهي سگهيو آهين؟"

"بلڪل چڱيءَ ريت..... پر اوهان ايئن ڇو ٿا سمجهو، ته مان ان کي سمجهي نه سگهيو هوندس؟ ان ۾ واقعي گهڻو مونجهارو آهي. مان اهو به ڄاڻان ٿو، ته هو هڪ فلسفياڻو ناول آهي ۽ هن پنهنجي هڪ فڪر جي تبليغ ڪرڻ گهري آهي." ڪوليا هاڻي ساڻس رلڻ ملڻ ٿي گهريو. "مان سوشلسٽ آهيان ڪرامازوف، مان هڪ سوشلسٽ آهيان، جنهن ۾ ڪابه اصلاح اچي نه ٿي سگهي. ڪوليا هيءَ ڳالهه اوچتو چئي ڏني ۽ بنا ڪنهن مقصد جي.

"تون سوشلسٽ!". اليوشا کليو. توکي وقت ئي ڪٿان مليو. جو تون ايئن بڻجي وئين؟ مان خيال ڪريان ٿو، ته تون تيرنهن ورهين جو هوندين؟"

ڪوليا اک کي ٻوٽي ۽ کوليو.

---

[1] والٽيئر: فرانس جو مشهور فلسفي، ناول نگار، ڊرامہ نويس ۽ فڪر جي آزاديءَ جو اڳواڻ.

ڦهريائين ته مان ٽيرنهن ورهين جو نه آهيان، پر چوڏنهن ورهين جو. پندرنهن ڏينهن کان پوءِ، مان چوڏنهن ورهين جو ٿيندس.“ هو غصي مان گلنار ٿي ويو. ”ٻي ڳالهه ته مان هن سمجهه کان ته وڏي نقصان ۾ اچي ويندس ته منهنجي عمر جو هنن ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟ سوال آهي ته منهنجو ڪهڙو اعتقاد آهي، ته اها ڳالهه منهنجي عمر ڪيتري آهي؟ ڪيئن هيءَ صحيح آهي نه؟

”جڏهن تون وڏو ٿيندين، ته توکي خبر پوندي ته اعتقاد جو عمر سان ڪهڙو واسطو آهي؟ مون کي پاڻ حيرت ٿي لڳي، ته تون ٻين جي خيالن کي ظاهر ڪري رهيو آهين.“ اليوشا ڪيس پيار ۽ سنجيدگيءَ سان چيو. پر ڪوليا گرم ٿي وچ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”چڏ، توکي تابعداري ۽ تصوف کپي. توکي هيءُ قبول ڪرڻ گهرجي، ته عيسائي مذهب مثال طور هاڻي فقط انهيءَ لاءِ ڪمائتو آهي، ته شاهوڪار ۽ طاقت وارا، هيٺانهين طبقي وارن کي غلام بڻائي رکن. ايئن برابر آهي نه؟“

”اڙي! مان ڄاڻان ٿو ته تو، هيءُ ڪٿان پڙهيو آهي؟ ڪهڙن بيوقوفن سان تنهنجي دوستي آهي؟ مون کي پڪ آهي، ته اها ڳالهه ڪنهن توکي ٻڌائي آهي.“ اليوشا زور سان ڪيس چيو.

”مان چوان ٿو ته تون ڪهڙي خيال کان ايئن چوين ٿو، ته مان اهو پڙهيو آهي؟ يقيناً مون کي نه وري ڪنهن کو ٻڌايو به آهي. منهنجو هيءُ پنهنجو خيال آهي..... مان حضرت عيسيٰ عليه السلام جو مخالف نه آهيان. هو انسان دوست شخصيت جو مالڪ هو. جيڪڏهن هو اڄ جيئرو هجي ها، ته انقلابين جي قطار ۾ سرواڻي ڪندو هجي ها . هن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي.“

”اڙي، تو هيءُ ڪٿان معلوم ڪيو؟ ڪنهن بيوقوف توکي هيءُ سبق ڏنو آهي.“ اليوشا ڪيس جواب ڏنو.

”هاڻ، سچائي ظاهر ٿي پوندي! مون کي ريڪيٽن سان اڪثر ڳالهائڻ جو موقعو ملندو آهي، پر......... پوڙهي بلينسڪي به مون کي ائين ئي ٻڌايو هو.“

”بلينسڪي؟ مون کي ياد نه آهي. هن شايد ڪنهن جاءِ تي ايئن لکيو آهي.“

جيڪڏهن هن ايئن نه به لکيو هجي، ماڻهو چون ٿا ته هن ايئن چيو آهي. مان هڪڙي ماڻهو کي ايئن چوندي ٻڌو...... پر ان جي پرواهه نه آهي.

”پر تو ڪڏهن بلينڪسي[1] کي پڙهيو به آهي؟“

---

(1) بلينڪسي: روس جو مصنف.

”نہ..... مان سندس سڀ تصنيفون تہ نہ پڙهيون آهن.... پر مان سندس تتيانا[1] مان هڪ ٽڪرو پڙهيو آهي. ڇا هوءَ آنيجئن سان هلي نہ وئي هئي.“

”تون آنيجئن جي پويان نہ وڃ. ڪڏهن بہ نہ..... هيءُ اڳ ۾ ئي سمجهي ڇڏ؟“

”ڇا، تون مون کي ننڍڙو سميوروف تہ سمجهين؟“ ڪوليا جوش مان چيو. پر مهرباني ڪري، مون کي انقلابي نہ سمجهہ. مان اڪثر ريڪيٽن تي افسوس ڪائيندو آهيان. جيتوڻيڪ مان تتيانا جو ذڪر ڪيو آهي. پر مان زالن جي آزادي جو طرفدار نہ آهيان. پر مان هن خيال جو آهيان تہ زال، شرف ۾ مرد کان گهٽ آهي ۽ ڪيس اطاعت ڪرڻ کپي. نيپولين چيو هو، تہ زال جو ڪم آهي اُٺڻ.“ ڪوليا ڪنهن سبب کان مشڪيو. ذري گهٽ مان هڪ طرح، ان عظيم شخص جي نقطي سان متفق آهيان. مان پاڻ ايئن سمجهان ٿو، تہ پنهنجو ملڪ ڇڏي، آمريڪا ڏي وڃڻ ڪيڏي نہ بيوقوفي ۽ نالائقي آهي. آمريڪا ڏي وڃڻ مان فائدو؟ جڏهن هتي انساني خدمت لاءِ گهڻو ڪجهہ موجود آهي. خاص ڪري اڄ ڪلهہ تہ ان جي گهڻي ضرورت آهي. اسان لاءِ تار آواز عمل جون گهڻيون ئي راهون کليل آهن. مان اهوئي جواب ڪيس ڏنو هو.“

”تنهن جو مطلب ڇا آهي؟ تو اهو جواب ڪنهن کي ڏنو هو؟ ڇا توکي ڪنهن صلاح ڏني آهي، تہ تون آمريڪا وڃين؟“

مان هن ڳالهہ جي تصديق تہ ڏيان، تہ مون کي اها صلاح ڏني تي وئي هئي، پر مان قبول نہ ڪئي. اليوشا هيءُ ڳالهيون تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهن. هن حقيقت جي ٻي ڪنهن کي خبر نہ ڪج. مان فقط توسان ئي، هنن حقيقتن جو اعتراف ڪيو آهي. مان نہ ٿو چاهيان، تہ مخفي پوليس جي چنبي ۾ ڦاسي پوان ۽ زنجير واري پل تي وڃي سبق وٺان.

”تون گهڻو وقت ياد ڪندين
زنجير واري پل تي ٺهيل گهر.“

توکي ياد آهي، اها عمدي جاءِ آهي. تون ڇو ٿو کلين؟ شايد تون اهو خيال ڪندو هوندين. تہ مان ڪوڙ ڳالهائيندو هوندس. اوچتو ڪوليا وحشت زده ٿي چيو تہ ڇا ٿي پوندو؟ جيڪڏهن هو اهو ڳولهي لهن تہ منهنجي پيءُ جي ڪتابن جي ڪبٽ ”بيل“[2] جي هڪ اشاعت موجود آهي ۽ مان ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ پڙهيو آهي.“

”اڙي نہ. مان ڪٿي ٿو کلان ۽ ٿوري وقت لاءِ، تون اهو بہ فڪر نہ ڪر، تہ تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين. نہ، نہ، مان اهو خيال بہ نہ ٿو ڪري سگهان. هنن سيني

---

[1] تتيانا: پشڪن جي ڪتاب اوزن اونجين جو هڪ ڪردار.
[2] بيل: هڪ انقلابي رسالو.

ڳالھين لاءِ. افسوس! نهايت صحيح آهن. پر مون کي ٻڌاءِ تو پشڪن[1] کي پڙهيو آهي، اونجين ئي سهي... تو هاڻي ئتيانا لاءِ ڪجھ ٻڌايو."

"نہ، مان ان کي اجا نہ پڙهيو آهي. پر هاڻي مان ان کي پڙهندس. مان ڪنهن جي اثر هيٺ نہ آهيان ڪرامازوف. مان ٻئي طرف ٻڌڻ گهران ٿو. پر توهان مون ڪان اهو سوال ڇو پڇيو؟"

"نہ، ڪجھ بہ نہ."

ڪرامازوف مون کي ٻڌاءِ تہ مون سان تنهنجي خطرناڪ نفرت تہ نہ آهي؟ ڪوليا اوچتو بي پرواهي ڏيکاريندي، اليوشا جي اڳيان پاڻ کي سڌو ڪيو. ڄڻ تہ هو ڊرل ڪري رهيو هو. "اجاين وهمن کي ڇڏي، تون مون کي مهرباني ڪري سچي ڳالھ ٻڌاءِ."

"مون کي توکان نفرت آهي؟" اليوشا عجب مان هن کي ڏٺو. "ڇو ڀلا؟ مان فقط هن لاءِ غمناڪ آهيان، تہ تو جهڙي هڪ دلڪش طبعيت، انهيءَ ڪان اڳي جو تون پنهنجي حياتي شروع ڪرين، هنن بيوقوفي جهڙين پيچيدگين ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ويندي."

"منهنجي طبعيت لاءِ تون انتظار نہ ڪر"، ڪوليا بنا ڪنهن اطمينان ڏيکارڻ جي وچ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "پر هيءُ بہ سچ آهي، تہ مان بيوقوفيءَ جي حد تائين حساس آهيان. تو هاڻي مشڪيو هو، ان مان مون سمجهيو تہ تون....."

"اڙي منهنجي مشڪڻ جي تہ معنيٰ ئي ڪا بي هئي. مان توکي ٻڌايان ٿو تہ مان ڇو مُشڪيس؟ ڪو گهڻو وقت نہ ٿيو، مان هڪ جرمن جي تنقيد کي پڙهيو هو، جو روس ۾ ٿي رهيو. سندس تنقيد اسان جي ملڪ جي شاگردن ۽ اڄ ڪلھ جي اسڪول جي ڇوڪرن تي هئي. جنهن جو عنوان هو. "روسي اسڪول جي ڇوڪرن جو تماشو" هن لکيو تہ ستارن جو هڪ نقشو جنهن بابت هن کي قطعي ڪا خبر نہ آهي، هو اوهان ڪان وٺندو ۽ بي ڏينهن جڏهن هو موٽائي ڏيندو، تہ ان ۾ گهڻي تصحيح هوندي. ڪابہ علميت ڪانہ، پر خودرائي وڌيڪ. اهائي حقيقت آهي، جا ان جرمن، روسي اسڪولن جي ٻارن بابت ٻڌائي آهي."

"ها، اهو سورنهن آنا سچ آهي." ڪوليا اوچتو کلڻ لڳو. "بلڪل ايئن، جرمن کي شاباش آهي، پر هن ڇڱائيءَ جي پاسي کي ڏٺو ئي نہ آهي. ڪيئن ايئن آهي نہ؟ خودرائي هوندي، اها جوانن وٽ هوندي ئي آهي، ڇو تہ انهن وٽ نئدپڻ ڪان روح جي آزادگي آهي. ان ڪان سواءِ خيال ۽ اعتقاد جي پختگي بہ. جيڪڏهن وٽن اصلاح جو ذوق هوندو، تہ وٽن اصلاح اڄي ويندي. هو جرمن نوجوانن وانگر وقت جي مسئلن

---

[1] پشڪن: روس جو هڪ عظيم مصنف.

بابت ڪڏهن بہ انڌي تقليد تي هريل نہ آهن. پر اُن هوندي بہ جو جرمن دوست چيو آهي، اُن لاءِ ڪيس آفرين هجي. پر جرمني وارا ڇاهين ٿا، تہ ساڳي وقت سندن ڳلي کي گهٽيو وڃي. جيتوڻيڪ هو سائنس ۽ ٻي علوم ۾ مٿانهون درجو رکن ٿا. پر سندن ڳلو گهٽيو وڃي."

"ڇو، ڪهڙي ڳالهہ لاءِ سندن ڳلو گهٽيو وڃي؟" اليوشا مشڪندي چيو.

"خير مان بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. مان اها ڳالهہ قبول ٿو ڪريان. مان ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ ٻاراڻيون ڳالهيون ڪندو آهيان. جڏهن مان خوش هوندو آهيان، تہ پاڻ کي روڪي نہ سگهندو آهيان ۽ بي ربط ڳالهيون ڪندو آهيان. پر ڪن لائي ٻڌو، اسان هتي ڪين جهڙن مسئلن تي ڳالهائي رهيا آهيون. هن ڊاڪٽر بہ پنهنجي معائني کي پورو نہ ڪيو آهي، شايد هو اليوشا جي ماءُ ۽ عاجز نينا جو بہ ملاحظ ٿو ڪري. مون کي هيءَ نينا ڏاڍي پسند آهي. جڏهن اسان ٻاهر ٿي آياسين، تہ هن سرگوشي ڪندي مون کي چيو تہ "تون اڳ بہ ڇو نہ آيو هئين؟" سندس آواز ۾ ملامت ٿي ڏني. منهنجي نظر ۾ هو نيڪدل ۽ رحم جي لائق ڇوڪري آهي."

"هائو، هائو. هاڻي تون اڪثر پيو ايندين ۽ توکي معلوم ٿي ويندو، تہ هوءَ ڪهڙي قسم جي ڇوڪري آهي؟ اهڙن ماڻهن جي ڏسڻ مان تون گهڻو ڪجهہ پرائي سگهندين." اليوشا گرمجوشيءَ مان چيو. "اهڙين ڳالهين جو ٻين شين کان وڌيڪ اثر ٿيندو آهي."

"ها، هاڻي مون کي ڪيڏو نہ ڏک ۽ افسوس ٿو ٿئي، تہ مان جلدي ڇو نہ آيو هوس؟" ڪوليا پنهنجي شديد جذبات جو اظهار ڪندي چيو.

"هائو، اها وڏي ڏک جهڙي ڳالهہ آهي. تو پاڻ ڏٺو تہ ٻار توکي ڏسي ڪيڏو نہ خوش ٿيو آهي. هو تنهنجي اچڻ جي انتظار ۾ ڪيڏو نہ ڦٿڪيو ٿي."

"اها مون سان ڳالهہ نہ ڪر، تو وڌيڪ منهنجي حالت خراب ڪري ڇڏي. پر مان پاڻ کي سنيالي ورتو آهي. مون پنهنجي خودداري کي روڪي ڇڏيو هو. اجائي فخر، خوديءَ ۽ حيواني جذبات ۾ اچي ويو هوس. جن مان، ڪڏهن بہ آزاد ٿي نہ سگهندس. جيتوڻيڪ ان لاءِ، ڇو نہ سڄي حياتي جدوجهد ڪندو رهان. ڪرامازوف هاڻي مان ڏسان ٿو، تہ مون ۾ ڪيترين ئي حيواني عادتون اچي ويون آهن!"

"نہ، تنهنجي دلڪش طبعيت آهي، جيتوڻيڪ بگاڙي وئي آهي. مان چڱي ريت سمجهي سگهان ٿو، تہ ڇو تنهنجو من، نيڪدل، حساس ۽ جذباتي ڇوڪري تي اثر آهي." اليوشا پيار مان کيس جواب ڏنو.

”هيءَ اوهان جي مهرباني آهي، جو مون بابت ايئن چئو ٿا. مون کي ڏسو، مان ڪيئي پيرا، تانجو هڪ ساعت اڳ ۾ به سمجهيم ٿي، ته اوهان کي مون کان نفرت آهي. مان ڇا ٻڌايان ته اوهان سان منهنجي ڪيڏي نه عقيدت آهي.“ ڪوليا رڙ ڪري چيو.

”پر اوهان ٻين جي عقيدي جي بنياد تي، ايڏا حساس ۽ بدگمان ڇو آهيو؟ اهو به اوهان جي عمر ۾. تون اعتبار ڪندين ته هاڻي، هاڻي، جڏهن تو پنهنجي ڪهاڻي ٿي ٻڌائي، ته مان جيئن توکي ڏٺو ٿي، خيال ڪيم ته تون ضرور حساس هوندين.“

”تو ايئن خيال ڪيو. تنهنجي نگاهه ڪيڏي نه دوربين آهي. مان شرطيه چوان ٿو، ته مان جڏهن ڦاز بابت ٻڌايو ٿي، ته نهايت جذباتي ٿيڻجي ويو هوس. انهيءَ وقت مان عجب مان اوهان کي ڏٺو ٿي ۽ سمجهيم ته اوهان کي مون لاءِ سخت نفرت آهي، جنهن کي اوهان جلديءَ مان ڏيکاري ڇڏيو هو. ان وقت مان اوهان کي حقارت سان ڏٺو ۽ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳس. تڏهن مان نهايت تڪڙ مان پنهنجي علم سان هٿ چراند ٿي ڪئي. خاص ڪري جڏهن ته مان هي چوٽي ڪنهن ڪتاب مان پڙهي هئي، پر مان قسم ڪڻي ٿو چوان ته هيءَ ڳالهه مان پنهنجي خودنمائيءَ کان نه ٿي چئي، پر هيءَ سڀ منهنجي خوشي هئي، جو اهڙي ريت اوهان سان صحبت ٿي ڪيم......... پر هيءَ ڪيڏو نه شرمناڪ آهي، جو ماڻهو پنهنجي خوشيءَ ۾ ٻين جي مٿان اڏامندو وتي. مان هيءُ ڄاڻان ٿو. پر هاڻي مون کي تسلي ٿي آهي، ته تون مون کي نفرت سان نه ٿو ڏسين. اڙي ڪرامازوف مان پوري ريت ناخوش آهيان. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دل ۾ اهو خيال به ايندو آهي، ته هيءُ سڀ ماڻهو مون تي کلي رهيا آهن. ان احساس جي ايندي مان چاهيندو آهيان، ته هنن سيني شين جي نظام کي انلاٽي ڇڏيان.“

”۽ تون پنهنجي لاءِ، سيني کي پريشاني ۾ وجهڻ ٿو گهرين؟“ اليوشا مشڪندي چيو.

”ها؟ مان سيني کي پنهنجي لاءِ پريشاني ۾ وجهان ٿو. خاص ڪري پنهنجي ماءُ کي. ڪرامازوف! مون کي ٻڌاءِ ته مان سچ پچ هاڻي به مونجهاري ۾ آهيان؟“

”انهن ڳالهين لاءِ هاڻي خيال نه ڪر. بلڪل نه!“ اليوشا ڪيس چيو. ”پر نامعقول ۽ مونجهاري“ کان مطلب ڇا آهي؟ ڇا هرهڪ انسان ڪنهن نه ڪنهن نامعقوليت ۽ مونجهاري ۾ گرفتار نه آهي؟ ان کان سواءِ داناءُ ماڻهو، قريب قريب هن کان ڏنل نه آهن. ته هو نامعقوليت ۾ گرفتار نه ٿي وجن ۽ هي خيال هميشه سويرئي سوچڻ شروع ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مان ٿورو اڳي ماضي ۾ ان تي سوچڻ شروع ڪيو هو. پر تنهنجي عمر ۾ ڪڏهن به نه. اڄ ڪلهه ته ٻار انهيءَ ۾ مبتلا آهن. هي ڇريائيءَ جو هڪ قسم آهي. شيطان اجائي فخر جي صورت اختيار ڪئي آهي ۽ سڄي نسل جي

اندر داخل ٿي ويو آهي. ها، اهو فقط شيطان ٿي آهي." اليوشا پنهنجي گفتگو کي پورو ڪيو ۽ بنا ڪنهن مشڪل جي، جنهن جو نشان ڪوليا سندس چهري ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. "تون بہ بين وانگر آهين؟" اليوشا وري چيو ۽ وڏيڪ هيئن چوندي جواب کي پورو ڪيائين تہ، "منهنجو مطلب آهي، تہ تون گهڻن بين وانگر آهين. مگر فقط تون بين وانگر نہ ٿي ۽ بس."

"توڙي جو بيا ڪٿي ايئن چو نہ هجن؟"

"هائو پلي بيا ايئن هجن، پر تون فقط انهن مان نہ ٿي. تون سچ پچ بين وانگر نہ آهين. تون ڪنهن کي پنهنجون برايون ٻڌائيندي شرمندو نہ ٿو ٿئين. توڙي جو اهي نامعقول آهن. هن زماني ۾ اهڙي قبوليت ڪير ٿو ڏئي. ڪوبہ نہ ڏيندو. ماڻهن تہ پنهنجي مٿان خود تنقيد جا دروازا ئي بند ڪري ڇڏيا آهن. بين وانگر نہ ٿي، توڙي جو تون اڪيلو رهجي وڃين."

"نهايت عجيب! مان تو بابت غلطيءَ تي نہ هوس. تون ڪنهن کي تسلي ڏيڻ چاهين ٿو. مان ڪيترو نہ توکي چاهڻ لاءِ انتظار ۾ هوس، ڪرامازوف. مان تنهنجي صحبت لاءِ گهڻي وقت کان منتظر هوس. ڇا تو بہ منهنجي لاءِ ڪو خيال ڪيو ٿي؟ تو هاڻي ٻڌايو، تہ منهنجي لاءِ بہ خيال ڪندو ٿي رهين."

"هائو، مون تنهنجي لاءِ ٻڌو هو ۽ تنهنجي لاءِ پڻ سوچيندو ٿي رهيس..... جيڪڏهن تون هيءُ سوال پنهنجي خودپسنديءَ جي سبب کان مون کان ڪرين ٿو، تہ هن ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي."

"ڪرامازوف، تون چاهين ٿو تہ اسان جي وچ ۾ اهڙي ريت، جو گفتگو ٿي رهيو آهي، اهو عشق جو اظهار آهي." ڪوليا شرميلي طرح چيو ۽ سندس آواز ان ۾ گم ٿي ويو. هيءُ نامعقوليت تہ نہ آهي؟

"نہ، هن ۾ ڪوبہ مونجهارو يا نامعقوليت ڪانہ آهي. پر جيڪڏهن ان ۾ هجي بہ، تہ ان جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ بذات خود چڱي شيءِ آهي." اليوشا مشڪڻ لڳو.

"پر توکي اها خبر پئي ڪرامازوف، تہ تون پاڻ بہ هاڻي ڪجهہ شرمندو ٿي ويو هئين..... مان ان کي تنهنجي اکين مان ڏٺو." ڪوليا هڪدم معصوم وانگر خوشيءَ کان مرڪڻ لڳو.

"شرمندگي ڇو؟"

"نيڪ آهي، تو ۾ سرخي ڇو ٿي ايندي وڃي؟"

"اهو تون آهين جو مون ۾ شرمندگي کان سرخي آڻي رهيو آهين." اليوشا کليو

۽ هو سچ پچ شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو هو........ ”هاڻ مان ٿورو شرميلو بڻجي ويو آهيان. پر نيڪي ٿي ان جي سبب کي ڄاڻي ٿي. مون کي ڪاٻه خبر نہ آهي....“ هن مونجهاري مان چيو.

”اڙي! مان توسان ڪيڏي نہ محبت ٿو ڪريان. مون کي تنهنجو حياءُ ڪيڏو نہ پسند ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ تون مون جهڙو آهين.“ ڪوليا پوري يقين سان چيو. سندس ڳل ۽ اکيون چمڪڻ لڳيون.

”توکي ڄاڻڻ کپي ڪوليا. تہ تون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو گذاريندين.“ اليوشا جي دل ۾ ڪو خيال آيو. جنهن کي هن کُـِلي طور تي چيو.

”مان ڄاڻان ٿو. مان ڄاڻان ٿو. تہ تون هيءُ سڀ ڳالهيون اڳ ۾ ڪيئن ٻڌائي رهيو آهين!“ ڪوليا هڪدم پنهنجي قبوليت ڏني.

”اهڙي حالت ۾ بہ تنهنجي حياتي عام طور تي نهايت برڪتن واري هوندي ۽ تون ان کي ايئن بڻائيندين.“

جيڪڏهن ايئن آهي، تہ آفرين! تون مون کي ڄڻ پيغمبر ٿو نظر اچين. ڪرامازوف اسان ٻئي گڏجي اڳتي وڌنداسون. توکي خبر آهي، تہ مون کي تنهنجي ڪهڙي ڳالهہ پسند ٿي اچي؟ اها تہ تون مون سان هڪجهڙو هلي رهيو آهين. پر اسان هڪجهڙا نہ آهيون. نہ اسان نہ آهيون. تون مون کان گهڻو بهتر آهين! پر اسان کي گڏ هلڻو پوندو. توکي خبر آهي تہ مان گذريل مهيني پاڻ کي چيو ٿي، تہ يا تہ اسين پاڻ ۾ هڪدم دوست بڻجي ويندا سين، يا تہ قبر تائين دشمن بڻجي ويندا سين!

”تو ايئن چيو تہ تون مون سان پيار ٿو ڪرين. مون کي يقين ڏياريو آهي.“ اليوشا خوشيءَ مان ڪليو.

بيشڪ. مان توکي حد کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. مان توسان محبت ڪندو رهيس ۽ تنهنجا خواب لهندو رهيس. پر توکي هنن سيني ڳالهين جي اڳواٽ ڪيئن خبر پئي؟ اڙي، هو ڊاڪٽر اچي ويو. خدايا اسان کي ڇا چوندو؟ ذرا سندس چهري ڏانهن نهار.

باب ستون

# اليوشا

ڊاڪٽر وري بہ ڪمري مان پشمي ڪوٽ ۽ ٽوپيءَ سان ٻاهر آيو. سندس چهري مان ناراضپو ۽ پريشاني ٿي نظر آئي، ڄڻ تہ ڪيس ميرنهن جو خوف پئي ٿيو. هن گهٽيءَ تي هڪ سرسري نظر وڌي ۽ ايئن ڪندي هن اليوشا ۽ ڪوليا ڪي ڪرڙي نگاهہ سان ڏٺو. اليوشا، ڪوچبان کي هٿ لوڏي اشارو ڏنو ۽ اها گاڏي جا ڊاڪٽر کي وٺي آئي هئي، اڳتي وڌي. ڪپتان تکڙ مان ڊاڪٽر جي پويان ڊوڙيو ۽ معافي وٺڻ جي نموني ۾ جهڪيو. ڪيس پوين لفظن ٻڌائڻ لاءِ ترسايائين. هو غريب مڪمل طرح پائمال ٿي چڪو هو. سندس اکين مان پاڪائي ٿي چمڪي.

"حضور، حضور..... ايئن ٿي سگهي ٿو؟" هن گفتگوءَ جي ابتدا ڪئي. پر هو اڳتي هلي نہ سگهيو ۽ هٿن کي مهٽڻ لڳو. پر ان هوندي بہ سندس نگاهون ڊاڪٽر جي اندر جي جستجو ڪري رهيون هيون، انهيءَ لاءِ تہ اجا بہ سندس بہ لفظ ان غريب ڇوڪريءَ جي قسمت بدلائي ٿي سگهيا.

"مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مان خدا تہ نہ آهيان!؟" ڊاڪٽر بنا ڪنهن هٻڪ جي چيو. جيتوڻيڪ منجهس رواجي پختگي بہ هئي.

"ڊاڪٽر........ عزت مآب........ ڇا اهو جلدي ٿي ويندو...... جلدي."

"توهان کي کهڙي بہ ڳالهہ جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي." ڊاڪٽر اهو نهايت صراحت سان ٿي چيو ۽ سندس اکيون هيٺ هيون. ايئن چئي هو گاڏيءَ تي سوار ٿيڻ لاءِ چائنٺ کان وڌيو، تہ ڪپتان وحشت زده حالت ۾ ان جي روڪ ٻڌجي چوڻ لڳو تہ:

"عزت مآب.... توهان کي حضرت مسيح جو قسم آهي... ڪاب صورت ان جي ڇوٽڪاري جي ميسر نہ آهي؟"

ڊاڪٽر، جنهن جي صبر جو پيالو پرجي ويو هو، چوڻ لڳو تہ "پيو تہ ڪجهہ بہ منهنجي هٿ ۾ نہ آهي......... ان هوندي بہ ان کي..... " هو اوچتو بيهي رهيو. جيڪڏهن تون ايئن ڪري سگهين ٿو، تہ هن گهڙي....... مريض کي بنا ڪنهن دير جي." (هڪدم ۽ بنا دير جا لفظ، هن غصي واري سختي سان چيا، جنهن کي ٻڌي ڪپتان کان ڇرڪ نڪري ويو). ساراڪيوز آب هوا جي تبديلي لاءِ موڪلي ڏين، تہ شايد حالتون بدلجي وڃن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو اثر پيدا ٿئي......."

"ساراڪيوز ڏانهن"، ڪپتان کان رڙ نڪري وئي ۽ هو ان کي سمجهي نہ سگهيو تہ ڪيس ڪهڙا لفظ چيا ويا.

”ساراڪيوز ته سِسلِي ۾ آهي“. ڪوليا تشريح ڪندي زور سان چيو. ڊاڪٽر ان ڏانهن نهاريو.

”سِسلِي عزت مآب؟“. ڪپتان منجهندي چيو. ”پر اوهان ان کي ڏٺو آهي؟“ هن پنهنجي هٿن کي ڪوليو ۽ ماحول ڏي اشارو ڪندي چيائين ته ”منهنجي گهر واري ۽ منهنجو ڪٽنب؟“

”سِسلِي، هڪ ڪٽنب جي رهڻ لاءِ ته مقام ٿي نه ٿو سگهي. تنهنجي ڪٽنب کي بهار جي شروع ۾ ڪوهه قاف ڏانهن وڃڻ کپي..... تنهنجي ڌيءَ کي ته اوڏانهن ضرور وڃڻ گهرجي... تنهنجي زال کي ڪجهه وقت ڪوهه قاف جي پاڻي پيئڻ کان پوءِ پئرس جي خاص دماغي اسپتال ۾ موڪلڻ گهرجي. مان اتان جي لاءِ اوهان کي خط ڏيندس..... ۽ ان کان سواءِ آب و هوا جي تبديلي به ٿيندي.“

”ڊاڪٽر، ڊاڪٽر، پر تون ڏسين ٿو!“ ڪپتان نااميديءَ ۾ پنهنجي هٿن کي هوا ۾ هلايو. هن اگهاڙين ڪاني جي پٽين ڏي اشارو ڪندي چيو.

”خير، اهو منهنجو ڪم نه آهي.“ ڊاڪٽر اڻ لکو مشڪندي چيو. ”مان فقط تنهنجي سوال جو جواب طبي سائنس موجب ڏنو آهي، ته ائين ئي علاج ٿي سگهندو. باقي ٻين ڳالهين لاءِ مون کي افسوس آهي.“

ان وقت ڪوليا ڏٺو، ته ڊاڪٽر ڪُتي کي پريشانيءَ جي نگاهن سان ڏسي رهيو آهي، جو در جي چائنٽ وٽ وينو هو. هن رڙ ڪري چيو ته ”ڊاڪٽر صاحب ڊڄو نه، منهنجو ڪتو، اوهان کي ڇَڪُ نه پائيندو. ڪوليا جي آواز مان غصي جو اظهار ظاهر ٿي ڏنو. جيئن پوءِ هن قبول ڪيو هو، ته هن جنهن طرح ساٽس ڳالهايو هو. ان مان سندس مراد، ان جي توهين هئي.

”هيءُ ڇا آهي؟“ ڊاڪٽر پنهنجي مٿي کي پوئتي اڇلائي، عجب مان ڪوليا ڏي نهاريو. ”هيءُ ڪير آهي؟“ هن اليوشا کي خطاب ڪيو. سندس خواهش هئي، ته هو ان جي تشريح ڪري. ”هيءُ پريزيوان جو مالڪ آهي.“

”منهنجي بابت خيال نه ڪر“. ڪوليا وري به زور ڏيندي چيو.

”پريزيوان“ ڊاڪٽر بيهر چوندي، پنهنجو مونجهارو ڏيکاريو.

”هيءُ گهنڊ کي ته ٻڌي ٿو، پر ٻڌائي نه ٿو سگهي، ته هو ڪٿي آهي؟ چڱو خداحافظ اسان وري ساراڪيوز ۾ ملنداسون.“

”هيءُ ڪير آهي، هيءُ ڪير آهي؟“ ڊاڪٽر غصي ۾ پرجي ويو.

هيءُ اسڪول جو شاگرد آهي ڊاڪٽر. هيءُ بيحد شرير ڇوڪرو آهي. اوهان هن ڏي ڌيان نه ڏيو. اليوشا بي پرواهيءَ مان ۽ تڪڙو ڳالهائيندي چيو.

"ڪوليا پنهنجي زبان کي روڪ". هن ڪراسوتڪين کي رڙ ڪري چيو. "ڊاڪٽر هن ڏي ڌيان نہ ڏنو." هن بي صبريءَ مان وري دهرايو.

"هن کي مار جي ضرورت آهي، چڱي مار جي." ڊاڪٽر پوري جوش مان زمين تي پير هڻندي چيو.

"۽ تون طبابت ڄاڻين ٿو. منهنجو ڪتو متان چڪ وجهئي." ڪوليا جو رنگ هيڊو ٿي ويو. سندس آواز ڏڪڻ لڳو ۽ سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. اچ پريزيوان!

ڪوليا، جيڪڏهن تو ڪو وڌيڪ لفظ چيو، تہ پوءِ منهنجو توسان ڪوبہ واسطو نہ رهندو. اليوشا محڪماڻي آواز ۾ ڪيس چيو.

"هن جهان ۾ هڪڙو ئي ماڻهو آهي. جو ڪوليا ڪراسوتڪين تي حڪم هلائي سگهي ٿو. اهو هيءُ آهي (هن اليوشا ڏانهن آگر جو اشارو ڪيو) "مان تنهنجي حڪم کي مڃان ٿو. خداحافظ!"

"هن اڳتي قدم کي ڪنيو ۽ دروازو کولي ۽ اندرئين ڪمري ۾ هليو ويو. پريزيوان بہ ان جي پٺيان ويو. ڊاڪٽر اڃا بہ پنج سيڪنڊ ڪن عجب ۾ بيٺو رهيو ۽ اليوشا کي نهاريندو رهيو. تنهن کان پوءِ غصي مان ٽڪ ٽڪي ڪندي، ڪرڪندي، گاڏي تائين پهتو ۽ ورائي ورائي چوڻ لڳو تہ "هيءُ ڇا آهي؟..... هيءُ ڇا آهي..... مون کي خبر نہ ٿي پوي. تہ هيءُ ڇا آهي؟ ڪپتان." کيس گاڏي ۾ چاڙهڻ لاءِ ڊوڙي آيو. اليوشا، ڪوليا جي پويان، ڪمري ۾ هليو ويو. جتي اڳ ۾ ئي، هو اليوشا جي پاسي ۾ موجود هو. بيمار بار سندس هٿ کي جهليو هو ۽ هو پيءُ کي سڏي رهيو هو. هڪ منٽ کان پوءِ، ڪپتان بہ اندر موٽي آيو. بابا...... بابا...... اچ........ اسان....." اليوشا سخت جوش مان بڳڙندي چيو. پر اڳتي ڳالهائي نہ سگهيو. هن پنهنجون سنهڙيون بانهون پيءُ ۽ ڪوليا جي ڳچيءَ ۾ وڌيون ۽ بنهي کي ڀاڪر ۾ گڏي وڌو هٿائين. ڪين جيتري قدر طاقت هيس. مضبوطيءَ سان ڀاڪر پائي رهيو هو. ڪپتان اوچتو. خام شيءَ سان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو ۽ ڪوليا جي ڪاڏي ۽ چپ لرزڻ لڳا.

"بابا، بابا، مون کي تنهنجي لاءِ ڪيڏو نہ افسوس ٿو ٿئي!" اليوشا سور مان رڙيون ڪرڻ لڳو.

"اليوشا..... پيارا...... ڊاڪٽر چيو تہ...... تون خوش ٿي ويندين........ اسان وٽ راحت بيهر اچي ويندي..... ڊاڪٽر........" ڪپتان تشريح شروع ڪئي.

"اڙي بابا! مون کي خبر آهي. تہ ڊاڪٽر منهنجي لاءِ اوهان کي ڇا ٿي چيو ....... مان ڏٺو هو؟" اليوشا روئندي چيو. هن پوري طاقت سان بنهي کي ڀاڪر پاتو ۽ پنهنجو چهرو، پيءُ جي ڪلهن ۾ لڪائي ڇڏيائين.

بابا روءِ نہ، رڙيون نہ ڪر. جڏهن مان مري وڃان، تہ ڪنهن چڱي ڇوڪري کي هٿ ڪج. ڪوبہ ٻيو..... هنن سڀني مان ڪنهن چڱي کي انتخاب ڪج. ان کي اليوشا سڏج ۽ منهنجي بدران کيس پيار ڪج......."

"خاموش پوڙها ماڻهو، تون خوش ٿيندين." ڪراسوتڪين اوچتو روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. سندس آواز مان غصو ٿي نظر آيو.

"پر مون کي ڪڏهن بہ نہ وسارجان" پيءُ". اليوشا ڳالهائيندو رهيو. "منهنجي قبر تي اچج...... بابا مون کي هن وڏي پٿر جي پرسان پورجانءِ، جت اسان هميشہ گهمڻ لاءِ ويندا هئاسين. شام جو مون سان ڪراسوتڪين سان گڏجي اچج....... ۽ پريزيوان بہ هجي..... مان توهان لاءِ اميد پيو رکندس..... بابا، بابا."

سندس آواز رڪجي ويو. هو ٽيئي خاموش هئا، پر هڪبئي کي ڀاڪر پائيندا رهيا. نينا خاموش ڪرسيءَ ۾ روئي رهي هئي. آخر سڀني کي رئندو ڏسي، اليوشا جي ماءُ بہ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي.

"اليوشا، اليوشا." هوءَ دانهون ڪرڻ لڳي.

ڪراسوتڪين، اوچتو، پاڻ کي اليوشا جي ڀاڪر مان ڇڏائي ورتو ۽ جلدي مان چيائين تہ، "خدا حافظ پوڙها ماڻهو: " منهنجي ماءُ ڪاڏي جي انتظار ۾ هوندي. مون کي افسوس آهي، جو مون اُن کي نہ ٻڌايو هو، هوءَ منهنجي لاءِ ڏاڍي منتظر هوندي.... پر ڪاڏي ڪان پوءِ، مان سڄي ڏينهن لاءِ تو وٽ هليو ايندس. سڄي شام لاءِ ۽ مان توکي هر قسم جون ڳالهيون ٻڌائيندس. مان پريزيوان کي بہ وٺي ايندس. پر هاڻي مان اُن کي پاڻ سان وٺي ويندس. ٻي صورت ۾ هوءَ جيڪڏهن مون کي نہ ڏسندو تہ پوئڪڻ شروع ڪندو ۽ توکي تڪليف ڏيندو. خدا حافظ."

هوءَ گهٽيءَ ڏي ڊوڙيو. هنَ پنهنجي روئڻ کي روڪي ورتو هو. پر گهٽي ۾ پهچندي ئي هوءَ ڳوڙها وهائڻ لڳو. اليوشا کيس روئندي ڏٺو.

"اليوشا توکي پنهنجي واعدي تي قائم رهڻ گهرجي. ٻي حالت ۾ هيءُ سخت نااميد ٿيجي ويندو." هن پنهنجي راءِ جي وضاحت ڪندي چيو.

"مان ضرور ايندس. اڙي مان ڪيترو نہ پاڻ کي، اڳي نہ اچڻ جي ڪري، ملامت تو ڪريان." ڪوليا روئندي چيو. هاڻي هو ماضيءَ جي لاءِ شرمسار نہ هو.

اُن وقت ڪپتان ڪمري کان ٻاهر اچي چڪو هو ۽ هڪدم دروازي کي بند ڪيائين. سندس منهن مان مايوسي ٿي ڏسي ۽ سندس چپ ڏڪي رهيا هئا. هوءَ ٻن نينگرن جي سامهون بيٺو هو ۽ هن پنهنجي ٻانهن کي انهن ڏانهن وڌايو.

"مون کي ڪو بہ چڱو ڇوڪرو نہ کپي! مون کي ٻيو ٻار نہ کپي!" هن وحشياڻي

انداز ۾ چيو ۽ پنهنجي ڏندن کي پيڪوڙيو. "جيڪڏهن مان توکي وساريو، تہ بيت المقدس منهنجي زبان کي ...... هو ائين چوندي سڏڪن ۾ پئجي ويو ۽ گوڏن پر جُهڪي ويو. پنهنجي هٿن سان مٽي کي زور ڏيندو رهيو ۽ پٽڪندو بہ رهيو ۽ سڏڪا بہ ڀريندو رهيو. هوُ ڪوشش ڪري رهيو هو، تہ جئين سندس آواز ڪمري ۾ ٻڌڻ ۾ نہ اچي.

ڪوليا گهٽيءَ ڏانهن ڊوڙيو.

"خدا حافظ، ڪرامازوف! ڇا تون پاڻهي ايندين؟" هن تيزيءَ ۽ غصي مان اليوشا کي چيو.

"مان يقيناً شام جو ايندس."

"هن بيت المقدس جي لاءِ ڇا ٿي چيو؟.... سندس مطلب انهيءَ ڪان ڪهڙو هو؟"

"هيءُ فقرو انجيل جو آهي. ان جو مطلب آهي، تہ جيڪڏهن مان بيت المقدس وساريان، يعني ان شيءِ کي، جا دنيا جي سيني شين کان مون کي قيمتي آهي ۽ جيڪڏهن مان ان کي ڀلائي ڇڏيان ۽ ٻين شين کي وڌيڪ سمجهان، تہ خدا مون کي معاف نہ ڪري........"

"مان سمجهيو، اهو ڪافي آهي، تون ضرور اچج! اچ ڀريزيوان،" هن زور سان چيو ۽ تيز قدمن سان گهر هليو ويو.

حصو چوتون

# ايون

باب پھريون

# گروشينڪا جي آڏو

اليوشا سڌو ديول جي چوُنڪ ڏانهن ويو ۽ اتان گروشينڪا کي ڏسڻ لاءِ موروزوف جي گهر ڏي روانو ٿيو. جنهن سويري صبح جو، فينا کي تڪڙي نياپي سان موڪليو هو، تہ وٽس اچي. فينا کان سوال ڪندي، کيس خبر پئي هئي، تہ سندس مالڪياڻي گذريل ڏينهن جي واقعن کان بيحد رنجيده هئي. متيا جي گرفتاريءَ کان ٻہ مهينا پوءِ، اليوشا کي اڪثر بيواهہ موروزوف جي گهر ۾ گهرايو ويندو هو. هوُ پنهنجي طبعيت جي لاڙي جي سبب ۽ ڪجهہ دمتري جي نياپي پهچائڻ لاءِ وٽن ويندو هو. متيا جي گرفتاريءَ کان ٽي ڏينهن پوءِ، گروشينڪا سخت بيمار ٿي پئي ۽ قريباً پنجن هفتن لاءِ بيمار رهي. هڪ سڄي هفتي لاءِ تہ هوءَ بيهوش رهي. هوءَ هاڻي گهڻو مٽجي وئي هئي. هوءَ ڪمزور ٿي وئي هئي ۽ سندس شڪل هيڊي ٿي وئي هئي. پندرنهن ڏينهن کان پوءِ، هوءَ ٻاهر نڪرڻ جهڙي ٿي هئي. پر اليوشا جي لاءِ سندس چهرو وڌيڪ ڪشش وارو بڻجي ويو هو ۽ هو جڏهن سندس گهر ويندو هو، تہ سندس اکيون وڌيڪ جاذب ۽ دلڪش ڏسندو هو. سندس نگاهن ۾ پختگي ۽ معاملہ فهمي پيدا ٿي وئي هئي. منجهس روحاني وقار جي تبديلي اچي وئي هئي. ارادي جي مضبوطيءَ جي اچڻ سبب، ڪابہ شيءِ کيس متزلزل ڪري نہ ٿي سگهي. سندس ڀروئن جي وچ ۾ هڪ ننڍي عمدي ليڪ جي پيدا ٿيڻ سبب، سندس دلڪشي ۾ اضافو ٿي ويو هو ۽ اُن مان سندس فڪر جي پختگيءَ جي بہ خبر ٿي پئي. هيءُ نشانيون ايتريون تہ واضح هيون، جو هڪ نگاهہ ۾ معلوم ٿي پئي ويون. هاڻي سندس چهري مان مشڪل سان ڪنهن اڳوڻي هوس جو نشان ٿي مليو.

اليوشا جي لاءِ هيءَ نهايت حيرت جهڙي ڳالهہ ٿي ڏٺي، تہ باوجود اُن مصيبتن جي، جي اُن مسڪين ڇوڪري تي، سندس مڱيندي جي گرفتاري سبب پئجي ويون هيون، جو هڪ خطرناڪ ڏوهہ جي هيٺ آيل هو، سو بہ اُن وقت جڏهن هوُ مڱڻي جي لاءِ تيار هئا ۽ اُن جي شگفتگي پنهنجي جاءِ تي قائم هئي. سندس اکيون جي ماضي ۾ پر غرور ٿي ڏٺيون، انهن ۾ محبت آميز نور ٿي ڏٺو. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ ماضي جي منتقم آڳ بہ روشن ٿي ڏٺي، جنهن سان هوءَ پنهنجي دل ۾ مضبوط تر، پريشان ڪندڙ خيال سان ڪنهن سان ملندي هئي. بي آراميءَ جي صورت اُهائي هئي، جا وٽس هميشہ رهندي ٿي آئي. ڪيٽرينا ايونونا جي متعلق جو کيس اضطراب هو. اُهو سندس بيماري جي حالت ۾، هزيان جي صورت ۾ پنهنجي جاءِ تي

قائم هو. اليوشا کي خبر هئي. تہ هوءَ بري طرح سندس حاسد هئي. پر ڪيٽرينا هڪ پيرو بہ جيل ۾ متيا سان نہ ملي هئي، جيتوڻيڪ هوءَ، آساني سان ايئن ڪري ٿي سگهي ۽ ڪنهن بہ وقت ساڻس ملي ٿي سگهي. هي سڀئي ڳالهيون، اليوشا لاءِ مشڪل مسئلو بڻجي پيون هيون. ڇاڪاڻ تہ هيءُ ئي اهو هڪ ماڻهو هو، جنهن وٽ گروشينڪا پنهنجي دل کولي ٿي سگهي ۽ جنهن کان هوءَ مسلسل مشورو ڪري ٿي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هوءَ ڪجهہ بہ چئي نہ ٿي سگهيو.

انتظار سان پريل هوُ سندس گهر ۾ داخل ٿيو. هوءَ گهر ۾ هئي. اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ هوءَ متيا جي ملاقات کان پوءِ موٽي آئي هئي. سندس تڪڙي چرپر مان، جنهن سان هوءَ ڪرسيءَ تان ٽپو ڏيئي، ساڻس ملڻ لاءِ اُٿي هئي، معلوم پئي ٿيو، تہ هوءَ بي صبريءَ سان سندس انتظار ڪري رهي هئي. ميز تي تاش جا پتا پکڙيل ٿي ڏنا. بي پاسي چمڙي جي صوفي تي، بسترو وڇايل هو، جنهن تي ميڪزيموف لٽيل هو، جو نيم دراز هو. ڪيس رات جو لباس هو ۽ ڪپهہ جي رات واري ٽوپي. هوُ بيمار ۽ ڪمزور ٿي نظر آيو، جيتوڻيڪ هوُ اطمينان سان مشڪي رهيو هو. جڏهن هيءُ بي گهر پوڙهو ماڪرو مان گروشينڪا سان گڏ موٽيو هو، جنهن کي بہ مهينا گذري چڪا هئا، هوُ اتي ئي رهي پيو هو ۽ اجا اتي ئي هو. هوُ برسات ۽ ٿڌ ۾ ساڻس گڏ پهتو هو، هوُ بينچ تي ويهي رهيو ۽ مشڪندي، محبوب ۽ ملتمس نگاهن سان گروشينڪا کي ڏسندو رهيو. گروشينڪا جا سخت رنجيده هئي ۽ بخار جي ابتدائي حالت ۾ هئي، پنهنجي پهچڻ جي اڌ ڪلاڪ اندر ڪيس بلڪل وساري چڪي هئي. اوچتو ۽ اتفاقاً هن ڪيس ڏٺو. هوءَ رنج مان کلڻ لڳي، جنهن کل ۾ ڪابہ راحت ڪانہ هئي. هن فينا کي سڏ ڪيو ۽ ڪيس چيائين، تہ هن کي ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏي. هوُ سڄو ڏينهن انهيءَ ئي جاءِ تي ويٺو رهيو ۽ مشڪل سان ڪاڏي چريو هو. جڏهن اونداهي ٿي ۽ درين کي بند ڪيو ويو، تڏهن فينا پنهنجي مالڪياڻيءَ کان پڇيو تہ:

"ڇا هيءُ سکر ماڻهو رات هتي ئي گذاريندو؟"

"هائو، سندس بستر صوفي تي وڇاءِ." گروشينڪا کيس جواب ڏنو.

وڌيڪ تفصيل سان ڪانئس سوال ڪندي، گروشينڪا کي معلوم ٿيو، تہ ظاهر ۾ هوُ هاڻي ڪاڏي بہ وڃڻ جهڙو نہ رهيو آهي. سندس مهربان ڪلگنوف، کيس صاف چئي ڏنو هو. تہ هن جو وري پاڻ وٽ اچڻ نہ ٿيندو ۽ کيس پنج روبل ڏئي ڇڏيائين.

"خير، خدا ڇڱائي ڪندو. ڇڱو آهي تہ وٽن هتي ئي رهي پوءُ. گروشينڪا پنهنجي ڏک ۾ هوندي بہ اهو فيصلو ڪيو ۽ کيس وڏيءَ دل سان مشڪندي ڏنائين. سندس هن مشڪڻ پوڙهي ماڻهو جي دل تي وڏو اثر ڪيو. سندس چپ شڪرگذاريءَ

جي ڳوڙهن وهائڻ سان گڏ لرزڻ لڳا. ان کان پوءِ ميڪزيموف وٽس رهي پيو. هوءَ جڏهن بيمار ٿي، ته هن هڪ گهڙي لاءِ به سندس گهر کي نه ڇڏيو. فينا ۽ سندس ڏاڏي بورچياڻي کيس ٻاهر ڪڍڻ جي بجاءِ ڪاڏو ڏينديون رهيون ۽ صوفي تي سندس بستري کي ناهينديون رهيون. گروشينڪا هاڻي کيس پنهنجي مطلب لاءِ ڪم آڻڻ لڳي. متيا جي ڏسڻ کان پوءِ (جنهن کي هن پنهنجي صحت کان اڳ ۾ ڏسڻ شروع ڪيو هو) ويهي رهندي هئي ۽ ميڪزيمشڪا سان انهن سنگين معاملن بابت گفتگو ڪندي هئي، جيئن هوءَ انهن رنجيده حالتن کان نجات حاصل ڪري سگهي. هيءُ پوڙهو ماڻهو بهترين افسانہ گو ثابت ٿيو ۽ آخر ۾ هوُ ان جي لاءِ ضروري شيءِ بڻجي پيو. گروشينڪا، اليوشا کان سواءِ ٻي ڪنهن ماڻهوءَ سان مشڪل سان ملندي هئي. هوُ روزانو نہ ايندو هو، ۽ نہ وري گهڻو وقت ترسندو هو. سندس پوڙهو واپاري گهر ۾ سخت بيمار پيو هو. جيئن شهر وارن چيو ٿي، هوُ پوين پساهن ۾ هو ۽ هوُ سچ پچ متيا جي مقدمي هلڻ کان هڪ هفتو پوءِ مري ويو. سندس موت کان ڪي هفتا اڳ ۾، هن پنهنجي موت کي قريب ايندو ڏسي، پنهنجي پٽن، سندن زالن ۽ ٻارن کي مٿي گهرائي ورتو ۽ کين حڪم ڏنو، تہ هوُ وري کيس ڇڏي نہ وڃن. ان گهڙيءَ کان پوءِ، هن سختيءَ سان پنهنجي نوڪرن کي چئي ڇڏيو، تہ هوُ گروشينڪا کي اندر نہ ڇڏين، ۽ جيڪڏهن هوءَ اچي تہ کيس سندس پيغام ڏين، تہ "هوءَ وڏي حياتي ماڻي ۽ خوش رهي ۽ کيس وساري ڇڏي." پر گروشينڪا هر روز سندس احوال معلوم ڪرڻ لاءِ ماڻهو موڪليندي رهي.

"تون آخر اچي وئين؟" هن پٽن کي اچلائيندي چيو ۽ نهايت چاهہ مان اليوشا کي ڪيڪاريائين. "مون کي ميڪزيمشڪا طعنو هڻندي ٿي چيو، تہ تون نہ ايندين. مون کي ڪيترو نہ تنهنجي ضرورت آهي. ميز جي پرسان ويهہ. چا پيئندين ..... ڪافي؟"

"هائو، تنهنجي مهرباني،" اليوشا ميز وٽ ويهندي چيو. "مون کي سخت بک لڳي آهي."

گروشينڪا رڙ ڪري چيو، تہ "فينا، فينا، ڪافي." اها گهڻي وقت کان تنهنجي لاءِ تيار پئي آهي. ڪجهہ مانيءَ جا ٽڪرا بہ آڻ. اهو ڏسج تہ اهي گرم هجن. توکي خبر آهي، تہ انهن مانيءَ جي ٽڪرن تي اڄ چڱو خاصو گوڙ ٿيو هو. مان هنن کي ڪٺي، هن لاءِ جيل ڏي وئي هيس. تون اعتبار ڪندين، هن وني مون ڏانهن اچلائي ڇڏيا. هن انهن کي کائڻ نہ ٿي گهريو. هن انهن مان هڪ کي زمين تي اچلائي ڇڏيو ۽ ان کي پيرن ۾ لتاڙڻ لڳو. مون کيس چيو، تہ مان هيءُ واردن کي ڏيئي ٿي وڃان. جيڪڏهن تون انهن کي شام کان اڳ ۾ کائڻ نہ ٿو گهرين، تہ پنهنجي بد رفتاريءَ جي سزا ڏسندين. اٿين چئي مان هلي آيس. خيال ڪر تہ ٻيهر وري اسان ۾ جهڳڙو پيدا ٿي پيو آهي. هر بار جڏهن بہ اُتي مان وڃان ٿي، تہ جهڳڙو پيدا ٿي پوي ٿو.

گروشينڪا ڪاوڙ مان تڪڙو تڪڙو ڳالهائيندي وئي. ميڪزيموف هڪدم ڪيس ڏنو ۽ چپن ۾ ڪجهه حجاب سان مشڪندو رهيو ۽ پنهنجون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيائين.

"هن ڀيري اوهان ڇا تي جهڳڙو ڪيو؟" اليوشا ڪانئس پڇيو.

مون کي تہ ان جي ڪا بہ اميد نہ هئي. فقط ائين ئي. هوُ ان پول کان تهي ٿو. هن مون کي چيو، تہ "تو ان کي پاڻ وٽ ڇو رهايو آهي؟ تو وري هن کي پاڻ وٽ رهائڻ شروع ڪيو آهي. هوُ حاسد آهي. هوُ سڀ شيءِ سان حسد ٿو ڪري! ڇا ڪاڏو هجي ڇا ننڊ گذريل هفتي هن ڪزما سان بہ اهڙي ريت حسد تي ڪيو."

"پر هوُ پول کي اڳ ۾ سڃاڻيندو هو ڇا؟"

هائو. پر ڳالهه جو منڍ هيءُ آهي، تہ هوُ ابتدا کان ڪيس سڃاڻندو هو. پر هوُ اڄ اٿيو ۽ اُن بابت ڇينڀڻ لڳو. اُن کي ورائي ڇوڻ ۾ شرم ٿو اچي. بيوقوف انسان! ريڪيٽن اُن وقت وٽس آيو ۽ مان ٻاهر نڪتيس. شايد هوُ ڪيس پريندو ٿو رهي. تون ڇا ٿو سمجهين؟" هن بي پرواهيءَ مان ڪيس چيو.

"هو توکان بيحد پريشان آهي."

"مان پاڻ خيال ڪريان ٿي، تہ ائين ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سياڻي مقدمو رکيل آهي. مان وٽس وئي هيس، تہ سياڻي لاءِ مون کي ڪجهہ چوي. ڇا لاءِ تہ مون کي خوف آهي، تہ سياڻي الائجي ڇا ٿيندو. تون چوين ٿو تہ هوُ پريشان آهي، پر مان ڪيتري نہ پريشان آهيان. ۽ هوُ وري پول جون ڳالهيون ٿو ڪري! هوُ وڏو بيوقوف آهي. ڪيئن بہ هجي، هوُ اجا مڪزيمشڪا جو حاسد نہ بڻيو آهي."

"نوڪريءَ وارين ڇوڪرين لاءِ."

"پنهنجي زبان کي روڪ ميڪزيمشڪا، مان هاڻي ڪلهہ جي حال ۾ نہ آهيان. مان غصو محسوس ٿي ڪريان. هنن مانيءَ جي ٽڪرن تي پنهنجي نظر نہ وجهہ. مان توکي هنن مان ڪجهہ بہ نہ ڏيندس. هيءُ تنهنجي لاءِ چڱا نہ آهن. نہ وري توکي وڊڪا (شراب جو قسم) مان ڪجهہ ڏيندس. مان هن جي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿي. ڇڻ تہ مون کي يتيمخانو هلائڻو آهي." هوءَ کلڻ لڳي.

"مان تنهنجي مهربانيءَ جي لائق نہ آهيان. مان هڪ حقير شيءِ آهيان." ميڪزيموف چيو. سندس آواز روئڻهارڪو بڻجي ويو. توکي پنهنجي مهرباني انهن ماڻهن تي ڪرڻ گهرجي، جي تنهنجي لاءِ وڌيڪ ڪارآمد تين.

"اڙي ميڪزيمشڪا، هر انسان ڪارآمد آهي. اسان کهڙي ريت ڄڻي سگهون ٿا، تہ ڪي وڌيڪ ڪارائتو آهي. چڱو ٿئي ها، تہ هن پول جو وجود ئي نہ هجي ها. خيال ڪر اليوشا، هوُ ٻڻ اڄ بيمار ٿي پيو آهي. ان کي بہ ڏسڻو اٿم. ڪجهہ مانيءَ جا ٽڪرا ڪيس

ٻہ موڪلڻا اٿم. مان تہ ڪيس ڪجھ بہ نہ موڪليندي آهيان. پر مـتيا مون کي ان جو گنهگار ٿو سمجهي، ان ڪري مان هاڻي ڪيس ڪجھ موڪليان ٿي. اجھو فينا کي هٿ ۾ ڪو خط آهي. هائو، هيءُ ان پول جو آهي. وري ڪجھ عرض ٿو ڪري!"

پان مسيالووچ، سچ پچ هڪ طويل، تفصيل وار، وڏي آب و تاب سان ڪيس هڪ خط ۾ لکي موڪليو هو، جنهن ۾ هن ڪيس عرض ڪيو هو، تہ ٽي روبل قرض طور ڏياري موڪلي. خط ۾ هڪ رسيد بہ هئي. جنهن ۾ لکيل هو، تہ هو اها رقم ٽن مهينن ۾ موٽائي ڏيندو. هن تي پان وربليوسڪي جي صحيح بہ هئي. گروشينڪا وٽ پنهنجي اڳوڻي عاشق جا اهڙا ڪيترائي خط رسيدن سان گڏ سندس بيماريءَ واري وقت ۾. ٻئي پول سندس عيادت لاءِ بہ آيا هئا. پهريون خط جو گروشينڪا کي، ڪائنڻ مليو، اهو ڪافي طويل هو. هو هڪ وڏي پيپر تي لکيل هو ۽ ان تي سندن خانداني مهر جو نشان هو. هو ايترو تہ منجهيل ۽ نظم جي انداز ۾ لکيل هو، جو گروشينڪا ان جي اڌ پڙهڻ کان پوءِ، ڪڪ تي پٽي ۽ ان کي اجلائي ڇڏيائين. ان مان هوءَ ڪو بہ مطلب نہ ڪڍي سگهي. ان کان پوءِ هوءَ خطن ڏي گهٽ ڌيان ڏيڻ لڳي. پهرئين ڏينهن جي خط اچڻ کان پوءِ، وري ٻي ڏينهن تي ڪيس خط پهتو، جنهن ۾ پان مسيالووچ ڪيس لکيو هو، تہ ڪيس ٿوري وقت لاءِ بہ هزار روبل قرض طور ڏي. گروشينڪا هن خط کي، جواب ڏيڻ کان سواءِ اجلائي ڇڏيو. ان کان پوءِ، مسلسل خط ايندا رهيا. ڏهاڙي هڪ وڏي آب و تاب وارا ۽ نظم جي انداز وارا. پر انهن ۾ قرض لاءِ جا طلب ڪئي وئي هئي، اها آهستي آهستي گهٽجي وڃي سوءَ روبل تي پهتي هئي. وري پنجويهہ ۽ ڏھ تي وڃي پهتي. آخري خط، جو گروشينڪا کي مليو، ان ۾ ٻنهي پولن، ڪائنس فقط روبل جي طلب ڪئي هئي ۽ ان سان گڏ رسيد بہ هئي، جنهن تي ٻنهي جي صحيح موجود هئي.

اُن کان پوءِ اوچتو گروشينڪا کي مٿس افسوس ٿيڻ لڳو. منهن انڌيري هوءَ سندن رهڻ واريءَ جاءِ ڏانهن هلي وئي. هن ڪيس مفلسي ۾ مبتلا ڏٺو ۽ بلڪل برباد ٿيل. نہ وٽن کاڌو هو، نہ ٻارڻ، نہ سگريٽ. جاءِ جي مالڪياڻيءَ جا مقروض. ٻہ سوءَ روبل جي ماڪرو ۾ هنن مـتيا کان ڦريا هئا. هاڻي غائب هئا. پر گروشينڪا کي ڏسي حيرت لڳي، تہ سندن شان ۽ شوڪت ۽ خودداريءَ ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو هو. سندن گفتگوءَ ۾ بہ اهائي بي پرواهيءَ ۽ شان موجود هئي. گروشينڪا فقط کلي ۽ پنهنجي اڳئين محبت ڪرڻ واري کي ڏھ روبل ڏنائين. ان کان پوءِ هن کلندي مـتيا کي سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ هو ان وقت حاسد نہ ٿي ڏٺو. پر ان کان پوءِ پول گروشينڪا سان تعلقات رکندا آيا ۽ روزانو ڪجھ نہ ڪجھ طلب ڪندا آيا ۽ هوءَ بہ ڪين ٿوري

ٿوري رقم موڪليندي ٿي رهي. هن واقعي ڪي مِتيا پنهنجي دماغ ۾ جاءِ ڏني هئي ۽ خطرناڪ طرح سان حاسد بڻجي پيو هو.

"هڪ بيوقوف وانگر، مان وٽس ويندي. هڪ منٽ لاءِ رستي ۾ مِتيا ڪي ڏسڻ لاءِ ويس، ڇاڪاڻ تہ منهنجو ڀول پڻ بيمار هو. " گروشينڪا وري پنهنجي اعصابي تيزيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. مان ڪلندي مِتيا ڪي هيءَ حقيقت ٻڌائيندي رهيس. مان ڪيس چيو تہ" مون ڪي عجب لڳو تہ، منهنجي ڀول ڪي اهو خوش ڪندڙ خيال هو تہ مان ان ڪان متاثر ٿي ويندس ۽ ان سان شادي ڪندس! مِتيا قسم کائيندي ٽپو ڏئي اٿيو..... ان ڪري مان هاڻي ڪين مانيءَ جا ٽڪرا موڪليندس! فينا اها ننڍڙي ڇوڪري موجود آهي، جنهن ڪي هنن موڪليو هو؟ ڪيس هيءُ ٽي روبل ٻہ ڏي ۽ ٻارنهن ڪن مانيءَ جا ٽڪرا ٻہ. ڪيس چوءِ تہ هيءُ شيون ان ڏي ڪٺي وڃي ۽ تون اليوشا، يقين سان مِتيا ڪي ٻڌائج، تہ مان ان ڏي مانيءَ جا ٽڪرا موڪليا آهن."

اليوشا مشڪندي ڪيس چيو، تہ مان ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندس."

"اڙي، تون سمجهين ٿو. تہ هوُ هن ڪي ٻڌي ناخوش ٿيندو ۽ هوُ حاسد آهي. پر ڪيس ان جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي." گروشينڪا آرزده ٿي چيو. "هو هرويرو حسد ٿو ڪري."

"هرويرو"، اليوشا کانئس پڇيو.

"مون توکي ٻڌايو، تہ تون بيوقوف آهين، اليوشا. تون داناءَ هوندي بہ ڪيس نہ ٿو ڄاڻين. مون ڪي هن لاءِ ڪابہ ذهني ڪوفت نہ ٿي ٿئي تہ هوُ مون جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ حاسد آهي. مون ڪي ذهني تڪليف پهچي ها، جيڪڏهن هوُ حسد نہ ڪري ها. مان پڻ اِيئن آهيان. مان پاڻ حاسد ٿي سگهان ٿي، پر مان حسد نہ ٿي ڪريان. مون وٽ هڪ خوفناڪ دل آهي. مان توکي ٻڌايان ٿي، تہ هوُ هاڻي ڪنهن مقصد کان حاسد آهي. ڇا مان انڌي آهيان؟ ڇا مان ڏسي نہ ٿي سگهان؟ هن مون سان هاڻي ان عورت ڪيٽرينا بابت ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ هوءَ هيئن بہ آهي ۽ هونءَ بہ آهي. هن ڪيئن نہ، هن جي لاءِ ماسڪو کان ڊاڪٽر گهرايو آهي، تہ هوُ مقدمي ۾ ڪيس بچائي. ان کان سواءِ وڪيل. جو سندس مقدمي جي پيروي ڪري. جو بيحد هوشيار آهي. مان سمجهان ٿو تہ هوُ هن سان محبت ٿو ڪري. جيڪڏهن هو منهنجي سامهون سندس تعريف ٿو ڪري. تہ هيءَ سندس لاءِ وڏيڪ شرمندگيءَ جو باعث آهي! هوُ مون سان خراب هلت هلي رهيو آهي. هن مون ڪي باهر ڪڍڻ لاءِ حملو ڪيو. مان پهريائين غلطي ۾ هيس، ان ڪري هن مون تي سڀ ڪجهہ اڇلائي ڇڏيو. معلوم ٿئي ٿو، تہ هوُ جڻ ڇٽي رهيو آهي. تہ تون منهنجي سامهون پنهنجي ڀول سان گڏ هئين. ان ڪري مان ڪيٽرينا تي ڪوبہ ڏوهہ ڏيئي نہ ٿو سگهان. هوُ ڇاهي ٿو تہ سڄو ڏوهہ منهنجي مٿان

اِڇلائي وجهي. هن ڪنهن مقصد سان مون تي حملو ڪيو آهي. مان توکي ٻڌايان ٿي، تہ مان وري. . . . "

گروشينڪا پنهنجي جملي کي پورو ڪري نہ سگهي، تہ هوءَ ڇا ڪندي. هن رومال ۾ پنهنجي منهن کي لڪايو ۽ سڏڪن ۾ پئجي وئي.

اليوشا ڪيس مضبوطيءَ سان چيو تہ "هوُ ڪيٽرينا ايونونا سان محبت نہ ٿو ڪري."

"ڪهڙي خبر هوُ ساڻس محبت ڪري ٿو يا نہ؟ مان ان کي پاڻهي معلوم ڪري وٺنديس. "سندس آواز ۾ تحڪماڻو انداز هو ۽ هن منهن تان رومال کي ڪٽي ورتو. سندس منهن سُڄي ويو هو. اليوشا ڏٺ مان ڪيس ڏٺو، تہ نرم ۽ خوشي واري چهري جي بجاءِ، هاڻي سُڄيل ۽ نفرت واري ٿي ڏٺي.

"هيءَ بيوقوفي ڪافي آهي." هن اوچتو فيصلي واري انداز ۾ چيو. "اليوشا پيارا، مان توڏي انهيءَ لاءِ نياپو نہ موڪليو هو. سياڻي آخر ڇا ٿيندو؟ اها ڳالهہ مون کي پريشان ڪري رهي آهي! مان سڀ ڏي نهاريان ٿي، پر ڪو بہ هن ڳالهہ ڏي توجهہ نہ ٿو ڏئي. ڪو بہ ان جي پرواهہ نہ ٿو ڪري. ڇا تون بہ ان جي لاءِ ڪو خيال ڪرين ٿو؟ سياڻي هن تي مقدمو هلندو، جنهن جي توکي خبر آهي. مون کي ٻڌاءِ، تہ ان تي ڪيئن مقدمو هلندو؟ توکي خبر آهي تہ اهو نوڪر هو، جنهن ڪيس قتل ڪيو هو! خدايا! ڇا هوُ، هن نوڪر جي بجاءِ ڪيس ئي سزا ڏيندا. ڪو بہ سندس طرفداري نہ ڪندو؟ هنن تہ ان نوڪر کي ڪابہ تڪليف نہ ڏني آهي، ايئن آهي نہ! هوُ ڪيس تڪليف ڏيندا؟"

اليوشا هيءُ ٻڌي فڪر ۾ پئجي ويو ۽ ڪيس چوڻ لڳو، تہ "هن ڪان نهايت سختيءَ سان آڏي پڇا ڪئي وئي آهي. پر هر ڪو هن نتيجي تي پهتو آهي، تہ هوُ ڏوهي نہ آهي. هو هاڻي سخت بيمار آهي، هوُ بيماريءَ جي هن حملي ڪان اڳ ۾ بہ بيمار رهندو ٿو اچي. هوُ سچ پچ بيمار آهي."

"اڙي پيارا! تون پاڻ وڪيل ڏي نہ ٿو وڃي، ڪيس سچي حقيقت ڪان آگاهہ ڪرين؟ ڪيس ٽن هزارن روبل تي پيٽرسبرگ مان گهرايو ويو آهي. ماڻهو تہ ايئن ٿا چون."

"اسان اهي ٽي هزار گڏجي ڪڍيا آهن. ايون، ڪيٽرينا ايونونا ۽ مان. پر هن ڊاڪٽر جي لاءِ بہ هزار روبل پاڻ ڏنا آهن ۽ ڪيس ماسڪو گهرايو اٿائين. وڪيل فتيوڪووچ وڏيڪ وٺي ها. پر هيءُ مقدمو سڄي روس ۾ مشهور ٿي ويو آهي. هيءُ مقدمو سڀني رسالن ۽ اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. فتيوڪووچ، هيڏي اچڻ لاءِ، هن سبب ڪان تيار ٿي چڪو آهي، مان ساڻس مليو آهيان."

گروشينڪا ڪانئس انتظار مان پڇيو، تہ "ڇا تو هن سان ڳالهايو بہ آهي؟"

"هن مون کي ڏيان سان ٻڌو، پر ڪو بہ جواب نہ ڏنائين. هن مون کي ٻڌايو تہ هوُ پنهنجي راءِ کي قائم ڪري چڪو آهي. پر هن هيءُ انجام ڪيو، تہ هوُ منهنجي لفظن کي بہ زيرغور رکندو."

"زيرغور! هيءُ دغاباز آهن! هيءُ سيئي ڪيس برباد ڪري ڇڏيندا. هن ڊاڪٽر کي ڇو گهرايو آهي؟"

"هڪ ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾. هوُ ثابت ڪرڻ گهرن ٿا، تہ مِتيا پاڳل هو. هن جو ڪجهہ ڪيو آهي. ان لاءِ ڪيس خبر ئي نہ پئي سگهي هئي، تہ هوُ ڪو خون ڪري رهيو آهي." اليوشا ڌيرج سان مشڪيو. "پر مِتيا، هن کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو."

"هائو، پر اها تہ سچي ڳالهہ ٿي پوندي تہ هن، ڪيس قتل ڪيو آهي!" گروشينڪا بلند آواز سان چيو. "هوُ پاڳل هو ۽ پوريءَ ريت پاڳل هو. پر هيءُ سڀ منهنجي غلطي هئي. ڪيڏي نہ مان بدبخت آهيان! بيشڪ هن اهو ڪم ڪيو آهي! هوُ سڀ هن جي خلاف آهن. سڄوئي شهر! رڳو فينا جي زباني بہ هيءُ ثابت ٿي ڪري، هن اهو ڪم ڪيو آهي. دڪان جي ماڻهن، آفيسرن ۽ هوٽل جي ماڻهن جي بہ ساڳي ڳالهہ آهي. مان ماڻهن کي ايئن چوندي ٻڌو آهي. سڀيئي سندس خلاف آهن. سيئي سندس خلاف دانهون ڪري رهيا آهن."

"هائو، هن مقدمي جي لاءِ وڏو اجتماع آهي. جا نهايت خطرناڪ ڳالهہ آهي." اليوشا ڊڄندي چيو.

"گريگري ۽ وسيلووچ، پنهنجي ڪهاڻيءَ تي مضبوطي سان قائم آهن، تہ دروازو کليل هو. هو زور ڀرو ڏئي تہ هن ڪيس ڏٺو هو. منجهس ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. مان پاڻ وئي هيس ۽ ساڻس ڳالهايو هيم. هوُ هن معاملي ۾ بي رخو بہ آهي."

"هائو، اهائي ان جي خلاف زبردست شاهدي آهي." اليوشا چيو.

"مِتيا جي بابت تہ هوُ پاڳل آهي، يقيناً هاڻي هو ايئن پيو نظر اچي. گروشينڪا خاص انتظار ۽ پراسرار نموني ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. اليوشا توکي خبر آهي، تہ مان گهڻي وقت کان چاهيو ٿي، تہ توسان ان بابت ڳالهايان. مان هر روز وٽس ويندي آهيان ۽ ان وقت عجب ڪائيندي رهندي آهيان. مون کي هاڻي ٻڌاءِ، تہ تون ڇا ٿو سمجهين تہ هاڻي هوُ ڪهڙين ڳالهين بابت سوچيندو هوندو؟ ڳالهائيندو ۽ ڳالهائيندو رهي ٿو. ۽ ان مان ڪو بہ نتيجو نہ ٿو نڪري. مان حيرت ۾ پئجي ويس. هو ڪجهہ دانائي جي ڳالهہ ڪري رهيو هو، پر مان پنهنجي بيوقوفي جي باعث ان کي سمجهي نہ سگهيس. فقط اهو تہ هن اوچتو ڪنهن ٻار بابت ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو. اهو ذڪر ڪنهن ٻار جو. هي ٻار ڇو مفلس آهي؟ هن چيو. انهيءَ ٻار جي لاءِ ئي

تہ مان هاڻي سائيبريا ويندس. مان قاتل نہ آهيان. پر مان سائيبريا ضرور ويندس! هن جو مطلب ڇا هو؟ ڪهڙو ڇوڪرو؟ مان سچي حياتيءَ ۾ سندس اهڙيءَ گفتگو نہ ٻڌي آهي. جڏهن هن اِيئن چيو، تہ مان فقط رنيس. ڇاڪاڻ تہ هن انهن لفظن ڪي نهايت عمدي ريت ادا ڪيو هو. هوُ بہ روئڻ لڳو ۽ مان بہ روئڻ لڳيس. هن اوچتو مون ڪي چميو ۽ منهنجي مٿان صليب جو نشان ناهيائين . اليوشا، هن جو مطلب ڇا هو؟ مون ڪي ٻڌاءِ. اهو ڇوڪرو ڪير آهي؟

"اهو ريڪٽن آهي، جو ڪيس روزانو ڏسڻ ويندو آهي." اليوشا مشڪيو. "جيتوڻيڪ .... هيءُ عمل ان جو نہ آهي. مان ڪالهہ مِتيا سان نہ مليو هوس. مان اڄ ساڻس ملندس."

"نہ اهو ريڪيٽن نہ آهي. اهو سندس ڀاءُ ايون فيودورپاولووچ آهي، جو ڪيس پريشان ڪندو رهي ٿو. ان جي آمدورفت جي ڪري هيءُ سڀ ڪجهہ ٿيوآهي." گروشينڪا ڳالهائڻ تہ شروع ڪيو، پر جلدي خاموش ٿي وئي. اليوشا ڪيس عجب مان نهاريو. "ايون وجي ٿو. ڇا هو ڪيس ڏسڻ لاءِ ويو هو؟ مِتيا ڪيس پاڻ ٻڌايو هو، تہ هو وٽس هڪ ڀيرو بہ نہ ويوآهي."

"ها، ها، مان ڪهڙي قسم جي ڇوڪري آهيان، مان سيني ڳالهين ڪي ظاهر ٿي ڪري ويهان!" هوءَ اوچتو پريشان ٿي وئي ۽ سندس رنگ ڳاڙهو ٿي ويو. ترس اليوشا، بس ڪر. جيئن تہ مان سڀ ڳالهيون ٻڌائي چڪي آهيان، مان سچي حقيقت ٻڌائينديس. هوُ وٽس ٻہ ڀيرا ويو آهي. ٻهريون دفعو تہ هوُ وٽس سنئون سڌو پهچي ويو هو. هوُ ماسڪو کان تيزيءَ سان هت پهچي ويو هو. مان بيمار پوءِ ٿي هيس. هفتو ڪن ٿيو، تہ وري ساڻس ٻيو ڀيرو بہ مليو هو. هن مِتيا ڪي چيو هو، تہ هوُ ان بابت توکي نہ ٻڌائي، پوءِ ڪهڙي بہ ضرورت ڇو نہ هجي، پر ٻين ڪي نہ ٻڌائي. حقيقت ۾ هوُ هتي رازدارانہ آيو آهي."

"اليوشا ويهي رهيو ۽ خيالن ۾ گم ٿي ويو. هوُ ڪجهہ سوچي رهيو هو. هن خبر مٿس وڏو اثر وڌو هو.

"ايون، مون سان مِتيا جي مقدمي بابت ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو هو." هن آهستگيءَ سان چيو. "گذريل ٻن مهينن بابت، هن مون سان، نهايت ٿورو ڳالهايو آهي. جڏهن بہ مان ساڻس ملڻ ويو آهيان، تہ هوُ منجهيل نظر آيو آهي. ڇڻ تہ منهنجو وٽس وڃڻ، ڪيس پسند نہ آهي. ان ڪري مان وٽس ٽي هفتا اڳ ويو هوس ۽ وري نہ ويو آهيان. هاڻ...... جيڪڏهن هوُ وٽس هڪ هفتو اڳ ويو آهي...... تہ پوءِ يقيناً مِتيا جي حالت ۾ تبديلي آئي هوندي."

"منجهس ضرور تبديلي آئي هوندي." گروشينڪا قبوليت ڏيندي چيو.

"وٽن ڪو راز آهي، وٽن ڪو راز آهي. مِتيا مون کي پاڻ ٻڌايو هو. هيءُ ڪو اهڙو راز آهي، جنهن ڪان مـِـتيا ۾ بيقراري پيدا ٿي آهي. ٻي صورت ۾ هو اڳ ۾ نهايت ڪلمک هو. سچ پچ هاڻي بہ هو خوش آهي. پر جڏهن هو هيئن پنهنجي مٿي کي لوڏي ٿو ۽ تيز قدمن سان ڪمري ۾ گهمندي پنهنجي سڄي هٿ سان نراڙ جي سڄي پاسي جي وارن کي ڇڪي ٿو، تڏهن سمجهڻ ۾ اچي ٿو، تہ کيس ڪا پريشاني آهي. مان ڄاڻان ٿي؛ هو اڳ ۾ بيحد خوش هو. جيتوڻيڪ اڄ بہ خوش آهي."

"پر تو چيو تہ هو پريشان هو."

"هائو. هو پريشان ٿي ڏٺو. پر ان هوندي بہ ڪلمک. هو هڪ منٽ لاءِ جوش ۾ اچي ٿو ۽ وري ڪلمک ٿيڻ ٿو ۽ وري جوش ۾ اچي ٿو. اليوشا سچ پچ مون کي هيءُ ڏسي حيرت ٿي ٿئي. ڪا خطرناڪ شيءِ مٿس ضرور لٽڪندي نظر اچي ٿي. هو ڪڏهن ڪڏهن تہ هنن نازڪ معاملن تي کلي ٿو، جڻ تہ هو پاڻ بار آهي."

"ڇا سچ پچ، هن توکي ايئن چيو هو. تہ ايون بابت مون کي ڪجھ بہ نہ ٻڌائج؟ ڇا توکي هن چيو هو تہ هن کي نہ ٻڌائج؟"

"هائو. مون کي هن چيو هو تہ هن کي نہ ٻڌائج. اهو تون ئي آهين، جنهن کان مـِـتيا کي خوف ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ راز آهي. هن چيو ٿي، تہ هيءُ راز آهي. پيارا اليوشا هن ڏي وڃ. ۽ معلومات ڪر تہ اهو راز ڪهڙو آهي؟ پوءِ اچي مون کي ٻڌاءِ." گروشينڪا اوچتي انتظار کان کيس ليلائي چيو. "تون پنهنجي دل کي مطمئن رک. توڙي جو منهنجي لاءِ ڪا بدترين خبر ڇو نہ هجي. انهيءَ ئي حقيقت لاءِ مان توڏي ماڻهو موڪليو هو."

"تون سمجهين ٿي تہ اهو تنهنجي بابت آهي؟ جيڪڏهن ايئن هجي ها. تہ هو توکي ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي ها. تہ ڪو راز آهي!"

"مون کي خبر آهي، شايد هو مون کي اهو راز ٻڌائڻ گهري ٿو، پر سندس همت نہ ٿي ٿئي. پر مون کي خبردار ڪري ٿو. ڪو راز آهي. جو هو مون کي ٻڌائڻ گهري ٿو. پر هو مون کي نہ ٻڌائيندو تہ ڇا آهي؟"

"تون پاڻ ڇا ٿي سمجهين؟"

"مان ڇا ٿي خيال ڪريان. اها منهنجي پڄاڻي آهي. مان اهوئي خيال ڪريان ٿي. هي ٽيئي، منهنجي انت آڻڻ لاءِ سوچي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪيٽرينا انهن سان شامل آهي. هيءُ سڀ ڪيٽرينا جي سبب ڪان آهي. هوءَ ئي هيءُ ۽ هو آهي ۽ مان نہ آهيان. هيءُ سڀ ڳالهيون هو اڳ ۾ ڪري رهيو آهي. ۽ مون کي خبردار ڪندو رهي

ٿو. هوُ منصوبو ناهيندو رهي ٿو، ته مون کي اخلاقي ڇڏي. اهوئي سچو راز آهي. هنن اهو منصوبو گڏجي ناهيو آهي. هيءُ ٿئي. مــتيا، ڪيٽرينا ۽ ايون فيودوروِڀاولووچ. اليوشا. مان گهڻي وقت کان چاهيو ٿي، ته توکي هيءُ ٻڌايــان. هڪ هفتو، هن اڳ ۾ مون کي چئي ڏنو، ته ايون ڪيٽرينا سان محبت ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو اڪثر کيس ڏسڻ لاءِ ويندو آهي. هن مون کي اهو سچ ٻڌايان؟ تون پنهنجي ضمير موجب مون کي ٻڌاءِ. ٻڌاءِ پوءِ ڪٿي ڇو نه بدترين هجي.

"مـان توسـان ڪوڙ نـه ڳالهـائيندس. مـان خيـال ڪريـان ٿـو، تـه ايون، ڪيٽرينـا ايونونا سان محبت نه ٿو ڪري."

هائو، مان به ايئن ئي خيال ٿي ڪيو. هوُ مون سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، بي شرم، فريبي. اهائي حقيقت آهي! هاڻي وري مون تي حاسد ٿي رهيو آهي، جيئن پوءِ مون تي سچوئي ڏوهه اُخلاقي وجهي. هوُ بيوقوف آهي ۽ جو ڪجهه به ڪري رهيو آهي، ان تي هوُ پردو وجهي نه ٿو سگهي. هوُ هاڻي ظاهر ٿي پيو آهي، تـون ڄاڻين ٿـو..... پر مان هن راز کي ظاهر ڪنديس، تون اعتبار ٿي ڪرين، ته مون قتل ڪيو آهي، هن پاڻ ايئن چيو. هن مون کي ايئن چيو. هي مون کي ان بابت ملامت ڪندو رهيو. خدا کيس معاف ڪري. تون ترس. مان مقدمي جي پيروي وقت، ڪيٽرينا سان نبرنديس ۽ ان وقت ئي ڪجهه چئي سگهنديس....... مان سڀ ڪجهه ان وقت ٻڌائيندس."

هوءَ وري سخت روئڻ ۾ پئجي وئي.

"هيءُ مـان توکي يقيـن سـان ٻڌايـان ٿـو، گروشـينڪا!" اليوشـا اُٿنـدي چيـو تـه "پهريائين ته هوُ توکي پيار ڪري ٿو، دنيا ۾ ڪنهن بي کان توکي وڌيڪ پيـار ڪري ٿو، فقط مون تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. مان اهو ڄاڻان ٿو. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته مـان نه ٿو چاهيان، ته ڪائنس سندس راز جو تجسس ڪريان، پر جيڪڏهن اڄ هن مون کي پنهنجو پاڻ ٻڌايو، ته مان کيس سنئون سڌو ٻڌائيندس ته مان توسان انجام ڪيو آهي ته توکي سموري حقيقـت ٻڌائينـدس. ان کـان پـوءِ مـان اڄ تـو وٽ اينـدس ۽ توکـي ٻڌائيندس. مون کي فقط هي عجب ٿـو لڳـي تـه..... ڪيٽرينا جو هن سان ڪو به واسطو نه آهي ۽ اهو راز ڪو بيو آهي. مون کي ان جي پڪ آهي. هن جي ته ڪيٽرينا ايونونا سان ڪا مناسبت ئي نه آهي. مون کي تـه ايئـن نظر تـو اچي، حال خدا حـافظ اليوشا ساڻس هٿ ملايو. گروشينڪا اڃا تـائين روئـي رهي هئـي. هن ڏٺو تـه ڪيس ٿوري تسلي اچي وئي هئي. پر اهو چڱو ٿيو، جو هن پنهنجي ڏک کي باهر ڪڍيو. کيس ڏک پئي ٿيو، ته هن ڏک جي حالت ۾، هوُ کيس ڇڏي رهيو آهي، پر هوُ تڪڙ ۾ هو. کيس اڃا گهڻيئي ڪم ڪرڻا هئا.

باب پيو

# زخمي پير

سڀ کان مقدم اها ڳالهہ هئي، تہ هوُ خاتون هائلڪوف جي گهر وڃي ۽ هوُ تڪڙو تڪڙو اوڏانهين روانو ٿيو. ڇاڪاڻ تہ هن چاهيو ٿي، تہ مِتيا وٽ پهچڻ ۾ دير نہ ٿئي. خاتون هائلڪوف ٽن هفتن کان بيمار هئي. سندس پير ڪنهن سبب جي ڪري سڄي پيو هو. جيتوڻيڪ هوءَ بستري داخل تہ نہ هئي، پر سڄو ڏينهن ڪرسيءَ ۾، ٽيڪ ڏيئي، پنهنجي خلوت گاهہ ۾ ويٺي ٿي رهي. سندس صورت موهيندڙ ۽ آرائش واري ٿي ڏٺي. اليوشا هڪ ڀيري معصوماڻي حيرت سان ڪيس ڏٺو هو، تہ باوجود بيماريءَ جي خاتون هائلڪوف چڱي پوشاڪ ۾ ٿي ڏٺي. مثلاً: پنهنجي زلفن کي ربن (پٽيءَ) سان ٿي ٻڌائين. ويڪرو ۽ دل ڇڪيندڙ پهراڻ ٿي ڍڪيائين. سندس دلڪش ڏيکاءَ مان ٿورو شهبو ٿي پيو، جيتوڻيڪ هن عيش ۽ عشرت جي انديشن کي گهڻو وقت اڳي دل مان ڪڍي ڇڏيو هو. گذريل ٻن مهينن کان نوجوان آفيسر پروهيٽن لاڳيتو سندس گهر ۾ ملاقاتي ٿڄي چڪو هو.

اليوشا کي چئن ڏينهن کان نہ گهرايو ويو هو ۽ هن سڌو لزيءَ وٽ وڃڻ ٿي گهريو. هن ساڻس ڳالهائڻ ٿي گهريو. ڇاڪاڻ تہ لزي اڳئين ڏينهن تي ساڻس ملڻ لاءِ پنهنجي نوڪرياڻي موڪلي ڏني هئي ۽ ساڻس ڪا ضروري گفتگو ڪرڻي اٿس. اهو هڪ اهڙو عرض هو، جو ڪنهن حد تائين اليوشا جي دلچسپين سان ڳنڍيل هو. پر جڏهن خادمہ لزي وٽ سندس نالو ورتو تڏهن، خاتون هائلڪوف ڪنهن کان اهو ٻڌي ورتو ۽ هن هڪدم ڪيس ڇوائي موڪليو، تہ هڪ منٽ لاءِ وٽائس ٿي وڃي. اليوشا خيال ڪيو، تہ چڱو ٿيندو تہ پهريائين ساڻس نبري اچي. ٻي حالت ۾ هوءَ بار بار پٽي ان ڏي ماڻهو موڪليندي. خاتون هائلڪوف هڪ ڪوچ تي ليٽي پئي هئي. هوءَ خاص طرح عمدي لباس ۾ هئي ۽ سندس جذباتي جوش منجهانئس ظاهر ٿي ڏٺو. هن اليوشا سان گرم جوشيءَ مان ڪيڪار ڪئي.

زمانو گذريو، زمانو، برابر زمانو. جو اوهان کي ڏٺو آهي! سڄو هفتو گذري ويو، تون ان کي خيال ۾ تہ آڻ. اڙي تون چار ڏينهن اڳ ۾ هتي آيو هئين، يعني اربع جي ڏينهن. تون لزيءَ سان ملڻ آيو آهين. تون ايئن چاهيندو هوندين، تہ ٻين تي هلي، سندس ڪمري ۾ ترڪي وڃي. جيئن مون کي خبر نہ پوي. منهنجا عزيز اليڪسي فيودورياولووچ جيڪڏهن توکي اها خبر پوي، تہ مان هن جي لاءِ ڪيتري قدر پريشان آهيان، پر مان ان کي ڇڏي ٿي ڏيان ۽ پوءِ جي لاءِ ٿي رکان. عزيز اليوشا، مان پنهنجي

بہ نہ ٿي ڄاڻان. ماڻهو چون ٿا، تہ هوءَ هاڻي درويش بڻجي وئي آهي، جيتوڻيڪ اهو دير سان ٿيو. ڪيس اڳ ۾ ئي بڻجڻ ڪپندو هو. هاڻي درويشي ڪهڙي ڪم جي؟ اليڪسي فيودوروِياولووچ، چپ ڪر. مون کي توسان ايترو گهڻو ڳالهائڻو آهي، جو سمجهان ٿي تہ ڪجهہ بہ چوڻو نہ آهي. هيءُ خطرناڪ مقدمو...... مون کي اتي وڃڻو پوندو. مان ان جي لاءِ تياري ڪري رهي آهيان. مان پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ ڪٽائي بہ اتي پهچنديس ۽ اتي ويهنديس. مون سان گهڻائي ماڻهو هوندا ۽ توکي خبر آهي، تہ مان انهيءَ مقدمي ۾ شاهد آهيان. مان اتي ڪيئن ڳالهائينديس، ڪيئن ڳالهائينديس؟ مون کي خبر نہ آهي، تہ مان اتي ڇا چونديس؟ اتي قسم کڻڻو پوندو، اِيئن آهي نہ؟"

"هائو. پر مان سمجهان ٿو تہ تون وڃي نہ سگهندينءَ."

"مان ويهي رهنديس. اڙي تو منهنجي گفتگوءَ کي ڦيرائي ڇڏيو. اڙي هي مقدمو، هي وحشياڻو فعل: تنهن کان پوءِ هو سيئي سائبيريا وڃي رهيا آهن ۽ اُتي ڪي شادي ڪندا. هيءُ سڀ نهايت تيزيءَ سان ٿيندو. سڀ ڪا شيءِ تبديل ٿي رهي آهي ۽ آخر. ڪجهہ بہ نہ. سڀ پوڙها ٿي ويندا ۽ موت جا منتظر. هائو اِيئن ئي ٿيندو! مان ٿڪايل آهيان. هيءَ ڪٽيا، حسين شخصيت واري. منهنجي اميدن کي غائب ڪري ويئي آهي. هاڻي هوءَ تنهنجي پائرن مان هڪ جي پٺ وٺي سائبيريا وڃي رهي آهي ۽ تنهنجو بيو ڀاءُ بہ ان جي پٺ وٺي رهيو آهي. هو ڪنهن قريبي شهر ۾ وڃي رهندا ۽ هو هڪٻئي کي عذاب ڏيندا رهندا. اهي ڳالهيون منهنجي دل کي تڪليف ڏئي رهيون آهن. سڀ کان وڏيڪ اخبارون. هيءَ آڪاڻي لک ڀيرا، ماسڪو پيٽرسبرگ جي اخبارن ۾ ڏني وئي آهي. افسوس! تون هن ڳالهہ تي اعتبار ڪندين، تہ انهن ۾ هڪ ننڍڙي عبارت ۾ ڏنو ويو آهي، تہ مان تنهنجي ڀاءُ جي عزيز دوست آهيان. مان اُهي خطرناڪ لفظ دهرائي نہ ٿي سگهان. هن تي عجب ٿو لڳي."

"نا ممڪن. اها عبارت ڪٿي آهي؟ ڪير ٿو چوي؟"

"مان توکي سنئون سڌو ڏيکارينديس. مان ڪالهہ اها اخبار ورتي هئي ۽ اُن کي پاڻ پڙهيو اٿم. پيٽرسبرگ جي اخبار "گاسپ" ۾. هي اخبار هن سال جاري ٿي آهي ۽ مان ان جي بيحد شوقين آهيان. مان ان کي خريد ڪندي آهيان، پر هاڻي ان جو چڱو بدلو ڏيئي رهي آهي. "گاسپ" هاڻي هن طرف بہ رجوع ٿي وئي آهي. اڇها هيءَ آهي ۽ اها عبارت هن کي پڙهي ڏس."

اِيئن چوندي، هن اخبار جو پنو، اليوشا جي هٿ ۾ ڏنو، جو وهاڻي جي هيٺان رکيو هو.

اليوشا کي چڱيءَ ريت خبر هئي، تہ اِيئن بہ نہ آهي تہ هوءَ، انهيءَ ڳالهہ جي ڪري بيچين هئي، هن جي مٿان خيالن جي پرمار هئي ۽ سندس دماغ ۾ هر چيز

درهم برهم هئي. اها عبارت پُر معنيٰ هئي ۽ ان جي لاءِ ايذاءُ ڏيندڙ. پر خوش قسمتيءَ سان، هوءَ ان گهڙيءَ ۾ ڪنهن هڪڙي مضمون تي ڌيان ڏئي نه سگهي هئي. تي سگهي پيو ته هوُ هڪ منٽ ۾ هڪ ڪان ڪنهن بي شيءِ ڏي هلي وڃي ۽ اخبار کي وساري ڇڏي.

اليوشا کي هيءَ خبر هئي. ته هيءَ ڪهاڻي هڪ خطرناڪ مقدمي جي صورت ۾ سڄي روس ۾ پکڙجي چڪي هئي. خدايا! ڪيڏا نه سندس ڀاءُ جي لاءِ وحشياڻا افواهه هئا. سيني ڪرامازوف جي ڪٽنب جي ڀاتين لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ. هنن ٻن مهينن جي وچ ۾ هن اخبارن ۾ ڪوڙيون ۽ فرضي ڳالهيون پڙهيون هيون. هڪ اخبار ته هيستائين وڌي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هو، ته هوُ ڀاءُ جي گناهه کان خوفزده ٿي مڙهيءَ ۾ راهب بڻيو آهي. ٻيءَ صورت، ان سان اختلاف ظاهر ڪندي لکيو هو. ته هوُ ۽ سندس پير مربي زوسيما، مڙهيءَ جي خيراتي صندوق کي ڀڃي ۽ ڀڄي ويا آهن. "گاسپ" ۾ اخبار جو ٽڪرو ڏنو ويو هو. ان جو عنوان هو "اسڪوٽو پريگونيوسڪ ۾ ڪرامازوف جو مقدمو". (هيءَ هڪ ننڍڙي شهر جو نالو هو. مان ان ڪري، هن کي راز ۾ رکيو آهي.) هيءَ اخبار وارو ٽڪرو مختصر هو. جنهن ۾ سنئون سنواٽو، خاتون هائلڪوف جو ذڪر ڏنل نه هو. حقيقت ۾ نالا ڏنل ئي نه هئا. ان ۾ هي بيان ڏنل هو. ته "جنهن ڏوهي جي مقدمي، ايذي هراس پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ جنهن جو مقدمو هلڻ وارو آهي. اهو هڪ نوج جو نڪتل ڪپتان آهي. هوُ هڪ بيڪار، آوارا رجعت پسند بدمعاش آهي جو لاڪيتو، ڪيترن ئي عشق جي معاملن ۾ بدنام ٿيل آهي. خاص ڪري، ڪن خاص عورتن وٽ گهڻو پسند آهي، جي تنهائي ۾ تڪليفون برداشت ڪنديون ٿيون رهن. هڪ اهڙي خاتون، جا اڪيلائيءَ ۾ ڪڙهندڙ بيواهه آهي ۽ جا پاڻ کي نوجوان سمجهندي آهي. جيتوڻيڪ ڪيس نوجوان ڌيءَ به آهي، ايتري ته ساڻس موافق آهي، جو هن ڏوهه کان به ڪلاڪ اڳ ۾، ڪيس ٽي هزار روبل هن شرط تي ڏيڻا ڪيا هئا، ته هوُ ساڻس ڀڄي، سون جي کاڻين ڏي هلي. پر ڏوهي ان جي سزا کان بچڻ لاءِ، پنهنجي پيءُ کي قتل ڪري، ٽي هزار روبل هٿ ڪرڻ آسان سمجهيا. اڪيلائي ۾ هڪ ڪرڙوڙ ڪڙهندڙ عورت جي محبت ۾ هن سائيبريا وڃڻ پسند نه ڪيو. هيءَ واهيات ٽڪرو، وڃي هن ريت ختم ٿيئي ٿيو. ته هيءَ سڄي توهين آميز حرڪت هئي، جنهن ۾ ڏوهي جي مذمت هئي، ته ڏوهي پيءُ جو قاتل آهي ۽ هن سڀني اخلاقي اصولن کي پنهنجي ذلالت سان مات ڪري ڇڏيو آهي. الوشيا، ان کي عجب مان پڙهڻ بعد ويڙهيو ۽ خاتون هائلڪوف کي اخبار موٽائي ڏني.

"ها ته مان ئي اها عورت ٿي سگهان ٿي، هن وري جلدي مان چيو. بي شڪ مان ئي آهيان. مشڪل سان واقعي کان هڪ ڪلاڪ اڳ ۾، مان ئي ڪيس سون جي کاڻين ڏانهن

وجڻ جي صلاح ڏني هئي. هن ۾ هڪ ڪرڙوڊ عورت جي سحر انگيزيءَ جو ذڪر ڪيل آهي. خدا ڪيس ڪرڙوڊ عورت جي ساحريءَ لاءِ معاف ڪري. جيئن مان ڪيس معاف ڪيو آهي! توکي خبر آهي ته اهو ڪير آهي؟ هيءُ تنهنجو دوست ريڪيٽن آهي."

"تي سگهي ٿو." اليوشا ڪيس چيو. "جيتوڻيڪ مون کي هاڻي سندس ڪابہ خبر نہ آهي."

"اهوئي آهي. اهوئي آهي. اهي انهيءَ جون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. توکي خبر آهي. تہ مان ڪيس پنهنجي گهر مان هڪالي ڇڏيو آهي....... توکي اها سموري ڪهاڻي ٻڌڻ گهرجي. توکي تہ خبر بہ آهي. ڪيئن؟"

"مون کي خبر آهي. تہ تو هن کي چيو هو. تہ هو وري توسان ملاقات نہ ڪري. پر ايئن ڇو ٿيو؟ اهو مون نہ ٻڌو آهي..... گهٽ ۾ گهٽ توکان تہ نہ ٻڌو اٿم."

"اڙي. ٿي سگهي ٿو. تہ تو هن کان ٻڌو هجي! هو مون کي گاريون ٿو ڏئي ۽ مان خيال ڪريان ٿي تہ هو مون کي گاريون ڏيندو هوندو."

"هائو. هو ايئن ڪندو آهي. پر بين کي بہ تہ گاريون ڏيندو آهي. پر تو. هن کي ڇو ڇڏي ڏنو. اهو مان هن کان نہ ٻڌو آهي. مان هاڻي ساڻس ورلي ملندو آهيان. سچ پچ. پر مان هاڻي سندس دوست نہ آهيان."

"بهتر. هاڻي مان توکي ان لاءِ سڀ ڪجهہ ٻڌايان ٿي. هن کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي. مان اُن لاءِ قبوليت ٿي ڏيان. هي فقط هڪ نقطو آهي. جنهن ڪري مون تي ڏوهہ اچي سگهي ٿو. پر اُهو تمام خسيس ۾ خسيس نقطو آهي. ايتري قدر جو ان کي شمار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. منهنجا پيارا بار." خاتون هائلڪوف اوچتو. چيلهہ کي ڏنگو ڪيو ۽ نهايت دلڪش نظر اچڻ لڳي. جيتوڻيڪ ڳجهارت جهڙي مشڪ سندس چپن تي ڪيڏي رهي هئي. مون کي شڪ ٿو پوي. جڻ تہ تون مون لاءِ پيءُ وانگر آهين. ماءُ جو ڪم سوال ئي نہ ٿو اُٿي. مان ايئن سمجهان ٿي. تہ جڻ مربي زوسيما جي سامهون اعتراف پيش ڪري رهي آهيان. ايئن آهي بہ. مان توکي ٿورو اڳ ۾ راهب ڪري سڏيو هو. خير اهو مسڪين. نوجوان. تنهنجو دوست ريڪيٽن (خدا اسان تي پنهنجو رحم فرمائي. مان اتي ناراض نہ ٿينديس ۽ جيتري قدر ٿي سگهندو. تہ سندس پرده پوشي ڪنديس.) هو عياش نوجوان. تون اعتبار ڪندين. تہ سندس دماغ ۾ الائجي ڪيئن اچي. هيءَ ڳالهہ ويني. تہ هو مون سان محبت ڪري. جنهن کي مان پوءِ سمجهيو پهريائين. مهينو کن گذريو. هو ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ملاقات لاءِ ايندو هو. پوءِ اڪثر هڪ نہ ٻي ڏينهن. جيتوڻيڪ اسان هڪبئي سان اڳ ۾ ئي واقف هئاسون. پر مان ان جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿي ڄاتو..... هو اوچتو منهنجي مٿان اُيري

پيو ۽ مان حالتن ڪي عجب مان ڏسڻ شروع ڪيو. توکي خبر آهي ته ٻه مهينا اڳ ۾ هو شرميلو، دلڪش ۽ اعليٰ نوجوان پيوٽراليچ پروهيٽن، جو هتي ملازمت ۾ آهي. منهنجو هميشه جو ملاقاتي بڻجي پيو هو. تون به ڪيس هتي ڪيئي ڀيرا ملي چڪو آهين. هو نهايت اعليٰ ۽ سنجيده نوجوان آهي. ڪيئن، ايئن آهي نه؟ هو ٿورڙي ڀيرا ئين هر ٽئين ڏينهن تي ايندو هو ۽ نه هر روز (جيتوڻيڪ مون کي خوشي ٿي ته هو هر روز مون وٽ اچي.) هو هميشه عمدي ريت لباس پهريل هوندو آهي. ان کان سواءِ، اليوشا مان نوجوانن کي پيارو گهرندي آهيان. جن ۾ ڪي لياقتون هجن ۽ شرميلا هجن، جيئن تون. هن وٽ ته هميشه سياستدان جي دل آهي. هو ايتري قدر ته دلڪش گفتگو ڪندو آهي، جو مان يقيناً، مٿس موهجي پوندي آهيان. هو مستقبل جو سياستدان آهي. ان خوفائتي ڏينهن تي، هن مون وٽ رات جو اچي، مون کي موت جي منهن مان بچائي ورتو هو. تنهنجو دوست ريڪيٽن وري اهڙن غليظ بوٽن سان اچي، پير ڊگهيري، منهنجي غاليچي کي خراب ڪندو آهي..... هو پنهنجي جذبات متعلق اشارا ڏيڻ لڳو. ظاهر ظهور ۽ ڏهاڙي هڪ ڏينهن جيئن هو وڃي رهيو هو، هن منهنجي هٿ کي نهايت زور سان پڪوڙيو. سندس زور ڏيڻ سان، منهنجو پير سُڄڻ لڳو. هو پيوٽراليچ سان اڳ ۾ هتي مليو هو ۽ توکي اعتبار ايندو ته هو الائجي ڪهڙي سبب ڪان مٿس طعني زني ڪندو هو ۽ سندس مذاق اڏائيندو هو. مان فقط ان وقت هي ڏسندي رهندي هيس ته ڪهڙي ريت، هڪٻئي تي اندر ئي اندر ڪلندا رهن ٿا.

اهڙيءَ ريت، مان هڪ ڏينهن ويٺي هيس. اڪيلي. نه مان اُن وقت ليٽي پئي هيس. خير مان هتي اڪيلي ليٽي پئي هيس، ته ريڪيٽن آيو. رڳي حيرت جهڙي ڳالهه آهي! هن پنهنجي تصنيف مان ڪي شعر مون وٽ آندا. هڪ ننڍڙو نظم، جو هن منهنجي بيمار پير تي لکيو هو. يعني هن منهنجي پير بابت نظم ۾ ذڪر ڪيو هو. هڪ منٽ ترس. اها اهڙي ريت هئي:

"هڪ پير درد وارو."

ڪجهه اهڙي طرح شروع پئي ٿيو. مون کي شعر ياد نه رهندو آهي. اهو مون وٽ هتي آهي ۽ مان پوءِ توکي ڏيکاريندي هيس. پر هيءَ نهايت دلچسپ شيءِ آهي. توکي خبر هئڻ گهرجي، ته ان ۾ فقط پير جو ذڪر نه آهي، پر ان ۾ ڪي چڱا اخلاقي نقطا به آهن. چڱو دلچسپ خيال پر مون کي ياد نه آهي. حقيقت ۾ اها شيءِ پاڻ وٽ سانڍي رکڻ جهڙي هئي. مان ان ڪري سندس شڪريو بجا آندو ۽ هو ظاهر آهي ته ڦونڊ ۾ پرجي ويو. مان سندس مشڪل سان شڪريو بجا آندو ته ان وقت پيوٽراليچ، اوچتو اچي ويو ۽ ريڪيٽن ايئن ته ڪارو بڻجي ويو، جيئن رات. مان ڏسان پئي ته پيوٽراليچ

سندس راھ ۾ اٽڪائڻ ھو. ڇاڪاڻ تہ نظم کي ڏيڻ کان پوءِ، پڪ سان ريڪيٽن مون کي ڪجھ چوي ھا. مون کي اِهڙِ واري واقعي جو اڳ ۾ احساس ٿي چڪو ھو. پر پيوترايليچ اچي ويو. مان پيوتر کي اھا نظم ڏيکاري، پر ڪيس اِيئن ڪونہ چيم تہ اھا ڪنھن جي تصنيف آھي. پر مان سمجھان ٿي، تہ ھن صحيح ڪري ورتو ھو. جيتوڻيڪ ھوُ اڄ تائين بہ ان جو انڪار ڪندو رھيو آھي ۽ ظاھر ڪندو رھيو آھي تہ وٽس! اھو خيال ئي نہ ھو. پر ھوُ ھرويرو اِيئن چوي ٿو. پيوترايليچ کلڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ان تي اجائي تنقيد ڪرڻ لڳو. ھن چيو ڪنھن راھب شاگرد ھن کي لکيو آھي. سندن لفظن ۾ تيزي ۽ تندي ھئي. ھاڻي تنھنجو دوست کلڻ جي بجاءِ غصي سان ڀرجي ويو. ان وقت مان سوچيو تہ خدايا، ھيءُ تہ ھڪبئي سان وڙهي ويندا. ھن چيو، تہ اھو مان آھيان، جنھن ھي نظم لکيو آھي. مان ھن کي طنزيہ انداز ۾ لکيو آھي. ڇاڪاڻ تہ مان سمجھندو آھيان، تہ شعر لکڻ ڪا عزت واري شيءِ نہ آھي.... پر ھي چڱا شعر آھن. ھي شعر تنھنجي پشڪن جي ان نظم جي يادگيري تا ڏيارين، جي ھن عورت جي پير بابت لکيا آھن. ھوڏانھن مان ڪنھن اخلاقي نقطي کي مدنظر رکي، ھن کي لکيو آھي ۽ تون چوين ٿو، تہ ھيءُ رذالت تي ڏيکاري. تو وٽ ڪابہ انسانيت ڪانہ آھي. تو وٽ جديد جذبات جي نورانيت مفقود آھي. تو بنا ڪنھن اثر جي ترقي ڪئي آھي. تون رڳو سرڪاري ملازم آھين ۽ رشوت وٺندو رھين ٿو. مان اُن وقت رڙيون ڪرڻ لڳيس ۽ خاموشيءَ لاءِ ڪائنن تقاضا ڪرڻ لڳيس. توکي خبر آھي تہ پيوترايليچ سڀ ڪجھ آھي، پر بزدل آھي. ھن ھڪدم پنھنجي آواز کي شريفاڻي انداز ۾ بدلايو ۽ ڪيس مسخراڻي انداز ۾ ڏسندي معافي گھري. منھنجو اھو مقصد نہ ھو، ھن چيو مون کي جيڪڏھن اھا خبر ھجي ھا، تہ مان اِيئن ڪڏھن بہ نہ چوان ھا، پر تعريف ڪريان ھا. شاعر سڀئي جوشيلا ٿيندا آھن. مختصر تہ ھوُ نھايت شريفاڻي انداز ۾ مٿس کلندو رھيو. ھن پوءِ مون کي تشريح ڪندي ٻڌايو ھو، تہ ھي سڀ مذاق ھو. مان خيال ڪيو ٿي تہ ھوُ ان وقت انتظار ۾ ھو. مان اڳ ۾ ليٽي پئي ھيس، جيئن ھاڻي ڏسين ٿو. ان وقت خيال ڪيم تہ اھو چڱو نہ ٿيندو، تہ ريڪيٽن کي ھن بيھودگيءَ سان رڙين ڪرڻ جي ڪري، گھر کان ڪڍي ڇڏيان، جو منھنجي ملاقاتيءَ سان بـُرو پيش اچي رھيو آھي ۽ منھنجي ئي گھر ۾. تون اعتبار ڪندين، مان اِيئن ئي ليٽي پئي ھيس ۽ اکيون بوٽيل ھيم. اُن وقت ڳڻتيون ڪائيندي رھيس، تہ منھنجو اھو قدم صحيح ٿيندو يا نہ؟ مان پريشان ٿيندي رھيس ۽ منھنجي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. مان ڪو بہ فيصلو ڪري نہ سگھيس. تہ اھڙيءَ ريت پنھنجي آواز کي بلند ڪريان يا نہ؟ ھڪ آواز مون کي چوندو ٿي رھيو تہ ڳالھاءِ، تہ ٻيو آواز مون کي منع

ڪندو تي رهيو. تہ نہ ڳالهاءِ. جلدي بي آواز ڇيو تہ ڇوڪ ۾ مان رڙ ڪري ڇيو ۽ ٻڌي ويس. بيشڪ هيءَ بيهودگي هئي. مان اوچتو اتي بينيس ۽ ريڪيٽن کي ڇيم تہ مون کي ڏک تو ٿئي، جو ڪجهہ مان چئي رهي آهيان. پر مان توکي وري هن گهر ۾ ڏسڻ نہ ٿي گهران. ايئن مان کيس گهر کان ڪڍي ڇڏيو. آهہ! اليڪسي فيودوروِپاولووچ مان هيءَ غلط ڪيو. مان سچ پچ متس ڪاوڙيل بہ نہ هيس، پر مان اوچتو خيال جي گهيڪ ۾ اچي ويس. منهنجي عمل جو اهوئي سبب هو. اهو هڪ عجيب منظر هو....
پر ان هوندي بہ مان سمجهان ٿي، تہ اهو فطرتي هو. ڇاڪاڻ تہ مان ڪيترا ڏينهن پوءِ روئيندي رهيس ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي رهيس ۽ اوچتو هڪ ڏينهن منجهند جو سڀ ڪجهہ وساري ويٺيم. کيس بہ هفتا گذريا هئا، تہ هو هتي آيو ۽ مان هاڻي عجب مان منتظر آهيان تہ هو وري مون وٽ ايندو يا؟ مان ڪالهہ پڻ ان تي غور ڪري رهي هيس ۽ اوچتو گذريل ڏينهن جي گاسپ اخبار آئي. مان ان کي پڙهيو ۽ حيران رهجي ويس. ڪير هن کي لکي سگهي ٿو؟ هن ئي، ان کي لکيو آهي. هو گهر ويو ۽ ويٺو، ان تي لکيائين ۽ موڪلي ڏنائين. هنن بہ شايع ڪيو. هن کي بہ هفتا گذريا. پر اليوشا هيءَ خطرناڪ شيءِ آهي، جو مان ڳالهائيندي وڃان ٿي. جا مٿي مون کي ڇوڻ گهربي هئي، سا چئي نہ سگهي آهيان. اڙي الفاظ پنهنجو پاڻ باهر ايندا آهن!"

"اهو منهنجي لاءِ نهايت ضروري آهي، تہ مان پنهنجي پاءُ کي ڏسڻ لاءِ اڄ وقت تي پهچان." اليوشا هٻڪندي ڇيو.

"پڪ سان، پڪ سان! اتان جي خبر مون وٽ سچي آڻج. ڏيان ڏيئي ٻڌ ۽ مون کي سمجهاءِ، تہ راهہ کان پٽڪي وڃڻ ڇا کي چئبو آهي؟"

"ڪنهن جو راهہ کان پٽڪڻ؟" اليوشا کيس عجب مان ڏسندي ڇيو.

"قانوني نقطۂ نگاهہ کان راهہ کان پٽڪي وڃڻ، جنهن کي سڀ ڪو قصور معاف ڪري سگهجي ٿو. تون ڪٿي ڪجهہ بہ ڪر، پر توکي معاف ڪيو ويندو."

"تنهنجو مطلب ڇا آهي؟"

"مان توکي ٻڌائيندس هيءَ ڪتيا.......... هوءَ نهايت دلڪش انسان آهي. مان فقط اهو اندازو نہ لڳائي سگهي آهيان. تہ هوءَ ڪنهن سان محبت ڪري رهي آهي. مون سان هوءَ ڪجهہ وقت اڳ ۾ گڏ هئي، پر مان هن مان ڪجهہ بہ ڪڍي نہ سگهيس. هاڻي تہ هوءَ خاص طرح مون سان هن سطح تي نہ ڳالهائيندي. هوءَ مون سان منهنجي صحت بابت هاڻي ڳالهائيندي، آهي ۽ وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ. مان پاڻ سان چوندي آهيان تہ چڱو ٿيو. مون کي سندس پرواهہ بہ نہ آهي.... ها، تہ مان راهہ کان پٽڪي وڃڻ تي ڳالهائي رهي هيس. هي ڊاڪٽر آيو آهي. توکي خبر آهي تہ ڊاڪٽر

آيو آهي؟ بيشڪ تون ان کي ڄاڻين ٿو. اهو جو پاڳل ماڻهن جي تشخيص ڪري ٿو. ان کي لکيو. نہ تہ لکيو هو. پر ڪٿيا لکيو هو. اهو انهيءَ جو ئي ڪم آهي. صحيح آهي ڪو ماڻهو حواس باختہ وينو هجي ۽ اوچتو بي راهہ ٿي وڃي. هو شايد هن کان بہ خبردار هجي. تہ ڇا ڪري رهيو آهي ۽ اُن هوندي بہ هو اهڙي حالت ۾ پهچي وڃي ٿو. جو پنهنجي هٿ کان تحمل کي ڇڏي ٿو ڏئي. اهو مشڪل ٿي سگهي ٿو تہ دمتري فيودورپاولووچ انهيءَ ئي بيماريءَ جو مريض آهي. جڏهن کان ڪورٽن کي سڌاريو ويو آهي، تڏهن کان هن بيماري يعني غير متحمل ٿيڻ کي لڌو آهي. اهو انهن اصلاح پذير قاعدي جي ڪورٽن جو موثر قدم آهي. ڊاڪٽر ڪالهہ هتي آيو هو ۽ ان گذريل شام بابت مون کان سوال ڪيا هئا. اُهي سوال سون جي ڪاڻين بابت هئا. هن مون کان پڇيو، تہ هوُ ان وقت ڪيئن ٿي ڏٺو؟ هو ضرور غير متحمل حالت ۾ هوندو. هوُ رڙيون ڪندو آيو تہ. پيسا، پيسا، ٽي هزار، مون کي ٽي هزار روبل ڏيو. ان کان پوءِ هوُ هليو ويو ۽ جلدئي خون ڪيائين. هن چيو ٿي تہ مان هن کي خون ڪرڻ نہ ٿو گهران، پر هوُ اوچتو ويو ۽ اُن کي خون ڪيائين. اهو سبب آهي، جو سيئي ڪيس گنهگار نہ ٿا سمجهن، ڇاڪاڻ تہ هوُ اُن لاءِ پاڻ سان وڙهندو رهيو آهي، پر هن خون ڪيو آهي."

"پر هن خون نہ ڪيو آهي، " اليوشا سختيءَ سان ڳالهائيندي وچ ۾ ٽپي پيو. هو وڌ کان وڌ انتظار ۽ بي صبري محسوس ڪرڻ لڳو.

"هائو مان ڄاڻان ٿي. اهو پوڙهو گريگري هو، جنهن اُن کي قتل ڪيو هو."

"گريگري"، اليوشا رڙ ڪري چيو.

هائو. هائو. اهو گريگري هو. جيئن ئي دمتري فيودورپاولووچ کيس ڌڪ هڻي ڪيرائي ڇڏيو ، هوُ اتي پيو رهيو. جڏهن هوُ اٿيو تہ هن دروازي کي کليل ڏٺو. هوُ اندر گهڙي ويو ۽ فيودورپاولوچ کي قتل ڪري ڇڏيائين."

"پر ڇو؟ ڇو؟"

اهوئي غير متحمل هئڻ. دمتري فيودورپاولووچ جي مٿي واري ڌڪ کان، جڏهن هوُ هوش ۾ آيو، هوُ ان وقت غير متحمل هو. هوُ ويو ۽ قتل ڪيائين. هوُ جيڪڏهن هاڻي چوي ٿو، تہ هن ڪيو آهي تہ ٿي سگهي ٿو، تہ کيس ياد نہ هجي. فقط تون ئي هن کي چڱي طرح ڄاڻي سگهين ٿو، تہ دمتري فيودورپاولووچ کيس قتل ڪيو آهي يا نہ؟ جيتوڻيڪ مان ڄوان ٿي. تہ اهو گريگري آهي. ڏسڻ ۾ اهو دمتري فيودورپاولووچ ٿي سگهي ٿو ۽ ان ۾ پختگي بہ آهي. پر اهو چڱو نظر نہ ٿو اچي تہ پٽ پنهنجي پيءُ کي ماري. مان ان جو ڪو بچاءُ نہ ٿي ڪريان، پر ٻارن کي پنهنجي والدين جي عزت ئي ڪرڻي پوي ٿي. پر ان هوندي بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ هوئي گنهگار آهي. ڇاڪاڻ تہ

هيءُ ڪم، هن ان وقت ڪيو هو. جڏهن هوُ پنهنجي هوش ۾ نہ هو. پر جيڪڏهن هوش ۾ بہ هو تہ ڪيس اها خبر ڪانہ تي پئي، تہ هوُ ڇا ڪري رهيو آهي؟ پلي تہ ان کي آزاد ڪري ڇڏين. هيءَ انسانيت بہ آهي ۽ هيءُ بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ هيءُ اصلاح پذير ڪورٽون ڪيتري قدر نہ برڪت ڀريون آهن. مون کي هنن جي باري ۾ ڪابہ خبر نہ آهي، پر ماڻهو چون ٿا تہ ڪيتري وقت کان هيءُ خير ۽ برڪت جو سبب آهن. مان ڪالهہ جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌيون، تہ مون تي اثر ٿيو ۽ مان چاهيو ٿي تہ توڏي هڪدم ماڻهو موڪليان. جڏهن ڪيس آزاد ڪيو وڃي، تہ ڪيس سڌو مون وٽ وٺي اچڄ تہ رات جي ماني مون وٽ کائي. مان دوستن جي مجلس گهرائيندس ۽ اسان اصلاح پذير قاعدي جي ڪورٽن جو جام عيش، پيئنداسون. مان نہ ٿي سمجهان، تہ هوُ خطرناڪ ثابت ٿيندو. ان کان سواءِ مان ڪيترن ئي دوستن کي گهرائيندس تہ جيئن، ڪا گڙ ٻڙ ڪري، تہ هو ڪيس راهہ راست تي آڻين. ان کان پوءِ ڪنهن ٻي شهر ۾ ڪيس امن جو منصف بڻايو وڃي. ڇاڪاڻ تہ جي ماڻهو پاڻ تڪليف ۾ ايندا آهن، اهي ڇگا جج ثابت ٿيندا آهن. ان کان سواءِ، هن دور ۾ ڪير آهي، جو غير متحمل نہ آهي؟ تون، مان ۽ ٻيا سيئي، انهيءَ حالت ۾ مبتلا آهيون. جنهن جا ڪي ئي مثال ملي سگهن ٿا. ڪو ماڻهو ڳائڻ ويهي ٿو ۽ اوچتو ڪو ڪيس چيڙائي ٿو. هو پستول ڪڍي ٿو ۽ جو ماڻهو پهريائين وٽس اچي ٿو، ان کي هڻي ٿو ڪڍي. هاڻي ڪوبہ ماڻهو ان لاءِ ڪيس گنهگار نہ ٿو سمجهي. مان هن کي دير سان پڙهيو آهي ۽ سيئي ڊاڪٽر ان کي قبول ڪن ٿا. هو هميشہ ان جي تصديق ڪن ٿا. ڊاڪٽر تہ تصديق ڪرڻ وارا ئي ٿيندا آهن ۽ ڪهڙي بہ شيءِ جي تصديق ڪري سگهن ٿا. منهنجي لزي بہ ارادي جي غير متحمل هئڻ جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. هن مون کي ڪالهہ بہ رئاريو هو، هڪ ڏينهن اڳ بہ ۽ اڄ بہ مان اوچتو محسوس ڪيو، تہ هيءَ سڀ ارادي جي غير متحصل هئڻ جي سبب کان آهي. ها، لزي مون کي ايترو ڏک تي ڏئي! مان سمجهان ٿي تہ هوءَ بلڪل ڇري تي پئي آهي. هن توڏي ماڻهو ڇو موڪليو آهي؟ ڇا هن توڏي ماڻهو موڪليو آهي. يا تون پاڻ هن ڏي ٿو وڃين؟"

"هائو، هن مون ڏانهن ماڻهو موڪليو آهي ۽ هاڻي مان ان ڏي وڃي رهيو آهيان." اليوشا مستقل مزاجيءَ سان اٿي بيٺو.

"او منهنجا پيارا اليڪسي فيودوروياولووچ، شايد، هيءُ سڀ کان وڌيڪ ضروري شيءِ آهي." خاتون هائلڪوف درد ڀري آواز ۾ چيو ۽ سندس لڙڪ وهڻ لڳا. خدا ڄاڻي ٿو، مان دل ۽ جان سان لزي توکي سونپيان ٿي، جيڪڏهن هن ماءُ کي ٻڌائڻ کان سواءِ توڏي ماڻهو موڪليو آهي، تہ ان ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي. پر مون کي معاف ڪر. پر مان

پنهنجي ڏيءُ بابت آسانيءَ سان تنهنجي ڀاءُ ايون فيودورپاولووچ تي اعتبار نٿي ڪري سگهان. جيتوڻيڪ مان ڪيس اجا بہ هڪ همٿ وارو نوجوان ٿي سمجهان. مون ڪي فقط حيرت آهي. هو لزيءَ جي ملاقات لاءِ آيو هو ۽ مون کي ٻي وڏيڪ خبر نہ آهي!"

"ڪيئن؟ ڇو؟ ۽ ڪڏهن؟" اليوشا حد کان وڌيڪ عجب ۾ پئجي ويو. هو وري وينو تہ نہ. پر بيهي ٻڌڻ لڳو.

"مان توکي ٻڌائڻ گهران ٿي. شايد اهوئي سبب هجي، جو مان توکي پاڻ وٽ گهرايو آهي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي مون کي خبر نہ ٿي پوي. مان توکي ڇو پاڻ وٽ گهرايو هو. خير ايون فيودورپاولووچ. منهنجي ملاقات لاءِ بہ ٻيرا آيو آهي. مان سمجهان ٿي، جيئن ئي هو ماسڪو کان موٽي آيو آهي، پهريون ڀيرو هو هڪ دوست جي حيثيت ۾ مون سان ملڻ لاءِ آيو هو. ٻيو ڪٿيا مون وٽ هئي، هو مون وٽ انهيءَ لاءِ آيو. جو ڪيس خبر پئي، تہ ڪٽيا مون وٽ آهي. مون منجهس هيءَ اميد نہ ٿي رکي، تہ هو ڪو اڪثر مون وٽ ايندو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڪيئي ڪم. پنهنجي پيءُ جي موت جي سلسلي ۾ ڪرڻا هئا. پر مون اوچتو ٻڌو تہ هو وري آيو هو. مون کي ڏسڻ لاءِ نہ. پر لزيءَ جي ملاقات لاءِ. هن واقعي کي ڇهہ ڏينهن گذريا. هو آيو ۽ فقط پنج منٽ ترسيو ۽ هليو ويو. مون کي ٽن ڏينهن تائين سندس اچڻ جي خبر پئجي نہ سگهي. مون کي پوءِ گلافيرا کان خبر پئي ۽ بيحد صدمو آيو. مان سنئون سڌو لزيءَ کي گهرايو، پر لزي کلي چوڻ لڳي، تہ هن ڇيو ٿي تہ تون ننڊ ۾ هئين. هو مون وٽ بہ انهيءَ لاءِ آيو هو تہ تنهنجي صحت بابت دريافت ڪري. بيشڪ اهو معاملو ايئن ٿي گذريو. پر لزي، خدا مٿس رحم فرمائي، هوءَ ڪيئن نہ مون کي تڪليفون پهچائيندي ٿي رهي. تون اعتبار ڪندين. چار ڏينهن ٿيا. هڪ رات جو، جڏهن تون پويون ڀيرو ڪيس ڏسڻ لاءِ آيو هئين. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ، اوچتو مٿس دورو پيو. هو ريهون ڪرڻ لڳي ۽ هسٽيريا جي نموني وڪلڻ لڳي. هي ڇو؟ مون کي تہ ڪڏهن بہ هسٽيريا نہ ٿي هئي. ان کان پوءِ، وري ٻي ڏينهن تي ڪيس وري ٻيو دورو پيو. ٽئين ڏينهن تي بہ ساڳي حالت پيش آئي. ڪالهہ بہ ڪالهہ تہ بنا ڪنهن ارادي جي نامستحمل رهي. هن اوچتو ريهون ڪندي چيو. تہ مان ايون فيودورپاولووچ سان نفرت ڪريان ٿي. مان توتي زور ڀريان ٿي تہ ان کي وري گهر ۾ اچڻ نہ ڏي. مان تہ چپ ٿي ويس. هيءَ لفظ مون کي حيرت جهڙا لڳا. چيومانس تہ آخر مان ڪهڙي بنياد تي جوان تہ هو منهنجي گهر ۾ نہ اچي؟ سو بہ اهڙو ٻي نذير نوجوان ۽ عالم، جو هاڻي بدقسمت آهي. ڇاڪاڻ تہ جو ڪجهہ وهيو ۽ واپريو آهي، اها سچي بدقسمتي آهي. ڪيئن آهي نہ؟ هوءَ اوچتو منهنجي لفظن تي کلڻ لڳي ۽ ايڏو تہ بي مروتي سان، جنهن کي تون ڄاڻين ٿو. مان ڏاڍي خوش ٿيس. مان سمجهيو تہ مان ڪيس ڏاڍو خوش ڪيو

آهي ۽ هاڻي مٿس دورو نہ پوندو. خاص ڪري مان هيءُ سوچيو، تہ ايون فيودورووچ ولووچ کي ڏسڻ کان مان انڪار ڪري سگهنديس. ڇاڪاڻ تہ هن منهنجي اجازت کان سواءِ هيءَ ملاقات ڪئي هئي ۽ ان کان سمجهاڻي نہ پڇي سگهنديس. پر اڄ صبح جو سويرو لزي جاڳي ۽ يوليا سان بگڙي وئي، تون اعتبار ڪندين، هن سندس منهن تي چمات هڻي ڪڍي. هيءُ انسانيت سوز هلت هئي. مان هميشہ پنهنجي نوڪرن سان محبت سان هلندي آهيان. ڪلاڪ کان پوءِ، هوءَ وري يوليا کي پاڪر پائڻ لڳي ۽ سندس پيرن کي چمڻ لڳي. هن مون ڏي نياپو موڪليو، تہ هوءَ ڪڏهن بہ وٽس نہ ويندي ۽ نہ وري مون سان ملندي. جڏهن مان وٽس وڃي پهتس، تہ هوءَ مون کي چمي ڏيڻ لاءِ ڊوڙي ۽ روئڻ لڳي. پر جڏهن هن مون کي چميو تي، تہ بنا ڪنهن لفظ چوڻ جي، هن مون کي ڌڪا ڏيئي ڪوٺيءَ کان ڪڍيو ۽ مان سمجهي نہ سگهيس، تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ پيارا اليڪسي فيودورووچ ولووچ، هاڻي منهنجون سڀئي اميدون توتي مدار ٿيون رکن ۽ منهنجي سڄي حياتي تنهنجي هٿن ۾ آهي. مان توکي فقط اهو عرض ٿي ڪريان، تہ لزيءَ ڏي وڃ ۽ ان کان سڀ ڪجهہ معلوم ڪر. ڇاڪاڻ تہ تون ئي ايئن ڪري سگهين ٿو. تنهن کان پوءِ مون وٽ موٽي اچ، ۽ مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ. مون کي سندس ماءُ کي. تون ڄاڻين ٿو، تہ هي سڀ ڪجهہ منهنجي موت جو سبب ٿيندو. جو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي، آخر مان ان کان پڇي وينديس. مان هاڻي وڌيڪ سهي نہ سگهنديس. مون کي صبر آهي، پر مان اهو وڃائي ويهنديس ۽ پوءِ.... ڪا خطرناڪ ڳالهہ ظهور ۾ ايندي. او پيارا، آخرڪار پيوترايليچ اچي ويو.“ خاتون هائلڪوف رڙ ڪري چيو. هوءَ ڇتائي ڏسڻ لڳي، جيئن هو ڪمري ۾ اندر گهڙيو. ”تون دير سان آيو آهين، دير سان! خير ويهہ، ڳالهائي ۽ اسان کي پريشانيءَ کان ٻاهر ڪڍ. وڪيل ڇا ٿو چوي؟ اليڪسي فيودورووچ ولووچ تون ڪاڏي ٿو وڃين؟“

”لزيءَ ڏانهن.“

”صحيح آهي، پر مان توکي جو ڪجهہ چيو آهي، ان کي تون نہ وساريندين. هيءُ موت ۽ حياتيءَ جو سوال آهي!“

”بيشڪ مان ان کي نہ وساريندس... پر مون کي دير ٿي وئي.“ اليوشا غصي مان چيو ۽ هو تڪڙو تڪڙو پوئتي هٽڻ لڳو.

”نہ، توکي پڪ سان اچڻ گهرجي. ايئن نہ چئو، تہ جيڪڏهن توکان ٿي سگهيو تہ. جيڪڏهن تون نہ ايندين، تہ مان مري وينديس.“ بيگم هائلڪوف سندس پويان ڳالهائيندي رهي، پر اليوشا ڪمرو ڇڏي چڪو هو.

باب ٽيون

# ننڍڙو شيطان

لزيءَ وٽ ويندي هن ڏٺو، تہ هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ ۾ نيم دراز هئي، جنهن کي ان وقت جڏهن هو گهمي ڦري نہ سگهندي هئي، هلايو ويندو هو. هو ساڻس ملڻ لاءِ نہ چري. پر سندس تيز ۽ گهرائي واريون اکيون سندس منهن ۾ کپي ويون. سندس اکين ۾ بخار جهڙيون نگاهون هيون ۽ سندس چهرو ڪوماٽيل ۽ زردو ٿي ڏٺو. ٽن ڏينهن جي اندر جا منجهس تبديلي اچي وئي هئي، ان کي ڏسي. اليوشا کي عجب لڳو. هو بدن ۾ لهي وئي هئي. هن پنهنجي هٿ کي بہ نہ وڌايو. هن ڊگهين ۽ سنهين آڱرين کي چميو. جي بنا ڪنهن چرپر جي سندس لباس تي رکيل هيون. ان ڪان پوءِ، هو بنا ڪنهن ڳالهائڻ جي ان ڏانهن منهن ڪري ويهي رهيو.

"مان ڄاڻان ٿي تہ توکي قيد خاني ڏي وڃڻ لاءِ جلدي آهي." لزي بيتابيءَ سان چيو. اما! توکي. ڪلاڪن لاءِ پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيو. هوءَ توکي يوليا ۽ منهنجي لاءِ ڪجهہ چئي رهي هئي."

"توکي ان جي ڪيئن خبر پئي؟" اليوشا ڪانئس پڇيو.

"مان ڏيان ڏئي ٻڌي رهي هيس. تون مون تي عجب ڇو ٿو کائين؟ مان ڏيان ڏيئي ٻڌندي آهيان ۽ اِيئن ڪندي آهيان. هن ۾ ڪو ڏوهہ بہ نہ آهي. هن لاءِ ڪنهن عذرداري جي ضرورت نہ آهي."

"تون ڪنهن ڳالهہ کان پريشان آهين؟"

"مان ان جي خلاف نهايت خوش آهيان. مان اجا هاڻي ٺيهہ پيرا هن ڳالهہ تي سوچيندي رهي آهيان، تہ اها ڪهڙي نہ چڱي شيءِ هئي، جو مان توسان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تون مڙس ٿيڻ جي لائق نہ آهين. مان جيڪڏهن توسان شادي ڪريان ها ۽ توکي ڪنهن پرزي کي ڏئي. ان ماڻهوءَ ڏي موڪليان ها، جنهن سان توکان پوءِ محبت ڪرڻ گهران ها. تہ تون کڻي وڃين ها ۽ پڪ سان ان کي ڏين ها، ان جو جواب بہ آڻي ڏين ها. جيڪڏهن تون چاليهن ورهين جو هجين ها، تہ تون اجا بہ آسانيءَ سان منهنجي محبت آميز خطن کي آڻين ۽ نئين ها."

هوءَ اوچتو کلي ويئي.

"تو وٽ ڪا نفرت پري ڳالهہ آهي، پر ان هوندي بہ تنهنجي ڪليل دل آهي." اليوشا کيس ڏسي مشڪيو.

”هيءَ دل جي ڪشادگي، جا مون ۾ ڏسين ٿو، اها ان ڪري آهي، جو مون کي توکان ڪو بہ عار نہ آهي. انهيءَ کان وڌيڪ هيءَ ڳالهہ بہ آهي، تہ مان چاهيندي آهيان تہ توکان عار نہ هجي. اليوشا، اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو مان تنهنجي ڪابہ عزت نہ ٿي ڪريان؟ جيڪڏهن مان تنهنجي عزت ڪريان ها، تہ مان توسان ڳالهائيندي شرمندگي محسوس ڪريان ها. ايئن جيڪر ڪريان ها؟“

”نہ.“

”پر توکي اعتبار اچي ٿو تہ مون کي توکان ڪا بہ شرمندگي نہ ٿي ٿئي؟“

”نہ، مون کي هن ڳالهہ تي ڪو بہ اعتبار نہ آهي.“

لزي بي اختيار وري کلڻ لڳي. هوءَ تڪڙو ڳالهائيندي وئي:

”مان تنهنجي ڀاءُ دمتري فيودورپاولووچ کي، قيد خاني ۾ ٿوري مٺائي موڪلي ڏني هئي. اليوشا توکي خبر آهي تہ تون حسين آهين. مان توکي هن لاءِ بيحد پيار ڪريان ٿي، تہ تو مون کي جلدي مان اجازت ڏئي ڇڏي تہ مان توکي پيار نہ ڪريان.

”لزي تو اڄ مون ڏي ماڻهو ڇو موڪليو هو؟“

”مان چاهيو ٿي تہ ان انتظار کي توکي ٻڌايان، جو مون کي آهي. مون کي اهو پسند ٿو اچي تہ ڪو مون کي عذاب ڏي، مون سان شادي ڪري ۽ وري عذاب ڏي. مون سان مڪاري ڪري ۽ هليو وڃي. مان پاڻ کي خوش ڏسڻ نہ ٿي گهران.“

”تون بي ترتيبيءَ سان محبت ۾ گرفتار آهين.“

”هائو مان بي ترتيب رهڻ گهران ٿي. مان تہ ايئن چاهيان ٿي، تہ گهر کي باهہ ڏئي ڇڏيان. مان اهو تصور ڪندي آهيان، تہ ڪهڙيءَ ريت مان چونديس ۽ شرارت ڪري گهر کي باهہ ڏينديس. هي سڀ شرارت هوندي. سيئي ان جي وسائڻ جي ڪوشش ڪندا، پر اها ٻرندي ئي رهندي. مون کي خبر هوندي، پر ڪجهہ بہ نہ چونديس. اڙي ڪيڏي نہ بيوقوفي ۽ ڪيئن نہ مان ڪڪ ٿي پئي آهيان.“

هن هٿ کي لوڏيندي نفرت جو اظهار ڪيو.

”هيءَ تنهنجي عيش واري حياتي آهي.“ اليوشا آهستگيءَ سان چيو.

”ان ڪري غريب هجڻ ضروري آهي؟“

”هائو، اهو وڌيڪ چڱو آهي.“

”اهوئي توکي، تنهنجي راهب سيڪاريو آهي. هن ۾ صداقت ڪانہ آهي. مون کي شاهوڪار رهڻ ڏي. ٻلي تہ ٻيا غريب هجن. مان مٺايون ۽ ڪريم کائيندس ۽ انهن مان ڪنهن بي کي ڪجهہ بہ نہ ڏينديس. ها، نہ ڳالهاءِ ۽ ڪابہ بي ڪوشش نہ ڪر.“ هن اليوشا سان پنهنجي هٿ کي ملايو، جيتوڻيڪ هوُ خاموش رهيو.“ تہ هيءَ

سيئي ڳالهيون مون کي اڳ ۾ ئي ٻڌايون هيون. اهي مون کي چڱيءَ ريت ياد آهن. اهي مون کي ڪڪ تيون ڪن. جيڪڏهن مان غريب تي پوان. ته ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏيندس. توڙي جو مان شاهوڪار آهيان. شايد ڪنهن کي خون ڪري ڇڏيان. ڇا تي نه تو سگهي. پر توکي خبر هجي. ته مان جو پوکيان ان کي لٽڻ گهران ٿي. مان توسان شادي ڪرڻ گهران ٿي. تون هاري ٻڃي ويندين ۽ ڪڙمي. اسان هڪ وچ رکنداسون. هائو نه؟ تون ڪلگنوف کي سڃاڻين؟"

"هائو!"

"هو هميشه رلندو وتندو آهي ۽ خواب ڏسندو رهندو آهي. هوُ چوندو آهي ته ڇا جي حقيقي حياتي؟ چڱو آهي ته خواب ڏسندو رهجي. ماٺهو خواب ۾ سڀ ڪان وڌيڪ خوشيءَ واريون شيون ڏسي سگهي ٿو. پر حقيقي حياتي ڪڪ ڪندڙ آهي. پر ان هوندي به هوُ هاڻي جلدي شادي ڪرڻ وارو آهي. هوُ مون سان اڳ ۾ ئي محبت ڪري رهيو آهي. ڇا تون لاٽون ڦيرائي سگهين ٿو؟"

"هائو!"

"صحيح آهي. هوُ لاٽونءَ وانگر آهي. هوُ ڦرڻ گهري ٿو ۽ ڦرندو رهي. ان ڪان پوءِ ڪيس لڪڻ سان ماريو وڃي. ۽ ماريو وڃي. جيڪڏهن مان ساڻس شادي ڪريان. ته ڪيس لاٽونءَ وانگر سڄي عمر ڦيرائيندي رهان. توکي مون ڪان شرم ته نه ٿو اچي؟"

"نه."

"تون سخت پريشان هوندين. ڇو ته مان مقدس شين لاءِ ڪابه گفتگو نه ٿي ڪريان. اهي مون کي ٻي جهان ۾ ڇا ڪنديون. جيڪڏهن مان ڪو وڏو ڏوهه ڪريان ٿي. توکي انهن سيني ڳالهين جي خبر هوندي؟"

اليوشا. جيئن ڪيس وقت سان ڏسي رهيو هو. چيائينس ته "خدا توتي نگاهه ٿو رکي."

"اهائي ڳالهه مون کي پسند آهي. مان متي وينديس. هوُ مون ڪان محاسبو ڪندا. ته مان سندن منهن ۾ نهاري کلنديس. مان خوفناڪ طرح سان. هن ڳالهه کي چاهيان ٿي. ته گهر کي باهه ڏيان ۽ اليوشا پنهنجي گهر کي. تون اجا به هن تي بانور نٿو ڪرين؟"

"ڇو؟ ڪيترائي ٻارنهن ورهين جا ڇوڪرا آهن. جي ايئن چاهيندا آهن. ته ڪنهن شيءِ کي باهه ڏيون. اهي ڪن شين کي باهه ڏيئي به ڇڏيندا آهن. هيءَ هڪ بيماري آهي."

"اهو سچ آهي. اهو سچ آهي. ڪي اهڙا ڇوڪرا ٿي سگهن ٿا. پر مان جو ڪجهه چئي رهي آهيان. اهو ايئن نه آهي."

”تون نيڪيءَ کي بديءَ سان بدلائي رهي آهين. اهو اهڙي قسم جو بحران آهي، جو شايد تنهنجي بيماريءَ جو نتيجو ٿي سگهي ٿو.“

”تون مون کان نفرت ڪري رهيو آهين. اهو فقط انهيءَ لاءِ آهي ته مان نيڪي ڪرڻ نه ٿي چاهيان، پر بدي ڪرڻ گهران ٿي. هن جو ته بيماريءَ سان ڪو به واسطو نه آهي.“

”تون بدي ڇو ٿي ڪرين؟“

”انهيءَ لاءِ ته سڀ ڪجهه تباهه ٿي وڃي! توکي ته خبر آهي اليوشا، ته مان ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ شين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سوچيندي آهيان، ته جيئن سڀ ڪنهن شيءِ کي نقصان پهچي ۽ بچڙي بڻجي. مان هي گهڻو ڪري ڏکهي شرارت جي سبب ڪرڻ چاهيان ٿي، ته جيئن پوءِ ان جي خبر پوي. جيئن سڀئي منهنجي چوڌاري بيهي وڃن ۽ آڱرين سان اشارو ڪري چون، ته هي ڪم هن جو آهي ۽ مان وري ڪين ڏسندي رهان. هيءُ نهايت عمدو ٿيندو. اهو ڀلا اليوشا ڇو عمدو ٿيندو؟“

”مون کي خبر نه آهي. اها شايد تنهنجي آرزو هجي، ته ڪنهن چڱي شيءِ کي برباد ڪرين، يا جيئن تون چوين ٿي، ته ڪنهن کي باهه ڏئين. ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي.“

”مان ائين فقط چوڻ نه ٿي گهران، پر ائين ڪرڻ چاهيان ٿي.“

”مون کي توتي اعتبار آهي.“

”اڙي ڪيڏو نه مان توکي هنن لفظن لاءِ، ته توکي مون تي اعتبار آهي، پيار ڪريان ٿي. هن ۾ تنهنجي ڪوڙ جو ڪو به ذرو داخل نه آهي. پر تون خيال ڪندو هوندين، ته هيءُ مان سڀ ڪجهه تنهنجي برخلافي ڏيکارڻ لاءِ چوان ٿي؟“

”نه، مان ائين خيال نه ٿو ڪريان.... جيتوڻيڪ منهنجي توري خواهش آهي، ته شايد اوهان جو لاڙو ائين نه هجي.“

”ائين تورو هجي به. مان توسان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندي آهيان.“ هن وضاحت سان چيو ۽ سندس اکين ۾ عجيب ڪاوڙ ٿي ڏٺي.

اليوشا تي جنهن شيءِ وڌيڪ اثر ڪيو هو، سان سندس سنجيدگي هئي. هاڻي منجهس ڪنهن به مذاق يا مسخري جي ڪابه نشاني موجود نه هئي. جيتوڻيڪ ماضي ۾ سندس سنجيده گهڙين ۾ به ڪانئس مذاق ۽ خوش طبعي رکي نه هئي.

اليوشا فڪرمند ٿي ڪيس چيو ته ”ڪي اهڙيون به گهڙيون ٿينديون آهن، جن ۾ انسان ڏوهه سان محبت ڪندو آهي.“

”هائو، هائو، تو چڱ ته منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي آهي. هوُ گناهه کي پيار ڪندا آهن. هر ڪوئي گناهه سان محبت ڪندو آهي. هر ڪو دائمي طرح اُن سان محبت ڪندو

آهي. نـ ڪنهن گهڙيءَ لاءِ. ايئن تـو معلوم ٿئي ٿـ ماڻهن، ان بـابت ڪـوڙ هٽـڻ جي قبوليت ڏئي ڇڏي آهي ۽ هو ان بابت ڪوڙ ڳالهائيندا ئي رهندا. هو سڀ اعلان تـ اهو ڪندا آهن تـ هو بديءَ کي ڌڪار ڪن ٿا، پر مخفي طرح اُن سان پيار ڪن ٿا."

"ڇا تون اِجا بـ بيهودا ڪتاب پڙهندي رهين ٿي؟"

"هائو. مان پڙهندي آهيان. منهنجي ماءُ بـ پڙهندي آهي، پر انهن کي هوءَ وهاڻي جي هيٺان لڪائيندي آهي. مان وري اتان چورائي وٺندي آهيان."

"ڇا. تون پاڻ کي برباد ڪندي شرمندي نـ ٿي ٿئين؟"

"مان پاڻ کي برباد ڪرڻ چاهيان ٿي. اسان وٽ هڪڙو ڇوڪرو آهي، هو بند تي ان وقت سمهي پيو هو، جڏهن گاڏيءَ کي اتان گذرڻو هو. خوش قسمت انسان! ڏيان ڏيئي بڌ. تنهنجي پاءُ جي مٿان هاڻي مقدمو هلي رهيو آهي. تـ هن پنهنجي پيءُ جو خون ڪيو آهي. پر پيءُ جي مارڻ سبب، هر ڪو ساڻس محبت ڪري رهيو آهي."

"ساڻس انهيءَ لاءِ محبت ڪئي وڃي ٿي. سڀ ڪو ئي هن عمل سان محبت ڪري ٿو. هر ڪوئي ايئن چوي ٿو، تـ هيءَ نهايت خطرناڪ شيءِ آهي، پر مخفي طرح ان سان محبت ڪئي وڃي ٿي."

"تون جو ڪجهہ چوين ٿي، ان ۾ ٿوري صداقت آهي." اليوشا آهستگيءَ سان ڪيس چيو.

"اڙي ڪهڙا نـ خيال آهن!" لزي خوشيءَ مان رڙ ڪري چيو. "هوڏانهن تون راهب بـ آهين؟ توکي شايد اعتبار نـ اچي، تـ مان توکي ڪيڏو نـ پيار ڪريان ٿي اليوشا. ڇاڪاڻ تـ تون ڪوڙ نـ ڳالهائيندو آهين. مان توکي پنهنجو هڪ مزيدار خواب ٻڌايان ٿي. مان ڪڏهن ڪڏهن شيطانن کي خواب ۾ ڏسندي آهيان. مان ڏٺو تـ رات جو وقت آهي، منهنجي ڪمري ۾ شمع ٻري رهي آهي. اوچتو شيطان اتي ڇانئجي ويا. ڪمري جي هرهڪ ڪنڊ ۾ ۽ ميز جي هيٺان بـ. هنن دروازا کولڻ شروع ڪيا. مان ڏٺو تـ دروازي جي پويان، انهن جو وڏو ميڙ هو. هنن چاهيو ٿي تـ اندر اچي، مون کي پڪڙين. هو هاڻي اندر گهڙي آيا ۽ مون کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. مان اوچتو پنهنجي مٿان صليب جو نشان ڪڍيو ۽ هو سڀئي پوئتي هٽي ويا. هو دروازي ۽ ڪُنڊن تي بيهي رهيا ۽ ويا ڪونـ. ان وقت اوچتو مان خوفزده ٿي، خدا جو نالو ورتو، هو وري مون کي پڪڙڻ لاءِ وڌيا. مان وري بـ صليب جو نشان پنهنجي مٿان ڪڍيو. هو وري پوئتي هٽي ويا. هيءَ خطرناڪ مذاق هو. هن ڪان تـ ساهہ سڪي ويندو آهي."

"مون بـ ساڳيو ئي خواب لڌو آهي." اليوشا چيو.

"سچ!" لزي عجب مان رڙ ڪري چيو. "مان توکي چوان ٿي اليوشا. تـ کِل نـ. هيءُ نهايت اهميت وارو آهي. ايئن ٿي سگهي ٿو. تـ بـ جدا جدا ماڻهو هڪ ئي خواب ڏسن؟"

”ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اِيئن ٿي سگهي ٿو.“

”اليوشا، مان توکي چوان ٿي تہ هيءُ نهايت اهميت وارو آهي.“ لزي سچ پچ حيرت جي مبالغي کان ڳالهائيندي وئي. ”خواب تہ ايڏو اهميت وارو نہ بہ هجي، پر تون مون جهڙو ساڳيو خواب ڏسين، هيءَ اهم ڳالهہ آهي. تون مون سان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهين، هاڻي بہ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. ڇا اهو سچ آهي؟ تون کلين تہ نہ ٿو؟“

”اهو سچ آهي.“

لزي غير معمولي طور تي متاثر ٿي ڏني. هوءَ اڌ منٽ لاءِ خاموش ٿي وئي.

”اليوشا، تون مون کي ڏسڻ لاءِ ايندو ڪر ۽ اڪثر ايندو ڪر.“ هن اوچتو التجائي آواز ۾ چيو.

” مان تہ تو وٽ هميشه ايندو آهيان ۽ سڄي حياتي ايندو رهندس.“ اليوشا مضبوطيءَ سان ڪيس جواب ڏنو.

”تون ئي هڪڙو ماڻهو آهين، جنهن سان مان ڳالهائي سگهان ٿي.“ لزي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”مان ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندي آهيان، پر توسان ۽ پاڻ سان سڄي جهان ۾ تون ئي منهنجي لاءِ ڳالهائڻ وارو آهين. مان توسان، پاڻ کان بہ وڌيڪ حجت سان ڳالهائيندي آهيان. مون کي توکان ڪوبہ شرم نہ ايندو آهي. اليوشا، ڇو ڀلا توسان گفتگو ڪرڻ ۾ مون کي شرم نہ ايندو آهي. اليوشا، ڇا هيءُ سچ آهي تہ ايسٽر جي موقعي تي هڪ يهودي، هڪ ٻار کي چورايو هو ۽ ان کي ماريو هئائين؟“

”مون کي ان جي خبر نہ آهي.“

مون وٽ ڪتاب آهي، جنهن ۾ لکيل آهي، تہ هڪ يهوديءَ تي اهڙو مقدمو هليو هو. هن ڇئن سالن جي هڪ ٻار کي کنيو هو ۽ سندس ٻنهي هٿن جي آڱرين کي ڪٽيو هئائين ۽ ان کان پوءِ، ڪيس پٽ تي صليب وانگر چاڙهيو هئائين ۽ ان کي ميخون هنيائين. جڏهن پوءِ مٿس مقدمو هليو، تہ هن ٻڌايو هو تہ ٻار جلدي مري ويو. اٽڪل ڇئن ڪلاڪن کان پوءِ، سندس نظر ۾ اها جلدي هئي. هن ٻڌايو هو تہ ٻار ڪنجهندو رهيو ۽ ڪنجهندو رهيو ۽ هوُ نهايت مزي سان ان کي ڏسندو رهيو. هيءُ نهايت مزيدار واقعو هو!“

”مزيدار؟“

”مزيدار. مان ڪڏهن ڪڏهن ايئن تصور ڪندي آهيان، تہ اها مان ئي هيس، جنهن ڪيس صليب تي چاڙهيو ويو هو. هوُ جيڪر اتي لٽڪندو ۽ ڪنجهندو هجي ۽ مان اتي ان جي سامهون ويهي اناس جو مربو کائيندي رهان. مون کي اناس جي مربي جي کائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي. توکي بہ اها شيءِ پسند آهي؟“

اليوشا، خاموشي سان ڪيس ڏٺو. سندس زرد چهري ۾ اوچتو گهنج پئجي ويا ۽ سندس اکين مان ٻاهه وسڻ لڳي.

”توکي خبر آهي، تہ جڏهن مان ان يهوديءَ جي ڪرتوت بابت پڙهيو، تہ مان لرزي ويس ۽ سڄي رات اوڇنگارون ڏيندي رهيس. مان حيرت ۾ هيس تہ هوُ ننڍڙو ٻار کهڙي ريت ڪنجهندو رهندو هوندو. (سو بہ چئن ورهين جو ٻار. تون ان کي سمجهي ڏس.) ۽ سڄو وقت اناس جي مربي جو خيال مون کي ڏيڇاريندو رهيو. صبح سان مان ڪنهن ماڻهوءَ کي لکي موڪليو، تہ هوُ مون سان اچي، خاص طرح ملي وڃي. هوُ مون وٽ آيو ۽ مان ڪيس سڄي ڳالهہ، اناس جي مربي سميت ڪري ٻڌائي. ڪيس چيم تہ نهايت عمدي ڳالهہ آهي. ڪليو ۽ چيائين تہ نهايت عمدي آهي. تنهن ڪان پوءِ هوُ اٿيو ۽ هليو ويو. هوُ هتي فقط پنج منٽ ڪن هو. ڇا هن منهنجي توهين ڪئي؟ اليوشا، مون کي ٻڌاءِ تہ ڇا هن منهنجي توهين ڪئي؟ هوءَ ڪوچ تي اٿي ويني ۽ سندس اکيون ٻرڻ لڳيون.“

”مون کي ٻڌاءِ،“ اليوشا ڪيس انتظار مان چيو، تہ تو ان ماڻهوءَ ڏي قاصد موڪليو هو؟“

”هائو.“

”فقط هن ڇوڪريءَ جي ڇچا بابت؟“

”نہ، ان جي لاءِ نہ. پر جڏهن هوُ آيو تہ مان هڪدم ان کان پڇيو. هن جواب ڏنو، کليو، اُٿيو ۽ هليو ويو.“

”هن ماڻهوءَ جي هلت عزت واري هئي.“ اليوشا ڀٽڪندي چيو.

”هن منهنجي بي عزتي ڪئي؟ هو مون تي کليو بہ تي.

”نہ، هو پاڻ بہ اناس جي مربي جو شوقين هوندو. هوُ هاڻي پاڻ بہ بيمار آهي لزي.“

”هائو، هوُ پاڻ بہ ان جو شوقين آهي. لزيءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي.“

”هو ڪنهن جي بي عزتي نہ ڪندو آهي.“ اليوشا گفتگوءَ جاري رکندي چيو. هوُ فقط ڪنهن تي اعتبار نہ ڪندو آهي. بيشڪ هوُ سندس بي عزتي ڪندو آهي.“

تڏهن تہ منهنجي بہ بي عزتي ڪئي آهي؟“

”تنهنجي بہ.“

”صحيح،“ لزي ڏندن کي ڪرٽڻ لڳي. ”تڏهن هوُ کلندو ٻاهر هليو ويو. مان محسوس ڪيو تہ بي عزت ٿيڻ ڪهڙو نہ عمدو آهي. ٻار جي آڱرين جو ڪٽجڻ بہ عمدو آهي ۽ بي عزت ٿيڻ بہ عمدو آهي....... جيئن هن اليوشا جي منهن تي کليو، منجهانئس بخار جون علامتون نظر آيون.

”توکي خبر آهي اليوشا، توکي خبر آهي، مون کي بي عزتي پسند آهي.....
اليوشا، مون کي بچاءِ!“ هوءَ اوچتو ڪوچ تان اٿي بيٺي ۽ ان ڏانهن ڊوڙي ۽ کيس ٻنهي هٿن سان سوگهو جهليائين. ”مون کي بچاءِ.“ هوءَ ڄڻ ته ڪنجهڻ لڳي. ڇا دنيا ۾ اهڙو ماڻهو به ٿي سگهي ٿو، جنهن کي مان اهي ڳالهيون ٻڌايان، جي توکي ٻڌايون اٿم؟ مان توکي سچ ٻڌايو آهي. مان پاڻ کي ماري وجهنديس، ڇاڪاڻ ته مان سڀ ڪان نفرت ڪريان ٿي. مان زنده رهڻ پسند نه ٿي ڪريان. مان سڀ سان نفرت ڪريان ٿي. اليوشا، ڇا تون به مون سان محبت نه ٿو ڪرين؟ هن پنهنجي گفتگوءَ کي جنون جي حالت ۾ ختم ڪيو.

”پر مان ته توسان محبت ڪريان ٿو.“ اليوشا گرمجوشيءَ مان چيو.

”ڇا، تون منهنجي مٿان روئيندين، روئيندين نه؟“

”هائو!“

”انهيءَ لاءِ نه ته مان تنهنجي زال نه بڻيس، پر تون فقط منهنجي لاءِ روئج“.

”هائو!“

”شڪريه، مون کي تنهنجا فقط لڙڪ کپن. ٻيو ڪو مون کي سزا ڏي يا پيرن هيٺ يلي لتاڙي. مان ڪنهن مان محبت جي اميد به نه ٿي رکان. ڇاڪاڻ ته مان ڪنهن سان محبت ئي نه ٿي ڪريان. تون ٻڌين ٿو، ڪنهن سان به نه. ان جي خلاف ڪين ڏڪاريان ٿي! اليوشا وڃ، تنهنجو وقت ٿي ويو آهي. تون ڀاءُ ڏي وڃ.“ هوءَ ڪانئس اوچتو جدا ٿي وئي.

”مان توکي هن حالت ۾ ڪيئن ڇڏيان؟“ اليوشا ڏک جو اظهار ڪندي چيو. تون پنهنجي ڀاءُ ڏي وڃ. قيد خانو بند ٿي ويندو. ها، هيءَ تنهنجي ٽوپي آهي.

متيا کي منهنجي طرفان پيار ڪج. هن اليوشا کي زور سان ڌڪو ڏئي کيس دروازي کان ٻاهر ڪيو. هن غمگين حيرت مان کيس ڏٺو. اوچتو سڄي هٿ ۾ خط ڏسي حيران ٿي ويو. هو هڪڙو ننڍڙو ويڙهيل لفافو هو، جنهن تي مهر لڳل هئي. هُن اُن کي ڏٺو ۽ ايڊريس کي پڙهيو، جنهن تي ايون فيودورپاولووچ ڪرامازوف لکيل هو. هن تڪڙ مان لزيءَ کي ڏٺو. سندس اکين مان ذري گهٽ ڌمڪي ٿي ڏٺي.

”هيءُ اُن کي ڏج، توکي ضرور ڏيڻ گهرجي.“ هن تحڪماڻي آواز ۾ چيو، هو ازخود ڏڪي به رهي هئي، اڄ ئي ۽ هڪدم ٻي حالت ۾ پاڻ کي زهر ڏئي ماريندس. انهيءَ ڪم لاءِ ئي مان توکي گهرايو هو.

هن هڪدم دروازي کي بيڪڙيو. اندرين بلٽ آواز ڪيو. اليوشا اُن ڪاغذ کي کيسي ۾ رکيو ۽ هيٺ ڏاڪڻ مان لهندو ويو. هُو وري بيگم هائلڪوف ڏي نه ويو.

ڄڻ تہ ڪيس وساري ڇڏيو هئائين. جيئن اليوشا ويو، لزي وري دروازي کي ڪوليو ۽ در جي ڀيڪڙ ۾ پنهنجي آڱر کي وڌائين. دروازي کي وري زور سان بند ڪيائين، سندس آڱر چيچجي پئي. هوءَ پوءِ هوريان پنهنجيءَ ڪرسيءَ ڏي وئي ۽ ارادتاً آڱر کي ڏنائين، جا چيچڻ ڪري ڪاري ٿي وئي هئي ۽ ننهن مان رت وهي رهيو هو. سندس چپ لرزي رهيا هئا ۽ ياڻ کي آهستي آهستي چوندي رهي تہ:

”مان بدقسمت آهيان، بدقسمت آهيان، بدقسمت آهيان!“

باب چوٿون

# ٽرانو ۽ راز

دير ٿي وئي هئي، (نومبر ۾ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن) جڏهن اليوشا، قيدخاني جي دروازي جي گهنٽي وڄائي. انڌيرو ڇانئجي رهيو هو. پر اليوشا ڄاتو ٿي تہ ڪيس مشڪل ڪان سواءِ، اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني ويندي. اسان جي هن ننڍڙي شهر ۾ اُهو ئي ٿي سگهيو پئي، جو بين هنڌن ۾ ٿيندو آهي. پهريائين بيشڪ ابتدائي جاچ ڪان پوءِ عزيزن ۽ بين ماڻهن کي مِتيا سان ملاقات ڪرڻ لاءِ. ڪن اُڪتر رواجن مان گذرڻو ٿي پيو. پر پوءِ جيتوڻيڪ هنن رواجن کي لاٿو تہ نہ ويو هو، پر مِتيا جي ملاقاتين لاءِ ڪجهہ پابندين ۾ گهٽتائي آندي وئي هئي. اِهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن قيديءَ سان ملاقات جي لاءِ، جدا ڪمرو بہ ڏنو ويندو هو، ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي موجودگي نہ رکي ويندي هئي.

هي رعايتون جيتوڻيڪ انداز ۾ گهٽ هيون ۽ فقط گروشينڪا، اليوشا ۽ ريڪيٽن تائين محدود هيون. پر پوليس جو ڪپتان مائيڪل مڪائيلووچ، گروشنڪا جي حالت ۾ وڏيڪ مهربان ٿي ڏنو. هن ماڪرو ۾ ڪيس خوب گاريون ٿي ڏنيون ۽ سندس ضمير تي اِهو وڏو بار هو، پر جڏهن هن سڄي ڪهاڻي ٻُڌي، هن مڪمل طور تي هُن جي لاءِ پنهنجي خيالن کي بدلائي ڇڏڻو پيس. هيءَ عجب جهڙي ڳالهہ هئي، تہ باوجود هن ڳالهہ جي، تہ ڪيس مِتيا بابت قاتل هئڻ جو يقين هو، هو هڪ پيري قيدخاني ۾ وٽس لنگهي ويو ۽ هن پوڙهي انسان ساڻس بيحد نرمائيءَ جي هلت ڪئي. هن خيال ٿي ڪيو، تہ هيءُ نيڪ دل انسان هو، جو پنهنجي شراب خوريءَ ۽ بي عمليءَ سبب تڪليف ۾ آيو آهي. سندس پهريون خوف هاڻي رحم سان پرجي چڪو هو. اليوشا بابت، تہ ڪيس بيحد عمدو خيال هو ۽ ڪيس گهڻي وقت ڪان ڄاڻندو هو. ريڪيٽن، جو گهڻو پوءِ اُڪثر قيديءَ وٽ ايندو هو. ان جي، ڪپتان جي نوجوان بيگمن سان قريبي واقفيت هئي ۽ اڪثر سندن گهر ۾ بہ ويندو هو. هو قيدخاني جي سپرنٽينڊنٽ (ناظم) جي گهر ۾ پاڙهيندو ٿي رهيو. هو پنهنجي فرائض ۾ سخت گير هئڻ جي ڪري نيڪدل پيرسن هو. هن ڪان سواءِ، اليوشا جي گهڻي وقت ڪان سپرنٽينڊنٽ سان گهري واقفيت هئي. هو ساڻس گفتگو ڪرڻ جو بيحد شوقين هو، خاص ڪري پاڪ مضمونن بابت. هو ايون فيودورپاولووچ جي بہ گهڻي عزت ڪندو هو، ۽ سندس راءِ ڪان خوفزده رهندو هو. جيتوڻيڪ هو پاڻ بہ وڏو فلاسافر ۽ تعليم يافتہ هو، پر اليوشا ۾ ان جي لاءِ، بي حد ڪشش هئي. گذريل سال ڪان پوڙهي، هڪ

تشريح واري انجيل کي پڙهڻ شروع ڪيو هو ۽ متس جو ان تاثر ڇڏيو هو. اُن بابت هو پنهنجي ننڍڙي دوست سان ڳالهائيندو هو. هو اُن کي ڏسڻ لاءِ مڙهيءَ ۾ ويندو هو ۽ ساڻس ۽ ٻين راهبن سان گڏجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندو هو. اُن ڪري اليوشا جيڪڏهن قيدخاني ۾ دير سان به پهچندو هو، ته فقط سپرنٽينڊنٽ ڏي هليو ويندو هو ۽ پوءِ سڀ ڪجهه آسان ٿي ويندو هو. اُن ڪان سواءِ قيدخاني ۾ متانهين ماڻهوءَ ڪان وٺي واردر تائين هر ڪوئي اليوشا سان هري ويو هو. سنتري ايستائين ڪيس ڪا به تڪليف ڏيڻ نه چاهيندو هو، جيستائين سيئي آفيسر منجهانئس راضي هئا.

جڏهن مِتيا کي قيدخاني جي ڪوٺيءَ مان گهرايو ويندو هو. هو هميشه ڏاڪڻ تان لهي اُن جاءِ ڏي ويندو هو، جتي ملاقات ٿيندي هئي، جيئن ئي اليوشا اندر گهڙيو، هن ريڪيٽن کي ڏٺو جو مِتيا ڪان موڪلائي رهيو هو. هو هڪٻئي سان زور سان ڳالهائي رهيا هئا. مِتيا کيس ٻاهر ويندو ڏسي، خوب کلي رهيو هو. هوڏانهن ريڪيٽن ڪُرڪُندو ٿي ريو. ريڪيٽن نه ٿي چاهيو ته اليوشا سان ملي. سو به ايتري دير سان، هو تمام تورو ساڻس ڳالهائيندو هو ۽ کيس سلام به ڪاوڙ منجهان ڪندو هو. اليوشا کي اندر گهڙندو ڏسي، سندس پيشانيءَ ۾ گهُنج پئجي ويا ۽ هو ڪانئس ٻي طرف نهارڻ لڳو. ڇڻ ته هو، پنهنجي وڏي گرم ۽ پشمي ڪوٽ جي بٽڻن پائڻ ۾ مشغول هو. ان ڪان پوءِ هو هڪدم پنهنجي ڇٽيءَ کي ڏسڻ لڳو.

”مون کي پنهنجون شيون وسارڻ نه گهرجن“. هيءَ لفظ هن انهيءَ لاءِ چيا جو کيس ڪجهه ڳالهائڻو هو.

”توکي هيءَ به خيال ڪرڻ گهرجي، ته جيئن ٻين جون شيون به نه وسارين.“ مِتيا مذاق ڪندي، پنهنجي نوع ۾ ڪليو. ريڪيٽن کي هڪدم غصو اچي ويو.

”چڱو آهي ته اِها صلاح توکي پنهنجي ڪٽنب وارن کي ڏيڻ کپي، جي هميشه غلاماڻي ذهنيت رکن ٿا. توکي اِها صلاح ريڪيٽن کي ڏيڻ نه گهربي هئي.“ هن لرزندي ڪاوڙ مان کيس جواب ڏنو.

”توکي ڇا ٿي ويو؟ مان ته توسان مذاق ٿي ڪئي. ڇڏينس. هيءَ ماڻهو سيئي هڪجهڙا آهن. هُو اليوشا ڏي ڦريو ۽ ريڪيٽن ڪان منهن کي موڙيائين جو تيز قدمن سان ٻاهر وڃي رهيو هو. هي ڪلندو رهيو ۽ نهايت خوش ٿي ڏٺو. اوچتو هيءَ ايئن جوش ۾ اچي ويو، هن توکي اشارو به نه ڪيو. ڇا. اوهان جا تعلقات پوريءَ ريت ختم ٿي چُڪا آهن. تو ايتري دير ڇو ڪئي؟ مان فقط تنهنجي انتظار ۾ نه هوس، پر بيتاب هوس، صبح ڪان وٺي تنهنجي لاءِ بيتاب هوس، صبح ڪان ئي بيتابيءَ ۾ گذاريو اٿم. نهيو. هاڻي اُن جي پوئواري ڪئي ويندي.“

”هو اَڪثر توڏي چو ايندو ئو رهي؟ مون کي خبر آهي تہ اوهان پاڻ ۾ ايترا دوست بہ نہ آهيو. اليوشا ڪانئس پڇيو. هن اُن دروازي ڏي اشارو ڪيو، جنهن کان هو خود آيو هو ۽ ريڪيٽن ويو هو.

”ريڪيٽن سان گهري دوستي؟ نہ ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيندو، ايئن ٿي سگهي ٿو. اهڙي جانور سان؟ هو خيال ڪري ٿو تہ مان...... سياه محافظ آهيان. هو مذاق بہ نہ ٿو سمجهي سگهي. هنن ماڻهن ۾ هيءَ انتهائي برائي آهي. سندن روح خالي ۽ خشڪ آهن. جڏهن مون کي هتي ڀهريائين آندو ويو هو، تہ هن مون کي گويا قيد جون ديوارون ٿي ياد ڏياريون، هيءُ ڏاڍو سياڻو ماڻهو آهي، پر اليڪزي مان ختم ٿي چڪو آهيان.“

هو بينچ تي ويهي رَهيو ۽ اليوشا کي بہ پرسان ويهڻ لاءِ چيائين.

”هائو. مقدمو، سڀاڻي تي رکيل آهي. ڀاءُ ڇا تون نااُميد آهين؟“ اليوشا جذبات جي فراواني کان چيو.

”تون ڇا ٿو ڳالهائين؟ مِـتيا کيس ناراضگيءَ مان ڏسندي چيو. تون شايد مقدمي لاءِ ٿو چوين، ڪڏ ۾ وجهينس! هن وقت تائين اَسان اُنهن ڳالهين تي ڳالهايو آهي، جن جو مقدمي سان ڪو بہ تعلق نہ آهي. مان توکي اهميت وارين حقيقتن بابت هڪ حرف بہ چيو آهي، هائو، مقدمو سڀاڻي تي آهي. پر مان جڏهن چيو تہ ”منهنجو ڪم تمام ٿي ويو آهي، هيءُ مقدمي بابت نہ هو. تون مون کي ايڏو ڪاوڙ ۾ ڇو ٿو ڏسين؟“ تنهنجو مطلب ڇا آهي مِـتيا؟“

”منهنجا خيالات! اخلاق! اخلاق ڇا آهي؟“

”علوم اخلاق“ اليوشا حيرت مان ڪانئس پڇيو.

”هائو، اِها سائنس آهي.“

هائو، هيءَ گهڻو ڪري سائنس کي قريب آهي، پر...... مان قبول ٿو ڪريان، تہ مان توسان اُن جي تشريح نہ ڪري سگهندس، تہ اِهو سائنس جو ڪهڙو قسم آهي.

ريڪيٽن ڄاڻي ٿو، ريڪيٽن ان بابت گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ٿو. ڪڏ ۾ وجهينس. هو راهب ٿيڻ نہ ٿو گهري، سندس مقصد آهي تہ هو پيٽرسبرگ وڃي، اُتي تنقيدي اجتماعت جو مطالعو ڪري. ڪير ٿو ڄاڻي تہ هو اُتي ڪم جهڙو ماڻهو نڪري پوي ۽ پنهنجي حياتي ناهي وجهي. اِهڙيءَ ريت ڪنهن مقام جي حاصل ڪرڻ لاءِ، هنن ماڻهن ۾ مهارت گهڻي آهي. ڪڏ ۾ وجهہ اخلاقي علوم کي، منهنجو ڪم تمام ٿي چڪو آهي. اليڪزي مرد خدا، مان دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ توسان محبت ڪريان ٿو، منهنجي دل تنهنجي ڏسڻ لاءِ سڪندي آهي. اِهو ڪارل برنارڊ ڪير هو؟“

"ڪارل برنارڊ؟" اليوشا عجب ۾ پئجي ويو.

"نہ نہ. ڪارل نہ. ترس مون کان غلطي ٿي آهي. ڪلاڊ برنارڊ. هو ڪير هو؟ هو ڪيميادان يا ٻيو ڪجهہ آهي؟"

"هي ڪو دانشمند ٿي سگهي ٿو. اليوشا جواب ڏنو. پر مان قبول ٿو ڪريان تہ اُن بابت مان اوهان کي ڪو نہ ٻڌائي سگهندس. مان ڪيس هڪ دانشمند جي حيثيت سان ٻڌو آهي. پر هو ڪهڙي قسم جو دانشمند آهي؟ اُن بابت مون کي ڪا بہ خبر نہ آهي."

"ٺيڪ آهي. ڪڏ ۾ وڃهينس. مون کي هن بابت ڪجهہ بہ ٻڌڻو نہ آهي. مستيا قسم کڻندي چيو" ٿي سگهي ٿو تہ ڪو بدمعاش هجي يا اهڙي قسم جو ماڻهو. هي سيئي بدمعاش آهن ۽ ريڪيٽن پنهنجو چڱو ترُ ٻاهي ويو آهي. ريڪيٽن ڪنهن بہ طرف وڃي سگهي ٿو. هيءُ ٻيو برنارڊ آهي. اهيءُ برنارڊ! هي سڀ ڪنهن جاءِ تي موجود آهن."

"پر حقيقت ڇا آهي؟" اليوشا موقعي تي چيو.

"هي چاهي ٿو. تہ مون تي هڪ مضمون لکي. منهنجي مقدمي تي لکي، هو پنهنجي اَدبي زندگيءَ جو آغاز ڪرڻ گهري ٿو. اِهو ئي سبب آهي، جو هو مون وٽ اچي ٿو. هن مون کي ايئن پاڻ ٻڌايو ٿي. هو ڪنهن نظرئي کي ثابت ڪرڻ گهري ٿو. هو ٻڌائڻ گهري ٿو. تہ هو پنهنجي پيءُ کي بہ مارڻ کان دريغ نہ ٿو ڪري سگهي. هو پنهنجي ماحول مان ئي خراب ٿي سگهي ٿو. وغيره. هن اُن جي سڄي تشريح ڪري مون کي ٻڌايو. هي هن ڳالهہ کي سوشلزم جي زنجير ۾ ڦاسائڻ گهري ٿو. هن ماڻهوءَ کي بہ. ڪڏ ۾ وڃهينس. جيئن بہ ڪيس وڻي، اُن زنجير ۾. اُن کي سوگهو ڪري. مون کي اُن جي ڪا بہ پرواهہ نہ آهي. هو ايون کي بہ برداشت ڪري نہ ٿو سگهي. هيءُ ڪيس ڌڪاري ٿو. ڪيس توسان بہ ڪا محبت ڪانہ آهي. پر ڪيس مان ٻاهر نہ ٿو ڪڍان، ڇو تہ ماڻهو هوشيار آهي. ۽ پنهنجي لاءِ بيحد ڪوڙو هٺ اٿس. مان هاڻي ڪيس چيو ٿي، تہ ڪرامازوف رذيل نہ آهي. پر فلاسافر آهي. ڇو تہ جيڪي بہ محب وطن روسي آهن. سي فلاسافر آهن. جيتوڻيڪ تو باقاعده پڙهيو آهي. اَن هوندي بہ تون فلاسافر نہ آهين. تون هيٺئين درجي جو ماڻهو آهين. هو بدنيتي سان کليو ۽ مان ڪيس چيو. تہ تو وٽ ڪو بہ فڪر ڪونہ آهي. پر جهڳڙو آهي. ڇا هي بهتر نہ آهي؟ مان بہ قديم اَدب کي ترتيب ڏئي سگهان ٿو." دمتري اوچتو ٺهڪ ڏنو.

"تنهنجو ڪم ڇو ختم ٿي ويو آهي؟ تو هاڻي ٿي چيو. اليوشا وچ ۾ ڳالهائيندي چيو. منهنجو ڪم ڇو لهي ويو آهي...... اَڙي..... اُن جي حقيقت آهي.......... جيڪڏهن تون سچي حقيقت کي وڻندين. تہ مون کي ڏک آهي تہ مان

خدا کي وڃائي ويھندس. اھو ئي تہ معاملو آھي." توکي ڏک ٿو ٿئي تہ تون خدا کي وڃائي ويھندين. انھيءَ مان تنھنجو مطلب ڇا آھي؟

"ذرا غور ڪر. ھنن رڳن جي اندر، دماغ ۾- ھن مان معلوم ٿو ٿئي، تہ رڳون دماغ ۾ آھن... (ڪڏ ۾ وڃھينس.) ھنن رڳن جا ننڍا ننڍا پڇ ٿين ٿا. جيئن ھو لڏڻ شروع ڪن ٿا..... ۽ مان ڪنھن شيءِ کي ڏسڻ گھران ٿو. تہ ھڪ عڪس نظر اچي ٿو.... ھُو ھڪدم تہ ظاھر نہ ٿو ٿئي، پر ٿورو وقفو يعني سيڪنڊ گذري ٿو.... پوءِ ڪا شيءِ ٿوري لحظي وانگر ظاھر ٿي ٿئي. اِھو لحظو نہ آھي، وقت نہ آھي. شيطان اُھو وقت ٿي پوي ٿو. پر اُھو عڪس، اُھا ھڪڙي شيءِ آھي يا ھڪ عمل آھي. ڪڏ ۾ وڃھينس! اِھو ئي سبب آھي، جو مان اُن کي ڏسان ٿو ۽ فڪر ڪرڻ شروع ڪريان ٿو. مان ھنن پڇن جي ڪري ئي ڏسان ٿو ۽ فڪر ڪريان ٿو. ايئن نہ آھي تہ مون وٽ روح آھي ۽ مان ھڪ قسم جو پرتوو آھيان. ھيءَ سڀ بيوقوفي آھي. ريڪيٽن ڪالھہ ھن جي تشريح ٿي ڪئي، منھنجا ڀاءُ اُن کي ٻڌي تہ مان ھول ۾ اچي ويس. ھيءَ سائنس، اليوشا نھايت عظيم شيءِ آھي! ھڪ نئين انسان جو بيدار ٿيڻ آھي. مان اُن کي سمجھان ٿو...... پر اُن ھوندي بہ مون کي ڏک آھي، تہ خدا کي وڃائي ويھندس!"

"ڪيئن بہ ھجي، اِھا چڱي شيءِ آھي" اليوشا ڪيس چيو.

ھا، مون کي ڏک ٿو ٿئي، تہ مان خدا کي وڃائي ويھندس! ھي علم ڪيميا آھي، علم ڪيميا. ريڪيٽن خدا کي پسند نہ ڪندو آھي. ڀاءُ علم ڪيميا کي ڄاڻڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ آھي. اُف! پر ھُو اُن کي ڪتي ناپسند ڪندو آھي! ٻين سان گڏ ئي ھيءَ ايذاءُ ڏيندڙ نقطو آھي. مان ڪانئس پڇيو آھي، تہ ھن بابت تبليغ ڪندين؟ ھن جواب ڏنو تہ جيڪڏھن مان ھن کي ڪليل طور چوان تہ اُن جي اجازت ڏني ويندي. ھو کلڻ لڳو. مان ڪانئس پڇيو تہ پوءِ، انسان جو ڇا ٿيندو؟ خدا کان سواءِ ۽ غير فاني حيات بنا؟ پوءِ تہ سڀئي شيون قانوني بڻجي وينديون ۽ جنھَن کي جيئن وڻندو، ايئن ڪندو. ھن ڪلندي مون کي چيو تہ توکي خبر نہ آھي، تہ ھڪ داناءُ ماڻھو اُھو سڀڪجھہ ڪري سگھي ٿو، جو ھو چاھي. دانا ماڻھوءَ کي پنھنجي رستي جي خبر آھي تہ ٿو ان ۾ قدم بہ رکيو آھي. تو قتل ڪيو آھي ۽ قيد ۾ سڙي رھيو آھين. ھن ھيءُ منھنجي سامھون چيو. ھُو بي حيا آھي، مان ھميشہ اھڙن ماڻھن کي ڌڪا ڏئي ٻاھر ڪڍندو آھيان. پر ھاڻي ڏيان ڏئي ٻڌڻو پوندو آھي. پر ھو ڪي ڳالھيون سمجھہ واريون بہ ڪندو آھي. لکي بہ ڄاڻندو آھي. گذريل ھفتي، ھن مون کي ھڪ مضمون پڙھي ٻڌايو ھو. مان ان مان ٽن سٽن کي نقل ڪيو ھو. ھڪ منٽ ترس. ھان ھيءَ آھن."

سنيا، تڪڙ مان، پنھنجي کيسي مان ھڪ ڪاغذ جي ٽڪري کي ڪڍيو ۽ پڙھيائين. "ھن مسئلي جو حل" سڀ ڪنھن چيز کان اڳ ۾ لازمي آھي، تہ پنھنجي

شخصيت ڪي مخالفت جي صداقت ڏانهن آڻي. تو هن ڪي سمجهيو؟

اليوشا ڪيس جواب ڏنو تہ "مان هن ڪي سمجهي نہ سگهيس." هن مِتيا ڏي ڏنو ۽ عجب مان ڪيس ڏيان ڏيئي ٻڌندو رهيو.

مان بہ سمجهي نہ سگهيو آهيان. هيءُ جملو مبهم ۽ منجهيل آهي، پر ان مان ذهني قابليت نظر ٿي اچي. هن چيو ٿي تہ هاڻي هرڪو ايئن ئي لکي ٿو، اهو متن، سندن ماحول جو اثر آهي. هو پنهنجي ماحول کان ڊڄندا رهن ٿا. هيءُ بيوقوف شعر بہ چوي ٿو. بيگم هائلڪوف جي پير جي شان ۾ ڪو شعر لکيو اٿس. ها، ها، ها.

مان اُن جي لاءِ ٻڌو آهي. اليوشا جواب ڏنو.

"ها، پر تو، سندس شعر ڪي ٻڌو آهي؟"

"نہ!"

مون وٽ اهوئي آهي. اِجهو هيءُ آهي. مان توکي پڙهي ٻڌائيندس. توکي خبر نہ آهي ۽ مان توکي اِها حقيقت نہ ٻڌائي آهي. هن بابت هڪ ڪهاڻي آهي، هيءُ بيوقوفي آهي. ٽي هفتا اڳ، هو مون کي چيڙائڻ لڳو تہ تو پاڻ کي ٽن هزارن جي لاءِ هڪ بيوقوف جي حيثيت ۾ تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو. پر مان هڪ لک پنجاهہ هزار روبل حاصل ڪرڻ وارو آهيان. مان هڪ بيواهہ سان شادي ڪرڻ وارو آهيان ۽ پيٽرسبرگ ۾ گهر خريد ڪندس. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو، تہ هو بيگم هائلڪوف سان پيار ڪري رهيو آهي. هائلڪوف کي جوانيءَ ۾ ڪو بہ دماغ ڪو نہ هو. هاڻي چاليهن ورهين جي عمر ۾ تہ هوءَ سڀ ڪجهہ وڃائي ويني آهي. پر هوءَ حد کان وڌيڪ پُورالي آهي. هن ٻڌايو ٿي تہ هو اهڙي ريت ڪيس قبضي ۾ آڻي وجهندو. هن چيو ٿي تہ جڏهن مان شادي ڪندس، تہ اُن کي پيٽرسبرگ وٺي ويندس ۽ اُتي اخبار جاري ڪندس. سندس وات پاڻي پاڻي ٿي رهيو هو، اِهو اِن جانور جو اُن بيوهہ لاءِ نہ هو، پر ڏيڍ لک روبل لاءِ هو. مون کي هن اُن جو يقين ڏياريو. هو مون کي هر روز ڏسڻ ايندو هو. هن مون کي ٻڌايو تہ هاڻي هوءَ راضي ٿي ويئي آهي. هو خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو. ان کان پوءِ اوچتو ئي اوچتو ڪيس اُن گهر کان هڪاليو ويو. پروهيتن سڀ ڪجهہ سندس سامهون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو. آفرين! مان جيڪر اُن پوڙهي بيوقوف عورت کي، هن جي هڪالڻ سبب پاڪر ۾ ونان. هن ان لاءِ تڪبندي بہ لکي. هو چوڻ لڳو تہ هيءُ پهريون دفعو آهي، تہ مان پنهنجي هٿن کي شعر لکڻ لاءِ آلوده ڪيو آهي. مان سندس دل تي قبضي ڪرڻ لاءِ هن ڳالهہ کي چڱو سمجهيم. مان جڏهن هن عورت جي خوش قسمتيءَ کي قبضي ۾ آڻيندس، تہ مان عظيم سماجي ڪم جي لاءِ ڪارائتو ٿيندس. هنن ماڻهن وٽ جو بہ هُو برو ڪم ڪن ٿا، سماجي

صورت ۾ حق ثابت ڪرڻ گهرن ٿا. هن چيو ٿي ته ڪيئن به هجي، هي ٽنهنجي پشڪن جي شعر کان گهڻو بهتر شعر آهي. مان اجتماعي احساس کي عوامي شاعريءَ جي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن پشڪن لاءِ جو ڪجهه چيو ٿي، اُن کي سمجهيم ٿي. هو وڏي استعداد وارو ماڻهو هو، پر هن فقط عورت جي پيرن لاءِ لکيو آهي. پر ريڪيٽن پنهنجي تڪبندي کان متاثر هو. هنن ماڻهن جي عجيب خودبيني آهي! هن پنهنجي شعر جي عنوان لاءِ چيو ٿي، ته اُهو آهي سُڇيل پير جي صحيح ٺيڻ تي منهنجي خوشنوديءَ جو اظهار. هي عجيب مسخرو آهي.

”فريفته ڪرڻ وارو ننڍڙو پير،

جيتوڻيڪ سڇيل آهي، ڳاڙهو ۽ نازڪ،

ڊاڪٽر اَچن ٿا ۽ ان تي مرهم رکن ٿا،

پر ان هوندي به، ان جو علاج نه ٿا ڪن.

پر مان سندس پير جي حالت کان متاثر نه آهيان،

پشڪن جي موسيقي جو نغمو، شايد وڏيڪ اَثر وارو ٿئي،

هيءُ سندس پير نه آهي، پر ناياب موتي جو داڻو آهي،

مان ان جي لطافت جي نقصان کان ڏکي رهيو آهيان.

ڇاڪاڻ ته سندس پير جيئن سُڇي ٿو، ته مون کي هيئن چوندي حيرت ٿي لڳي ته سندس خوبيءَ ۾ گهٽتائي اچي ٿي.

ها، مان اُن جي شفا لاءِ دعا گهران ٿو.

ته جيئن پير ۽ دماغ ٻئي وري ترقي پذير ٿين.“

”هو هڪ جانور آهي، پورو جانور، پر هو پهرئين درجي جو چالاڪ آهي، هن بيوقوف سچ پچ پنهنجي خيالن کي وڌايو هو. جڏهن هن کي ڌڪا ڏئي اُن گهر مان ڪڍيو ويو، تڏهن ڪو به غصي جو اظهار نه ڪيو هو.

هو پنهنجي ڏندن کي ڪرٽي رهيو هو.“

”هن ڪانئس انتقام وٺي ڇڏيو آهي.“ اليوشا کيس چيو، ”هن بيگم هائلڪوف بابت، هڪڙو ٽڪرو لکي ڇڏيو آهي.“

”اليوشا کيس پوءِ مختصر طرح ”گاسپ“ ۾ پيل ٽڪري بابت ٻڌايو. اهو، انهيءَ جو ئي ڪرتوت آهي. مِتيا غصي مان تائيد ڪئي. هيءُ ئي آهي. هي ٽڪرا.... مون کي خبر آهي.... هي بي عزت ڪندڙ شيون، جي گروشينڪا جي لاءِ لکيون ويون آهن.... ۽ ڪِتيا جي لاءِ پڻ.... هي سڀ سندس ڪرتوت آهن.

هو ڪمري ۾ هراس جي حالت ۾ گهمندو رهيو.

سيئي، سڀ جي لاءِ جوابدار آهيون. سيني ٻارن لاءِ ٻوءِ هو ننڍا آهن يا وڏا. هو سيئي ٻوڪرا آهن. مان اُنهن سيني لاءِ وڃي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ هنن سيني جي لاءِ، ڪنهن کي تہ وڃڻ گهرجي. مان پيءُ کي نہ ماريو آهي. پر مان اوڏانهن ويندس جو ڪجهہ بہ هن مصيبت خيز چوڌيواريءَ ۾ پيش ايندو، مان اُن کي قبول ڪندس. اُنهن زمين دوز جاين ۾ لاتعداد، سوين ماڻهو، جن جي هٿن ۾ متڪڙا هوندا، اُتي موجود آهن. اَسان کي ڪا بہ آزادي نہ هوندي. پر انتهائي غم ۾ بہ سُرور اُڀرندي نظر ايندو. جنهن کان سواءِ انسان ۽ خالق ڪڏهن بہ وانجها رَهي نہ ٿا سگهن. ڇاڪاڻ تہ خدا کان ئي سُرور حاصل ٿئي ٿو. اِها سندس ئي بخشش آهي. نهايت عظيم! انسان کي عبادت ۾ مستغرق ٿيڻ کپي! خدا کان سواءِ مان زير زمين کهڙي ڪم جو ٿيندس! ريڪيٽن کلي ٿو. جيڪڏهن هُو خدا کي زمين تي وساري ڇڏيندا، تہ آسان کيس زير زمين آڻيندا سون. ڪو بہ ماڻهو خدا کان سواءِ قيد ۾ رَهي نہ ٿو سگهي. قيدخاني کان ٻاهر تہ اَجا بہ ڏکي ڳالهہ آهي. اَسين زير زمين خلوت خاني ۾ سندس عظمت جا گيت ڳائيندا سون. جنهن سان سُرور ۽ مسرت جو تعلق آهي. مبارڪ آهي خدا ۽ سندس سرور. مان کيس محبت ڪريان ٿو."

متيا، تازه دم ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيئن هن پنهنجي زوردار تقرير کي ختم ڪيو. هو زرد ٿي ويو هو ۽ سندس چَپَ ڏڪائي، سندس اکين مان ڳوڙها وَهي اَچي ڳلن تي پهتا.

"ها، زندگي مڪمل آهي. زير زمين بہ زندگي آهي." هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. اليڪزي، تون شايد نہ مڃين تہ ڪيترو مان هاڻي جيئڻ چاهيان ٿو. هنن مصيبت خيز ديوارن جي اندر ڪيڏي نہ زندگي ۽ بيداري جي تڙپ منهنجي اندر ۾ ٽپي آئي آهي. ريڪيٽن هن کي سمجهي نہ ٿو سگهي. هو فقط گهر جي تعمير ۽ ماڙين جي نهرائڻ ۾ گم آهي. مون کي تنهنجو انتظار آهي ۽ هيءُ مصيبتون ڇا آهن؟ مون کي انهن کان خوف نہ ٿو ٿئي. اُهي ڇو نہ بيشمار هجن. مون کي هنن کان خوف نہ ٿو ٿئي. اڳي خوف ٿيندو هو.

شايد مان مقدمي جي دوران ڪو بہ جواب نہ ڏيان. منهنجي اندر اهڙي طاقت پيدا ٿي چڪي آهي، تہ مان ڪنهن بہ تڪليف کي برداشت ڪريان ۽ همت سان مقابلو ڪريان. مون ۾ فقط ايتري سگهہ پيدا ٿي، تہ مان هر گهڙيءَ ايئن دهرائيندس، تہ مان آهيان! هزارن عذابن ۾ بہ مان زندهہ آهيان. مون کي هن لوهي سيخن جي اندر عذاب ملي ٿو. مگر مان زندهہ آهيان. جيتوڻيڪ مان ٽنبي وڻ اڪيلو آهيان. پر مان زندهہ آهيان مان سج کي ڏسان ٿو، پر جيڪڏهن اُن کي بہ نہ ڏسان تہ مون کي خبر آهي تہ

هو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. هن حقيقت ۾ سچ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. سچي حياتي گويا پوشيده آهي. اليوشا! منهنجا فرشتا! هيءَ سچي فلاسافي، منهنجي لاءِ موت آهي، ڪڏهن ۾ وجهين، منهنجو ڀاءُ ايون...."

"ايون ڪي ڇا آهي؟" اليوشا وچ ۾ ڳالهائيندي چيو. پر مِتيا ڪيس نہ ٻڌو.

"توکي خبر نہ آهي، مون وٽ اڳ ۾ اِهي شڪ نہ هئا. اِهي سڀئي منهنجي اندر لڪيل تي رهيا. ايئن ڇو هو؟ اِهو شايد انهيءَ ڪري هو، تہ جي حقيقتون مان سمجهي نہ تي سگهيس، سي هاڻي سطح تي اُڀريون آهن. اُنهن جي ڪري مان شراب پيئندو رهيس، وڙهندو رهيس ۽ غصي ۾ ايندو رهيس. مون ڪي پنهنجي اندر اُنهن جي ڪري ڪين ضابطي ۾ رکيو هو. خاموش ڪرڻو هو ۽ ناپر ۾ آڻڻو هو. ايون، ريڪيٽن نہ آهي. اُن وٽ ڪا حقيقت آهي. ايوان ابوالهول جو بت آهي، پراسرار شخصيت آهي ۽ هميشہ خاموش! اِهو خدا ئي آهي، جو مون کي پريشاني ڏئي رهيو آهي. ڇا سندس وجود نہ آهي؟ ريڪيٽن جي دعويٰ آهي تہ خدا هڪ مصنوعي فڪر آهي، جنهن کي انسان پيدا ڪيو آهي. ڇا سندس خيال سچو آهي؟ پر جيڪڏهن خدا جو وجود نہ هجي تہ انسان هن زمين ۽ جهازن جو مطلق العنان فرمان روا هجي، ڪيڏو نہ بلند فڪر آهي. هيءُ بہ خيال ۾ رکڻو آهي، تہ انسان خدا کان سواءِ ڪهڙي ريت پاڪ ۽ بافضيلت تي ٿو سگهي؟ هيءُ هڪ بنيادي سوال آهي. انسان کي ڪهڙي پئي آهي، تہ ڪنهن کي دوست رکي، ڪنهن جي شڪرگذاري ڪري ۽ ڪنهن جي شان ۾ گيت ڳائي؟ ريڪيٽن تہ کلي ٿو. ريڪيٽن جو چوڻ آهي، تہ انسان خدا کان سواءِ، انسانيت سان پيار ڪري سگهي ٿو. نيڪ آهي هڪ رياڪار بيوقوف ئي اِها ڳالهہ سوچي سگهي ٿو. مان تہ هيءُ سمجهي نہ ٿو سگهان. زندگي ريڪيٽن لاءِ آسان آهي. هو چوي ٿو تہ پنهنجي وقت کي انساني سماج جي حقن ۾ صرف ڪر يا گوشت جي قيمت جي اضافي تي غور ڪر. ايئن ڪرڻ سان تون سادگي ۽ سنئين ريت، انسانيت سان پيار ڪري سگهندين، جو فلسفي کان مٿي هوندو. مون چيو مانس تہ صحيح آهي. پر خدا کان سواءِ تي سگهي ٿو تہ تون گوشت جي اگهہ ۾ اضافو ڪرين ۽ هر سير جي لاءِ هڪ روبل وڌائين. هو ڪاوڙجي ويو. آخر نيڪي ڇا آهي؟ اليڪزي مون کي ان جو جواب ڏي. فضيلت منهنجي لاءِ هڪ شيءِ آهي ۽ هڪ چينيءَ جي لاءِ ساڳي، اِها شيءِ هڪ ٻئي سان تعلق تي رکي، هڪ پرفريب سوال! تون اُميد تہ نہ ڪلندين، جيڪڏهن مان توکي ٻڌايان تہ هن خيال ۾ مان ٻہ راتيون جاڳندو رهيس. مون کي تعجب ٿو ٿئي تہ ماڻهو زندهہ بہ آهي ۽ اِنهن ڳالهين تي نٿو سوچي. هيءَ خودپسندي آهي! ايون کي خدا نہ آهي. پر وٽس ڪا مراد آهي. هو منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي ۽ خاموش

آهي. مان سمجهان ٿو تہ هو ”فري مين“ آهي. مان ڪانئس پڇيو. پر هو خاموش ٿي رهيو. مان چاهيان ٿو تہ سندس روح جي چشمي مان ڪجهہ پيئان. پر هُو خاموش هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪو لفظ ٿي ڳالهايائين.“

”اليوشا ڪيس جلدي مان چيو تہ ”هن ڇا تي ڳالهايو؟“

مان ڪيس چيو، تہ هر شيءِ قانون تي ٻڌل آهي. ايئن آهي نہ؟ سندس چهري ۾ گهنج پئجي ويا.

”فيودور پاولووچ، اسان جو پيءُ.“ هن چيو تہ ”بيوقوف هو، پر سندس خيال حقيقت وارا هئا.“ اهو ئي فقط هن ٻڌايو، پر هو ريڪيٽن ڪان بهتر آهي.“ ”هائو“ اليوشا اُن ڪي تڪليف سان قبول ڪندي چيو تہ ”هو تو وٽ ڪڏهن آيو هو؟“ ٿورو وقت اڳ ۾ هاڻي مان ڪنهن بي ڳالهہ تي ڳالهائڻ ٿو گهران. مون ڪي ايون لاءِ اڳ ۾ ڪجهہ ٻڌايو ئي نہ آهي، مان اُن ڪي آخر ۾ رکندس. جڏهن منهنجو معاملو پورو ٿيندو ۽ فتويٰ ملندي، تڏهن مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس. اسان وٽ هڪ نهايت خوفائتي ڳالهہ آهي.... تون منهنجي لاءِ اُن جو منصف ٿيندين، پر هاڻي اُن حقيقت ڪي نہ ڇيڙ ۽ خاموش رهہ. تون سڀاڻي جي لاءِ ڳالهاءِ، ۽ مقدمي بابت. پر توکي اعتبار ايندو، مون ڪي اُن بابت ڪا خبر نہ آهي.

تو صلاح ڪارن سان ڳالهايو آهي؟

”هن وڪيل جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي. هو صاف دل ۽ شهر جو پليل بدمعاش آهي. برنارڊ! پر هو مون تي اعتبار ئي نہ ٿو ڪري. هو فقط اِهو خيال ۾ رکيو وينو آهي، تہ مان اِهو ڪم ڪيو آهي. مان هن ڪي ڏسندس. هن حالت ۾ مان ڪيس چيو تہ تون منهنجي بچاءَ ۾ ڇو آيو آهين؟ هنن سيني ڪي ڪڏ ۾ وجهہ. هنن وٽ هڪ ڊاڪٽر بہ آهي. جو ثابت ڪندو تہ مان پاڳل آهيان.

مون ڪي اُن جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. ڪيٽرينا ايونونا، آخر تائين پنهنجي فرض ڪي نڀائڻ گهري ٿي. پوءِ ڪٿي ڪهڙو بہ نتيجو نڪري! مـِتيا غم سان مشڪيو. ”هي ٻالي ۽ سنگدل انسان! ڪيس خبر آهي تہ ماڪرو ۾ ان بابت چيو هو، تہ نهايت غصي واري عورت آهي. ٻڌنڊڙن اُن ڪي دهرايو بہ آهي. منهنجي خلاف حقيقتون، سمنڊ جي واريءَ وانگر ڍڳ ٻڌجي ويون آهن. گريگري پنهنجي ڳالهہ ڪي چنبڙيو پيو آهي. گريگري ايماندار آهي، پر بيوقوف آهي. ڪيترا ماڻهو ايماندار تہ هوندا آهن، پر ساڳي وقت بيوقوف بہ هوندا آهن. اِهو ريڪيٽن جو خيال آهي. گريگري منهنجو دشمن آهي. ڪي اِهڙا بہ ماڻهو هوندا آهن، جن جي دوستي ڪان بهتر دشمني هوندي آهي. منهنجو مقصد ڪيٽرينا ايونونا ڪان آهي. مون ڪي خوف ٿو ٿئي، تہ هوءَ اها

سگھون. منهنجا پيارا نينگرا مان توکي صاف ٻڌايان ٿو تہ هرهڪ شريف انسان ڪنهن نہ ڪنهن عورت جي قبضي ۾ آهي. منهنجو اهو فيصلو آهي. فيصلو نہ پر جذبات! ماڻهوءَ کي عاليٰ حوصلي وارو ٿيڻ گهرجي. هن ۾ انسان جي بي عزتي تہ نہ آهي؟ هيءَ برگزيده انسان جي بي عزتي نہ آهي. توڙي جو هو قيصر هجي. پر ڪنهن بہ صورت ۾ ڪانئس معافي وٺڻ لاءِ نہ ٻاڌاءِ. هن قاعدي کي ياد رکج. جو تنهنجو ڀاءُ مِتيا توکي ٻڌائي رهيو آهي. اُهو جو عورت جي هٿ کان برباد ٿي چڪو آهي. مان ڪنهن بہ ريت معافي وٺڻ کان سواءِ گروشيا سان صلح صفائي ڪري ڇڏيندس. مان سندس پوڄا ڪندو آهيان. اليڪسي پوڄا! فقط هوءَ اُن کي نہ ٿي ڏسي. نہ. هوءَ اجا بہ انهيءَ خيال جي آهي، تہ مان ساڻس پوري محبت نہ ٿو ڪريان. هوءَ مون کي پنهنجي محبت سان عذاب ڏيندي ٿي رهي. ماضي ڪجھہ نہ هو. ماضي ۾ فقط هيءَ سندس جهنمي بدن جا موڙ هئا. جن مون کي عذاب ٿي ڏنو. پر هاڻي پاڻ مرد بڻجي ويو آهي. ڇا هوءَ مون سان شادي ڪندي؟ جيڪڏهن هن نہ ڪئي تہ مان رقابت کان مري ويندس. منهنجي تصور ۾ ڪا بہ شيءِ روز رهي ٿي..... هن توکي منهنجي لاءِ ڇا پئي چيو"

گروشينڪا جو ڪجھہ ڪيس چيو هو، اليوشا اُن کي دهرايو. مِتيا ڏيان ڏئي ٻڌو. اُنهن ڳالهين کي دهرائڻ لاءِ وري وري ٿي چيائين ۽ خوش ٿي نظر آيو. "تڏهن منهنجي حاسد ٿيڻ تي هوءَ ڪاوڙيل نہ هئي" هن چيو.

"هوءَ غير معمولي عورت آهي. مون وٽ پاڻ خطرناڪ دل آهي ۽ مان اهڙي خطرناڪ دلين سان محبت ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ مان هيءُ برداشت نہ ڪندو آهيان تہ ڪو منهنجو رقيب بڻجي. مان هيءُ سهي نہ سگھندس. اسان وڙهنداسون. پر مان هن کي محبت ڪندو رهندس. مان کيس لامحدود طور تي محبت ڪندو رهندس. هو مون کي شادي ڪرڻ ڏيندا؟ هو سزا وارن جوابدارن کي شادي ڪرڻ ڏيندا آهن؟ اهو ئي تہ سوال آهي ۽ مان اُن کان سواءِ جيئرو رهي نہ سگھندس.....؟

مِتيا جوش کان ڪمري ۾ گهمندو رهيو. هاڻي ڇڳي اونده ٿي وئي هئي، اوچتو هو سخت پريشان بڻجي ويو. هوءَ چوي ٿي تہ ڪو راز آهي. راز! اَسان هن جي خلاف منصوبو رٿيو آهي. ڪٽيا بہ اُن ۾ شامل آهي. هيءُ ئي سندس خيال آهي؟ نہ منهنجي نيڪ گروشينڪا ايئن نہ آهي. تون پنهنجي بيوقوفيءَ واري نسواني طريقي ۾ نهايت وسيع تصور ٿي رکين. عزيز اليوشا. نيڪ آهي مان توکي پنهنجو راز ٻڌايان ٿو!

هن چوڌاري ڏٺو ۽ جلدي مان اليوشا جي قريب ٿي ويو. هُو سندس سامهون بيٺو هو ۽ رازدارانہ ڳالهائيندو ٿي رهيو. جيتوڻيڪ حقيقت ۾ ڪو بہ ڪين ٻڌي نہ رهيو هو. پوڙهو محافظ ڪنڊ ۾ اوجهرائيون ڪائي رهيو هو ۽ پهري تي بيٺل سولجر سندن هڪ لفظ بہ ٻڌي نہ ٿي سگھيا.

”مان توکي پنهنجو سچو ئي راز ٻڌايان ٿو. مـتيا پـڻ پـڻ ڪندي چيـو. منهنجو مقصد پوءِ جي ڳالهين سان آهي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته مان توڪان سواءِ ڪنهن ڳالهه جو فيصلو ڪري سگهان؟ تون منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهين. جيتوڻيڪ مان ايئن چوڻ لاءِ مجبور آهيان، ته ايون آسان سيني ڪان مٿانهون آهي. پر تون منهنجي لاءِ فرشتي جي مثال آهين. تنهنجي راءِ ئي، هن جو فيصلو ڪندي ۽ شايد تون ئي مٿانهون آهين، نه ايون. هي ضمير جو سوال آهي ۽ مٿانهين ضمير جو. اهو راز نهايت اهميت وارو آهي، جنهن بابت مان پاڻ ڪو به فيصلو نه ٿو ڪري سگهان. جيستائين مان توسان نه ڳالهايو آهي اُن ڪي پنتي وجهي ڇڏيو اٿم. اُن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ هيءُ وقت گهڻو اڳي آهي. اسان کي فتويٰ لاءِ ترسڻ گهرجي. جيئن ئي فتويٰ ملي، تون منهنجي قسمت بابت فيصلو ڪج. هاڻي فيصلو نه ڪج. مان تـه سڀ ڪجهه توکي هاڻي ٻڌايان ٿو. تون اُن کي ڏيان سان ٻـُڌ، پر ڪو به فيصلو نه ڏي. تون خاموشيءَ سان ٻڌ. مان توکي سڀ نه ٻڌائي سگهندس. مان توکي تفصيل ڪان سواءِ مقصد ٻڌائيندس ۽ تون خاموش رهندين. نه ڪنهن سوال جي ضرورت آهي، نه چرپر جي. ٻڌاءِ تون قبول ڪرين ٿو؟ پر خدايا مان پنهنجي اکين کي ڇا ڪريان؟ مون کي خوف ٿو ٿئي. چڱو اليوشا ٻـُڌ. ايون مون کي صلاح ڏني آهي. ته مان ڀڄي وڃان. مان توکي اُن جو ڪو به تفصيل نه ٻڌائيندس. اهو سڀ ڪجهه خيال ۾ رکيو ويو آهي. بس پنهنجو فيصلو نه ڏي. مان گروشيا سان گڏ آمريڪا ويندس. توکي خبر هجي ته مان گروشيا ڪان سواءِ رهي نه سگهندس. ڇا ٿيندو جيڪڏهن هنن ڪيس مون سان گڏ سائبيريا ڏانهن نه ڇڏيو؟ ڇا هُو سزا يافته کي شادي ڪرڻ جي اجازت ڏيندا؟ ايون جو خيال آهي، ته هو نه ڏيندا. گروشينڪا ڪان سواءِ مان زير زمين متركي سان ڇا ڪري سگهندس. مان پنهنجي مغز کي اُن سان پيچي ڇڏيندس، پوءِ ٻئي طرف منهنجي ضمير جو ڇا ٿيندو؟ مان مصيبتن ڪان ڀڄي ويندس. مون کي نجات جو رستو مليو آهي، مان هن نجات جي رستي کي رد ٿو ڪريان. مون وٽ نجات جا پنهنجا اصول آهن. ان ڪري مان هن جو انڪار ٿو ڪريان. ايون ٻڌايو ٿي ته آمريڪا ۾، حسن نيت جي باعث، زير زمين ڪان اُتي گهڻو آسودو رهندس، پر اسان جي زير زمين واري گيت جو ڇا ٿيندو؟ آمريڪا ڇا آهي؟ آمريڪا اجائي هوس جي جاءِ آهي. آمريڪا ۾ پڻ ذلالت گهڻي آهي. مون کي صليب تي چڙهڻ ڪان ڀڄڻو آهي. مان هيءُ توکي ئي ٻڌائي رهيو آهيان اليڪسي. ڇاڪاڻ ته تون اُن کي چڱي ريت سمجهي سگهين ٿو. ٻيو ڪو ماڻهو هن کي سمجهائڻ لاءِ نظر نه ٿو اچي. ٻيا ته هن کي بيوقوفي ۽ جنون سمجهندا. مان توکي اُن گيت جي لاءِ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. ٻيا ته ائين چوندا ته مان پنهنجي

خيال ۾ نـ آهيان يا بيوقوف آهيان. پر مان نـ پنهنجي خيال کان ٻاهر آهيان، نـ بيوقوف آهيان. ايون گيت کي سمجهي ٿو، پر جواب نـ ٿو ڏي. هو ڳالهائي نـ ٿو. سندس گيت ۾ اعتماد نـ آهي. خبردار تون نـ ڳالهاءِ. تون نـ ڳالهاءِ! مان ڏسان ٿو تـ تون ڪيئن نهاري رهيو آهين! تون فيصلو ڪري چڪو آهين. تون فيصلو نـ ڪر ۽ مون کي فارغ رک! مان گروشيا کان سواءِ جيئرو رهي نـ ٿو سگهان. ترس، مقدمي جي فيصلي کان پوءِ!"

مـتيا پنهنجي گفتگوءَ کي پورو ڪيو. هن اليوشا کي مضبوط جهليو ۽ سندس ڪلهن تي ٻئي هٿ رکي، پنهنجون نماڻيون اکيون، ياءُ جي اکين ۾ کپائي ڇڏيون. هو هڪ سزا ڪاڌل کي شادي ڪرڻ نـ ڏيندا؟ هن ٽيون ڀيرو اهو سوال التماس طور ڪيو.

اليوشا کيس سخت حيرت مان تي ڏنو ۽ سخت متاثر هو. "مون کي هڪ ڳالهـ ٻڌاءِ". هن ڪانئس پڇيو. ڇا ايون هن ۾ گهري دلچسپي وٺي رهيو آهي ۽ اهو ڪنهن جو خيال آهي؟ سندس ئي اهو خيال آهي ۽ هو هن ۾ بيحد دلچسپي وٺي رهيو آهي. هو مون کي ڀهريائين ڏسڻ نـ آيو هو. پر هڪ هفتو ٿيو، هو اوچتو مون وٽ هليو آيو ۽ مون سان سنئين سڌي اها ڳالهـ ڪيائين. هو هـن ۾ سخت دلچسپي وٺي رهيو آهي. هو مون کي چوي نـ ٿو، پر پڇڻ لاءِ حڪم ٿو ڏي، پنهنجي حڪم مڃائڻ لاءِ کيس مون ۾ ڪو بـ شڪ نـ آهي. جيتوڻيڪ مون پنهنجي سڄي دل سندس اڳيان کولي رکي. جيئن تنهنجي اڳيان کولي رکي اٿم. کيس اُن گيت لاءِ بـ ٻڌايو اٿم. هن مون کي جواب ڏنو، تـ هو اُن جو سڀ ڪوئي بندوبست ڪندو. پر اهو سڀ ڪجهـ پوءِ ٿيندو، فقط ارادي جي پختگي کپي. هي سڀ پيسي جو معاملو آهي، هو ڏهـ هزار روبل پڇڻ وقت ڏيندو ۽ ويهـ هزار روبل آمريڪا لاءِ. هن چيو ٿي تـ ڏهـ هزار روبل خرچ ڪرڻ سان هو ڀاڄ کي شاندار ٻڌائي سگهندو."

"۽ هن توکي هيئن بـ چيو هو، تـ ڪنهن بـ قيمت تي تون مون کي اِها حقيقت نـ ٻڌائيندين؟" اليوشا وري ڪانئس پڇيو.

"هن چيو هو تـ ڪنهن کي بـ نـ ٻڌائج، خاص ڪري توکي. ڪنهن بـ قيمت تي ٻڌائڻو نـ هو. انهيءَ ۾ ڪو بـ شڪ نـ آهي، تـ کيس خوف پئي ٿيو تـ تون منهنجي ضمير وانگر منهنجي سامهون روڪ ٿي بيهندين. مان توکي جو ڪجهـ بـ ٻڌايو آهي، اُن کي نـ ٻڌائج، ڪنهن بـ قيمت تي کيس نـ ٻڌائج.

تون سچ ٿو چوين، اليوشا کيس چيو. مقدمي جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪو بـ فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي. مقدمي جي فيصلي ٿيڻ کان پوءِ، تون پاڻ مرادو اُن جو فيصلو ڪري ڇڏج. اُن کان پوءِ ئي تون پنهنجي اَندر هڪ نئون انسان ڏسندين ۽ اُهو ئي فيصلو ڪندو.

"نئون انسان يا برنارڊ. پر ڪير فيصلو ڪندو؟ برنارڊ! ڇاڪاڻ تہ منهنجو عقيدو آهي. تہ مان خود نفرت جهڙو برنارڊ آهيان." مِتيا سخت ڪڙي نوح ۾ چيو.

پر پاءِ. ڇا توکي اها اميد ٿي ڪا نہ آهي. تون آزاد ٿي ويندين؟

مِتيا ڪلهن کي ڀيڪڙيو ۽ شدت سان متي کي لوڏيو.

"اليوشا عزيز. تنهنجي وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي. هن ڪيس جلديءَ مان چيو. جيل جو سپرنٽينڊنٽ. ميدان ۾ زور سان ڳالهائي رهيو آهي. هو سنئون سڌو. هيڏي ايندو. اسان کي دير ٿي وئي آهي ۽ هيءَ غير رواجي آهي. مون کي جلدي ڀاڪر پاءِ ۽ مون کي چمي ڏي. منهنجي مٿان صليب جي نشاني جوڙ. ڇاڪاڻ تہ مون کي سڀائي صليب تي چڙهڻو آهي."

هنن هڪبئي کي ڀاڪر پاتو ۽ چميون ڏنيون.

"ايون" ۽ اوچتو مِتيا چيو تہ "مون کي ڀڄي وڃڻ جو مشورو ڏنو آهي ۽ سندس اعتقاد آهي تہ مان اُن کي قبول ڪيو آهي."

سندس چپن تي ماتمي مشڪ پکڙجي ويئي.

"تو ڪانئس پڇيو آهي. تہ سندس اِهو اعتقاد آهي." اليوشا ڪانئس پڇيو.

نہ. مان هن کان نہ پڇيو آهي. مان ڪانئس پڇڻ تي گهريو. پر مان ايئن نہ ڪري سگهيس. مون کي همٿ ٿي نہ سگهي. پر مان سندس اکين مان سمجهي ورتو هو. چڱو خدا حافظ! هنن وري بہ تڪڙ ۾ هڪبئي سان ڀاڪر پائي موڪلايو. اليوشا وڃڻ تي هو تہ مِتيا اوچتو ڪيس سڏ ڪيو.

"مون ڏي منهن ڪري بيهہ! هان ايئن." هن وري اليوشا کي ورتو ۽ ٻئي هٿ سندس ڪلهي تي رکيائين. سندس چهرو اوچتو پيلو ٿي ويو ۽ اِهو اونداهيءَ ۾ صاف ٿي ڏٺو. سندس چپ ڀيڪوڙجي ويا. سندس اکيون اليوشا ۾ کپي ويون.

"اليوشا مون کي سچ ٻڌاءِ! پاڻ کي ايئن سمجهہ تہ ڄڻ خدا جي سامهون آهين. ڇا. تنهنجو خيال آهي تہ مان خون ڪيو آهي؟ ڇا. تون ايئن وسهين ٿو. مون کي سچ پچ ٻڌاءِ. ڪوڙ نہ ڳالهاءِ!" هن نااميدي مان رڙ ڪري چيو.

اليوشا جي سامهون. ڄڻ تہ هر شيءِ چڪر ڪاٽيندي نظر آئي. هن ايئن محسوس ڪيو. تہ سندس دل ۾ ڄڻ تہ خنجر هنيو ويو آهي.

"بس ڪر! تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" هو سخت مونجهاري ۽ عجب ۾ پئجي ويو.

"سچ ڳالهاءِ. ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. ڪوڙ نہ ڳالهاءِ" مِتيا وري دهرايو.

"مان هڪ ويرم لاءِ بہ ايئن خيال نہ ڪيو آهي. تہ تون قاتل آهين." اليوشا جو آواز سندس سيني ۾ ڦيهي ويو. هن پنهنجي سڄي هٿ کي هوا ۾ ڪنيو. ڄڻ تہ هو

پنهنجي لفظن تي خدا کي گواهه بڻائي رهيو هو. مِتيا جو سڄو چهرو روحاني خوشيءَ کان ٽهڪي اُٿيو.

"مهرباني". هن آهستگيءَ سان وضاحت ڪندي چيو. هن ٿڌو ساهه کنيو. ڄڻ ته پاڻ کي بيهوشيءَ کان بچائي رهيو هو. "تو مون کي هاڻي ڄڻ ته نئين حياتي ڏني آهي. تون اعتبار ڪندين. مان هن وقت تائين توکان هن سوال پڇڻ لاءِ خوف تي ڪاڏو. ڇگو وڃ. تو مون کي سڀاڻي جي لاءِ همت ڏياري آهي. خدا توکي برڪتون ڏئي. وڃ! ايون کي پيار ڪج!" مِتيا جا هيءَ آخري لفظ هئا.

اليوشا ڳوڙها وهائيندو ٻاهر نڪتو. مِتيا ۾ ايڏي بي اعتباري، سو به منهنجي لاءِ. اليوشا جي لاءِ، هنن سيني ڳالهين اليوشا جي سامهون سندس بدقسمت ڀاءُ جي شڪ ۽ شبهي کان ٻاهر غم جي فراوانيءَ ۽ روح جي نااُميديءَ کي ظاهر ڪري وڌو. سندس دل لامحدود تاثر ۽ رحم جي احساس سان پرجي وئي. سندس تار تار تيل دل ۾ سنهڙو سور اُڀري رهيو هو. هن اوچتو مِتيا جي لفظن کي ياد ڪيو. ته ايون سان محبت ڪج. "هاڻي هو ايون ڏي وڃي رهيو هو ۽ هن، سڄو ڏينهن ايون سان ملڻ جي سخت ضرورت محسوس تي ڪئي. هو ايون لاءِ به ايترو ئي اضطراب ۾ هو، جيترو مِتيا جي لاءِ. هاڻي ته اُن کان به وڌيڪ."

باب پنجون

# تون نہ، تون نہ!

ايون ڏي ويندي، اليوشا کي، ڪيٽرينا ايونونا جي گهر کان گذرڻو پيو، جتي هوءَ رهي ٿي. گهر جي درين مان روشني ٿي آئي. هُو اوچتو بيهي رهيو ۽ فيصلو ڪيائين، تہ اندر گهڙي وڃي. ڪيٽرينا کي ڏٺي، ڪيس هفتي کان وڌيڪ وقت گذريو هو. ڪيس اُن وقت هيءُ بہ خيال آيو، تہ ايون ضرور اُتي هوندو. سوئي اهڙي خطرناڪ ڏينهن جي شام جو گهنڊڻي وڄائڻ کان پوءِ، هو ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو، جنهن ۾ جهڪي روشني سان هڪ چيني شمعدان ٻري رهيو هو. هن ڏٺو تہ هڪ ماڻهو هيٺ لهندو پئي آيو. جڏهن هو پاڻ ۾ مليا، تہ هن سڃاتو تہ هيءُ سندس ڀاءُ هو. هو ڪيٽرينا ايونونا وٽان اچي رهيو هو.

"اڙي تون آهين؟" ايون خشڪ لهجي ۾ ڪيس چيو. "چڱو خدا حافظ! تون هن ڏي وڃي رهيو آهين؟"

"هائو!"

"مان جيڪر توکي صلاح ڏيان، تہ هن ڏي نہ وڃ." هوءَ پريشان آهي ۽ تون وڌيڪ کيس پريشان ڪندين. اُن وقت دروازو مٿي کليو ۽ اوچتو آواز آيو تہ:

"نہ، نہ اليڪسي فيودورپاولووچ، تون اُن وٽان ئي ٿو اچين؟"

"هائو، مان اُن سان گڏ هوس."

"ڇا هن منهنجي لاءِ ڪو نياپو ڏنو آهي؟ اليوشا مٿي اَچ ۽ تون بہ ايون فيودورپاولووچ موٽي اَچ. ڇا تون ٻڌين نہ ٿو."

ڪٽيا جي آواز ۾ تحڪماڻو لهجو هو، جنهن ڪري ايون ٿوري وقت جي پس و پيش کان پوءِ، اليوشا سان گڏ، موٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هوءَ شايد ٻڌندي ٿي رهي، هُن غصي مان پاڻ سان پڻ پڻ ڪندي چيو، پر اليوشا ڪيس ٻڌو. ملاقات جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي، ايون چيو، تہ "مون کي وڏي ڪوٽ جي پهرڻ لاءِ معاف ڪيو وڃي. مان ڪونہ ويهندس ۽ هڪ منٽ کان مٿي نہ ترسندس."

اليڪسي فيودورپاولووچ ويهہ. ڪيٽرينا ايونونا ڪيس چيو. جيتوڻيڪ هوءَ پاڻ بيٺي هئي. سندس جسم ۾، هن وقت اندر، ٿوري تبديلي ٿي ڏٺي، پر سندس ڪارين اکين مان خوفناڪ روشني ٿي ڏٺي. اليوشا کي پوءِ ياد ٿي آيو، تہ اُن وقت هوءَ حسين ٿي لڳي ۽ ڪيس پنهنجي سونهن سان متاثر ڪيو هئائين.

"هن توکي ڇا چيو هو، تہ مون کي ٻڌائين؟"

”فقط هڪ شيءِ“ اليوشا ڪيس چيو. هُن سندس چهري ۾ سڌيءَ ريت نهاريو. ”اهو ته مقدمي ۾ تون اهو نه ٻڌائين (هُو ڪجهه منجهي ويو)..... جو ڪجهه ماضي ۾ اوهان جي وچ ۾ گذريو آهي..... اُن وقت، جڏهن اوهان جي شهر ۾ پهرئين واقفيت ٿي هئي.......؟“

”اڙي اهو ته مان پيسي جي لاءِ زمين تي نوڙي هيس؟“ هو کلڻ لڳي. ”ڇو ڪيس منهنجي لاءِ خوف ٿو ٿئي يا پنهنجي لاءِ؟ هو مون کي ڇوي ٿو، ته مان ڪيس ڇڏي ڏيان. پر ڪنهن کي؟ هن کي يا پاڻ کي. اليڪزي فيودورپاولووچ، مون کي ٻڌاءِ. اليڪزي فيودورپاولووچ!“ اليوشا ڪيس ارادتاً جاچيندو رهيو ۽ ڪوشش ڪري رهيو هو، ته ڪيس سمجهي سگهي.

”اوهان ٻئي. هو به ۽ تون به.“ هن ڪيس جواب ڏنو.

”مان ٻڌي خوش ٿي آهيان.“ هن بدنيتي سان ڳالهه کي ڪٽيندي چيو. هوءَ اوچتو ڳاڙهي ٿي وئي.

”اليڪزي فيودورپاولووچ، تون اڃا مون کي سڃاڻي نه سگهيو آهين.“ هن نفرت مان چيو. ”مان، پاڻ کي به اڃا سڃاڻي نه سگهي آهيان. شايد تون چاهين ٿو، ته سڃاڻي منهنجي پڇا کان پوءِ تون مون کي پيرن ۾ مهٽي ڇڏيندين.“

”تون پنهنجي شاهدي عزت سان ڏيندين.“ اليوشا ڪيس چيو. ”اهوئي سڀ ڪجهه آهي، جو ڪپي ٿو.“

”زالون اڪثر بي ايمان ٿين ٿيون.“ هو پيچ تاب کائي اُٿي. ”مون کي ڪلاڪ کن ٿيو، جو مان خيال ڪندي ٿي رهيس. اُن خوفناڪ بلا کي ڇُهندي مون کي خوف پئي ٿيو.... ڇڻ ته هو نانگ هو.... پر اُن هوندي به هو مون لاءِ انسان آهي. پر ڇا هُن اهو خون ڪيو آهي؟“ هن اوچتو جنون جي حالت ۾ رڙ ڪري چيو ۽ جلدي مان ايون ڏي رخ ڪيائين.

اليوشا هڪدم ڏٺو ته هن ايون کان اهو سوال اڳ به پڇيو هوندو ۽ هو ٿوري گهڙي اڳ ۾ آيو هو. اهو سوال هڪ ڀيرو نه، پر سؤ دفعا اڳ ۾ پڇيو ويو هو ۽ آخر جهيڙي سان ئي پورو ٿيو هو.

”مان سميرڊياڪوف ڏي به وئي هيس..... اهو تون هئين، جنهن مون کي راغب ڪيو هو، ته هن ئي پنهنجي پيءُ کي قتل ڪيو آهي. مان سمجهان ٿي، ته اهو تون ئي هئين.“ هو ايون سان مخاطب ٿي مسلسل ڳالهائيندي رهي. ايون نفرت سان مشڪندي ڪيس ڏٺو. اليوشا هن کي اهڙي ريت ڏسي ڇرڪ پريو. اهڙي قربت ۾ ويجهڙائي لاءِ ڪيس ڪو به وهم ۽ گمان نه هو.

"نيڪ آهي، ڪيئن بہ هجي، اهو ڪافي آهي." ايون گفتگوءَ ڪي مختصر ڪندي چيو. "مان وڃان ٿو ۽ سڀاڻي ايندس." هو هڪدم ڦريو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو ۽ سڌو ڏاڪڻ ڏي هليو ويو.

ڪيٽرينا ايونونا، تحڪماڻي اشاري سان اليوشا جي ٻنهي هٿن کي جهليو ۽ چيو تہ "هن جي پوئتان وڃ ۽ ڪيس وٺ. هن کي ٿوري وقت لاءِ اڪيلو نہ ڇڏ." هوءَ تڪڙ ۾ چوندي وئي. "هو چريو ٿي پيو آهي. توکي خبر نہ آهي، تہ هو چريو ٿي پيو آهي؟ هو بخار ۾ آهي ۽ مون کي ڊاڪٽر ايئن ٻڌايو آهي. وڃ، سندس پويان ڊوڙ...."
اليوشا ٽپو ڏنو ۽ ايون جي پوئتان ڊوڙيو. هو ڪانئس پنجاهہ قدم کن اڳ ۾ هو....؟
"توکي ڇا گهرجي؟ هو تيزيءَ سان اليوشا ڏي مڙيو. هن ڏنو ٿي تہ هو ڊوڙندو وٽس آيو هو. "هن ئي توکي چيو آهي، تہ مون کي پڪڙي وٺ. ڇاڪاڻ تہ مان چريو آهيان. مون کي پوري پوري يادگيري آهي." هن غصي مان چيو. "هن کان بيشڪ غلطي ٿي آهي، پر هن ۾ هو صحيح آهي، تہ تون بيمار آهين." اليوشا کيس چيو. "مان تنهنجي منهن ۾ هاڻي نهاري رهيو هوس ۽ تون بيمار پيئي نظر آئين ايون." ايون ترسڻ کان سواءِ هلندو رهيو. اليوشا سندس پوئتان هو.

"اليڪزي فيودورپاولووچ، توکي خبر آهي، تہ ماڻهو ڪهڙي ريت هوش کان نڪري ويندا آهن؟" ايون ڪانئس پنهنجي پُرسڪون آواز ۾ پڇيو، جنهن ۾ جوش جو ڪو بہ نشان نہ هو. فقط سادگي واري حيرت پيئي ظاهر ٿي.

"نہ، مون کي خبر نہ آهي. مان خيال ڪريان ٿو، تہ جنون جا گهڻائي قسم آهن."

"ڇا، ماڻهوءَ کي اها خبر پوي ٿي، تہ هو چريو ٿي پيو آهي؟"

اليوشا کيس جواب ڏنو، تہ "منهنجو خيال آهي تہ ماڻهو، اُن کان پاڻ واقف نہ ٿو ٿئي." ايون هڪ منٽ لاءِ خاموش ٿي ويو.

"جيڪڏهن تون مون سان ڳالهائڻ گهرين ٿو، تہ مضمون کي بدلاءِ:" هن اوچتو اليوشا کي چيو.

"مان جيستائين اُن لاءِ خيال ڪريان. مون وٽ تنهنجي لاءِ هڪ خط آهي." اليوشا هبڪندي چيو. هن لزي جو خط کيسي مان ڪڍيو ۽ ايون کي ڏنو. هو هاڻي هڪ فانوس جي ٿنڀي جي هيٺان هئا. ايون هڪدم اکرن کي سڃاتو.

"مان، ان ننڍڙي شيطان کان!" هو نفرت مان کليو ۽ لفافي کي کولڻ کان سواءِ هن اُن کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦٽي ڪيو. خط جا ذرڙا هوا ۾ واءُ وڪر ٿي ويا.

"هوءَ اڃا سورنهن ورهين جي نہ آهي. منهنجي خيال ۾ تہ اهو آهي. پر هوءَ اڳ ۾ ئي پاڻ کي پيش ڪري رهي آهي." هو نفرت سان ايئن چوندو، ڊگها قدم کڻندو وري گهٽيءَ مان هلڻ لڳو.

"پنهنجي پيش ڪرڻ ڪان تنهنجو ڇا مطلب آهي؟" اليوشا ڪاڻس پڇيو.

جيئن من موجي عورتون پاڻ کي پيش ڪنديون آهن. توکي هيءُ يقين هئڻ گهرجي.

"اهو ڪيئن؟ ايون. اهو ڪيئن؟ تون ايئن ڪيئن ٿو چوين؟" اليوشا ڏک ڀري آواز سان گرمجوشيءَ مان چيو. "هوءَ تہ ٻار آهي ۽ تون ٻار جي بي عزتي ڪري رهيو آهين ۽ هوءَ بيمار بہ آهي. هوءَ جنون جي حد تي آهي.... مان تہ اها ئي اميد ڪئي تہ توکان اُن جي لاءِ ڪجهہ ٻڌندس.... جا حقيقت ڪيس بچائي وٺندي."

"تون. مون ڪان ڪجهہ بہ نہ ٻُڌندين. جيڪڏهن هوءَ ٻار آهي تہ مان ان جي دائي تہ نہ آهيان. خاموش رهہ اليڪزي اُن جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڳالهاءِ. مان تہ اُن جي لاءِ خيال بہ نہ ٿو ڪري سگهان."

هُو گهڙي لاءِ خاموش ٿي ويا.

"هوءَ هاڻي سڄي رات خدا ڪان دعائون گهرندي رهندي، تہ ڪيس سڀاڻي مقدمي جي لاءِ صحيح راهہ ڏيکاري."

هن تيزيءَ مان ۽ غصي ۾ چيو.

"تنهنجو مطلب ڪيٽرينا ايونونا ڪان آهي"

"هائو." يا. تہ هو مِتيا کي بچائيندي يا برباد ڪري ڇڏيندي. هوءَ سڄي رات انهيءَ لاءِ تہ دعائون گهرندي رهندي. هوءَ پاڻ ڪنهن بہ ڳالهہ تي دل ٻڌي نہ ٿي سگهي. وقت نہ هئڻ سبب هن پنهنجو ڪو بہ فيصلو نہ ڪيو آهي. هوءَ بہ مون کي دائي طور ڪم آڻڻ تي گهري ۽ چاهي ٿي تہ مان وٽس آرام ڏيندڙ گيت ڳايان."

"ڪيٽرينا توسان محبت ٿي ڪري ڀاءُ!" اليوشا غمزده لهجي ۾ چيو.

"شايد. پر مان اُن ۾ ڪا گهڻي دلچسپي نہ ٿو رکان. هُوءَ تڪليف ۾ آهي. تون هن کي ڇو ٿو..... ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌائين ٿو. جنهن مان هوءَ اميد ڪَيندي رهي ٿي." اليوشا. بي همتي ڏيکارڻ بنا ڳالهائيندو ويو.

"توکي خبر آهي. تہ تون ڪيس اميد ڏيکاريندو آهين." هن ڪيس وڏيڪ چيو. تہ "مون کي معاف ڪر. جو مان اهڙي ريت توسان ڳالهائيندو رهيو آهيان."

"مان منجهس ايترو اعتبار ٿو رکان. جو رکڻ گهرجي.... مان ڪيس ڇني ڇڏيندس ۽ صاف ٻڌائي ڇڏيندس." ايون جوش مان چيو. "مان ايستائين ترسندس. جيستائين خوني جي فتويٰ صادر ٿئي. جيڪڏهن مان هاڻي ساڻس ڇني ڇڏيندس تہ هوءَ سڀاڻي هن بدمعاش جي مقدمي ۾ مون کان بدلو وٺي ڇڏيندي ۽ مون کي برباد ڪندي. هو ڪيس ڌڪاري ٿو ۽ هوءَ ڄاڻي ٿي تہ سندس ڌڪار بابت مون کي خبر آهي. هي سڀ ڪوڙ آهي ۽ ڪوڙ جي مٿان ڪوڙ! جيستائين مان ساڻس نہ ڇنو آهي،

هوءَ اُميد رکيو ايندي ۽ ان بلا کي برباد نہ ڪندي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ ڄاڻي ٿي تہ مان چاهيان ٿو تہ ڪيس ان تڪليف کان ٻاهر آڻجي. فقط هوءَ منحوس فتوي، ٻاهر اچي.

"خوني ۽ بلا" جا لفظ. اليوشا جي دل ۾ ڏک ڀريو پڙاڏو پيدا ڪندا رهيا.

"پر هوءَ ڪيئن مِتيا کي برباد ڪندي؟" هن ايون جي لفظن تي غور ڪندي، ڪائنس پڇيو. هو، ڪهڙي شاهدي ڏيندي، جنهن مان مِتيا جي بربادي ٿيندي. "توکي اڃا اُن جي خبر نہ آهي. سندس هٿن ۾ هڪ دستاويز آهي، جو مِتيا جي هٿ اکرن ۾ آهي، جنهن مان آخر هيءَ ثابت ٿئي ٿو تہ هن فيودور پاولووچ کي خون ڪيو آهي."

"هيءَ ناشدني آهي." اليوشا واڪو ڪري چيو. "ڇا اِها اَڻ ٿيڻي آهي؟ مان اُن کي پاڻ پڙهيو آهي. اِهو اِهڙو دستاويز ٿي نہ ٿو سگهي! اليوشا وري گرمجوشيءَ سان گهرايو. اِهو ٿي نہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ هو خوني آهي ئي ڪونہ. هن پيءُ کي خون ڪونہ ڪيو آهي." ايون اوچتو خاموش ٿي ويو.

"تڏهن خوني ڪير آهي! ۽ تنهنجي ان بابت ڪهڙي راءِ آهي؟" هن ڪائنس سرد مهريءَ مان پڇيو. سندس آواز ۾ حقارت آميز تاثر هو. "تون ڄاڻين ٿو ڪير آهي؟" اليوشا آهستي، پر دل ۾ گهرندڙ آواز سان چيو.

"ڪير؟ تنهنجو مطلب هُن جنوني بيوقوف جي خرافات مان آهي. هو مرگهي ورتل سميردياڪوف؟"

"نہ. ايون، تو پاڻ ڪيئي ڀيرا ايئن چيو آهي تہ تون خوني آهين."

پر مان ايئن ڪڏهن چيو هو؟ مان تہ ماسڪو ۾ هيس.... مان ايئن ڪڏهن چيو هو. ايون هبڪڻ لڳو.

اليوشا اوچتو محسوس ڪيو تہ هو ڏکي رهيو آهي.

"توکي اُن جي خبر آهي. هن کان بي اختيار نڪري ويو. هو مشڪل سان ساهہ کڻي سگهيو. ڪير، ڪير؟ ايون خوفناڪ نموني رڙ ڪري چيو. سندس هواس خطا ٿي ويا.

"مون کي فقط هڪڙي شيءِ جي خبر آهي." اليوشا اَڃا بہ نهايت آهستي ڳالهائيندي ٿي ويو. اِهو تون تہ نہ هئين جنهن پيءُ کي ماريو آهي. "اِهو تون تہ نہ هئين. تنهنجو اِنهيءَ مان ڇا مطلب آهي تہ اِهو تون تہ نہ هئين؟" ايون سخت حيران ٿي ويو. اَڌ منٽ لاءِ خاموشي ٿي وئي.

"نہ. مان ڄاڻان ٿو تہ مان ايئن نہ ڪيو. توکي وهم تہ نہ ٿيو آهي." هو ٺٺوڪو ۽ منجهيل مشڪڻ لڳو. سندس اکيون اليوشا ۾ کپي ويون. هو وري بہ هڪ فانوس جي ٿنڀي جي هينان بيٺا هئا.

”نہ، ايون، تو پاڻ ڪيئي ڀيرا ايئن چيو آهي، هنن ٻن خطرناڪ مهينن ۾ جڏهن تون اڪيلو رهيو آهين تہ ايئن چوندو رهيو آهين. اليوشا هاڻي بہ اڳي وانگر پوري نرميءَ سان چوندو رهيو. پر اُن هوندي بہ هو هاڻي ايئن ڳالهائي رهيو هو، ڄڻ تہ هو پاڻ مرادو نہ ڳالهائي رهيو، نہ وري پنهنجي مرضيءَ سان، پر ڪنهن زبردست قوت جي حڪم هيٺ آهي.“ تو پاڻ کي جوابدار نهرايو آهي ۽ پاڻ قبوليت ڏني آهي، تہ تون قاتل آهين ۽ نہ ڪو ٻيو. پر تو اهو ڪم نہ ڪيو آهي. تون غلط آهين. تون ٻڌين ٿو؟ تون نہ آهين. خدا مون کي توڏي موڪليو آهي تہ مان توکي ٻڌايان. هو ٻئي خاموش هئا. هيءَ خاموشي سڄي منٽ لاءِ هلي. هو ٻئي چپ بيٺا هئا ۽ هڪٻئي جي اکين کي گهوري رهيا هئا. ٻئي زرد ٿي ويا هئا. اوچتو ايون مٿي کان وٺي پيرن تائين ڏڪڻ لڳو ۽ اليوشا جي ڪلهن کي چنبڙي پيو.

”تون منهنجي ڪمري ۾ هئين!“ گلوگير آواز ۾ پڙڪندي چيائين. ”تون رات جو اُتي هئين، جڏهن هو آيو هو..... اقرار ڪر.... تو ڪيس اُتي ڏٺو هو. ڏٺو بہ هو.“

”تنهنجو ڇا مطلب آهي؟ مِتيا.“ اليوشا منجهندي ڪانئس پڇيو هو.

”هن کي نہ. ڪڏ ۾ وجهہ هن بلا کي.“ ايون جنون سان رڙ ڪندي چيو. ”توکي خبر آهي، تہ هو مون کي ڏسڻ لاءِ اچي ٿو. تو هن نقطي کي ڪيئن معلوم ڪيو.“ اليوشا جو سخت حيران ٿي ويو هو. چوڻ لڳو تہ ”هو ڪير آهي؟ مون کي ڪهڙي خبر آهي تہ تون ڪنهن سان محبت ٿو ڪرين.“

”خير! توکي خبر آهي..... جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها، تہ تون ايئن ڪيئن چوين ها.... اهو ناممڪن آهي. تہ توکي اُن جي خبر نہ هجي.“ هن اوچتو پاڻ سنڀالي ورتو ۽ فڪر ۾ پئجي ويو. سندس مشڪڻ، سندس چپن کي عجيب طرح سان پڪوڙي ڇڏيو.

”ياءِ!“ اليوشا ڏڪندڙ آواز ۾ کيس چيو. ”مان توکي جو ڪجهہ چيو آهي، اهو ان لاءِ بہ تہ توکي منهنجي ڳالهہ تي اعتبار آهي. ۽ مان اُن کي ڄاڻان ٿو ۽ مان توکي هڪ ڀيرو هميشہ لاءِ چئي ڇڏيو آهي، تہ تون مجرم نہ آهين. تون اها ڳالهہ هميشہ لاءِ ٻڌي ڇڏ. خدا تعاليٰ منهنجي دل ۾ وڌو آهي، تہ مان توکي ايئن چوان. پوءِ ڇو نہ تون مون کي هن گهڙيءَ کان پوءِ ڌڪاريندو رهين.“ پر هاڻي ايون چڱي ريت ضابطو حاصل ڪري ورتو هو.

”اليڪزي فيودورپاولووچ“ هن چيو. مان ڪنهن ريت پيش گوئي ڪندڙن ۽ مرگهي وارن کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهان. خاص ڪري خدا جي طرفان موڪليل قاصدن کي. تون هن ڳالهہ کي چڱي ريت ڄاڻين بہ ٿو. مان هن گهڙيءَ توکان سيئي تعلقات ٽوڙي ڇڏيان. خاص طرح سڄي حياتيءَ لاءِ مان توکي عرض ڪندس تہ موڙ

وٽ مون کان جدا ٿي وڃ. اُتان ٿي تنهنجي گهر ڏي بہ رستو آهي. توکي خاص طرح خبردار ٿيڻ گهرجي، تہ اڄ مون ڏي نہ اَچ. تون ٻڌين ٿو؟"

هو ڦِريو ۽ مضبوط قدمن سان گهمندو ويو ۽ وري پوئتي نہ نهاريائين.

"ڀاءُ!" اليوشا کيس پويان سڏ ڪري چيو، "جيڪڏهن اڄ توسان ڪجهہ ٿي پوي تہ تون ڪنهن ٻي سان ملڻ کان اڳ ۾ مون سان اَچي ملج."

پر ايون ڪو بہ جواب نہ ڏنو. اليوشا فانوس جي ٿنڀي جي هيٺيان بيٺو رهيو، ايستائين جو ايون اونداهيءَ ۾ سندس نظر کان غائب ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هو آهستي آهستي پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. ٻئي اليوشا ۽ ايون مسواڙي جاين ۾ ٿي رهيا. هنن مان ڪو بہ فيودورپاولووچ جي خالي گهر ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ هو. اليوشا کي هڪ سجايل ڪمرو. ڪن مزدورن جي گهر ۾ مليو هو. ايون اُن کان ڪجهہ فاصلي تي ٿي رهيو. هن هڪ ڪمري واري چڱي ۽ آسودگي واري جاءِ ورتي هئي، جا هڪ چڱي گهر جو حصو هئي ۽ هڪ عزت واريءَ خاتون جي ملڪيت هئي، جا هڪ آفيسر جي بيواهہ هئي. پر سندس خدمتگار ٻوڙو، سنڌن جي سور جو مريض ۽ پوڙهو ماڻهو هو. جو هر شام جو ڇهين بجي وڃي سمهندو هو ۽ وري صبح سان ڇهين بجي جاڳندو هو. ايون سندس آرام ۽ آسائش کان بيزار ٿي پيو هو ۽ اڪيلائي پسند ڪندو هو. جنهن ڪوٺيءَ ۾ رهندو هو، اُن ۾ هن پنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ آڻي وڌو هو ۽ گهر جي ٻين ڪمرن ۾ ورلي ويندو هو.

هو جڏهن گهر جي دروازي تي پهتو، تڏهن گهنڊ تي هٿ رکيائين، پر اوچتو اُن کي وڄائڻ بند ڪيائين. هن محسوس ڪيو تہ هو مٿي کان وٺي، پيرن تائين ڪاوڙ ۾ ڏڪي رهيو آهي. هن گهنڊ کي ڇڏيو ۽ اُن کي بددعا ڏيندي پوئتي موٽيو ۽ تکڙا تکڙا قدم کڻندو، ٻي رخ ڏانهن هليو ويو. هو ڏيڍ ميل کن پنڌ ڪندو هڪ ننڍڙي متاهينءَ واري ڪاٺيءَ جي گهر وٽ پهتو جا جهوپڙي وانگر هئي، جتي ماريا ڪاندريٽيونا ۽ اُها پاڙيسرڻ ٿي رهي. جا فيودور پاولووچ جي رڌڻي ۾ ڪاڏي لاءِ ايندي هئي ۽ جنهن وٽ هڪ ڀيري سميردياڪوف تنبوري تي ڪي راڳ ڳايا هئا. هن پنهنجي اڳئين ننڍڙي گهر کي وڪڻي ڇڏيو هو. هاڻي هني ماءُ سان گڏ ٿي رهي. سميرديا ڪوف، جو بيمار هو ۽ قريب المرگ فيودور پاولووچ جي موت کان پوءِ وٽن ٿي رهيو. هن ڏي ئي ايون فيودورپاولووچ ٿي ويو ۽ اِهو هن جي اوچتي تاثر ۽ ڪُمهلي فڪر جو نتيجو هو.

❋

باب ڇهون

# سميرڊياڪوف سان ٽيين ملاقات

ماسڪو کان موٽڻ بعد هيءُ ٽيون ڀيرو هو، جو ايون، سميرڊياڪوف جي ملاقات لاءِ ٿي ويو. پهريون ڀيرو هو ساڻس اُن وقت مليو هو، جنهن وقت هو اُتي پهتو هو ۽ سندس اهو پهريون ڏينهن هو. ٻه هفتا پوءِ، هُن وري ساڻس ملاقات ڪئي هئي پر ٻي ملاقات کان پوءِ سندس ملاقاتون مهيني کن کان بند هيون ۽ هن مشڪل سان ڪجهه هن لاءِ ٻڌو هو.

ايون پيءُ جي موت کان پنج ڏينهن پوءِ پهتو هو، ۽ هُو پنهنجي پيءُ جي دفنائڻ وقت حاضر نه هو، جو ته هيءَ رسم، سندس پهچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ پوري ٿي چڪي هئي. سندس دير سان پهچڻ جو سبب اِهو هو، جو اليوشا کي سندس ماسڪو جي ائڊريس معلوم نه هئي. هن ڪيٽرينا ايونونا کي عرض ڪيو ته هو اُن ڏانهن تار موڪلي ڏي. جيئن ته هن کي به سندس ائڊريس معلوم نه هئي، هن پنهنجي ڀيڻ ۽ پڦي کي زوردار نموني سان لکي موڪليو ته ايون سان جيتري قدر جلد ٿي سگهي ماسڪو ۾ ساڻس ملن. پر هو پنهنجي پهچڻ کان پوءِ به چئن ڏينهن تائين ساڻس نه ملي سگهيو هو، جڏهن ڪيس تار ملي ته هو نهايت تڪڙو اسان جي شهر ڏي موٽيو. پهريائين جو ساڻس مليو، سو اليوشا هو ۽ ايون کي هيءُ ڏسي حيرت ٿي ته شهر جي عام راءِ خلاف هن مِتيا ۾ شڪ ڏيکارڻ جي مخالفت ڪئي. هن ڪليل طور تي سميرڊياڪوف کي قاتل چيو. اُن کان پوءِ پوليس ڪپتان، جاچ ڪندڙ عملدار ۽ مقدمي جي نوعيت ۽ گرفتاري کي ٻڌڻ کان پوءِ، هو اليوشا تي وڌيڪ عجب کائڻ لڳو ۽ سندس راءِ کي مبالغہ آميز ۽ مِتيا سان غير معمولي برادراڻي احساس ۽ سلوڪ جو نتيجو سمجهيو. ڇاڪاڻ ته ايون سمجهيو ٿي ته اليوشا کي مِتيا سان محبت آهي.

اڻ سڌيءَ طرح مان هتي ٻه ٽي لفظ، ايون جي احساس بابت چوندس. جو دمتري جي لاءِ ڪيس هو. ها، يقيناً ڪيس ناپسند ڪندو هو. وڌيڪ ڪڏهن ڪڏهن، مٿس رحم به ڪائيندو هو. اُن هوندي بہ ڪيس اُن لاءِ بيحد نفرت هئي جا ڪراهت جي حد تائين هئي، مِتيا. جي سڄي شخصيت، توڙي جو سندس ٻاهريون ڏيک ويک، پوريءَ ريت اُن جي لاءِ جاذب نه هو. ايون ڪيٽرينا ايونونا جي محبت کي، جا سندس پاءُ سان هئي، ناپسنديدگيءَ سان ڏسندو هو. اُن هوندي به هو پهرئين ڏينهن پهچندي ئي مِتيا سان ملڻ لاءِ ويو. پهرئين ڏينهن جي ملاقات ۾ ئي سندس خيال وڌيڪ مضبوط ٿي ويو. هن پنهنجي پاءُ کي جوش ۽ جنوني حالت ۾ ڏٺو. مِتيا گهڻ ڳالهائو بڻجي ويو

هو. پر خالي دل هو ۽ پريشان خيال. هن سميرڊياڪوف جي خلاف بدزباني تي ڪئي ۽ ڪيس مجرم تي سمجهيو ۽ نهايت خطرناڪ نموني سان مونجهاري ۾ هو. هن خاص طرح ٽي هزار روبل جي لاءِ تي ڳالهايو. جي سندس راءِ موجب هن سندس پيءُ جا چورايا هئا. "اها رقم منهنجي هئي. اها رقم منهنجي ئي مستيا دهرائيندو رهيو."

"جيڪڏهن هو اها ڪوشش به ڪري ها ته حقيقت سندس فائدي ۾ وڃي ته به اها سڄي بي سود ۽ بيڪار بڻجي ها. سندس هيءَ مشڪل سان خواهش هئي ته پنهنجي بچاءَ ڪي ايون يا بين وٽ پيش ڪري. اُن جي خلاف مٿس جي تهمتون رکيون ويون هيون. اُن بابت غصي ۾ هو ۽ انهن ڪي نفرت سان تي ڏنائين. هو مسلسل جوش ۾ هو ۽ گاريون ڏيندو ۽ بدشد ڳالهائيندو تي رهيو. گريگري جي هن ثابتي تي دروازو کنهن کوليو هو ۽ هن چيو ته هيءُ ڪم سندس ئي هو. اُن تي کلندو تي رهيو. پر هو اُن بابت ڪا واضح صفائي پيش ڪري نه سگهيو. هو پهرين ملاقات ۾، ايون جي بي عزتي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. هن ڪيس نهايت تيز لفظن ۾ ٻڌايو هو. ته اهو ماڻهو جو ڪم نه آهي ته هو ظاهر ڪندا وتن ته هيءُ سڀ ڪجهه قانون موجب آهي ۽ مٿس شڪ آڻيندا رهن ۽ ڪانئس سوال ڪندا رهن. ڪيئن به هجي، هو ڪجهه به هو. پر اُن وقت ايون سان سندس رويو دوستاڻو تي ڏنو. هن ملاقات کان پوءِ جلد ئي ايون پهريون ڀيرو سميرڊياڪوف سان ملڻ لاءِ ويو."

ماسڪو کان ايندي ريل گاڏيءَ ۾، هو سميرڊياڪوف جي آخري گفتگوءَ تي جا شام جو ساڻس ڪئي ويئي هئي، غور ڪندو رهيو. ڪيترين شين ڪيس ڳجهارت وانگر ۽ شڪي نظر آيون. پر جڏهن هن پنهنجو بيان جاچ ڪندڙ عملدار وٽ ڏنو، ته ايون اُن وقت جي گفتگوءَ بابت ڪجهه به نه چيو هو. هن حقيقت ڪي سميرڊياڪوف جي ملاقات تائين پوئتي اُڇلايو جو اُن وقت اسپتال ۾ هو.

ڊاڪٽر هرزينسٽيوب ۽ واراوزنسڪي، جنهن سان به هو اسپتال ۾ مليو. اُن ايون جي متاثر ڪندڙ سوال جي جواب ۾ ڪيس يقين تي ڏيارو، ته سميرڊياڪوف جي مٽان مرگهي جو حملو بنا ڪنهن غلطي جي سخت هو. هو ايون جي هن سوال تي سڄ پچ حيران پئي ٿيا. ته ايئن ته نه آهي ته اُن حادثي واري ڏينهن، هن پاڻ کي بيمار بڻايو هجي. اُن لاءِ هنن هيءَ وضاحت تي ڏني ته هيءُ دورو نهايت سخت هو ۽ ڪيترائي ڏينهن هليو هو. بيمار جي حياتي خطري ۾ اچي چڪي هئي. اُن کان پوءِ ئي جو علاج عمل ۾ آيو هو. ايئن چيو تي ويو، ته سميرڊياڪوف هن بيماريءَ کان سلامت نڪري ويندو. ڊاڪٽر هرزينسٽيوب وڌيڪ هيءُ به چيو، ته هن علاج جي ڪري هو چڱي وقت تائين تندرست رهي، پر هيءُ هميشه لاءِ نه سمجهڻ گهرجي. بي صبريءَ سان ايون جي

هن سوال تي تہ ڇا هو اجا بہ پاڳل آهي؟ هيئن ڪيس ٻڌايو تہ بيمار جي اجا تہ اهڙي حالت ڪانہ آهي، پر اِهڙي غير معمولي حالت تي بہ هو پهچي سگهي ٿو. ايون فيصلو ڪيو، تہ هو معلوم ڪندو تہ اِهي غير معمولي حالتون ڪهڙيون آهن؟

اسپتال ۾ ڪيس هڪدم مريض کي ڏسڻ جي اجازت ملي وئي. سميرڊياڪوف اسپتال جي هڪ الڳ حصي ۾ عاجزيءَ سان بستري تي ليٽيو پيو هو، جنهن ۾ شهر جو هڪ واپاري ليٽيل هو. سندس پيٽ سڄيل هو ۽ جلندر جو مريض ٿي ڏنو. هو قطعي مرٽينگ حالت ۾ هو ۽ سندن گفتگو ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ هئي. سميرڊياڪوف جي منهن ۾ ايون کي ڏسندي گهنج پئجي ويا ۽ پهرئين نگاهہ ۾ هوش ڇڏي ويس. اهو ڏسي ايون کي عجب لڳو، پر هيءُ سڀ ڪجهہ هڪ گهڙيءَ ۾ گذري ويو. باقي وقت ۾ سميرڊياڪوف جي اطمينان مٿس وڏو اثر ڪيو. پهرئين نگاهہ ۾ ايون ڏنو تہ هو واقعي بيمار آهي. هو نهايت ضعيف هو. هن نهايت هوريان ٿي ڳالهايو، ڇڻ معلوم پئي ٿيو تہ هو نهايت ڏکيائي مان پنهنجي زبان کي ڦيرائي رهيو آهي. هو گهڻو هلڪو ۽ سنهو ٿي ويو هو. سڄي ملاقات جي دوران، جا ويهہ منٽ کن هلي، هن مٿي جي سور ۽ سيني عضون جي سور جي شڪايت ٿي ڪئي. سندس سنهڙو ۽ خشڪ چهرو نهايت سُسيل ۽ ننڍڙو ٿي ڏنو. سندس وار منجهيل ۽ ڏنگا ۽ زلف ڳنڍين جي صورت ۾ اُڀا هئا. پر سندس کٻي اک، جا بدمست ٿي ڏني، ڪنهن شيءِ ڏي اشارو ڪري رهي هئي ۽ سميرڊياڪوف نهايت سور ڏيڻ واري تڪليف سان بستري کي ٻاٽ ڏي بدلايو. پر هن ڳالهائڻ ۾ ڪا بہ اڳرائي نہ ڪئي. هو بلڪل ٻوڙو ٻڌجي ويو ۽ منجهس ڪا بہ دلچسپي نظر نہ ٿي آئي.

تون مون سان ڳالهائي سگهندين؟ ايون کانئس پڇيو. مان توکي گهڻو وقت نہ تڪائيندس.

”هائو! مان ڳالهائي سگهندس.“ هن ضعيف آواز ۾ جواب ڏنو. ”ڇا توهان گهڻي وقت کان تشريف فرما ٿيا آهيو؟“ هن مربياڻي نموني ۾ چيو، ڇڻ تہ پنهنجي مضبوط الحواس ملاقاتيءَ کي همٿ ڏياري رهيو هو.

”مان اڄ ئي آيو آهيان...... مان توکي هتي ڏسي حيرت ۾ آهيان؟“

سميرڊياڪوف ٿڌو ساهہ کنيو. ”تون ٿڌو ساهہ ٿو کڻين؟ تو تہ هن واقعي کي گهڻو اڳ ۾ ڄاتو ٿي.“ ايون چوٽ ۾ چئي وينو.

سميرڊياڪوف وري ٿوري وقت لاءِ ٻي حسيءَ جي حالت ۾ خاموش ٿي ويو. اِهو ڪيئن پئي ٿي سگهيو، تہ مان پيش قدمي ڪريان. اِهو اڳ ۾ ظاهر هو. پر ائين ڪيئن چئي سگهان تہ حالتون اِهڙي ريت ٻڌجي وينديون؟ ڪهڙيون حالتون ائين ٻڌجي

ويندين؟ هيءَ حرفت بازي نہ ڏيکار. زير زميني ڪمري ڏي. ويندي، تو ايئن نہ چيو هو تہ توکان پري ٿيندو؟ تون چاٿين ٿو ۽ تو انهيءَ جاءِ تي ايئن چيو هو!"

"تو پنهنجي بچاءَ ۾ اَجا تائين ايئن تہ نہ چيو آهي؟" سميرڊياڪوف جو چهرو تہ خون خشڪ ٿي ويو ۽ هن پريشاني مان ايئن پڇيو.

ايون اوچتو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو.

"نہ. مون ائين نہ چيو آهي، پر مان اهو ٻڌائيندس. منهنجا دوست توکي ان جي پوري ريت تشريح ڪرڻي پوندي. مان توکي هن جي اجازت نہ ڏيندس، تہ مون سان راند ڪيڏندو رهين!"

"مان توسان راند ڇو ڪيڏان، جڏهن تہ مان تو ۾ ايڏو ئي اعتبار تو رکان، جيترو پنهنجي عظيم خدا ۾؟" سميرڊياڪوف ساڳي پريشاني ۾ چيو، پر هُن ٿوري گهڙي لاءِ پنهنجي اکين کي بند ڪري ڇڏيو.

"پهريائين". ايون ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ "مون کي اِهو ڄاڻڻ کپي، تہ انهن مرگهيءَ جي دورن جي اڳ ۾ بہ خبر پوندي آهي ڇا؟ جيئن مان جاچ ڪئي آهي، تہ ايئن نہ آهي. مون کي منجهائڻ جي ڪوشش نہ ڪر. تون ڪڏهن بہ دوري جو ڏينهن ۽ ڪلاڪ ٻڌائي نہ ٿو سگهين. ايئن ڪيئن پيو ٿي سگهي تہ تو مون کي ڏينهن، گهڙي ۽ زير زميني ڪمري بابت بہ ٻڌائي ڇڏيو. اِهو ڪيئن پئي ٿي سگهيو تہ تون مون کي اهو بہ ٻڌائين تہ تون ڪمري جي ڏاڪڻ ڪان هيٺ ڪري پوندين. پر هيءُ سڀ ڪجهہ تڏهن ٿي سگهيو پئي، جڏهن تون مصنوعي دوري جو فيصلو ۽ نمونو اختيار ڪرين؟

ڪنهن بہ حالت ۾ مون کي زير زمين ڪمري ۾. روزانو ڪيئي ڀيرا وڃڻو ٿي پيو. سميرڊياڪوف، ڄاڻي ٻجهي، ڇبي ڇتي ڳالهائڻ شروع ڪيو. "هڪ سال اڳ ۾ مان انهيءَ ساڳي جاءِ تان ڪري پيس. اِهو سچ آهي تہ دوري جي باري ۾ مقرر ڏينهن ۽ ڪلاڪ کي اڳ ۾ ٻڌائي نہ ٿو سگهجي، پر اُن جي اچڻ جو خطرو تہ رهي ٿي ٿو."

"پر تو تہ ڏينهن ۽ ڪلاڪ بہ اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو."

"منهنجي مرگهيءَ جي باري ۾ سائين. چڱو ايئن ٿيندو تہ ڊاڪٽر ڪان ان جي پڇا ڪر. تون اُنهن ڪان اِها بہ جاچ ڪر تہ اِهو حقيقي دورو هو يا مصنوعي. منهنجي وڌيڪ چوڻ مان تہ ڪو ڪرتيل ڪونہ نڪرندو."

"۽ هو زير زميني جاءِ! تون ڪيئن ٿي اُن بابت اڳ ۾ ڄٽي سگهين؟"

"تون اُن زير زميني جاءِ جي باري ۾. ڪجهہ بہ ڇئي نہ سگهندين. پر مان جيئن اُن زير زميني ڪمري ڏي ويندو هوس، تہ مون کي خطرناڪ خوف ۽ شڪ پيدا ٿيندو هو. مون لاءِ فقط ڊيچاريندڙ ڳالهہ هئي تہ مان توکي وڃائي چڪو هوس. ۽ منهنجي

لاءِ دنيا ۾ ڪو بہ بچاءُ نہ رهيو هو. اهڙي ريت مان خيال ڪندي زير زميني ڪمري ڏي لهي ويس تہ حملو ڇاڻ شروع ٿيو ۽ هيءُ مون کي ڪيرائي وجهندو. ڇا مان ڪري پوندس؟ اهو ئي خوف هو. جو مان اوچتو محسوس ٿي ڪيو ۽ اُن جي ايندي ئي، سڄي بدن ۾ تشنج پيدا ٿيو. جيئن اُن جو دستور هوندو آهي، مان ڪري پيس. هيءَ حالت ۽ اڳين گفتگو، جا مون توسان ان شام جو دروازي وٽ ڪئي هئي ۽ هيءُ تہ مان ڪيترو نہ زير زميني ڪمري کان ٿي ڊنس. جيئن توکي ٻڌايو هئم، ڊاڪٽر هرزينسٽيوب ۽ نڪولائي پار فينوويچ کي ٻڌائي ڇڏيم. جاچ ڪندڙ وڪيل هيءُ سڀ ڪجهہ پنهنجي ڪاغذن ۾ لکي ڇڏيو ۽ هتي جو ڊاڪٽر واراونسڪي آهي، اُن سيني کي ٻڌايو تہ اِهو دورو، انهيءَ ڪان ٿيو آهي تہ هن کي خوف هو تہ ڇاڻ تو ڪران. انهيءَ ڪري ئي مون تي اِهو دورو اچي ويو هو. اِها حقيقت هن سڄي لکي آهي. اِهو سڀ ڪجهہ فقط خوف جي سبب ڪان ٿي گذريو."

جيئن ئي سميرڊياڪوف هن حقيقت کي پورو ڪيو، هڪ ڊگهو ساهہ کنيائين ڄڻ هو ٿڪجي پيو هو.

"تڏهن تو اِهو سڀ ڪجهہ، پنهنجي بيان ۾ چئي ڇڏيو آهي؟" ايون کيس چيو، جو ششدر رهجي ويو هو. هو پنهنجي گفتگوءَ کي وري وري دهرائڻ سان کيس مرغوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر کيس هاڻي معلوم ٿيو تہ هن اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهہ ظاهر ڪري ڇڏيو هو.

"مون کي ڇالاءِ خوف رکڻ گهرجي؟ ڀلي تہ هو مڪمل صداقت کي پاڻ وٽ قلمبند ڪن." سميرڊياڪوف نهايت اعتماد سان چيو.

تو، هنن کي، اسان جي وچ ۾ دروازي وٽ جا گفتگو ٿي هئي، اُن جو هر لفظ ٻڌايو آهي؟"

"نہ سڀ ڪجهہ نہ:"

ڇا تو، هن کي ٻڌايو آهي، تہ تون مصنوعي دورو بہ اختيار ڪري سگهندو آهين ڇا، تو اُن جي راءِ زني نہ ٿي ڪئي؟"

"نہ، مان هن سان اها ڳالهہ نہ ڪئي آهي."

"هاڻي مون کي ٻڌاءِ تہ تون، مون کي ان وقت شرماشنيا ڏي ڇو موڪلي رهيو هئين؟" مون کي خوف پئي ٿيو تہ تون ماسڪو هليو ويندين، ڪيئن بہ هجي شرماشنيا، گهڻو ويجهو آهي.

"تون ڪوڙ تو ڳالهائين، منهنجي ٻاهر وڃڻ لاءِ صلاح تہ تو ئي ڪئي هئي. تو مون کي چيو هو تہ هنن تڪليفن کان مان نڪري وڃان." اها منهنجي بي لوث محبت

۽ ملخصاڻي قربانيءَ جي ڪري هو، جا مون کي توسان آهي. مان توکي ايندڙ تڪليفن کان بچائڻ تي گهريو. ايئن بہ هو تہ مان پاڻ کي بہ بچائڻ تي گهريو اُهو ئي سبب هو، جو اوهان کي چيو هئم تہ هن تڪليف کان اوهان نڪري وڃو، جنهن کي تو بہ چڱيءَ ريت سمجهي تي سگهيو تہ گهر ۾ مصيبت اچڻ واري آهي. گهر ۾ رهڻ سان تون پنهنجي پيءُ کي بچائي تي سگهين.

ڪارمنها، تو مون کي هيءُ سڀ ڪجهہ سنئون سڌو چئي تي سگهين. ايون باهہ تي ويو.

"مان اُن وقت سنئين ۽ سڌي طرح توکي ڪيئن تي چئي سگهيس؟ مان تہ اهو فقط خوف مان ڳالهائي وينس تہ تون شايد اُن وقت ڪ اوڙجي وڃين ها. مون کي اُن وقت چڱي ريت انديشو هو تہ دمتري فيودورپاولووچ ضرور ڪا، ڪاروائي ڪندو. رقم پاڻ سان کڻي ويندو. ڇاڪاڻ تہ هن اُن کي پنهنجي ملڪيت تي سمجهيو. پر اِها ڪنهن کي خبر هئي تہ اهڙي ريت خون تي پوندو؟ مون خيال ڪيو تي تہ فقط ٽي هزار روبل کڻي ويندو. جي آقا جي وهاڻي جي هينيان، هڪ لفافي ۾ هئا. پر توکي خبر آهي تہ هن اُن کي خون ڪري ڇڏيو. تون بہ ڪهڙي ريت سائين، اُن جي نشاندهي ڪري تي سگهين؟"

"پر جڏهن تہ تون پاڻ ئي چوين ٿو تہ اُن جي نشاندهي تي نہ پئي سگهي، تہ مان ڪهڙيءَ ريت اُن کي سمجهان ها ۽ گهر ۾ رهي پوان هان؟ تون پاڻ تضاد آڻي رهيو آهين!" ايون سوچيندي چيو.

"مان توکي ماسڪو جي بجاءِ شرماشينا موڪلڻ تي گهريو. اُن مان توکي اندازو لڳائڻ کپندو هو. "اِنهيءَ مان ڪهڙي ريت مان اَندازو لڳائي تي سگهيس؟"

سميرڊياڪوف گهڻو ٿڪايل تي نظر آيو ۽ وري هڪ منٽ جي لاءِ خاموش تي ويو. تون هن حقيقت مان، جيڪا مون توکي ماسڪو نہ وڃڻ لاءِ چئي تي ۽ شرماشينا لاءِ روز تي ڏنو، اندازو لڳائي تي سگهين. مان توکي ويجهو رکڻ تي گهريو. ڇو تہ ماسڪو دوردراز پنڌ تي هو. دمتري فيودورپاولووچتوکي ويجهو سمجهي، ڪڏهن بہ اها جرئت نہ ڪري ها، پر جيڪڏهن ڪجهہ تي بہ پوي ها، تون پڻ اچي منهنجو بچاءُ ڪرين ها. ڇاڪاڻ تہ توکي گريگري وسيليوچ جي بيماري کان آگاهہ ڪيو هو، ۽ مون کي خوف هو تہ مون کي دورو ايندو. جڏهن تہ مان توکي اُن ڪڙڪڻ بابت بہ ٻڌايو هو، جنهن جي رستي ماڻهو فوتيءَ وٽ پهچي تي سگهيو ۽ اُهي دمتري فيودورپاولووچ، منهنجي معرفت معلوم ڪري چُڪو هو، مون خيال تي ڪيو تہ تون اهو اندازو پاڻ لڳائيندين تہ هو ڪجهہ ڪرڻ وارو آهي. اُن ڪري توکي شرماشينا بہ وڃڻ نہ گهريو، پر هتي ترسي پوڻو هو."

”ھيءُ نهايت سمجهداريءَ جي ڳالهہ آهي.“ ايون خيال ڪيو. ”جيتوڻيڪ سندس زبان وچڙي بہ رهي آهي، ھيءَ شايد سندس طاقت جي ضعف ڪان هجي، جنهن جي باري ۾ هرزينسٽيوب ٻڌائي ڇڏيو هو“.

تون مون سان مڪاري ڪري رهيو آهين. هن ڪاوڙ ۾ ايندي چيو.

”پر مان تہ خيال تي ڪيو تہ اُن وقت تو اَندازو لڳائي ورتو هو.“ سميرڊياڪوف سادگي سان تشريح ڪئي.

”جيڪڏهن مان اُن جو اندازو ڪريان ها، تہ ضرور ترسي پوان ها.“ ايون ڪيس جواب ڏنو.

”چو؟ مان سمجهيو تي تہ تو اُن جو اَندازو لڳايو هو، انهيءَ ڪري ئي تہ تون تڪڙو هليو ويو هئين. انهيءَ لاءِ تہ جيئن مصيبت کان نڪري وڃين ۽ خوف کان پاڻ کي بچائي پڄي وڃين.“

”شايد تون ايئن تو سمجهين تہ سڀئي تو وانگر بزدل آهن؟“

”مون کي معاف ڪر مان ايئن تي سمجهيو تہ تون بہ مون وانگر آهين؟“

”بيشڪ مون کي اِهو اندازو لڳائڻ کپندو هو“ ايون ڪاوڙ مان چيو. ”مان اِهو بہ اندازو لڳايو تي، تہ تنهنجي طرفان شرارت پيدا تي رهي آهي..... تو ڪوڙ ڳالهايو تي تہ تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار نہ آهي. تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين ۽ وري ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين.“ هن اوچتو ڪنهن ڳالهہ کي ياد ڪندي چيو. ”توکي ياد آهي تہ تو کهڙي ريت گاڏي وٽ پهچي، مون کي چيو هو تہ هڪ دانا سان ڳالهائڻ وڏي قيمت تو رکي؟ ان ڪري تون خوش هئين تہ چڱو ٿيو جو مان هليو ويس. انهيءَ ڪري ئي تہ تو منهنجي تعريف تي ڪئي؟“

سميرڊياڪوف وري ٿڌو ساهہ کنيو. سندس منهن تي نئين رنگ جو نشان نظر آيو.

”جيڪڏهن مان خوش هجان ها“ هن اها وضاحت، بنا ساهہ کڻندي ڪئي تہ اِهو سڀ ڪجهہ اِنهيءَ ڪري هو، تہ تو قبول ڪيو هو تہ ماسڪو نہ تو وڃين، پر شرماشينا وڃي رهيو آهين. ڪيئن بہ هجي اِهو ويجهو هو. جڏهن مان توکي اهي لفظ چيا هئا تہ اُن ۾ تعريف جو ڪو بہ سوال نہ هو. پر اِها ملامت هئي تون سمجهي نہ سگهين“.

”ڇا جي ملامت؟“

چو؟ تون اِهڙي مصيبت کي اڳ ۾ ڏسندي بہ پنهنجي پيءُ کي ڇڏي وئين ۽ اسان جو ڪو بہ بچاءُ نہ ڪري سگهين، ڇاڪاڻ تہ ايئن تي سگهيو پئي، تہ مان ڪنهن بہ وقت ٽن هزارن جي چوريءَ جي الزام هيٺ اَچان.

”ڦٽ هجئي“، ايون وري بگڙي ويو، ”ترس، تو اُنهن ڪڙڪن بابت جاچ ڪندڙ عملدار ۽ وڪيل کي ٻڌايو آهي ڇا؟“

”جاچ ڪندڙ عملدار ۽ وڪيل کي ٻڌائي ڇڏيو آهي، جيئن هو.“

ايون ٻيو ڀيرو به عجب ۾ پئجي ويو. ۽ ٿوري وقت کان پوءِ ڪيس چيائين ته جنهن شيءِ جو انتظار هئم، اُهو تنهنجي طرف کان خراب قدم کڻڻو هو. اهو ٿي سگهيو ٿي ته دمتري ماڻهو ماري وجهي پر هرگز چوري ڪرڻ وارو نه هو. اُن جي برعڪس تو ۾ انهن سڀني شين جي اميد ٿي رکيم. تو پاڻ مون کي ٻڌايو هو ته تون دوري جو مڪر ڪري سگهين ٿو. ايئن تو ڇاجي لاءِ چيو هو؟“

”اِها منهنجي سادگي هئي. مان ڪنهن به مطلب لاءِ، ڪڏهن به پنهنجي حياتيءَ ۾ مڪاري سان دوري جو نمونو نه ڪيو آهي. مان توکي جو ڪجهه چيو هو، سا فقط لاف زني هئي يا بيوقوفي. مان توکي حد کان گهڻو پسند ٿي ڪيو ۽ تو وٽ پنهنجي دل کولي رکي به هئم.“

”منهنجو ياءُ سنئون سڌو توکي خون ۽ چوريءَ جو جوابدار ٿو سمجهي.“

”هن وٽ پلا ٻي ڳالهه رهي ئي ڪهڙي آهي؟“ سميرديا ڪوف نهايت تيز لهجي ۾ چيو. ”سندس خلاف جيڪي ثبوت آهن، انهن جي هوندي ڪير سندس چوڻ تي اعتبار ڪندو. گريگري دروازي کي کليل ڏٺو هو. هن حقيقت کان پوءِ ٻيو ڇا چئي سگهجي ٿو؟ پر اُن جو خيال نه ڪر. هو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڏڪي رهيو آهي.“

هُن اوچتو آهستگيءَ سان پنهنجي گفتگو بند ڪئي، پر پوءِ ڪنهن خيال کان وڌيڪ چوڻ لڳو ته:

”هيڏي ٻيهر نهار، هُو، هيءُ گند منهنجي مٿان اُڇلائڻ گهري ٿو. جيئن هو ڏيکاري سگهي ته اهو ڪم مون ڪيو آهي، مان اهو اڳ ۾ ٻڌو آهي، پر هيءُ منهنجي سياڻپ آهي، ته مان دوري جو فريب ڏيان. مان ايئن اڳ ۾ ٻڌائي سگهان. ٻيو ته مون کي دورو ايندو، سو به سچ پچ انهيءَ حالت ۾ جو تنهنجي پيءُ جي لاءِ اهڙو منصوبو هجي؟ جيڪڏهن مون وٽ اهڙو منصوبو هجي ها، سو به خون جهڙو ته مان اهڙو بيوقوف ٿي سگهان پيو. جو اهڙي ثابتي پنهنجي خلاف ڏيان ها. سو به سندس پٽ وٽ! منهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪر. ايئن ٿي به سگهي ٿو؟ اهڙو مثال ته اڳ ۾ ملي ئي ڪونه ٿو. اسان جي گفتگوءَ کي خلقتهار کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ٿو ٻڌي. جيڪڏهن تون اهي ڳالهيون، جاچ ڪندڙ عملدار ۽ نڪولائي پارفينووچ سان ڪرين ها، ته ايئن ڪندي بلڪل منهنجو بچاءُ ڪرين ها. ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جو مجرم ڪير هوندو، جو اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي؟ هر ڪو انهيءَ ڳالهه کي سمجهي سگهي ٿو.“

”نيڪ!“ ايون گفتگوءَ کي ٿوري ۾ قطع ڪندي اُٿي بيٺو. سميرديا ڪوف جي آخري دليل کيس متاثر ڪيو. ”مان تو ۾ ڪو به شبهو نه ٿو رکان. تو ۾ سچ پچ گمان

رکڻ اچايو آهي، پر ان جي خلاف مان تنهنجو شڪرگذار آهيان. جو تو منهنجي دلجمعي ڪئي آهي. مان هاڻي وڃان ٿو. پر بيهر ايندس. چڱو خدا حافظ. توکي صحت حاصل ٿئي. ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي؟"

"مان هرهڪ شيءِ لاءِ تنهنجو ٿورائتو آهيان. مارفا ايگنا ٽوينيا مون کي وساريو نه آهي ۽ جو ڪجهه به گهرجي ٿو، اُهو موجود ڪري ڏئي ٿي. نيڪ انسان ٿون مون سان ڏهاڙي ملندو ڪر."

"خدا حافظ، اُن هوندي به مان ائين ڪنهن کي نه چوندس ته دوري جو مڪر به ڪري سگهين ٿو. مان توکي به وصيت ٿو ڪريان، ته ٿون به هن معاملي ۾ ڪجهه چئج."

مان چڱيءَ ريت سمجهان ٿو. جيڪڏهن تون اها ڳالهه نه چوندين ته مان به ڪنهن سان در وٽ ياڻ ۾ ڪيل گفتگوءَ کي ڪنهن سان نه ڪندس. هن ڪان پوءِ ايون ٻاهر نڪري ويو، پر اَجا هو ڏهه قدم مس گهٽيءَ ڪان ويو هو، ته هن اوچتو محسوس ڪيو ته هن جي آخري لفظن مان بي غيرتيءَ جي بوءِ ٿي آئي. هو پوئتي موٽڻ وارو هو، پر هيءُ فقط گذري وڃڻ وارو خيال هو، هو فقط ايترو پڪيو ته بيوقوف، ان ڪان پوءِ اسپتال ڪان ٻاهر نڪري ويو.

سندس مکيه جذبات جو تت هو، ته ڪيس هاڻي ئي نجات ملي وئي هئي. حقيقت هيءَ آهي ته اِهو سميرديا ڪوف نه هو، پر مِتيا هو، جنهن خون ڪيو هو. جيتوڻيڪ هو پنهنجي جذبات جي ڪري هن حقيقت جو مخالف هو، هو هن جذبي جي لاءِ، ڪنهن به دليل جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. توڙي جو سندس جذبات ۾ محڪم طور تي ناموافقت موجود هئي. هن محسوس ٿي ڪيو، ته جيتري قدر جلد ٿي سگهي، هو هن معاملي کي وساري ڇڏي.

هنن ڏينهن ۾ هو بلڪل مطمئن ٿي ويو هو، ته مِتيا گنهگار آهي، ڇاڪاڻ ته سندس خلاف ثابتين ۾ وڏو وزن هو. سندس خلاف ڪن معزز ماڻهن جون ثابتيون ته نه هيون، جيئن ته فينا ۽ سندس ماءُ، پر سندن اَثر وڏي طاقت وارو هو. پر وٽن، شرابخاني جا ماڻهو پلاٽينڪوف جو دڪان ۽ ماڪرو جا شاهد. هنن سڀني جون شاهديون، وڏي نتيجي واريون هيون. هيءُ سڄو تفصيل نهايت پريشان ڪندڙ هو. وڪيلن کي در جي کڙڪڻ جي حقيقت ايترو ئي متاثر ڪيو، جيترو گريگري جي کليل دروازي واري شاهدي. گريگريءَ جي زال مارفا ايون جي جواب ۾ ظاهر ڪيو هو، ته سميرديا ڪوف پٽ جي ڀئي پاسي پيو هو. هو سندس بستري کان ٽي قدم مس پري هو. جيتوڻيڪ ڪيس آرام سان گهري ننڊ ايندي آهي، پر اُن هوندي به هوءَ ڪيترائي ڀيرا جاڳي هئي ۽ سندس ڪنجهڻ کي ٻڌندي رهي هئي. هو مسلسل ڪنجهندو ٿي رهيو.

هرزينسٽيوب سان گفتگو ڪندي ۽ سندس راءِ ڪي سامهون رکندي، ڪيس معلوم ٿيو، تہ سميرديا ڪوف چريو نہ هو، پر ڪمزور هو. ايون فقط سندس جذبات پري پراسرار ڪِلَ ڏني.

”توهان کي خبر آهي تہ هاڻي هو پنهنجو وقت ڪيئن گذاريندو ٿو رهي؟ ايون ڪيس چيو فرينچ لفظن کي حفظ ڪندو ٿو رهي. هن وٽ هڪ نوٽ بوڪ آهي، جو هميشہ سندس وهاڻي جي هيٺيان ٿو رهي، هن وٽ اُنهن فرينچ لفظن جي لسٽ آهي، روسي اکرن ۾ ڪنهن ڪيس لکي ڏنا آهن؟“

اخلاق واري ڇوڪري، جنهن ماڻهوءَ سان محبت ڪري رهي هئي. اُن ۾ ڪا بہ گهٽتائي آئي نہ سگهي هئي. جيتوڻيڪ هن ڪرامازوف وٽ محبت جي گهٽائي ۽ سندس لاءِ عظيم ميل جول بہ موجود هو. ڪيس ساڳي وقت هيءُ خيال بہ ساندهہ عذاب ڏئي رهيو هو، جو هن متيا کي بلڪل پنتي اچلائي ڇڏيو هو، ۽ هن نزاع جي وقت (جو هي گهڙيون گهٽو ٿي پيش ايندڀون رهيون) پنهنجي نفرت ۽ ندامت ايون جي خلاف ظاهر ڪندي ٿي رَهي. ايون جو ڪجهہ بہ اليوشا کي چيو ٿي، سو ڪوڙ ٿي ڪوڙ هو. ايئن بہ سچ هو تہ هنن حقيقتن ۾ گهٽو ڪجهہ ڪوڙ هو. جنهن ڪان ايون کي گهڻي ڪاوڙ ايندي ٿي رهي...... پر هن جي تشريح پوءِ ڪئي ويندي.

حقيقت ۾ هن دوران هو سميرديا ڪوف جي موجودگيءَ کي گهٽو تڻو وساري چڪو هو. پر پهرئين ملاقات ڪان بہ هفتا پوءِ، هو وري اڳي وانگر عجيب خيالن ڪان زير زبر ٿي رهيو. هيءُ ڪافي هو، جو هُو مسلسل پاڻ ڪان سوال پڇي رهيو هو، تہ ايئن ڇو هو؟ تہ هو فيودور پاولووچ جي گهر ۾ پوئين رات، چورن وانگر ڇُرندو، ڏاڪڻ مان نهاري رهيو هو تہ ٻي صبح جو هو ڇو هو اوچتو ڏک جي حالت ۾ سفر تي روانو ٿيو هو، جڏهن هو ماسڪو ۾ پهتو هو، تہ هن ڇو پاڻ کي ٿي چيو تہ مان هڪ بدمعاش آهيان؟ هاڻي هو عجب مان ڏسي رهيو هو، تہ هن عذاب ڏيندڙ خيالن جي ڪري مرڳو هو ڪيٽرينا کي بہ وساري ويهندو. هيءُ خيال مڪمل طور تي وري سندس قبضو حاصل ڪري وٺندا. هنن خيالن جي اوڙاهہ ۾ اليوشا ڪيس گهٽيءَ ۾ مليو، هن هڪدم ڪيس روڪيو ۽ ڪانئس سوال پڇڻ شروع ڪري ڏنائين.

”توکي ياد آهي تہ رات جي ماني کانپوءِ دمتري وڳوڙجي ويو هو، ۽ پيءُ کي ماريو هئائين. مان توکي پوءِ اڱڻ ۾ چيو هو، تہ مان پنهنجي خواهش جا حق محفوظ ٿو رکان...... مون کي ٻڌاءِ تہ تو اُن وقت اِهو خيال تہ نہ ٿي ڪيو تہ منهنجي خواهش پيءُ جو موت هو يا نہ؟“

”ها ايئن ئي هو. هيءَ حقيقت ڪا معنيٰ خيز نہ هئي. پر توکي عجب نہ ٿي لڳو تہ اُن وقت منهنجي خواهش اِها هئي، تہ هڪ نانگ ٻي کي کائي ويندو. يعني دمتري، جيترو جلد ٿي سگهندو، پيءُ کي ماري وجهندو...... مان پاڻ، کيس مدد ڏيڻ لاءِ تيار هوس تہ ايئن ڪري.“

اليوشا جي چهري جو رنگ زرد ٿي ويو ۽ هو خاموشيءَ سان پنهنجي ڀاءُ جي چهري کي ڏسندو رهيو.

”جواب ڏي“ ايون رڙ ڪري چيو، تہ ”مان چاهيان ٿو تہ ڄاڻان تہ اُن وقت تنهنجو ڪهڙو خيال هو؟ مون کي سچ ڪيپي، سچ!“

هن ڏکيو تڏو ساهہ کنيو ۽ ڪاوڙ مان اليوشا کي ڏسڻ لڳو. اُن کان اڳي جو هو ڪو جواب ڏي، مون کي معاف ڪر، مان بہ اُن وقت اِهو ئي خيال ڪيو. اليوشا آهستگي سان پڙڪيو ۽ ان کان پوءِ هن ٻيو ڪو بہ جملو کيس مطمئن ڪرڻ لاءِ وڏيڪ نہ چيو.

”شڪريہ“ ايون کيس چيو ۽ هو اليوشا کي ڇڏي، تڪڙو تڪڙو رستي تي وڌي ويو. اُن وقت کان اليوشا ڏٺو تہ ايون ڄاڻي ٻجهي کانئس پاسو ڪري رهيو آهي ۽ اُن کان جا وڌيڪ کيس ناپسند رهيو آهي. اُن جي ڪري اليوشا وٽس وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو. هن ملاقات کان جلدي پوءِ، ايون پنهنجي گهر نہ ويو. پر وري سڌو سميرڊياڪوف ڏي هليو ويو.

هو، جا نهايت غليظ ۽ مڪروهہ تي ڏني. سندس نڪ جي مٿان عينڪ هئي، جنهن سان ايون اڳي ڪيس ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هنن سيني حالتن کي ڏسي، ايون اوچتو ڪاوڙ ۾ اچي ويو، ”هڪ نالائق شخص ۽ عينڪ تو لڳائي!“

سميرڊياڪوف آهستي پنهنجي مٿي کي ڪنيو ۽ هن عينڪ مان سڌو پنهنجي ملاقاتي کي ڏٺو. اُن کان پوءِ، هن آهستي عينڪ کي لاٿو ۽ بينچ تان اُٿيو. سندس اُٿڻ ۾ ڪو بہ عزت جو اظهار نہ هو، پر بي پرواهي، جيئن عام اخلاق وارا ماڻهو ڪندا آهن. هنن سيني حالتن، هڪدم ايون تي اَثر ڪيو ۽ هن اِنهن سيني شين کي ڌيان ۾ رکيو، سڀ کان وڌيڪ سميرڊياڪوف جي اکين جون نگاهون هيون. هيءُ شيطانيت پريون، گستاخ ۽ ڪراهت ڏيندڙ هيون. چڻ تہ اُهي چئي رهيون هيون تہ ”تون ڇا جي لاءِ وري گهڙي آيو آهين؟“ انهن مان هيئن بہ ظاهر پئي ٿيو تہ اسان اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهہ فيصلو ڪري چڪا آهيون ۽ تون وري ڇو آيو آهين؟ ايون مشڪل سان پاڻ تي ضابطو ڪري سگهيو.

”هتي گرمي آهي.“ هن ڪيس چيو ۽ پنهنجي ڪوٽ جي بٽڻن کي کوليائين. هو اَڃا بيٺو هو.

سميرڊياڪوف سندس خيال کي پورو ڪندي چيو، تہ ”تون پنهنجي ڪوٽ کي لاهہ.“ ايون پنهنجي ڪوٽ کي لاٿو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان اُن کي بينچ تي اُڇلايائين. هڪ ڪرسيءَ کي تڪڙ مان کنيائين ۽ اُن کي سوري ميز وٽ آنداڻين ۽ ان تي ويهي رهيو. سميرڊياڪوف سندس سامهون بينچ تي ويٺو.

گفتگوءَ جي شروعات ڪريون. پر اسان اڪيلا آهيون؟ ايون سختيءَ سان ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ پڇيو. ”ڇا هتي ڪو اسان کي ڳالهائيندو ٻڌي سگهي ٿو؟“

”ڪو بہ، ٻڌي نہ ٿو سگهي. تو پاڻ ڏٺو آهي تہ وچ ۾ گهٽي آهي.“

”منهنجا عزيز دوست ڌيان ڏيئي ٻڌ. اِهو ڇا هو جو تون وقلين پئي، اُن وقت جڏهن مان اسپتال کي ڇڏي رهيو هوس. تڏهن تون چئي رهيو هئين تہ جيڪڏهن مان تنهنجي دوري جي مڪر بابت، ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ٻڌايو تہ تون، جاچ ڪندڙ عملدار کي دروازي تي ڪيل گفتگوءَ بابت ڪجهہ نہ ٻڌايو تہ تون، مون کي دَٻائي رهيو هئين؟ ڇا مان توسان ڪنهن عهدنامي ۾ شريڪ ٿيو هوس؟ تون ايئن ٿو سمجهين ڇا، تہ مان توکان ڊڄان ٿو؟“

ايون هي سڀ ڪجهہ پوري جوش مان چيو، جيئن هو اراداتاً ۽ وضاحت سان سمجهي، تہ هيءُ سڀ ڪنهن حيلي بازي کي نفرت سان ٿو ڏسي ۽ جو ڪجهہ بہ ڳالهائي ٿو، سو صاف ۽ بنا ڪنهن اٽڪلبازيءَ جي، سميرڊياڪوف جي اک جي ڇنڀڻ

سان منجهس ڇڻ تہ  ڪنوڻ چمڪي وئي. نهايت آرام ۽ بي پرواهيءَ سان چيائين تہ هاڻي اَسان کي صاف گفتگو ڪرڻ گهرجي. مان حاضر آهيان، فرمايو. اُن کان پوءِ هن چوڻ شروع ڪيو تہ:

”منهنجي ڳالهائڻ جو اُن وقت مقصد هيءُ هو، تہ مان اِهو ئي تي چيو، تہ پنهنجي پيءُ جي قتل جي خبر، اڳ ۾ ٻڌندي ٻہ. تو ڪيس پنهنجي قسمت تي ڇڏي ڏنو. هيءُ ماڻهو اُن مان الائجي ڪهڙو نتيجو ڪڍن ۽ تنهنجي جذبات لاءِ ڪهڙو قياس ڪن؟ اُن ڪري مان توسان انجام ڪيو تہ حڪومت وارن کي ڪجهہ نہ چوندس.“

جيتوڻيڪ سميردياڪوف پاڻ تي ضابطو رکندي. هيءُ سڀ ڪجهہ آهستي چوندو ويو. پر اُن هوندي بہ سندس آواز ۾ ٻيو ڪجهہ تي نظر آيو، جنهن ۾ تحريڪ آميز ۽ واضح جذبو تي ڏنو. هن گستاخي ۽ آزردگي سان پنهنجو بچاءُ تي ڪرڻ گهريو. هن نفرت مان ايون ڏانهن نهاريو ۽ ايون جي اکين جي اڳيان ڇڻ تہ هڪ ڏنڌ گذري ويو.

”ڇا، تون پنهنجي پاڻيءَ ۾ تہ آهين؟“

”مان پوريءَ ريت پنهنجي هواس ۾ آهيان.“

تون ايئن سمجهين ٿو، تہ مون کي قتل جي خبر هئي؟ ايون آخر رڙ ڪري چيو ۽ ميز تي زورَ سان مڪ هڻي ڪڍيائين. تنهنجو مطلب ٻين ڳالهين مان ڪهڙو آهي، ڳالهاءِ بدمعاش؟

سميردياڪوف خاموش هو ۽ هو اَجا تائين، ايون کي گستاخيءَ سان توريندو ئي رهيو. ڳالهاءِ ڏنگيندڙ بدمعاش، تنهنجو مطلب ٻين ڳالهين مان ڪهڙو آهي؟

”ٻين ڳالهين مان منهنجو مطلب هو تہ تون بہ برابر پنهنجي عزيز جي موت جو خواهشمند هئين.“

ايون ٽپو ڏنو ۽ پوريءَ طاقت سان سندس ڪلهي تي مڪ هڻي ڪڍيائين، جنهن ڪري هو ديوار جي پر ۾ ڪري پيو. ٿوري وقت ۾ سندس چهرو ڳوڙهن سان پرجي ويو. هو چوڻ لڳو، تہ ”سائين هيءُ تہ شرم جي ڳالهہ آهي، جو هڪ بيمار کي ڌڪ هڻجي!“ هن پنهنجي اکين کي هڪ غليظ ليڪن واري رومال سان اُگهڻ شروع ڪيو ۽ روئيندو رهيو. هڪ منٽ ايئن گذري ويو.

”هيءُ ڪافي آهي روئڻ ڇڏ.“ ايون وري ويهندي، ڪيس جوش مان چيو ”مون کي پاڻيءَ کان ٻاهر نہ ڪڍ!“ سميردياڪوف، اکين تان رومال کي پري ڪيو، سندس شرير ڇهري جي هر ليڪ مان بي عزتي تي بکي، جا هاڻي سندس تي هئي.“ سو، تو ايئن خيال تي ڪيو تہ مان دمتري سان گڏ پيءُ کي مارڻ تي گهريو.“

”مون کي خبر نہ آهي تہ تنهنجي دل ۾ اُن وقت ڪهڙا خيال هئا“ سميرڊياڪوف آزردگي سان چيو. ”انهيءَ ڪري ئي مان توکي دروازي وٽ روڪيو هو تہ هن نُقطي تي مان توکي وضاحت سان حقيقت پيش ڪريان.“

”ڪهڙي نڪتي جي وضاحت، ڇا، ڇا؟“

”ها! اهي ئي اسباب تہ تون پنهنجي پيءُ کي قتل ڪرائڻ چاهين ٿو يا نہ؟“

ايون کي جنهن ڳالهہ ڪاوڙايو، سا هيءَ تہ سميرڊياڪوف جا اُهي گستاخي ڀريل لفظ، جن تان هٿ نہ ٿي کنيائين. ”اِهو تون آهين، جنهن اُن کي ماريو آهي!“

سميرڊياڪوف نفرت جي لهجي ۾ چيو تہ ”تون بهتر ٿو ڄاڻين. مان تہ ايئن ٿي تصور ڪيو، تہ هڪ عقلمند ماڻهو، بيهر وري موضوع تي گفتگو نہ ڪندو.“ ”پر آخر تون مون ۾ اِهڙي اندازي لڳائڻ لاءِ بدگمان ڇو هئين؟ تون هيءُ سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو، تہ هيءُ فقط خوف ڪان هو. ڇاڪاڻ تہ مان اِهڙي حالت ۾ هوس جو خوف ڪان ڏڪيس ٿي ۽ اُن ڪري سڀ ۾ بدگماني هيم. مان چاهيو ٿي تہ توکي هن حالت ۾ مطمئن ڪريان تہ جيڪڏهن تو ڀاءُ وانگر هن ڳالهہ کي چاهيو ٿي. اُن ڪري هن معاملي بابت فيصلو ڪرڻ بهتر ٿي نظر آيو، جنهن حالت ۾ مان مڪ وانگر ڇڄجي وڃان ها.“

”پر بہ هفتا اڳ ۾ تو تہ ڳالهہ ئي ٻي ٿي ڪئي؟“

”اسپتال ۾ جنهن وقت مان توسان ڳالهايو ٿي، منهنجو عقيدو اِهو هو ۽ مان ايئن تصور ٿي ڪيو، تہ توهان منهنجي لفظن کي وجائڻ ڪان سواءِ سمجهي ويا هوندا ۽ هڪ سمجهدار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ اوهان مون سان کليل نہ ڳالهايو. ٻيو ڇا؟ جواب ڏي، جواب ڏي. مان توکي اِن لاءِ زور ٿو ڏيان. اِهو ڇا هو..... مان ڇا ٿي ڪيو جو تنهنجي ڪميني ۽ بي عزت ضمير ۾ بدگماني پيدا ٿي ڪيم؟“

”جيتري قدر خون جو تعلق آهي. تہ تون اُن کي خود نہ ڪري سگهين ها، ۽ نہ وري تنهنجي اها طلب هئي. پر اِن حد تائين تہ جيڪڏهن ٻيو ڪو اِن کي پوري پوري ڪري تہ اِها تنهنجي آرزو هئي. اِها ئي حقيقت هئي. جنهن کي تو چاهيو ٿي.“

”ڪيڏو نہ ٿڌو، ڪيڏو نہ ٿڌو، هيءُ ڳالهائي ٿو. پر مان ايئن ڇو ٿي چاهيو، تو وٽ اِن جي لاءِ ڪهڙا دليل آهن؟“

”تو وٽ اُن جو ڪهڙو سبب هو؟ تون ورثي جي لاءِ ڇا ٿو خيال ڪرين؟“ سميرڊياڪوف طنز ۾ ڪيس چيو، جنهن مان سندس انتقام بہ ٿي نظر آيو:

”ڇو تنهنجي عزيز جي موت کان پوءِ، توهان مان هرهڪ کي چاليهہ هزار روبل ملڻا هئا. يا اُن کان بہ مٿي، پر جيڪڏهن فيودور پاولووچ، هن خاتون آگرافينا اليگزينڊرووينا سان شادي ڪري ها، تہ هوءَ سندس سڄي موڙي کي شاديءَ کان پوءِ پنهنجي قبضي ۾

ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ هوءَ وڏي سياڻي عورت آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪري ها تہ تنهنجو پيءُ، توهان ٽنهي لاءِ ٻن روبل ڪان مٿي نہ ڇڏي ها. ڇا هُو شادي ڪرڻ ڪان پري بہ هو تہ وار جيترو ويچو بہ نہ هو. هن خاتون کي فقط آگر جو اشارو ڪرڻو هو ۽ هو سندس پريان ديول ڏي ڊوڙي پوي ها ۽ سندس زبان ٻاهر نڪري اَچي ها."

ايون غمناڪ طريقي ۾ پاڻ تي قبضو ڪري ورتو.

"بهتر" هن آخر تشريح ڪندي چيو. "توکي خبر آهي تہ مان نہ ٿيو ڏنو آهي ۽ نہ وري توکي هيٺ ڪيرايو اٿم. مان توکي خون بہ نہ ڪيو آهي. ڳالهائيندو رهج. تنهنجي چوڻ موجب، مان هيءُ ڪم گويا دمتريءَ جي حوالي ڪيو ۽ اُن تي دارومدار ٿي رکيم. " "تون ڪيئن نہ دمتريءَ تي دارومدار ڪرين ها؟ هو جيڪڏهن هن کي ماري ها. تہ پنهنجي عزت پنهنجو رتبو ۽ پنهنجي ملڪيت وڃائي ويهي ها ۽ ملڪ بدر ٿئي ها. اهڙيءَ ريت سندس ورثي جو حصو. توڏي ۽ تنهنجي ڀاءُ ڏي برابر حصن ۾ اچي ها. ان ڪري اوهان کي چاليهہ نہ پر سٺ هزار روبل، هڪ هڪ کي ملن ها. انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي، تہ تو دمتري فيودورپاولووچ تي دارومدار رکيو هجي."

"مان جو ڪجهہ تو مان حاصل ڪيو آهي! ڏيان ڏئي ٻڌ بدمعاش: جيڪڏهن مان ڪنهن تي دارومدار رکان ها. تہ اُهو تون هجين ها. نہ دمتري، مان قسم کڻي ٿو چوان، ان وقت مان تو ۾ بڇڙائي کي ڏٺو..... مون کي پنهنجو تاثر ياد آهي."

اُن وقت مان بہ هڪ منٽ لاءِ ايئن ٿي محسوس ڪيو تہ تون مون تي دارومدار ڪري رهيو آهين. سميرڊياڪوف طنز مان ڏند ڪرٽيندي چيو. "اِهڙي ريت تو مون کي اُن وقت اُهو سڀ ڪجهہ ڏيکاري ڇڏيو هو. جو تنهنجي اندر ۾ هو. جڏهن تہ توکي منهنجي لاءِ اِهڙي بدشگوئي هئي، تڏهن تہ تون هليو ويو هئين تو ڇڻ تہ مون کي ايئن ٿي چيو. تہ تون منهنجي پيءُ کي قتل ڪري سگهين ٿو. مان اُن لاءِ ڪا بہ روڪ نہ ٿيندس."

"بدمعاش! سو تو ايئن ٿي سمجهيو هو!"

"اِهو ئي سبب هو. جو تون شرماشينا تي وئين. جو تون ڪهڙي مقصد سان ماسڪو تي وئين ۽ پيءُ جي ڪيتري ستائڻ سان شرماشينا وڃڻ لاءِ، ڪيس انڪار ڪندو رهين. منهنجي فقط بيوقوفيءَ واري لفظ کي تو هڪدم قبول ڪري ورتو. هو ڪهڙو سبب هو، جو تو شرماشينا وڃڻ قبول ڪيو. منهنجي لفظن تي تون شرماشينا بہ هلي وئين. انهيءَ مان صاف معلوم پئي ٿيو، تہ تو مون ۾ ڪا اُميد ٿي رکي. نہ، مان قسم کڻي ٿو چوان تہ ڪجهہ بہ نہ!" ايون ڏند ڪرٽيندي رڙ ڪري چيو.

"تو، ڪجهہ بہ نہ ٿي خيال ڪيو. اِهو لازمي هو. تہ تون پيءُ جي پٽ هئڻ جي حيثيت ۾ تون مون کي قيد ڪرائي سگهين پيو....."

"اُتي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڪن مروڙ ڪري سگهين پيو. پر تو ۾ ذري جي به ڪاوڙ نه هئي، پر اها تنهنجي مهرباني هئي، جو تو هڪدم منهنجي لفظن تي دوستاڻي طرح عمل ڪيو ۽ هليو وئين. جو پوري ريت واهيات هو. چاڪاڻ ته توکي ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي پيءُ جي حياتي بچائڻي هئي. مان ان مان پنهنجي نتيجي ڪيئن ڪي کهڙي ريت روڪي ٿي سگهيس؟"

"ايون ويني نڪ چپ ڪي چڙهائيندو رهيو ۽ سندس منيون گوڏن تي ٽڪرنديون رهيون. هن ڪيس چيو ته هائو، مون ڪي ڏک آهي. ته مان تنهنجي منهن ۾ ڇهندي ڪانه پاتي آهي، نه وري مان توکي ڪنهن قيدخاني ڏي وني ويو آهيان. مون تي ڪير اعتبار ڪري ها ۽ مان توتي کهڙو ڏوهه مڙهي ٿي سگهيس؟ پر تنهنجي منهن ۾ ڇهندي.... هن جي لاءِ ته ڪو خيال ئي نه ڪيو هو. جيتوڻيڪ ڇماٽن هڻڻ جي منع آهي. پر مان بد ڇهري ڪي ڏک هٿي ڇمائي ڇڏيان ها."

سميرديا ڪوف وڏي شوق مان ڪيس نهاريندو رهيو.

"زندگي جي رواجي موقعي ۾، هن ساڳي مطمئن ۽ ظريفاڻي لهجي ۾ ڪيس چيو. جو هن فيودور پاولووچ جي ميز وٽ. گريگري سان مذهبي بحث ڪندي طعني طور اختيار ڪيو هو. چيو ته "زندگي جي رواجي موقعن ۾ ڇهري تي ڏکن هڻڻ جي منع آهي، ۽ اڄ ڪلهه قانون جي مطابق ماڻهن هن رسم ڪي ڇڏي به ڏنو آهي، پر زندگي جي خاص موقعن ۾ ماڻهو اجا به ڇماٽن ۽ ڏکن ڏانهن وينداَ رهن ٿا. هيءُ فقط اسان وٽ نه آهي، پر سڄي دنيا ۾ آهي، پوءِ ڇو نه فرانس جو رعيتي راڄ هجي، هي رواج حضرت آدم ۽ بيبي حوا جي زماني ۾ به هو. انسان اُن ڪي ڪٽي ڇڏيندو. پر توکي انهن خاص حالتن ۾ به اهڙي جرئت نه ڪرڻ گهرجي."

تون فرينچ لفظ ڇالاءِ سکي رهيو آهين؟ ايون نوٽ بڪ ڏي اشارو ڪيو. جو ميز تي پيل هو. ڇو، مان ڇو نه سکان. مون ڪي پنهنجي تعليم ڪي سڌارڻو آهي. شايد منهنجي لاءِ اهڙو موقعو بڻجي جو مان يورپ جي انهن خوشنما حصن ڏانهن وڃان.

"ڏيان ڏيئي بُڌ بدملا!" ايون جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ هو سڄو ئي ڏڪي ويو. "مان تنهنجي تهمت کان نه ٿو ڊڄان. تون منهنجي لاءِ جيڪي به چوڻ گهرين ٿو، چوندو رهه. مان توکي ماري ماري موت تائين نه پهچايو آهي. اهو فقط اِنهيءَ لاءِ هو، چاڪاڻ ته مان تو ۾ فقط هن ڏوهه جو شڪ ٿي ڪيو. مان توکي انصاف ڏي ڇڪيندس ۽ توکي بي نقاب ڪندس."

"جيئن مان خيال ڪريان ٿو. چڱو آهي ته خاموش ٿي وڃ. منهنجي بلڪل معصوميت ڪي خيال ۾ رکي، تون مون ڪي ڇا لاءِ گنهگار ٿو ڄاڻين. پر توتي اعتبار

ڪير ڪندو؟ جيڪڏهن تون شروع ڪندين تہ مان سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس. ڇو تہ مون کي بہ تہ پنهنجو بچاءُ ڪرڻو آهي. تون ايئن خيال ٿو ڪرين ڇا تہ مان توکان ڊڄان ٿو؟ مان توکي هاڻي جو ڪجهہ چيو آهي، اُن تي ڪورٽ اعتبار نہ بہ ڪري، پر عوام ضرور ڪندو ۽ توکي شرمندو ٿيڻو پوندو. انهيءَ لاءِ ٿي ايئن چوڻو پوندو تہ هميشہ ڪنهن سمجهدار ماڻهوءَ سان گفتگو ڪرڻ وڏي عزت ٿو رکي. ڪيئن؟" ايون پيچ تاب کائڻ لڳو.

"سچ پچ تون نشان کي ڇُٽِ ۽ چڱو آهي تہ سمجهدار ٿيءُ."

ايون اُٿي بيٺو ۽ پنهنجي بي عزتي تي مٿي کان ونئي، پيرن تائين ڏڪندو رهيو. هن ڪوٽ پاتو ۽ سميرڊياڪوف کي ڪنهن بہ جواب ڏيڻ کان سواءِ تہ ڇا، پر ڪيس ڏسڻ بنا، جهوپڙي مان نڪري ويو. ٿڌي هير ڪيس تازو توانو بڻايو. آسمان ۾ صاف چنڊ چمڪي رهيو هو. خيالن جي خواب ۽ جذبات سندس روح کي ڀري ڇڏيو. "ڇا مون کي هڪدم وڃڻ گهرجي ۽ سميرڊياڪوف جي خلاف اطلاع ڏيڻ گهرجي؟ پر مان کهڙو اطلاع ڏيان؟"

"ڪيئن بہ هجي، هو گنهگار نہ آهي، پر اُن جي خلاف هو مون تي تهمت ڌريندو. حقيقت ۾ مان ان وقت شرما شينا ڇو ويو هوس؟ ڇاجي لاءِ، ڇاجي لاءِ؟" ايون پاڻ کان پاڻ پڇندو رهيو، تہ "هائو مان ڪنهن ڳالهہ جي اميد تي رکي ۽ هو صحيح آهي. هن سؤ ڀيرا هن حقيقت کي ياد ٿي ڪيو، تہ ڪيئن نہ هن پوئين رات ڪن لاٿي، ڏاڪڻ ۾ ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر هاڻي هو ان ڳالهہ کي ايڏي پريشاني سان ياد ڪري رهيو هو، تہ هو ڄڻ اَجا اُن جاءِ تي بيٺو آهي ۽ ڪنهن ڪيس خنجر هڻي ڇڏيو آهي. هاڻي مان اُن ڳالهہ کي محسوس ٿي ڪيو. اِهو سچ آهي مان خون ٿي چاهيو! ها مون خون ٿي چاهيو. ڇا مان خون ٿي چاهيو؟ ڇا مون کي اُن جي ضرورت هئي؟ مون کي سميرڊياڪوف کي مارڻ گهرجي، جيڪڏهن مان اُن کي مارڻ جي جرئت نہ ڪئي، تہ پوءِ هيءَ حياتي رهڻ جي لائق نہ آهي!

ايون گهر نہ ويو، پر سڌو ڪيٽرينا ايونونا ڏي ويو، جا ڪيس ڏسي پريشان ٿي وئي. هو هڪ چريئي وانگر ٿي نظر آيو. هن سميرڊياڪوف سان پنهنجي سڄي ڪيل گفتگوءَ کي ساڻس بيان ڪيو ۽ ڪنهن بہ لفظ کي نہ وساريائين. هن هر ڪا ڪوشش ڪئي، تہ ڪيس ناري، پر هو مطمئن ٿي نہ سگهيو. هو ڪمري ۾ گهمندو رهيو ۽ عجيب ۽ غير تسلسل طور تي ڳالهائيندو رهيو. آخر هو ويٺو. هن پنهنجون ٺونٺيون ميز تي رکيون، پنهنجي مٿي کي هٿن ۾ ورتائين ۽ هيءُ عجيب جملا ڳالهايائين، تہ جيڪڏهن اِهو دمتري نہ پر هو سميرڊياڪوف آهي ۽ انهيءَ ئي خون ڪيو آهي تہ مان،

سندس گناهہ ۾ ڀائيوار آهيان. ڇاڪاڻ تہ مان ئي ڪيس ان جي جرئت ڏياري هئي. ڇا مان ايئن ڪيو هو؟ اُن ڪي اجا بہ نہ تو ڄاڻان. پر جيڪڏهن دمتري نہ ۽ هيءُ خوني آهي تہ بيشڪ مان بہ خوني آهيان." جڏهن ڪيٽرينيا ايونونا هيءُ ٻڌو. هوءَ بنا ڪنهن ڳالهائڻ جي پنهنجي جاءِ تان اُٿي ۽ لکڻ واري ميز وٽ وئي، اُتي بيهي هڪ صندوقچي مان ڪاغذ ڪڍيائين ۽ ايوان کي آڏي ڏنائين. هيءُ اُهو ئي دستاويز هو، جنهن جي باري هن اليوشا کي ٻڌايو هو، جو پوءِ آخري طرح ثابتي بڻيو تہ دمتري پنهنجي پيءُ کي ماريو آهي. هيءُ اُهو خط هو، جو دمتري ڪيٽرينا ايونونا ڏي نشي جي حالت ۾ ان ساڳي شام تي لکيو هو. جڏهن اليوشا سان، رستي جي موڙ تي مليو هو ۽ هو مڙهيءَ ڏانهن ٿي ويو. اُن کان ٿوري دير اڳ ۾ گروشينڪا ۽ ڪيٽرينا جو پاڻ ۾ معاملو بڻيو هو. جنهن سندس بي عزتي ڪئي هئي. ان وقت اليوشا کان ڌار ٿيندي مِتيا گروشينڪا وٽ وڃي پهتو هو، مون کي خبر نہ آهي تہ هو ساڻس مليو بہ هو يا نہ؟ پر شام جو هو ميٽرو پولس ۾ ويو هو، جتي هن وڃي پوري ريت پيتو هو، تنهن کان پوءِ هن ڪاغذ ۽ قلم جي طلب ڪئي هئي ۽ پنهنجي لاءِ هڪ وزندار جوابداريءَ جهڙو دستاويز لکيو هئائين. منجهس لفظن جي پرمار هئي ۽ ڪو بہ تسلسل نہ هو. هڪ مجنونا خدا ۽ حقيقت ۾ ڪو شرابي خط هو، اُن ۾ ڇڻ تہ هڪ شرابيءَ جي گفتگو هئي، هو پنهنجي گهر موٽي آيو آهي ۽ غير معمولي جوش ۾ پنهنجي زال کي ٻڌائي رهيو آهي يا ڪنهن گهر جي ياتيءَ کي تہ ڪيئن نہ سندس هاڻي بيعزتي ڪئي وئي آهي. ڪهڙي نہ بيوقوف سندس بي عزتي ڪئي آهي ۽ ٻي طرف هو ڪهڙو نہ چڱو ماڻهو آهي، ڪهڙي طرح نہ هاڻي هو ڪانئس بدلو وٺندو. هن طويل گفتگوءَ کان پوءِ هو ڪيئن نہ جوش ۾ اچي ميز تي مڪون هڻندو آهي، هيءُ خط هڪ غليظ عام ۽ سستي ڪاغذ جي ٽڪري تي لکيل هو، هيءُ ڪاغذ ڪيس شرابخاني مان مليو هو ۽ سندس ٻئي پاسي تي ڪي انگ بہ لکيل هئا. جيئن تہ هن ڪاغذ ۾ سندس شراب مستي موجب، سندس خيال ۽ فڪر کي لکڻ لاءِ ڪافي وسعت نہ هئي، ان ڪري مِتيا نہ فقط اُن جي حاشيي کي بہ ڀريو، پر پوئين سٽ تہ اُن جي مٿان بہ لکي ويو هو. خط هيءُ هو:

ظالم ڪنيا!

"سڀاڻي مون کي پيسا ملي ويندا ۽ مان تنهنجا ٽي هزار روبل اُدا ڪندس. پوءِ خدا حافظ. ڪاوڙ واري عورت ۽ ان سان گڏ محبت کي بہ الوداع! اَڄ تہ ان جي پڇاڙي ڪريون. سڀاڻي مان سڀ ڪنهن سان ملي پيسن لاءِ ڪوشش ڪندس، پر ڪنهن کان اُڌارو نہ وٺي سگهندس تہ مان توکي پنهنجي عزت جو قسم ڪڻي ٻڌايان ٿو ۽ وعدو ٿو

ڪريان, تہ مان پنهنجي پيءُ وٽ ويندس. سند ں مغز پچندس ۽ سندس وهاڻي هيٺان رقم ڪڍندس. پر جيڪڏهن ايون ويو تہ مان جيڪڏهن ان جي عيوض ۾ سائيبريا ويس تہ مان موٽي اچي توکي ٽي هزار روبل ڏيندس. چڱو الوداع. مان تنهنجي زمين جي سامهون پاڻ کي جهڪائي ٿو ڇڏيان. ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي لاءِ هڪ بدمعاش ثابت ٿيو آهيان. مون کي ان لاءِ معاف ڪر. نہ، چڱو ٿيندو تہ مون کي معاف نہ ڪر. تون بہ گهڻو خوش ٿيندين ۽ مان بہ! تنهنجي محبت کان اهو سائيبريا چڱو آهي. ڇاڪاڻ تہ مان هڪ ٻي عورت سان محبت ڪريان ٿو. جنهن کي تو اڄ چڱيءَ طرح سڃاتو هوندو. اهڙيءَ حالت ۾ تون مون کي ڪيئن معاف ڪندين؟ مان اُن ماڻهوءَ کي فون ڪندس، جنهن مون کي لٽيو ۽ ڦريو آهي. مان اوهان سڀني کي ڇڏي رهيو آهيان، جيئن اوهان مان وري ڪنهن کي نہ ڏسان. هن کي بہ نہ ڏسان. ڇاڪاڻ تہ نہ فقط تون مون کي عذاب ڏيندڙ آهين. پر هوءَ بہ. الوداع!

وڌيڪ وضاحت، مان تنهنجي توهين ڪئي آهي، پر توکي پوڄان ٿو. ان جي لاءِ منهنجي دل ۾ جاءِ آهي، هڪ ڏنگ رهجي ويو آٿم، جو زهر فشاني ڪري رهيو آهي. چڱو ٿيندو تہ منهنجي دل کي بہ ٽڪرا ڪري ڇڏ! مان پاڻ کي ماريندس، پر پهريائين تہ وٽ بدمعاش سهي، پر چور نہ آهيان! توکي ٽن هزارن جي اميد رکڻ گهرجي. هو ڪتو، اُنهن کي پنهنجي وهاڻي هيٺان ٿو رکي ۽ واڳڻائي ڌاڳي ۾ ٻڌل آهن. مان چور نہ آهيان. پر مان پنهنجي چور کي ماريندس. ڪٽيا، نااُميد نہ ٿي. دمتري چور نہ آهي پر خوني آهي! هن پنهنجي پيءُ کي ماريو آهي ۽ تنهنجي عزت کي وڌائڻ بجاءِ هن پنهنجي مرتبي کي برباد ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيءُ توسان محبت نہ ٿو ڪري. اڃا وڌيڪ: مان تنهنجي پيرن کي چمان ٿو الوداع. ڪٽيا دعا گهر تہ ڪوئي مون کي رقم ڏي، انهيءَ صورت ۾ مون کي خون هارڻو نہ پوندو. پر جيڪڏهن ايئن نہ ٿيو تہ ڪو بہ مون کي روڪي نہ سگهندو. مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس.

تنهنجو غلام ۽ دشمن

"دي - ڪرامازوف"

جڏهن ايون هيءُ خط پڙهيو تہ ڏاڍو متاثر ٿيو. ها هيءُ منهنجو پاءُ ئي آهي نہ سميرڊياڪوف!

جيڪڏهن سميرڊياڪوف نہ آهي تہ پوءِ هو بہ نہ آهي، ايون آهي. هن خط هڪدم سندس اکين ۾ منطقي ثبوت کي پيش ڪيو. هاڻي ٿورو بہ شڪ مِتيا جي گناهہ ۾ نہ رهيو هو. هيءُ شڪ ايون جي دل ۾ ڪڏهن بہ پيدا نہ ٿيو هو تہ مِتيا. سميرڊياڪوف سان گڏجي خون ڪيو هوندو. سچ پچ اِهڙو نظريو، حقيقت جي

موجودگيءَ ۾ صحيح به نه ٿي لڳو. ايون جي دل ۾ وري يقين پيدا ٿي ويو. ٻي صبح جو هن سميردياڪوف جي لاءِ فقط هيءُ خيال ٿي ڪيو. ته سندس ناپسند حرڪتون فقط نفرت جي ڪري هيون. هو سخت عجب ۾ هو ته ٿورا ڏينهن اڳ ۾ هو ڪيتري قدر خوفناڪ طرح سان، هن گمان جي ڪري تڪليف ۾ هو. هُن فيصلو ڪيو ته ڪيس نفرت سان دل تان لاهي ڇڏي ۽ وساري ڇڏي. اِهڙيءَ ريت مهينو گذري ويو. هن سميردياڪوف بابت ڪا به وڌيڪ جاچ نه ڪئي. پر هن به ٻڌو ته هو سخت بيمار آهي، ۽ پنهنجي هوش ۾ نه آهي.

"هن جي ٻڇاٽي ڇرپائپ ۾ ٿيندي." نوجوان ڊاڪٽر واراونسڪي هن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏني هئي. ۽ ايون کي هي ياد هو. اُن مهيني جي آخري هفتي ۾ ايون به پاڻ کي سخت بيمار ٿي محسوس ڪيو. هو ماسڪو جي ڊاڪٽر وٽ بيماريءَ لاءِ مشورو ڪرڻ ويو. جنهن کي ڪيٽرينا، مقدمي جي پيروي کان اڳ ۾ گهرائي ورتو هو ۽ هن وقت ۾ سندس تعلقات ڪيٽرينا سان بُري طرح خراب ٿي چُڪا هئا. هو صحت ۾ ٻن دشمنن وانگر هڪٻئي جي سامهون هئا. ڪيٽرينا جي مِتيا ڏي موٽ، يعني سندس مختصر، پر شديد جذبات جو تفسير، جو اُن جي فائدي ۾ هو، ايون کي سخت مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. هيءُ عجب سان چوٽو پوي ٿو، ته ايستائين جو آخري نظاري تائين، جنهن کي متي بيان ڪيو ويو آهي. يعني اليوشا مِتيا کان ٿيندو، ڪيٽرينا وٽ آيو هو.

ايون هڪ پيرو به سڄي مهيني ۾ ڪانئس مِتيا جي ڏوهه بابت ذري جيترو شڪ به نه ٻڌو هو، پر ان هوندي به سندس هيءَ موٽ، هن لاءِ نفرت پيدا ڪندڙ هئي. هيءُ پڻ ٻڌائڻ جي لائق حقيقت آهي، ته جڏهن وٽس هيءَ نفرت پيدا ٿي رهي هئي. هو روز بروز مِتيا جي لاءِ گهٽي کان گهٽي نفرت پيدا ڪندو رهيو. هو محسوس ڪندو رهيو ته هيءَ ڪٿيا جي "موٽ" جي ڪري نه آهي، ته هو ڪانئس نفرت ٿو ڪري، پر هو سندس پيءُ جو قاتل آهي. هو هن کان پوريءَ ريت خبردار هو، ۽ پوريءَ ريت ان کي سمجهي رهيو هو.

اُن هوندي به هو، مقدمي جي مقرر ڪيل تاريخ کان ڏهه ڏينهن اڳ ۾ مِتيا سان ملڻ ويو هو ۽ ڪيس ڀڄي وڃڻ لاءِ صلاح ڏني هئائين. هيءَ اُها صلاح هئي، جنهن تي هو گهٽي وقت کان غور ڪندو ٿي رهيو. هي رٿ، گهٽي ڀاڱي اُن عذاب ڏيندڙ مقام کان هئي، جو سندس دل ۾ سميردياڪوف جي هنن لفظن پيدا ڪئي هئي، ته سندس ڀاءُ جي سزا کان ايون کي هيءُ فائدو هو ته سندس ورثو ۽ اليوشا جو به چاليهه هزار روبل کان وڌي سٺ هزار روبل تائين پهچندو. هن اِهڙي ريت مِتيا جي ڀڄڻ لاءِ ٽيهن

هزارن جي قرباني ڪرڻ ٿي گهري. سندس ملاقات کان موٽڻ بعد هو ماتم زده هو ۽ بيدل. هن اوچتو محسوس ڪيو ته هُو مِتيا جي بچڻ لاءِ بيحد آرزومند آهي، نه فقط دل جي اُن مقام جي عذاب کي ٿيهن هزارن سان متائڻ ٿي گهريائين، پر اُن لاءِ ٻيو سبب به هو. هيءُ سڀ انهيءَ لاءِ آهي ته مان به پنهنجي دل کان ايترو ٿي قائل نه آهيان ڇا؟ هو پاڻ کان پڇندو رهيو، ڪا شيءِ ڪيس پنهنجي روح ۾ جلندي ۽ تڙڪات ڪندي ٿي ڏني. سچو ٿي مهينو سندس فخر ظالماڻي طور تي برداشت ڪندو رَهيو، پر هيءُ ٻوءِ جون ڳالهيون آهن....

اليوشا سان پوئين گفتگو بعد، ايون گهنڊٽي کان هٿ ڪٽندي، اوچتو سميرڊياڪوف سان ملاقات جو ارادو ڪيو ۽ گهر نه ويو. هن پنهنجي آشفتگي جي شديد حسن جي تابعداري ڪرڻ گهري، ڪيس اوچتو اليوشا جي حاضري ۾ ڪيٽرينا جو چوڻ ياد آيو ته اِهو تون هئين تون. جنهن مون کي هن (مِتيا) جي ڏوهه بابت زور ٿي پريو. ايون پٽ ٻڌجي ويو، جنهن مون کي ياد ڏياريو ته مِتيا قاتل هو. هن هڪ ڀيرو به اِها ڪوشش نه ڪئي هئي، ته هو ڪيس اُن جي لاءِ يقين ڏياري سگهي. اُن جي بجاءِ سندس حاضري ۾ هن پنهنجي مٿان ئي شڪ ٿي آندو. خاص ڪري جڏهن هو سميرڊياڪوف کان موٽي آيو هو.

هيءَ ئي هئي، جنهن سندس ڀاءُ جو ڪاغذ پيش ڪري ڪيس قاتل ثابت ڪيو هو. هاڻي هن اوچتو رڙ ڪئي ۽ چيو ته مان پاڻ سميرڊياڪوف ڏي وئي هيس! هوءَ ڪڏهن سميرڊياڪوف ڏي وئي هئي. اُن جي ڪيس ڪا به خبر نه هئي. مگر هوءَ مِتيا جي گناهه بابت پورو يقين رکندڙ نه هئي. سميرڊياڪوف ڪيس ڇا چيو؟ هو ڇا چئي سگهيو ٿي؟ هن خيال سندس دل کي لامحدود ڪاوڙ کان ساڙيو ٿي. هو سمجهي نه ٿي سگهيو، ته اَڌ ڪلاڪ اڳ ۾ انهن لفظن کي ڪهڙي ريت برداشت ڪري سگهيو هو، ۽ اُن گهڙيءَ ڇو نه ڳالهايو هئائين. هن گهنڊٽيءَ کي ڇڏي ڏنو ۽ سميرڊياڪوف ڏانهن ڊوڙيو. رستي ۾، هن خيال ڪيو ته ”هن ڀيري مان شايد ڪيس ماري ڇڏيان.“

باب اٺون

# سميرديا ڪوف سان ٽئين ۽ آخري ملاقات

جڏهن هُو اڌ رستو پورو ڪري چڪو هو، تڏهن سوير صبح جو زور واري خشڪ هوا لڳي رهي هئي. عمدي ۽ لطيف برف وسڻ شروع ٿي هئي. برف جا ذرا زمين تي ڪرڻ جي بجاءِ، هوا جي موج تي پئي ٿي قريا ۽ اُن بعد باقاعدي برف جو طوفان شروع ٿي ويو. سميرديا ڪوف جتي رهيو ٿي، اُتي مشڪل سان ڪو فانوس هو. ايون وڏا وڏا قدم پريندو، اونداهيءَ ۾ اڪيلو ٿي ويو. هو طوفان ڪان ڇڻ تہ بي خبر ٿي ڏنو ۽ پنهنجي رستي ڪي ماپيندو ٿي ويو. سندس مٿو سور ڪان ڦاٽو ٿي ۽ سندس عضون ۾ تمام سخت سور هو. هن محسوس ڪيو تہ سندس هٿ ڏنگا ڦڏا ٿي ويا آهن. ماريا ڪاندريٽونا جي جهوپڙي ڪان ٿورو پري، ايون اوچتو هڪ اڪيلو شرابي نوجوان ڪڙميءَ جي مٿان وڃي پهتو ڪيس هڪ پراڻو ۽ ڇتين لڳل ڪوٽ پيل هو ۽ هُو هيڏانهن هوڏانهن ور وڪڙ گهمندو ۽ پاڻ سان بڪندو ٿي ويو. اوچتو هن نشي جي حالت ۾ ڳائڻ شروع ڪيو:

آه، دنڪا پيٽرسبرگ وئي آهي،

مان ايستائين نہ ترسندس جو هوءَ موٽي.

هو پوئين سٽ سان پنهنجو راڳ بند پيو ڪري ۽ وري پنهنجي بڪ بڪ ۾ لڳي پيو وڃي، ان بعد وري ڳائڻ شروع پيو ڪري، ايون، ان جي باري ۾ خيال ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اُن جي باري ۾ شديد نفرت ڪي محسوس ڪيو. اوچتو هن سندس موجودگي ڪي برو محسوس ڪيو ۽ ڪيس ڌڪ هڻي ڪيرائڻ گهريائين. انهيءَ ويرم ۾ ڪيس ڌڪ هڻي ڪيائين. ڪڙمي ٿاٻڙندو، ايون جي پاسي ۾ ڪري پيو، جنهن جوش مان ڪيس پري ڦٽو ڪيو. ڪڙمي وري بہ ڪانيءَ جي ٻُنڊ وانگر - برف سان ڄميل زمين تي ڦرندي ڪري پيو. هن "اوهہ" جو آواز ڪيو ۽ وري خاموش ٿي ويو. ايون وک پري وٽس پهتو. هو پٺيءَ پَر پيو هو ۽ منجهس ڪا بہ چرپر يا هوش نہ هو. ايون خيال ڪيو تہ هيءُ برف ۾ ڄمي ويندو. هو پوءِ سميرديا ڪوف ڏي هليو ويو.

گهٽي مان ماريا ڪاندريٽونينا ڊوڙندي در کولڻ لاءِ آئي. جنهن ڪي هٿ ۾ شمع هئي. هن پٽڪندي چيو تہ سميرديا ڪوف سخت بيمار آهي ۽ ڪيس خصوصيت سان ٻڌايائين تہ هن ننڊ بہ نہ ڪئي آهي، ڇڻ تہ سندس هواسن ۾ خلل اچي ويو آهي. هن اسان ڪي چيو آهي تہ چاءِ بہ وٽانئس ڪٽي وڃو. هن ڪي ڪجهہ بہ نہ کپي.

ايون ڪاوڙ پري آواز ۾ ڪيس وراڻيو تہ "چو هن هيءُ جنجل پيدا ڪيو آهي؟"

عزيز، هو ڪنهن شور پيدا ڪرڻ جي بجاءِ نهايت خاموش آهي، اوهان ساڻس گهڻو وقت گفتگو نہ ڪجو. ماريا ايون کي عاجزي سان عرض ڪيو.

ايون دروازو کوليو ۽ آهستگي سان اندر داخل ٿيو. ڪمرو اڳي وانگر سخت گرم هو، پر ڪيس ڪمري ۾ تبديليون نظر آيون. بينچن مان هڪ پاسي کان ڪڍيو ويو هو ۽ اُن جي جاءِ تي هڪ پراڻو، شيشم جي ڪاٺيءَ جو صوفو، چمڙي سان مڙهيل رکيو ويو هو. ۽ اُن جي جاءِ تي هڪ پراڻو هنڌ وڇايل هو، جو ڪنهن حد تائين صاف ٿي ڏنو ۽ مٿس وهاڻو هو. سميرڊياڪوف صوفي تي وينو هو، ڪيس ساڳي ئي شبخوابي جي قبا پيل هئي. ميز کي صوفي جي سامهون رکيو ويو هو، ميز تي هڪ ٿلهو ڪتاب هيڊي جلد سان رکيو هو، پر سميرڊياڪوف اُن کي پڙهيو نہ ٿي. هيءُ بيڪار وينو هو. هن خاموش نگاهہ سان ايون کي ڏٺو، هن سندس اچڻ تي ڪو بہ عجب نہ ڪاڏو، پر سندس چهري ۾ وڏي تبديلي نظر آئي. هو گهڻو سنهو ۽ ڪمزور ٿي ويو هو. هن جون اکيون ڪاريون ٿي ويون هيون ۽ اُنهن ۾ نيرا داغ ٿي نظر آيا.

”چو؟ تون سچ پچ بيمار آهين ڇا؟ ايون ٿورو دم ورتو، مان توسان گهڻو وقت نہ ڳالهائيندس. مان پنهنجو ڪوٽ لاهڻ نہ ٿو گهران، ويهڻ جي جاءِ بہ ڪانہ آهي.“

”هو ميز جي آخري ڇيڙي وٽ ويو. هڪ ڪرسيءَ کي سوري اُن تي وينو، تون ڳالهائڻ کان سواءِ مون کي ڇو نهاري رهيو آهين؟ مان فقط هڪڙي سوال لاءِ آيو آهيان ۽ مان قسم کڻي ٿو چوان تہ اُن جي جواب وٺڻ کان سواءِ هتان نہ ويندس. ڇا نوجوان خاتون ڪيٽرينا توسان گڏ هئي؟“

سميرڊياڪوف اجا بہ چپ هو، هُو اڳي وانگر ايون کي نهاري رهيو هو، اوچتو هٿ کي حرڪت ڏيندي، هن منهن ٻي پاسي بدلايو. ”توکي ڇا ٿيو آهي؟“ ايون رڙ ڪري چيس.

”ڪجهہ بہ نہ.“

”تنهنجو ڪجهہ بہ نہ کان ڇا مطلب آهي؟“

”هائو، هوءَ مون سان گڏ هئي. اُن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ مون کي اڪيلو رهڻ ڏي.“

”نہ، مان توکي اڪيلو نہ ڇڏيندس. مون کي ٻڌاءِ تہ هتي ڪڏهن آئي هئي؟“ ۽ ”چو؟ مان هن جي باري ۾ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو آهي.“ نفرت ڀري ڪل سان هن سميرڊياڪوف کي جواب ڏنو ۽ وري بہ ايون کان منهن ڦيرائي ڇڏيائين، هو پوري پوريءَ حقارت سان ڪيس عجب مان نهارڻ لڳو ۽ اِها ساڳي نگاهہ هئي، جنهن سان هن آخري ملاقات وقت ڪيس ڏنو هو، جنهن کي مهينو گذريو هو.

”تون پاڻ ڏاڍو بيمار ٿو ڏسجين، تنهنجو چهرو گهوماٽيل آهي. تون پنهنجي هوش ۾ به نه آهين.“

سميرڊياڪوف ايون کي چيو.

”تون منهنجي صحت جي پرواهه نه ڪر. مان توکان جو پڇيو آهي، تون اُن جو جواب ڏي. پر تنهنجون اکيون هيڊيون ڇو ٿي ويون آهن. اڄاڻ بلڪل هيڊاڻ ۾ تبديل ٿي وئي آهي. ڇا تون گهڻو پريشان آهين؟“ هو نفرت مان مشڪيو ۽ پوءِ ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

”ڏيان ڏيئي ٻُڌ. مان توکي چيو آهي. ته تنهنجي جواب ٻڌڻ کان سواءِ هتان نه ويندس.“ ايون پوري جوش سان رڙ ڪري چيو.

”توکي مون کي دٻائڻ مان هٿ ڇا ٿو اچي؟ تون مون کي عذاب ڇو ڏئي رهيو آهين؟“ سميرڊياڪوف تڪليف سان کيس نهاريندو رهيو.

”توکي اهو يقين رکڻ گهرجي ته مان توکان جواب ضرور وٺندس.“

”تون ايڏو بيچين ڇو آهين؟“ سميرڊياڪوف حيرت مان کيس نهاريو. نه فقط حيرت مان کيس نهارڻ لڳو، پر وٽس دفع الوقتي به هئي. ڇا هيءَ فقط انهيءَ لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته سياڻي مقدمو هلندو؟ توکي ڪجهه به نه ٿيندو، ڇا تون اَڃا به اعتبار نه ٿو ڪرين؟ گهر وڃي آرام سان سمهي رهه. ڪجهه به خوف نه ڪر.“

”مان توکي سمجهي نه سگهيو آهيان ..... سياڻي مون کي ڪهڙي شيءِ کان خوف نه ڪرڻ گهرجي. ايون عجب مان اُن جي وضاحت ڪرڻ لڳو. اوچتو خوف جو ٿڌو ساهه سندس روح تي ڇانئجي ويو. سميرڊياڪوف پنهنجي نگاهن ۾ اُن کي تورڻ لڳو:

”تون نه ٿو سمجهي سگهين!“ هن ملامت آميز آواز ۾ کيس چيو ته تو جهڙي عقلمند انسان کي اهڙي ريت ناٽڪ ڪيڏندي ڏسي، مون کي عجب ٿو لڳي!.“

ايون کيس ڪو به جواب نه ڏنو. هو کيس ڏسندو رَهيو. هيءَ اُميد جي خلاف آواز ۾ گستاخ سخت سندس اڳئين خادم کان، دستور جي خلاف هو. هن پوئين ملاقات وقت به ڳالهائڻ جو اهڙو طريقو اختيار ڪيو. مان توکي چوان ٿو ته تون ڪنهن به شيءِ جو خوف ۽ خطرو نه رک. مان تنهنجي لاءِ ڪجهه به نه چوندس. تنهنجي خلاف ڪو به ثبوت ڪونه آهي. مان چوان ٿو ته تنهنجا هٿ ڇو ٿا ڏڪن. تنهنجون آڱريون ايئن ڇو ٿيون ڇرن پُرن. تون گهر وڃ. تو کيس خون نه ڪيو آهي.“

ايون کان ڇرڪ نڪري ويو. کيس اليوشا ياد آيو.

”مان ڄاڻان ٿو ته مان نه هوندس.“

ايئن سميرڊياڪوف وري کيس پنهنجي گرفت ۾ وٺڻ لڳو.

ايون ٽيو ڏنو ۽ کيس کلهي کان ورتو.

مون کي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ، نانگ سڀ ڪجهه ٻڌاءِ.

سميرڊياڪوف تي هن جو ڪو به اثر نه پيو. هن فقط پنهنجون اکيون، مجنونانه نفرت سان ايون ۾ کپائي ڇڏيون. نيڪ آهي اهو تون آهين جنهن اُن کي قتل ڪيو آهي. هو ڪاوڙ مان پٽڪيو. ايون وري وڃي ڪرسيءَ تي ڪريو. ڄڻ ته هو ڪنهن ڳالهه تي غور ڪري رهيو هو. هو نفرت مان ڪليو.

تنهنجو مطلب منهنجي هلي وڃڻ کان آهي. جنهن باري ۾ تو اڳئين ڀيري گفتگو ڪئي هئي نه؟

"پوئين ڀيري تون منهنجي سامهون رڪ تي بيٺل هئين ۽ سڀ ڪجهه تي سمجهئي، تون هاڻي به اُن وانگر سمجهين تو"

"مان جو ڪجهه به سمجهيو آهي، اُهو اِهو آهي ته تون چريو آهين!"

ڇا، تون هن ريڙهه پيڙهه کان ٿڪجي نه پيو آهين؟ اسان هڪٻئي جي سامهون موجود آهيون. هن جي ڪهڙي ضرورت آهي ته ناٽڪ بنائي رکون. اَجا به تون سچو معاملو، مٿان اُٿلائي وجهڻ ٿو گهرين. تو ڪيس قتل ڪيو آهي. تون ئي سچو قاتل آهين. مان ته تنهنجو فقط هٿيار هوس. هڪ صحيح وفادار خادم. مان تنهنجي لفظن جي پوئواري ڪئي آهي. توئي ايئن ڪيو آهي، چو تو ئي ڪيس قتل ڪيو آهي؟ "ايون ڄڻ ته نري ويو. ڪا شيءِ هئي، جا سندس دماغ مان ٻاهر نڪرڻ لڳي. سندس سڄو جسم، خوف کان ڏڪڻ لڳو. ان تي سميرڊياڪوف ڪيس حيرت مان نهارڻ لڳو. خاص طرح ايون جي حد کان گهڻي خوف کي ڏسي متاثر ٿيو. مان سمجهان ٿو ته سچ پچ تنهنجو مطلب اِهو نه آهي ته تون ڪجهه نه ٿو ڄاڻين؟ هو بي اعتباريءَ مان ڏڪڻ لڳو. هو زور واري مصنوعي کل سان، هن جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. ايون اڃا به ڪيس نهاريندو رهيو. ايئن نظر ٿي آيو ته هو ڳالهائي نه ٿو سگهي.

اڙي وئنڪا پيٽرسبرگ وئي آهي.

مان سندس موتي اُچڻ ٿائين نه ترسندس.

اوچتو مٿيون شعر سندس ڪنن ۾ وڄڻ لڳو.

توکي خبر آهي ته تون هڪ خواب وانگر آهين ۽ منهنجي سامهون ڄڻ وهمي صورت ۾ وينو آهين. هو پٽڪندو رهيو. "هتي ڪا به وهمي صورت نه آهي. فقط اسان ٻه ۽ انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته هڪ ٽيون به. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو هتي به موجود آهي. اِهو ٽيون اسان ۾ ضرور آهي. اُهو ڪير آهي؟ ها اُهو هتي ڪير آهي؟ اُهو ٽيون ڪير آهي؟" ايون خوف مان ڪيس ڇيو. هن سندس اکين جي هرهڪ ڪنڊ ۾ راز کي تڪڙ مان ڳولڻ شروع ڪيو.

"اُهو تيون خدا ڀاڻ آهي. خلقتهار! هاڻي هو اَسان ٻنهي جي وچ ۾ ثالث آهي. . تون اُن ڏي نہ نهار. تون اُن کي لهي نہ سگهندين."

"تون ڪوڙ تو ڳالهائين تہ تو ڪيس قتل ڪيو آهي؟" ايون جنون مان رڙ ڪري چيو. تون چريو آهين يا مون کي چيڙائي رهيو آهين.

سميرديا ڪوف اڳي وانگر ڪيس حيرت مان نهارڻ لڳو. وٽس خوف جي ڪا بہ نشاني ڪانہ هئي. هو اَجا بہ مشڪل سان پنهنجي بي اعتقادي تي قبضو ڪري سگهيو هو. هُو اجا بہ هن عجب ۾ هو تہ ايون سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو، پر ڪوشش ڪري ٿو، تہ سڀ ڪجهہ متانئس اُڇلائي وجهي.

"گهڙي ترس!" آخر هن ڪمزور آواز ۾ چيو. اوچتو هن ميز جي هيٺان پنهنجي کٻي ڄنگهہ کي ٻاهر آندو ۽ پاجامي کي ويڙهڻ شروع ڪيو. ڪيس ڏٺو تہ اَڇا جوراب ۽ سليپر پيل هئا. آهستگيءَ سان جوراب جي بند کي کوليائين ۽ پنهنجي هٿ کي جوراب جي آخر تائين پهچايائين.

ايون، جو ڪيس انتظار سان نهاري رهيو هو، دهشت کان ڏڪي رهيو هو ۽ رڙ ڪري چوڻ لڳو تہ هيءَ چريو آهي. هو ٽپو ڏئي اُٿيو ۽ پوئتي هٽيو. ايتري قدر جو سندس پٺ وڃي ڀت سان لڳي. هو اُتي وري ان سان لڳي بيهي رهيو. سميرديا ڪوف کي ديوانن جي خوف وانگر ڏسڻ لڳو. جنهن جي متان سندس خوف جو ڪوبہ اَثر نہ هو. هو جوراب ۾ سانده ڪنهن شيءِ کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي آڱرين سان اُن کي ڇڪي رهيو هو. آخر هن اُن کي ڳولي لڌو ۽ اُن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين. ايون ڏٺو تہ هو هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو هو يا ڪاغذ جا ٽڪرا هئا. سميرديا ڪوف اُنهن کي ڪٺي ميز تي رکيو.

"اجهو!" هن خاموشيءَ سان چيو.

"هي ڇا آهي؟" ايون ڏڪندي ۽ ڀاڻ کي سنڀاليندي چيو.

"مهرباني ڪري هنن کي ڏس!" سميرديا ڪوف، هاڻي بہ نهايت نرم آواز ۾ چيو. ايون قدم ڪٺي ميز وٽ آيو. ڪاغذ جي ويڙهيل مُـٺي کي کنيائين ۽ اُن کي کولڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي آڱرين کي پوئتي ڇڪي ورتو. ڄڻ تہ اُهي ڪنهن زهريلي نانگ سان وڃي ٽڪريون هيون. "منهنجا هٿ وچڙي رهيا آهن." سميرديا ڪوف ڏسندي ڪيس چيو ۽ هن ڄاڻي ٿي ڀاڻ اُن بنڊل کي کولڻ شروع ڪيو. ڪاغذ ۾ ٽي بنڊل سَوَ سَوَ روبل جي نوٽن جا هئا. "سڀئي پيسا هتي آهن، ٽي هزار روبل جا نوٽ. تون هنن جي ڳڻڻ جي تڪليف نہ ڪر." سميرديا ڪوف، ايون کي صلاح ڏيندي چيو تہ هنن کي ڪٺي وَٺُ. ايون ڪرسيءَ تي ڪري پيو، هو اهڙو تہ سفيد ٿي ويو، ڄڻ تہ سفيد رومال.

"تو مون کي ڏيڄاري ڇڏيو...." هن عجيب ڪل سان چيو. "پنهنجي جوراب سان ڏيڄاري ڇڏيو اٿئي" سميرڊياڪوف وري ڪانئس پڇيو، "ڇا هن وقت تائين سچ پچ توکي ڪا خبر ڪانه هئي؟ مان تہ تنهنجي ڀاءُ دمتري ۾ تي شڪ رکيو. افسوس هن اوچتو پنهنجي متي کي ٻنهي هٿن ۾ ورتو."

"ڏيان ڏيئي ٻڌ، تو ڪيس اڪيلو ماريو آهي؟ منهنجي ڀاءُ جي مدد سان يا اڪيلو؟ فقط تنهنجي مدد ڪيس ماريو آهي ۽ دمتري فيودورياولووچ بلڪل معصوم آهي."

"ٺيڪ آهي، منهنجي بابت پوءِ گفتگو ڪجانءِ. مان اُلائجي ڇو ڏڪي رهيو آهيان؟ ۽ الائجي ڇو ڳالهائي نہ ٿو سگهان؟ تون اُن وقت تہ ڪافي همٿ وارو هئين. نو تہ چيو تي سڀ ڳالهہ قانون اندر آهي، پر هاڻي تہ ڪيڏو ڊڄي رهيو آهين!" سميرڊياڪوف عجب مان ڪيس چيو. "توکي ليمي جو رس پيئڻ کپي. مان اُن کي هڪدم گهرائي ٿو وٺان. اُهو توکي تازو توانو رکندو. پر پهريائين مون کي لڪائڻ کپي، هن وري نوٽن ۾ چربر وڌي. هو دروازي وٽ وڃي ميريا کي سڏڻ وارو هو تہ ليمي جي رس کي تيار ڪري ڪٺي اچي، پر هو نوٽن کي ڍڪڻ ۾ مشغول ٿي ويو تہ جيئن هُوءِ اُنهن کي نہ ڏسي. هن پهريائين رومال کي ڪڍيو، جو بيحد غليظ هو. اُن کان پوءِ هيٺي ڪتاب کي ڪنيائين جو ايون اڳ ۾ ڏٺو هو ۽ ميز تي پيو هو. اُن کي ڪٺي نوٽن متان رکيائين. ڪتاب جو نالو هو "راهب اسحاق جا مقدس اقوال" ايون اٽڪل سان اُن کي پڙهي ورتو.

"مون کي ليمي جو رس نہ کپي. منهنجي باري ۾ پوءِ گفتگو ڪجانءِ، ويهہ ۽ مون کي ٻڌاءِ تہ تو اِهو ڪم ڪيئن ڪيو. مون کي سچي حقيقت ٻڌاءِ." چڱو ايئن آهي، تہ تون پنهنجي ڊگهي ڪوٽ کي لاهہ. نہ تہ بيحد گرم ٿي ويندين!" ايون جنهن کي اِهو خيال ساڳي وقت آيو هو، ڪوٽ لاهي اُتڻ کان سواءِ اُن کي پر واري بينچ تي اُڇلائي ڇڏيائين.

"ڳالهاءِ، ڳالهاءِ، ڳالهاءِ!"

هُو هاڻي بردبار بڻجي ويو هو. هو ترسيو ۽ يقيني طور تي سمجهي چُڪو هو تہ سميرڊياڪوف ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندو.

"اِهو ڪيئن ٿيو هو؟" سميرڊياڪوف ٿڌو ساهہ کنيو. "تنهنجي لفظن موجب سڀ ڪجهہ فِطري طور تي ٿي گذريو هو. منهنجي لفظن جي ڳالهہ پوءِ ڪجانءِ، ايون پاڻ تي پوري ريت قبضو ڪندي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن مضبوطيءَ مان پنهنجي لفظن کي دهرائڻ گهريو، پر اڳي وانگر رڙيون نہ ٿي ڪيائين. مون کي تفصيل سان فقط اِهو ٻڌاءِ تہ تو اِهو ڪم ڪيئن ڪيو. جيئن هر ڪا ڳالهہ ٿي گذري، اُن کي بيان

ڪر. ڪا بہ شيءِ نہ وسارج سڀ ڪان وڌيڪ تفصيل! مان توکي عرض ٿو ڪريان تہ تفصيل ٻڌاءِ". "تون جيئن ئي هليو ويو هئين. مان تهخاني ۾ ڪري پيو هوس."

"اهو سچو پچو دورو هو يا مڪر"

"فطرتاً اِهو مڪر هو. اِها سڄي مڪاري هئي. مان خاموشيءَ سان سيني ڏاڪن تان لهي توڙ تائين پهتو هوس ۽ اُتي ليٽي پيس جيئن مان اُتي ليٽيس تہ رڙ ڪيم ۽ ڦٿڪڻ لڳس. ايستائين جو هو مون کي ٻاهر ڪڍي ويا."

"ترس! تو پوءِ سمورو وقت اسپتال ۾ بہ اِنهيءَ مڪاريءَ کي جاري رکيو؟"

"نہ. ڪڏهن بہ نہ. ٻي ڏينهن صبح جو. انهيءَ کان اڳي جو هو مون کي اسپتال ڏي کڻي ويا. مون تي حقيقي دوري جو حملو ٿيو. اِهو نهايت سخت هو. جو سالن ۾ بہ نہ ٿيو هو. ساندهہ ٻہ ڏينهن بيهوش هوس."

"نيڪ آهي، نيڪ آهي اڳتي هل."

"هنن مون کي بستري تي سمهاريو. مان ڄاتو ٿي تہ مان پردي جي ٻي طرف هوس. ڇاڪاڻ تہ مان جڏهن، جڏهن بيمار ٿيندو هوس تہ مارفا اگناٽيونينا. مون کي اُتي جاءِ ڏيندي هئي ۽ پنهنجي ويجهو رکڻ گهرندي هئي. هوءَ مون تي منهنجي ڄمڻ کان وٺي بيحد مهربان رهي آهي. رات جي وقت مان نهايت آهستي ڪنجهندو رهيس، مون کي اميد هئي تہ دمتري فيودوربا ولووچ ايندو."

"توکي اِها اُميد هئي تہ هُو تو وٽ ايندو؟"

"مون وٽ نہ. پر مون کي اُميد هئي تہ هُو گهر ۾ ايندو. مون کي تہ سندس اَچڻ لاءِ ڪو شڪ ۽ شبهو بہ نہ هو. مون سمجهيو ٿي تہ هو رات جو گهر ۾ ضرور ايندو. مون کان سواءِ منهنجي اطلاع بغير هو اَچڻ وارو هو. سو بہ لوڙهي جي مٿان ٽپي. جيئن هو هميشہ ڪندو رهندو هو. جيڪڏهن هو نہ اچي ها؟"

"پوءِ تہ ڪجهہ بہ نہ ٿئي ها. مان ڪڏهن بہ اُن کان سواءِ ڪو ڪم نہ ڪري سگهان ها. "نيڪ آهہ، نيڪ آهہ.... وڌيڪ سمجهہ سان ڳالهاءِ، تڪڙ نہ ڪر. ڪنهن بہ شيءِ کي نہ ڇڏ."

مان اُميد ٿي ڪئي، تہ هو فيودور پاولووچ کي ماريندو. مان خيال ٿي ڪيو تہ يقيناً ايئن ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ مان ڪيس اِنهيءَ لاءِ تيار ڪيو هو. وڏي ڳالهہ اِها هئي تہ ڪڙڪن کان پوري ريت واقف هو. انهن ڏينهن ۾ منجهس جوش ۽ شبها وڌندا ٿي رهيا. اُنهن ڪڙڪن جي ڄاڻ سبب، اِهو ضروري هو تہ هو گهر ۾ گهڙي اَچي. هيءَ ٿرڻ جهڙي شيءِ نہ هئي، اُن ڪري مون کي سندس اچڻ جي اُميد هئي."

"ترس" ايون وچ ۾ ٽپندي چيو "جيڪڏهن هو ڪيس ماري ها ته پاڻ سان رقم به کڻي وڃي ها. تون اهو به ڌيان ۾ رک، پوءِ توکي ڇا حاصل ٿئي ها. مون کي ته نظر ايئن ٿو اچي؟

"پر ڪيس رقم ڪڏهن به هٿ نه اچي ها. ڪيس ته اها خبر هئي، جا مون ڪيس ٻڌائي هئي، ته رقم وهاڻي جي هيٺان آهي، پر حقيقت ۾ ايئن نه هو. هيءَ هڪ پيتيءَ ۾ هئي. مون پوءِ فيودور پاولووچ کي صلاح ڏني هئي. ڇاڪاڻ ته مان ئي وٽس اعتبار جوڳو هئس ته اُن لفافي کي جنهن ۾ اهي نوٽ پيل هئا. حضرت بيبي مريم جي مجسمي جي پويان ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏي. ڇاڪاڻ ته ڪو به ان جاءِ کي معلوم ڪري نه ٿي سگهيو. خاص طرح اُهو ماڻهو جو تڪڙ ۾ اُتي اچي ها. اهڙي ريت لفافو ان مجسمي جي پويان لڪائي رکيو هو. اهو واهيات هو ته اُن کي وهاڻي جي هيٺان رکيو وڃي. جيڪڏهن پيتيءَ ۾ رکجي ها، ته ان کي قلف ڏجي ها. پر سڀني جو خيال هو ته اهو لفافو وهاڻي جي هيٺيان هو. هڪ بيوقوفي واري شيءِ، جنهن تي اعتبار ٿي ڪيو ويو. اهڙي ريت جيڪڏهن دمتري فيودورپاولووچ، خون ڪري ها، ته ڪيس ڪجهه به هٿ نه اچي ها. هو يا ته تڪڙ ۾ ڀڄي وڃي ها. ڇو ته ڪيس هر وقت آواز جو خوف ٿئي ها جيئن اَڪثر خونين سان ٿيندو آهي. يا هو گرفتار ٿئي ها. ان ڪري مون لاءِ هر وقت اِها آسان ڳالهه هئي ته مٿي چڙهي ان مجسمي تائين پهچان ۽ رقم کڻي وڃان. مان بي ڏينهن يا خود ان رات ايئن ڪري ٿي سگهيس. پر اِهو سڄو الزام دمتري تي اچي ٿي سگهيو. مان اِهو ئي اندازو لڳايان ها. "پر جيڪڏهن هُو اُن کي قتل نه ڪري ها، ۽ فقط ڪيس ڪيرائي وڃهي ها نه؟"

"جيڪڏهن هو ڪيس قتل نه ڪري ها، ته پوءِ بيشڪ مان رقم کڻي نه سگهان ها. پوءِ ته ڪجهه به نه ٿئي ها. پر مان هن نتيجي تي پهتو هوس ته هو اُن کي ايترو نه ماري ها، جو ڪيس ڪو هوش ئي نه رهي ها ۽ مون کي ايترو وقت ملي وڃي ها، جو اُن لفافي کي کڻي وٺان ها. ان ڪان پوءِ فيودور پاولووچ کي ٻڌايان ها، ته اهو دمتري - فيودورپاولووچ ئي هو. جو ڪيس مارڻ ڪان پوءِ پيسا به کڻي ويو."

"ترس..... مون کي مغالطو ٿي رهيو آهي. تڏهن اِهو دمتري هو جنهن ڪيس قتل ڪيو ۽ تو فقط رقم کڻي ورتي؟"

"نه، هن ڪيس ماريو نه هو. بيشڪ مان هن وقت تائين ايئن ئي ٻڌائيندو رهيو آهيان ته هو قاتل آهي...... پر هاڻي، مان توسان ڪوڙ نه ڳالهائيندس، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تون هن وقت تائين نه سمجهي سگهيو آهين. جيئن مان ڏسان ٿو، ۽ جيڪڏهن تون مڪاري ڪان ڪم نه ٿو وٺين ته پنهنجي گناهه کي منهنجي مٿان اُڇلائي

وڃهين، تہ تون هن جرم لاءِ جوابدار آهين. تون اڳ ۾ ئي خون ڪي ڄاتو ٿي ۽ مون کي اُن جي ڪرڻ لاءِ تيار تہ ئي ڪيو. سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ هليو ويو هئين. اُن ڪري مان تنهنجي سامهون اڄ شام جو هيءَ ڳالهہ ثابت ڪرڻ گهران ٿو، تہ هن سڄي معاملي ۾ تون ئي سچو پچو قاتل آهين. جيتوڻيڪ مان ڪيس قتل ڪيو آهي. پر حقيقت ۾ سچو قاتل نہ آهيان حقيقت ۾ تون قاتل آهين.

”ڇو، ڇو! مان ڪيئن قاتل آهيان؟ خدايا!“ ايوان پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ آخر ڪيس رڙ ڪري چيائين. ڪانئس وسري ويو، تہ گفتگوءَ جي آخر ۾ هو، بحث ڇو ڪري رهيو آهي؟ ”ڇا تو وٽ شرماشينا وارو ئي دليل آهي. هن صورت ۾ تو منهنجي شرماشينا جي وڃڻ کي منهنجي پيءُ جي قتل لاءِ اشارو سمجهيو. ڀلاءِ تہ اُن جي تون کهڙي تشريح ڪري ٿو سگهين؟“

تنهنجي منظوري تي يقين ڪرڻ کان پوءِ، مون کي هي ڄاڻڻ گهرجي ها، تہ جيڪڏهن مون کان هي ٽي هزار ضايع بہ ٿي وڃن ها، تہ اُن تي تنهنجو ڪو بہ اعتراض نہ ٿيڻ گهرجي ها. توڙي جو مون تي دمتري فيودوروچ جي بجاءِ شڪ آندو وڃي ها يا مون کي سندس رفيق سمجهيو وڃي ها..... توکي منهنجو بين کان بچاءُ ڪرڻ گهرجي ها. توڙي جو جڏهن توکي تنهنجو ورثو ملي ها، تہ مون کي انعام ڏئين ها. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي باقي حياتي، هاڻي سگهاري هئي. اِهو ورثو، منهنجي ئي معرفت توکي مليو آهي. توکي خبر هئي تہ هو جيڪڏهن اگرافينا اليگزينڊرووينا سان شادي ڪري ها، تہ توکي هڪ ڪوڏي بہ نہ ملي ها.

”اڙي تہ تنهنجو پوءِ اِهو ئي ارادو هو، تہ مون کي تون سڄي حياتي تنگ ڪندو رهين ها.“ ايوان چڙ مان چيو. ”پر جيڪڏهن مان هليو نہ وڃان ها ۽ تنهنجي لاءِ اِهڙو اطلاع ڏيان ها، تہ پوءِ ڇا ٿئي ها؟“

”تون کهڙو اطلاع ڏئين ها؟ مان تہ توکي لالچ تي ڏني تہ شرما شينا هليو وڃ. هيءَ سڄي بيهودگي آهي. ان کان سواءِ پنهنجي گفتگو کان پوءِ، يا تہ تون هليو وڃين ها يا ترسي پوين ها. جيڪڏهن ترسي پوين ها، تہ ڪجهہ نہ ٿئي ها. مان سمجهان ها تہ تنهنجي خواهش نہ آهي ۽ ڪا بہ ڪوشش نہ ٿئي ها. جيئن تہ تون هليو ويو هئين اُن ڪري اُن جو مطلب هو تہ تو، مون کي اها پڪ ڏني هئي، تہ ڪيس جي وقت تون منهنجي خلاف اطلاع ڏيڻ جي همت ئي نہ ڪندين ۽ انهن ٽن هزارن ڏي نهاريندين بہ نہ. تون سچ پچ پوءِ مون تي ڪو بہ ڪيس داخل نہ ڪرين ها نہ قانوني چاراجوئي، ڇاڪاڻ تہ مان ڪورٽ ۾ سڄي حقيقت بيان ڪريان ها، تہ اِهو مان نہ آهيان، جنهن خون ڪيو آهي. يا چوري ڪئي آهي. مان ايئن چوان ها. تون ئي هئين، جنهن مون

کي قتل ۽ چوري لاءِ راضي ڪيو هو، ۽ جيتوڻيڪ مان ان کي قبول نہ تي ڪيو. مون کي تہ تنهنجي منظوريءَ جي ضرورت هئي. جيئن تون مون کي ڀوءِ پنهنجو نشانو نہ ٻڌائين. ڇو تہ تو وٽ ڀوءِ ڪهڙو ثبوت هجي ها؟ مان هميشہ توکي نشان ٻڌايو آهي ۽ پنهنجي پيءُ جي موت لاءِ هميشہ تنهنجي انتظار تي پئي سوچيو اٿم. مان عوام کي ٻڌايان ها تہ اوهان هن حقيقت تي اعتبار ڪريو ۽ ڀوءِ تون سڄي حياتي شرمندگيءَ ۾ گذاريندو رَهين ها."

"ڇا، مون کي ايڏو انتظار هو. سچ پچ؟" ايون وري ڇڙ مان ڇيو.

"مان توکي يقين تو ڏيان تہ توکي انتظار هو. تنهنجي منظوريءَ سان، جنهن کي نهايت خاموشيءَ سان قبول ڪيو هو، مان اهو سڄو ئي ڪم ڪيو." سميرديا ڪوف خاطر جملي سان ايون ڏي ڏٺو. هو نهايت ڪمزور هو ۽ نهايت هوريان ۽ تڪايل تي ڳالهايائين. پر ڪا اندرين طاقت کيس اُڀاريندي تي رهي. ايون محسوس ڪيو تہ وٽس ڪا اُن ڪارروائي بابت تجويز هئي.

"اڳتي وڌ!" ايون کيس ڇيو. "مون کي ٻڌاءِ تہ اُن رات ڇا تي گذريو؟"

"وڌيڪ ڇا ٻڌايان. مان اُتي پيو هوس. مان خيال ڪيو تہ منهنجو آقا واڪا تو ڪري، مون کان اڳ ۾ گريگري اوچتو اُتي پيو ۽ ٻاهر هليو ويو. اُن جي ڪمهلي رڙ آئي، ڀوءِ خاموشي ۽ اونداهي تي وئي. مان انتظار ۾ پيو رهيس ۽ منهنجي دل زور سان ڏڪ ڏڪ ڪري رهي هئي. مان اُن کي برداشت ڪري نہ سگهيس. مان آخر اُتيس، ٻاهر ويس. ڏٺم تہ کٻي پاسي باغ ڏانهن دري کليل هئي، مان کٻي پاسي قدم کڻي ويس تہ ڏسان تہ هو اُتي جيئرو وينو آهي يا نہ؟ مون کي اُن وقت آقا جي ڇرڻ پرڻ جو آواز تي آيو ۽ تڏا شوڪارا تي پريائين. ان مان سمجهيم تہ هو جيئرو آهي. مان دريءَ وٽ ويس ۽ آقا کي سڏ ڪيم ۽ ڇيائين تہ "مان آهيان مان!" هن بہ رڙ ڪري ڇيو تہ "هو آيو هو ۽ ڀڄي ويو. ان مان سندس مطلب هو تہ دمتري فيودوروِچ آيو هو ۽ هن گريگري جو خون ڪيو آهي." ڪٿي؟ مان ڪانئس آهستگيءَ سان پڇيو. هتي ڪنڊ ۾. هن اشارو ڪري ڇيو. هو بہ آهستگيءَ سان ڳالهائي رهيو هو. "ترسو" مان کيس ڇيو. اُن کان ڀوءِ مان باغ جي ڪنڊ ۾، اُن کي ڏسڻ لاءِ ويس. مان اُن وٽ پهچي، ڏٺم تہ هو پٽ جي پرسان پيو آهي. سڄو رت سان ڀريل آهي ۽ کو بہ هوش نہ اٿس. سو اِهو سچ آهي، تہ دمتري فيودوروِچ هت هو. فوراً اِهو خيال، منهنجي دماغ ۾ اچي ويو. اُن جاءِ تي ئي مون پڪتو اِرادو ڪيو تہ هن معاملي کي ختم ڪيو وڃي، ڀوءِ ڇو نہ گريگري جيئرو هجي، هو ڪجهہ هن معاملي جي باري ۾ ڏسي نہ سگهندو، ڇو تہ هو بيهوش پيو هو. فقط اِهو خطرو هو تہ مارفا اگنتيوينيا نہ جاڳي

پوي، مان انهيءَ گهڙيءَ محسوس ته ڪيو. پر اِهو انتظار ته اِهو ڪم پورو ڪيو وڃي، مون تي سوار ٿي ويو. ايستائين جو مان مشڪل سان ساهه کڻي سگهيس. مان وري پنهنجي آقا لاءِ دريءَ وٽ ويس، ۽ چيومانس ته ”هوءَ هتي آهي ۽ آئي آهي، اگرافينا اليگزينڊرووينا آئي آهي ۽ اَندر اچڻ ٿي گهري.“ هن هڪ ڀار وانگر ڇرڪ کاڌو ”هوءَ ڪٿي آهي؟“ هن عجب مان چيو. پر ڪيس اعتبار نه آيو. ”هوءَ هتي بيٺي آهي. اوهان جي دروازي کي کولي.“ هن دريءَ مان ٻاهر ڏٺو. ڪيس اَڌ اعتبار هو ۽ اَڌ اعتباري پر ڪيس در کوليندي خوف پئي ٿيو. ”هيءُ چو مون کان خوف ٿو کائي. مون اُن وقت خيال ڪيو ۽ هيءُ نهايت مزيدار هو. مون خيال ڪيو ته دريءَ تي اُهي ڪڙڪا ڪريان، جي اسان جي وچ ۾ مقرر ڪيا ويا هئا، ته گروشينڪا اچي وئي آهي، هاڻي ته اُن جي سامهون ۽ اُن جي حاضري ۾ هو. مان سمجهيو ته هو منهنجي لفظن تي اعتبار نه ٿو ڪري، اُن ڪري مون مقرر ڪيل ڪڙڪا ڪيا. جيئن ئي هن اُهي ڪڙڪا ٻڌا، هو دروازو کولڻ لاءِ ڊوڙيو. هن دَر کوليو. مان اندر هليو وڃان ها. پر هو مون کي روڪڻ لاءِ دروازي ۾ ٿي بيٺو. هوءَ ڪٿي آهي؟ هن ڏڪندي مون ڏانهن ڏٺو. خير منهنجو خيال جيڪڏهن سچو آهي، ته هو مون کي ڏسي ڊڄي ويو آهي، ته اها چڱي ڳالهه نه آهي. هن خيال جي ڪري خوف کان منهنجون ٽنگون ڏڪڻ تي لڳيون. مون سوچيو ته هو شايد مون کي اندر اچڻ نه ڏي. يا ٻاهر نڪري سڏ ڪري، يا مارفا اگنيٽوينيا پهچي وڃي يا ڪا ٻي ڳالهه ٿي پوي. مون کي هاڻي ياد نه ٿو اچي، پر منهنجو رنگ هارجي ويو ۽ ڪيس منهن ڏيڻ لاءِ بيهي رهيس. مان پٽڪندي ڪيس چيو ته ”چو، هوءَ ته هتي آهي، دريءَ جي هيٺان. اوهان الائجي چو ڪيس ڏسي نه ٿا سگهو؟ هن کي وٺي اَچ، وٺي اَچ!“ مان ڪيس چيو ته، ”هوءَ ڊڄي وئي آهي، هُو گوڙ کي ڏسي ڊڄي وئي آهي ۽ ٻوٽن جي جهنڊ ۾ لڪي پئي آهي. توهان پاڻ پڙهڻ واريءَ جاءِ کان وڃي ڪيس سڏ ڪريو.“ هو دريءَ ڏي ڊوڙيو ۽ ميڻ بتي دريءَ ۾ رکيائين. گروشينڪا کي سڏ ڪيائين گروشينڪا تون ڪٿي آهين؟ جيتوڻيڪ هن هيءُ سڏ ٿي ڪيا. پر هن نه ٿي چاهيو ته ٿوري دريءَ کان ٻاهر ڏسي يا مون کان پري ڇُري وڃي. ڇاڪاڻ ته هو مصيبت ۾ هو. مان دريءَ وٽ ويس ۽ وڃي نوڙيس. اجهو هوءَ هتي آهي. ۽ انهن ٻوٽن ۾ هوءَ توتي کلي رهي آهي. ڇا تون اُن کي نه ٿو ڏسين؟ ڪيس اوچتو اعتبار آيو. هو سچو ڏڏي ويو. هو بُري طرح اُن لاءِ ڇريو ٿيجي ويو هو. هو دريءَ ڏانهن ڊوڙيو. مان ڪاغذ جي مٿان رکڻ وارو لوهه جو تورو، سٽ ڏيئي ميز تان کڻي ورتو. ”توکي ياد هوندو، اُن جي تور ٽي پائونڊ ٿيندي. مان ان کي اُچلائي سندس مغز جي مٿان ڏڪ هنيو. هن ڪا به رڙ نه ڪئي. هو فقط اوچتو ڪري پيو. مان ڪيس ٻيهر ۽ ٽيهر ڏڪ

هنيا. ٽئين دفعي مان سمجهيو تہ سندس مغز کي پيچي وڏو آتم. هو پنيءَ پر ڦريو. سندس منهن مٿي هو ۽ سچو رت سان ڀڪجي ويو. مان چوڏاري ڏٺو. مون تي رت جو ڦڙو بہ نہ هو. مان ڪاغذن واري توري کي صاف ڪيو ۽ ان کي پنهنجي جاءِ تي رکيم. حضرت بيبي مريم جي مجسمي ڏي ويس. لفافي مان رقم ڪڍي ورتم. لفافو زمين تي اُڇلايم ۽ گلابي ڌاڳو بہ اُن جي پرسان ڦٽي ڪيم. مان ڏڪندي باغ ڏي هليو ويس. سڌو صوف جي وڻ ڏي، جنهن ۾ هڪ پور آهي جنهن جي توکي خبر آهي. مان اُن کي گهڻو اڳي تاڙي ورتو هو. مان اُن ۾ هڪ پراڻي ڪپڙي جو ٽڪرو ۽ ڪاغذ رکي ڇڏيو هو. مان سيئي نوٽ اُن ڪپڙي ۾ ويڙهيا ۽ اُن اُونهي پور ۾ اُن ڳنڍ کي اُڇلائي ڇڏيم. اُتي بہ هفتا ڪن اُها رقم پئي هئي. جڏهن مان اسپتال کان ٻاهر آيس تہ اُنهن کي اُچي ڪنيم. مان اُن وقت پنهنجي بستري ڏي هليو ويس ۽ سمهي پيس. مان اُن وقت خيال ڪيو، تہ جيڪڏهن گريگري مري ويو تہ ڏاڍي خراب ڳالهہ ٿيندي، پر جيڪڏهن هو بچي ويو تہ پوءِ هُـو. شاهدي ڏيندو، تہ دمتري فيودورياولووچ آيو هو ۽ هن ئي ڪيس قتل ڪيو هوندو ۽ رقم کٽي ويو هوندو. ان کان پوءِ مان ڪنجهڻ لڳس، جنهن مان منهنجي بي صبري ۽ پريشاني ظاهر هئي. هن ڪنجهڻ کان منهنجو مقصد هو تہ مارفا اگيونينيا کي جيتري قدر تي سگهي، ننڊ مان سجاڳ ڪريان. آخر هوءَ جاڳي پئي ۽ مون ڏانهن ڊوڙي آئي، پر جڏهن هن ڏٺو تہ گريگري موجود نہ آهي تہ هوءَ ٻاهر ڊڪندي وئي ۽ باغ ۾ ان جي رڙ کي ٻڌائين. ان کان پوءِ، ٻيو سڀ ڪجهہ ٿيندو رهيو ۽ مون کي اطمينان ملي ويو."

هو خاموش ٿي ويو. ايون هن وقت ۾، مڪمل خاموشيءَ سان ڌيان ڏيئي ٻڌندو رهيو. نہ هو چُريو پُريو ٿي، نہ هن مان اکيون ڪڍيائين ٿي. سميرڊياڪوف جڏهن پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪئي ٿي، تہ وقت بوقت هو ايون کي نهاريندو ٿي رهيو، پر گهڻو وقت، سندس اکيون جهڪيون ٿي رهيون. جڏهن هن پنهنجي ڪهاڻي پوري ڪئي تہ هو فطرتاً جوش ۾ اچي ويو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ساهہ کڻڻ لڳو. سندس نرڙ تپي ويو هو. پر هيءُ ٻڌائڻ مشڪل آهي، تہ هيءُ پڇهر ندامت جو هو يا طبعي.

ايون گهڙي کن فڪر ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چيائينس تہ "ترس، هيءَ حقيقت ڪيئن آهي؟ جيئن تہ هن دروازو، تنهنجي لاءِ کوليو هو، تہ گريگري ڪيئن ٿو چوي تہ توکان اڳ ۾ هن دروازو کليل ڏٺو هو؟"

هيءَ ڳالهہ ظاهر هئي تہ ايون ساڻس دوستاڻي نموني تي ڳالهايو ۽ سندس لهجو ئي بيو هو. هو اڳي وانگر ڪاوڙ ۾ نہ تي ڏٺو، ايتري قدر، جو اُن وقت جيڪڏهن اندر ليئو پائي ڏسي ها تہ هو پڪ سان هن نتيجي تي پهچي ها تہ هو صلح ۽ صفائي سان هڪٻئي سان گفتگو ڪري رهيا آهن. جا ڪا معمولي ڳالهہ آهي. پر مضمون دلچسپ آهي.

”دروازي جي باري ۾ تہ گريگري اُن کي کليل ڏٺو هو. اِهو عجيب خيال آهي.“ سميرديا ڪوف مشڪندي ڪيس چيو. هُو انسان ئي نہ آهي. مان توکي پڪ سان ٿو چوان تہ هو نرِ خچر آهي. هن ڏٺو ئي نہ هو. پر عجب تہ ٿئي تہ هن اُن کي ڏٺو هو ۽ منجهس کو بہ لوڏو ڪونہ آهي. اِها اسان جي خوشنصيبي آهي. جو وٽس اِهو خيال اچي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ اِهڙي حالت ۾ هو دمتري فيودورپاولووچ کي سزا ڏيڻ کان سواءِ نہ رهندا.

”ڏيان ڏيئي ٻُڌ....... ايون ڪيس چيو. هن اِهڙي ريت گفتگو کي شروع ڪيو جو معلوم پئي ٿيو. تہ هو وري منجهي ويو آهي. ۽ ڪوشش ٿو ڪري تہ ڪنهن ڳالهہ کي سمجهي ڏيان ڏيئي ٻڌي. مون وٽ ڪيترائي سوال آهن. جن کي توکان پڇڻ گهران ٿو. پر مون کان اُهي وسري ٿا وڃن..... مان انهن کي وساري ٿو ويهان ۽ هو وري هڪبئي ۾ گڏجي ٿا وڃن. پر گهٽ ۾ گهٽ مون کي هيءُ ٻڌاءِ تہ تو لفافي کي ڇو کوليو ۽ زمين تي ڦٽو ڪيو؟ تون لفافو پاڻ سان ڇو نہ ٿي کڻي وئين؟..... جڏهن تو مون کي اها ڳالهہ ٿي ٻڌائي، تڏهن مان خيال ٿي ڪيو. تہ تو صحيح حقيقت ٻڌائي آهي..... پر ڇو. مان اُن کي سمجهي نہ ٿو سگهان؟“ مان ڪنهن چڱي ڪارڻ لاءِ ايئن ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو. جنهن کي هيءَ سڄي خبر هجي ها. جيئن مان. جنهن سيني نوٽن کي اڳ ۾ ڏٺو هجي ۽ پاڻ ئي لفافي ۾ وڌو هجي. جنهن، اُن کي مهر ٿيندي ۽ اُن تي ائڊريس کي لکندي ڏٺو هجي. اِهڙو ماڻهو جيڪڏهن خون ڪري ٿو. تہ اِهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙي ضرورت هئي. تہ هو پوءِ لفافي کي ڦاڙي ها. سو بہ اُن نااُميديءَ جهڙي تڪڙ ۾. ۽ اِهو ڄاڻندي بہ تہ نوٽ اُن لفافي ۾ ضرور هوندا. نہ جيڪڏهن ڪو مون جهڙو ڦورو هجي ها. تہ هو سنئون سڌو لفافي کي کيسي ۾ رکي، جيتري قدر ٿي سگهي ها. تڪڙو تڪڙو هليو وڃي ها. پر دمتري فيودورپاولووچ جو معاملو ئي ٻيو هو. ڪيس ٻڌل ڳالهين تي لفافي جي خبر هئي. هن اڳ ۾ ان کي ڏٺو ئي ڪونہ هو. جيڪڏهن هيءُ اُن کي ملي وڃي ها. مثال طور وهاڻي جي هيٺان تہ هو اُن کي ڦاڙي ها. ۽ اهو خيال ئي نہ ڪري ها تہ ايئن ڪندي متس ثابتي ٿي جڙي. ڇاڪاڻ تہ هـُو عادي چور نہ هو ۽ نہ وري اڳ ۾ ڪا چوري بہ ڪئي هئائين. هو جمندي سڪر ماڻهو آهي. پر جيڪڏهن هو چوريءَ لاءِ تيار ٿئي ها. تہ رواج موجب چوري نہ هجي ها. ڇاڪاڻ تہ هو جو ڪجهہ کڻي ٿي ويو. سو سندس ئي هو. هن سڄي شهر کي اڳ ۾ ئي پنهنجو مقصد ٻڌائي ڇڏيو هو. ۽ هـُن وڏي واڪي ماڻهن کي منت ٿي ڪئي تہ هو ويندو ۽ پنهنجي ملڪيت فيودور پاولووچ کان وٺندو. منهنجي جڏهن آڏي پڇا پئي ٿي، تہ مان پراسيڪيوٽر (جاچ ڪندڙ عملدار) جي منهن ۾ پاڻي پرجي آيو.

پر ايئن تي سگهيو پئي تہ اِهي سڀئي ڳالهيون اُن موقعي تي تو سوچيون هيون؟ پنهنجي عجب تي قبضو ڪندي، ايون ڪيس للڪاريو. هن سميرڊياڪوف ڪي وري خوف مان ڏٺو.

اسان جي مٿان خدا رحم فرمائي! ڇا اُن نااُميديءَ جهڙي تڪڙ ۾ ڪو ايئن سوچي بہ سگهي ٿو؟ هيءُ سڀ ڪجهہ اڳ ۾ ئي سوچيو ويو هو.

"نيڪ آهي، نيڪ آهي... اِهو شيطان هو، جنهن تنهنجي مدد ڪئي آهي!" ايون وري رڙ ڪري چيو، "نہ، تون بيوقوف نہ آهين، مون جيئن خيال تي ڪيو، تون اُن ڪان وڌيڪ سياڻو آهين......"

هو پريشانيءَ مان اُٿي بيٺو. سندس اِرادو هو تہ ڪمري جي آرپار گهمي، هو خطرناڪ غم ۾ مبتلا هو. پر ميز سندس رستي کي روڪي ڇڏيو هو. ميز ۽ پٽ جي وچ ۾ مشڪل سان رستو هو، جنهن ڪان هو گذري سگهي. هو جنهن جاءِ تي بيٺو، اُتي فقط چوڌاري ڦري تي سگهيو ۽ ويهي رهيو. شايد ڇُرڻ پُرڻ جي مشڪل وري ڪيس جوش ۾ آڻي وڌو. هن اوچتو رڙ ڪئي، جا اڳي جهڙي ڪاوڙ واري هئي.

"بدنصيب ۽ ويرن سان پريل انسان ڏيان ڏيئي بڌ! تون اِهو سمجهي نہ ٿو سگهين. تہ مان توکي فقط اِنهيءَ لاءِ قتل نہ ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ مان توکي سياڻي ڪيس ۾ پيش ٿيڻ لاءِ جيئرو رکان تہ جيئن اُتي جواب ڏئي سگهين. خدا ڏسي ٿو." ايون پنهنجي هٿ کي مٺي ڪنيو. "شايد مان پڻ گنهگار هوندس. شايد سچ پچ. منهنجي اندر ۾ پنهنجي پيءُ جي موت لاءِ منهنجي خواهش هجي، پر مان قسم کڻي ٿو چوان تہ ايترو ڏوهي نہ هيس، جيئن تون سمجهين ٿو. ان لاءِ مان توکي ڪو بہ ڏوهہ نہ ڏيندس. نہ، نہ مان هن تي ڪو بہ زور نہ ڏيندس. پر اُن جي پرواهہ نہ آهي، مان سياڻي ڪيس ۾ پنهنجي خلاف پنهنجو بيان ڏيندس. مان اُن جو پورو ارادو رکان ٿو. مان سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس. پر اَسان ٻنهي کي گڏجي پيش ٿيڻ گهرجي. ڪيس ۾ جو ڪجهہ بہ توکي خلاف چوڻو هجي، چئي ڏج. مان اُن کي منهن ڏيندس. مان توکان ڪو نہ ٿو ڊڄان. مان پاڻ هرهڪ ڳالهہ کي قبول ڪندس! پر توکي بہ قبوليت ڏيڻ گهرجي، ضرور ضرور اسان ٻنهي کي گڏجي وڃڻ گهرجي. پوءِ ڪجهہ بہ ٿئي."

ايون هيءُ لفظ نهايت: گنڀيرائي ۽ محڪم فيصلي سان چيا. سندس تلي وارين اکين مان بہ ايئن پئي معلوم ٿيو تہ ايئن ئي ٿيندو.

تون بيمار آهين. مان ڏسان ٿو تہ تون بلڪل بيمار آهين. تنهنجون اکيون هيڊيون ٿي ويون آهن. سميرڊياڪوف بنا ڪنهن مذاق جي تشريح ڪندي چيو. سندس چهري مان همدردي صاف ٿي نظر آئي. اسان گڏجي هلنداسون. ايون وري دهرايو. "جيڪڏهن تون نہ ٿو هلين تہ پرواهہ نہ آهي، مان اڪيلو ويندس."

سميرڊياڪوف دم ورتو، ڄڻ تہ هو سوچي رهيو هو.

اهڙيءَ ريت ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهندو، تون ڪونہ ويندين." آخر ۾ هو زور ڏيندي، اُن پڇاڙيءَ تي آيو.

"تون مون کي سمجهي نہ ٿو سگهين." ايون ڪيس ملامت ڪندي چيو.

تو جيڪڏهن اِها سچي قبوليت ڏني، تہ بيحد شرمندو ٿيندين. اُن ڪان وڌيڪ، هن مان ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ مان سنئون سڌو چوندس تہ تو سان اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي آهي ۽ تون بيمار آهين (تون ڏسڻ ۾ بہ ايئن ٿو اَچين) يا تہ توکي پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ ايڏو ڏک آهي، تہ تون اُن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي قرباني ڏيئي رهيو آهين ۽ سيئي ڳالهيون تو منهنجي خلاف جڙتو ٺاهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ تو هميشہ مون کي مک ڪان بہ ڪمزور پئي سمجهيو آهي، پوءِ توتي ڪير اعتبار ڪندو؟ تو وٽ هڪ بہ ثابتي ڪهڙي آهي؟" پڌ تو مون کي اعتبار ڏيڻ لاءِ، هاڻي نوٽ ڏيکاريا هئا.

سميرڊياڪوف، اُن ڪتاب کي ڪنيو، جنهن ۾ نوٽ پيا هئا ۽ اُن کي ٻي طرف رکيائين. تون اِهي پيسا پاڻ سان کڻي وڃ. "سميرڊياڪوف ٿڌو ساهہ کڻندي چيو". بيشڪ مان انهن کي کڻي ويندس، پر تون مون کي اُهي ڇو ڏئي رهيو آهين، جڏهن تہ تو خون انهيءَ رقم جي لالچ ۾ ڪيو آهي؟

"ايون سخت اَچرج مان ڪيس ڏٺو"، "مون کي اِها نہ کپي". سميرڊياڪوف ڏڪندڙ آواز ۾ صاف طرح چيو جنهن ۾ انڪار جو زور هو. مون کي خيال هو تہ مان هن رقم سان ماسڪو يا ڪنهن ٻاهرين ملڪ ۾ پنهنجي نئين حياتي جو آغاز ڪندس. مان اُن جو خواب لهي ٿي سگهيس، خاص طرح ڇاڪاڻ تہ سيئي ڳالهيون قانون جي حد اَندر هيون. اِهو سڀ صحيح هو، جو تو مون کي سيکاريو هو، ڇو تہ تو مون سان اُن باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڳالهايو هو. نہ اخلاق کي اهميت آهي نہ وري ان جي ڪا ضرورت آهي. تون هن ۾ صحيح هئين. مان بہ اُنهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان.

"تون اِنهيءَ فيصلي تي پاڻ آيو آهين؟" ايون مشڪندي، مطمئن آواز ۾ ڪانئس پڇيو.

۽ هاڻي تون خدا ۾ يقين ٿو رکين، جو تون مون کي رقم موٽائي ٿو ڏئين؟

"نہ، نہ، ايئن نہ آهي." هن آهستي پٽڪندي چيو.

تڏهن موٽائي ڇو ڏئي رهيو آهين؟

"هن کي ڇڏ، اِهو ڪافي آهي." سميرڊياڪوف وري پنهنجي هٿ کي لوڏيو، "تون هميشہ پاڻ ئي چوندو هئين تہ سڀ ڪا شيءِ قانون موجب آهي، سو هاڻي تون ايترو پريشان ڇو آهين؟ تون پنهنجي خلاف بہ شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار آهين...... ۽ اُن مان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، تون پنهنجو بيان ڏيڻ لاءِ ڪونہ ويندين؟"

سميرديا كوف معاملي کي طئي ڪندي چيو.

"تون ڏسندين!" ايون ڪبس چيو.

"هيءُ تي ئي نہ تو سگهي!" تون بيحد سياڻو آهين. تون پيسي جو شوقين آهين. مون کي اُن جي خبر آهي. تون چاهيندو آهين تہ توکي عزت ملي. چاڪاڻ تہ تون بيحد مغرور آهين. تون زناني ادائن جو حد کان گهڻو خواهان رهندو آهين. تون سڀ کان وڌيڪ هيءُ پسند ڪندو آهين، تہ تنهنجي زندگي آرام سان گذري ۽ ڪنهن بہ تي تنهنجو آسرو نہ هجي - اِها ئي ڳالهہ آهي، جنهن جي تون خبرداري ڪندو آهين. تون ڪڏهن بہ اِهڙي تڪليف پنهنجي مٿان، آڻي پنهنجي زندگيءَ کي هميشہ لاءِ خراب نہ ڪندين. تون فيودور پاولووچ وانگر آهين. سندس سيني ٻارن مان. فقط تنهنجي ئي، اُن سان مشابهت ٿي سگهي ٿي. تو وٽ بہ اُهو ئي روح آهي، جو اُن وٽ هو."

"تون بيوقوف نہ آهين." ايون ڪيس چيو. مٿس وڏو اثر پيل ٿي ڏٺو ۽ خون سندس چهري ۾ ڊوڙي ويو. تون هاڻي سنجيده آهين، هن سميرديا ڪوف ڏي اوچتو عجيب ڪشمڪش سان نهاريندي چيو.

"اِهو ئي تہ تنهنجو غرور هو. جو تو مون کي مغرور ٿي سمجهيو. رقم کڻي وڃ."

ايون، نوٽن جي ٿهي تهين کي کنيو ۽ اُنهن کي ڪنهن بہ شيءِ ۾ ويڙهڻ کان اڳ کيسي ۾ وڌو ۽ چيائينس تہ: "مان هيءُ سڀاڻي ڪورٽ ۾ ڏيکاريندس."

"ڪو بہ توتي اعتبار نہ ڪندو. چاڪاڻ تہ تو وٽ اڪيچار دولت آهي. تو فقط پنهنجي تجوڙيءَ مان هُن کي ڪڍي، ڪورٽ ۾ آندو آهي."

ايون پنهنجي جاءِ تان اُٿيو.

"مان وري بہ توسان هيءَ ڳالهہ دهرايان ٿو. تہ مان توکي قتل نہ ڪيو آهي، اُن جو سبب هيءُ آهي، تہ سڀاڻي تنهنجي ڪورٽ ۾ ضرورت پوندي. هيءَ ڳالهہ ياد رک ۽ اُن کي نہ وسار." "نيڪ آهي، هاڻي ئي مون کي ماري ڇڏ." سميرديا ڪوف اوچتو عجيب نگاهن سان ايون کي ڏسندي چيو."توکي، ان جي بہ همت نہ ٿيندي. هن چڙ ڏياريندڙ مشڪڻ سان ڪيس چيو. توکي ڪنهن بہ شيءِ جي ڪرڻ جي همت نہ ٿيندي. تون جو نهايت همت وارو هئين؟"

"سڀاڻي ڏسبو" ايون رڙ ڪري چيو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ چُريو.

"گهڙي ترس...... مون کي اِهي نوٽ ڏيکار!"

ايون نوٽن کي ڪڍيو ۽ کيس اُهي ڏيکاريائين. سميرديا ڪوف ڏهن سيڪنڊن لاءِ انهن کي ڏٺو.

هٿ کي لوڏيندي، هن ڪيس چيو هاڻي تون وڃي سگهين ٿو. هن وري ڪيس سڏ ڪيو. "ايون فيودورپاولووچ! توکي ڇا کپي؟" ايون ترسڻ کان سواءِ پوئتي مڙيو.

”خدا حافظ!“

سياٽي تائين، ايون زور سان چيو ۽ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويو.

برف جو طوفان اَجا لڳي رهيو هو. هو ٿڙيائين ٿورا قدم نهايت همٿ سان اڳتي وڌيو، پر اوچتو ڏڪڻ لڳو. هو غير محدود پختگيءَ سان آشنا ٿي چُڪو هو. هُو اُن تذبذب حالت کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. جا گهڻي وقت کان کيس عذاب ڏئي رهي هئي. هن پنهنجو فيصلو ڪري ورتو هو، ۽ اهڙي اُن ۾ ڪا بہ تبديلي اَچڻ واري نہ هئي. هو پنهنجي نجات تي خيال ڪندو رهيو. ايتري ۾ هو ڪنهن شيءِ جي مٿان وڃي ڪريو، هو ٿورو ترسيو. هن پنهنجي پير لڳڻ سان محسوس ڪيو تہ جنهن ڪڙمي کي هن ڌڪ هڻي هيٺ ڪيرايو هو. سو اَجا بيهوش ۽ بنا ڪنهن چرپر جي پيو هو. برف سندس سڄي منهن کي ڍڪي ڇڏيو هو. ايون کيس مٿي ڪنيو ۽ پنهنجي ڪلهي ۾ ورتو. رستي جي سڄي پاسي ۾ هڪ گهر ۾ روشني ڏسي، هو اوڏانهن ويو ۽ اُن کي کڙڪايائين. گهر جي مالڪ کي چيائين تہ هو اُن ماڻهو کي پوليس جي ٿاڻي تائين ڪٺائڻ ۾ مدد ڪري، جنهن لاءِ هو کيس ٽي روبل ڏيندو. هو ماڻهو تيار ٿي ويو ۽ ٻاهر آيو. مان اهو تفصيل سان بيان نہ ڪندس، تہ ايون ڪيئن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اُن ڪڙميءَ کي پوليس ٿاڻي تي پهچايائين ۽ ڊاڪٽر جو انتظام ڪيائين تہ اُن کي هڪدم اچي ڏسي. اُن لاءِ هن پنهنجي ڪشاده دستي کي بهتر ريت ڏيکاريو. پر مان فقط اهو ٻڌائيندس تہ اِن سڄي ڪم ۾ کيس ڪلاڪ لڳي ويو ۽ کيس تسلي اچي وئي، سندس دل مسلسل طرح ڀٽڪندي ۽ ڪم ڪندي رهي.

”جيڪڏهن مان پنهنجو فيصلو سڀاڻي لاءِ پختگي سان نہ ڪريان ها، هن تسليءَ سان سوچيو، تہ مان جيڪر سڄو ڪلاڪ هي ڪڙميءَ جي سنڀال ۾ صرف نہ ڪريان ها، تہ پوءِ شايد سندس حالت جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪريان ها، مان مڪمل طور پاڻ تي ضابطي قائم رکڻ لائق بڻجي ويو آهيان.“ هن ساڳي وقت وڌي تسليءَ سان خيال ڪيو، تہ هنن کي ڏسو، جي منهنجي لاءِ چون ٿا تہ مان ديوانو بڻجي ويو آهيان.

جيئن ئي هو پنهنجي گهر ۾ آيو تہ ڪجهہ وقت لاءِ ترسيو. پاڻ کان پڇڻ لڳو، چڱو ايئن نہ ٿيندو تہ هڪدم پوليس جي جاچ ڪندڙ عملدار وٽ وڃي، اُن کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏي. هن هيءَ فيصلو گهر کي پٺ ڏيندي ئي ڪري ورتو. سياڻي سڀئي ڳالهيون گڏجي ٿينديون، هو پاڻ سان پٽڪيو، هيءَ عجب جي ڳالهہ هئي، جو سندس سڄي خوشي ۽ تسلي، هڪ وقفي ۾ ڪانئس گذري وئي.

جڏهن هو پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو، تہ هن دل تي برف جهڙي شيءِ کي محسوس ڪيو. اُها يادگيري وانگر هئي يا اَجا بہ ڪنهن يادنامي وانگر جا ڏک ڏيندڙ

۽ بغاوت جهڙي هئي. جا سندس ڪمري تي قبضو ڪري چڪي هئي ۽ اڳ بہ موجود هئي. هو ٽڪجي صوفي تي ڪري پيو. پوڙهي وٽس سماوار کڻي آئي. چاءِ ٺاهيائين پر اُن کي چکيائين بہ نہ. هو صوفي تي وينو ۽ پاڻ کي منجهيل سمجهڻ لڳو. هن محسوس ڪيو. اُها يادگيري وانگر هئي يا اَجا بہ ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو بيمار آهي ء بيوس. هو ننڊ ڪرڻ لاءِ سمهيو، پر بي آرامي ۾ اُٿيو ۽ ڪمري ۾ آرپار گهمڻ لڳو تہ جيئن سندس پريشاني ختم ٿئي. اُن وقت هو سمجهڻ لڳو تہ هو بدحواسيءَ ۾ مبتلا آهي. جا بيماري تہ نہ هئي. جيئن هن سمجهيو ٿي. هن وري ويهڻ سان چوڌاري نهاريو. ڄڻ تہ ڪنهن شيءِ کي ڳولهي رهيو آهي. اِهڙي حالت ۾ متس ڪئي پيرا آئي. آخر سندس اکيون هڪ مرڪز تي بيهجي ويون.

ايون مشڪيو پر سندس صورت، ڪاوڙ ڪان سرخ ٿي وئي. هو ڪيتري وقت تائين اُن جاءِ تي پيو رهيو ۽ آخر پنهنجي متي کي هٿن ۾ ورتائين ۽ تند نگاهہ سان، جيتوڻيڪ اُن مرڪز ڏي نهاري رهيو هو، جتي صوفو رکيل هو. پر وري مُنهن ڦيرائي پٺ ڏي ڪيائين. معلوم پئي ٿيو تہ اُتي ڪا اِهڙي شيءِ آهي، جا کيس بي آرام بڻائي چڙ تي ڏياري.

## باب نائون

# شيطان: ايون جو رات وارو خواب

"مان ڊاڪٽر تہ نہ آهيان، پر اُن هوندي بہ مان محسوس ٿو ڪريان تہ اُها گهڙي اچي وئي آهي، تہ مان ايون جي بيماري جي نموني بابت پڙهندڙ کي اٽل حقيقت ٻڌايان. واقعن جي ذڪر ڪان اڳ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ گهران ٿو. متس اُن گهڙي ۽ اُن شام جو مغز جي بيماري (مغز جو بخار) جو حملو پئي ٿيو. جيتوڻيڪ سندس صحت تي گهڻي وقت کان اَثر ٿي پيو ۽ هن، اُن تپ لاءِ غير معمولي برداشت جي قوت جو مظاهرو تي ڪيو، جو آخر ۾ متس قابض ٿي ويو. جيتوڻيڪ مون کي طب جي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي، پر مان هيءُ خطرو ڪٿي، جوڪي واري حقيقت پيش ڪريان ٿو، تہ هيءُ سچ پچ پنهنجي قوت ارادي جي خطرناڪ ڪوشش سان اُن حملي کي ٿوري وقت لاءِ ترسائيندو تي رهيو. فقط اِنهيءَ اُميد سان، هو مڪمل طرح اُن تي قبضو حاصل ڪري وٺندو. ڪيس خبر هئي تہ هو ناخوش آهي، پر هن اُن خطرناڪ وقت ۾ بيمار هئڻ واري خيال کي نفرت سان ڏٺو. اُن وقت، جو سندس زندگيءَ جي مصيبتن جو دور هو، ۽ هن چاهيو ٿي تہ سندس سيئي هواس سندس قبضي ۾ هجن. ايئن ڪٿي چئجي تہ هن نهايت همت ۽ پختگيءَ سان ڄڻ چيو ٿي تہ پاڻ کي پاڻ سان ئي تورڻ گهرجي."

ان هوندي بہ هن نئين ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو هو. جو ڪيٽرينا ايونونا پنهنجي والهانہ غرض لاءِ ماسڪو کان گهرايو هو، جنهن جو متي مان ذڪر ڪري آيو آهيان. ڊاڪٽر اُن کي ٻڌڻ ۽ جاچڻ کان پوءِ، هن نتيجي تي آيو هو تہ هو سچ پچ دماغ جي بدانتظاميءَ جو بيمار آهي. ايون وٽس جا بہ حقيقت ٻڌائي هئي، اُن کان هو ڪنهن بہ عجب ۾ نہ آيو هو. تنهن حالت ۾ تصور جو فريب پورو نظر ٿو اچي، ڊاڪٽر پنهنجي راءِ ڏني، جيتوڻيڪ چڱو ٿيندو تہ اُن کي جاچي ڏسجي...... توکي هن لاءِ فوري قدم کڻڻ گهرجي. اُن ۾ هڪ گهڙيءَ جي بہ دير نہ پوڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ تولاءِ حالتون خراب ٿي پونديون. پر ايون سندس واضح صلاح جي پنيرائي نہ ڪئي ۽ هن پاڻ کي آرام ڏيڻ لاءِ بستري تي نہ آندو. "مان هيڏي هوڏي گهمان ٿو، جنهن مان سمجهان ٿو تہ مان ڪافي طاقتور آهيان. جڏهن مان ڪريس تہ اُها ٻي شيءِ ٿيندي. اُن وقت جنهن کي وڻندو، منهنجي تيمارداري ڪندو." هُن اُن مضمون کي موقوف ڪندي پنهنجو فيصلو ڏنو.

هو پنهنجي پريشانيءَ کان پوري ريت پاڻ خبردار ويٺو هو. جيئن مان اڳ ۾ چيو آهي. هو ڪنهن شيءِ کي صوفي تي، جو پٽ جي پرسان رکيو هو، چتائي نهاري

رهيو هو. كيس نظر آيو ته كو ماڻهو اُتي وينو آهي. خدا بهتر ٿو ڄاڻي ته هو اَندر كيئن گهڙي آيو هو. جڏهن ته هُو اُن وقت هيو ئي كونه. جڏهن ايون، سميرڊياكوف سان ملي، موٽي آيو هو. هيءُ ماڻهو، جيكڏهن صحيح ريت ٻڌايو وڃي ته خاص نموني جو روسي سكر ماڻهو ٿي ڏٺو. هو نوجوان ته نه ٿي ڏٺو. پر فرينچ چوڻيءَ موجب، وٿس رت ۽ پت هئي. سندس ڏگها، گهاٽا ۽ كارا وار هئا ۽ نوكدار پوري ڏاڙهي. كيس خاكي رنگ جو جئكيٽ پهريل هو. جو كنهن چڱي درزيءَ جو سبيل ٿي ڏٺو. جيتوڻيك اُن جو رواج ٽن سالن كان گهٽجي ويو هو. جو كنهن خوش پوش ۽ تيز طبع ماڻهن. ٻن سالن كان اُن كي نظرانداز كري ڇڏيو هو. سندس قميص ۽ ڳچيءَ ۾ پيل رومال، جو سندس ڳچيءَ ۾ نيكٽاءِ وانگر ٿي ڏٺو. اهڙا هئا، جي فيشن وارا ماڻهو پهريندا آهن. پر ويجهو وڃڻ سان خبر ٿي پئي ته قميص صاف نه هئي ۽ سندس ڳچيءَ مان تندون نكري آيون هيون. ملاقاتي جو پجامون چيك جو هو. ۽ عمدو سبيل هو. جنهن جو رنگ هلكو ۽ موجوده فيشن جي نسبت نهايت تنگ هو. سندس نرم ۽ نازك ۽ اڇي هيٽ (ٽوپي) موسم جي خلاف ٿي ڏٺي.

مختصر طرح ته سندس هركو ڏيك ويك سڌي طرح سكر ماڻهوءَ جهڙو هو. ايئن معلوم پئي ٿيو. ته هو بيكار زميندارن جي درجي مان آهي، جيكي غلامي جي دور جي پيداوار ٿين ٿا. هيءُ غلطيءَ كان سواءِ چئي سگهجي ٿو ته هو كنهن چڱي وضعدار سماج ۾ ٿي رهيو. جنهن سان سندس گهاٽا تعلقات هئا. جن كي هو اڃا تائين برقرار ركندو ٿي آيو. پر پنهنجي خوشنما جوانيءَ كان پوءِ آهستي آهستي غلامي جي منزل كان گذري چكو هو. پنهنجي نيك دوستن، هك كان ٻي تائين پنكي رهيو هو ۽ سندن صحبت ۾ پنهنجي رهڻ خاطر وٽن پئي ٿي قريو. پر هو آخر ته سكر ماڻهو هو، اُن كري هر كو ماڻهو كيس ويهڻ لاءِ جاءِ ڏئي رهيو هو. هن قسم جي سازگار طبعيت وارو ماڻهو ۽ ٻين تي آڌار كرڻ وارا. يا ته كا آكاڻي ٻڌائيندا آهن يا جوا كيڏندا آهن. هو ٻين فرض كان پنهنجي بيزاري ڏيكاريندا آهن. جڏهن كي مٽن عائد كيا ويندا آهن. هيءُ گهڻو كري تنهائي پسند يا ته كنوارا هوندا آهن يا رنڙ. كڏهن كڏهن كين ٻار به هوندا آهن. جيكڏهن ايئن هوندو آهي، ته هو پنهنجي ٻارن كي دور ركندا آهن ۽ پڦيءَ يا ماسيءَ وٽ ڇڏيندا آهن. جن كي هيءُ سكر ماڻهو كڏهن به چڱي سماج ۾ اشاري سان به ظاهر نه كندا آهن. ڇاكاڻ ته كين هن تعلق كان شرم ايندو آهي. آهستي آهستي هو پنهنجي ٻارن كي به وساري ويهندا آهن. جيتوڻيك هنن وقفن ۾ وٽن، سندن سالگرهه ۽ كرسمس جا كارڊ به پهچندا آهن. كڏهن كڏهن كٿي كين جواب ڏيندا آهن.

اُميد جي خلاف ملاقاتيءَ جو چهرو، ڪنهن چڱيءَ طبعيت واري جو تہ نظر نہ ٿي آيو، جنهن مان سازگار ۽ موقعي شناس لڪيرون صاف نظر ٿي آيون. ڪيس ڳهڙي تہ ڪانہ هئي، پر ڪيس ڪاري ذاڳي سان ڪچونءَ جي خول جهڙي عينڪ ضرور هئي. سندس سڄي هٿ جي وچين آڱر ۾ سون جي منڊي هئي، جنهن ۾ ڪو نقلي پٿر پيل هو.

ايون ڪاوڙ مان خاموش هو ۽ هن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ هو. ملاقاتي بلڪل ڏورانهين رشتي وانگر خاموش ويٺو هو ۽ ڄڻ تہ پنهنجي ڪمري مان ميزبان وٽ چاءِ پيئڻ لاءِ آيو هو، هو ڏسي رهيو هو تہ سندس ميزبان جَڪ ڪائي رهيو آهي ۽ بيزار آهي. پر هو ڪنهن بہ گفتگو ڪي خوش خلقيءَ سان ڪرڻ لاءِ تيار هو، فقط دير هئي تہ ميزبان اُن ڪي شروع ڪري. اوچتو، سندس چهري مان عجيب خاموشيءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو.

”مان چوان ٿو، هن ايون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ مون ڪي معاف ڪر مان توکي فقط هيءُ ياد ڏيارڻ گهران ٿو.“ هن ايون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ ”مون ڪي معاف ڪر مان توکي فقط هيءُ ياد ڏيارڻ گهران ٿو تہ تون سميرڊياڪوف ڏي انهيءَ لاءِ ويو هئين، تہ ڪيٽرينا ايونونا جي باري ۾ پڇا ڪرين، پر تون ڪنهن بہ اهڙي حقيقت پڇڻ کان سواءِ هليو آئين، شايد تو اُن ڪي وساري ڇڏيو هو.....“

”هائو، ايون جواب ڏنو ۽ سندس چهرو بي آراميءَ کان اُداس ٿيجي ويو. هائو، مون کان اهو وسري چڪو هو......... پر اُن جي پرواھ نہ آهي. خيال نہ ڪر سڀاڻي. هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو ۽ تون.......“ هن ملاقاتيءَ ڪي خطاب ڪندي چيو تہ مان هن ڳالھ ڪي منٽ ۾ ياد ڪري وٺان ها. ۽ اِها ئي ڳالھ تہ هئي، جا مون ڪي هاڻي عذاب ڏيئي رهي هئي. تون چو ٿو، هن ۾ دخل اندازي ڪرين. مون ڪي هن وسهڻ لاءِ موقعو تو ڏئين تہ ڄڻ تہ تون مون ڪي اُن جي يادگيري ڏياري رهيو آهين ۽ ڄڻ تہ مون ڪي اِها ڳالھ ياد ئي نہ آهي.

تڏهن تہ هن تي ويساھ نہ آڻ. اُن سڪر ماٿهو، مشڪندي، دوستاڻي نموني چيو. تنهنجي ارادي جي خلاف ويساھ مان ڪهڙو فائدو؟ اُن ڪان سواءِ، ثابتين جي هوندي ويساھ مان ڪهڙو فائدو؟ خاص ڪري مادي ثابتيون. ٿامس انهيءَ لاءِ ويساھ نہ ڪيو هو، تہ هن حضرت مسيح ڪي اُٿندي ڏٺو هو، پر چاڪاڻ تہ هن ڪي ويساھ آڻڻو هو، اُن ڪري ڏسڻ ڪان اڳ ۾ ئي هُـن ايمان آندو هو. مثال لاءِ روحانيت وارن ڏي نهار، ......... مان اُنهن جو ارادتمند آهيان..... فقط اِهو اچرج لڳندو اٿم تہ سندن تصور هوندو آهي، تہ هو مذهب جي خدمت ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ شيطان ڪين بہ دنيا مان پنهنجا سڱَ ڏيکاريندو رهندو آهي. جنهن ڪي هو چون ٿا تہ مادي ثابتي. عقبيٰ ۽ مادي ثبوت وڌيڪ ٻيو ڇا کپي! جيڪڏهن اوهان هن ڳالھ تي ايندا تہ شيطان

جو وجود آهي، تہ پوءِ اوهان کي خدا کي ثابت ڪرڻو پوندو ۽ مجڻو پوندو تہ خدا آهي؟
”مان با اُصول جماعت ۾ شامل ٿيڻ گهران ٿو. مان اُن ۾ مخالفت اختيار ڪندس. مان اُنهن کي چوندس تہ مان حقيقت پسند آهيان ۽ ماده پرست نہ آهيان. ها. ها.“

ايون اوچتو پنهنجي جاءِ کان اُٿيو ۽ چيائينس، ”ڏيان ڏيئي ٻڌ. مان هذيان ۾ مبتلا آهيان.“

”بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي مان هذيان ۾ ورتل آهيان..... توکي جيئن وڻي، تيئن وينو ڳالهاءِ، مون لاءِ سڀ ڳالهہ برابر آهي. اڳي وانگر مون کي تون جوش ۾ آڻي نہ سگهندين. جيئن پوئين ڀيري تو ڪيو هو. پر مون کي ٿوري گهڻي ندامت ٿئي ٿي...... مان ڪمري ۾ گهمڻ ٿو گهران. مان توکي ڪنهن وقت ڪو نہ ٿو ڏسان ۽ نہ وري تنهنجو آواز ٿو ٻڌان. جيئن اڳئين ڀيري ٿيو هو. پر مان هميشہ ايئن محسوس ڪيو آهي، تہ تون ڪهڙي ريت ڏوکو ٿو ڏئين. چاڪاڻ تہ مان ئي آهيان جو ڳالهائي رهيو آهيان، نہ تون. فقط مون کي اها خبر نہ ٿي پوي، تہ پوئين دفعي ايئن تہ نہ هو تہ مان خواب ڏسي رهيو هوس، يا سچ پچ. مون توکي ڏنو بہ هو. مان ٽوال کي تر ڪندس ۽ مغز تي رکندس. پوءِ شايد تون هوا ۾ غائب ٿي ويندين.“

ايون ڪنڊ ۾ ويو. ٽوال کي کنيائين ۽ جيئن چيو هئائين، تيئن ڪيائين. اُن آلي ٽوال کي مٿي تي رکي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو.

مون کي بيحد خوشي ٿي ٿئي، تہ تون مون سان ويجهڙائي واري هلت وٺي رهيو آهين. ملاقاتي چيو. ”بيوقوف!“ ايون ڪليو. تون سمجهين ٿو تہ مان رسم ۽ رواج ۾ توسان شامل ٿيندس. مان هاڻي پوري سمجهہ ۾ آهيان. جيتوڻيڪ مون کي پيشانيءَ ۾ اجا سور آهي..... مٿي جي چوٽيءَ ۾...... مهرباني ڪري فقط فلسفا نہ ڳالهاءِ. جيئن اڳئين ڀيري ڪيو هو ۽ جيڪڏهن تون ڳالهائڻ کان پاڻ کي روڪي نہ ٿو سگهين. تہ ڪا وندرائيندڙ ڳالهہ ٻڌاءِ. ڪا گپ بازي جي ڳالهہ ٻڌاءِ. توسان ايڏو تہ تعلق نہ اٿم. اُن ڪري توکي گپ بازي ئي ٻڌائڻ گهرجي. ڪهڙو نہ خواب آهي! پر مان توکان ڊڄان نہ ٿو. توتي قبضو ڪري وٺندس. مون کي چرين جي اسپتال ۾ ڪو نہ وٺي ويندا.

”هيءَ نهايت وندرائيندڙ ڳالهہ آهي، تہ گهاٽو تعلق نہ آهي. هاڻي مان پنهنجي فطرتي صورت ۾ آهيان. چاڪاڻ تہ زمين تي منهنجا سادا لاڳاپا ئي هوندا نہ؟ جنهن طرح مان توڏي ڌيان ڏيئي رهيو آهيان. مون کي عجب ٿو لڳي تہ مون کي حقيقت سمجهي رهيو آهين. هيءَ تنهنجو فقط عجب نہ آهي، پر اڳئين ڀيري بہ تو ايئن ئي ڪيو هو.“

ايون ڪاوڙ مان رڙ ڪري چيو، تہ ”مان توکي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ حقيقت نہ ٿو سمجهان. تون سچو ڪوڙ آهين ۽ منهنجي بيماري آهين ۽ هڪ وهمي صورت آهين.

مون کي فقط اها خبر نہ ٿي پوي تہ توکي ڪيئن برباد ڪريان ۽ مان ڏسان ٿو تہ اُن ڪري، مون کي ڪجھہ وقت پوکڻو پوندو. تون فقط منهنجي نظر جو ڌوکو آهين. تو منهنجي صورت اختيار ڪئي آهي، پر منهنجو فقط هڪ پاسو آهين........ منهنجي فڪر ۽ جذبات جو...... پر اُنهن مان بہ فقط منهنجي شرير ۽ بيوقوفي وارين حرڪتن سان واسطو ٿو رکين. ڪنهن بہ راءِ جي نقطہ نظر کان، تون منهنجي لاءِ دلچسپي جو سبب هجين. پر ايترو مون کي وقت هجي، جو مان تنهنجي لاءِ وجائي سگهان......"

مون کي معاف ڪر، مون کي معاف ڪر، مان توکي شڪ شبهي کان ٻاهر ٿو آڻيان. ٿورو وقت ٿيو تو رستي جي فانوس جي هيٺان، اَڄ شام جو اليوشا کي واڪو ڪري چيو هو، تہ اُن وقت بہ منهنجو خيال ٿي ڪيو. هيءُ سڀ ڪجھہ تو اُن کان سکيو آهي. توکي ڪهڙي خبر تہ هو مون سان ڪيئن ملندو آهي. اُن ڪري هڪ مختصر گهڙيءَ لاءِ، تو ائين چيو ٿي تہ منهنجو وجود آهي. هو سڪر ماٺهو زور سان ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

"هائو، اُها ڪمزوريءَ واري گهڙي هئي..... پر مان تو ۾ ڪو بہ اعتبار نہ ٿو آڻيان. اڳئين پيري، مون کي اِها بہ خبر نہ هئي، تہ مان جاڳيس ٿي يا ننڊ ۾ هوس. شايد مان اُن وقت خواب ڏسي رهيو هوس. مان توکي سچ پچ ڪونہ ڏٺو هو...."

"ٿورو وقت گذريو، تون اليوشا سان، ڇاجي لاءِ ڪاوڙيو هئين؟ هو نهايت عزيز آهي. مربي زوسيما جي مٽان، مان هن سان خراب روش اختيار ڪئي هئي."

"اليوشا جي بابت ڪجھہ نہ ڳالهاءِ! توکي اِهڙي همت ڪيئن ٿي آهي؟ بيوقوف!" ايون وري ڪليو. تو مون کي ڇينبيو ۽ وري کلي رهيو آهين. اِها چڱي نشاني نظر اَچي رَهي آهي. پر تون اڳين دفعي کان گهڻو مروت وارو نظر اچي رهيو آهين ۽ مان ڄاڻان ٿو، تہ ڇو هيءَ تنهنجي عظيم راءِ جي پختگي آهي.

منهنجي فيصلي جي ڳالھہ نہ ڪر. ايون وحشياڻي طرح ڪيس چيو.

"مان سمجهان ٿو. مان سمجهان ٿو. تون شاندار ۽ دلڪش انسان آهين. تون پنهنجي پيءُ جو ٻچاءُ ڪرڻ گهرين ٿو ۽ اُن لاءِ پنهنجي قرباني ڏيئين ٿو. هيءُ بهادراڻو عمل آهي....."

تون پنهنجي زبان کي روڪ..... مان توکي لتون هڻي ٻاهر ڪيندس.

مون کي اُن لاءِ ڪو بہ ڏک نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اِنهيءَ حالت ۾ منهنجو مطلب پورو ٿيندو. جيڪڏهن تون مون کي لتون هڻي ٻاهر ڪيندين تہ اِها منهنجي وجود جي صداقت ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو پوتن کي لتون نہ هڻندا آهن. مذاق کي ڇڏي، جيڪڏهن مان چوان تہ هن جي مون کي پرواھہ بہ نہ آهي. جيئن تون چاهين، مون کي ڇينبي. جيتوڻيڪ توکي مروت ڏيکارڻ گهرجي. بيوقوف ۽ خوشامندي! ڪهڙا نہ عجيب لفظ آهن. "توکي

ڇينيپ ڪرڻ سان گويا مان پاڻ کي ڇينيپ ڪريان ٿو.“ ايون وري ڪليو. ”تون، مان آهيان. فقط ڇهري جو تفاوت آهي. تو هاڻي چيو ٿي، تہ مان ڇا سوچي رهيو آهيان..... مان ان جي لائق ئي نہ رهيو آهيان، تہ ڪا نئين ڳالهہ ڪريان!“

جيڪڏهن مان تو وانگر خيال ڪندو هجان، تہ اها منهنجي نيڪنامي هجي ها، ان سڪر ماڻهوءَ، نزاڪت ۽ شان سان چيو. تون فقط بدخيالن کي چوندين ٿو، جيڪي سڀ بيوقوفيءَ واريون شيون آهن.

”تون بيوقوف ۽ نالائق آهين. تون حد کان گهڻو بيوقوف آهين. نہ، مان توسان شريڪ ٿي نہ ٿو سگهان.“ ايون ڏند ڪرٽيندي چيو، تہ ”مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ منهنجا عزيز دوست، مون کي هڪ سڪر ماڻهو واري هلت اختيار ڪرڻ گهرجي، تہ اهڙيءَ ريت پنهنجي وجود کي مڃان. ملاقاتي پنهنجي عزت کي شدت سان گهٽ ڪندي. ساده دلي واري وقار سان چيو، جنهن مان سندس پري جو رشتو نمايان ٿي نظر آيو. مان هڪ غريب آهيان، پر......... مان سڀ ڪجهہ ايمانداريءَ سان تہ نہ ڳالهائيندس، پر......... هيءُ موضوع جو اصول آهي، جو سماج ۾ عام طرح قبول ڪيو ويندو آهي، تہ مان هڪ ڪيرايل فرشتو آهيان. مان يقيناً هي باور نہ ڪرائيندس، تہ مان ڪڏهن فرشتو بہ هوس. جيڪڏهن مان هيس تہ اُن کي گهڻو عرصو گذريو ۽ جيڪڏهن اُن کي ڪو وساري ڇڏي، تہ اُن ۾ ڪو نقصان بہ نہ آهي. هاڻي مان فقط اُن شهرت جو انعام حاصل ڪرڻ لاءِ سڪر ماڻهوءَ جي حيثيت بڻجي ويو آهيان. جيئن مان زندگي گذاري سگهان ۽ منهنجي ڪوشش آهي، تہ ماڻهوءَ جي حيثيت بڻجي ويو آهيان. جيئن مان زندگي گذاري سگهان ۽ منهنجي ڪوشش آهي تہ ماڻهن ۾ مقبول بڻجان. مان انسان کي بنا ڪنهن بناوٽ جي پيار ڪريان ٿو ۽ منهنجي مٿان وڏي تهمت تراشي ڪئي وئي آهي. هيڏي نهار، جڏهن مان توسان وقت بوقت گڏ رهان ٿو، منهنجي زندگي هڪ قسم جي صداقت حاصل ڪري ٿي ۽ اها ئي شيءِ مون کي سڀ کان محبوب آهي. تون ڏسين ٿو تہ مان بہ اڻ ڊنگائيءَ کان تڪليف ۾ آهيان. ان ڪري مان زمين جي بادشاهت کي پسند ٿو ڪريان. توسان گڏ سڀ ڪا شيءِ، پاڪائي واري، ضابطي اندر ۽ اقليدس اصولن واري آهي. جڏهن اسان وٽ ڪجهہ نہ آهي، پر اَڻ تڪيل توريل مساوات، مان هتي فقط خوابن واري دنيا ۾ رُلندو وتان ٿو. مون کي خواب جي صورت پسند ايندي آهي. اُن کان سواءِ زمين تي وهمي بڻجي ويندو آهيان. مان هتي سڀ تنهنجون عادتون اختيار ٿو ڪريان. مان عوام جي حمامن ڏي وڃڻ جو شوقين بڻجي ويو آهيان. ڇا توکي هن تي اعتبار ايندو؟ ۽ مان واپارين ۽ راهبن وٽ وڃي روز افزون ترقي ڪندو رهندس، مان جو

خواب لهندو آهيان، اُن جي صورت، هڪ دفعو هميشہ لاءِ ٻڌجي ويندي آهي. اُها ڪنهن واپاريءَ جي زال جي شڪل ۾ اٿل هوندي آهي، جا ارڙنهن پٽرن (هڪ پٽر ۾ چوڏهن سير ٿين ٿا.) جي تور جي هوندي آهي. ۽ هو ايئن سمجهندو ته هوءَ جو ڪجهہ بہ سمجهي ٿي صحيح آهي. منهنجو دستور هوندو آهي، تہ ديول ۾ وڃي، هڪ ساده دل انسان جي اعتقاد موجب، شمع کي پيش ڪريان. منهنجي زبان تي اعتبار ڪر، سچ پچ ايئن ئي هوندو آهي. هنن ڳالهين جي ڪري منهنجون تڪليفون ختم ٿيڻ گهرجن. مون کي ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ بہ پسند ايندو آهي. بهار جي موسم ۾ ماتا جي مرض اچي منهن ڪڍيو. مان هڪ گمنام اسپتال ۾ ويس ۽ پاڻ کي ٽُڪا ڏياريم. تون فقط چاٽي سگهين تہ مان اُن ڏينهن ڪيڏو نہ خوش هوس مان سلاف (روسي قوم) کي مدد ڪرڻ لاءِ ڏهہ روبل چندو ڏنم...... پر تون تہ ڌيان ڏيئي نہ ٿو ٻڌين تہ تون شايد اَڄ شام جو خوش نہ آهين؟ مون کي خبر آهي تہ تون ڪالهہ ڊاڪٽر ڏي ويو هئين. خير...... تنهنجي صحت ڪيئن آهي؟ ڊاڪٽر توکي ڇا چيو؟ "بيوقوف" ايون سندس گفتگوءَ کي ڪاٽيندي چيو.

"پر تون ڪيئن بہ هجي سياڻو آهين. مون کي تون وري چينيي رهيو آهين؟ مان توکان ڪا بہ همدردي تہ نہ ٿو گهران. توکي جواب ڏيڻ جي ضرورت بہ نہ آهي. تون وري بخار جي زد ۾ اچي ويو آهين." "بيوقوف" ايون وري دهرايو.

"تون ساڳي ڳالهہ وري وري چئي رهيو آهين. پر مون کي بہ گذريل سال اهڙي قسم جو بخار ٿيو، جو اَڄ تائين مون کي ياد آهي."

"شيطان کي اِهڙو دماغي بخار!"

چو نہ ٿو ٿي سگهي؟ چو تہ مان ڪڏهن گوشت ۽ پوست جو جسم اختيار ڪندو آهيان؟ جڏهن مان اِهڙو جسم اختيار ڪندو آهيان، تہ مون کي اُن جي نتيجن لاءِ بہ تيار رهڻ گهرجي. شيطان بہ تہ انساني مظهر آهي.

ڇا، ڇا، شيطان بہ انساني مظهر آهي...... اِها شيطان لاءِ ڪا خراب شيءِ نہ آهي! مان خوش آهيان تہ آخر توکي راضي ڪري وڏو اُٿم.

پر اهو بخار توکي، مون مان نہ لڳو هو؟ ايون چپ ٿي ويو. ائين معلوم پئي ٿيو تہ هُو ڪنهن شيءِ کان متاثر آهي. هن چيو تہ اِها حقيقت ڪڏهن بہ منهنجي خيال ۾ نہ آئي هئي. هيءَ عجيب شيءِ آهي.

"هن پيري مان ايمانداريءَ جو پابند رهندس ۽ توکي هر تشريح ٻڌائيندس. ڌيان ڏيئي ٻُڌ! خواب ۾ يا خاص ڪري رات جي ڪنهن بي حالت ۾، جا بدهاضمي جي باعث يا ڪنهن بي ريت اچي ٿي ماڻهو اِهڙيون صنعت ڪاراٽيون رويائون ڏسي ٿو جي

عجيب ۽ غريب حقيقي ٿين ٿيون. اُهي اِهڙا تہ طرحين طرحين قسمن جا اُميد جي خلاف واقعا ٿين ٿا. جو مان قسم سان ياد ٿو ڪريان تہ خود ليوٽالسٽاءِ، انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ عاجز هو. پر اِهڙا خواب، ڪڏهن ڪڏهن لکڻ وارن کي نصيب نہ بہ هوندا آهن. پر نهايت معمولي قسم جا ماڻهو اِهي شيون ڏسندا آهن. جيئن تہ آفيسر، صحافي ۽ راهب....... پر هيءُ مضمون پوري ڳجهارت آهي. هڪ سياستدان مون سان قبول ڪيو، تہ سچ پچ بهترين خيال وٽس اُن وقت ايندا هئا، جڏهن هو ننڊ ۾ هوندو هو. هاڻي بہ اِيئن آهي. جيتوڻيڪ مان نظر جو ڏوڪو آهيان، پر خواب جي حالت ۾ بہ اِهڙيون تہ اصليت واريون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان، جي اڳي تنهنجي دماغ ۾ اچي نہ سگهيون هيون. اُن ڪري مان تنهنجي خيال کي دهرايان نہ ٿو. مان تہ تنهنجو خواب آهيان ۽ ٻي ڪا شيءِ نہ آهيان. تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، تنهنجو مقصد آهي، تہ مون کي قائل ڪرين تہ تنهنجو وجود آهي. اُن کان سواءِ خواب نہ آهي. هاڻي وري تون يقين ٿو ڏيارڻ گهرين تہ هيءُ خواب آهي."

"منهنجا عزيز دوست! مان اڄ خاص طريقو اختيار ڪيو آهي. جنهن جي تشريح مان توکي پوءِ ٻڌائيندس. ترس، مان ڳالهہ ڪٿي ڇڏي هئي؟ اڙي هائو. مون کي بخار ٿيو هو، پر هتي نہ. ڪنهن ٻي هنڌ."

"اِهو ٻيو هنڌ ڪهڙو آهي؟ تون مون کي ٻڌاءِ تہ هت اچا ڪيترو وقت رهندين؟ تون وڃين ڇو نہ ٿو؟" ايون نااُميديءَ ۾ چيو. "هُن هيڏي هوڏي گهمڻ ڇڏي ڏنو. هُو صوفي تي وري ويهي رهيو، نونٽ ميز تي رکيائين ۽ مضبوطيءَ سان ٻنهي هٿن ۾ مٿي کي جهليائين. هن آلي ٽوال کي ڇڪي ورتو، ۽ نااُميديءَ مان پري ڦٽو ڪري ڇڏيائين. ڇو تہ اُن مان ڪيس ڪو بہ فائدو نہ پهتو هو. تنهنجون نبضون انتظام کان ٻاهر آهن. اُن سکر ماڻهو بي پرواهيءَ سان چيو. جيتوڻيڪ اُن ۾ مروت بہ هئي. تون مون تي انهيءَ لاءِ بہ ڪاوڙ ۾ آهين، تہ مون کي بہ تپ اچي سگهندو آهي. جيتوڻيڪ هيءُ نهايت فطرتي طريقي سان هوندو آهي. مان اُن وقت تڪڙو تڪڙو هڪ سياسي مجلس ۾ دعوت تي، هڪ عزت واري خاتون جي گهر سينٽ پيٽرسبرگ ۾ ٿي ويس. جنهن جو مقصد هو تہ وزارت ۾ اثر پيدا ڪري. نيڪ آ، رات جو لباس، ٽاءِ ۽ هٿ جا جوراب هيم. پر خدا ٿو ڄاڻي تہ مان ڪٿي هوس ۽ جيئن تہ مون کي اوهان جي زمين طئي ڪرڻي هئي، ۽ پهچڻو هو، مون هيءُ مفاصلو پورو ڪيو......... بيشڪ مون کي اُن ۾ هڪ وقفو لڳو. توکي هيءَ خبر آهي تہ سج جي ڪرڻي کي زمين تائين پهچندي اٺ منٽ لڳندا آهن. پر توکي تہ عجب لڳندو تہ مون کي رات جو لباس ۽ صدري بہ هئي. روح يخ بستہ نہ ٿيندا آهن. پر اُهو جو گوشت پوست جو جسم هوندو

آهي. خير...... مختصر چوندس تہ مان خيال كان بہ اڳ هلي پوندو آهيان ۽ توکي هيءَ خبر هجي، تہ ايسٽر جي فضائن ۾، پاٽي ۾ جو آسمان کان بہ مٿي، ايترو تہ پارو (سردي) هوندو آهي ....... گهٽ ۾ گهٽ کو بہ هن کي پارو (يخ) نہ چوندو. توکي عجب لڳندو تہ اُهو ٻڙيءَ کان 15 درجا هيٺ ٿئي ٿو. توکي خبر آهي، تہ ڳوناٺيون ڇوڪريون کهڙي راند کيڏنديون آهن. سردي جڏهن ٻڙيءَ کان هيٺ ٽيهن ڊگرين تي هوندي آهي تڏهن، کنهن نوجوان کي چونديون آهن تہ اُن تڏ ۾ کهاڙي کي چٽي، سندس زبان اُن وقت يخ تي ويندي آهي. سندس لُڙک وهي ايندا آهن، کـَل اُڏڙي ويندي آهي؟ رت وهڻ شروع کندو آهي. "هيءَ تہ ٽيهن درجن جي ڳالهہ آهي، پر هڪ سؤ پنجاهہ درجن ۾ مان خيال کريان ٿو تہ جيڪڏهن کهاڙي تي فقط آڱر رکي وڃي تہ اُن جو انت آڻي وجهي. پر جيڪڏهن اُتي کهاڙو ملي سگهي."

ايون بي پرواهي ۽ نااُميدي مان کانئس پڇيو تہ ڇا هيءُ ممکن آهي، تہ اُتي کهاڙو هجي. هن حتي المقدور کوشش تي کئي، پنهنجي "هذيان" جي حقيقت تي غور نہ کري نہ اعتبار! نہ وري هن جنون ۾ پاڻ اٽڪائي. مهمان عجب ۾ پئي، وچ ۾ دخل ڏيندي چيو تہ "کهاڙو؟"

هائو، اُتي هن کهاڙي جو ڇا ٿيندو؟ ايون وحشياڻي نموني، بلکل نٽائپ ڏيکاريندي، رڙ کندي چيو. اُن خلا ۾ کهاڙي جو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن اُن معاملي تي کنهن جاءِ تان کري پوي، تہ مان خيال ٿو کريان، تہ هو زمين جي چوڌاري اُڏرڻ شروع کري ڏيندو. هڪ سياري وانگر، جنهن جي کا بہ خبر پئجي نہ سگهندي. هينئر تہ توهان اُن کهاڙي جي طلوع ۽ غروب جو حساب لڳائيندا ۽ گيٽسزڪ، اُن کي پنهنجي کئلينڊر ۾ داخل کندو ۽ بس.

"تون بيوقوف آهين ۽ سخت بيوقوف آهين." ايون زودرنجيءَ مان کيس چيو. وڌيڪ هوشياريءَ سان رڙيون کر، يا مان توکي ڏيان ڏيئي نہ ٻڌندس، تون مون کان حقيقت پسندي جي آڙ ۾ چڱو جواب وٺڻ گهرين ٿو، تون مون کي مڃائڻ گهرين ٿو تہ تنهنجو وجود آهي. مان اُن تي اعتبار نہ کندس.

"پر مان رڙيون تہ کو نہ ٿو کريان، هيءَ سچي صداقت آهي. بدقسمتي سان سچائي وندرائيندڙ شيءِ نہ هوندي آهي. مان ڏسان ٿو تہ تون مون کان کنهن وڏي شيءِ جي اُميد ٿو رکين ۽ شايد اُها عمدي بہ هجي. جنهن جو افسوس اٿم، ڇاکاڻ تہ مان اُهو ئي ڏيندس، جو ڏئي سگهان ٿو............"

"بيوقوف فلاسافي نہ ڳالهاءِ."

فلسفو اُن وقت، جڏهن منهنجو ساڄو پاسو فالج زده آهي ۽ مان ڪنجهي ۽ ڪُرڪي رهيو آهيان. مان سيئي طبي ادارا جاچي ڏٺا آهن. هو مرض جي سڃاڻپ تہ چڱي ريت ڪن ٿا، هو تنهنجي سڄي مرض کي آڱرين تي ڳڻي ويندا، پر وٽن اُن مرض جو ڪو بہ علاج نہ آهي. هتي هڪ جوشيلو نوجوان شاگرد هو. هن چيو تہ ”تون مري ويندين، پر تون چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهندين، تہ ڪهڙي مرض ۾ تون مرين ٿو. تڏهن هو باقي ڇاجي لاءِ ماڻهن کي خاص مرضن جي ڄاڻن ڏانهن موڪلين ٿا. هو چون ٿا تہ اسان فقط مرضن جي سڃاڻپ ڪندا آهيون. پر علاج لاءِ فلاڻي کي فلاڻي، مرض جي خاص ماهر وٽ وڃو. اُهو ئي اوهان جو علاج ڪندو. اُهي پراڻا ڊاڪٽر، هر مرض جو علاج ڪندا هئا. اُهي دنيا مان مڪمل طور تي غائب ٿي چُڪا آهن. مان توکي يقين ٿو ڏياريان، تہ هاڻي فقط مرضن جا خاص ڄاڻو وڃي بچيا آهن ۽ هو اخبارن ۾ اشتهار ڏيندا ۽ چوندا، تہ توکي اتي يورپين ماهر ملندو، جو تنهنجي نڪ جو علاج ڪندو. جيڪڏهن تون پئرس ويندين تہ اُتي هو تنهنجي نڪ کي ڏسندو ۽ چوندو تہ مان تنهنجي فقط کٻي ناس جو علاج ڪري سگهندس. سڄي ناس جو مان علاج نہ ڪري سگهندس، جو مان اُن جو ماهر نہ آهيان. تون ان جي لاءِ وائنا وڃ، اُتي اُهو ماهر آهي. جو تنهنجي سڄي ناس جو علاج ڪري سگهندو. پوءِ تون ڇا ڪندين؟ مان تہ پنهنجي علاج ڏي متوجهہ ٿيندس. هڪ جرمن ڊاڪٽر مون کي صلاح ڏني هئي، تہ تون حمام ۾ وڃي لوڻ ۽ ماکيءَ سان مالش ڪر. مان اُنهن شين سان مالش ڪري خاص حمام ۾ ويس، پر مون کي تہ ڪو بہ فائدو نہ ٿيو. مان نااُميديءَ ۾ ڪائونٽ متائيءَ کي لکيو. هن مون کي ڪتاب ۽ دوا ڏياري موڪلي. مون اُن کي دعا ڏني. توکي عجب لڳندو تہ جوَن جي شراب مون کي فائدو ڏنو. مان اتفاق سان اُن کي خريد ڪيو هو. مان اُن جي ڏيڍ بوتل پيتي ۽ مان رقص ڪرڻ جهڙو ٿيس، ۽ سڀ ڪجهہ هليو ويو. مون ارادو ڪيو، تہ اُن جي شڪرگذاريءَ لاءِ خط اخبارن کي موڪليان. منهنجي اندر شڪرگذاريءَ جو جذبو هو، پر توکي عجب لڳندو، تہ مون کي اُن لاءِ وڏي درد سري ڪرڻي پئي. هڪ بہ اخبار منهنجي خط کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. هيءَ تہ رجعت پسنداڻو قدم ٿيندو. هنن راءِ ڏني، ڪو بہ هن تي اعتبار نہ ڪندو. چڱو ايئن ٿيندو تہ تون هيءَ گمنام طور تي شايع ڪراءِ، پر گمنام شڪرئي جي خدمت مان ڪهڙو فائدو. مان اخبار جي آفيس ۾ اُن ماڻهوءَ تي خوب کليس. اسان جي ڏينهن ۾ تہ خدا کي مڃڻ بہ هڪ رجعت پسنداڻو قدم ٿو سمجهيو وڃي. مان کيس چيو تہ مان شيطان آهيان. توکي مون کي مڃڻ کپي. اُتان جي رهندڙن چيو، تہ تنهنجي ڳالهہ سچي آهي، ڪير آهي جو شيطان ۾ عقيدو نہ ٿو رکي. پر هن مان ڇا حاصل، تنهنجو اِهو خط،

آسان جي شهرت کي ڌڪ هڻندو. توهان کڻي هن خط کي مذاق طور شايع ڪرايو. پر مان سمجهيو ته ڀوڳ واري خط مان کو به اثر پيدا نه ٿيندو. اُن ڪري اهو خط شايع ٿي نه سگهيو. توکي خبر آهي ته اِهو ڌڪ مون کي اجا تائين آهي. منهنجي عمدي جذبي، مثال لاءِ شڪرگذاريءَ کي ادبي طور تي انهيءَ لاءِ قبول نه ڪيو ويو، جو منهنجي درجي کي سماجي طرح ڪجهه به حيثيت نه آهي.

”وَري فلسفي جا خيالات!“ ايون نفرت ۽ ڪاوڙ مان پيچ کائيندي چيو، ته

”خدا مون کي هنن کان محفوظ رکي. پر ڪو ڪڏهن ڪڏهن فرياد ڪري ٿي ويهي ٿو. مان هڪ اُهو ماڻهو آهيان، جنهن جي مٿان بهتان لڳايو ويو آهي. تون مون کي هر هر بيوقوف سڏي رهيو آهين. توکي ته مان هڪ نوجوان ٿو ڏسان. منهنجا عزيز. ذهانت فقط دنيا ۾ ڪا هڪڙي شيءِ نه آهي! مون وٽ فطرتاً هڪ خوشي ڀريل ۽ مهربان دل آهي. مان پڻ موسيقيءَ سان ڀريل هر قسم جا ناٽڪ لکي موڪلي سگهندو آهيان. مان خيال ٿو ڪريان، ته تون مون کي ميرا سٽڪلف وانگر پوڙهو ٿو سمجهين، پر منهنجي قسمت گهڻي بهتر آهي. گهڻو وقت اڳي ازل جي نوشتي موجب منهنجي لاءِ اڳ ۾ ئي منهنجو ”انڪار“ لکيو ويو هو. پر اُن هوندي به مان نيڪدل ۽ ڪنهن به انڪار ۽ فساد ڏانهن متوجهه نه آهيان. جيتوڻيڪ مان اُن انڪار جو سبب ٻڌائي نه ٿو سگهان. مون کي چيو ويو ٿي، ته وڃ ۽ انڪار ڪر. ڇاڪاڻ ته انڪار کان سواءِ ڪنهن به تنقيد جو وجود پئجي نه ٿو سگهي. اُها حقيقت، جنهن کي تنقيد جو پهلو نه هجي، اُن مان ڪهڙو فائدو؟ زندگي، تنقيد کان سواءِ سڄي عيش آهي. پر هيءَ خوشي زندگيءَ جي لاءِ اڪيلي ڪافي نه آهي. زندگيءَ لاءِ لازمي آهي، ته شڪ کان گذري وڃي. خير مان هنن مسئلن ۾ دخل نه ڏيندس. مون کي انڪار لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. دنيا کي مان ڪونه خلقيو آهي، ۽ اُن بابت مون کان سوال به نه پڇيو ويندو. انهن حالتن موجب مون کي قربانيءَ جو ٻڪرو ٺاهيو ويو آهي ۽ مون کي مجبوراً تنقيد جو نشانو ٺاهيو ويو آهي. زندگي، اُن ڪري نمڪين ٿڃي پيئي آهي. مان هن ڪاميٽي (خوشيءَ واري حقيقت) کان چڱي طرح باخبر آهيان. منهنجي مسلسل اِها آرزو آهي، ته نابود ٿي وڃان، پر مون کي چون ٿا. ته جيئرو هج. ڇاڪاڻ ته توکان سواءِ ڪو به حادثو ظاهر ٿي نه سگهندو. هوڏانهن جهان جو هر ڪاروبار، جيڪڏهن منطقي هجي، ته جيڪر ڪو به حادثو عمل ۾ نه اچي. پر هن جو چوڻ آهي ته توکان سواءِ ڪو به حادثو رونما ٿي نه ٿو سگهي ۽ حادثن جو هئڻ لازمي آهي. اُن ڪري مان اُن جي بجاءِ حادثن کي پيدا ڪندو رهان ٿو، ۽ جو ڪجهه به ڪريان ٿو ڪاوڙ ڏياريندڙ. پر مون کي ان لاءِ حڪم ڪيو وڃي ٿو. انسان ٻنهنجي سڄي مجبيل ذهانت

جي هوندي ٻـ. هـن سـڄي فـارس (نـاٽڪ) کـي اهميـت ڏي تـو ۽ اِهـا ٿـي اُن جـي (ٽريجڊي) انڌوهناڪ ڪهاڻي آهي. بيشڪ هو برداشت ڪن ٿا...... پر هو پنهنجي زندگي گذارين ٿا. نـ. پر حقيقي زندگي گذارين ٿا. ڇاڪاڻ تـ مصيبت ۾ گذارڻ ئي تـ زندگي آهي. ڏک کان سواءِ سک جو ڪهڙو مزو ايندو؟ اِها ديول جي ناتمام ۾ تبديـل ٿي ويندي. اِها پاڪيزه تـ هوندي، پر مشق پريل. پر منهنجي لاءِ ڇا هوندو؟ مـان هر مصيبت برداشت ڪريـان ٿـو. پـر مون کـي زندگـي ئـي ڪانـ آهـي. مـان حل نـ ڪيـل مسـاوات جي حسـاب ۾ فقـط 'ايڪس' جو اکر آهيـان. مـان زندگـيءَ ۾ هـڪ وهمـي صورت آهيان. جنهن پنهنجي ابتدا ۽ انتها وڃائي ڇڏي آهي ۽ پنهنجو نالو بـ وساري ڇڏيو اٿس. تون ڪلين ٿو. تون وري ڪاوڙ ۾ اچي ويو آهين. تون هميشـ لاءِ ڪـاوڙ ۾ آهين، تون جنهن ڳالهہ جي باري ۾ سنڀال ڪرين ٿو، اِها ذهانت آهي. پر مان وري بـ توسان ورجايان ٿو، تـ مان هن زمين کان مٿانهين طاقتن. مرتبن ۽ عزت واري زندگـي کي ڀـڏي ڏيندس ۽ فقـط هـڪ واپـاري جي 240 سيرن جي وزن واري عـورت بڻجـي ويندس ۽ خدا جي مندرن ۾ شمعون روشن ڪندي رهندي."

مان هن حقيقت کي ڄاڻان ٿو تـ هيءُ سڀ ڪجهہ. هي سڀ شيون موجود آهن. اُها فقط خوديءَ جي برتري آهي. هيءَ منهنجي خودي جو منطقي واڌارو آهي، جو مـون ۾ تنها، هميشـ لاءِ نشونما وٺندو رهيو آهي، پر مان هتي پنهنجي گفتگوءَ کي ختم ٿو ڪريان، ڇو تـ مان سمجهان ٿو، تـ تون مون کي سڌيءَ طرح مارڻ لاءِ تيار آهين."

"ڇگو ايئن آهي تـ تون مون کي ڪا آکاڻي ٻڌاءِ!" ايون ٻـي ڪسـيءَ مـان ڇيـو. مون وٽ خاص ڪري هن مضمون بابت هڪ آکاڻي آهي يا اُن کي هڪ روايتي داسـتان ڇئي سگهجي ٿو نـ آکاڻي. تون بي اعتقاديءَ سان مون سان ملين ٿو. تون ڏسين ٿو ۽ ڳالهائين ٿو پر اڄا بـ تنهنجي بي اعتقادي موجود آهي. پر منهنجا عزيز دوست! مـان ايئن نـ آهيان. اسان سڀئي هتي، انهيءَ معاملي ۾ بدترتيبي ۾ مبتلا آهيون ۽ سائنس کان مونجهاري ۾ آهيون. ڳالهہ ٿا ڪـن تـ ڪڏهن هتـي فقـط ذرا هئـا (ائٽـم) قديـم زماني ۾ بـ موجود هئا، پر اُن وقت کان وٺي جيئن اسان کـي خبر پئي آهي تـ اوهـان ڪيميائي شيون، سالم ماده ۽ بيـون الائجي ڪهڙيـون شيـون اوهـان دريـافت ڪيـون آهن، اُن ڪري هڪ عجيب دور شروع ٿـي ويـو آهـي ۽ اسـان جي عظمت ۾ گهٽتـائي اچي وئي آهي، هتي عـام جي ترتيبي موجود آهي ۽ اُن کـان مٿي وهم ۽ شرمناڪ بدنامي پنهنجي ليکي آهي. هي شيون فقط اوهان ۾ نـ آهن پر اسان ۾ بـ موجود آهن، جنهن جي توکي خبر آهي. حقيقت ۾ هـن کـان وڌيـڪ ۽ جاسوسي ڪندي اسان کي گهٽيون ئي شيون معلوم ٿين ٿيون. ڇو تـ اسان وٽ هڪ ڳجهـو پوليس جو محڪمو

آهي، جتي خانگي اطلاع پهچندا رهندا آهن. خير هيءَ وحشي داستان. اسان جي قرونِ وسطيٰ سان تعلق رکي ٿو نہ اوهان سان. پر اسان جا بہ اُن ۾ يقين نہ تا رکن، سواءِ اُنهن پوڙهين عورتن جي، جن جي تور، چئن مٺن کان وڌيڪ آهي. اوهان جي پوڙهين بيگمن جو ذڪر نہ آهي، پر مان پنهنجن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. اسان وٽ بہ سيڪا شيءِ آهي، جيئن اوهان وٽ آهي. مان پنهنجي رازن مان هڪ تنهنجي دوستيءَ جي باعث ظاهر ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اُن جي ممانعت آهي. هيءُ داستان بهشت سان تعلق رکي ٿو. چون ٿا تہ هن زمين تي هڪ فيلسوف ۽ مفڪر هو. هن سڀ ڪنهن شيءِ کي رد ڪري ڇڏيو هو. مثلاً، قانون، ضمير، اعتقاد ۽ سڀ ڪان متي، آئنده عقبيٰ جي حياتي. هُو مري ويو، ڪيس اُميد هئي تہ هو سنئون سِڌو اونداهي ۾ هليو ويندو. پر هن پنهنجي اڳيان آئيندي جي زندگي ڏٺي، هو حيرت ۾ پئجي ويو ۽ پريشان ٿيو. هن چيو تہ هيءُ منهنجي اُصولن جي خلاف آهي ۽ ڪيس اُن جي سزا ڏني وئي...... ڪيس سزا ڏني وئي تہ ڪيس اربن جا ارب ڪلوميٽر، اونداهيءَ ۾ پنڌ ڪرڻو پيو (توکي خبر آهي تہ اسان ميٽرڪ سسٽم کي رواج ۾ آندو آهي) جڏهن تہ هو پنهنجي اَربن ڪلوميٽرن جي هيءَ راهہ پوري ڪندو تہ متس بهشت جا دروازا کوليا ويندا ۽ ڪيس معاف ڪيو ويندو........

هن ارب ڪلوميٽرن جي پنڌ کانسواءِ، ٻي دنيا ۾ ٻيو ڪهڙو عذاب موجود آهي. ايون کانئس پڇيو وٽس عجيب انتظام هو.

"ڪهڙا عذاب؟ اِهي مون کان نہ پڇ. قديم زماني ۾، اِهي سيني قسمن جا موجود هئا. جن کي هاڻي اخلاقي سزائون نالو ڏنو ويو آهي. ضمير جا ڏنگ ۽ ٻيون سيئي بيوقوفيءَ جون شيون. اِهي هاڻي بہ اوهان کان ملنديون رهن ٿيون. يعني اوهان جي اخلاق جي صاف ٿيڻ کان اُن جا ڪهڙا لائق آهن؟ اُهي، جن وٽ ضمير ڪونہ آهي. کين عذاب ڪيئن ملندو. جڏهن وٽن ضمير ئي نہ آهي. پر جن وٽ ضمير آهي ۽ عزت بہ اُهي ئي عذاب هيٺ آهن. اصلاح جڏهن اُن جي لاءِ زمين ئي هموار نہ ڪئي وئي آهي ۽ اُهي هڪ اداري جي صورت ۾ پرانهن ملڪن جو نقل ڪن تا. شراب کان سواءِ ٻيو ڇا ڪندا؟ اُهو ماڻهو جو اَرب ڪلوميٽرن جي سزا هيٺ آيل هو، هاڻي بہ موجود آهي. هو چوڏاري ڏسي ٿو ۽ رستي تي پئجي رهي ٿو. مان هن بحث ۾ نہ ويندس ۽ اُصول جو انڪار ٿو ڪريان. هڪ روسي خدا جي منڪر جي روح کي وٽ ۽ اُن کي پيغمبر يونس (عليہ السلام) جي روح سان ڳنڍاءِ، جو ٽي راتيون ۽ ڏينهن مڇيءَ جي پيٽ ۾ بيقرار رهيو هو ۽ تو وٽ اُن جو ڪردار آهي جو رستي جي هن طرف ليٽيو پيو آهي؟"

اِهو ئي تہ خيال وارو نقطو آهي، تہ هو اتي نہ آهي. هُو اتي هزارين سال پيو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو.

"عجيب گڏهہ آهين!" ايون واڪو ڪري چيو. هو بي اختيار کلڻ لڳو. پر اجا بہ ڪنهن گهري سوچ ۽ ويچار سان خيال ڪري رهيو هو. "تون ٻڌائي سگهندين تہ جيڪڏهن هُو اُتي پيو رهي يا ارب ڪلوميٽرن جو پنڌ پورو ڪري اِنهن ٻنهي ڳالهين ۾ ڪو تفاوت بہ آهي ڇا؟ ڪيس ان مفاصلي کي پوري ڪرڻ لاءِ تہ ڪروڙين ورهيہ لڳندا؟"

اِنهيءَ کان بہ گهڻو وڌيڪ. مون وٽ پنو ۽ پينسل ڪونہ آهي، نہ تہ مان جيڪر ان جو حساب ڪري ٻڌايان. پر هو اُن جاءِ تي گهڻو اڳي پهچي چُڪو آهي ۽ اُتان ئي تہ ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي؟

"ڇا، هُو اُتي پهچي ويو؟ پر هو ڪهڙي ريت ڪروڙن ورهين کان بہ مٿي، جو مفاصلو پورو ڪري چڪو؟ ڇو؟ تون موجودهہ زمين جو اندازو لڳائي رهيو آهين. پر اسان جي موجودهہ زمين، اهو ساڳيو عمل ڪروڙين پيرا دهرايو هجي. هوءَ ختم ٿي ويئي هجي، ڄمڻ کان پوءِ ڦاٽي پئي هجي، ٽڪرا ٽڪرا ٿيجي پيجي پئي هجي ۽ سندس جزا هڪبئي کان جدا ٿي ويا هجن. وري اسان کان پاڻي، اُن کان پوءِ وري سيارو ۽ ان کان پوءِ صبح ۽ سج مان ذرتي، اِها ساڳي ترتيب اَڻ ڳڻ ريت دهرائي وئي، بلڪل اِهڙي ريت جيئن تفصيل ڏنو ويو آهي ۽ هيءُ تفصيل طولاني ۽ رنج ڏيندڙ آهي...."

"چڱو، چڱو، هو جڏهن پنهنجي منزل مقصود تي پهتو، تہ پوءِ ڇا ٿيو؟"

اِنهيءَ گهڙيءَ مٿس بهشت جا دروازا کوليا ويا ۽ هو منجهس داخل ٿيو. اُتي ڪيس پهتي ٻہ سيڪنڊ گذريا. هيءُ وقت سندس واچ موجب هو. (جيتوڻيڪ منهنجي خيال موجب اُن طويل عرصي ۾ سندس واچ جا پرزا ئي نہ رهيا هوندا.) هن دانهن ڪري چيو تہ بهشت جي اندر هيءُ ٻہ سيڪنڊ، سندس اربن کان وڌيڪ نڪرين جي تعداد واري عرصي جي پنڌ کان گهڻي قيمت وارا هئا. هن خدا جو حمد ڳاتو ۽ اُن ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو. جو پهريائين ڪن وڏن ماڻهن، ساڻس هٿ ملائڻ نہ ٿي گهريو. هو چوڻ لڳا تہ هيءُ تيزي سان رجعت پسند ٿيجي ويو آهي. هيءَ روسي فطرت هئي. مان وري دهرايان ٿو تہ هيءُ هڪ داستان آهي. هن مان ايترو ئي فائدو ملي ٿو، جا سندس قيمت آهي. ها اِهڙن مضمونن تي، هاڻي بہ اسان جا اِهڙا ئي خيال آهن.

"مان توکي ڦاسائي وڌو. ايون ٻاراڻي خوشيءَ وانگر، خوش ٿي رڙ ڪئي، ڇڻ تہ هو آخر ڪنهن ڳالهہ جي ياد ڪرڻ ۾ فتحياب ٿي چُڪو آهي. "اِها اَرب ورهين جي ڪهاڻي مان پاڻ ئي تيار ڪئي آهي! مان اُن وقت سترنهن ورهين جو هوس ۽ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. مان هن آڪاڻيءَ کي ناهي. پنهنجي هم ڪلاسي ڪوردلڪن کي

ٻڌائي هئي. اُن وقت ماسڪو ۾ هوس. هيءَ ڪهاڻي ايتري قدر تہ مخصوص هئي، جو اُن کي مان ڪڏهن بہ ٻڌول نہ ڪيو هو. مان خيال ڪريان ٿو تہ مون اُن کي وساري ڇڏيو هو ۽ هاڻي بيهوشيءَ ۾ ياد ڪئي اٿم. مان هن کي پاڻ ياد ڪيو آهي. اِهو تون نہ آهين، جو مون کي ٻڌائي رهيو آهين. هزارين اِهڙي قسم جون ڳالهيون بيهوشيءَ ۾ ياد ايندڙيون آهن. اُن وقت بہ جڏهن ماڻهو ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو آهي..... هيءَ حقيقت مون وٽ خواب ۾ موٽي آئي آهي، تون اِهو خواب آهين، تون هڪ خواب آهين نہ زنده حقيقت."

جنهن جوش ۽ خروش سان، تون منهنجي هستيءَ جو انڪار ڪرين ٿو، هو سڪر ماڻهو ڪلڻ لڳو. "مان اظهار ڪريان ٿو تہ تون مون ۾ اعتقاد رکين ٿو."

"ذري جيترو بہ نہ! منهنجو تو ۾، اَن جي داڻي جي سوين پتي جيترو بہ اعتقاد نہ آهي."

"پر تنهنجو هزاروڻ پتي جيترو اعتبار آهي؟ توکي خبر آهي تہ هوميوپيٿيءَ جو علاج سڀ کان طاقتور آهي. تون اِها قبوليت ڏي تہ توکي اعتقاد نہ آهي، پوءِ ڪٿي ڏهہ هزاروڻ حصي جيترو ڇو نہ هجي."

ايون ڪيس جوش مان چيو تہ، "هڪ منٽ لاءِ بہ نہ. پر مان چاهيان ٿو، تہ منهنجو تو ۾ اعتقاد هئڻ گهرجي. هي لفظ، هن نهايت عجيب نموني سان چيا. اِها! اِها قبوليت آهي، پر مان چڱي طبعيت وارو آهيان. مان تنهنجي مدد لاءِ وري ايندس. ڏيان ڏئي ٻڌ، اِهو مان آهيان، جنهن توکي ڦاسايو آهي، نہ تون. مان توکي تنهنجي آڪاڻي ٻڌائي آهي. نہ تو مون کي، تو اُن کي وساري ڇڏيو هو. هن جو مقصد اِهو تہ توکي جو منهنجي لاءِ اعتقاد آهي، اُن کي پوري ريت برباد ڪري ڇڏيان. تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. تنهنجي ملاقات جو مقصد ٿي اِهو هو تہ مون تي پنهنجي هستي بابت اثر وجهين! ايئن هوندو، پر تڪڙ. اعتقاد ۽ بد اعتقاد جي جنگ کي مهمل ڪري ڇڏيندي آهي. پر هيءَ طاقت ڪڏهن ڪڏهن، تو جهڙي ضمير واري انسان لاءِ عذاب بڻجي پوندي آهي. ايتري قدر جو هو پاڻ کي ڦاهو ڏئي مارڻ کي بهتر سمجهندو آهي. اِها ڄاڻي تہ تون منهنجي هستيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهين، مان اِها آڪاڻي ٻڌائي تنهنجي اندر ڪجهہ بد اعتقادي پيدا ڪرڻ گهري آهي. مان توکي واري سان، اعتقاد ۽ بي اعتقاديءَ طرف رهنمائي ڪندو رهيو آهيان ۽ انهيءَ ۾ منهنجو مقصد هو. هيءَ استدلال جو نئون طريقو آهي. جيئن ئي تون مون ۾ بد اعتقادي کي لٽندين، تيئن ڇڻ منهنجي سامهون، مون کي هيءُ يقين تو ڏيارين تہ مان خواب نہ آهيان، پر صداقت آهيان. مان توکي ڄاڻان ٿو. هن ڪان پوءِ مون کي پنهنجي مقصد جي ڳالهہ ڪرڻي آهي، جا نهايت عزت پري آهي. مان تنهنجي اندر اعتقاد جو ننيڙو ٻج پوکڻ گهران ٿو

۽ اهو شاهه بلوط جيترو وڻ تي ويندو ۽ اهڙو شاهه بلوط جو وڻ، جنهن تي تون ويندين، توکي انتظار رهندو تہ تون راهبن جي درجي ۾ داخل ٿئين ۽ سنت عورتن جي درجي ۾ اچين، اهو ئي شيءِ آهي، جنهن لاءِ بَـنَ ۾ رُلندو رهندين."

"تڏهن هيءُ سڀ تون منهنجي روح جي نجات لاءِ ڪري رهيو آهين، ايئن آهي نہ بدمعاش؟"

"ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن چڱو ڪم بہ ڪرڻ کپي، ڪيتري قدر نہ تنهنجي طبعيت ۾ بيقراري آهي!"

بيوقوف! تو ڪڏهن، ڪنَ پاڪيزه انسانن کي بہ خواهش ۾ ڦاسايو آهي؟ جي ماڪڙ کائيندا رهيا آهن ۽ پنهنجي حياتيءَ جا سترنهن سال بن ۾ رُلندي گذاريا اٿن، ايستائين جو هو عوام ۾ مقبوليت تي وڃي پهتا آهن؟

"منهنجا عزيز دوست! مان ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي، ڪو ماڻهو، هن جهان کي ۽ ٻين جهانن کي وساري، هڪ اهڙي قسم جي سنت کي چنبڙي وڃي ٿو، جو تہ نهايت قيمتي هيرو آهي. اهڙو روح توکي خبر آهي تہ ستارن جي ساري جهرمٽ کان وڌيڪ قيمتي آهي. اسان کي جاچڻ جو پنهنجو طور ۽ طريقو آهي. ڪاميابيءَ جي قيمت جو ڪو بہ ڪاٿو ئي نہ ٿو سگهي ۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن، جو مهذب طور، جيڪڏهن توکي منهنجي زبان تي اعتبار آهي تہ توکان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ آهن. جيتوڻيڪ تون هن حقيقت تي اعتبار نہ ڪندين. هو اعتقاد ۽ بد اعتقاد جي گهراين کي ساڳي وقت تصور ۾ آڻين ٿا. ايتري قدر جو ڪنهن وقت سچ پچ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تہ سندس مٿانهين کان هيٺ ڪرڻ ۾ وار جو بہ تفاوت نہ آهي، جيئن اَداڪار گوربنوف چيو آهي."

"نيڪ آهي، ڇا ڪڏهن تنهنجي نڪ کي بہ ڇڪيو ويو آهي؟

منهنجا عزيز دوست!" ملاقاتي ڪيس مفڪراڻي اَنداز ۾ چيو، تہ تنهنجي نڪ کي ڇڪيو وڃي، انهيءَ کان بهتر آهي تہ نَـڪُ ئي نہ هجي. هڪ بيمار، مارڪئس، جنهن کي گهڻو وقت نہ گذريو (هو شايد ڪنهن خاص مرض جي ڊاڪٽر وٽ زير علاج هو.) هڪ يسوعي راهب وٽ پنهنجي قبوليت تي ڏني. مان اُتي حاضر هوس. اُها نهايت مزيدار ڳالهہ هئي. هن ڪيس چيو تہ مون کي پنهنجو نڪ موٽائي ڏي! ۽ هن پنهنجو سينو ڪٽڻ شروع ڪيو. راهب ڪيس پيار واري نرم لهجي ۾ چيو، تہ سيئي شيون پالڻهار جي اَڻ ٽر تقدير ۾ بند آهن ۽ ظاهري درد ۾ ڪا حڪمت لڪل هوندي آهي، جيڪڏهن تقدير ۾ توکي نڪ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي، تہ اِنهيءَ ۾ بہ تنهنجو فائدو آهي، ڇو تہ جيڪڏهن نڪ ئي نہ هوندو تہ اُن کي ڪير ڇڪيندو، مقدس

پيءُ هن مان تہ ڪا بہ تسلي نہ ٿي. ناأميد مارڪئس رڙ ڪري چيو. مون کي تہ جيڪر خوشي ٿي تہ هر روز ڪو منهنجي نڪ کي مروڙي. پر جيڪڏهن اُهو پنهنجي جاءِ تي هجي بہ." منهنجا پٽ راهب ٽڏو ساهہ کڻندي چيو تہ توکي ڪڏهن بہ هڪدم سيني برڪتن جي اُميد نہ رکڻ گهرجي. هيءُ فضل الاهي جي خلاف ڪـر ڪـر آهي. جو توکي اُن هوندي بہ نہ ٿو وساري، جيئن تون هاڻي مايوسي ۾ آهين ۽ هاڻي اُن جو اظهار ڪري چڪو آهين، تہ تنهنجي باقي حياتيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو تنهنجي نڪ کي ڇڪيندو تہ تون خوش ٿيندين تہ تنهنجي خواهش اَڻ سڌي طرح پوري ٿي چُڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن تو نڪ وڃايو هو تہ تنهنجي نڪ کي ڇڪيو ويو هو.

"آهي ڪيڏي نہ بيوقوفي!" ايون رڙ ڪري چيو.

"منهنجا عزيز دوست: مان توکي فقط وندرايو ٿي، پر مان قسم کڻي ٿو چوان تہ يسوعين جو منطقي اُصول اِهو ئي آهي، ۽ مان توکي قسم کڻي ٿو ٻڌايان تہ مان جيئن چيو آهي، لفظ بلفظ ايئن ئي ٿيندو رهندو آهي. اڳ ۾ ايئن ٿيو آهي، جنهن مون کي وڏي تڪليف ڏني هئي. هو دُکي نوجوان جڏهن پنهنجي گهر پهتو، تڏهن هن پاڻ کي گولي هڻي ماريو . مان آخري گهڙيءَ تائين سندس پاسي ۾ هوس. هي يسوعي اعتراف ڪندڙ منهنجي لاءِ نهايت خوشي ڏيندڙ تفريح آهن. سو بہ غمناڪ گهڙيءَ ۾. اِهو هيءُ هڪ ٻيو مثال آهي. جو اُن جي ٻي ڏينهن تي گذريو. هڪ ننڍڙي سونهري وارن واري ڇوڪري، جا ويهن ورهين جي هئي، سندس ڇهري مان جادوگري، عضون مان رعنائي ٿي نظر آئي. جنهن کي ڏسي جيڪر تنهنجو وات ڦاٽي ڦاٽي ٿي وڃي. هڪ پوڙهي راهب وٽ آئي. هن مٿو جهڪائي، سرگوشي ۾ پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪيو. راهب ڪيس واڪو ڪري چيو. تہ آهي مقدس مريم! ڇا ٻڌي رهيو آهيان؟ تون اڳ ۾ هڪ ماڻهو سان قاسي چُڪي هئين نہ؟ ۽ هاڻي اُهو ماڻهو نہ آهي، اِهو تنهنجو حال. ڪيترو وقت هلندو. ڇا توکي هن لاءِ شرم نہ ٿو اَچي؟ اُن گنهگار ڇوڪري. ڳوڙها وهائيندي تحمل سان ڪيس چيو تہ اي! مقدس پيءُ هيءَ حقيقت لذت بخش آهي ۽ اُن ۾ ڪا بہ زحمت ڪانہ آهي. هيءُ جواب عجب ڏيندڙ هو. مان پوئتي هٽي ويس، جيڪڏهن تون پسند ڪرين تہ فطرت جي پڪار. جا خود معصوميت ڪان بهتر هئي. مان خيال ڪيو تہ اُتان هليو وڃان. ايتري ۾ مان ٻڌو تہ هو راهب، ساڻس ملاقات لاءِ شام جو وقت مقرر ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ هو بيحد پوڙهو هو. هو اُن گهڙيءَ ۾ ڪري پيو! هيءُ فطرتي هو. ڇو تہ هو پوڙهو پنهنجي فطرت جي صداقت کي پيش ڪري رهيو هو. ڇو تون وري پنهنجي نڪ کي مروڙي رهيو آهين؟ وري ڪاوڙ ۾ اچي ويو آهين. مون کي خبر نہ ٿي پئي، تہ مان توکي ڪهڙي ريت راضي ڪريان؟

مون کي اَڪيلو ڇڏ. تون منهنجي دماغ تي، هڪ خوفناڪ خواب جي صورت ۾ ڏڪ هڻي رهيو آهين.

ايون دردمنداڻي لهجي ۾ روئڻهارڪو ٿي ڪنجهندي چيو، هو پنهنجي دعويدار جي سامهون بي يار بڻجي چڪو هو. مان توکي ڪجهه ڏيئي، ڪيئي ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان.

"مان وري بہ دهرايان ٿو. تہ پنهنجي اُميدن کي نرم ڪر. مون کان ڪنهن بہ عظيم ۽ شاندار شيءِ جي تقاضا نہ ڪر. تون ڏسندين تہ اسان پاڻ ۾ ڪيڏو نہ ساز ۽ سلوڪ سان هلون ٿا. هيءُ لفظ اُن سکر ماڻهو موثر اَنداز ۾ چيا. تون سچ پچ مون تي ڪاوڙ ۾ آهين. ڇاڪاڻ تہ مان تو وٽ سرخ روشني ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ ۽ شعلي جهڙي پرن سان آيو آهيان. پر مان پاڻ کي وٺندڙ نموني ۾ پيش ڪيو آهي. پهريائين تہ تون پنهنجي حسن پسنديءَ جي جذبن کان زخمي آهين ۽ بيو تنهنجو غرور آهي. تون ڪهڙي عظيم انسان کي، هڪ بازاري ۽ بيهودو شيطان ڪهڙيءَ ريت ملي سگهي ٿو. هائو تو ۾ رومانوي زور آهي. جنهن کي بلينسڪي ڪَل جهڙو سمجهي ٿو. منهنجا نوجوان انسان! منهنجو هن ۾ ڪو بہ وس نہ آهي. مان جيئن توڏي اَچڻ لاءِ تيار ٿيو هوس. مون کي مذاق ٿي سجهيو تہ هڪ ملازمت کان موٽيل جنرل جي صورت ۾ اچان، جنهن ڪوهہ قاف ۾ ملازمت ڪئي هئي. ڪيس "استار آف لائن ائنڊ سن" (شينهن ۽ سج جو نشان) جو اعزاز حاصل هو. پر مون کي ايئن ڪندي خوف ٿيو. ڇاڪاڻ تہ تون مون کي شينهن ۽ سج جي اعزاز کي ڪوٽ تي هڻڻ سبب ڇگي مَتِ ڏني هئي. اُن کان سواءِ مون کي قطب تارو يا ٿيڙو پنهنجي ڪوٽ تي هڻڻ کپندو هو. تون مون کي ڇوندو رهيو آهين، تہ مان بيوقوف آهيان. توکي اَسان تي رحم ڪرڻ کپي! مان ذهني حالت ۾ توسان برابري جي دعويٰ نہ تو ڪري سگهان. مينٿا فليس (شيطان) کي فاسٽ چيو هو، تہ هو بَدي چاهي ٿو. پر هن فقط نيڪيءَ جو عمل ٿي ڪيو. نيڪ آهي، ڪيس جيئن وٽي تيئن چوي، پر اِهو منهنجي سراسر خلاف آهي. مان شايد هن ساري خلقت ۾ اڪيلو آهيان. جنهن کي صداقت سان محبت آهي ۽ فطرتاً نيڪي سان چاهہ اٿم. مان ان وقت اُتي هوس جڏهن حضرت مسيح صليب تي فوت ٿي ويو ۽ آسمان ڏي پنهنجي سيني سان هڪ شرمسار چور جي روح کي لاٿي اُڏاميو هئو. ملائڪن جي شوق ۽ سرور جي آواز کي، جي خدا جي حمد ڳائي رهيا هئا. ۽ سندن گجگوڙ جهڙي ترانن جي صدائن کي، جنهن کان آسمان ۽ زمين ڏڪي رهيا هئا. ٻڌو هئم. مان اُنهن سيني مقدس شين جو قسم کڻي چوان ٿو. تہ منهنجي زبان مان نڪرڻ وارو لفظ هو...... پر تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجي خواهش هئي تہ مان خدا جي حمد ۾ انهن سيني سان شريڪ ٿيان. مان ڪيتري قدر نہ زود حسن ۽ حُسن پرستيءَ جو تاثر رکڻ وارو آهيان. پر عام فهم حقيقت موجب، هيءَ

هڪ ناخوش ۽ امتيازي شيءِ منهنجي ڪردار جي هئي، جنهن مون کي روڪي ورتو ۽ اُها ساعت گذري وئي؛ مان خيال ڪيو ته ائين ڪرڻ سان ڇا ٿئي ها؟ منهنجي حمد کان پوءِ ڪهڙو نتيجو نڪري ها؟ زمين تي سڀ شيءِ اُجهامي وڃي ها ۽ ڪو به حادثو وري ظهور ۾ نه اچي ها. اُن ڪري مان پنهنجي فرض جي ڪري ۽ جيڪو منهنجو سماجي رتبو آهي، مان اُنهيءَ بهترين گهڙين کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي گمراهه ڪندڙ عمل کي چنبڙي پيس. هرڪوئي هن ڳالهه کي مٿانهون سمجهي ٿو، جا ان لاءِ چڱي آهي. پوءِ منهنجي لاءِ گمراهه ڪندڙ شيءِ ڪان سواءِ، ٻي ڪا بهشتي نه رهي، پر منهنجي اِها آرزو نه آهي ته ٻين جي مدد سان حياتي گذاريان. مان حريص ۽ جاهه طلب نه آهيان. مان چئو، هن سڄي دنيا جي آباديءَ ۾ خوار ۽ خراب آهيان ۽ شريف انسانن وٽ هڪالڻ جي لائق آهيان. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن مان غير فاني طرح ظاهر ٿيان، ته مون لاءِ به ضروري نه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن، اِهي نتيجا به پوڳيندو رهان؟ مان بيشڪ ڄاڻان ٿو، ته هن ۾ هڪ راز آهي. پر نه ته ڇاهيون ته اهو مون تي ڪوليو وڃي، ڇاڪاڻ ته جڏهن حقيقتن کان واقف ٿيندس ته خدا جي حمد جو ترنم شروع ڪري ڏيندس. جڏهن انڪار وڃان مان هليو ويندس. تڏهن سراسر عقل جي حڪمراني هوندي ۽ ضروري آهي ته هر شيءِ پنهنجي انجام تي پهچي، ايتري قدر جو رسالا ۽ اخبارون به ختم ٿي وينديون. ڇو ته ڪير هوندو، جو انهن ۾ حصو وٺندو. مان ڄاڻان ٿو ته سڀ ڪنهن شيءِ جي انجام کان پوءِ، مون کي به نجات ملي ويندي. مان به چئني طرفن کان اربن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي پهچي سڄي راز کي ظاهر ڪري ڇڏيندس. پر جيستائين ائين نه ٿيو آهي، مان ڏک ۾ آهيان ۽ پنهنجي مقدر کي پورو ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اُهو اُن جي دائي جي حالت ۾ خلاف آهي. يعني، هڪ کي بچائڻ لاءِ، هزارن کي نابود ڪرڻو ٿو پوي ۽ ڪيترن مان هڪ بااُصول ۽ بامقصد انسان کي بچائڻ لاءِ ڪيترن ئي روحن کي برباد ڪرڻو ٿو پوي ۽ ڪيترين ئي شهرت وارين هستين کي تباهه ڪرڻو پوي. اُن جو مثال ايوب آهي، جنهن کي قديم زماني ۾ پنهنجي بيوقوفي جو شڪار ٿيڻو پيو هو. هائو، جيستائين راز ظاهر ٿئي، مون وٽ ٻن قسمن جي صداقت آهي. هنن جي حقيقت يعني اُن جهان جي حقيقت، جنهن کان مان واقف نه آهيان ۽ پنهنجي جهان جي حقيقت خير اُن جهان يا هن جهان، ٻنهي مان هيءُ معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته ڪهڙي هنن ٻنهي مان بهتر آهي، تون ننڊ ۾ ته نه آهين؟"

"اِئين ٿي سگهي ٿو" ايون ڪاوڙ مان چيو. "مان خيال ٿو ڪريان ته اُهي احمقاڻا فڪر جنهن کي منهنجو ذهن گهڻي وقت کان اڳ ۾ هضم ڪري چُڪو آهي ۽ اُن خرابيءَ کي دور ڪري چڪو آهي. تون وري هاڻي نئين خوراڪ ڏئي رهيو آهين."

"مان توکي راضي نہ ٿو ڪري سگهان. مان خيال ٿي ڪيو تہ مان توکي پنهنجي جاذب ڳالهين سان جذب ڪري وٺندس، آسمان ۾ خدا جي حمد جو نغمو، خراب تہ نہ هو، ڇا هيو؟ اُن کان پوءِ هنن جو هُو طعنہ آميز آواز."

مان، ڪڏهن بہ اهڙو خوشامدي نہ آهيان، اهڙي حالت ۾ منهنجو روح تو وانگر خوشامد ٻڌي نہ سگهندو.

"منهنجا عزيز دوست! مان هڪ نازنين ۽ پرڪشش نوجوان روسي سڪر ماڻهو کي ڄاڻان ٿو. هو نوجوان، مفڪر ۽ اديب ۽ فن جو وڏو دلداده آهي. هو هڪ مقبول عظيم ڪليسا جو عظيم محتسب، واري نظم بابت ڳالهائڻ کان سواءِ خيال ڪندو رهان ٿو! مان توکي ڪليسا جو عظيم محتسب واري نظم بابت ڳالهائڻ کان منع ڪريان ٿو." ايون زور سان چيو، شرمندگي کان سندس رنگ سُرخ ٿي ويو.

"۽ توکي اُها زميني لرزش، ياد آهي؟ اُن کي چڱو نظم چئي سگهجي ٿو."

"پنهنجي زبان کي روڪ، نہ تہ بي صورت ۾ توکي ماري ڇڏيندس."

تون مون کي ماري ڇڏيندين؟ معاف ڪج، مان ڳالهائيندو ئي رهندس. مان هت آسودگي ۽ راحت کي حاصل ڪرڻ جي خيال کان آيو هوس. اڙي مان پرجوش نوجوان دوستن جي خواب کي محبت جي نگاهہ سان ڏسندو آهيان، جيڪي زندگي جي لاءِ انتظار کان ڏکندا رهندا آهن. "نوان انسان"! تو گذريل بهار ۾، اُن جي متعلق فيصلو بہ ڪيو هو. تنهنجو مقصد هو تہ جڏهن تون هتي ايندين، تڏهن هو هر شيءِ کي برباد ڪري، آدمخوريءَ جو مظاهرو ڪندا. بيوقوف انسان! هنن مون کان صلاح ئي نہ پڇي! مان تہ هميشہ اِيئن چاهيندو آهيان، تہ ڪا بہ ضرورت برباد نہ ٿي. اَسان تہ فقط اِهو ئي چاهيندا آهيون تہ خدا جو تصور انسان وٽ تباهہ ٿئي. شيطان جو اِهو ئي تہ ڪم آهي، اِها ئي شيءِ آهي، جنهن سان اَسان پنهنجي ڪارروائي جي ابتدا ڪندا آهيون. انسان خدا جا منڪر ٿي ويندا ۽ مون کي يقين آهي تہ اُهو زمانو، جو طبقات الارض جي زمانن سان مشابهت ٿو رکي، ايندو ۽ گذري ويندو. پراڻو ڪائنات جو نظريو، بنا ڪنهن آدمخوريءَ جي ختم ٿي ويندو. اُها قديم اخلاقي نوعيت ۽ بي شيءِ نئين ٿي ويندي. ماڻهو پنهنجي زندگاني کان اُهي سڀ شيون حاصل ڪندا. جا ڪين ڏئي سگهندي. پر اها فقط دنياوي خوشي هوندي. انسان هڪٻئي سان اتحاد ۽ اتفاق جا هٿ وڌائيندا. تان جو هو زندگي کان پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگهن. هو نيڪ بختي ۽ اُن جي لذت کي، هن جهان ۾ پنهنجي توجهہ جو مرڪز سمجهندا. انساني روح کي سندس خودي، الوهيت جي رتبي تي پهچائيندي. انسان پنهنجي پختي اِرادي سان، پنهنجي طبعيت تي قبضو ڪري وٺندو. ۽ هيءَ فتحمندي ايتري

لذت واري هوندي، جو درجي بدرجي اڳين اُميدن جي روشني ۾ زميني مسرت جي جانشين بڻجي ويندي. هرڪو هن حقيقت کان واقف ٿي ويندو، ته مرڻو آهي ۽ موت کي تحمل ۽ سنجيدگيءَ سان قبول ڪيو ويندو. انساني خودي ڪيس باور ڪرائيندي ته پنهنجي زندگي جي ڪوتاهي بابت ڪا به شڪايت نه ڪري، پر اهو ڪوتاهيءَ جو احساس، سندس ذوق جي شعلي کي ويتر تيز ڪندو. پنهنجي پائرن کي ڪنهن به انتظار کان سواءِ دوست ٿي سمجهندو ۽ عشق جي صورت فقط لذت تائين محدود نه هوندي. هن شعلي جو مرڪز عشق جاوداني جي اميد رقبي جي ڪٽڪي کان سواءِ هوندو..... اهڙي ريت ۽ اهڙي نموني انسان اڳتي وڌندو رهندو، جو نهايت دلپذير هوندو.

ايون زمين ڏي اکيون جهڪائي وينو رهيو. هن پنهنجي هٿن سان ڪنن کي ڇڪيو، پر هو مٿي کان وني پيرن تائين ڏڪڻ لڳو. آواز مسلسل ايندو رهيو.

منهنجا نوجوان مفڪر، پر ايئن تي به سگهي ٿو ته اهڙو دور ايندو؟ جيڪڏهن ايئن ٿيو، ته هرڪا شيءِ ترتيب ۾ هوندي ۽ انسانيت پنهنجي مقام تي آسودي ٿي ويندي، پر جيئن ته انسان جي اندر جهالت جو پراڻو مرض موجود آهي، اهڙو دور گهٽ ۾ گهٽ هزار ورهين جي اندر ته اچي نه ٿو سگهي، اُهو شخص جو صداقت کي سڃاڻي ٿو، هاڻي به جائز طرح، جيئن سندس خواهش هجي، زندگيءَ کي موڙي سگهي ٿو ۽ نوان اُصول اختيار ڪري سگهي ٿو. هن فهم موجب هرڪا شيءِ قانوني آهي. اَڃا به وڌيڪ، جيڪڏهن هي دور گذري نه ٿو سگهي، ۽ جيئن ته هتي نه خدا آهي نه غيرفاني، ته نئون ماڻهو ديوتا بڻجي سگهي ٿو. پوءِ ڇو نه هو سڄي دنيا ۾ اڪيلو هجي، جيڪڏهن هو پنهنجي مقام کان وڌي ٿو ته هو پنهنجي نرم دليءَ سان قديم غلام جي قديم اخلاق جي حدن کي ٽوڙي ڇڏي ٿو، ڇاڪاڻ ته خدا لاءِ ڪو به قانون نه آهي. جتي به خدا آهي، اُهو مقام پاڪ آهي. جتي مان بينو آهيان، اُهو هڪدم خاص الخاص ۽ نمايان مقام بڻجي ويندو...... سيئي شيون قاعدي واريون آهن. ۽ اِها ئي اُن جي پڄاڻي آهي. هيءُ سڀ دلڪش حقيقتون آهن. پر جيڪڏهن تون ڇاهين ٿو، ته ڏوڪو ڏئين ته تون اُن جي عمل لاءِ اخلاق جي منظوري ڇو ٿو وٺين. پر هتي جاڏي ڪاڏي اسان جا جديد روسي موجود آهن، هو اخلاقي منظوري کان سواءِ ڪڏهن به ڏوڪو نه ڏيندا. ڪين صداقت سان وڏي محبت آهي ۽ صداقت خدا آهي. ملاقاتي وضاحت سان پنهنجي فصاحت کي ظاهر ڪندو رهيو. هو زور سان ڳالهائيندو رهيو ۽ ملامت سان پنهنجي ميزبان کي ڏسندو رهيو. ايئن معلوم پئي ٿيو، ته هو پنهنجي گفتگوءَ کي بند نه ڪندو. ايون اوچتو گلاس کي ميز تان کنيو ۽ اُن فصيح ڏانهن اُڇلائي ڏنو.

پوئين رڙ ڪري ڪيس چيو تہ هيءَ تنهنجي زيادتي آهي. هو ٽپو ڏئي صوفي تان اُٿيو ۽ پنهنجي ڪپڙن تان چاءِ جا ڦڙا ڇنڊڻ لڳو. ”هن کي لوٿر جي مس ڪَسپڙي ياد آئي. هي ان کي خواب بہ سمجهي تو ۽ خواب تي گلاس بہ تو ڦٽو ڪري. هيءَ تہ عورت جي ڪردار جهڙو آهي. مون کي گمان هو تہ تون مڪر ڪري پنهنجي ڪنن کي بند ڪري رهيو هئين.

اوچتو هڪ زور دار ڪڙڪو دريءَ تي ٿيو. ايون صوفي تان ٽپو ڏئي اُٿيو.

ملاقاتي ڪيس چيو تہ ”ٻڌين ٿو. توکي دري کولڻ کپي. هيءُ تنهنجو ڀاءُ اليوشا آهي، جنهن وٽ نهايت دلچسپ ۽ عبرت ۾ وجهندڙ خبرون آهن، مون کي وڃڻ کپي.

فريبي، خاموش رهہ! مون کي خبر آهي تہ اليوشا آهي.مان محسوس ڪيو تہ هو ايندو بيشڪ هو اُجايو نہ آيو هوندو، هو ڪي خبرون ڪٺي آيو هوندو، ايون ڪاوڙ مان چيو.

کول، کول، هن جي لاءِ کول، ٻاهر برف جو طوفان گهُلي رهيو آهي ۽ هو تنهنجو ڀاءُ آهي.

ڪڙڪو مسلسل ايندو رَهيو. ايون چاهيو تي تہ دريءَ ڏي ڊوڙي وڃي، پر ڪنهن سندس ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا هئا. هُن ڪوشش ڪئي تہ زور سان انهن زنجيرن کي ڇجي، پر سڀ ڪوشش اُجائي هئي. دري تي ڪڙڪو زور کان زوردار ٿيندو رهيو. آخر اِهي زنجير ٽٽي پيا ۽ ايون صوفي تان ٽپو ڏئي اُٿيو. هن وحشياڻي نموني پنهنجي چوڌاري ڏٺو. ٻئي ميڻ بتيون گهٽو ڪري ٻري چڪيون هيون. گلاس جو تازو، اُن ملاقاتي کي هنيو هيائين، اُهو ميز تي رکيو هو. سندس سامهون صوفي تي ڪو بہ موجود نہ هو. دريءَ جي طاق تي ڪڙڪو وڄندو تي ويو. پر هُو ايترو زور وارو نہ هو، جو هن خواب ۾ ٻڌو هو. پر اُن جي خلاف هاڻي خاموشي هئي.

”هيءَ خواب نہ هو! مان قسم کڻي چوان ٿو اِهو خواب نہ هو.“ ايون زور سان چيو. هو ڀوءِ دريءَ ڏي ڊوڙيو ۽ اُن جي چرندڙ طاق کي کوليائين.

اليوشا، مان توکي چيو هو، تہ مون ڏي نہ اچجانءِ. هن خطرناڪ نموني ۾ پنهنجي ڀاءُ کي چيو. فقط ٻن لفظن ۾ ختم ڪر. توکي ڇا جوڳو آهي. فقط ٻن لفظن ۾ ٻڌين ٿو نہ؟

هڪ ڪلاڪ ٿيو. سميرڊياڪوف پاڻ کي ڦاهو ڏئي ماريو آهي. اليوشا اڱڻ مان کيس جواب ڏنو.

ڏاڪڻ ڏي ڦري اچ مان دروازو کوليان ٿو. ايئن چئي ايون، اليوشا جي لاءِ دروازو کولڻ ويو.

باب ڏهون

# هيءُ ٿي هو، جنهن ائين چيو

اليوشا اندر آچي، ايون کي ٻڌايو تہ ڪلاڪ ڪن ٿيو ماريا ڪاندريتوينيا، سندس ڪمري ۾ آئي هئي ۽ ڪيس خبر ڏني هئائين، تہ سميرديا ڪوف پنهنجو انت آندو آهي. "مان سماور کي صاف ڪرڻ لاءِ ويس. اُتي ڏٺم تہ هو هڪ سيخ ۾ لڙڪيو پيو هو جا ديوار ۾ لڳل هئي. اليوشا جي پڇڻ تي هن پوليس کي اُن جو اطلاع ڏنو آهي يا نہ؟ هن ڪيس جواب ڏنو تہ هن ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو آهي. پر هوءَ پڇندي وٽس آئي آهي ۽ سڄو وقت ڊوڙندي رهي آهي. هوءَ بلڪل پريشان ٿي ڏٺي ۽ پن وانگر ٿي لرزي. جڏهن اليوشا ساڻس گڏجي جهوپڙي ڏي ڊوڙيو تہ هن سميرديا ڪوف کي اَجا بہ لڙڪيل ڏٺو. ميز تي هن هڪ ڪاغذ ڏٺو. جنهن تي لکيل هو تہ "مان پنهنجي حياتي، پنهنجي مرضي ۽ خواهش سان پوري ڪريان ٿو. جيئن ڪنهن ٻي جي مٿان الزام نہ اَچي." اليوشا هن بيان کي ميز تي ڇڏيو ۽ سڌو پوليس ڪپتان ڏي ويو ۽ ڪيس اُهو سڀ ڪجهہ چيائين جو ٻڌو ۽ ڏٺو هئائين. اُن کان ٿي مان سڌو تو ڏي آيو آهيان. اليوشا ڪيس چيو. آخر ۾ هو ايون جي چهري ڏانهن نهاريندو رهيو. آڪاتي ٻڌائيندي. سندس اکيون اُن جي چهري ۾ کُپيون رهيون. ڄڻ تہ ان مان ڪنهن حقيقت جو اظهار ٿي رهيو هو.

ڀاءُ. هن اوچتو واڪو ڪري چيو. تہ تون سخت بيمار ٿو ڏسجين. مان توکي جو ڪجهہ بہ چيو آهي، تون اُن کي سمجهي نہ سگهيو آهين.

ڏاڍو چڱو ٿيو. جو تون آئين. ايون ڪيس اهڙي حالت ۾ چيو ڄڻ تہ هو اوجهڙائيون کائي رهيو آهي ۽ اليوشا جي گفتگو کي ٻڌي ئي نہ رهيو هو. مون کي خبر آهي تہ هُن ڦاهو کاڌو آهي.

ڪنهن کان ٻڌو اَٿئي؟.

مون کي خبر نہ آهي. پر مان ان حقيقت کي ڄاڻان ٿو. ڇا مون کي اُن جي خبر هئڻ کپي؟ ها. اُن ئي مون کي ٻڌايو آهي. اُن ئي."

ايون ڪمري جي وچ ۾ بيٺو هو. اَجا بہ هُو ساڳي ريت ڳالهائيندي، گفتگو ڪري رهيو هو. هو هيٺ زمين ڏي نهاري رهيو هو.

اهو اُن - ڪير آهي؟ اليوشا. غير ارادي طرح چوڌاري ڏسندي چيو.

"هو ترڪي ويو."

ايون مٿي کي کنيو ۽ مشڪندو رهيو.

هو توجهڙي ڪبوتريءَ کان خوف کائيندو رَهيو. تون هڪ پاڪيزه فرشتو آهين. هيءُ ٿي هو.

هو. هو حمامن ۾ ويندو آهي. جيڪڏهن تون اُن جو لباس لاهيندين تہ مون کي پڪ آهي، تہ توکي سندس هڪ ڏکهو ۽ لسو پُـڇ. ڊينمارڪ جي ڪتن جهڙو نظر ايندو. وال ڏکهو ۽ بد رنگ ..... اليوشا تون ٿڌو ٿي ويو آهين تون برف مان آيو آهين. چانهہ پيئندين، ڇو سردي آهي؟ ڇا مان چوان تہ هو چانهہ آڻين؟"

اليوشيا، پاڻيءَ جي گهڙامنجي ڏانهن ڊوڙيو، ٽوال کي پاڻيءَ سان تر ڪري ۽ ايون کي ترغيب ڏنائين، تہ وري ويهي رَهي ۽ پوءِ آلو ٽوال سندس مَـٿي جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيائين. پاڻ سندس پرسان ويهي رهيو.

ايون وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. هاڻي لـِزي پسند آهي. مان اُن جي لاءِ ڪي بيهودِيون ڳالهيون چئي ويس. اُهو سڀ ڪوڙ هو .... مون کي هوءَ پسند ايندي آهي. مون کي سڀاڻي لاءِ ڪٽيا کان خوف ٿو ٿئي. مون کي ٻين سڀني کان وڌيڪ. هن کان خوف ٿو ٿئي، تہ مستقبل ۾ اَلائجي ڇا ٿيندو؟ هو سڀاڻي مون کي هڪالي ڇڏيندي ۽ پيرن ۾ مهٽيندي، هوءَ سمجهي ٿي تہ مان رقابت کان متيا کي تباهہ ڪري رهيو آهيان. هائو. هوءَ ايئن ئي سمجهي، پر ايئن نہ آهي. سڀاڻي اَڏي پچا تہ اُهي، پر ڦاسي ڪانہ آهي. نہ مان ڦاهو ڪائيندس. توکي خبر آهي. اليوشا تہ مان ڪڏهن بہ خودڪشي نہ ڪندس، متيا ايئن ڇو آهي. ڇاڪاڻ تہ مان خود غرض آهيان نہ." پر مان بـزدل نـہ آهيـان. هيءَ شـايد زندگي جي پيـار کـان اهـي. مـان کيئـن سمجهـان تـہ سميرديا ڪوف پاڻ کي ڦاهو ڏنو آهي. هاڻي اِهو هيءَ ئي هو، جنهن مون کي ٻڌايو هو.

"ڇا توکي يقين آهي تہ هتي ڪو هو؟" اليوشا ڪائنس پڇيو.

هائو هن ڪنڊ ۾. صوفي تي هو. توکيس هڪالي ڇڏيو. تون جڏهن پهتين تہ هو غائب ٿي ويو. اليوشا مون کي تنهنجو چهرو پسند آهي. توکي خبر آهي، تہ مان تنهنجي چَـهري کي پيار ڪندو آهيان. اليوشا اُهو ماڻهو مان ئي آهيان. اليوشا مـون وٽ ڇا بہ خودغرضي آهي، سا هيئناهين درجي واري ۽ نفرت جهڙي آهي. هـائو. مـان روحـاني انسان آهيان هن اُن کي سمجهي ورتو هو ..... جيتوڻيڪ هن منهنجي بيعزتـي ٿـي ڪئي. هُـو حد کان وڌيڪ بيوقوف هو. پر اُن مان سندس ئي فائدو هو. هو مڪار هو ۽ جانورن جهڙو مڪار، کيس خبر هئي تہ هو مون کي ڪهڙي ريت جوش ۾ آڻي، هو انهيءَ لاءِ مون تي طنز ڪندو هو، تہ مان سندس وجود کي تسليم ڪريان ۽ اهوئي سبب هو. جو مون کي، هُـن ڏيان ڏيئي ٻڌڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿي. هُـن ٻار وانگر مَـون کي بيوقوف ٿي بڻايو. هن ڪيتريون شيون، مون کي، منهنجي لاءِ ٻڌايون، جي سڀ سچيون هيون. جيتوڻيڪ مان اُنهن کي ڪڏهن بہ پنهنجو نہ ٿي سمجهيو توکـي اُن جي خبـر آهـي. اليوشا؟" ايون هيءَ حقيقت بلڪل انتظار ۽ يقين واري آواز ۾ چيو تہ مون کي ڪيڏي نہ خوشي ٿيندي، جڏهن مون کي خبر پوندي تہ اهو مان نہ هوس، پر هو هو.

اليوشا ! ايون اوچتو غصي سان چيو ۽ سندس اکيون چمڪي رهيون هيون. ”مان ڄاڻان ٿو، ته هيءَ جا حقيقت شخص منهنجي تعريف ڪري هيءَ خصوصيت سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو. مان قسم کڻي چوان ٿو، ته اِيئن نـ آهي. اهو سبب هو، جو مان مٿس گلاس اُڇلائي هنيو هو، جو سندس بدنما چهري تي لڳي ڀڄي پيو هو.

”ڀاءُ هاڻي آرام ڪر! اهڙيون ڳالهيون نـ ڪر.“ اليوشا کيس دلاسو ڏيندي چيو. ”هائو، هن کي خبر آهي تـ ٻي کي عذاب ڪيئن ڏجي. هو ظالم آهي.“ ايون، اليوشا ڏي ڏيان کان سواءِ ڳالهائيندو ويو. جڏهن هُو پهريائين آيو هو، تـ مون کي اُن جي لاءِ تمام ٿوري ڄاڻ هئي. هو چوندو رَهيو تـ ايئن ڪٿي قبول ڪجي، تـ تون غرور کان راهـ تي وڃي رهيو آهين ۽ اڃا بـ توکي اُميد آهي تـ سميرڊياڪوف مري چُڪو هو. هن پاڻ کي قاهو ڏنو آهي. توکي اها بـ اميد آهي، تـ سميرڊياڪوف کي سزا ايندي ۽ کيس سائبيريا موڪليو ويندو. متيا آزاد ٿي ويندو ۽ اُن وقت توکي فقط اخلاقي سزا ايندي. (ٻڌين ٿو، هو اُن وقت کلي رهيو هو) ڪي ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا. هاڻي تو اڪيلي تي ڪير اعتبار ڪندو؟ پر اُن هوندي بـ تون ويندين تو فيصلو ڪيو آهي، تـ ويندين. تون هاڻي ڇا جي لاءِ وڃي رهيو آهين. اها گفتگو نهايت خطرناڪ هئي. اليوشا مان هنن سوالن کي برداشت ڪري نـ ٿو سگهان. ڪنهن کي طاقت ٿي سگهي ٿي تـ اهڙا سوال مون کان ڪري؟

اليوشا، وچ ۾ ڳالهائيندي کيس چيو تـ ڀاءُ سندس دل خوف کان ٻڏي رَهي هئي. پر کيس اَڃا اُميد هئي تـ هُو ايون کي درست ڪري سگهندو. هن ڪهڙيءَ ريت، منهنجي اَچڻ کان اڳ ۾ توکي سميرڊياڪوف جي موت جي خبر ٻڌائي هئي. جڏهن تـ ڪنهن کي خبر بـ نـ هئي ۽ نـ وري اِهڙو وقت هو، جو ڪنهن کي خبر پئجي سگهي؟

”هن مون کي ٻڌايو.“ ايون ڪنهن بـ شڪ جو انڪار ڪندي کيس مضبوطيءَ سان چيو. هن اِهوئي ٿي ڳالهايو. هن چيو ٿي تـ جيڪڏهن تون حقيقت تي پهچندين، جي تون ڪنهن ڳل تي اعتبار رکين ٿو، تـ سچي حقيقت توکي صحيح نظر ايندي. پلي تـ هو توتي اعتبار نـ ڪن، تون تـ پنهنجي اُصول لاءِ وڃن وڃين ٿو. پر تون بـ فيودورپاولووچ وانگر ننڍڙو احمق آهين. تنهنجو ’گڻ‘ سان ڪهڙو واسطو؟ تنهنجي اُڻ ٻڻ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪڏهن تنهنجي قرباني، ڪنهن جي لاءِ بـ فائدي واري نـ آهي؟ ڇاڪاڻ تـ تون خود بـ نـ سمجهي سگهيو آهين، تـ تون اوڏانهن ڇو ٿو وڃين! اڙي توکي تـ گهڻو ڏيان ايڏانهن ڏيڻ گهرجي، تـ تون پاڻ کي سمجهين تـ اوڏانهن ڇو وڃي رهيو آهين! ڇا، تون پختو ارادو ڪري چڪو آهين؟ تون سڄي رات ڄاڻي ٻجهي هن اُڻ تڻ ۾ رهندين، تـ تون اوڏانهن وڃين يا نـ وڃين، پر تون ويندين. مان ڄاڻان ٿو تـ تون ويندين. توکي خبر آهي تـ تون جو فيصلو ڪندين اُن جي بجاءِ فيصلو توتي ڇڏيل نـ آهي. تون ويندين. ڇاڪاڻ تـ تو ۾ همت ئي نـ آهي. تـ نـ ويندين! ڇا، تو ۾ همت جو فقدان آهي؟ انهيءَ جو پاڻ ۾ توکي

سراغ ونڻ گهرجي. هيءَ تنهنجي لاءِ هڪ ڳجهارت آهي. هو اُتيو ۽ هليو ويو. تون آئين ته هو هليو ويو. اليوشا، هن مون کي بي همت به سڏيو. ڇا. مان بي همت آهيان. هن وڌيڪ هيءُ به چيو ته هيءُ انهن عقابن لاءِ نه آهي، ته زمين تي اڏامن. سميرڊياڪوف به ايئن ئي ٿي چيو. هن کي مرڻ کپندو هو. مون کي مهينو کن ٿيو آهي. جو مان ڏسندو رهيو آهيان. ته ڪتيا منهنجي توهين ڪندي رَهي آهي. اهڙي ريت لِزي به منهنجي توهين ڪندي! تون ئي آهين جو تعريف جي لائق آهين. پر هيءُ هڪ بي رحم ڪوڙ آهي! تون به ته منهنجي توهين ڪري رهيو آهين. مان هاڻي وري توسان نفرت ڪري رهيو آهيان! مان اُن ببلا سان به نفرت ڪريان ٿو. مان اُن ببلا کي ڪڏهن به نه بچائيندس. پلي ته هو سائبيريا ۾ بچڙو ٿئي. هن هاڻي خدا جي حمد جو نغمو ڳائڻ شروع ڪيو آهي. اَڙي مان هاڻي ويندس ۽ انهن سيني ڇهرن تي ٽڪون اُچلائيندس!

هُن جنوني حالت ۾ ٿيو ڏنو. ٽوال کي ڦٽو ڪيائين ۽ وري ڪمري ۾ هيڏي هوڏي گهمڻ لڳو. اليوشا کي ياد آيو، ته هُن هاڻي ڇا ٿي چيو. مان جڻ ته ننڊ ۾ جاڳي رهيو آهيان .... مان گهمان ٿو ۽ ڏسان ٿو ۽ ڳالهايان ٿو. پر ننڊ ۾ آهيان. هاڻي به ايئن ئي ڏسڻ ۾ ٿو اچي. اليوشا کيس نه ڇڏيو. سندس دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته هو ڊاڪٽر ڏي ڊوڙي وڃي، پر کيس پنهنجي ڀاءُ کي اڪيلو ڇڏيندي خوف پئي ٿيو. اُتي ڪوبه ڪونه هو، جو اُن جي آسري تي کيس ڇڏي. آهستي آهستي ايون کان هوش ڇڏائيندو ويو ۽ هو صفا بيهوش ٿي ويو. هو اَجا به ڳالهائي رهيو هو، ۽ سندس گفتگو ۾ ڪو به ربط ڪونه هو. پر بلڪل وضاحت سان. هرهڪ لفظ ڏار ڏار ڪري ڳالهائي رهيو هو. البت ڳالهائڻ ۾ کيس هٻڪ پئي ٿي. اوچتو سندس ٽنگون وِچڙيون پر اليوشا کيس وڏي سنڀالي ورتو ۽ کيس بستري تي ليٽايائين. هو بہ ڪلاڪ سندس مٿان وينو رهيو. مريض هاڻي آرام سان سمهيو پيو هو. منجهس ڪابہ چرپر ڪانہ هئي ۽ هو صاف ريت سان ساهه کڻي رهيو هو. اليوشا هڪ وهاڻو کڻي. صوفي تي پئي رهيو.

جيئن هو ستو. هن ايون ۽ متيا جي لاءِ دعا گهُري ۽ ايون جي بيماريءَ تي غور ڪرڻ لڳو. هنيلي فيصلي جي هيءَ ذهني تڪليف هئي. هڪ سنجيده ضمير! خدا، جنهن کي هن نه ٿي مڃيو. اُن جي صداقت هاڻي سندس دل تي قبضو ڪري رهي هئي، جا اَجا به هو مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ”هائو“، خيال اليوشا جي دل تي ترڻ لڳو ته هائو. سميرڊياڪوف مري چڪو آهي. هاڻي ايون جي شاهديءَ تي ڪير اعتبار ڪندو؟ پر هو ويندو ۽ اِها ڏيندو.“ اليوشا، سادگيءَ سان مشڪيو. هن خيال ڪيو ته خدا جي نيٺ فتح ٿيندي. هن خيال ڪيو، ته هو يا ته صداقت جي روشني ۾ اُٿندو .... يا هو نفرت ۽ انتقام ونڻ جي جوش ۾ ختم ٿي ويندو. هيءَ اهو عمل ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ سندس اعتماد ئي نه آهي. اليوشا غم کان اِيئن چوندي، ايون لاءِ وري به دعا گهري.

حەمە پێنجوێن

# قانونی غلطی

باب پهريون

# بدقسمت ڏينهن

اُهي واقعات، جن جو مان بيان ڪيو آهي، اُن جي ٻئي ڏينهن، صبح جو ڏهين بجي، اسان جي ضلعي ڪورٽ ۾ دمتري فيودورپاولووچ جو مقدمو شروع ٿيو.

پڙهندڙن کي، مان هن ڳالهه کان اڳ ۾ آگاهه ٿو ڪريان، تہ مان پاڻ کي هن جي لائق نہ ٿو سمجهان، تہ اُهو سڀ ڪجهہ بيان ڪريان، جو اُن مقدمي ۾ وهيو ۽ واپريو ٿي، يا ترتيب وار اصلي حقيقتن کي پيش ڪريان. مان خيال ڪريان ٿو، تہ جيڪڏهن مڪمل تشريح سان سڀ ڪنهن شيءِ جو بيان ڪندس، تہ مون کي هڪ وڏي ڪتاب جي ضرورت پوندي. اُن ڪري اُهي نقطا، جن مون تي اَثر ڪيو آهي، منهنجي يادگيري ۾ آهن، اُنهن کي بيان ڪريان. اُميدوار آهيان تہ مون تي پڙهندڙ اعتراض نہ ونندا. مان اُنهن ڳالهين کي انتخاب ڪيو آهي، جي نهايت دلچسپ آهن ۽ ثانوي حيثيت ٿيون رکن. شايد مان ضروري تفصيل ۽ مکيہ ڳالهين کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. مان پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي آهي ۽ پڙهندڙ پاڻ ڏسندا تہ طاقت آهر مون سڀ ڪجهہ ڪيو آهي.

ڪورٽ ۾ گهرائڻ کان اڳ ۾ مان اُن حقيقت کي بيان ڪندس. جنهن مون کي اُن ڏينهن عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو. سچ پچ جيئن پوءِ ظاهر ٿيو. اُن حقيقت کي ڏسي ٻيا بہ حيرت ۾ پيا هئا. اسان سڀني کي خبر آهي تہ هن معاملي وڏي دلچسپي پيدا ڪئي هئي. سيڪو ئي ٻي صبريءَ سان مقدمي جي شروع ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. گذريل ٻن مهينن کان ماڻهن جي گفتگو، قياس آرائين ۾ عقلي نقطن جو هيءُ موضوع بڻجي ويو هو. هيءَ بہ سڀني کي خبر آهي تہ هيءَ مقدمو سڄي روس ۾ مشهور ٿي چُڪو هو. پر اُن هوندي بہ اسان اِيئن نہ سمجهيو تہ هيءُ فقط اَسان لاءِ نہ پر سڄي روس لاءِ اِهڙي دلچسپي جو سامان ٿو رکي، پر هيءُ حقيقت مقدمي واري ڏينهن ظاهر ٿي.

ملاقاتي نہ فقط اسان جي علائقي جي وڏن شهرن مان آيا هئا، پر روس جي ٻين شهرن کان بہ ماسڪو ۽ پيٽرسبرگ کان بہ. اُنهن ۾ ڪي وڪيل هئا، ڪي عورتون ۽ ڪيئي عزت وارا ماڻهو. ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ جي هرهڪ ٽڪيٽ، ڪسي ٿي وئي. معزز ۽ رسوخ وارن ملاقاتين جي لاءِ، جتي ٽيئي جج ويهڻ وارا هئا. اُنهن جي ميز جي پوئتان - خاص جاءِ تي بندوبست ڪيو ويو هو. آرام ڪرسين جي هڪ قطار اُنهن جي لاءِ مخصوص ڪئي وئي هئي. هيءَ خاص رعايت هئي، جا اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏنسي وئي هئي. هڪ وڏي يڪسانيت تي ڏني. يعني عام ماڻهن ۾ اَڌ فقط عورتون هيون. جدا

جدا حصن مان وڪيلن جو ايڏو وڏو انداز آيل هو. جو انتظار ڪندڙن سوچيو تي، ته اُنهن کي ڪٿي جاءِ ڏني وڃي؟ ٽڪيٽ جي لاءِ گهڻي غور ۽ فڪر ڪان پوءِ ورهائي تي وئي. مان ڏنو ته ڪمري جي آخر ۾ تلهي جي پريان. نهايت جلدي مان هڪ پردو ڏنو ويو. جن ۾ هنن سيني کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي. هي سيئي بيٺا هئا. اُن هوندي به پاڻ کي خوش قسمت ٿي سمجهيائون ته ڪين اها به جاءِ جي تنگي سبب، سيني ڪرسين کي اُتان هٽايو ويو هو. هن پردي جي پويان. ماڻهن جو وڏوگوڙ. مقدمو هلندي، ڪلهوڪلهي سان لايو بيٺو هو.

اِنهن مان ڪي خاتون. جي خاص ڪري پري کان آيون هيون، گيلري ۾ پنهنجي بهترين لباس ۾ موجود هيون. پر عورتن جي اڪثريت اهڙي هئي، جن لباس جي طرف پنهنجو ڪوبه توجهه نه ڏنو هو. سندن چهرن مان پريشانيءَ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا. هڪ خاص حقيقت هيءَ هئي، جنهن کي پوءِ ڏنو ويو. ته سندن اڪثريت متيا جي طرف هئي ۽ هنن چاهيو ٿي، ته کيس آزاد ڪيو وڃي. هن مان گهڻو ڪري ايئن معلوم پئي ٿيو، ته هو عورتن جي دلين جو فاتح آهي. هيءَ به عام خبر ته به رقيب عورتون. هن مقدمي ۾ اچڻ واريون آهن. انهن مان هڪ ڪيٽرينا ايونونا هئي، جا سيني جي عام دلچسپيءَ جو باعث هئي. اُن بابت غير معمولي ڳالهيون ٿي ٻڌايون ويون. متيا جي بابت سندس حيرت ۾ وجهندڙ ڪهاڻيون، جي سندس ڏوهه کان الڳ قسم جون هيون. سندس غرور ۽ شاهاڻا تعلقات خاص ڪري ماڻهن جي بحث هيٺ هئا. (شهر جو هرهڪ ماڻهو سندس ڏسڻ کان وانجهيل نه هو) هيءَ ڳالهه مشهور هئي، ته هن سرڪار کي درخواست ڏني آهي، ته هوءَ اُن گنهگار سان گڏ قيد ۾ وڃي ۽ سائبيريا جي کاڻين ۾ پهچڻ کان پوءِ ساڻس شادي ڪري. گروشينڪا جو سڄي ڪورٽ ۾ بيصبريءَ سان انتظار ٿي ڪيو ويو. عوام وڏي شوق ۽ پريشانيءَ مان هنن ٻن رقيبن جي گڏجاڻيءَ کي نهاري رهيو هو. هڪ مغرور ۽ شاندار ڇوڪري ۽ جادوگر. پر گروشينڪا، ضلعي جي زالن ۾ ڪيٽرينا کان وڌيڪ مشهور هئي. هنن اڳ ۾ هن عورت کي ڏنو هو. جنهن فيودورپاولووچ ۽ سندس پٽ کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. هو سيئي عجب ۾ هيون، ته ڪهڙي ريت پيءُ ۽ پٽ هن عام ۽ معمولي روسي ڇوڪريءَ جي محبت ۾ جڪڙجي ويا هئا. جا ايڏي حسين به نه هئي.

مختصر ته وڏيون ڳالهيون ٿي رهيون هيون. هيءَ به حقيقت هئي ته شهر ۾ اهڙا ڪيئي خاندان موجود هئا، جن جا متيا جي بابت پاڻ ۾ جهڳڙا ٿي هليا. ڪيتريون عورتون پنهنجي مردن سان، راءِ جي اختلاف جي سبب، هن خطرناڪ مقدمي ۾ جهڳڙنديون ٿي رهيون. اُن ڪري هي فطري سبب هو. ته هيءَ مرد، پنهنجي عورتن جي راءِ جي خلاف قيدي کان بدگمان ٿي، ڪورٽ ۾ آيا. اُن ڪري، حقيقت ۾ ايئن ڇئي

سگهيو ٿي، تہ اُن مجبوري ۾ عورتن ڪان وڌيڪ مرد. قيد جي خلاف هئا. اُنهن ۾ وڏو تعداد اُنهن جو هو جن جي منهن ۾ گهنج هئا ۽ جن مان سندن انتقامي جذبو ظاهر هو. سچ پچ تہ متيا بہ شهر ۾ رهي ڪيترن ماڻهن کي ايذايو هو. منجهن ڪي اِهڙا بہ بلند رتبي وارا روح موجود هئا. جي شخصي طرح متيا جي قسمت سان ڪا بہ دلچسپي رکندڙ نہ هئا. پر هي سيئي مقدمي ۾ دلچسپي رکندڙ هئا ۽ سندن اڪثريت سندس آزاديءَ لاءِ انتظار ۾ هئي، جن ۾ وڪيل داخل نہ هئا. ڪين اخلاقي نقطئہ نگاهہ ڪان وڌيڪ قانون ۾ دلچسپي هئي.

سڀ ڪوئي، مشهور وڪيل فيٽوڪووچ جي حاضري ڪان جوش ۾ هو. سندس قابليت مشهور هئي. هيءَ ڪو پهريون مقدمو نہ هو، جو هن جدا جدا علائقن ۾ اهڙي بدنام ڏوهاري جو بچاءُ تي ڪيو. پر هن اِهڙن مقدمن ۾ بچاءُ ڪري، پاڻ کي ايترو تہ مشهور ڪيو هو، جو سڄي روس ۾ سندس نالو مشهور ٿي ويو هو. اِهڙيون ٺي ڳالهيون اسان جي پراسيڪيوٽر ۽ ڪورٽ جي صدر لاءِ بہ مشهور هيون. چيو ٿي ويو تہ ائپولٽ ڪريليووچ، فيٽوڪووچ جي مقابلي ڪان لرزي رهيو هو. هو شروع ۾ ٺي جڏهن پيٽرسبرگ ۾ ڪيس ڪنهن ڪان ضرور رنج پهتو هو، هڪبئي جا دشمن هئا ۽ اسان جي حساس پراسيڪيوٽر هي محسوس ٿي ڪيو، تہ پيٽرسبرگ ۾ ڪيس ڪنهن ڪان ضرور رنج پهتو هو، جو سندن قابليت جي پوري پوري ساراهہ ٿي نہ سگهي هئي. هو اُن ڪري ڪرامازوف جي مقدمي ۾ نهايت شوق سان جوش ۾ هو. هو خواب لهي رهيو هو، تہ هن مقدمي جي بدولت وجايل شهرت کي حاصل ڪري وٺندو ۽ پنهنجي قسمت کي ناهيندو. چون ٿا تہ فيٽوڪووچ سندس گويا انتظار هو. پر حقيقت ۾ هيءَ افواهہ پورا نہ هئا. اسان جو پراسيڪيوٽر، اُنهن ماڻهن مان نہ هو، جو خوف جي وقت دل هاري ويهي. پر ان جي خلاف خوف جي وڌڻ سبب، سندس خود اعتمادي بہ وڌي ٿي وئي. هي ياد رکڻ جهڙي ڳالهہ آهي، تہ اَسان جو پراسيڪيوٽر - جلد باز ۽ پنهنجي ڪم جو پورو ڄاڻندڙ هو، هو ڄڻ تہ مقدمي ۾ پنهنجو روح وجهي ڇڏيندو هو ۽ اُن ۾ ايڏو تہ گم ٿي ويندو هو، ڄڻ تہ سندس سڄي قسمت ۽ بخت جو اُن جي نتيجي تي دارومدار آهي. قانوني دنيا ۾ هي موضوع ڪل جهڙو هو. هن امتيازي حالت جي باعث، اسان جي پراسيڪيوٽر وڏي شهرت حاصل ڪئي هئي، جا شايد ڪيس شرميلي حالت ۾ ميسر ٿي نہ سگهي ها. ماڻهو سندس شوق ۽ نفسيات تي خاص طرح کلندا ٿي رهيا. منهنجي راءِ ۾ اهي غلط هئا. اسان جو پراسيڪيوٽر جيئن مان سمجهان ٿو، وڏي گهراڻي وارو هو، جيئن اُن کي سمجهيو ويو هو، پر هو پنهنجي نازڪ تندرستيءَ سبب هو پنهنجي ڏنڌي ۾ بيهڪ حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ نہ وري پوءِ بہ ڪامياب ٿي سگهيو. اسان جي ڪورٽ جو صدر، اُن جي لاءِ مان فقط هي چوندس تہ هو انسانيت

وارو ۽ مهذب هو. كيس هر عمل جو پورو ڄاڻو هو. اُن مان جي رايا نڪري سگهيا ٿي، اُن ڪان باخبر هو. هو لالچي ضرور هو، پر هن ڪڏهن بہ پاڻ کي مستقبل جي فڪر سان وابستہ نہ ٿي رکيو. سندس زندگيءَ جو وڏو مقصد هي هو، تہ هو ترقي پذير خيالن جو حامي ٿي رهي. هو پڻ وڏي تعلقات واري ۽ ملڪيت جو مالڪ هو. جيئن اَسان کي پوءِ خبر پئي، تہ كيس كرامازوف مقدمي جي لاءِ وڏو احساس هو. پر هيءُ سندس احساس سماجي نقطهٔ نگاهہ کان هو نہ پنهنجي شخصي حيثيت کان. هو اُن ۾ هڪ سماجي هواس ۽ دماغ جي حيثيت ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو. اسان جي سماجي حالتن واري ڪردار ۽ تقسيم جي هو پيداوار هو. مقدمي ۾ سندس شخصي طرفداري ان جي غمناڪ حيثيت، ڏوهين ۽ خود قيدي بابت خلاف ۽ توجهہ واري نہ هئي. جيئن اسان جو خيال شايد صحيح هجي.

ججن جي اَچڻ کان اڳ ۾ سڄي ڪورٽ ماڻهن سان پرجي چڪي هئي. اسان جي ڪورٽ شهر ۾ هڪ عمدو هال آهي. ويڪري، مٿانهين ۽ آواز بڌڻ لاءِ بهترين عمارت آهي. ججن جي ساڄي پاسي جي شهہ نشين تي هئا. ميز ۽ ڪرسين جون قطارون، مقدمي جي ڏينڊڙن لاءِ هيون. کبي پاسي قيدي ۽ سندس بچاءَ جي صلاحڪارن جي جاءِ هئي. ڪورٽ جي وچ ۾، ججن جي پرسان، ڏوهہ سان لاڳو شيون رکيون هيون. اُتي فيودورپاولووچ جي اڇي پَٽَ جي شبخوابي واري قبا موجود هئي، جنهن تي رت جا داغ ها. اُهو بدقسمت پٽل جو دستو بہ هو، جنهن لاءِ چيو ٿي ويو تہ اُن سان خون ڪيو ويو هو. متيا جي قميص، جنهن جي بانهن تي رت جا داغ هئا، سندس ڪوٽ جنهن جي كيسي جي مٿان رت جا داغ هئا. جنهن ۾ هن رومال وڌو هو. رومال پاڻ رت ۾ ٻڏل هو، جنهن جو رنگ هاڻي زردو ٿي ويو هو. پستول، گولين سان پريل هو. جنهن کي متيا، پروهيتن وٽ خودڪشيءَ لاءِ پريو هو. جنهن کي ماڪرو ۾ تريفان هٿ ڪيو هو. اُهو لفافو، جنهن ۾ گروشينڪا کي ڏيڻ لاءِ ٽي هزار روبل وڌا ويا هئا. واڱڻائي رنگ جو سنهو ڌاڳو، جنهن سان لفافي کي ٻڌو ويو هو ۽ ٻيون بہ شيون جي هاڻي مون کي ياد نہ آهن. هال ۾ ڪجهہ مفاصلي تي عوام جي ويهڻ جون جايون هيون. ججن جي شهہ نشين جي سامهون، شاهدن جون ڪرسيون موجود هيون جن کي شاهدي کان پوءِ اتي ويهاريو ويو هو.

ٽي بجي سيئي جج اچي پهتا. هڪ صدر، ٻيو اعزازي جسٽس آف پيس ۽ ٽيون پراسيڪيوٽر (سرڪاري وڪيل) سندن پويان جلدي پهچي ويو. پريزيڊنٽ قد جو بندرو، مضبوط، پنجاهہ ورهين جو چڱو ٿلهو ٿي ڏٺو. سندس ڪُلَ ضعيف معدي جي مريض جهڙي هئي. سندس وار ڪارا هئا، پر معلوم پئي ٿيو تہ هُو اڇا ٿيڻ وارا آهن كيس هڪ سرخ بيج لڳل هو الائجي ڪهڙي اعزاز لاءِ هو. اِهو مون کي ياد نہ آهي.

پراسڪيوٽر ۽ ٻين مون تي وڏو اثر ڪيو هو. زرد تي ڏنو ۽ ايئن ڪٿي ڇئجي تہ سندس رنگ سائو هو. سندس چهرو ڇڻ تہ جلدي سنهو ٿي ويو هو. شايد هڪڙي ئي رات ۾ ڇاڪاڻ تہ مان بہ ڏينهن اڳ ۾ ڪيس چڱو صحتمند ڏٺو هو. پريزيڊنٽ اُن وقت پڇڻ شروع ڪيو. تہ سڄي جيوري حاضر آهي.

پر مان هن ريت بيان ڪري نہ سگهندس، ڇو تہ ڪي شيون مون بہ نہ ٻڌيون ۽ ڪن کي نہ بہ ڏٺو. ڪي شيون مون ڪان بہ وسري چڪيون آهن. جيئن مان اڳ چئي چڪو آهيان، تہ اُنهن مان ڪيتريون ادبي طور تي نہ مون کي وقت آهي نہ جاءِ جو هر شيءِ کي جا اُتي چئي ويئي هئي، ان جو ذڪر ڪريان. مان فقط هيءَ ڄاڻان ٿو، تہ ڪنهن بہ جيوري جي ميمبر ڪنهن بہ طرف تي ڪو اعتراض نہ هو. مون کي ٻاهن ئي جيوري جي ماڻهن جي خبر آهي. چار شهر جا ننڍا عملدار هئا ۽ واپاري هئا. ڇهہ زراعت پيشيور ۽ شهر جا هنرمند هئا. مقدمي ڪان پوءِ بہ مون کي ان جي ڪارروائي گهڻو وقت ياد هئي، عام ماڻهن ۾ سوال مسلسل پڇيا ٿي ويا. خاص ڪري عورتن تہ اهڙو نازڪ، پيچيدو، نفسيات وارو مقدمو، معمولي آفيسرن ۽ هارين جي راءِ تائين موقوف رکيو ٿي ويو؟ هڪڙو آفيسر، اُن ڪان بہ وڌيڪ هاري ايڏي ساري معاملي کي ڪيئن سمجهي سگهيا هوندا؟ چارئي آفيسر جي 'چوري' ۾ شامل هئا. انهن کي ڪوبہ ضمير نہ هو ۽ هينئين درجي وارا هئا. انهن مان فقط هڪ جو شاهد سيني ۾ ننڍو هو. ۽ باقي عمر جا وڏا ٿي نظر آيا. هو سماج اَندر ايترا مشهور نہ هئا ۽ تمام ٿوري تنخواهہ تي وقت گذاريندا ٿي رهيا. جن کي وڏيءَ عمر واريون ۽ ضدي زالون هيون ۽ ٻارن جو وڏو ميڙ. جن کي نہ بوٽ هئا، نہ جوراب. هو گهڻو ڪري پنهنجي واندڪائيءَ جي وقت تائين تاش کيڏيندي گذاريندا ٿي رهيا ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ بہ ڪتاب نہ پڙهيو هئائون. ٻئي واپاري عزت وارا ٿي ڏٺا. پر مٿن حيرت جهڙي خاموشي ۽ نااُميدي ڇانئيل هئي، هڪڙي جي تازي ڏاڙهي ڪوڙيل هئي ۽ يورپين نموني لباس پيل هئس، ٻي کي ننڍي ۽ پوري ڏاڙهي هئي ۽ سرخ نيتي ۾ هڪ ٻلو سندس ڳچيءَ ۾ پيل هو. هنرمند ۽ هارين جي لاءِ ڪجهہ چوڻ جي ضرورت نہ آهي. استوپوريجنوسڪ جا ڪاريگر، اڪثر هاري آهن ۽ زمينن تي ئي ڪم ڪندا آهن. انهن مان ٽن کي يوروپي لباس هو. اُن ڪري هو شايد وڌيڪ غليظ ۽ ٻين ڪان وڌيڪ اڻ وڻندڙ ٿي لڳا. هي ڏسي شايد عجب لڳي، جيئن مون کي لڳو ٿي، تہ هي ماڻهو ههڙي مقدمي ۾ کهڙي راءِ قائم ڪري سگهندا؟ ان هوندي بہ سندن چهرن مان سختي ٿي نظر آئي.

آخر صدر فيودورپاولووچ، ڪرامازوف جي قتل جي مقدمي جو آغاز ڪيو. مون کي ياد نہ آهي، تہ هن کهڙي ريت اُن کي بيان ڪيو. ڪورٽ جي نقيب (سڏ ڪرڻ

واري) پڪاريو تہ قيديءَ کي حاضر ڪيو وڃي ۽ متيا ظاهر ٿيو. ڪورٽ ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ايتري قدر جو 'سُئيءَ' جي ڪرڻ جو آواز بہ جيڪر ٻڌڻ ۾ اچي. مون کي خبر نہ آهي، تہ ٻين تي ڇا گذريو؟ پر متيا مون تي ڪو چڱو اثر نہ وڌو. هو پنهنجي نئين فراڪ ڪوٽ ۾ هڪ خطرناڪ سينگاريل بانڪو تي نظر آيو. مون پوءِ ٻڌو تہ هن موقعي جي لاءِ هن ماسڪو مان پنهنجي خاص درزيءَ کان اهو ڪوٽ نهرايو هو. جنهن وٽ سندس ماپ اڳ ۾ ئي موجود هئي. ڪيس ڪارا ڪپڙي جا هٿن ۾ جوراب پيل هئا ۽ سوٽي قميص هيس. سو وال جيڏا ڊگها قدم هڻندو، سڌي نگاهہ رکندو پنهنجي جاءِ تي اُتي اچي ويٺو. جنهن کي ڪابہ ترتيب نہ ڏني وئي هئي. ايتري ۾ بچاءَ جي ڪائونسل يعني، مشهور فيٽوڪوويچ اندر گهڙيو ۽ ڪورٽ جي هڪ طرف کان ٻي طرف تائين پڻ پڻ مچي وئي. هو قدآور ۽ ڏسڻ جهڙو هو. هو ڊگهين سنهين ٽنگن وارو هو ۽ اهڙيءَ ريت سندس ڊگهيون ۽ ڪومايل آڱريون هيون. ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ ننڍا وار. پر انهن کي چڱيءَ ريت ڦٽي ڏنل هئي. ڪيس ننڍڙا چپ هئا. جي ڪڏهن ڪڏهن، نفرت ۽ مشڪڻ ۾ خم کائي ٿي ويا. هو چاليهن ورهين جو ٿي ڏنو، سندس چهرو حسين نظر اچي ها. جيڪڏهن سندس اکيون وڏيون هجن ها. اکيون غير معمولي طور تي هڪٻئي سان قريب ٿي ڏٺيون - جن جي وچ ۾ سنهڙو نڪ اکين کي هڪٻئي کان جدا ڪري رهيو هو. پر اُن هوندي بہ سندس چهرو متاثر ڪندڙ هو. هو شام جي لباس ۾ هو ۽ ڪيس ٽاءِ بہ ٻڌل هئي.

مون کي ياد آهي، تہ صدر پهريائين متيا کان سندس نالو ۽ ٻيا ڪوائف پڇيا هئا. متيا تيزي سان جواب ڏنا ۽ سندس آواز، اُميد جي خلاف اُوچو هو، جنهن صدر کان ڇرڪ ڪيرائي ڇڏيو ۽ ڪيس عجب مان نهارڻ لڳو. اُن کان پوءِ اُن ماڻهن جي يادداشت پيش ٿي، جي هن مقدمي ۾ حصي وٺڻ وارا هئا. يعني شاهد ۽ ڇاڙو. هيءَ هڪ ڊگهي يادداشت هئي چار شاهد حاضر هئا. يوسيوف، جنهن ابتدائي جاچ ۾ پنهنجي شاهدي تہ ڏني هئي، پر هاڻي پئرس ۾ هو. خاتون هائلڪوف ۽ ميڪزيموف جي پنهنجي بيماريءَ جي ڪري غير حاضر هئا. سميرڊياڪوف پنهنجي اوچتي موت جي سبب غير حاضر سمجهيو ويو. جنهن بابت پوليس سرڪاري طور تي تصديق پيش ڪئي. سميرڊياڪوف جي اوچتي موت سبب ڪورٽ ۾ افراتفري پکڙجي وئي، پيشنگويون ٿيڻ لڳيون. ڪورٽ ۾ حاضر هئڻ وارن مان شايد ڪيترن ئي کي سندس خودڪشيءَ جي خبر ڪانہ هئي. ماڻهن تي ڇا اثر پيو، پر متيا، ڇڻ تہ اوچتو ڦاٽي پيو. جيئن تہ سميرڊياڪوف جي موت جو بيان گذري ويو. هن پنهنجي جاءِ تان رڙ ڪري چيو تہ:

"هو ڪتو هو ۽ ڪتي جي موت مري ويو."

مون کي ياد آهي، تہ ڪهڙيءَ ريت سندس وڪيل ڊوڙندو وٽس ويو ۽ ڪيئن صدر ڪيس خطاب ڪندي سختيءَ سان چيو، تہ ”جيڪڏهن هو وري اهڙي حرڪت ڪندو، تہ متس سخت قدم کنيو ويندو.“ متيا ڪنڌ لوڏيو ۽ تابعداري واري آواز ۾ ڪيئي ڀيرا پنهنجي وڪيل کي بنا ڪنهن رنج ۽ افسوس جي چوندو رهيو، تہ ”مان وري ائين نہ ڪندس - نہ ڪندس. اهو مون کان نڪري ويو. مان وري نہ ڪندس.“

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن مختصر واقعي، جيوري ۽ عام ماڻهن تي ڪو چڱو اثر نہ ڪيو. سندس ڪردار ظاهر ٿي پيو ۽ هن پنهنجي لاءِ پاڻ ئي بڇائي چڙهي. هن واقعي جو اثر اڃا هو تہ ابتدائي ڪيس جو تعارف پڙهيو ويو. هي مختصر هو. پر اُن ۾ موقعي آهر سڀ ڪجهہ هو. اُن ۾ فقط هڪ ٻئي مکيہ سبب ڄاڻايو ويو هو، تہ هن کي جهَليو ويو آهي. هن تي مقدمو ڇو هلايو وڃي ٿو ۽ اهڙي ريت ٻيون ڳالهيون، پر انهن حقيقتن منهنجي مٿان وڏو اَثر وڌو. منشي هن کي بلند آواز ۾ وضاحت سان پڙهيو ۽ سڄي المياتي ڪهاڻي اَسان جي سامهون ظاهر ٿي پئي. سيني ڳالهين ڌانهن توجهہ ڇڪجي ويو ۽ بدقسمتي ۽ بي رحمي جي روشنيءَ ۾ اصل حقيقت کان ڇوٽڪارو ملي ويو. مون کي ياد آهي، تہ ڪيئن نہ جلدي ۾ صدر متيا کان تيز ۽ اَثر واري آواز ۾ پڇيو هو تہ:

”قيدي تون ڏوهہ قبول ڪرين ٿو؟“

”متيا، هاڻي پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ ٻيهر ڇرڪ ڏيندڙ ۽ نفرت جي آواز ۾ چيو تہ، ”مان شراب ۽ اُن جي بيهودگي جو ڏوهاري آهيان. مان ڪاهلي ۽ زنا ڪاريءَ جو مجرم آهيان. جڏهن منهنجي قسمت مون کي ڌڪ هنيو هو، مان اُن وقت اقرار ڪيو هو تہ مان ايماندار ٿي رهندس، پر مان اُن پوڙهي، پنهنجي دشمن ۽ پنهنجي پيءُ جو قاتل نہ آهيان نہ - نہ اُن کي ڦُرڻ جو مجرم آهيان. ائين ٿي نہ ٿو سگهي. دمتري ڪرامازوف بدمعاش تہ آهي، پر چور نہ آهي.“

هو وري ويهي رهيو ۽ ڏڪيو ٿي، جو ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ٿي آيو. صدر وري مختصر طرح پر اَثر واري لهجي ۾ ڪيس هدايت ڪئي، تہ جو ڪجهہ ڪانئس پڇيو وڃي فقط اُن جو جواب ڏي ۽ هو اجاين ڳالهين ڏي نہ وڃي. تنهن کان پوءِ هُن وري حڪم ڪيو تہ مقدمو شروع ڪيو وڃي. سيني شاهدن کان قسم کڻايو ويو. اُن کان پوءِ مون سيني کي هڪ هنڌ ڪنو ڏٺو. قيديءَ جي ڀائرن کي البت هيءَ رعايت ڏني وئي تہ هو قسم کان سواءِ پنهنجي شاهدي ڏين. صدر ۽ پادريءَ جي واعظ ۽ نصيحت کان پوءِ شاهدن کي موٽايو ويو ۽ ڪين اهڙي ريت ويهاريو ويو، جو هڪٻئي کان جدا هجن. اُن کان پوءِ هڪ هڪ کي سڏ ڪري طلب ڪيو ويو.

باب ٻيو

# خطرناڪ شاهد

مون کي اها خبر نہ آهي، تہ بچاءَ جي شاهدن يا فريادي ڌُر جي شاهدن کي صدر جي حڪم سان جدا جدا ٽولن ۾ ورهايو ويو هو ۽ کنهن ترتيب سان پڪاريو ٿي ويو پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ جيئن ٿي گذريو پهريائين فريادي ڌر جي شاهدن کي گهرايو ويو. مان وري بہ دهرايان ٿو تہ منهنجو اِهو ارادو نہ آهي، تہ مان ترتيب وار سيني سوالن کي بيان ڪريان. هن ڪان سواءِ منهنجي حقيقت گهڻي قدر، فضول نہ هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ جي بہ تقريرون پوءِ اُهي فريادي ڌُر ڪان هيون يا بچاءَ ڪان. سڄوئي شاهدن جو مجموعو، ظاهر ظهور ۽ مضبوط ۽ روشني ۾ جمع ڪيو ويو هو. انهن مان مون بن خاص تقريرن جي حصي کي مڪمل ريت ورتو آهي، جن کي مان پوءِ ڏيندس جي غير معمولي ۽ اُميد جي خلاف ان ڪهاڻيءَ سان گڏ هوندي جا آخري تقرير ڪان اڳ ۾ ظهور ۾ آئي هئي ۽ بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي جنهن جي زير اثر مقدمي جي سندس منصوبہ بندي ۽ قسمت پڇاڙي ظاهر ٿي.

مان فقط ڏسندس تہ مقدمي جي پهرئين گهڙيءَ ڪان، مقدمي جي خاص نوعيت نمايان هئي ۽ سيني ڏني ٿي، يعني فريادي جي طرف جي بي پناهہ طاقت، جيڪڏهن سيئي ڏسجي، تہ بچاءَ کي اُن تي آڌار ڪرڻو ئي هو. مقدمي جي پهرئين گهڙيءَ ڪان سيني محسوس ٿي ڪيو تہ هڪڙي ئي نقطي جي مرڪز کي سيئي حقيقتون جدا جدا ميڙن جي صورت ۾ ڦري رهيون هيون ۽ سڄو ئي خوفناڪ ۽ خوني ڏوهہ ظاهر ٿي چڪو هو. شايد پهريائين سڀ ڪنهن اِهو محسوس ڪيو هو، تہ مقدمو ڪنهن بہ جهڳڙي ڪان بالاتر آهي ۽ هن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اُن تي ڪوبہ بحث نہ ٿيندو ۽ بچاءَ فقط نموني لاءِ هو. قيدي ظاهر ظهور مجرم هو. مان تصور ٿو ڪريان تہ عورتون توڙي جو بي صبريءَ سان قيدي جي فائدي، سندس ڇوٽڪاري لاءِ منتظر هيون. ساڳي وقت بنا ڪنهن تفاوت جي سندس ڏوهي هجڻ جون اقراري هيون، منهنجي اعتقاد موجب، جيڪڏهن هن جي مٿان مقدمو پوري ريت ثابت نہ ٿئي ها، تہ هو شڪست خورده رهجي وڃن ها ۽ مٿن مجرم جي آزاد ٿيڻ جي خوشي گهٽ ٿئي ها. سيني عورتن جو هيءُ عجب جهڙو خيال، مضبوطيءَ جي حد تائين هو، جو پڇاڙيءَ تائين هو، تہ مجرم کي آزاد ڪيو ويندو. هو ڏوهي تہ آهي پر ڪيس ڇڏيو ويندو. انسانيت جو اِهو طريقو آهي ۽ نوان خيال ۽ نئين طرز جا رواج آڻي اُن موجب ڪيس آزاد ڪيو ويندو. اِهڙي ريت هو ڳالهيون ڪري رهيون هيون. اِهوئي سبب هو جو هو گهڻي اَنداز ۾ بي صبريءَ سان ڪورٽ ۾

آيون هيون. ماڻھن جي وري گهڻي دلچسپي، پراسڪيوٽر ۽ مشهور فيٽوڪووچ جي وچ ۾ ٿيندڙ بحث سان هئي. سيئي عجب ۾ هئا ۽ هڪٻئي کان پڇن پيا تہ اهڙي نااُميدي جهڙي مقدمي ۾، اِهڙي مقدمي ۾ اهڙو قابل ماڻهو ڇو نہ هجي، ڇا ڪري ٿو سگهي؟ اُن ڪري هو پوري ڌيان سان، هڪ ٻئي جي پنيان ايندڙ منزلن کي ٻڌي رهيا هئا.

پر فيٽوڪووچ، ابتدا کان وٺي آخر تائين، پنهنجي تقرير تائين ڳجهارت بڻيو رهيو. تجربي ڪار ماڻھن کي شڪ هو تہ وٽس ڪا رِٿ آهي ۽ هو ڪنهن مطلب تي پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي، پر هيءَ ناممڪن هو تہ سندس چال کي سمجهيو وڃي تہ اُها ڇا هئي؟ سندس خود اعتمادي ۽ پاڻ تي ڀروسي واري حقيقت ۾ ڪابہ غلطي نہ هئي. سڀ ڪنهن ماڻھو راحت مان ڪيس ٿي ڏٺو. اُن کان سواءِ هن پنهنجي ٿوري وقت ۾ جو ٿن ڏينهن کان مٿي نہ هو. مقدمي تي قبضي ڪرڻ ۾ حيرت جهڙي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ اُن جي مطالعي ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڇڏي هئي. ماڻھن پوءِ ٻڌايو ٿي، تہ هن ڪهڙي نہ مرغوب طريقي ۽ دانائي سان، فريادي ڌر جي شاهدن کي منجهائي ڪيرائي ڇڏيو هو. اُن وڌيڪ هن سندس شهرت کي داغ هڻي سندس شاهديءَ جي قسمت کي گهٽائي ڇڏيو هو، پر سڄي حقيقت لاءِ خيال ٿي ڪيو ويو، تہ هيءَ سڀ هن پنهنجي رانديگريءَ سان ڪيو هو ۽ پنهنجي ڏنڌي جي عظمت جي باعث، هن پنهنجي مقبول طريقن مان ڪنهن کي بہ نہ ڇڏيو هو، جنهن ڪري سڀني جو خيال هو تہ شاهدن جي هن بدنامي جي باعث، ڪو چڱو فائدو وٺي نہ سگهندو. هو پاڻ بہ اُن کان خوب خبردار هو ۽ هن جي پويان، سندس ڪو خاص خيال ٿي ڏٺو. ڪو بچاءَ جو مخفي هٿيار هو، جنهن کي هن وقت اَڃڻ تي اوچتو ظاهر ڪرڻ ٿي گهريو. پر ساڳي وقت سندس ضمير جي طاقت، ايئن ڏسڻ ۾ ٿي آئي، تہ پاڻ تقسيم ڪري رهيو آهي.

مثال طور، جڏهن گريگري، فيودورپاولووچ جي جهوني ملازم، دروازي جي کلڻ بابت پنهنجي خطرناڪ شاهدي جو حصو پيش ڪيو، تڏهن بچاءَ جو وڪيل ڪيس چنبڙي ويو ۽ پنهنجي خطرناڪ سوالن جي وقت ڪيس ڇيڇاڙيندو رهيو. جن کي ظاهر ڪرڻ ضروري آهي، تہ گريگري هال ۾ وڏي آرام سان داخل ٿيو ۽ سندس چهري مان سنجيدگي ٿي ڏٺي ۽ مٿس ڪورٽ جو رعب يا ماڻھن جي ڪثرت جو اَثر جي، سندس شاهدي کي ٻڌي رهيا هئا. ڪوبہ نہ پيو هو. هن پنهنجي شاهدي ايڏي تہ پختگيءَ سان ڏني. جڻ تہ هو مارفا سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. وٽس فقط، گفتگوءَ ۾ وڌيڪ عزت ٿي نظر آئي. اهو ناممڪن هو تہ هن جو ڪجهہ ڇيو هو، ۽ اُن جي خلاف ڪجهہ، اُن کان چوائي سگهجي. سرڪاري وڪيل ڪانئس پهريان ڪرامازوف خاندان جي زندگيءَ بابت تفصيل سان سوال پڇيا. هيءَ خانداني تصوير ڀيانڪ رنگن ۾ ظاهر ٿي

پئي. هيءَ ڪنن ۽ اکين لاءِ ظاهر تي ڏنو تہ شاهد بي قصور ۽ غير جانبدار آهي. پنهنجي مرحوم آقا جي عظمت واري دلگداز ياد هوندي بہ. هو هن حقيقت جو شاهد هو، تہ متيا سان هن بي انصافي ڪئي هئي ۽ هن پنهنجي ٻارن جي اهڙي ريت پرورش نہ ڪئي هئي، جيئن تيئن ڪپندي هئي. متيا جڏهن ننڍو هو، تہ جيڪڏهن هو نہ هجي ها تہ جوءِ نئون ڪيس ڳڙڪائي وڃن ها. هن سندس ننڍپڻ جو ذڪر ڪندي چيو. اهو پيءُ جي لاءِ زيب ڏيندڙ نہ هو تہ ماءُ ڪان جا ٻار ڪي ملڪيت ملي هئي، اُن ڪي غلط نموني استعمال ڪري، جا فقط هن جو ئي حق هو. سرڪاري وَڪيل جي هن سوال تي تہ فيودورپاولووچ ڪهڙي بنياد تي، مالي معاملي ۾ پنهنجي پٽ سان برو سلوڪ ڪيو هو. گريگري جي جواب سيني ڪي عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هُو اُن لاءِ ڪوبہ ثبوت پيش نہ ڪري سگهيو هو اُن هوندي بہ هو، هن حقيقت تي زور ڏيئي رهيو هو تہ پنهنجي پٽ سان ناهہ چڱو نہ هو ۽ ڪيس ڪيئي هزار روبل، وڌيڪ ڏيڻا هئا. مان هيءَ راهہ ويندي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ سرڪاري وڪيل ڪانئس هي بہ سوال ڪيو هو تہ ڇا سچ پچ فيودورپالووچ، متيا جي ورثي جي حصي ڪي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هو؟ هن سوال ڪي هن اليوشا ۽ ايون ڪان سواءِ ٻين واقفڪار شاهدن ڪان پڇيو هو، پر ڪيس پوري پوري خبر ڪنهن ڪان بہ ملي نہ سگهي هئي. سيني ايئن ظاهر تي ڪيو تہ ايئن برابر آهي، پر هو ڪو بہ يقيني ثبوت پيش ڪري نہ سگهيا هئا. رات جي ڪاڌي جي ميز وٽ، اُن منظر جو بيان، جڏهن متيا ٻگڙجي، پيءُ ڪي ماريو هو ۽ ڪيس دڙڪو ڏنو هو، تہ موٽي اَچي، هو ڪيس خون ڪندو. گريگري جڏهن بيان ڪيو تہ ڪورٽ جي اَندر اُن جي اثر ڪان سنسني پکڙجي وئي. هن پراڻي ڪمن سال خدمتگار، نهايت آرام سان ٿي ڳالهايو. گهڻي ڳالهائڻ ڪان پرهيز ٿي ڪئي ۽ سندس آواز ۾ غير معمولي اَثر هو. جا سندس فصاحت جو دليل هئي. هن ڏيکاريو تہ هو متيا تي ڪنهن بہ حالت ۾ غصي نہ آهي ء هن ڪيس ڪيرائي، جو منهن وارو ڌڪ هنيو هو، اُن ڪي هن گهڻو اڳي، ڪيس معاف ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ ڪي عبور ڪندي، هن فوتي سميرديا ڪوف لاءِ چيو تہ هو خاصيتن وارو ڇوڪرو هو. پر بيوقوف ۽ پاڻ ڪي مصيبت ۾ وجهڻ وارو هو. اُن ڪان بدتر هڪ بيوفا هو، پر فيودورپاولووچ ۽ سندس وڏي پٽ، ڪيس اها تربيت ڏني هئي. هن گرمجوشيءَ سان سميرديا ڪوف جي ايمانداري جو بچاءَ ڪيو ۽ ٻڌايائين تہ ڪيئن هن پنهنجي آقا جي ڪجهہ رقم اڳڻ مان لڌي هئي، اُن ڪي لڪائڻ بجاءِ هو آقا وٽ کڻي ويو هو. جنهن ڪيس هن ايمانداري لاءِ هڪ سونو سڪو انعام طور ڏنو هو. اُن وقت ڪان وني اِڳتي لاءِ هو مٿس خاص طرح اعتماد رکڻ لڳو. هن ترڇو ڏيکاريندي، هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ باغ ڏانهن ويندڙ دروازو کليل هو. ڪانئس پوءِ ڪيترائي سوال پڇيا ويا هئا جي هاڻي مون کي ياد نہ آهن.

آخر ۾ بچاءَ جي وڪيل ڪانئس آڏي پڇا شروع ڪئي. پهريون سوال جو ڪانئس پڇيو ويو، سو ان لفافي بابت هو، جنهن جي لاءِ خيال تي ڪيو ويو ته فيودورپاولووچ، اُن ۾ ڪنهن ماڻهو لاءِ، ٽي هزار روبل وجهي رکيا هئا. "تون جو ڪيترن سالن تائين پنهنجي آقا جي خدمت ۾ رهيو آهين، تو ان لفافي کي ڏٺو هو؟" گريگري جواب ڏنو ته هن اُن رقم کي نه ڏٺو هو نه ٻڌو هو، ايستائين جو سيڪو ان جي ڳالهه ڪري رهيو هو. لفافي بابت هي سوال فيٽوڪووچ سڀ کان پڇي رهيو هو. جن بابت ڪيس خيال هو ته اُن کي ڄاڻن ٿا. اهڙي ريت سرڪاري وڪيل متيا جي ورثي لاءِ سوال تي ڪيو ۽ سڀ کان ساڳيو ئي جواب تي مليو. ته ڪنهن به اُن لفافي کي نه ڏٺو هو، جيتوڻيڪ، اُنهن مان گهڻن اُن کي ٻڌو هو. شروع ۾ ئي سڀ ڪنهن فيٽوڪووچ هن مضمون تي ثابت قدم تي ڏٺو.

"هاڻي مان تنهنجي اجازت سان، توکان هڪ سوال پڇندس." فيٽوڪووچ اوچتو ۽ اُميد جي خلاف چيو "اُها مرهم يا جوشاندو، جو اوهان پنهنجي ابتدائي جاچ ۾ ٻڌايو آهي ته اُن شام جو چيلهه جي سور باعث ورتو هو. ڇا جو نهيل آهي؟" گريگري تعجب مان سوال ڪندڙ کي ڏٺو. توري وقت جي خاموشي کان پوءِ چيائين، ته "اِهو عرق زعفران جو نهيل هو."

"ڪجهه به نه فقط زعفران؟ توکي نسخي جو ٻيو حصو ياد نه ٿو اچي؟"

"هن ۾ شاهه داڻو به هو."

"۽ ڪارا مرچ به؟" فيٽوڪووچ ڪانئس پڇيو.

"هائو اُن ۾ ڪارا مرچ به هئا."

هن کي جوش ڏئي ودڪا (شراب جو هڪ قسم) جي صورت ۾ بڻايو ويو هو."

"اسپرٽ"

ڪورٽ ۾ کِلَ مثل آواز آيو.

"ها، اسپرٽ، تون پنيءَ کي اُن سان مهٽڻ کان پوءِ، مان وسهان ٿو، جو به بوتل ۾ رهجي ويو هو، اُن کي اوهان اُنهن دوائن سان گڏ پي ڇڏيو هو، جنهن کي اوهان جي گهر واري ئي ڄاڻي ٿي."

"هائو، مان ايئن ڪيو هو."

"تو، اهو گهڻو پيتو هو؟ مان اٽڪل سان چوان ٿو، ته هڪ شراب جي گلاس جيترو يا ٻيڻو."

"هو شايد ڪنن تائين پريل هو."

هڪ پريل گلاس يا ڏيڍ؟

گريگري ڪوبه جواب نه ڏنو. هو سوچڻ لڳو، ته سندس مطلب ڇا آهي؟

هڪ يا ڏيڍ گلاس، صاف شراب جو! اها ڪا گهڻ شيءِ نہ آهي؟ تنهنجو خيال ڪيئن آهي؟ تون تہ بهشت جي باغ جو دروازو ڪليل ڏسي سگهين پيو، هيءَ تہ هتان جي باغ جو دروازو هو."

گريگري خاموش رهجي ويو. ڪورٽ ۾ وري ڪل پيدا ٿي ۽ صدر چرپر ۾ آيو. "توکي حقيقت ڏانهن نهارڻ گهرجي. فيٽوڪووچ زور ڏنو. جڏهن تو دروازو ڪليل ڏٺو تہ تون جاڳين بہ ٿي يا نہ؟"

"مان پنهنجي ٽنگن تي هوس."

"تنهنجي سجاڳي جو اهو ثبوت نہ آهي. (ڪورٽ ۾ وري ٺهڪڙو مچي ويو) توکان جيڪڏهن اُن وقت سوال ڪيو وڃي ها، تہ اُن جو جواب ڏئي سگهين پيو مثال طور هيءَ سال ڪهڙو آهي؟"

"مون کي خبر نہ آهي."

"اينوڊومني، هي سال ڪهڙو آهي؟ توکي اُن جي خبر آهي؟"

گريگري منجهيل منهن سان بيٺو رهيو. هو سنئون سڌو پنهنجي عذاب ڏيندڙ کي ڏسي رهيو هو. هيءَ واقعي عجب جهڙي ڳالهہ هئي، تہ ڪيس اِها بہ خبر نہ هئي تہ سال ڪهڙو آهي.؟

"شايد توکي اِها خبر هجي، تہ هٿن ۾ آڱريون ڪيتريون آهن؟"

"مان هڪ خادم آهيان،" گريگري اوچتو چيو. سندس آواز جي بلندي واضح هئي. جيڪڏهن مون کان بهتر انسان، ايئن مناسب سمجهن ٿا، تہ مون کي رانڊيڪو بڻائين تہ مان اُن کي برداشت ڪندس."

فيٽوڪووچ، ٿورو مُنجهيو ۽ صدر درميان ۾ اچي ڪيس ياد ڏياريو، تہ هو وڌيڪ سوال مناسبت سان پڇي. فيٽوڪووچ، اَدب ۽ شان سان جيءُ ڪيو ۽ چيائين تہ شاهد کان بين سوالن پڇڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. عوام ۽ جيوري جي دلين ۾ شڪ پيدا ٿيڻ لڳو. اُهو جيتوڻيڪ ماسي جيترو هو، هيءَ اُن ماڻهو جي شاهدي هئي، جنهن ڪنهن دوا کي پيئندي بهشت جا دروازا تي ڏٺا ۽ جنهن کي اِها بہ خبر نہ هئي، تہ جنهن سال ۾ رهي ٿو، اُهو ڪهڙو آهي؟ پر انهيءَ کان اڳي، جو گريگري شاهدن جي پڃري کي ڇڏيو، هڪ ٻيو واقعو ٿي گذريو. صدر قيدي ڏي منهن ڪري چيو، تہ "ڇا هو شاهد جي شاهدي تي ڪا تشريح ڪرڻ گهري ٿو؟"

دروازي جي حقيقت کان سواءِ، هن جو ڪجهہ بہ چيو آهي، صحيح آهي. "متيا وڏي آواز ۾ واکو ڪري چيو. ڦڻي ڏئي، جونئن ڪڍڻ لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان. مان سندس ٿورائتو آهيان، جو منهنجي ڏکن هٽڻ لاءِ هُن مون کي معاف

ڪيو آهي. هو پوڙهو سترنهن آنا، پنهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي پيءُ سان وفادار رهيو آهي. جهڙي ريت وڏن وارن وارو ڪتو.“

”قيدي تون پنهنجيءَ زبان کي قابوءَ ۾ رک“. صدر ڪيس جهڻڪيو.

گريگري پٽڪندي چيو. ”مان وڏن وارن وارو ڪتو نہ آهيان!“

”خير، مان ئي وڏن وارن وارو ڪتو آهيان!“

”جيڪڏهن هيءُ جملو بي عزتيءَ وارو آهي، تہ مان توکان معافي ٿو وٺان. مان هن جي لاءِ ظالم ۽ وحشي جانور هوس. مان ايسب سان بہ ظالم هوس.“

”ڪهڙو ايسب؟“ صدر سختيءَ مان ڪانئس پڇيو.

”ها. منهنجو پيءُ ..... فيودورپاولووچ.

صدر وري وري، اثرائتي نموني متيا کي تنبيهہ ڪئي. نهايت سختيءَ سان ڪيس پنهنجي زبان ۾ خبردار رهڻ لاءِ سمجهائيندو رهيو.

”تون پنهنجي زبان سان ججن جي راءِ کي زخمي ڪري رهيو آهين.“

بچاءَ جو وڪيل برابر، ريڪيٽن جي شاهدي سان نبري رهيو هو. ”مان هئس چوندس، تہ ريڪيٽن اُنهن مکيہ شاهدن مان،جنهن جي بابت سرڪاري وڪيل کي گهڻيون ئي اُميدون هيون. ظاهر ايئن پئي ٿيو، تہ ڪيس سڀ ڪنهن ڳالهہ جي خبر آهي. سندس چاڻ عجب ۾ وجهندڙ هئي. هو سڀ ڪنهن جاءِ تي ويو هو. سڀ ڪنهن سان ڳالهايو هئائين ۽ ڪيس فيودورپاولووچ ۽ ڪرامازوف خاندان جي پوري پوري خبر هئي. هيءَ حقيقت آهي، تہ لفافي بابت هن متيا کان ئي ٻڌو هو. پر هن متيا جي منصوبن کي، جي هن ميٽروپولس ۾ ٻڌا هئا، ذري پرزي بيان ڪيا. سندس صلح لاءِ ڪوششون ۽ فقرا جي هن چيا هئا ۽ ڪئپٽن سپنگيروف جي معاملي، ”مچ تي ڏنيو“، بابت ڪهاڻي، سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. پر ريڪيٽن، متيا جي ورثي بابت پوري ريت ٻڌائي نہ سگهيو ۽ پاڻ کي ڪي نفرت جهڙا جملا چئي، ظاهر ڪري وڌائين. هن وڌيڪ چيو تہ ڪير چئي سگهي ٿو تہ ڏوهہ ڪنهن جو هو ۽ ڪهڙو، ڪنهن جي قرض ۾ قاتل هو. ڪرامازوف جي جنوني طريقي موجب حالتون ايتريون تہ منجهيل هيون، جو ڪوبہ اُنهن کي سجائي نہ ٿي سگهيو. هن ڏک ڏيندڙ جي عادت سندس اُن علت سان لاڳو آهي، جا وڏي زماني کان سندس غلامي سان نسبت رکندڙ ذهنيت جي باعث آهي ۽ روس جي مصيبت زده حالت جي شاهدي آهي. هي سڀ صلاحيت واري اَداري نہ هئڻ باعث آهي. ڪيس اِها اجازت ڏني وئي هئي تہ هو پنهنجي تقرير کي مٿانهين تائين پهچائي. هيءَ پهريون موقعو هو جو ريڪيٽن ڏيکاريو، تہ هو ڇا نہ ڪري سگهي ٿو ۽ ماڻهن جو ڌيان ڇڪي ورتائين. سرڪار جي وڪيل کي خبر

هئي. تہ شاهد هن مقدمي بابت هڪ رسالو تيار ڪري رهيو آهي. هن پوءِ. جيئن اسان ڏسنداسين. پنهنجي تقرير ۾ ڪي ٽڪرا اُن مضمون مان بہ ڏنا هئا. جنهن مان هن ظاهر ٿي ڪيو. تہ هن اُن مضمون ڪي ڏٺو آهي. شاهد جا تصوير پيش ڪئي آهي. اُها مايوس ڪندڙ ۽ سنسني خيز هئي. جنهن گهٽي حد تائين مقدمي ڪي سزا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ساڳي ريت ريڪيٽن جي شاهدي فڪر جي استقلال ۽ آواز جي سنجيدگي سان ڀريل هئي. جنهن حاضرين جي توجهہ پاڻ ڏي ڇڪي ورتي. جڏهن هن روس جي غلامي ۽ اُن جي ڏڪويل حالتن جو ذڪر ٿي ڪيو. تہ بہ تي ڀيرا تاڙيون وڄڻ لڳيون.

پر ريڪيٽن. پنهنجي جواني جي اُبهرائيءَ سبب. ڪي ننڍڙيون غلطيون بہ ڪري ويٺو. جنهن مان بچاءَ جي وڪيل هڪدم فائدو ورتو. گروشينڪا جي بابت سوال پڇندي. پنهنجي خيالن جي بلندي ۾ اچي ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جي زعم ۾. جو ڪيس حاصل ٿي چڪو. پَري هليو ويو ۽ اگرافينااليگزيندرووينا بابت. انتقامي لهجي ۾ ڳالهائي ويو. هن چيو تہ هو سامسونوف جي داشتہ هئي". هيءَ حقيقت ريڪيٽن جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي. ڇاڪاڻ تہ فيٽوڪووچ ڪيس سوڙهو ڳُهٽي ورتو. ريڪيٽن ڪي هيءَ تصور ئي نہ هو تہ بچاءَ جو وڪيل ايتري ٿوري عرصي ۾ اُن بابت جزياتي حقيقتون معلوم ڪري ورتيون آهن.

فيٽوڪووچ. ڪلندي. محبت ڀريل ۽ احترام واري آواز ۾ ڪائنس پڇيو تہ:

مون ڪي سوال ڪرڻ جي اجازت ڏيو. تہ اوهان اُهي ئي ريڪيٽن آهيو. نہ جنهن هڪ ننڍڙو رسالو متوفي مربي زوسيما. لکيو آهي. جنهن ڪي ڪليسا جي راهبن ڇپايو آهي. جو سچو مذهبي خيالن سان ڀريل آهي. جنهن جي اڳيان هڪ لاجواب ڪندڙ ۽ عقيدت ڀريل انتساب وڏي پادريءَ جي لاءِ آهي. مان اُن ڪي پڙهيو آهي؟

مان اُن ڪي شايع ڪرڻ لاءِ نہ لکيو هو ..... اهو پوءِ شايع ڪيو ويو ..........

ريڪيٽن ڀڻ ڀڻ ڪندي چيو. ڪنهن خوف ڪان. هُو هوش وڃائي ويٺو ۽ شرمندو ٿي ويو. "اڙي هيءَ تہ وڏيڪ عمدي ڳالهہ آهي. تو جهڙي مفڪر لاءِ. اهو هئڻ گهرجي تہ سڀ ڪنهن سماجي سوال تي. تنهنجي وسيع نظر هجي. تنهنجو نهايت هدايت وارو رسالو. وڏي پادري جي مربيائيءَ جي ڪوشش سان. چوڏاري پکڙجي چُڪو آهي ۽ اُن ڪي ساڃاهہ جهڙي خدمت سمجهيو ويو آهي. اِهائي مکيہ شيءِ آهي. جنهن ڪي مان توکان معلوم ڪرڻ لاءِ پسند ڪريان. تو هاڻي هاڻي ٻڌايو آهي تہ بيگم سوويٽلوف سان. تنهنجا قريبي تعلقات آهن. (هت مان هيءَ ظاهر ڪرڻ گهران ٿو تہ گروشينڪا جو خانداني نالو سوويٽلوف هو. مان اِهو نالو پهريون ڀيرو هن مقدمي ۾ ٻڌو هو.)

مان سيني واقفيتن لاءِ، جواب ڏئي نہ ٿو سگهان ..... مان نوجوان آهيان ..... ماڻهو جن سان ملي ٿو، انهن سيني لاءِ، ڪٿي جوابدار بڻجي سگهي ٿو.“ ريڪيٽن واڪو ڪري چيو ۽ سڄو سرخ بڻجي ويو هو.

”مان سمجهان ٿو. مان سمجهان ٿو.“ فيٽوڪووچ رڙ ڪندي چيو. ڄڻ تہ هو بہ منجهي پيو هو ۽ جلدي ۾ خود پاڻ کان معافي گهري رهيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ تون بہ بين وانگر، هڪ نوجوان ۽ حسين عورت سان واقفيت پيدا ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندو هجين. جا جلدي ۾ پاڙيسري نوجوانن کي وندرائيندي هجي. هي مون کي اطلاع پهتو آهي ۽ مان ڄاڻڻ گهران ٿو، تہ بيگم سوويٽلوف بہ مهينا اڳ ۾ ننڍي ڪرامازوف اليگزي فيودورباولووچ سان خاص طرح واقفيت پيدا ڪرڻ ٿي گهري ۽ توکي پنجويهہ روبل انعام ڏيڻ جو واعدو ڪيو هئائين. جيڪڏهن تون ڪيس وٽس وني اچين، پر راهبن جي پوشاڪ ۾ ايئن سچ پچ ٿيو بہ. اها اُها شام هئي جنهن تي هي خطرناڪ واقعو ٿي گذريو هو. تو اليگزي ڪرامازوف کي بيگم سوويٽلوف وٽ وني آئين. ڇا توکي پنجويهہ روبل انعام طور مليا هئا. اها حقيقت آهي. جا مان توکان ٻڌڻ گهران ٿو.

هيءَ هڪ مذاق هو .... مان ڏسان ٿو تہ هن مان توکي ڪوبہ فائدو نہ ملندو ... مان اهو مذاق تي سمجهيو ..... خيال ڪيو هيم تہ اها رقم ڪيس موٽائي ڏيندس.

تڏهن تو اِهي پيسا ورتا هئا ..... پر تو اَڃا تائين اِهي پيسا نہ موٽايا آهن .... هن ۾ ڪا خطري جي ڳالهہ تہ ڪا نہ آهي.“ ريڪيٽن پٽڪندو رهيو. مان اِهڙن سوالن جي جواب ڏيڻ کان انڪار ٿو ڪريان .... بي شڪ مان اِهي موٽائي ڏيندس.

صدر وچ ۾ آيو، پر فيٽوڪووچ ظاهر ڪيو تہ هو شاهد کان وڌيڪ سوال پڇڻ نہ ٿو گهري. ريڪيٽن شاهدن جو پڃرو تہ ڇڏيو. پر هو هاڻي بيداغ نہ رهيو آهي. سندس اعليٰ آدرش واري تقرير جو اثر، گهٽجي حد تائين خراب ٿي چڪو هو. فيٽوڪووچ خوني نگاهن سان ڪيس ويندو ٿي ڏٺو، اُهي ڄڻ تہ چئي رهيون تہ هي ماڻهو جو بين تي تهمتون رکي رهيو آهي. پاڻ ڪيتري قدر شريف آهي. مون کي ياد ٿو اَچي تہ هيءُ واقعو بہ خاموشي سان گذري نہ سگهيو. متيا جنهن توهين واري نموني کي، جڏهن پروهيتن کان ٻڌو تہ نهايت غضبناڪ ٿي ويو. هن اوچتو بلند آواز ۾ چيو تہ ”پرنايدا“ جنهن بيو پيرو. آڌي پڇا جي وقت، صدر قيدي کان پڇيو تہ ڪيس بہ ڪجهہ چوڻو آهي. متيا وڏي آواز ۾ چيو تہ: ”جڏهن کان مون کي گرفتار ڪيو ويو آهي، هن مون کان ڪيئي پيرا قرض ورتو آهي. هي نفرت جهڙو برنارڊ آهي ۽ موقعي پرست هيءُ خدا کي نہ مڃيندو آهي ۽ وڏي پادري کي ڏوڪو ڏنو اٿس.“

متيا کي وري بہ تلخ زبانيءَ لاءِ فهمايش ڪئي وئي ۽ ريڪيٽن ختم ٿي ويو. ڪپتان سينيگريوف جي شاهدي ناڪام رهي، پر اُها ڪن ٻين سببن جي ڪري هئي. هو ڦاٽل ٽٽل ۽ غليظ لباس ۾ آيو هو. ڪيس گپ لڳل بوٽ پهريل هو پوليس جي پوري نگهداشت ۾ نظر جي هو پيتل هو. متيا جي حملي جي بابت جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هن جواب ڪان انڪار ڪيو. "خدا ڪين برڪت ڏي. اليوشا مون کي چيو هو تہ مان جواب نہ ڏيان. اُن سبب خدا منهنجون اُميدون پوريون ڪندو."

"ڪنهن توکي چيو هو تہ نہ ٻڌاءِ؟ تون ڪنهن جي ڳالهہ ڪري رهيو آهين؟"

اليوشا، منهنجو ننڍڙو پٽ. پيءُ هن پنهنجي ڪيئن نہ بي عزتي ڪئي آهي. هن پٿر تي ويهندي چيو هو، هاڻي هو مري رهيو آهي ......"

ڪپتان اوچتو سڏڪا ڀرڻ لڳو ۽ صدر جي سامهون گوڏا کوڙي ويهي رهيو. عام ماڻهن جي کل جي وچ ۾ ڪيس ٻاهر نيو ويو. پراسيڪيوٽر، پنهنجي، جا رٿ تيار ڪئي هئي، اُها پوري ٿي نہ سگهي.

فيٽوڪووچ، سڀ ڪنهن موقعي کي منهن ڏيندو ٿي ويو، ۽ مقدمي بابت سندس مڪمل ڄاڻ کي ڏسي هرڪو ماڻهو، وڌ کان وڌ عجب ۾ پئجي ٿي ويو. مثال طور تريفان بورسووچ جي شڪ وڏو اثر پيدا ڪيو هو. هن مقدمي کان بہ گهڻو اڳي جو ذڪر هو. هن آگرين تي ڳڻندي ٻڌايو تہ ماڪرو ۾ پهرئين ملاقات جي وقت، هن ٽي هزار روبل يا اُن کان ٿورو گهٽ خرچ ڪيا هئا. هن خانہ بدوش ڇوڪرين تي ڪيتري قدر نہ فضول خرچي ڪئي هئي. جُونئن سان پريل هارين بابت پيسي جي بربادي جو ڪو سوال ئي نہ هو. گهٽين ۾ جن جو قدر اَڌ روبل کان وڌ نہ رهيو هو، هن اُنهن مان هرهڪ کي پنجويهہ روبل جا تحفا ٿي ڏنا. اُنهن کان گهٽ هئا ئي ڪونہ ڪيتري قدر نہ رقم کي هر وقت بي دريغ خرچ ڪري رهيو هو. اسان جا هاري ذاڙيل آهن. اوهان اُن کي ڄاڻو ٿا، ڪين پنهنجي روحن جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. اهڙيءَ ريت هن ڇوڪرين سان، اسان جي ڳوناٺين ڇوڪرين سان وهنوار ٿي رکيو. هو اُن ڏينهن کان پوءِ چڱيون سٺيون ٿي ويون هيون. مان اوهان کي هيءَ بہ ٻڌايان ٿي تہ، هو اڳ ۾ بلڪل مفلس هيون. هن پوءِ سيني شغلن کي ويهي ڳڻيو ۽ انهن مان جوڙ ڪيو. اِهڙي ريت سندس نظريو هو تہ اهڙي طرح ٻندرنهن سَوَ روبل خرچ ڪرڻ کان پوءِ. هن ڪجهہ پاڇي ڪري ڳوٺري ۾ وڌو. اِهو اعتبار ۾ نہ ٿو اَچي.

مان سندس هٿن ۾ ٽي هزار روبل ايترا صاف ڏٺا. جيترا هڪ پيسو. مان انهن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. مان خيال ڪريان ٿو، تہ مان رقم کي شمار ڪرڻ ڄاڻان ٿو. تريفان زور سان چيو. هن ڪوشش ڪئي تہ پاڻ کان جي بهتر هئا. اُنهن کي تسلي ڏئي.

جڏهن فيٽوڪووچ ڪانئس آڏي پڇا شروع ڪئي، هن مشڪل سان ڪوشش ڪئي تہ اُن کي رد ڪري سگهي. هن ڪانئس ماڪرو جي اُن پهرئين واقعي بابت پڇڻ گهريو، جو گرفتاري کان هڪ مهينو اڳ گذريو هو. تموفاءِ ۾ ٻين هارين جن کي آڪم تي سڏيو ويو، گهٽيءَ جي فرش تان سَوَ روبل کنيا هئا. جي متيا کان نشي جي حالت ۾ ڪري پيا هئا. جي هنن تريفان بورسووچ کي ڏيئي ڇڏيا هئا. جيءُ اُن جي عيوض ۾ کين هڪ روبل مليو هو. "نيڪ آهي!" وڪيل تہ اهو سوُ روبل، ڪرامازوف کي موٽائي ڏنا هئا؟ تريفان، اجايو جڪ ڪائيندو رَهيو ۽ هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ آخر قبول ڪيائين، تہ هن اُها رقم کين موٽائي ڏني هئي. چاڪاڻ تہ هو نشي ۾ هو. ڪيس شايد ياد نہ هجي، پر جڏهن تہ هن اُن رقم بابت انڪار ڪيو هو، هارين کي سڏ ڪيو ويو، تہ هو اُن واقعي کي ثابت ڪن تہ هن رقم موٽائي ٻہ هئي يا نہ؟ هن حقيقت ۾ وڏو شڪ پيدا ڪيو. اهڙي ريت هڪ خطرناڪ شاهد کي جو اُتي آندو ويو هو، ڪابہ اهميت نہ ملي.

ساڳي ڳالهہ پولينڊ جي رهڻ وارن سان ٿي، هنن غرور ۽ آزاديءَ جو رستو اختيار ڪيو. هنن زوردار آواز ۾ چيو تہ هو ٻئي تاج جي ملازمت ۾ هئا. هنن ٻڌايو تہ متيا کين ٽن هزارن جي آڇ ڪئي هئي، تہ سندس عزت کي خريد ڪري ۽ هنن سندس هٿ ۾ تمام گهٽي رقم ڏني هئي. پان سالووچ پنهنجي جملن ۾ ڪيئي خطرناڪ پول لفظ چئي ويا ۽ هيءَ ڏسندي تہ صدر جي نگاهن ۾ سندس نتائج جاءِ پيدا ڪئي آهي. وڏ کان وڏ شاندار ٻڌيو ۽ پڇاڻي بہ پول لفظن ۾ ٿي ڪيائين. پر فيٽوڪووچ ڪيس ورتو ۽ ڪيس ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيائين. تريفان بورسووچ کي وري سڏيو ويو. سندس ٽال مٽول جي باوجود، متس زور آندو ويو تہ هو هن حقيقت جو اعتراف ڪري، تہ پان وروبلوسڪي اُن تاس جي بجاءِ، جا پهريائين آندي وئي. بدلائي ٻي رکي هئي ۽ پان سالووچ راند ۾ ننگي ڪئي هئي، ڪلگنوف هن جي تصديق ڪئي. ٻنهي پولن پنهنجي عزت وڃائي، پڄري کان ٻاهر آيا ۽ ماڻهن ۾ ٺهڪڙو متل هو.

اهڙيءَ ريت سيني خطرناڪ شاهدن سان گهٽ ۾ گهٽ اهڙي حالت ٿي گذري فيٽوڪووچ سيني کي نظر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٻڃي ويو هو ۽ سندس مذاق اُڏائيندو رهيو. وڪيل ۽ چاڻو سندس ساراهہ ۾ گم ٿي ويا. هو سڀ هن حقيقت ۾ گم ٿي ويا هئا، تہ هو هن حالت کان فائدو حاصل ڪري سگهي. مان هي حقيقت دهرايان ٿو. تہ سيني محسوس ٿي ڪيو تہ فريادي ذر جي ٻاران، ڪڏهن بہ رد ٿي نہ ٿو سگهي پر وڏ کان وڏ غمناڪ ٻڌيو ٿو وڃي. پر اُن عظيم جادوگر جي اعتقاد موجب، هنن ڏنوئي، تہ هو مستقل مزاج آهي. هو محسوس ڪندي ترسيائي تہ اهڙو ماڻهو پيٽرسبرگ کان اُجايو تہ نہ آيو آهي ۽ هتي اُهو ماڻهو نہ آهي جو ناڪامياب ٿي پوئتي موٽي.

باب ٽيون

# طبي جاچ ۽ آخروڻ جو پائوند

طبي ماهرن جي شاهدي به، قيدي جي لاءِ ٿوري مفيد ثابت ٿي. هيءُ پوءِ ظاهر ٿيو هو. ته فينوڪووچ اُن تي گهڻو مدار نه ٿي رکيو. طبي نقطئه نگاهه کان بچاءُ فقط ڪيترينا جي زور آڻڻ تي ورتو ويو هو. جنهن هن مطلب لاءِ ماسڪو کان هڪ مشهور ڊاڪٽر کي گهرايو هو. مقدمي بچاءُ واري حالت ۾ وڃايو ڪجهه به ڪونه ۽ بخت جي باعث مڙئي ڪجهه فائدو حاصل ڪيو. هن ۾ خوشيءَ جهڙا جزا به شامل هئا، جي ڊاڪٽرن جي جدا جدا راين سبب پيدا ٿيا هئا. ميڊيڪل ماهرن ۾ ماسڪو جو مشهور ڊاڪٽر هو هرزينسٽيوب ۽ نوجوان واراونسڪي. هي ٻئي پوءِ به فريادي ڌر کان شاهديءَ ۾ گهرايا ويا هئا.

پهريائين جنهن کي ماهرن جي صورت ۾ گهرايو ويو هو. اُهو هرزينسٽيوب هو ۽ هو سفيد وارن سان متي کان گنجو هو. سندس عمر ستر ورهيه هئي، وچولي قد وارو ۽ مضبوط بدن وارو ماڻهو هو. شهر ۾ هر ڪنهن ماڻهو کين عزت تي ڏني. هو ڪيترن خوبين وارو ڊاڪٽر. نهايت متاهون ۽ نيڪوڪار هو. هر مذهبي فرقي وارو مان هو. جنهن بابت به پوري پڪ نه آهي. هو آسان وٽ ڪيتري وقت کان تي رهيو ۽ تعجب ۾ وجهندڙ تي رهيو. هو نهايت نيڪدل ۽ انسانيت وارو هو. هو غريب ۽ هارين بيمارن جو علاج مفت ۾ ڪندو تي رهيو. هو سندن جهوپڙين ۾ ملاقات لاءِ ويندو هو، کين دوائن لاءِ پيسا ڏيندو هو. پر هو فطرتاً ننر خچر وانگر هو. جيڪڏهن، هُن هڪ ڀيرو ڪنهن خيال کي پنهنجي دماغ ۾ ويهاري ڇڏيو. ته پوءِ ڪابه تبديلي اُن ۾ نه ايندي هئي. شهر ۾ گهڻو ڪري سڀ هن ڳالهه کان واقف هئا، ته ان مشهور ڊاڪٽر، هرزينسٽيوب جي لياقت لاءِ ڪي نامناسب لفظ چيا هئا. جن مونجهارو پيدا ڪيو هو. جيتوڻيڪ ماسڪو جي ڊاڪٽر ٻڌائي ڇڏيو ته هر بيمار جي ملاقات لاءِ پنجيوهه روبل وٺندو. اُن هوندي به ماڻهو پيسي جي پرواهه نه ڪندي موقعي جي فائدي وٺڻ لاءِ اُن ڏي تي ڊوڙيا. هي اڳ ۾ ڊاڪٽر هرزينسٽيوب جا گراهڪ هئا ۽ مشهور ڊاڪٽر سندن علاج وقت، نهايت سختي سان هرزنيٽيسيوب تي تنقيد ڪندي رهيا. جڏهن ڪنهن بيمار جي گهر ملاقات لاءِ تي ويو ته کائنس پڇائين تي ته "ڏاڍو ڇگو، اوهان کي دوا ڪير ڏيندو آهي؟ هرزنيسٽيوب؟ پوڙهو ڊاڪٽر ظاهر آهي ته اِنهن ڳالهين کي ٻڌو هئائين ۽ اهڙي ريت تي طبيب، ماهر جي صورت ۾ هڪٻئي جي پويان شاهدي ڏيڻ آيا.

ڊاڪٽر هرزنٽسيوب، لئي پئي ظاهر ڪيو تہ قيدي جي ذهني طاقت جي بابت جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي، اُها هٽ جي ناهيل حقيقت آهي. هن جي پنهنجي راءِ لاءِ دليل ڏنا، مان هتي، اُنهن کي ترڪ ڪري رهيو آهيان. هن چيو تہ معمول جي مطابق، قيدي جي بابت ابتي طور، ڪيترين ڳالهيون، سندس ماضيءَ ۾ موجود آهن، پر هاڻي بہ ظاهر آهن. جڏهن کيس چيو ويو تہ هاڻي جي بابت. سندس ذهني قوت جي لاءِ ڪهڙو ثبوت آهي؟ اُن پوڙهي ڊاڪٽر، نهايت ساده دليءَ سان اشارو ڪيو، تہ جڏهن قيدي عدالت گاهہ ۾ داخل ٿيو، تڏهن اسباب جي لحاظ کان، غير معمولي نظر هئي. يعني هو هڪ سولجر وانگر اَندر ٿيو. سندس سنئين سڌي نظر هئي ۽ اِها سندس طبعي عادت هئي، تہ کبي پاسي نهاري، جتي عوام جي ميڙ ۾ عورتون ويٺل هيون. جيئن تہ هو صنف نازڪ جو نهايت شوقين آهي. هو خيال ڪندو هوندو، تہ هنن عورتن جو اُن جي لاءِ ڪهڙو خيال آهي؟ پوڙهي پنهنجي راءِ هڪ خاص اَنداز ۾ پوري ڪئي.

مان هيءَ ٻڌائيندس تہ هو روسي زبان چڱي ريت ڳالهائي رهيو هو. پر اصطلاح اڪثر جرمن زبان جي طرز ۾ اَدا ٿي ڪيائين، جن کيس گهڻي تڪليف نہ ٿي ڏني. چاڪاڻ تہ هي سندس ڪمزوري هئي جو کيس هيءَ خيال هو تہ هو روسين کان بہ وڌيڪ روسي زبان ڳالهائي ٿو سگهي. هو روسي پهاڪن کي استعمال ڪرڻ جو بہ ڏاڍو شوقين هو. سندس خيال هو، تہ روسي پهاڪا، دنيا جي اَندر، وڌيڪ عمدا ۽ مفصل آهن. مان هي بہ ٻڌائيندس تہ هو گفتگو ۾ ايڏو تہ نسيان ۾ مبتلا هو، جو اڪثر معمولي لفظن کي بہ وساري ٿي ڇڏيائين. اُهي ڪڏهن ڪڏهن تہ سندس دماغ کان نڪري ٿي ويا. جيتوڻيڪ هو، اُنهن کي پوري ريت ڄاڻي بہ پيو. اِهائي ساڳي حالت کيس جرمن بولي ڳالهائيندي بہ پيش آئي. اِهڙن وقتن تي هو هميشہ هٿن لوڏڻ جو عادي هو. ڄڻ تہ ڪوشش ڪري رهيو هو، تہ وڃايل لفظن کي پنهنجي قبضي ۾ نہ پيو آڻي. سندس هنن لفظن تہ قيدي اندر ايندي ئي، عورتن کي ڏٺو. حاضرين ۾ دلچسپ چوپچو پيدا ٿي. اسان جون سيئي عورتون، اسان جي پوڙهي ڊاڪٽر کي چاهينديون ٿي رهيون. ڪين اِها خبر هئي، تہ سڄي حياتي ڪنوارو رهيو هو ۽ عمدين عادتن وارو مذهبي ماڻهو آهي. پر اُن هوندي بہ عورت جي لاءِ سندس متانهون خيال هو. سندس اُميد جي خلاف مشاهدي، ماڻهن ۾ کيس بي ڊنگو بڻائي ڇڏيو.

ماسڪو جي ڊاڪٽرن کان جڏهن واري تي پڇيو ويو، تہ هنن وضاحت ۽ صفائي سان ٻڌايو، تہ هو ذهني طور تي معمول جي خلاف ٿو سمجهي. هن دماغي فتور ۽ جنون تي فاضلاڻي ۽ طويل گفتگو ڪئي. هن دليل ڏيندي چيو، تہ جيڪي بہ حقيقتون مليون آهن، تہ قيدي ڪيترن ڏينهن کان بنا ڪنهن شڪ جي قيد ٿيڻ کان اڳ ۾

دماغي فتور ۾ مبتلا هو. جيڪڏهن هن ڏوهہ ڪيو بہ آهي، ۽ اُن جو ڪيس پورو احساس بہ هوندو، پر اهو سڀ غير ارادي هو. چاڪاڻ تہ وٽس، اُن مريض نبض تي قبضي ڪرڻ جي طاقت ئي موجود نہ هئي. هن عارضي دماغي فتور ڪان سواءِ، ڊاڪٽر جنون جي تشريح بہ ڪئي، جنهن مان سندس لفظن جي مطابق اڳتي انديشو هو تہ سندس خوس ۾ پورو خلل پيدا ٿي پوي. (مان هتي هيءَ بڌائڻ ٿو گهران تہ مان هيءَ حقيقت پنهنجي لفظن ۾ ڏنــي آهي مگر ڊاڪٽر عالمن ۽ ڏنـدي وارن جي ٻوليءَ ۾ اُن کي سمجهايو ٿي) سيٺي معمولي سمجهہ ۽ منطق جون خلاف ورزيون. هو مسلسل چوندو رهيو، تہ اُنهن شين جي نسبت مون سان نہ ڏيو. جن کي مون نہ ڏٺو آهي. مثلاً ڏوهہ جو ٿيو آهي. اُهو پاڻ هن ڊرامي جو انجام. ڪالهہ ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۾ جڏهن هو مون سان ڳالهائي رهيو هو، هُن بنا ڪنهن سبب جي مون ۾ اکيون ڪپائي ڇڏيون هيون. هو اُميد جي خلاف ڪلندو رهيو، جڏهن تہ ڪلڻ لاءِ اهڙي شيءِ ئي ڪانہ هئي. هن مسلسل ۽ ناقابل تلافي جوش کي ڏيکاريو ۽ عجيب الفاظ استعمال ڪندو رهيو. برنارڊ! اخلاقيات، بيا اُنهن جهڙا ڪيئي لفظ، ڊاڪٽر اُن ڪان پوءِ جنون تي آيو. سڀ ڪان وڌيڪ هيءَ حقيقت هئي، تہ قيدي، رڳو ٽن هزار روبل جي ڳالهہ نہ ٿي ڪئي، جنهن بابت هن پاڻ سمجهيو ٿي تہ هن ٺڳي ڪئي آهي. هن وٽ فقط غير معمولي جوش هو، جيتوڻيڪ هو اُن جي پيٽ ۾ تورو گهڻو، بين بدبختين ۽ تڪليفن جي لاءِ ڳالهائي سگهيو ٿي. اِنهن سيني حقيقتن جي روشنيءَ ۾، هن پنهنجي ماضي ۾ بہ، جڏهن جڏهن ٽي هزار روبل جو ذڪر ٿي آيو، تہ هُو پاڳل ٿي بڻجي ويو. اُن هوندي بہ هن جي لاءِ معلوم ٿيو آهي، تہ هن حقيقت ۾ نہ سندس ڪا دلچسپي هئي نہ وري خودپرستي هئي.

”مان پنهنجي فاضل همر منصب جي راءِ بابت چوندس.“ ماسڪو جي ڊاڪٽر، بچاڙي ۾ طنزيہ طور چيو تہ ”ڊاڪٽر، قيدي، عدالت گاهہ ۾ ايندي عورتن ڏي نهاريو. هيءَ حقيقت ڪُلَ جهڙي آهي ۽ بلڪل بي بنياد آهي. مان تصديق ٿو ڪريان، تہ قيدي، سڌي نگاهہ جي بجاءِ عورتن کي ڏٺو. مان ايئن چوندس تہ هن باراٽي نظريي ۾ بنيادي ريت ڪوبہ آواز نہ آهي. اُن هوندي بہ هن ڳالهہ کي قبول ٿو ڪريان، تہ عدالت گاهہ ۾ ايندي، جتي سندس قسمت جو فيصلو ٿي رهيو آهي. ڪيس فطرتاً سامهون ڏسڻو نہ هو، اِها سندس ذهني ڪمزوري جي علامت بڻجي ها ۽ ساڳي وقت مان هيءَ بہ چوندس، تہ هن ڪابي پاسي عورتن کي ڏسڻ نہ ٿي گهريو. پر ان جي خلاف هن سڄي پاسي ڏسڻ ٿي گهريو، تہ جتين پنهنجي قانوني صلاحڪار کي ڏسي، جنهن جي مدد تي. سندس اميدون قائم آهن ۽ جنهن جي بچاءَ تي سندس مستقبل رکيل آهي. ڊاڪٽر پنهنجي راءِ کي وضاحت ۽ مضبوطيءَ سان ظاهر ڪيو.

پر اُميد جي خلاف، ڊاڪٽر واراونسڪي جو فيصلو ماهرن جي جدا جدا راين جي وچ ۾، جو تفاوت هو، اُنهن کي آخري ڪڙي تي پهچائي ڇڏيو. سندس راءِ ۾ قيدي، هاڻي يا اُن کان اڳ ۾ بلڪل صحيح حالت ۾ هو، جيتوڻيڪ ايئن تي سگهي ٿو، تہ گرفتاريءَ کان اڳ ۾ هو پريشان هجي ۽ جوش ۾ هجي. هي شايد ڪيترن مونجهارن پيدا ڪندڙ سببن جي باعث هجي. حسد، ڪاوڙ ۽ ساندهہ شراب جو استعمال ۽ بيون ڳالهيون، پر هي پريشاني جون حالتون، ذهني فتور جي باعث ٿي نہ ٿيون سگهن، جنهن جو هت ذڪر ڪيو ويو آهي. هي سوال تہ قيديءَ کي آخر ڪہي ڏسڻو هو يا سڄي، اُن جي نماڻي راءِ ۾ قيدي کي فطرتاً ڪورٽ ۾ داخل ٿيندي ئي سڌو نهارڻ کپندو هو. جيئن هن ڪيو بہ آهي. ڪيس اُنهن ججن کي ڏسڻو هو، جي سندس قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارا هئا ۽ اُهي اِتي ئي ويٺا هئا. اُن ڪري جيئن هن سامهون ڏٺو آهي، اُن مان هن ڏيکاريو آهي، تہ سندس دل ۽ دماغ پوري ريت جاءِ تي هو. نوجوان ڊاڪٽر، پنهنجو نماڻو اظهار ڪيو جو ڪجهہ گرميءَ سان هو.

”شاباش ڊاڪٽر!“ پنهنجي جاءِ تان متيا اُٿندي واڪو ڪري چيو. بلڪل ايئن، ڪيئن بہ هجي متيا کي روڪيو، پر نوجوان ڊاڪٽر جي راءِ ججن ۽ عام ماڻهن تي خطرناڪ اَثر ڇڏيو ۽ جيئن پوءِ معلوم ٿيو. سڀ ڪنهن سندس راءِ کي قبول ڪيو. پر ڊاڪٽر هرزينسٽيوب کي جڏهن شاهد جي حيثيت ۾ گهرايو ويو، تہ هو اُميد جي خلاف متيا جي لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيو. جيئن تہ هُو شَهر جو هڪ پراڻو رهندڙ هو ۽ ڪرامازوف خاندان کي چڱي طرح سڃاڻندو هو ۽ سالن کان ڄاڻندو هو. هن فريادي ڌر کي وڏيون قيمتي ڳالهيون ٻڌايون. اوچتو، هو ڪنهن ڳالهہ کي ياد ڪري چوڻ لڳو تہ:

”هيءَ غريب نوجوان، شايد ڪنهن ٻي قسم جي حياتي گذاري ها، جيئن مون کي خبر آهي، تہ وٽس ننڍپڻ ۾ ۽ پوءِ بہ هڪ نيڪ دل هئي. پر روسي پهاڪو ٻڌائي ٿو، تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي هڪ مٿو آهي، تہ چڱو آهي، پر جيڪڏهن ڪو ٻيو سياڻو ماڻهو وٽس گڏجڻ لاءِ آيو تہ هيءَ اُن کان بہ چڱو، ڇاڪاڻ تہ اِهي پوءِ بہ مٿا هوندا، نہ هڪ“

هڪ سئو چڱو آهي پر ٻہ مٿا هوندا، تہ اُن کان وڌيڪ چڱا. سرڪاري وڪيل بي صبريءَ سان ڪيس چيو. ڪيس خبر هئي تہ پوڙهي ماڻهو کي آهستي آهستي ۽ ڇبي ڇتي ڳالهائڻ جي عادت آهي. هن اَثر کان بلڪل بي پرواهہ هو تہ هو دير جو سبب بڻجي ٿو. هو پنهنجي جرمن خاصيت کي سٺئون سڌو ۽ ڪُند نموني ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پوڙهو مذاق ڪرڻ جو بہ شوقين هو.

”هائو، هائي، اِها ڳالهہ آهي. جنهن کي مان چئي رهيو آهيان.“ هو پنهنجي حقيقت تي ضد ڪندي چوندو رهيو. هڪ مٿو چڱو آهي ۽ ٻہ اُن کان بهتر. مگر هيءَ

ڪنهن بہ اهڙي بي دماغ سان ملي سگهيوَ آهي، جنهن ۾ ڪنهن جون ڪي خاصيتون هجن، اُن ڪري هن ۾ جي صلاحيتون هيون، سي بہ وينديون رَهيون. اُهي ڪاڏي ويون؟ مون کان اُهو صحيح لفظ وسري چڪو آهي هو ڳالهائيندو رهيو ۽ سندس هٿ اکين کان مٿي ڪجي ويو. "آوارهہ گردي" "آوارهہ گردي؟"

هائو آوارهہ گردي، اِهوئي مون کي چوڻو هو. مان تنهن جون سڀئي صلاحيتون، آوارهہ گرديءَ ۾ مبتلا ٿي ويون ۽ هو اِهڙي تہ ڪڏ ۾ وجي ڪريو. جتي هن پاڻ کي وجائي ڇڏيو. اُن هوندي بہ هيءَ شڪرگذار ۽ حساس ڇوڪرو هو. ها مان هن کي چڱي ريت سڃاڻان ٿو. هو جڏهن ننڍو هو ۽ وڏين صلاحيتن وارو هو تہ ڪيس بلڪل وساريو ويو. سندس پيءُ ڪيس اڱڻ جي پٽ ۾ اُگهاڙي ڇڏيو هو. اُن وقت هو بوٽن کان سواءِ پيرين اُگهاڙو ڊوڙندو هو ۽ سندس سوڙهن پانچن وارو پاجامو. هڪ بٽڻ جي حالت ۾ لڙڪندو ٿي رهيو."

اوچتو اُن ايماندار، پوڙهي جي آواز ۾ جذبات ۽ شفقت اچي وئي هئي. فيٽوڪووچ هيءَ ڏسي پڪي ارادي سان تيار ٿيو. هن چئي تہ اِهڙي شيءِ کي سنگهيو هو. جنهن کي هاٿي، هن ونڻ تي گهريو.

هائو، مان اُن وقت نوجوان هوس .... هائو مان اُن وقت پنجيتاليهہ ورهين جو هوس ۽ تازو هتي آيو هوس. مان اُن وقت هن ڇوڪر لاءِ ڏاڍو ڪڙهندو هوس. مان پاڻ کي چيو تہ ڇو نہ هن لاءِ هڪ پائونڊ ..... ڇا جو پائونڊ؟ مون کان وسري ٿو. هن کي ڇا چئبو آهي؟ اِهوئي جو ٻارن کي نهايت مرغوب هوندو آهي. اِهو ڇا آهي؟ اِهو ڇا آهي؟ ڊاڪٽر وري پنهنجي هٿن کي لوڏڻ لڳو. هو هڪ جي پيدائش آهي. اُن کي گڏ ڪيو ويندو آهي ۽ سڀ کي ڏنو ويندو آهي.

"صوف؟"

نہ، نہ. اوهان صوفن جو ڊزن وٺي سگهو ٿا، نہ پائونڊ. نہ هيءَ تمام گهڻي اَندازي ۾ ٿين ٿا. توهان انهن کي وات ۾ وجهي زور ڏيئي ڀڃي سگهو ٿا.

"اَخروٽ."

بلڪل اَڪروٽ. مان ايئن ٿي چيو. ڊاڪٽر نهايت تحمل سان اُن کي دهرايو. ڄڻ تہ هن اُن لفظن کي وڃايل نہ سمجهيو هو. مان اُن جي لاءِ، هڪ پائونڊ اَخروٽن جو خريد ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اَن ٻار لاءِ، ڪنهن بہ اڳ ۾ اخروٽ جو پاءُ خريد نہ ڪيو هو. مان پنهنجي آڱر کنئين ۽ کيس چيم، تہ "ڇوڪرا هي سوغات کڻ" هو کليو مون وري کيس چيو، تہ "هيءَ سوغات کڻ." هو وري بہ کليو ۽ چپن مان پڙڪيو. تہ "هيءَ عجيب سوغات آهي." مان هليو ويس. ٻن ڏينهن کان پوءِ، اتان گذريس، هُن واکو

ڪري چيو، تہ "چاچا! سوغات واپس ڪڻ پر ڪانئس هي لفظ وسري ويا هئا، تہ هيءَ عجيب سوغات آهي." مان هاڻي آيو آهيان ۽ اوهان جو شڪريو اَدا تو ڪريان. چاڪاڻ تہ بئي ڪنهن بہ اَخروٽن جو پائونڊ مون وٽ نہ آندو آهي. ٽيويهہ سال هن حقيقت کي گذري ويا. هڪ صبح جو مان پنهنجي مطالعي جي ڪمري ۾ هوس. منهنجا وار اَڇا ٿي ويا هئا ۽ پوڙهو هوس، ڏنم تہ ڪمري ۾ هڪ قوهہ جوانيءَ وارو اَندر گهڙي آيو. مان جيڪر ڪيس نہ سڃاڻي سگهان ها. هن آڱر مٿي ڪڻندي چيو، تہ "هيءَ سوغات ڪڻ". هيءَ عجيب سوغات آهي، تون ئي ماڻهو هئين، جنهن کي مون لاءِ هيڏي محبت هئي. اَن ڪان پوءِ مان پنهنجي مسرت پري جوانيءَ کي ياد ۾ آندو ۽ هي گهر جي صحن ۾ مسڪين ڇوڪرو، جنهن کي پيرن ۾ بوٽ بہ نہ هئا. منهنجي دل تي وڏو اَثر پيو. چيومانس، تہ "تون احسانمند ڇوڪرو آهين. چاڪاڻ تہ تو سڄي حياتي اَخروٽن جي پائونڊ کي نہ وساريو آهي، جن کي مان تنهنجي ننڍپڻ ۾ خريد ڪيو هو. مان ڪيس پنهنجي آغوش ۾ ورتو. دعائون ڪيون مانس ۽ ڳوڙها وهائيندو رهيس. هو بہ لُڙڪ هاريندو رهيو ۽ پوءِ ڪليو، چاڪاڻ تہ روسي روئندي بہ ڪلندو آهي. مان اهو ڏنو ۽ هاڻي افسوس .....؟

مان هاڻي بہ روئان ٿو، جرمن! درويش انسان مان هاڻي بہ روئان ٿو. متيا اوچتو واڪو ڪري چيو.

ڪيئن بہ هجي، هن آکاڻي سندس فائدي ۾ وڏو اَثر ڪيو ۽ عوام متاثر ٿيو. پر متيا جي فائدي ۾ وڏو اَثر ڪيٽرينا ايونونا جي شاهد ڪيو. جنهن کي مان سنئون سڌو بيان ڪندس. جڏهن بچاءَ جي شاهدن پنهنجون شاهديون ڏيڻ شروع ڪيون، تہ سڄ پچ ڏسڻ ۾ آيو تہ قسمت ظاهر ظهور متيا جي فائدي ۾ آهي، خاص ڪري هڪ شيءِ وڏو اَثر ڪيو. جا بچاءَ جي وڪيل جي لاءِ بہ عجب ۾ وجهندڙ هئي، پر اُنهي ڪان اڳي جو ڪيٽرينا ايونونا کي سڏيو ويو، اليوشا جي شاهدي ورتي وئي. هن هڪ اهڙي حقيقت کي بيان ڪيو، جنهن هڪ خاص ۽ مکيہ نقطي کي فريادي ڌر وٽ ظاهر ڪيو.

باب چوٿون

# متيا تي قسمت مُشڪي

هن حقيقت خود اليوشا کي بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو، ڪيس قسم کڻائڻ جي ضرورت نہ هئي. مون کي ياد ٿو اچي تہ بنهي طرفن ساڻس نرميءَ ۽ همدرديءَ سان ٿي ڳالهايو. هي ظاهر هو تہ سندس نيڪيءَ جي شهرت کيس متاهون درجو ڏنو هو. اليوشا پنهنجي شاهدي. شرميلي طرح بنا ڪنهن مزاحمت جي ڏني، پر سندس گرم همدردي پنهنجي بدقسمت ڀاءُ لاءِ بنا ڪنهن غلطي جي هئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن پنهنجي ڀاءَ جي ڪردار کي هڪ انسان جي حيثيت ۾ پيش ڪيو. هن ٻڌايو تہ هو طبعيت ۾ خطرناڪ حد جو جذباتي آهي، پر اُن هوندي بہ ساڳئي وقت عزت وارو، فخر وارو، رحمدل، خود قرباني جي لاءِ تيار هوندو آهي. سيني هن ڳالهہ کي بہ قبول ڪيو، تہ گروشينڪا جي محبت جوش ۾، ۽ رقابت جي سبب، جا ڪيس پنهنجي پيءُ سان هئي، کي بہ قبول ڪيو هو، پر هن، هن حقيقت کي حقارت سان مڪروہ سمجهيو، تہ ٿي سگهي ٿو هن پنهنجي پيءُ کي قتل ڪيو هجي. ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ سندس فائدو هو، پر ۽ هن، هن ڳالهہ کي قبول ڪيو تہ ٽن هزار روبلن جو خيال متيا جي دل ۾ ويهي ويو هو، جنهن کي هن پنهنجي ورثي جو حصو ٿي سمجهيو ۽ جنهن ۾ سندس پيءُ کيس ٺڳيو هو. جئين تہ هو پيسي جي معاملي ۾ بي پرواهہ هو، اُن ڪري هن ٽن هزارن جي بابت هميشہ بنا ڪنهن جوش جي ٿي ڳالهايو. ٻن خاتون جي رقابت جي معاملي ۾ يعني ڪيٽرينا ۽ گروشينڪا جي لاءِ، جڏهن سرڪاري وڪيل ڪانئس پڇيو، تڏهن، هن اُن کي ٽاريندي جواب ڏنو ۽ بيدليءَ سان هڪ ٻن سوالن جو جواب ڏنائين.

پراسيڪيوٽر ڪانئس پڇيو، تہ ڪيئن بہ هجي تنهنجي ڀاءُ توکي هن بابت ڇيو هو تہ سندس ارادو پيءُ کي قتل ڪرڻ جو هو؟ هن کيس وڏيڪ ڇيو، جيڪڏهن تون هن ۾ جواب ڏيڻ پسند نہ ڪرين تہ نہ ڏي.

هن مون کي سنئون سڌو ايئن ڇيو هو. اليوشا کيس ورندي ڏني. "هن هڪ ڀيري مون سان اَسان جي پيءُ لاءِ حقارت سان ڳالهايو هو ..... کيس خوف هو تہ هو جوش واري گهڙيءَ ۾ شايد کيس قتل ڪري وجهي."

"۽ تو متس اعتبار ڪيو؟"

"مون کي هيئن چوندي خوف ٿو ٿئي تہ مان اعتبار ڪيو. پر مون کي هن ۾ شڪ نہ هو تہ سندس متاهون جذبو، اهڙين خطرناڪ گهڙين ۾ کيس بچائيندو رهندو. سچ پچ هنن کيس بچايو بہ ٿي. اُن ڪري هيءُ ٿي نہ ٿو سگهي، جنهن منهنجي پيءُ جو

خون ڪيو آهي. " اليوشا اهي لفظ اعتماديءَ سان ۽ وڏي واڪي چيا، جي ڪورٽ ۾ سڀ ڪنهن ٻڌا.

سرڪاري وڪيل ايئن ڇرڪ ڀريو، جيئن شرنائين جي آواز تي جنگي گهوڙو.

مان توکي هن لاءِ يقين ٿو ڏياريان تہ مون کي، ڏوهہ جي احساس بابت، تنهنجي صداقت تي پورو اعتبار آهي، پر تون اُن کي پنهنجي بدقسمت ڀاءُ جي محبت کي مدنظر رکي بيان نہ ڪر، نہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر هن سڄي دردانگيز ڪهاڻي بابت اوهان جي خاص راءِ، اَسان کي ابتدائي جاچ مان معلوم ٿي چڪي آهي. هن ڳالهہ کي اوهان کان ڳجهو نہ رکندس، تہ اوهان جي حقيقت ٻين سڀني شاهدين جي مقابلي ۾ جداگانو ۽ خلاف آهي. اُن ڪري مان اِهو ضروري سمجهان ٿو، تہ توتي ٻڌائڻ لاءِ زور آڻيان، تہ اُهي ڪهڙيون حقيقتون آهن، جن جي اَثر هيٺ تون پنهنجي ڀاءَ کي گناهہ کان معصوم ٿو سمجهين ۽ ٻي ماڻهو کي ڏوهي ٿو سمجهين جنهن بابت تون اَوائلي جاچ ۾ بيان ڏئي چُڪو آهين؟

مان اَوائلي جاچ ۾ سوالن مان فقط هڪ جو جواب ڏنو هو. اليوشا آهستگي ۽ تحمل سان چيو. "مان پاڻ سميردياڪوف تي ڪوبہ الزام نہ رکيو هو."

اُن هوندي ٿو اُن جي خلاف بيان ڏنو هو؟

مون کي پنهنجي ڀاءُ دمتري جي لفظن، ائين چوڻ لاءِ اُڀاريو هو. مون کي ٻڌايو ويو هو، تہ اُن جي گرفتاري جي واقعي وقت، جو ڪجهہ ٿيو هو ۽ منهنجي بيان کان اڳ ۾ هن سميردياڪوف ڏي اِشارو بہ ڪيو هو. مون کي قطعي طور تي يقين آهي، تہ منهنجو ڀاءُ بيگناهہ آهي. جيڪڏهن هن خون نہ ڪيو آهي تہ پوءِ ......

تہ پوءِ سميردياڪوف؟ پر ڇو تون مڪمل طرح پنهنجي ڀاءَ جي معصوميت تي زور ڏئي رهيو آهين؟

"مان ڀاءَ تي اعتبار ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان. مون کي خبر آهي، تہ هو مون سان ڪوڙ نہ ڳالهائيندو. مان سندس چهري مان ڏٺو هو، تہ هُو مون سان ڪوڙ نہ ٿو ڳالهائي."

فقط سندس چهري مان؟ اِهائي تو وٽ ثابتي آهي؟

سرڪاري وڪيل هن نقطي وٽ پهچي، پنهنجي پڇا بند ڪري ڇڏي. اليوشا جي شاهدي ماڻهن تي، نااُميديءَ جهڙو اَثر پيدا ڪيو. سميردياڪوف جي بابت، مقدمي کان اڳ بہ ماڻهن ۾ ذڪر ٿيندو ٿي رهيو. هڪ ڇا ٿي چيو تہ ٻي ڇا ٿي چيو! ايئن چيو ٿي ويو تہ اليوشا سانِ اهڙيون ثابتيون گڏ آهن. جن مان متيا جي معصوميت ۽ سميردياڪوف جو گناهہ ثابت ٿيندو، پر هتي تہ اخلاقي ثبوت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ثبوت نہ هو، جو فطرتي طرح ڀاءُ جي لاءِ ڏئي پئي سگهيو.

پر فيئوڪوچ هاڻي پنهنجي پڇا شروع ڪري ڏني. اليوشا کان هن پڇيو تہ قيدي ڪڏهن، ساڻس پيءُ جي بابت نفرت جو اظهار ڪيو هو ۽ ڇيو هو، تہ ڪيس شايد ماري وجهي ها. هن ڪيس ٻڌو هو. مثال طور هن واقعي کان اڳ ملاقات وقت، اليوشا کان جواب ڏيندي ڇرڪ نڪري ويو، ڇڻ تہ هو ڪنهن شيءِ کي ياد ڪري رهيو آهي ۽ ان کي سمجهي رهيو آهي.

مون کي هاڻي هڪ حقيقت ياد آئي آهي، جا وساري ڇڏيو هوس. ان وقت اِها ڳالهہ مون تي واضح نہ ٿي هئي، پر هاڻي ......

هاڻي ئي پهريون دفعو هڪ خيال آيو اٿم. هن اشتقاق مان آندو تہ ڪهڙي ريت متيا سان آخري ملاقات جي وقت، شام جو وڻن هينان. مڙهيءَ واري رستي وٽ، هن پنهنجي سيني کي ڌڪ هنيو هو، پنهنجي وڃايل عزت کي وري حاصل ڪندو، هن ڪيئي دفعا دهرايو ٿي، تہ سندس مقصد آهي. سندس سيني کان ڪو مطلب هو تہ هو پنهنجي وڃايل عزت کي وري حاصل ڪندو. سندس سيني کان ڪو مطلب هو. مان اُن وقت اِهو خيال ٿي ڪيو، تہ سيني تي هٿ هڻڻ کان سندس مراد آهي تہ اِها ڳالهہ سندس دل ۾ آهي. اليوشا چوندو رهيو، تہ "سندس مطلب هو تہ پنهنجي دل ۾ ايتري طاقت سمجهي ٿو، جو پاڻ کي ڪن خطرناڪ مصيبتن کان، جي اُن جي انتظار ۾ آهن، بچائي سگهي ٿو، جنهن جي قبوليت جي طاقت پاڻ ۾ بہ نہ ٿو سمجهي. مان قبول ٿو ڪريان، تہ مان ان وقت ايئن ٿي سمجهيو تہ هو اسان جي پيءُ لاءِ ڳالهائي رهيو آهي ۽ سندس اُها مصيبت، جنهن کان هو لرزي رهيو هو. سندس اُهو خيال آهي تہ اَسان جي پيءُ ڏي وڃي ۽ اَن جي لاءِ ڪا خرابي پيدا ڪري. اُن هوندي بہ جڏهن هن پنهنجي سيني ڏانهن اشارو ٿي ڪيو، مون کي هيءُ ڳالهہ ياد آئي تہ دل سيني جي اُن حصي ۾ نہ ٿيندي آهي، جتي هن ڌڪ ٿي هنيو. پر اُن کان هيٺ آهي ۽ هن ڌڪ هنيا، سي گهڻو مٿي هئا. بلڪل ڳچيءَ جي هينان ۽ اُن جاءِ ڏانهن سندس اشارو هو، اُن وقت منهنجو خيال بيوقوفيءَ جهڙو هو، پر هو اُن وقت شايد اُن ڳوٿريءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو، جنهن ۾ پندرنهن سوَ روبل هئا!

بلڪل صحيح، متيا واڪو ڪري چيو. "هيءُ برابر آهي، اليوشا. اِها ننڍڙي ڳوٿري هئي، جنهن کي مان مُٺ ٿي هنئين."

فيئوڪوچ، اُڏري وٽس پهتو ۽ ڪيس خاموش رهڻ لاءِ هدايت ڪيائين. ساڳي وقت اليوشا تي جرح ڪيائين. اليوشا پاڻ کي يادگيري ڏي موٽائي ويو ۽ وڪيل گرمجوشيءَ سان سندس نظرئي جي تشريح ڪئي، تہ سندس ڳڻتيءَ جو سبب، اهي پندرنهن سوَ روبل هئا، جن کي هو شايد ڪيترينا ايونونا کي موٽائي ڏيڻ تي گهريا.

يعني اُن قرض جو اَڌ جو اُن جي متان هو جنهن کي پوءِ هن پختگيءَ سان قيرائي سگهيو هو ۽ اِهي هو، هن کي موٽائي نہ ڏيندو، پر ڪنهن ٻي مقصد ۾ ڪم آڻيندو. شايد هن گروشينڪا جي، ساڻس فرار ٿيڻ لاءِ ڪم آڻڻ تي گهريا. جيڪڏهن هوءَ اُن کي قبول ڪري؟

”ايئن ئي هوندو، ايئن ئي هوندو.“ اليوشا اوچتي جوش ڪان چيو، منهنجي ڀاءَ ڪيترا ڀيرا رڙ ڪري ٿي چيو، تہ سندس ڳَٽيءَ جو اَڌ. (هن اَڌ جو لفظ ڪيترا ڀيرا چيو هو) هو فوري ريت پاڻ کي آزاد ڪري ٿي سگهيو. پر هو پنهنجي قوت اِرادي جي ڪمزوريءَ ڪان ايترو تہ ناخوش هو، جو هو پنهنجي خواهش کي پورو ڪري نہ سگهيو ....... هن اڳ ۾ ئي ڄاتو ٿي تہ هو ايئن ڪرڻ جي قابل نہ آهي.

.... ۽ تون پوري وضاحت ۾ يقين سان ياد آڻين ٿو، تہ هن سيني جي اُن جاءِ تي برابر هٿ ٿي هنيو. فيٽوڪووچ انتظار مان ڪانئس پڇيو.

بلڪل وضاحت ۽ يقين سان چوان ٿو. ڇاڪاڻ تہ مان اُن وقت هيءَ خيال ٿي ڪيو تہ هو ڇو ٿو اِهڙي جاءِ تي ڌڪ هڻي، جڏهن تہ دل اُن کان گهڻو هيٺ آهي. منهنجي خيال ۾ هُو مون کي اُن وقت بيوقوف ٿي نظر آيو ..... هي خيال منهنجي دل ۾ ڪنوڻ وانگر چمڪيو، هيءَ ئي چمڪ هئي، جنهن مون کي هاڻي ياد ڏياري آهي. مان ڪيئن نہ هن حقيقت کي هن وقت تائين وساري ڇڏيو آهي. سندس مطلب اِهائي ننڍڙي ڳوٿري هئي، هن ڇڻ چيو ٿي، تہ سندس ڪو اِرادو آهي، پر هو پندرنهن سؤ روبل نہ موٽائيندو. وري جڏهن ساڪرو گرفتار ٿيو، تہ هن واکو ڪري چيو هو تہ مون کي خبر آهي، تہ هن جي زندگي جو اِهو اندوهناڪ عمل آهي، تہ جڏهن سندس اِرادو هو تہ ڪيٽرينا ايونونا کي اِن (اَڌ نوٽ) موٽائڻ لاءِ، جو مٿس قرض هو، پر هو اِن رقم کي موٽائي ڏيڻ لاءِ آماده نہ ٿيو ۽ سندس اکين ۾ چور ئي رهجي ويو. هيءَ قرض ڪيڏو نہ سندس عذاب هو! اليوشا پنهنجي پڇاڙيءَ ۾ چيو.

سرڪاري دخل اَندازي ڪيس چيو. تہ هو هڪ ڀيرو وڌيڪ ٻڌائي، تہ هيءَ سڀ ڪجهہ ڪيئن گذريو ۽ هن سوال تي زور ڏنائين، تہ ڇا قيدي ڪنهن ٻي شيءِ جي طرف اشارو ٿي ڪيو ۽ هن فقط سيني تي مُڪ ٿي هڻين؟

”هتي فقط مُڪ نہ هئي.“ اليوشا زور سان چيو. ”هن آڱرين سان بہ اشارو ٿي ڪيو نهايت سني ..... مان ڪيئن پوري ريت هن گهڙيءَ تائين هيءَ حقيقت وساري ڇڏي هئي!

صدر متيا کي چيو، تہ ڪيس هن پوئين شاهد جي بابت ڇا چوڻو آهي. متيا اُن کي قبول ڪيو ۽ چيو تہ هن پندرنهن سؤ روبل ڏي اشارو ٿي ڪيو، جي سندس سيني

ڪان متي، ڳجهيءَ جي هيئان هٿا ۽ اهي ئي بيشڪ سندس مصيبت جو سبب هئا. "مان هن مصيبت کان انڪار نه ٿو ڪريان. هي منهنجي سڄي حياتي ۽ بي شرمي وارو عمل هو. مان جيڪر اُن رقم کي موٽائي ڏيان ها، جا به موٽائي سگهيس. مان اُن کي موٽائي ڏيڻ بجاءِ، چور ٿي رهڻ کي ترجيح ڏني. وڏي بي شرميءَ جي ڳالهه اها هئي، ته مان هيءَ سڄي حقيقت ڀهريائين ڄاتي ٿي، ته رقم موٽائي نه ڏيندس. تون صحيح آهين اليوشا، شڪريه اليوشا."

اهڙي ريت اليوشا جي آڏي پڇا ختم ٿي. اُن ۾ جا مکيه ۽ اَثر واري شيءِ هئي، سا اها ته گهٽ ۾ گهٽ حقيقت جو سراغ ملي ويو هو. جيتوڻيڪ هيءَ ثابتي جو نهايت ننڍڙو حصو هو، جنهن کي فقط، اُن شاهد لاءِ اشارو چئجي، اها ڳالهه ثابتي لاءِ ٿورو پنڌ وني ٿي وئي ته ڳوٿري جو وجود هو ۽ اُن ۾ پندرنهن سؤ روبل هئا. پنهنجي اوائلي جاچ ۾ قيدي جو ڪجهه چيو هو، سو ڪوڙ نه هو ڇرندو ڇرندو اُن جاءِ تي وڃي پهتو، جا اُن لاءِ مخصوص هئي. هو پاڻ سان دهرائيندو رَهيو. ته اهو ڪيئن ٿيو، جو مان اها ڳالهه وساري ڇڏي! مان اُن کي ڇو وساري ڇڏيو ۽ وري ڪيئن موٽي، اُن ڏي آيس؟

ڪيٽرينا ايونونا کي شاهديءَ جي ڪٽهڙي ۾ اَچڻ لاءِ سڏ ٿيو. جيئن ئي هوءَ اُن ۾ داخل ٿي ڪورٽ ۾ هڪ غير معمولي شيءِ پيدا ٿي. عورتن پنهنجي اکين تي ننڍيون دوربينون ۽ نانڪ جي ڏسڻ واريون عينڪون چاڙهيون. مردن ۾ ڇُربر پيدا ٿي، عورتون کي اَٿي بينيون ۽ ڪي مرد به اُٿي بينا، ته چڱي ريت ڏسي سگهن. هر ڪنهن پوءِ ٻڌايو، ته متيا اُن وقت اهڙو سفيد ٿي ويو. جهڙو ڪاغذ، سڄي ڪاري لباس ۾، حياءَ ۽ ڪمزوريءَ سان اِڳتي وڌي، هيءَ نهايت مشڪل هو جو سندس چهري کي ڏسي، اهو ٻڌائي سگهجي، ته هوءَ جوش ۾ هئي، پر سندس نگاهن ۾ اميد هئي ۽ سندس ڪاريون اکيون اُداس هيون، مان هتي ٻڌائيندس ته ڪيترن ماڻهن ٻڌايو ٿي ته اُن وقت هوءَ نهايت خوبصورت پئي معلوم ٿي. هن نرمائيءَ سان پر وضاحت سان ٿي ڳالهايو، جنهن ڪري سڄي عدالت گاهه ۾ سندس آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. هن اطمينان سان پنهنجي تشريح ٿي ڪئي. يا هن گهٽ ۾ گهٽ اِها ڪوشش ٿي ڪئي، ته هوءَ مطمئن ڏيکارجي. صدر سنئون سڌو ۽ عزت سان ڪانئس پڇا ڪئي، جڻ ته ڪيس ڪن ڳالهين جي ڇيڙڻ کان خوف پئي ٿيو ۽ هن سندس عظيم بي چيني تي پورو پورو ڌيان ڏنو، پر ڀهريائين، ڀهرئين سوال جي جواب ۾ ئي، ڪيٽرينا ايونونا، مضبوطيءَ سان جواب ڏنو، ته هوءَ اڳ ۾ قيديءَ سان مڱيل هئي. ايستائين جو هن مون کي پاڻ ئي ڇڏي ڏنو ........ هن خاموشيءَ سان ٻڌايو. جڏهن ڪانئس ٽن هزار روبل لاءِ پڇيو، جي هن متيا کي ڏنا هئا، ته پَري سندس ماڻٽن ڏي ڏياري موڪلي ڏي. هن اُن جي جواب ۾ اعتماديءَ سان چيو ته

مان اِها رقم ڪيس فقط انهيءَ لاءِ نہ ڏني هئي، تہ پري پهچائي ڏي. اُن وقت مان هيئن بہ محسوس ٿي ڪيو، تہ ڪيس پيسي جي بيحد ضرورت آهي ...... مان ڪيس ٽي هزار روبل ان شرط تي ڏنا هئا، تہ هو اِنهن کي مهيني جي اندر ٽپال رستي موڪلي ڏي ڪيس پوءِ ڪا بہ ضرورت نہ هئي تہ اُن جي لاءِ ڳڻتي ڪري.

مان اُنهن سيني سوالن کي، جي ڪاٿس پڇيا ويا هئا. هتي نہ دهرائيندس. مان فقط سندس شاهديءَ جو تت ڏيندس. "مون کي مضبوطيءَ سان يقين هو تہ جيئن ئي ڪيس پيءَ کان رقم ملندي، تہ هُو اوڏانهن موڪلي ڏيندو." هو ڳالهائيندي رهي. "مون کي ڪڏهن بہ سندس غير دلچسپي ۽ ايمانداري ۾ شڪ نہ هو ..... سندس محتاط ايمانداري ..... پيسي جي معاملي ۾ ڪيس احساس هو، تہ سندس پيءُ کان ڪيس پيسا ملي ويندا ۽ مون سان ڪيترا ڀيرا اِهو ذڪر ڪيو هئائين. مان ڄاڻان ٿي تہ ڪيس پيءَ سان تڪرار هو، ۽ ڪيس هن لاءِ يقين هو، سندس پيءُ جي روش ساڻس نامناسب آهي. مون کي ياد نہ آهي، تہ هن پيءَ جي خلاف ڪا ڌمڪي بہ ٿي ڏني. هن ڪوبہ اِهڙو گفتگو منهنجي سامهون نہ ڪيو هو. جيڪڏهن هو مون وٽ اَچي ها، تہ مان اِنهن بدبخت ٽن هزارن بابت سندس انتظار مٽائي ڇڏيان ها، پر هن مون کي ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنو هو ..... ۽ مان پاڻ اِهڙي حالت ۾ اچي وئي هيس ...... جو مان ڪيس دعوت بہ ڏئي نہ سگهيس ..... مون کي ڪوبہ حق نہ هو تہ پيسي جي خاطر سخت گير ٿيان، هن اوچتو وڏيڪ ٻڌايو ۽ سندس آواز ۾ پختگي هئي. مان هڪ دفعو، سندس مدد ڏيڻ لاءِ ٽي هزار روبل کان وڌيڪ سندس مقروض هيس. مان اُن کي اِهڙي ريت ٿي سمجهيو. جيتوڻيڪ مان ان ڏينهن ايئن نہ ٿي سمجهيو تہ مون کي اهڙو بہ وقت ملندو، جو مان سندس قرض کي موٽائي ڏيندس."

سندس آواز ۾ سرڪشي ٿي ڏني، اُن وقت فيٽوڪووچ، سندس آڏي پڇا شروع ڪئي. "اِهو هتي تہ ٿي نہ گذريو، پر اوهان جي واقفيت جي ابتدا ۾ اِهو ٿي گذريو هوندو؟ فيٽوڪووچ خبرداريءَ سان ڪاٿس پڇيو. هن پنهنجي طريقي سان اُن تي سوچيو ۽ ساڳي وقت ڪنهن چڱي شيءِ جي بوءِ ڪيس آئي. مان هن کي جملي مقرضہ جي حيثيت ۾ پيش ڪندس، تہ جيتوڻيڪ ڪيٽرينا ايونونا فيٽوڪووچ کي پيٽرسبرگ مان پاڻ گهرايو هو، پر ڪيس پنجن هزارن جي آڪاٽي بابت، جي ڪيس مٽيا ڏنا هئا. ڪابہ خبر نہ هئي، نہ وري ڪيس اِها خبر هئي، تہ هوءَ زمين تائين جهڪي وئي هئي. هن ڪاٿس هي ڳجهو رکيو هو ۽ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هئائين ۽ اِها هڪ عجيب حقيقت هئي. هن حقيقت لاءِ پڪ ڏياري ٿي سگهجي تہ پوئين گهڙيءَ تائين ڪيس بہ ڪو ارادو نہ هو، تہ هوءَ ڪا اُن واقعي کي ڪورٽ ۾ بيان ڪندي. هوءَ اُن گهڙيءَ جي جوش لاءِ پئي ٿي ترسي."

"مان اُنهن گهڙين کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهان. هن پنهنجي آڪاٽي ٻڌائڻ شروع ڪئي ۽ هن سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو." اِها سچي حقيقت جا متيا. اليوشا کي ٻڌائي هئي، تہ ڪهڙيءَ ريت هوءَ زمين تائين جهڪي وئي هئي ۽ ان جا ڪهڙا سبب هئا؟ هن پنهنجي پيءُ جي لاءِ بہ ٻڌايو تہ متيا لاءِ بہ ٻڌايائين تہ ڪهڙي ريت، هوءَ وٽس وئي هئي. هن هڪ لفظ ۾ نہ، پر هڪ بيان ۾ نہ ٻڌايو تہ سندس پيڻ جي معرفت، خود متيا جي اِها خواهش هئي، تہ ڪيٽرينا ايونونا کي موڪليو وڃي، تہ هو رقم وٺي وڃي هن رحمدليءَ سان هن حقيقت کي ڳجهو رکيو هو. ڪيس هن حقيقت کي ٻڌائڻ ۾ ڪابہ ندامت نہ هئي، تہ هوءَ پنهنجو پاڻ نوجوان آفيسر ڏي وئي هئي ۽ ڪيس ڪنهن ڳالهہ تي اعتماد هو ...... تہ وڃي رقم لاءِ عرض ڪري. هيءَ نهايت خطرناڪ حقيقت هئي! مان جيئن هن کي ڏيان ڏئي ٻڌو تڏو تي ويس. لرزڻ لڳس. ڪورٽ ۾ سانت لڳي وئي هئي ۽ ڪوشش تي ڪئي وئي، تہ اُن جي هر لفظ کي ٻڌو وڃي. هيءَ اهڙي حقيقت آهي. جنهن جو ڪوبہ مثال ئي نہ ٿي سگهيو. هي هڪ اِهڙي ڇوڪريءَ جي طرفان هو جا خود خيال ۾ مغرور هئي. نهايت صاف گوئي وارو اعتراف ۽ خود قرباني نهايت متانهين تي نظر آئي، پر هيءَ ڇا جي لاءِ ۽ ڪنهن ڪاڻ؟ هڪ اِهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ جنهن ڪيس نڳيو هو ۽ سندس بي عزتي ڪئي هئي. سندس بچاءَ ۾ هن ٿوري ئي مدد ڪئي هئي فقط. انهيءَ خيال ڪان تہ سندس فائدي ۾ پنهنجي لاءِ وڏو اثر پيدا ڪري رهي آهي. سچ پچ هيءَ اُن نوجوان آفيسر جي صورت ئي هئي، جنهن عزت سان جهڪي، هن نوجوان ڇوڪريءَ پنج هزار روبل ڏنا هئا. جو سندس تنها سرمايو هو. جنهن کي هن همدردي ۽ جاذب روشني ۾ ان معصوم ڇوڪري اڇلائي ڇڏيو هو، پر ..... منهنجي دل تي غمناڪ حقارت پيدا ٿي هئي. مان ايئن محسوس ڪيو. تہ هيءَ بهتان نيٺ ظاهر ٿيندو. (حقيقت ۾ ايئن ٿيو بہ) هي سچي شهر ۾ مشهور ٿي ويو ۽ پوءِ دهرايو ويو. ماڻهن نفرت سان کلندي چيو ٿي، تہ هيءَ ڪهاڻي اجا پوري نہ آهي - هنن چيو ٿي تہ هيءَ حقيقت عجب ۾ وجهندڙ آهي، تہ آفيسر، نوجوان عورت کي ڇڏي ڏنو ۽ فقط اُن جي سامهون جهڪيو. هنن چيو ٿي تہ هتي ڪنهن حقيقت کي ترڪ ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ترڪ نہ ڪيو ويو آهي، ۽ هيءَ مڪمل ڪهاڻي آهي تہ هيءَ نهايت عزت واري شيءِ آهي. جنهن کي اسان جون عورتون نيائي سگهن ٿيون. اُن هوندي بہ شڪ ڳاڏئون. هن حقيقت کي ڏنو ٿي ويو تہ ڇا هيءَ هڪ نوجوان ڇوڪري کي سونهي ٿو ۽ اِهڙي طريقي جي هلت روا رکي، پوءِ ڇو نہ اُها سندس پيءُ جي بچاءَ لاءِ هجي.

هوڏانهن ڪيٽرينا ايونونا پنهنجي ذهانت ۽ حساس غمگين خيال سان سمجهي ٿي نہ سگهي هئي، تہ ماڻهو، اُن بابت ڪي اِهڙيون ڳالهيون ڪندا. ڪيس اِهي ڳالهيون سمجهڻ ڪپنديون هيون. پر اُن هوندي بہ سندس دل جو پختو ارادو هو تہ سڀ ڪجهہ چئي ڏي. بيشڪ هيءَ سيئي اُڻ وٽندڙ شڪ. هن ڪهاڻي، جي سچائي بابت پوءِ ٿي پيدا ٿيا هئا ۽ پهرئين دفعي سيئي اُن ڪان متاثر ٿيا. ججن ۽ وڪيلن ڪيس عزت سان ٿي ٻڌو. ڪيٽرينا ايونونا ڪي ندامت ڀري خاموشيءَ سان ٻڌندا رَهيا. هن مضمون بابت سرڪاري وڪيل، هڪ سوال پڇڻ لاءِ آمادو نہ ٿيو. فيٽوڪووچ نوڙي ڪيس سلام ڪيو هو. سچ پچ خوش ٿي ڏنو هن گهٽو ميدان ماري ورتو هو. اِهو ماڻهو جو پنج هزار روبل هڪ نيڪ ڪم ۾ ڏئي ٿي سگهيو. سو پنهنجي ڪي ٽن هزار روبلن جي قرض لاءِ قتل ڪري، ان ۾ ڪابہ مطابقت نظر نہ ٿي آئي. فيٽوڪووچ هاڻي محسوس ڪيو تہ گهٽ ۾ گهٽ چوريءَ جي تهمت تہ ثابت ٿي نہ ٿي سگهي. مقدمو هاڻي وچي ڪنهن ٻي روشنيءَ ۾ پيو هو. متيا جي لاءِ هاڻي همدردي جي هڪ لهر اُٿندي ٿي نظر آئي. هو ..... جيئن مون ٻڌو جڏهن ڪيٽرينا پنهنجو بيان ٿي ڏنو، تہ هوءَ هڪ بہ ڀيرا پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ وري ويهي رهيو. هن پنهنجي چهري ڪي هٿن ۾ لڪائي ٿي ڇڏيو. پر جڏهن هن پنهنجو بيان پورو ڪيو. هن اوچتو دانهن ڪئي ۽ سڏڪن ڀري آواز ۾ چيو:

ڪٽيا تون مون کي برباد ڇو ڪري رهي آهين؟ سندس سڏڪن جو آواز سڄي عدالت ۾ ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. پر هن جلد ئي پاڻ تي قبضو ڪري ورتو ۽ وري وڏي آواز ۾ چيائين:

مان هاڻي ڏوهي آهيان. تنهن کان پوءِ هو خاموش پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو. سندس ڏند پيڪوڙيل هئا ۽ سندس ٻانهون سيني تي ٻڌل. ڪيٽرينا ڪورٽ ۾ آئي ۽ پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي. هو زرد ٿي ڏني ۽ سندس اکيون جهڪيل هيون. اُهي ماڻهو، جي سندس پرسان هئا. اُنهن ٻڌايو تہ هو گهڻي وقت تائين ڏڪندي رَهي. جڻ تہ ڪيس تپ چڙهي ويو هو. هاڻي گروشينڪا کي سڏ ٿيو.

مان هاڻي اُن اوچتي ڊرامي جي خاتمي تي پهچي رهيو آهيان. جو متيا جي بربادي‌ءَ جو سبب بڻيو. مان فقط اُن ڪان متاثر نہ آهيان، پر ٻيا سيئي بہ سيني وڪيلن پوءِ ايئن ئي ٿي چيو - تہ جيڪڏهن اُهو واقعو وجود ۾ نہ اچي ها، تہ گهٽ ۾ گهٽ، ان جي رحم جي لاءِ سفارش ڪئي وڃي ها. پر هيءَ پوءِ جي ڳالهہ آهي. پر هيءَ هاڻي ٿورا لفظ گروشينڪا جي لاءِ چوندس.

هو بہ سياهہ لباس ۾ هئي ۽ سندس ڪلهن تي شاندار سياهہ شال پيل هئي. هو شاهدن جي ڪنهڙي ڏي، آهستي قدم ۽ نرمائيءَ سان وڌي، هُو مڪمل عورت جي

لوڏ ۽ نازڪ خراميءَ سان آئي. هن سنئون سڌو صدر ڏي ڏنو ڪبي موڙيائين نہ سچي. منهنجي خيال موجب هوءَ اُن وقت نهايت حسين ٿي نظر آئي، جيئن پوءِ عورت ٻڌايو، هوءَ خوش ٿي نظر آئي. هنن هيءَ بہ ٻڌايو تہ سندس تشريح طاقت واري نفرت واري هئي. منهنجو خيال آهي تہ هوءَ عوام جي شرارت پسند نگاهن ڪان جوش، غم ۽ غصي ۾ هئي. هوءَ عوام جي نفرت پريل ۽ سواليہ اکين ڪان پوريءَ ريت خبردار هئي. هوءَ مغرور ٿي ڏني ۽ نفرت ڪان بي پرواهہ هئي، هوءَ اُنهن ماڻهن مان ٿي ڏني، جي حاسد ٻڌجي، غصي ۾ اچي، انتقام تي لهي ايندا آهن. منجهس بزدليءَ جا جزا بہ هئا. اندروني طرح پنهنجي بزدليءَ تي پريشان بہ هئي. ان ڪري هيءَ عجب جهڙي ڳالهہ نہ هئي، تہ سندس آواز وقت بوقت ڦرندو ٿي رهيو. اُهو ڪڏهن غصي پريو، نفرت وارو ۽ کهرو هو ۽ ڪڏهن مخلصاڻو. پنهنجي لاءِ نفرت جو اظهار ڪڏهن ايئن ٿي ڳالهايو، چڻ تہ نااُميدي ۾ اظهار ڪري رَهي آهي، تہ جيڪڏهن ڪجهہ ٿي بہ رهيو آهي، تہ اُن جي ڪيس ڪابہ پرواهہ نہ آهي. مان ٻڌائيندس تہ هڪ سوال تي، جو فيودورپاولووچ جي واقفيت بابت هو، هن سختي سان جواب ڏنو ”هيءَ سچي بيوقوفي هئي منهنجي غلطي هئي. جو مان اُن کي هوا ڏني ۽ هو وڏي ويو. هڪ وقفي ڪان پوءِ هن وري چيو تہ هيءَ سڀئي منهنجون غلطيون هيون ۽ مان هنن ٻنهي تي کلندي رهيس. هن پوڙهي تي ۽ هن تي پڻ - مان هنن ٻنهي کي هن حال تي پهچايو ۽ هيءَ سڀ منهنجي ڪري ئي وجود ۾ آيو.“

سيمونا جو نالو متي نہ آيو. ڪنهن جو بہ اُن سان مطلب نہ هو. هوءَ اوچتو اوچتو بيپرواهيءَ سان ڪسڪي ويئي. هوءَ منهنجي محافظ هئي. اُن وقت هن منهنجي سنڀال ڪئي. جڏهن منهنجي پيرن ۾ جتي بہ ڪانہ هئي. جڏهن مون کي منهنجي گهر وارن گهر ڪان ڪڍي ڇڏيو هو. صدر هن کي تمام نرم لهجي ۾ تاڪيد ڪندي ياد ڏياريو، تہ هوءَ سوالن جا جواب سنوان سڌا ڏي ۽ غير ضروري ڳالهين ڪان پاسو ڪري. اهو ٻڌي گروشينڪا ڳاڙهي ٿي ويئي ۽ سندس اکيون چمڪڻ لڳيون.

اُهو لفافو جنهن ۾ نوٽ پيل هئا. هن ڪونہ ڏٺو هو. پر اُن بابت صرف هن ڪميڻي بدمعاش ڪان ٻڌو هو. تہ فيودور پاولووچ کي ٽن هزار روبل سان پريل لفافو هو. پر اِهو سڀ ڪجهہ اجايو هو مان انهن مٿان کلان پئي. هن وٽ مان ڪنهن بہ مطلب واسطي نہ وئي هيم.

وڪيل ڪانئس پڇيو تہ تنهنجو اِهو ڪميڻي بدمعاش وارو اشارو ڪنهن ڏانهن آهي؟ خادم سميرڊياڪوف جنهن پنهنجي مالڪ کي قتل ڪري گذريل رات پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ڇڏيو.

هڪدم ڪانئس اِهو پڇيو ويو. تہ هن تهمت لاءِ ڪيس ڪهڙو پورو ثبوت آهي، پر اِهو ظاهر ٿيو هن وٽ پڻ ڪي بہ ثبوت نہ هئا.

دمتري فيودورياولووچ. مون کي پاڻ ايئن ٻڌايو هو. توهان بہ ان تي اعتبار ڪري سگهو ٿا. جا عورت اسان جي وچ ۾ هئي، اُن ڪيس تباهہ ڪيو. اُهائي عورت اِنهن سيني ڳالهين جو ڪارڻ آهي. مان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿي گروشينڪا وڏيڪ چيو تہ اُها نفرت ڪان ڏکي رهي هئي. هن جي آواز ۾ انتقام وٺڻ جو جذبو هو.

هن ڪان بيهر پڇيو ويو تہ هن جو اشارو ڪنهن جي طرف آهي.

”نوجوان عورت ڪيٽرينا ايونونا اُتي مون کي دعوت ڏيئي گهرايو. چاڪليٽ جي آڇ ڪئي. مون کي پاڻ طرف مرغوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اِن ۾ وڏيڪ شرم جي حقيقت نہ آهي. مان اوهان کي اِهو ٻڌائي سگهان ٿي ........“

اُن وقت صدر هن کي سختيءَ سان روڪيو ۽ ڪيس هدايت ڪئي، تہ هوءَ پنهنجي لهجي کي نرم ڪري. پر ان حاسد عورت جي دل حسد ڪان جلي رهي هئي ۽ هن ڪا پرواهہ ئي نہ ڪئي، تہ هن ڇا ڪيو؟ جڏهن ماڪروئي قيدي گرفتار ٿيو تہ وڪيل ڪانئس پڇيو. هرهڪ توکي ڏنو ۽ ٻڌو. تون بئي ڪمري مان پڇندي ۽ پڪاريندي وئين. اها سڀ منهنجي غلطي آهي. اسين گڏجي سائبيريا ڏانهن ويندا سون! تو ان تي اَڳ ئي اعتبار ڪيو هو. مان هن تي اعتبار ڪريان ٿي ۽ ان تي اعتبار ڪندس. ڇاڪاڻ تہ هو ڪوڙ ڳالهائڻ جهڙو ماڻهو نہ آهي.

فيٽوڪووچ پنهنجي آڏي پڇا شروع ڪئي ۽ چيو تہ مون کي ياد آهي، تہ ريڪيٽن توکان بين شين سان گڏ پنجويهن روبلس بابت بہ پڇيو. جيڪي تو اليڪسي فيودورياولووچ ڪرامازوف کي گهرائي ملڻ لاءِ ڏنا هئا. اِها ڪا عجب جي ڳالهہ نہ آهي. گروشينڪا ٽوڪيندي غصي ۽ نفرت سان چيو. تہ هو مون وٽ پيسن وٺڻ لاءِ ايندو رهندو هو. پنهنجي خاص راهتن لاءِ مون کان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽيهہ روبلس وٺندو هو. ان ڪان سواءِ هن کي پاڻ وٽ بہ ڪافي هوندو هو. جو منهنجي مدد ڪان سواءِ ملي ٿي سگهيو.

فيٽوڪووچ، ڪانئس پڇيو تہ ڀلا تون ريڪيٽن تي ايترو مهربان ڇو ٿئين؟ ان جي باوجود صدر نهايت پريشان ئي نظر ٿي آيو.

ڇو! اِهو منهنجو ماسات آهي. هن جي ماءُ منهنجي ماسي هئي، مگر هو هميشہ مون کي منٿون ڪندو هو. تہ مان اِهو رشتو ظاهر نہ ڪريان ۽ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايان، هن کي مون ڪان سخت شرم پَي آيو.

هن حقيقت جو هرهڪ ماڻهوءَ کي تعجب هوندو هو. شهر ۾ يا ڪنهن خانقاهہ ۾، حالانڪ متيا کي بہ ان ڳالهہ جي خبر نہ هئي. مون کي ٻڌايو ويو تہ ريڪيٽن جتي

بہ وجي تو اُتي شرم کان سندس چهرو لهي وجيس تو. گروشينڪا، عدالت ۾ اچڻ کان تورو اڳ ٻڌو هو تہ هن متيا جي خلاف پنهنجي شاهدي ڏني آهي. اُن ڪري هو متس ناراض آهي. ريڪيٽن جي تقرير جو اثر سڄي عوام تي پيو. سندس سنجيده جذبات سان ڀريل جملا ٻانهپ جي رواج ۽ روس جي سياسي بدانتظاميءَ تي هئا. سي ڇا هن دفعي آخري طرح تباهہ ٿي ويا. فيٽوڪووچ هاٺي مطمئن ٿيو. هيءَ ڇڻ ٻي نعمت ديوتائن جي موڪليل هئي. گروشينڪا جي آڏي پڇا وڌيڪ وقت نہ هلي. ان کان سواءِ سندس شاهدي ۾ ڪا خاص نئين ڳالهہ نہ هئي. هن پنهنجي شاهدي سان عوام تي نهايت برو اثر وڌو. هزارين ماڻهن جون نفرت سان ڀريل نظرون هن جي متان هيون. جيئن هن پنهنجي شاهدي ختم ڪئي، تہ ڪيٽرينا ايونونا کان ڪافي فاصلي تي ڪورٽ ۾ بيهر ويهي رهي. گروشينڪا جي سڄي شاهديءَ دوران متيا نهايت خاموش رهيو. سندس نظرون زمين ۾ ڪتل رهيون. پاڻ هڪ پٿر وانگر ٻي جان وينو رهيو.

ايون کي شاهدي ڏيڻ لاءِ سڏيو ويو.

باب پنجون

# هڪ اوچتي آفت

مان ٻڌائي چڪو آهيان، ته ڪيس اليوشا کان اڳ سڏيو ويو هو، پر ڪورٽ جي چوبدار ڪورٽ جي صدر کي ٻڌايو، ته بيماريءَ جي اوچتي حملي يا ڪنهن قسم جي دوري جي ڪري، شاهد اوڏيءَ مهل پيش ٿيڻ جوڳو نه هو، پر هُو جيئن ئي چاق ٿيندو، تيئن ئي اچي شاهديءَ تي حاضر ٿيندو.

هُو آيو ته ڪنهن به ڌيان نه ڏنس، مکيه شاهدن، خاص ڪري ٻنهي هڪ ٻئي جي مخالف عورتن کان پُڇا ڳاڇا اڳيئي ٿي چڪي هئي. ماڻهن جي سونجهه في الحال لهي چڪي هئي ۽ هو ذري گهٽ ورججي ويا هُئا. ڪيترا ٻيا شاهد اڃا رهيل هئا، پر جيڪي هيلتائين پيش ٿي چُڪا هُئا، تن جي ساک کي ڏسندي، لڳو ٿي، ته باقي رهيلن کان ڪا خاص ڄاڻ نه ملڻي هُئي! وقت وهامندو ٿي ويو. ايون تمام آهستي هلندو آيو سندس ڪنڌ نِويل هو، ۽ ڪنهن ڏانهن به ڪونه ٿي ڏٺائين، پاڻ ته ڪنهن ڏکاري سوچ ۾ هو. ڪيس ناهوڪو وڳو پهريل هو، پر سندس مُنهن جي ياوَن گهٽ ۾ گهٽ مون تي ڏکوئيندڙ اثر ڇڏيو: مِٽي مِٽي، مرڻينگ ماٺهوءَ جهڙا ياوَ. اکين ۾ ڪا چمڪ ڪانه هئس. ڪنڌ مٿي ڪڍي ڪورٽ ۾ چوڌاري نهاريائين، اليوشا پنهنجي جاءِ تان ٽپ ڏيئي اٿي بينو ۽ دانهن ڪيائين، ”اوهه! مون کي ياد آهي، پر شايد ئي ڪنهن اُن ڏانهن ڌيان ڪيو هُجي“.

صدر کيس ٻڌايو، ته هُو بنا قسم کڻڻ جي ساک ڏيندڙ شاهد هو، ته هُو چاهي ته جواب ڏي يا ڏيڻ کان نابري واري، پر ڪيس ساک پنهنجي ضمير جي آواز موجب ڏيڻي هئي، وغيره وغيره. ايون ٻڌندو ۽ صدر کي خالي خالي نظرن سان ڏسندو رهيو، پر سندس چپن تي هوريان هوريان مُرڪ اُڀري آئي، ۽ جيئن ئي صدر، ڪيس حيرت سان ڏسندي، ڳالهائي پورو ڪيو، تيئن ئي هُن ٽهڪ ڏنو.

”چڱو، ٻيو چاهي؟“ هن ڏاڍي آواز ۾ پڇيو.

ڪورٽ ۾ چپ چُپات ٿي وئي، ڄڻ ڪا عجيب ڳالهه ٿي هُجي. صدر ۾ بي آراميءَ جا اهڃاڻ نظر آيا.

”تون..... شايد اڃا ناچاق آهين؟“ هن هيڏانهن هوڏانهن چوبدار لاءِ نظر ڦيرائيندي چيو.

”اوهان ڳڻتي نه ڪريو، سائين مان نيڪ ناڪ آهيان ۽ اوهان کي ڪائي دلچسپ ڳالهه ٻڌائي سگهان ٿو.“ ايون اوچتو سمجهه ۽ ادب سان ورندي ڏني.

صدر بي اعتباريءَ کان پڇيس. ”توکي ڪا خاص ڳالهه ٻڌائڻي آهي؟“

ايون هيٺ ڏٺو. ٿورو ترسيو. ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪندي ذري گهٽ هڪڙجندي وراڻيائين: ”نه.... مون کي ڪا خاص ڳالهه ناهي چوڻي.“

هُنن کانئس پُڇا شروع ڪئي. هُن جواب ڏنا. جهڙوڪر ڪيٻائيندي، بيحد اختصار سان. هڪ طرح جي بيزاريءَ سان. جا جيئن پوءِ اُگري ٿيندي ٿي وئي، توڻي جو هن جا جواب سمجهه ۽ ساڃهه وارا هُئا. گهڻن سوالن جا جواب هن ”مون کي پتو ناهي“ چئي ڏنا. کيس پنهنجي پيءُ جي دِمتريءَ سان ڏوڪڙن جي ڏيتيءَ ليتيءَ جي ڪا خبر ڪانه هُئي، ۽ وڏيڪ چيائين. ”مون کي انهيءَ معاملي سان ڪا دلچسپي ڪانه هُئي.“ سندس پيءُ کي مارڻ جي دڙڪن بابت هُن قيديءَ کان ٻڌو هو. ۽ لفافي واري رقم بابت سميرديا ڪوف کان.

”ساڳي ڳالهه وري وري“. هن امالڪ وچ ۾ ڳالهه کي ڪاٽيو. ائين چڻ ڪڪ ٿي پيو هجي. مون وٽ ڪورٽ سڳوريءَ کي ٻڌائڻ لاءِ ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.

”آئون ڏسان ٿو ته تون ڇاڪ ناهين. مون کي تنهنجي حالت جو احساس آهي“ صدر چيو.

هُن سرڪاري ۽ بچاءُ جي وڪيلن کي چيو ته شاهد کان وڌيڪ پڇا ضروري هجي ته ڪن. تنهن تي ايون اوچتو ٿڪل آواز ۾ چيو: ”سائين. منهنجي طبعيت نيڪ ڪانهي، ڇڏيو ته وڃان.“

اِئين چئي هو موڪل جي انتظار کان سواءِ ئي مڙيو ۽ ڪورٽ کان ٻاهر وڃڻ لڳو. پر چار وِکون کڻي هُو بيهي رهيو. چڻ ڪنهن فيصلي تي پهچي ويو هجي. ٿورو مُرڪيو ۽ موٽي آيو.

”سائين ، مان ٻهراڙيءَ جي ڇوڪريءَ وانگر آهيان. خبر اٿوَ ته ڇا چوندي آ؟ ’دل چوندي، ته اُٿي بيهنديس، نه چوندي ته نه اٿنديس.‘ کيس جبو پارائي سندس وهانءَ لاءِ گرجا وني وڃڻ جا جتن ڪري رهيا هئا، ته هن چيو، ’دل چوندي ته اُٿي بيهندس، نه چوندي ته نه اُٿنديس.‘ اِها ڳالهه ڪڙمين بابت ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي.“

”ڇا مطلب آ تنهنجو؟“ صدر سخت لهجي ۾ پڇيس.

”اجهو هيءُ“! ايون اوچتو نوٽن جي ٿهي ڪڍي. ”هي آهن اُهي ڏوڪڙ. اُهي نوٽ. جيڪي لفافي ۾ پيل هُئا.“ (هن ڪنڌ سان انهيءَ ميز ڏانهن اشارو ڪيو. جنهن تي ڪيس جون وٿون پيل هيون). ”جن لاءِ اسان جي پيءُ کي ماريو ويو. ڪٿي رکان اِهي؟ سرشتيدار صاحب. هي وٺو.“

ڪورٽ جي چوبدار نوٽن جي سموري ٿهي وٺي وڃي صدر کي ڏني.

”جي هي اُهي ئي نوٽ آهن. ته تو وٽ ڪٿان آيا؟“ صدر حيرت وچان پڇيو.

"سائين، اُن کي پـَچ آهي، ۽ اهو قاعدي جي خلاف ٿيندو. کو ڏيان ئي نـہ ڏيندو، اهو آهي خسيس کهل جوڳو شيطان." هو وراڻيو. هن کـلڻ بند کيـو جهڙوکـر راز ڏيندي چيائين، "اهو لاشڪ هـِـتي ڪٿي آهي، شـايد اُن ميـز جـي هيٺان. جنهن تي ڪيس جون ثابتيون رکيل آهن. پلا اهو اُتي نـہ تـہ ٻيو ڪٿي ويهي؟ ٻڌو، منهنجي ڳالهہ ٻڌو. مون کيس ٻڌايو تـہ مان ماٺ نٿو رهڻ چاهيان تـہ هو ڏرتيءَ تي ٻوڙان ٻوڙ بابت ڳالهائڻ لڳو. نلهي چرياٽپ! اچو، دئت کي آزاد ڪريـو.... هـو مناجات ڳائيندو رهي ٿو. اهو اِن ڪري تـہ هن جي هـاڻ تـي ڪـو بـار ڪونهـي! اهـو ائين آهي، جيئن کو ماڻهو پيالا چاڙهي گهٽيءَ ۾ ٻاڪاري رهيـو هجـي تـہ ڪيئـن 'وانڪا پيٽرسبرگ ويو' ۽ مـان سرهائيءَ جي ٻـن پلـن لاءِ ڪرڻ جا ڪرب ڏينـدس. اوهان کي منهنجي ڪا خبر ڪانهي! اوهہ! هي سڀ ڪيڏي نہ ٻي عقلي آهي! اچو. هن جي بدران مون کي جهليو. مان اجايو نـہ آيو آهيان.... هيءُ سڀ ايترو چسو ڇـو آهي؟....."

۽ هن هوريـان هوريان، جهڙوکـر ڪجهہ ويچاريندي، وري ڪـورٽ ۾ چوڌاري نظر وڌي. پر ايستائين ڪورٽ ۾ وڏو ڏمچر مچي چڪو هو. اليوشا هن ڏانهن لُـوهـَـ پاتي، پر ڪورٽ جي چوبدار اڳيئي ايون کي وچي ٻانهن کان جهليو هو.

"چا ٿـو ڪريـن؟" هن چوبـدار جـي منهن ۾ چتائي نهاريندي دانهـن ڪـئـي، ۽ اوچتو کيس ڪلهن کان ونـي ڪٽي زور سان فـرش تـي سـٽيائين. پر ايتري ۾ پوليس مٿان وچي پيس ۽ قابو ڪري ورتائونس. هو زور زور سان رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ لڳو، ۽ جيترو وقت ڪيس بـاهر ونيـو پئي ويا. سو سارو وقت هو دانهـون ڪـندي ڪجهـہ چوندو رهيو، جيڪو سمجهہ ۾ نٿي آيو.

سڄي ڪورٽ ۾ مانڌاڻ متل هئي. جيڪي جيئن جيئن ٿيو، سو مون کي پوريءَ ريت ياد ڪونهي، مان پاڻ جوش ۾ هُيس، ۽ سڀ ڏسي نـہ سگهيس. مـون کي رڳـو ايتري سانپر آهي تہ پوءِ جڏهن چوڌاري ناپر اچي ڄـڪي هئي ۽ هر ڪو ڄاڻي چڪـو هو تـہ ڇا وهيو واپريو هو، تڏهن ڪورٽ جي چوبدار کي چـنـڊ ڀنائي ويئي، توڙي جـو هن ويچاري وڏي سمجهداريءَ سان وضاحت ڪئي هئي تـہ شاهد بلڪل نيڪ هو، ۽ ڪلاڪ اڳ کيس ٿوري ڦيري اچڻ تي ڊاڪٽر تپاسيو هو. ۽ ڪورٽ ۾ اچڻ تائين هـو سهج سڀاءَ سان ڳالهائيندو رهيو هو، سو ڪجهہ بہ اڳـڀـٽڻ ناممکن هو. ۽ نـہ هـن شاهدي ڏيڻ تي پاڻ ضد ڪيو هو. پر ماڻهو اجا پورا سامت ۾ نـہ آيا هئا. ۽ جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو هو، تنهن مان پاڻ سنيالي نـہ سگهيا هُئا. جو هـڪ ٻيو واقعـو ٿيـو. ڪئٽرينا ايوانوف کي دورو پيـو. هوءَ روئـي رچ ڪـرڻ لڳـي. ڪيس ڪـورٽ مـان بـاهر

وني وڃڻ جي ڪيائون ته پڙ ڪدي بيهي رهي ۽ پاڻ ڇڏائڻ جي ڪندي ڪين ڇوندي رهي ته ڪيس اُتان هٽايو نه وڃي. اُمالڪ هن صدر ڪي واڪو ڪندي چيو:

”اجا ساک آهي جا مون ڪي هڪدم ڏيڻ کپي، هڪدم! اِڇي هي ڪاغذ. هي خط ونو.... ونو ۽ جلديءَ ۾ پڙهي ونو. جلديءَ ۾! هيءُ هُن دئت جو خط آهي.... هن همراهه جو. او هُو!“ هُن مِتيا ڏانهن اشارو ڪيو. ”هُن ئي پنهنجي پيءُ کي ماريو آهي، هاڻي جو هاڻي ڄاڻي وٺندؤ! پر هو بيو اگهو آهي، بيمار آهي، سو وقلي تو!“ هُوءَ، پاڻ تي اختيار وڃائي، دانهيندي رهي.

ڪورٽ جي چوبدار ڪاٺس خط وٺي صدر ڏانهن وڌايو. ۽ هوءَ پنهنجي ڪُرسيءَ ۾ ڪري، ٻنهي هٿن سان منهن ڍڪي، ڳڊڙيون ڪائيندي بنا آواز جي سُڏڪڻ ۽ ٿڙڪڻ. ۽ انهيءَ ڊپ ڪان ته متان ڪيس ڪورٽ مان ٻاهر نه ڪڍي ڇڏين، نڙيءَ مان نڪرندڙ آواز کي گهٽڻ لڳي. هن جو ڏنل ڪاغذ اهو خط هو. جيڪو مِتيا ’ميٽرو پوليس‘ گُتي ۾ لکيو هو ۽ جنهن کي ايون ’به ڏون چار جهڙي ثابتي‘ ڄاڻايو هو. افسوس! ان جو به ڏون چار جيان پختو هجڻ مڃيو ويو. ۽ جي اهو خط نه هجي ها ته شايد مِتيا جو جيڪو حشر ٿيو. تنهن کان بچي وڃي ها. بيو نه ته هن جو انت گهٽ پوائتو هجي ها. مان وري چوان ٿو ته ذري پُرزي جي خبر رکڻ ڏکيو هو. جيڪي پوءِ وهيو واپريو. سو منهنجي دماغ ۾ اڃا تائين منجهيل آهي. صدر لازمي طرح اهو ڪاغذ ٻين ججن، جيوريءَ ۽ ٻنهي ڌرين جي وڪيلن کي پڙهايو هوندو. مون کي رڳو ايترو ياد آهي ته هُنن شاهد کان پُڇا ڪيئن شروع ڪئي. جڏهن صدر ڪاٺس سپاجهائيءَ سان پڇيو ته هوءَ پوريءَ ريت سامت ۾ اچي وئي هُئي، تڏهن هُن اتاولائيءَ سان واڪو ڪيو:

”مان تيار آهيان، مان تيار آهيان! مان اوهان کي بلڪل ورندي ڏيڻ جوڳي آهيان.“ هن وڌيڪ چيو، شايد ڊپ هُيس ته ڪيس ڪيئن به ڪري شاهدي ڏيڻ کان روڪيو ويندو. ڪيس چيو ويو ته سربستو احوال بُڌائي ته اِهو خط ڇا هو ۽ ڪيس ڪيئن مليو هو.

”مون کي اهو ڏوهه ٿيڻ کان هڪڙو ڏينهن اڳ مليو هو. ۽ لکيو ان کان به هڪڙي ڏينهن اڳ گُتي ۾ ويو هو. يعني جنهن ڏينهن ماريائين. تنهن کان به ڏينهن اڳ. ڏسو، اهو ڪنهن قسم جي بِل تي لکيل آهي.“ هُن اُپساهيءَ سان چيو. ”ان مهل مون لاءِ ڌڪار هُيس، ڇو جو بچان جهڙو ڪم ڪيو هئائين، ۽ هُن رَن جي پنيان لڳل هو.... آئون منٽس اهي ٽئي هزار گهرندي هيس.... اوهه! هُن پنهنجي ڪميٽاٿپ جي ڪري انهن ٽن هزارن تان پاڻ کي گهٽ ٽئي سمجهيو! انهن ٽِن هزارن

جو قصو هيئن آهي. منهنجو عرض آهي، منهنجي وينتي آهي تہ مون کي ٻڌو. هو پنهنجي ٻيءُ کي مارڻ کان ٽي هفتا اڳ هڪڙي صبح جو مون وٽ آيو هو. مون کي پتو هو تہ کيس ڏوڪڙ کپن ۽ چو کپن. ها، ها- اُن رن کي پاڻ سان ناهڻ ۽ وٺي وڃڻ لاءِ. مون کي تڏهن خبر هئي تہ هُن مون سان دوهہ ڪيو هو ۽ مون کي ڇڏڻ ٿي چاهيائين، ۽ اِها مان، مان هُيس، جنهن کيس اهي ڏوڪڙ ڏنا. جنهن کيس اهي انهيءَ بهاني سان آڇيا تہ منهنجيءَ ڀيڻ کي ماسڪو ڏياري موڪلي. مون سندس منهن ۾ نهاريندي چيو تہ هو اِهي ڏوڪڙ جڏهن چاهي، تڏهن موڪلي سگهي ٿو. ڀلي مهيني سوا ۾! هو ڪيئن نہ سمجهي سگهيو هوندو تہ مان کيس منهن تي چئي رهي آهيان. 'توکي ڏوڪڙ کپن تہ جيئن پنهنجي رن لاءِ مون سان ڪوڙو ٿين. هي اٿئي ڏوڪڙ. مان پاڻ تي توکي ڏيان. هي وٺ، جي تو ۾ ذرو بہ حياءُ ڪونهي تہ وٺ!' مون ڏسڻ ٿي چاهيو تہ هو ڪيتري پاڻيءَ ۾ هو، ۽ ٿيو ڇا؟ هُن ورتا ۽ اُن رن سان هڪڙيءَ رات ۾ اُڏائي ڇڏيائين... پر کيس پتو هو، کيس پتو هو تہ مان سڀ ڄاڻان ٿي. مان اوهان کي يقين ٿي ڏياريان تہ هن ڄاتو ٿي تہ مان اِهي ڏوڪڙ ڏيئي کيس آزمائي رهي هيس، اهو ڏسڻ لاءِ، سندس غيرت ايتري مري وئي هئي تہ مون کان ڏوڪڙ وٺي. مون هن جي اکين ۾ نهاريو ۽ هن منهنجين ۾. ۽ سڀ ڪجهہ سمجهيائين ٿي ۽ ڏوڪڙ وٺي ڇڏيائين- ۽ هليو ويو!"

"اهو سچ آهي، ڪاتيا." مِتيا اوچتو گجگوڙيو. "مون تنهنجين اکين ۾ ڏٺو ۽ مون کي خبر هُئي تہ تون مون کي بيمانو ڪري رهي هُئينءَ ۽ تڏهن بہ مون اهي ڏوڪڙ ورتا. مون کي بدمعاش سمجهندي مون کان نفرت ڪر، اوهان سڀ مون کي ڌِڪاريو! مان اِن تي لائق آهيان!"

"قيدي" صدر رڙ ڪئي، "اڪر بہ وڌيڪ ڪڇيو اٿئي تہ توکي هِتان هٽرائي ڇڏيندس."

"اِهي ڏوڪڙ هن لاءِ وڏو عذاب هئا." ڪاتيا اُبهرائي وڃان وري ڇوڻ لڳي. "هن مون کي موٽائڻ ٿي گهريا، اهو سچ آهي تہ موٽائڻ ٿي گهريائين، پر کيس هُن رَن لاءِ اهي کپندا بہ هُئا. سو هن پنهنجي پيءَ کي ماري ڇڏيو، پر پئسا مون کي موٽائي ڪونہ ڏنائين ۽ ان رَن سان اوڏانهن هليو ويو، جتان گرفتار ٿيو. اُتي هُن اها رقم پڻ ڏڦ ڪري ڇڏي، جيڪا پيءُ کي ماري چورائي هئائين ۽ خون کان هڪڙو ڏينهن اڳ مون کي اهو خط لکيائين. جڏهن لکيائين، تڏهن پيتل هو. اهو مان خط پڙهڻ سان ئي سمجهي وئي هُيس. هن اِهو بغض مان لکيو هو. اِهو پڪتو يقين رکندي تہ مان اِهو ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏيکاريندس. سچ پچ ماري ڇڏيائين تڏهن بہ نہ. نہ تہ هو ڪڏهن بہ نہ لکي ها، چوتہ کيس پتو هو تہ مان اِهو نہ چاهينديس تہ کانئس وير وٺان ۽

ڪيس برباد ڪريان! پر اهو پڙهو، ڏيان سان پڙهو، مهرباني ڪري وڌيڪ ڌيان سان- اوهان ڏسندا تہ هن سڀ ڪجهہ اڳي ئي بڌائي ڇڏيو هو تہ هو پيءُ کي ڪيئن ماريندو ۽ رقم ڪٿي رکيل هُئي. پلاٽي ڪري ڏسو، ان ۾ هڪڙو جملو آهي 'هيڏانهن ايون ويو، هوڏانهن مان ڪيس ماري ڇڏيندس.' اهو ضرور ڌيان ۾ رکو. سو هن اهو سڀ اڳواٽ ئي رٿي ڇڏيو هو تہ ڪيس ڪيئن ماريندو. " ڪئٽرينا ايوانووف ڪورٽ کي خبيث ۽ وهانيل سوپ واري لهجي ۾ چتايو. اوهہ! اهو بلڪل چٽو هو تہ هُن خط جي سٽَ سٽَ پڙهي هُئي، ۽ ان ۾ لڪل هر مامَ پروڙي هُئي: "پيتل نہ هجي ها تہ مون کي ڪونہ لکي ها، پر ڏسو، ان ۾ اڳواٽ ئي سڀ ڪجهہ لکيل آهي ۽ بلڪل ائين ئي ماريائين!" هوءَ جوش وچان واڪو ڪندي چئي ويئي.

هاڻي ڪيس نتيجن جي ڪا پرواهہ ڪانہ هُئي. توڙي جو هن اُهي بيشڪ مهينو اڳ - پَسي ورتا هئا، ڇو جو تڏهن بہ هُن، شايد ڪاوڙ وچان ڏڪندي، اها ڳڻ ڳوت ڪئي هئي تہ ڪيس هلي تہ خط ظاهر ڪري يا نہ. هاڻي تہ هُن ائين ڪري ڇڏيو هو. مون کي ياد آهي تہ ڪلارڪ اهو خط سٽت پوءِ ڏاڍيان پڙهي ٻڌايو هو، جنهن جو زبردست اثر ٿيو.

"اهو منهنجو آهي منهنجو!" مِتيا رڙ ڪئي، "مان پيتل نہ هُجان ها تہ نہ لکان ها....! اسان هڪ ٻئي کي ڪيترين ئي ڳالهين تان ڌڪاريو آهي، پر مان قسم سان تو چوان تہ مون کي توسان تڏهن بہ پيار هو، جڏهن مون توکي ڌڪاريو ٿئي، پر توکي مون سان پيار ڪونہ هو!"

هو پنهنجي ڪُرسيءَ ۾ ڍهي پيو ۽ نراسائيءَ مان هٿ مهٽڻ لڳو. سرڪاري ۽ بچاءَ جي وڪيلن ڪيترينا ايوانوف کان آڏي پُڇا شروع ڪئي، خاص طرح اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ هُن اهڙو اهم دستاويز لڪايو ڇو هو ۽ پنهنجي اڳينءَ شاهدي ايتري مختلف جذبي ۽ لهجي ۾ ڇو ڏني هئائين.

"برابر، برابر، اڳي مون ڪوڙ تي ڳالهايو. مان پنهنجي مانَ ۽ ضمير جي خلاف ڪوڙ ڳالهائي رهي هُيس، پر مون ڪيس بچائڻ ٿي چاهيو، توڙي جو هن مون کي ڌڪاريو ۽ ڪين جهڙو ڇاتو آهي!" ڪاتيا جوش وچان واڪو ڪيو. "او، هُن مون کي سخت ڌڪاريو ۽ تــِـچ سمجهيو آهي ۽ اوهان کي خبر هُـجي تہ هن مون کي تنهن گهڙيءَ کان تــِـچ سمجهيو آهي، جنهن گهڙيءَ مان انهن ڏوڪڙن ڏيڻ وقت هن آڏو جهڪي هُيس. مون اِهو صحي ڪيو هو.... مون اهو ان وقت ئي محسوس ڪري ورتو هو، پر ڪافي وقت تائين ويساهہ ڪونہ ڪيو هوم. هاءِ، ڪيترا ڀيرا مون هن جي اکين ۾ پڙهيو آهي، "تون آئي پنهنجي مرضيءَ سان هُئينءَ". اوهہ، هن سمجهيو

ئي ڪونہ ٿي، ڪيس ڪا سَهمُڪ ئي ڪانہ هُئي تہ مان هن ڏي ڇو ڊوڙي هُيس، هن کي رڳو نيچپڻو ئي پرکڻ اچي ٿو، سو هن مون کي بہ پنهنجي پرڪارين پرکيو، هن هر ڪنهن کي پاڻ جهڙو تئي ڄاتو." ڪاتيا چرين وانگر ڦوڪاريو، "۽ هن مون سان انهيءَ لاءِ پرڻجڻ ٿي چاهيو جو مون کي ورثي ۾ جهجهو ڏن مليو هو، انهيءَ لاءِ ئي، انهيءَ لاءِ ئي! مون هميشہ اهو سمجهيو تہ انهيءَ لاءِ ئي! اوهہ، هي ڊور آهي ڊور! هن کي يقين هو تہ مان هُن آڏو هميشہ شرمساريءَ وچان ڏڪندي رهنديس، ڇو مان ئي پهريون هن ڏي وئي هيس ۽ کيس اهو حق هو تہ مون کي انهيءَ ڪري سدائين ڪين جهڙو ڄاڻي، ۽ مون کان اُتم رهي- ها، انهيءَ ڪري ئي هُن مون سان پرڻجڻ ٿي چاهيو! ائين ئي آهي، سڀ ڪجهہ ائين ئي آهي. مون پنهنجي پيار سان کيس جيتڻ جي ڪوشش ڪئي، اهڙو پيار جنهن جو ڪو انت ڪونہ هو. مون هن جي بيوفائي بہ درگذر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: پر هن ڪجهہ نہ سمجهيو. ڪجهہ بہ نہ! هو ڪيئن ٿي سمجهي سگهيو بلا؟ هو دئت آهي! مون کي اهو خط ٻئي ڏينهن پوياڙيءَ جو مليو: اهو مون وٽ گُٽي کان آندو ويو هو- تنهن ڏينهن ئي مون کيس سڀڪجهہ معاف ڪرڻ ٿي چاهيو، سڀڪجهہ، ويندي سندس دغا بڻ!"

صدر ۽ سرڪاري وڪيل برابر کيس خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. مان ائين وسهڻ کان رهي نہ ٿو سگهان تہ هنن سندس دوري مان فائدي وٺڻ ۽ اهڙين قبوليتن تان شرمساري ٿي محسوس ڪئي. مون کي هنن جو کيس اهو چوڻ ياد ٿو پوي، "اسين سمجهون ٿا، اهو تنهنجي لاءِ ڪيترو نہ ڪٺن آهي، يقين ڪر، اسانکي تنهنجو احساس آهي." وغيره وغيره. پر تڏهن بہ هنن هڪ وقلندڙ ۽ دوري ۾ ورتل عورت کان سچي ساک چڪي ڪڍي. نيٺ هن اڻ رواجي چٽائيءَ سان، جهڙي اڪثر توٽي جو ويرم لاءِ، اهڙين بيحد جوش وارين حالتن ۾ ڏني ويندي آهي، بيان ڪيو تہ ڪيئن ايون پنهنجي هن "دئت ۽ خوني" ڀاءُ کي گذريل ٻن مهينن کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ ذري گهٽ چريو ٿي پيو هو.

"هن پاڻ کي آزار ۾ وڌو." هوءَ چوڻ لڳي، "هو هميشہ پنهنجي ڀاءُ جو ڏوهہ گهٽائڻ جي ڪندو هو، ۽ مون سان باسيندو هو تہ کيس پنهنجي پيءُ سان ڪڏهن بہ پيار نہ رهيو هو، ۽ شايد هو پاڻ بہ سندس موت جو ڪانکي هو. هن جو اندر ڪونٽرو، بيحد ڪونٽرو آهي! هن مون سان هر ڳالهہ ڪئي، هر ڳالهہ! هو روز مون ڏي ايندو هو ۽ مون کي پنهنجو اڪيلو دوست ڄاڻي، اندر پيو اوريندو هو! مون کي هن جي اڪيلي دوست هجڻ جو اعزاز حاصل آهي!" هن اُمالڪ بي پرواهہ لهجي ۾ واڪو ڪيو ۽ سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. "هو بہ پيرا وڃي سميرديا ڪوف سان مليو

هو. هڪڙي ڏينهن هو مون وٽ آيو ۽ چيائين، منهنجي ڀاءُ نه پر سميرڊياڪوف خون ڪيو هو (تن ڏينهن هر هنڌ اها چئو پچئو تيڻ لڳي هئي ته خون سميرڊياڪوف ڪيو هو) ته پوءِ شايد مان به ڏوهي آهيان. جو ته سميرڊياڪوف کي خبر هئي ته مون کي پنهنجو پيءُ ناهي وڻندو ۽ چاتائين ٿي ته مان پنهنجي پيءُ جي موت جو خواهشمند آهيان. تنهن تي مون خط آٽي ڪيس ڏيکاريو هو. هو پوري طرح قائل ٿي ويو هو ته خون ڀاڻس ڪيو هو. انهيءَ ڳالهه ڪيس نهوڙي ڇڏيو هو. اها ڳالهه برداشت نه ڪري سگهيو ته سندس پنهنجو ڀاءُ پيءُ جو خوني هو! هفتو کن اڳي مون ڏٺو ته اها سوچ ڪيس بيمار ڪري رهي آهي. گذريل ٽورن ڏينهن کان هو منهنجي سامهون ڇڙ ڇڙ ڳالهائيندو رهيو آهي. مون ڏٺو ته هن جو دماغ ڍرڪندو پيو وڃي. هو ايندي ويندي وقلڻ لڳو. ڪيس گهٽيءَ ۾ پڻ پڻ ڪندي ڏٺو ويو هو. ماسڪو کان آيل ڊاڪٽر منهنجي چوڻ تي ٽيون ڏينهن ڪيس تپاسيو هو ۽ مون کي ٻڌايو هئائين ته ڪيس ڪاپاري تپ ٽيڻ وارو هو. ۽ اهو سڀ هن جي ڪري، هن دئت جي ڪري! ۽ پوئين رات ڪيس خبر پئي ته سميرڊياڪوف پاڻ ماري ڇڏيو هو. انهيءَ تان ڪيس ايترو ڏڌڪو پهتو جو هو چريو ٿي پيو ۽ سڀ هن دئت جي ڪري، سڀ هن دئت کي بچائڻ خاطر!"

ووءِ، ائين اندر جو اٿلڻ، ائين پاڻ اورڻ، حياتيءَ ۾ هڪڙو ڀيرو ٿيندو آهي مرڻ مهل. مثال طور، سوريءَ ڏانهن ويندي! پر اهو ڪاتيا جي سڀاءَ ۾ هو، ۽ هي سندس حياتيءَ جي اهڙي ئي مهل هئي. هيءَ اها ساڳي منهن زور ڪاتيا هئي، جنهن پنهنجي پيءُ کي بچائڻ لاءِ پاڻ کي هڪڙي اوباش جوان جي رحم ڪرم تي ڪٽي ڇڏيو هو. ساڳئي ڪاتيا، جنهن ٿورو اڳ پنهنجي ايمان ۽ ستيا جي مهابي، هنن سڀني جي اڳيان، پاڻ ۽ پنهنجي ڪنوارپ واري حياءَ کي گهوريندي، متيا جي باجهاري هلت جو ذڪر ڪيو هو ته جيئن سندس نصيب جي سختيءَ کي ٿورو نرم ڪري سگهي، ۽ هاڻي پڻ هن پاڻ گهوريو هو، پر هن ڀيري ڪنهن ٻئي لاءِ ۽ شايد هينئر هينئر ئي هن محسوس ڪيو هو ۽ ڪيس پروڙ پئي هئي ته اهو ٻيو ڪيس ڪيترو نه پيارو هو! هن ان ٻئي لاءِ دهشت ۾ اچي ۽ اهو وسهي پاڻ گهوريو هو ته هن اهو چئي پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو هو ته خون ڀاڻس نه پر هن ڪيو هو. هن ڪيس بچائڻ لاءِ، سندس ناموس کي بچائڻ لاءِ پاڻ گهوريو هو!

۽ ان هوندي به هڪڙو ڀوائتو شڪ دل ۾ جاڳيو ٿي - ڪٿي هوءَ متيا سان پنهنجن اڳوڻن ناتن بابت ڪوڙ ته نه ڳالهائي رهي هئي؟ - اهو هو سوال. نه، هن متيا تي اهو چئي چاڙي ٻجهي چنڊا نه اڇلايا هئا ته متيا ڪيس پاڻ آڏو جهڪڻ تان تپ چاتو

هو! هوءَ پنهنجي ليکي ائين وسهي رهي هئي. هوءَ جهڪڻ واري گهڙيءَ کان ئي ان ڳالهہ جي پوريءَ ريت قائل ٿي چڪي هئي تہ ساديءَ دل وارو متيا تنهن وقت بہ متس کلندو هو. کيس ڪين جهڙو سمجهندو هو. جنهن وقت هو کيس پوڇيندو هو. هوءَ ساڻس پنهنجي ايمان. ڦنيل ايمان کان محبت ڪندي رهي هئي ۽ اها محبت هيجاني ۽ "چڇريل" هئي. اها محبت ڪا محبت جهڙي نہ هئي. پر وير جهڙي وڌيڪ هئي. اوهہ. پر اها چڇريل محبت سچي محبت جو روپ وٺي وجي ها. شايد ڪاتيا جي بہ اهائي. سڀ کان وڌيڪ. سڌ هئي. پر متيا جي بيوفائيءَ سندس اندر پري تائين گهائي ڇڏيو هو. ۽ سندس دل کيس معاف ڪرڻ تي نہ وري هوندي. وير وٺڻ جي ويل اوچتو مٿان اچي پئي هئي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ ايتري گهڻي مُدي کان ڏکندي ڪنو ٿيندو رهيو هو. سو هن چڙيل عورت جي سيني منجهان ڦاٽ کائي هڪدم ۽ بنا ڪنهن اڳواٽ چتاءَ جي. سچي جو سچو ٻاهر نڪري آيو هو. هن متيا سان دغا ڪئي هئي تہ پاڻ سان بہ دغا ڪئي هئائين. ۽ جيئن ئي هن پنهنجي جذبات جو پورو پورو اظهار ڪري ورتو. تيئن ئي تاءُ لهي ويس ۽ هن کي شرم ساريءَ اچي ورايو. کيس وري روح راڙي جو دورو اچي پيو: هوءَ. سڏڪندي ۽ رڙندي. فرش تي ڪري پئي. کيس ٻاهر نيو ويو. ان ئي مهل گروشينڪا. ان کان اڳ جو ڪوئي کيس روڪي سگهي. متيا ڏانهن لوهہ ڪئي.

"متيا تنهنجي نانگڻ توکي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي!" هن دانهن ڪئي ۽ ڪروڌ وچان سڄي ڪنبندي ججن کي رڙ ڪري چيائين جو. "ڏٺوَ. آخر ظاهر ٿي پئي نہ!" صدر جي اشاري تي کيس جهلي ٻاهر نيڻ جي ڪئي وئي. پر هن ائين ڪرڻ نہ پئي ڏنو ۽ وڙهي پاڻ ڇڏائي متيا ڏانهن موٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. متيا دانهن ڪري هن ڏانهن وڌڻ جي ڪئي تہ کيس ڪنبي ويهاري ڇڏيائون.

مان سمجهان ٿو تہ جيڪي عورتون تماشو ڏسڻ آيون هيون. سي ضرور خوش ٿيون هونديون. تماشو هوئي رنگارنگي. مون کي ياد ٿو پوي تہ ان کان پوءِ ماسڪو وارو ڊاڪٽر پرگهٽ ٿيو هو. منهنجو خيال آهي تہ صدرکيس چوبدار موڪلي ايون جي تپاس لاءِ گهرايو هو. ڊاڪٽر ڪورٽ ۾ اچي اعلان ڪيو تہ مريض تي ڪاپاري تپ جو خطرناڪ حملو ٿيل آهي. سو کيس هڪدم هٽان هٽايو وڃي. فريادي ڌر ۽ بچاءَ جي وڪيلن جي پڇا تي هن ٻڌايو تہ مريض ٿيون ڏينهن پنهنجي منهن وٽس آيو هو ۽ هن کيس چتايو هو تہ مٿس اهڙو حملو ٿيڻ وارو هو. پر هن پنهنجي سار سنڀال لهڻ کان انڪار ڪيو هو. "سندس دماغي حالت يقيني طرح معمول واري نہ هئي. هن پاڻ مون کي ٻڌايو هو تہ کيس جاڳندي روح نظر ايندا آهن. ۽ کيس گهٽين ۾ اهڙا ماڻهو گڏبا

آهن، جيڪي مري چڪا آهن، ۽ هر پوياڙيءَ جو ابليس وٽس ايندو آهي.“ ڊاڪٽر ڳالهه پوري ڪندي چيو. مانوارو ڊاڪٽر شاهدي ڏيئي هليو ويو. ڪيٽرينا ايوانوف جو ڏنل خط ڏوهه جي سامگري ثابتين ۾ شامل ڪيو ويو. ججن ڳڻ ڳوت ڪري ڪاروائي جاري رکڻ ۽ ايون ۽ ڪيٽرينا ايوانوف جي شاهدين کي ڪيس جي حصي بنائڻ جو فيصلو ڪيو.

پر مان ٻين شاهدن جي ساکن جو وچور ڪونه ڏيندس، جو ته هنن جيڪي اڳيئي چئجي چڪو هو، تنهن کي ورجايو ۽ ٽيڪو ڏنو. توڙي جو هر ڪنهن جو انداز پنهنجو پنهنجو هو. مان ورجايان ٿو ته سرڪاري وڪيل جي تقرير ۾ جيڪا مان سنت نقل ڪندس، سيڪجهه شامل هو. هر ڪو جوش ۾ هو، هر ڪو هن نئين آفت تان ترتلي ۾ هو ۽ سڀ سرڪاري ۽ بچاءَ وارن وڪيلن جي تقريرن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا. فيوڪوچ کي ڪيٽرينا ايوانوف جي شاهديءَ ڇگو لوڏي ڇڏيو هو. پر سرڪاري وڪيل اتساهيل هو. سڀ شاهديون ٿي چڪيون هيون. سو ڪورٽ ڪلارڪ کن لاءِ مهمل ٿي وئي. مان سمجهان ٿو ته اٺ اچي ٿيا هئا. جڏهن صدر موٽي اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو ۽ سرڪاري وڪيل، اپولٽ ڪردووچ، پنهنجي تقرير شروع ڪئي.

باب ڇهون

# سرڪاري وڪيل جي تقرير، ڪردارن جا خاڪا

اپولٽ ڪردووچ تقرير شروع ڪئي ته ڊپ وچان سچو ڏڪي رهيو هو ۽ نرڙ تي ٿڌو پگهر هوس، ۽ پاڙڪي ڪڏهن ٿڌو ڪڏهن ڪوسو ٿي محسوس ڪيائين. پنهنجي اها حالت هن پوءِ پاڻ ٻڌائي. هن پنهنجي تقرير کي، پنهنجي هن شاهڪار کي، پنهنجي ساري حياتيءَ جي شاهڪار کي پنهنجو آخري ڪارنامو ڪوٺيو. اها حقيقت آهي ته نو مهينا پوءِ هو سلهه وگهي گذاري ويو. سو جيئن پوءِ سندس لاڏاڻي ظاهر ڪيو، ڪيس حق هو ته پاڻ کي، پنهنجو آخري گيت ڳائيندڙ راج هنس سان ڀيٽي. هن پنهنجي تقرير ۾ پنهنجي سموري دل ۽ سمورو دماغ سموئي ڇڏيو. ۽ وچاري اپولٽ ڪردووچ، غير متوقع طور تي، ظاهر ڪيو ته ڪيس عام پلاٽيءَ ۽"ازلي سوال" جو ٿورو ڪي گهڻو احساس بهرحال هو. سندس تقرير جي وڏي ۾ وڏي خوبي هئي ان جو خلوص. ڪيس قيديءَ جي ڏوهي هجڻ جو پورو يقين هو! هن فقط سرڪاري فرض جي بجا آوريءَ ۾ متس ڏوهه نتي رکيو. ۽ سزا جي گهر ڪيائين ته هو "سماج جي پلاٽيءَ" لاءِ واقعي تڙپي رهيو هو. اُتي وينل عورتن اپولٽ ڪردووچ جي بر خلاف هوندي به پوءِ اهو مڃيو ته هن مٿن غير معمولي تاثر ڇڏيو هو. اپولٽ ڪردووچ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته سندس آواز ڀڳل هو. پر پوءِ اهو سگهارو ٿي ويو ۽ ڪورٽ ۾ تقرير جي پڇاڙيءَ تائين گونجندو رهيو.

"جيوريءَ جا صاحبو!"، سرڪاري وڪيل ڳالهائڻ شروع ڪيو،"هن ڪيس جو سڄي روس ۾ چوٻول ٿيو آهي. پر ان ۾ آخر ڇا آهي، جنهن تي اچرج ڪائجي. اسان ان کان ڇو هراسجون؟ اسان اهڙن ڏوهن تي ايترا هري جو ويا آهيون! اهائي ڳالهه ته هراسيندڙ آهي ته اهڙا ڪڏا ڪم هاڻ اسان کي ڊيڄارين ئي نٿا. اسانکي هن يا هن ڏوهه کان نه پر ان ڳالهه تان ڊڄڻ جڳائي ته اسان انهن سان هري ويا آهيون. اهي ڪم، اهي ڪڏا ڪم، جيڪي هاڻوڪي زماني جو اهڃاڻ، ريس نه ڪرڻ جهڙي آئندي جا بدسوڻ آهن، تن ڏانهن اسان جي بي حسيءَ، اسان جي ننهن سوسڙي روش جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ڇا اهو اسان جو ڪلب[1] آهي، ڇا اهو هڪ اهڙي سماج ۾ جيڪو جوان هجڻ جي باوجود ڳري سڙي رهيو آهي، سونجهه ۽ ساڃهه جو وقت کان اڳ ٽڪجي پوڻ آهي؟ ڪٿي ائين ته نه آهي ته اسان جا اخلاقي اصول پاڙئون پٽجي ويا آهن. يا

[1] Cynicism: انساني فطرت لاءِ حقارت ۽ بيشڪ گمان (س ن ح)

شايد اسان وٽ اهي ماڻهين آهن ئي ڪو نه؟ مان انهن سوالن جا جواب نٿو ڏيئي سگهان، اهي بهرحال آهن پريشان ڪندڙ، ۽ هرشهريءَ کي نه رڳو لازم آهي پر جڳائي ته انهن کان هراسجي. اسان جي نئين ڇاول پريس اڳيئي خلق جي چڱي خدمت ڪئي آهي، ڇالاءِ جو اهائي آهي جيڪا نه رڳو هاٺوڪي راڄ ۾ نئينءَ مان برپا ڪيل جيوري ڪورٽن جي صاحبن کي بلڪ اسان کي اواڳي ڏاڍ ۽ اخلاقي ابتريءَ کان لاڳيتو باخبر ڪندي رهي ٿي، ۽ اسان ذري گهٽ روز اهڙيون ڳالهيون پڙهندا آهيون، جن جي ڀيٽ ۾ موجوده ڪيس بيرنگ ٿي وڃي ٿو ۽ ذري گهٽ خسيس پاسي ٿو. پر وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ملڪ ۾ ڏاڍ وارن ڏوهن جي گهٽائي ڏيکاري ٿي ته اسان پري پري تائين انهيءَ برائيءَ ۾ اهڙا ته ونجي ويا آهيون جو هاڻ ان کي منهن ڏيڻ ڏکيو ٿي پيو آهي.

”هڪڙي ڏينهن اسان اعليٰ طبقي جي هڪ شاندار جوان علمدار کي، پنهنجي ڪئريئر جي شروعات ۾ بزدلاڻي نڳيءَ سان، ضمير جي سٽ کان سواءِ، هڪ اهڙي علمدار کي، جنهن جا مٿس احسان هئا، ۽ سندس نوڪرياڻيءَ کي مارينديءَ سندس قرضي هجڻ جو ڪاڳر توڙي جيڪا روڪڙ سندس کيسن مان هٿ آيس، سا چورائيندي ڏسون ٿا. ”اها مون کي فيشني دنيا ۾ عيش ڪرڻ ۽ ڪئريئر ناهڻ جي ڪم ايندي،“ کين مارڻ کان پوءِ هو سندس مٿن هيٺان وهاڻا ڏي ٿو ۽ هليو وڃي ٿو. هڪ ٻيو جوان سورمو، بهادريءَ جو ٻلو ماڻيندڙ، پنهنجي بالا عملدار ۽ محسن جي ماءُ کي رهزنن وانگر ماري ٿو، ۽ پنهنجي ساٿين کي ساڻس شامل ٿيڻ تي هشڪاريندي چوي ٿو، ”هوءَ مون کي پٽ ڪري ڀانئي ٿي، ۽ ان ڪري منهنجا سڀ چوڻ ڪندي ۽ ڪي احتياطي اُپاءُ نه وٺندي.“ قبوليم ته هو دئث آهي، پر مون ۾ جرائت ناهي جو ڪيس هن زماني ۾ اٿمٿ چوان. ٻيو ڪو ماڻهو خون ته ڪندو، پر هن جيان ئي محسوس ڪندو ۽ سوچيندو، ۽ روحاني طرح هن جهڙوئي بي ايمان آهي، هو شايد سانت ۾، پنهنجي ضمير سان اڪيلو هوندي، پاڻ کان پڇي ٿو، ”مانُ ڇا آهي، ۽ ڇا رتوڇاڻ کي نندڻ تعصب نه آهي؟“

”شايد ماڻهو منهنجي برخلاف واڪو ڪن ته مان بيمار ذهنيت وارو آهيان ۽ وقلان ٻيو، ۽ مان پوائتي الزام تراشي پيو ڪريان، ته مان مبالغي کان ڪم پيو وٺان. ڀلي ائين چون، ۽ خدا ٿو ڄاڻي ته جي ائين هجي ته مان ٻهريون ماڻهو هوندس، جيڪو خوش ٿيندو! ڀلي مون تي ويساهه نه ڪريو، ڀلي مون کي بيمار ذهنيت وارو سمجهو، پر منهنجا لفظ ياد رکجو، جيڪي مان چوان ٿو، ان جي رڳو ڏهين پتي، رڳو ويهين پتي به حقيقت آهي ته پوءِ اها خوفناڪ آهي! ڏسو، اسان جا جوان ڪيئن نه آپگهات پيا ڪن، هئملٽ [1] واري انهيءَ سوال پڇڻ کان سواءِ ته اڳتي ڇا آهي: وٽن انهيءَ

[1] هئملٽ، ڊينمارڪ جو شهزادو، نالي شيڪسپيئر جي ناٽڪ جو سورمو.

سوال جو نالو نشان بہ ڪونهي جڻ تہ جيڪي ڪجهہ روح سان. يا قبر ڪان اڳتي اسان سان چا ٿيندو. تنهن سان واسطو رکي ٿو. سو سندن ذهنن تان گهٽو اڳ ميسارجي ۽ واريءَ ۾ اونهو پورجي چڪو آهي. اسان جي بدڪارين ڏانهن. اسان جي اوباشين ڏانهن ڏسو. انهن مان گهڻن جي پيٽ ۾ هن ڪيس جو بدنصيب شڪار، فيودورپالووچ، جهڙوڪ معصوم ٻار وانگر آهي. ۽ اسان سڀ هن ڪي سڃاڻيندا هئاسون. هن اسان سان ئي وقت گهاريو هو.

”هائو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن روس ۽ يورپ جا مکيہ ڏاها روس ۾ ٿيندڙ ڏوهن جي نفسيات جو اڀياس ڪندا. ڇو تہ اهو موضوع اهڙي اڀياس جي لائق آهي. پر اهو اڀياس اڳتي هلي آرام سان ڪيو ويندو. جڏهن اڄوڪي دور جي درناڪ اُبت سُبت گذري چڪي هوندي. تڏهن اهو اڀياس بي ريائي ۽ سوجهہ سان ٿي سگهندو. تنهن ڪان وڌيڪ جيترو مان ڪرڻ جهڙو آهيان. هاڻي اسان هجيا آهيون يا هجي وڃڻ جو مِنهنُ ڪندا آهيون. توڙي جو حقيقت ۾ اسان تماشي مان مزو پيا وٺندا آهيون. ۽ اهڙي زورائتي ۽ مستاني جذبات سان پيار ڪندا آهيون. جيڪا اسان جي پرواهہ ۽ لاڏ ڪوڏ سان نپايل آلسپڻي ڪي ڪتڪتائي ڪري. يا، ٻارن وانگر، اسان ڊيڄاريندڙ ڀوتن ڪي هٿ سان پري ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ پنهنجا متا وهاڻن هيٺان لڪائي انتظار ڪندا آهيون تہ اهي ڀوت ٽري وڃن تہ اسان پنهنجي راندين ۽ کيل تماشي ۾ شروع ٿيون. پر اسانتي لازم آهي تہ ڪنهن ڏينهن حياتي ڳنڀير سڃيتائيءَ سان شروع ڪريون ۽ پاڻکي هڪ سماج جي حصي طور ڏسون. وقت اچي ويو آهي تہ اسان پنهنجي سماجي حيثيت مان ڪجهہ پرائڻ جي ڪوشش ڪريون. يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ ڏس ۾ اڳتي وڌڻ شروع ڪريون.

”اڳين دور جو مهان ليکڪ [1] روس کي ڪنهن اڻچاتل ماڳ ڏانهن ڇوٻيري ڀڄندڙ تيز رفتار ٽروئيڪا[2] سان ڀيٽيندي، واکو ڪري ٿو. ”اڙي ٽروئيڪا، ٻگيءَ جهڙي ٽروئيڪا، توکي ڪنهن ايجاد ڪيو.“ ۽ فخر سان مستيءَ ۾ وڌيڪ چوي ٿو تہ ساري دنيا جا انسان، ادب ۽ احترام سان هٽي بيهو ۽ ڇڙواڳ ڀڄندڙ ٽروئيڪا کي لنگهي وڃڻ جو رستو ڏيو. ائين هجي تہ هجي. ڀل اهي پري ٿي بيهن، ادب ۽ احترام سان يا نہ. پر مون مسڪين جو خيال آهي تہ مهان ليکڪ پنهنجي ڪتاب جي اها پڄاڻي يا تہ ٻاراڻي ۽ اياڻي پُراميديءَ جي گهٽائيءَ ڪان يا وري سندس زماني واري

[1] مراد آهي گوگل (انگريزيءَ ترجمي جو فٽنوٽ) ان روسي ناول نگار جو سڄو نالو نکولائي وئسيليوچ گوگل ۽ زمانو 52 - 1809 هو.

[2] Troika: روسي ٻگي، جنهن کي ٽي گهوڙا ڪلهو ڪلهي سان ڪري ڇڪيندا هئا (س ن ح)

سينسرشپ جي دپ ڪان ڪٿي آهي. چا لاءِ تـہ ٽروئيڪا ڪي چڪينڊز سندس تيئي سورما سوباڪيوچ، نازدرائوف ۽ تتچ چيفخوف هئا تہ پوءِ اها ڪنهن بہ مناسب ماڳ تي ڪونہ پڄڻي هئي. ڪٿي ان جو هڪلينڊز ڪير بہ هجي. اهي سـورما اڳيـنءَ پيڙهيءَ مان هئا. اسان وارا پاڻ وڌيڪ ڪَسا آهن......."

اپولٽ ڪرلووچ جي تقرير اتي پڄـي تـہ تـاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو. ٽروئيڪا واري تشبيهہ واڪاڻي وئي هئي. تاڙين جو ٺهڪو ڪي پل ٿي هليو. ان ڪري صدر ماڻهن کي چتاءُ ڏيڻ ضروري نہ چاتو. ۽ رڳو تـاڙين وڄائيندڙن ڏانهن شوخيءَ مان ڏنائين. پر اپولٽ ڪرلووچ همتـائجي ويو. انهيءَ ڪان اڳ ڪنهن بہ هن ڪي تاڙيون وڄائي داد نہ ڏنو هو. هو ساري ڄمار ڪڏهن بہ ٻُڌو نہ ويو هو. ۽ هاڻ اوچتو ساري روس جا ڪن ڪيس ٻُڌي رهيا هئا.

"نيٺ بہ تہ هي ڪرامازوف ڪٽنب آهي چا، جنهن جي ساري روس اندر ايتري بدناموسي ٿي آهي؟" هن تقرير جو سڄو سوريندي چيو. "شايد مان وڌاءُ ڪري رهيو آهيان. پر مون کي لڳي ٿو تہ اڄ جي پڙهيل لکيل طبقي جا ڪي بنيادي ڳڻ ان ڪٽنب جي تصوير ۾ جهلڪن ٿا. ها، البت ننڍي پئماني تي جيئن پاڻيءَ جي ڦڙي ۾ سج جو اولڙو! اهو ناخوش، بدخصلت ۽ بي مهار پوڙهو، جيڪو ان ڪٽنب جو سرواڻ هو ۽ جنهنجو انت اهڙو دردناڪ ٿيو. تنهن بابت سوچيو. وڏو گهراڻو پر هين تي بار. سو غير متوقع شاديءَ وسيلي چڱيرڙي ڏن جو مالڪ بڻجي ٿو وڃي. هو هڪ خسيس نڱ، چاپلوس، مشڪرو ۽ چڱيءَ پر اسريل ذهانت رکندڙ شخص هو. جيڪو وياج تي اوڌرن ڏيڻ جو ڌنڌو ڪري جيئن پوءِ شاهوڪار ۽ بي ڊپو ٿيندو ويو. هن جا هٽ جوڙ ۽ چاپلوسيءَ وارا پرڪار الوپ ٿي ويا ۽ رڳو ڪيني ۽ ٺوڪ واري ڪَـلپُ وڃي رهيو. روحاني لحاظ کان هو پنتي پيل هو. جڏهن تہ منجهس جيئڻ جي سگهہ بي حساب هئي، هن حياتيءَ ۾ سواءِ نفس پرستيءَ جي ڪجهہ نتي ڏٺو. ۽ پنهنجي اولاد کي بہ اِن ئي رنگ ۾ نپائي وڏو ڪيائين. هڪ پيءُ تي اولاد ڏانهن جيڪي جوابداريون عائل آهن، تن جو ڪيس ڪو احساس ئي ڪونہ هو. هو انهن جوابدارين جو مذاق اڏائيندو هو. هن جا ننڍڙا ٻار نوڪرن ٻلي هئا. ۽ هو ڪانئن جان ڇڻڻ تي خوش هو. ۽ ڪين صفا وساري ڇڏيو هئائين. پوڙهي جو متو هو: مون ڪان پوءِ پلي ٻوڙان ٻوڙ ٿئي. هو شهري ذميواريءَ ۾ ڪوتاهيءَ جو سخت ۽ مريضاڻي خودغرضيءَ جو مثال هو. مان خوش هجان پوءِ پلي دنيا پئي سڙي رک ٿئي، مون کي پرواهہ ناهي. ۽ هو خوش هو، راضي هو. ويهہ ٽيهہ ورهيہ ٻيا بہ ساڳيءَ ريت جيئڻ جي سڌ هيس. هن پنهنجي پٽ ڪان ڪيس ماءُ ڪان ورثي مليل ڏوڪڙ نڳي ڪري ڦُري ورتا ۽ اهي پٽ جي سنگتياڻي کي ڏنارڻ

جي ٻلي ڪيا. نہ مان قيدي جي بچاءَ جي سموري ذميواري پنهنجي پيٽرسبرگ کان آيل وڪيل دوست تي ڇڏڻ نٿو چاهيان. مان اهو سچ پاڻ ٿي چوندس. مان سمجهي سگهان ٿو تہ هن پنهنجي پٽ جي دل ۾ پنهنجي خلاف ڪيتري ڪدورت سٽي ڇڏي هئي.

”ويچاري پوڙهي بابت بس ايترو ڪافي آهي، هو پنهنجو ڪيتو لوڙي چڪو آهي. اڇو تہ اهو ياد ڪريون تہ هو پيءُ بہ هو، اڄ جي پيئڙن جهڙو پيءُ، ڇا مان اهو چئي ناانصافي پيو ڪريان تہ هو هاڻوڪي زماني جي پيئڙن مان گهڻن جهڙو ئي هو؟ افسوس! منجهانئن گهڻا رڳو ان ڳالهہ ۾ مختلف آهن تہ هو کليو کلايو ڪلپ جو مظاهرو نٿا ڪن، ڇو تہ هو وڌيڪ پڙهيل ۽ مهذب آهن. پر هنن جي سوچ بنيادي طرح اها ساڳئي آهي، جهڙي هن جي هئي. شايد مان نراس وادي آهيان. پر توهان مون کي معاف ڪرڻ قبولي چڪا آهيو. اڇو تہ اها ڳالهہ اڳواٽ ئي مڃي وٺون تہ توهان کي مون تي ويساهہ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. پر مون کي ڳالهائڻ ڏيندا . سو مون کي جيڪي چوڻو آهي، چوڻ ڏيو، ۽ منهنجو چيل ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ياد رکجو.“

”هاڻي ان ڪٽنب جي سرواڻ جي اولاد جي ڳالهہ ڪجي. انهن مان هڪڙو قيديءَ جي صورت ۾ اسان جي سامهون موجود آهي: منهنجي باقي سڄي تقرير هن بابت ئي هوندي، ٻن ٻين جو مان رڳو سرسري ذڪر ئي ڪندس.

”انهن مان وڏو اڄ جي ٻين جوانن وانگر پڙهيل ڪڙهيل ۽ ذهين آهي. سندس ڪنهن شيءِ ۾ ويساهہ نہ رهيو آهي. هو پنهنجي پيءُ جيان اڳيئي گهڻو ڪجهہ رد ڪري چڪو آهي. اسان سيني هن کي ٻڌو آهي. هتان جي سوسائٽيءَ ۾ سندس آجيان ٿيندي هئي. هن پنهجا خيال ڪڏهن ڪونہ لڪايا.ان ڪري مان پاڻ کي هن بابت هڪ فرد طور نہ پر ڪرامازوف ڪٽنب جي ڀاتيءَ جي حيثيت ۾ ڪجهہ کلي ڳالهائڻ ۾ حق بجانب ٿو سمجهان. جيڪو ٻيو شخص هن ڪيس سان ويجهو لاڳاپو رکندڙ هو، سو ڪالهہ رات پنهنجي ئي هٿان مري چڪو آهي. منهنجي مراد ان آزاريل احمق سان آهي، جيڪو جيئري فيودور پاولووچ جو خاص نوڪر ۽ گهڻو ڪري سندس حرامي پٽ هو، يعني سميرڊياڪوف. شروعاتي پڇاڳاڇا ۾ هن مون کي اوچنگارون ڏيندي ٻڌايو هو تہ نوجوان ايون ڪرامازوف ڪيئن ڪيس پنهنجي روحاني گستاخيءَ سان ڊيڄاري ڇڏيو هو، هن جو چوڻ هو تہ دنيا ۾ هر ڳالهہ جائز آهي. ۽ آئنده ڪنهن بہ ڳالهہ جي منع نہ هئڻ کپي. هن مون کي سدائين اهو سيکاريو.“ منهنجي خيال ۾ هن احمق جي مٿي وڃائڻ ۾ ان نظريي جو وڏو هٿ هو، ايئن برابر آهي تہ هن کي جيڪي مرگهيءَ جا دورا پوندا هئا، تن ۽ هن آفت پڻ سندس حواسن جي چوڙ آلوڙڻ ۾ هٿ ونڊايو هوندو، پر هن جي واتان هڪ ڏاڍو مزيدار گفتو نڪتو هو، جيڪو هوند ڪنهن وڌيڪ

سياڻي ماڻهوءَ کي سونهين ها. ۽ مون ان ڪري ئي ان جو ذڪر ڪيو آهي: ”جيڪڏهن ڪو پٽ سيني کان وڌيڪ فيودورپاولووچ جهڙو آهي ته اهو ايون ڪرامازوف آهي.“

ان گفتي سان مان سندس ڪردار جو خاڪو پورو ٿو ڪريان، جو ته وڌيڪ ڪجهه چوڻ اسياويڪ ٿيندو. اوهه! مان جوان جي آئيندي بابت ڪي وڌيڪ نتيجا ڪڍڻ ۽ ڪانءَ وانگر ٽان ٽان نتو ڪرڻ گهران. اسان اڄ هن ڪورٽ ۾ مشاهدو ڪيو ته سندس جوان دل ۾ اڃا ڪي سٺا جذبا موجود آهن. هن جو هڏ اڃا ڪٽنب لاءِ ڪرڪي ٿو، ۽ ان جذبي کي سندس بيويساهي ۽ ڪلپ، جيڪي سندس پنهنجي خود مختيار سوچ جو نتيجو نه پر ورثي مليل وصف آهن، ختم نه ڪري سگهيا آهن.

”هاڻي اچو ٽئين ڀاءُ تي. هو دينڊار ۽ حليم طبع جوان آهي، جيڪو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي حياتيءَ بابت بُسي ۽ تباهه ڪندڙ نظريي ۾ ڀائيوار نه آهي. هن خلق جي خيالن، يا جيڪي ڏاهن جي ڪن حلقن ۾ ان نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو، تنهن سان چهٽيل رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو خانقاهه سان واڳيل رهيو، ۽ ذري گهٽ راهب ٿيڻ وارو هو. مون کي لڳي ٿو ته هن ان ڊنل نراسائيءَ کي، بنا ارادي جي، دغا ڏني آهي، جيڪا اسان جي ڏکويل سماج جي ڪيترن ئي ماڻهن جي رهبري ڪري ٿي، اهي ماڻهو ڪلپ ۽ ان جي ڪاريندڙ اثرات کان ٿهندا آهن ۽ سڄي شرارت جو ذميوار يورپ جي روشن خياليءَ کي سمجهڻ جي غلطي ڪندا آهن. اها نراسائي ڪين سندن اباڻي مٽيءَ ڏانهن يا جيئن هو پاڻ چوندا آهن، ڌرتي ماءُ جي، ائين ڪٺي چٺجي، ڇاتيءَ ڏانهن موٽائي وٺي ويندي آهي. جن جهور ماءُ جي سڪي ويل اُرهن تي هو ڊنل ٻارن وانگر ننڊ پئجڻ ۽ هميشه لاءِ سمهي رهڻ جي سڌ ڪندا آهن، ته جيئن انهن ڏهڪائن کان پاڻ بچائن جيڪي ڊيڃاريندا رهندا اٿن.“

”منهنجي دعا آهي ته اهو شاندار جوان هر ڪا ڪاميابي ماڻي: شل سندس جواني وارو آدرشواد ۽ خلق جي خيالن ڏانهن لاڙو پٺوٽا پئجي، جيئن اڪثر ڪري ٿيندو آهي، اخلاقي لحاظ کان بُسي تصوف ۽ سياسي لحاظ کان انڌي وطن پرستيءَ ۾ نه مٽجي وڃن. اهي به عناصر روس لاءِ وڏو خطرو آهن، تنهن خطري کان وڌيڪ جيڪو يورپي خيالن کي غلط سمجهڻ ۽ بيفائدي اختيار ڪرڻ سبب، ان کي وقت کان اڳ زوال جي صورت ۾ درپيش آهي ۽ جنهن زوال جو شڪار وڏو ڀاڻس ٿي چڪو آهي.“

وطن ۽ تصوف پرستيءَ جي ذڪر تي ٻن ٽن ماڻهن تاڙيون وڄايون. اپولٽ ڪرلووچ پاڻ پنهنجي خوشڪلاميءَ جي وهڪري ۾ وهي ويو هو. جيڪي هن هن وقت تائين چيو هو، تنهن جو هلندڙ ڪيس سان خير ڪو واسطو هو، ۽ اهو ڪي قدر اڻچٽو به هو: پر هن بيمار ۽ سلهه ۾ ورتل همراهه تي حياتيءَ ۾ هڪڙو ڀيرو پنهنجي ڳالهه

ڪرڻ جي خواهش جو غلبو هو. ماڻهن پوءِ چيو تہ هن ايون تي جا نڪتہ چيني ڪئي هئي، تنهن جا ڪي ٻيا اجوڳا سبب هئا. چو جو ايون هڪ ٻہ پيرا ڪانئس بحث ۾ ڪٽيو هو، ۽ اپولٽ ڪرلووچ هاڻ اهو ياد ڪندي بدلو وٺڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر مون کي ان انومان جي سچ هجڻ جي خبر ڪانهي. بهرحال اهو سڀ رڳو تعارفي نوعيت جو هو. ۽ پوءِ واري تقرير سڌيءَ طرح ڪيس سان لاڳاپيل مامرن بابت هئي.

"پر هاڻي سيني ڪان وڌي پاءُ ڏانهن موٽون ٿا." اپولٽ ڪرلووچ ڳالهائڻ جاري رکيو. "اهو پاءُ اسان جي آڏو قيديءَ جي شڪل ۾ موجود آهي. سندس سماجي جيوت ۽ ڪرت پڻ سامهون آهن. موتمار ڏينهن اچي ويو آهي، ۽ هر ڳالهہ مٿاڇري تي اچي چڪي آهي. جتي سندس ڀائر يوربيت ۽ خلق جي خيالن جي نمائندگي ڪندا نظر اچن ٿا، اتي هيءَ رشيا[1] جي جيئن اها آهي، نمائندگي ڪندو نظر اچي ٿو. اوهہ، پر ساري رشيا جي نہ، ساري رشيا جي نہ! ائين هجي تہ رب اسان جي حفاظت ڪري! هوءَ، اسان جي امڙ رشيا، پنهنجي بوءِ ۽ آواز سوڌي اسان وٽ هت آهي. هو پاڻ - مهاڙو آهي. نيڪيءَ ۽ بديءَ جو حيرت انگيز ميلاپ آهي، تهذيب ۽ شلر[2] جو چاهيندڙ آهي، تڏهن بہ گٽن ۾ ڏمچر مچائي ٿو ۽ پنهنجن گهاٽن يارن جي ڏاڙهين جا وار پٽي ٿو. ۽ ها، هو سنو ۽ وڙائتو بہ آهي، پر تڏهن جڏهن ساڻس سڀڪجهہ نيڪ ناڪ هجي. اتم آدرش ڪيس اتساهيندا، تمام گهڻو اتساهيندا آهن، پر تڏهن جڏهن اهي پنهنجو پاڻ اچن، تڏهن جڏهن اهي آسمان مان ڪرن، تڏهن جڏهن انهن لاءِ ڏوڪڙ نہ ڏيڻا پون. کيس ڏوڪڙ ڏيڻ ڪو نہ وڻي، پر وٺڻ جو وڏو شوق اٿس. هو هر معاملي ۾ ائين آهي. هن کي هر ڪا شئي کپي (ان ڪان گهٽ تي راضي نہ ٿيندو) ۽ سندس واٽ ۾ ڪائي رنڊڪ نہ وجهو تہ هو بہ وڙائتو ٿي ڏيکاريندو. هو لالچي ناهي، بنهہ نہ: پر کيس ڏوڪڙ کپن، چڱا چوکا ڏوڪڙ، ۽ توهان ڏسندا تہ هو اهي سڀ ڪيتري نہ درياهہ دليءَ سان، انهيءَ ڪني بڇڙي شئي کي ڪيتري نہ حقارت سان، هڪڙي رات جي الوٽ عياشيءَ ۾ اُڏائي ڇڏي ٿو. پر جي ڏوڪڙ نہ هوندس تہ اهي ڏاڍي گهرج مهل هٿ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو. پر اهو سڀ پوءِ: اچو تہ واقعن کي ترتيب وار وٺون.

"پهرين پهرين اسان آڏو هڪڙو ويچارو نڌڻڪو ٻار آهي، جيڪو پوئين اڱڻ ۾، جيئن افسوس تہ اسان جي پرڏيهہ کان آيل لائق هموطن هينئر هينئر چيو، پيرين

[1] سنڌيءَ ۾ روس مذڪر آهي. جيئن تہ ان ڀيرا ۾ ان کي امڙ سڏيو ويو آهي، ان ڪري هت ملڪ جو انگريزي نالو Russia يعني رشيا، جيڪو مؤنث آهي، ڏنو ويو آهي (س ن ح)

[2] جوهان ڪرسٽوف فريڊرخ وان شلر (1805-1759ع: جرمن ناٽڪ نويس، غنائي شاعر ۽ تاريخ نويس. (س ن ح)

اگهاڙو ڊوڙندو ٿو وتي. مان وري جوان ٿو تہ مان ڏوهيءَ جي بچاءَ ۾ اڳيرو رهندس. مان هت ڪيس ڏوهہ ڏيڻ لاءِ آهيان ۽ سندس بچاءَ لاءِ پڻ. ها، مان پڻ انسان آهيان، مان پڻ سياءَ تي، ڪردار تي، گهر ۽ ٻاروتڻ جي اثر جي ساجهہ رکي سگهان ٿو. پر ٻار وڏو ٿي آفيسر ٿئي ٿو، غيرت وگهي دوبدو لڙائيءَ ۾ ٻي ڪڏي ڪرت تان روسي سرحد وٽ هڪڙي ڏورانهين ڳوٺ ڏانهن تڙيو وڃي ٿو. اتي آفيسر جي حيثيت ۾ ڇڙواڳ حياتي گذاري ٿو. ۽ ها، ڪيس ڏوڪڙ کپن، سيني کان اڳ ڏوڪڙ، سو وڏي هڻ هٽان ڪانپوءِ پيءُ سان نبيرو ڪري ٿو، ۽ پڇاڙيءَ وارا ڇهہ هزار ڪيس اُماڻيا وڃن ٿا. اهڙو خط موجود آهي، جنهن ۾ هن عملي طرح باقي حساب ڪتاب تان هٿ ڪٽي ڇڏيو آهي، ۽ انهن ڇهن هزارن ملڻ تي پيءُ سان ورثي جي معاملي ۾ تڪرار نبيري ڇڏيو آهي.

"پوءِ اچي ٿي هن جي هڪ اعليٰ ڪردار رکندڙ ۽ عاليشان تعليم ورتل جوان ڇوڪريءَ سان ملاقات. نہ نہ مان تفصيل ۾ ڪو نہ ويندس، جو توهان اهو ساجهر ٻڌي چڪا آهيو. ان ۾ ايمان ۽ پاڻ گهورڻ جو ذڪر بہ آيو هو، سو مان چپ رهندس. هڪ هلڪڙي ۽ لچي آفيسر جو سچي عالي ظرفيءَ ۽ اتم آدرش کي مان ڏيڻ همدرداڻي روشنيءَ ۾ ڏيکاريو ويو. پر سُتت پوءِ هن ئي ڪورٽ ۾ اسان تمغي جو ٻيو پاسو ڏٺو. مان وري بہ انهيءَ اندازي لڳائڻ جي ڪوشش آدم نہ ڪندس تہ ائين ڇو ٿيو، پر ان جا سبب هئا. ساڳي خاتون، گهڻي وقت کان پيتل ڪاوڙ جا ڳوڙها ڳاڙيندي، تهمت رکي تہ ٻئي ڪنهن نہ پر هن شخص ئي ڪيس سندس عمل تان تڇ ڇاتو هو، جيڪو عمل غير محتاط ۽ شايد لاپرواهہ هوندي بہ اتم ۽ وڙائتي مقصد سان ڪيل هو. هن، هن پنهنجيءَ مڱ کي اهڙي تہ ننول ڪندڙ مرڪ سان ڏٺو هو، جو اها ڪنهن ٻئي جي نہ پر هن جي هٺ ڪري ڏاڍي اٿسهائيندڙ هئي. ۽ اهو ڄاڻندي بہ ڪيس اڳيئي دوکو ڏيئي چڪو هو (هن ڪيس دوکو ڏنو هو جو ڪيس ويساهہ هو تہ هوءَ سندس هر ڳالهہ، ويندي دغا بہ، سهي ويندي)، ڪيس ڄاڻي واڻي ٽي هزار روبل آڇيا، ۽ ڪيس چٽيءَ طرح، حد کان وڌيڪ چٽيءَ طرح، اشارو ڏنو هو تہ هوءَ ڏوڪڙ ڏيئي رهي هئي تہ پلي ڪيس دوکو ڏي: چئو، ونين ٿو يا نہ. ڪو شرم حيا بہ اٿئي يا نہ؟ سندس قولهيندڙ اکين ۾ اهو گونگو سوال هو. هن ڏانهس نهاريو، صاف ڏنائين تہ سندس ذهن ۾ ڇا هو (هن پاڻ هت اوهان جي اڳيان مڃيو آهي تہ سڀ سمجهيائين ٿي) پوءِ بہ هن اهي ٽئي هزار بنا ڪنهن شرط جي ورتا، ۽ پنهنجي نئين پرينءَ سان گڏجي ٻن ڏينهن ۾ اُڏائي ڇڏيا."

"پوءِ اسان ڇا وسهون؟ تنهن جوان آفيسر جي ڏند ڪتا، جنهن سخاوت جي اتم جوش ۾ پنهنجي پڇاڙڪي پونجي بہ قربان ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن پوتيءَ پاڪ جو

سنمان ڪيو، يا هيءَ ٻجهان ڏياريندڙ رُخ؟ قاعدي موجب، ٻن ڇيهن جو وچ ونبو آهي. پر موجوده مامري ۾ اهو صحيح نه ٿيندو. امڪان اهو آهي ته هُو ٻهرين عمل ۾ به سچو اُتم هو، ۽ ٻئي ۾ به ٽيترو ئي سچو نيچ هو، ۽ ڇو؟ ڇاڪاڻ ته هُو ٿُلهي ليکي ڪرامازوف سُڀاءَ وارو— ۽ مان اهو ٻُڌائڻ چاهيان ٿو— هو. يعني چوٽيءَ تي پهچڻ جوڳو به ۽ تري ۾ ڪرڻ جوڳو به هو. هڪ اهڙي جُوان جو تُز گفتو ياد ڏيارئانوَ ٿو، جنهن ڪرامازوف ڪٽنب جو ويجهائيءَ کان مشاهدو ڪيو آهي، يعني مسٽر رَڪيتن: انهن بيپرواهه ۽ اواڳ سُڀاءَ وارن لاءِ سندن بيمانائيءَ جو احساس به ايترو ئي لازمي آهي، جيترو وڏ- وڙائپ جو، اِهو بلڪل صحيح آهي، ڪين اهو غير فطري گاڏوڙ لڳاتار گهرجي. هڪ ئي وقت ٻئي ڇيهه، نه ته هُو ڏجهارا ۽ غير مطمئن رهندا ۽ سندن جيوت اڻپوري. هُو وسيع آهن، اهڙا وسيع جهڙي امڙ رشيا. هُو هر شيءِ پاڻ ۾ سمائن ٿا، ۽ هر شيءِ سان نباءُ ڪن ٿا.

"جيوريءَ جا صاحبو، جيئن ته ٽن هزار روبلن جي ڳالهه نڪتي آهي، سو مان ٿوري اڳ-ڪٿ جو جتن ڪندس. ڇا توهان سوچي سگهو ٿا ته هن جهڙو ماڻهو، جنهن اها رقم اهڙي نموني، ايترو بيعزت، ايترو بيمانو ۽ ايترو ذليل ٿي هٿ ڪئي هجي، سو اُن جو اڌ ساڳي ڏينهن الڳ ڪري، هڪ ننڍڙي ڳوٿريءَ ۾ سبي، سڄو سارو مهينو پاڻ سان ڪٽي هليو هوندو، ۽ هزار هرڪجڻ ۽ لوڙ جي باوجود اها ڳوٿري نه کولي هونداڻين، تڏهن به نه جڏهن گتن اندر پيالا چاڙهي عياشي ٿي ڪيائين ۽ تڏهن به نه، جڏهن پنهنجي پريتما کي پنهنجي پيءُ جي چڙهت کان پري وني وڃڻ ڪاڻ ضرور گهربل رقم خدا ڄاڻي ڪنهن کان ونڻ لاءِ ڳوٺ پڳو هوندو؟ آخر ڇو، جڏهن ته هو ڳوٿري کولي ان ۾ پيل رقم سان پنهنجي پريتما کي رقيب کان بچائي ٿي سگهيو، رقيب به اهو، جنهن کان هو سخت بدگمان هو. ائين ڪري ها ته ڪيس ڏوڪڙ هٿ ڪرڻ لاءِ ڳوٺ نه وڃڻو پوي ها، ۽ هو گهر ۾ رهي پريتما جي چوڪسي رکي سگهي ها- تيستائين، جيستائين هوءَ کيس چوي ها، "مان تنهنجي آهيان." ۽ هو کيس وٺي اهڙي موتمار ماحول کان تمام پري هليو وڃي ها."

"نه، هن پنهنجي اِن ڪرشماتي ڳوٿريءَ کي هٿ نه لاتو، ۽ ائين ڪرڻ جو سبب ڪهڙو ٿو ٻُڌائي؟ مکيه سبب، جيئن مون هينئر هينئر چيو، هيءُ هو ته جڏهن هوءَ چوي 'مان تنهنجي آهيان، مون کي جيڏانهن وڻئي تيڏانهن وني هل،' تڏهن وٽس کيس وني وڃڻ سارو خرچ پڪو هجي. پر قيديءَ جا پنهنجا لفظ آهن ته اِهو پهريون سبب ايترو وزن وارو نه هو، جيترو ڪ ٻيو. هن جو چوڻ آهي ته جيستائين اها رقم وٽس هوندي، تيستائين هو چور نه پر بدمعاش رهندو، ڇوته هُو جڏهن چاهي، پنهنجي هَٿ ڪيل مَڱَ وٺ وڃي سگهي ٿو ۽ ڪاٽس نڳيءَ سان ورتل رقم جو اڌ سندس آڏو

پَٽ تي رکي ڇٽي سگهي ٿو. ”مون تـو وارا اڌ ڏوڪڙ ڪپـائي ڇڏيا آهن، ۽ ڏيـڪـاريو اٿم تـ مان ڪمزور، ۽ بدڪردار ماڻهو ۽ بيشڪ بدمعاش آهيان. (خيال رهي تـ مـان قيديءَ جا پنهنجا لفظ پيـو ورجايا) . بدمعـاش برابـر آهيـان، پـر چـور ناهيـان. هيءَ اڌ رقم بـ موٽائڻ نـ اچان ها ۽ جيئن باقي اڌ ڪنئي اٿم، تيئن هيءَ بـ ڪٽي ڇڏيان ها!‘ زبردست وضاحت! هيءُ مست پر ڪمزور شخص، جيڪو ٽي هزار روبل ايتري بيعزتـيءَ سان وٺڻ تـي هرڪجي ويـو هـو. ان ساڳي مـاڻهوءَ ۾ اوچتـو ئي اوچتـو ايتري نرموهي پختائي اچي ٿي وڃي جو هـو هزار روبـل پـاڻ سـان گهمـائيندو رهي ٿـو، پـر انهـن کي ڇُـهڻ جو ست نٿو ساري. جنهن سياءَ جو اسان ڇيد ڪري رهيا آهيون، ڇا هيءُ ان سـان پـورو پـورو نهڪي اچي ٿـو؟ نـ، ۽ مـان توهـان کي اهـو ٻڌائـڻ جـو جتـن ڪنـدس تـ جيڪڏهن اصل دمتري ڪرامازوف پاڻ کي ڏوڪڙ سنڀالي رکڻ تي آمادو ڪري ها تـ هو انهن حالتن ۾ ڇا ڪري ها.“

”پهرين هـرڪاءَ تي: مثال طور، جنهن عورت جي سنگت ۾ هن اڌ رقم اڳيئي اُڏائي ڇڏي هُـئي، تنهـن جي ونـدر ورونهـن ۽ ڪـائڻ پيئـڻ لاءِ هُــو ڳوٺـري کولي سئو جو نـوٽ ڪڍي ها، ڇوتـ جهڙي اڌ رقم يعني پنڌرهن سو روبل موٽائڻا، تهڙا ڇوڏهن سئو ڇو نـ؟ هُـو تڏهن بـ اهوئـي ڇٽي پئـي سگهيو تـ هُـو چـور نـاهي ڇوتـ چوڏهـن سـئو روبـل آنـدا اٿائين. ٻئي ڀيري وري هو ڳوٿري کولي ها، ٻيو سئو جو نوٽ ڪڍي ها ۽ ٽيـن ڀيري بـ، ۽ چوٿين ڀيري بـ، تان جو باقي وڃي هڪڙو سئو رهي ها ۽ سوچي هـا تـ رڳـو هـڪ سئو موٽائڻ بـ ڪم اچي سگهي ٿو، ڇوتـ چور تـ سڄي جي سڄي روڪڙ چورائيندو، ۽ پوءِ هـو سئو جي انهيءَ پوئين نوٽ کي ڏسي پنهنجي منهن چوي ها، ’رڳو سوءُ موٽـائي ڏيـڻ نهي نٿو، ڇگو آ تـ اهو پڻ ڪپائي ڇڏيان!‘ جنهن اصـل دمتـري ڪرامـازوف کـان اسـان واقـف آهيون، سو بلڪل ائين ڪري ها. ان ننڍڙي ڳوٿـريءَ جي ڏنـد ڪتـا کـان وڌيـڪ حقيقت سان نـ نهڪندڙ ڳالهـ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. ان کـان وڌيـڪ تصور کـان ٻـاهر ڪجهـ ٿي ئي نٿو سگهي. پر ان ڳالهـ جو ذڪر اڳتي هلي ٿيندو.“

ڪاروائيءَ دوران پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ مالي لاڳاپن بابت جيڪو ظـاهر ٿيـو هـو، تنهن جو سرسري ذڪر ڪندي، اپولٽ ڪرلووچ وري وري اهو نڪتو اُڀاريو تـ معلوم حقيقتن جي آڌار تي اهو فيصلو ڪرڻ ناممڪن آهي تـ ڪير غلطيءَ تي هو. تنهن کـان پوءِ هُـو مـتيا جي مغز ۾ ويـنل انهيءَ خيال تـ هُـن پيءُ کان ٽي هزار لهڻا هُـئا، تنهن بابت ڊاڪٽرن جي ساک تي آيو.

باب ستون

# تاريخي جائزو

”ڊاڪٽرن اسان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ قيديءَ جو دماغ جاءِ تي ناهي ۽ در حقيقت هو جنوني آهي. مان انهيءَ راءِ جو آهيان تہ هن جو دماغ صحيح آهي ۽ جي نہ هُجي ها تہ هُو وڏيڪ چالاڪي ڏيکاري ها. اهو تہ هو جنوني آهي، تنهن سان مان البت متفق آهيان، پر فقط هڪڙي ڳالھ ۾، سا اها آهي تہ هن جي مغز ۾ جيڪو ٿن هزارن وارو خيال ويٺل آهي. ان خيال جو سبب سندس پاڳلپڻي واري لاڙي کان وڏيڪ ڪو بيو بہ ٿي سگهي ٿو. جيستائين منهنجو لاڳاپو آهي تہ مان نوجوان ڊاڪٽر جي انهيءَ راءِ ۾ شامل آهيان تہ قيديءَ جون ذهني صلاحيتون هميشہ نارمل رهيون آهن، البت هُو چڙ ۽ ڪاوڙ سان پريل رهيو آهي. قيديءَ جي لاڳيتي ۽ ڏاڍاري ڪاوڙ جو سبب اِها رقم نہ آهي، پر ان جي پويان هڪ خاص ڪارڻ هو، اهو ڪارڻ هو رقابت!“

اِتي اپولٽ ڪرلووچ تفصيل سان قيديءَ جي گروشينڪا سان موتمار عشق جو ورنن ڪيو. هُن اُتان شروع ڪيو، جڏهن قيدي ”جوانڙيءَ جي گهر تي ڪيس مار ڏيڻ ويو.“ ”مان سندس پنهنجا لفظ پيو ورجايان.“ سرڪاري وڪيل وضاحت ڪئي، ”پر ڇوڪريءَ کي مار ڏيڻ جي بدران سندس پيرن ۾ ويهي رهيو. اِها هن جي عشق جي ابتدا هئي. ساڳي وقت قيديءَ جو پيءُ پڻ ان جوانڙيءَ تي اکن ڇڪن تي پيو. هڪ عجيب ۽ موتمار اتفاق، ڇو جو ٻئي همراھ هڪ ئي وقت ڪيس دل ڏيئي وينا هئا، توڙي جو هُوءَ سندن اڳي کان ڏٺل هُئي. وينگس ٻنهي ۾ اهڙو تہ زور آور نينهن جاڳايو، جهڙو ڪرامازوفن ۾ ئي جاڳي سگهي ٿو. هُنَ پاڻ مڃيو آهي: ’مان ٻنهي تي کِلندي هُيس.‘ اوچتو ڪيس هنن جي مذاق بنائڻ جي خواهش ٿي، سو هن ٻنهي کي هڪدم فتح ڪري ورتو. ڪراڙو هو تہ ناڻي جو پوڄاري، تڏهن بہ ان ئي وقت ڪيس ٽي هزار روبل ڏيڻا ڪيائين، پر جلد ئي هو اِن تي بہ خوش هو تہ جي هوءَ ساڻس پرڻجي تہ هوند هو پنهنجي ساري ملڪيت ۽ نالو سندس قدمن ۾ رکي. اسان وٽ ان ڳالھ جي چڱي ثابتي آهي ۽ قيدي، سندس ڪم بختي ظاهر آهي، اسان جي آڏو آهي. پر جوانڙيءَ جي ’راند‘ اِهائي تہ هُئي. جادوگرياڻيءَ هِن اپاڄي جوان کي ڪا آس اُميد ڪانہ ڏياري، تان جو هُو آخري وقت تي وٽس وڃي گوڏا کوڙي ۽ هٿ، جيڪي پڻس ۽ رقيب جي رت سان رڱيل هئا، ڊگهيري ويهي رهيو. کيس اِن حالت ۾ ئي پڪڙيو ويو. جوانڙيءَ کي اهڙو پڇتاءُ ٿيو، جو سندس پڪڙجڻ وقت واڪو ڪري چيائين، ’مون کي بہ هن سان گڏ سائبيريا موڪليو، ساڻس هيءَ ويڏن منهنجي ڪري ٿي آهي. اِن جو ڏوھ مون کي ڏيو.‘

”جنهن ٻهڳڻي جوان جو حوالو مون اڳ ڏنو. يعني مسٽر ريڪيٽن. تنهن هن سورميءَ جي ڪردار نگاري مختصر پر اثرائتن لفظن ۾ ڪئي آهي. ’سندس خوشفهميون حياتيءَ ۾ جلد ئي دور ٿي ويون هيون. جو سندس مگيندو ڪيس ريهڻ ريبڻ کان پوءِ ڇڏي هليو ويو هو. ڪيس غربت ۾ ڇڏيو ويو هو. سندس عزت واري ڪٽنب ڪيس پٺون پاراتا ٿي ڏنا. ۽ هوءَ هڪ پوڙهي شاهوڪار جي پناه ۾ اچي وئي هُئي. جنهن کي هوءَ هاڻي پنهنجو مُحسن سمجهي ٿي. سندس جوان دل ۾ گهٽي ڇڳائي هئي. پر اها سوير ئي ڪڙاڻ جي ور چڙهي وئي هُئي. هُن دور انديشيءَ کان ڪم وٺندي ڏوڪڙ بچائڻ شروع ڪيا. هُن جي سماج جي برخلاف ڇتر ۽ ڇڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندي وئي.‘ سندس ڪردار جي هِن خاڪي جي آڌار تي اِهو سمجهي سگهجي ٿو ته هوءَ ٻنهي ڄڻن تي شرارت وچان. ساڙ وچان ڪلي سگهي ٿي.“

”بي فائدي عشق ۽ اخلاقي ابتريءَ جو مهينو. جنهن دوران اسان جي قيديءَ پنهنجي مَنگَ کي دوکو ڏنو ۽ هن پاران امانت طور سونپيل رقم کائي ويو. تنهن آخرڪار سندس اِها حالت ڪئي جو هو ڇتو. مُسلسل رقابت وگهي اصل چريو ٿي پيو. رقابت ٻه ڪنهن سان يعني پنهنجي پيءُ سان! ۽ وڏيڪ خراب ڳالهه هيءَ هُئي ته پاڳل پوڙهو پُٽ جي پريمڪا کي انهن ٽن هزار روبلن جي ٻل تي ريبي ۽ ڏُتاري رهيو هو. جيڪي پُٽ ماءُ کان مليل ورثي جو حصو سمجهندي پنهنجي ملڪيت ٿي ڄاتا ۽ جيڪي ڪانئس پٽس نگي رهيو هو. هائو. مان مڃان ٿو ته اِهو سڀ برداشت کان ٻاهر هو! اهو ماڻهوءَ کي چريائپ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿو. ڳالهه رقم جي نه هئي، پر اِن حقيقت جي هئي ته ان رقم کي ايتري بچان ڏيارينڊڙ بيدرديءَ سان سندس خوشيءَ کي برباد ڪرڻ تي خرچ ڪيو ٿي ويو.“

پوءِ سرڪاري وڪيل اهو بيان ڪيو ته پيءُ کي مارڻ جو خيال قيديءَ جي دماغ ۾ ڪيئن آيو هو. پنهنجي انهيءَ نظريي جي فائدي ۾ حقيقي مثال ڏنائين.

”شروع شروع ۾ هُن اِها ڳالهه رڳو گُٽن ۾ ڪئي— هو سڄو مهينو اها ڳالهه ڪندو رهيو. هو ڪچهريءَ جو ڪوڏيو آهي ۽ پنهنجن سنگتين ساٿين کان ڪا به ڳالهه نه لڪائيندو آهي، ويندي ڪين پنهنجا خطرناڪ شيطاني خيال به ٻڌائي ڇڏيندو آهي، هو ٻين کي پنهنجن خيالن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ جو شوقين آهي. ۽ ڪنهن سبب جي ڪري اها آس رکندو آهي ته جن کي هو پنهنجو اندر ڏي ٿو. سي ساڻس همدردي ڪندا. سندس سيني اهنجن ۽ اُلڪن جو احساس ڌاريندا. سندس پاسو کڻندا. ۽ ڪنهن ڳالهه ۾ سندس مخالفت نه ڪندا. جيڪڏهن هو ائين نه ڪن ته هو ٽپي باهه تي گتي جا ٽپڙ پچڻ لڳندو آهي. (ان کان پوءِ ڪئپٽن سنگريوف واري واقعي جو ذڪر آيو.) جن قيديءَ کي ٻڌو،

تن نيٺ اهو سوچڻ شروع ڪيو ته متان هن جي نيت ڏمڪين ڪان وڌيڪ جي هجي، ۽ ايڏي ڄڙ دڙڪن کي ڪاروائيءَ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي.“

اتي سرڪاري وڪيل خانقاهه ۾ ڪتنبن جي گڏجاڻيءَ جو، اليوشا سان تيل ڳالهه ٻولهه جو، ۽ ويڙهاند جي ان پوائتي ڏيک جو ذڪر ڪيو، جڏهن قيدي مانيءَ کان پوءِ پيءُ جي گهر ۾ ڪاهي پيو هو.

”مان اهو يقين سان نٿو چئي سگهان.“ سرڪاري وڪيل تقرير جاري رکندي چيو، ”ته قيدي انهيءَ واقعي کان اڳ پيءُ کي مارڻ جو ارادو ڪري چڪو هو. بهرحال، اهو خيال ڪيس ڪيترائي پيرا آيو هو، ۽ هن ان بابت ويچاريو هو. ان لاءِ اسان وٽ حقيقتون آهن، شاهد آهن ۽ سندس پنهنجا لفظ آهن. جيوريءَ جا صاحبو، مان باسيان ٿو،“ هن وڌيڪ چيو، ”ته اجوڪي ڏينهن کان اڳ مان ٻـڌتر ۾ هوس ته قيديءَ سان اڳ - ويچار منسوب ڪجي يا نه. مون کي اها ته پڪ هئي ته هن موتمار گهڙيءَ جو تصور ڪيو هو، پر فقط اهو تصور ئي هو، جنهن تي هن هڪ امڪان طور ويچار ڪيو هو. هن پڪيءَ طرح اهو نه سوچيو هو ته ڪڏهن ۽ ڪيئن ڏوهه ڪندو.“

”پر مان ته اڄ تائين ٻڌتر ۾ هوس، تيستائين جيستائين اهو خوني خط ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيو هو. توهان پاڻ جوان خاتون کي اهو چوندي ٻڌو ”اها رٿ آهي، خون جو پروگرام!“ اجهو ائين هن دکي قيديءَ جي ڏجهاري، نشي ۾ لکيل خط جو ورنن ڪيو. ۽ حقيقت ۾، انهيءَ خط مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته خون جي سڄي ڪاروائي اڳ - رٿيل هئي. خط به ڏينهن اڳ لکيو ويو هو، ۽ هاڻ اسان کي اهو حقيقت طور معلوم آهي ته قيديءَ پنهنجي خوفناڪ ارادي تي عمل ڪان انيتاليهه ڪلاڪ اڳ قسم کنيو هو ته جيئن ئي ايون گهران هليو ويندو، تيئن ئي هو پيءُکي ماري سندس وهاڻي هيٺان رکيل نوٽن وارو لفافو تڳائيندو. توهان ٻڌو: سو هن هر ڳالهه تکي توري سٺ سٺي هئي، ۽ ان تي ائين ئي عمل ڪيائين، جيئن لکيو هئائين. اڳ - ويچار جي ثابتي پڪي آهي: ڏوهه لازمي طرح ڏوڪڙن لاءِ ئي ڪيو ويو هوندو. اهو چٽيءَ طرح چيل آهي، اهو لکيت ۾ صحيح سان آهي. قيدي پنهنجي صحيح کان انڪار ڪونه ٿو ڪري.

”مون کي ٻڌايو ويندو ته قيديءَ جڏهن خط لکيو، تڏهن هو نشي ۾ هو. پر ان سان خط جو ملهه گهٽ ڪونه ٿو ٿئي. ماڳهين پاڻ وڌي ٿو. جيڪي هن نشي ۾ نه هوندي رٿيو، اهو هن نشي ۾ هوندي لکيو. جيڪڏهن نشي ۾ نه هوندي نه رٿي ها، ته نشي ۾ هوندي اها لکيت ۾ نه آڻي ها. مون کان پڇيو ويندو ته پوءِ هُن ان بابت گُـتن ۾ چو ڳالهايو؟ جيڪو ماڻهو اهڙو ڏوهه اڳ - ويچاري ٿو، سو ماٺ رهندي ان کي پاڻ تائين رکي ٿو. برابر، پر هن ان بابت رٿ رٿڻ کان اڳ ڳالهايو هو، تڏهن جڏهن هن ان

جي خواهش ڪئي، رڳو ائين ڪرڻ چاهيو هو. تنهن ڪان پوءِ هن ان بابت گهڻ ڳالهايو. جنهن پوياڙيءَ جو هن "ميٽرو پولس" ڳتي ۾ اهو خط لکيو، تنهن پوياڙيءَ جو هو، پنهنجي عادت جي اُبتڙ، ماٺ ۾ رهيو، توڙي جو هو پي رهيو هو. پيو تہ نهيو، هو بليئرڊ راند بہ ڪونہ کيڏيو، ڪنڊ ۾ ويٺو رهيو، ڪنهن سان ڪونہ پئي ڳالهايائين. اهو برابر آهي تہ هن ڪنهن بئي کي سندس جاءِ تان اٿاري ڇڏيو هو، پر ائين هن بيخياليءَ ۾ ڪيو هو، ڇو تہ هو ڳتي ۾ گهڙڻ سان ڪونہ ڪو بکيڙو ضرور ڪندو هو. اهو سچ آهي تہ آخري فيصلي ڪان پوءِ کيس ضرور انديشو ٿيو هوندو تہ هن پنهنجي ارادي بابت اڳواٽ حد کان وڌيڪ ڳالهايو هو، متان ان جي ڪري پوءِ هو پڪڙجي پوي ۽ متس ڪيس هلي. پر هاڻي ڇا پئي ٿي سگهيو. هو پنهنجا ڳالهايل لفظ موٽائي تہ نہ پئي سگهيو، پر نصيب اڳ بہ يا وري ڪئي هيس، هاڻي بہ ڪندو، ڪيس پنهنجي بُرج ۾ ويساهہ هو. مان اهو بہ مڃان ٿو تہ هن آخري آفت کي ٽارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. "سڀاڻي مان ڪنهن نہ ڪنهن ڪان اوڌر وٺڻ جو جتن ڪندس، ۽ جي نہ ملي تہ رتوڇاڻ ٿيندي."

اتي اپولٽ ڪردووچ تفصيل سان اُهي جتن بيان ڪيا، جيڪي متيا ڏوڪڙ اُڌارا وٺڻ لاءِ ڪيا هئا. هن قيديءَ جي سئمسانوف سان ملڻ ۽ ليا گوئيءَ وڃڻ جو ذڪر ڪيو. "کيس تنگ ڪيو ويو، متس ڇٽرون ڪيون ويون، هو بکن ۾ باهہ ٿيو، ۽ سفر جي خرچ پکي لاءِ پنهنجي واچ وڪيائين (توڙي جو وٽس، سندس چوڻ موجب، پندرهن سو روبل هئا: آهي نہ مجڻ جهڙي ڳالهہ!) ۽ موٽي آيو. سچو وقت کيس اهو اُلڪو ستائيندو رهيو تہ هي جو هو پنهنجي پريمڪا کي شهر ۾ ڇڏي پاڻ هليو ويو هو، سو متان هوءَ سندس غيرحاضريءَ ۾ فيودور پاولووچ ڏانهن نہ هلي وئي هجي. پو موٽي اچي اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو تہ هوءَ سندس پيءَ جي ويجهو بہ نہ وئي هئي. هو ساڻس گڏجي سندس سرپرست وٽ ويو (عجيب ڳالهہ آهي تہ کيس سئمسانوف سان رقابت ڪا نہ هئي، جا ڳالهہ نفسياتي لحاظ کان دلچسپ آهي). پوءِ هو تڪڙو تڪڙو پنيري باغ ۾ وڃي ويٺو. جتي کيس خبر پئي تہ سميرديا ڪوف کي دورو پيو آهي ۽ ٻيو نوڪر ڇاڪ ناهي. ميدان صاف آهي، کيس ڏسن جو پتو آهي. ڪيڏي نہ هرڪائيندڙ ڳالهہ آهي!پر هو ڪجهي نٿو: هو هڪڙي خاتون ڏانهن وڃي ٿو، جيڪا ڪافي وقت کان شهر ۾ ترسيل آهي، ۽ جنهن جي اسان وڏي عزت ڪندا آهيون. يعني مادام هلاڪوف هو. هيءَ خاتون اسان جي قيديءَ جي جيوت تي ڪهل واري نظر رکندي آئي هئي. هوءَ کيس ڏاڍي سهڻي صلاح ڏي ٿي تہ عياشي ڇڏي ڏي، بي فيض عشق تان هٿ کڻي ڇڏ، گتن اندر ويچار ۾ پنهنجي حياتي ۽ سگهہ برباد نہ ڪري. سائيبريا وڃي سون جي

ڪاٹين تي ڪم ڪري: ”ائين ڪندين تہ تنهنجي وڳوڙي سگهہ، روماني سياءُ ۽ ايڊونچر لاءِ اُڃ جي تسڪين ٿيندي!“

اها ڳالهہ ڪري ايولٽ ڪردووچ ٻڌايو تہ جڏهن قيديءَ کي خبر پئي تہ گروشينڪا سامسانوف وٽ ڪونہ ترسي هئي تہ رقابت جي ماريل، ٺڪ ڪان چور، اياڳي انسان کي اڃي آنڌ مانڌ ورايو تہ هوءَ ڪيس دوکو ڏيندي ضرور سندس پيءُ وٽ وڃي ويٺي هوندي. اهو ٻڌائي سرڪاري وڪيل قضا جي موتمار هجڻ تي ڳالهہ پوري ڪئي. ”جيڪڏهن نوڪرياٽي ڪيس ٻڌائي ها تہ سائنڻ پنهنجي اڳوٹي چاهيندڙ وٽ موڪروءَ ويل هئي تہ ڪجهہ بہ نہ ٿئي ها، پر نوڪرياٽيءَ جي مت منجهي وئي ۽ هوءَ پنهنجي اٹڄاٹائيءَ جا قسم کٹي پڪ ڏيارڻ لڳي. جيڪڏهن قيدي پنهنجي پريتما جي پيڇي ۾ اُڏار نہ ڪري ها تہ هوند نوڪرياٽيءَ کي اُڦٽ ماري وجهي ها.“

”پر ڏيان رهي تہ ڏاڍو تڪڙو هوندي بہ هن پتل جي مهري پاڻ سان ڪنئين. اها ڇو؟ ٻيو ڪو هٿيار ڇو نہ؟ پر جيئن تہ هو سڄو سارو مهينو پنهنجي رت تي ويچاريندو ۽ ان لاءِ تياري ڪندو رهيو هو، سو هو ڪابہ اهڙي هٿيار جي ڏڪ ڏيندڙ شئي ڪنيي ڪٹندو، جيڪا نظر ايندس. ڪيس مهيني کان اها پروڙ هئي تہ ڪا بہ اهڙي شيءِ هٿيار جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي. سو هن هڪدم بنا هٹڪ جي سهي ڪري ورتو تہ اها مهري سندس مقصد پورو ڪندي. تنهنڪري هن اها بيخياليءَ ۾ يا بنامرضيءَ جي ڪنئي هئي. ۽ پوءِ اسان ڪيس پنهنجي پيءُ جي پنيري باغ ۾ ڏسون ٿا. ميدان صاف آهي، ڪو ڏسڻ وارو ڪونهي، اوندهہ ۽ رقابت. ان شڪ ۾ تہ هوءَ اتي هئي، هن وٽ، سندس رقيب وٽ، هن جي ٻانهن ۾ ۽ شايد ان مهل مٿس کلي بہ رهي هئي، سندس ساهہ منجهائي ڇڏيو. ۽ اهو ڪو نلهو شڪ نہ هو، ڪليل دوکو هو، پڌرو هو. هوءَ ضرور هتي آهي، او هُن بتي ٻريل ڪمري ۾، پردي جي پنيان ۽ هي ڏجهارو انسان اسان کي ويساهہ ڪرائڻ چاهي ٿو تہ هو لڪندو دريءَ تائين ويو، ادب سان اندر جهاتي پائي ڏنائين ۽ چپ چپات ۾ موٽي ويو تہ متان ڪا پوائتي ۽ غيراخلاقي ڳالهہ نہ ٿي پوي. هو اسان کي قائل ڪرڻ ٿو چاهي، اسانکي جيڪي سندس سياءُ کي سمجهون ٿا، جن کي سندس تنهن مهل واري ذهني حالت جي بہ سُڌ آهي ۽ اهو بہ پتو آهي تہ ڪيس انهن ڏسن جي خبر هئي. جن کي ڏسي هو بنا دير گهر اندر گهڙي ٿي سگهيو.“ اتي ايولٽ ڪردووچ اها ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي، اهو تفصيلي بحث شروع ڪري ڏنو تہ سميرڊياڪوف جو ڪو لاڳاپو هو يا نہ. سندس بحث رڳو شڪ پيدا ڪندڙ حالتن جي اپٹار هو. سيني اهو سمجهيو ٿي. هن انهيءَ شڪ کي ڪين جهڙو ڄاٹندي بہ وڏي اهميت وارو ڪري ورتو.

باب اٺون

# قصو سميرديا ڪوف جو

”ڳالهہ منڍ ڪان ڪٽجي تہ اهو شڪ پيدا ڪيئن ٿيو.“ اپولٽ ڪردووچ چوڻ شروع ڪيو: ”پهريون ماڻهو جنهن اهو شڪ ڏيکاريو، سو خود قيدي هو، جنهن گرفتاريءَ وقت رڙ ڪئي هئي تہ خون سميرديا ڪوف ڪيو هو. پر تڏهن کان وٺي هينئر تائين هو انهيءَ تهمت جي فائدي ۾ هڪڙي ثابتي بہ نہ آڻي سگهيو آهي، نہ ئي ڪا اهڙي شئي پيش ڪئي اٿائين جيڪا ثابتيءَ جي ڏک ڏي. تهمت جي پنيرائي رڳو ٽن ڄڻن، قيديءَ جي ٻن ڀائرن ۽ مادام سويتلوف ڪئي آهي. ڀائرن مان وڏي تہ پنهنجو شڪ رڳو اڄ ڏيکاريو آهي، جڏهن هو لاشڪ ڪاپاري تپ ۾ ورتل هو، پر اسان کي خبر آهي تہ گذريل ٻن مهينن کان اسان وانگر ڪيس بہ پنهنجي ڀاءُ جي ڏوهي هجڻ جي پڪ پي رهي آهي. ۽ ان خيال کي ختم ڪرائڻ جي ڪا ڪوشش نہ ڪئي اٿائين. پر ان ڳالهہ تي پوءِ ٿا اچون. ننڍي ڀاءُ مڃيو آهي تہ وٽس سميرديا ڪوف جي ڏوهي هجڻ جي ٽيڪ ۾ ڪا ثابتي ڪانهي، تہ ڪيس قيديءَ جي واتان ٻڌي ۽ سندس چهري جا تاثرات ڏسي اهو شڪ ٿيو آهي. هائو اها اڄرج ۾ وجهندڙ شاهدي هن اڄ بہ پيرا ڏني آهي. مادام سويتلوف تہ پاڻ وڌيڪ اڄرج ۾ وجهندڙ هئي. ”قيدي جيڪي چوي سچ سمجهيو وڃي. هو اهڙو ماڻهو ئي ناهي جيڪو ڪوڙ ڳالهائي.“ سميرديا ڪوف جي خلاف بس ايتري ئي ساک انهن ٽن ڄڻن سامهون آندي آهي، ٽوڻي جو ڪين قيديءَ جي حشر جو سخت اونو آهي. ان هوندي بہ، سميرديا ڪوف جي ڏوهي هجڻ جو نظريو زور شور سان پيش ڪيو ويو آهي. ۽ اڃا تائين قائم رکيو پيو وڃي. ڇا اهو ويساهہ جوڳو آهي؟ ڇا اهو خيال ۾ آڻي سگهجي ٿو؟“

اتي اپولٽ ڪردووچ پنهنجي حياتي پاڻ پوري ڪندڙ سميرديا ڪوف جي شخصيت جي اپٽار ضروري ڄاتي. هن سميرديا ڪوف کي ڪمزور ذهن رکندڙ ماڻهوءَ طور پيش ڪيو، جنهن جي تعليم نالي ماتر هئي ۽ جنهن جو مغز سندس سطح کان مٿاهن فيلسوفاڻن خيالن ۽ فرض بابت ڪن جديد نظرين ڦيرائي ڇڏيو هو. اهي نظريا هن پنهنجي مالڪ يعني فيودور پاولووچ، جيڪو شايد سندس پيءُ بہ هو، تنهن جي ڇڙواڳ جيوت کان عملي طرح ۽ پنهنجي مالڪ جي وچين پٽ ايون فيودورروچ سان وقت بوقت ٿيل عجيب فيلسوفاڻي ڳالهہ ٻولهہ مان پرايا هئا. ايون شايد پاڻ کي موڳو ڀائيندي يا خاص نوڪر کي پنيلاٽي پاڻ وندرائڻ جي خيال کان ائين ڪندو هو. هن پاڻ مون سان گذريل ڪن ڏينهن ۾ پنهنجي روحاني حالت جي باري ۾ ڳالهہ ڪئي

هئي.“ اپولٽ ڪردووچ وضاحت ڪئي، ”پر بين پڻ اهڙي ساک ڏني آهي. خود قيديءَ سندس ڀاءُ، ۽ نوڪر گريگوريءَ پڻ مطلب تہ انهن سڀني جيڪي ڪيس چڱي پر سڃاڻندا هئا.

”تنهن ڪان سواءِ سميرديا ڪوف، جنهن جي تندرستيءَ کي مرگهيءَ جي دورن لوڏي ڇڏيو هو، سو ڇوڙي ڪان بہ گهڻ دلير هو. ”هو منهنجي پيرن تي ڪري پيو ۽ انهن کي چمڻ لڳو:“ قيديءَ پاڻ اسان کي ان احساس تيڻ ڪان اڳ ٻڌايو تہ اهڙي ڳالهہ خود هن لاءِ ڪيتري هاجيڪار ٿي سگهي ٿي. ”هو مرگهي ماريل ڇوزو آهي،“ هن پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو. قيديءَ ڪيس پنهنجي رازدار طور چونڊيو (اها ڳالهہ هن پاڻ ڪئي آهي) ۽ ڪيس مجبور ڪري پاڻ لاءِ جاسوسي ڪرڻ تي راضي ڪيائين. ان حيثيت ۾ هن پنهنجي مالڪ سان دغا ڪندي قيديءَ کي نوٽن واري لفافي ۽ انهن ڏسن بابت ٻڌايو، جن جي مدد سان هو گهر ۾ داخل ٿي سگهي. هن لاءِ ڪيس ٻڌائڻ ڏاران ٻي ڪهڙي واهہ هئي؟ ”هو مون کي ماري ڇڏي ها، مون کي پڪ هئي تہ هو مون کي ماري ڇڏي ها.“ هن پڇا ڳاڇا وقت اسان جي اڳيان ڏڪندي ڏڪندي چيو هو. توڙي جو تنهن وقت ڪيس آزاريندڙ پڪڙجي چڪو هو ۽ ڪيس ڪو بہ ڇيهو رسائي نٿي سگهيو. ”هو هر وقت مون ۾ شڪ پيو ڪندو هو. مان ڊپ کان ڪنبندي ڪيس تڙ تڪڙ ۾ هر ڳالهہ ٻڌائي نارڻ جي ڪندو هوس، تہ جيئن هو ڏسي تہ مان ڪيس دوکو نہ پيو ڏيان ۽ مون کي جيئرو رهڻ ڏي.“ اهي هن جا پنهنجا لفظ آهن، مون اهي لکي ڇڏيا هئا، ۽ برزبان ياد اٿم. ”جڏهن منهنجي رڙيون ڪندو هو تہ مان گوڏن ڀر ڪري پوندو هوس.“

”هو فطري طرح ڏاڍو ايماندار هو، ۽ مالڪ جو تڏهن ڪان گهڻو راز تي ويو هوس، جڏهن ڪان هن ڪيس هڪڙي وڃائجي ويل رقم ڳولي ڏني هئي. ان ڪري اهو انومان ڪرڻ بي واجبي نہ ٿيندو تہ ويچاري کي پنهنجي مالڪ سان، جنهن کي هو پنهنجو محسن ڄاڻي پيار ڪندو هو، دوهہ ڪرڻ تان پڇتاءُ جون سٽون اينديون هونديون. وڏا ماهر ڊاڪٽر اسانکي ٻڌائين ٿا تہ مرگهيءَ جي شڪار ماڻهن ۾ لاڳيتو پاڻ ڏوراپڻ جو مريضاڻو لاڙو هوندو آهي، هو پنهنجي بڇڙائيءَ تان ڳڻتيون ڪائيندا آهن، ضمير جا ڇهڪ آزاريندا اٿن، گهڻو تڻو بي سبب، هو قسمين قسمين ڏوهہ ۽ خطائون وڌائي ٻڌائيندا ۽ ڪڏهن تہ گهڙيندا آهن. ۽ هت اسان وٽ اهڙي ئي قسم جو ماڻهو آهي، جنهن ڊپ داءَ ۽ دڙڪن ۾ اچي غلط ڪم ڪيا. تنهن کان سواءِ ڪيس اهي پرون بہ پئجي ويا هئا تہ سندس آڏو جيڪا صورتحال جڙي رهي هئي. تنهن جو نتيجو تمام ڀوائتو نڪرڻو هو. جڏهن ايون فيودورووچ آفت کان ٿورو اڳ ماسڪو اُسهڻ وارو هو، تڏهن سميرديا ڪوف ڪيس نہ وڃڻ جون منٿون ڪيون، پر جيڪي تيڻ

جو ڏپ هيس، سو صاف ٻڌائڻ تي دل نہ ٻڌي سگهيو. گهڻائي اشارا ڪيائين پر اڳلي کي سمجهہ ۾ نہ آيا.

”پڌرو هجي تہ سميرڊياڪوف جي نظر ۾ ايون فيودوروچ اهڙو محافظ هو، جنهن جي گهر ۾ موجودگي ان ڳالهہ جي ضمانت هئي تہ ڪو هاڃو ڪونہ ٿيندو. دمتري ڪرامازوف جي نشي ۾ لکيل خط جو هيءُ جملو ياد ڪريو: مان پوڙهي کي تڏهن ئي ماريندس، جڏهن ايون ويندو هليو. سو ايون فيودوروچ جي موجودگي هر ڪنهن جي نظر ۾ ضمانت هئي تہ گهر ۾ امن امان رهندو.

”پر هو هليو ويو، ۽ سميرڊياڪوف کي پنهنجي نندي مالڪ جي روانگيءَ کان ڪلاڪ جي اندر مرگهيءَ جو دورو پئجي ويو. پر اهو بلڪل سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. هت مان اهو ٻڌائڻ چاهيندس تہ سميرڊياڪوف هڪ طرح جي ڏهڪاءَ ۽ نراسائيءَ جي چنبي ۾ هو: پوين ٿورن ڏهاڙن کان کيس محسوس ٿي رهيو تہ کيس دٻاءَ جي گهڙين ۾ جيڪي دورا پيا آهن، تهڙو ڪو دورو پوڻ وارو هوس. دورو ڪهڙي ڏهاڙي ۽ ڪهڙي وقت پوندو، سو، برابر، اڳواٽ نٿو ڄاڻي سگهجي، پر مرگهيءَ جي مريض کي اڳ ئي احساس ٿي ويندو آهي تہ کيس دورو پوڻ وارو آهي. ڊاڪٽر اسان کي اهو ئي ٻڌائن ٿا. سو، ايون فيودوروچ جيئن ئي گاڏي هڪليندو اڳڻ مان نڪتو، تئين ئي سمرڊياڪوف، پنهنجي اڪيلائپ ۽ غير محفوظ حالت جي ڳڻتي ڪائيندو، ڀهري ڏانهن ويو. ڏاڪڻ لهندي هو گهيرڻ ڪائيندو ويو تہ الائي دورو پوندو يا نہ. ۽ جي هاڻي جو هاڻي پئجي ويو تہ ڇا ٿيندو! انهيءَ اُلڪي، انهيءَ گهيرڻ جي ڪري سندس نڙيءَ ۾ اها ڳيڙي پئي، جيڪا هميشہ اهڙن دورن کان اڳ ۾ پوندي آهي. ۽ هو سرت وڃائي وڃي ڀهري ۾ ڪريو. ۽ ماڻهو انهيءَ بنهہ سياويڪ واقعي ۾ اهو شڪ ڪن، اهو ڏس لهن ٿا تہ هو ڄاڻي واڻي دوري جو - منهن ڪري رهيو هو. پر جيڪڏهن اهو سڀ ڄاڻي واڻي هو تہ هڪدم سوال ٿو اُٿي تہ ڇو، ڄاڻي واڻي ڇو؟ کيس ڇا کپندو هو؟ سندس مقصد ڇا هو؟ مان ڊاڪٽريءَ بابت ڇو نہ ٿو ڇوان. سائنس، مون کي ٻڌايو ويو آهي، ٺڙي سگهي ٿي: ڊاڪٽر ڪوڙي ۽ سچي دوري ۾ فرق نہ ڪري سگهندا آهن. بيشڪ ائين هوندو، پر هڪڙي سوال جو جواب ڏيو: هن جو اهڙي ڪوڙ جو ڪهڙو مقصد هو؟ جي هن خون جي سٽ ٿي سٽي تہ ڇا هن ان کان سٽت پهرين دوري جو منهن ڪري گهر وارن جو ڌيان ڇڪائڻ ٿي چاهيو؟

”جيوريءَ جا صاحبو، ياد رهي تہ تنهن رات فيودور پاولووچ جي گهر ۾ پنج ڄڻا هئا: فيودور پاولووچ پاڻ (پر ظاهر آهي تہ هن پنهنجو پاڻ نہ ماريو هو). ٻيو سندس نوڪر گريگوري، جيڪو ذري گهٽ پاڻ بہ مارجي ويو هو. ٽيون ماڻهو هو گريگوريءَ

جي زال، مارفا اگناتي ايوا. اهو خيال ئي شرمناڪ آهي تہ هوءَ پنهنجي مالڪ جو خون ڪندي. باقي بچيا بہ ڄڻا: قيدي ۽ سميردياڪوف. پر جيڪڏهن اسان قيديءَ جي ان بيان تي وسهون ٿا تہ خون هن نہ ڪيو هو تہ اهو ضرور سميردياڪوف ڪيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ ٻيو ڪو هوئي ڪونہ، جيڪو ائين ڪري سگهي. اهو ڏجهارو احمق، جنهن ڪالهہ پاڻ ماري ڇڏيو، تنهن جي برخلاف اهڙي حرفت پري ۽ اڄرج ۾ وجهندڙ تهمت جو سبب اجهو اهوئي آهي. ڪنهن ٻئي تي شڪ جو ٿورو پاڇو ئي پوي ها، ڪو ڇهون ڄڻو هجي ها تہ مون کي يقين آهي تہ خود قيديءَ کي بہ سميردياڪوف تي تهمت رکڻ کان شرم اچي ها، ۽ ڇهين ڄڻي کي ڏوهہ ڏي ها، ڇاڪاڻ تہ سميردياڪوف کي خوني سمجهڻ وڏي نامعقوليت آهي.

”صاحبو، نفسيات کي بہ ڇڏيو، ڊاڪٽريءَ کي بہ ڇڏيو، ويندي منطق کي بہ ڇڏيو، رڳو حقيقتن کي وٺو ۽ ڏسو تہ اهي اسان کي ڇا ٿيون ٻڌائين. جيڪڏهن سميردياڪوف قتل ڪيو تہ ڪيئن ڪيائين؟ اڪيلي سر يا قيديءَ جي مدد سان؟ اول پهرينءَ کي ٿا وٺون، يعني اڪيلي سر ڪيائين. جيڪڏهن خون ڪيائين تہ اهو ضرور ڪنهن اهڙي مقصد سان هوندو، جيڪو پاڻ ڪيس فائدو پهچائي. پر جيئن تہ هن وٽ قتل جا اهي سبب ڪونہ هئا جيڪي قيديءَ وٽ هئا، جهڙوڪ رقابت، نفرت وغيره، تہ پوءِ هن ڪنهن شخصي فائدي لاءِ، انهن ٽن هزار روبلن لاءِ خون ڪيو هوندو، جيڪي هن پنهنجي مالڪ کي لفافي ۾ وجهندي ڏٺا هئا. ان هوندي بہ هو اهڙي ماڻهوءَ کي، جنهن جي ان معاملي ۾ وڏي دلچسپي هئي، رقم بابت ٻڌائي ٿو، ڪيس ڏس ڏي ٿو تہ رقم لفافي ۾ آهي، ۽ لفافو ڪٿي رکيل آهي، ان مٿان ڇا لکيل آهي، اهو ڇا سان ٻڌل آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ڏس تہ هو گهر ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهي ٿو. ڇا هن اهو سڀ پنهنجو ڦوڪ ڦاڙڻ لاءِ ڪيو، يا هن تنهن ماڻهوءَ کي نينڊ تي ڏني، جنهن اهو لفافو پاڻ قبائڻ ٿئي گهريو؟ هائو، مون کي چيو ويندو، 'پر هن ائين ڊپ وچان ڪيو.' پر توهان ان جي ڪهڙي تشريح ڪندا؟ اهو ماڻهو، جيڪو اهڙو دليريءَ وارو ۽ وحشياڻو ڪم خيال ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ ان تي عمل بہ ڪري سگهي ٿو، سو ڪيئن ٿو ٻئي ڪنهن کي اهي ڳالهيون ٻڌائي، جن کان دنيا ۾ ڪو بہ ٻيو ماڻهون واقف ڪونهي ۽ جي هو پنهنجي زبان بند رکي تہ هوند ڪنهن کي سمڪ بہ ڪانہ پوي.“

”نہ، هو ڪيترو بہ ڪانئر هُجي، جيڪڏهن هُن ان ڏوهہ جي رٿابندي ڪئي هجي ها تہ ڪجهہ بہ ٿي پوي ها، هو ڪنهن کي بہ ان لفافي بابت ڪونہ ٻڌائي ها. نہ ڏس ڏي ها، ڇو تہ ائين ڪري هو اڳواٽ پاڻ پڌرو ڪري وجهي ها، جي ڪيس ڄاڻ ڏيڻ تي مجبور ڪيو وڃي ها تہ هو ڪجهہ نہ ڪجهہ گهڙي وٺي ها، ڪونہ ڪو ڪوڙ

ڳالهائي ها، پر لفافي ڏسڻ بابت ماٺ رهي ها. ڇا لاءِ تہ جيڪڏهن رقم جي ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪري ها، پر خون ڪري ها ۽ رقم چورائي ها تہ دنيا ۾ڪو بہ هن کي رقم لاءِ خون جو الزام نہ ڏئي سگهي ها، ڇو جو هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ رقم ڪانہ ڏني هئي، هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ گهر ۾ رقم جي هجڻ جو پتو نہ هو. جيڪڏهن هن تي قتل جو الزام رکيو بہ وڃي ها تہ ائين سمجهيو وڃي ها تہ هن اهو ڪم ڪنهن ٻئي سبب ڪان ڪيو هوندو. پر، ان جي اُبتڙ، هر ڪنهن اهو ڏٺو هو تہ ڪيس مالڪ ڏاڍو پيائيندو ۽ ويساهہ ڪندو آهي. سو ڪو بہ مٿس شڪ نہ ڪري ها. ماڻهو سڀ کان پهرين ان تي شڪ ڪن ها، جنهن وٽ سبب هو، جنهن پاڻ اعلان ڪيو هو تہ وٽس اهڙو سبب هو، جنهن اُن کي ڳجهو نہ رکيو هو: هو پڪ ئي پڪ فوتيءَ جي پٽ يعني دمتري فيودورووچ تي شڪ ڪن ها. جيڪڏهن سميرڊياڪوف ڪيس قتل ڪيو هجي ها ۽ الزام پٽ تي اچي ها تہ ائين ٺيڪ سميرڊياڪوف لاءِ واهہ جو ٺئي ها. تہ پوءِ ڇا اسان اهو وسهون تہ هن قتل جي رٿابندي ڪرڻ جي باوجود، هن جي پٽ دمتريءَ کي رقم لفافي ۾ ڏسڻ بابت ٻڌايو؟ ڇا اهو مناسب آهي؟ ڇا اهو چٽو آهي؟"

"قتل جو رٿيل ڏينهن آيو تہ اسان سميرڊياڪوف کي دوري جو مـنهن ڪري ڏاڪڻ تان هيٺ ڪرندي ڏسون ٿا. ڪهڙي مقصد سان؟ ڇا انهيءَ لاءِ تہ گريگوري پنهنجو دوا وٺي اچڻ جو خيال لاهي گهر جي چوڪسي ڪري، ڇو جو ٻيو ڪو چوڪسي ڪرڻ لاءِ ڪونهي: يا وري سندس مالڪ اهو ڏسي تہ سندس حفاظت لاءِ ڪوبہ موجود ڪونهي ۽ پنهنجي پٽ جي اچڻ جي ڊپ کان وڌيڪ سڄيت ۽ خبردار ٿي وڃي. يا شايد گهٽو ٿٺو ڪيس، يعني سميرڊياڪوف کي دوري سبب بيوس ٿي وڃڻ ڪري رنڌٽي مان، جتي هو سيني کان الڳ اڪيلو سمهندو هو ۽ جتان اندر ٻاهر جڏهن وٽيس تڏهن اچي وڃي سگهندو هو، ڪٺائي گريگوريءَ جي ڪمري ۾ نيو وڃي: اهو ڪمرو گهر جي ٻئي ڇيڙي تي هو ۽ اتي ڪيس دوري پوڻ تي سدائين زال مڙس جي هنڌ کان ٽي وکون پري پردي جي پويان رکيو ويندو هو. اهو نيم پاڻ مالڪ جو ۽ رحمدل انگن تي ايوان جو جوڙيل هو. اتي پردي جي پويان رهندي ڪيس پنهنجي دوري جو مـنهن قائم رکڻ لاءِ ضرور ڪنجهڻو ۽ ڪرڪٽو پيو هوندو. ۽ ڪين (جيئن گريگوري ۽ زالهس ساک ڏني آهي) سڄي رات جاڳيل رکيو هوندائين. ۽ اسان کي وسهڻون آهي تہ اهو سڀ ان لاءِ هو تہ جيئن هو سهوليت سان اُتي وڃي پنهنجي مالڪ کي قتل ڪري!

"پر مون کي چيو ويندو تہ هن بيماريءَ جو مـنهن ان ڪري ڪيو تہ جيئن مٿس شڪ نہ ڪيو وڃي، ۽ اهو تہ هن قيديءَ کي رقم ۽ ڏسن بابت انهيءَ ڪري ٻڌايو تہ جيئن قيدي قتل ڪري ۽ جڏهن قتل ڪري رقم ڪٺي گوڙ ڪندو، ماڻهن کي

جاڳائيندو هليو وڃي، تڏهن مون کي وسهڻو آهي. سميرڊياڪوف اٿيو ۽ اندر ويو. ڇا لاءِ؟ پنهنجي مئل مالڪ کي وري مارڻ لاءِ ۽ اڳئي چورائجي ويل رقم ڪڍڻ لاءِ؟ صاحبو، توهان کلي رهيا آهيو ڇا؟ مان اهي اشارا ڏيڻ تان شرمندو آهيان. اعتبار ڪرڻ جي ڳالهه ته ناهي، پر قيديءَ جو چوڻ اهو ئي آهي. جڏهن هو گهران نڪتو ۽ گريگوريءَ کي ڌڪ هڻي ڪيرائي وڌائين ۽ هاءِ گهوڙا ڪيائين، تڏهن سميرڊياڪوف اٿيو ۽ اندر ويو؛ پنهنجي مالڪ کي ماري رقم چوري ڪيائين! مان ان ڳالهه تي زور نه ڏيندس ته سميرڊياڪوف لاءِ اڳواٽ اهو اندازو لڳائڻ، اڳ پسڻ ڏکيو هو ته ڪاوڙيل ۽ چڙيل پٽ اچي ادب سان جهاتي، فقط جهاتي پائي اندر ڏسندو، توڻي جو ڪيس ڏسن جو پتو هو، ۽ مال غنيمت سميرڊياڪوف لاءِ ڇڏي، ڇپڙي ڪري موٽي ويندو. جيوريءَ جا صاحبو، مان سنجيدگيءَ سان توهان کان هيءُ سوال پڇان ٿو: اها مهل ڪهڙي هئي، جڏهن سميرڊياڪوف ڏوهه ڪري سگهيو هوندو؟ انهيءَ مهل جو نالو ونو نه ته توهان ڪيس ڏوهه نٿا ڏيئي سگهو.“

”پر شايد دورو سچو هو. اگهو ماڻهو اوچتو نيڪ ٿي ويو. ڪا رڙ ٻڌائين ۽ ٻاهر نڪتو. پوءِ ڇا؟ هن هيڏي هوڏي نهاريو ۽ چيائين، ’چو نه اندر وڃي مالڪ کي ماري ڇڏيان؟‘ ۽ ڪيس خبر ڪيئن پئي ته ڇا ٿيو هو، جڏهن ته هو سچو وقت ان مهل تائين بيهوش پيو هو؟ پر اهڙن پورن جي اڏام جي ڪا ته حد آهي! بلڪل آهي، ڪي سمجهو ماڻهو مون کي ٻڌائيندا پر جي هو ٻئي ٻِٽ هجن ته پوءِ؟ ٻنهي گڏجي ڪيس ماريو هجي ۽ ڏوڪڙ پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا هجن ته پوءِ؟ واقعي ڳرو سوال آهي! ۽ ان جي پنيرائي ڪندڙ حقيقتون حيرت انگيز آهن. هڪڙو خون ٿو ڪري ۽ سڀ ڏوڪڙ ٿو ڪڍي ۽ ساري تڪليف پاڻ ٿو ڪري، جڏهن ته سندس ساٿي دوري جو مِنهن ڪري پاسو ورائي ليٽيل ٿو رهي ته جيئن هر ڪنهن کي شڪ پوي، مالڪ بي خبردار ٿئي، گريگوري بي خبردار ٿئي. اهو ڄاڻڻ دلچسپيءَ وارو ٿيندو ته اهي ڪهڙا مقصد هئا جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڄڻن اهڙي چريائپ واري سٽ سٽي؟“

”پر شايد اهو سرگرميءَ سان ٻِٽ هجڻ جو نه پر مانڙي ڪري مجڻ وارو مامرو هو. شايد سميرڊياڪوف کي ڏيچاري مجايو ويو هو ته هو خون روڪڻ جي نه ڪندو. ڪيس اهو اندازو بہ هوندو ته هن طرفان ڪا روڪ ٽوڪ يا مدد لاءِ هاءِ گهوڙا نه ٿيندي ته مالڪ جي خون جو ڏوهه ڪيس ڏنو ويندو. سو هن دمتري ڪرامازوف کان موڪل ورتي هوندي ته جيئن مرگهيءَ جي دوري مهل ڪري رستي کان هٽي وڃي: ’جيئن وڻيئي، تيئن مارينس: منهنجو ڇا!‘ پر جيئن ته سميرڊياڪوف جو دورو سچي گهر ۾ ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي ها، سو دمتري ڪرامازوف ڪٿي مڃجي بہ ته اها رٿ قبول ڪئي

هوندي، تڏهن بہ هيءَ ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي قائم رهندي تہ خوني ۽ سازشي دمتري ڪرامازوف ئي آهي. ۽ سميرڊياڪوف فقط غير سرگرم شريڪ هو ۽ شريڪ بہ نہ، مرضيءَ جي خلاف ڊپ وچان راضي ٿيندڙ هو."

"پر اسان ڇا ٿا ڏسون؟ جيئن ئي قيدي پڪڙجي ٿو، تيئن ئي هو سڄو الزام سميرڊياڪوف تي مڙهي ٿو ڇڏي. محض شريڪ هجڻ جو نہ. ماڳهين خوني هجڻ جو. "هن خون اڪيلي سر ڪيو" هو چوي ٿو 'هن ئي ڪيس ماريو ۽ ڦُريو. اهو هن جو ئي ڪم هو.' هي ڪي عجيب جُٽ آهن. جيڪي هڪدم هڪ ٻئي کي ڏوهہ ڏين ٿا ۽ ڏسو، ان ۾ ڪرامازوف لاءِ ڪيڏو جوکو هو. خون ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي بستري داخل شريڪ تي ڏوهہ رکي ٿو، جيڪو انهيءَ تان ڪاوڙ ۾ اچي سڄو سچ باسي پئي سگهيو: دير تائين ٽيپ جو ڊپ بہ متان ڪيس نہ روڪي سگهي، ڇو جو ڪيس اهو اندازو تہ هوندو تہ ڪورٽ ڪيس ڪيترو جوابدار سمجهندي. سو ڪيس ٽيپ آئي بہ سهي تہ اها اصل خوني جي ڀيٽ ۾ گهڻي گهٽ سخت هوندي. پر انهيءَ صورت ۾ ڪيس باسڻ کپندو هو. جيڪو هن نہ ڪيو. سمرڊياڪوف قيديءَ سان ٻٽ هجڻ ڏانهن ڪڏهن بہ اشارو نہ ڪيو. جيتوڻيڪ اصل خونيءَ ڪيس ڏوهہ ڏيڻ ۽ اهو چوڻ جاري رکيو تہ هن ڏوهہ اڪيلي سر ڪيو هو."

"وڏي ڳالهہ تہ سميرڊياڪوف پڇا ڳاڇا مهل ٻاڌيهي ئي اهو ٻڌايو تہ اهو هو ئي هو. جنهن قيديءَ کي لفافي ۽ ڏسن جي جاڻ ڏني هئي، ۽ جي هو نہ ٻڌائيس ها تہ ڪيس ڪڏهن بہ معلوم نہ ٿي سگهي ها. جيڪڏهن هو سچ پچ ڏوهہ ۾ شريڪ هو تہ ڇا هو اها ڳالهہ ٻاڌيهي چوي ها؟ برخلاف ان جي، هو اها ڳالهہ لڪائڻ، حقيقتن کي مسخ يا گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها. ڪو بيڏوهي ماڻهو، جنهن کي ڏوهہ ۾ شريڪ جي الزام لڳڻ جو خوف نہ هجي، سو ئي ائين ڪري سگهي ٿو، جيئن هن ڪيو. ۽ پنهنجي مرض جي ملولائيءَ ۽ هن آفت کان خفقان ۾ اچي ڪالهہ آپگهات ڪري ڇڏيائين. هن هڪ خط ڇڏيو، جيڪو سندس مخصوص ٻوليءَ ۾ لکيل آهي: 'مان پنهنجي مرضيءَ سان ۽ ان نيت سان پاڻ کي ناس پيو ڪريان تہ جيئن ٻئي ڪنهن تي الزام نہ اچي.' هن جي ائين لکڻ سان ڪهڙو فرق پوي ها تہ خوني ڪرامازوف نہ پر هو آهي. هن جو اهو لکڻ ڇا سندس ضمير هو. جنهن ڪانئس آپگهات تہ ڪرايو پر پنهنجو ڏوهہ نہ ٻاسرايو؟"

" ۽ ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ ٽن هزارن روبلن جا نوٽ ساڄهر ڪورٽ ۾ آندا ويا ۽ اسان کي ٻڌايو ويو تہ اِهي اُهي ساڳيا نوٽ آهن. جيڪي هاڻ اسان جي اڳيان هن ميز تي رکيل لفافي ۾ پيل هئا. اهي نوٽ شاهد کي پوئين ڏهاڙي سميرڊياڪوف کان

مليا هئا. پر انهيءَ ڏکوئيندڙ ڏيک کي ياد ڏيارڻ جو ضرور ڪونهي، البت مان هڪ ٻه تبصرا ڪندس، اهڙين ننڍين ڳالهين تي، جيڪي متان پهرين نظر ۾ هر ڪنهن کي نظر نه آيون هجن ۽ ان ڪري نظرانداز ٿي ويون هجن. پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته سميرڊياڪوف ضرور رقم موٽائي ڏني هوندي ۽ ڪالهه ٻاڻ کي پڇتاءَ وچان ڦاهو ڏنو هوندائين. ۽ جيئن ايون فيودوروچ اسان کي ٻڌايو، اهوئي ڪالهه هو، جڏهن هن ايون اڳيان پنهنجو ڏوهه باسيو. جي ائين هو ته پوءِ ايون فيودوروچ هاڻي دير تائين ماٺ ڇو رهيو؟ سو جيڪڏهن هن باسيو هو ته مان پڇان ٿو ته هن اها سچي پنهنجي آخري خط ۾ ڇو ڪونه ڪئي، اها ڄاڻ رکڻ ڪانپوءِ به نه ته بيڏوهي قيديءَ سان ٻئي ڏينهن ڪهڙي نه پوائتي ويڏن ٿيڻي هئي؟"

"فقط اڪيلي رقم ڪا ثابتي ناهي، هفتو اڳ مون کي ۽ هن ڪورٽ ۾ موجود ٻن ماڻهن کي محض اتفاق سان حقيقت معلوم ٿي ته ايون فيودوروچ پنجين پنجين هزارين جا ٻه يعني ڪل ڏهن هزارن جا پنج سيڪڙي وارا ڪوپن صوبي جي مکيه شهر موڪلي کليا ڪرايا هئا. مان اها ڳالهه ان ڪري ٿو ڪريان ته ڏوڪڙ ڪنهن وٽ به ٿي سگهن ٿا، ۽ ان سان اهو ثابت نٿو ٿئي ته اِهي اُهي ساڳيا نوٽ آهن، جيڪي فيودور پالووچ واري لفافي ۾ هئا."

"ايون ڪرامازوف اصل قاتل ڪان اهڙي اهم اطلاع ملڻ تي ڇُريو ئي ڪونه هو. هن ان بابت هڪدم سڌ ڇو نه ڏني؟ ڇو ٻئي ڏينهن صبح تائين ٽاري ڇڏيائين؟ مون کي حق آهي ته اندازو لڳايان ته ڇو. سندس صحت هفتي کن کان ڊرڪندي ٿي وئي: هن هڪڙي ڊاڪٽر ۽ پنهنجن گهاٽن يارن آڏو مڃيو هو ته هو خيالي جواب ۽ مري ويلن جا ڀوت ڏسڻ لڳو هو: ڪيس تڏهن ڪاپاري تپ ٿيڻ وارو هو، ۽ اڄ ٿي پيس. ان حالت ۾ هن اوچتو سميرڊياڪوف جي مرڻ جي خبر ٻڌي ته خيال آيس: 'ماڻهو مري چڪو آهي، ڇو نه مان خون جو ڏوهه مٿس رکان ۽ ڀاءُ کي بچايان. ڏوڪڙ مون وٽ آهن، جن مان نوٽن جي هڪڙي ٿهي ڪڍان ٿو ۽ چوان ٿو ته اها مون کي سميرڊياڪوف مرڻ کان اڳ ڏني هئي.' توهان چوندا ته مئلن تي تهمت رکڻ ته ذلالت آهي! پوءِ ڇو نه ائين ڀاءُ کي بچائڻ لاءِ ڪيو ويو هجي. صحيح! پر جي هن تهمت غيرشعوري طرح رکي هجي ته پوءِ؟ نوڪر جي اوچتي موت جي خبر سندس دماغ اکوڙي ڇڏيو هجي ۽ هن سمجهيو هجي ته حقيقت به اها ئي آهي ته پوءِ؟ توهان ساجهر وارو ڏيک ڏٺو: توهان شاهد جي حالت ڏٺي. هو بيٺل هو ۽ ڳالهائي رهيو هو، پر سندس دماغ ڪنهن جاءِ تي هو؟"

"تنهن کان پوءِ آيو قيديءَ جو خط. جيڪو ڏوهه کان ٻه ڏينهن اڳ لکيو ويو هو ۽ جنهن ۾ قتل جو پورو پروگرام ڏنل هو. پوءِ اسان ٻئي ڪنهن پروگرام لاءِ ڇو واجهائي رهيا آهيون؟ ڏوهه بلڪل انهيءَ پروگرام موجب ۽ ڪنهن رنڊڪ جي ٿي گذريو! هو پنهنجي پيءُ جي دريءَ وٽان ادب سان ڇُپڙي ڪري هٽي ڪونه ويو هو. پورو پورو يقين جو هوس ته سندس پريتما اتي هئي. نڪو. سندس هئڻ واري ڳالهه غير معقول ۽ ناممڪن آهي! هو اندر ويو ۽ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيائين. شايد جيئن ئي پنهنجي ڏڪار جوڳي رقيب کي ڏٺائين، تيئن ئي ڪيس ڪاوڙ ۽ ڇڙ ۾ پڇرندي ماري ڇڏيائين. شايد ٽامي جي مهريءَ جي هڪ ڌڪ سان ماري وجهڻ ۽ اها ڇڱيءَ طرح جاچي پڪ ڪرڻ کان پوءِ ته هوءَ اتي ڪانه هُئي، هن وهاڻي هيٺان هٿ وجهي اتي پيل لفافو ڪڍڻ ڪونه وساريو. اهو لفافو قاتل ڊڪ سان اسان جي سامهون ميز تي رکيو آهي.

"مون اها ڳالهه انهيءَ لاءِ بيان ڪئي آهي ته جيئن هڪ ڳالهه جا. منهنجي خيال ۾، قيديءَ جي سياءَ موجب آهي، سا توهان جي ڌيان تي اچي. جيڪڏهن هو تجربيڪار قاتل هجي ها ۽ قتل ڇڙو ڏوڪڙن لاءِ ڪيو هجيس ها ته ڇا اهو قاتل لفافو فرش تي ڇڏي ها، جتي اهو لاش جي پرسان لڌو ويو هو. مثال طور، جيڪڏهن هن جي جاءِ تي سميرديا ڪوف هجي ها ۽ مالڪ جو خون ڪيس قرض لاءِ ڪيو هجيس ها ته هو لفافو پنهنجي شڪار جي لاش وٽ بيهي کولڻ جي تڪليف وٺڻ جي بدران، جيئن جو تيئن کنيو نڪتو هليو وڃي ها، ڇاڪاڻ ته کيس لفافي ۾ نوٽن جي هجڻ جي پڪ هجي ها- ۽ جيڪڏهن هُو لفافو پاڻ سان کڻي وڃي ها ته ڪنهن کي ڦر جو پتو نه پوي ها. مان توهان صاحبن کان پڇان ٿو ته ڇا هو ائين نه ڪري ها؟ ڇا لفافو فرش تي پيل ڇڏي وڃي ها؟

"نه اهو اُبهري خونيءَ جو ٿي ڪم هو. خوني جيڪو چور نه هو ۽ ان کان اڳ ڪڏهن چوري نه ڪئي هئائين، جنهن وهاڻي هيٺان لفافو ڪنهن چوري ڪندڙ چور وانگر نه پر ائين جهٽپ ڏيئي ڪڍيو جڻ ڪو ساڌ ڪنهن چور کان پنهنجو سڳ ورائيندو هجي، ان رقم بابت اهائي ته ڳالهه هئي، جنهن دمتري ڪرامازوف کي سوداءُ ڏيئي ڇڏيو هو: ۽ لفافو. جيڪو هن اڳي ڪڏهن به نه ڏٺو هو، سو جهٽ پائي کنيائين، ڦاڙي کولي اها پڪ ڪيائين ته ان ۾ نوٽ هئا. ۽ اهي ڪدي ڪيسي ۾ وجهي نڪري ويو، اهو وساري ڇڏيائين ته قاتل لفافي جي شڪل ۾ هن پنهنجي خلاف هڪ وڏي ثابتي اتي فرش تي ڇڏي ڏني هئي. اها پَل ڪانئس انهيءَ لاءِ ٿي جو هو سميرديا ڪوف نه پر ڪرامازوف هو، نه سوچيائين، نه ويچاريائين، پلا ڪيئن

سوچيندو ويچاريندو؟ هو پڳو تہ پنيان نوڪر جي دانهن ٻڌائين: پوڙهي نوڪر ڪيس جهليو. ڪيس روڪيو، ۽ ٿامي جي مهريءَ جي هڪئي ڏک ليٿائي رکيس.

”قيدي رحم ڪائي هيٺ ٽپو ڏنو ۽ ڏڪيل مٿان جهڪيو. آهي نہ اعتبار جهڙي ڳالهہ. هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ رحم وچان هيٺ ٽپيو هو. ڪهل وچان. اهو ڏسڻ لاءِ تہ ڏڪيل لاءِ ڪجهہ ڪري پئي سگهيو يا نہ. ڇا اها مهل ڪهل ڪرڻ جي هئي؟ نہ. هو ڇڙو اهو ڏسڻ لاءِ هيٺ ٽپيو هو تہ سندس ڏوهہ جو اڪيلو شاهد جيئرو هو يا مري ويو هو. ڏڪيل جي نرڙ اگهڻ جي تڪليف ڪري سندس مرڻ جي پڪ ڪئي هئائين، ۽ پنهنجي پريتما جي گهر پڳو هو، گهبرايل ۽ رت هاڻو. آخر ڪيس اهو خيال ڇو نہ آيو تہ هو رت هاڻو هو ۽ ان ڪري هڪدم قاسي ويندو؟ پر قيدي پاڻ اسانکي پڪ ٿو ڏياري تہ ڪو هو رت هاڻو هو، اهو وسهي سگهجي ٿو، اهو بلڪل ممڪن آهي، اهڙين گهڙين ۾ ڏوهارين سان سدائين ائين ٿي ٿيندو آهي. هڪڙيءَ ۾ هو شيطاني چالاڪي ڏيکاريندا تہ ٻيءَ ۾ سمڪ ئي نہ پوندن. پر قيدي ان گهڙيءَ رڳو هڪڙي ڳالهہ سوچي رهيو هو: هوءَ ڪٿي آهي؟ هن بنا دير اهو ڄاڻڻ ٿي گهريو تہ هوءَ ڪٿي آهي، سو هو اوڏانهين پڳو، جتي هوءَ رهيل هئي. اتي ڪيس اڻ ڄاتايل اچرج ۾ وجهندڙ خبر پئي تہ هوءَ پنهنجي پهرين چاهيندڙ ڏانهن ويل هئي.“

باب نائون

# چؤپيري ٻوڙنڊ ٽروئيڪا. سرڪاري وڪيل جي تقرير جي پڄاڻي

اپولٽ ڪردووچ پنهنجي تقرير لاءِ تاريخي طريقو چونڊيو هو. اهو طريقو گهبرايل مقررن جو پسنديده طريقو آهي، ڇو ته هو ان جي پابنديءَ ۾ پنهنجي جوشيلي وضاحت تي روڪ ڏسندا آهن. سرڪاري وڪيل پنهنجي تقرير جي ان ڀاڱي ۾ گروشينڪا جي پهرين چاهيندڙ جي وياکياڻ ۾ ڪاهي پيو. ۽ ان موضوع تي ڪيترائي دلچسپ ويچار پيش ڪيائين.

”دمتري ڪرامازوف هوندءَ ته هر ڪنهن کي پنهنجو رقيب سمجهندو هو. پر گروشينڪا جي ان پهرينءَ چاهيندڙ اڳيان جهڙوڪ ڍهي پيو ۽ پاڻ کي ميساري ڇڏيائين ۽ هيءَ ڳالهه پاڻ وڏيڪ عجب ۾ وجهڻ جهڙي آهي ته ڪيس پنهنجي هن ڳري رقيب جو ڇڻ ته خيال ئي نه آيو هو. شايد هن ڪيس ڏورانهون خطرو تئي ڄاتو، ۽ ڪرامازوف هميشه حال ۾ جيئي تو. ممڪن آهي ته هو ڪيس ڪائي ڏند ڪتا سمجهندو هجي. پر سندس زخمي دل ڪيس هڪدم اهو سمجهايو ته گروشينڪا سندس رقيب کي لڪائي ڪيس دوکو ڏيئي رهي هئي، ڇالاءِ ته هو سندس يعني گروشينڪا لاءِ ڪائي ڏند ڪتا نه هو. ان ڪري ٻه ته هُو سندس حياتيءَ جي هڪ ئي آس هو. جيئن ئي قيديءَ اهو سمجهيو تيئن هو راضي برضا تي ويو.“

”جيوريءَ جا صاحبو. مان قيديءَ جي انهيءَ اٽڇتايل رُخ تي ڳالهائڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان. هُو اوچتو ئي اوچتو انصاف، عورت لاءِ عزت، ۽ سندس پيار ڪرڻ جي حق جي مڃتا لاءِ اٽجهل خواهش ڏيکاري تو. ۽ اهو سڀ ان مهل، جنهن مهل سندس هٿ ان ئي عورت خاطر پنهنجي پيءُ جي رت سان رنگيل هئا! اهو سچ آهي ته جيڪو رت هن وهايو هو، تنهن اڳيئي بدلي ونڻ لاءِ رڙڻ شروع ڪري ڏنو هو، ڇا لاءِ جو هن دنيا ۾ پنهنجي روح ۽ حياتيءَ کي تابع ڪرڻ کان پوءِ هيءَ پاڻ کان ان مهل پڇڻ تي مجبور هو ته هو ڇا هو. هاڻ ان هستيءَ لاءِ ڇا هو. جيڪا ڪيس پنهنجي روح کان وڌيڪ پياري هئي، ۽ سندس پيٽ ۾ هيءُ اڳيون چاهيندڙ هو، جيڪو پنهنجي اڳين روش تي پشيمان تي، نئين پابوهه سان ساڳيءَ عورت ڏانهن انهيءَ عزت پري آچ سان موٽي آيو هو ته اڳيان هو سڌري هلندو ۽ ڪيس خوش رکندو. ۽ هيءُ اڀاڳو انسان هاڻي ان عورت کي ڇا تي ڏيئي سگهيو، ڇا تي آچي سگهيو؟“

”كرامازوف اهو سڀ پروڙيو تي، ڄاتائين تي تہ سندس ڏوهہ سندس لاءِ سڀ رستا بند ڪري ڇڏيا هئا. ۽ هو سزا هيٺ آيل ڏوهاري هو، ۽ نہ ڪي اهڙو ماڻهو، جنهن جي اڳيان هندائڻ جهڙي جيوت هجي! ان خيال ڪيس نهوڙي ڇڏيو. سو هن هڪ اهڙي رٿ ڏانهن اُڏار ڪئي، جهڙي ڪرامازوف سياءَ واري ماڻهو لاءِ ڪنهن پوائتي صورتحال مان نڪرڻ جي هڪ ئي واٽ، هڪ ئي واهہ هوندي آهي. اها واٽ هئي آپگهات. سو هو پنهنجي دوست پرهوتن وٽ امانت رکيل پستول وٺي اچڻ لاءِ ڀڳو ۽ پڄندي پڄندي ڪيسي مان اها رقم ڪڍيائين، جنهن لاءِ هن پنهنجي پيءُ جي رت سان هٿ رڱيا هئا. ڪيس هاڻي ان رقم جي جيتري لوڙ هئي، تيتري اڳي ڪڏهن بہ ڪانہ هئي. ڪرامازوف مرندو، ڪرامازوف پاڻ کي گولي هڻندو، ۽ اهو ياد رکيو ويندو! مڄجي ڪٿي تہ هو شاعر هو ۽ سڄي حياتي ميڻ بتيءَ جا ٻئي ڇيڙا هڪ ئي وقت ٻاريندو رهيو هو. هُــن وٽ، هن وٽ! ۽ اُتي، اُتي مان سڄي دنيا جي اهڙي دعوت ڪندس، جهڙي اڳي ڪڏهن ڪانہ ڪئي وئي آهي، ۽ جيڪا پوءِ ڏگهو ڏگهو مدو ياد رکي ويندي! اُتي ڇڙواڳ ڪل خوشيءَ جي وچ ۾، ڇتن سانگي راڳن جي وچ ۾ مان جام ڪٽندس ۽ اُن وينگس ۽ سندس نئين لڌل خوشيءَ تان خالي ڪندس! پوءِ اُن ئي هنڌ، سندس قدمن ۾، سندس آڏو پنهنجو ميڄالو نڪاءِ سان ڪڍي پاڻ کي سزا ڏيندس! هوءَ ڪڏهن ڪڏهن متيا ڪرامازوف کي ياد ڪندي. هوءَ سارينديءَ هئي تہ متيا ڪيس ڪيڏو نہ پيار ڪندو هو. هوءَ متيا لاءِ ارمان ڪندي هئي.“

”هٿ اسان ڪرامازوف جي تاثر لاءِ، روماني نراسائيءَ ۽ جذباتيت لاءِ حد کان ڇڙهيل چاهہ ڏسون ٿا . برابر، پر، جيوريءَ جا صاحبو، ٻيو ڪجهہ بہ آهي، جيڪو روح ۾ رڙي ٿو، ذهن ۾ لاڳيتو ڌڙڪي ٿو، ۽ اندر کي مرڻ گهڙيءَ تائين وهہ ڪري ٿو- اهو ٻيو ڪجهہ، جيوريءَ جا صاحبو، آهي ضمير. ان جو فيصلو، ان جا پوائتا آزار. پستول سڀ ڪجهہ نبيري ڇڏيندو، پستول ئي آخري واهہ آهي. پر ان کان اڳتي- مان نٿو ڄاڻان تہ ڪرامازوف کي تنهن مهل اهو پور پيو هو يانہ - ان کان اڳتي ڇا آهي؟ تہ هن هئملٽ وانگر سوچيو هو. ”اڳتي ڇا آهي؟“ نہ جيوري جا صاحبو، هنن وٽ پنهنجا هئملٽ آهن. پر اسان وٽ پنهنجا ڪرامازوف آهن!“

اتي اپولٽ ڪردووچ، متيا جي تيارين جي، ۽ پرهوتن وٽ، دڪان تي گاڏي هڪليندڙن سان ڇا پيش آيو، تنهن جي ذري پرزي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي. هن اڪيچار لفظن ۽ ڪمن جو حوالو ڏنو، جن شاهدن تصديق ڪئي هئي، ۽ ان ڇٽ ٻڌندڙن تي پوائتو اثر ڇڏيو. سڀني حقيقتن کي ڪٺو ڪيو ويو تہ هراسيل ۽ نراسائيءَ وچان نتيجن کان لاپرواهہ انسان جو ڏوهہ ڇٽو ۽ پاڻ مڃائيندڙ تي اُڀريو.

”ڪيس احتياط جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ۽ ٿي پيرا هن ذري گهٽ باسيو ٿئي، اشارو ڪيو هئائين، پير زبان نه کوليائين“ (ان کان پوءِ شاهدن جي ساک جو وارو آيو.) ”هن ويندي ان گاڏيءَ واري ڪڙميءَ کي به رڙ ڪري چيو: ”پتو ٿئي تون هڪ خونيءَ کي ڪنيو پيو هلين!“ پر هن لاءِ سچي ڪرڻ ناممڪن هو، ڪيس موڪرو ۽ پهچڻو هو ۽ پنهنجي رومانس[1] کي توڙ پڄائڻو هو. پر اياڳي انسان لاءِ ڇا اوسيئڙيل هو؟ موڪروءَ ۾ ذري گهٽ پهرين پل ۾ هن سهي ڪري ورتو ته سندس اجيت رقيب هرويرو اهڙو اجيت به ڪو نه هو، ته سندن نئين لڏل خوشيءَ تي جام خالي ڪرڻ جي خواهش ڪا نه ٿي ڪئي وئي ۽ نه ئي قبول ڪئي ويندي . پر، جيوريءَ جا صاحبو، هي شروعاتي پيچا ڳاچا دوران سامهون ايندڙ حقيقتون آهن. ۽ توهان اُهي سڀ ڄاڻو ٿا. ڪرامازوف جي پنهنجي رقيب تي فتح مڪمل هئي، ۽ هن جو روح هڪ بلڪل نئين مرحلي ۾ داخل ٿي ويو، شايد سيني کان پوائتو مرحلو، جنهن منجهان هن جو روح نه اڳي ڪڏهن لنگهيو هو ۽ نه اڳيان لنگهڻو هو.“

”جيوريءَ جا صاحبو، اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو“ سرڪاري وڪيل تقرير جاري رکندي چيو ته، ”ڪاوڙايل فطرت ۽ ڏوهاري دل ڪنهن به زميني انصاف جي پيٽ ۾ پاڻ پنهنجو پورو وير وٺندا آهن. پر اهو سچ آهي ته زمين تي ايندڙ انصاف ۽ ملندڙ سزا فطرت جي سزا کي يقيني طرح نرم ڪري ڇڏيندا آهن، ۽، تحقيق، ڏوهاريءَ کي نراسائيءَ مان ڪڍڻ لاءِ ضروري پڻ آهن، مان خيال ۾ ئي نٿو آڻي سگهان ته ڪرامازوف کي اوڏي مهل ڪيڏو نه ڏڌڪو آيو هوندو ۽ ڪيڏي نه پيڙا پوڳي هوندائين، جيڏيءَ مهل ڪيس خبر پئي ته هو ساڻس پيار ڪري ٿي، ته هن پنهنجي پهرين چاهيندڙ کي سندس خاطر رد ڪري ڇڏيو هو. ته هوءَ ڪيس، مٿيا کي نئين جيوت ڏانهن سڏي رهي هئي، ته هوءَ ڪيس خوشيءَ جي بشارت ڏيئي رهي هئي. پر ڪڏهن؟ جڏهن هن لاءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو ۽ ڪجهه به ممڪن نه رهيو هو.“

”هتي مان ڏنگين ۾ هڪ اهم نڪتو بيان ڪندس، جو اهو قيديءَ جي ان وقت واريءَ حالت تي روشني وجهي ٿو. هيءَ عورت، سندس محبت جنهن ڪيس دل وجان سان چاهيو ٿئي، آخري گهڙيءَ تائين، سندس گرفتاريءَ جي گهڙيءَ تائين حاصل نه ٿي سگهي هئي. سو هن تڏهن پاڻ کي گولي ڇو نه هنئين؟ هن پنهنجو ارادو ڇو ترڪ ڪيو ۽ ڇو اهو به وساري ڇڏيائين ته سندس پستول ڪٿي رکيل هو؟ اها هن جي محبت لاءِ زبردست خواهش ۽ ان خواهش جي پوري ٿيڻ جي آس هئي، جنهن ڪيس ائين ڪرڻ

---

[1] Romance: سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جي ان لفظ جو تُـل ڪونهي. اڙدو ٻوليءَ وارو لفظ ”رومان“ عشق محبت تائين محدود معني رکي ٿو. جڏهن ته ”رومانس“ ۾ ٻيو به گهڻو ڪجهه شامل آهي. (س ن ح)

ڪان روڪيو. موج مزا ماڻهن وارو سمورو وقت هو پنهنجي محبوبڙيءَ جي ويجهو رهيو، هوءَ شاهاڻي دعوت ۾ به ساڻس گڏ هئي. ۽ ڪيس اڳي ڪان وڏيڪ محبوبڙي موهي رهي هئي. سندس پاسو نه ڇڏيائين ۽ ڪيس مان ڏيڻ ۾ پاڻ ڪري وڏائين."

"سندس عشق نه رڳو گرفتاريءَ جي خوف ڪي پر ضمير جي ڇهڪن ڪي به گهڙي ڪن لاءِ دبائي ڇڏيو هوندو. گهڙي ڪن لاءِ. بس گهڙي ڪن لاءِ! مان تصور ڪري سگهان ٿو ته قيدي جن اٿرن جي چنبي ۾ چوڪنيو قاتل هو. تن سندس ڪهڙي حالت ڪئي هوندي: پهرين پيئڻ جو اٿر. ڌمر ڌڙي ۽ مستانائيءَ جو اٿر. ناچ جي تاپڙي ۽ راڳ جي آلاپ جو اٿر ۽ مٿ ۾ ڪڪوريل هن لاءِ نچندڙ ڳائيندڙ ڪلندڙ گروشينڪا جو اٿر! بيو هو پسمنظر ۾ انهيءَ آس جو اٿر ته موتمار پڇاڻي متان اجا پري هجي. شايد سياڻي صبح تائين. جڏهن هو اچي ڪيس سوگهو ڪندا. سو هن وٽ ڪي ڪلاڪ هئا. ۽ اهو به گهڻو هو. تمام گهڻو! تورن ڪلاڪن ۾ ماڻهو ڇاڇا نه محسوس ڪري سگهي ٿو! مان پانيان ٿو ته هن به ائين ئي محسوس ڪيو هوندو. جيئن ڏوهاري قاسي گهاٽ ڏانهن ويندي محسوس ڪندا آهن. ڪين هڪ بي گهٽي، ڊگهي گهٽي، وڪ ۾ وڪ وجهي، هزارين ماڻهن وٽان لنگهندي پار ڪرٽي هوندي آهي، ۽ اها گهٽي وچي ڪٽندي موت جي خوفائتي هنڌ تي! مان سمجهان ٿو ته ٻنڌ جي منڍ ۾ سزا آيل ماڻهو پنهنجي شرم جوڳي ڇڪڙي تي ويني اهو محسوس ڪندو ته اجا گهڻي عمر پئي آهي. گهر گذرندا ٿا وڃن. ڇڪڙو هلندو ٿو رهي. اوهه! اهو ڪجهه ناهي، بي گهٽيءَ جو وڪڙ اجا پري آهي، ۽ هو اجا اڃ ڊنل نظرن سان ساڄي کابي انهن هزارين بيدرد سونجهڻن ماڻهن ڪي ڏسي ٿو. جن جون اکيون منجهس کتل آهن. ۽ اجا به پاڻ ڪي اهڙو ئي ڀاڻي ٿو. جهڙو اهي آهن. اوهه! اهو ڪجهه به ناهي، ڪجهه به نه. اجا هڪڙي سڄي ساري گهٽي پئي آهي، ڪٽي ڪيترا به گهڻا گهر لنگهي ويا هجن. هو اهو ئي سمجهي ٿو ته اجا ڪيئي رهيل آهن. ۽ پڇاڙيءَ تائين. قاسيءَ گهاٽ تائين ائين ئي سمجهي ٿو.

"مان سمجهان ٿو ته تڏهن ڪرامازوف جي اهڙي ئي حالت هئي. هن اجا مون ڪي ٻڌو ناهي." هن اوس سوچيو هوندو. "مان اجا به پاڻ بچائڻ جي ڪا واٽ ڳولي وٺندس ها. اجا بچڻ جي ڪا ئي رٿ ناهڻ جو وقت آهي. ۽ هوءَ هاڻ به ڪيڏو نه موهي ٿي."

"سندس روح مونجهاري ۽ دپ ۾ ورتل هوندو. پر پوءِ به هن اڌ رقم ڪڍي ڪٿي لڪائي ڇڏي. هن پيءُ جي وهاڻي هيٺان جيڪي ٽي هزار ڪڍيا هئا. تن جي اڌ جي گم ٿيڻ جي بي ڪا سمجهاڻي ڪانهي. هو پهرين به موڪروءِ آيو هو. اتي پيالا چاڙهيندي اڳيئي به ڏينهن ٿي ڇڪا هئس. ڪيس هن وڏي جهوني حويليءَ جي سيني لنگهن ۽ لاڳاپيل جاين جي ڄاڻ هئي. مون ڪي لڳي ٿو ته ان رقم جي هڪ پتي،

گرفتاريءَ کان ٿورو اڳ، حويليءَ جي ڪنهن چير، فرش هيٺان، ڪنهن ڪنڊ، ڪنهن پڇنديءَ ۾ لڪائي وئي هئي. ڪهڙي مقصد لاءِ؟ مون کان پڇيو ويندو. مصيبت جي ڪهڙي خبر ڪنهن وقت به ڪڙڪي سگهي ٿي. هن اڄا اهو نه سوچيو هوندو ته ائين اوچتو ڪڙڪندڙ مصيبت کي ڪيئن منهن ڏيندو. مغز ڏنوي رهيو هوس. ۽ دل به وٽس هئي، پر ڏوڪڙ — ڏوڪڙن کانسواءِ ته سرندي ڪانهي، مڙس مڙس آهي ئي ڏوڪڙن سان. شايد توهان کي اهڙي دور انديشي، اهڙي ڏکي وقت تي غير فطري لڳندي. پر هو پاڻ اسان کي پڪ ڏياري تو ته مهينو کن اڳ هڪڙي نازڪ ۽ وائڙي گهڙيءَ ۾ هن اڌ رقم هڪ ننڍڙي ڳوٿريءَ ۾ سبي ڇڏي هئي. ۽ جيتوڻيڪ جيئن اسان سگهو ئي ثابت ڪنداسون ته، اهو صحيح نه هو، پر اهو ڏيکاري ٿو ته ڪرامازوف کي اهو خيال آيو هو ۽ هن ان تي ويچاريو هو. وڌي ڳالهه ته جڏهن هن پڇاڳاڇا وقت چيو ته هن پندرهن سو روبل ڳوٿريءَ (جنهن جو ڪو وجود ڪو نه هو) ۾ وڌا هئا، تڏهن هن ڳوٿريءَ جو ڪوڙ اوڏيءَ مهل تڏي تي ناهي ورتو هوندو. ڇو ته هن به ڪلاڪ اڳ اڌ رقم ڪڍي موڪروءَ ۾ صبح تائين لڪائي ڇڏي هئي، اوڪيءَ ويل ڪم اچڻ لاءِ، پاڻ وٽ نه رکڻ لاءِ. به ڇيهه. جيوريءَ جا صاحبو، ياد رهي ته ڪرامازوف هڪ ئي وقت به ڇيهه ڳٽي ڳوتي سگهي ٿو."

"اسان حويليءَ ۾ ڳولا ڪئي آهي، پر رقم نه لڌي اٿئون. ٿي سگهي ٿو ته اها اڄا به اتي هجي، يا ٻئي ڏينهن غائب ٿي وئي هجي، ۽ هن وقت قيديءَ وٽ هجي. بهر حال ، هو پنهنجي محبوبڙيءَ جي پاسي ۾ گوڏن ڀر ويٺل هو. هوءَ هنڌ تي ليٽيل هئي، سندس هٿ هن ڏانهن ڊگهريل هئا ۽ هر ڳالهه اهڙي ته وسري ويل هئس جو ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ ايندڙن جي اچڻ جي خبر ئي ڪانه پئي، ڪيس پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪنهن رٿ رٿڻ جو وجهه ئي نه مليو. ڪيس بيخبريءَ ۾ پڪڙي آڻي ججن وٽ پيش ڪيو ويو، ججن کي سندس قسمت جو، حشر جو فيصلو ڪرڻو آهي."

"جيوريءَ جا صاحبو، اسان کي پنهنجي فرض ادائيءَ دوران اهڙيون گهڙيون درپيش اينديون آهن، جڏهن اسان لاءِ ڪنهن کي منهن ۾ نهارڻ ڏاڍو اهنجائيندڙ هوندو آهي، اهنجائيندڙ هن خاطر پڻ. اهي گهڙيون حيواني خوف جو گهڙيون هونديون آهن: جڏهن ڏوهاري ڏسي ٿو ته سڀ ڪجهه ويو هليو، تڏهن به هو جاکوڙي ٿو، جاکوڙڻ جو جتن ڪري ٿو: گهڙيون، جڏهن پاڻ بچاءَ جون سڀ جبلتون منجهس هڪ ئي وقت جاڳي اٿن ٿيون ۽ هو توهان کي پچندڙ ۽ ڏکويل نظرن سان ڏسي ٿو. توهان کي، توهان جي منهن کي، توهان جي خيالن کي پرکي ٿو، بي يقينيءَ سان ته توهان الائجي ڪهڙي پاسي ڌڪ هڻندا، ۽ هن جو حيران پريشان دماغ هڪڙي ويرم ۾ هزارين رٿون

جوڙي وني ٿو، پر هو اجا بہ ڳالهائڻ کان ڊڄي ٿو تہ متان پاڻ پڌرو نہ ڪري وجهي! روح جو اهو ايذاءُ. هيءُ پاڻ بچاءَ جي حيواني اُڄ: انساني روح جون اهي هٺ پڇنڊڙ گهڙيون آهن. ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڪيل ۾ بہ ڏوهاريءَ لاءِ ڊپ ۽ ڪهل پيدا ڪنديون آهن. ۽ اسان تڏهن اهوئي مشاهدو ڪيو هو.

”پهرين هو تپرس ۾ پئجي ويو هو. ۽ پوءِ ۾ ڪي ڏاڍا شڪي ٻول ٻولي وينو هو. ’رت! مان اهوئي لهڻان؟‘ پر هن ترت پاڻ کي روڪي ورتو. اها تياري ڪونہ ڪئي هئائين تہ ڇا چوندو، ڪهڙو جواب ڏيندو. وٽس ٻيو ڪجهہ بہ نہ. نلهو انڪار تيار هو. ’مان پنهنجي پيءُ جي موت جو ڏوهي نہ آهيان.‘ في الحال وٽس اهو ئي لوڙهو هو. جنهن جي پنيان هو ڪو نہ ڪو لڪڙ ڪوٽ ڪڙو ڪري پئي سگهيو. پهرين جيڪي شڪي ٻول ٻولي وينو هو. تن جي وضاحت هيئن ڪيائين: پاڻ رڳو نوڪر گريگوريءَ جي موت جو ذميوار هو: ’ان رتو ڇاڻ جو ڏوهاري مان آهيان: پر، صاحبو، منهنجي پيءُ کي ڪنهن ماريو آهي، ڪنهن ماريو آهي؟ جي مان نہ تہ ڪيس ڪنهن تہ ماريو هوندو؟‘ ٻڌو ٿا نہ؟ هن اسان کان اهو پڇيو، اسان کان جيڪي ڪانئس اهو ئي پڇڻ ويا هئا سون! ايڏي بيوقتي اُبهرائيءَ سان ٻوليل ٻول توهان ٻڌو- ’جي مان نہ‘ - حيواني چالاڪي، پورائي، اهائي ڪرامازوف واري اُبهرائي؟ مون هن کي ڪونہ ماريو آهي، ۽ توهان اهو نہ سوچيو تہ مون ماريو آهي! مون ڪيس مارڻ گهريو هو، صاحبو، مون ڪيس مارڻ گهريو هو. هو اُبهرائيءَ وچان مڃي ٿو (ڪيس تڪڙ هئي، ڏاڍي تڪڙ). ’پر پوءِ بہ مان ڏوهي ناهيان، اهو مان ناهيان، جنهن ڪيس ماريو آهي.‘ هو اسان سان ايترو باسي ٿو تہ هن پيءُ کي مارڻ چاهيو هو. ڄڻ چوندو هجي تہ توهان پاڻ ڏسي سگهو ٿا تہ مان ڪيڏو نہ سچار آهيان. سو توهان ويساهہ ڪريو تہ مون ڪيس قتل نہ ڪيو آهي. اوهہ! اهڙن معاملن ۾ ڏوهاري اڪثر حيرت انگيز طور تي ترانگهڙو ۽ ويساهہ وسوڙو هوندو آهي.“

”ان مرحلي ۾ وڪيلن مان هڪڙي ڪانئس، جهڙو ڪر اتفاق سان، هڪ تمام سادو سوال پڇيو: ’ڪيس مارڻ وارو سميرڊياڪوف تہ نہ هو؟‘ اتي ڪيس، جيئن اسان کي توقع هئي، ڏاڍي ڪاوڙ آئي تہ سندس اڳلو قدم اڳواٽ سهي ڪري ويا هئا سون ۽ بيخبريءَ ۾ سوگهو ڪيو هوسين. تنهن کان اڳ نہ ڪيس تياري ڪرڻ جي مهلت ملي تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت بلڪل سياويڪ نموني ۾ سميرڊياڪوف جو نالو وٺي سگهي. هو هڪدم جيئن هو سدائين ڪندو آهي. ٻئي ڇيهہ ڏانهن ڏوڪي ويو، ۽ اسان کي يقين ڏيارڻ لڳو تہ سميرڊياڪوف نہ ماريو هوندو، ڇو تہ هو ائين ڪرڻ جوڳو نہ هو. پر هن تي اعتبار نہ ڪريو. اها هن جي چالاڪي هئي: هن سميرڊياڪوف وارو خيال ترڪ ڪونہ ڪيو هو. برخلاف ان جي، ڪيس سميرڊياڪوف جو نالو وري آڻڻو

هو. چالاڪ ته ڪيس سچ ته بيو ڪو اهڙو ماڻهو ڪونه تئي سُجهيو، جنهن کي اڳتي آڻي سگهي. پر ائين پوءِ ڪندو ڇو ته في الحال ڪانئس اها واٽ ڦرجي وئي هئي. هو ڪيس پوءِ بئي ڏينهن يا ڪجهه ڏينهن پوءِ ڪو وجهه وٺي اڳتي آڻيندو، جڏهن هو واڪو ڪري چئي سگهي، 'توهان کي ياد هوندو، مان سميرڊياڪوف بابت توهان کان وڌيڪ شڪ ۾ هوس، پر هاڻ مون کي پڪ ٿي وئي آهي. هن ئي ڪيس ماريو آهي.لاشڪ هن ئي ائين ڪيو آهي.' ۽ في الحال هو مونجهه ۾ چڙ وچان انڪار جو سهارو وٺي ٿو. بهرحال بي صبريءَ ۽ ڪاوڙ ڪانئس ان ڳالهه جي نهايت چسي ۽ اعتبار نه ڪرڻ جوڳي توصيح ڪرائي ته هن ڪيئن پيءُ جي دريءَ کان جهاتي پاتي هئي ۽ ڪيئن هن ادب سان پنيان پير ڪيا هئا. وڌيڪ خراب ڳالهه هيءَ هئي ته ڪيس تڏهوڪي صورتحال جي ڄاڻ ڪانه هئي، نه اها به ته گريگوري پنهنجي شاهديءَ ۾ ڇا چيو هو."

"اسان سندس جهڙتي ورتي، جهڙتيءَ ڪيس ڪاوڙايو به ۽ همٿايو به، وٽانئس هڙئي ٽي هزار نه پر انهن جو رڳو اڌ مليو هو. ۽ لاشڪ ڪاوڙيل ماٺ جي ان ئي گهڙيءَ ۾ ڪيس ڳوتريءَ جي ڏند ڪٿا سجهي هئي. بيشڪ ڪيس پاڻ به ان ڪهاڻيءَ جي ممڪن نه هجڻ جو احساس هو. سو هن پوري ڪوشش ڪئي ته اها ڪهاڻي بڻڻ ۾ ٺيڻ جوڳي لڳي، ۽ وسهڻ جوڳي بنائڻ لاءِ ان تي رومانس جو رنگ چاڙهيائين. اهڙن مامرن ۾ جاچ ڪندڙ وڪيلن جو پهريون ڪم ڏوهارين کي تياريءَ کان روڪڻ. بنا ڇتاءَ جي مٿان وجي پوڻ هوندو آهي ته جيئن سندن خيال جهڙا سندس اندر ۾، سادا، اڻ نهڪندڙ هجن. تهڙائي ٻاهر هليا اچن، ڏوهاريءَ کان رڳو تڏهن ئي اندر اورائي سگهبو آهي. جڏهن ڪيس ڪا نئين حقيقت اتفاقي طرح ٻڌائبي آهي يا ڪيس لاءِ وڏي اهميت رکندڙ ڪنهن اهڙي ڳالهه جي ڄاڻ ڏبي آهي، جنهن کان هو اڳي اڻڄاڻ هو ۽ نه ئي ان کي اڳ پسيو هئائين. اسان وٽ هڪ اهڙي حقيقت تيار هئي. اها هئي گريگوريءَ جي کليل در بابت شاهدي، جنهن منجهان قيدي ٻاهر ڀڳو هو. هن کان ان در جي ڳالهه صفا وسري وئي هئي، ۽ ويندي اهو شڪ به ڪو نه پيو هوس ته گريگوري کي اهو ڏٺو هو."

"ان جو اثر حيرت انگيز ٿيو. هن اوچتو ڏٺو ۽ اسان کي رڙ ڪيائين، 'ته پوءِ سميرڊياڪوف هن کي ماريو هوندو، اهو سميرڊياڪوف ئي هو!' ائين هن پنهنجو بچاءُ، جيڪو هيستائين هن پاڻ وٽ رکيو هو سو نهايت غير ممڪن شڪل ۾ ظاهر ڪري ڇڏيائين، ڇو ته سميرڊياڪوف گريگوريءَ کي ڌڪ هڻي ليٽائڻ کان پوءِ ئي خون ڪري ٿي سگهيو. جڏهن اسان قيديءَ کي ٻڌايو ته گريگوريءَ ڪِرڻ کان اڳ در کليل ڏٺو هو ۽ ڪمري مان ٻاهر ايندي سميرڊياڪوف کي پردي پنيان ٻڌو هئائين، تڏهن قيدي اصل ڍرڪجي ويو. منهنجي مانواري ۽ حاضر جواب دوست وڪيل. نڪولي پارفينووچ، پوءِ مون کي ٻڌايو ته هن قيديءَ کي ڏسي ذري گهٽ روئي ڏنو هو. ۽ وري

جڳو اهو ٿيو ته قيديءَ اسانکي ننڍڙي ڳوٺڙيءَ بابت ٻڌائڻ جي تڪڙ ڪئي. ائين ته ائين ئي سهي، توهان اهو رومانس به ٻڌندا.“

”جيوريءَ جا صاحبو. مان توهان کي اڳيئي ٻڌائي چڪو آهيان ته مان ان رومانس کي جو نه فقط اڻ ٽيٺي پر هڪ اهڙي نه وسهڻ جوڳي هٽ نوڪي ڳالهه ٿو سمجهان، جنهن جهڙي بي ڪا انهن حالتن ۾ اڳتي نه ندي وٺي آهي. جي ڪوئي شرط رکي سيني کان وڌيڪ اعتبار ۾ نه ايندڙ ڪهاڻي گهڙڻ چاهيندو ته ڪيس هن کان وڌيڪ اڻ ٽيٺي ڳالهه ورلي ملندي. انهن ڪهاڻين جي خراب ۾ خراب ڳالهه هيءَ آهي ته سوپارن رومانس گهڙيندڙن تن تفصيلن سان هر وقت مونجهاري ۾ وجهي ۽ پيڙي سگهي ٿو، جن سان حقيقي حياتي ايتري شاهوڪار آهي ۽ جنهن کي اهي ناخوش ۽ مجبور ڪهاڻي ٻڌائيندڙ غير اهم فضوليات سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. اوهه! وٽن انهن تفصيلن تي سوچڻ جو دماغ ئي ڪونهي، سندن ذهن سندن عظيم ايجاد جي ڪُل تي مرڪوز آهن، ۽ ڪوئي سندن ڏيان انهن فضوليات ڏانهن ڇڪائڻ جي همت نه ڪري! پر هو ائين ئي ته ڦاسندا آهن. قيديءَ کان سوال پڇيو ويو. ’تو پنهنجي ننڍڙي ڳوٺڙيءَ لاءِ سامان ڪٿان ورتو ۽ اها تو کي ڪنهن ناهي ڏني؟‘ ’مون پاڻ ناهي هئي‘ ’۽ تو ان لاءِ ڪپڙو ڪٿان آندو؟‘ قيديءَ کي ڏاڍي چڙ لڳي. هن اهڙي خسيس سوال جي پڇڻ کي ذري گهٽ پنهنجي هتڪ ڄاتو. ۽ توهان اعتبار ڪندا هن جي چڙ اصلي هئي! پر هو سڀ اهڙا ئي هوندا آهن. ’مون پنهنجي قميص ڦاڙي هئي.‘ ’ته پوءِ اها قميص سڀاڻي تنهنجن لٽن ۾ ملي ويندي ۽ ان مان ٽڪرو ڦاٽل هوندو.‘ ۽، جيوريءَ جا صاحبو، جيڪڏهن اسانکي اها قميص ملي ها (۽ اسان کي اها سندس خانن واري الماريءَ يا پيتيءَ مان ڪيئن نه هٿ اچي ها) ته اها حقيقت، طبعي حقيقت سندس بيان جي فائدي ۾ وڃي ها. پرهو اهڙي سوچ جوڳو هو ئي ڪونه. ’مون کي ياد ڪونهي، پنهنجي قميص مان ٽڪرو ڦاڙي نه پر گهر جي مالڪياڻيءَ جي ٽوپين مان ڪنهن ۾ سبي هئي.‘ ’ڪهڙي قسم جي ٽوپيءَ ۾؟‘ ’اها اُتي ڪٿي پيل پراڻي اڌوراڻي سُٽ جي ٽوپي هئي.‘ ’چٽيءَ طرح ياد اٿئي نه؟‘ ’نه‘ ۽ هو ڪاوڙجي، ڏاڍو ڪاوڙجي ويو، ۽ ٿورو سوچيو. پوءِ به ياد ڪونه آيس! ماڻهوءَ کي سندس حياتيءَ جي ههڙين نازڪ گهڙين ۾، مثال طور جڏهن ڦاسيءَ لاءِ نيو ويندو آهي، اهڙيون ئي خسيس ڳالهيون ياد اينديون آهن. هو ڪجهه به وساري ڇڏيندو. پر واٽ ويندي ڪائي سائي ڇت يا ڪو ٽياس تي ويٺل ڪانوَ جهڙو پکي ڏنـ هوندائين ته اهو به ياد رهندس. هن پنهنجن گهر وارن کان اُن ننڍڙي ڳوٺڙيءَ جو سبڻ لڪايو، کيس اهو عزت گهٽ ڪندڙ ڏپ هو ته متان ڪو اچي وڃي ۽ سندس هٿ ۾ سُئي نه ڏسي وٺي، ڪيئن نه هو ٿوري کڙڪي تي پردي پٺيان وڃي لڪو (سندس ٽڪڻ واري جاءِ ۾ پردو به آهي).“

پر، جيوريءَ جا صاحبو. مان توهان کي اهو سڀ، اهي تفصيل، اهي خسيس ڳالهيون ڇو ٻڌائي رهيو آهيان؟" اپولٽ ڪردووچ اوچتو رڙ ڪئي. ڇاڪاڻ ته قيدي اجا تائين اهي ڇسيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. هُن ٻه مهينا اڳ واري موتمار رات کان وٺي ڪنهن به ڳالهه جي وضاحت نه ڪئي آهي: "هن پنهنجن اڳين عجب جهڙن بيانن ۾ ڪنهن به جڳهه ڪنڊڙ حقيقت جو واڌارو نه ڪيو آهي. اهي سڀ فضوليات آهن. 'منهنجي قسم جو لحاظ ڪندي مون تي اعتبار ڪريو.' اسان هن تي اعتبار ڪرڻ لاءِ اُتا آهيون توڙي جو سندس ڇيو رڳو قسم تي آهي! ڇا اسان ماڻهوءَ جي رت لاءِ اُڃايل گدڙ آهيون؟ اسانکي قيديءَ جي فائدي ۾ ڪا هڪ حقيقت ڏيکاريو. اسان سرها ٿينداسين، اها مائيدار اصل حقيقت هجي، نه ڪي اهڙو نتيجو، جيڪو قيديءَ جي ڀاءُ مان سندس ڀاءُ ڪڍيو هجي يا تڏهن جهڙو، جڏهن هن پنهنجو سينو ڪُٽيو هو، سو ٻه اونده ۾. ۽ ضرور ننڍڙي ڳوٿريءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ گهريو هوندائين. اسان ڪنهن به نئين حقيقت تي خوش ٿينداسون، اسان مٿس آيل الزام کي رد ڪرڻ وارا پهريان ماڻهو هوندا سون. اسان ان کي رد ڪرڻ ۾ جلدي ڪندا سون. پر هاڻي انصاف واڪا پيو ڪري ۽ اسان ڪجهه به رد نٿا ڪري سگهون."

اتي پهچي اپولٽ ڪردووچ پنهنجي تقرير جو پڇاڙڪو تاثيرچ ڏيڻ شروع ڪيو. هو ۾ ائين ٿي نظر آيو ڄڻ تپ هجيس. هن رت جي ڳالهه ڪئي، جيڪو عيوض لاءِ پڪاري رهيو هو. پٽ هٿان مارجي ويل پيءُ جو رت، ڦر جهڙي نيچ حرڪت تان مارجي ويل پيءُ! هن حقيقتن جي هڪ ٻئي سان دڪدائڪ ۽ چٽي مناسبت جو حوالو ڏنو.

"توهان بچاءَ جي ڀڄُڻي ۽ ناليري وڪيل کان ڪٽي ڇا به ٻڌو." اپولٽ ڪردووچ اهو چوڻ کان رهي نه سگهيو. "توهان جي جذبات کي ڪٽي ڪيترين به فصيح ۽ دلسوز التجائون ڪيون وڃن، پر اهو ياد رکو ته توهان هن وقت انصاف جي مندر ۾ وينل آهيو. ياد رکو ته توهان هن وقت اسان جي انصاف جا پاسدار آهيو، اسان جي مقدس روس جا، ان جي اصولن جا، ان جي خاندان جا، ۽ هر ان شئي جا پاسدار، جنهن کي اهو مقدس سمجهي ٿو. توهان هن گهڙيءَ هت روس جي نمائندگي ڪري رهيا آهيو. ۽ توهان جو فيصلو نه رڳوهن هال اندر ٻڌو ويندو پر سڄي روس اندر پڙاڏو ڪندو. ۽ سڄو روس توهان کي، پنهنجن پاسدارن کي، پنهنجن ججن کي ٻڌندو. ۽ توهان جي فيصلي کان همٿائبو يا دلشڪستو ٿيندو. روس کي ۽ ان جي اميدن کي نراس نه ڪريو. اسان جي موتمار ٽروئيڪا شايد پنهنجي تباهيءَ ڏانهن ڏوڪيندي پئي وڃي. ۽ ساري روس ۾ ماڻهو گهڻي وقت کان هٿ ٻڌيو ان جي انڌاڌنڌ اُڏار کي روڪڻ جون منٿون ڪندا پي آيا آهن. ۽ جيڪڏهن ٻيون قومون ان ٽروئيڪا جي واٽ تان هٽي پري ٿين ته اهو، جيئن شاعر وسهي خوش ٿين ٿا، احترام وچان نه پر هراس وچان

آهي، هراس وڄان، شايد اٿاءَ وڄان. ۽ چڱو آهي جو اهي هتي پري تين تيون. پر تي سگهي ٿو تہ ڪنهن ڏينهن ائين ڪرڻ بند ڪن ۽ ان ڏوڪيندڙ جــن جي سامهون اڏول پت ڪڙي ڪــن ۽ پنهنجي سلامتي، روشن خياليءَ ۽ تهذيب کي بچائڻ لاءِ اسان جي لاقانونيت جي ڇتي ڊوڙ کي روڪي ڇڏين. اسان اڳيئي يورپ کان خبرداريءَ جا آواز ٻڌا آهن. هنن اڳيئي وجت شروع ڪري ڏني آهي. ڪين وجهہ نہ ڏيو! پٽ هٿان پيءُ جي خون کي جائز نهرائي ڪين وڌيڪ نہ ڪاوڙايو!"

اپولٽ ڪردووچ پاڻ سچ پچ تہ جذبات ۾ هوندي بہ پنهنجي تقرير انهيءَ فصيح التجا تي پوري ڪئي، ۽ جيڪو اثر پيدا ڪيائين سو غير معمولي هو. جيئن ئي هن تقرير پوري ڪئي، تيئن ئي ٻاهر نڪري ويو ۽ جيئن اڳ ذڪر ڪيو اٿم، وچي پاسي واري ڪمري ۾ بيهوش ٿي ويو. ڪورٽ ۾ تاڙيون تہ ڪو نہ وڳيون، پر ڳنڀير ماڻهو خوش ٿيا هئا. عورتون ڪو گهڻو مطمئن نہ ٿيون هيون، پر ڪين پڻ سندس فصاحت وڻي هئي ، خاص ڪري ان ڪري بہ تہ ڪين ڪيس جي نتيجي ۾ ڪي بہ شڪ ڪو نہ هئا، ۽ فيتيوڪووچ ۾ پورو پورو ويساهہ هون. "هو نيٺ ڳالهائيندو ۽ سڀ تقاضائون پوريون ڪري ڇڏيندو."

هر ڪنهن متيا ڏانهن نهاريو. هو سرڪاري وڪيل جي سڄي تقرير دوران ڏند پيڪوڙيو، هٿ پيڙيو، ڪنڌ هيٺ ڪيو چپ چاپ وينو رهيو هو. رڳو ڪنهن ڪنهن مهل ڪنڌ کڻي ٻڌائين ٿئي، خاص ڪري تڏهن جڏهن گروشينڪا جو ذڪر ٿئي آيو. جڏهن سرڪاري وڪيل گروشينڪا بابت رڪيٽــن جي راءِ جو حوالو ڏنو، تڏهن هن ڪجهہ ڏاڍيان پٽڪو ڪيو. "برنارڊ!" جڏهن اپولٽ ڪردووچ ٻڌايو تہ هن ڪيئن موڪروءِ ۾ پڇاڳاڇا وقت ڪيس ايذايو هو. تڏهن هن متو کڻي ڪن لائي ٻڌو هو. هڪڙي هنڌ ائين لڳو هو تہ ٽپ ڏيئي اُٿندو ۽ واڪو ڪندو، پر هن پاڻ جهلي ورتو هو ۽ رڳو حقارت وچان ڪلها لوڏيا هــئائين. ماڻهن پــوءِ تقرير جي پڇاڙيءَ بابت، سرڪاري وڪيل جي موڪروءِ ۾ قيديءَ کان پڇاڳاڇا واري ڪارنامي بابت ڳالهيون ڪيون، ۽ اپولٽ ڪردووچ تي چٿرون ڪيون. هنن چيو، "هي همراهہ پنهنجي چالاڪيءَ تي پاڻ پڌائڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو."

ڪورٽ توري وقت، پندرهن يا وڌ ۾ وڌ ويهن منٽن لاءِ، مهمل ٿي وئي. ڪيس جي ڪاروائي ڏسڻ لاءِ آيلن ۾ پــڻ پــڻ ۽ واڪا شروع ٿي ويا. مون کي انهن مان ڪجهہ ياد آهن.

"ڳري تقرير." هڪڙي ٽوليءَ ۾ ڪنهن صاحب ڳنڀيرتا سان آکيو.

"هن نفسيات جي گهڻ ڪئي." ٻئي آواز چيو.

"پر اهو سڀ صحيح هو، سڀ بلڪل صحيح."

"ها، اهائي تہ هن جي خاص خوبي آهي."

"درياءَ ڪوزي ۾ بند ڪري ڏيکاريائين." ڪنهن ٻئي ڳالهايو. "ياد اٿوَ ته هن پنهنجي تقرير جي مُنڍ ۾ چيو هو ته اسان سڀ فيودور پاولووچ جهڙا آهيون؟"

" پڇاڙيءَ ۾ پڻ، اها سچي بڪواس هئي."

"۽ مبهم پڻ."

"ڪجھ مڙيوئي وڌيڪ گهلجي ويو هو."

"اها نا انصافي آ، اها نا انصافي آ."

"نه، بهرحال ناهوڪي تقرير ڪيائين. گهڻو انتظار ڪرڻو پيو هوس.پر آخر پنهنجي ڳالھ ڪري ويو، ها ها ها ها."

"بچاءَ وارو وڪيل ڇا چوندو؟"

ٻي ٽوليءَ ۾ مون هيءُ ٻڌو:

"پيٽرسبرگ واري همراھ تي جُلھ ڪرڻ جو ڪو ڪم نه هوس، 'توهان جي جذبات کي التجائون' — ياد ٿوَ نه؟"

"ها، اها هن جي اڻنگائي هئي."

"ڏاڍي ڪا تڪڙ هُيس."

"نروس ماڻهو آهي."

"اسان کلون ٿا، پر قيديءَ ڇا محسوس ڪيو هوندو؟"

"هئو بيلي، متيا ڪيئن ڀانئيو هوندو؟"

ٽين ٽوليءَ ۾:

"هوءَ ڏکهي هٿيئي واري عينڪ [1] سان ٿُلهيري مائي ڪير آ، جيڪا پنيان ويٺي آهي؟"

"هوءَ جنرل جي زال آهي، طلاق ٿي وئي اٿس، مان کيس چڱي طرح سڃاڻان."

"ان ڪري اها عينڪ تي پائي."

"ڪنهن خاص ڪم جي ناهي."

"اڙي نه، مائي آهي ڇهري."

"ڪانئس ٻه جايون پنتي هڪ ٻي موچاري عورت ويٺي آهي، اها وڌيڪ ناهوڪي آهي."

"هنن موڪروءَ ۾ چڱي وٺ ڪئي هيس، ها ني؟"

"برابر، چڱي وٺ، پر اسان اهو اڳ به ٻڌي چڪا آهيون، هن اها ڪهاڻي ڪئين پيرا ماڻهن جي گهرن تي ڪنئي آهي!"

"۽ هاڻي وري ٻڌائڻ کان پاڻ جهلي نه سگهيو. اهو ٿوَ ايمانٰ."

"مڙيوئي ڪو ڏک سور اٿس. هي هي هي!"

---

[1] Lorgnette.

"ها. ۽ چڙي بہ جهڙ تو. ۽ لفاظي بہ بيحد گهڻي هئي. ايڏا ڏگها ڏگها جملا!"

"ها. هو اسان کي اڳچاڻ جي ڪوشش پيو ڪري. هو اسانکي اڳچاڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ترونيڪا بابت تہ ياد اٿو نہ؟ ڪجهہ ڪجهہ اهو تہ هُنن وٽ هئملٽ آهن. پر اسان وٽ اجا رڳو ڪرامازوف آهن. ڇا تہ بولي آهي!"

"اهو آزاد مزاجن کي ريجهائي لاءِ هو. هو ڪانٽن ڏجندو آهي."

"۽ ها. هو بچاءُ جي وڪيل کان بہ ڏجي تو."

"ها. فيتيوڪووچ ڇا چوندو؟"

"جيڪو بہ چوي. اسان جي ڪڙمين کي ڪونہ مچائي سگهندو."

چوٿين ٽولي:

"هن جيڪو ترونيڪا بابت چيو. اهو سٺو هو. خاص ڪري اهو بين قومن وارو ٽڪرو."

"۽ جيڪو هيءُ چيائين تہ بيون قومون ان کي برداشت نہ ڪنديون سو سچ هو."

"ڇا مطلب آهي تنهنجو؟"

"پوئين هفتي انگريزن واري پارليامينٽ جو هڪڙو ميمبر اُٿي بينو ۽ نائلسٽن [1] بابت ڳالهائيندي وزارت کان پڇيائين تہ ڇا وقت نہ اچي ويو آهي تہ وچ ۾ پئجي ۽ انهن وحشي ماڻهن کي تعليم ڏجي. اپولٽ هن بابت ڳالهائي رهيو هو. مون کي خبر آهي تہ اِن بابت تئي ڳالهايائين. پوئين هفتي هن ئي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي."

"اهڙو سولو ڪم تہ ناهي."

"سولو ڪم ناهي، ڇو ناهي؟"

"ڇو. اسان ڪراسنات کي ڇپ ڪرائي ڇڏيندا سون. ۽ ڪين مڪئيءَ جو واٽو بہ نہ ڏيندا سون. پوءِ ڪٿان وٺندا."

"آمريڪا کان. هاڻي آمريڪا کان وٺندا آهن."

"بڪواس."

پر اِتي گهنٽي وڳي. ۽ سڀ پنهنجين پنهنجين جاين ڏانهن پڳا. فيتيوڪووچ تلهي تي چڙهي ويو.

---

[1] Nihilists: مذهب ۽ اخلاق کي هلت چلت جو بنياد مڃڻ کان انڪار ڪندڙ. اڻويهين صدي عيسويءَ جي روس جي ان انقلابي گروهہ سان لاڳاپي. جيڪو تڏهوڪي روسي سماج جي ڪنهن بہ وٽ ڳالهہ کي سٺو نہ سمجهندو هو. (س ن ح)

باب ڏهون

# بچاءَ ۾ تقرير، هڪُ ٻئي پاسا وننڌڙ دليل

مشهور مقرر جا پهريان لفظ ٻـُريا تہ چوڌاري ماٺ ٿي وئي. ٻڌڻ وارن جون نظرون منجهس کُتل هيون. هن سادگيءَ سان ۽ سنئون سڌو ۽ پوري اعتماد سان، ڳالهائڻ شروع ڪيو. ذرو بہ گهمنڊ يا غرور ڪو نہ هوس. هن فصاحت بلاغت، دلسوزيءَ يا جذباتي جملن کان ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. ائين ٿئي لڳو ڄڻ هو ويجهن ۽ همدرد دوستن جي حلقي ۾ ڳالهائي رهيو هجي. سندس آواز ڏاڍو سنو هو، ڪليل ۽ همدرديءَ وارو، ۽ اهو ٻڌڻ ۾ سچو ۽ سادو ٿي لڳو. پر هر ڪنهن کي احساس هو تہ تقرير اوڄتو رقت آميز ٿي "هانوَ کي زبردست طاقت سان سل ي" سگهي ٿي. هن جي ٻولي شايد اپولٽ ڪِردووچ کان وڌيڪ بي ترتيب هئي، پر هن جا جملا ننڍا ننڍا ۽ تـُز هئا. هڪ ڳالهہ عورتن کي ڪانہ ٿي وڻي. اهو هو هن جو اڳتي نِوڙڻ، خاص ڪري تقرير جي منڍ ۾. هو جهڪيو تہ ڪو نہ ٿي پر ائين ٿي لڳو ڄڻ هو پنهنجن ٻـُڌڻ وارن ڏانهن ڌوڪڻ وارو هجي. هو بيٺو ٿي ٿي ويو ڄڻ سندس ڊگهي ڪرنگهي ۾ اسپرنگ هجي، جنهن جي آڌار تي هو ذري گهٽ گوني ڪنڊ تي نِوڙي ٿي آيو.

تقرير جي مُـنڍ ۾ هن ڪيتريقدر بي ربط ڳالهايو. ائين ڪٺي چئجي تہ بنا سرشتي جي، حقيقتن کي الڳ الڳ ڪٺندي، توڙي جو آخر ۾ انهن حقيقتن جو ڪُـل جڙي ويو. سندس تقرير کي هوند ٻن اڌن ۾ ورهائجي: پهرين ۾ هن الزام جي ترديد ۾، ڪنهن ڪنهن مهل طنز ۽ ڪيني کان ڪم وٺندي، ٽيڪا ٽپڻي ڪئي. پر ٻئي اڌ ۾ هن جو آواز، ويندي هن جو رويو بہ، بدلجي ويو، ۽ هڪدم دل پڇائيندڙ ٿي ويو. ٻـُڌڻ وارا ڄڻ تہ ان ئي انتظار ۾ هئا، ۽ اتساهہ وچان ڪَنبڻ لڳا.

هن سڌو ڳالهہ جو ڳاٽو ڪنيو، ۽ شروع هيئن ڪيائين تہ جيتوڻيڪ هو وڪالت پيٽرسبرگ ۾ ڪندو هو، پر هڪ کان وڌيڪ ننڍن شهرن ۾ اهڙن قيدين جي بچاءَ ۾ پيش ٿيندو رهيو هو. جن جي بيڏوهي هجڻ جي ڪيس پڪ هئي يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙو اڳ ويچاريل خيال هوس. "هن ڪيس ۾ مون سان ائين ئي ٿيو آهي،" هن وضاحت ڪئي. "اخبارن منڍ ۾ ئي ان ڪيس بابت جيڪي ڇاپيو، تنهن ۾ ڪجهہ اهڙو ڏنم، جنهن مون کي قيديءَ جي پاسي ڪري ڇڏيو. جنهن ڳالهہ منهنجو چاهہ وڌايو، سا وڪالت جي ڌنڌي ۾ اڪثر درپيش ايندي آهي، پر ورلي اهڙي انتها واري ۽ عجيب انداز ۾، جهڙي هن ڪيس ۾. مون کي ان ڳالهہ جو ذڪر پنهنجي تقرير جي پڇاڙيءَ ۾ ڪرڻ جڳائي، پر مان مُنڍ ۾ ئي ائين ڪندس، ڇو تہ سڌو ڪم تي چڙهڻ، پنهنجي

تاثرات کي بچائي نہ رکڻ ۽ پنهنجي مواد ۾ ڪفايت ڪرڻ منهنجي ڪمزوري آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها منهنجي اياڻپ هجي، پر گهٽ ۾ گهٽ اها پرخلوص ضرور آهي. منهنجي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ آهي: قيديءَ جي خلاف ساڪُـن جي هڪ نهوڙي ڇڏيندڙ زنجير آهي، پر ساڳئي وقت هڪ بہ اهڙي حقيقت ڪانهي، جيڪا پنهنجي ليکي اڪيلي سر پرکجڻ وقت ٽيڪا ٽپڻيءَ اڳيان بيهي سگهي. مان جيئن جيئن اخبارن ۾ ايندڙ خبرون پڙهندو ويس، تيئن تيئن منهنجي خيال جي تصديق ٿيندي وئي، تان جو مون کي قيديءَ جي مائٽن جو نياپو پهتو تہ اچي سندس بچاءَ ۾ وڪيل طور پيش ٿيان. مان جلد هليو آيس، ۽ هتي مان پوريءَ طرح قائل ٿي ويس. مون ڪيس ڪنيو تہ جيئن حقيقتن جي پوائتي زنجير ٽوڙيان ۽ ڏيکاريان تہ هر حقيقت اڪيلي سر ونبي تہ اڻ ثابت ٿيل ۽ پُورالي نڪرندي."

فيتيوڪووچ جي شروعات اها هئي.

"جيوريءَ جا صاحبو!" هن اُمالڪ احتجاج ڪيو، "مان هن پاسي نئون آهيان. مون وٽ ڪي اڳ جُـڙيل خيال ڪونهن. قيدي ڏاڍو وڳوڙي ۽ بي لغام سڀاءَ وارو آهي. منهنجي تہ نہ پر شايد شهر ۾ ڇگن پلن جي بيعزتي ڪري ڪين اڳيئي پنهنجي برخلاف ڪري ڇڏيو اٿس. بيشڪ مان مڃان ٿـو تہ هتان جي آبرو وارن جو ڪيس بد اخلاق سمجهڻ حقي واجبي آهي. قيدي چيڙاڪ ۽ ويڙهاڪ طبيعت جو ڏٺي آهي، تڏهن بہ هتان جي سوسائٽيءَ ۾ سندس آجيان ڪئي ويندي هئي، ويندي منهنجي ڀهڳتي دوست سرڪاري وڪيل جي گهر ۾ پڻ!"

(ڏيان لائق: انهن لفظن تان ڪي ۾ ٽي ٻڌڻ وارا ڪليا ۽ چپ بہ ٿي ويا، پر سندن ڪل سيني ٻڌي. اسان کي پتو هو تہ سرڪاري وڪيل جـي گهر ۾ سندس مرضيءَ جي خلاف متيا جي آجيان ٿيندي هئي، رڳو ان ڪري جو سندس زال الائجي ڪيئن متيا ۾ دلچسپي ونڻ لڳي هئي. هوءَ ڏاڍي نيڪ ۽ ستياوان عورت هئي. پر ساڳئي وقت پورالي، ريجڪي ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ مڙس جي مخالفت ڪرڻ واري بہ هئي. بهرحال متيا جو ڪو گهڻو اچڻ وڃڻ ڪو نہ هون.)

"تنهن هوندي بہ مان اهو چوڻ چاهيندس"، فيتيوڪووچ چوندو رهيو، "تہ منهنجو مخالف هونءَ آهي تہ پنهنجي دماغ وارو ۽ انصاف پسند، پر پنهنجي اياڻي اصيل جي خلاف غلط تعصب جو شڪار ٿي ويو آهي، پر اهو بلڪل سياويڪ آهي ڇو جو اهو بدنصيب انسان آهي ئي ان لائق. ويل اخلاق ۽ ان کان وڌيڪ ويل ذوق اڪثر ڪري بي ترس هوندا آهن. اسان ڀهڳتي سرڪاري وڪيل جي تقرير ۾ قيديءَ جي سڀاءَ ۽ هلت جو سخت ڇيد ٿيندي ٻڌو، ۽ هن جو ڪيس ڏانهن سخت تنقيدي رويو بہ ظاهر هو، ۽

تنهن کان وڌيڪ هن نفسياتي موشگافيون بہ ڪيون. جيڪي هو هوند نہ ڪري ها. جيڪڏهن قيديءَ خلاف هن جو تعصب ٿورو بہ ڇاٽيل واٽيل ۽ بغض وارو هجي ها، پر ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ آهن، جيڪي ههڙن مامرن ۾ حد کان چڙهيل بغض واري ۽ ڇاٽيل واٽيل نا انصافيءَ واري رويئي کان وڌيڪ خراب، ويندي موتمار، هونديون آهن. تڏهن پاڻ وڌيڪ ڳڙ ٻڙ ٿئي ٿي، جڏهن اسان فنڪاريءَ واريءَ جبلت، ائين ڪٿي چئجي تہ ڪو رومانس سرجڻ جي خواهش هٿان گهلجي وڃون ٿا. خاص ڪري تڏهن جڏهن خدا اسان کي نفسياتي ادارڪ سان نوازيو هجي. جڏهن مان هيڏانهن اچي رهيو هوس، تڏهن پيٽرسبرگ ۾ مون کي ڇتاءُ ڏنو ويو. ۽ پاڻ مون کي بہ اندازو هو، تہ هت مون کي هڪ اهڙو ڀهڳٽو مخالف ملندو، جنهن جي نفسياتي ادارڪ ۽ لطافت ڪيس قانوندان حلقن ۾ تازن ورهين اندر مخصوص قسم جي مشهوري ڏياري آهي. نفسيات گهري برابر آهي، پر ڪائي ٻئي پاسا ٿي ." (خلق ۾ ٽهڪ)، " توهان مون کي شخصي مشابهت تي ضرور معاف ڪندا، مان خوش گفتاريءَ جي هام نٿو هڻان. پر مان سرڪاري وڪيل جو ڪو بہ نڪتو مثال طور ڪٽندس."

"قيدي باغ منجهان ڀڄندو لوڙهو ٽپيو ۽ نوڪر اچي جهليس تہ ڪيس ٽامي جي مهري هٽي ڌاهي رڪيائين. پوءِ هو واپس باغ ۾ ٽپيو، ۽ پنج منٽ اهو ڏسڻ ۾ وڄايائين تہ نوڪر کي ماري رکيو هٿائين يا نہ. ۽ سرڪاري وڪيل قيديءَ جي انهيءَ بيان تي وسهڻ کان انڪاري آهي تہ هو پوڙهي گريگوريءَ ڏانهن ترس وچان ڊوڙيو هو. 'نہ' هو چوي ٿو، 'هو اهو ڏسڻ لاءِ ڊوڙيو هو تہ سندس ڏوهہ جو اڪيلو شاهد مري ويو هو يا جيئرو هو، ۽ ائين ڪري هن ڏيکاريو تہ قتل جو جوابدار هوئي هو، ڇو تہ ڪنهن بہ ٻئي سبب جي ڪري ڊوڙندو نہ موٽي ها.' اها آهي نفسيات: پر ساڳيو طريقو اختيار ڪندي ان کي ماري جي ٻئي پاسي کان لاڳو ڪبو تہ نتيجو ڪو گهٽ وسهڻ جوڳو نہ نڪرندو. اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ قيديءَ هيٺ ٽپو اڳواٽ احتياط جي ڪري ڏنو، اهو ڏسڻ لاءِ تہ شاهد جيئرو هو يا نہ. جڏهن تہ هو فوتي پيءُ جي ڪمري ۾، جيئن سرڪاري وڪيل پاڻ دليل ڏي ٿو، قاتل لفافي جي شڪل ۾ پنهنجي خلاف هڪ اهم ساک ڇڏي آيو هو. لفافي تي لکيل هو تہ ان ۾ ٽي هزار روبل آهن. 'جيڪڏهن هو اهو لفافو پاڻ سان کڻي وڃي ها تہ دنيا ۾ ڪنهن کي بہ ان بابت، ۽ ان ۾ پيل نوٽن بابت، ۽ اهو تہ اها رقم قيديءَ چورائي آهي، پتو نہ پوي ها.' اهي سرڪاري وڪيل جا پنهنجا لفظ آهن. سو اوهان هڪڙي پاسي احتياط ۾ سخت ڪوتاهي ڏسو ٿا، هڪ اهڙو ماڻهو جنهن جا هوش خطا آهن ۽ ڊپ ۾ هڪ اهم سگ فرش تي ڇڏيو ڀڳو ٿو وڃي ۽ جنهن بہ منٽ پوءِ هڪ ٻيو ماڻهو بہ ماري ڇڏيو آهي، تنهن لاءِ اسان کي فرض ڪرڻو آهي تہ سخت ڪنور ۽ چپ

چٽ ڪندڙ دور انديش هو. پر اهو مجحي به ڪٿي ته هو ائين آهي ته منهنجي خيال ۾ اها نفسياتي موشگافي آهي، جنهن موجب مان هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ ڪاڪيشيا جي باز جهڙو رت پياڪ ۽ تکي نظر وارو ته بي گهڙيءَ ۾ ڇچوندر جهڙو ڪانئر ۽ انڌو ٿي ٿو وڃان. پر جيڪڏهن مان ايترو ئي رت پياڪ، ڪنور چپ چٽ ڪندڙ آهيان جو جڏهن ماڻهو ماري ٿو ڇڏيان، تڏهن موٽي وڃي ڏسان ٿو ته هو منهنجي خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ جيئرو ته ناهي، پوءِ مان پنهنجي شڪار جي خبر لهڻ ۾ پنج منٽ وڃائي ٻين شاهدن کي نظر اچڻ جو جوکو ڇو کڻان؟ ڇو پنهنجي رومال سان سندس نرڙ اگهي اهو رتهاڻو ڪريان ته جيئن پوءِ اهو منهنجي خلاف ثابتيءَ طور پيش ٿئي؟ جيڪڏهن قيدي اهڙو ئي ڪنور ۽ چپ چٽ ڪندڙ هو ته پوءِ هن ڇو ڪو نه نوڪر کي ان ئامي جي مهريءَ جا ڏک هٽي هٽي اُڦٽ ماري ڇڏيو ۽ هن جو پنهنجي خلاف شاهد بنجڻ جو الڪو ختم نه ڪيو.

”وري جڏهن هن موٽي وڃي ڏٺو ته ڪٿي شاهد جيئرو ته نه هو، تڏهن پنهنجي خلاف هڪ ٻيو شاهد واٽ تي رهايو ويو، يعني اها سجاڻي ئامي جي مهري، جيڪا هُن زائفن کان ورتي هئي ۽ جيڪا اُهي پوءِ ساڪ ڏيئي تي سگهيون ته هن ئي ڪانئن ورتي هئي، ۽ ائين به ناهي ته مهري هن کان واٽ تي ڪري پئي هجي ۽ پيهر ڪٿڻ وسري وئي هجيس، بلڪ هن اها زور سان اڇلائي هئي، ڇو ته اها اُتان پندرهن وکون پري ملي هئي، جت گريگوري ڪريل هو. هن ائين ڇو ڪيو؟ رڳو انهيءَ ڪري ته هن کان ماڻهو، پوڙهو نوڪر مري ٻيو هو ۽ هن مهري پاراتو ڏيندي پري اُڇلائي ڇڏي جو اها خوني هٿيار هئي. ضرور ائين ئي هوندو نه ته وٽس اها ايتري پري اُڇلائڻ جو ٻيو ڪهڙو سبب هو؟ ۽ جيڪڏهن هو ماڻهو مارڻ تان ڏک ۽ ڪهل جوڳو هو ته پوءِ هو پيءُ کي مارڻ جو ڏوهاري نه هو. جيڪڏهن هو پيءُ کي ماري ها ته پوءِ هو ڪهل وڃان ڊوڙي وڃي ٻئي شڪار جي خبر نه لهي ها. تڏهن هن جي سوچ ٻي هجي ها، ڪيس پاڻ بچائڻ جو اونو هجي ها. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪيس ڪهل ڀهل جو خيال ئي نه اچي ها. برخلاف ان جي، هو نوڪر جي خبر لهڻ ۾ پنج منٽ وڃائڻ جي بدران هن جو مٿو ڦاڙي ڇڏي ها. ڪهل ۽ ڀرائي اُون جي گنجائش هئي، انهيءَ ڪري جو تنهن وقت تائين هن جو ضمير صاف هو. هت اسان وٽ نفسيات مختلف آهي. جيوريءَ جا صاحبو، مون اهو طريقو ڄاڻي واڻي اهو ڏيکارڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي ته اوهان ان سان ڪجهه به ثابت ڪري سگهو ٿا. سڄو دارو مدار ان تي آهي ته اهو ڪير ٿو ڪم آڻي. نفسيات، ٻيو ته نهيو. تمام ڳنڀير ماڻهن کي به رومانس گهڙڻ تي هرڪائيندي آهي، سو به بيخياليءَ ۾. صاحبو، معاف نفسيات جي غلط استعمال جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.“

ڪورٽ ۾ پسنديدگيءَ ۽ سرڪاري وڪيل تي کلڻ جا آواز وري ٻڌڻ ۾ آيا. مان تقرير جا تفصيل ڪو نه ورجائيندس. پر ان جا ڪي ٽڪرا، ڪي اهم نڪتا نقل ڪندس.

باب يارهون

# ڪا رقم ڪانه هئي، ڦر ڪانه ٿي

فيتيوڪووچ جي تقرير ۾ هڪڙو نڪتو اهڙو هو جيڪو هر ڪنهن هنڊايو. هن انهن موتمار ٽن هزار روبلن جي هجڻ کان نپ انڪار ڪيو، ۽ ان ڪري انهن جي چوريءَ ٿيڻ جي امڪان کان به انڪاري ٿيو.

”جيوريءَ جا صاحبو،“ هو شروع ٿيو. ”ڪوبه نئون بي تعصب ماڻهو ڏسندو ته هن ڪي هڪ ڳالهه ڏاڍي عجيب لڳندي، ۽ اُها آهي ڦر جو الزام ۽ اهو ثابت ڪرڻ ناممڪن هجڻ ته ڪا شئي هئي جا چوري ٿي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته رقم چوري ٿي هئي، ٽئي هزار روبل، پر اِهي روبل هئا به سهي سا ڪنهن کي ڄاڻ ڪانهي. ٿورو سوچيو، اسان ان بابت ڪيئن ٻڌو ۽ ڪنهن کان ٻڌو آهي؟ جنهن اڪيلي ماڻهوءَ اُهي ڏٺا ۽ چيائين ته اهي لفافي ۾ وڌا ويا هئا، سو هو خاص نوڪر سمردياڪوف. هن ان بابت آفت کان اڳ قيديءَ ۽ سندس ڀاءُ، ايون ڪرامازوف، کي ٻڌايو هو. مادام سويتلوف کيُ به انهن بابت ٻڌايو ويو هو. انهن ٽنهي مان ڪنهن هڪڙي به اهي نوٽ اکين سان ڪو نه ڏٺا هئا. ڪنهن به نه، رڳو سميردياڪوف ڏٺا هئا.“

”اتي سوال اهو ٿو اٿي ته اهي سچ پچ هئا به سهي ۽ سميردياڪوف اهي ڏٺا هئا ته پوءِ هن آخري ڀيرو ڪڏهن ڏٺا هئا؟ جيڪڏهن سندس مالڪ ڪيس ٻڌائڻ کانسواءِ اهي نوٽ لفافي مان ڪڍي ورائي روڪڙ پيٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيا هجن ته پوءِ؟ ڌيان رهي ته سميردياڪوف جي چوڻ موجب، نوٽ گاديلي جي هيٺيان رکيا ويا هئا. قيديءَ ضرور اهي ڇڪي ڪڍيا هوندا، پر ان هوندي به بستري تي ڪو گهنج نه هو، اهو روبڪاريءَ ۾ چٽيءَ طرح لکيل آهي. بستري تي سعيو ڪري نفيس ۽ بيداغ چادرون وڇايل هيون. اهي قيديءَ جي رتهاڻن هٿن کان لوئجڻ کان ڪيئن بچي ويون؟“

”پر مون کان پڇيو ويندو: فرش تي پيل ڦاٽل لفافي بابت ڇا ٿا چئو؟ هائو، ان لفافي بابت هڪ به لفظ ڳالهائڻ ضروري آهي. مون کي ٻهڳٽي سرڪاري وڪيل جي واتان اهو ٻڌي ٿوري حيرت ٿي هئي ته اهو لفافو نه هجي ها، اُتي فرش تي پيل، رهجي ويل نه هجي ها ته ڪنهن کي به اُن جي هجڻ جو ۽ ان ۾ پيل نوٽن جو ۽ ان ڪري انهن جي قيديءَ هٿان چوري ٿيڻ جو پتو نه پوي ها. سو، سرڪاري وڪيل جي پنهنجي چوڻ موجب، پني جو ڦاٽل ٽڪرو ئي اڪيلي ثابتي آهي، جنهن تي ڦر جو الزام مدار رکي ٿو: ’نه ته ڪنهن کي به ڦر جي خبر نه پوي ها ۽ نه ئي شايد رقم جي.‘ پر ڇا رڳو اها حقيقت ته اهو پني جو ٽڪر فرش تي پيل ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته ان ۾ رقم هئي ۽

تہ اها رقم چوري ٿي وئي؟ ۽ پوءِ بہ اهو اعتراض اُٿاريو ويندو تہ هن اها رقم آخري ڀيرو ڪڏهن ڏٺي هئي؟ مون سميرڊياڪوف سان ڳالهايو هو. ۽ هن مون کي ٻڌايو هو تہ هن لفافي ۾ رقم آفت ڪان بہ ڏينهن اڳ ڏٺي هئي. پوءِ ڇا اهو سوچي نٿو سگهجي تہ پوڙهي فيودور پاولووچ جنهن بند ڪمري ۾ اڪيلو پنهنجي پرينءَ جو انتظار ٿي ڪيو، تنهن وقت ڪاٽڻ لاءِ لفافو ڦاڙي کوليو هوندو ۽ نوٽ ڪڍي ورتا هوندائين؟ ٿي سگهي ٿو تہ هن پاڻ کان پڇيو هجي، 'لفافي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ متان ڪيس اعتبار نہ اچي تہ ان ۾ نوٽ آهن. پر جڏهن مان ڪيس انبلٽ جي رنگن وارن ٽيهن نوٽن جي ٿهي ڏيکاريندس تڏهن هوءَ متاثر ٿيندي ۽ پڪ ئي پڪ هن جو وات پاڻي پاڻي ڪندو.' سو هو لفافو ڦاڙي رقم ڪڍي ٿو وٺي ۽ لفافو پٽ تي ڦٽو ڪري ڇڏي، هو پاڻ مالڪ آهي ۽ ڪا ثابتي ڇڏڻ جو ڪو اُلڪو ڪونهيس."

"ٻڌو، صاحبو، ان نظرئي ۽ اهڙي عمل ڪان وڌيڪ ڪائي ڳالهہ ممڪن آهي؟ ان جو سوال ڇو نٿو پيدا ٿئي پر جي اهڙي ڪا ڳالهہ هجي تہ ڦر جو الزام ڦهڪو وڃي ڪندو، جيڪڏهن رقم ڪانہ هئي تہ ان جي چوري بہ ڪانہ ٿي هئي. جيڪڏهن پَٽَ تي لفافي جو هئڻ ان ڳالهہ جي ثابتي سمجهي سگهجي ٿو تہ ان ۾ رقم هئي، تہ پوءِ مان اهو ڇو نہ سمجهان تہ اهو فرش تي ان لاءِ پيل هو جو مالڪ پاڻ ان منجهان رقم ڪڍي اهو اتي ڦٽي ڪري ڇڏيو هو."

"پر مون ڪان پڇيو ويندو، جيڪڏهن فيودور پاولووچ لفافي مان رقم ڪڍي ورتي هئي تہ اُها وئي ڪيڏانهن، ڇو تہ پوليس جڏهن گهر جي جهڙتي ورتي هئي، تڏهن اُها اُتي ڪا نہ ملي هئي؟ پهرين تہ ان رقم مان ڪجهہ روڪڙ پيتيءَ مان ملي هئي، ۽ ٻيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هن اُها تنهن صبح جو يا اڳئين سانجهيءَ جو ٻاهر ڪٿي وڃي ڪنهن ٻئي ڪم آندي هجي، ڪنهن کي ڏني هجي يا ڪاڏي موڪلي ڇڏي هجي، متان هن پنهنجو خيال ۽ جيڪي ڪرڻ جو رٿيو هئائين، اهو سڄي جو سڄو مٽائي ڇڏيو هجي ۽ سميرڊياڪوف کي اڳواٽ ٻڌائڻ ضروري نہ سمجهيو هجي. ۽ جيڪڏهن ان سمجهاڻيءَ جي صحيح هجڻ جو ذرو جيترو بہ امڪان آهي تہ پوءِ قيديءَ تي ڪيئن ايتري پختائيءَ سان ڦُر لاءِ خون جو ۽ سچ پچ ڦر ڪرڻ جو ڏوهہ رکي سگهجي ٿو؟ ائين ڪرڻ رومانس جي راڄ ۾ حد دخلي ٿيندو. جيڪڏهن اهو چيو ٿو وڃي تہ ڪا شيءِ چوري ٿي آهي تہ اها شئي پيدا ڪئي وڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو هجڻ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ثابت ڪيو وڃي. ان هوندي بہ ڪنهن بہ اهي نوٽ ڪڏهن ڏٺا ئي ڪو نہ هئا."

"ڪو گهڻو وقت ناهي گذريو تہ پيٽرسبرگ ۾ هڪڙو ارڙهن ورهين جو نوجوان، جيڪو گهوريئڙو هو، سو ڏينهن ڏٺي جو کهاڙيءَ سان هڪڙي رقمون مٽائيندڙ جي

دڪان ۾ ويو ۽ دڪان جي سنياليندڙ کي، خاص نوجوانن واري بيدپائيءَ سان اُڇٽ ماري ڇڏيائين، ۽ پندرهن سو روبل ڪٽي هليو ويو. پنج ڪلاڪ پوءِ پڪڙجي پيو، ۽ پندرهن روبلن ڪانسواءِ جيڪي هن خرچ ڪري ڇڏيا هئا. باقي سموري رقم وٽانئس هٿ آئي هئي. جڏهن خون ڪان پوءِ دڪان جو مالڪ موٽيو، تڏهن هن پوليس کي نه رڳو چوري ٿيل رقم جو پورو پورو انگ ٻڌايو، پر اهو پڻ ٻڌايائين ته ان ۾ ڪيترا نوٽ ۽ ڪيترا سونا سِڪا هئا، ۽ اهي ساڳيا نوٽ ۽ سِڪا ڏوهيءَ وٽان هٿ آيا هئا. ان تي خونيءَ سچي سچي ڪئي هئي. جيوريءَ جا صاحبو، اها آهي ثابتي! اٿين تئي ٿو ته مان رقم بابت ڄاڻان ٿو، اها ڏسان ٿو، ڇُهان ٿو، ۽ اُن جي وجود کان انڪار نٿو ڪري سگهان. ڇا هن مامري ۾ به ائين آهي؟ توڻي جو هٿ زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي."

"ها، مون کي ٻڌايو ويندو، پر اُن رات هو پيالا چاڙهي رهيو هو، ڏوڪڙ اُڏائي رهيو هو، هن وٽ پندرهن سوَن روبلن جو هجڻ ڏيکاريو ويو هو - اها رقم ڪٿان ملي هيس؟ پر اها ئي ڳالهه ته هن وٽ پندرهن سوَ هئا ۽ باقي پندرهن سوَن جو ڪو پتو ڪونهي، ڏيکاري ٿو ته اها ساڳي رقم نه هئي، ۽ ڪڏهن به ڪنهن لفافي ۾ نه رهي هئي. اوائلي پڇا ڳاڇا دوران وقت جو پورو پورو ليکو ڪري ڏنو ويو ته معلوم ٿيو ته هو انهن نوڪرياڻين وٽان سڌو پرهوتن ڏانهن ڀڳو هو ۽ گهر يا ٻيو ڪاڏي ڪو نه ويو هو. سو هو سمورو وقت ڪنهن نه ڪنهن سان گڏ هو، تنهن ڪري ٽئي هزار اڌواڌ ڪري پندرهن سوَ شهر ۾ ڪٿي لڪائي ڪو نه ٿئي سگهيو. اهائي ڳالهه آهي، جنهن جي ڪري سرڪاري وڪيل اهو ڪٿي فرض ڪيو آهي ته اهي پندرهن سئو موڪروءِ ۾ ڪنهن جهير، چير اندر لڪايل آهن. صاحبو، اوڊولفو واري ڪوٽ جي اونداهي بنديخاني ۾ ڇو ڪو نه؟ ۽ ڏسو جيڪڏهن اهو مفروضو ڦهڪو ٿو ڪري ته ڦُر وارو سمورو الزام هوائون تي وينديون، ڇو ته انهن پندرهن سوَن جو ڪو وجود ئي ڪو نه هو. جيئن ته اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته قيدي ٻيو ڪاڏي ڪو نه ويو هو ته پوءِ ڪهڙي ڪرشمي اهي پندرهن سئو غائب ڪري ڇڏيا؟ ۽ اسان اهڙين آکاڻين سان هڪ ماڻهوءَ جي حياتي برباد ڪرڻ تي سنبريل آهيون!

"مون کي ٻڌايو ويندو ته هو ڪو نه ٻڌائي سگهيو هو ته جيڪي پندرهن سو وٽس هئا، سي ڪٿان آندا هئائين، ۽ هر ڪنهن کي پتو هو ته اُن رات کان اڳ وٽس ڏوڪڙ هو ئي ڪونه. ٻڌايو، اهو پتو ڪنهن کي هو؟ قيدي صاف صاف ۽ بنا هٽڪ جي ٻڌايو آهي ته هن اها رقم ڪٿان آندي هئي ۽، جيوريءَ جا صاحبو، اوهان کي اها وضاحت قبول ڪرڻ کپي ته ان کان وڌيڪ وسهڻ جوڳو ۽قيديءَ جي سڀاءَ ۽ مزاج سان نهڪندڙ ٻيو ڪجهه ڪونهي. سرڪاري وڪيل کي سندس پنهنجي رومانس مَندي ڇڏيو آهي.

هڪ ڪمزور ارادي وارو ماڻهو جنهن پنهنجي مگيَ جا اهڙي ذليل ڪندڙ نموني ۾ آچيل ٽي هزار روبل ورتا هجن سو، اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي، انهن مان اڌ ڪڍي سبي ڪو نہ ٿي سگهيو ۽ ائين ڪيو بہ هوندائين تہ هر ٻئي ڏينهن ٽوپا اُڌيڙي سئو سئو ڪڍندو ويو هوندو تان جو هڪ مهيني ۾ سڀ ڪپائي ڇڏيا هونداڻين. اوهان کي ياد هوندو تہ اهو جنهن لهجي ۾ چيو ويو هو، اهو ترديد سهندڙ نہ هو. پر جي ان جي صفا ابتڙ ٿيو هجي تہ پوءِ؟ اوهان رومانس اُٿي رهيا هجو، سو بہ بنهہ الڳ قسم جي ماڻهوءَ بابت تہ پوءِ؟ تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اوهان ڪو ٻيو مختلف ماڻهو ايجاد ڪري وينا آهيو."

"شايد مون کي ٻڌايو ويندو تہ وٽن انهيءَ ڳالهہ جا شاهد موجود آهن تہ ڪيس مگيَ کان مهينو اڳ جيڪي ٽي هزار روبل مليا هئا، سي هن هڪڙي ڏينهن ۾ ڪائي ڪپائي ڇڏيا هئا. سو هو اها ٻي يعني چوراپل رقم ٿي اڏواڏ ڪري ٿي سگهيو. اهي شاهد ڪير آهن؟ سندن شاهديءَ جو ملهہ هن ڪورٽ ۾ اڳيئي ظاهر ٿي چڪو آهي. تنهن کان سواءِ، ٻئي جي هٿ ۾ نوٽن جي ٿهي وڏيڪ وڏي لڳندي آهي ۽ انهن شاهدن مان ڪنهن بہ اها رقم ڳڻي ڪا نہ هئي. هنن رڳو ڏسي اندازو لڳايو هو. ۽ سڪسيموف نالي شاهد پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ قيديءَ جي هٿ ۾ ويهہ هزار هئا. اوهان ڏٺو، جيوريءَ جا صاحبو، نفسيات ٻئي ڌار وارو هٿيار آهي. مان هاڻي ٻي ڌار آزمائيندس ۽ ڏسجو ان مان ڇا ٿو پرگهٽ ٿئي.

"آفت کان ٻہ مهينا اڳ ڪيٽرينا ايوانونا قيديءَ کي ٽي هزار روبل سونپيا هئا تہ ٽپال رستي سندس ڀيڻ کي ڏياري موڪلي. پر سوال آهي، ڇا اهو سچ آهي تہ اهي کيس ذليل ۽ خوار ڪندڙ نموني ۾ ڏنا ويا هئا، جيئن هن ڪورٽ ۾ ساجهر چيو ويو؟ انهيءَ خاتون جيڪو پهريون بيان ڏنو هو، سو مختلف هو، بلڪل مختلف. ٻئي بيان ۾ اسان رڳو چڙ ۽ وير جون وايون ٻڌيون، گهڻي وقت کان لڪايل ڌڪار جون وايون، ۽ اها حقيقت تہ سندس پهريون بيان ڪوڙو هو، اسان کي حق ڏي ٿي تہ اسان سندس ٻيو بيان بہ ڪوڙو سمجهون. سرڪاري وڪيل انهيءَ پهرين بيان کي ڇُهيو ئي ڪو نہ، بلڪ (سندس پنهنجا لفظ) ڇُهڻ جي همت ئي ڪو نہ ٿيس. ائين ئي سهي. مان بہ ڪو نہ ڇُهندس: پر ايترو ضرور چوندس تہ ڪائي اُتم ۽ اعليٰ اُصولن واري هستي، جهڙي هيءَ جوان خاتون آهي، جيڪڏهن اهڙي هستي، مان چوان ٿو، قيديءَ کي برباد ڪرڻ جي ظاهر ظهور مقصد سان پاڻ کي هن ڪورٽ ۾ ڏنل پنهنجي پهرين بيان جي ترديد ڪرڻ ڏي ٿي تہ پوءِ اهو صاف ظاهر آهي تہ اها ترديد بي ريائيءَ ۽ ٿڌي دماغ سان نہ ڪئي وئي آهي. ڇا اسان کي ائين سمجهڻ جو حق ناهي تہ هڪ وير ٿي سندرو

ٻڏي بيٺل عورت گهڻو وڏاءُ ڪري سگهي ٿي؟ هن خاص ڪري قيديءَ کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ لاءِ رقم آڇڻ واري ڳالهه برابر وڌائي ڪئي هوندي. نه، اها اهڙي نموني آڇي وئي هئي جو اها وٺڻ ممڪن هو. خاص ڪري قيديءَ جهڙي سچي ماڻهوءَ لاءِ جنهن کي پيءُ وٽان اُهي ٽئي هزار ستت ملڻ جو آسرو هو. جيڪي هن سمجهيو ٿي ته هو لهڻي. اها هن جي سوچ جي ڪوتاهي هئي، پر سوچ جي اها غير ذميوار ڪوتاهي ٿي هئي. جنهن ڪيس اهو ويساهه ڏنو ته پئس ڏوڪڙ ڏيندس، ته ڪيس ڏوڪڙ ملندا. سو هو هميشه سونپيل رقم رواني ڪري پنهنجو قرض لاهي سگهي ٿو.“

”پر سرڪاري وڪيل اهو مڃڻ کان انڪاري آهي ته قيدي ساڳئي ڏينهن رقم اڌو اڌ ڪري هڪڙو اڌ ننڍڙي ڳوٿريءَ ۾ سبي ڇڏيو هو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته قيديءَ جو سڀاءُ اهڙو نه هو. ڪيس اهڙو خيال نه پئي اچي سگهيو. پر هن پاڻ ڪرامازوفن جي مجموعي سڀاءَ بابت ڳالهايو. هن زور ڏيندي چيو ته ڪرامازوف هڪ ئي وقت ٻه ڇيهه ڳتي ڳوتي سگهي ٿو. ڪرامازوف سڀاءَ بس اهڙو ئي ٻه پاسائون آهي. ٻن ڇيهن جي وچ ۾ گهٽ وڌ ٿيندڙ. زوردار ڪل خوشيءَ ۾ مگن هوندي به اهو پاڻ کي ٻئي پاسي جي ڇُرچ تي روڪي سگهي ٿو. ۽ ٻئي پاسي آهي سندس عشق. اهو بيو عشق، جيڪو سندس دل ۾ پڙڪي اُٿيو هو ۽ اِن عشق لاءِ ڪيس پئسا کپندا هئا. تنهن کان گهڻا وڌيڪ جيڪي پنهنجي سنگتياڻيءَ سان پيئڻ کائڻ لاءِ کپندا هيس. جيڪڏهن هوءَ ڪيس چوندي ’مان تنهنجي آهيان، فيودور پاولووچ نه کپيم‘ ته پوءِ پاڻ سان وني وڃڻ لاءِ ڏوڪڙ کپن. اهو پيئڻ کائڻ کان وڌيڪ اهم هو. ڇا ڪرامازوف اهو سمجهڻ ۾ ناڪام رهي ٿي سگهيو؟ اهوئي اُلڪو ته ڪيس نهوڙي رهيو هو. هن جو اها رقم ڌار ڪري ڪنهن هنگامي ضرورت لاءِ لڪائڻ ۾ ڪهڙي اهڙي ناممڪن ڳالهه آهي؟“

”پر وقت وهامندو ويو. فيودور پاولووچ قيديءَ کي آسري وارا ٽي هزار روبل نه ڏنا. ان جي ابتڙ هن ٻڌو ته پئس اها رقم ان وينگس کي ڏتارڻ جي ڪم آڻڻ چاهي ٿو. جنهن سان سندس يعني قيديءَ جي پريت هئي. ’جيڪڏهن فيودور پاولووچ مون کي نه ڏنا،‘ هن سوچيو، ته ’ڪيترينا ايوانونا مون کي چور سمجهندي.‘ ۽ پوءِ ڪيس خيال سجهيو ته هو ڪيترينا ايوانونا وٽ ويندو ۽ ڪيس اهي پندرنهن سئو پيش ڪندو، جيڪي هن ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏيا هئا. ۽ چوندو، ’مان بدمعاش برابر آهيان پر چور ناهيان.‘ هت اوهان وٽ ٻنو سبب آهي ته هو ڳوٿريءَ جو ٿوبو اڌيڙي اُن ۾ پيل رقم سئو سئو ڪري ڇو نه کپائيندو. اوهان قيديءَ کي خودداريءَ کان محروم ڇو ٿا سمجهو؟ هائو، هو خوددار آهي، جو سندس اهو مادو غلط جاءِ تي آهي ۽ اڪثر پل ڪري ٿو: تڏهن به اهو بلڪل موجود آهي، ۽ بيحد زوردار آهي ۽ هن اهو ثابت ڪيو آهي.“

"پر هاڻي سُٽ وڏيڪ منجهي وڃي ٿو. هن جي رقابت واري ڀيڙا چوٽ تي پهچي وڃي ٿي، ۽ اهي ساڳيا ئي سوال هن جي تپيل دماغ کي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ آزارين ٿا: 'جي ڪيٽرينا ايوانونا کي موٽائي ٿو ڏيان ته گروشينڪا سان هلي وڃڻ جا سببَ ڪٿان مهيا ڪندس؟' هي جو هن ان مهيني دوران مستيون ڪيون، پيالا چاڙهيا ۽ گتن ۾ ڏمچر ڪيا ته اهو شايد ان ڪري هو ته هو وڏي وئل ۽ تاءَ ۾ هو، جيڪو سندس سهپ کان ٻاهر هو. انهن ٻن سوالن ايترو ته سوڙهو ڪيس جو هو آخرڪار سڀ آسرا لاهي ويٺو. هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي آخري پيرو پيءُ ڏانهن موڪليو ته ڪيس ٻاڏائي ٽئي هزاروني اچي، پر جواب جي انتظار کان سواءِ هن پاڻ وڃي اندر نڪاءُ ڪيو. ۽ دنگ پيءُ کي شاهدن جي موجودگيءَ ۾ مار ڏيڻ تي ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس ڪنهن کان به ڏوڪڙن ملڻ جو آسرو نه رهيو، ڇو ته مار کان پوءِ ڪو نه ڏنا هيس."

"ان ساڳي سانجهيءَ جو هن سيني تي، سيني جي مٿين چيڙي تي، جتي ننڍڙي ڳوتري هئي، ڌڪ هنيو ۽ پنهنجي ڀاءُ اڳيان قسم کنيائين ته وٽس بدمعاش نه هجڻ جا سببَ هئا، پر تڏهن به هو بدمعاش رهندو، ڇاڪاڻ جو ڪيس اڳيئي ڄاڻ هئي ته هو اهي سببَ ڪم نه آڻيندو، ته هن جو سڀاءُ ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏيندو. ته وٽس ائين ڪرڻ جو ست ئي نه هوندو. ڇو، آخر به ڇو سرڪاري وڪيل اليگزي ڪرامازوف جي شاهديءَ کي، جيڪا ايتري سچائيءَ ۽ خلوص سان ڀاڻيهي ئي قائل ڪندڙ انداز ۾ ڏني وئي، قبول نٿو ڪري؟ ۽ ڇو هو بجاءِ ايئن ڪرڻ جي، اسان کي ڪنهن جهير ڇير ۾، ادولفو جي اونداهي بنديخاني ۾ لڪل رقم کي وسهڻ تي مجبور ٿو ڪري؟"

"ساڳئيءَ سانجهيءَ جو پنهنجي ڀاءُ سان ڳالهائڻ کان پوءِ هن اهو موتمار خط لکيو ۽ اهو خط قيديءَ جي خلاف مکيه ۽ ڳري ۾ ڳري ثابتي آهي ته ڦُر هن ڪئي هئي! 'مان هر ڪنهن کان پڇندس، ۽ جي نه مليم ته جيئن ئي ايون ويندو، تيئن ئي پيءُ کي ماري ڇڏيندس، ۽ گلابي پٽيءَ وارو لفافو گاديلي هينان ڪڍي وٺندس.' اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو خون ڪرڻ جو مڪمل پروگرام هو. ان ڪري خوني هو ئي آهي. سرڪاري وڪيل واڪو ٿو ڪري، 'جيئن هن لکيو، تيئن ئي ڪيو ويو.'"

"پر پهريون ته اهو هڪڙي بيتل ماڻهوءَ جو خط آهي، ۽ سخت چڙ جي حالت ۾ لکيو ويو هو، ٻيو ته لفافي جو ذڪر سميرديا ڪوف کان وري ان بابت ٻڌي ٿو ڪري، نه ته پاڻ اهو لفافو ڪونه ڏٺو اٿائين، ٽيون ته هُن اهو برابر لکيو پر اوهان ڪيئن ثابت ڪندا ته هن ائين ڪيو به هو؟ ڇا قيديءَ اهو لفافو وهاڻي جي هينيان ڪنيو، ڇا هن کي رقم ملي، ڇا رقم سچ پچ هئي؟ ياد ڪريو، ڇا قيدي رقم ڪڍڻ لاءِ ڀڳو آيو هو؟ هو چوري ڪرڻ لاءِ نه پر اهو ڏسڻ آيو هو ته هوءَ، جنهن ڪيس نهوڙي رکيو هو،

أتي هئي يا نہ. هو ڪنهن پروگرام تي عمل لاءِ، جيڪو لکيو هئائين، تنهن تي عمل لاءِ نہ پڳو آيو هو. جيڪي لکيو هئائين يعني اڳ رٿيل ڦر جي لاءِ نہ، پر رقابت وچان غضبناڪ ٿي پڳو آيو هو. هائو! مون کي ٻڌايو ويندو، پر جڏهن هو اتي پهتو ۽ پيءُ کي ماري ڇڏيائين، تڏهن رقم تي پڻ قبضو ڪيائين . پر ڇا هن سچ پچ خون ڪيو هو؟ ڦر جو الزام مان ڇڙي رد تو ڪريان. ڪنهن ماڻهوءَ کي ڦر جو ڏوهہ تڏهن نٿو ڏيئي سگهجي، جڏهن اهو پڪ سان چوڻ ناممڪن هجي تہ ڇا چورايو ويو آهي. اهوئي قاعدو آهي. پر ڇا هن خون بنا ڦر جي ڪيو؟ ڇا هن سچ پچ خون ڪيو؟ ڇا اهو ثابت ٿي چڪو؟ ڪٿي اهو پڻ رومانس تہ نہ آهي؟

## باب ٻارهون

# ۽ خون پڻ ڪونہ ٿيو هو

”جيوريءَ جا صاحبو، اوهان کي ياد تہ ڏياريان تہ هڪ ماڻهوءَ جي حياتي داءَ تي لڳل آهي، ۽ اوهان تي لازم آهي تہ احتياط کان ڪم وٺو. اسان سرڪاري وڪيل تڪي پاڻ اهو مڃيندي ٻڌو تہ اڄ کان پهرين تائين هو قيديءَ تي اڳ۾ رٿيل خون جي ڏوهہ رکڻ کان هٽڪيو تي، هو تيستائين هٽڪندو رهيو، جيستائين هن اهو موتمار نشي ۾ لکيل خط نہ ڏٺو، جيڪو اڄ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. ’سڀ تيئن ڪيو ويو جيئن لکيل هو.‘ پر مان وري بہ اهو ورجايان ٿو تہ هو پنهنجي پريڻ ڏانهن پڳو هو، ڪيس ڳولڻ لاءِ، اهو ڏسڻ لاءِ تہ هوءَ ڪٿي هئي. اها حقيقت اهڙي آهي، جنهن کي تڪراري نہ ٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن هوءَ گهر هجي ها تہ هو پڳو نہ وڃي ها، پر سندس پر ۾ موجود رهي ها، ۽ اهو نہ ڪري ها، جيڪو خط ۾ لکيو هئائين. هو اُمالڪ ۽ اتفاق سان پڳو آيو هو، ۽ تيستائين شايد پنهنجو نشي ۾ لکيل خط ياد بہ نہ رهيو هوس. هو چون ٿا تہ هن مهري جهٽ هٽي ڪنئي، ۽ اوهان کي ياد هوندو تہ ان مهريءَ جي متان نفسيات جو هيڏو سارو مانداڻ ڪڙو ڪيو ويو- تہ هن مهريءَ کي هٿيار ڪري ڏٺو ۽ جهڙپ هٽي ڪنيائين، وغيره. اتي منهنجي ذهن ۾ هڪ عام خيال آيو آهي: جيڪڏهن ان مهريءَ تي نظر نہ پوي ها، تختي تي پيل نہ هجي ها جتان اها جهٽپي ڪنئي وئي، الماڙيءَ ۾ رکيل هجي ها تہ پوءِ قيديءَ کي اها نظر نہ اچي ها ۽ هو هٿيار کان سواءِ خالي هٿين پڳو هليو وڃي ها، تہ پوءِ هو پڪ ئي پڪ ڪنهن کي بہ ڪونہ ماري ها. مان مهريءَ کي اڳ - رٿڻ جي ثابتي ڪيئن سمجهان؟“

”ها، پر هن ڳُتن ۾ پنهنجي پيءُ کي مارڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، ۽ بہ ڏينهن اڳ، تنهن سانجهيءَ جو جڏهن هن اهو خط لکيو، تڏهن هو چپ هو ۽ رڳو هڪڙي هٽئيءَ سان وڙهيو چو تہ هڪ ڪرامازوف جهيڙي ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي، برابر! پر مون وٽ ان جو جواب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن هو، پنهنجي خط موجب، خون جي سٽ سٽي رهيو هو تہ ڪنهن هٽئيءَ سان ڪو نہ وڙهي ها، ۽ گهٽو ڪري ڪنهن گٽي ۾ ئي نہ وڃي ها، چو تہ اهڙي سٽ سٽيندڙ ماڻهو ماٺ ۾ ۽ ڪندائتو رهڻ چاهيندو آهي، پاڻ کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڪنهن کي نظر اچڻ ۽ ٻڌجڻ کان بچڻ جي ڪندو آهي، ۽ اهو سڀ سوچي سمجهي نہ پر جبلت جي ڪندو آهي. جيوريءَ جا صاحبو، نفسياتي طريقو ٻني ڌار وارو هٿيار آهي، ۽ اسان بہ اهو ڪم آڻي سگهون

تا. سارو مهينو گتن ۾ ڪيل واڪا ٿي ونو. ڇا بار ۽ گتن مان ٻاهر اينڌڙ پياڪ واڪا نہ ڪندا آهن: 'ماري وجهندو مانءِ' پر هو ڪنهن کي بہ ڪونہ ماريندا آهن. ۽ اهو موتمار خط. ڇا اها پيتل چڙ نہ آهي؟ اهو پڻ رڳو جهيڙاڪ جي گتي جي ٻاهران ٻاهوڙ نہ آهي ڇا؟ 'مان توهان کي ماري ڇڏيندس! هڙنيءَ کي ماري ڇڏيندس!' ڇو اهو خط اهو نتو ٿي سگهي؟ اسان ان خط کي 'موتمار' ڇو چئون، واهيات ڇو نہ چئون؟ ڇاڪاڻ تہ قيديءَ جي پيءُ جو خون ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪڙي شاهد قيديءَ کي باغ منجهان ڀڄندي ڏٺو، جنهن ڏک هٿي ڪيرائي رکيس، انهيءَ ڪري اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو: سڀ ڪجهہ ائين ئي ڪيو ويو، جيئن هن لکيت ۾ رٿيو هو، سو خط 'واهيات' نہ پر 'موتمار' آهي."

"خدا جو شڪر آهي جو اسان هاڻ اصل ڳالهہ تي پهتا آهيون: 'جيئن تہ هو باغ ۾ هو، ان ڪري لازمي طرح هن ئي قتل ڪيو هوندو.' انهن ٿورن لفظن 'جيئن تہ هو، ان ڪري لازمي طرح هن' ۾ سرڪاري ڌر جو سڄو ڪيس سمايل آهي. هو اتي هو. سو هن لازمي طرح ڪيو هوندو. ۽ سندس اتي هجڻ جي باوجود ان ۾ 'لازمي طرح' نہ هجي ها تہ پوءِ؟ ها، مان مڃان ٿو تہ شاهدين - اتفاقن - جي زنجير مان سچ پچ ائين ٿو ڀاسي. پر انهن سڀني حقيقتن کي، سندن هڪ ٻئي سان لاڳاپي کان رک تار ڪندي، الڳ الڳ پرکي ڏسو. مثال طور، سرڪاري ڌر قيديءَ جي انهيءَ بيان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ هو پيءُ جي دريءَ وٽان پٺي آيو هو. اها ٺوڪبازي ياد ڪريو، جيڪا سرڪاري وڪيل قيديءَ تي اوچتو طاري ٿيندڙ 'ادب' ۽ 'نيڪ' جذبن جي حوالي سان ڪئي. پر جيڪڏهن اهڙو ڪو جذبو هو، جي پٽ جو پيءُ لاءِ ادب نہ تہ مذهبي ڏيا تہ پوءِ؟ 'امڙ ضرور ان وقت مون کي دُعا ڪري رهي هوندي.' اهي هئا قيديءَ جا شروعاتي پڇاڳاڇا وقت چيل لفظ، ۽ جيئن ئي هن کي پڪ ٿي تہ مادام سويتلوف سندس پيءُ جي گهر ڪانهي، تيئن ئي هو اُتان پٺي نڪتو. سرڪاري وڪيل جو اعتراض آهي، 'پر هو دريءَ کان ڏسي پڪ نہ ڪري سگهيو هوندو.' ڇو نہ ڪري سگهيو هوندو؟ ڇو؟ قيديءَ جي اشاري تي دري کليل رکي وئي هئي. فيودور پاولووچ متان ڪو لفظ ڳالهايو هجي، ڪو واڪو، ڪا دانهن ڪئي هجي، جنهن مان قيديءَ سهي ڪيو هجي تہ هوءَ اتي ڪانہ هئي. ڇو اسان ڪائي ڳالهہ تصور ۾ آڻيون، جيئن ان کي تصور ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪريون، تيئن اها مڃون بہ ڪٿي؟ حقيقت ۾ هزارين ڳالهيون اهڙيون بہ ٿينديون آهن، جيڪي اونهي ۾ اونهي تصور ۾ بہ نہ اينديون آهن."

"ها، پر گريگوريءَ در کليل ڏٺو هو، سو قيدي يقيني طرح اندر ويو هوندو، ان

ڪري هن ئي ڪيس قتل ڪيو. جيوريءَ جا صاحبو، هاڻي در ڪي ٽا ونون. ڏيان رهي تہ ان در بابت اسان وٽ رڳو هڪڙي شاهد جو بيان آهي. پر ان شاهد جي ان وقت اهڙي حالت هئي- پر ڪٿي ٽا مجون تہ در ڪليل هو. ڪٿي ٽا مجون تہ قيديءَ ان جي ترديد ڪري ڪوڙ ڳالهايو آهي. پاڻ کي بچائڻ جي جبلت ڪان جو قيديءَ واريءَ صورت ۾ اهو بلڪل سياويڪ هو. ڪٿي ٽا مجون تہ هو سچ پچ گهر اندر ويو هو- هون. پوءِ ڇا؟ اهو نتيجو ڪيئن ٿو نڪري تہ خون هن ڪيو؟ هو ڏوڪي پيو هجي، ڪمرا ڊوڙندو ڏسندو ويو هجي، پيءُ کي ڌڪو ڏيئي پري ڪيو هجيائين. ۽ جيئن ئي پڪ ٿي هجيس تہ مادام سوتيلوف اُتي ڪانهي، اُتان ڊوڙندو نڪري آيو هجي. انهيءَ ڳالهہ تي خوش ٿيو هوندو تہ هوءَ اُتي ڪانہ هئي، ۽ هن پيءُ کي ڪونہ ماريو. ۽ شايد ان ڪري تہ هو پيءُ کي مارڻ جي ڏُتار ڪان بچي ويو. ان ڪري تہ هن جو ضمير صاف هو ۽ هو ڪيس نہ مارڻ تان خوش هو. هو نج جذبن جي قابل هو. ڪهل ۽ ڪهڪاءَ جي جذبن جو، ۽ هو ويرم پوءِ گريگوريءَ کي اُتاولي جوش وچان ڌاهي رکڻ ڪان پوءِ سندس واهر لاءِ لوڙهو ٽپي ٿو."

"سرڪاري وڪيل زبردست فصاحت ۽ بلاغت سان موڪروءِ ۾ قيديءَ جي خوفناڪ ذهني حالت بيان ڪئي، جڏهن محبت سندس سامهون موجود هئي ۽ ڪيس نئين حياتيءَ ڏانهن سڏي رهي هئي، پر هن لاءِ محبت ناممڪن هئي، ڇو تہ پيءُ جو رتورت مڙهہ پنيان هيس ۽ مڙهہ ڪان اڳتي هئي ڪرٽي پرٽي، ۽ پوءِ بہ سرڪاري وڪيل هن لاءِ محبت ماڻڻ جي گنجائش، پنهنجي حساب سان، قيديءَ جي نشي واري حالت بابت، ڏوهاريءَ کي ڦاسيءَ گهاٽ ڏانهن وني وڃڻ بابت، ان جي اڳا پري هجڻ وغيره بابت ڳالهائڻ جاري رکيو. پر پوءِ بہ مان پڇان ٿو، وڪيل صاحب، ڪٿي اوهان نئين شخصيت تہ ايجاد نہ ڪري وينا آهيو؟ ڇا قيدي ايترو اٽڪهڙيو ۽ اٽاسو آهي جو ان وقت، جنهن وقت سندس هٿ پيءُ جي رت سان رڱيل هئا. تنهن وقت هو سزا ڪان بچڻ جي طريقن ۽ محبت ماڻڻ بابت سوچي رهيو هو؟ نہ، نہ، نہ! جڏهن اهو ڇنيءَ طرح سامهون آيو تہ هوءَ ساڻس پيار ٿي ڪري ۽ پنهنجي پاسي ۾ ٿي سڏيس، تڏهن، مان زور ڏيئي چوان ٿو، تڏهن سندس آپگهات ڪرڻ وارو پُو، ضرور بيٺو ٽيٽو ٿي ويو هوندو. ۽ جيڪڏهن پيءُ کي سچ پچ ماريو هجيس ها تہ ضرور پاڻ ماري ڇڏي ها. نہ نہ. هن ڪونہ وساريو هوندو تہ سندس پستول ڪٿي رکيل هو؟؟ مون کي قيديءَ جي خبر آهي، سرڪاري وڪيل هن سان جيڪا ڇتي ۽ پٿرائين بيدلي منسوب ڪئي آهي، سا هن جي سڀاءَ سان نٽي

نهڪي. اها پڪي ڳالهہ آهي تہ هو پاڻ ڪي ماري ڇڏي ها. هن پاڻ ڪي نہ ماريو ڇو تہ ’سندس ماءُ جي دعائن ڪيس بچائي ورتو هو‘ ۽ هو پيءُ جي خون کان بيڏوهي هو. هو پريشان هو. ان رات هو موڪروءِ ۾ رڳو پوڙهي گريگوريءَ لاءِ ترسيل هو ۽ خدا کي باڏائي رهيو هو تہ پوڙهو سنئين لڳين ٿئي، تہ سندس ذَڪُ موتمار نہ هجي، ۽ ڪيس ان تان پوڳڻو نہ پوي. حقيقتن جي اها سمجهاڻي ڇو نہ قبول ڪئي وڃي؟ اسان وٽ ڪهڙو ويساهہ جوڳو ثبوت آهي تہ قيدي ڪوڙ پيو ڳالهائي؟“

”پر اسان کي هڪ پيرو وري ٻڌايو ويندو، ’سندس پيءُ جو مڙهہ جو پيو آهي! جي هو ڪيس مارڻ کان سواءِ نڪتو هليو ويو هو تہ پڇس کي ڪنهن ماريو؟‘مان ورجايان ٿو، سرڪاري ڌر جي سڄي منطق اجها اها آهي. جي هن نہ، تہ ڪيس ڪنهن ماريو هو؟ ڪو بہ ڪونهي، جنهن کي سندس جاءِ تي رکجي.“

”جيوريءَ جا صاحبو، ڇا سچ پچ ائين ئي آهي؟ ڇا اهو قطعي طرح ۽ واقعي صحيح آهي تہ ٻيو ڪو بہ ڪونهي؟ اسان سرڪاري وڪيل کي اهي سڀ آڱرين تي ڳڻيندي ٻڌو آهي، جيڪي ان رات گهر ۾ هئا. اهي پنج هئا. منجهائن ٽي مان مڃان ٿو تہ جوابدار نٿا ٿي سگهن. مقتول پاڻ، پوڙهو گريگوري ۽ سندس زال. باقي بچيا قيدي ۽ سميرڊياڪوف، ۽ سرڪاري وڪيل ڊرامائي انداز ۾ واڪو ڪري ٿو تہ قيديءَ سميرڊياڪوف ڏانهن اشارو ڪيو ڇو تہ سندس نظر ۾ ٻيو ڪو ڪونہ هو، ۽ جي ڪو ڇهون ماڻهو هجي ها يا ان جو پرڇاءُ ئي هجي ها تہ هو هڪدم پشيمان ٿي سميرڊياڪوف کي ترڪ ڪري ها ۽ ان ڇهين ماڻهوءَ تي ڏوهہ رکي ها. پر، جيوريءَ جا صاحبو، ڇو نہ مان اُبتڙ نتيجو ڪڍان؟ ٻہ ڄڻا قيدي ۽ سيمرڊياڪوف آهن. مان اهو ڇو نہ چوان تہ اوهان منهنجي اصيل تي انهيءَ ڪري ڏوهہ ٿا رکو جو اوهان وٽ ٻيو ڪو ڏوهہ رکڻ لاءِ ڪونهي؟ ۽ اوهان وٽ ڪو ٻيو انهيءَ لاءِ ڪونهي جو اوهان سميرڊياڪوف کي هر شڪ کان ٻاهر رکڻ جو پختو پهہ ڪري چڪا آهيو.

”تحقيق اهو صحيح آهي تہ سميرڊياڪوف تي ڏوهہ رکڻ وارا فقط قيدي، سندس ٻہ پائر ۽ مادام سويتلوف آهن. پر پيا بہ آهن، جيڪي متس ڏوهہ رکن ٿا: سوال جا، شڪ جا، مبهم اطلاع جا، امڪان جي احساس جا اُڏندڙ افواهہ آهن. آخر ۾، اسان وٽ حقيقتن جي ميلاپ جي ڏاڍا ڏسَ ڏيندڙ ساک آهن، جا، مان مڃان ٿو، ڪافي نہ آهي. اسان وٽ پهرين آهي نيڪ ان ڏينهن پوندڙ دورو، جنهن جي سچائيءَ

جو سرڪاري وڪيل ڪنهن سبب ڪان، وڏي هشياريءَ سان بچاءُ ڪيو آهي. ان ڪان پوءِ اچي ٿو سميردياڪوف جو، ڪيس هلڻ ڪان ترت اڳ اوچتو آپگهات ڪري ڇڏيو. پوءِ آهي اوتري ئي چرڪائيندڙ شاهدي، جيڪا قيديءَجي وڏي ڀاءُ، جنهن کي ننڊي ڀاءُ جي بي گناهيءَ جي پڪ هئي، اڄ ڪورٽ ۾ ڏني ۽ نوٽن جي ٿهي پيش ڪري سميردياڪوف کي ڏوهي ٺهرايو. هائو، مان سرڪاري وڪيل ۽ ڪورٽ سڄوريءَ جي انهيءَ خيال سان سهمت آهيان ته ايون ڪرامازوف کي ڪاپاري تپ آهي، ته سندس چرياڻپ جي حالت ۾ ڏنل بيان هڪ مئل ماڻهوءَ تي ڏوهه رکي پنهنجي ڀاءُ کي بچائڻ جي چوٽ تي ٻڌل نراسائي مان ڪيل ڪوشش به ٿي سگهي ٿو. پر وري سميردياڪوف جو نالو ورتو وڃي ٿو ۽ اسرار جو ڏس ملي ٿو. ڪائي ته ڳالهه آهي جا اپٽاري نه وئي آهي، جا اڻپوري آهي، ۽ شايد اها ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اُپٽاري وڃي. پر هينئر اسان ان ۾ نٿا وڃون، ان کي پوءِ ڏسبو."

"ڪورٽ سڄوريءَ ڪيس جي ٻڌڻي جاري رکڻ جو پهه ڪيو آهي، پر انهيءَ وچ ۾ سرڪاري وڪيل سميردياڪوف جي ڪردار جو جنهن صفائيءَ ۽ ڏات سان نقشو چٽيو آهي، مان تنهن بابت به چار ڳالهيون چو نه چئي وٺان. مان هن جي ڏات کي واکاڻيان ٿو، پر ساڻس سهمت نٿو ٿي سگهان. مان سميردياڪوف سان مليو آهيان، ساڻس ڳالهائي ڏٺو اٿم، هن مون تي بنهه بيو اثر ڇڏيو. هو صحت ۾ هيڻو، پر سڀاءَ ۾، حوصلي ۾، سرڪاري وڪيل جي نقشي جي برخلاف، هيڻو نه هو. سرڪاري وڪيل جي خيال ۾ هو ڊڄڻو هو، پر مون هن ۾ انتهائي درجي جي بدگماني ڏٺي، جا سادگيءَ جي تهه هيٺ لڪايل هئي. ۽ چڱو خاصو عقل وارو به هو. ڪيس ڪم عقل سمجهڻ سرڪاري وڪيل جي ساداڻپ آهي. هن مون تي تمام واضح تاثر ويهاريو: هن وٺان اٿڻ سان مون کي پڪ ٿي وئي ته هو وڏو ڪيني وارو، بيحد هوَسي، وير وٺو ۽ سخت ساڙ سڙيو آهي. مون هن بابت پڇائون ڪيون: هن کي پنهنجي انس تي چڙ ۽ شرم ايندو هو. ۽ اهو سارڻ تي ڏند ڪرٽيندو هو ته هو ان ڏپ ڪيل لزاويٽا جو پٽ هو. هو نوڪر گريگوريءَ ۽ سندس زال، جن ڪيس ٻار وٺڻ ۾ پاليو هو، تن سان گستاخي ڪندو هو. هو روس کي پٽيندو ۽ ان تي ٺٺرون ڪندو هو. فرانس وڃڻ ۽ فرانسي ٿيڻ جا سپنا ڏسندو هو، اڪثر دانهيندو هو ته وٽس ائين ڪرڻ جا وسيلا ڪونهن. منهنجو خيال آهي ته هن جو ڪنهن سان به پيار ڪو نه هو، سواءِ پاڻ جي. ۽ پاڻ کي ڪا وڏي شئي سمجهندو هو. هن ۾ سڌريلائيءَ بابت ويچار سنن ڪپڙن، اُجرين قميصن ۽

چمڪندڙ بوٽن تائين محدود هو. پاڻ ڪي فيودور پاولووچ جو حرامي پٽ (ان جي ثابتي موجود آهي) ڄاڻڻ جي ڪري هو پنهنجي مالڪ جي حلالي پٽن جي ڀيٽ ۾ پنهنجي حيثيت تي ضرور خار ڪائيندو هوندو. هنن وٽ سڀڪجهه هو. يا هن وٽ ڪجهه به نه. هنن ڪي سڀ حق هئا، هو وارث هئا، جڏهن ته هي ڇڙو بورچي هو. هن پاڻ مون ڪي ٻڌايو هو ته هن فيودور پاولووچ ڪي لفافي ۾ نوٽ وجهڻ ۾ هٿ ونڊايو هو. اها رقم، جنهن مان سندس حياتي ٺهي وڃي ها، ان جو ماڳ ضرور هن لاءِ ڏڪار جوڳو هوندو. ان ڪان سواءِ، هن ٽن هزارن روبلن جا نوان انڊلٺ جي رنگن وارا ڪڙاڪيدار نوٽ ڏٺا ها (مون ڪانئس ڄاڻي واڻي اهو پڇيو هو). ڪنهن هوسي ۽ حاسد ماڻهوءَ ڪي هڪ ئي وقت وڏي رقم ڏيکارڻ ڪان پاسو ڪريو. هن اڪيلي ماڻهوءَ جي هٿن ۾ پهريون ڀيرو ايڏي وڏي رقم ڏني هئي. انڊلٺ جي رنگن وارن نوٽن تي سگهي ٿو ته هن جي سوچ تي روڳي اثر وڌو هجي، پر ان جا ترت نتيجا ڪونه نڪتا.

"ڀهڪٽي سرڪاري وڪيل وڏي هوشياريءَ سان اسان جي آڏو ان انومان جي فائدي ۽ مخالفت ۾ دليل پيش ڪيا ته سميردياڪوف ڏوهي هو يا نه، ۽ اسان ڪان خاص طور تي پڇيائين ته هن وٽ دوري جي مِنهن ڪرڻ جو ڪهڙو سبب هو. پر ٿي سگهي ٿو ته هن مِنهن نه ڪيو هجي ۽ دورو سچ پچ پيو هجيس، ۽ سچ پچ ڇڏي ويو هجيس، شايد پوريءَ طرح نه، پر هو سرت ۾ اچي ويو هجي، جيئن مرگهيءَ جي مريض سان ٿيندو آهي."

"سرڪاري وڪيل پڇي ٿو ته سميردياڪوف ڪهڙي گهڙيءَ خون ڪيو هوندو. پر اها گهڙي وڏي سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي. متان هو ان گهڙيءَ گهري ننڊ مان جاڳيو هجي (ڇا لاءِ ته هو ستل هو، مرگهيءَ جي دوري ڪان پوءِ هميشه گهري ننڊ ڪجي ويندي آهي). جنهن گهڙيءَ پوڙهي گريگوريءَ وڏي واڪي دانهن ڪئي هئي: 'پيءُ گهات!' اونده ۽ سانت ۾ انهيءَ دانهن سميردياڪوف ڪي جاڳائي ڇڏيو هوندو، يا تي سگهي ٿو ته هو ڪلاڪ اڳ پنهنجو پاڻ جاڳي پيو هجي."

"هو هند تان لهي ذري گهٽ بيخياليءَ ۾ ۽ بنا ڪنهن خاص مقصد جي، دانهن جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. هن جو متو :وري پوڻ جي ڪري اجا گهومائيل آهي، ۽ سندس حواس اجا اڌ سُتل آهن! پر باغ ۾ پهچي هو بتي ٻريل دريءَ ڏانهن ڏسي ٿو، جتي هو مالڪ ڪان، جيڪو ڪيس ڏسي ضرور خوش ٿيو هوندو، ڏاڍي خراب خبر ٻڌي ٿو. هن جو دماغ هڪدم ڪم

ڪرڻ لڳي تو. هو پنهنجي مالڪ کان سمورو تفصيل ٻڌي تو، ۽ هري هري سندس گهوماٽيل مغز ۾ هڪ خيال روپ وٺي تو. خيال خوفناڪ آهي، پر ساڳي وقت هرڪائيندڙ ۽ اهڙو دل سان لڳندڙ آهي جو ان کان پاڻ جهل نه ٿيندي، پوڙهي کي ماري ڇڏجي، ٽئي هزار روبل ڪڍجن، ۽ سڄو ڏوهه پٽهنس تي رکجي. جيئن ئي کيس احساس ٿيو هوندو ته هو ڪو نه ڦاسندو، تيئن ئي ڏوڪڙن جو، مال غنيمت جو موهه ويڙهي ويو هوندس. هاءِ، اهي اوچتا ۽ جهلڻ کان زور ريچڪ تڏهن اڪثر وٺ ڪندا آهن. جڏهن سٺائو وجهه هوندو آهي، ۽ خاص ڪري انهن خونين کي، جن اڳي ڪڏهن خون جو نه سوچيو هجي. سو سميرڊياڪوف متان اندر ويو هجي ۽ پنهنجي خيال تي عمل ڪيو هجيس. ڪهڙي هٿيار سان؟ ڇو، باغ مان ڪنيل سروٽي پٿر سان، پر ڇا لاءِ، ڪهڙي مقصد سان؟ ڇو، ٽن هزارن روبلن لاءِ، جن سان سندس حياتي ٺهي وڃي ها. نه نه مان پاڻ کي رد نه ڏيئي رهيو آهيان . رقم جو وجود هوندو ۽ شايد رڳو سميرڊياڪوف کي پتو هو ته اها رقم ڪٿان لڀندي، سندس مالڪ ڪٿي رکندو هو. ۽ رقم جو ڍڪ فرش تي پيل ڦاٽل لفافو؟”

”سوير پرو جڏهن سرڪاري وڪيل پنهنجو اهو سيبتو نظريو پيش ڪري رهيو هو ته ڪرامازوف جهڙو ناتجربيڪار چور لفافو فرش تي پيل ڇڏي وڃي ها ۽ سميرڊياڪوف جهڙو ڪو همراهه پنهنجي خلاف ڪا ساک ڇڏڻ کان پاسو ڪري ها، تڏهن مون کي ٻڌڻ سان خيال آيو ته مان ڪائي اڳيئي ٻڌل ڳالهه ٻڌي رهيو آهيان، ۽ اوهان اعتبار ڪندا ته مان به ڏينهن اڳ سميرڊياڪوف جي واتان ٻڌي چڪو هوس ته ڪرامازوف ڇا ڪري ها . اها ڳالهه ٻڌڻ سان ئي ڪُپي وئي هئم. مون کي خيال آيو هو ته هن ۾ هٿرادو سادائپ هئي، ته کيس ان ڳالهه جي ڏس ڏيڻ جي اتاولائي هئي ته جيئن سان ان کي شايد پنهنجو خيال ڪري سمجهان. ائين ڪٿي ڇڄجي ته هن اهو خيال اٽڪل سان ٽنبيو هو. ڇا هن اهو ساڳيو خيال اٽڪل سان پيچا ڳاڇا وقت ڀهڳتي سرڪاري وڪيل جي مغز ۾ ته نه ويهاري ڇڏيو ۽ سندس دل ۾ وڌو هو؟”

”مون کان پڇيو ويندو ته پوڙهي مائيءَ يعني، گريگوريءَ جي زال بابت ڇا ٿو چوان؟ هوءَ سڄي رات اگهي همراهه جو ڪنجهڻ ۽ ڪرڪڻ پر وٺان ٻڌندي رهي هئي. هائو هوءَ ٻڌندي رهي هئي، پر اها ساک پروسي جوڳي بلڪل ناهي. مان هڪڙي ڪراڙيءَ کان واقف هوس، جنهن دانهون ڪيون هيون ته اڱڻ واري ڪتي کيس سڄي رات سمهڻ نه ڏنو هو. پوءِ خبر پئي ته

ويچارو ڪتو رات جو رڳو هڪ يا ٻہ پيرا ئي پونڪيو هو. پر ائين ٿيندو آهي. ڪو ستو پيو هوندو ۽ ڪنجهہ ٻڌندو تہ جاڳائڻ تي چڙندو. پر اوڏيءَ جو اوڏيءَ مهل وري سمهي رهندو، ۽ ٻہ ڪلاڪ پوءِ وري ڪنجهہ ٻڌي، وري اٿي پوندو ۽ وري سمهي رهندو، ۽ ٻہ ڪلاڪ پوءِ وري ساڳي ڳالهہ. سڄي رات ۾ ڪل ٽي پيرا. صبح جو اهو ستل همراهہ جاڳڻ سان دانهن ڪندو تہ ڪنهن ڪيس سڄي رات ڪنجهي ڪنجهي سمهڻ نہ ڏنو، ۽ کيس اوس ائين ئي لڳندو. تنهن ۾ ٻن ٻن ڪلاڪن جون وٿيون کيس ياد ئي ناهن، کيس رڳو جاڳ جون گهڙيون ياد آهن، سو هو سمجهي ٿو تہ هو سڄي رات جاڳندو رهيو آهي."

"سرڪاري وڪيل پڇي ٿو تہ هن آخري خط ۾ باسيو ڇو نہ؟ ڇو هن جي ضمير ڪانئس هڪڙي وک ڪٽائي، ٻي نہ؟ پر معاف ڪجو، ضمير جو مطلب آهي پڇتاءُ، ۽ آپگهاتي رڳو نراسائي محسوس ڪندو ۽ پڇتاءُ نہ. نراسائي ۽ پڇتاءُ ٻہ بنهہ الڳ الڳ شيون آهن. نراسائي وير وٺو ۽ پرچاءُ نہ ڪندڙ تي سگهي ٿي، ۽ آپگهاتيءَ کي پاڻ ۾ هٿ وجهندي انهن لاءِ ذڪار بيٺو ٿيندو محسوس ٿيو هوندو، جن کان هو ساري ڄمار سڙندو رهيو هو."

"جيوريءَ جا صاحبو، نا انصافيءَ کان خبردار رهجو! مون هينئر جيڪو اوهان جي آڏو رکيو آهي، تنهن ۾ ڇا آهي جيڪو ممڪن نہ هجي؟ مون جيڪي دليل ڏنا آهن، تن ۾ ڪا غلطي آهي، ڪا اڻ ٿيڻي آهي، ڪا ڇسائي آهي تہ ڳولي ڪڍو. پر جيڪڏهن منهنجن انومانن ۾ ذرڙو ٻہ انهن جي گهٽ يا وڌ ٿيڻ جوڳي هجڻ جو امڪان هجي تہ قيديءَ کي ڏوهي نہ نهرائجو. ۽ رڳو ذرڙو ڇو؟ مان هر سڳوري شئي جو قسم کڻي ٿو چوان تہ خون جي جيڪا سمجهاڻي مون پيش ڪئي آهي، مان ان ۾ پورو پورو ويساهہ رکان ٿو. مون کي جا ڳالهہ اُلڪائي ۽ چڙ تي ڏياري، سا هيءَ آهي تہ سرڪاري ڌر قيديءَ جي خلاف جن حقيقتن جو مانداڻ کڙو ڪيو آهي، تن ۾ ڪا هڪ ٻہ اهڙي ڪانهي جيڪا يقيني هجي ۽ رد نہ ٿي سگهي، ان هوندي ٻہ انهن حقيقتن جو ڪٺ هن اياڳي انسان کي برباد ڪري ڇڏيندو. هائو، مجموعي تاثر ڏاڍو پوائتو آهي: رَتُ، سندس آڱرين مان ٽمندڙ رت، رت هاڻي قميص، ڪاري رات ۾ "پيءُ گهات!" جو واڪو، ۽ پوڙهي جو ڦاٽل مٿي سان ڦهڪو. ۽ پوءِ بولن، بيانن، ٽالن پڪالن، رڙين واڪن جو سٽ! ووءِ ووءِ! اهو ڪيڏو نہ اثر ٿو ڪري، ۽ اهو ذهن کي پنهنجي پاسي لاڙي سگهي ٿو. ياد رکو، اوهان کي ٻڌ ڇوڙ جو قطعي اختيار ڏنو ويو آهي، ۽ اختيار جيترو وڏيڪ هوندو آهي، جوابداري ٻہ اوتري ئي ڳري ٿئي ٿي."

”مون هينئر جيڪي چيو آهي، ان مان ذرو به واپس نٿو وٺان، پر گهڙي پل لاءِ سمجهو ڪٿي ته مان سرڪاري ڌر سان سهمت آهيان ته منهنجي اڀاڳي اصيل پنهنجا هٿ پيءُ جي رت سان رڱيا آهن، مان ورجايان ٿو ته اهو رڳو انومان ئي آهي، مون کي پنهنجي اصيل جي بيگناهيءَ ۾ ترجيترو به شڪ ڪونهي، پر ڪٿي ٿو مڃان ته منهنجو اصيل ”پيءُ گهات“ جو ڏوهاري آهي. ان هوندي به جيڪي مان چوان سو ٻڌو. منهنجي دل تي چوي ته اوهان آڏو ڪجهه وڌيڪ چوان ٿو ته مون کي لڳي ٿو ته اوهان جي دلين ۽ دماغن جي وچ ۾ وڏو موجود هوندو... مون کي اوهان جي دلين ۽ دماغن جي حوالي ڏيڻ تان معاف ڪندا. پر، جيوريءَ جا صاحبو، مان پڇاڙيءَ تائين دل جي حضور سان سچ ڳالهائڻ چاهيان ٿو !“

ان تان تاڙين جي ڪيقدر زوردار ڦهڪي تقرير ۾ رخنو وڌو. تحقيق، آخري لفظ ايتري ته دل جي حضور سان اُچاريا ويا هئا جو هر ڪنهن کي لڳو ته هن کي ڪجهه وڌيڪ چوڻو هوندو، ۽ جيڪي چوڻو هوندس، سو وڏي اهميت وارو هوندو. پر صدر تاڙين جو ڦهڪو ٻڌندي ئي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن وري ائين ٿيو ته هو ڪورٽ خالي ڪرائي ڇڏيندو. هر آواز بند ٿي ويو، ۽ فيتيوڪووچ پنهنجي تقرير وري شروع ڪئي ته سندس آواز هيلتائين جنهن لهجي ۾ ڳالهايو هئائين، تنهن کان بلڪل مختلف احساس سان پريل هو.

باب تيرهون

# سوچ ويچار جو ڪاربندڙ

”جيوريءَ جا صاحبو.“ هو شروع ٿيو. ”اهو رڳو حقيقتن جو ڪٽ ناهي، جنهن ڪان منهنجي اصيل کي ناس ٿيڻ جو جوکو آهي، پر هڪ بي ڳالهه هن جي لاءِ وڌيڪ جوکائتي آهي، سندس پيءُ جو مرڻ. جي اهو ڪنهن عام خون جو مامرو هجي ها تہ اوهان ساک جو هر پاڱو الڳ الڳ تڪي توري ان جي خسيس، اٽپوري ۽ وائڙي هجڻ تان الزام رد ڪري ڇڏيو ها، يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ انسان جي حياتي تعصب ۾ برباد ڪرڻ کان هبڪو ضرور ها. ان تعصب جو هو پوريءَ طرح لائق بہ آهي. پر هيءُ خون جو ڪو عام مامرو نہ آهي، اهو ”پيءُ گهات!“ جو مامرو آهي. ان جو اهڙو هجڻ ذهن کي متاثر ڪري ٿو، ايتري حد تائين جو بي تعصب ذهن بہ ساک کي ان کان گهٽ اٽپورو ۽ خسيس سمجهڻ لڳي ٿو، جيتري قدر اها سچ پچ ٿئي ٿي. ڪنهن قيديءَ کي ڪيئن بيگناهہ نهرائي سگهجي ٿو؟ هر ڪو پنهنجيءَ دل ۾، ذري گهٽ بنا ارادي جي جبلتي طرح ائين سوچي ٿو.“

”هائو پيءُ جو رت وهائڻ تمام پوائتي ڳالهہ آهي، پيءُ، جنهن مون کي جنميو، پيار ڏنو، منهنجي خاطر پنهنجو خيال نہ ڪيائين، منهنجي ننڍپڻ کان منهنجي اڳهائيءَ تان ڏکارو رهيو، منهنجي خوشيءَ خاطر سڄي عمر پاڻ پتوڙيائين، ۽ منهنجين خوشين ۽ منهنجين ڪاميابين ۾ گهاريائين. اهڙي پيءُ کي مارڻ خيال ۾ ئي نٿو اچي. جيوريءَ جا صاحبو، پيءُ، سچو پيءُ ڪهڙو هجي ٿو؟ انهيءَ مهان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ انهيءَ نالي ۾ ڪهڙو مهان خيال سمايل آهي؟ اسان هينئر هينئر سچي پيءُ جا ڪجهہ اهڃاڻ ٻڌايا. ۽ هن ڪي ڇا هئڻ جڳائي، جنهن مامري ۾ اسان هن وقت اونها ڦٽل آهيون ۽ جنهن تان اسان جون دليون پيڙا ۾ آهن، يعني موجوده مامري ۾ ”پيءُ“ يعني فيودور پاولووچ ڪرامازوف، پيءُ جي تنهن تصور سان ڪو نہ ٿو نهڪي، جنهن جو اسان هينئر حوالو ڏنو. اها ئي بدنصيبي آهي، ۽ تحقيق ڪي پيئر بہ بدنصيب هوندا آهن. اچو تہ انهيءَ بدنصيبي کي وڌيڪ ويجهائيءَ کان جاچيون: جيوريءَ جا صاحبو، اوهان کي جيڪو فيصلو ڪرڻو آهي، تنهن جي اهميت کي آڏو رکندي، اسان کي ڪنهن بہ ڳالهہ کان ڪيٻائڻ نہ کپي. اهو اسان جو مکيہ فرض آهي تہ، جيئن ڀهڳڻو سرڪاري وڪيل چوي ٿو، ڪنهن بہ خيال کان ٻارن يا ڏڏل عورتن وانگر نہ ڪيٻايون.“

”پر پنهنجي گرماگرم تقرير ۾ منهنجي مخالف (اهو منهنجي وات ڪولڻ ڪان اڳ ئي منهنجو مخالف ٿي ويو هو) ڪيترائي پيرا اعلان ڪيو ’او مان قيديءَ جو بچاءُ ان وڪيل تي نہ ڇڏيندس، جيڪو پيٽرسبرگ ڪان آيو آهي. مان الزام رکان ٿو پر مان بچاءُ بہ ڪيان ٿو!‘ هن اهو اعلان ڪيئي پيرا ڪيو پر اهو ذڪر ڪرڻ وسري ويس تہ هن ڀيانڪ قيديءَ تي رڳو هڪڙي ئي مانهوءَ ڪهل ڪ دي هئي، جنهن ڪيس ڀائونڊ بوهي مڳن جو ڏنو هو. ۽ هيءَ ان لاءِ ٿيو، ڇو ته ورهيہ ٿورائتو رهيو هو: اهو قيدي ڇا اهو ياد نہ رکندو تہ هو ٻاروتڻ ۾ پيءُ جي پوئين باغ ۾ اڳين ڊوڙندو وتندو هو جو، مهربان ڊاڪٽر هرزينٽوب چواٽيءَ، ’پيرن ۾ بوٽ ڪونہ هوندا هيس ۽ لندي پتلون هڪ بٽڻ تي لڙڪندي رهندي هيس؟“

”جيوريءَ جا صاحبو، اسان انهيءَ بدنصيبيءَ ڪي ويجهائيءَ ڪان وڏيڪ ڇو ڏسون، ڇو جيڪي اڳيئي ڄاڻون ٿا، وري ورجايون؟ منهنجو اصيل جڏهن هٿ پنهنجي پيءَ جي گهر پهتو، تڏهن ڪيس ڇا پڙ پيو، ۽ ڪ س ڪنور، خود غرض ۽ دئت ڪري ڇو پيش ڪريون؟ هو اجهل آهي، منهن زور ۽ ڇڙواڳ آهي- ان تان اسان متس ڪيس هلائي رهيا آهيون- پر سندس اهڙي جيوت لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ اهڙي شاندار سياءَ ۽ ٿورو مجيندڙ ۽ ڏکئي دل واري ماڻهوءَ جي اهڙي اٿسهائيندڙ پالنا لاءِ جوابدا ڪير آهي؟ ڪيس ڪنهن ڪا معقوليت جي سکيا ڏني؟ ڇا ڪيس پڙهائي روشن خيال ڪيو ويو؟ ڪنهن ڪيس ننڍي هوندي ٿورو ئي سهي پر قرب ڏنو؟ منهنجي اصيل ڪي جهنگ جي جانورن جيان رب جي آسري تي ڇڏي ڏنو ويو هو. جدائيءَ جي ڊگهن ورهين ڪان پوءِ شايد ڪيس پيءُ سان ملڻ جي ڏاڍي سڪ هئي. هن پنهنجي ننڍپڻ ڪي ياد ڪيو هوندو، جڏهن هن سپنن ۾ جن ڀوت ڏسي اُهي هزارين پيرا تڙيا هوندا، ۽ پيءُ ڪي ڀڪرائي ڀائي ڪيس معاف ڪرڻ چاهيو هوندو. پر سندس انتظار ۾ ڇا هو؟ سندس آجيان رکن طعنن، تنکن، شکن شبهن ۽ ڏوڪڙن تان وڙهڻ سان ڪئي وئي. هن ڪي روزانو براندي پيئندي بڇان ڏياريندڙ ڳالهيون ۽ بد نيت نصيحتون ٻڌڻيون پونديون هيون، ۽ انت هن پيءُ ڪي هن جي ئي ڏوڪڙن سان هن جي ئي پريٽءَ ڪي ڏتاريندي ڏٺو. جيوريءَ جا صاحبو، اهو سخت ڪنور ۽ بڇان ڏياريندڙ عمل هو! ۽ اهو پوڙهو هميشہ پٺ جي بي ادبيءَ ۽ ڪنورتا جون دانهون پيو ڪندو هو، هن سوسائٽيءَ ۾ متس تهمتون هنيون، ڪيس بدنام ڪيو، سندس گلائون ڪيون، سندس اڻ لاٽل اوڌرون ڪڍي ڪيس قيد تائين ڪرايو.“

”جيوريءَ جا صاحبو، منهنجي اصيل جهڙا ماڻهو متان ڀوائتا، ڇڙواڳ ۽ اجهل هوندا آهن، پر اندران ڪڏهن ڪڏهن بلڪ اڪثر ڪري ڏاڍا ڪونئرا هوندا آهن. توٽي

جو ظاهر ناهن ڪندا. منهنجي ڳالهه تي ڪلو نه. ڪلو نه! ڀڳڙو سرڪاري وڪيل ساجهر منهنجي اصيل تي شلر ڪي- اُتم ۽ سندر ڪي پسند ڪرڻ تان بيرحميءَ سان ڪليو هو! سندس جاءِ تي مان ان تان ڪلڻ نه چاهيان ها. هائو، اهڙا سياءَ- مون ڪي اهڙن سيائن جي بچاءَ ۾ ڳالهائڻ ڏيو، جو انهن ڪي اڪثر ۽ بيدرديءَ سان غلط سمجهيو ويو آهي- اهي سياءَ سباجهائيءَ ۽ انصاف لاءِ ائين ڪٺي چئجي ته پنهنجي، پنهنجي چڙواڳيءَ، پنهنجي ڪرڙائيءَ جي برخلاف، اڪثر اجايل هوندا آهن- هو ان لاءِ اٿسڌيا اجايل هوندا آهن. متان ڪرڙا ۽ جوشيلا هوندي به. مثال طور، عورت سان پيڙا ڏيندڙ روحاني ۽ اُتانهين محبت ڪري سگهندا آهن. مون تي وري نه ڪلو، انهن سيائن سان گهڻو تڻو اها ئي حالت هوندي آهي، پر پنهنجي موهه ڪي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو اڻ گهڙيل هوندو آهي، لڪائي نه سگهندا آهن، ۽ اهو پڌرو هوندو آهي، ۽ ڏنو ويندو آهي، پر اندريون ماڻهو اڻڏٺل رهي ٿو. سندس موهه ترت ئي پورو تي ويندو آهي، پر هڪ اتم ۽ اعليٰ هستيءَ جي پاسي ۾ اهو بظاهر کهرو ۽ ڪرڙو انسان نئين سر جيئڻ چاهيندو آهي، پاڻ ڪي سڌارڻ، وڌيڪ چڱو ٿيڻ چاهيندو آهي، وڙائتو ۽ مانائتو ۽ پڻ، اتم ۽ سندر، ان اصطلاح جو پلي ڪيترو به مذاق اڏايو ويو هجي."

"مون سوير پرو چيو ته مان پنهنجي اصيل جي مڱڻي جو ذڪر نه ڪندس، پر هڪ اڌ لفظ تڏهن به چوڻ مناسب سمجهان ٿو، اسان هينئر جيڪي ٻڌو، سو ساک نه پر هڪ جنون ۾ آيل ۽ وير تي سنبريل عورت جي وائي هئي، ۽ اهو سندس وڙ نه هو- ته ڪيس دغاباز چوي، چو ته هوءَ پاڻ ڪيس دوکو ڏيئي چڪي آهي! جيڪڏهن سوچڻ جو ٿورو به وقت ملي ها ته هوءَ اهڙي ساک نه ڏي ها. متس ويساهه نه ڪريو! نه منهنجو اصيل دئت ناهي، جيئن هوءَ چوي ٿي."

"انسان ذات جي عاشق تياس تي چڙهڻ کان اڳ چيو هو: "آءٌ سنو ريدار آهيان. سنو ريدار پنهنجين رڍن لاءِ پنهنجي حياتي گهوري ٿو ته جيئن انهن مان ڪا هڪڙي رڍ به وڃائجي نه وڃي.' شل اسان کان ڪنهن به ماڻهوءَ جي آتما نه وڃائجي!"

"مون هينئر پڇيو هو ته پيءُ جي معنيٰ ڇا آهي، ۽ چيو هوم ته اهو هڪ مهان لفظ ۽ املهه نالو آهي، پر، صاحبو، ماڻهوءَ کي لفظ سچيتائي سان واپرائڻ گهرجن، ۽ مان شين کي سندن صحيح نالن سان سڏڻ جو اُدم ڪيان ٿو: پوڙهي ڪرامازوف جهڙي پيءُ کي پيءُ نٿو چئي سگهجي، ۽ نه هو ان لائق آهي. هڪ نالائق پيءُ سان اولاد جو پيار لغو ۽ ناممڪن آهي. پيار ناڻهن مان پيدا نٿو ڪري سگهجي. رڳو خدا ئي ناڻهن مان ڪجهه پيدا ڪري سگهي ٿو."

”حواري[1] پيار سان روشن دل سان لکي ٿو: ’پنهنجي اولاد کي چڙ ڏياري غضبناڪ نہ ڪريو.‘ انهن پاڪ لفظن جو حوالو مان پنهنجي اصيل خاطر ڪو نہ پيو ڏيان، بلڪ مان انهن جو ورجاءُ سيني پيئرن لاءِ ٿو ڪريان. مون کي ڪنهن اختيار ڏنو آهي تہ پيئرن کي نصيحت ڪريان؟ ڪنهن بہ نہ. پر مان هڪ انسان ۽ هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ التجا ٿو ڪريان - وات سان! اسان کي ڌرتيءَ تي گهٽو ناهي رهڻو. اسان گهٽائي ڪڏا ڪم ڪريون ٿا ۽ ڪئين ڪڏا ٻول ٻوليون ٿا. اڄو تہ ڪنهن سٺائي گهڙيءَ ۾ جڏهن اسان سڀ گڏ هجون، هڪ ٻئي کي ڪي چڱا ٻول ٻڌايون. مان اهوئي ڪري رهيو آهيان، مان هن هنڌ هجڻ جو مناسب فائدو وٺي رهيو آهيان. هي منصف اسان کي سين ڪان مٿانهين اختياري هرو پرو نہ ڏنا آهن. سارو روس اسان کي ٻڌي رهيو آهي! مان رڳو هت موجود پيئرن سان مخاطب نہ آهيان، مان سيني پيئرن کي واڪو ڪري چوان ٿو: ’پيئرو، پنهنجي اولاد کي چڙ ڏياري غضبناڪ نہ ڪريو.‘ هائو پهرين اسان پاڻ حضرت عيسيٰ جي حڪم جي پوئيواري ڪريون، ۽ پوءِ پنهنجي اولاد ڪان ان جي آس رکون، نہ تہ اسان پيئر نہ پر پنهنجن اولادن جا دشمن هونداسون ۽ هو اسان جا اولاد نہ پر اسان جا دشمن هوندا، ۽ اسان پاڻ هنن کي پنهنجو دشمن بڻايو هوندو. ’جهڙي هلت اوهان هلندا، تهڙي هلت اوهان سان هلي ويندي.‘ اهو مان نٿو چوان، پر انجيل پاڪ جو فرمان آهي، ’جهڙي تڪ تور اوهان ٻين جي ڪندا، تهڙي اوهان جي لاءِ ڪئي ويندي.‘ اسان پنهنجي اولاد کي ڪيئن ميار ڏيئي سگهون ٿا، جڏهن اهو اسان جي تڪ تور اسان جي ئي ماڻ سان ڪن ٿا؟“

”ڪو گهٽو مدو ناهي لنگهيو جو فنلئنڊ ۾ هڪڙي نوڪرياڻيءَ لڪ چپ ۾ ٻار ڄڻيو. مٿس چوڪسي رکي وئي تہ هڪ ڏٻو، جنهن جو ڪنهن کي بہ پتو نہ هو، پچنڊيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪن سرن جي پنيان لڌو ويو. اهو کوليو ويو تہ اندران نئين ڄاول ٻار جو لاش نڪتو. جنهن کي هن ماري ڇڏيو هو. ساڳئي ڏٻي مان ٻن ٻين ٻارن جا بہ هڏاوان پڃرا نڪتا، جن کي هن ٻاسيو، تہ ڄڻيندي ئي ماري ڇڏيو هئائين.

”جيوريءَ جا صاحبو! ڇا هوءَ انهن ٻارن جي ماءُ هئي؟ هن ڪين ڄڻيو برابر هو، پر ڇا هوءَ سندن ماءُ هئي؟ ڇا ڪوئي ڪيس ماءُ جي سگوري نالي سان ڪوٺڻ جي جرئت ڪندو؟ اڄو تہ دلير ٿيون، لفظن ۽ خيالن ڪان ائين نہ ڊڄون جيئن اسٽروفسڪيءَ جي ناٽڪ ۾ ماسڪو جون عورتون ڪن لفظن جي اُچارن ڪان ڊڄن ٿيون. نہ، اڄو تہ ثابت ڪريون تہ گذريل تورن ورهين ۾ ٿيل ترقي اسان کي بہ ڇهيو آهي، ۽ چٽيءَ طرح

[1] حضرت عيسيٰ جي ٻارهن ساٿين مان هڪڙو. ڪيس نبي سگوري پنهنجي پيغام ڦهلائڻ لاءِ اماڻيو هو. (س ن ح)

ڄئون تہ پيءُ ڇڙو اهو ناهي جيڪو ٻار کي جنمي، پر اهو آهي جيڪو جنمي بہ ٿو ۽ ان ڏانهن پاڻ تي عائد ٿيندڙ فرض بہ پورا ڪري ٿو.“

”هائو، برابر، پيءُ لفظ جي اها ٻي معنيٰ، اها ٻي تشريح بہ ڪئي وڃي ٿي، جنهن موجب ڪو بہ پيءُ، پوءِ پلي دئت هجي، پلي هو اولاد جو دشمن هجي، منهنجو پيءُ ٿي رهي ٿو، رڳو انهيءَ ڪري جو هن مون کي جنميو. پر اها معنيٰ ائين ڪٿي چوان تہ اهڙي ڳجهہ ڳجهاندر معنيٰ آهي. جيڪا منهنجي سمجهہ کان مٿي آهي، ۽ رڳو ائين وسهي سگهان ٿو، جيئن ٻين ڪيترن اهڙين سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهين تي ايمان آڻيندو يا اعتقاد ڪندو آهيان. جن لاءِ منهنجو دين مون کي حڪم ڪندو آهي. پر ان حالت ۾ ان کي زندگيءَ جي اصل ميدان مان ٻاهر رکيو وڃي. زندگيءَ جي اصل ميدان کي تحقيق پنهنجا حق آهن ۽ ان سان گڏوگڏ اهو اسان تي ڳرا فرض ۽ جوابداريون بہ عائد ڪري ٿو. انهيءَ ميدان ۾ جيڪڏهن اسان شفيق - في الحقيقت ڪرستان، ٿي رهڻ چاهيون ٿا پوءِ اسان تي لازم آهي بلڪ جڳائي تہ رڳو تن عقيدن تي عمل ڪريون، جن کي عقل ۽ تجربن سچو ٺهرايو هجي ۽ جيڪي ڇيد جي ڪوٺاريءَ منجهان لنگهيا هجن، ٿوري ۾ ائين چئجي تہ اسان تي لازم آهي تہ عقل موجب عمل ڪريون ۽ نہ ڪي ائين جڻ سپني ۾ هجون، جيئن ڪو هاجو نہ ڪريون، جيئن ڪنهن سان اُگرو ورتاءُ ڪري ڪيس تباهہ نہ ڪري ڇڏيون. تڏهن اهو سچ پچ ڪرستاني ڪم هوندو، نہ رڳو صوفياڻو پر ساڃاهہ وارو ۽ پراپڪاري پڻ......“

ان گفتي تي ڪورٽ ۾ زبردست تاڙيون وڳيون، پر فيروڪووچ ڪين هٿ لوڏي جهڙوڪر اها التجا ڪئي تہ ڪيس بنا رنڊڪ جي پنهنجي ڳالهہ جي پڇاڙي ڪرڻ ڏني وڃي. ڪورٽ ۾ اوڏيءَ جو اوڏي مهل چپ چپات ٿي وئي. مقرر تقرير جاري رکي.

”صاحبو! ڇا اوهان اهو ڀانئيو ٿا، تہ ٻار وڏا ٿين ٿا ۽ عقل ڪان ڪم وٺڻ لڳن ٿا تہ هو اهڙن سوالن ڪان ٽارو ڪري ويندا؟ نہ، هو ائين نہ ڪندا، ۽ اسان هنن تي ڪا ناممڪن پابندي نٿا مڙهي سگهون. هڪ جوان هستي جڏهن پنهنجي نالائق پيءُ کي ڏسي ٿي تہ سندس دل ۾ اهڙا ئي پيڙا ڏيندڙ سوال پاڻمرادو اُٿن ٿا، خاص ڪري تڏهن جڏهن هو پنهنجي پيءُ کي پاڻ جيڏن جي عاليشان پيئرن سان پيٽي ٿو. انهيءَ سوال جو روايتي جواب هيءُ آهي: هن تو کي جنميو ۽ تون هن جو رت ۽ ماس آهين، ۽ انهيءَ ڪري تون سندس تابعداريءَ لاءِ ٻڌل آهين. جوان پاڻمرادو سوچي ٿو: ’پر جڏهن مون کي جنمايائين، تڏهن مون سان پيار هيس؟‘ هو پڇي ٿو ۽ اڃ تسُڻ جيئن پوءِ وڌيس ٿي، ’ڇا اهو منهنجي خاطر هو جو مون کي جنمايائين؟ اُن گهڙي هن کي منهنجي ڪا خبر ڪانہ هئي، نہ ئي منهنجي جنس جو پتو هوس.‘ ان گهڙيءَ ان ڪامتا

جي گهڙيءَ جڏهن شايد مذ جي پڙڪايل باهہ ۾ جلي رهيو هو. ۽ هن مون کي نشي ۾ رهڻ جي رغبت ڏني آهي. مون لاءِ بس ايترو ئي ڪيو اٿائين...... ڇو مان ڪيس رڳو انهيءَ ڪري پيار ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيان. نہ هن مون کي جنميو آهي پر پوءِ واري حياتيءَ ۾ مون لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي؟"

"شايد هيءَ سوال اوهان کي گهڻا کهرا ۽ ڪنور لڳن پر هڪ جوان ذهن کان ٻاڻ تي ناممڪن پابنديءَ جي آس نہ رکو. 'فطرت کي در کان هڪاليندا، تہ اها دريءَ منجهان اڏامندي اندر ايندي.' ۽ وڏي ڳالهہ تہ اسان کي لفظن کان ڊڄڻ نہ کپي. ۽ لازم آهي تہ سوال جو نبيرو عقل ۽ ماڻهپي جي تقاضائن موجب ڪريون ۽ نہ ڪي ڪن ڳجهہ ڳجهاندڙ خيالن موجب. اهو ڪيئن نبرندو؟ اجهو هيئن: پٽ پيءُ آڏو بيهي ۽ پڇي: 'بابا، ٻڌايو تہ مان توهان کي پيار ڇو ڪريان؟ بابا، مون کي ڏيکاريو تہ مون تي لازم آهي تہ توهان کي پيار ڪريان.' ۽ جيڪڏهن پيءُ پٽ کي جواب ڏيئي سگهي ۽ کيس سنو سبب ڏيکاري سگهي تہ پوءِ پيءُ پٽ جو ناتو سچو ۽ پورو هوندو، ۽ ڪنهن پُر اسرار تعصب تي نہ پر عقل واري، ذميوار ۽ پراپڪاري بنياد تي بيٺل هوندو. پر جيڪڏهن پيءُ جواب نٿو ڏئي سگهي. سبب نٿو ڄاڻائي سگهي، تہ پوءِ ماٽناڻو ناتو نٿو رهي. هو پٽ لاءِ پيءُ نہ رهندو ۽ پٽ کي حق آهي تہ کيس اوپرو يعني دشمن سمجهي. جيوريءَ جا صاحبو! اسان جي ٽرائبيون[1] کي سچن ۽ صحتمند خيالن جو مڪتب هجڻ کپي."

اتي مقرر کي پنهنجي تقرير تاڙين جي زبردست ٺهڪي جي ڪري روڪڻي پئي. بيشڪ اهي سڀ ٻڌندڙ نہ هئا، پر سندن ڇگي اڌ تاڙيون وڄايون هيون. پيئرن ۽ مائرن وهواهہ ڪئي. مهاڙين مان جتي عورتون ويٺل هيون ڪيهون ۽ ريهون ٻڌڻ ۾ آيون. رومال لوڏيا ويا. صدر پنهنجي سموري سگهہ سان گهنٽي وڄائڻ لڳو. ڪيس پڌري پٽ ويٺلن جي روش تي سخت چڙ آئي هئي، پر ڪورٽ خالي نہ ڪرايائين توڙي جو اهڙو دڙڪو پڻ ڏنو هئائين. ويندي اوچي حقيقت وارا پوڙها ماڻهو جن جي سيني تي ستارا سجيل هئا ۽ جيڪي ججن جي پٺيان، خاص سندن لاءِ رکيل ڪرسين تي ويٺا هئا، تن پڻ مقرر کي داد ڏنو ۽ پنهنجا رومال لوڏيا. نيٺ مَس مَس وڃي گوڙ بند ٿيو ۽ صدر پاڻ کي ڪورٽ خالي ڪرائڻ واري دڙڪي تائين محدود رکيو. ۽ فيٽيوڪووچ، اُتساهہ مان ڀرجي گدگد ٿي، پنهنجي تقرير وري شروع ڪئي:

---

[1] Tribune : اڳاٽي روم ۾ انهن ٻن يا ڏهن چُنن مان هڪڙو جنهن کي عام ماڻهو چونڊيندا هئا، تہ سرڪار جي مقابلي ۾ سندن حقن جي حفاظت ڪري. ٿلهو، منبر وغيره جتان تقرير ڪئي وڃي: رومي عدالت ۾ مجسٽريٽ جي ويهڻ واري جاءِ.

”جيوريءَ جا صاحبو! اوهان کي اها پوائتي رات ضرور ياد هوندي، جنهن بابت اڄ ايترو ڳالهايو ويو آهي، جڏهن پٽ لوڙهو ٽپي وڃي پنهنجي دشمن ۽ آزاريندڙ ۽ جنم ڏيندڙ جي آمهون سامهون بيٺو هو. مان وڏي شد مد سان اصرار ٿو ڪريان، ته هو پيءُ ته هو پئهنس پيءُ جي گهر ڏوڪڙن ڪاڻ ڪانه ويو هو. ڦر جو الزام جيئن مون اڳ ثابت ڪيو، ڇسو آهي. ۽ هن جو گهر اندر گهڙڻ خون لاءِ به نه هو، بلڪل نه. جيڪڏهن سندس اهڙو ڪو ارادو هجي ها ته هو گهٽ ۾ گهٽ پاڻ سان ڪو هٿيار ضرور کڻي ها. ٽامي جي مُهري هن جهڙپي ته هئي، پر ڇو؟ سا پروڙ ڪانه هيس. مجيوسين ته هن پيءُ جي دريءَ تي ٺڪ ٺڪ ڪري ڪيس دوکو ڏنو، مجيوسين ته هو اندر گهڙي ويو. مون اڳيئي چيو آهي ته مان اها ڏند ڪٿا ڪونه ٿو مڃان. پر جي ائين هيو به ڪٿي، اسان گهڙي پل لاءِ ڪٿي مڃون ٿا. ته ائين هو. صاحبو، مان هر سڳوري شئي جو قسم کڻي چوان ٿو، ته جيڪڏهن هو سندس پيءُ نه پر ڪو عام دشمن هجي ها ته قيدي ڪمرو ڪمرو ڊوڙي جاچڻ ۽ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ کان پوءِ ته هوءَ اتي ڪانه هئي، پنهنجي رقيب کي ڪو هاجو رسائڻ کان سواءِ اُتان تکو تکو نڪتو هليو وڃي ها. هو شايد ڪيس ڌڪ هڻي ها، وڌيڪ نه، ڇو جو هن وقت ائين سوچڻ ۽ ڪرڻ جو وقت ئي ڪونه هو. هن رڳو اهو ڄاڻڻ تي گهريو، ته هوءَ ڪٿي هئي. پر هن جو -پيءُ، جنهن ڪيس سندس ٻاروتڻ کان ئي ڌڪاريو هو. آزاريو هو، ۽ سندس غير فطري رقيب هو، تنهن پيءُ کي ڏسڻ ئي ڪافي هو! اهو ڌڪار جو جذبو هو، جيڪو ڪيس پاڻ هرتو، اڻ جهليو ويڙهي ويو ۽ سندس مت مارجي وئي. هڪ ئي پل ۾ سڀ ويران وير چڙهي آيو. اها ڪا پاڳلپڻي ۽ چريائپ جي لهر هئي. پر فطرت جي لهر به هئي، جيڪا (فطرت جي هر شئي وانگر) پنهنجي ازلي قانونن جي ڇڪڙيءَ جو وير وٺي رهي هئي.

پر قيديءَ تڏهن به ڪيس قتل نه ڪيو. مان انهيءَ ڳالهه تي قائم آهيان ۽ واڪو ڪري چوان به ٿو! نه، هن چڙيل ٻچان جي ايام ۾ مُهري اولاري، پر ڪيس مارڻ جي ارادي سان نه. نه ئي هو اهو ڄاڻيندو هو، ته هو مري پوندو. جيڪڏهن اها موتمار مُهري هٿ ۾ نه هجيس ها، ته شايد پيءُ کي ڇڙو ڌڪ هڻي ڪيرائي رکي ها، پر ڪيس قتل نه ڪري ها. هو ڀڳو ته ڪيس اها ڄاڻ ڪانه هئي ته پيءُ کي ماري ڇڏيو هئائين. اهڙو خون خون نه آهي. نه، اهڙي پيءُ جي خون کي ’پيءُ گهات‘ نٿو ڪوني سگهجي. اهڙي خون کي فقط تعصب جي ڪري ئي ’پيءُ گهات‘ چئي سگهجي ٿو.

”پر مان پنهنجي اندر جي اونهائيءَ سان اوهان کان پڇان ٿو: ڇا اهو خون سچ پچ ٿيو هو؟ جيوريءَ جا صاحبو، جيڪڏهن اوهان هن کي ڏوهي ٺهرائي سزا ڏني ته هو پاڻ کي مخاطب ٿي چوندو: هنن ماڻهن مون کي نپائڻ لاءِ، مون کي پڙهائڻ لاءِ ڪجهه به نه

ڪيو آهي، منهنجي حالت کي سڌارڻ لاءِ، مون کي بهتر بنائڻ لاءِ، مون کي سنو ماڻهو بنائڻ لاءِ ڪجهه بہ نہ. هنن ماڻهن مون کي نہ ڪائڻ لاءِ ڏنو آهي ۽ نہ پيئڻ لاءِ، نہ قيد ۾ نہ اوگهڙ ۾ مون سان ملڻ آيا آهن، ۽ هتي مون کي سخت پورهئي سان سزا ڏني اٿن. ليڪو لٽ پٽ، هو مون کان هاڻ ڪجهه بہ نہ لهڻن. مون کان ڪو بہ ڪجهه بہ هميشہ لاءِ نہ لهڻي. هي ظالم آهن، مان بہ ظالم ٿيندس. جيوريءَ جا صاحبو، هو اهوئي چوندو. ۽ مان قسم کڻي چوان تہ ڪيس ڏوهي ٺهرائي اوهان هن لاءِ آساني ڪندا. هن جو ضمير هلڪو ٿي ويندو. هو ان رت کي پاراتا ڏيندو جيڪو وهايو اٿائين، ۽ ان تان پڇتاءُ نہ ٿيندس. ساڳئي وقت اوهان هن جي نئين انسان بڻجڻ جي امڪان کي ناس ڪري ڇڏيندا، ڇو جو هو ساري ڄمار هڇارو ۽ انڌو ٿي رهندو."

"پر ڇا اوهان ڪيس ڪائي تمام پوائتي ۽ هيبتناڪ ۽ ايتري ڀيانڪ سزا ڏيڻ چاهيو ٿا، جنهن جو تصور ئي نہ ڪري سگهجي، ۽ ساڳئي وقت ڪيس بچائڻ ۽ سندس اندر وري جيئارڻ بہ چاهيو ٿا؟ جي ائين آهي تہ پوءِ ڪيس پنهنجي ٻاجهہ سان پيڙي ڇڏيو. اوهان ڏسندا، اوهان ٻڌندا تہ هو ڪيئن نہ ڏڪي ۽ هراسجي ٿو وڃي. 'مان ايڏي ٻاجهہ جالي سگهندس؟ مان ايڏو پاٻوهہ ڪيئن سهي سگهندس؟ ڇا مان انهيءَ لائق آهيان؟' هو اهو ئي آکيندو."

جيوريءَ جا صاحبو، مان اِن دل اُن وحشي پر احسانمند دل کي سڃاڻان! اها اوهان جي ٻاجهہ اڳيان سر نوائيندي، اها مهان ۽ پاٻوهيل ڪرت لاءِ اُڃايل آهي، اها رجي ويندي ۽ متي چڙهندي. اهڙا روح آهن، جيڪي پنهنجي محدودائپ جي ڪري سڄي دنيا کي الزام ڏيندا آهن. اهڙي روح کي پنهنجي ٻاجهہ سان وس ۾ آڻيو، ان کي قرب ڏيو، ۽ اها دل پنهنجي ماضيءَ کي پٽيندي ڇو جو ان ۾ ڪيئي جذبا بہ آهن. اها دل ويڪري ٿي ويندي، ۽ ڏسندي تہ خدا ٻاجهارو آهي، ۽ ماڻهو سنا ۽ نياءَ وارا آهن. هو هراس ۾ رهندو. ڪيس هميشہ پشيماني ۽ پاڻ مٿان آيل جوابداريءَ جي اون رهندي. پوءِ هو ائين نہ چوندو، ليڪو لٽ پٽ،' پر چوندو، 'مان سڀني جي نظر ۾ ڏوهي آهيان، ۽ مان سڀني کان وڌيڪ نالائق بہ آهيان.' هو پڇتاءَ جا، ڏک جا ۽ سيتل پيڙا جا ڳوڙها ڳاڙيندي واکو ڪندو: 'ٻيا مون کان وڌيڪ چڱا آهن، هنن مون کي بچائڻ ٿي چاهيو، نہ کي ناس ڪرڻ!' اوهہ هيءُ ٻاجهہ جو ڪم اوهان لاءِ ڪيترو نہ سهنجو آهي، ڇو جو پڪي پختي ثابتي لاءِ اهو اعلان ڪرڻ ڏاڍو پوائتو ٿيندو: 'هائو هو ڏوهي آهي.'

"هڪڙي بي ڏوهيءَ کي سزا ڏيو، تنهن کان چڱو آهي تہ ڏهہ ڏوهي ڇڏي ڏيو! اوهان ٻڌو ٿا، اسان جي شاندار تاريخ جي گذريل صديءَ کان ايندڙ شاهاڻو آواز ٻڌو ٿا؟ اهو نتو سونهين تہ مون جهڙو تڇ ماڻهو اوهان کي ياد ڏياري تہ عدالت جو وجود

رڳو سزا ڏيڻ لاءِ نہ پر ڏوهہ ڪندڙ جي ڇوٽڪاري لاءِ بہ آهي! ڀل ٻيون قومون ڪيتي لوڙائڻ ۽ قانون جي لفظن جو سوچين، اسان روح ۽ مفهوم - وچايل جي ڇوٽڪاري ۽ سڌاري - سان چهٽيل رهنداسون. جي اهو سچ آهي، جي روس ۽ ان جو انصاف اهڙا آهن، تہ اهو خوشدليءَ سان اڳتي وڌي سگهي ٿو! اسان کي پنهنجين جنوبي ٽورئڪائن کان بہ ڊيڄاريو، جن کان سڀ قومون ٻچان وڃان پاسو ڪن ٿيون. ڪائي ريل ڇيل ڊوڙندڙ ٽروئيڪا، نہ پر روس جو شانائتو رَٿُ. سڪون ۽ دٻدٻي سان پنهنجي ماڳ ڏانهن هلندو. منهنجي اصيل جي تقدير اوهان جي هٿن ۾، روسي انصاف جي هٿن ۾ آهي. اوهان ان انصاف جو بچاءُ ڪندا، ان کي بچائيندا، اوهان ثابت ڪندا، تہ ان تي چوڪسي رکڻ وارا موجود آهن، ۽ اهو ڀلوڙ هٿن ۾ آهي!"

جيڪڏهن هن ڪيس خون ڪيو تہ خون ڪيائين، ۽ هن جو ڪيس خون نہ ڪرڻ ڪان سواءِ خون ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو سر پير ڪٿي آهي؟"

"ان ڪان پوءِ اسان کي چند پٺائي تي وڃي تہ اسان جو ترائيبون صحيح ۽ صحتمند خيالن جو ترائيبون آهي، ۽ ان صحتمند خيالن جي ترائيبون ڪان اهو گنڀير اعلان تو تئي تہ پيءُ جي خون کي 'پيءُ گهات' ڪوٺڻ تعصب ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي، جيڪڏهن 'پيءُ گهات' تعصب آهي، ۽ جيڪڏهن هر ٻار کي پيءُ کان اهو پڇڻو آهي تہ هو ڪيس ڇو تو پيار ڪري تہ پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪٽنب جو ڇا ٿيندو؟ لڳي ٿو تہ 'پيءُ گهات' ماسڪو جي واپارين جي عورتن جو للاٽو آهي. روسي انصاف جي تقدير ۽ آئيندي لاءِ سيني ڪان وڏيڪ اهلہ ضمانتن کي اسان جي اڳيان تمام گمراهہ ۽ ڇسي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو آهي. محض هڪڙو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ۽ اهو مقصد آهي هڪ اهڙي ڳالهہ لاءِ جواز پيدا ڪرڻ جنهن جو ڪو جواز ڪونهي. ٻچاءَ جو وڪيل واڪو ڪري. 'ڪيس پنهنجي ٻاجهہ سان پيڙي ڇڏيو:' پر ڏوهہ ڪندڙ ايترو ئي تہ گهري ٿو. ۽ سياڻي ڏنو ويندو تہ هو ڪيترو پيڙجي ويو آهي. ڇا ٻچاءَ جي وڪيل رڳو قيديءَ کي ڇڏي ڏيڻ جي گهر ڪري انڪسار ڪان ڪم نہ ورتو آهي؟ ڇو نہ پيءُ گهاتڪ جي مان ۾ خيراتي ادارو برپا ڪري سندس ڪارنامي کي ايندڙ پيڙهين لاءِ يادگار بڻايو وڃي. مذهب ۽ انجيل پاڪ کي درست ڪيو ٿو وڃي. اها سڀ مايا آهي، ۽ اسان جي عيسائيت ئي سچي آهي. ڇو جو ان کي عقل ۽ عام فهم جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو آهي. ۽ ائين هو حضرت عيسيٰ (عليہ السلام) جي ڪوڙي شبيهہ ڪڙي ڪن ٿا! 'جهڙي تڪ تور اوهان ڪندا. تهڙي ئي اوهان جي ڪئي ويندي.' ٻچاءَ جي وڪيل واڪو ڪيو هو. ۽ هڪدم اهو انومان ڪيائين تہ حضرت عيسيٰ (عليہ السلام) اسان کي سيکاري ٿو تہ ائين ئي توريو، جيئن اوهانکي توريو وڃي. ۽ اهو اڃي ٿو سچ ۽ صحتمند سوچ جي طرفان! اسان انجيل پاڪ تي رڳو ان وقت نظر وجهون ٿا، جنهن وقت اسان کي تقرير ڪري ٻڌندڙن تي پنهنجي انجيل جي ڄاڻ جو رعب ويهارڻو هوندو آهي. اهو پاڪ ڪتاب بيشڪ اصلوڪي رچنا آهي ۽ ان ڪان خاص اثر پيدا ڪرڻ جو ڪم بہ ونئي سگهجي ٿو. پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ! پر حضرت عيسيٰ (عليہ السلام) جنهن ڳالهہ جي هدايت ڪري ٿو، سا بلڪل مختلف آهي: هو اسان کي ائين ڪرڻ ڪان خبردار ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ هچاري دنيا ائين ئي ڪري ٿي. پر اسان کي جڳائي تہ معاف ڪريون ۽ ٻيو ڳل پيش ڪريون، ۽ پنهنجن آزاريندڙن سان اهو ورتاءُ نہ ڪريون، جيڪو هو اسان سان ڪن ٿا. اسان جي خداوند اسان کي اهوئي سيکاريو آهي، ۽ نہ اهو تہ اولاد کي پيءُ جي خون ڪان منع ڪرڻ تعصب آهي. ۽ اسان کي سچ ۽ صحتمند خيالن واري ترائيبون ڪان

پنهنجي ڏٽيءَ جي انجيل درست ناهي ڪرائي، اهو ڏٽي جنهن کي بچاءَ وارو وڪيل رڳو انسان ذات جو ٽياس تي چڙهيل عاشق سڏي ٿو. ٽوٽي جو سچو ديندار روس هن کي هيئن ٻاڏائي ٿو: 'جو تون اسان جو خداوند آهين!'"

اتي صدر مداخلت ڪئي، ۽ حد کان وڌيڪ جوش ۾ آيل مقرر کي روڪيو ته وڌاءُ نه ڪري، حد نه ٽپي، وغيره. جيئن صدر اهڙي صورتحال هميشه ڪندا آهن. ٻڌندڙ پڻ لُڇ پُڇ ۾ هئا. خلق بي آرام هئي، ويندي چڙ مان واڪا پڻ ڪيا ويا. فيتيوڪوچ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي، هو فقط مٿي چڙهيو ۽ پنهنجو هٿ دل تي رکي ڪاوڙيل لهجي ۾ وڏي وقار سان ڪي لفظ چيائين. هن وري "رومانس" ۽ "نفسيات" کي هلڪو ۽ ٺوڪ سان ڇُهيو، ۽ مناسب هنڌ تي حوالو ڏنو، "جپيٽر[1] تون ڪاوڙيل آهين، ان ڪري غلط آهين." جنهن تي ٻڌندڙن پسنديءَ جا ٺهڪ ڏنا - ڇو جو اپولٽ ڪردووچ ڪنهن به طرح جُپيٽر جهڙو نه. انهيءَ تهمت بابت ته هو جوان ٺهيءَ کي پنهنجا پيئر مارڻ جي سکيا ڏيئي رهيو آهي. فيتيوڪوچ وڏي ڏيان سان چيو ته هو ان جو جواب نه ڏيندو. سرڪاري وڪيل جي اِن الزام بابت هو عيسائي شرع جي خلاف رايا ظاهر ڪري رهيو هو. فيتيوڪوچ چيو ته اهو شخصي الزام هو ۽ ڪيس آس هئي ته ڪورٽ سڀوريءَ ۾ اهڙن الزامن کان آجو رهندو. جيڪي سندس شهري ۽ وفادار رعيت جي حيثيت ۾ سندس ناماچار کي ڇيهو رسائن. اتي صدر ڪيس به روڪيو، ۽ فيتيوڪوچ پنهنجي تقرير ڪورٽ سڀوريءَ اڳيان سيس نمائي پوري ڪئي. جنهن تي ڪورٽ ۾ وينلن پسنديءَ جي پڻ پڻ ڪئي، ۽ اسان جي عورتن جي راءِ ۾، اپولٽ ڪِردووچ سدا لاءِ ڇيپاتجي ويو."

پوءِ قيديءَ کي ڳالهائڻ جو وارو ڏنو ويو. متيا اتي بيٺو ۽ تمام گهٽ ڳالهايائين. هو بدني توڙي ذهني طرح سخت ٿڪجي پيو هو، صبح جو ڪورٽ ۾ گهڙڻ وقت هن جي منهن مان جا سگهه ۽ بيپرواهي بکي رهي هئي، سا ذري گهٽ اَلوپ ٿي وئي هئي. هو ائين پئي لڳو ڇڻ ڪنهن اهڙي آزمودي منجهان لنگهيو هجي، جنهن کيس باقي ڄمار لاءِ اهڙي ڳالهه سيکاري ڇڏي هجي، جيڪا هُن هاڻي تائين ڪو نه سمجهي هجي. هن جو آواز نستو هو، ۽ اڳي جيان واڪا ڪونه ڪيائين. لهجي ۾ نهٺائي، هار ۽ متيا جا رنگ هئا.

"جيوريءَ جا صاحبو، آءٌ ڇا چوان؟ مون لاءِ فيصلي جي گهڙي اچي وئي آهي. مان پاڻ تي خدا جو هٿ محسوس ٿو ڪريان! هڪ غلط ڪار انسان جو انت اچي ويو

---

[1] Jupiter : اڳاٽي روم جي ديومالا ۾ وڏي ۾ وڏو ديوتا. يوناني ديو مالا جي زيوس جو تُل، پڻ سج واري سرشتي ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ وينس کان پوءِ روشن ۾ روشن گرهه.

آهي! پر آءٌ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي وري بہ چوان ٿو تہ مون پنهنجي پيءُ کي مارڻ جو ڏوهہ ناهي ڪيو. آءٌ آخري ڀيرو ورجايان ٿو تہ مون هن کي نہ ماريو هو! آءٌ غلط ڪار هيس پر، چڱائي سان چاهہ هوم. مون هر گهڙي پاڻ سڌارڻ جو اُدم ڪيو، پر جهنگلي جانور وانگر گهاريم. آءٌ سرڪاري وڪيل جو ٿورائتو آهيان. جنهن مون کي منهنجي باري ۾ ڪيئي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون. جن جو پتو بہ نہ هوم، پر اهو سچ ناهي تہ مون پنهنجي پيءُ کي ماريو هو. سرڪاري وڪيل غلط آهي، آءٌ پنهنجي وڪيل جو بہ ٿورائتو آهيان. هن کي ٻڌندي آءٌ رنو هوس، پر اهو سچ ناهي تہ مون پنهنجي پيءُ کي ماريو هو. ڪيس ائين پائڻ جو ضرور نہ هو، ۽ ڊاڪٽرن تي ويساهہ نہ ڪريو، آءٌ بلڪل ٺيڪ آهيان. فقط منهنجو هنيانءُ پريل آهي. جيڪڏهن اوهان مون کي ڇڏي ڏنو. جيڪڏهن اوهان مون کي وڃڻ ڏنو تہ آءٌ اوهان کي دعائون ڪندس. آءٌ چڱو ماڻهو ٿيندس. آءٌ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي قول ٿو ڏيان تہ چڱو ماڻهو ٿيندس! پر جيڪڏهن اوهان مون کي ڏوهي ٺهرايو تہ آءٌ پاڻ پنهنجي ترار پنهنجي مٿي تي ڀڃندس ۽ ان جا ٽڪر چمندس. پر مون کي ڇڏي ڏيو، مون کان منهنجو خدا نہ ڦريو! آءٌ پاڻ کي سڃاڻان ٿو، آءٌ بغاوت ڪندس! منهنجون هنيانءُ پريل آهي، صاحبو، مون کي ڇڏي ڏيو."

هو پنهنجي ڪرسيءَ تي ذري گهٽ ڪري پيو: سندس آواز پرجي آيو هو: آخري جملو ڏکيو اُچاري سگهيو هو. پوءِ جج سوال پڇڻ لڳا ۽ ٻنهي ڌرين کي چيائين تہ پنهنجا نتيجا وڃوري وٺن. پر مان انهن جا تفصيل بيان ڪونہ ڪندس. آخرڪار جيوري صلاح مشوري لاءِ اٿي وئي. صدر ڏاڍو ٿڪل هو. ۽ هن جي جيوريءَ کي آخري تلقين ڪجهہ مڙيوئي نبل هئي، "بي ريا تجو بچاء واري وڪيل جي خوش ڪلاميءَ کان متاثر نہ ٿجو، پر تڏهن بہ دليلن جي تڪ تور ڪجو. ياد رکو تہ توهان تي وڏي ذميواري رکيل آهي." وغيره وغيره.

جيوري اُٿي وئي، ۽ ڪورٽ مهمل تي وئي. ماڻهو بہ اٿيا تہ ڄنگهون ساهين، پڻ گڏ ٿيل هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن. چاندو پاڻي ڪن. ڏاڍي دير ٿي وئي هئي، رات جو ذري گهٽ هڪ اچي ٿيو هو، پر ڪو بہ هليو ڪو نہ ويو هو: تاءُ ايترو تہ گهڻو هو جو ڪنهن کي بہ وڃي آرامي ٿيڻ جو خيال تائين نہ آيو. سڀ ٻڌنڙ دلين سان اوسيئڙي ۾ هئا. پر شايد عورتن لاءِ ائين چوڻ وڌاءُ ٿيندو جو تہ سندن اوسيئڙي ۾ سخت بيصبري تہ هئي پر دلين ۾ ڪو الڪو نہ هون. سندن خيالن ۾ رِهائي اٽل هئي. فيتيوڪووچ کي بہ پنهنجي ڪاميابيءَ جو يقين هو. هو ماڻهن جي گهيري ۾ هو. جيڪي کيس مبارڪون ڏيئي رهيا هئا. ۽ سندس للو پتو ڪري رهيا هئا.

مون کي پوءِ هُن ٻڌايو ويو تہ هُن هڪڙي ٽوليءَ کي چيو: "ٻچاءُ وارو وڪيل ۽ جيوري ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ سڳي ۾ پوئجي ويندا آهن. تقرير کندي سهي کبو آهي تہ پوئجڻ ٽي ويو آهي. مون سهي ڪيو هو. پوئجڻ ٽي ويو آهي. اسان ڪنداسين دلجاءِ ڪريو."

اسان جا ڪڙمي هاڻي ڇا چوندا؟ هڪڙي بت ۾ پريل ٽيڊين اکين ۾ مائيءَ جي سيئڙن سان همراهہ. جيڪو ويجهي ڇـَـڪَ جو زميندار هو، تنهن هڪڙي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندڙ ٽوليءَ وٽ وڃي پڇيو.

"پر هو سڀ تہ ڪڙمي ناهن. چار سرڪاري ڪلارڪ بہ آهن."

"هائو، ڪلارڪ بہ آهن." هڪڙي ضلع ڪائونسل جي ميمبر ساڻن شامل ٿيندي چيو.

"۽ هو ٻلي سان واپاري نذريوف، اهو بہ تہ جيوريءَ ۾ آهي. هن جي خبر اٿوَ؟"

"ڇاهي هن کي؟"

"وڏي عقل وارو آ."

"پر هو تہ ڳالهائيندو ئي ڪونهي."

"پاڻ ڇگو جو ڳالهائيندو ڪونهي. پر پيٽرسبرگ واري همراهہ لاءِ ڪيس ڪجهہ سيکارڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. هو پاڻ ساري پيٽرسبرگ کي سيکاري سگهي ٿو. ٻارهن ٻارن جو پيءُ جو ٿيو."

هڪ ٻي ٽوليءَ ۾ اسان جي علمدارن مان هڪڙي چيو، "ڇا ٿا پائيو، ڪونہ ڇڏيندس ڇا؟"

"ضرور ڇڏيندس." هڪ ٻئي اٿل آواز ۾ ورندي ڏني.

"نہ ڇڏڻ تہ وڏي شرم ۽ خواريءَ واري ڳالهہ ٿيندي." علمدار چيو.

"سمجهو ڪٿي تہ هن سچ پچ خون ڪيو هو. هتي پيئرن تي پيئر آهن! ۽ هو وڏي جنون ۾ هو.... ڪجهہ نہ ڪيو هجيس، رڳو مـُـهري هوا ۾ گهمائي هجيس ۽ ائين کندي پوڙهي کي ڌاهي رکيو هجيس. پر خاص نوڪر کي هرويرو وچ ۾ گهلي آيا. اهو چسو نظريو هو! جيڪڏهن مان فيتيوڪوچ جي جاءِ تي هجان ها تہ سنئون سڌو چئي ڏيان ها. هن ئي ڪيس قتل ڪيو هو. پر هو ڏوهي ناهي، مار پوين!"

"هن بہ اهوئي چيو هو. پر مار پوين! ڪان سواءِ!"

"نہ، مخائيل سيمينو وچ، هن ذري گهٽ گهٽ اهو پڻ چيو هو". هڪ ٽين آواز آکيو.

"صاحبو، لينٽ ۾ هڪڙي ائڪٽريس، جنهن پنهنجي عاشق جي زال جي نڙي ڪپي هئي، ڇٽي وئي هئي."

"پر هُن پوري ڪونہ ڪپي هئي."

"ان سان ڪو فرق نٿو پوي. هن ڪپڻ شروع تہ ڪئي هئي نہ."

”هن جيڪو ٻارن بابت چيو، تنهنجو ان باري ۾ ڇا خيال آ؟ شاندار رهيو نہ؟“

”شاندار“

”۽ جيڪو ”مايا“ بابت چيائين، سو پڻ!“

”ڇڏيو مايا کي.“ ڪنهن ٻئي چيو.

”جيڪا ويڌن اچ ڪان اپولٽ سان ٿيڻي آهي، ان جي ڳالهہ ڪيو. جوٽس سياڻي متيا جي خاطر تارا ڪڍي وٺنديس.“

”هوءَ اتي آهي ڇا؟“

”واهہ ڙي واهہ، اتي هجي ها تہ ڪورٽ ۾ ئي تارا ڪڍي وٺيس ها. ڏندن جي سور ڪان گهر ۾ پئي آهي. هِي هِي هِي!“

”هِي هِي هِي.“

ٽئين ٽوليءَ ۾:

”مون کي پڪ آهي، هو نيٺ متيا کي ڇڏي ڏيندا.“

”سياڻي ’ميٽروپولس‘ ۾ ڏمچر نہ مچائي تہ مون کي چئجو. پورا ڏهہ ڏهاڙا پيئندو رهندو!“

”جهڙو شيطان!“

”شيطان جو هٿ اوس هوندو. هٿ نہ هوندو ڪٿ تہ هوندو؟“

”هائو صاحبو، زبردست تقرير هئي. پر پيئڻ جا متا مُهرين سان ناهن ڦاڙبا! نہ تہ اسان سان الائي ڇا ٿئي؟“

”رَٿ! رَٿ ياد اٿو؟“

”هائو هن گاڏي کي رٿ ۾ مٽائي ڇڏيو هو!“

”۽ سياڻي هو پنهنجي مقصد لاءِ رٿ کي گاڏي ۾ مٽائي ڇڏيندو.“

”اڄڪلهہ ڪيڏا نہ چلتا پرزا ٿي پيا آهن! روس ۾ هاڻي انصاف بہ ملندو ڪ الائي نہ؟“

اتي گهنٽي وڳي. جيوري پورو ڪلاڪ ڳڻ ڳوت ڪئي هئي، پورو ڪلاڪ، نہ گهٽ نہ وڌ. جيئن ئي ماڻهو پنهنجين پنهنجين جاين تي ويهي ويا، ڪورٽ ۾ ماٺ ڇانئجي وئي. مون کي ياد آهي تہ جيوريءَ وارا همراهہ ڪورٽ ۾ ڪيئن هلي آيا هئا. آخرڪار! مان سوالن جي ترتيب ڪونہ ورجائيندس: سچ تہ اهي مون کي ياد ئي ناهن رهيا. مون کي رڳو صدر جي پهرين ۽ مُک سوال جو جواب ياد آهي: ”ڇا قيدي ڦر لاءِ ۽ اڳواٽ رٿي خون ڪيو؟“ (مون کي سندس لفظن جي پوري يادگيري ڪانهي.) چوڌاري چپ چپات ٿي وئي. جيوريءَ جي سرواڻ، جيڪو ڪلارڪن مان ننڍي ۾ ننڍو هو، تنهن جو چٽو ۽ وڏو آواز ڪورٽ جي موت جهڙي ماٺ ۾ گونجيو:

"ها، ڏوهي!"

۽ هر سوال جو ساڳيو جواب، "ها، ڏوهي" بنا ڪنهن ڏوهه هلڪو ڪندڙ رائزنيءَ جي، ڏنو ويو. ان جي ڪنهن کي به اميد نه هئي: ذري گهٽ سيني جو خيال هو ته ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ رحم جي سفارش ٿيندي. ڪورٽ ۾ چانيل موت جهڙي ماٺ ۾ ڪو رخنو نه پيو. سڀ ڄڻ ته پٿر پهڻ ٿي ويا هئا. اهي به جن ڪيس ڏوهي نهرائڻ ٿي چاهيو ۽ اهي به جيڪي سندس ڇُٽي وڃڻ جا ڪانکي هئا. پر ائين رڳو پهرين ويرم لاءِ ٿي هو. ۽ ان ڪانپوءِ زبردست لڙ شروع ٿي ويو. ٻڌندڙ مردن مان گهڻن کي خوشي ٿي هئي. ڪي ته پنهنجي خوشي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪندي هٿ مهٽي رهيا هئا. جيڪي فيصلي سان سهمت نه هئا، سي نهوڙجي ويل ٿي ڏنا. هنن پنهنجا ڪلها لوڏيا. سُس ڦُس ڪيائون. پر لڳو ٿئي ته اجا ڳالهه مغز ۾ ڪو نه ويني اٿن. پر عورتن جي جيڪا حالت هئي، سا مان ڪيئن بيان ڪريان؟ مون کي خيال آيو ته هو وڳوڙ ڪنديون. پهرين ته ڪين پنهنجن ڪنن تي ويساهه ئي نه آيو هو. پوءِ امالڪ سڄي ڪورٽ ۾ رڙيون مچي ويون: "ڇا مطلب آ ان جو؟ هاڻي ڇا؟" هو پنهنجين جاين تان ٽپ ڏيئي اُپيون ٿي پيون. سندن خيال هو ته متان فيصلو وري ويچاري، بدلايو وڃي.. اوڏي مهل متيا اٿي بيٺو ۽ پنهنجون ٻانهون ڊگهيڙي، هنيانءَ ڏاريندڙ آواز ۾ رڙيو:

"آءٌ خدا ۽ حشر جي ڀوائتي ڏينهن جو قسم کڻي ٿو چوان ته آءٌ پنهنجي پيءُ کي مارڻ جو ڏوهي نه آهيان! ڪاتيا مون کي معاف ڪجانءِ! ڀائرو، دوستو، ٻي عورت تي ڪهل ڪجو!"

هو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو، ۽ وني روڄ راڙو ڪيائين. جيڪو ساري ڪورٽ ۾ ٻڌو ويو، ۽ اهڙي عجيب ۽ غير فطري آواز ۾، جيڪو سندس پنهنجي آواز جهڙو بنهه نه هو. ڪورٽ ۾ سيني کان پرانهين ڪُنڊ کان هڪ چيريندڙ ڪيڪ آئي. اها گرو شينڪا هئي، هوءَ وڪيلن جي تقريرن جي شروع ٿيڻ کان اڳ، ڪورٽ ۾ وري داخل ٿيڻ جي موڪل ٻاڏائي ونڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي. متيا کي ٻاهر وني ويا. سزا ٻڌائڻ جو ڪم ايندڙ ڏينهن تي رکيو ويو سڄي ڪورٽ ۾ لُڙ هو. پَر مان ٻڌڻ لاءِ ڪونه ترسيس. البت ڪورٽ کان ٻاهر ويندي ڏاڪڻ تي ڪي جملا ڪنين پيم:

"کيس ويهه ورهيه کاڻين کوٽڻ جي سزا ملندي."

"گهٽ نه."

"اسان جا ڪڙمي پُختا رهيا آهن."

"اسان جي متيا سان ويڙن ڪئي اٿئون."

# پچاڙي

باب پهريون

# منيا کي پچائڻ جون رٿون

ڪيس جي پوري ٿيڻ کان پنج ڏينهن پوءِ صبح ساجهر جو نائين وڳي. اليوشا وجي ڪيٽرينا ايوانونا سان اهم معاملي تي ڳالهايو ۽ ڪيس کي نياپو به ڏنائين .هن ساڻس ان ساڳئي ڪمري ۾ ويهي ڳالهايو، جنهن ۾ هوءَ هڪڙو ڀيرو گروشينڪا سان ملي هئي. پر واري ڪمري ۾ ايون فيودوروچ سخت تپيو پيو هو. ڪيٽرينا ايوانونا ڪورٽ واري واقعي کان سنت پوءِ، ماڻهن جي اڻتر چوپچو ۽ خلق ۾ خواريءَ جي پرواهه نه ڪندي، ايون کي پنهنجي گهر کڻائي وئي هئي. جيڪي به مائٽ وٽس رهيل هئا، تن مان هڪڙو ڪورٽ واري واقعي کان هڪدم پوءِ ماسڪو هليو ويو هو. ٻيو اجا تائين رهيل هو.پر جيڪڏهن ٻئي هليا وڃن ها، تڏهن به ڪيٽرينا ايوانونا ڏينهن رات بيمار جي پاسي ۾ ويهي سندس پرگهور لهندي ۽ ٽهل ٽڪور ڪندي رهي ها. مريض جو علاج ۽ هرزينٽيوب ڪري رهيا هئا. ناليرو ڊاڪٽر ماسڪو موٽي ويو هو، ۽ اها راءِ ڏيڻ کان نابري واري هئائين ته مريض ڪيستائين چاڪ ٿي ويندو. ڊاڪٽرن ڪيٽرينا ايوانونا ۽ اليوشا کي دلجاءِ ته ڪرائي هئي، پر اجا ڪين چاڪائيءَ جي پڪي اميد نه ڏياري سگهيا هئا.

اليوشا روز به ٻيرا پاءُ کي ڏسڻ ايندو هو. پر هن ڀيري کو خاص ٽڪڙو ڪم هوس، ۽ اڳواٽ خبر هيس ته ڳالهه ڪيڏي ڪيڏو نه ڏکيو ٿيندو، تڏهن به ڪيس ڏاڍي تڪڙ هئي. ان صبح جو ڪيس کو ٻيو ڪم به هو. جيڪو ضرور ڪرڻو هو ۽ تڪڙ ضروري هئي.

ڪين ڳالهائيندي پاءُ ڪلاڪ جو ٿي ويو هو. ڪيٽريناايوانونا لهڪاريل ۽ ڏاڍي ٿڪل هئي، تڏهن به هوءَ وڏي جوش ۾ هئي. ڪيس اندازو هو ته اليوشا وٽس ڇا ڳالهائڻ آيو هو.

”سندس فيصلي جو اُلڪو نه ڪر.“ هن اليوشا کي پوري ويساهه سان زور ڏيندي چيو. ”هيئن يا هونءَ ڪيس اهو ئي فيصلو ڪرڻو هو، ڪيس ضرور ڀڄي وڃڻ کپي. ڏکويل انسان، هو مانائتو ۽ وڙائتو سورمو. دمتري فيودوروچ نه پر هو در جي ٻئي پاسي پيل انسان، جنهن هن لاءِ ايڏي قرباني ڏني آهي.“ ڪاتيا تجلا ڏيندڙ اکين سان وڏيڪ چيو. ”هن مون کي گهڻو اڳ فرار جي سڄي رٿ ٻڌائي هئي. خبر ٿئي ته هن اڳيئي ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون آهن....... مون توکي ٿورو گهڻو اڳ به ٻڌايو ته آهي......... ڏس، اهو گهڻو ڪري ٽين منزلگاهه وٽ ٿيندو، جڏهن قيدين جي ٽوليءَ کي سائبيريا وٺي وڃي رهيا هوندا. اجا گهڻو وقت پيو آهي. ايون فيودوروچ

ٽين منزلگاهہ جي داروغي سان اڳيئي ملي چڪو آهي. پر اجا اهو پتو ناهي پيو تہ ٽولي ڪنهن جي حوالي هوندي، ۽ اهو ايترو اڳ معلوم ڪرڻ ناممڪن آهي. سپاٽي شايد مان توکي رٿ جو وچور ڏيکاريان. اهو ايون فيودوروچ ڪيس هلڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مون وٽ ڇڏي ويو هو تہ مٿان ان جي لوڙ پوي. ياد ڪر، ان ڏينهن، جنهن ڏينهن تو اسان کي پاڻ ۾ جهيڙو ڪندي ڏٺو هو. ان مهل ڏاڪڻ لهي ويو هو. پر توکي ڏسي مون کيس موٽي اچڻ تي مجبور ڪيو هو. ياد ٿئي ٿو؟ خبر ٿئي ٿہ تڏهن اسان ڇا تان جهيڙي رهيا هئاسون؟"

"نہ مون کي خبر ڪانهي." اليوشا وراڻيو.

"جائي هن توکي ڪونہ ٻڌايو هوندو. اهو جهيڙو فرار جي رٿ تان هو. ۽ اسان هڪدم جهڳڙڻ لڳا هئاسون. ۽ ٽئي ڏينهن ساندهہ جهيڙندا رهيا هئا سون. جهيڙو ايون فيودوروچ جي ائين چوڻ تان ٿيو هو تہ جيڪڏهن دمتري فيودوروچ کي ٽيپ آئي تہ هو هن رن سان ڀڄي ويندو. مون کي ان ئي مهل ايڏي تہ سخت ڪاوڙ آئي هئي جو مان توکي نٿي ٻڌائي سگهان تہ ڇو، ڇو تہ مون کي پاڻ خبر ڪانهي تہ ڇو....... ها، ائين برابر آهي تہ مان هن رن تي سخت ڪاوڙيل هيس. ۽ اِن تان بہ ڪاوڙي هيس تہ هوءَ دمتريءَ سان گڏ پرڏيهہ وڃي!" ڪيٽرينا ايوانونا اوچتو واڪو ڪندي چيو تہ سندس چپ ڪاوڙ وچان ڪنبي رهيا هئا، "ايون فيودوروچ جيئن ئي ڏٺو تہ مان ان رن تان اجا بہ پئي ڪاوڙجان، تيئن ئي هن اهو سمجهيو تہ مان سڙان ٿي ۽ اجا تائين دمتريءَ سان پيار ٿي ڪريان. اسان جو پهريون جهيڙو ائين شروع ٿيو هو. مون وٽ ڪا سمجهاڻي بہ ڪانہ هئي، نہ معافي وٺڻ جهڙي هيس. مان اهو سوچي ئي نہ پئي سگهان تہ ههڙو انسان مون ۾ اهو شڪ ڪري سگهي ٿو تہ مان اجا بہ هن سان پيار ڪريان ٿي..... جڏهن مان کيس گهڻو اڳ ٻڌائي چڪي هيس تہ مون کي دمتريءَ سان محبت ڪو نہ رهي هئي. ۽ مون سواءِ هُن جي ٻئي ڪنهن سان پيار بہ نٿي ڪيو! اها منهنجي هن رن سان چڙ هئي، جنهن مون کي ايون فيودوروچ سان ويڙهايو هو. ٽئين ڏينهن پوءِ، جنهن پوپاڙيءَ جو تون آئين. هن مون کي هڪ مهربند لفافو آڻي ڏنو. جيڪڏهن کيس ڪجهہ ٿي پوي تہ مون کي اهو لفافو هڪدم کولڻو هو. ووءِ، هن کي پنهنجي بيمار ٿيڻ جي اڳواٽ ئي سُڌ هئي! هن مون کي ٻڌايو تہ لفافي ۾ مٿيا جي فرار جو وچور هو. ۽ جيڪڏهن هو مري وڃي يا سخت بيمار ٿي پوي تہ مون کي اڪيلي سر مٿيا کي بچائڻو هو. پوءِ رقم ڏنائين. جيڪا ذري گهٽ ڏهہ هزار روبل هئي. اهي ئي نوٽ جن جو سرڪاري وڪيل پنهنجي تقرير ۾ ذڪر ڪيو هو. جن بابت کيس ڪنهن کان پتو پيو هو تہ هن شهر موڪلي مٽرايا هئا. مون کي اِن ڳالهہ

ڏاڍو متاثر ڪيو هو تہ ايون فيودوروووچ پنهنجي ڀاءُ کي بچائڻ جو خيال اجا لاٿو ڪونہ هو، ۽ پنهنجي ڀاءُ کي فرار ڪرائڻ جي رٿ مون کي ٻڌائي رهيو هو، توڙي جو تڏهن بہ ساڙ هيس ۽ پڪ هيس تہ مان متيا سان پيار ٿي ڪريان. اها قرباني هئي! نہ اليگزي فيودوروووچ، تون ان قربانيءَ جي مهانتا نہ سمجهي سگهندين. مان احترام وچان سندس پيرن تي ڪرڻ واري هيس، پر هڪدم خيال آيم تہ مون متيا جي بچائجڻ تان گد گد ٿي ائين پئي ڪيو (۽ هو سچ پچ ائين سمجهي ها) ۽ ههڙي بيواجبي سوچ جي رڳو امڪان تي ئي ايتري چڙ آيم جو مان آپي مان ٻاهر نڪري ويس، ۽ بجاءِ سندس پيرن چمڻ جي ڪاوڙ ڏيکارڻ لڳس! ووءِ، مان ڏکايل آهيان! اهو منهنجو سڀاءُ آهي، منهنجو نياڳو سڀاءُ! ووءِ ووءِ، تون ڏسندين، مان کيس بہ ايڏو بيزار ڪري ڇڏيندس جو هو مون کي ڇڏي وڃي دمتريءَ جيان، ڪابي اهڙي هٿ ڪندو، جنهن سان هلي سگهي. پر.... مون کان سنو نہ پئي ٿيو، چونہ پاڻ ماري ڇڏيان، ۽ پوءِ تون اچي وئين، ۽ مون کيس واپس سڏيو. هن مون کي اهڙي حقارت ۽ ڏکار ڀريل نظرن سان ڏٺو، جو مون کي ايڏي ڪاوڙ آئي جو- توکي ياد هوندو- مون تو کي دانهن ڏني تہ اهو ڇڙو هو ئي هو، جنهن مون کي دمتريءَ جي خوني هجڻ جو يقين ڏياريو هو! مون اها ڳالهہ بغض وچان کيس وري ڦٽڻ لاءِ ڪئي هئي. هن مون کي ڪڏهن بہ، ڪڏهن بہ اهو يقين نہ ڏياريو هو تہ ڀائس خوني هو. ان جي برخلاف اها مان ئي هيس، جنهن کيس اهو يقين ڏياريو هو! ووءِ، ووءِ، منهنجو بڇڙو سڀاءُ ئي هر ڳالهہ جو ڪارڻ هو! ڪورٽ اندر ان هيبتناڪ واقعي جي وات مون ئي گهڙي هئي. هن مون کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو تہ هو عزت وارو ماڻهو آهي ۽ توڙي جو مان سندس ڀاءُ سان پيار ٿي ڪريان، هو وير يا ساڙ وچان کيس برباد نہ ڪندو. سو هو ڪورٽ آيو....... سڀ جي ڪارڻ مان آهيان، سچو ڏوهہ منهنجو آهي!"

ڪاتيا اڳي ڪڏهن بہ اليوشا اڳيان اهي ڳالهيون نہ ٻاسيون هيون، ۽ کيس لڳو ٿي تہ هوءَ سهڻ کان ٻاهر پيڙا ڀوڳڻ جي انهيءَ منزل تي هئي، جتي هنيلي ۾ هنيلي دل بہ پنهنجو هٺ پيچي پورا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڏک هٿان مات کائي ڍهي پوندي آهي. ۽ ها اليوشا کي سندس هاڻوڪي پيڙا جو هڪ پوائتو سبب بہ معلوم هو، توڙي جو هوءَ کيس کان پوءِ وارن ڏينهن ۾ ڪانئس لڪائيندي رهي هئي، هوءَ کيس ۾ پنهنجي 'دغا' تان ڀوڳي رهي هئي. ۽ اليوشا کي لڳو ٿي تہ سندس ضمير کيس مجبور ڪري رهيو هو تہ هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي، رڙندي ۽ فرش تي ڦٿڪندي هن آڏو، اليوشا آڏو، ٻاسي پر. هو ان پل کان ڊنو ٿئي ۽ چاهيائين ٿي تہ هو ائين نہ ڪري، ائين ٿيو تہ جنهن سانگ سان هو آيو هو، سا وڌيڪ ڏکي ٿي ويندي. هن وري متيا جي ڳالهہ ڇوري.

”مڙيئي خير آهي، مڙيئي خير آهي، هُن جو الڪو نہ ڪر!“ هوءَ تڪائيءَ ۾ هوڏ سان وري شروع ٿي وئي. ”اهو سڀ گهڙي پل لاءِ آهي. مان ڪيس سڃاڻان، مان سندس سياءُ ڪان چڱي طرح واقف آهيان. يقين ڪر، هو پڇي وڃڻ تي راضي ٿي ويندو. هڪدم بہ نہ ناهي ٿيڻو، ڪيس پنهنجو ذهن ناهڻ ۾ وقت لڳندو، جيڪو وٽس آهي. ايون فيودوروچ تيستائين چاڪ ٿي ويندو ۽ سڀ پاڻ سنڀاليندو، ۽ منهنجو ڪو واسطو نہ رهندو، ڳڻتي بلڪل نہ ڪر. هو پڇي وڃڻ تي اوس راضي ٿيندو. هن اڳيئي مڃيو آهي: ڇا تون سمجهين ٿو تہ هو ان رن کي ڇڏي ڏيندو؟ ۽ هو ڪيس هن وٽ وڃڻ نہ ڏيندا. سو هو ضرور پڇي وڃڻ چاهيندو. اهو تون آهين. جنهن ڪان هو سيني ڪان وڏيڪ ڊڄي ٿو، هن کي پوءُ آهي تہ تون اخلاقي اصولن جي ڪري سندس پڇي وڃڻ پسند نہ ڪندين، پر جي تنهنجي مرضي ايتري ئي ضروري آهي تہ پوءِ تو کي ڪهڪاءُ ڪندي مڃڻ گهرجي.“ ڪاتيا ڪرڙائيءَ سان چيو. هن ساهي پٽي ۽ مرڪي ڏنائين.

”هو ڪنهن مناجات جون ڳالهيون تو ڪري.“ هوءَ وري چوڻ لڳي. ”ڪا ٿياس آهي، جا ڪيس ڪٽڻي آهي، ڪو فرض آهي، جو ڪيس پورو ڪرڻو آهي. مون کي ياد تو پوي تہ ايون فيودوروچ مون کي ان باري ۾ گهڻو ڪجهہ ٻڌايو هو. ۽ توکي خبر هوندي، هن ڪيئن ڳالهايو هو!“ ڪاتيا اوچتو اجهل جوش ۾ اچي رڙ ڪئي. ”اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها تہ جنهن مهل هن مون سان اها ڳالهہ ڪئي، تنهن مهل ڪيس ان اپاڳي انسان سان ڪيڏو نہ پيار هو ۽ شايد ساڳئي وقت ڏڪار بہ هيس. مون چپن ۾ ڪلندي حقارت سان سندس ڪهاڻي ٻڌي ۽ سندس ڳوڙها ڏنا. حيوان! ها، مان حيوان آهيان. مان ئي هن جي تپ جي ذميوار آهيان. پر هو قيد ۾ پيل ماڻهو پوڳڻ لائق ئي ڪونهي.“ ڪاتيا چڙ مان ڳالهہ پوري ڪئي. ”ڇا اهڙي قسم جو ماڻهو پوڳي سگهي ٿو؟ هن جهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ ناهن پوڳيندا.“

هُن جي لفظن ۾ ڏڪار ۽ ٻيجان جا پرياءُ هئا، پر تڏهن بہ اها هوءَ هئي، جنهن ڪيس دغا ڏني هئي. ’شايد هوءَ محسوس ڪري ٿي تہ ساڻس جٺ ڪئي اٿائين، ان ڪري ڪنهن ڪنهن پل ڪيس ڏڪارڻ لڳي ٿي.‘ اليوشا پنهنجي منهين سوچيو. ڪيس اميد هئي تہ اهو ڏڪارڻ ڪنهن ڪنڊ ۾ پل ئي ٿيو ٿئي. ڪاتيا جي آخري لفظن ۾ ڪيس للڪار نظر آئي هئي، پر هن ان ڪان ٽارو ڪيو.

”مون اڄ صبح توکي ان لاءِ سڏايو هو تہ تون پاڻ هن کي راضي ڪر. يا ڇا تون بہ تہ اهو نٿو سوچين تہ پڇي وڃڻ بيعزتي، ياڙ پائپ يا اهڙي ڪا شئي.... شايد غير ڪِرستاني هوندو؟“ ڪاتيا لاپرواهيءَ سان وڏيڪ چيو.

”نہ، بلڪل نہ. مان ڪيس سيڪجهہ ٻڌائيندس.“ اليوشا پڪيو. ۽ سندس آلين اکين ۾ هڪ ٽڪ نهاريندي اوچتو چئي ڏنائين، ”هن اڄ توکي ملي وڃڻ لاءِ چيو آهي.“ هوءَ ڇرڪي، ۽ صوفي تي ڪانئس ٿورو پري ٿي وئي.

”مون کي؟ ائين ڪيئن هوندو؟“ هوءَ هٻڪي، ۽ هٺڌي ٿي وئي.

”ائين آهي، ۽ هجڻ بہ گهرجي،“ اليوشا شد مد سان چوڻ لڳو، ۽ جيئن پوءِ اتساهڪ ٿيندو ويو. ”ڪيس هن وقت خاص تنهنجي ضرورت آهي. ضروري نہ هجي ها تہ مان اها ڳالهہ ڪري توکي پريشان نہ ڪيان ها. هو بيمار آهي، دل جاءِ ڪونهيس، وري وري تنهنجو تو پڇي. تو کي پر ڇاءَ لاءِ نہ سڏايو اٿئين، پر رڳو ان لاءِ تہ تون اوڏنهين وڃي درڪان پاڻ پسائيندينءَ. تنهن ڏينهن کان پوءِ ساڻس گهڻو ڪجهہ ٿي چڪو آهي. ڪيس احساس آهي تہ حد کان وڌيڪ ڏکويو اٿس. معافي وٺڻ نہ ٿو چاهي. پاڻ چوي ٿو . ’مون کي معاف ڪرڻ ناممڪن آهي.‘- پر فقط ايترو تہ تون وڃي در کان منهن ڏيکارينس.“

”اهو ايڏو اوچتو آهي.......“ ڪاتيا هٻڪندي چيو. ”ڪيترن ڏينهن کان مون کي پرون پئي پيا تہ تون اهو نياپو کڻي ايندين. مون کي پتو هو تہ هو مون کي اچڻ لاءِ چوندو. اهو ناممڪن آهي.“

”ڀلي ناممڪن هجي، پر ائين ڪر. رڳو اهو سوچ تہ ڪيس پهريون ڀيرو احساس ٿيو آهي تہ توکي ڪيڏو نہ ڏکويو اٿس. حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو. هن اڳ ڪڏهن بہ ائين پوريءَ ريت نہ سمجهيو هو. هن چيو، ’جي هوءَ اچڻ کان انڪار ٿي ڪري تہ مون کي سڄي عمر اهو ڏک رهندو.‘ ٻڌين ٿي نہ. جيتوڻيڪ ڪيس ويهہ ورهيہ سخت پورهئيءَ سان ٽيپ ملي آهي. تڏهن بہ هو خوش رهڻ ٿو چاهي.- ڇا اها قياس جهڙي ڳالهہ ناهي. سوچ، توکي هن ڏي ضرور وڃڻ کپي: هو برباد ٿي ويو آهي تہ ڇا ٿي پيو، آهي تہ بيگناهہ.“ اليوشا جي واتان ائين نڪتو، ڇڻ للڪاريندو هجي. ”سندس هٿ صاف آهن. اهي رت هاڻا ناهن! خيال ڪر تہ ڪيس اڳيان ڪيڏو پوڳڻو آهي، هينئر وڃي ملي اچينس. ڪيس اوندهہ ۾ وڃڻ واري وات تي وڃي ڪيڪار- در تي وڃي بيهينس، بس ايترو ئي ڪر..... تو کي ائين ڪرڻ جڳائي، تو کي جڳائي!“ اليوشا ”جڳائي“ لفظ تي تمام گهڻو زور ڏيندي بس ڪئي.

”مون کي جڳائي...... پر مون کان پڇندو ڪو نہ...............“ ڪاتيا هڙ ڪندي چيو. ”هو مون کي ڏسندو.......... نہ مون کان نہ پڇندو.“

”توهان جون نظرون ملڻ کپن. جي هينئر ارادو نٿي ڪرين تہ سڄي ڄمار ڪيئن گهاريندينءَ؟“

"چڱو آهي تہ سڀ ڄمار پوڙهيان."

"توکي وڃڻ ڄڳائي، توکي وڃڻ ڄڳائي." اليوشا بيرحميءَ سان زور ڏيندي ورجايو.

"پر اڄ ڇو ..... هڪدم ڇو؟ مان اسان واري مريض کي ڇڏي نٿي سگهان."

"ڇڏي سگهين ٿي، گهڙيءَ کن لاءِ. بس گهڙي کن ئي لڳندو. تون نہ هلندينءَ تہ هو رات تائين هذيان جي ور چڙهي ويندو. مان توسان ڪوڙ نٿو ڳالهايان، هن تي قياس ڪر."

"مون تي قياس ڪاءِ!" ڪاتيا ڪڙو ڏوراپو ڏنس ۽ اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪي.

"تہ پوءِ تون ايندينءَ." اليوشا سندس ڳوڙها ڏسي پختائيءَ سان چيو. "مان کيس وڃي ٻڌايان ٿو تہ تون اڄڻ واري آهين."

"نہ کيس ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌائجانءِ." ڪاتيا هراسجي چيو. "مان ايندس، پر کيس اڳواٽ نہ ٻڌائجانءِ، ڇو تہ مان اتي وڃان، پر اندر نہ وڃان....... اڃا ڪا خبر ڪانهي."

آواز جواب ڏيئي ڇڏيس، ۽ اُيا ساهہ کڻڻ لڳي. اليوشا وڃڻ لاءِ اُٿي بيٺو.

"ڪنهن ڏسي ورتو تہ پوءِ؟" هُن ڄهيڻي آواز ۾ اوچتو چيو، ۽ وري هئڊي تي وئي.

"ان ڪري ئي تہ چوان ٿو تہ هينئر وڃ تہ جيئن ڪو ڏسي نہ. مان توکي پڪ ٿو ڏيان تہ هن وقت اتي ڪوئي نہ هوندو. اسان تنهنجو انتظار ڪنداسين." هن زور ڏيندي ڳالهہ پوري ڪئي ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

باب پيو

# گهڙي پل لاءِ ڪوڙ سچ تي پوي ٿو

اليوشا تڪڙو تڪڙو اسپتال ويو، جتي متيا هينئر داخل هو. جنهن ڏينهن متيا جي قسمت جو فيصلو ڪيو ويو هو، تنهن ڏينهن کيس حواسي تپ تي پيو هو، ۽ شهر واري اسپتال جي قيدين واري وارڊ ۾ آڻي رکيو ويو هو. پر ڊاڪٽر وارونسڪي گهڻن (اليوشا، مادام هائلڪوف، لِزي وغيره) جي چوڻ تي متيا کي ٻين قيدين سان گڏ نہ پر هڪ نندي پاسيري ڪوٺيءَ ۾، جتي سميرڊياڪوف کي رکيو ويو هو، داخل ڪيو هو. اها رعايت مڙيئي ڪجهہ قاعدي جي خلاف هئي، پر جيئن تہ دالان جي پريُنءَ ڪنڌ تي پهريدار بہ هو ۽ ڪوٺيءَ جي دري شِيخن جو پڃرو بہ لڳل هو. سو ڊاڪٽر وارونسڪيءَ کي گهڻو الڪو ڪو نہ هو. هو دل جو نرم ۽ ٻاجهارو جوان هو. کيس پتو هو تہ متيا جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اوچتو ڌاڙيلن ۽ خونين جي صحبت ۾ وڃڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ٿيندو. ۽ چڱو اهو آهي تہ هو اهڙي صحبت سان هوريان هوريان هَري . متيا کي ڊاڪٽر، مقدم ۽ ويندي پوليس ڪئپٽن طرفان مائٽن ۽ دوستن سان ملڻ جي موڪل هئي. پر رڳو اليوشا ۽ گروشينڪا ئي ملڻ ايندا هئس. ريڪٽن بہ ٻيرا زوريءَ اندر اچڻ جي ڪئي هئي، پر متيا ڊاڪٽر کي ٻاڌايو هو تہ کيس اندر اچڻ نہ ڏي.

اليوشا آيو تہ متيا بستري تي اسپتال وارو جبو پايو ويٺو هو. توري ڪڻس هيس ۽ مٿي تي سُرڪي ۽ پاڻي ۾ ٻوڙيل توال هوس. اليوشا اندر آيو تہ متيا مبهم تاثر وارين نظرن سان ڏٺس، پر تڏهن بہ انهن ۾ اُدڪي جهڙي ڪنهن شئي جو هلڪو رنگ بہ جهلڪيو ٿي. کيس ڪانئوءِ هو سوچن ۾ غلطان رهڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اڌ اڌ ڪلاڪ بہ چپ رهندو هو ۽ لڳندو هو تہ هو هر شئي کان بيخبر ڪنهن تمام ڳري ۽ سُورائتي ويچار ۾ آهي. انهن سوچن مان سجاڳ تي ڪجهہ چوندو هو تہ سندس ڳالهائڻ ۾ هميشہ هڪ قسم جي ابهرائي هوندي هئي. ۽ اهو نہ چوندو هو. جيڪو سچ پچ چوڻون هوندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڀاءُ کي پيڙا پوڳيندڙ منهن سان ڏسندو هو. پاڻ اليوشا بنسبت گروشينڪا سان وڌيڪ سهنجو ٿيائيندو هو. توڻي جو ساڻس ڳالهائيندو ورلي ڪو هو، پر جيئن ئي هوءَ اندر گهڙندي هئي، تيئن هن جو منهن خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳندو هو.

اليوشا اچي هن وٽ هنڌ تي ويهي رهيو. هن ٻيري متيا کي اليوشا جي وڏي انتظاري هئي، پر ڪانئس ڪجهہ پڇڻ جي همت ڪانہ پئي ٿيس. کيس ڪاتيا جي اچڻ

تي راضي ٿيڻ، انڻ ٿيڻي ٿئي پاسيو. ۽ ساڳي وقت کيس لڳو ٿئي ٿو هوءَ آئي به سهي ته ڪائي سوچ ڪان پري ڳالهه پرگهٽ ٿيندي. اليوشا سندس جذبات کي سمجهندو هو.

”مون کي ڪنهن ٻڌايو آهي“ متيا وائڙو وائڙو، چوڻ لڳو، ”ته ٽريفون بورسووچ پنهنجي سراءِ اديڙي ڇڏي آهي. چون ٿا ته فرش پٽائي ڇڏيو اٿائين، تختا ڪڍائي ڇڏيا اٿائين. مهاڙي پڃائي ڇڏي اٿائين. هر وقت خزانو پيو ڳولي. اهي پنڌرنهن سوءِ روبل جيڪي سرڪاري وڪيل چوي ٿو ته مون اتي لڪايا آهن. چون ٿا ته هو جيئن ئي گهر آيو هو، تيئن ئي اهي حرڪتون ڪرڻ لڳو هو. ڪيتو تو پوڳي، نڳ ڪنهن جاءِ جو، مون کي پهريدار ٻڌايو، هو اتان جو آهي.“

”ٻُڌ.“ اليوشا چيس، ”هوءَ ايندي پر خبر ناهي ته ڪڏهن. شايد اڄ، شايد ڏينهن ٻن ۾، اهو مان نٿو چئي سگهان. پر هوءَ ايندي، اها ٻڪي ڳالهه آهي.“

متيا ڇرڪ پريو. ڪجهه چوي ها، پر چپ رهيو. ان خبر متس زبردست اثر ڪيو هو. هن پڌري پٽ چاڻڻ ٿي چاهيو ته ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون، پر پڇڻ کان گهبرايائين پئي، متان ڪاتيا ڪا اهڙي ظلمي ۽ حقارت واري ڳالهه ڪئي هجيس، جيڪا اندر ڪاتيءَ جيان ڪوري وجهي.

”هن بين ڳالهين سان گڏ هيءُ پڻ چيو ته مان پڇي وڃڻ واري مامري بابت تنهنجي ضمير کي مطمئن ڪيان. ايون تيستائين چاڪ نه ٿيو ته هوءَ پاڻ سڀ ڪجهه ڪندي.“

”تو اهو اڳي به چيو هو.“ متيا پور پڇائيندي چيو.

”ها، ۽ تو اِها ڳالهه گروشينڪا کي ٻڌائي ڇڏي آهي،“ اليوشا چيو.

”ها“ متيا مڃيو ”هوءَ اڄ صبح جو ڪو نه ايندي.“ هن ڀاءُ کي هيسيل نموني ۾ ڏٺو. ”هوءَ سانجهيءَ کان اڳ نه ايندي. جڏهن مون ڪالهه کيس ٻڌايو ته ڪاتيا اُپاءَ وٺي رهي آهي، تڏهن هوءَ چُپ رهي هئي. پر چَپَ پيڪوڙي ڇڏيا هئائين. رڳو ايترو پٽڪي هئي، ’پلي وٺي!‘ کيس مامري جي اهميت جو احساس هو. مون ۾ کيس وڌيڪ چورڻ جي همت نه هئي. آءُ سمجهان ٿو ته هاڻ کيس سمجهه ۾ اچي ويو آهي ته ڪاتيا کي هاڻي منهنجي پرواهه ڪانهي، هوءَ ايون سان پيار ٿي ڪري.“

”چا واقعي؟“ اليوشا جي وات مان نڪتو.

”شايد، پر اڄ صبح جو ڪونه پئي اچي،“ متيا تڙ تڪڙ ۾ وضاحت ڪئي. ”مون کيس هڪڙو ڪم چيو هو. ايون اسان سڀني کان اُتم آهي. اسان جيئرا رهون نه رهون. کيس رهڻ کپي. هت چاق ٿي ويندو.“

”اعتبار ڪندين ته ڪاتيا کي سندس ڏاڍي ڳڻتي آهي، پر تڏهن به سندس چاڪ ٿيڻ ۾ خير کو شڪ اٿس.“ اليوشا چيو.

”چئبو تہ هڪ پڪ ئي پڪ مري ويندو. اهو ان ڪري تہ هوءَ ڊجي ٿي تہ ڪيس سندس چاق ٿيڻ جي ايتري پڪ آهي.“

”ايون سگهاري هاڻيءَ وارو آهي. مان پڻ وسهان ٿو تہ سندس چاق ٿيڻ جي هر ڪا اُميد آهي.“ اِليوشا ڳڻتيءَ مان چيو.

”هائو هو چاق ٿي ويندي. پر هوءَ ضرور سمجهي ٿي تہ هو مري ويندو ڪيس ڏاڍو ڏک ڏسڻو آهي.......“ مات چائنجي وئي، متيا ڪي ڪنهن وڏي ڳڻتيءَ لــُـچ پــُـچ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

”اليوشا، مون کي گروشا سان ڏاڍي محبت آهي،“ هن اوچتو ڏڪندڙ آواز ۾ چيو، ”هو ڪيس ڪونہ ڇڏيندو تہ ڏي اوڏنهين اچي.“ اليوشا هڪدم چيو.

”۽ آءٌ تو کي هڪ ٻي ڳالهہ بہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو،“ متيا گهٽڪاريندڙ لهجي ۾ چيو. ”جي هنن واٽ تي يا اتي مون کي ماريو تہ آءٌ مات نہ رهندس. آئون ڪنهن کي ماري ڇڏيندس ۽ مون کي اِن تان گولي هڻي ڇڏيندا. ۽ ائين ويهہ ورهيہ هلندو! هو مون سان هونءَ ئي کهرو ڳالهائيندا آهن. آئون هت سڄي سڄي رات پيو هوندو آهيان ۽ پنهنجو پڇاڙو پيو ڪندو آهيان. آءٌ تيار ناهيان! آءٌ پاڻ کي راضي رهڻ تي آمادو نہ ڪري سگهيو آهيان. آءٌ مناجات ڳائڻ ٿو چاهيان، پر ڪنهن پهريدار مون سان کهرو ڳالهايو تہ مون ۾ اِهو سهي وجڻ جي سگهہ ڪانهي، گروشا لاءِ آءٌ ڪجهہ بہ سهي سگهان ٿو، سواءِ ڏکن جي، پر ڪيس اوڏانهين اچڻ ڪو نہ ڏيندا.“

اليوشا سباجهي مرڪ مرڪيو.

”ٻُڌ، ادا، مان آخري پيرو چوانءِ ٿو.“ هو چوڻ لڳو. ”ان سڄي مامري بابت منهنجو خيال اجهو هي آهي، ۽ تو کي خبر آهي تہ مان توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس، ٻُڌ: تون تيار ناهين، ۽ اهڙي ٽياس تو لاءِ ناهي. جڏهن تون ان لاءِ تيار ناهين، تڏهن تون اها شهيدن واري ٽياس کڻ بہ نہ. تو اسان جي پيءُ کي ماريو هجي ها تہ تون ان جي سزا رد ٿو ڪرين، پر تون بيگناهہ آهين. ۽ اهڙي ٽياس تو لاءِ حد کان گهڻي آهي. تون ڏک پوڳي پاڻ کي ٻيو ماڻهو بڻائڻ ٿو چاهين. مان چوان ٿو تہ جتي بـہ هجين اهو ٻيو ماڻهو ياد رکجانءِ، ۽ اهو ئي تو لاءِ ڪافي آهي، ان مهان ٽياس کي تنهنجو تياڳ تو کي ساري عمر هڪ ٻئي وڏيڪ مهان فرض جي ياد ڏياريندو رهندو. ۽ اهو هر گهڙيءَ رهندڙ احساس شايد تو کي نئون ماڻهو بڻائڻ جي وڏيڪ ڪم ايندو. تنهنجي اوڏنهين وڃڻ کان وڌيڪ، ڇو جو اُتي اهو احساس هوندو ئي ڪونہ . ۽ تون اندر ئي اندر جهُرندو رهندين، ۽ شايد انت چئي اٿيندين: ’ليڪو لٿ پٽ‘وڪيل اهو سچ چيو هو اهڙا ڳرا بار سيني ماڻهن جي ڪڻڻ جهڙا ناهن. ڪن لاءِ تہ ماڳهين ناممڪن هوندا

تڏهن بہ آءٌ هنن کي ڪيئن جالي سگهندس؟ مون کي آمريڪا کان هاڻي ئي نفرت ٿي وئي آهي! ۽ توڙي جو منجهانئن هر هڪ، مشينن ۾ پڙ هوندا، تڏهن بہ هنن تي لعنت هجي ، هو منهنجي مٽيءَ مان ناهن. مون کي روس سان پيار آهي، اليوشا، مون کي روسي خدا سان پيار آهي، توڙي جو آءٌ لُچ آهيان، آءٌ اتي ٻوساٽجي ويندس!" هـن ڳالهايو پئي تہ اکيون ڪِنوڻ وانگر ڪِنوي رهيون هيس. آواز ڳوڙهن جي ڪري ٿڙڪي رهيو هوس. "سو مون هي فيصلو ڪيو آهي، اليوشا، ٻُڌ." هو پنهنجي جذبات کي وس ۾ آڻي وري شروع ٿيو. "آءٌ ۽ گروشيا اُتي پهچڻ سان ئي زمين تي ڪم ڪرڻ لڳندا سون، ايڪانت ۾، ڪنهن ڏورانهين هنڌ، جتي جهنگلي رڇ هجن. ڪي ڏورانهان هنڌ تہ ضرور هوندا اُتي. مون ٻڌو آهي تہ اُتي افق جي ڇيڙي وٽ ڪٿي ڳاڙهي چمڙيءَ وارا اجا آهن. سو اسان جو رخ باقي بچيل موهيڪنن جي ملڪ ڏانهن هوندو، ۽ اتي اسان، آءٌ ۽ گروشيا، هڪدم ٻولي سکڻ جي ڪنداسين. ڪم ۽ ٻولي- ائين ٽئي ورهيہ گذاريندا سين. تيستائين اسان انگريزن وانگر انگريزي ڳالهائڻ لڳنداسين. جيئن ئي اسان ٻولي سکي ورتي، تيئن ئي آمريڪا کي خدا حافظ. اسان آمريڪي شهرين جي حيثيت ۾ روس موٽي ايندا سين. اُلڪو نہ ڪر، اسان هن ننڍڙي شهر ڪونہ ايندا سين، ڪٿي پري اُتر ۾ يا ڏکڻ ۾ لڪي رهنداسين، تيستائين آمريڪا ۾ منهنجو حُليو مٽجي ويندو ۽ گروشا جو پڻ، اُتان جا ڊاڪٽر منهنجي منهن تي ڪو موهيڙو وغيره ناهي ڇڏيندا، نہ تہ هنن جو مشينن ۾ اهڙي پڙ هجڻ جو ڪهڙو فائدو! يا وري پنهنجي هڪڙي اک ڪڍي ڇڏيندس، ڏاڙهي ڇڏي پوري هڪ وال ڪندس، ۽ روس لاءِ سڪندي اجا پئجي ويندم. مون کي پڪ آهي تہ هو اسان کي ڪونہ سڃاڻي سگهندا. پر جي سڃاڻي ورتائون تہ ڀوءِ پلي ڀيا سائبيريا اُماڻين- مون کي پرواهہ ناهي. سمجهنداسين تہ اسان جي نصيب ۾ اهو لکيل هو. هتي پڻ اسان ڪنهن سڃي پاسي زمين تي ڪم ڪنداسين، ۽ آءٌ باقي ساري عمر آمريڪي هجڻ جو منهن ڪندس. پر اسان پنهنجا پساهہ پنهنجي وطن ۾ پورا ڪنداسين. اها آهي منهنجي رٿ ۽ ان ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي..... توکي وڻي؟"

"هائو." اليوشا چيو. هن سندس ترديد نہ ٿي ڪرڻ چاهي. متيا منٽ کن ساهي کنئي، ۽ پوءِ اُمالڪ چيائين:

"ڪيس ۾ هنن ڪيئن نہ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪري ڏيکاريو هو. ڳالهوڙو ڪري ڏيکاريو هون نہ؟"

"جي نہ بہ ڪن ها تہ توکي ٽيپ تہ ڏيڻي هين." اليوشا ٿڌو ساهہ ڀري چيو.

"هت ماڻهو مون مان تنگ آهن! خدا خوش رکين. پر آهي ڪنن." متيا ڏک وچان ڪُرڪيو. وري ڪن پل ماٺ ٿي وئي.

اکين منجهان ڳوڙها وهڻ لڳا. اليوشا کي تيرس وڃان مان ونئي وئي هئي. هو جيڪي ڏسي رهيو هو، سو ڪڏهن خيال ۾ ئي نه آيو هوس.

"پيار پورو ٿي ويو آ متيا!" ڪاتيا وري چيو. "پر ماضي مون کي ڏاڍو پيارو آهي. ڄاڻ ته تون مون لاءِ سدا اهڙو ئي رهندين. پر هاڻ جڏهن ته جيڪو هوند ٿي پئي ها، سو گهڙي پل لاءِ ٿي پوي." هوءَ هٻڪي چپ ٿي وئي. منهن تي ٽڪل ٽڪل مرڪ اچي ويس. وري متيا جي اکين ۾ سرهائيءَ سان تڪڻ لڳي. "تون ٻي عورت سان پيار ٿو ڪرين مان ٻئي مرد سان. پر تڏهن به منهنجو توسان هميشه پيار رهندو. ۽ تنهنجو مون سان. ڄاڻين ٿو نه؟ ٻڌين ٿو نه؟ مون سان سڄي عمر پيار ڪجانءِ. مون سان سڄي عمر پيار ڪجانءِ." هن ذري گهٽ ڌڙڪي سان ڌڪندڙ لهجي ۾ چيو.

"آءُ تو کي پيار ڪندس. ۽... خبر ٿي، ڪاتيا." متيا هر لفظ تي دگهو اونهو ساهه کڻندي چوڻ لڳو. "خبر ٿي پنج ڏينهن اڳ، ساڳي ڀوپاڙيءَ جو، جڏهن تون ڦان ٿي ڪري پئي هئينءَ ۽ تو کي ٻاهر کڻي ويا هئا.. مون تو سان پيار ڪيو هو.... آءُ سڄي عمر ائين ڪندس، هميشه ائين ڪندس-"

ٻئي هڪ ٻئي سان ائين ئي اُبهرا لفظ ڀڻڪندا رهيا. بي معنيٰ لفظ، جيڪي شايد سچا به نه هئا. پر اوڏيءَ مهل اهو سڀ سچ هو. ۽ ٻنهي جيڪي ڪجهه چيو ٿئي، تنهن ۾ اندو ويساهه به هونَ.

"ڪاتيا!" متيا اوچتو رڙ ڪئي. "تون وسهين ٿي ته مون هن کي ماريو هو؟ آءُ ڄاڻان ٿو ته تون هينئر ائين ڪونه ٿي وسهين، پر تڏهن...... جڏهن تو شاهدي ڏني هئي....... تو پڪ ائين نٿي وسهيو!"

"مون تڏهن به ائين ڪونه وسهيو هو. ۽ ڪڏهن به نه وسهيو اٿم. مون تو کي ڌڪاريو ٿي، ۽ ڪن پل لاءِ پاڻ کي مڃايو هوم. شاهدي ڏيڻ وقت پاڻ کي مڃايو هوم ۽ وسهيو هوم. پر ڳالهائڻ پورو ڪندي ئي وسهڻ ڇڏي ڏنو هوم. ڪو شڪ شبهو نه ڪر! مون وساري ڇڏيو آهي ته مان هت پاڻ کي سيڪت ڏيڻ لاءِ آئي هيس." هن اهڙي لهجي ۾ چيو، جيڪو سندس ساڄهر واري ڀاٻوهه ڀري لهجي کان بلڪل الڳ هو.

"مائي، تنهنجو بار ڳرو آهي." متيا کان جهڙوڪر اڻ جهليو نڪري ويو.

"مون کي ڇڏ ته وڃان هلي." هوءَ ڀڻڪي، "مان وري ايندس. هينئر مون کان سَنو نٿو ٿئي."

هوءَ اٿڻ لڳي هئي، پر اوچتو رڙ نڪري ويس. ۽ ڊرڪي وري ويهي رهي. گروشينڪا اوچتو بي آواز ڪونيءَ ۾ گهڙي آئي. ڪنهن کي سندس اچڻ جي اميد نه هئي. ڪاتيا تڪي تڪي در ڏانهن وڌي، پر جيئن ئي گروشينڪا وٽ پهتي، تيئن ئي منهن جو پنو لهي ويس، ۽ جهڪي آواز ۾. جهڙوڪر ڀڻڪندي چيائين:

"مون کي معاف ڪر."

گروشينڪا کيس گھوري ڏٺو، ڪن لاءِ دم پٽي، وير وننڊڙ ۽ وهاڻيل آواز ۾ وراڻيائين:

"منهنجي سرتي، اسان، تون ۽ مان نفرت سان ڀريل آهيون. جڻ ته اسان هڪ ٻئي کي معاف ڪري سگهون ٿا! کيس بچاءِ، ۽ مان يا عمر تنهنجي پوڄا ڪنديس."

"تون کيس معاف نه ڪندينءَ!" متيا اُڀرائيءَ مان مهڻو ڏنس.

"اُلڪو نه ڪر. مان هن کي تنهنجي لاءِ بچائيندس." ڪاتيا تڪڙي پٺڪ ڪئي ۽ ڪونيءَ مان ڊوڙندي نڪري وئي.

"۽ تون کيس معاف ڪرڻ کان انڪاري آهين توڻي جو هن پاڻ تو کان معافي گهري هئي." متيا دانهن ڪندي ڏوراپو ڏنس.

"متيا، متان کيس ڏوهه ڏنو اٿئي، تو کي ڪو حق ڪونهي." اليوشا گرمي ڪائيندي چيو.

"سندس هنيلا چپ ٻوليا ها، دل نه." گروشينڪا ڏڪار ڀري لهجي ۾ چيو. "تو کي بچائي ٿي ته مان کيس هر ڳالهه معاف ڪري ڇڏينديس-"

هوءَ چپ ٿي وئي، جڻ ڪجهه لڪائي رهي هجي. هوءَ اجا پاڻ سنڀالي نه سگهي هئي. پوءِ ظاهر ٿيو ته هوءَ اتفاق سان اتي اچي نڪتي هئي، ۽ ڪو اندازو نه هيس ته ڇا پيش پوندس.

"اليوشا، ڊوڙندو پنيان وڃينس!" متيا پاءُ کي رڙ ڪئي، "کيس ٻڌاءِ.... پتو ناهي...... ائين وڃڻ نه ڏينس!"

"مان رات جو وري ايندس." اليوشا چيو. ۽ ڊوڙندو ڪاتيا جي پنيان ويو. ۽ اسپتال کان ٻاهر وڃي پهچس. هوءَ تڪڙيون وکون کڻي وڃي رهي هئي، پر اليوشا جيئن ئي پُڄس، تيئن ئي اتاولائيءَ مان چيائين:

"نه، اُن رن اڳيان مان پاڻ کي سيکت نٿي ڏيئي سگهان! مون معافي گهري ٿي انهيءَ لاءِ هئي ته پاڻ کي توڙ تائين سيکت ڏيان. هن مون کي معاف نه ڪيو...... سندس ائين ڪرڻ مون کي وڻيو." هن اسپاويڪ لهجي ۾ چيو. ۽ اکيون سخت چيڙ وچان چمڪڻ لڳيس.

"منهنجي پاءُ کي اهڙو ڪو اُدڪو نه هو." اليوشا پٽڪيو. "کيس پڪ هئي ته هوءَ ڪانه ايندي."

"بيشڪ چڱو ٿيو ته انهيءَ ڳالهه کي." هن ڇڙٻيو. "ٻڌ: مان هينئر تو سان جنازي تي ڪونه هلي سگهنديس. مون کيس گل موڪليا آهن. مان سمجهان ٿي ته وٽن اجا ڏوڪڙ آهن. ضروري هجي ته کين چئجانءِ ته مان کين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏينديس...... هاڻي مون کي اڪيلو ڇڏ. مهرباني ڪري، اڪيلو ڇڏ. تو کي اڳيئي دير ٿي وئي آهي.... جنازي لاءِ ڪهنڊ وڃي رهيو آهي.... مهرباني ڪري تون وڃ."

باب ٽيون

# اليوشا جو جنازو: ٽڏي تي تقرير

ڪيس واقعي دير تي وئي هئي. هنن سندس اوسيئڙو ڪيو هو. ۽ پوءِ ڪانئس سواءِ سهڻو. گلن سان ڍڪيل ننڍڙو تابوت گرجا ڪڻي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هئائون. اهو ويچاري ننڍڙي اليوشا جو تابوت هو. جيڪو متيا کي ٽيپ ملڻ کان بہ ڏهاڙا پوءِ گذاري ويو هو. اليوشا کي گهر جي ڦاٽڪ وٽ ڇوڪرن اليوشا جي اسڪولي ساٿين جا رڙيون واڪا منهن پيا. هو سڀ سندس بيصبريءَ سان انتظارڪري رهيا هئا. ۽ هن جي نيٺ اچي پهچڻ تي خوش هئا. هو ٻارهن ڪن هئا. سڀني کي سندن اسڪولي ٿيلها ۽ پوتڙيون ڪلهن تي هيون. "بابو روئيندو. بابي وٽ وڃو." هن کين چيو هو. جڏهن اليوشا جا پويان پساهہ هئا. ڇوڪرن کي اهو ياد هو. هنن ۾ ڪوليا ڪراسوتڪين سڀني ۾ مُک هو.

"تنهنجي اچڻ تي مان ڏاڍو خوش آهيان. ڪرامازوف!" ڪوليا هٿ وڌائيندي رڙ ڪئي. "هي ڏاڍو پوائتو آهي. ڏسي هراس ٿو وٺي. سنيگريوف پيتل ناهي. اسان کي پتو آهي تہ هن ڪجهہ بہ ناهي پيتو. پر لڳي ائين ٿو ڄڻ پيتل هجي. مان هميشہ مڙسي ڏيکاريندو آهيان. پر هي گهڻو پوائتو آهي. ڪرامازوف. مان تو کي روڪيان نٿو تہ اندر هلڻ کان اڳ هڪڙو سوال پڇانءِ؟"

"پُڇ ڪوليا." اليوشا چيو.

"تنهجو پاءُ بيڏوهي يا ڏوهي؟ ڇا تنهنجي پيءُ کي هن ماريو هو يا اهو خاص نوڪر هو؟ جيڪو تون چوندين. هوندو بہ ائين ئي. مان پوريون چار راتيون اهو سوچي سوچي سـمهي نہ سگهيو آهيان."

"ڪيس خاص نوڪر ئي ماريو هو. منهنجو پاءُ بيڏوهي آهي." اليوشا وراڻيو.

"مون بہ اهوئي چيو ٿئي." سموروف بوليو.

"سو هو بيڏوهو پوڳيندو." ڪوليا چيو. "برباد ٿي ويو آهي. تڏهن بہ خوش آهي! مون کي هن سان ريس ٿي ٿئي"

"ڇا پيو چوين؟ تو کي ڇو؟ ڇو؟" اليوشا اچرج وچان پڇيو.

"جيڪر مان بہ ڪڏهن سچ تان پاڻ گهوري سگهان!" ڪوليا اُتساهہ سان چيو.

"پر هن وانگر نہ. ايڏيءَ خواريءَ ۽ هيئبت سان نہ!" اليوشا چيو.

"بلڪل.... مان سڄي انسانذات لاءِ مرڻ ٿو چاهيان. ۽ خواري. مون کي ان جي پرواهہ ڪانهي -- اسان جو نانءُ پَل ناس ٿئي. مان تنهنجي ڏاڍي عزت ڪندو آهيان!"

"مان اهو ڪنهن کي به نه ڏيندس. تو کي به نه!" سنيگريوف سختدليءَ سان رڙ ڪئي. "اهي سندس گل آهن. تنهنجا ناهن! هر شئي سندس آهي، تنهنجي ڪا ڪانهي."

"بابا، امڙ کي هڪڙو گل ڏي." نينا پنهنجو ڳوڙهاتيل مُنهن مٿي ڪئي چيو.

"مان ڪابه شئي نه ڏيندس. هن کي اصل به نه. ڪيس اليوشا سان ذرو به پيار ڪونه هو. هن ڪائنس ننڍڙي توب کسي هئي ته هُن کيس ڏيئي ڇڏي هئي." ڪئپٽن اهو سوچي وڏا وڏا سڏڪا ڀرڻ لڳو ته اليوشا کي ڪيئن نه پنهنجي توب ماءُ کي ڏيئي ڇڏي هئي. هوءَ ويچاري، پنهنجو مُـنهن هٿن ۾ لڪائي بي آواز ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي.

ڇوڪرن جڏهن ڏٺو ته پيءُ تابوت کي ڇڏي ئي نٿو ۽ جنازي کڻڻ جو وقت اچي پريو آهي. تڏهن هو تابوت کي گهيرو ڪري کڻڻ لڳا.

"مان هن کي گرجا واري مقام ۾ پورڻ نه ڏيندس." سني گريوف اوچتو دانهن ڪئي، "مان هن کي پٿر وٽ. اسان واري پٿر وٽ پوريندس! اليوشا پاڻ مون کي وصيعت ڪئي هئي. مان هن کي ٻاهر ڪٿي وڃڻ نه ڏيندس!"

هو ٽن ڏينهن کان چئي رهيو هو ته کيس پٿر وٽ پوريندو. پر اليوشا ڪراسوتڪين، گهر جي مالڪياڻيءَ، سندس ڀيڻ ۽ سڀني ڇوڪرن مخالفت ڪئي هئي.

"اها وري ڪهڙي سوچ آهي ناپاڪ پٿر وٽ پورڻ جي. ڇڻ ته ڦاهو کائي مئو هجي." پوڙهي گهر - مالڪياڻيءَ سختيءَ سان چيو. "گرجا جي مقام ۾ زمين نياسيل آهي. اتي هن لاءِ دعا ڪئي ويندي. اُتي گرجا ۾ ڳائجندڙ گيت ٻڌبا آهن ۽ پادري تلاوت ايتري ڇٽي ڪندو آهي جو هر دفعي اها هن تائين پهچندي. ڇڻ سندس قبر مٿان ڪئي پئي وڃي."

نيٺ ڪئپٽن نراسائيءَ وچان اشارو ڪيو. ڇڻ چوندو هجي، "جاڏي وڻيوَ، تاڏي کڻي وڃونس." ڇوڪرا تابوت کڻي هليا ۽ جڏهن ماءُ وٽ پهتا تڏهن هيٺ لاٿائون ته جيئن هوءَ اليوشا کي خدا حافظ چئي سگهي. پر اهو امل ننڍڙو چهرو، جنهن کي هوءَ پويان ٽئي ڏينهن پري کان تڪيندي رهي هئي. سو ڏسندي ئي هوءَ سڄي ٿڙڪڻ ۽ مٿو تابوت مٿان ذوڏڻ لڳي.

"امان، هن مٿان نياس جو نشان ناهه. کيس دعا ڪر، چمي ڏينس." نينا رڙ ڪري چيس. پر سندس مٿو، ڪنهن پان وهيئيءَ ڪل وانگر ڏڏندو ئي رهيو ۽ سخت ڏک وگهي مروٽجندڙ منهن سان هن پٽڻ شروع ڪري ڏنو. هنن تابوت کنيو ۽ اڳتي وڌيا. نينا وٽ پهتا ته هن آخري ڀيرو پاءُ جا چپ چُميا. اليوشا گهر مان نڪرندي ئي گهر- مالڪاڻيءَ کي پٺتي رهجي ويلڻ جي خيال رکڻ جي پارت ڪئي. پر اجا هن ڳالهايو پئي ته گهر- مالڪياڻيءَ اذ ۾ ڪٽيندي چيس:

بيٺل اليوشا کي ڇيو تہ ڇني ڄڳي طرح نہ پڙهي وئي هئي، پر ائين ڇو ٿئي ڇيائين.
سو کو نہ ٻڌايائين 'چيروبم جيان' واري دعا دوران بين سان گڏ هو پڻ ڳائڻ لڳو، پر
پڇاڙيءَ تائين نہ . هن گوڏا کڻي کوڙيا ۽ مٿو پٿر جي فرش تي رکي ڇڏيائين. ۽
گهڻي وقت تائين ائين ئي پيو رهيو.

نيٺ دفنائڻ واري رسم جو وارو آيو ۽ ميڻ بتيون ورهايون ويون. بدحواس پيءُ
وري ڦر ڦر ڪرڻ لڳو. پر دعا ايتري تہ دل ڇڪائيندڙ ۽ اثرائتي هئي جو هن جو اندر
ونجي ويو. ائين تي لڳو ڄڻ تہ هو اوچتو سُسَـي ويو هجي، ننڍا ننڍا ٽڪڙا ٽڪڙا
سڏڪا ڀرڻ لڳو. جن کي هن پهريون گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ ڏاڍيان
اوچنگارون ڏيڻ لڳو. جڏهن هو آخري ديدار ڪانپوءِ تابوت بند ڪرڻ لڳا. تڏهن هن
کين اليوشا کي ڍڪڻ کان روڪيو ۽ مئل پٽ جا چپ بکايلن وانگر وري وري چمڻ
لڳو. هو کيس مسين مسين ڏاڪي کان پري وٺي ويا؟ پريوءِ بہ هن ڪوريچڪ اچڻ تي
هٿ وڌائي تابوت تان ڪجهہ گل جهڙپي ورتا. گلن کي ڏنائين تہ کو نئون خيال
آيس. ۽ کن پل لاءِ پنهنجو ڏک وساري ويٺو. هوريان هوريان پـُورن ۾ پئجي ويو،
ايترو جو کين تابوت کڻي وڃڻ کان کو نہ جهليائين. قبر ڄڳي مـُلهہ واري هئي ۽
گرجا جي ويجهو ان جي پنهنجي مقام ۾ هئي. ان جو خرچ ڪئٽرينا ايوانوونا پريو هو.
آخري رسمن کان پوءِ قبر کوٽيندڙن تابوت قبر ۾ لاٿو. سني گريوف هٿن ۾ گل جهليو
کليل قبر مٿان ايترو تہ جهڪي ويو جو لڳو ٿئي تہ پورو پٽو کو نہ پئي پيس تہ ڇا
پئي ٿيو. جڏهن هو قبر مٿيءَ سان ڀرڻ لڳا، تڏهن هن ڳڻتيءَ وچان ڪرندڙ مٿيءَ ڏانهن
اشارو ڪيو ۽ چوڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڪنهن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو. ۽
اوچتو چپ بہ ٿي ويو. پوءِ کيس ياد ڏياريو ويو تہ ٻوڏي جا پورا ڪري تہ ڏاڍو جوش
۾ اچي ويو ۽ ٻوڏو چڪي ڪڍي ان جا پورا ڪري قبر مٿان اڇلائڻ لڳو. ۽ انتظاريءَ
وچا سڏ ڪرڻ لڳو:

"پکيو. اُڏامي هيٺ اچو. جهرکيون اچو اڏامي اچو!"

ڪنهن چوڪري چيس تہ گل هٿن ۾ هجڻ ڪري کانئس پورا ڏکيا ٿيندا هوندا.
سو هو گل ڪنهن ٻئي کي ڏي تہ اهو ڪجهہ وقت جهلي. پر هن ائين نہ ڪيو. ۽ اوچتو
اچي پوءِ وينس تہ گل کانئس کسي وٺندا . پوءِ هن قبر تي نظر وجهي پڪ ڪئي تہ هر
شئي نيڪ ناک هئي ۽ ٻوڏو بہ پورجي چکو هو، سو هو هر ڪنهن کي حيران
ڪندي، ڏاڍي ڏيرج سان پنهنجي مـُـڙيـو ۽ گهر ڏانهن وڃڻ لڳو، پر هن جون وکون
تکيون ٿينديون ويون. تان جو هو ذري گهٽ ڊوڙڻ لڳو. چوڪرا ۽ اليوشا بہ ساڳئي
رفتار سان هن جي پويان هئا. هو اوچتو واڪا ڪرڻ لڳو:

”توهان هن کي ڪاڏي ڪٺي وڃا آهيو؟ هن کي ڪاڏي ڪٺي وڃا آهيو؟“ ڇري ماءُ هنيانءُ ڏاريندڙ آواز ۾ دانهن ڪئي. نينا پڻ اوڇنگارون ڏيڻ لڳي. ڪوليا ڪمري منجهان ڀڄندي ٻاهر نڪري ويو. ڇوڪرا پٺيان ويس. نيٺ اليوشا بہ ٻاهر نڪري آيو.

”پلي روئڻ.“ هن ڪوليا کي چيو. ”ڪين هينئر آتت ڏيڻ جو ڪو فائدو نہ ڪونهي. ٿورو ترسي وري اندر هلبو.“

”نہ. واقعي فائدو ڪونهي. ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي.“ ڪوليا سهمت ٿيندي چيو. ”خبر ٿئي، ڪرامازوف.“ هن آواز جهڪو ڪري ڇڏيو تہ جيئن ٻيو ڪو نہ ٻڌي . ”مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. ڪيس موٽائڻ ممڪن هجي ها تہ مان اِن جي لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ ڏيئي ڇڏيان .“

”ووءِ. مان پڻ ڏيئي ڇڏيان.“ اليوشا چيو.

”تون ڇا ٿو سمجهين ڪرامازوف؟ هت رات جو اچڻ وڌيڪ چڱو نہ ٿيندو؟ پتو ٿي نہ. تہ هو پيتل هوندو.“

”ها متان هجي، ڇو نہ اسان گڏجي اچون. تون ۽ مان. بس اهو ڪافي ٿيندو ۽ ڪلاڪ ڪن وٽن ويهون، ماءُ ۽ نينا وٽ. اسان سڀ گڏجي آياسين تہ ڪين وري سڀڪجهہ ياد پوندو.“ اليوشا صلاح ڏني.

”گهر - مالڪياڻي هنن لاءِ ميز لڳائي رهي آهي- مرڻي جي ماني هوندي شايد، پادري بہ اچڻو آهي. پاڻ اندر نہ هلون. ڪرامازوف؟“

”پلي.“ اليوشا چيو.

”ڪيڏو نہ عجيب ٿو لڳي، ڪرامازوف، ايڏو ڏک. پوءِ پئنڪيڪ [1]. اها اسان جي مذهب جي ڪيڏي نہ غير فطري ڳالهہ ٿي لڳي.“

”سيئري مڇي بہ هوندي.“ جنهن ڇوڪري ٽراءِ بابت ٻڌايو. تنهن ڏاڍيان چيو تہ ڪوليا. چڙي. رهڙ ڪڍيس:

”مان توکي منت ٿو ڪريان. ڪرتاچوف. توسان ڪو ڳالهائي تہ ڳالهائيندو ڪر نہ تہ پنهنجن ڇَسَن بولن سان وچ ۾ نہ ٽپندو ڪر. تنهنجي هجڻ نہ هجڻ جي ڪنهن کي بہ پرواهہ ناهي!“

ڇوڪرو شرم وچان ڳاڙهو ٿي ويو. پر اتر ڏيڻ جي همت ڪانہ ٿيس.

هو ڳالهائيندا ٿورو پرتي هليا آيا هئا تہ ايتري ۾ سموروف اوچتو واڪو ڪيو: ”اليوشا وارو پٿر اجهو هي ٿو. هن ڪيس هت پورڻ ٿي گهريو.“

---

[1] Pancake: گول چپٽرو ڪيڪ، جيڪو سوجيءَ، بيدن ۽ کير کي ملائي. ٻئي پاسا تري ناهبو آهي. اهي ڪيڪ گهڻو ڪري گرم کائبا آهن. ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي اندر مناٽي يا ٻي ڪا سوادي شيءِ بہ ڀريندا آهن. (س.ن.ح)

هو سڀ ان وڏي پهڻ وٽ بيهي رهيا. اليوشا نِهار ڪئي، ۽ سنيگريوف جي واتان تنهن ڏينهن بدل ڳالهه جي سڄي تصوير سندس ذهن ۾ ايري آئي ته ڪيئن اليوشا پيءُ کي ڀاڪر پائي روئيندي رڙيو هو. "بابا، بابا، هن توهان جي ڪيڏي نه بيعزتي ڪئي هئي." اوچتو سندس من ۾ ڪو اُڌمو اُسريو. هن اليوشا جي اسڪولي ساٿين جي روشن ۽ وٺندڙ چهرن کي هڪ هڪ ڪري ڳنڀيرتا ۽ پابوهه سان ڏٺو ۽ اُمالڪ کين چوڻ شروع ڪيائين:

"چوڪرئو، مان هن هنڌ توهان سان ڪا ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان."

چوڪرا کيس گهيرو ڪري بيهي ويا ۽ اکيون کئي کيس. هڪ ڇتا ۽ آسائتا، تڪڻ لڳا.

"چوڪرئو. اسين جلد وڇڙي ويندا سين. مان ڪجهه وقت پنهنجن ٻن ڀائرن سان هوندس، انهن مان هڪڙو سائبيريا وڃڻو آهي ۽ ٻيو موت جي در تي پيو آهي. پر مان جلد ئي شهر. شايد گهڻي وقت لاءِ، ڇڏي ويندس، سو اسان جدا ٿيڻ وارا آهيون. اچو ته هت، اليوشا جي پهڻ وٽ اهو پهه ڪريون ته اليوشا کي ۽ هڪ ٻئي کي ڪڏهن به نه وساريندا سين. ۽ حياتيءَ ۾ اڳتي اسان سان ڇا به ٿئي، جي پوءِ ويهه ورهيه هڪ ٻئي سان نه به ملي سگهون. اچو ته پوءِ به اسين هميشه ياد رکون ته اسان ان ويچاري چوڪري کي ڪيئن پوريو هو، جنهن کي اسان پل وٽ ڦوڙ هنيا هئا، ۽ پوءِ اسين سڀ کيس ڪيڏو نه پيائڻ لڳا هئا سين. هو سنو ۽ سڀاجهو ۽ دلير نينگر هو. کيس پنهنجي پيءُ جي عزت جو وڏو اونو هو ۽ هن جي بيعزتيءَ تان ڏاڍي چڙ ايندي هيس ۽ سندس بدر ڪٿڻ ۾ پختو هو. سو، چوڪروئو، پهرين ته اسين هن کي ساري ڄمار ياد رکنداسين. ۽ جي اسين تمام اهم ڪمن ۾ لڳي وڃون، جي اسين وڏي پد تي پهچون يا بدنصيبيءَ جي ور چڙهي وڃون. سدائين ياد رکون ته ڪڏهن هت ڪيڏو نه چڱو هو. جڏهن اسين سڀ گڏ هئاسين، هڪ چڱي ۽ مهربان جذبي ۾ بڌل- جذبو. جنهن اسان کي جيترو وقت اسين هن ويچاري نينگر کي پيائيندا رهياسين. تيترو وقت ان کان بهتر بڻايو، جيترا شايد اسين آهيون. منهنجا ننڍڙا پاريلٿو- ڇڏيو ته مان توهان کي انهيءَ نالي سان سڏيان . ڇو ته توهان هن وقت جڏهن توهان جون سنيون پياريون شڪليون سامهون آهن، انهن سهڻن نيرن پکين جهڙا ئي لڳو ٿا . پيارا ٻارئو، مان جيڪي چئي رهيو آهيان، اهو متان توهان کي سمجهه ۾ نه اچي، ڇو ته منهنجو ڳالهائڻ گهڻو ڪري سمجهه ۾ نه ايندڙ هوندو آهي. پر تڏهن به توهان اهو ياد رکندا ته ڪي سگهي ٿو نه اڳتي هلي منهنجو چيل ڪو گفتو توهان کي دل سان لڳي. توهان کي اوس ڄاڻڻ کپي ته آئنده حياتيءَ ۾ ڪا به ڳالهه، سٺي ساروڻي، خاص ڪري ٻاروڻ ۽

گهر جي ساروڻيءَ کان وڌيڪ اتم ۽ سگهاري ۽ صحت بخش نه آهي. ماڻهو توهان کي سٺي تعليم بابت گهڻو ڪجهه چوندا آهن، پر ٻاروتڻ جي ڪا سٺي، سڳوري ساروڻي شايد بهترين تعليم آهي. جيڪو ماڻهو اهڙيون ڪيئي ساروڻيون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪٺي هلي ٿو، سو حياتيءَ جي پوري ٿيڻ تائين سلامت رهي ٿو. ۽ جي ڪنهن دل ۾ رڳو هڪ اهڙي چڱي ساروڻي وڃي رهي آهي ته اها به ڪنهن نه ڪنهن وقت اسان جي ڇوٽڪاري جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. متان اسين اڳتي هلي ڪنور ٿي وڃون، ڪنهن ڪُڌي ڪم کان ٽارو نه ڪري سگهون، ماڻهن جي ڳوڙهن تي ۽ سندن ائين چوڻ تي کلون، جيئن ڪوليا هينئر چيو 'مان سڀني ماڻهن لاءِ پوڳڻ چاهيان ٿو.' اهڙن ماڻهن تي ماڳهين چٿرون ڪريون. اسين ڪٿي ڪيترا به بڇڙا ٿي وڃون- شل خدا نه ڪري ته ائين ٿئي- تڏهن به جڏهن اسين اِهو ساريون ته اسان اِليوشا کي ڪيئن پوريو هو. ڪيئن سندس پوين ڏينهن ۾ ڪيس پيانيون هوسين ۽ هن پهڻ وٽ ڪيئن پاڻ ۾ ڳالهايو هوسين، تڏهن اسان مان سڀني ۾ ڪنور ۽ چٿرون ڪندڙ به- جي اسين اهڙا ٿي به وڃون ته- دل ۾ ان ڳالهه تي کلڻ جي همت نه ڪري سگهندو ته اسين هن گهڙيءَ سٻاجها ۽ سٺا هئا سين. ۽ ٿي سگهي ٿو ته اها هڪ ساروڻي ڪيس ڪنهن وڏي بديءَ کان روڪي ۽ هو ويچاري، 'ها مان تڏهن سٺو، دلير ۽ ايماندار هوس! هو يلي پنهنجي مُنهين کلي. ڪا وڏي ڳالهه ناهي ڇو ته ماڻهو جيڪي سٺو ۽ سٻاجهو آهي، تنهن تي اڪثر کلندو آهي. ائين رڳو ناسمجهيءَ جي ڪري ٿئي ٿو. پر مان توهان کي يقين ٿو ڏياريان، ڇوڪرئو، ته جيئن هو کلندو، تيئن ئي دل ۾ چوندو 'مان کلي چڱو نٿو ڪريان ڇو ته اها ڳالهه اهڙي ناهي ، جنهن تي کلجي.' "

"ائين ئي ٿيندو، مان تنهنجي ڳالهه سمجهان ٿو، ڪرامازوف." ڪوليا ٻجلا ڏيندڙ اکين سان واڪو ڪيو.

ڇوڪرا به اُتساهيل هئا ۽ پاڻ به ڪجهه ڪجهه چوڻ تي گهريائون، پر پاڻ کي روڪي رکيائون. ۽ تقرير ڪندڙ کي پوري اتساهه سان نهارڻ لڳا.

"مان اِها ڳالهه ان ڪري ٿو ڪريان ته متان اسين بڇڙا ٿي وڃون."

اليوشا وري چوڻ لڳو. "پر اهو ڪو سبب ڪونهي ته اسين بڇڙا ٿي وڃون، ڪو آهي ڇا، ڇوڪرئو؟ پهرين ۽ سڀ کان مٿي اسان کي سٻاجهو ٿيڻ کپي پوءِ ايماندار. ۽ پوءِ اسان کي کپي ته هڪ ٻئي کي ڪڏهن به نه وساريون! مان اهو وري چوان ٿو. مان پنهنجي پاران توهان کي قول ٿو ڏيان ته مان توهان منجهان ڪنهن کي به ڪڏهن به نه وساريندس. هر اهو چهرو، جيڪو هينئر مون کي تڪي رهيو آهي، مان ان کي ٽيهه ورهيه پوءِ به نه وساريندس. ساجهر ڪوليا ڪرتاچوف کي چيو ته ڪيس ان جي پرواهه

ڪانهي تہ هو آهي ناهي. پر مان اهو نٿو وساري سگهان تہ ڪرتاچوف آهي ۽ اهو بہ تہ هو هن وقت شرم وچان ائين ڳاڙهو نہ ٿيو آهي. جيئن تڏهن ٿيو هو. جڏهن هن ٽراءِ جو پايو وجهندڙ ڳولي لڌا هئا. بلڪ هينئر هو مون کي پنهنجين خوش طبع. سباجهين ۽ قربائيتن اکڙين سان تڪي رهيو آهي. ڇوڪرئو. منهنجا پيارا ڇوڪرئو. اچو تہ اسين اليوشا جهڙا سباجها ۽ بهادر ٿيون. ڪوليا جهڙا سمجهو. بهادر ۽ سباجها ٿيون. (توڙي جو هو وڏو ٿيندو تہ هاڻي کان وڌيڪ سمجهو ٿي ويندو). ۽ ڪرتاچوف جهڙا نهنا. بهادر ۽ سباجها ٿيون. پر مان انهن ٻن جي ڳالهہ ڇو پيو ڪريان؟ اڄوڪي ڏينهن کان توهان سڀ مون کي پيارا آهيو. ڇوڪرئو. منهنجيءَ دل ۾ توهان سڀني لاءِ جاءِ آهي، ۽ مان توهان کي ٻاڌايان ٿو تہ توهان بہ پنهنجين دلين ۾ منهنجي لاءِ جاءِ رکجو! پلا اهو ڪير آهي. جنهن اسان کي هن سباجهي. سٺي جذبي ۾ ڳنڍيو آهي ۽ جنهن کي اسين سڄي عمر ياد رکنداسين ۽ ياد رکڻ چاهيون ٿا . بيو ڪير بہ نہ. سواءِ سٺي ۽ پياري ۽ اسان لاءِ سدا اَمُلِ اليوشا جي! اسين ڪيس ڪڏهن بہ نہ وساريندا سين. شل هن جي سَارَ اسان جي دلين ۾ اَڄ کان سدا لاءِ موجود رهي!"

"ها ها. سدا لاءِ. سدا لاءِ!" ڇوڪرن پنهنجن ٻــرائيندڙ آوازن ۽ ڪومل چهرن سان آکيو.

"اچو تہ ياد رکون هن جو مُنهن. هن جا لٽا ۽ هن جا غريباڻا ننڍڙا بوٽ. هن جو تابوت ۽ هن جو ڏکويل گنهگار پيءُ، ۽ ڪيئن هو پنهجي پيءُ جي حمايت ۾ سڄي اسڪول خلاف سورهيہ ٿي بيٺو هو."

"اسين ياد رکنداسين. اسين ياد رکندا سين." ڇوڪرن واڪو ڪيو.

"هو سورهيہ هو. هو سٺو هو!"

"مان هن کي ڪيڏو نہ پائيندو هوس." ڪوليا چيو.

"ٻارڙئو. پيارا ٻارڙئو. حياتيءَ کان ڊڄو نہ! ماڻهو ڪو چڱو ۽ نياءَ وارو ڪم ڪري ٿو تہ حياتي ڪيڏي نہ سٺي لڳندي اهي."

"هائو هائو." ڇوڪرن اُتساهہ سان ورجايو.

"ڪرامازوف اسين توکي پيار ٿا ڪريون." ڪنهن آواز . شايد ڪرتاچوف جي اُڌمي سان چيو.

"اسان توکي پيار ٿا ڪريون." سڀني سُر ملايو. هنن مان ڪيترن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

"ڪرامازوف جي جئي!" ڪوليا جوش وچان نعرو هنيو.

"شل فوتي ڇوڪري جي سارَ قائم رهي." اليوشا جذبي سان چيو.

"سدا. سدا." ڇوڪرن وري سُر مِلايو.

"ڪرامازوف." ڪوليا رڙ ڪئي. "ڇا اهو سچ آهي، جيڪو اسان کي مذهب ۾ سيکاريو ويجي ٿو ته اسين مئلن مان وري اُٿنداسين ۽ وري جيئنداسين ۽ وري هڪ ٻئي کي ڏسنداسين. سڀ، اليوشا پڻ؟"

"بيشڪ اسين وري اُٿنداسين. بيشڪ اسين وري هڪ ٻئي کي ڏسنداسين. ۽ خوشيءَ ۾ ڇوڄ سان اهو سڀ ٻڌائيندا سين، جيڪي ٿي چڪو هوندو." اليوشا اڌ کلندي ۽ اڌ اُتساهه سان ورندي ڏني.

"۽ اهو ڪيڏو نه شاندار هوندو." ڪوليا جي واتان نڪتو.

"چڱو هاڻي اسين ڳالهائڻ بند ڪنداسين ۽ سندس مَرڻي جي مانيءَ تي هلنداسين. ۽ پئنڪيڪ کائڻ تان شرمسار نه ٿجو. اها تمام جهوني رسم آهي، ۽ ان ۾ ڪا نه ڪا چڱائي ضرور آهي!" اليوشا کلندي چيو. "چڱو هاڻي هلو ته هلون. ۽ هاڻ اسين هٿن ۾ هٿ ڏيئي هلندا سين."

"سدائين ائين. هٿن ۾ هٿ ڏيئي. ڪرامازوف جي جئي." ڪوليا وري وڏي ڇوڄ سان نعرو هنيو. ۽ هڪ ڀيرو وري ڇوڪرن سندس آواز ۾ آواز ملايو:

"ڪرامازوف جي جئي!"

ختم



دوستو وسڪيءَ جو هيءُ ناول ’ڪرامازوف ڀائر‘ سندس لکيل ڪئين ناولن جي سلسلي جي اُها منفرد ڪڙي آهي، جنهن ۾ هُن روحانيت، مابعد الطبعيات، اخلاقيات، نفسيات، جبريت، وجوديت ۽ انساني سياءَ جي نفيس ترين معاملن کي بحث هيٺ آندو آهي. ادب جي نقادن جو خيال آهي، ته دوستو وسڪي فڪري لحاظ کان پنهنجي هن تحرير ۾ انتهائي معتبر مقام تي بيٺل نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن ناول ۾ بيان ڪيل بظاهر عام ڪردارن جي هٿان هُن زندگيءَ جي پيچيده ترين مسئلن ۽ انساني سماج کي درپيش صورتحالن کي تفصيل ۽ ترتيب سان پيش ڪيو آهي- ۽ ڪئين اهم نتيجا اخذ ڪندي هڪ حقيقي ۽ لاقاني زندگيءَ جي حاصلات جا گُر ڏسيا آهن. هڪ ننڍڙي روسي ڪُٽنب سان لاڳاپيل فردن جي روزاني زندگيءَ کي بحث ۾ آڻيندي، هُن دراصل انساني دل ۽ دماغ جي وچ ۾ ٿيندڙ تضادن کي چٽو ڪري، انهن تضادن جا حل ڏسيا آهن - ۽ ائين ڪندي هڪ ’ڪامل راهہ‘ جو تصور عطا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياچوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)